بسم اللہ الرحمن الرحیم

احسن البیان فی تفسیر القرآن


حضرت العلامہ مولانا محمد ادریس کاندھلوی


ناشر

ادارۂ خدمۃ القرآن والسنۃ

[illegible]






www.maktabah.org

بسم الله الرحمن الرحيم

إِنَّ هَٰذَا الْقُرْآنَ يَهْدِي لِلَّتِي هِيَ أَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِينَ (الاسراء)

تحقيق هيءُ قرآن هدايت ڪري ٿو ان (واٽ) لاءِ جيڪا صفا سڌي آهي، ايمان وارن

کي خوشخبري ڏي ٿو

احسن البيان في تفسير القرآن

حضرت الحاج مولانا محمّد ادريس ڏاهري

ناشر:
ادارهٔ خدمة القرآن والسنة
شاهپور جهانيان ضلع نوابشاه

نالو : **اَحسَنُ البیان فـی تفسیرِ القُرآن**

مفسّر: شیخ التفسیر والحدیث
حضرت الحاج مولانا مُحمّد ادریس ڈاھري

مھتمم جامعه مُحمّدیه مدیر ادارۂ خدمة القران والسُنّة ۔ شاھپور جھانیان

0244-314244 - 0300-3028840
0301-3814120 - 03342822660

تاریخ اشاعت : 2006

ڇپائیندڙ : ادارۂ خدمة القرآن والسنّة
شاھپور جھانیان ضلع نواب شاھ سنڌ

پریس : ضیاء القرآن پبلیکیشنز لاھور

زیرنگرانی : صاحبزادہ عاشق حسین ڈاھري
صاحبزادہ حافظ احسانُ اللہ ڈاھري
صاحبزادہ قاري محمّد اسد اللہ ڈاھري


ملڻ جو هنڌ

جامعہ محمدیه

شاھپور جھانیان ضلع نواب شاھ سنڌ

إِنَّ هٰذَا الْقُرْآنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ (الاسراءُ)

تحقيق هيءُ قرآن هدايت ڪري ٿو ان (واٽ) لاءِ جيڪا صفا سڌي آهي
۽ ايمان وارن کي خوشخبري ڏي ٿو



احسن البيان
في
تفسير القرآن

مفسر:

حضرت الحاج مولانا محمد ادريس ڏاهري نقشبندي

ناشر:

اداره خدمت القرآن والسنت شاهپور جهانيان ضلع نوابشاه

کتاب جو نالو:.......... احسن البيان في التفسير القرآن

مفســـر:............... شيخ التفسير والحديث حضرت علامه الحاج مولانا

محمد ادريس ڈاهري نقشبندي

فون:0244-314244موبائل:0334-2822660...0301-3814120

سرپرست اعلي: جامعه محمديه

و مدير

اداره خدمة القرآن والسنة شاهپور جهانيان

ناشر:............... اداره خدمة القرآن والسنة شاهپور جهانيان نوابشاه

تعداد:............... هڪ هزار

هديو:..........

ملڻ جو هنڌ:

جامعه محمديه شاهپور جهانيان تعلقع دولت پور

ضلع نواب شاه

مضمونن جي فهرست

سورة "الشوریٰ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن
نالو مبارڪ: هن جو نالو مبارڪ "اَلشُّوْرٰی" آهي جيڪو هن جي ٣٨ آيت ۾ مذڪور آهي.
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة مبارڪه ۾ پنج رڪوع ٽيونجاهه (٥٣) آيتون اٺ سؤ سٺ (٨٦٠) ڪلما ۽ ٽي هزار پنج سؤ اٺاسي (٣٥٨٨) حرف آهن. (١)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس ۽ حضرت ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة "حم عسق" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي. (٢)
نزول: سورة "اَلْمُؤْمِنُ" کان وٺي سورة "اَلْاَحْقَافِ" تائين ست سورتون آهن جن جو آغاز "حم" سان ٿيل آهي انهن سڀني جي نزول جو وقت هڪ ٻئي کي ويجهو ويجهو آهي ۽ هنن جي مضمونن جو هڪ جهڙو هجڻ ان جي تائيد ڪري ٿو هن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ سورة ان وقت نازل ٿي هئي جنهن وقت ڪافرن جو عناد ۽ مخالفت پنهنجي انتها کي پهتل هئا.
مضمون: مدني مهندار عليه الصلوٰة والسلام جن جڏهن نبوت جو اظهار فرمايو ته مڪه مڪرمه جا رهاڪو حيران ٿي ويا ته هڪ انسان کي نبوت جي منصب تي ڪيئن فائز ڪيو ويو؟ انهن جي ان حيرت جو ازالو هن طرح سان ڪيو ويو ته انساني نوع مان ظاهر ٿيڻ وارو جيڪڏهن هي پهريون نبي هجي ها ته اوهان حيران ٿيڻ ۾ حق بجانب هيئو پر هي نبوت جو سلسلو ته حضرت آدم علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کان شروع آهي انهن مان ڪنهن به نبي جي نبوت تي اوهان کي اعتراض ناهي اعتراض آهي ته صرف هن هڪ، برحق نبي تي جيڪو اوهان جي ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي ڪناري لڳائڻ آيو آهي الله جل شانه جي توحيد جو انڪار، الله جل شانه جي نبي عليه الصلوٰة والسلام جو انڪار ۽ ڪيترن باطل معبودن جي پوڄا جو سلسلو جيڪو اوهان شروع ڪري رکيو آهي ان جي تقاضا ته هيءَ هئي ته آسمان ڦاٽي پوي ها ۽ جهان جو نظام درهم برهم ٿي وڃي ها ۽ اوهان جو نالو ۽ نشان باقي نه


(١) تفسير خازن ص١٩١ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور ص٣٣٥ـ جلد ٧

رهي ها پر الله تعالىٰ غفور رحيم آهي اهو اوهان کي هڪدم هلاڪ نہ ٿو ڪري بلڪ اوهان کي مهلت ڏي ٿو تہ غور ۽ فڪر ڪيو ۽ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ الله جل مجده جيڪڏهن گهري ها تہ ملائڪن وانگر سڀ انسان بہ ذڪر، فڪر، عبادت ۽ اطاعت ۾ سرگرم رهن ها ۽ ڪير هڪ وار برابر بہ انحرافي نہ ڪري ها پر ان جي حڪمت جي تقاضا هئي تہ انسان کي اختيار ۽ ارادي جي نعمت سان نوازيو وڃي تانت انهن بلندين ڏانهن وڃڻ وارو رستو انهن جي لاءِ هموار ٿئي جتي ڪنهن ٻيءِ مخلوق جي پهچ ناهي جيڪي ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان عقيدي ۽ عمل ۾ گمراهي اختيار ڪن تا اهي پنهنجي ڪيل عمل جي سزا ضرور ڀوڳيندا. هن حقيقت تان بہ پردو ڪنيل آهي تہ جيئن اهو اوهان جو خالق ۽ مالڪ آهي تيئن ان جو بہ شان آهي تہ اهو اوهان جي لاءِ هڪ اهڙو نظام حيات تجويز فرمائي جنهن سان اوهان ٻنهي جهانن جو سعادتون ماڻيو جيئن ٻئي ڪنهن کي بہ خالق نہ ٿو مڃي سگهجي اهڙي طرح ان کان بغير ان جي مخلوق جي لاءِ ڪنهن ٻئي کي ضابطہ حيات مقرر ڪرڻ جو اختيار ناهي. سمورا انبياءَ عليهم الصلواة والسلام ابتداءَ کان هڪ ئي دين جي دعوت ڏيندا آيا آهن انهن انساني معاشري ۾ ڪڏهن بہ افتراق ۽ انتشار جو ٻج نہ پوکيو البت انهن کان پوءِ اچڻ وارن پنهنجي سرداري بحال رکڻ جي لاءِ تفرقي بازي جو آغاز ڪيو. آيت ١٥ خصوصي طور توجہ سان سمجهڻ جي مستحق آهي جنهن ۾ ڏهہ احڪام ڏنل آهن نبوت منهنجو ڪاروبار ناهي، ان جي ذريعي مان دولت ڪمائڻ نہ ٿو گهران، مان ان محنت جو معاوضو طلب نہ ٿو ڪيان، ها منهنجو هڪ مطالبو آهي تہ اوهان هڪ ٻئي سان محبت ۽ مودت سان رهو هڪ ٻئي سان پيار ڪندا رهو تانت اوهان جي هيءَ زندگي هر قسم جي تڪليف ۽ بي چينيءَ کان محفوظ رهي ۽ اوهان هڪ دل ٿي پنهنجي رب جي عبادت ۽ ان جي مخلوق جي خدمت سر انجام ڏئي سگهو. رزق جي تقسيم اهو پنهنجي حڪيمانہ انداز سان ڪندو آهي جيڪڏهن سيني کي ڪشادو رزق ملي ها تہ ماڻهو سرڪش ۽ باغي ٿي وڃن ها ڪير خادم ۽ ڪير مخدوم رهي ها؟ مومنن جو ڪجهہ خوبيون اول بيان ٿيون انهن مان هڪ هيءَ خوبي بہ بيان ٿي تہ مومن پنهنجا گهريلو، معاشي ۽ سياسي سيئي معاملا هڪ ٻئي جي صلاح ۽ مشوري سان طي ڪن تا اسلامي رياست جو هي اهو اصول آهي جنهن تي جيڪڏهن عمل

ڪيو وڃي ته اسلامي سوسائٽيءَ ۾ آمريت، ڇڙواڳيءَ ۽ ڊڪٽيٽر شپ نه رهي ۽ آيت ٣٩ ۾ مومن جي اها خوبي به بيان ٿي آهي ته اهو بي غيرت ۽ بي حميت نه هوندو آهي جو مخالف ان کي ماريندو رهي ۽ هي خاموش ٿي ڪنڌ جهڪايو ويٺو رهي بلڪ اهو پنهنجي حق وٺڻ جي لاءِ اٿي کڙو ٿيندو آهي ۽ جيستائين ان کي حق نه ملندو تيستائين خاموش نه ويهندو. ها دشمن تي ڪنٽرول ڪرڻ کان پوءِ ان کي معاف ڪرڻ هي به مسلمان جو اخلاق آهي ۽ انهن مختلف طريقن جو به ذڪر ڪيو ويو آهي جن سان الله عزوجل پنهنجي نبي عليه الصلواة والسلام کي وحي موڪليندو آهي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳيئن سورة ۾ قرآن پاڪ جي ذڪر ۽ ڪافرن جي طعنن کي دفع ڪرڻ سان حضور عليه الصلواة والسلام جن کي تسلي ڏني وئي هئي تيئن هن سورة ۾ به اهو سڀ ڪجهه موجود آهي. (١)

ڀلايون ۽ برڪتون: هيءَ سورة ان لحاظ سان ته الله جو ڪلام آهي شاندار ۽ برڪتن واري آهي پر علماءِ عاملين فرمايو آهي ته جيڪو ماڻهو هر روز بلاناغي هن سورة کي هڪ ڀيرو پڙهندو ته دشمنن تي غالب رهندو.



وَخَمْسُ رُكُوْعَاتٍ	سُوْرَةُ الشُّوْرٰى مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ ثَلَاثٌ وَّخَمْسُوْنَ آيَةً
۽ هن ۾ ٥ رڪوع آهن	سورة الشورى مڪي آهي	۽ اها ٥٣ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

حٰمٓ (١) عٓسٓقٓ (٢) كَذٰلِكَ يُوْحِيْ اِلَيْكَ وَاِلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكَ

حا، ميم، عين، سين، قاف اهڙي طرح وحي موڪلي ٿو تو ڏانهن ۽ انهن ڏانهن جيڪي توکان اڳي هئا

(١) المراغي ص١٣ـ جزءُ ٢٥ جلد ٩

اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ (٣) لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِؕ

الله، غالب، حڪمت وارو ان جوئي آهي جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي

وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ (٤) تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْ فَوْقِهِنَّ

۽ اهو بلند، وڏو آهي ويجها آهن آسمان جو ڦاٽي پون مٿان پنهنجي ۽

وَالْمَلٰٓئِكَةُ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِمَنْ

ملائڪ تسبيح پڙهن پيا پنهنجي رب جي حمد سان ۽ مغفرت طلب ڪن ٿا انهن جي لاءِ جيڪي

فِى الْاَرْضِؕ اَلَاۤ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ (٥) وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا

زمين ۾ آهن خبردار بيشڪ الله اهوئي بخشڻهار، مهربان آهي ۽ جن ورتا

مِنْ دُوْنِهٖۤ اَوْلِيَآءَ اللّٰهُ حَفِيْظٌ عَلَيْهِمْ ۖ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ (٦)

ان کان سواءِ دوست الله نگهبان آهي انهن تي ۽ ناهين تون انهن تي ذميدار

وَكَذٰلِكَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى

۽ اهڙي طرح وحي ڪيوسون توڏانهن قرآن عربي تانته ڊيڄارين تون مڪه وارن کي

وَمَنْ حَوْلَهَا وَتُنْذِرَ يَوْمَ الْجَمْعِ لَا رَيْبَ فِيْهِؕ

۽ جيڪي ان جي چوڌاري آهن ۽ ڊيڄارين ڏينهن گڏ ٿيڻ جي کان جو ناهي ڪو شڪ ان ۾

فَرِيْقٌ فِى الْجَنَّةِ وَفَرِيْقٌ فِى السَّعِيْرِ (٧) وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَهُمْ

هڪ ٽولي جنت ۾ ۽ ٻي ٽولي جهنم ۾ (هوندي) ۽ جيڪڏهن گهري ها الله ته البت ڪري ها انهن کي

أُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ يُّدْخِلُ مَنْ يَّشَآءُ فِيْ رَحْمَتِهٖ وَالظّٰلِمُوْنَ مَا لَهُمْ

امت هڪڙي ۾ پر داخل ڪري ٿو جنهن کي گهري پنهنجي رحمت ۾ ۽ ظالم ناهي انهن لاءِ

مِّنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ (٨) اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ فَاللّٰهُ

ڪو دوست ۽ نه ڪو مددگار ڇا ورتائون ان کانسواءِ ڪارساز؟ پوءِ الله

ع٢ع٩ هُوَ الْوَلِيُّ وَهُوَ يُحْيِ الْمَوْتٰى وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ (٩)

اهوئي ڪارساز آهي ۽ اهو جيئرو ڪري ٿو مئلن کي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي

تفسير:

اڳئين ۽ سورة جي آيتن ۾ بيان ٿيو ته قرآن ڪريم جي متعلق جيڪي شڪ ۾ هوندا اهي گمراهه آهن ۽ جڏهن ته قرآن ڪريم وحي الاهي آهي تڏهن هتي به ان وحي جوذڪر ڪندي مقطعات حروف سان شروعات ڪئي وئي آهي فرمان الاهي آهي، "حٰمٓ" "عٓسٓقٓ" حضرت مخدوم نوح هالائي عليه الرحمة هن جي معنيٰ ڪندي لکيو آهي - بحق حلم ومجد و علم ، وستاري وقدرت ما "١" يعني اسان جي حلم، بزرگيءَ، علم، ستاري ۽ قدرت جي واسطي سان - علامه جمال الدين قاسمي عليه الرحمة لکيو آهي ته صواب هي آهي ته هي حروف سورتن جا اوائل ۽ انهن جا نالا آهن " حٰمٓ" "عٓسٓقٓ" هن سورة جا به نالا آهن ان جي ڪري جدا لکيا ويا آهن ۽ به آيتون شمار ڪيون ويون آهن. "٢" كَذٰلِكَ يُوْحِيْٓ اِلَيْكَ وَاِلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكَ اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" اهڙي طرح توڏانهن ۽ انهن ڏانهن جيڪي توکان اڳي هئا الله، غالب، حڪمت وارو وحي ڪري ٿو. يعني الله جل شانه جيئن اڳين نبين عليهم الصلوٰة والسلام ڏانهن وحي موڪليو هو تيئن اوهان ڏانهن به اهو وحي موڪلي رهيو آهي. عالم علوي، سفلي، سڀ ان جي ملڪيت ۽ ان جي تدبير جي هيٺان آهن، تقدير ۽ تشريعي احڪام ان جا هلندڙ آهن اهو حڪمت جو مالڪ ۽ صاحب آهي "لَهٗ مَا فِي

(١) ترجمه بزبان فارسي از مخدوم رح نوح هالائي صـ ٤٧٤ (٢) تفسير القاسمي صـ ٢٨٨ جز ١٤٠ جلد ٨

السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِ وَهُوَ الْعَلِیُّ الْعَظِیْمُ" ان جوئي آهي جيكو كجھ آسمانن ۾ ۽ جيكو كجھ زمين ۾آهي ۽ اهوئي مٿاهون، وڏو آهي- يعني آسمان ۽ زمين ۽ انهن ۾ موجودات ان جي ملكيت آهي ۽ اهو ذات ۽ قدرت جي لحاظ سان گھڻو بلند ۽ عظمت جي لحاظ گھڻو وڏو آهي "١" "تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْ فَوْقِهِنَّ" ويجهي آهي هيءَ ڳالهہ جو آسمان پنهنجي مٿان ڦاٽي پون. يعني كافرن جي ان قول تہ الله جل شانه كي اولاد آهي جي شومي ۽ جي كري ۽ الله جل مجده جي عظمت ۽ جلال كي ڏسي اها ڳالهہ گھڻو قريب آهي تہ آسمان مٿان ڦاٽي پون. "وَالْمَلٰٓئِكَةُ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ" ۽ ملائك پنهنجي رب جي حمد سان تسبيح پڙهن ٿا. يعني ملائك الله جو حمد كندي سدائين ان جي شان جي خلاف ڳالهين كان ان جي پاكائي بيان كندا آهن "وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِمَنْ فِی الْاَرْضِ" ۽ زمين وارن جي لاءِ مغفرت طلب كن ٿا. هي آيت جا الفاظ زمين ۾ رهندڙن جي لاءِ عام آهن پر ان مان مراد صرف مومن آهن جيئن ٻيءَ آيت ۾ آيو آهي "وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" ٢ ۽ مومنن جي لاءِ مغفرت طلب كن ٿا " اَلَآ اِنَّ اللهَ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ" خبردار بلاشك الله ئي بخشڻهار مهربان آهي. يعني توبه كندڙ كي بخشيندڙ ۽ جيكو ان توبه تي وفات كري ان تي رحم كندڙ آهي. "وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ اللهُ حَفِيْظٌ عَلَيْهِمْ" ۽ جن ان كان سواءِ دوست بنايا الله انهن تي نگهبان آهي يعني كافر الله جل شانه كانسواءِ باطل معبودن بتن جي محبت ۾ مست ٿي الله جل شانه سان انهن كي شريك بنائين ٿا. الله انهن جي هر كردار جو رڪارڊ ٿاهي ان كي محفوظ رکندڙ آهي كين سندن عقائد ۽ اعمال جون سزائون چكڻيون پونديون " وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ" ۽ تون انهن جو ذميدار ناهين يعني اوهان انهن كي هدايتون ڏنيون معجزا ڏيكاريا پوءِ بہ نہ ٿا مڃين تہ اوهان انهن تي غمگين نہ ٿيو ۽ اوهان جي ذميداري اها ناهي تہ اوهان انهن كي هرويرو مڃرايو اوهان صرف پيغام پهچايو. " وَكَذٰلِكَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَمَنْ حَوْلَهَا" ۽ اهڙي طرح اسان توڏانهن عربي (ٻوليءَ ۾) وحي كيو ٿا تہ تون مكه وارن ۽ جيكي ان جي آسپاس آهن انهن كي ڊيڄارين مطلب تہ اسان اوهان ڏانهن قرآن كريم عربي ٻوليءَ ۾ وحي كري ان جي لاءِ موكليو

(١) تيسير الكريم الرحمٰن ص ٣٨٤ جلد ٤ (٢) تنوير المقياس ص ٤٠٦

آهي تہ اوهان مکه مکرمه ۽ ان جي آسً پاس رهندڙ جيڪي عربي ٻوليءَ جا ماهر ۽ فصاحت وارا آهن اهي ان کي سمجهي ايمان آڻين. "وَتُنذِرَ يَوۡمَ ٱلۡجَمۡعِ لَا رَيۡبَ فِيهِ" ۽ گڏ ٿيڻ جي ڏينهن کان ڊيڄارين جنهن ۾ کو شڪ ناهي " يَوۡمَ ٱلۡجَمۡعِ" مان مراد قيامت جو ڏينهن آهي. "١" جنهن ۾ الله تعالىٰ مخلوق کي گڏ ڪندو. "فَرِيقٞ فِي ٱلۡجَنَّةِ وَفَرِيقٞ فِي ٱلسَّعِيرِ" (هڪ) ٽولي جنت ۾ ۽ (ٻي) ٽولي جهنم ۾ هوندي. يعني قيامت جي ڏينهن ماڻهن جي تقسيم عربي، عجمي، امير، غريب. گوري ۽ ڪاري رنگ جي بنيادن تي نہ هوندي بلڪ صحيح ۽ غلط عقيدن ۽ اعمال جي بنياد تي هوندي. مومن نيڪوڪار جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ مشرڪ ۽ بدڪار جهنم جي ٻرڪندڙ باهہ ۾ اڇلايا ويندا. " وَلَوۡ شَآءَ ٱللَّهُ لَجَعَلَهُمۡ أُمَّةٗ وَٰحِدَةٗ" ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ انهن کي هڪ امت بنائي ها. مطلب تہ جيڪڏهن الله جل جلاله انسان کي ارادي ۽ اختيار واري آزادي نہ ڏي ها تہ جيئن ٻي مخلوق جو حال آهي جيڪي ڪنهن چون چرا کانسواءِ ان جي احڪام جي تعميل ڪن پيا تہ انسان بہ ائين ڪري ها پر الله عز وجل جي رحمت اهو پسند نہ فرمايو تہ ان جي تخليق واري صفت جو شاهڪار عمل جي آزاديءَ کان محروم هجي ۽ گڏهہ ۽ خچر وانگر بي وس رهندي زندگي گذاري ان جي ڪري الله عزوجل انسان کي ارادي ۽ عمل جي هڪ قسم جي آزادي ڏني تانت اهو حق جي رستي تي هلي تہ پنهنجي مرضيءَ سان ۽ جيڪڏهن ڪفر ۽ گمراهيءَ تي پائبند رهي تہ بہ پنهنجيءَ مرضيءَ سان " وَلَٰكِن يُدۡخِلُ مَن يَشَآءُ فِي رَحۡمَتِهِۦ" ۽ پر جنهن کي گهري ٿو ان کي پنهنجيءَ رحمت ۾ داخل ڪري ٿو يعني الله جل شانه حڪيم آهي اهوئي ڪندو اهي جنهن ۾ مصلحت هوندي آهي يوءِ جنهن ٻانهي ۾ هدايت اختيار ڪرڻ جي تڙپ ڏسندو آهي تہ ان کي هدايت ڏئي پنهنجي رحمت ۽ جنت ۾ داخل ڪندو آهي " وَٱلظَّٰلِمُونَ مَا لَهُم مِّن وَلِيّٖ وَلَا نَصِيرٍ" ۽ ظالم. انهن جي لاءِ نہ ڪو دوست آهي ۽ نہ ڪو مددگار - ظالمن مان مراد ڪافر آهن "٢" يعني ڪافرن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن نہ ڪو دوست هوندو جو دوستيءَ جي ناتي ڪين ڇڏائي ۽ نہ ڪو مددگار هوندو جو ان ڏک جي گهڙيءَ ۾ سندن مدد ڪري ابو حيان اندلسي لکيو آهي تہ: هن آيت ۾ رسول الله صلى الله

(١) ايسر التفاسير ص ١٣٤ جلد ٣ (٢) صفوة التفاسير ص ١٣٣ جلد ٣

عليه وسلم جن کي تسلي ڏني وئي آهي ته اوهان پنهنجي قوم جي ڪفر کي ڏسي غمگين نه ٿيو سڀ ڳالهه الله جل جلاله جي مشيت ۽ ارادي سان ٻڌل آهي. جنهن جي مقدر ۾ سعادت آهي الله عز وجل ان کي پنهنجي رحمت دين اسلام ۾ داخل ٿيڻ جي نعمت نصيب ڪندو آهي. "١" "اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ ۚ فَاللّٰهُ هُوَ الْوَلِيُّ وَهُوَ يُحْيِ الْمَوْتٰى ۡ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" ڇا ان ڪان سواءِ ڪارساز بنايائون پوءِ الله ئي ڪارساز آهي ۽ اهو مئلن کي جيئرو ڪندو آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. يعني ڪافرن الله جل مجده ڪان سواءِ ٻئن کي ڪارساز بنايو آهي؟ حالانڪ اهي ايترا بي وس ۽ عاجز آهن جو پنهنجي پاڻ کي به سنڀالي نه ٿا سگهن انسان کي پنهنجو مستقبل ۽ حقيقي ڪارساز ان کي سمجهڻ ۽ مڃڻ گهرجي جيڪو هر قسم جي قدرت جو مالڪ ۽ مختار هجي ۽ اهو صرف ۽ صرف هڪ الله وحده لاشريڪ له آهي جيڪو مئلن کي جيئرو ڪري ٿو ۽ اهو هر شيءِ جيڪا سندس شان جي لائق آهي ان تي قادر آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١: " كَذٰلِكَ يُوْحِيْٓ اِلَيْكَ وَاِلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكَ" اهڙي طرح (تو ڏانهن ۽ جيڪي توکان اڳي هئا انهن ڏانهن وحي ٿو موڪلي) سان به ڳالهيون معلوم ٿيون. ١ ته هي تشبيه نفس وحي ۾آهي. وحي جي ڪيفيت ۾ ناهي ٢ ته " مِنْ قَبْلِكَ" مان معلوم ٿيو ته وحي حضور پاڪ ۽ کانئن اڳي آيل نبين عليهم الصلوٰة والسلام ڏانهن موڪليل آهي کانئن بعد ڪو به نبي نه ايندو نه ٿيندو. جيڪڏهن کانئن بعد ۾ ڪو نبي اچڻ ممڪن هجي ها ته ان جي لاءِ وحي جو ذڪر به ٿئي ها. ان جي ڪري پاڻ خاتم النبين - آخري نبي آهن- مرزا قادياني لعنة الله عليه ۽ ڪيس مڃڻ وارا نجا ڪافر، مرتد آهن.

٢: " لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ" (آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجهه آهي سڀ ان جو آهي) مان معلوم ٿيو ته هر شيءِ جو حقيقي مالڪ اهو آهي. ها- ان جي عطا سان ٻيو به مالڪ ٿي سگهي ٿو. " تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَآءُ" (جنهن کي گهرين ٿو ملڪ ڏين ٿو) ان جو واضح دليل آهي. ان ئي لحاظ سان ڪيترا ماڻهو دنيوي شين جا مالڪ آهن ۽ ان ئي لحاظ سان حضرت حبيب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن به

(١) البحر المحيط ص ٥٠٩ جلد ٧

خدائي خزانن جا مالک آهن ۽ اهو مجڻ ۽ چوڻ نہ شرک آهي نہ منع آهي.
۳: " وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِمَنْ فِی الْاَرْضِ " (۽ زمين وارن جي لاءِ مغفرت گهرن ٿا) " مَنْ فِی الْاَرْضِ " مان هتي مراد مسلمان آهن اهي ملائڪ مسلمانن جي لاءِ مغفرت گهرن ٿا- هن مان معلوم ٿيو تہ ملائڪن جي شفاعت حق آهي ۽ ڪين ان جو اذن ملي چڪو آهي جيڪا مسلمانن جي لاءِ ڪري رهيا آهن. جڏهن ملائڪن جي شفاعت جاري آهي تہ حضرت حبيب پاڪ عليه الصلوة والسلام جن جي شفاعت ۾ شڪ ڇو ڪيو وڃي؟ ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ الله عز اسمه جڏهن ٻانهن کي ڪا نعمت ڏيندو آهي تہ مقبول ٻانهن جي واسطي ۽ وسيلي سان ڏيندو آهي ڏسو مسلمانن کي مغفرت ڏيڻ جو ارادو فرمايائين تہ ملائڪن کي انهن جي مغفرت گهرڻ جو حڪم ڪري ڇڏيائين.

وَمَا اخْتَلَفْتُمْ فِيْهِ مِنْ شَیْءٍ فَحُكْمُهٗٓ اِلَى اللّٰهِ ط

۽ جيڪو اختلاف ڪيو اوهان ان ۾ ڪنهن شيءِ (جي باري) ۾ پوءِ ان جو حڪم الله جي (سپرد) آهي

ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبِّیْ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ ق وَاِلَيْهِ اُنِيْبُ (۱۰)

اهو الله منهنجو رب آهي مون ان تي توڪل ڪئي آهي ۽ ان ڏانهن ئي مان موٽان ٿو

فَاطِرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ط جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا

پيدا ڪندڙ آسمانن جو ۽ زمين جو پيدا ڪيائين اوهان جي لاءِ اوهان مان زالون

وَّمِنَ الْاَنْعَامِ اَزْوَاجًا ج يَذْرَؤُكُمْ فِيْهِ ط لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَیْءٌ ج

۽ ڍورن مان جوڙا پکيڙي ٿو اوهان کي ان ۾ ناهي ان جهڙي ڪا شيءِ

وَهُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ (۱۱) لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ج

۽ اهوئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي ان جون آهن ڪنجيون آسمانن ۽ زمين جون

يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ (١٢)

ڪشادو ڪري ٿو رزق جنهن لاءِ گهري ۽ تنگ ٿو ڪري بيشڪ اهو هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان الله جل شانه کان سواءِ ٻين کي ڪارساز بنائڻ ۽ انهن جي پوڄا ڪرڻ جو بيان هوءِ هتي مومنن کي الله عز برهانه ڏانهن ڪلي طرح متوجه رهڻ ۽ ان جي حڪم هيٺان هلڻ جي هدايت ڪندي فرمان ٿي رهيو آهي " وَمَا اخْتَلَفْتُمْ فِيْهِ مِنْ شَيْءٍ فَحُكْمُهٗ اِلَى اللّٰهِ " ۽ جنهن به شيءِ ۾ اوهان اختلاف ڪيو پوءِ ان جو حڪم الله جي حوالي آهي. يعني جنهن به امر يا معاملي ۾ اوهان جو پاڻ ۾ اختلاف ٿئي ته ان کي الله جي حڪم، قرآن ڪريم ۽ سندس نبي صلى الله عليه وسلم جي سنت جي روشنيءَ ۾ حل ڪيو "١" " ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبِّيْ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَاِلَيْهِ اُنِيْبُ " اهو الله منهنجو رب آهي مون ان تي توڪل ڪئي آهي ۽ مان ان ڏانهن رجوع ڪيان ٿو يعني هر شيءِ جو حاڪم الله اهوئي منهنجو پالڻهار آهي مون سڀني ڪمن ۾ ان تي توڪل ڪئي آهي ۽ هر مهم جي حل لاءِ مان ان ڏانهن رجوع ڪيان ٿو ۽ گناهن کان توبه ڪري ان ڏانهن ئي موٽان ٿو. " فَاطِرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ " آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪندڙ آهي هي به الله عز وجل جي صفتن جو بيان آهي ته اهو بلند آسمانن ۽ هيٺان لتاڙجندڙ زمين جو پيدا ڪندڙ آهي انهن کي رونق بخشيندڙ ۽ آباد رکندڙ به اهو آهي " جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا وَّمِنَ الْاَنْعَامِ اَزْوَاجًا يَذْرَؤُكُمْ فِيْهِ " اوهان جي لاءِ اوهان جي سرن (جنس) مان زالون پيدا ڪيائين ۽ ڍورن مان جوڙا پيدا فرمايائين اوهان کي ان ۾ پکيڙي ٿو. يعني ان صرف حضرت آدم على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي پيدا نه ڪيو پر زندگيءَ جي جدوجهد ۾ ان جي دل کي ريجهائڻ ان جي حوصلن کي بلند رکڻ واريءَ، ان جي جنس مان حضرت بيبي حوا رضي الله عنها کي به پيدا فرمايائين ۽ نه صرف انسانن کي بلڪ هر جاندار جي

(١) تفسير ابن ڪثير صه ١٠٨ جلد ۴

قسم ۾ بہ نر ۽ مادي پيدا فرمايائين ۽ ان طريقي سان اوهان کي زمين ۾ پکيڙي اوهان جي نسل کي عام ڪري رهيو آهي " لَيْسَ كَمِثْلِهِ شَيْءٌ وَهُوَ السَّمِيعُ الْبَصِيرُ" ان جهڙي ڪابہ شيءِ ناهي ۽ اهوئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. يعني ان جي ذات ۽ صفات ۾ ڪابہ شيءِ ان جهڙي ناهي جو الله کي ڇڏي ان ڏانهن وڃجي الله جل شانه جي رحمت کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ پناهہ ڏيڻ واري ناهي اهوئي پنهنجي مخلوق جون دانهون ٻڌندڙ، ورنائيندڙ ۽ ان جي دردناڪ حال کي ڏسندڙ آهي " لَهُ مَقَالِيدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَاۤءُ وَيَقْدِرُ" ان جون آهن آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون جنهن لاءِ گهري رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ تنگ ڪري ٿو. مطلب تہ آسمانن ۽ زمين جي خزانن جون ڪنجيون الله جل شانه جي قدرتي هٿ ۾ آهن رزق جي ڪشادي يا تنگ ڪرڻ جو ڪلي اختيار بہ ان وٽ آهي اهو جنهن کي گهري تہ حساب کان وڌيڪ رزق ڏئي ڇڏي ٿو ۽ جنهن کي گهري تہ ان جي لاءِ رزق تنگ ڪري ٿو " اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ" بلاشڪ اهو هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي - ان کي علم آهي تہ ڪنهن جي روزي ڪشادي ڪري ٿو ۽ ڪنهن جي تنگ ٿو ڪري ۽ ان کي اها بہ خبر آهي تہ ڪير ڪهڙي شيءِ جولائق آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ وهن ٿا. ١: "فَحُكْمُهٗۤ اِلَى اللّٰهِ" (پوءِ ان جو حڪم الله جي (حوالي) آهي) مان معلوم ٿيو تہ مومن پنهنجي هر معاملي کي الله عزوجل جي حڪم جي تحت حل ڪرڻ پسند ڪندو ڇو نہ پلي ڪيس ظاهر ۾ نقصان پوي ۽ جيڪو ٻين ڪيترين آيتن ۾ اللهجل شانه جي حڪم مڃڻ ۽ اطاعت سان گڏ نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن يا اولي الامر جي اطاعت جوحڪم آهي اهو هن جي معارض يا مقابلي ۾ آيل ناهي اهو بہ هڪ حيثيت سان الله جو ئي حڪم آهي جيڪڏهن وحي يا قرآن و سنت جي نص سان آهي تہ ان جو خداوندي حڪم هجڻ تہ ظاهر آهي ۽ جيڪڏهن اجتهاد سان آهي تہ ان جو مدار بہ قرآن ۽ سنت جي نصوص تي آهي ان جي ڪري اهو بہ هڪ حيثيت سان الله جو ئي حڪم آهي ۽ امت جي مجتهدن جا اجتهاد بہ ان حيثيت سان احڪام الاهيه ۾ داخل آهن ان جي ڪري

علماء فرمايو تہ: عام ماڻهو جيڪو قرآن ۽ سنت جي سمجهڻ جي صلاحيت نہ ٿو رکي ان جي حق ۾ مفتيءَ جي فتوىٰ ڪي ئي شرعي حڪم سڏبو آهي "١"

٢: " جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ أَنْفُسِكُمْ أَزْوَاجًا " اوهان (جي جنس) مان اوهان لاءِ زالون پيدا فرمايائين) مان معلوم ٿيو تہ انسان جي دنيا ۾ زال انسان ئي ٿيندي. ان سان نڪاح ڪندو. غير انسان جن وغيره سان نڪاح نہ ڪندو حورون جيڪي نور مان پيدا ٿيل آهن اهي جنت ۾ ملنديون نہ دنيا ۾. اهي انسان نہ آهن اهي تہ انسان حضرت آدم علىٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام کان بہ اڳ ۾ پيدا ٿيل آهن. "٢"

شَرَعَ لَكُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا

مقرر ڪيائين اوهان جي لاءِ دين مان اهو جو حڪم ڪيائين ان جو نوح کي

وَّالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهٖٓ اِبْرٰهِيْمَ

۽ اهو جو وحي ڪيوسون توڏانهن ۽ اهو جو حڪم ڪيوسون ان جو ابراهيم کي

وَمُوْسٰى وَعِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ ؕ

۽ موسىٰ کي ۽ عيسىٰ کي هي تہ قائم ڪيو دين کي ۽ نہ ٽولا ٽولا ٿيو ان ۾

كَبُرَ عَلَى الْمُشْرِكِيْنَ مَا تَدْعُوْهُمْ اِلَيْهِ ؕ اَللّٰهُ

وڏي ٿي مشرڪن تي اها ڳالهہ جو سڏين ٿو انهن کي ان ڏانهن الله

يَجْتَبِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْٓ اِلَيْهِ

برگزيدو بنائي ٿو پاڻ ڏانهن جنهن کي گهري ۽ رهنمائي ٿو ڪري پاڻ ڏانهن

مَنْ يُّنِيْبُ (١٣) وَمَا تَفَرَّقُوْٓا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ

ان کي جيڪو موٽي ٿو ۽ نہ ٽولا ٽولا ٿيا مگر ان کان بعد جو آيو انهن وٽ

(١) معارف القرآن صہ ٦٧۴ جلد ٧ (٢) نور العرفان صہ ٧٧٢

الْعِلْمُ بَغْيًا بَيْنَهُمْ ۗ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ

علم بغاوت ڪرڻ جي ڪري پاڻ ۾ ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها فرمان جيڪو اڳي ٿيو

مِنْ رَّبِّكَ إِلَىٰ أَجَلٍ مُّسَمًّى لَّقُضِيَ بَيْنَهُمْ ۚ

تنهنجي رب وٽان مدي مقرر ڪيل تائين تہ البت فيصلو ڪيو وڃي ها انهن ۾

وَإِنَّ الَّذِينَ أُورِثُوا الْكِتَابَ مِنْ بَعْدِهِمْ لَفِي شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيبٍ (١٤)

۽ بيشڪ جيڪي وارث ڪيا ويا ڪتاب جا انهن ڪان پوءِ البت شڪ ۾ آهن ان ڪان ڏوڪي ۾ وجهندڙ

تفسير:

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو تہ اوهان جي اختلافن جو حل الله جل شانه جي حڪم ۾ آهي ۽ هتي بيان ڪيو ٿووڃي تہ اهو حڪم اهائي شريعت آهي جنهن جو نبين سڳورن عليهم الصلوٰة والسلام ڏانهن وحي ڪيو ويو ۽ اي حبيب! عليه الصلوٰة والسلام اوهان ڏانهن بہ وحي ڪيو وڃي پيو. فرمان مبارڪ آهي " شَرَعَ لَكُمْ مِّنَ الدِّينِ مَا وَصَّىٰ بِهِ نُوحًا وَّالَّذِي أَوْحَيْنَا إِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهِ إِبْرَاهِيمَ وَمُوسَىٰ وَعِيسَىٰ" اوهان جي لاءِ دين مان اها (شريعت) مقرر ڪيائين جنهن جو نوح کي حڪم ڪيو هيائين ۽ جيڪو توڏانهن وحي ڪيو هيائين ۽ اهو جنهن جو اسان ابراهيم ۽ موسىٰ ۽ عيسىٰ کي حڪم فرمايوهو. مطلب تہ الله جل شانه اوهان جي لاءِ ان دين کي مقرر ۽ واضح ڪيو آهي جنهن جو حڪم ان حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي ڏنو هو ۽ جنهن جي اي آخري نبي! عليڪ الصلوٰة والسلام وحي جي ذريعي اوهان کي بہ خبر ڏني وئي آهي ۽ اهوئي اهو دين آهي جنهن جي لاءِ اسان ابراهيم، موسىٰ ۽ عيسىٰ (علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام) کي حڪم ڏنو هو - رسالت جا هي چمڪندڙ ۽ روشن سج ۽ چنڊ آهن جن مان پهريون ۽ پويون رسول ۽ مختلف دورن ۽ زمانن ۾ تشريف فرما ٿيڻ وارا هي پيغمبر سڳورا عليهم الصلوٰة والسلام هڪ ئي دين ۽ هڪ ئي نظام حيات جا نہ صرف داعي ۽ مبلغ هئا پر ان جو بنياد مضبوط

ڪري ان کي مٿي آٽيندڙ به هئا. انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام نه هڪ ٻئي کي ڪوڙو سڏيو ۽ نه اسلام کان سواءِ ڪنهن ٻئي دين جي تائيد ڪئي بلڪ صرف ئي صرف اسلام جي لاءِ ڪوشش ڪندا رهيا. "اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ" ته دين کي قائم ڪيو ۽ ان ۾ ٽولا ٽولا نه ٿيو آيت جي پهرئين حصي کي سمجهڻ سان هي سوال دل ۾ اڀرڻ لڳو ٿي ته اهو ڇا آهي جنهن جو حڪم الله جل شانه اولوالعزم رسولن عليهم الصلوٰة والسلام کي ڏنو هو فرمان ٿيو ته اهو هي آهي ته دين کي قائم ڪيو ۽ اهڙو مضبوط بنايو جو اهو ماڻهن جي عملي زندگيءَ ۾ رائج ٿي وڃي ۽ انهن جا اعمال ان دين جي مطابق هجن صرف زبان سان ان جي دعوت ڏيڻ ۽ ان جون خوبيون بيان ڪرڻ انبياء عليهم الصلوٰة والسلام جو فرض نه هو بلڪ انهن جي ذميداري هيءَ هئي ته جتي به هي نظام حيات نافذ نه هجي اتي نافذ ڪن ۽ جتي نافذ آهي اتي ان کي اڃان به مٿي آڻڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ۽ انهن کي اهو به حڪم ڪيو ويو آهي ته اهي پنهنجي جمعيت کي ٽوڙي ان ۾ ٽولا ٽولا نه ڪن ۽ هڪ امت کي متعدد فرقن ۾ ورهائي بي وقار نه ڪن ڇوته جيڪڏهن انهن پنهنجي وحدت ۽ يڪجهتيءَ کي فرقي بازيءَ جو نذر ڪيو ته پوءِ اهي دين کي قائم ڪرڻ واري فريضه کان آزاد نه ٿيندا. ان جي ڪري قرآن ڪريم متعدد مقامات ۾ متحد ۽ متفق رهڻ جون هدايتون ڏنيون آهن ۽ حضور سرور عالم صلى الله عليه وسلم جن به پنهنجي ارشادات عاليه ۾ بار بار بي اتفاقيءَ کان ڊيڄا ريو آهي.

متحد رهڻ جي لاءِ نبوي ارشادات

١: احمد ۽ ابوداؤد حضرت ابو ذر رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي ته: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " مَنْ فَارَقَ الْجَمَاعَةَ شِبْرًا فَقَدْ خَلَعَ رِبْقَةَ الْاِسْلَامِ مِنْ عُنُقِهٖ" جنهن جماعت کان هڪ گرانٺ جو قدر به جدائي ڪئي ان بلاشڪ پنهنجي ڳچيءَ مان اسلام جي رسي ڪڍي ڇڏي.

٢: ترمذيءَ سهڻيءَ سند سان حضرت عبد الله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " يَدُ اللهِ عَلَى الْجَمَاعَةِ" جماعت تي الله جو هٿ آهي.

٣: امام احمد حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو " اِنَّ الشَّيْطَانَ ذِئْبُ الْاِنْسَانِ كَذِئْبِ الْغَنَمِ يَاْخُذُ الشَاذَة وَالْقَاسِيَةَ وَالنَّاحِيَةَ وَاِيَّاكُمْ وَالشِّعَابَ وَعَلَيْكُمْ بِالْجَمَاعَةِ وَالْعَامَّةِ" بلاشڪ شيطان انسان جي لاءِ بگھڙ آهي جيئن ٻڪرين جي لاءِ بگھڙ هوندو آهي جيڪو جدا ٿيندڙ، پري ويندڙ ۽ پاسي تي رهندڙ کي وٺندو آهي ۽ پاڻ کي ٽولا ٽولا ٿيڻ کان بچايو ۽ جماعت ۽ عام ماڻهن کي لازم ڪري وٺو. سيدنا علي رضي الله عنه جوفرمان آهي تہ : ٽولا ٽولا نہ ٿيو جماعت رحمت آهي ۽ ٽولا ٽولا ٿيڻ عذاب آهي. "١" " كَبُرَ عَلَى الْمُشْرِكِيْنَ مَا تَدْعُوْهُمْ اِلَيْهِ" مشرڪن تي اها ڳالهہ وڏي آهي جنهن ڏانهن تون انهن کي سڏين ٿو. مطلب تہ اي محبوب! (عليك الصلوٰة والسلام) اوهان جنهن حق جي دين ڏانهن مشرڪن کي سڏيو ٿا اهو انهن کي تمام گهڻو ڳرو ۽ وڏو ٿولهڳي اهي ان کي قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهن. " اَللّٰهُ يَجْتَبِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يَّشَاۤءُ وَيَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يُّنِيْبُ" الله جنهن کي گهري پاڻ ڏانهن برگزيدو بنائي ٿو ۽ جيڪو موٽي ٿو ان کي پاڻ ڏانهن رهنمائي ڪرڻ فرمائي ٿو يعني جنهن کي الله گهرندو آهي ان کي پاڻ ڏانهن ويجهو ڪري پنهنجي اطاعت جي توفيق ڏيندو آهي. هن آيت ۾ الله جل شانه جي فضل ۽ ڪرم جون ٻہ صورتون بيان ڪيل آهن. ١ هيءَ آهي تہ اهو ڪنهن کي پنهنجيءَ خالص مهربانيءَ سان پنهنجي قرب ۽ محبت جي لاءِ چونڊي ۽ ان کي مختلف انعامن ۽ احسانن سان سرفراز فرمائي .٢ تہ انسان هر طرف کان منهن موڙي الله جل شانه کي راضي ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي همت وقف ڪري ڇڏي. ۽ جڏهن ڪو ماڻهو نيت جي خلوص سان طلب جي واٽ وٺندو آهي ۽ آزمائش جي ابتدائي مرحلن ۾ سرخرو ٿيندو آهي تہ الله عزوجل جي توفيق ان جي دستگيري ڪندي آهي ۽ ان کي منزل مقصود تي پهچائيندي آهي. علامه ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: صوفياء ڪرام فرمايو آهي تہ جنهن کي الله تعالىٰ پاڻ چونڊي ٿو ۽ پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو جنهن ۾ ان ٻانهي جي اختيار جو ڪودخل ناهي تہ اهو ٻانهو الله جي مراد هوندو آهي ۽ ان مقام وارا انبياء عليهم الصلوٰة والسلام ۽ صديقين آهن ۽ جيڪو ٻانهو الله عزوجل ڏانهن رجوع ڪندو آهي تہ پوءِ الله تعالىٰ ان

(١) مظهري صہ ٣١٢ - ٣١٣

جي رهنمائي فرمائيندو آهي ۽ اهو مريد آهي جيئن اولياء ڪرام ۽ ٻيا نيڪ، صالح ٻانها. "١" " وَمَا تَفَرَّقُوٓا اِلَّا مِنۢ بَعۡدِ مَاجَآءَهُمُ الۡعِلۡمُ بَغۡيًا بَيۡنَهُمۡ" ۽ نه ٽولا ٽولا ٿيا مگر ان کان پوءِ جو انهن وٽ علم آيو پاڻ ۾ بغاوت ڪرڻ جي ڪري. يعني ماڻهو ان علم هوندي ته ٽولا ٽولا ٿيڻ گمراهي آهي پاڻ ۾ بغاوت ڪرڻ جي ڪري ٽولا ٽولا ٿي ويا. " وَلَوۡلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتۡ مِنۡ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيۡنَهُمۡ" ۽ جيڪڏهن اهو فرمان نه هجي ها جيڪو تنهنجي رب کان اڳي صادر ٿي چڪو آهي ته انهن ۾ فيصلو ڪيو وڃي ها. مطلب ته الله جل شانه جي طرفان انهن کي مهلت ۽ ڍر ڏيڻ وارو فرمان جاري ٿيل نه هجي ها ته ڪين دنيا ۾ تڪڙو عذاب ۾ وجهي فيصلو ڪري ڇڏجي ها. " وَاِنَّ الَّذِيۡنَ اُوۡرِثُوا الۡكِتٰبَ مِنۢ بَعۡدِهِمۡ لَفِىۡ شَكٍّ مِّنۡهُ مُرِيۡبٍ" ۽ بلاشڪ جيڪي انهن کان پوءِ ڪتاب جا وارث بڻايا ويا ان جي متعلق ڏوڪي ۾ وجهندڙ شڪ ۾ آهن. مطلب ته هي مڪه مڪرمه ۾ رهندڙ مشرڪ جن کي گذريل قومن جي تباهيءَ کان پوءِ قرآن حڪيم جهڙي ڪتاب جي وارث ٿيڻ جي سعادت ملي آهي اهي ان ڏوڪي ۾ رکندڙ شڪ ۾ مبتلا آهن ته هي واقعي الله جل مجده جو نازل ڪيل ڪتاب آهي يا نه؟

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١: " وَصّٰى بِهٖ نُوۡحًا" (ان جو نوح کي حڪم ڪيائين) هتي حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو اول ۽ خصوصيت سان ذڪر ان جي ڪري ڪيو ويو جو پاڻ پهريون صاحب شريعت نبي هو. پاڻ ئي پهريان ڪافرن کي تبليغ ڪئي هيائين، سندس ئي نافرمان امت تي پهريان عذاب آيو هو ۽ هن کان پوءِ حضرت ابراهيم، حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جي خاص ذڪر ڪرڻ مان معلوم ٿيو ته سڀني آسماني دينن ۾ عقائد هڪ جهڙا آهن اعمال ۾ فرق آهي خيال ۾ رکڻ گهرجي ته عقائد کي دين ۽ اعمال کي مذهب سڏبوآهي ان جي ڪري هتي دين جو لفظ آندو ويو آهي. "٢" ٢: " اَنۡ اَقِيۡمُوا الدِّيۡنَ" (دين قائم ڪيو) جو مطلب آهي ته اصول عقائد ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ نه ڏيو. ٣: هن آيت ۾ حضور جو ذڪر پوءِ ۽ حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو اول آيو آهي ۽ سورة احزاب ۾ " وَاِذۡ اَخَذۡنَا

(١) مظهري صـ ٣١٢ - صـ ٣١٣ (٢) نور العرفان صـ ٧٧٢

مِنَ النَّبِيِّيْنَ مِيْثَاقَهُمْ وَمِنْكَ وَمِنْ نُّوْحٍ" ۾ حضور جو ذڪر اول ۽ حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو آخر ۾ آهي - ان ۾ شايد ان طرف اشارو آهي تہ نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جيتوڻيڪ ولادت ۽ بعثت جي لحاظ سان سڀني ڪان آخر ۾ آهن مگر ازلي نبوت ۽ رسالت جي تقسيم ۾ سڀني ڪان مقدم آهن جيئن پاڻ هڪ حديث ۾ فرمايو اٿن تہ: مان تخليق ((ازلي) جي اعتبار سان) اول آهيان ۽ بعثت (جي اعتبار) سان آخر آهيان.

سوال ١: سڀ ڪان پهريون نبي تہ حضرت آدم آهي هتي نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جو ذڪر ان سان ڇو نہ شروع ڪيوويو؟

جواب: دنيا ۾ اچڻ جي لحاظ سان حضرت آدم سڀني ڪان پهريون نبي آهي مگر ان جي زماني ۾ انسانن ۾ شرڪ ۽ ڪفر نہ هو ڪفر ۽ شرڪ جو مقابلو حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ڪيو هو ان جي ڪري ان سان شروعات ڪيل آهي.

سوال ٢: " وَلَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ" (۽ ان ۾ ٽولا ٽولا نہ ٿيو) مان معلوم ٿيو تہ مجتهدن امامن مثلاً امام ابو حنيفه ، امام مالڪ، امام شافعي، امام احمدبن حنبل وغيرهم جا مسئلن ۾ اختلاف بہ غلط ۽ ناجائز آهن؟

جواب: مذڪوره آيت ۾ جنهن تفرُّق ڪان روڪيو ويو آهي اهو ان دين ۾ آهي جنهن تي سڀ انبياء عليهم الصلوٰة والسلام متفق ۽ مشترڪ هلندا عمل ڪندا آيا باقي فروعي مسائل جن جو قرآن ۽ حديث ۾ ڪو واضح حڪم نہ آهي يا قرآن ۽ سنت جي نصوص ۾ ڪو ظاهري تعارض آهي اتي مجتهدن امامن جو پنهنجي پنهنجي اجتهاد سان ڪو حڪم مقرر ڪرڻ جنهن ۾ هڪ ٻئي سان راء ۽ نظر جي بنا تي اختلاف لازمي آهي هتي منع ڪيل تفرُّق سان ان جو ڪو تعلق ناهي اهڙو اختلاف اصحابن سڳورن ۾ خود عهد رسالت ڪان هلندو آيو آهي اهو فقهاء جي اتفاق سان رحمت آهي. " ١"

معارف القرآن صہ ٦٧٧ جلد ٧

فَلِذٰلِكَ فَادْعُ ۚ وَاسْتَقِمْ كَمَا أُمِرْتَ ۚ وَلَا تَتَّبِعْ أَهْوَاءَهُمْ ۚ

پوءِ ان جي لاءِ پوءِ سڏ ۽ استقامت ڪر جيئن امر ڪيو ويو آهين ۽ نہ تابعداري ڪر انهن جي سڌن جي

وَقُلْ آمَنْتُ بِمَا أَنْزَلَ اللّٰهُ مِنْ كِتٰبٍ ۚ وَأُمِرْتُ

۽ چؤ تہ ايمان آندو مون ان تي جيڪو الله ڪتاب نازل ڪيو ۽ امر ڪيو ويس مان

لِأَعْدِلَ بَيْنَكُمُ ۖ اللّٰهُ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ۚ لَنَا

تانت عدل ڪيان اوهان ۾ الله اسان جو رب آهي ۽ اوهان جو رب آهي اسان جي لاءِ

أَعْمَالُنَا وَلَكُمْ أَعْمَالُكُمْ ۖ لَا حُجَّةَ بَيْنَنَا وَ

اسان جا عمل آهن ۽ اوهان جي لاءِ اوهان جا عمل آهن ناهي حجت اسان ۾ ۽

بَيْنَكُمُ ۖ اللّٰهُ يَجْمَعُ بَيْنَنَا ۖ وَإِلَيْهِ الْمَصِيرُ ۗ (١٥) وَالَّذِينَ

اوهان ۾ الله گڏ ڪندو اسان کي ۽ ان ڏانهن ئي موٽڻ آهي ۽ اهي ۽ جيڪي

يُحَاجُّونَ فِي اللّٰهِ مِنْ بَعْدِ مَا اسْتُجِيبَ لَهُ

جهڳڙو ڪن ٿا الله (جي باري) ۾ ان کان پوءِ جو قبول ڪيو ويو ان جي لاءِ

حُجَّتُهُمْ دَاحِضَةٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ وَلَهُمْ

حجت انهن جي باطل آهي انهن جي رب وٽ ۽ انهن تي غضب آهي ۽ انهن جي لاءِ

عَذَابٌ شَدِيدٌ (١٦) اللّٰهُ الَّذِي أَنْزَلَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ وَالْمِيزَانَ

عذاب سخت آهي الله اهو آهي جنهن نازل فرمايو ڪتاب حق سان ۽ ساهمي

وَمَا يُدۡرِيۡكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ قَرِيۡبٌ (١٧) يَسۡتَعۡجِلُ بِهَا

۽ ڪير ڄاڻائي ته تو کي ته شايد قيامت ويجهي آهي تڪڙو گهرن ٿا اها

الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِهَا ۚ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مُشۡفِقُوۡنَ مِنۡهَا ۙ

اهي جيڪي ايمان نه ٿا آڻين ان تي ۽ جن ايمان آندو ڊڄندڙ آهن ان کان

وَيَعۡلَمُوۡنَ اَنَّهَا الۡحَقُّ ؕ اَلَاۤ اِنَّ الَّذِيۡنَ يُمَارُوۡنَ فِى السَّاعَةِ

۽ ڄاڻن ٿا ته بلاشڪ اها حق آهي خبردار بيشڪ اهي شخص جيڪي شڪ ڪن ٿا قيامت ۾

لَفِىۡ ضَلٰلٍۢ بَعِيۡدٍ (١٨).

البت گمراهي پرانهيءَ ۾ آهن

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ديني وحدت قائم رکڻ ۽ تولا تولا نه ٿيڻ جو حڪم هو ۽ هتي ان تي استقامت سان رهڻ جو ارشاد ٿي رهيو آهي فرمان مبارڪ آهي " فَلِذٰلِكَ فَادۡعُ ۚ وَاسۡتَقِمۡ كَمَاۤ اُمِرۡتَ ۚ" پوءِ ان جي لاءِ پوءِ سڏ ۽ جيئن امر ڪيو ويو آهين تيئن استقامت ڪر ، يعني اي حبيب عليه الصلوٰة والسلام اوهان الله جل جلاله جي ان سچي دين اسلام ڏانهن سيني ماڻهن عرب ۽ عجم کي سڏيو جنهن کي الله عزوجل اوهان جي لاءِ مقرر ڪيو آهي ۽ اهوئي حضرت نوح، حضرت ابراهيم، حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ ڏانهن وحي ڪيو ويو هو ۽ ان تي جيئن اوهان کي امر ڪيو ويو آهي تيئن ان تي مضبوط ٿي رهو هيڏانهن هوڏانهن نه وڃو، " وَلَا تَتَّبِعۡ اَهۡوَآءَهُمۡ ۚ" ۽ انهن جي خواهشات جي اتباع نه ڪر - يعني مشرڪن ۽ اهل ڪتاب جي چوڻ تي نه هلو انهن جي خواهشن جي پيروي نه ڪيو " وَقُلۡ اٰمَنۡتُ بِمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ مِنۡ كِتٰبٍ ۚ" ۽ فرماءِ ته جيڪو ڪتاب الله نازل ڪيو آهي ان تي مون ايمان آندو آهي - مطلب ته

اها ڳالهہ اوهان کولي کولي واضح الفاظ ۾ بيان فرمايو تہ : الله تعالیٰ وتقدس جيڪي بہ ڪتاب نازل ڪيا آهن منهنجو انهن سڀني تي ايمان آهي مان هڪڙن کي مڃيان ٻين جو انڪار ڪيان اهو ٿي نہ سگهندو "١" " وَأُمِرْتُ لِأَعْدِلَ بَيْنَكُمُ ۖ " ۽ مان امر ڪيو ويو آهيان تانت اوهان ۾ عدل ڪيان- مطلب تہ جن ڳالهين ۾ اوهان جو اختلاف آهي مونکي امر ڪيل آهي تہ مان اوهان ۾ انهن جي متعلق عدل ۽ انصاف ڪيان. اوهان جي عداوت يا بغض ڪي نہ ڏسان " اللَّهُ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ۖ " الله اسان جو بہ رب آهي ۽ اوهان جو بہ رب آهي اوهان ان جا اسان کان وڌيڪ حقدار ناهيو. " لَنَا أَعْمَالُنَا وَلَكُمْ أَعْمَالُكُمْ ۖ " اسانجي لاءِ اسان جا عمل آهن ۽ اوهان جي لاءِ اوهان جا عمل آهن يعني جيڪو بہ ڀلا يا برا عمل ڪندو اهو پنهنجي لاءِ ٿو ڪري " لَا حُجَّةَ بَيْنَنَا " اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ ڪا حجت ناهي. مقصد تہ جڏهن حقيقتون کلي سامهون آيون ۽ حق ۽ باطل، هدايت ۽ گمراهي واضح ٿي آيا آهن تہ هاڻي جهيڙي، جهڳڙي ۽ بحث جي ڪا جاءِ نہ رهي آهي. بحث تڏهن ٿئي ها جڏهن حق واضح نہ هجي ها " اللَّهُ يَجْمَعُ بَيْنَنَا ۖ وَإِلَيْهِ الْمَصِيرُ ۖ " الله اسان ۾ ميلاپ ڪرائيندو ۽ ان ڏانهن ئي موٽڻ آهي يعني قيامت جي ڏينهن الله عز اسمه اسان سڀني کي گڏ ڪري اسان مان هرهڪ کي سندس ڪيل عمل جو بدلو ڏيندو سچا ۽ ڪوڙا پڌرا ٿيندا. ۽ سڀني کي ان ڏانهن ئي موٽي هلڻو آهي "٢" " وَالَّذِينَ يُحَاجُّونَ فِي اللَّهِ مِنْ بَعْدِ مَا اسْتُجِيبَ لَهُ " ۽ جيڪي ان کان پوءِ جو ان جو حڪم قبول ڪيوويو الله جي متعلق جهڳڙو ڪن ٿا. يعني جڏهن الله جل شانه قطعي آيتون ۽ روشن دلائل بيان فرمايا ۽ نهايت دانائن ۽ عقلمندن سندس حڪم قبول ڪيو ان کان پوءِ جيڪي شخص الله جي شان ۾ باطل حجتن ۽ متناقض شبهن سان جهيڙو ڪن ٿا " حُجَّتُهُمْ دَاحِضَةٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ وَلَهُمْ عَذَابٌ شَدِيدٌ " انهن جي حجت سندن رب وٽ باطل آهي ۽ انهن تي غضب آهي ۽ انهن جي لاءِ سخت عذاب آهي مجازًا باطل ۽ فضول دليل کي " حُجَّةٌ دَاحِضَةٌ " چوندا آهن مطلب تہ حق جي ترديد جي لاءِ اهي پنهنجي طرفان جيڪي دليل پيش ڪندا آهن اهي بالڪل غلط ۽ باطل آهن ۽ انهن تي خدائي غضب

(١) ايسر التفاسير صہ ١٣٨ جلد ۴ (٢) تيسير الڪريم الرحمٰن صہ ٣٩١ جلد ۴

آهي ۽ انهن جي لاءِ سخت عذاب آهي " اَللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ وَالْمِيْزَانَ ۭ" الله اهو آهي جنهن حق سان ڪتاب لاٿو ۽ ساهمي (به لاٿي آهي) " اَلْمِيْزَانَ" مان مراد آهي ماڻهن ۾ عدل قائم ڪرڻ. مطلب ته الله عزوجل پنهنجن نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام تي ڪتاب نازل فرماياجن ۾ حق بيان ٿيل آهي اهي باطل کان پري آهن ۽ الله عزوجل عدل وارو قانون لاٿو آهي تانت ماڻهن ۾ انصاف قائم رهي ۽ الله عزوجل جي حڪم مطابق فيصلا ڪيا وڃن. " وَمَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ قَرِيْبٌ" ۽ توکي ڪير ٿو ڄاڻائي ته شايد قيامت ويجهي آهي. يعني قيامت ويجهي اچي وئي آهي ان جي ڪري قرآن ڪريم جي حڪم تي هلي شريعت تي عمل ڪيو ۽ عدل ۽ انصاف سان هلو قيامت اهڙو اوچتو قائم ٿيندي جو پوءِ ڪو موقعو نه ملندو " يَسْتَعْجِلُ بِهَا الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهَا" ان کي تکڙو اهي ٿا طلب ڪن جيڪي ان تي ايمان نه ٿا آڻين.

مطلب ته جن جو عقيدو آهي ته قيامت قائم نه ٿيندي اهي تکڙ ڪن پيا ته جنهن قيامت جي اچڻ جا ڏڙڪا ڏيو ٿا اها ڪٿي آهي؟

شان نزول:

مقاتل جو قول آهي ته حضور عليه الصلوٰة والسلام جن وٽ مشرڪ ويٺا هئا ۽ پاڻ قيامت جي اچڻ جو ذڪر فرمايائون ته انهن انڪار ڪندي چيو ته قيامت ڪڏهن ايندي؟ انهن جي جواب ۾ مٿيون فرمان نازل ٿيو "١" " وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مُشْفِقُوْنَ مِنْهَا ۙ وَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهَا الْحَقُّ ۭ" ۽ جن ايمان آندو ان کان ڊڄندڙ آهن ۽ ڄاڻن ٿا ته بلاشڪ اها حق آهي. يعني جن کي ايمان ۽ يقين جي دولت مليل آهي اهي هيبتناڪ منظر کان ڊڄن ۽ ڏڪن ٿا ۽ چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته اها ضرور اچڻ واري آهي ڪنهن جي ٽارڻ سان ٽرندڙ ناهي. "اَلَآ اِنَّ الَّذِيْنَ يُمَارُوْنَ فِي السَّاعَةِ لَفِيْ ضَلٰلٍۢ بَعِيْدٍ" بلاشڪ جيڪي قيامت ۾ شڪ ڪن ٿا البت پرانهينءَ گمراهيءَ ۾ آهن يعني اهي گمراهيءَ ۾ ايترو پري وڃي پهتا آهن جو حق ڏانهن اچڻ جو سوچي به نه ٿا سگهن.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ملن ٿا

(١) المظهري ص ٣١٥ جلد ٨

١: " وَاسْتَقِمْ كَمَا أُمِرْتَ " (۽ جيئن امر ڪيو ويو آهين تيئن استقامت ڪر) مان معلوم ٿيو ته دين تي استقامت نهايت اهم امر آهي جو نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کي به ان جو تاڪيد ڪيو ويو آهي اوليا ء ڪرام فرمايو آهي ته استقامت ڪرامت کان بهتر، پلي ۽ مٿي آهي. ٢: " فَلِذَٰلِكَ فَادْعُ " (پوءِ ان جي لاءِ دعوت ڏي) مان معلوم ٿيو ته حضور عليه الصلوٰة والسلام جن قيامت تائين ساري مخلوق جا نبي آهن، آخري نبي آهن جو سندن دعوت ۾ ڪنهن به قسم جو، ڪنهن زمان ۽ مڪان جو قيد لڳل ناهي ۽ پاڻ ڪافرن کي ايمان جي، مومنن کي تقوىٰ جي، متصوفن کي معرفت جي هميشه دعوت ڏيندڙ آهن ڪير به سندن دعوت کان ٻاهر ناهي.٣: " وَقُلْ آمَنتُ بِمَا أَنزَلَ اللَّهُ مِن كِتَابٍ " (۽ فرماءِ ته جيڪو ڪتاب الله نازل ڪيو آهي ان تي مون ايمان آندو آهي) مان واضح ٿيو ته پاڻ الله تعالىٰ جي هر ڪتاب تي ايمان رکن ٿا. اهو ايمان ڪڏهن آندو اٿن؟ ان جي وضاحت ڪندي علامه مفتي احمد يار نعيمي عليه الرحمة لکيو آهي ته: پاڻ نبوت جي اظهار کان پهريائين ايمان وارا (بلڪ نبي) هئا سندن هدايت تي هجڻ قرآن پاڪ جي نزول تي موقوف نه هو - سندن ايمان جي اعلان ڪرڻ مان واضح ٿيو ته شيعن وارو تقيه اسلام جي خلاف آهي مومن کي سيرت، صورت قول ۽ فعل سان ايمان جو اعلان ڪرڻ گهرجي. "١"

اَللّٰهُ لَطِيْفٌۢ بِعِبَادِهٖ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَهُوَ الْقَوِيُّ

الله مهربان آهي پنهنجن ٻانهن مان رزق ڏي ٿو جنهن کي گهري ۽ اهوئي سگهارو

الْعَزِيْزُ (١٩) مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ ع٢

غالب آهي جيڪو ارادو ڪري ٿو آخرت جي پوک جو ته واڌارو ڪنداسون ان لاءِ

(١) نور العرفان صہ ٧٧٣

فِىْ حَرْثِهٖ ۚ وَمَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا

ان جي پوک ۾ ۽ جيڪو ارادو ڪندو دنيا جي پوک جو تہ ڏينداسون ان کي ان مان

وَمَا لَهٗ فِى الْاٰخِرَةِ مِنْ نَّصِيْبٍ (٢٠) اَمْ لَهُمْ شُرَكٰٓؤُا شَرَعُوْا

۽ ناهي ان لاءِ آخرت ۾ ڪو حصو ڇا انهن جي لاءِ شريڪ آهن؟ جو مقرر ڪيائون

لَهُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا لَمْ يَاْذَنْ بِهِ اللّٰهُ ۗ وَلَوْلَا

انهن جي لاءِ دين مان اهو جو نہ موڪل ڏني ان جي الله ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها

كَلِمَةُ الْفَصْلِ لَقُضِىَ بَيْنَهُمْ ۗ وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ

فيصلي ڪرڻ جو وعدو (ڪيل) تہ البت فيصلو ڪيو وڃي ها انهن ۾ ۽ بلاشڪ ظالم

لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ (٢١) تَرَى الظّٰلِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا

انهن جي لاءِ عذاب دردناڪ آهي ڏسندين ظالمن کي ڊڄندڙ ان کان جيڪي

كَسَبُوْا وَهُوَ وَاقِعٌ بِهِمْ ۗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

ڪيائون ۽ اهو انهن تي واقع ٿيندڙ آهي ۽ جن ايمان آندو ۽ ڪيائون

الصّٰلِحٰتِ فِىْ رَوْضٰتِ الْجَنّٰتِ ۚ لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۗ

صالح عمل بهشتن جي باغن ۾ هوندا انهن جي لاءِ اهو آهي جيڪي گهرندا سندن رب وٽ

ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ (٢٢)

اهائي ڀلائي وڏي آهي.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ڪافرن کي مهلت ڏيڻ ۽ تڪڙو عذاب نہ ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هتي ان جو وجه بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي " اَللّٰهُ لَطِيْفٌۢ بِعِبَادِهٖ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَهُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ " يعني الله عز وجل پنهنجن ٻانهن تي نهايت لطف ڪندڙ، مهربان آهي ان جي ڪري دنيا ۾ هر ٻلي ٻانهي ۽ ٻري کي روزي ڏيندو آهي ۽ اهو نہ ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ اهو ڪافرن ڪان راضي آهي ۽ نہ ان جو تہ هيءَ دنيائي اصل مقام آهي حڪومت وارا پنهنجي مخالف، دشمن کي جيل ۾ رکڻ جي باوجود کاڌو، پيتو ڏيندا آهن ڇا هيءَ ان سان راضي هجڻ جو دليل چئبو؟ ۽ اهو صرف لطف ڪندڙ نہ پر بدڪارن ۽ سرڪشن کي سزا ڏيڻ تي بہ قادر آهي جو اهو قوت وارو، زبردست بہ آهي ان پوري آيت کي قيامت سان اهو تعلق بہ آهي تہ الله جلت صفاته جي لطف ۽ قوت جي صفت جي اها بہ تقاضا آهي تہ اهو آخرت ۾ پنهنجيءَ مهربانيءَ سان نيڪن صالحن ٻانهن کي رزق ۽ ابدي سرور عطا ڪري ۽ بدڪارن، شريرن، ظالمن کي قوت جبروت سان عذاب ۾ رکي پر دنيا ان جي اصل جاءِ ناهي اها تہ نيڪيءَ ۽ برائيءَ جي حاصل ڪرڻ جي جاءِ آهي. " مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِيْ حَرْثِهٖ ۚ " جيڪو دنيا جي پوک جو ارادو ڪندو ان جي پوک ۾ اسين واڌارو آڻينداسون. حرث جي لغوي معنىٰ ڪمائڻ آهي چوندا آهن " هُوَ يَحْرُثُ لِعَيَالِهٖ " اهو پنهنجي عيال جي لاءِ ڪمائي ٿو ۽ ان جي معنىٰ زمين ۾ ٻج ڇٽڻ بطور استعاره جي آهي جيڪو آخرت جي ڪمائيءَ جي ارادي سان ڪوشش ڪندو اسين ان جون نيڪيون وڌائينداسون ۽ ان جي لاءِ ڀلائيءَ جا رستا کوليندا سون " وَمَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا " ۽ جيڪو دنيا جي پوک جو ارادو ڪندو ان کي ان مان ڏينداسون. مطلب تہ ان کي ان مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏينداسون اهو ناهي تہ اهو جيترو حرص ڪري ان کي اوترو ڏنو وڃي. " وَمَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ نَّصِيْبٍ " ۽ ان جي لاءِ آخرت ۾ ڪو حصو ناهي ان مان مراد آهي تہ الله عزوجل کان غافل ٿي، آخرت جو انڪار ڪري صرف دنيا لاءِ پاڻ پتوڙڻ واري جي لاءِ اتي ڪجهہ بہ ناهي " ١ " " اَمْ لَهُمْ شُرَكٰٓؤُا شَرَعُوْا لَهُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا لَمْ يَأْذَنْ بِهِ اللّٰهُ ۚ " ڇا انهن جي لاءِ ڪي اهڙا

(١) تفسير حقاني صہ ٢٣٢ جلد ٦

شريڪ آهن جن انهن جي لاءِ دين مان اهو مقرر ڪيو آهي جنهن جو الله اذن نہ ڏنو آهي. مطلب تہ جيڪو دين ۽انهن جي لاءِ الله جلت صفاته مقرر ڪيو آهي ان کي تہ هي مڃين ٿي ڪونہ ٿا هر وقت ان جي قانون ۽ ضابطہ حيات جي ٻي فرماني ڪندا آهن باقي جيڪي قانون انهن پاڻ مقرر ڪيا آهن جن جي الله عز اسمہ اجازت ئي نہ ڏني آهي ڇا انهن جي طرفان مقرر ڪيلن باطل معبودن جن کي الله عز وجل جو شريڪ بنايو اٿن انهن اهي مقرر ڪري ڏنا اٿن؟ " وَلَوْ لَا كَلِمَةُ الْفَصْلِ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ " ۽ جيڪڏهن فيصلي ڪرڻ وارو فرمان نہ هجي ها تہ انهن ۾ (هينئر ئي) فيصلو ڪيو وڃي ها. مطلب تہ الله تبارڪ اسمہ انهن جي فيصلي لاءِ ڏينهن مقرر ڪري ڇڏيو آهي تڏهن تہ وڏائي ڪن ٿا نہ تہ انهن کي هينئر ئي سزا ڏجي ها تہ خبر پئجي وڃي ها " وَإِنَّ الظَّالِمِينَ لَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ " ۽ بلاشڪ ظالم، انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. يعني جن پنهنجا قانون ٺاهي الله مٺي جي احڪام ڪان روگرداني ڪري پنهنجن نفسن تي پاڻ ظلم ڪيو آهي انهن جي لاءِ جهنم جو درد ناڪ عذاب تيار آهي "تَرَى الظَّالِمِينَ مُشْفِقِينَ مِمَّا كَسَبُوا وَهُوَ وَاقِعٌ بِهِمْ " ظالمن کي جيڪي ڪيائون ان کان ڊڄندڙ ڏسندين حالانڪ اهو انهن تي واقع ٿيندڙ آهي. يعني ڊڄن يا نہ ڊڄن سندن ظالمانہ ڪردار جي ڪري انهن تي عذاب ضرور واقع ٿيندو. " وَالَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ فِي رَوْضَاتِ الْجَنَّاتِ لَهُمْ مَا يَشَاءُونَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ذَلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيرُ " ۽ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا بهشتن جي باغن ۾ هوندا. انهن جي لاءِ جيڪي گهرندا سندن رب وٽ (موجود) آهي اهوئي وڏو (فضل) آهي.

بهشت وارن تي پلايون

ابن جرير ابي ظبيه رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: جنت وارن جي هڪ ٽولي تي ڪڪر ڇانو ڪري انهن کي چوندو تہ: مان اوهان تي ڇا وسايان؟ پوءِ جنهن شيءِ جي بہ ڪو خواهش ڪندو اها ان کي ملندي تانجو ڪو ائين بہ چوندو تہ اسان تي نوجوان هم عمر، بلند سينن واريون حورون وساءِ – " ١ " علامہ صاوي لکيو آهي تہ اهي نعمتون جن کي ڪائنات جو خالق وڏو فضل سڏي ٿو ڀيو ڪو انهن جي وصف ڪهڙي ڪري سگهندو؟ " ٢ "

(١) الدر المنثور صہ ٣٤٥ جلد ٧ (٢) الصاوي صہ ٣٥ جز ٤٠

فائدا: مذڪوره آيتن مان ھي فائدا ملن ٿا.

١: " اَللّٰهُ لَطِيْفٌ بِعِبَادِهٖ " (الله پنهنجن ٻانهن تي لطف ڪندڙ آهي) مان معلوم ٿيو تہ الله جو لطف عام ۽ ڳڻ ڪان مٿي آهي ان جاٻانهن جي سنڌ سنڌ تي اڻ ڪٿ احسان آهن. اسان جي گناهن ڪي ڏسڻ جي باوجود اهو روزي بند نہ ٿو ڪري اسان جا عيب ڏڪي ٿو خوار نہ ٿو ڪري اسان ان ڪي وساريو آهي اهو اسان ڪي ياد فرمائي ٿو ۽ خاص ٻانهن ڪي خاص لطف ايمان. عرفان ۽ ولايت ڏيڻ سان مهرباني ڪري رهيو آهي. ٢: " يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ" (جنهن ڪي گهري ٿو رزق ڏي ٿو) مان جيڪڏهن جسماني روزي مراد آهي تہ مطلب ٿيندو جنهن ڪي جيترو ڏيڻ گهري ٿو ڏئي ٿو ڇڏي هنر مند غريب ٿو رهي ۽ بي هنر ڪي دولت مند بنائي ڇڏي ٿو معلوم ٿيو تہ رزق ان ذوالجلال والاڪرام جي عطا آهي ۽ جيڪڏهن رزق مان مراد روحاني رزق ايمان ۽ تقويٰ وتبو تہ بہ ڳالهہ ظاهر آهي تہ ايمان ۽ تقويٰ عقل سان نہ ان جي فضل سان ملندا آهن ابوجهل ظاهر ۾ عقلمند هو پر ڪافر رهيو حضرت بلال حبشي رضي الله عنه سادو هو پر عشق وارن جو اڳواڻ رهيو.

ذٰلِكَ الَّذِیْ یُبَشِّرُ اللّٰهُ عِبَادَهُ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

اهوئي آهي جنهن جي بشارت ڏي ٿو الله ٻانهن پنهنجن ڪي جن ايمان آندو ۽ ڪيائون

الصّٰلِحٰتِ ؕ قُلْ لَّاۤ اَسْئَلُكُمْ عَلَیْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِی الْقُرْبٰی ؕ

صالح عمل فرماء تہ نہ ٿو گهران مان اوهان ڪان ان تي ڪو اجورو مگر محبت قرابتدارن ۾

وَمَنْ یَّقْتَرِفْ حَسَنَةً نَّزِدْ لَهٗ فِیْهَا حُسْنًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ

۽ جيڪو ڪمائي ٿو نيڪي تہ وڌائينداسون ان جي لاءِ ان ۾ حسن بيشڪ الله

غَفُوْرٌ شَكُوْرٌ (٢٣) اَمْ یَقُوْلُوْنَ افْتَرٰی عَلَی اللّٰهِ كَذِبًا ۚ فَاِنْ

بخشڻهار، قدردان آهي ڇا چون ٿا تہ ٺاهيائين الله تي ڪوڙ پوءِ جيڪڏهن

يَّشَاِ اللّٰهُ يَخْتِمْ عَلٰى قَلْبِكَ ۗ وَيَمْحُ اللّٰهُ الْبَاطِلَ وَ

گهري الله تہ مهر هڻي دل تنهنجي ، تي ۽ ميٽي ٿو الله باطل کي ۽

يُحِقُّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ ۗ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ (٢٤)

ثابت ڪري ٿو حق کي پنهنجن فرمانن سان بلاشڪ اهو ڄاڻندڙ آهي سيني واريون ڳالهيون

وَهُوَ الَّذِيْ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَيَعْفُوْا

۽ اهوئي آهي جو قبول ڪري ٿو توبه پنهنجن ٻانهن کان ۽ معاف ڪري ٿو

عَنِ السَّيِّاٰتِ وَيَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ۙ (٢٥) وَيَسْتَجِيْبُ الَّذِيْنَ

برايون ۽ ڄاڻي ٿو جيڪي ڪيو ٿا ۽ قبول فرمائي ٿو انهن کي

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَيَزِيْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ۗ

جن ايمان آندو ۽ ڪيائون صالح عمل ۽ وڌائي ٿو انهن کي پنهنجي فضل مان

وَالْكٰفِرُوْنَ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ (٢٦)

۽ ڪافر انهن جي لاءِ عذاب سخت آهي.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ مومنن صالحن کي بهشتي باغن ملڻ جو بيان هو ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ اهو مومنن کي بشارت ڏيٺي آهي. ارشاد رباني آهي " ذٰلِكَ الَّذِيْ يُبَشِّرُ اللّٰهُ عِبَادَهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ " اهو اهوئي آهي جنهن جي الله پنهنجن انهن ٻانهن کي بشارت ڏي ٿو جن ايمان آندو ۽ صالح اعمال ڪيا. يعني هي عظيم خوشخبري نهايت اعلىٰ آهي جنهن جي الله تعالىٰ صالحن مومنن کي نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي واسطي سان بشارت ڏئي رهيو آهي " قُلْ لَّآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِلَّا

الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبٰى ؕ فرماءِ تہ مان اوهان کان ان تي کو اجورو نہ ٿو گهران مگر قرابت دارن ۾ محبت - آيت مذکوره ۾ هن فرمان جي متعلق مفسرن جا مختلف اقوال آهن. ١:- تہ ان مان مراد آهي تہ اي محبوب عليه الصلوٰة والسلام اوهان پنهنجن مخاطبن کي فرمايو تہ: مان دين جي دعوت ۾ جيکا محنت کيان ٿو ان جي بدلي ۾ اوهان کان کوبہ اجورو نہ ٿو گهران نہ مون کي اوهان ۾ کا لالچ آهي مگر منهنجي هڪ خواهش ۽ اوهان کان طلب آهي تہ اوهان پاڻ ۾ وڙهي قتل ۽ غارت کري تباهہ ۽ برباد ٿي رهيا آهيو ان کان بچو ۽ باز اچو اوهان جون هڪ ٻئي ۾ قرابتون، مائٽيون مٽيون آهن انهن تي نظر وجهي وڙهڻ جي بجاءِ هڪ ٻئي سان محبت ۽ مودت مضبوط ۽ قائم رکو تانتہ اوهان جي زندگيءَ ۾ هڪ خوشگوار تبديلي اچي - ان قول وارن وٽ " اِلَّا " استثنا جو حرف ۽ مستثنیٰ منقطع آهي مستثنیٰ منه ۾ داخل ناهي - تانتہ آيت جو مطلب هي ٿئي تہ: مان اوهان کان ڀيو کو اجورو نہ ٿو گهران مگر هي تہ اوهان پاڻ ۾ پيار ۽ محبت ڪيو. ٢:- قول هي آهي تہ اوهان کان مان کو اجورو نہ ٿو گهران مگر هي تہ اوهان الله جل شانه جي بارگاهہ ۾ تقرب ۽ ويجهڙائي حاصل ڪرڻ سان محبت رکو ۽ ان ۾ اڳتي وڌو. ٣:- قول هي آهي تہ ان مان مراد آهي تہ اوهان منهنجي قرابت دارن سان محبت رکو ۽ اهو بہ مون اوهان جي فائدي لاءِ ڪيو آهي تانتہ اوهان کي انهن جي محبت ڪرڻ جو درجو ۽ ثواب ملي. مون عاجز محمد ادريس عفي عنه جو قارئين ڪرام جي خدمت ۾ عرض آهي تہ ان مان اهائي مراد وٺڻ بهتر آهي. نبي اکرم عليه الصلوٰة والسلام جن جي قريبن سان محبت رکڻ جڏهن تہ اسان اهل السنة والجماعت جو ايمان آهي تہ ان جي طلب ڪرڻ عيب ناهي ان ۾ بہ اسان امتين جي ڀلائي آهي نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي آل سان محبت جي متعلق ڪيتريون حديثون آيل آهن جن کي منهنجي لکيل ڪتاب " فضائل اهلبيت" ۾ پڙهي سگهو ٿا. هتي صرف ٽي روايتون لکجن ٿيون.

١:- سعيد بن جبير حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ جڏهن الله عزوجل مذکور فرمان نازل ڪيو تڏهن اصحابن سڳورن عرض ڪيو

تہ يا رسول الله! اهي ڪير آهن جن سان مودت (پيار) رکون؟ پاڻ فرمايائون تہ (اهي) علي، فاطمة ۽ انهن جا پٽ حسن ۽ حسين آهن (رضي الله عنها وعنهم).

٢:- سيدنا علي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن سان شڪايت ڪيائين تہ: ماڻهو مون سان حسد ڪن ٿا تہ نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جن ڪيس فرمايو " ڇا تون ان ڳالهہ تي راضي ناهين جو تون چئن مان چوٿون هجين؟ جنت ۾ اول مان، تون، حسن ۽ حسين داخل ٿينداسون ۽ اسان جون گهر واريون اسان جن سڄن ۽ کٻن پاسن کان هونديون ۽ اسان جو (پيو) نسل اسان جي پويان هوندو".

٣:- نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن کان روايت آهي پاڻ فرمايائون تہ: جنهن منهنجي اهل بيت تي ظلم ڪيو ۽ منهنجي عترت جي متعلق مون کي ايذايو ان تي جنت حرام آهي ۽ جنهن عبدالمطلب جي اولاد مان ڪنهن سان چڱائي ڪئي ۽ ان ڪيس ان جو بدلو نہ ڏنو تہ مان ان کي قيامت جي ڏينهن ان جو بدلو ڏيندس. "١" " وَمَنْ يَّقْتَرِفْ حَسَنَةً نَّزِدْلَهٗ فِيْهَا حُسْنًا ؕ" ۽ جيڪو نيڪي ڪمائيندو اسين ان جي لاءِ ان ۾ حسن وڌائينداسون. يعني جيڪو ڀلي ڪم ۾ رهندو تہ اسين ان جي لاءِ ان ۾ حسن وڌائي ان کي وڌيڪ سهڻو بنائينداسون. ان مان مراد حضور پاڪ ۽ سندن آل ۽ نائبن (عليہ وعليهم الصلوٰة والسلام) جي محبت ۾ وڌڻ آهي ۽ اهو ان جي ڪري جو حضور عليہ الصلوٰة والسلام جي آل (طريقت جي مشائخ) جي محبت سان حضور پاڪ جي محبت وڌندي آهي ۽ حضور پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي محبت سان الله عزوجل جي محبت وڌندي آهي. " اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ شَكُوْرٌ" بلاشڪ الله بخشڻهار، قدردان آهي. يعني جيڪي الله جي حبيب عليہ الصلوٰة والسلام ۽ ان جي اولياء سان محبت رکندا الله عزوجل انهن جا گناهہ بخشيندو. لِيَغْفِرَلَكَ اللّٰهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِكَ وَمَا تَاَخَّرَ" مراد آهي تہ تنهنجي ڪري تنهنجن دوستن ۽ محبت وارن جا گناهہ بخش فرمائي "٢" " اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ۚ" ڇا چون ٿا تہ الله تي ڪوڙ ٺاهي هنيو اٿس؟ يعني نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام کي ڪوڙو چوندڙ ايتري جرئت ڪندي ڪوڙ هڻندي ائين چون ٿا؟ اهي دراصل الله جل مجده کي ڪوڙو چون

(١) القرطبي ص ٢٢ جلد ١٦ (٢) المظهري ص ٣٢٠ - ٣٢١ جلد ٨

ٿا. "فَاِنْ يَّشَاِ اللّٰهُ يَخْتِمْ عَلٰى قَلْبِكَ" ۽ پوءِ جيڪڏهن الله گهري ته تنهنجي دل تي مهر هڻي ڇڏي. يعني اوهان ته بالڪل سچا رسول آهيو پر جيڪڏهن بفرض محال ڪا هڪ ڳالهه به اوهان پنهنجي شان نـاهي الله تي (معاذ الله ثم معاذ الله) بهتان ۽ ڪوڙ هڻو ها ته الله عز وجل کي هيءَ قدرت آهي ته اوهان جي دل تي مهر هڻي ڇڏي ها اوهان کان وحي کي روڪي ڇڏي ها "١" پر جڏهن نه وحي ڪٽيو ويو آهي نه مهر هنئين وئي تڏهن صاف ۽ واضح ڳالهه آهي ته پاڻ بالڪل اهو حق ۽ سچ بيان ڪن ٿا جيڪو سندن طرف الله عزوجل جي طرفان وحي ڪيو وڃي ٿو ۽ هڪ قول آهي ته: اوهان جي دل تي مضبوط رهڻ جي لاءِ اهڙي مهر هڻي ڇڏي ها جو اوهان انهن جي ايذاء تي خوشي سان صبر ڪيو ها. "٢" "وَيَمْحُ اللّٰهُ الْبَاطِلَ وَيُحِقُّ الْحَقَّ بِكَلِمَاتِهٖ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ" ۽ الله باطل کي مٽائي ٿو ۽ حق کي پنهنجن فرمانن سان ثابت ڪري ٿو بلاشڪ اهو سيني واريون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي. يعني الله جل مجده جو هي شان ۽ دستور آهي ته باطل کي ختم ڪندو ۽ پنهنجن فرمانن سان حق کي ثابت ڪري ڏيکاريندو آهي اهو سيني واريون ڳالهيون به ڄاڻندڙ آهي ان کان ڪابه ڳالهه لڪل ناهي. " وَهُوَ الَّذِيْ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَيَعْفُوْا عَنِ السَّيِّاٰتِ وَيَعْلَمُ مَاتَفْعَلُوْنَ" ۽ اهوئي آهي جيڪو ٻانهن جي توبه قبول ڪري ٿو ۽ برايون معاف ڪري ٿو ۽ جيڪي ڪيو ٿا اهو ڄاڻي ٿو. ڪافرن جي شدت على الکفر کي بيان ڪرڻ کان پوءِ ٻڌايو ٿو وڃي ته الله مجده وٽ اڃان توبه جا دروازا کليا پيا آهن جيڪو به توبه ڪري ڪفر ڇڏي اسلام قبول ڪندو الله عز وجل ان جي توبه قبول ڪري ٿو ۽ برايون معاف فرمائي ٿو ۽ جيڪي اوهان ڪيو ٿا اهو ڄاڻي ٿو ان کي خبر آهي ته سچيءَ دل سان توبه ڪيو ٿا يا صرف زبان سان" ٣" "وَيَسْتَجِيْبُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَيَزِيْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ" ۽ جن ايمان آندو ۽ صالح اعمال ڪيا انهن کي قبول ٿو فرمائي ۽ انهن کي پنهنجي فضل مان اڃان ان گهريل دعا کان به وڌائي ڏي ٿو. "٤" "وَالْكٰفِرُوْنَ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ" ۽ ڪافرن جي لاءِ سخت عذاب آهي. مطلب ته مومنن جي لاءِ ثواب ۽ الله جو فضل هوندو ۽ انهن جي مقابلي ۾ ڪافرن

(١) الکشاف صہ ٤٦٨ جلد ٣ (٢) المدراک صہ ١٠٦ جزء ٤ جلد ٢ (٣) تيسير الکريم الرحمٰن صہ ٣٩٩ جلد ٤ (٤) المظهري صہ ٣٢٣ جلد ٨

جي لاءِ سخت عذاب هوندو.

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا.

١: "ذٰلِكَ الَّذِىْ يُبَشِّرُ اللهُ عِبَادَهٗ" (اهوئي آهي جنهن جي الله پنهنجن ٻانهن کي بشارت ڏي ٿو) مان معلوم ٿيوتہ حضور پر نور عليه الصلوٰة والسلام جن جو ڪم الله جل مجده جو ڪم آهي. ڏسو بشارت تہ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام پيا ڏين پر الله عزوجل ٻڌايو تہ اها مان ٿو ڏيان. ٢: "اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ" (جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون) مان معلوم ٿيو تہ عمل کان ايمان ائين مقدم آهي جيئن وضو نماز کان. بنا وضوء جي نماز قبول ناهي ۽ بنا ايمان جي عمل قبول ناهي. ٣: "اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِى الْقُرْبٰى" (مگر قرابت دارن سان محبت) مان معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي اهل بيت پاڪ، ازواج مطهرات، اولاد ۽ سيني قريبن سان محبت رکڻ ايمان آهي نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام ۽ سندن پيارن سان پيار ڪرڻ کان سواءِ ايمان نصيب نہ ٿيندو.

وَلَوْ بَسَطَ اللهُ الرِّزْقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوْا فِى الْاَرْضِ

۽ جيڪڏهن ڪشادو ڪري ها الله رزق پنهنجن ٻانهن جي لاءِ تہ البت بغاوت ڪن ها زمين ۾

وَلٰكِنْ يُّنَزِّلُ بِقَدَرٍ مَّا يَشَآءُ اِنَّهٗ بِعِبَادِهٖ خَبِيْرٌ

۽ پرنازل ٿو ڪري اندازي سان جيڪي گهري بيشڪ اهو پنهنجن ٻانهن جي خبر رکندڙ

بَصِيْرٌ (٢٧) وَهُوَالَّذِىْ يُنَزِّلُ الْغَيْثَ مِنْ بَعْدِ مَا قَنَطُوْا وَيَنْشُرُ

ڏسندڙ آهي ۽ اهوئي آهي جيڪو لاهي ٿو مينهن ان کان پوءِ جو نااميد ٿيا ۽ پکيڙيندو آهي

رَحْمَتَهٗ وَهُوَ الْوَلِىُّ الْحَمِيْدُ (٢٨) وَمِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ

پنهنجي رحمت ۽ اهوئي ڪارساز، ساراهيل آهي ۽ ان جي نشانين مان آهي آسمانن

وَالْاَرْضِ وَمَا بَثَّ فِيْهِمَا مِنْ دَآبَّةٍ وَهُوَ عَلٰى جَمْعِهِمْ اِذَا

۽ زمين جو پيدا ڪرڻ ۽ اهو جيڪو پکيڙيائين انهن ٻنهي ۾ چرندڙن شين مان ۽ اهو انهن جي گڏ ڪرڻ

يَشَآءُ قَدِيْرٌ (٢٩) وَمَآ اَصَابَكُمْ مِنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ الربع ٣ ع ١٠ ٤

تي جڏهن گهري قادر آهي ۽ جيڪا پهتي اوهان کي مصيبت پوءِ ان سببان جو ڪمايو هٿن اوهان جي

وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ (٣٠) وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ فِى الْاَرْضِ ۚ وَمَا لَكُمْ

۽ معاف ڪري ٿو گهڻا (گناه) ۽ ناهيو اوهان عاجز ڪندڙ زمين ۾ ۽ ناهي اوهان جي لاءِ

مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ (٣١) وَمِنْ اٰيٰتِهِ الْجَوَارِ

الله کانسواءِ ڪو ڪارساز ۽ نه ڪو مددگار ۽ ان جي نشانين مان آهن هلندڙ

فِى الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ (٣٢) اِنْ يَّشَاْ يُسْكِنِ الرِّيْحَ فَيَظْلَلْنَ رَوَاكِدَ

ٻيڙيون سمنڊ ۾ جبلن وانگر جيڪڏهن گهري ته جهلي ڇڏي واءُ کي پوءِ ٿي پون بيٺل

عَلٰى ظَهْرِهٖ ۭ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ (٣٣)

ان جي پٺيءَ تي بلاشڪ ان ۾ البت نشانيون آهن هر صبر ڪندڙ، شڪر ڪندڙ جي لاءِ

اَوْ يُوْبِقْهُنَّ بِمَا كَسَبُوْا وَيَعْفُ عَنْ كَثِيْرٍ (٣٤) وَّيَعْلَمَ الَّذِيْنَ

يا هلاڪ ڪري انهن کي ان سببان جو ڪيائون ۽ معاف ڪري ٿو گهڻا (گناهه) ۽ ڄاڻن ٿا اهي جيڪي

يُجَادِلُوْنَ فِىْٓ اٰيٰتِنَا ۭ مَا لَهُمْ مِّنْ مَّحِيْصٍ (٣٥)

جهيڙو ڪن ٿا اسان جي آيتن ۾ ته ناهي انهن جي لاءِ ڪا پناهه ملڻ جي جاءِ

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله سبحانه وتعاليٰ بيان فرمايو ته جڏهن مومن ان ڏانهن رجوع ڪندا آهن ته اهو سندن رجوع قبول ڪندو آهي ۽ هتي ٻڌائي ٿو اهو انهن کي اهي جيترو گهرن اوترو ڪشادو رزق نه ڏيندو آهي. فرمان ايزدي آهي "وَلَوْ بَسَطَ اللّٰهُ الرِّزْقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوْا فِى الْاَرْضِ وَلٰكِنْ يُّنَزِّلُ بِقَدَرٍ مَّا يَشَآءُ" ۽ جيڪڏهن الله پنهنجن ٻانهن جي لاءِ رزق ڪشادو ڪري ها ته زمين ۾ بغاوت ڪن ها ۽ پر جيڪي گهرندو آهي اندازي سان لاهيندو آهي . يعني جيڪڏهن الله عزوجل هرهڪ ٻانهي کي دولت گهڻي ڏي ها ته اهي زمين ۾ سرڪشي ۽ بغاوت ڪري سمورو نظام درهم برهم ڪري ڇڏين ها فسق ۽ فجور جي بازار گرم ٿئي ها ۽ ساري زمين ۾ فتني ۽ فساد جا شعلا ٻرن ها پر الله عزوجل جو هي خاص احسان آهي جنهن هر ٻانهي کي انداز ۽ مقدار سان رزق ڏئي ڪنهن کي زميندار ته ڪنهن کي هاري، ڪنهن کي حاڪم ته ڪنهن کي محڪوم رکيو آهي. "اِنَّهٗ بِعِبَادِهٖ خَبِيْرٌۢ بَصِيْرٌ" بلاشڪ اهو پنهنجن ٻانهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي. انهن جي چڱيءَ طرح خبر رکندڙ آهي ۽ انهن کي ڏسندڙ به آهي ان کي سڀ علم آهي ته ڪنهن جي لاءِ رزق وڌائڻ فائديمند آهي ۽ ڪنهن جي لاءِ مسڪيني ۽ تنگدستي مفيد آهي " وَهُوَ الَّذِىْ يُنَزِّلُ الْغَيْثَ مِنْۢ بَعْدِ مَا قَنَطُوْا وَيَنْشُرُ رَحْمَتَهٗ ۭ وَهُوَ الْوَلِيُّ الْحَمِيْدُ" ۽ اهوئي آهي جو جڏهن اهي نااميد ٿيندا آهن ته مينهن وسائيندو آهي ۽ پنهنجي رحمت پکيڙيندو آهي ۽ اهوئي ڪارساز، ساراهيل آهي يعني جڏهن ماڻهو برسات وسڻ کان نااميد ٿيندا، آسرو لاهي وهندا آهن تڏهن الله جل جلاله ئي مٿن مينهن وسائي کين مايوسيءَ مان ڪڍندو ۽ پنهنجي رحمت پوري علائقي ۾ پکيڙي عام ۽ جام ڪندو آهي ۽ اهوئي ڪارساز آهي جيڪو پنهنجن ٻانهن تي احسان ڪري انهن جا ڪم ناهيندو آهي ۽ انهن رحمتن ۽ مهربانين ڪرڻ جي ڪري اهوئي ساراهيل آهي اهوئي حمد جو لائق آهي" ١" " وَمِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَثَّ فِيْهِمَا مِنْ دَآبَّةٍ ۭ وَهُوَ عَلٰى جَمْعِهِمْ اِذَا يَشَآءُ قَدِيْرٌ" ۽ ان جي نشانين مان آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ ۽ جيڪي چرندڙ انهن ۾ پکيڙيا اٿس ۽ اهو جڏهن به گهري انهن جي گڏ ڪرڻ تي قادر آهي. يعني ان

(١) المراغي صن ٤٦ جز٠ ٢٥ جلد ٩

جي عظيم قدرت تي دلالت ڪندڙ ڳالهين مان هي بہ آهي تہ ان هيترا وڏا آسمان ۽ ڪشادي زمين بہ پيدا ڪئي آهي ۽ انهن جو ايڏي وسعت آهر اهڙي مضبوطي سان بيهڻ سندس عظيم حڪمت تي دلالت ڪندڙ آهي جنهن مان واضح ٿئي ٿو تہ اهوئي سچو ۽ حقيقي معبود آهي ۽ جڏهن اهي سڀ ان جي قدرت جا ثبوت اکين سان ڏسو ٿا تہ هيءَ ڳالهہ بہ دل سان تسليم ڪيو تہ اهو جڏهن سيني کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻ گهرندو تہ قادر آهي گڏ ڪري سگهي ٿو. " وَمَآ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ " ۽ جيڪا بہ مصيبت اوهان کي پهتي آهي اها اوهان جي هٿن جي ڪمائيءَ جي ڪري آهي ۽ گهڻو معاف ٿو ڪري. يعني اوهان کي اوهان جي جسم ۾، مال ۽ اولاد ۾ ۽ اوهان جي پيارن عزيزن وغيرهم ۾ جيڪا تڪليف پهچي ٿي اها اوهان جي ئي ڪمائيءَ جي سزا آهي ۽ الله گهڻيون برايون تہ معاف ٿو فرمائي جيڪڏهن سيني جي سزا ڏي تہ اوهان جو حال الاءِ ڪيئن ٿي وڃي " وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ فِى الْاَرْضِ وَمَالَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ " ۽ اوهان زمين ۾ عاجز ڪندڙ ناهيو ۽ اوهان جو الله کان سواءِ ڪو ڪارساز ۽ مددگار ناهي. يعني اوهان الله جل مجده جي قدرت ۽ قوت کي عاجز ڪندڙ ناهيو جو ان کان ڀڄي ويندؤ ۽ الله کان سواءِ ٻيو ڪو اوهان جو نہ حقيقي ڪارساز آهي نہ حقيقي مددگار آهي. "وَمِنْ اٰيٰتِهِ الْجَوَارِ فِى الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ " ۽ ان جي نشانين مان سمنڊ ۾ جبلن وانگر هلندڙ ٻيڙيون آهن.

يعني الله جل وعلا جي رحمت ۽ ٻانهن تي عنايت جي نشانين مان هي بہ آهي جو ان سندن سهوليت جي لاءِ سمنڊ ۾ جبلن جيڏا وڏا ٻيڙا، لانچون وغيره هلايا آهن، " اِنْ يَّشَاْ يُسْكِنِ الرِّيْحَ فَيَظْلَلْنَ رَوَاكِدَ عَلٰى ظَهْرِهٖ " جيڪڏهن گهري تہ واءُ کي بند ڪري ڇڏي پوءِ اهي ان جي پٺيءَ تي بيٺا رهن. مطلب تہ اهي ٻيڙا، لانچون وغيره قدرتي هوا سان هلندا آهن جيڪڏهن الله عز اسمه هوا کي بند ڪري ڇڏي تہ ٻيڙا وغيره سمنڊ جي پاڻيءَ جي مٿان بيهي وڃن. هلي نہ سگهن " اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ " بلاشڪ ان ۾ هر صبر ڪندڙ، شُڪر ڪندڙ جي لاءِ نشانيون آهن يعني جيڪي ماڻهو نفس جي تڪليف، عبادت ۾ پيش اچڻ واري محنت ۽

مشقت تي گهڻو صبر ڪندڙ، خوشحاليءَ ۽ نعمتن ۾ رب ڪريم جو گهڻو شڪر ڪندڙ آهن انهن جي لاءِ انهن ڳالهين ۾ قادر جي قدرت جون ڪئين نشانيون آهن.

"اَوْيُوْبِقْهُنَّ بِمَا كَسَبُوْا وَيَعْفُ عَنْ كَثِيْرٍ" ياڪين سندن ڪمائيءَ جي ڪري هلاڪ ڪري ڇڏي ۽ گهڻو معاف ٿو فرمائي. مطلب ته الله جل مجده مرضيءَ وارو آهي هوائون روڪي ٻيڙا ٻوڙي ماڻهن کي سندن ئي ڪيلن ڪمن جي ڪري هلاڪ ڪري ته به ڪري سگهي ٿو پر اهو مهربان آهي جو سندن گهڻا گناهه معاف فرمائي ٿو. "وَّيَعْلَمَ الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْ اٰيٰتِنَا مَالَهُمْ مِّنْ مَّحِيْصٍ" ۽ جيڪي اسان جي آيتن (جي باري) ۾ جهيڙو ڪن ٿا ڄاڻن ته انهن جي لاءِ ڪا پناهه ملڻ جي جاءِ ناهي مطلب ته جيڪي اسان جي آيتن کي ڪوڙو چوندي جهيڙو، بحث وغيره ڪن ٿا جيڪڏهن هوائون روڪي ٻيڙا هڪ جاءِ تي سمنڊ جي پاڻيءَ جي مٿان بيهاري ڇڏجن ته انهن کي به اهو علم اچي ويندو ته انهن جي لاءِ ڪٿي به ۽ ڪابه پناهه ملڻ جي جاءِ نه رهي آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن نشين ٿين ٿا.

١: " وَلَوْ بَسَطَ اللّٰهُ الرِّزْقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوْا فِى الْاَرْضِ" (۽ جيڪڏهن الله (سيني) ٻانهن جي لاءِ زمين ۾ رزق ڪشادو ڪري ها ته البت زمين ۾ فساد ڪن ها) مان معلوم ٿيو رزق، روزيءَ ۾ ماڻهن کي هڪ جهڙي نه رکڻ ۾ به باري تعالىٰ جون هن جهان جي نظام کي هلائڻ لاءِ ڪئين حڪمتون آهن. نه صرف رزق ۾ پر ٻين نعمتن ۾ سڀ هڪ جهڙا ناهن ڪو حسن وارو آهي ته ڪو صورت جو ڪوجهو آهي ڪو صحتمند آهي ته ڪو بيمار آهي وغيره وغيره. ٢: "وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ" (۽ گهڻا معاف ٿو فرمائي) مان معلوم ٿيو ته مالڪ مٺو اسان جا گهڻا گناهه معاف ڪري اسان کي انهن جي سزا نه ڏيندو آهي. ترمذي ۽ ٻين محدثن حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ان فرمايو ته: ڇا مان اوهان کي الله جي ڪتاب ۾ پلي آيت جي خبر نه ڏيان جنهن جي اسان کي رسول الله صلى الله عليه وسلم ڳالهه ٻڌائي هئي پاڻ " وَمَا اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ" جي متعلق فرمايائون ته اها پلي آيت آهي اي علي! مان توکي ان جو بيان ٻڌايان ٿو ته: اوهان

کي جيڪا بيماري، عذاب ۽ مصيبت دنيا ۾ پهچندي آهي اها اوهان جي ڪردار جي ڪري هوندي آهي ۽ الله ان کان وڌيڪ ڪريم آهي جو اوهان کي آخرت ۾ وري عذاب ڪري ۽ جيڪي الله دنيا ۾ اوهان کي معاف فرمايو اهو ان کان وڌيڪ ڪريم آهي جو اوهان کي معاف ڪرڻ کان پوءِ ورائي عذاب ڪري "١".

فَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَمَا عِنْدَاللّٰهِ خَيْرٌ

۽ جيڪا ڏنا ويا آهيو ڪا شيءِ پوءِ دنيا جي حياتيءَ جو سامان آهي ۽ جيڪو الله وٽ آهي ڀلو

وَّاَبْقٰى لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ (٣٦) وَالَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ

۽ بقا وارو آهي انهن جي لاءِ جن ايمان آندو آهي ۽ پنهنجي رب تي توڪل ڪن ٿا ۽ جيڪي بچن ٿا

كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ وَاِذَا مَا غَضِبُوْا هُمْ يَغْفِرُوْنَ (٣٧)

وڏن گناهن کان ۽ بي حيائين کان ۽ جڏهن ڪاوڙجن ٿا تہ اهي بخش ڪن ٿا

وَالَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمْ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاَمْرُهُمْ شُوْرٰى بَيْنَهُمْ

۽ جن حڪم مڃيو پنهنجي رب جو ۽ قائم ڪيائون نماز ۽ انهن جو امر صلاح سان آهي انهن ۾

وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ (٣٨) وَالَّذِيْنَ اِذَآ اَصَابَهُمُ الْبَغْيُ

۽ ان مان جو رزق ڏنوسون انهن کي خرچ ڪن ٿا ۽ اهي جو جڏهن پهتي انهن کي زيادتي تہ

هُمْ يَنْتَصِرُوْنَ (٣٩) وَجَزٰٓؤُا سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ مِّثْلُهَا فَمَنْ عَفَا

اهي بدلو وٺن ٿا ۽ بدلو برائيءَ جو برائي آهي ان جي مثال پوءِ جنهن معاف ڪيو

وَاَصْلَحَ فَاَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ (٤٠)

۽ اصلاح ڪيائين پوءِ ان جو اجر الله وٽ آهي بلاشڪ اهو نہ ٿو محبت رکي ظالمن سان

(١) المراغي صہ ٣٨ جزء ٢٥ جلد ٩

وَلَمَنِ انْتَصَرَ بَعْدَ ظُلْمِهٖ فَاُولٰٓئِكَ مَا عَلَيْهِمْ مِّنْ سَبِيْلٍ ؕ (۴۱)

۽ البت جنهن بدلو ورتو مظلوم هجڻ کان پوءِ اهي ناهي انهن تي ڪا واٽ

اِنَّمَا السَّبِيْلُ عَلَى الَّذِيْنَ يَظْلِمُوْنَ النَّاسَ وَيَبْغُوْنَ فِى الْاَرْضِ

تحقيق واٽ انهن تي آهي جيڪي ظلم ڪن ٿا ماڻهن تي ۽ زيادتي ڪن ٿا زمين ۾

بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ (۴۲) وَلَمَنْ صَبَرَ وَ

ناحق اهي انهن جي لاءِ عذاب دردناڪ آهي ۽ البت جنهن صبر ڪيو ۽

غَفَرَ اِنَّ ذٰلِكَ لَمِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ۧ (۴۳) ع ۴ ۱۴ ۵

بخش ڪيو بيشڪ اهو البت همت وارن ڪمن مان آهي.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ ۽ سمنڊن ۾ ٻيڙن ۽ لاچن هلائڻ جي ذڪر سان الله عزاسمه جي توحيد، قدرت جي عظمت ۽ سلطنت جو ذڪر ڪيو ويو ۽ هنن آيتن ۾ مٿين دليلن تي غور ڪري دنيا ڏانهن بي رغبتي ۽ خالق جي محبت ڏانهن متوجه ڪيو ويو آهي. فرمان اقدس آهي " فَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ " پوءِ اوهان جيڪا بہ شيءِ ڏنا ويا آهيو اها دنيوي حياتيءَ جوسامان آهي يعني شاهوڪاري ، رزق، مال ۽ اولاد ۾ وسعت دنيا جي حياتيءَ جو نهايت ٿورڙو ۽ فاني سامان آهي جنهن سان اوهان ٿورڙي مدت نفعو وٺندؤ پوءِ نہ اوهان رهندؤ نہ اهو سامان رهندو. " وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى " ۽ جيڪو الله وٽ آهي ڀلو ۽ بقا وارو آهي. يعني الله عزوجل وٽ جيڪي ثواب ۽ نعمتون آهن اهي دنيوي حياتيءَ جي شين کان ڀليون بقاواريون ۽ سرمدي آهن اتي ڪابہ ختم ٿيڻ واري نعمت نہ هوندي " لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ۚ " انهن جي لاءِ جن ايمان آندو ۽ پنهنجي رب تي توڪل ڪن ٿا. يعني جن الله جل مجده ۽ ان جي پيارن پيغمبرن تي ايمان آندو ۽ پنهنجي

پالڻهار، محسن ۽ مهربان تي توڪل رکن ٿا پنهنجا ڪم ان جي حوالي ڪن ٿا ۽ ان جي غير تي حقيقي اعتماد نہ ٿا رکن. " وَالَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ " ۽ جيڪي وڏن گناهن ۽ بيحيائين کان بچن ٿا مقصد تہ وڏن گناهن جيئن قتل، زنا، چوري وغيره ۽ فواحش، اهي قول ۽ فعل جن کان شريعت روڪي ٿي ۽ عقل ۽ سليم طبع بہ انهن کان متنفر آهن هي انهن کان پري رهن ٿا. " وَاِذَا مَا غَضِبُوْا هُمْ يَغْفِرُوْنَ ۚ " ۽ جڏهن ڪاوڙجن ٿا تہ اهي بخش ڪن ٿا. مطلب تہ ڪاوڙ ڪائڻ، عفو و درگذر ڪرڻ سندن شيوو آهي "وَالَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمْ " ۽ جن پنهنجي رب جي حڪم ڪي قبول ڪيو. يعني جنهن ڪم جي لاءِ الله جل مجده، انهن کي سڏي ٿو تہ جيءُ جيءُ چئي قبول ڪري عمل ڪن ٿا. " وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ۠ " ۽ نماز قائم ڪن ٿا يعني اللهجل شانه جي طرفان فرض ڪيل نمازون پنهنجي پنهنجي وقت تي نهايت ڪامل نموني ادا ڪن ٿا ۽ هتي نماز کي خصوصي طور ٻين فرضن کان سواءِ ان جي ڪري ذڪرڪيوويوآهي آن. جو تزڪيہ نفس ۽ تصفيہ قلوب ۾ ۽ ظاهري، باطني براين کان روڪڻ ۾ وڏو تاثير آهي. " ١ " " وَاَمْرُهُمْ شُوْرٰى بَيْنَهُمْ ۠ " ۽ سندن ڪم پاڻ ۾ صلاح سان هوندو آهي. " شُوْرٰى " بشرىٰ جي وزن تي مصدر آهي ان جي اڳيان " ذو " لفظ مقدر آهي مراد هيءَ آهي تہ جن اهم ڪمن ۾ شريعت جو ڪو خاص مقرر حڪم ناهي ان کي طي ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي سان مشوري ڪان ڪم وٺندا آهن اهم جو قيد خود امر جي لفظ مان مستفاد آهي ڇوتہ عرف ۾ امر اهڙي ڪم کي چئبو آهي جنهن جي اهميت هجي ۽ ان اهم امور ۾ مملڪت ۽ حڪومت جا ڪم بہ داخل آهن تہ عام اهم معاملا بہ- علامہ ابن ڪثير لکيو آهي تہ مملڪت جي اهم امور ۾ مشورو ڪرڻ واجب آهي اسلام امير جو انتخاب مشوري تي موقوف ڪري جاهليت واري دور جي شخصي بادشاهين کي ختم ڪيو آهي" ٢ "" وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ۚ " ۽ ان مان جيڪو اسان انهن کي رزق ڏنو آهي خرچ ڪن ٿا - يعني الله عزوجل جي عطا ڪيل روزيءَ مان ان جي واٽ ۾ خرچ ڪن ٿا. " وَالَّذِيْنَ اِذَآ اَصَابَهُمُ الْبَغْيُ هُمْ يَنْتَصِرُوْنَ " ۽ اهي جو جڏهن انهن کي زيادتي پهچي ٿي تہ بدلو وٺن ٿا. يعني جيڪڏهن ڪو ظالم انهن سان ظلم ڪري ٿو تہ ان جي اڳيان جهڪڻ

(١) المراغي صہ ٥٢ جزء ٢٥ جلد ٨ (٢) معارف القرآن صہ ٧٠٥ جلد ٧

جي بجاءِ ان سان مڙس ٿي مقابلو ڪري ان ڪان ان ظلم جو بدلو وٺن ٿا اهي پسند نہ ٿا ڪن تہ پاڻ کي ايترو ذليل رکن جو فاسق ۽ فاجر مٿن زيادتيون ڪندا رهن ۽ هي ماٺ ۾ هجن " وَجَزٰٓؤُا سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ مِّثْلُهَا فَمَنْ عَفَا وَاَصْلَحَ فَاَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ " ۽ برائي جو بدلو ان جهڙي برائي آهي پوءِ جنهن معاف ڪيو ۽ اصلاح ڪيو تہ پوءِ ان جو اجر الله تي آهي. يعني ظالم ڪان بدلي وٺڻ ۾ ايتري زيادتي نہ ڪجي جو مظلوم خود ظالم بنجي پر جيتري هُن برائي ڪئي آهي اوتري ان سان بہ ڪجي تہ گناهہ ناهي پر جيڪو ان کي معاف ڪري اصلاح ڪندو تہ ان جو اجر الله عزوجل جي ذمي آهي اهو ڪيس ان جو اجر عطا ڪرڻ فرمائيندو. " اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ" بلاشڪ اهو ظالمن سان محبت نہ ٿو رکي. جيڪو ماڻهو بي رحم ٿي الله جل وعلا جي مخلوق تي ظلم ڪري ٿو الله عزوجل ان سان محبت نہ ٿو رکي " وَلَمَنِ انْتَصَرَ بَعْدَ ظُلْمِهٖ فَاُولٰٓئِكَ مَا عَلَيْهِمْ مِّنْ سَبِيْلٍ " ۽ جنهن ظلم ٿيڻ ڪان پوءِ پلاند ورتو انهن تي ڪا بہ واٽ ناهي. بعضي ماڻهو ضرورت ڪان وڌيڪ امن پسند هوندا آهن مظلوم جيڪڏهن ظالم جي ظلم واري هٿ کي ڪٽڻ جي لاءِ تلوار مياڻ مان ڪڍندو آهي تہ اهي شور مچائڻ شروع ڪندا آهن ۽ جوابي ڪاروائي تي ان جي ملامت ڪندا آهن حقيقت ۾ اهڙن ئي ماڻهن جي ڪري ظالم جو حوصلو وڌندو آهي ۽ اهو دل کولي ماڻهن تي ظلم ڪندور هندو آهي قرآن ڪريم جو اهو فيصلو ناهي قرآن پاڪ صاف اعلان ڪري رهيوآهي تہ ظالم ڪان بدلي وٺڻ جي لاءِ جيڪڏهن مظلوم اعتدال جي حد ۾ رهندي جيڪا ڪاروائي ڪندو ان تي ڪنهن بہ قسم جي ڪا ملامت نہ هوندي. " اِنَّمَا السَّبِيْلُ عَلَى الَّذِيْنَ يَظْلِمُوْنَ النَّاسَ وَيَبْغُوْنَ فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ " واٽ تہ صرف انهن تي آهي جيڪي ماڻهن سان ظلم ڪن ٿا ۽ زمين ۾ ناحق زيادتي ڪن ٿا يعني الاهي عذاب ۽ دنيوي سزا جي لاءِ واٽ ۽ رستو تہ انهن تي کليل آهي جيڪي شروعات ظلم سان ڪري زمين ۾ ناحق زيادتي ۽ فساد برپا ڪن ٿا " اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ " اهي انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي يعني ظلم ۽ ناحق زيادتي جي ڪري اهي خوش نہ ٿين انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب تيار آهي " وَلَمَنْ صَبَرَ وَغَفَرَ اِنَّ ذٰلِكَ لَمِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ " ۽ البت جنهن صبر ڪيو ۽ معاف ڪيو

تہ بلاشڪ اهو وڏي همت وارن ڪمن مان آهي. جنهن ڪم جي ڪرڻ جو دل ۾ پڪو ارادو هوندو آهي ان کي عزم سڏبو آهي. علامه حقي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: صبر ۽ مغفرت اهڙن امرن مان آهن جن کي پانهو پنهنجي لاءِ ضروري سمجهي ڇوتہ الله جلت صفاته وٽ گهڻو پسند ڪيل آهن. "١" ۽ ان صفتن سان موصوفن مان مراد حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر، حضرت عثمان، حضرت علي، حضرت ابو عبيده بن الجراح، مصعب بن عمير ۽ سيئي بدرجي جنگ ۾ اچڻ وارا اصحابي آهن رضوان الله‌عليهم اجمعين. "٢"

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ملن ٿا.

١: " وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ" (۽ پنهنجي رب تي توڪل ڪن ٿا) سيدنا علي المرتضیٰ رضي الله عنه فرمايو تہ: جڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه سمورومال الله عزوجل جي واٽ ۾ صدقو ڪيو تہ ماڻهن ڪيس ملامت ڪندي چيو ائين ڇوڪيئي؟ تڏهن هيءَ آيت نازل ٿي "٣" ۽ ثابت ٿيو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه نهايت متوڪل ۽ متقي شخصيت آهن - علامه مفتي احمد يارخان نعيمي عليه الرحمة جن هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه قرآن ڪريم جي ارشادات "وَلَا يَاْتَلِ اُولُوا الْفَضْلِ" ۽ " وَسَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقٰى" جي روشنيءَ ۾ انبياء عظام عليهم الصلوٰة والسلام کان پوءِ سڀني کان افضل آهي جيئن الله عزاسمه جي توحيد ۽ حضور عليه الصلوٰة والسلام جي نبوت تي ايمان آڻڻ ضروري آهي تيئن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي افضل ۽ مومنن ۾ اعلم هجڻ تي ايمان آڻڻ بہ ضروري آهي اهي سڀ ڳالهيون قرآن ڪريم مان ثابت آهن. "٤"

"وَلَمَنِ انْتَصَرَ بَعْدَ ظُلْمِهٖ" (۽ جنهن ظلم ٿيڻ کان پوءِ بدلو ورتو) مان معلوم ٿيو تہ مظلوم جيڪڏهن ظالم کان پنهنجو پلاند وٺي تہ اهو مجرم ناهي مسلمان ان جي مدد ڪن. ها جن ظلمن جون سزائون حاڪم کي ڏيڻيون آهن جيئن قاتل کان قصاص وٺڻ يا زانيءَ کي سنگسار ڪرڻ اهي سزائون مظلوم پاڻ نہ ڏيندو. "٥"

(١) روح البيان صہ ٣٣٦ جلد ٨ (٢) القرطبي صہ ٤٣ جلد ١٦ (٣) روح البيان صہ ٣٢٦ (٤) نور العرفان صہ ٧٧٧ (٥) ساڳيو حوالو صہ ٧٧٨

وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ وَّلِيٍّ مِّنْۢ بَعْدِهٖ

۽ جنهن کي گمراهہ ڪري ٿو الله پوءِ ناهي ان جي لاءِ ڪو پرجهلو ان کان پوءِ

وَتَرَى الظّٰلِمِيْنَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ يَقُوْلُوْنَ هَلْ اِلٰى مَرَدٍّ مِّنْ

۽ ڏسندين تون ظالمن کي جڏهن ڏسندا عذاب چوندا ڇا موٽڻ ڏانهن ڪا

سَبِيْلٍ (٤٤) وَتَرٰىهُمْ يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا خٰشِعِيْنَ مِنَ الذُّلِّ

واٽ آهي؟ ۽ ڏسندين انهن کي پيش ڪيا ويندا ان تي عاجزي ڪندڙ خواريءَ کان

يَنْظُرُوْنَ مِنْ طَرْفٍ خَفِيٍّ ؕ وَقَالَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّ الْخٰسِرِيْنَ الَّذِيْنَ

ڏسندا اک لڪ واريءَ کان ۽ چوندا ايمان وارا بلاشڪ نقصان وارا اهي آهن

خَسِرُوْۤا اَنْفُسَهُمْ وَاَهْلِيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ

جن خساري ۾ وڌو سرن پنهنجن کي ۽ اهل پنهنجي کي قيامت جي ڏينهن خبردار بيشڪ

الظّٰلِمِيْنَ فِيْ عَذَابٍ مُّقِيْمٍ (٤٥) وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنْ اَوْلِيَآءَ

ظالم هميشه واري عذاب ۾ هوندا ۽ نہ هوندا انهن جي لاءِ ڪي پرجهلا

يَنْصُرُوْنَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ

جيڪي مدد ڪندا انهن جي الله کانسواءِ ۽ جنهن کي گمراهہ ڪري ٿو الله پوءِ ناهي ان جي لاءِ

مِنْ سَبِيْلٍ ؕ (٤٦) اِسْتَجِيْبُوْا لِرَبِّكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا مَرَدَّ

ڪا واٽ قبول ڪيو (حڪم) پنهنجي رب جو ان کان اڳي جو اچي اهو ڏينهن جو ناهي موٽڻ

لَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ مَا لَكُمْ مِّنْ مَّلْجَاٍ يَّوْمَئِذٍ

ان جي لاءِ الله جي طرفان ناهي اوهان جي لاءِ ڪا پناهه جي جاءِ ان ڏينهن

وَّمَا لَكُمْ مِّنْ نَّكِيْرٍ (۴۷) فَاِنْ اَعْرَضُوْا فَمَآ اَرْسَلْنٰكَ

۽ ناهي اوهان جي لاءِ ڪو انڪار پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيندا پوءِ نہ موڪليو سون توکي

عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ؕ اِنْ عَلَيْكَ اِلَّا الْبَلٰغُ ؕ وَاِنَّآ اِذَآ اَذَقْنَا الْاِنْسَانَ

انهن تي نگهبان ڪندڙ ناهي توتي مگر پيغام پهچائڻ ۽ بيشڪ اسان جڏهن چکائي انسان کي

مِنَّا رَحْمَةً فَرِحَ بِهَا ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ

پاڻ وٽان رحمت تہ خوش ٿيو ان سان ۽ جيڪڏهن پهچي ٿي انهن کي تڪليف ان سببان جو اڳي ڪري موڪليو

اَيْدِيْهِمْ فَاِنَّ الْاِنْسَانَ كَفُوْرٌ (۴۸) لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ

هٿن انهن جي پوءِ بيشڪ انسان بي شڪر آهي الله جي لاءِ آهي بادشاهي آسمانن

وَالْاَرْضِ ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّيَهَبُ

۽ زمين جي پيدا ڪري ٿو جيڪي گهري بخشي ٿو ڏي جنهن لاءِ گهري نياڻيون ۽ بخشي ٿو ڏي

لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ ۙ (۴۹) اَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَّاِنَاثًا ۚ وَيَجْعَلُ

جنهن لاءِ گهري پٽ يا جوڙا جوڙا ڪري ٿو ڏي پٽ ۽ ڌيئرون ۽ ڪري ٿو

مَنْ يَّشَآءُ عَقِيْمًا ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ (۵۰)

جنهن کي گهري سنڍ بيشڪ اهو ڄاڻندڙ، قادر آهي.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ظالمن ۽ زمين ۾ ناحق بغاوت ڪندڙن جي لاءِ دردناڪ عذاب جو ذڪر ڪيو ويو ۽ هتي انهن جي گمراهه هجڻ ۽ گمراهي جي ڪري عذاب ڏسڻ کان پوءِ دنيا تي موٽڻ جي سوچ جو بيان ٿي رهيو آهي فرمان الاهي آهي " وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ وَّلِيٍّ مِّنْۢ بَعْدِهٖ "۽ جنهن کي الله گمراهه ڪري ٿو ان کان پوءِ ان جي لاءِ ڪو پرجهلو ناهي. يعني الله عزوجل جي مشيت ۽ فيصلو نهايت اهم آهي جنهن جي غلط سوچ جي ڪري الله تبارڪ وتعالىٰ وتقدس ان کي سڌي واٽ نصيب نه ٿو ڪري ان جي لاءِ ان کان پوءِ ڪوبه پرجهلو ۽ حق ڏانهن رهنمائي ڪندڙ ناهي. "وَتَرَى الظّٰلِمِيْنَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ يَقُوْلُوْنَ هَلْ اِلٰى مَرَدٍّ مِّنْ سَبِيْلٍ " ۽ ظالمن کي ڏسندين جڏهن (اهي) عذاب ڏسندا ته چوندا ڇا موٽڻ لاءِ ڪا واٽ آهي. يعني الله جل جلاله جو انڪار ڪندڙ ڪافر جن پنهنجي مٿان ظلم ڪري پاڻ کي خداوندي غضب جي هيٺان آندو جڏهن پنهنجي لاءِ مقرر ڪيل عذاب ۽ سزا ڏسندا ته دنيا ڏانهن واپس ورڻ جي تمنا ڪري چوندا ته ڇا واپس موٽڻ جي لاءِ ڪا واٽ آهي؟ "وَتَرٰىهُمْ يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا خٰشِعِيْنَ مِنَ الذُّلِّ" ۽ انهن کي ڏسندين ذلت جي ڪري نهايت عاجزي ڪندڙ باهه جي اڳيان آندا ويندا. ان وقت ڪين ڪا عزت ۽ اهميت نه هوندي. " يَنْظُرُوْنَ مِنْ طَرْفٍ خَفِيٍّ " لڪل اک سان نهاريندا - يعني ان پڙڪندڙ باهه جي عذاب ڏانهن لڪ ۾ ۽ چوري چوري ۽ پيا نهاريندا جيئن ڪنهن کي قتل جي لاءِ پيش ڪيو وڃي ۽ اهو ڏيڍيءِ اک سان ان تلوار ڏانهن نهاريندو رهي جنهن سان ڪيس قتل ڪيو ويندو. "وَقَالَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ الْخٰسِرِيْنَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَاَهْلِيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ " ۽ ايمان وارا چوندا ته بلاشڪ نقصان وارا اهي آهن جن پنهنجن سرن ۽ پنهنجي اهل کي قيامت جي ڏينهن نقصان ۾ وڌو. مطلب ته مومن قيامت جي ڏينهن ڪافرن کي سخت عذاب جي حالت ۾ ڏسي چوندا ته وڏ ۾ وڏ نقصان وارا ڪافر آهن جيڪي پاڻ ۽ سندن اهل و عيال الاهي عذاب جي حوالي ٿي ويا. " اَلَآ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ فِيْ عَذَابٍ مُّقِيْمٍ " خبردار بلاشڪ ظالم هميشه واري عذاب ۾ هوندا . مطلب ته ڪين عارضي سزا نه ملندي دائمي عذاب ۾ هوندا جنهن مان ڪڏهن به

ٻاهر نڪري نہ سگهندا. " وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنْ اَوْلِيَآءَ يَنْصُرُوْ نَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ" ۽ انهن جي لاءِ ڪي پرجهلا نہ هوندا جيڪي الله کان سواءِ انهن جي مدد ڪن. يعني انهن تي آيل عذاب کان ڇڏائڻ جي لاءِ ڪير بہ مدد ڪندڙ نہ هوندا جيڪي ڪين الله جل جلاله ڪانسواءِ ان عذاب کان بچائي سگهن. " وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ سَبِيْلٍ" ۽ جنهن کي الله گمراه ڪري ته پوءِ ان جي لاءِ ڪا واٽ ناهي مطلب تہ جنهن جي طبعي شر، فساد، برائين ۽ بڇڙاين جي ڪري الله عزوجل ڪيس گمراهہ ڪري ته ان جي لاءِ ڪابہ نہ دنيا ۾ حق تي هلڻ جي واٽ هوندي آهي نہ قيامت ۾ جنت ڏانهن وڃڻ جو ڪو رستو ڪليل رهندو آهي "اِسْتَجِيْبُوْا لِرَبِّكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ" پنهنجي رب جي حڪم کي ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳي قبول ڪيو جيڪو الله جي طرفان ٽرڻ وارو ناهي يعني جنهن قيامت جي ڏينهن اچڻ جو الله عزوجل فيصلو ڪيو آهي ان جي اچڻ کان اڳي اوهان الله عزوجل جي حڪم کي قبول ڪري ايمان بہ آڻيو تہ سندس پياري رسول عليه الصلوٰة والسلام کي مڃي ان جي اتباع بہ ڪيو. مَالَكُمْ مِّنْ مَّلْجَاٍ يَّوْمَئِذٍ وَّمَالَكُمْ مِّنْ نَّكِيْرٍ " ناهي اوهان جي لاءِ ان ڏينهن ڪا پناهہ جي جاءِ ۽ نہ اوهان مان ڪو انڪار ڪرڻ وارو هوندو. مطلب تہ اي ڪافرؤ! قيامت جي ڏينهن اوهان کي نہ ڪا پناهہ وٺڻ جي جاءِ ملندي ۽ نہ اوهان پنهنجي ڪفر، شرڪ ۽ گناهن جو انڪار ڪري سگهندؤ ڇوتہ اهي اوهان جي اعمالنامن ۾ لکيل هوندا ۽ اوهان جا هٿ پير بہ اوهان جي مٿان شاهدي ڏيندا. "فَاِنْ اَعْرَضُوْا فَمَا اَرْسَلْنَاكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا" پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيندا تہ پوءِ اسان توکي انهن تي نگهبان ڪري نہ موڪليو آهي يعني جيڪڏهن اوهان جي دعوت کي قبول نہ ٿا ڪن. منهن موڙي ٿا وهن تہ اوهان کو فڪر نہ ڪيو ڇوتہ اوهان انهن جي مٿان نگراني ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيل ناهيو اوهان تہ صرف ڪين سڌي واٽ ڏسيندڙ آهيو. "اِنْ عَلَيْكَ اِلَّا الْبَلَاغُ" اوهان تي تہ صرف پيغام پهچائڻو آهي يعني اوهان تي الله عزوجل جي پيغام پهچائڻ جي ذميداري آهي جيڪا اوهان نهايت سهڻي نموني سان ادا ڪري رهيا آهيو " وَاِنَّآ اِذَآ اَذَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنَّا رَحْمَةً فَرِحَ بِهَا" ۽ بلاشڪ اسان جڏهن انسان کي پاڻ وٽان رحمت چکائيندا آهيون تہ ان تي خوش

ٿيندو آهي. يعني ان کي صحت شاهوڪاري ۽ امن جهڙين نعمتن سان نوازيندا آهيون ته ان تي خوش ٿيندو آهي. مفسر ڪاشفيءَ فرمايو ته! دنيوي نعمت ڪٿي ڪيتري به وڏي هجي اها آخرت جي نسبت سان ائين آهي جيئن سمنڊ مان ڪوڦڙو هجي ان جي ڪري ان کي اذاقة (چکڻ) سڏيو ويوآهي " وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ فَاِنَّ الْاِنْسَانَ كَفُوْرٌ " ۽ جيڪڏهن انهن کي ان جي ڪري جيڪو سندن هٿن اڳتي لاءِ ڪري موڪليو تڪليف پهچي ٿي ته پوءِ بلاشڪ انسان بي شڪر آهي: هتي انسان جي ڪم همتيءَ ڪريل طبيعت جوذڪر ٿي رهيو آهي ته اهو عجيب قسم جي طبيعت جو صاحب آهي جيڪڏهن ڪيس ڪا نعمت ملي ته گل وانگر ٽڙي ٿو پوي ۽ جيڪڏهن ڪيس سندس ئي برن عقيدن ۽ بڇڙن عملن جي ڪري سزا ملي ٿي ته بي شڪر بنجي الله عزوجل جي سڀني نعمتن جو بي شڪر بنجي ٿو " لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ " ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي الله جي آهي جڪي گهري ٿو پيدا ڪري ٿو. مطلب ته آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي به ان جي آهي ته تصرف به ان جوهلي ٿو جيڪي گهري ٿو پيدا ڪري ٿو. ڪنهن جو پانهن کي علم آهي ته ڪنهن جي ڪين ڪا خبر به نه آهي ته ڇا پيدا ٿئي پيو ڇا ٿيندو. " يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّيَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ اَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَّاِنَاثًا " جنهن کي گهري ٿو نياڻيون ڏي ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو پٽ ڏي ٿو يا ڪين پٽ ۽ نياڻيون گڏي ڏي ٿو. مطلب ته پٽ يا نياڻيون ڏيڻ ان جو شان آهي جيڪي پيدا ڪري جنهن کي جو گهري عطا ڪري مرضيءَ جومالڪ آهي. " وَيَجْعَلُ مَنْ يَّشَآءُ عَقِيْمًا اِنَّهٗ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ " ۽ جنهن کي گهري سنڍ بنائي بلاشڪ اهو ڄاڻندڙ. قادر آهي. مطلب ته اهو پنهنجي حڪمت سان هر هڪ کي هلائي ٿو ڪنهن کي بي اولاد رکي ته به ان جي مرضي آهي بلاشڪ اهو علم وارو، قدرت رکندڙ آهي جيڪي مناسب سمجهي ٿو اهو ڪري ٿو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

١: " فَمَا لَهٗ مِنْ وَّلِيٍّ مِّنْ بَعْدِهٖ " (پوءِ ان جي لاءِ ان کان پوءِ ڪوبه (الله جي مقابلي ۾) مددگار نه هوندو) هن مان معلوم ٿيو ته گمراه، بدعقيدي جو ڪو مددگار نه هوندو پر الله عزوجل جي سچن مومن، مخلص پانهن جا قيامت جي

ڏينهن ڪيترا مددگار هوندا (باذن الله تعالىٰ) ٢: " وَمَنْ يُّضْلِلِ اللهُ" (۽ جنهن کي الله گمراهہ ٿو ڪري) مان واضح ٿيو تہ الله جل جلاله پانهي جي بدڪارين ۽ براين جي ڪري ان ۾ گمراهي پيدا ڪري ٿو جيئن ڪنهن جانور کي ڪهڻ جي ڪري ان ۾ موت پيدا ڪري ٿو اهومطلب ناهي تہ الله جل شانه ان کي اول کان گمراهہ ڪري ٿو ۽ وري ان کي گمراهي جي سزا بہ ڏي ٿو. ٣: " يَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّيَهَبُ لِمَنْ يَّشَآءُ الذُّكُوْرَ (جنهن کي گهري تہ نياڻيون ڏي ۽ جنهن کي گهري ٿو پٽ ڏي ٿو) مان واضح ٿيو تہ پٽ يا نياڻيون ڏيڻ وارو الله تعالىٰ آهي پر ڪي ڪي ماڻهو بزرگن ڏانهن نسبت ڪري چوندا آهن فلاڻي بزرگ مون کي پٽ ڏنو ان مان مراد آهي تہ ان جي دعا سان الله عزوجل پٽ ڏنو. ان طرح چوڻ واري کان وضاحت طلب ڪبي تہ ائين ئي چوندو. هرويرو ان کي ڪافر چوڻ کان احتياط ڪجي.

وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّكَلِّمَهُ اللهُ اِلَّا وَحْيًا اَوْمِنْ

۽ ناهي ڪنهن انسان جي لاءِ هي تہ ڳالهائي ان سان الله مگر الهام سان

وَّرَآئِ حِجَابٍ اَوْيُرْسِلَ رَسُوْلًا فَيُوْحِيَ بِاِذْنِهٖ مَا

يا پردي جي پويان يا موڪلي ڪو قاصد پوءِ وحي موڪلي ٿو پنهنجي اذن سان جيڪو

يَشَآءُ اِنَّهٗ عَلِيٌّ حَكِيْمٌ (٥١) وَكَذٰلِكَ اَوْحَيْنَآ

گهري بلاشڪ اهو مٿاهون حڪمت وارو آهي ۽ اهڙي طرح وحي موڪليو اسان

اِلَيْكَ رُوْحًا مِّنْ اَمْرِنَا مَا كُنْتَ تَدْرِيْ مَا الْكِتٰبُ

توڏانهن روح پنهنجي امر مان نہ ٿي (عقل سان) سمجهيو تو تہ ڇا آهي ڪتاب

وَلَا الْاِيْمَانُ وَلٰكِنْ جَعَلْنٰهُ نُوْرًا نَّهْدِيْ بِهٖ

۽ نہ شرعي احڪام جو تفصيل ۽ پرڪيو اسان ان کي نور هدايت ڪيون ٿا اسين ان سان

مَنْ نَّشَآءُ مِنْ عِبَادِنَا ؕ وَاِنَّكَ لَتَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ

جنهن کي گهرون پنهنجن ٻانهن مان ۽ بلاشڪ تون البت هدايت ڪرين ٿو واٽ

مُّسْتَقِيْمٍ ۙ (۵۲) صِرَاطِ اللّٰهِ الَّذِيْ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ

سڌيءَ ڏانهن الله جي واٽ جنهن جي ملڪيت آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي

وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ اَلَآ اِلَى اللّٰهِ تَصِيْرُ الْاُمُوْرُ ع (۵۳)

۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي خبردار الله ڏانهن ٿا موٽن امر

۵ع ۲

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ٻانهن کي جسماني نعمتن جي ڏيڻ جو بيان هو ۽ هتي ڪين الله عزوجل جي طرفان روحاني نعمتن جي عطا ڪرڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّكَلِّمَهُ اللّٰهُ اِلَّا وَحْيًا اَوْ مِنْ وَّرَآئِ حِجَابٍ اَوْ يُرْسِلَ رَسُوْلًا فَيُوْحِيَ بِاِذْنِهٖ مَا يَشَآءُ" ۽ ڪنهن بہ بشر جي لاءِ مناسب ناهي جو ان سان الله ڳالهائي مگر وحي جي ذريعي يا پردي ڪان پويان يا قاصد موڪلي پوءِ اهو ان جي اذن سان جيڪي اهو گهري وحي ڪري. الله جل وعلا هتي بيان ڪيو آهي تہ ماڻهوهتي پنهنجي رب پاڪ سان سڌوسنئون ڳالهائي نہ سگهندا ڇوتہ ماده جي جهان ۾ آهن ۽ الله عزاسمہ ان ڪان هر طرح پاڪ آهي پر جنهن جا حجاب سنها ٿي ويا ۽ (دنيوي تعلقات ڪان) ان جو نفس آزاد ٿي ويو ۽ ان جي لاءِ ملا اعلیٰ سان اتصال آسان ٿيو اهو ٽن طريقن مان هڪ طريقي سان ڳالهائڻ جو شرف حاصل ڪري سگهي ٿو. ۱:- اهڙيون معنائون محسوس ڪري جيڪي سندس قلب ۾ القاء ڪيون وڃن يا خواب ۾ احڪام حاصل ڪري جيئن حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام کي پٽ جي قربان ڪرڻ جو حڪم ٿيو هو. ۲:- پردي ڪان پويان ڳالهائڻ ٻڌي جيئن حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام جن ٻڌو هو پر ڳالهائيندڙ جي ديدار جي دولت حاصل نہ ڪيائون. ۳:- الله جل وعلا ان ڏانهن ملائڪ کي

قاصد بنائي موڪلي پوءِ اهو ملائڪ الله جي طرفان عطا ڪيل احڪام ان تائين پهچائي. مطلب هي ٿيو تہ ڪو بہ بشر پنهنجي عنصري وجود ۾ ان ۾ موجود قوتن جي اعتبار سان اها طاقت نہ ٿو رکي جو هن دنيا ۾ الله جل شانه سان ان جي سامهون اچي مشافهةً ڳالهائي ۽ برداشت ڪري سگهي ان جو عُلو ۽ بي مثال هجڻ ان کان مانع آهي پر سندس حڪمت جي تقاضا آهي تہ مذڪوره ٽن طريقن مان هڪ طريقي سان انبياء ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام تائين پنهنجا احڪام ۽ فرمان پهچائي ۽ ان ئي ڪرم نوازيءَ جي تجليءَ سان ڪڏهن ڪڏهن اولياء عظام تي بہ الهام جا دروازا کوليا ويندا آهن پر انبياء ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جي لاءِ اهي آيل احڪام قطعي ۽ يقيني آهن ۽ اولياء کي ٿيل الهام ظني دليل هوندو آهي.

شان نزول:

مفسرن سڀورن لکيو آهي تہ يهودين حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جي خدمت عاليه ۾ حاضر ٿي چيو تہ: جيئن حضرت موسیٰ (علیٰ نبنا وعليه الصلوٰة والسلام) الله جل جلاله جو ديدار ڪري ان سان ڳالهايو هو تيئن اوهان ان جو ديدار ڪري ان سان ڇونہ ٿا ڳالهايو؟ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن انهن کي فرمايو تہ حضرت موسیٰ تہ الله عزوجل کي بالڪل نہ ڏٺو هو- انهن جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي "١" "اِنَّهٗ عَلِيٌّ حَكِيْمٌ" بلاشڪ اهو مٿاهون، حڪمت وارو آهي يعني اهو مخلوقات جي صفات کان مٿاهون ۽ حڪمت وارو آهي.ائين ڪندو آهي جيئن سندس حڪمت جي تقاضا هوندي آهي "٢" "وَكَذٰلِكَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ رُوْحًا مِّنْ اَمْرِنَا" ۽ اهڙي طرح اسان توڏانهن پنهنجي امر مان روح کي وحي ڪرڻ فرمايو. مفسرن يلارن لکيو آهي تہ هتي "رُوْحًا" مان مراد خود قرآن ڪريم آهي جنهن کي ان جي ڪري روح سڏيو ويو جو جيئن روح سان انسان جي زندگي قائم هوندي آهي تيئن قرآن ڪريم جي تاثير سان مئل دليون زنده ٿينديون آهن ۽ انسان کي ابدي حياتي نصيب ٿيندي آهي ڏسو تہ جيڪي قومون ڪفر ۽ شرڪ، فسق ۽ فجور جي ڪري تباهہ ۽ حقيقي حياتيءَ کان محروم هيون قرآن ڪريم انهن کي ڪيڏي سهڻي زندگي ڏئي ڇڏي "٣" "مَا كُنْتَ تَدْرِيْ مَا الْكِتٰبُ وَلَا الْاِيْمَانُ" نہ ڄاتو ٿي تو تہ

(١)القرطبي ص ٥٤ جلد ١٦ (٢) المراغي ص ٦٤ جزء ٢٥ جلد ٩ (٣) حاشيه عثمانيه ص ٦٥٠

ڪتاب ڇا آهي ۽ نہ ايمان - يعني اوهان اصل ايمان سان تہ موصوف هيا پر ايمان ۽ ايماني اعمال جا تفصيل جيڪي اوهان کي هاڻي وحي الاهيءَ سان معلوم ٿيا اهي هن کان اڳي اوهان جي ذهن مبارڪ ۾ نہ هيا. "١" مفتي شفيع ديوبندي صاحب لکيو آهي تہ هتي ايمان کي نہ ڄاڻڻ مان مراد آهي تہ ايماني اعمال جا تفصيل ۽ ايمان جو اعلیٰ مقام جيڪو اوهان کي وحي جي نزول کان پوءِ حاصل ٿيو آهي اهو پهريان اوهان جي درايت ۾ نہ هو. باقي نہ تہ امت جي اجماع سان هيءَ ڳالهہ ثابت آهي تہ الله جل شانہ پنهنجن نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي خلقت ئي ايمان سان ڪئي آهي نبوت جي اظهار ۽ وحي جي نزول کان پهريان ئي اهي پڪا مومن هوندا آهن ايمان جا اصول انهن جي فطرت ۽ خلقت ۾ داخل هوندا آهن اهوئي وجه آهي جو جڏهن سڀني نبين عليهم الصلوٰة والسلام تي سندن قومن مخالفت جي ڪري الزام لڳايا تہ ٻيا لڳايا پر ڪنهن امتيءَ بہ ڪنهن نبي سڳوري جي لاءِ ائين ڪونہ چيو تہ اوهان بہ تہ نبوت جي اعلان کان اڳي اسان وانگر بتن جي پوڄا ڪندا هيئو. "٢" علامہ قرطبي لکيو آهي تہ حضرت يحيٰ جي لاءِ فرمان الاهي آهي " وَاٰتَيۡنٰهُ الۡحُكۡمَ صَبِيًّا " (۽ اسان انکي ٻار هجڻ جي حالت ۾ حڪم عطا فرمايو) ۽ حضرت عيسیٰ ننڍپڻ ۾ ڳالهائي ٻڌايو تہ: " اِنِّيۡ عَبۡدُ اللّٰهِ اٰتٰنِيَ الۡكِتٰبَ وَجَعَلَنِيۡ نَبِيًّا " مان الله جو ٻانهو آهيان ان مون کي ڪتاب ڏنو آهي مون کي نبي بنايو آهي. اهڙا ٻيا بہ ڪيترا دلائل بيان ڪندي مفسر موصوف ثابت ڪيو آهي تہ الله عزوجل جا انبياء علیٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام پيدائشي پڪا مومن هئا جڏهن انهن نبين علیٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جو اهومقام هو تہ انهن سڀني جي سردار حضرت حبيب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جي لاءِ ڪيئن ٿو چئي سگهجي تہ ڪين ايمان ۽ علم جي خبر نہ هئي سندن نبوت جي اعلان کان اڳ واري زندگيءَ کي مطالعو ڪجي ٿو تہ ان مان بہ سندن پيدائشي نبي هجڻ ثابت آهي. علامہ قرطبي جا هي الفاظ پڙهي ايمان مضبوط بنايو الصواب انه معصوم قبل النبوة من الجهل بالله وصفاته والتشكك فى شیء من ذالك وقد تعاضدت الاخبار والآثار عن الانبياء بتنزيههم عن هذه النقيصة منذ ولد وانشاءتهم على التوحيد والايمان على اشراق

(١) حاشيه عثمانيه ص ٦٥٠ (٢) معارف القرآن ص ٧١٥ ج٧

انوار المعارف ونفحات الطاف السعادة ومن طالع سيرهم منذ صباهم الى مبعثهم حقق كذالك" ١ " مطلب تہ صحيح ھي آھي تہ انبياء كرام عليهم الصلوة والسلام نبوت (جي اظهار ۽ اعلان) کان اڳي ان ڳالھہ کان معصوم (پاڪ) آھن تہ اھي الله عزوجل ۽ ان جي صفات کان جاھل ھجن يا انھن مان انھن کي ڪنھن ڳالھہ ۾ شڪ ھجي. اھڙيون حديثون ۽ آثار گھڻي تعداد ۾ موجود آھن جن مان ثابت آھي تہ انبياء ڪرام عليھم الصلوة والسلام ننڍپڻ کان ئي انھن عيبن کان پاڪ آھن ۽ انھن جي خلقت ۽ نشونما توحيد ۽ ايمان تي ھوندي آھي بلڪ انھن تي معرفت جا انوار تجليات وجھندڙ ھوندا آھن ۽ سعادتمندي جي مھربانين جي مھڪ سان اھي معطر ھوندا آھن جن انھن جي سيرتن کي مطالعه ڪيو آھي انھن وٽ اھا ڳالھہ تسليم ٿيل آھي. جڏھن حقيقت حال اھا آھي تہ پوء آيت جو مطلب آھي تہ اسان جي انعام ۽ احسان کان سواءِ اوھان اھي ڳالھيون نہ ڄاڻو ھا. اوھان جو انھن ڳالھين کي ڄاڻڻ اسان جو احسان ۽ انعام آھي " ٢ " " وَلٰكِنْ جَعَلْنٰهُ نُوْرًا نَّهْدِيْ بِهٖ مَنْ نَّشَآءُ مِنْ عِبَادِنَا ۽ پر اسان ان کي نور بنايو پنھنجن ٻانھن مان جنھن کي گھرون ٿا ان کي ان سان ھدايت ڪيون ٿا. مطلب تہ قرآن پاڪ نور آھي ان سان اسان جي ٻانھن مان ان کي ھدايت ۽ روشني نصيب ٿيندي آھي جنھن کي اسين گھرندا آھيون " وَاِنَّكَ لَتَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ " ۽ بلاشڪ تون سڌي واٽ ڏانھن ھدايت ڪرين ٿو. مطلب تہ اوھان بہ صراط مستقيم ڏانھن ھدايت ڪيو ٿا سيني ٻانھن کي الله جل شانه جي طرف وڃڻ واري سڌي واٽ ٻڌايو ٿا ڪو ھلي يا نہ ھلي ان جي نصيب جي ڳالھہ آھي " صِرَاطِ اللّٰهِ الَّذِيْ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ " ان الله جي واٽ جو جيڪو ڪجھہ آسمانن ۽ جيڪو ڪجھہ زمين ۾ آھي ان جي ملڪيت آھي. ھتي الله عزوجل جي جلالت شان جو ذڪر آھي تہ آسمانن ۽ زمين ۾ جو ڪجھہ بہ آھي سڀ جو خالق بہ اھو آھي تہ مالڪ بہ اھو آھي ۽ اھوئي انھن ۾ ھر قسم جو تصرف ڪندڙ آھي " اَلَآ اِلَى اللّٰهِ تَصِيْرُ الْاُمُوْرُ خبردار الله ڏانھن ئي سڀ امر وري اچن ٿا. ھن ۾ اطاعت ڪندڙ ۽ فرمانبردار ٻانھن جي لاءِ بشارت ۽ سرڪش ۽ بي فرمانن جي لاءِ تنبيہ آھي ٻڌايو ويو آھي تہ مخلوقات جا دنيوي ۽ اخروي سڀ امور الله

(١) القرطبي صہ ٥٥ - ٥٦ جلد ١٦ (٢) ضياء القرآن صہ ٣٩۴ جلد ۴

عـزوجل جي بارگـاهہ ۾ طيءِ ٿـيندا آهن ۽ هر ننڍي يا وڏي ڪم جي اهوئي تدبيـر فرمائيندو آهي." ١"

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾اچن ٿا.

١: آيت ۵١ مان معلوم ٿيو تہ ڪير بہ هن ڌرتيءَ تي رهندي حجاب ڪان سواءِ الله عزوجل سان همڪلام ٿي نہ ٿو سگهي. حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جيڪو الله عزوجل سان حجاب ڪان سواءِ ڳالهايو ۽ همڪلام ٿيا اهو لامڪان تي هو. ٢: " اَوۡحَيۡنَآ " (اسان وحي ڪيو) هن مان اشاري طور اهو معلوم ٿيو تہ حضور عليـه الصلوٰة والسـلام جن ڪـان بعد ڪوبہ نبي نہ ايندو ڇو تہ ان ڌانهن وحي جو ذڪر نہ ٿيو. جيڪڏهن ٻئي نبي جو اچڻ ممڪن هجي ها تہ الله جل شانه فرمائي ها وحي ڪيوسون ۽ ڪنداسون. ٣: " مَاكُنۡتَ تَدۡرِىۡ مَا الۡكِتَابُ وَلَا الۡاِيۡمَانُ " (اوهان خبر نہ ٿي رکي تہ ايمان ڇا آهي ۽ نہ ڪتاب جي خبر رکي هُيو) هتي اڻڪل سـان خبر رکڻ جي نفي آهي. الله عزوجل جي احسان ۽ انعام سان خبر رکڻ جي نفي ناهي جيئن مذڪوره آيت جي تفسير ۾ تفصيل سان لکي آيا آهيون.

الحمد لله جو مون گنهگار مالڪ مٺي جي فضل ۽ حبيب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي نگاهہ ڪرم سان سورة الشورىٰ جو تفسير اڄ بمورخه ١١ - ٣ - ١۴٢۵ھ الموافق ١ - ۵ - ٢٠٠۴ع تي ڇنڇر جي رات بوقت ١١ لڳي ١٠ منٽن تي پنهنجي گهر واريءَ لائبريريءَ ۾ لکي پورو ڪيو اللهعزوجل جي بارگاهہ ۾ نهايت عجز ۽ انڪساريءَ سان التجا آهي تہ باقي رهيل تفسير بہ پنهنجي رحم، ڪرم ۽ خاص لطف سان پنهنجي حبيب عليه الصلوه والسلام جي صدقي جلد ڪان جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين يا الـلـه العلمين بحرمة النبي الامين عليه وعلىٰ آله واصحابه الصلوٰت والتسليمات الىٰ يوم الدين - ڪتبه الملتجي الى الله المغيث محمد ادريس الداهري نسبا السني عقيدتا الحنفي مذهبا النقشبندي مشربا.

(١) ضياء القرآن صفہ ٣٩۴ جلد

سورة زخرف جو تعارف

هن سورة مبارکه جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ: هن پلاريءَ سورة جونالو "زخرف" آهي جيڪوهن جي آيت ٣٥ ۾ ذڪر ڪيل آهي.

مڪيه آهي يا مدنيه؟: ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ هيءَ سورة مڪه (مڪرمه) ۾ نازل ٿي هئي. "١"

رڪوعن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن پاڪ سورة ۾ ست (٧) رڪوع، اوڻانوي (٨٩) آيتون ۽ ٽي هزار چار سؤ (٣٤٠٠) حرف آهن. "٢"

اڳيئن سورة سان ربط ۽ مناسبت: هن سورة پاڪ جي اڳيئن سورة سان مناسبت اها آهي جو هن جي شروعات اڳيئن سورة جي پڇاڙيءَ سان ملي جلي ٿي "٣"

نزول جو زمانو: هيءَ بہ انهن ستن سورتن مان آهي جن جي ابتداء " حٰمٓ " سان ڪيل آهي ۽ هن جي نزول جو زمانو بہ انهن سورتن جي نزول جي زماني جي قريب آهي. "٤"

مضمون: ائين تہ قرآن ڪريم جي هر سورة وانگر هن سورت جي هر آيت بہ نور جي شمع آهي جيڪا حياتيءَ جي هر لمحه کي روشن ڪري رهي آهي جڏهن اوهان ان جي مطالعہ ڪندؤ تہ اها ڳالهہ خود بخود ملحوظ ٿيندي البت ڪجهہ اهڙيون ڳالهيون آهنَ جيڪي اوهان جي خصوصي توجه ڏيڻ جون مستحق آهن. ١:- عام طور تي ائين ٿيندو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن محسن جي احسان جو شڪريو ادا نہ ڪيو ويندو آهي بلڪ رهندو بي شڪري ڪئي ويندي آهي تہ اهو محسن پنهنجي احسان ڪرڻ جو سلسلوبند ڪري ڇڏيندوآهي. ماڻهن جي هدايت جي لاءِ الله عزوجل پنهنجي لطف ۽ احسان سان انبياء عظام عليهم الصلوٰة والسلام جي

(١) الدرالمنثور صہ ٣٦٥ جلد ٧ (٢) خازن صہ ١٠١ جلد ٤ (٣) المراغي صہ ٦٧ جزء ٢٥ جلد ٩ (٤) ضياء القرآن صہ جلد ٤

بعثت ۽ وحي نازل ڪرڻ جو سلسلو جاري ڪيو تانت ماڻهو هدايت جي واٽ تي هلن پر ان نعمت جي قدر ڪرڻ جي بجاءِ ڪافرن انهن تي چٽرون ڪيون هجڻ ته ائين ڪپندو هو ته انهن جي بي شڪريءَ جي ڪري هي سلسله بند ڪيو وڃي ها ۽ انهن کي ڪفر ۽ شرڪ جي انڌيرن ۾ ڌڪي ڇڏجي ها پر الله عزوجل فرمايو ته اي انسانؤ! اوهان کي نفس ۽ شيطان جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي نه ڏبو بلڪ اوهان جي لاءِ قرآن ڪريم کي نازل ڪبو جيڪو اوهان جي حياتيءَ لاءِ هدايت جو سج ٿي چمڪندو رهندو تانت جيڪو به شخص پنهنجيءَ منزل ڏانهن وڌڻ گهري ته ان جي روشنيءَ مان فائدو وٺندي وڌندو رهي اسين اوهان کان اوهان جي سرڪشي جي ڪري ناراض ٿي اوهان کان اها نعمت نه کسيندا سون. ٢:- اوهان پاڻ مڃيو ٿا ته آسمانن ۽ زمينن کي پيدا ڪرڻ وارو هڪ الله عزوجل آهي ته پوءِ انڌن ۽ ٻوڙن بتن جي عبادت ڇوٿا ڪيو؟ ان جي جواب ۾ اهي چوندا هئا ته هائو اسين اهوڪيون ٿا جيڪو الله عزوجل گهري ٿو جيڪڏهن اهو نه گهري ته اسان جي ڪهڙي مجال آهي جو انهن بتن ڏانهن اک کڻي نهاري سگهون اسان تي اهو اعتراض نه ڪيو اسان جي خدا تي ڪيو جو اسين ان جي ارادي ۽ مشيت جا پائبند آهيون. انهن جي ان غلط سوچ کي هي چوندي رد ڪيو ويوآهي ته اها اوهان جي خالص جهالت ۽ حماقت آهي جيڪڏهن ائين چوڻ صحيح هجي ها ته پوءِ ٻيا مجرم، زنا، قتل، قرمار وارا به اهوئي بهانو پيش ڪندا اصل ڇا هو ته اهي جاهل رضا ۽ مشيت ۾ فرق ڪري نه ٿي سگهيا ۽ نه اجاتائين ڪري سگهن ٿا. ٣:- انهن کي ان ڳالهه تي به سخت اعتراض هو ته نبوت جي لاءِ اهڙي شخصيت کي ڇو منتخب ڪيو ويوآهي جنهن وٽ نه مال آهي نه زر نه ماڻهن جو مضبوط تعداد جيڪي سندس مڪمل حفاظت ۽ مدد ڪري سگهن. اهي چوندا هئا ته عرب جي جزيري ۾ مشهور شهر ٻه آهن. (١) مڪه مڪرمه (٢) طائف. انهن ٻنهي شهرن ۾ وڏا وڏا رئيس اثر رسوخ ۽ مال زر وارا موجود آهن جن جي امير هجڻ ۽ دٻدٻي جي انهن شهرن جي گرد و نواح ۾ به ڌوم لڳل آهي جن جي اثر ۽ اقتدار جي اڳيان ڪنهن کي ڏاڍيان ساهه کڻڻ جي به جرءت

ناهي انهن مان جيڪڏهن ڪنهن ڪي هن منصب جي لاءِ چونڊيو وڃي ها تہ اهو پيغام نهايت تيزي سان عرب ملڪ جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ پهچي وڃي ها انهن جي اعتراض ڪي هي چوندي رد ڪيو ويو آهي تہ نبوت الله عزوجل جو انعام آهي ان کي عطا ڪرڻ جو ٻئي ڪنهن کي ڪوبہ حق ناهي الله جل شانه ئي ڄاڻي ٿو تہ ان "نعمت عظمیٰ" جي اهليت ڪنهن ۾ موجود آهي ۽ ان انعام جو لائق ڪير آهي هن سورة ۾ اهو بہ ٻڌايو ويوآهي تہ اي حبيب! هي مقدس ڪتاب.رشد ۽ هدايت جو صحيفہ جيڪو اسان اوهان تي نازل فرمايوآهي ان جو نزول اوهان ۽ اوهان جي ساري قوم جي لاءِ عزت ۽ شرف جوباعث آهي ان جي برڪت سان اوهان کي بي حساب ڀلايون نصيب ٿينديون ان جي فيض سان انسانيت جي قافلي جي قيادت جو منصب اوهان کي ملندو ان کي بار نہ سمجهو ان جي تعليمات کي پنهنجي ترقيءَ جي واٽ ۾ رڪاوٽ نہ ڀانيو بلڪ ڪليءَ دل ان کي قبول ڪري خوشيءَ سان ان تي عمل ڪندا هلو ان ضمن ۾ حضرت ابراهيم، حضرت موسیٰ ۽ حضرت عيسیٰ علیٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جي حالات ڏانهن بہ مختصر اشارو ڪيل آهي تانت مصيبتن جي هجوم وقت انهن جي اولوالعزمي ۽ استقامت تسڪينِ قلب جو باعث بڻجي.

ڀلايون ۽ برڪتون

هن جو قرآن ڪريم جي سورة هجڻ وارو شرف ۽ شان بہ گهٽ ناهي پر اوراد ۽ وظائف پڙهڻ وارا علماء عاملين لکن ٿا تہ جيڪو بہ سورة زخرف کي مهمات ۽ مقاصد جي حصول لاءِ ست ڀيرا پڙهندو تہ انشاءَ الله العزيز اهي ڪيس يقينًا حاصل ٿيندا جيڪڏهن هيءَ سورة لکي بيمار کي پياري ويندي تہ (باذن الله) شفاياب ٿيندو جيڪڏهن هن جو نقش لکي پاڻ سان رکندو تہ حاڪمن جي ظلم ۽ قهر کان محفوظ رهندو.

وَهِيَ تِسْعٌ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً	**سُوْرَةُ الزُّخْرُفِ مَكِّيَّةٌ**	وَسَبْعُ رُكُوعَاتٍ
۽ اها ٨٩ آيتون	**سورة الزخرف مکي آهي**	۽ ست رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪرڻ وارو آهي

ع ١١ حٰمٓ (١) وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ (٢) اِنَّا جَعَلْنٰهُ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ

حا - ميم - قسم آهي ڪتاب مبين جو بلاشڪ اسان ڪيو ان کي قرآن عربي تانت اوهان

تَعْقِلُوْنَ (٣) وَاِنَّهٗ فِيْٓ اُمِّ الْكِتٰبِ لَدَيْنَا لَعَلِيٌّ حَكِيْمٌ (٤)

جاڻو ۽ بلاشڪ اهو لوح محفوظ ۾ اسان وٽ البت بلند، حڪمت وارو آهي

اَفَنَضْرِبُ عَنْكُمُ الذِّكْرَ صَفْحًا اَنْ كُنْتُمْ قَوْمًا مُّسْرِفِيْنَ (٥)

ڇاپوءِ جهليندا سون اوهان کان ذڪر ان جي ڪري جو آهيو اوهان قوم حد کان لنگهندڙ

وَكَمْ اَرْسَلْنَا مِنْ نَّبِيٍّ فِي الْاَوَّلِيْنَ (٦) وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ نَّبِيٍّ

۽ گهڻائي موڪليا اسان نبي پهرين ۾ ۽ نه ٿي آيو انهن وٽ ڪو نبي

اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ (٧) فَاَهْلَكْنَآ اَشَدَّ مِنْهُمْ

مگر جو ان سان چٿر ڪندا هئا پوءِ هلاڪ ڪيو اسان سخت کي انهن مان

بَطْشًا وَّمَضٰى مَثَلُ الْاَوَّلِيْنَ (٨)

سگهه ۾ ۽ گذريو مثال پهرين جو.

تفسير:

هن كان اڳيئن سورة جي پڇاڙيءَ ۾ كتاب جوبيان هو ۽ هتي بہ ان كتاب جوئي بيان كندي ارشاد ٿي رهيو آهي " حٰمٓ " هي مقطعات حروف آهن جن جو اڳ ۾ ذكر ٿي آيو آهي ۽ علامه اسمعيل حقي عليه الرحمة لكيو آهي تہ " حٰمٓ " الله عزوجل جي ٻن وڏن نالن مباركن حنان ۽ منان ڏانهن اشارو آهي حنان اهو آهي جيكو منهن موڙيندڙ ٻانهي ڏانهن بہ لطف و كرم سان متوجه ٿيندو آهي تہ شايد وري پوي ان جي معنىٰ آهي مهربان ۽ منان اهو آهي جو گهرڻ ۽ سوال كرڻ كان اڳئي عطا كندو آهي ۽ بيت الله جي اندران جيكي ٣ ٿنڀ آهن انهن جي بہ انهن ٽن نالن ڏي نسبت كيل آهي ١ اسطوانة الحنان ٢ اسطوانة المنان ٣ اسطوانة الديان. ۽ اها نسبت انهن جي تعظيم جي لاءِ كيل آهي جيئن بيت الله، ناقة الله وغيرهما، ۽ هنن ٽن نالن ڏانهن نسبت كرڻ ۾ اهوبہ اشاروآهي تہ رحيم، دنيا ۾ عطا كرڻ وارو ۽ آخرت ۾ بدلو ڏيڻ وارو بہ آهي ۽ اها بہ ان جي رحمت آهي جو قرآن كريم نازل فرمايائين " ١ " " وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ۙ كتاب مبين جو قسم آهي. مبين جون بہ معنائون آهن ١ انهن جي لاءِ (حق) بيان كندڙ جن ڏانهن اول نازل كيو ويوآهي ڇوتہ انهن جي زبان ۽ ٻوليءَ ۾ آهي ٢ مبين اهو آهي جنهن گمراهيءَ كان جدا كري هدايت بيان كئي آهي ۽ هر ڳالهہ مجمل لفظن ۾ هجڻ جي باوجود تفصيل سان ٻڌائي آهي. " ٢ " " اِنَّا جَعَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ۚ " بيشك اسان ان كي قرآن عربي كيو تانت اوهان ڄاڻو " كتاب مبين " جو قسم كڻي هتي ان جو جواب آڻي ذكر كيو ويو آهي تہ اي قرآن پاك جا پهريان مخاطبو! اسان هن كتاب كي اوهان جي مادري زبان عربيءَ ۾ نازل كيوآهي تانت اوهان ان جي ان حقائق ۽ معارف كي سهڻي نموني سمجهو ۽ ذهن ۾ وهاريو جن جي مٿان اوهان جي سعادتمنديءَ جو مدار آهي " وَاِنَّهٗ فِيْٓ اُمِّ الْكِتٰبِ لَدَيْنَا لَعَلِيٌّ حَكِيْمٌ " ۽ بلاشك اهو اسان وٽ لوح محفوظ ۾ البت بلند، حكمت واروآهي. ام الكتب مان مراد لوح محفوظ آهي ڇوتہ اهو هر كتاب جو اصل آهي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ: الله عزوجل اول قلم پيدا كري پوءِ ان كي فرمايو تہ پاڻ جنهن جي پيدا

(١) روح البيان صہ ٣٤٩ جلد ٨ (٢)التفسير الكبير صہ ١٩٢ جز ٢٧

ڪرڻ جو ارادو ٿو فرمائي اهي لکي. پوءِ ان وٽ ئي ڪتاب آهي.. " لَدَيْنَا " (اسان وٽ) مان مراد اسان جي قرب ۾ آهي ۽ اها عنديت نہ مڪاني آهي نہ ڪنهن سمجهہ ۾ اچڻ واري ڪيفيت ۾ آهي ان ڪي الله جل مجده پاڻ ڄاڻي ٿو. " لَعَلِيٌّ " مان مراد رفيع الشان آهي جنهن ڪي ڪوبہ پروڙي ۽ پهچي نہ ٿو سگهي يا مراد آهي تہ آسماني ڪتابن ۾ بلند شان وارو آهي جو هي نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جو معجزو آهي ٻيا ڪتاب معجزو نہ هئا حضرت امام رباني مجدد (الف ثاني عليه الرحمة)فرمايو آهي تہ قرآن سڀني آسماني ڪتابن ۾ ائين آهي جيئن دائره ۾ مرڪز - اهو ڪشف جي نظر سان ڏٺو ويندو آهي پوءِ مرڪز دائره جو اصل ۽ اجمال آهي بلڪ اهو سڄي دائره ڪان افضل ۽ اوسع آهي ۽ پرڪشف جي نظر ۾ نهايت مختصر نظر ايندو آهي ڇو تہ گهٽو متي آهي. " ١ " حَكِيمٌ " مان ٻہ مرادون آهن ١: تہ حڪمت وارو آهي . ٢: تہ محڪم آهي جنهن ڪي ٻيو ڪو منسوخ نہ ڪندو " اَفَنَضْرِبُ عَنْكُمُ الذِّكْرَ صَفْحًا اِنْ كُنْتُمْ قَوْمًا مُّسْرِفِيْنَ " ڇا پوءِ اسين اوهان ڪان ان جي ڪري ذڪر (نصيحت) جهلي ڇڏينداسون. جيڪڏهن اوهان حد ڪان لنگهندڙ قوم آهيو همزه انڪار جو آهي ۽ " ف " محذوف تي عطف ڪرڻ جي لاءِ آهي اصل مراد هيءَ آهي تہ: ڇا اسين اوهان ڪي بيڪار بنائي اوهان ڪان اوهان جي ئي روگرداني جي ڪري نصيحت (قرآن پاڪ) روڪي ڇڏينداسون اوهان ڪٽي حد ڪان لنگهندڙ قوم آهيو پر اسان جي رحمت، رافت ۽ شفقت جي تقاضا اها آهي تہ اوهان ڪي حق ۽ سچ ڏانهن سڏيندارهون اوهان قبول ڪيو يانہ ڪيو " وَكَمْ اَرْسَلْنَا مِنْ نَّبِيٍّ فِى الْاَوَّلِيْنَ " ۽ اسان پهرين ۾ بہ گهڻائي نبي موڪليا هئا. هن آيت ۾ الله جلت صفاته پنهنجي حبيب عليه الصلوٰة والسلام جي پاڪ دل مبارڪ کي تسلي ڏيندي فرمايو آهي تہ اوهان سان ڪافرن جو نامعقول رويو ڪا نئين ڳالهہ ناهي اسان اوهان ڪان اڳي پهرين امتن ۾ بہ گهڻا نبي علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام موڪليا هئا تہ انهن جي امتن بہ پنهنجن پيغمبرن علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام سان اهوئي رويو رکيو هو. هن آيت ۾ آيل لفظ " كَمْ " استفهام جي لاءِ ناهي اها (خبريه) آهي " وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ نَّبِيٍّ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ " ۽ انهن وٽ ڪوبہ نبي نہ ايندو هو مگر ان

(١) مظهري صہ ٣٣٧ جلد ٨

سان چتر ڪندا هئا. مطلب تہ جنهن بہ نبي سڳوري تشريف فرما ٿي انهن کي هدايت ٿي ڪئي حق جو ڪلمو چئي سڏي واٽ ڏانهن سڏيو ٿي تہ هي ان کي مڃڻ جي بجاء ان تي چٿرون ۽ ٽوڪون ڪندا هئا پوءِ جيئن اهي نبي سڳورا علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام برداشت ڪندي، صبر ڪان ڪم وٺندي رب العزة جل شانه جي دين جي دعوت ڏيندا رهيا تيئن اي حبيب پاڪ! عليه الصلوٰة والسلام اوهان بہ اهو سلسلو جاري رکو ڪاميابي اوهان جي آهي. " فَاَهْلَكْنَآ اَشَدَّ مِنْهُمْ بَطْشًا " پوءِ اسان ان کي هلاڪ ڪري ڇڏيو جيڪو انهن مان قوت جي لحاظ سان سخت هو. يعني جڏهن انهن جو عناد ۽ سرڪشي حد ٽپي وئي ۽ انهن جا هدايت تي اچڻ جا سمورا امڪان ختم ٿي ويا تہ اسان انهن کي تباهہ ڪري ڇڏيو عوام ويچارو تہ ڇا هي جيڪي وڏي طاقت وارا هئا پاڻ کي الاءِ ڇا سمجهندا هئا اهي بہ صفا هلاڪ ٿي ويا " وَّمَضٰى مَثَلُ الْاَوَّلِيْنَ " ۽ پهرين جو مثال گذري ويو. يعني قرآن پاڪ جي ڪيترين آيتن ۾ پهرين قومن جي حالتن جا بيان اچي چڪا آهن انهن جوجيڪو عبرتناڪ حشر ٿيو اهو بہ پڙهي ۽ پڙهي ڏٺو اٿن ان جي ڪري الله جل شانه کان ڊڄي ايمان آڻي مومن بنجن تہ ڀلو آهي. " ١ "

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

١: " وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ " (ڪتاب مبين جو قسم آهي) " مُبِيْنِ "(بيان ڪندڙ)مان معلوم ٿيو تہ قرآن پاڪ مسلمانن جي لاءِ بالخصوص ۽ ٻين جي لاءِ بالعموم هدايت جي واٽ بيان ڪندڙ آهي ۽ حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جي لاءِ سمورا غيب بيان ڪندڙ آهي. جيئن ارشاد رباني آهي " نَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ تِبْيَانًا لِكُلِّ شَيْءٍ " " ٢ " اسان اوهان تي ڪتاب نازل ڪيو آهي جيڪو هر شيءِ جو بيان آهي. ٢: آيت نمبر ٤ مان واضح ٿيو تہ قرآن ڪريم لوح محفوظ ۾ موجود هو اتاهين کان آهستي آهستي ٢٣ سالن ۾ حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن تي ٿورو ٿورو ٿي نازل ٿيندو رهيو ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ قرآن ڪريم ٻين سڀني آسماني ڪتابن کان وڌيڪ شرف ۽ شان وارو آهي. ٣: " كَمْ اَرْسَلْنَا مِنْ نَّبِيٍّ فِى الْاَوَّلِيْنَ " پهرين ۾ گهڻا نبي موڪليا هئاسين) مان معلوم ٿيو تہ حضرت حبيب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام

(١) المراغي صہ ٦٩ جزء ٢٥ جلد ٩ (٢) سورة نحل آيت عہ٨٩

جن کان پهريان نبي سڳورا آيا پر کائنئن بعد کنهن بہ قسم جو کوبہ نبي اچڻ ممکن ئي ناهي ڇوتہ جيکڏهن ممکن هجي ها تہ بعد ۾ اچڻ واري جو ذکر بہ هتي ٿئي ها.

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ خَلَقَهُنَّ

۽ البت جيکڏهن پڇندين انهن کان تہ کنهن پيدا کيا آسمان ۽ زمين تہ البت ضرور چوندا پيدا کيو

الْعَزِيْزُ الْعَلِيْمُ (٩) الَّذِىْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ مَهْدًا وَّجَعَلَ

انهن کي غالب، ڄاڻندڙ اهو (الله) جنهن کيو اوهان لاءِ زمين کي وڇائو ۽ کيائين

لَكُمْ فِيْهَا سُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ (١٠) وَالَّذِىْ نَزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ

اوهان جي لاءِ ان ۾ واٽون تانتہ اوهان سڌو رستو وٺو ۽ اهو (الله) جنهن لاٿو آسمان مان

مَآءًۢ بِقَدَرٍ فَاَنْشَرْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا كَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ (١١) وَالَّذِىْ

پاڻي اندازي سان پوءِ آباد کيو اسان ان سان شهر ويران اهڙي طرح کڍيا ويندؤ اوهان ۽ جنهن

خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا وَجَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْفُلْكِ وَالْاَنْعَامِ

پيدا کيا جوڙا سمورا ۽ کيائين اوهان جي لاءِ ٻيڙين ۽ چوپاين مان

مَا تَرْكَبُوْنَ (١٢) لِتَسْتَوٗا عَلٰى ظُهُوْرِهٖ ثُمَّ تَذْكُرُوْا

اهي جو انهن تي سواري کيو ٿاتانتہ سڌا ٿي وهو انهن جي پٺين تي ان کان پوءِ ياد کيو

نِعْمَةَ رَبِّكُمْ اِذَا اسْتَوَيْتُمْ عَلَيْهِ وَتَقُوْلُوْا سُبْحٰنَ الَّذِىْ سَخَّرَ لَنَا

پنهنجي رب جي نعمت جڏهن برابر ٿي وهو ان تي ۽ چئو تہ پاڪ آهي اهو (الله) جنهن مطيع کيو اسان

هٰذَا وَمَا كُنَّا لَهٗ مُقْرِنِيْنَ (١٣) وَاِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ (١۴)

لاءِهن کي ۽ نہ هٺاسون اسين ان تي طاقت رکندڙ ۽ بيشڪ اسين پنهنجي رب ڏانهن البت موٽندڙ آهيون.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ڪافرن جو قرآن ڪريم کان منهن موڙڻ جو ذڪر هو ۽ هتان انهن جي هڪ حال تي نہ هجڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي " وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ خَلَقَهُنَّ الْعَزِيْزُ الْعَلِيْمُ ۙ ۽ البت جيڪڏهن انهن کان پڇندين تہ آسمان ۽ زمين ڪنهن پيدا فرمايا آهن تہ البت ضرور چوندا انهن کي غالب، گهڻو ڄاڻندڙ پيدا فرمايو آهي. يعني اي پيارا رسول! (عليڪ الصلوٰة والسلام) پنهنجي قوم مان مشرڪن کان جيڪڏهن پڇندؤ تہ هي آسمان ۽ زمين ڪنهن پيدا فرمايا آهن؟ تہ جواب ڏيندي چوندا تہ انهن کي ان (الله) پيدا فرمايو آهي جيڪو پنهنجي سلطنت ۽ دشمنن کان انتقام وٺڻ ۾ غالب ۽ جيڪو ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي انهن کي چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي. خلاصو ڳالهہ جو هي آهي تہ اهي ان جي مڃڻ جي باوجود تہ آسمانن ۽ زمين جو خالق الله آهي ان ڪانسواءِ ٻين جي عبادت ڪن ٿا " اَلَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ مَهْدًا وَّجَعَلَ لَكُمْ فِيْهَا سُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ۚ اهو (الله) جنهن اوهان جي لاءِ زمين کي وڇاڻو بنايو ۽ اوهان جي لاءِ ان ۾ رستا ڪيا تانتہ اوهان سڌو رستو وٺو. يعني الله عز و جل ئي اوهان جي لاءِ زمين کي نهايت نرم وڇاڻو بنايو آهي جنهن کي پنهنجن پيرن سان لتاڙيو پيا ۽ اوهان جي لاءِ ان ۾ اهڙيون واٽون ڪيون اٿس جن جي ذريعي اوهان هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ ڏانهن هڪ شهر کان ٻئي شهر ڏانهن اچو وڃو ٿا. اهي سڀ سهوليتون اوهان کي الله جل وعلا ڏنيون آهن. "وَالَّذِيْ نَزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ ۚ فَاَنْشَرْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا ۚ ۽ الله اهو آهي جنهن آسمان مان اندازي سان پاڻي لاٿو پوءِ اسان ان سان ويران شهر کي آباد بڻايو. يعني هي بہ ان الله جو فضل ۽ ڪرم آهي جنهن آسمان کان اندازي سان پاڻي لاٿو ۽ ان سان ويران شهر کي آباد ڪيو. نہ تمام گهڻو لاٿائين جوحضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي طوفان وانگر تباهي مچائي ڇڏي

۽ نہ وري ايتــرو ٿــورڙو جو پوکن ۽ سلن جي لاءِ اڻ پورو هجي ۽ اوهان بک جي ڪري هلاڪ ٿي وڃو. " كَذَٰلِكَ تُخْرَجُونَ " اهڙي طرح اوهان بہ ڪڍيا ويندؤ يعني جيئن اسين مينهن سان ويران علائقا آباد ڪندا آهيون زمين مان پوکون ۽ ساوا سلا ڪڍندا آهيون تيئن اوهان کي قبرن مان جيئرو ڪري ٻاهر ڪڍڻ تي بہ قادر آهيون " وَالَّذِي خَلَقَ الْأَزْوَاجَ كُلَّهَا " ۽ اهو (الله) جنهن سمورا جوڙا پيدا فرمايا. يعني الله عزوجل قسمين قسمين مخلوق پيدا ڪئي آهي هر شيءِ ۾ جوڙا جوڙا آهن ڪا شيءِ مٺي آهي تہ ڪاکوڙي، ڪا سفيد آهي تہ ڪاڪاري رنگ واري ڪا بي ساه آهي تہ ڪا ساهہ واري ڪا نر آهي تہ ڪا مادي ۽ اهو نمونو ايترو وسيع ۽ دلچسپ آهي جوانسان ان ۾ جيترو غور ڪندو اوترو الله جي قدرت ۽ حڪمت تي ان جو ايمان مضبوط ۽ پڪو ٿيندو. " وَجَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْفُلْكِ وَالْأَنْعَامِ مَا تَرْكَبُونَ ۝ " ۽ ڪيائين اوهان جي لاءِ ٻيڙين ۽ چوپاين مان اهي جن تي سوار ٿيو ٿا. يعني الله تعالىٰ اوهان جي سواريءَ جو سمنڊ، دريائن ۽ پٽن ۾ بہ انتظام ڪرڻ فرمايو آهي سمنڊ وغيره ۾ ٻيڙين تي سوار ٿيو ٿا ۽ برپٽ ۽ ميدان ۾ چوپاين اٺن، گهوڙن، خچرن، گڏهن تي سواري ڪندا آهيو ۽ گاڏيون، بسون، ڪارون وغيره سڀ پٽ وارين سوارين ۾ داخل آهن " لِتَسْتَوُوا عَلَىٰ ظُهُورِهِ ثُمَّ تَذْكُرُوا نِعْمَةَ رَبِّكُمْ إِذَا اسْتَوَيْتُمْ عَلَيْهِ وَتَقُولُوا سُبْحَانَ الَّذِي سَخَّرَ لَنَا هَٰذَا وَمَا كُنَّا لَهُ مُقْرِنِينَ ۝ " تانتہ اوهان انهن جي پٺين تي ٺهي ويهو ان کان پوءِ پنهنجي رب جي نعمت کي ياد ڪيو جڏهن انهن تي ٺهي ويهو ۽ چئو پاڪ آهي اهو (الله) جنهن اسان جي لاءِ هي مسخر بنايو ۽ اسين ان تي قدرت رکندڙ نہ هئاسون. يعني اوهان جڏهن انهن سوارين جي مٿان ٺهي ويهو ۽ پنهنجي منزل مقصود ڏانهن روانا ٿيو تہ اوهان ان ڪريم جي نعمت کي ياد ڪندي چئو تہ: پاڪ آهي اهو الله جنهن اسان جي لاءِ هنن وڏن وڏن جانورن کي مطيع ۽ فرمانبردار ڪيوجيڪڏهن اهو ائين نہ ڪري ها تہ اسان جي کهڙي قدرت ۽ طاقت هئي جو انهن کي مطيع بنايون ها. هي سڀ اسلام جي جامعيت آهي جو ان جي روشنيءَ سان زندگيءَ جا سڀ شعبا روشن آهن هن آيت ۾ ڪنهن بہ سواريءَ تي سوار ٿيڻ جا آداب سيکاريا ويا آهن.

فائدا: ابوداؤد، ترمذي، نسائي ۽ بغوي حضرت علي رضي الله عنه کان روايت

آندي آهي تہ " پاڻ پنهنجي سواريءَ تي سوار ٿيندي رڪيب ۾ پير وجهڻ وقت چيائين " بِسۡمِ اللهِ" جڏهن ٺهي ويٺو تہ چيائين " اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ" ان ڪان پوءِ : سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ سَخَّرَ لَنَا. پڇاڙي آيت تائين پڙهيائين ان ڪان بعد ٣ ڀيرا الحمد لله ٣ ڀيرا الله اڪبر ان ڪان پوءِ " لَآاِلٰـهَ اِلَّآ اَنۡتَ ظَلَمۡتُ نَفۡسِیۡ فَاغۡفِرۡلِیۡ ذُنُوۡبِیۡ فَاِنَّهٗ لَایَغۡفِرُ الذُّنُوۡبَ اِلَّآ اَنۡتَ" پڙهي کلڻ لڳو. ڪيس عرض ڪيو ويو تہ: اي امير المؤمنين! ڇوٿا کلو؟ فرمايائين تہ مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کي ائين ڪندي ڏٺو هو جيئن مون ڪيو آهي ۽ پاڻ ائين فرمايائون جيئن مون چيو آهي ۽ پاڻ ان ڪان بعد کليائون اسان عرض ڪيو تہ "يا رسول الله! ڇوٿا کلو؟ پاڻ فرمايائون تہ " جڏهن ٻانهو هي الفاظ چوي ٿو " رَبِّ اغۡفِرۡلِيۡ " تہ الله عزوجل ان جا اهي الفاظ ٻڌي خوش ٿو ٿئي ۽ تعجب جو اظهار ڪري فرمائي ٿو "منهنجو ٻانهو اها حقيقت تسليم ڪري ٿو تہ گناهہ بخشيندڙ مان آهيان ٻيو ڪير ناهي. " ١"

وَجَعَلُوۡا لَهٗ مِنۡ عِبَادِهٖ جُزۡءًا ؕ اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَكَفُوۡرٌ مُّبِيۡنٌ (١٥) ع

۽ ڪيائون ان جي لاءِ ان جي ٻانهن مان ٽڪرا بيشڪ انسان البت کليل بي شڪر آهي

اَمِ اتَّخَذَ مِمَّا يَخۡلُقُ بَنٰتٍ وَّاَصۡفٰكُمۡ بِالۡبَنِيۡنَ (١٦)

ڇا ورتائين (پاڻ) ان مان جو پيدا ٿو ڪري ڌيئرون ۽ برگزيدو ڪيائين اوهان کي پٽن سان

وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمۡ بِمَا ضَرَبَ لِلرَّحۡمٰنِ مَثَلًا

۽ جڏهن خوشخبري ڏنو ويو هڪڙو انهن مان ان سان جو نسبت ڪيائين الله جي لاءِ مثال تہ

ظَلَّ وَجۡهُهٗ مُسۡوَدًّا وَّهُوَ كَظِيۡمٌ (١٧) اَوَمَنۡ يُّنَشَّؤُا فِى الۡحِلۡيَةِ

ٿي پيو منهن ان جو ڪارو ۽ اهو ڪاوڙ ۾ ڀريل آهي ڇا جيڪو پاليو وڃي ٿو زيورن ۾

(١) المظهري صہ ٣٤٠ جلد ٨ ضياءُ القرآن صہ ٤٠٤ جلد ٤

وَهُوَ فِى الْخِصَامِ غَيْرُ مُبِيْنٍ (١٨) وَجَعَلُوا الْمَلاۤئِكَةَ الَّذِيْنَ هُمْ

۽ اهو جهيڙي ۾ ناهي واضح ڪندڙ ۽ ڪيائون ملائڪن کي جيڪي اهي

عِبَادُ الرَّحْمٰنِ اِنَاثًا ۚ اَشَهِدُوْا خَلْقَهُمْ ۗ سَتُكْتَبُ

رحمان جا ٻانها آهن عورتون ڇا موجود هئا انهن جي پيدائش وقت جلد لکي ويندي

شَهَادَتُهُمْ وَيُسْئَلُوْنَ (١٩) وَقَالُوْا لَوْشَآءَ الرَّحْمٰنُ مَا عَبَدْنٰهُمْ ۗ

شاهدي انهن جي ۽ پڇا ڪياويندا ۽ چون پيا ته جيڪڏهن گهري ها رحمان ته نه عبادت ڪيون ها انهن

مَالَهُمْ بِذَالِكَ مِنْ عِلْمٍ ۗ اِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ۗ (٢٠)

جي ناهي انهن کي ان جو ڪو علم ناهن اهي مگر تا اٽڪل سان ڳالهه ڪن

اَمْ اٰتَيْنٰهُمْ كِتَابًا مِّنْ قَبْلِهٖ فَهُمْ بِهٖ مُسْتَمْسِكُوْنَ (٢١)

ڇا ڏنوسون انهن کي ڪو ڪتاب ان کان اڳي پوء اهي ان کي مضبوطيء سان وٺندڙ آهن

بَلْ قَالُوْآ اِنَّا وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ وَّاِنَّا

بلڪ چيائون ته بلاشڪ اسان لڌو اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي هڪ رستي تي ۽ بيشڪ اسان

عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ مُّهْتَدُوْنَ (٢٢) وَكَذَالِكَ مَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ

انهن جي پيرن جي نشانن تي هدايت وارا آهيون ۽ اهڙي طرح نه موڪليو اسان توکان اڳي

فِىْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّذِيْرٍ اِلَّا قَالَ مُتْرَفُوْهَآ ۙ اِنَّا وَجَدْنَآ

ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ مگر چيو آسودن انهن مان بلاشڪ اسان لڌوسون

اٰبَآءَنَا عَلٰى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ مُّقْتَدُوْنَ (٢٣)

ابن ڏاڏن پنهنجن کي هڪ رستي تي ۽ بيشڪ اسين انهن جي پيرن جي نشانن جي اقتدا، ڪندڙ آهيون

قٰلَ اَوَلَوْ جِئْتُكُمْ بِاَهْدٰى مِمَّا وَجَدْتُّمْ عَلَيْهِ اٰبَآءَكُمْ

فرمايائين جيتوڻيڪ آڻيان مان اوهان وٽ وڌيڪ سڌو دين ان کان جو لڌو اوهان ان تي ابن ڏاڏن

قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ (٢٤)

پنهنجن کي چيائون ته بلاشڪ اسان ان ڳالهه جو جنهن سان اوهان موڪليا ويا آهيوڪفر ڪندڙ آهيون

فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ع (٢٥)

النصف ع ٢ / ٨

پوءِ بدلو ورتوسون انهن کان پوءِ ڏس ته ڪهڙي طرح هئي پڇاڙي ڪوڙو چوندڙن جي

تفسير:

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو ته ڪافر به مڃين ٿا ته آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪندڙ الله آهي ۽ هتي بيان ڪيو ٿو وڃي ته اهي ان مڃڻ جي باوجود الله جل شانه جي لاءِ عام مخلوق واريون ڳالهيون مڃين ٿا. فرمان مبارڪ آهي " وَجَعَلُوْا لَهٗ مِنْ عِبَادِهٖ جُزْءًا" ۽ ان جي لاءِ ان جي ٻانهن مان جزء (ٽڪرا) ثابت ڪيائون جزء (ٽڪري) مان مراد اولاد آهي يعني ڪافرن الله عزوجل جي لاءِ اولاد ناهيو آهي جو چون ٿا ته ملائڪ الله جل جلاله جون ڌيئرون آهن "اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ مُّبِيْنٌ ؏ بلاشڪ انسان البت ڪليل بي شڪر آهي يعني انسان تي جيڪي الله نعمتون ڪيون آهن انهن جو ڪلي طرح بي شڪر آهي " اَمِ اتَّخَذَ مِمَّا يَخْلُقُ بَنٰتٍ وَّاَصْفٰكُمْ بِالْبَنِيْنَ" ڇا جيڪي پيدا ٿو ڪري ان مان پاڻ ڌيئرون پسند ڪري ورتائين ۽ اوهان کي پٽن سان برگزيدو بنايائين. يعني فيصلو به عجيب آهي جو الله جل شانه جيڪو سڀني جو خالق آهي ان ئي ڌيئرون ۽ پٽ پيدا ڪيا آهن ان پنهنجي لاءِ ڌيئرون پسند ڪيون ۽ اوهان کي چونڊي برگزيدو بنائي پٽ ڏنائين. ڪڏهن به ائين ناهي الله عزوجل جيئن پٽن کان

پاڪ آهي تيئن ڌيئرن ڪان بہ پاڪ آهي. " وَإِذَا بُشِّرَ أَحَدُهُمْ بِمَا ضَرَبَ لِلرَّحْمَٰنِ مَثَلًا ظَلَّ وَجْهُهُ مُسْوَدًّا وَهُوَ كَظِيمٌ " ۽ جڏهن انهن مان هڪڙو ان سان بشارت ڏنو ٿو وڃي جيڪا وصف رحمان جي لاءِ ٿو بيان ڪري تہ ان جو منهن ڪارو ٿي وڃي ٿو ۽ اهو ڏک ۾ ڀريل آهي. مطلب تہ انهن جي پنهنجي حالت اها آهي جو جيڪڏهن ان کي خوشخبري طور ٻڌايو ٿو وڃي تہ تنهن جي گهر ڌيءَ ڄائي آهي تہ اهو ڪاوڙ ۾ ڀرجي وڃي ٿو ۽ ان جي ڪري ان جو منهن ڪارو ٿي ٿو وڃي. پر حيرت جي ڳالهہ آهي جو انهن ڌيئرن جي نسبت الله تعالىٰ ڏانهن ڪرڻ وقت انهن کي ڪو حياء نہ ٿو ٿئي " أَوَمَنْ يُنَشَّأُ فِي الْحِلْيَةِ وَهُوَ فِي الْخِصَامِ غَيْرُ مُبِينٍ " ڇا جيڪو زيورن ۾ پاليو ٿو وڃي ۽ اهو جهيڙي ۾ ڳالهہ واضح ڪندڙ ناهي؟ يعني ڇا الله جل شانه ڌيئرن کي اولاد رکندو جيڪي زيورن ۾ پلجي وڌن ۽ بحث مباحثي جي دوران ڳالهہ واضح ڪري بيان نہ ٿيون ڪن. ڇا اهي الله عزوجل جي مملڪت کي صحيح نموني سنڀالي سگهنديون؟ يا اهي جنگ يا ڳالهين جي ميدان ۾ لهي ميدان ملهائينديون؟ اهڙي اولاد جي الله تعالىٰ کي ضرورت ڪهڙي آهي؟ " وَجَعَلُوا الْمَلَائِكَةَ الَّذِينَ هُمْ عِبَادُ الرَّحْمَٰنِ إِنَاثًا " ۽ ملائڪن کي جيڪي الله جا ٻانها آهن عورتون بنايائون. مطلب تہ اهي سندن ڊاڙون ۽ خبرون حقيقت جي بلڪل برخلاف آهن ملائڪ تہ الله عزوجل جا ٻانها آهن جيڪي هر وقت ان جي ذڪر ۾ محو رهن ٿا ۽ ان جي سيني احڪام جي چون چرا کانسواءِ اطاعت ڪن ٿا ظالمن انهن کي عورتون، الله جون ڌيئرون سڏڻ شروع ڪيو آهي اها ڪيتري ناانصافي ۽ ڪيترو ظلم آهي. " أَشَهِدُوا خَلْقَهُمْ سَتُكْتَبُ شَهَادَتُهُمْ وَيُسْأَلُونَ " ڇا انهن جي پيدا ٿيڻ وقت موجود هئا جلد انهن جي شاهدي لکي ويندي ۽ پڇا ڪيا ويندا مطلب تہ اهڙي ڳالهہ ڪرڻ جو انهن وٽ ڪهڙو ثبوت آهي ڇا اهي ملائڪن جي پيدا ٿيڻ وقت اتي موجود هئا جو ذاتي مشاهدي جي بنا تي انهن کي ڌيئرون سڏين ٿا جيڪڏهن اهڙي ڳالهہ آهي تہ اهي شاهدي پيش ڪن سندن اها شاهدي قلمبند ڪئي ويندي ۽ قيامت جي ڏينهن انهن کان ان جوپڇاڻو ڪيو ويندو. " وَقَالُوا لَوْ شَاءَ الرَّحْمَٰنُ مَا عَبَدْنَاهُمْ " ۽ چون پيا تہ جيڪڏهن رحمان گهري ها تہ اسين انهن جي عبادت نہ ڪيون ها مطلب تہ

جيڪڏهن انهن کي ملائڪن يا بتن وغيره جي عبادت کان روڪجي ٿو تہ چون ٿا تہ اسان پراڻي دور کان انهن جي پوڃا ڪندا آيا آهيون پلا جيڪڏهن اها الله عزوجل کي پسند نہ هجي ها تہ اسان کي ڪهڙي مجال هئي جو انهن جي عبادت ڪندا رهون ها اهو اسان کي روڪي سگهي پيو پر ان جي طرفان اسان کي جبرًا نہ روڪڻ ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ هيءُ اسان جو ڪردار ان کي پسند آهي. "مَالَهُمْ بِذَٰلِكَ مِنْ عِلْمٍ ۖ إِنْ هُمْ إِلَّا يَخْرُصُونَ" انهن کي ان جو ڪو علم ناهي ناهن اهي مگر اٽڪل سان ڳالهائن ٿا. يعني اهي بالڪل اڻ پڙهيل جاهل آهن انهن کي ان حقيقت جي متعلق ڪوبہ نہ علم آهي نہ فهم صرف اٽڪل سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري ان کي پنهنجو دليل ٺا بنائين "أَمْ آتَيْنَاهُمْ كِتَابًا مِنْ قَبْلِهِ فَهُمْ بِهِ مُسْتَمْسِكُونَ" ڇا اسان انهن کي ان کان اڳي ڪو ڪتاب ڏنو آهي پوءِ اهي ان کي مضبوطيءَ سان وٺندڙ آهن؟ يعني ڇا اسان انهن کي ڪو اهڙو ڪتاب ڏنو آهي جنهن ۾ انهن کي شرڪ جي اجازت مليل آهي يارسمن ۽ رواجن کي مضبوطيءَ سان وٺڻ جو حڪم ڏنل آهي؟ جيڪڏهن آهي تہ ان کي پيش ڪن تہ هميشہ جي لاءِ هي جهيڙو ختم ٿي وڃي ۽ دنيا کي معلوم ٿئي تہ انهن جا عقائد ۽ اعمال ان ڪتاب جي مطابق آهن جيڪو ڪين عطا ڪيل آهي "بَلْ قَالُوا إِنَّا وَجَدْنَا آبَاءَنَا عَلَىٰ أُمَّةٍ وَإِنَّا عَلَىٰ آثَارِهِمْ مُهْتَدُونَ" بلڪ چيائون تہ بلاشڪ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي هڪ طريقي تي لڌو هو ۽ بلاشڪ اسين انهن جي قدمن جي نشانن تي هلندي هدايت وارا آهيون مطلب تہ انهن وٽ ان ڪفر وارن عقيدن ۽ برن عملن جي لاءِ نہ ڪو عقلي دليل آهي نہ نقلي جڏهن هرطرح ۽ هر طرف کان عاجز ۽ لاجواب ٿين ٿا تہ پوءِ پنهنجن گمراهن ابن ڏاڏن جو سهارو وٺي چون ٿا تہ جنهن طريقي تي اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي هلندي ڏٺو آهي اسين اهو ڇڏڻ جي لاءِ ڪنهن بہ قيمت ۾ تيار ناهيون "أُمَّةٍ" جي معنيٰ طريقو ۽ دين آهي "١" "وَكَذَٰلِكَ مَا أَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ فِي قَرْيَةٍ مِنْ نَذِيرٍ إِلَّا قَالَ مُتْرَفُوهَا إِنَّا وَجَدْنَا آبَاءَنَا عَلَىٰ أُمَّةٍ وَإِنَّا عَلَىٰ آثَارِهِمْ مُقْتَدُونَ" ۽ اهڙي طرح اسان اوهان کان اڳي ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ نہ موڪليو مگر ان جي آسودن چيو تہ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي هڪ طريقي تي لڌو هو ۽ بلاشڪ اسين انهن جي قدمن جي

(١) القرطبي صہ ٧٤ جلد ١٦

نشانن جي تابعداري ڪندڙ آهيون يعني اي پيارا حبيب عليڪ الصلوٰة والسلام اهو صرف اهل مڪه جو ذهن ناهي انهن کان اڳي به جيڪي گمراهه ۽ ڪافر گذريا انهن وٽ به جڏهن اسان جو موڪليل ڪو نبي پهچندو هوته انهن مان به جيڪي مالي لحاظ سان آسودا هوندا هئا چوندا هئا ته اسان جنهن طريقي ۽ مذهب تي پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏٺو هو ان تي مضبوط رهندي انهن جي ئي قدمن جي نشانن تي هلون ٿا انهن جي ئي اقتدا ۽ پيروي ڪيون ٿا.

هڪ غور طلب ڳالهه

هيءَ ڳالهه نهايت غور طلب آهي ته انبياء ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جي اصلاحي تحريڪن جي مزاحمت ڪرڻ وارا هميشه خوشحال طبقي جا عيش پرست ماڻهو ڇوٿين ٿا؟ هئڻ ته ائين گهرجي جو جڏهن اهي معاش جي فڪر کان آزاد آهن معاشري ۾ هر شخص انهن جو احترام ڪندو آهي انهن کي پنهنجي راءِ جي اظهار ۾ هر طرح جي آزادي ميسر آهي انهن کي گهرجي ته اڳتي وڌي حق جو جهنڊو هٿ ۾ ڪڻن ها ته سابقين اولين ۾ انهن جو نالو سرفهرست هجي ها ۽ انهن کي حق تي هلندي ڏسي ٻيا ماڻهو به باطل کان تعلق ٽوڙي هدايت کي قبول ڪن ها انهن جي اثر رسوخ ۽ ڪوشش سان سارو معاشرو گمراهيءَ جي انڌيرن مان نڪري هدايت ۽ حق جي روشنيءَ ۾ اچي ها. پر اهي ان جي بجاءِ اهل حق سان محاذ آرائي شروع ڪري ڏين ٿا ۽ پنهنجن چيلن کي برغلائي اهل حق جي خلاف بدتميزيءَ جو طوفان برپا ڪري ڏين ٿا آخر ان جو وجه ڇا آهي؟ ان جي لاءِ قارئين ڪرام جي خدمت ۾ عرض آهي ته ان جا ڪيترا وجه آهن ١ ته انهن وٽ پيسا گهڻا هوندا آهن ۽ ان جي ڪري اهي ڪنهن جو مطيع ۽ فرمانبردار ٿيڻ پنهنجي شان جي گهٽتائي سمجهندا آهن اهي جنهن سرداريءَ جي مسند تي ويٺل هوندا آهن ان کي ٻئي ڪنهن جي لاءِ خالي ڪرڻ انهن تي ڳرو گذرندو آهي. ٢ ته معاشري ۾ جيڪا قمار جي گرم بازاري هوندي آهي ان ۾ اهي برابر جا شريڪ هوندا آهن غريب طبقي جو معاشي استحصال انهن جي دولت ڪمائڻ جو سرچشمو هوندو آهي جيڪڏهن اهي معاشره جي اصلاح جي انهن ڪوششن ۾ مصلحن جو ساٿ ڏين ته جنهن عيش ۽

آرام واري زندگيءَ جا اهي عادي ٿي چڪا آهن ان جو تڏوئي ويڙهجي ويندو سڀ کان وڏو وجه شايد هي آهي جو اهي دين ۽ مذهب کي مسڪينن ۽ مفلسن جو ڏندو سمجهندا آهن جن کي رهڻ جي لاءِ آرام وارا بنگلا، سواريءَ جي لاءِ بهترين ڪارون ۽ نفس جي هوس کي دفع ڪرڻ جي لاءِ بي حساب دولت ميسر هجي انهن کي لاچارئي ڪونه آهي ته اهي مذهب جي باري ۾ سوچين اهڙي طرح ٻيون به ڪيتريون رڪاوٽون انهن ماڻهن جي رستي ۾ جبل بڻجي بيهي ٿيون رهن اهي پاڻ ۾ تبديلي آڻڻ واري تڪليف ڏيندڙ عمل جي بجاءِ اها ڳالهه وڌيڪ آسان سمجهن ٿا ته حق جي ڳالهه کي سختيءَ سان دٻائي ڇڏين ۽ حق وارن کي آسانيءَ سان ايرڻ نه ڏين جيتوڻيڪ نيٺ اهي ان ڪوشش ۾ بري طرح ناڪام ٿيندا آهن.

" قَالَ اَوَلَوْ جِئْتُكُمْ بِاَهْدٰى مِمَّا وَجَدْتُّمْ عَلَيْهِ اٰبَآءَكُمْ قَالُوْآ اِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ " فرمايائين ته جيتوڻيڪ مان اوهان وٽ جنهن تي اوهان پنهنجن پيئرن کي لڌو ان کان وڌيڪ هدايت وارو امر آڻيان چوڻ لڳا ته اسان جنهن امر سان اوهان موڪليا ويا آهيو ان جو ڪفر ڪندڙ آهيون يعني نبي سڳوري علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام انهن کي فرمايو ته اوهان جي ابن ڏاڏن جي گمراهيءَ واري واٽ کان مان اوهان کي وڌيڪ هدايت واري واٽ ونايان؟ اوهان جي ابن ڏاڏن وارو عقيدو ته اوهان جي ذهني مادي ۽ روحاني ترقيءَ ۾ وڏي رڪاوٽ آهي ۽ اسان جو پروگرام اوهان جي لاءِ نهايت اهم، مفيد ۽ ڪارائتو آهي ته اهي انڪار ڪندي چون ٿا ته اوهان ڇا به ڪيو ڪيترا به دليل ڏيو اسين اوهان جي پيغام ۽ پروگرام جا بالڪل منڪر ۽ ڪافر آهيون هرگز نه مڃينداسون "فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ" پوءِ اسان انهن کان بدلو ورتو پوءِ ڏس ته ڪوڙو چوندڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي يعني جڏهن انهن جي سڌرڻ ۽ مڃڻ جا امڪان نه رهيا ته اسان انهن کان ڪين هلاڪ ۽ تباهه ڪرڻ سان بدلو ورتو. پوءِ اوهان ڏسو ته نبي سڳوري کي ڪوڙو چوندڙ جي پڇاڙي ڪيئن ٿي ۽ اي پيارا حبيب عليك الصلوٰة والسلام جيڪي اوهان کي نه ٿا مڃين انهن کان ائين بدلو وٺنداسون اوهان انهن جي ڪوڙي چوڻ جي ڪري ڪو غم ۽ فڪر نه ڪيو "١"

(١) مظهري صـ ٣٤٤ جلد ٨

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا:

١: وَجَعَلُوْا لَهٗ مِنْ عِبَادِهٖ جُزْءًا (۽ ان جي لاءِ سندس ٻانهن مان جزء بنايائون) اولاد جي لاءِ جزء جولفظ اختيار كري مشركن جي ان باطل دعوىٰ جي عقلي ترديد ڏانهن اشارو كيو ويو آهي تہ: جيكڏهن الله جل شانه جو كو اولاد هجي تہ اهو ان جو جزء هوندو ڇوتہ پٽ پيءُ جو جزء هوندو آهي ۽ اهو عقلي قاعدو آهي تہ هركل پنهنجي وجود ۾ جزء جو محتاج هوندو آهي تہ ان مان لازم ٿئي ٿو تہ معاذ الله الله بہ پنهنجي اولاد جو محتاج آهي ظاهر آهي تہ كنهن بہ قسم جي محتاجي الله جي شان الوهيت جي خلاف آهي . ٢: " وَهُوَ فِى الْخِصَامِ غَيْرُ مُبِيْنٍ " (۽ اهو جهيڙي ۾ بيان كندڙ ناهي) جي تفسير مان معلوم ٿيو تہ عورت ڳالهائڻ جي قوت گهٽ ركي ٿي حالانك كي عورتون ڳالهائڻ ۾ ايتريون هوشيار هونديون آهن جو مرد بہ انهن جو مقابلو كري نہ سگهندو آهي پر مفسرن ان جي وضاحت كندي لكيو آهي تہ اهو اكثريتي حكم آهي جو اكثر عورتون اظهار مافي الضمير ۾ مردن جي برابر نہ هونديون آهن كي كي هونديون تہ ان سان آيت جي مفهوم تي كو اثر نہ ٿو پوي " ١"

وَإِذْ قَالَ إِبْرَاهِيمُ لِأَبِيهِ وَقَوْمِهِ إِنَّنِي

۽ جڏهن چيو ابراهيم پنهنجي پيءُ (چاچي) كي ۽ پنهنجي قوم كي تہ بلاشك مان

بَرَاءٌ مِمَّا تَعْبُدُونَ (٢٦) إِلَّا الَّذِي فَطَرَنِي

بيزار آهيان انهن كان جن جي عبادت كيوٿا مگر جنهن پيدا كيو مون كي

فَإِنَّهُ سَيَهْدِينِ (٢٧) وَجَعَلَهَا كَلِمَةً

پوءِ بلاشك اهو جلد هدايت كندو مون كي ۽ كيائين ان كي (توحيد جو) كلمو

(١) معارف القرآن صہ ٧٢۴ جلد ٧

بَاقِيَةً فِىْ عَقِبِهٖ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ (٢٨) بَلْ مَتَّعْتُ هٰۤؤُلَآءِ وَاٰبَآءَهُمْ

باقي رهندڙ پنهنجي اولاد ۾ تانت اهي موٽن بلڪ نفعو ڏنو مون هنن کي ۽ سندن ابن ڏاڏن کي

حَتّٰى جَآءَهُمُ الْحَقُّ وَرَسُوْلٌ مُّبِيْنٌ (٢٩) وَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ

تانجو آيو انهن وٽ حق ۽ رسول کولي بيان ڪندڙ ۽ جڏهن آيو انهن وٽ حق

قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ وَّاِنَّا بِهٖ كٰفِرُوْنَ (٣٠)

تہ چيائون هيءُ جادو آهي ۽ بيشڪ اسين ان جو ڪفر ڪندڙ آهيون

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪافرن جو صرف اهو دليل هوتہ اسان جيئن پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏٺو آهي اهو ڪنداسون پئي ڪنهن جي ڪا ڳالهہ نہ مڃينداسون ۽ هتي انهن جي سمجهاڻ جي لاءِ حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام جو ذڪر ڪندي انهن کي چيو ٿو وڃي تہ جيڪڏهن هرويرو ابن ڏاڏن جي طريقي تي هلڻ جو ضد ڪيو بيٺا آهيو تہ پوءِ حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام جي طريقي ۽ مذهب تي چونہ ٿا هلو جيڪو اوهان جي ابن ڏاڏن کان وڌيڪ شرف ۽ شان واروآهي فرمان الاهي آهي " وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖۤ اِنَّنِىْ بَرَآءٌ مِّمَّا تَعْبُدُوْنَ ۙ" ۽ (ياد فرمايو) جڏهن ابراهيم پنهنجي پيءُ (چاچي) ۽ پنهنجي قوم کي فرمايو تہ بلاشڪ مان انهن کان بيزار آهيان جنجي اوهان عبادت ڪيو ٿا. يعني اي مشرڪو! اوهان پنهنجي ڏاڏي ۽ نهايت شرف ۽ شان واري ڏاڏي حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام جي نسل هجڻ تي ناز ڪرڻ وارؤ ان وانگر چونہ ٿا ڪيوجو جڏهن پنهنجي چاچي آزر ۽ قوم وارن کي غلط ، گمراهہ ۽ مشرڪ ڏٺائين تہ انهن کي ڪُلي چيائين تہ مان اوهان ۽ اوهان جي باطل معبودن بتن کان بيزار آهيان- ۽ جڏهن اهو بيزار ٿيو تہ اوهان بہ انهن باطل معبودن کان بيزار ٿي سچي معبود. الله عزوجل جي عبادت چونہ ٿا ڪيو؟ " اِلَّا الَّذِىْ فَطَرَنِىْ فَاِنَّهٗ سَيَهْدِيْنِ " مگر

جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي پوءِ بلاشڪ اهوئي مون کي جلد هدايت ڪندو. مطلب تہ صرف ان جي عبادت ڪندس جنهن مونکي وجود ڏنو آهي اهوئي جلد منهنجي اڳتي رهنمائي ڪندو. " وَجَعَلَهَا كَلِمَةً بَاقِيَةً فِيْ عَقِبِهٖ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ" ۽ ان کي پنهنجي اولاد ۾ باقي رهندڙ ڪلمو بنايائين تانت اهي موٽن. مطلب تہ ان توحيد جي عقيدي کي صرف پنهنجي ذات تائين محدود نہ رکيو بلڪ پنهنجي اولاد کي بہ ان عقيدي تي قائم رهڻ جي وصيت ڪري ويو ۽ سندس اولاد ۾ الله عزوجل کي هڪ مڃڻ وارن جوڳو تعداد موجود هو بلڪ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي بعثت تائين مڪه مڪرمه ۽ ان جي گردو نواح ۾ اهڙا سليم الفطرت حضرات موجود هئا جيڪي صدين گذرڻ کان پوءِ بہ حضرت ابراهيم عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي اصلي دين تي قائم هئا. " ١" " بَلْ مَتَّعْتُ هٰٓؤُلَآءِ وَاٰبَآءَهُمْ حَتّٰى جَآءَهُمُ الْحَقُّ وَرَسُوْلٌ مُّبِيْنٌ" بلڪ مون هنن کي ۽ سندن ابن، ڏاڏن کي نفعا ڏنا تانجو انهن وٽ حق ۽ کولي بيان ڪندڙ رسول آيو مطلب تہ انهن ماڻهن گهڻي عرصي کان حضرت ابراهيم عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي ملت کي ڇڏي ڏنو هو هجڻ تہ ائين کپندو هو تہ انهن کي ان ڪردار جي سزا ڏئي تباهہ ڪري ڇڏجي ها پر اسان وري بہ انهن تي رحم فرمايو جو دنيوي سامان ۽ عيش عشرت سان مزا ماڻيندا رهيا ۽ تمام گهڻي عرصي کان پوءِ هاڻي انهن وٽ محبوب عليه الصلوٰة والسلام جلوه گر ٿيو آهي تہ انهن کي گهربو هو تہ ان تي ايمان آڻي ان جي نور مان روشن ٿين ها ۽ سندن حياتي بخشيندڙن فرمانن ۽ روح پرور ارشادن تي عمل ڪن ها پر انهن ائين ڪرڻ جي بجاءِ انڪار ڪيو "وَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ وَّاِنَّا بِهٖ كٰفِرُوْنَ" ۽ جڏهن انهن وٽ حق آيو تہ چيائون هي جادو آهي ۽ بلاشڪ اسين ان جو ڪفر ڪندڙ آهيون يعني عناد ۽ وڏائي سان سينا ويڪرا ڪندي چوڻ لڳا تہ هي الله جل جلاله جو ڪلام ناهي جادو آهي ۽ اسين ان جو انڪار ڪيون ٿا نہ مڃيون ٿا ۽ نہ ان تي ايمان آڻيندا سون " ٢"

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا.

١: " فَاِنَّهٗ سَيَهْدِيْنِ " (پوءِ بلاشڪ اهو جلدمون کي هدايت ڪندو) هتي اهو مطلب ناهي تہ حضرت ابراهيم عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام اڳي هدايت تي نہ

(١) معارف القرآن صہ ٧٢٦ جلد ٧ (٢) تفسير ابن ڪثير صہ ٢٦ جلد ۴

هو هاڻي الله ان کي هدايت ڪندو بلڪ ان مان ﺑﻪ معنائون مراد آهن ١ تہ الله عز وجل مون کي جلد هجرت ڪرڻ واري جاءِ ڏسيندو جيڏانهن مان هجرت ڪري ويندس ٢ تہ مون کي جلد هدايت ڪندو يعني مون کي هردم رهنمائي ڪندو رهندو ۽ هدايت تي هميشگي ۽ دوام نصيب ڪرڻ فرمائيندو انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام هڪ گهڙيءَ جي لاءِ گمراه نہ تي سگهندا جڏهن پاڻ اٿنديئي فرمائي رهيو هو تہ " مان اوهان جي معبودن کان بيزار آهيان تہ ان جي هدايت تي هجڻ ۾ ڪهڙو شبهو رهيو هن آيت جو تفسير اها آيت آهي " اِنِّیْ ذَاهِبٌ اِلٰی رَبِّیْ سَیَهْدِیْنِ" بلاشڪ مان پنهنجي رب ڏانهن ويندڙ آهيان (اهو) مون کي جلد هدايت ڪندو. ٢: " وَجَعَلَهَا كَلِمَةًۢ بَاقِیَةً فِیْ عَقِبِهٖ" (۽ ان کي ان جي اولاد ۾ باقي رهندڙ ڪلمو بنايائين) مان مراد آهي تہ حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جواهو باطل معبودن کان بيزاري وارو اعلان ان کان پوءِ اچڻ وارن نبين علیٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام ۽ صالحن، بزرگن، اوليائن ۽ عالمن ۾ بہ جاري رهيو.

٣: "رَسُوْلٌ مُّبِیْنٌ" (بيان ڪندڙ رسول) الله عزوجل لوح محفوظ کي بہ مبين سڏيو، قرآنِ ڪريم کي بہ ۽ سهڻي حبيب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کي بہ مبين سڏيو ڇوتہ پاڻ الله جل وعلا جي عطا سان غيبن کي بيان ڪندڙ آهن ۽ سندن نبوت بالڪل ظاهر آهي سندن معجزا سندن حقانيت جو ڪليل دليل آهن. " ١"

وَقَالُوْا لَوْلَا نُزِّلَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ عَلٰی رَجُلٍ مِّنَ الْقَرْیَتَیْنِ

۽ چيائون تہ ڇونہ نازل ڪيو ويو هي قرآن ڪنهن مڙس تي ٻن ڳوٺن مان

عَظِیْمٍ (٣١) اَهُمْ یَقْسِمُوْنَ رَحْمَتَ رَبِّكَ ؕ نَحْنُ قَسَمْنَا

وڏي تي ڇا اهي ورهائن ٿا تنهنجي رب جي رحمت اسان ورهايو

بَیْنَهُمْ مَّعِیْشَتَهُمْ فِی الْحَیٰوةِ الدُّنْیَا وَرَفَعْنَا بَعْضَهُمْ

انهن ۾ گذران انهن جو دنيا واري حياتيءَ ۾ ۽ بلند ڪيوسين هڪڙن کي

(١) نور العرفان صہ ٧٨٤

فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَتَّخِذَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا سُخْرِيًّا ؕ وَرَحْمَتُ

ٻين جي مٿان درجن ۾ تانت وٺن هڪڙا انهن مان ٻين کي حڪم بردار ۽ تنهنجي

رَبِّكَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ (٣٢) وَلَوْلَآ اَنْ يَّكُوْنَ النَّاسُ

رب جي رحمت ڀلي آهي ان کان جيڪو گڏ ڪن ٿا ۽ جيڪڏهن نه هجي ها جو ٿي وڃن ماڻهو

اُمَّةً وَّاحِدَةً لَّجَعَلْنَا لِمَنْ يَّكْفُرُ بِالرَّحْمٰنِ

جماعت هڪ - (ڪافر) ته البت ڪيون ها انهن جي لاءِ جيڪي ڪفر ڪن ٿا رحمٰن جو

لِبُيُوْتِهِمْ سُقُفًا مِّنْ فِضَّةٍ وَّمَعَارِجَ عَلَيْهَا يَظْهَرُوْنَ ۙ (٣٣)

سندن گهرن جون ڇتيون چانديءَ مان ۽ ڏاڪڻيون جو انهن تي چڙهن ها

وَلِبُيُوْتِهِمْ اَبْوَابًا وَّسُرُرًا عَلَيْهَا يَتَّكِئُوْنَ ۙ (٣٤) وَزُخْرُفًا ؕ

۽ سندن گهرن جا دروازا ۽ تخت جو انهن تي ٽيڪ ڏئي وهن ها ۽ سونا

وَاِنْ كُلُّ ذٰلِكَ لَمَّا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ وَالْاٰخِرَةُ

۽ ناهي سمورو اهو مگر سامان حياتيءَ دنيا واريءَ جو ۽ آخرت

عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُتَّقِيْنَ ؑ (٣٥) ع٣

تنهنجي رب وٽ پرهيزگارن جي لاءِ آهي.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو ته ڪافرن وٽ جڏهن رسول مبين آيو ته ان جو انڪار ڪيائون ۽ هتي وري انهن جو ٻيو ذهن بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي " وَقَالُوْا لَوْلَا نُزِّلَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ عَلٰى رَجُلٍ مِّنَ الْقَرْيَتَيْنِ عَظِيْمٍ " ۽ چيائون ته هي قرآن ٻن ڳوٺن مان

هڪ وڏي مڙس تي ڇونہ نازل ڪيوويو - اهي ٻہ ڳوٺ ڪهڙا هئا؟ ابن جرير، ابن ابي حاتم ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ اهي ڳوٺ مڪه مڪرمه ۽ طائف شريف آهن (۽ ان وڏي مڙس مان مراد ڪير آهي) انهيءَ ئي راويت ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو فرمان آهي تہ مڪه مڪرمه وارن جي وڏي مان مراد وليد بن مغيره قريشي ۽ طائف شريف جي رهاڪن جي وڏي مان مراد حبيب بن عمير ثقفي آهي " ١ " مطلب تہ جيڪڏهن الله عزوجل کي ڪو رسول موڪلڻو هجي ها تہ مڪه مڪرمه يا طائف شريف جي ڪنهن مالدار، راڄ ڀاڳ واري امير کي رسول بنائي ها جنهن جي اطاعت ڪرڻ آسان ٿئي ها الله عز اسمه هڪ دنيوي ظاهري لحاظ سان مسڪين هستيءَ کي نبي ڇو بنايو؟ جنهن جي اطاعت مالدار ۽ سرمايه دار جي لاءِ نهايت مشڪل آهي " اَهُمْ يَقْسِمُوْنَ رَحْمَةَ رَبِّكَ ؕ " ڇا اهي تنهنجي رب جي رحمت کي ورهائن ٿا يعني نبوت ۽ رسالت ڏيڻ اوهان جي هٿ جي ڳالهہ آهي ڇا جو ان تي بحث ڪري رهيا آهيو؟ الله عزوجل جي رحمت ورهائڻ وارا اوهان آهيو؟ " نَحْنُ قَسَمْنَا بَيْنَهُمْ مَّعِيْشَتَهُمْ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا " اسان انهن ۾ دنيوي حياتيءَ ۾ سندن گذران ورهايو. مطلب تہ نبوت ۽ رسالت تہ بلند مقام آهي جن ۾ هنن جو ڪو دخل نہ هلندو پر سندن مال ملڪ ت جنهن تي هي غرور ڪن ٿا ۽ ان کي نبوت ملڻ جي لاءِ ضروري قرار ڏين ٿا اهو بہ انهن ۾ اسان ورهايو آهي ۽ ان عطا ڪرڻ ۾ ڪيتريون حڪمتون ۽ مصلحتون آهن " وَرَفَعْنَا بَعْضَهُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَتَّخِذَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا سُخْرِيًّا ؕ " ۽ بلند ڪيو اسان هڪڙن کي انهن مان ٻين کان درجن ۾ تانت هڪڙا انهن مان ٻين کي حڪم بردار بنائين. مطلب تہ هيءُ بہ اسان جي حڪمت آهي جو سڀني کي هڪ جهڙو نہ بنايوسون. بلڪ هڪڙن کي ٻين کان درجن ۾ بلند ڪيوسون تانت بلنديءَ وارا پنهنجي ماتحت رهڻ وارن کي ڪم ڪار ۾ استعمال ڪري انهن کان خدمت وٺن ۽ ان طرح دنيا جو سمورو نظام درست هلي " وَرَحْمَةُ رَبِّكَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ " ۽ تنهنجي رب جي رحمت ان کان ڀلي آهي جيڪي گڏ ڪن ٿا. يعني اي محبوب! عليك الصلوة والسلام تنهنجي رب جي خصوصي رحمت، نبوت ۽ رسالت جو مرتبو ۽

(١) الدر المنثور صہ ٣٧٤ جلد ٧

منصب جنهن سان الله عزوجل اوهان کي نوازيو آهي ان جي مقابلي ۾ سموري دنيا جي قارونن جي خزانن جي ڪا حيثيت ناهي "رَحْمَةُ رَبِّكَ" تنهنجي رب جي رحمت - هنن لفظن ۾ ڪيترو لطف آهي يعني اهو رب ته سڀني جهانن جو آهي پر اي حبيب! انهي شان ربوبيت جي جيڪا خاص نسبت اوهان جي ذات سان آهي اها ڪنهن ٻئي کي نصيب ناهي. " وَلَوْلَآ اَنْ يَّكُوْنَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً لَّجَعَلْنَا لِمَنْ يَّكْفُرُ بِالرَّحْمٰنِ لِبُيُوْتِهِمْ سُقُفًا مِّنْ فِضَّةٍ وَّمَعَارِجَ عَلَيْهَا يَظْهَرُوْنَ وَلِبُيُوْتِهِمْ اَبْوَابًا وَّسُرُرًا عَلَيْهَا يَتَّكِئُوْنَ وَزُخْرُفًا" ۽ جيڪڏهن هي خيال نه هجي ها ته ماڻهو هڪ جماعت (ڪافره) تي ويندا ته انهن جي لاءِ جيڪي رحمٰن جو ڪفر ٿا ڪن سندن گهرن جون ڇتيون چانديءَ جون ڪيون ها ۽ ڏاڪڻيون (به) جن تي اهي چڙهن ٿا ۽ سندن گهرن جا دروازا ۽ تخت جن تي ٽيڪ ڏئي وهن ٿا (اهي به چانديءَ جا ڪيون ها) ۽ سونا - مطلب ته جيڪڏهن اهو خيال نه هجي ها جو ماڻهو سڀ ڪافر ٿي ويندا ۽ سمجهندا ته ڪافر حق تي آهن ته اسين ڪافرن کي ايتري دولت ڏيون ها جو انهن جي گهرن جون ڇتيون ، دروازا ، ڏاڪڻيون ۽ ٽيڪ ڏئي وهڻ وارا تخت سڀ چانديءَ جا ۽ سون جا هجن ها. دنيا دولت جيڪا اسان جي قدرتي نگاهه ۾ ڪا اهميت نه ٿي رکي انهن نالائقن جي حوالي ڪري ڇڏيون ها " وَاِنْ كُلُّ ذٰلِكَ لَمَّا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةُ عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُتَّقِيْنَ" ۽ ناهي سمورو اهومگر دنيا واري حياتيءَ جو سامان ۽ آخرت تنهنجي رب وٽ پرهيزگارن جي لاءِ آهي. مطلب ته اهو سمورو سامان عارضي ۽ فاني آهي اعتماد جي لائق ناهي ۽ آخرت ۾ الله وٽ انهن جي لاءِ ڀلائي ۽ بهتري آهي جيڪي متقي هوندا. شرڪ ۽ گناهن کان ٻري رهي صاف ٿي بارگاهه ايزدي ۾ پيش ٿيندا.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

١: " عَلٰى رَجُلٍ مِّنَ الْقَرْيَتَيْنِ عَظِيْمٍ " (ٻن ڳوٺن مان هڪ وڏي مرد تي) هن مان معلوم ٿيو ته الله عزوجل جي نبين عليهم الصلوٰة والسلام کي عظيم نه سمجهڻ، دنيادار کي عظيم سمجهڻ ڪافرن جو ڪم آهي سڀ کان وڏيڪ عظمت ۽ عزت وارو نبي عليه الصلوٰة والسلام آهي ۽ ان تي ايمان آڻيندڙ به عزت وارا آهن جيئن

ارشاد خداوندي آهي " اَلْعِزَّةُ لِلّٰهِ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ" عزت الله جي ۽ ان جي رسول جي ۽ مومنن جي آهي.٢: " لِيَتَّخِذَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا سُخْرِيًّا " (تانت هڪڙا انهن مان ٻين کي حڪم بردار بنائين) مان معلوم ٿيو تہ هڪڙن کي ٻين کان بلند ڪرڻ ۾ بہ رب پاڪ جون ڪئين حڪمتون آهن جيڪي مالي لحاظ سان بلند آهن اهي پاڻ کان گهٽ وارن کان ڪم ڪار وٺي سگهن ان جي ڪري سيٺي کي عالم، ولي ۽ نبي نہ بنايائين . ٣: آيت ٣٣ کي سمجهڻ مان معلوم ٿيو تہ مال ۽ دولت جو گهٽو هجڻ ٻلي هجڻ جو دليل ناهي. هاجن اعلىٰ اوصاف جو هجڻ نبوت لاءِ ضروري هو اهي سڀ جو سڀ اوصاف حضرت حبيب ڪريم عليه التحية والتسليم ۾ علىٰ وجه الڪمال موجود آهن.

وَمَنْ يَّعْشُ عَنْ ذِكْرِ الرَّحْمٰنِ نُقَيِّضْ لَهٗ شَيْطٰنًا

۽ جيڪو غافل رهندو رحمٰن جي ذڪر کان تہ مقرر ڪنداسون ان جي لاءِ شيطان

فَهُوَ لَهٗ قَرِيْنٌ (٣٦) وَاِنَّهُمْ لَيَصُدُّوْنَهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ

پوءِ اهو ان جي لاءِ ساٿي آهي ۽ بيشڪ اهي البت روڪين ٿا انهن کي واٽ کان

وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ (٣٧) حَتّٰۤى اِذَا جَآءَنَا

۽ ڀائين ٿا تہ بلاشڪ اهي هدايت وارا آهن تانجو جڏهن ايندو اسان وٽ

قَالَ يٰلَيْتَ بَيْنِيْ وَبَيْنَكَ بُعْدَ الْمَشْرِقَيْنِ

چوندو اي ڪاش! منهنجي وچ ۽ تنهنجي وچ ۾ پر انهين هجي ها اوير، اولهہ جيتري

فَبِئْسَ الْقَرِيْنُ (٣٨) وَلَنْ يَّنْفَعَكُمُ الْيَوْمَ اِذْ ظَّلَمْتُمْ

پوءِ بڇڙو سنگتي آهين ۽ هرگز نفعو نہ ڏيندي اوهان کي اڄ جڏهن ظلم ڪيو اوهان

اَنَّكُمْ فِى الْعَذَابِ مُشْتَرِكُوْنَ (۳۹) اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ

بلاشڪ اوهان عذاب ۾ شريڪ ٿيڻ وارا آهيو ڇا پوءِ تون ٻڌائيندي ٻوڙن کي

اَوْ تَهْدِى الْعُمْىَ وَمَنْ كَانَ فِىْ ضَلَالٍ مُّبِيْنٍ (۴۰) فَاِمَّا

يا واٽ ڏيکاريندي انڌن کي ۽ ان کي جيڪو کليل گمراهيءَ ۾ آهي پوءِ جيڪڏهن

نَذْهَبَنَّ بِكَ فَاِنَّا مِنْهُمْ مُّنْتَقِمُوْنَ (۴۱) اَوْنُرِيَنَّكَ

وٺي وڃون اسين توکي پوءِ بيشڪ اسين انهن کان بدلو وٺندڙ آهيون يا ڏيکاريون توکي

الَّذِىْ وَعَدْنٰهُمْ فَاِنَّا عَلَيْهِمْ مُّقْتَدِرُوْنَ (۴۲)

اهو جو وعدو ڏنوسون انهن کي پوءِ بيشڪ اسان انهن تي وس وارا آهيون

فَاسْتَمْسِكْ بِالَّذِىْٓ اُوْحِىَ اِلَيْكَ اِنَّكَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ (۴۳)

پوءِ مضبوطيءَ سان وٺ ان کي جيڪو وحي ڪيو وڃي ٿو توڏانهن بلاشڪ تون واٽ سڌيءَ تي آهين

وَاِنَّهٗ لَذِكْرٌ لَّكَ وَلِقَوْمِكَ وَسَوْفَ تُسْئَلُوْنَ (۴۴)

۽ بيشڪ اهو البت شرف آهي تولاءِ ۽ تنهنجي قوم جي لاءِ ۽ جلد پڇا ڪيا ويندؤ

وَسْئَلْ مَنْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رُّسُلِنَآ اَجَعَلْنَا مِنْ دُوْنِ

۽ پڇ تون انهن کان جيڪي موڪليا اسان تو کان اڳي پنهنجن رسولن مان ڇاڪيا اسان

الرَّحْمٰنِ اٰلِهَةً يُّعْبَدُوْنَ (۴۵)

رحمٰن کانسواءِ معبود جو عبادت ڪيا وڃن.

رکوع ۴

تفسير:

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو ته مال ملڪيت دنيوي عارضي سامان آهي جيڪو جلد فنا ٿي ويندو ۽ هتي ڇڏايو ويو آهي ته جيڪو مال جي محبت ۾ رهي الله جي ذڪر کان منهن موڙيندو اهو شيطان جو ساٿي بنجندو. فرمان مبارڪ آهي " وَمَنْ يَّعْشُ عَنْ ذِكْرِ الرَّحْمٰنِ نُقَيِّضْ لَهٗ شَيْطٰنًا فَهُوَ لَهٗ قَرِيْنٌ " ۽ جيڪو رحمان جي ذڪر کان غافل رهندو اسين ان جي لاءِ هڪ شيطان مقرر ڪنداسون پوءِ اهو ان جو ساٿي هوندو. مطلب ته جيڪو شخص سچي نصيحت ۽ الله جل شانه جي ذڪر کان روگرداني ڪندو ان تي خصوصي طرح هڪ شيطان مقرر ڪيو وڃي ٿو جيڪو ان جو ساٿي بنجي هر وقت ان کي گمراهه ڪندو ۽ دل ۾ وسوسا وجهندو رهي ٿو ۽ اهو دوزخ ۾ وڃڻ تائين ان جو ساٿ نه ڇڏيندو" ١" " وَاِنَّهُمْ لَيَصُدُّوْنَهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ " ۽ بلاشڪ اهي انهن کي واٽ کان روڪين ٿا ۽ سمجهن ٿا ته بلاشڪ اهي هدايت وارا آهن يعني شيطان انهن غافلن کي هدايت جي واٽ کان روڪين ٿا ۽ الله جل شانه جي ذڪر کان غافل رهڻ وارا سمجهن ٿا ته اهيئي هدايت وارا آهن. "٢" " حَتّٰٓى اِذَا جَآءَنَا قَالَ يٰلَيْتَ بَيْنِيْ وَبَيْنَكَ بُعْدَ الْمَشْرِقَيْنِ فَبِئْسَ الْقَرِيْنُ" تانجو جڏهن اسان وٽ آيو ته چيائين اي ڪاش! منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ اوڀر اولهه جيتري پرانهين هجي ها پوءِ بڇڙو ساٿي آهي. يعني جڏهن غافل شخص اسان وٽ ان حال ۾ پيش ٿيندو جو ان جو ساٿي شيطان ان سان گڏ هڪ زنجير ۾ جڪڙيل هوندو ته اهو غافل ان شيطان کي چوندو ته اي ڪاش! تون مون کان ايترو پري هجين ها جيترو اوڀر اولهه کان پري آهي تون ته نهايت برو ساٿي آهين. "الْمَشْرِقَيْنِ" مان مراد اوڀر ۽ اولهه آهن هتي اولهه تي به مشرق جولفظ تغليبًا ڳالهايو ويو آهي ۽ مثنیٰ جي صيغي ۾ آٽي "بُعْدَ" کي انهن ڏانهن مضاف ڪيو ويو آهي. حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه فرمايو ته ڪافر جڏهن محشر جي ميدان ۾ آندو ويندو ته سندس ساٿي شيطان به ان جو جوڙ بنايو ويندو تانجو جهنم جي باهه ۾ پهچندا ته به گڏ هوندا. "٣" "وَلَنْ يَّنْفَعَكُمُ الْيَوْمَ اِذْ ظَّلَمْتُمْ اَنَّكُمْ فِى الْعَذَابِ مُشْتَرِكُوْنَ" ۽ هرگز نفعو نه ڏيندو اوهان کي اڄ جڏهن اوهان ظلم ڪيو بلاشڪ اوهان عذاب ۾

(١) حاشية عثمانيه صہ ٦٥٤ (٢) مدارڪ صہ ١١٩ جز ٤٠ جلد ٢ (٣)المظهري صہ ٣٥٠ - صہ ٣٥١ جلد ٨

شريڪ آهيو. يعني عذاب ۾ گڏ هجڻ اوهان کي ڪنهن به قسم جو فائدو نه ڏيندو. جڏهن اوهان ظلم ڪيو ۽ ظلم ۾ به اوهان گڏ هيئو ته عذاب ۾ شريڪ رهو. دنيا ۾ جيڪڏهن ڪنهن تڪليف ۾ به گڏ ٿيندا هئا ته اها هلڪي ٿيندي هئي قيامت جو نظام ان کان نرالو آهي. "١" " اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ اَوْتَهْدِى الْعُمْىَ وَمَنْ كَانَ فِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ" ڇا پوءِ تون ٻوڙي کي ٻڌائيندي يا انڌي کي واٽ ڏيکاريندي ۽ ان کي جيڪو ڪليل گمراهي ۾ هوندو. نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام جن ڪافرن جي نه مڃڻ ۽ انڪار ڪرڻ تي غمگين ٿيندا هئا انهن کي الله جل شانه مطمئن ڪرڻ جي لاءِ فرمايو ته - اي حبيب! عليڪ الصلوة والسلام! جيڪڏهن هي ٻوڙا نه ٿا ٻڌن ته اوهان انهن کي ڪيئن ٻڌائيندا يا هي انڌا اوهان جي چمڪندڙ سج کي نه ٿا ڏسن يا هدايت جي هوندي ڪليل گمراهيءَ ۾ آهن ته اوهان انهن کي ڪهڙي رهنمائي ڪندؤ. اهي ازلي بدبخت ڪا ڳالهه قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهن ته انهن جي متعلق ڪو غم ۽ فڪر نه ڪيو " فَاِمَّا نَذْهَبَنَّ بِكَ فَاِنَّا مِنْهُمْ مُّنْتَقِمُوْنَ" پوءِ جيڪڏهن اسين اوهان کي وٺي وڃون ته پوءِ بلاشڪ اسين انهن کان بدلو وٺندڙ آهيون " اَوْ نُرِيَنَّكَ الَّذِىْ وَعَدْنٰهُمْ فَاِنَّا عَلَيْهِمْ مُّقْتَدِرُوْنَ" يا اسين توکي اهو ڏيکاريون جيڪو اسان انهن کي وعدو ڏنو آهي پوءِ بلاشڪ اسين انهن تي قدرت رکندڙ آهيون. مطلب ته اي محبوب! عليڪ الصلوة والسلام انهن ڪافرن کي سندن ڪفر جي سزا ضرور ملندي پوءِ اها اوهان کي پاڻ ڏانهن گهرائي، رحلت ڪرائي پوءِ ڏيون، انهن کان انتقام وٺون يا اوهان جي هوندي انهن کي وعدو ڏنل سزا ڏيون ۽ اوهان کي اها دنيا ۾ به ڏيکاريون اسين انهن تي هر طرح قدرت رکندڙ آهيون اهي اسان جي قدرتي ڪنٽرول کان ٻاهر ٿي نه سگهندا. " فَاسْتَمْسِكْ بِالَّذِىْٓ اُوْحِىَ اِلَيْكَ اِنَّكَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ" پوءِ ان کي مضبوطيءَ سان وٺ جيڪو توڏانهن وحي ڪيو ويو آهي بلاشڪ تون سڌي واٽ تي آهين. مطلب ته اي پيارا رسول! (عليڪ الصلوة والسلام) اوهان ڪافرن جي شرارتن ڏانهن توجه نه ڏيو اوهان ڏانهن جيڪو الله عزوجل جي طرفان وحي ڪيو وڃي ٿو ان کي مضبوطيءَ سان وٺي جهليو ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته اوهان سڌي واٽ تي آهيو. ڪاميابي اوهان کي ملندي " وَاِنَّهٗ لَذِكْرٌ لَّكَ وَلِقَوْمِكَ وَسَوْفَ

(١) المراغي صہ ٩٠ جزب ٢٥ جلد ٨

تُسْئَلُوْنَ" ۽ بلاشڪ اهو تنهنجي لاءِ ۽ تنهنجي قوم جي لاءِ شرف آهي ۽ جلد پڇا ڪيا ويندؤ. ذڪر مان مراد هتي شرف آهي علامه قرطبي لکيو آهي تہ: والصحيح انه شرف لمن عمل به "١" ۽ صحيح هي آهي تہ قرآن ڪريم ان جي لاءِ شرف آهي جنهن ان تي عمل ڪيو. مطلب تہ قرآن ڪريم ڪا معمولي شيءِ ناهي هي اهڙي عظمىٰ نعمت آهي جو اي حبيب! اوهان جي لاءِ عزت ۽ شرف جو باعث آهي ۽ اوهان جي امت جي لاءِ بہ هي افتخار ۽ ناز ڪرڻ جو سرمايوآهي ۽ اي مصطفىٰ ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جا امتيو! اڳتي هلي اوهان کان پڇا ڪئي ويندي تہ اوهان ان بي بها نعمت جو ڪهڙو قدر ڪيو ۽ ان شرف ۽ شان جو ڇا شڪر ادا ڪيو. طبراني ۽ ابن مردويه حضرت عدي بن حاتم رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ مان رسول الله صلى الله عليه وسلم جن وٽ وينو هوس تہ پاڻ فرمايائون " خبردار! الله کي اهو علم آهي تہ منهنجي منهنجيءَ قوم سان دلي محبت آهي پوءِ مون کي انهن جي باري ۾ خوشخبري ڏني اٿس ۽ فرمايو اٿس تہ " وَاِنَّهٗ لَذِكْرٌ لَّكَ وَلِقَوْمِكَ" ۽ بلاشڪ اهو تنهنجي لاءِ ۽ تنهنجي قوم جي لاءِ شرف آهي. پوءِ منهنجي قوم جي لاءِ پنهنجي ڪتاب (قرآن ڪريم) ۾ شرف ۽ ذڪر ڪيائين. الحديث هن روايت مان معلوم ٿيو تہ قوم مان مراد قريش آهن. ۽ حضرت امام حسن بصري فرمايو تہ قوم مان مراد سندن امت آهي "٢" " وَسْئَلْ مَنْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رُّسُلِنَآ اَجَعَلْنَا مِنْ دُوْنِ الرَّحْمٰنِ اٰلِهَةً يُّعْبَدُوْنَ ۝" ۽ انهن کان پڇ جيڪي توکان اڳي پنهنجي رسولن مان موڪليا هياسون تہ ڇا اسان رحمٰن کان سواءِ ڪي معبود ناهيا آهن جيڪي عبادت ڪيا وڃن. اڳين رسولن عليهم الصلوٰة والسلام کان ڪيئن پڇن؟ ان جي متعلق مفسرن جا مختلف اقوال آهن ١ تہ انهن جي سچن امتين کان پڇو امتيءَ کان پڇڻ انهن جي نبي على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي پڇڻ جي بجاءِ هوندو. هي خود ٻڌائيندا تہ ڪنهن بہ آسماني دين ۾ شرڪ جي اجازت نہ هئي نہ آهي. ٢ تہ ان پڇڻ مان مراد خود نبين ۽ مرسلين على نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام کان پڇڻ آهي جڏهن بہ انهن سان ملاقات ٿئي جيئن معراج واري رات ٿي هئي يا انهن تي نازل ڪيل ڪتابن مان تحقيق ڪيوبهرحال جيڪي تحقيق ۽ تفتيش جا ذرائع آهن انهن

(١) القرطبي صہ ٩٤ جلد ١٦ (٢) روح المعاني صہ ٨٥ جزء ٢٥ جلد ٨

کي استعمال ڪيو اهاڳالهہ ڪلي سامهون ايندي تہ ڪنهن بہ آسماني دين ۾ شرڪ جي اجازت ناهي " ١ " ۽ حضرت ابن عباس ابن جبير، زهري ۽ ابن زيد کان روايت آهي تہ آيت جي ظاهري معنىٰ مراد آهي تہ اڳين مرسلن علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام کان پڇو ۽ اهو معراج واري رات جو موقعو هو جڏهن سڀ انبياء عليهم الصلوٰة والسلام بيت المقدس ۾ گڏ ٿيا هئا پر پاڻ انهن کان ڪونہ پڇيائون. ۽ بعض آثار ۾ آيو آهي تہ ميڪائيل جبريل کي چيو تہ: ڇا محمد عليہ الصلوٰة والسلام اڳين مرسلن کان پڇيو هو؟ جبريل فرمايو تہ- حضور عليه الصلواة والسلام جن يقين ۾ اعظم ۽ ايمان ۾ واثق هجڻ جي ڪري نہ پڇيو " ٢ "

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ ويهن ٿا.

١: " وَمَنۡ يَّعۡشُ عَنۡ ذِكۡرِ الرَّحۡمٰنِ " الاية (۽ جيڪو الله جي ذڪر کان غافل رهندو) مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل جي ذڪر کان غافل هجڻ جي دنيا ۾ اها سزا ملي ٿي جو سٺي صحبت کان انسان محروم ٿيو وڃي ۽ شيطان پوءِ اهي جنّ مان هجن يا انسانن مان ان تي غالب ٿي وڃن ٿا ۽ ان کي ڀلائين کان پري ۽ برائين کي ويجهو ڪن ٿا اهوانسان **سموراڪم** گمراهي جا ڪندو آهي پر سمجهندو آهي تہ تمام ڀلا ڪم ڪري رهيو آهي.

٢: " وَاِنَّهٗ لَذِكۡرٌ لَّكَ وَلِقَوۡمِكَ "(۽بلاشڪ اهو تنهنجي لاءِ ۽ تنهنجي قوم جي لاءِ شرف آهي) هتي " ذڪر " مان مراد نالي مبارڪ جي شهرت بہ آهي علامه رازي عليه الرحمة لکيو آهي تہ هن مان معلوم ٿيو تہ نيڪيءَ ۾ شهرت هڪ رغبت جي قابل امر آهي ان جي ڪري الله عزوجل ان کي هتي احسان طور بيان فرمايو آهي ۽ ان جي ڪري حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام دعا گهري هئي " وَاجۡعَلۡ لِّىۡ لِسَانَ صِدۡقٍ فِى الۡاٰخِرِيۡنَ " " ٣ " (۽ منهنجي لاءِ پوئين ۾ سهڻي زبان ڪر) " ۴ ".

٣: " يٰلَيۡتَ بَيۡنِىۡ وَبَيۡنَكَ بُعۡدَ الۡمَشۡرِقَيۡنِ " اي ڪاش! منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ اوڀر ۽ اولهہ جيتري دوري هجي ها) جي وضاحت ڪندي مفسرن لکيو آهي تہ ڪافر اتي شيطان کي ان جي اصلي شڪل ۾ ڏسندو جيڪا نهايت ڏپ جهڙي هوندي

(١) حاشيه عثمانيه صہ ٦۵۴ (٢) روح المعاني صہ ٨٦ جزء ٢٥ جلد ٨ (١)سورة آية
(٢) التفسير الكبير صہ ٢١٥ جزء ٢٧

تڏهن ائين چوندو جيئن زکواة نہ ڏيندڙ کي سندس مال هڪ نانگ جي صورت ۾ اچي پٽيندو.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ

۽ البت تحقيق موڪليو اسان موسىٰ کي پنهنجين نشانين سان فرعون ڏانهن

وَمَلَائِهٖ فَقَالَ اِنِّىْ رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ (٤٦)

۽ ان جي سردارن ڏانهن پوءِ چيائين تہ بيشڪ مان رسول آهيان جهانن جي رب جو

فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِاٰيٰتِنَآ اِذَا هُمْ مِّنْهَا

پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ اسان جي نشانين سان تہ ان وقت اهي انهن تان

يَضْحَكُوْنَ (٤٧) وَمَا نُرِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ اِلَّا هِىَ اَكْبَرُ

کلڻ پيا ۽ نہ ٿا ڏيکاريون اسين انهن کي ڪا نشاني مگر اها گهڻو وڏي آهي

مِنْ اُخْتِهَا وَاَخَذْنٰهُمْ بِالْعَذَابِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ (٤٨)

ان جي ڀيڻ کان ۽ پڪڙيو اسان انهن کي عذاب سان تانت اهي موٽن

وَقَالُوْا يٰٓاَيُّهَا السّٰحِرُ ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ

۽ چيائون تہ اي جادوگر! دعا گهر اسان جي لاءِ پنهنجي رب کان ان عهد جي ڪري

عِنْدَكَ اِنَّنَا لَمُهْتَدُوْنَ (٤٩) فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ

جو تو وٽ آهي بيشڪ اسين البت هدايت وارا آهيون پوءِ جڏهن ٽاريو اسان انهن تان

الْعَذَابَ اِذَا هُمْ يَنْكُثُوْنَ (٥٠) وَنَادٰى فِرْعَوْنُ فِىْ قَوْمِهٖ

عذاب تہ ان وقت اهي وعدو ٽوڙي ويا ۽ پڙهو ڏياريو فرعون پنهنجيءَ قوم ۾

قَالَ يٰقَوْمِ اَلَيْسَ لِىْ مُلْكُ مِصْرَ وَهٰذِهِ الْاَنْهٰرُ

چيائين تہ اي منهنجي قوم ڇا ناهي منهنجي لاءِ مصر (ملک)جي بادشاهي ۽ هي نهرون

تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِىْ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ (٥١) اَمْ اَنَا خَيْرٌ مِّنْ هٰذَا

وهن پيون هيٺان منهنجي ڇا پوءِ نہ ٿا ڏسو بلک مان ڀلو آهيان هن کان

الَّذِىْ هُوَ مَهِيْنٌ وَّلَا يَكَادُ يُبِيْنُ (٥٢) فَلَوْلَآ اُلْقِىَ

جيڪو اهو ضعيف آهي ۽ نہ ٿو ويجهو ٿئي جو ڳالهائي سگهي پوءِ ڇونہ لاٿا ويا

عَلَيْهِ اَسْوِرَةٌ مِّنْ ذَهَبٍ اَوْجَآءَ مَعَهُ الْمَلٰٓئِكَةُ مُقْتَرِنِيْنَ (٥٣)

ان تي ڪنگڻ سونا يا آيا ان سان گڏ ملائڪ گڏجي

فَاسْتَخَفَّ قَوْمَهٗ فَاَطَاعُوْهُ اِنَّهُمْ كَانُوْا

پوءِ بي عقل بنايائين قوم پنهنجيءَ کي پوءِ فرمان مڃيائون ان جو بيشڪ اهي هئا

قَوْمًا فٰسِقِيْنَ (٥٤) فَلَمَّآ اٰسَفُوْنَا انْتَقَمْنَا مِنْهُمْ

قوم فاسق پوءِ جڏهن ڪاوڙايائون اسان کي تہ بدلو ورتوسون انهن کان

فَاَغْرَقْنٰهُمْ اَجْمَعِيْنَ (٥٥) فَجَعَلْنٰهُمْ سَلَفًا وَّمَثَلًا لِّلْاٰخِرِيْنَ (٥٦) ع ٥

پوءِ ٻوڙيوسون انهن مڙني کي پوءِ ڪيوسون انهن کي اڳواڻ (ڪافرن جو) ۽ مثال پوين جي لاءِ.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ذڪر ڪيو ويو تہ قريشي ڪافرن حضرت حبيب ڪريم عليه الصلوة والسلام جي نبوت ۾ اهو طعنو هنيو هوتہ پاڻ (ظاهري طرح) مالدار ناهن نہ سندن ڪو وڏو راڄ آهي ۽ هتي بيان ڪيو ٿو وڃي تہ فرعون بہ اهو ساڳيو اعتراض حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام تي ڪيو هو.جيئن آيتن جي تفسير ۾ اچي رهيو آهي فرمان ايزدي آهي " وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا مُوۡسٰى بِاٰيٰتِنَاۤ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَقَالَ اِنِّىۡ رَسُوۡلُ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ" ۽ البت تحقيق اسان موسیٰ کي پنهنجين نشانين سان فرعون ۽ ان جي سردارن ڏانهن موڪليو پوءِ فرمايائين تہ مان جهانن جي رب جو رسول آهيان. حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي جڏهن رسالت جو پيغام پهچائڻ جو حڪم مليو تہ پاڻ فرعون وٽ ان وقت تشريف فرمائيو جنهن وقت ان وٽ حڪومت جا اهم عهديدار ۽ قومن جا سردار ويٺا هئا پاڻ انهن کي فرمايائين تہ "مان جهانن جي رب جو رسول آهيان" منهنجي ڳالهہ ٻڌو ۽ پنهنجي رب کي سڃاڻو ۽ ان جي اطاعت کي پنهنجوشعار بنايو - انهن سندس ڳالهہ کي نہ مڃيو رهندو مٿس ٺوڪون ۽ مذاقون ڪرڻ لڳا ۽ ڪانئس مطالبو ڪيائون تہ تو وٽ تنهنجي دعویٰ جي سچي هجڻ جو جيڪو ثبوت آهي اهو پيش ڪر "١" فَلَمَّا جَآءَهُمۡ بِاٰيٰتِنَاۤ اِذَا هُمۡ مِّنۡهَا يَضۡحَكُوۡنَ" پوءِ جڏهن انهن وٽ اسان جي نشانين کي آندائين تہ ان وقت اهي انهن تان کلڻ پيا.

مطلب تہ جڏهن انهن وٽ الله عزوجل جي توحيد ۽ باطل معبودن جي عبادت کي ڇڏڻ جي لاءِ دليل پيش ڪيائين تہ فرعون ۽ سندس دربار ۾ موجود ماڻهون انهن تان کلون ڪرڻ لڳا. ۽ سندس هٿن مبارڪن تي ظاهر ٿيندڙ معجزن کي جادو سڏڻ لڳا "٢" " وَمَا نُرِيۡهِمۡ مِّنۡ اٰيَةٍ اِلَّا هِىَ اَكۡبَرُ مِنۡ اُخۡتِهَا وَاَخَذۡنٰهُمۡ بِالۡعَذَابِ لَعَلَّهُمۡ يَرۡجِعُوۡنَ" ۽ اسين انهن کي ڪابہ نشاني نہ پيا ڏيکاريون مگر اها ان جي ڀيڻ کان وڏي آهي ۽ اسان انهن کي عذاب سان پڪڙيو تانتہ اهي موٽي پون - هتي آيات نشانين مان مراد ڏڪار وغيره وارا نو (٩) معجزا آهن ۽ هڪ معجزو ٻئي کان وڏو هو ان مان مراد سيني جو وڏو هجڻ آهي هي هڪ محاوره آهي جڏهن گهڻين شين جو

(١) تفسير المراغي صہ ٩٧ جز٠ ٢٥ جلد ٨ (٢) الڪشاف صہ ٤٩٠ جلد ٣

كمال بيان ڪرڻو هوندو آهي تہ ائين چئبو آهي هڪ ڪان مٿي ڀيو " ١ " " وَاَخَذْنٰهُمْ بِالْعَذَابِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ" اسان انهن کي عذاب سان پڪڙيو تانت اهي موٽي پون - يعني اسان انهن کي مختلف قسمن جي عذابن ڏڪار. ڏيڏرن ۽ جون وغيره سان پڪڙيو انهن تي ماڪڙ وغيره کي موڪليو تانت اهي اسان ڏانهن رجوع ڪن ۽ غفلت جي ننڊ مان بيدار ٿين " وَقَالُوْا يٰۤاَيُّهَ السّٰحِرُ ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ عِنْدَكَ ۚ اِنَّنَا لَمُهْتَدُوْنَ" ۽ چيائون تہ اي جادوگر! اسان جي لاءِ پنهنجي رب ڪان ان عهد جي ڪري جيڪو توسان ان ڪيو آهي دعا گهر بلاشڪ اسين هدايت وارا بڻجنداڙ آهيون - مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ انهن جڏهن خداوندي عذاب ڏٺو تڏهن حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي اهو عرض ڪيائون پر ساحر چوڻ انهن وٽ مروج هوندو هو- وڏن وڏن عالمن کي بہ ساحر سڏيندا هئا ان جي ڪري حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي ساحر چوندي دعا جي لاءِ چيو هيائون - ساحر انهن جي نظر ۾ وڏو ماڻهو ۽ تعظيم جي لائق هوندو هو " بِمَا عَهِدَ عِنْدَكَ " مان مراد آهي تہ الله عزوجل توسان عهد ڪيو آهي تہ جيڪڏهن اسان ايمان آندو تہ پوءِ عذاب بند ڪندو اسين ايمان آڻڻ جي لاءِ تيار آهيون ۽ هدايت جي واٽ وٺندڙ آهيون. " ٢" " فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الْعَذَابَ اِذَا هُمْ يَنْكُثُوْنَ" پوءِ جڏهن اسان انهن تان عذاب ٽاريو تہ ان وقت اهي وعدو ٽوڙين پيا. يعني جڏهن حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام دعا گهري ۽ اسان ان جي دعا جي برڪت سان انهن تان اهي آيل عذاب ٽاريا تہ اهي وعدو ڀڃي ويٺا ۽ ايمان نہ آندائون. " وَنَادٰى فِرْعَوْنُ فِيْ قَوْمِهٖ قَالَ يٰقَوْمِ اَلَيْسَ لِيْ مُلْكُ مِصْرَ وَهٰذِهِ الْاَنْهٰرُ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِيْ ۚ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ۙ" ۽ فرعون پنهنجيءَ قوم ۾ پڙهو ڏياري چيو تہ اي منهنجي قوم! ڇا منهنجي لاءِ مصر جي بادشاهي ناهي؟ ۽ هي نهرون منهنجي هيٺا وهن پيون ڇا پوءِ اوهان ڪونہ ٿا ڏسو؟ يعني فرعون پڙهو ڏياري اعلان ڪرايو تہ ڇا منهنجي لاءِ مصر ملڪ جي بادشاهي ناهي مطلب تہ آهي ۽ هي نيل وغيره مصر جي ملڪ جون مشهور نهرون منهنجي محلات ۾، منهنجي باغن ۾، منهنجي امر سان وهن پيون ڇا اوهان ڪونہ ٿا ڏسو تہ منهنجي عظمت ۽ بادشاهي ڪيتري مضبوط آهي " ٣" " اَمْ اَنَا

(١) حاشيه ماجديه صہ ٩٨٤ (٢) القرطبي صہ ٩٧ جلد ١٦ (٣) خازن صہ ١٠٦ جلد ٤ - التفسير الكبير صہ ٢١٨ جزء ٢٧-

خَيْرٌ مِّنْ هٰذَا الَّذِيْ هُوَ مَهِيْنٌ وَّلَا يَكَادُ يُبِيْنُ" بلڪ مان هن کان ڀلو آهيان جيڪو ضعيف آهي ۽ (ڪا ڳالهه) کولي بيان ڪري نه ٿو سگهي " مَهِيْنٌ" جي معنىٰ ضعيف " ١" مطلب ته جيڪو مالي ۽ وسائل جي لحاظ کان ضعيف آهي ۽ ان جي ڳالهائڻ ۾ هبڪ آهي ڇٿو ۽ صاف نه ٿو ڳالهائي سگهي مان ان کان ڀلو آهيان ان جي ڪري منهنجي اطاعت ڪيو " فَلَوْلَآ أُلْقِيَ عَلَيْهِ أَسْوِرَةٌ مِّنْ ذَهَبٍ أَوْ جَآءَ مَعَهُ الْمَلٰٓئِكَةُ مُقْتَرِنِيْنَ" پوءِ ان تي سونا ڪنگڻ ڇونه اڇلايا ويا يا ان سان گڏ ملائڪ گڏجي ڇونه آيا؟ مصر وارن ۾ دستور هو ته جنهن کي بادشاهه يا سربراهه بنائيندا هئا ته ان جي هٿن ۾ سونا ڪنگڻ ۽ ڳچيءَ ۾ سون جو هار پارائيندا هئا ۽ اهي ان جي بادشاهه هجڻ جون نشانيون هيون. ۽ اڄ تائين اهو طريقو هندن راجائن ۽ انهن جي پيروي ڪندي ڪٿي ڪٿي مسلمانن ۾ به مروج آهي" ٢" فرعون جي ان چوڻ جو مطلب هو ته حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام وٽ جڏهن اهي شيون ناهن ته ان سان ملائڪ ته گڏجي اچن ها جڏهن اهي به گڏ نه آيا اتس ته پڪ ڄاڻو ته اهو الله عزوجل جو نبي ناهي. " فَاسْتَخَفَّ قَوْمَهُ فَأَطَاعُوْهُ إِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ" پوءِ پنهنجيءَ قوم کي بي عقل بنايائين پوءِ ان جي اطاعت ڪيائون بلاشڪ اهي فاسق قوم هئا. قرآن ڪريم جي هن لفظن ڇڙواڳ بادشاهن، آمرن ۽ ڊڪٽيٽرن جي نفسيات جا پردا کولي ڇڏيا. يعني فرعون اهي ڳالهيون ان جي ڪري نه ڪيون هيون ته اهو انهن کي حقيقت ۽ سچ مڃيندو هو يا اهو پنهنجي قوم جو خير خواهه هو ۽ پنهنجي قوم کي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کان ان جي ڪري نه ٿي روڪيائين ته خراب يا تباهه ٿي ويندا پر ان کي صرف پنهنجي اقتدار جو فڪر هو تڏهن اهي ڳالهيون ڪري پنهنجيءَ قوم کي بيوقوف بنائي انهن جون همدرديون حاصل ڪري رهيو هو اڄ به وقت جي جابر بادشاهن ظالمن، ڊڪٽيٽرن جو اهوئي دستور رهيو آهي ۽ جيستائين انهن جي ڄار ۾ ڦاٿل رهندا ته اهي اهڙي چالبازي ڪندا رهندا. فرعون جي ان ڳالهه کي ماڻهن مڃيو ۽ اهي فاسق قوم هئا. جن حق نه سڃاتو " فَلَمَّآ اٰسَفُوْنَا انْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَأَغْرَقْنٰهُمْ أَجْمَعِيْنَ" پوءِ جڏهن اسان کي ڪاوڙايائون ته انهن کان بدلو ورتوسون پوءِ اسان انهن سڀني کي ٻوڙي ڇڏيو.

(١) الدر المنثور صہ ٣٨٣ جلد ٧ (٢) تفسير حقاني صہ ٢٥١ جلد ٦

مطلب تہ انھن جي ڪافرانه ۽ معاندانه رويي جي ڪري اسان انھن ڪان انتقام ورتو ۽ انھن سمورن ڪافرن کي ٻوڙي ماري ڇڏيوسين. " فَجَعَلْنٰهُمْ سَلَفًا وَّمَثَلًا لِّلْاٰخِرِيْنَ ۚ ۽ پوءِ اسان انھن کي اڳواڻ ۽ پوئين جي لاءِ مثال بنايو. يعني اسان انھن کي سزا ملڻ ۾ اڳواڻ ۽ پونيان اچڻ وارن جي لاءِ عبرت بنايو " ١ "

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا.

١: " وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى – الاية" (۽ البت تحقيق اسان موسىٰ کي موڪليو) حضرت موسىٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو ذڪر ڪيترا ڀيرا اڳي اچي چڪو آهي سورة الاعراف ۾ تہ تفصيل سان آيل آهي هتي ان جي ياد ڏيارڻ مان مقصد هي آهي تہ مڪه مڪرمه وارن جيڪو حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جي نبوت تي سندن ظاهري طرح مالدار نہ هجڻ جو شبهو ڪيو هو اهو ڪو نئون نہ آهي فرعون ۽ ان جي قوم وارن حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام تي بہ اهڙا شبها ڪيا هئا پر جيئن اهي ناڪام رهيا تيئن هي، ناڪام رهندا.

٢: " وَلَا يَكَادُ يُبِيْنُ" (۽ ڪلي بيان ڪري نہ ٿو سگهي) جيتوڻيڪ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي دعا سان سندس زبان جي هٻڪ ختم ٿي وئي پر فرعون ان پراڻي ڳالهہ کي ياد ڪري ائين چيو هو يا فرعون جي مراد هئي تہ ان وٽ مون کي مطمئن ڪرڻ جيترا دليل ناهن " ٢ " پر اها بہ ان تهمت هڻئي هئي اهو ڪيترا ڀيرا حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي قطعي دلائل اڳيان لاجواب ٿي چڪو هو.

٣: " وَمَا نُرِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ" (۽ نہ ٿا ڏيکاريون اسين انهن کي ڪو معجزو) مان معلوم ٿيو تہ محبوب ۽ پياري ٻانهي جي ڪم کي الله عزوجل پنهنجو ڪم سڏيو آهي اهي معجزا تہ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ٿي ڏيکاريا پر الله عزوجل فرمايو تہ: اسان ڏيکاريا.

(١) التفسير الكبير ص ٢٢٠ جزء ٢٧ (٢) ساڳيو حوالو.

وَلَمَّا ضُرِبَ ابْنُ مَرْيَمَ مَثَلًا إِذَا قَوْمُكَ مِنْهُ

۽ جڏهن بيان ڪيو ويو مريم جي پٽ جو مثال تہ ان وقت قوم تنهنجي ان ڪان

يَصِدُّوْنَ (۵۷) وَقَالُوْٓا ءَاٰلِهَتُنَا خَيْرٌ اَمْ هُوَ ۭ مَا ضَرَبُوْهُ

ڪلن ٿا ۽ چيائون تہ ڇا اسان جا معبود ڀلا آهن يا اهو نہ بيان ڪيائون ان کي

لَكَ اِلَّا جَدَلًا ۭ بَلْ هُمْ قَوْمٌ خَصِمُوْنَ (۵۸) اِنْ هُوَ اِلَّا عَبْدٌ اَنْعَمْنَا

تو سان مگر جهيڙي لاءِ بلڪ اهي قوم جهيڙا ڪار آهن ناهي اهو مگر ٻانهو جو نعمت ڪئي اسان

عَلَيْهِ وَجَعَلْنٰهُ مَثَلًا لِّبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ ۭ (۵۹) وَلَوْ نَشَاۗءُ لَجَعَلْنَا

ان تي ۽ ڪيو اسان ان کي مثال بني اسرائيل جي لاءِ ۽ جيڪڏهن گهرون ها تہ البت ڪيون ها

مِنْكُمْ مَّلٰۗىِٕكَةً فِي الْاَرْضِ يَخْلُفُوْنَ (۶۰) وَاِنَّهٗ لَعِلْمٌ لِّلسَّاعَةِ

اوهان مان ملائڪ زمين ۾ نائب ٿين ها ۽ بيشڪ اهو البت نشاني آهي قيامت جي

فَلَا تَمْتَرُنَّ بِهَا وَاتَّبِعُوْنِ ۭ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ (۶۱)

پوءِ هرگز نہ شڪ ڪيو ان جو ۽ منهنجي تابعداري ڪيو هيءَ واٽ سڌي آهي

وَلَا يَصُدَّنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ ۚ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ (۶۲)

۽ هرگز نہ روڪي اوهان کي شيطان بيشڪ اهو اوهان جو دشمن ڪليل آهي

وَلَمَّا جَاۗءَ عِيْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ قَالَ قَدْ جِئْتُكُمْ

۽ جڏهن آيو عيسىٰ چٽن دليلن سان تہ چيائين تحقيق آيس مان اوهان وٽ

بِالْحِكْمَةِ وَلِاُبَيِّنَ لَكُمْ بَعْضَ الَّذِيْ تَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ

حڪمت سان ۽ تانت بيان ڪيان اوهان جي لاءِ بعض اهو جو اختلاف ڪيو ٿا ان ۾

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ (٦٣) اِنَّ اللّٰهَ هُوَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ

پوءِ ڊڄو الله کان ۽ اطاعت ڪيو منهنجي بيشڪ الله اهوئي رب منهنجو ۽ رب اوهان جو آهي پوءِ ان جي

هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ (٦٤) فَاخْتَلَفَ الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَيْنِهِمْ

عبادت ڪيو هيءَ واٽ سڌي آهي پوءِ اختلاف ڪيو ٽولن پاڻ ۾

فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْ عَذَابِ يَوْمٍ اَلِيْمٍ (٦٥)

پوءِ ويل آهي انهن جي لاءِ جن ظلم ڪيو عذاب ڏينهن دردناڪ جي کان

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ (٦٦)

نہ ٿا انتظار ڪن مگر قيامت جو تہ اچي انهن وٽ اوچتو ۽ اهي نہ ٿا خبر رکن.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله جل جلاله جي نبي حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو بيان هو ۽ هتي وري حضرت عيسیٰ علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو ذڪر آندو ويو آهي پر ان جي وضاحت ڪرڻ کان اڳ ۾ هنن آيتن جو شان نزول پڙهو.

شان نزول:

هنن جي شان نزول جي متعلق مفسرن ٽي روايتون آنديون آهن ١ احمد، ابن ابي حاتم، طبراني ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: (سيدنا) رسول الله صلى الله عليه وسلم جن قريشين کي فرمايو تہ: الله کان سواءِ جنهن جي بہ عبادت ڪئي وڃي ٿي ان ۾ ڀلائي ناهي" تہ انهن دانهون ۽ شور

کندي چيو تہ ڇا اوهان اهو خيال کونہ کيو تہ حضرت عيسیٰ نبي ۽ الله جي ٻانهن مان صالح ٻانهو هو؟ حالانک نصاریٰ ان جي عبادت کن ٿا. جيکڏهن اوهان سچا آهيو تہ غير الله ۾ خير ناهي تہ پوءِ اهو بہ اسان جي ٻين معبودن وانگر آهي. تڏهن مذکوره آيت نازل ٿي. "١" ٢ ٻي روايت ۾ آهي تہ جڏهن قرآن کريم جي آيت " اِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللهِ حَصَبُ جَهَنَّمَ " (بلاشک اوهان ۽ جن جي الله کان سواءِ عبادت کيو ٿا جهنم جو ٻارڻ آهيو) نازل ٿي تہ عبدالله بن الزبعري جو ان وقت اڃان کافر هو ان چيو تہ هن آيت جو تہ مون وٽ ڀلو جواب آهي ۽ اهو هي؛ تہ نصاریٰ حضرت عيسیٰ جي عبادت کن ٿا ۽ يهودي حضرت عزير جي (علیٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام) تہ ڇا اهي ٻئي بہ جهنم جو ٻارڻ بنجندا؟ اها ڳالهہ ٻڌي قريشي مشرک گهڻو خوش ٿيا تڏهن الله عزوجل هي آيت " اِنَّ الَّذِيْنَ سَبَقَتْ لَهُمْ مِّنَّا الْحُسْنٰى اُولٰٓئِكَ عَنْهَا مُبْعَدُوْنَ" (بلاشک جن جي لاءِ اسان جي طرفان ڀلائي اڳي ٿي چڪي آهي اهي ان کان پري ڪيل آهن) ۽ ٻي سورة زخرف جي مذکوره آيتون نازل فرمايون. "٢"

٣ عبدالرزاق ۽ ابن المنذر قتادة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ جڏهن عيسیٰ بن مريم عليه وعلیٰ امه الصلوٰة والسلام جو ذڪر کيو ويو تہ قريشين دانهن ڪئي ۽ چيائون تہ (حضرت) محمد صلی الله عليه وسلم حضرت. عيسیٰ جو ذکر ان جي لاءِ ٿو کري تہ جيئن نصارن ان کي معبود بنايو تيئن کيس بہ معبود بنايو وڃي ان جي متعلق هي آيتون نازل ٿيون "٣" فرمان الاهي آهي " وَلَمَّا ضُرِبَ ابْنُ مَرْيَمَ مَثَلًا اِذَا قَوْمُكَ مِنْهُ يَصِدُّوْنَ " ۽ جڏهن مريم جو پٽ مثال طور بيان کيو وڃي ٿو تہ ان وقت اوهان جي قوم وارا ان کان کلن ٿا - مطلب تہ مختلف قسم جا اعتراض کري شور مچائين ٿا. " وَقَالُوْٓا ءَاٰلِهَتُنَا خَيْرٌ اَمْ هُوَ " ۽ چيائون تہ ڇا اسان جا معبود ڀلا آهن يا اهو - مطلب تہ اهي انتهائي شرير، بدباطن ۽ بدگو آهن جيکي چون ٿا تہ ڇا اسان جا باطل معبود بت وغيره ڀلا آهن يا حضرت عيسیٰ (علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) ڀلو آهي؟ حالانک کيڏانهن اهي بي جان مورتون

(١) الدر المنثور ص ٣٨٥ جلد ٧ (٢) زاد المسير ص ٣٢٢ جلد ٧ (٣) الدرالمنثور ص ٣٨٥ جلد ٧ - تفسير ابن کثير ص ١٣٢ جلد ٤

۽ بي ساهہ بت جن ۾ڪنهن قسم جي ڪا طاقت ناهي ۽ ڪيڏانهن اهو الله جل وعلا جو مقبول ٻانهو جنهن تي الله عزوجل خاص فضل فرمايو ۽ ان کي بني اسرائيل جي هدايت ڪرڻ جي لاءِ ميدان ۾ آندو " مَا ضَرَبُوْهُ لَكَ اِلَّا جَدَلًا " نہ هنيائون اهو مثال تو لاءِ مگر جهيڙي لاءِ - يعني اهي صرف اوهان سان زباني جهيڙي جي لاءِ ائين چئي رهيا آهن حالانڪ ڪين بہ خبر آهي تہ " اِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللهِ " ۾ ما غير ذوي العقول جي لاءِ هجڻ جي ڪري سيدنا حضرت عيسىٰ ۽ حضرت عزير على نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام ان ۾ داخل ناهن " بَلْ هُمْ قَوْمٌ خَصِمُوْنَ " بلڪ اهي جهيڙو ڪندڙ قوم آهن مطلب تہ هدايت حاصل ڪرڻ جي بجاءِ هرويرو وينا ڇيڙ ڇاڙ ڪندا بحث ڇيڙيندا. " اِنْ هُوَ اِلَّا عَبْدٌ اَنْعَمْنَا عَلَيْهِ " ناهي اهو مگر هڪ ٻانهو جو اسان ان تي نعمت ڪئي هئي. يعني حضرت عيسىٰ على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام هڪ ٻانهو آهي جنهن کي اسان رسالت ۽ نبوت سان نوازي مٿس هڪ اعلىٰ نعمت ڪرڻ فرمائي هئي. " وَجَعَلْنٰهُ مَثَلًا لِّبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ " ۽ اسان ان کي بني اسرائيل جي لاءِ مثال بنايو يعني اسان ان کي ان ڳالهہ جو دليل ۽ حجت بنايو تہ اسين جيڪڏهن گهرون تہ اوهان مان بہ ملائڪ پيدا ڪيون جيڪي اوهان جا جاءِ نشين (۽ نائب) ٿين. هن آيت جو تفسير ڪندي علامه احمد مصطفىٰ المراغي لکيو آهي تہ " اي ولو نشاء لجعلنا ذريتكم ملائكة يخلفونكم فى الارض كما يخلفكم اولادكم " " ١ " علامه محمد بن محمد العمادي المتوفي هہ ٩٥١ لکيو آهي " لَجَعَلْنَا " اى لخلقنا بطريق التوالد " مِنْكُمْ " وَاَنْتُمْ رجال ليس من شانكم الولادة " مَلٰٓئِكَةً " كما خلقنٰهم بطريق الابداع " فِى الْاَرْضِ " مستقرين فيها كما جعلنٰهم مستقرين فى السماءِ " يَخْلُفُوْنَ " اي يخلفونكم مثل اولادكم - الخ " ٢ " ٻنهي عبارتن جو مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن اسين گهرون تہ اوهان مردن مان ملائڪ پيدا ڪري سگهون ٿا جيڪي اوهان جا صحيح جاءِ نشين ٿين ۽ اوهان جا نائب ٿي ڪم ڪن جيئن اوهان جو انسان اولاد ڪم ڪندو آهي مفسر قرآن علامه ابو البرڪات نسفي ۽ ٻين عليهم الرحمة لکيو آهي تہ: هن ۾ بہ قول آهن. (١) تہ " مِنْكُمْ " ۾ من بدل جي آهي معنىٰ اوهان جي جاءِ تي الله تعالىٰ ملائڪ رکي جيڪي اوهان جا

(١) المراغي صہ ١٠٤ جزء ٢٥ جلد ٨ (٢) تفسير ابو السعود صہ ٥٢ جز ٨٠

جاءِ نشين ٿين ـ٢ـ تـ: ان جي معنىٰ آهي " لولدنامنكم يا رجال ملائكة يخلفونكم فى الارض كما يخلف اولادكم الخ "١" يعني اي مردو! جيڪڏهن اسين گهرون تہ اوهان مان ملائڪن کي ڄڻايون جيڪي اوهان جا اٿين جاءِ نشين ٿين جيئن اوهان جو اولاد اوهان جو جانشين هوندو آهي. علامه ثناءُ الله پاني پتي قدس سره لکيو آهي تہ يعني ان حال عيسىٰ و ان كان عجيبا فنحن قادرون بما هو اعجب منه وان الملائكة مثلكم من حيث انها ذوات ممكنة يحتمل خلقها توليدا كما جاز خلقها ابداعا "٢" يعني (حضرت) عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جوحال بہ خلقت جي لحاظ سان عجيب آهي پر اسان ان کان وڌيڪ عجيب طريقي سان پيدا ڪرڻ تي بہ قادر آهيون ۽ ملائڪ اوهان وانگر ممڪن وجود آهن جن کي جيئن ڄڻڻ کان سواءِ نور مان پيدا ڪيو اٿئون تيئن انهن کي ڄڻڻ جي ذريعي بہ جيڪڏهن گهرون تہ پيدا ڪري سگهون ٿا. اهڙي طرح ڪيترن ئي مفسرن پلارن بہ لکيو آهي " وَاِنَّهٗ لَعِلْمٌ لِلسَّاعَةِ " ۽ بلاشڪ اهو البت قيامت (اچڻ) جي نشاني آهي. مطلب تہ قيامت جي قريب هجڻ جي نشانين مان حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو آسمان کان نزول بہ نشاني آهي . " فَلَا تَمْتَرُنَّ بِهَا وَاتَّبِعُوْنِ " تہ پوءِ ان ۾ هرگز شڪ نہ ڪيو ۽ منهنجي اتباع ڪيو - مطلب تہ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو شڪ نہ ڪيو اها ضرور اچڻي آهي ۽ جيڪو ڪجهہ مان اوهان کي چوان ان ۾ منهنجي تابعداري ڪيو " هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ " هيءَ سڌي واٽ آهي. يعني جيڪو پيغام مون اوهان کي ڏنو آهي تہ عبادت صرف هڪ الله جل شانه جي ڪيو اهائي سڌي واٽ آهي.

حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام زنده، آسمان تي موجود آهي قيامت جي قريب لهندو اهو قطعي عقيدو آهي.

سڀني مسلمانن جو اهو قطعي ۽ يقيني عقيدو آهي تہ حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام قيامت جي قريب آسمان کان لهندو ۽ سندس نزول قيامت جي قرب جي نشاني آهي ۽ اهو متواتر حديثن سان ثابت آهي ان جو انڪار ڪرڻ خالص ۽ صريح ڪفر آهي "٣" هن مسئلي جي متعلق تفصيل سورة آلعمران جي آيت

(١) مدارڪ صہ ١٢٢ جزء ۴ جلد ٢ (٢) مظهري صہ ٣٥٨ جلد ٨ (٣) تفسير ابن ڪثير صہ ١٣٣ جلد ۴

"وَرَافِعُكَ اِلَيَّ" جي تفسير ۾ ڪجهه سورة المائدة ۾ بيان ٿيل آهي اتي به ڏسي سگهجي ٿو. انشاءَ الله العزيز ان موضوع تي سنئو تحقيق راقم جي ڪتاب تنبيه السفيه المنڪر لنزول المسيح" ۾ به موجود آهي. "وَلَا يَصُدَّنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ" ۽ هرگز نه روڪي اوهان کي شيطان بلاشڪ اهو اوهان جو ڪليل دشمن آهي يعني شيطان اوهان کي منهنجي اطاعت کان نه روڪي، ان جي چوڻ تي نه هلو اهو اوهان جو پڌرو، چٽو ۽ ڪليل دشمن آهي "١" "وَلَمَّا جَآءَ عِيْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ قَالَ قَدْ جِئْتُكُمْ بِالْحِكْمَةِ وَلِاُبَيِّنَ لَكُمْ بَعْضَ الَّذِيْ تَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ" ۽ جڏهن عيسىٰ روشن نشانين سان آيو فرمايائين ته تحقيق مان اوهان وٽ حڪمت سان آيو آهيان ۽ تانته مان اوهان جي لاءِ ان مان ڪجهه بيان ڪيان جنهن ۾ اوهان اختلاف ڪيو پيا پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪيو. الله جل مجده حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي معجزا ڏئي بني اسرائيل ڏانهن موڪليو ان وقت بني اسرائيل جي اها حالت هئي جو هڪ ٻئي جي خلاف مذهبي بحث ۽ مناظرا سندن مشغلو هو دين انهن جي لاءِ اتحاد ۽ اتفاق جو مرڪز نه رهيو هو حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام انهن وٽ پهچي معجزا ڏيکاري ڪين فرمايو ته مان اوهان وٽ حڪمت خداوندي جو نور کڻي آيو آهيان جيڪڏهن اوهان هرويرو ضد نه ڪندؤ ته مان اوهان جا ڪيترا اختلافي مسائل به اوهان کي بيان ڪري سمجهائيندس. اوهان جا هڪ ٻئي سان جهيڙا ختم ٿي ويندا. ان سان گڏ ڪين اها به تنبيه ڪيائين ته الله جل جلاله کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪيو. تڏهن فائدو حاصل ڪندؤ. "اِنَّ اللّٰهَ هُوَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ" بلاشڪ الله منهنجو به رب آهي ۽ اوهان جو به رب آهي پوءِ ان جي عبادت ڪيو هي ۽ سڌي واٽ آهي. حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام پنهنجي ۽ امت کي انهن غلطين کان ته عيسىٰ الله يا الله جو پٽ آهي وغيره وغيره اڳئي متنبه ڪيو ته: منهنجو رب به الله آهي ۽ اوهان جو رب به الله آهي. مان نه الله آهيان نه الله جو پٽ آهيان (معاذ الله) سڌو رستو ۽ حق جي واٽ اها آهي . " فَاخْتَلَفَ الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَيْنِهِمْ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْ عَذَابِ يَوْمٍ اَلِيْمٍ" پوءِ ٽولن پاڻ ۾ اختلاف ڪيا پوءِ جن ظلم ڪيو انهن

(١) تفسير القاسمي ص ٢٤٨ جزء ١٨ جلد ٨

جي لاءِ دردناڪ ڏينهن جي عذاب جو ويل آهي. يعني پوءِ نصاريٰ مختلف ٽولن ۾ ورهائجي ويا ڪي چوڻ لڳا تہ (حضرت عيسىٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) الله جو پٽ آهي ڪن چيو تہ الله ۽ عيسىٰ پنهنجي ماءُ سميت ٽي خدا آهن. الله عز وجل ان جي ڪري فرمايو تہ انهن ظالمن جي لاءِ دردناڪ ڏينهن واري عذاب مان ويل آهي سخت ۽ نهايت ايذائيندڙ عذاب ۾ وڌا ويندا. "١" "هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ" ۽ نہ ٿا انتظار ڪن مگر قيامت جو تہ اچي انهن وٽ اوچتو ۽ اهي نہ ٿا خبر رکن. مطلب تہ اهي ڪليل معجزا ڏسي بہ ايمان نہ ٿا آڻين هاڻي صرف اوچتو قيامت جي اچڻ جا منتظر آهن اها اوچتو ايندي ۽ کين خبر بہ نہ پوندي پوءِ تہ اکين سان ڏسي مڃيندا پوءِ اهو مڃڻ ڪم جو نہ رهندو. ان جي ڪري عقل واري کي کپي تہ گناهن کان بچي ۽ هر ڪيل گناهہ کان توبه ڪري." ٢"

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ ويهن ٿا.

١: "اِنْ هُوَ اِلَّا عَبْدٌ" (ناهي اهو مگر ٻانهو) جي حصر مان حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي الوهيت جي نفي ڪيل آهي پر ان کي عطا ڪيل ٻين صفتن جي نفي ڪيل ناهي جيئن روح الله، ڪلمة الله، نبي الله، رسول الله ، صاحب ڪتاب هجڻ وغيره وغيره هن آيت ۾ عيسائين جو بہ رد آهي جيڪي چوندا آهن تہ حضرت عيسىٰ الله، يا الله جو پٽ آهي (معاذ الله) ۽ يهودين جو بہ رد آهي جيڪي حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي نبي بہ نہ مڃيندا آهن ۽ هن آيت مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ بارگاهہ ايزدي جي مقبول ٻانهن جي طرفداري ڪرڻ سنت خداوندي آهي.

٢: "وَاِنَّهٗ لَعِلْمٌ لِّلسَّاعَةِ" (۽ بلاشڪ اهو قيامت جي نشاني آهي) هن مان معلوم ٿيو تہ قيامت جي قريب حضرت عيسىٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جو لهڻ حق آهي ۽ ان کي آسمان تي زنده نہ مڃڻ وارو هن آيت جو منڪر ۽ ڪافر آهي پر سندس اهو اچڻ اسان جي نبي عليه الصلوٰة والسلام جي هڪ امتيءَ جي حيثيت سان هوندو الله جلت صفاته جو هي نبي نبوت جي صفت سان بہ موصوف

(١) التفسير الواضح الميسر صہ ١٢٤١ (٢) تنوير الاذهان صہ ٢٠ جلد ۴

هوندو پر اچڻ سان اهو اسلام جو مجتهد هوندو جيئن هڪ حاڪم ڪنهن ٻئي حاڪم جي ڪچهريءَ ۾ شاهد طور پيش ٿئي ته پنهنجي طور حاڪم ته هوندو پر هتي حاڪم جي حيثيت سان نه آيو هوندو. "١"

٣ " فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا الاية" (پوءِ جن ظلم ڪيو انهن جي لاءِ ويل آهي) مان واضح ٿيو ته مسئلن ۾ اختلاف ڪرڻ دوران جيڪي ظالم، ناحق ڪندا هرويرو ضد ڪري ناحق تي هلندا انهن جي لاءِ جهنم جو ويل آهي جيڪي اختلاف ۾ به حق مڃيندا حق تي هلندا اهي جنت ۾ ويندا.

ع٦ ع٢١

اَلْاَخِلَّآءُ يَوْمَئِذٍۢ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ اِلَّا الْمُتَّقِيْنَ (٦٧)

دوست ان ڏينهن هڪڙا انهن مان ٻين جا دشمن هوندا مگر پرهيزگار

يٰعِبَادِ لَا خَوْفٌ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ وَلَآ اَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ (٦٨)

اي منهنجا ٻانهان ناهي ڪو خوف اوهان تي اڄ ۽ نه اوهان غمگين ٿيندؤ

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا مُسْلِمِيْنَ (٦٩) اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ اَنْتُمْ وَ

جن ايمان آندو اسان جي آيتن تي ۽ هئا مسلمان داخل ٿيو بهشت ۾ اوهان ۽

اَزْوَاجُكُمْ تُحْبَرُوْنَ (٧٠) يُطَافُ عَلَيْهِمْ بِصِحَافٍ مِّنْ ذَهَبٍ

اوهان جون زالون عزت ڪيا ويندؤ ڦيرايون ويندي‌يون انهن تي رڪيبيون سون جون

وَّاَكْوَابٍ وَفِيْهَا مَا تَشْتَهِيْهِ الْاَنْفُسُ وَتَلَذُّ الْاَعْيُنُ وَاَنْتُمْ

۽ وڏا گلاس ۽ ان ۾ اهو هوندو جيڪو سندن سر خواهش ڪندا ۽ لذت وٺنديون اکيون ۽ اوهان

فِيْهَا خٰلِدُوْنَ (٧١) وَتِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِيْٓ اُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا كُنْتُمْ

انهن ۾ هميشه رهندڙ هوندؤ ۽ اهوبهشت اهو آهي جووارث ڪيا ويئو اوهان ان جاڻ عمل جي ڪري

(١) نور العرفان صہ ٧٨٨

تَعْمَلُوْنَ (٧٢) لَكُمْ فِيْهَا فَاكِهَةٌ كَثِيْرَةٌ مِّنْهَا تَاْكُلُوْنَ (٧٣)

جو اوهان كندا هيئو اوهان جي لاءِ ان ۾ ميوا گهڻا آهن انهن مان كائيندؤ.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو ته قيامت اهڙو اوچتو ايندي جو اوهان كي خبر ئي نه پوندي ۽ هتي ان جي حالات كي بيان كندي ٻڌايو ويو آهي ته ان ڏينهن دوست دوستن جا سڄڻ نه رهندا. فرمان مبارڪ آهي " اَلْاَخِلَّآءُ يَوْمَئِذٍ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ اِلَّا الْمُتَّقِيْنَ " دوست ان ڏينهن هڪڙا انهن مان ٻين جا دشمن هوندا مگر متقي ٻانها. يعني هر دوستي ان ڏينهن دشمنيءَ سان تبديل ٿي ويندي مگر اها دوستي قائم رهندي جيڪا الله جي واٽ ۾ الله جي رضا جي لاءِ هوندي. اها متقي ٻانهن جي دوستي آهي اهي قيامت جي ڏينهن به دوستي ملهائيندا. انهن جي محبت ڪامياب رهندي امام مسلم حضرت ابو هريرة رضي الله عنه كان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه‌وسلم جن فرمايو " بلاشڪ الله قيامت جي ڏينهن فرمائيندو ته " منهنجي جلال جي كري هڪ ٻئي سان محبت رکندڙ ڪٿي آهن؟ اڄ مان انهن تي پنهنجي (قدرتي) ڇانو سان ڇانو كندس اڄ منهنجي (قدرتي) ڇانوكان سواءِ كا ڇانو ناهي. بيهقيءَ شعب الايمان ۾ حضرت ابو هريرة رضي الله عنه كان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو: جيكڏهن ٻن ٻانهن هڪ ٻئي سان الله جي رضا لاءِ محبت ركي هكڙو مشرق ۾ آهي ۽ ٻيو مغرب ۾ ته قيامت جي ڏينهن الله انهن ٻنهي كي گڏي فرمائيندو هيءُ اهو آهي جنهن سان تو منهنجي كري محبت ركي هئي. " ١ " يٰعِبَادِ لَاخَوْفٌ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ وَلَآ اَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ ج اي منهنجا ٻانها ! نه اوهان تي اڄ كوخوف آهي ۽ نه اوهان غمگين ٿيندؤ " عِبَادِ " جي واحد متكلم جي "ي" ڏانهن اضافت كرڻ سان ٻانهن جي تخصيص پيدا ٿي. يعني اي منهنجا مومن متقي ٻانها! نه اڄ اوهان كي تكليفن درپيش اچڻ جو خوف آهي نه مقاصد جي فوت ٿيڻ جو غم. " اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا مُسْلِمِيْنَ ج جن اسان جي

(١) المظهري صـ ٣٦١ جلد ٨

آيتن تي ايمان آندو ۽ مسلمان رهيا. هي " اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاٰيٰتِنَا " عباد جي صفت آهي يعني مومن ٻانها. جيڪي مسلمان ٻہ رهيا ۽ پنهنجو وجود اسان جي اطاعت جي حوالي ڪري ڇڏيائون. " ١ " " اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ اَنْتُمْ وَاَزْوَاجُكُمْ تُحْبَرُوْنَ " جنت ۾ داخل ٿيو اوهان ۽ اوهان جون زالون خوش ڪيا ويندؤ. انهن خوش نصيبن کي چيو ويندو اوهان بہ جنت ۾ داخل ٿيو اوهان جون زالون بہ. اوهان اتي اهڙا خوش ٿيندؤ جو اوهان جي خوشيءَ جا آثار اوهان جي منهن ۾ نظر ايندا " ٢ " " يُطَافُ عَلَيْهِمْ بِصِحَافٍ مِّنْ ذَهَبٍ وَّاَكْوَابٍ وَّفِيْهَا مَا تَشْتَهِيْهِ الْاَنْفُسُ وَتَلَذُّ الْاَعْيُنُ وَاَنْتُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ج " انهن تي سون جون رڪيبيون ۽ گلاس ڦيرايا ويندا ۽ ان ۾ اهو هوندو جيڪو سندن سرخواهش ڪندا ۽ اکيون لذت واريون ٿينديون ۽ اوهان ان ۾ هميشه رهندڙ هوندؤ. مطلب تہ بهشت ۾ رهڻ وارا خادم بهشتين جي اڳيان بهشتي کائڻ پيئڻ واريون شيون سون جي رڪيبيءَ گلاسن ۾ کنيو انهن جي مٿان پيا ڦيرائيندا. حديث پاڪ ۾ آهي تہ جڏهن حبيب پاڪ عليه الصلوة والسلام جي شفاعت قبول ٿيندي تہ کين چيو ويندو تہ پنهنجن انهن امتين کي جن تي حساب ناهي جنت جي سڄي پاسي واري دروازي کان بهشت ۾ داخل ڪيو ۽ ٻيا مسلمان تہ ٻين دروازن کان داخل ٿيندا. حديث پاڪ ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو اهو ارشاد بہ آهي تہ " ٽيستائين بهشت سڀني نبين على نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام تي حرام آهي جيستائين ان ۾ اول مان داخل ٿيان " ٣ "اهي نعمتون سندن اڳيان موجود هونديون جن جي سندن سرخواهش ڪندا ۽ اهي ديدار نصيب ٿيندن جن سان سندن اکين کي لذت ملندي ۽ ٺري پونديون. حديث پاڪ ۾ آهي تہ جيڪو شخص سڀني کان پڇاڙيءَ ۾ دوزخ مان ڪڍي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو ان کان سندس دل جي مراد پڇي ويندي تہ هو اول کان آخر تائين سڀ دنيوي نعمتون طلب ڪندو الله عزوجل ان کي سندس گهر ۽ خواهش کان ڏهوٽيون نعمتون عطا ڪندو جيڪي ڪڏهن ان جي خيال ۾ بہ نہ آيون هونديون ۽ ان جي لاءِ اهو سلسلو هميشه جاري رهندو ڇوتہ الله جل مجده جو شان بي انتها آهي. حديث پاڪ ۾آهي تہ جنت ۾ رهندڙ گهٽ درجي واري کي بہ اهڙو نوازيو ويندو جو ان جي لاءِ سؤ سؤ ميلن تائين واقع ٿيندڙ

(١) روح البيان ۾ ٣٨٩ جلد ٨ (٢) تنوير الاذهان ص ٢١ جلد ٤ (٣) تنوير الايمان ص ٥٤ پ ٢٥

سون جون مـاڙيون ۽ موتين جا محل تيار هوندا ۽ انهن جي چوڌاري هڪ گرانٽ جيتري جاءِ بہ بيڪار پيل نہ هوندي ان جي اڳيان صبح ۽ شام ستر هزار رڪيبيون ۽ گلاس پيش ڪيا ويندا جن ۾ مختلف قسمن جي کاڌ ۽ پيئڻ جون شيون پيل هونديون هرهڪ جو رنگ بہ مٽ تہ ذائقو ۽ لذت بہ جدا هوندي. حضرت ابوهريرة حضرت ابوامامه رضي الله عنهما کان ان نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کان روايت آندي آهي: پاڻ فرمايائون تہ " مون کي قسم آهي خالق عزوجل جو جنهن جي قدرتي قبضي ۾ مون محمد (عليه الصلوة والسلام) جي جان آهي تہ " اوهان مان ڪو هڪڙو بهشتي طعام جو هڪ گرهہ وات ۾ وجهي ٻئي طعام جي خواهش ڪندو تہ اهو وات ۾ وڌل گرهہ بدلجي اهو خواهش ڪيل طعام ٿي ويندو" (ائين فرمائڻ کان پوءِ) پاڻ مذڪوره آيت تلاوت ڪيائون بهشتي ماڻهن کي دنيا واريون زالون تہ ملنديون پر انهن کان سواءِ (گهٽ ۾ گهٽ درجي واري کي) ٻاهتر حورون، وڌين اڪين واريون بہ عطا ٿينديون." ١ " ۽ اوهان ان ۾ هميشه هوندا. نہ ان مان ٻاهر ڪڍيا ويندؤ ۽ نہ ان ۾ موت هوندو. " وَتِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِي أُورِثْتُمُوهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُونَ " ۽ اهوبهشت اهو آهي جنهن جا انهن عملن جي ڪري وارث بنايا ويا آهيو جيڪي ڪندا هيئو. مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ جنت ۾ دخول تہ خالص خدا جي فضل ۽ لطف سان ٿيندو پر انهي درجا اعمال جي لحاظ سان ملندا.

سوال: "أُورِثْتُمُوهَا" ان جا وارث بنايا ويا آهيو. مان معلوم ٿيو تہ انهن کي جنت ڪنهن جي وارث هجڻ جي لحاظ سان ملندي - اهي ڪنهن جا وارث هوندا؟

جواب: هتي نيڪ عمل جي بدلي کي عامل جو ورثو سڏيو ويو آهي عمل خود تہ ٿي ويو هاڻي نہ رهيو پر ان جي ثواب جو هي وارث آهي هن کي اهو عطا ٿيو آهي ۽ حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ" الله هر انسان جي لاءِ جنت ۽ دوزخ ۾ جاءِ پيدا ڪئي آهي پوءِ ڪافر مومن جي جهنم واري جاءِ جو وارث ٿيندو ۽ مومن ڪافر جي جنت واري جاءِ جو وارث بنجندو" " ٢ "" لَكُمْ فِيهَا فَاكِهَةٌ كَثِيرَةٌ مِنْهَا تَأْكُلُونَ" اوهان جي لاءِ ان ۾ گهڻا ميوا آهن انهن مان اوهان کائيندؤ. يعني اوهان جي لاءِ جنت ۾ پاڻيءَ ۽ طعام کان سواءِ مختلف قسمن جاميوا مختلف ذائقن

(١) تنوير الايمان صہ ٥٥ پ ٢٥ (٢) روح البيان صہ ٣٩٢ جلد ٨

وارا، طبيعت کي موافق ايندڙ هوندا جن مان اوهان کائيندا.

فائدا: ١:۔ " اَلْاَخِلَّآءُ يَوْمَئِذٍ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ " (دوست ان ڏينهن هڪڙا ٻين جا دشمن هوندا) هن مان معلوم ٿيو ته دنيوي دوستيون قيامت جي ڏينهن دشمنين ۾ تبديل ٿي ويندديون بلڪ مومن ٻيءِ پنهنجي ڪافر پٽ جو دشمن ٿي بيهندو. انسان جا عضوا به سندس مثان شاهد ٿي بيهندا. دنيا فاني آهي ته ان جي دوستي به فاني.

٢: " اِلَّا الْمُتَّقِيْنَ " (مگر متقي ٻانها) هن مان معلوم ٿيو ته مومن، متقي ٻانهن جون دوستيون ۽ قرابتون مومن کي فائدو ڏينديون. لهذا نبي عليه الصلوة والسلام ۽ ولي جي قرابت ۽ محبت ضرور ڪم ايندي. (انشاءَ الله العزيز) حضرت علي رضي الله عنه فرمايو آهي ته: جڏهن ٻن مومن دوستن مان هڪ مري وڃي ٿوته اهو الله عزوجل جي بارگاهه ۾ عرض ٿو ڪري ته يا الله! منهنجو فلاڻو دوست مون کي سٺا مشورا ڏيندوهو ۽ برن ڪمن کان روڪيندو هو. يا الله! منهنجي وفات کان پوءِ ان کي گمراهه ٿيڻ کان بچائجان. ۽ (مرڻ کان پوءِ) ان جي اهڙي عزت ڪجانءِ جهڙي منهنجي ڪيئي . ۽ ٻن ڪافرن دوستن مان جيڪڏهن هڪڙو مري ٿو وڃي ته الله جل شانه کي عرض ڪري ٿو ته يا الله! فلاڻو شخص مون کي (ايمان ۽ ٻين) سٺن ڪمن کان روڪيندو هو ۽ برن ڪمن جا مشورا ڏيندو هو تون ان کي هلاڪ ڪري ڇڏ " ١" الغرض ته دنيوي غلط محبت ۾ نقصان ئي نقصان آهي.

اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ عَذَابِ جَهَنَّمَ خٰلِدُوْنَ (٧٤) لَا يُفَتَّرُ عَنْهُمْ

بلاشڪ مجرم جهنم جي عذاب ۾ هميشه رهندڙ آهن نه هلڪو ڪيو ويندو انهن تان،

وَهُمْ فِيْهِ مُبْلِسُوْنَ (٧٥) وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْا هُمُ

۽ اهي انهيءَ ۾ نااميد هوندا ۽ نه ظلم ڪيو اسان انهن تي ۽ پر هئا اهي پاڻ

(١) نور العرفان صہ ٧٨٨

الظّٰلِمِيْنَ (٧٦) وَنَادَوْا يٰمٰلِكُ لِيَقْضِ عَلَيْنَا رَبُّكَ

ظالم ۽ سڏيندا اي مالڪ! پل تہ موت جو حڪم ڪري اسان تي تنهنجو رب

قَالَ اِنَّكُمْ مّٰكِثُوْنَ (٧٧) لَقَدْ جِئْنٰكُمْ بِالْحَقِّ

چوندو بلاشڪ اوهان هميشه رهڻ وارا آهيو البت تحقيق آندو اسان اوهان وٽ حق

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَكُمْ لِلْحَقِّ كٰرِهُوْنَ (٧٨) اَمْ اَبْرَمُوْٓا اَمْرًا

۽ پر گهڻا اوهان مان حق کي ناپسند ڪندڙ آهن ڇا رٿيائون ڪو ڪم

فَاِنَّا مُبْرِمُوْنَ (٧٩) اَمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّا لَا نَسْمَعُ

پوءِ بيشڪ اسين بہ رٿ رٿيندڙ آهيون ڇا پائين ٿا تہ بلاشڪ اسين نہ ٿا ٻڌون

سِرَّهُمْ وَنَجْوٰهُمْ بَلٰى وَرُسُلُنَا لَدَيْهِمْ يَكْتُبُوْنَ (٨٠)

ڳجهيون ڳالهيون انهن جون ۽ صلاحون انهن جون هائو ۽ اسان جا قاصد انهن وٽ لکن پيا.

تفسير:

هن کان اڳ ۾ جنت وارن کي ملندڙ نعمتن جو بيان هو ۽ هتي ڪافرن کي ملندڙ دردناڪ عذاب جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ عَذَابِ جَهَنَّمَ خٰلِدُوْنَ" بلاشڪ مجرم جهنم جي عذاب ۾ هميشه رهندڙ هوندا- هتي "الْمُجْرِمِيْنَ" مان مراد جرم ۾ مضبوط رهندڙ، ڪافر آهن" ١ يعني جيڪي سڄي عمر جرم ڪندي، خداوند ڪريم سان بغاوت جو علم بلند ڪندي، سرڪش بنجي الله عزوجل جي رسولن عليهم الصلوٰة والسلام جي دل آزاريءَ کي پنهنجو شعار بنائي رهيا اهي جهنم جي عذاب ۾ هميشه هوندا. "لَا يُفَتَّرُ عَنْهُمْ وَهُمْ فِيْهِ مُبْلِسُوْنَ" نہ هلڪو ڪيو ويندو انهن تان ۽ اهي ان ۾ نااميد هوندا "مبلسون" جي معنیٰ، "آئسون" نااميد - مطلب تہ اهو عذاب انهن تان ٽرندو تہ ڪونہ پر هلڪو بہ نہ

(١) المراغي صہ ١٠٩ جز٢٥ جلد ٨

ڪيو ويندو. ڪين اتي مايوسي ڪان سواءِ ڪجهہ نصيب نہ ٿيندو. " وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْا هُمُ الظّٰلِمِيْنَ" ۽ اسان انهن تي ظلم نہ ڪيو ۽ پر اهي پاڻ ظالم هئا مطلب تہ اسان انهن تي ڪازيادتي نہ ڪئي هئي انهن کي عقل ۽ فهم جون قوتون ڏنيوسين انهن ڏانهن رسول عليهم الصلوٰة والسلام موڪلياسون انهن کي ڪيترو وقت سوچڻ سمجهڻ جي لاءِ مهلت ڏني سون پر اهي پاڻ ظالم ٿي بينا ڪابہ ڳالهہ قبول نہ ڪيائون . "وَنَادَوْا يٰمٰلِكُ لِيَقْضِ عَلَيْنَا رَبُّكَ" ۽ سڏيندا اي مالڪ! پلي تنهنجو رب اسان جي مٿان (موت جو) حڪم جاري ڪري يعني دوزخ جي مٿان مقرر ٿيل داروغي کي جيڪو مالڪ جي لقب سان معروف هوندو سڏي چوندا تہ پلي تنهنجو رب اسان جي موت جو حڪم جاري ڪري تہ مرڻ ڪان پوءِ هن عذاب کان آزاد ٿيون پيو تہ ڪو رستوئي ناهي " قَالَ اِنَّكُمْ مّٰكِثُوْنَ" چوندو تہ اوهان هميشہ رهڻ وارا آهيون. اوهان جي نڪرڻ جو سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي. ابن ابي حاتم حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: اهو ملائڪ انهن کي هزار سالن کان پوءِ اهو جواب ڏيندو "١" "لَقَدْ جِئْنٰكُمْ بِالْحَقِّ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَكُمْ لِلْحَقِّ كٰرِهُوْنَ" بلاشڪ اسان اوهان وٽ حق آندو ۽ پر اوهان مان گهڻا حق کي پسند ڪندڙ ناهن يعني اسان اوهان جي لاءِ حق کي واضح ڪري کولي بيان ڪيو پر اوهان نہ حق کي قبول ڪيو نہ پسند ڪيو. باطل کي پسند ڪري ان جا پوئلڳ ٿي بيٺؤ. " اَمْ اَبْرَمُوْٓا اَمْرًا فَاِنَّا مُبْرِمُوْنَ ج" چا ڪا پڪي رٿ رٿي اٿن پوءِ اسين بہ پڪي رٿ رٿيندڙ آهيون. يعني چا مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو ڪافرن رسول الله صلی الله عليه وسلم جي تڪليف لاءِ ڪا مضبوط رٿ رٿي آهي تہ پوءِ انهن جي رٿ ايتري مضبوط ناهي بلاشڪ اسين وري انهن جي خلاف پڪي رٿ رٿيندڙ آهيون جنهن جي مقابلي ۾ هي ناڪام رهندا. اها رٿ اها هئي جيڪا دارالندوة ۾ سڀني ڪافرن گڏ ٿي رٿي هئي "٢" " اَمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّا لَا نَسْمَعُ سِرَّهُمْ وَنَجْوٰهُمْ بَلٰى وَرُسُلُنَا لَدَيْهِمْ يَكْتُبُوْنَ" چا ڀائين ٿا تہ اسين انهن جون ڳجهيون ڳالهيون ۽ صلاحون نہ ٿا ٻڌون؟ هائو ۽ اسان جا قاصد انهن وٽ لکن پيا. يعني چا ڪافر اهو خيال ڪن ٿا تہ اهي جيڪي ڳجهيون ڳالهيون ۽ پاڻ ۾ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي

(١) تفسير ابن ڪثير صہ ١٣٥ جلد ٤ (٢) تنوير الاذهان صہ ٢٣ جلد ٤

خلاف پروگرام بنائين ٿا اسين اهي نہ ٿا ٻڌون. اسين تہ ٻڌون پيا پر سندن هر محفل ۾ اسان جا ملائڪ موجود هوندا آهن جيڪي سندن هرهڪ قول لکن ٿا انهن جو ڪوبہ راز اسان کان لڪل ناهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا:

١: " لَا يُفَتَّرُ عَنۡهُمۡ " (انهن کان هلڪو نہ ڪيو ويندو) مان معلوم ٿيو تہ ڪافرن تان جهنم جو عذاب نہ واقع ۾ هلڪو ڪيو ويندو نہ احساس طور جيئن عذاب جي شدت ڪين اول ۾ محسوس ٿي هوندي اها هميشه هوندي.

٢: " وَهُمۡ فِيۡهِ مُبۡلِسُوۡنَ " (۽ اهي ان ۾ نااميد هوندا) مان معلوم ٿيو تہ ڪافرن کي جهنم مان نڪرڻ جو ڪو آسرو نہ هوندو پر مومن کي الله جلت صفاته جي رحمت ۽ حضور پرنور عليه الصلوة والسلام جي شفاعت سان ٻاهر نڪرڻ جو آسرو ۽ اميد هوندي.

٣: " يٰمٰلِكُ لِيَقۡضِ عَلَيۡنَا رَبُّكَ " (اي مالڪ! تنهنجو رب ٻلي اسان جي مٿان موت جو حڪم جاري ڪري) مان بہ مسئلا معلوم ٿيا. ١ تہ الله عزوجل کانسواءِ مجازي طور ٻئي کي مالڪ سڏڻ بہ جائز آهي جيئن هتي قرآن ڪريم ۾ جهنم جي داروغي جي لاءِ مالڪ جو لفظ ترديد ڪرڻ کانسواءِ آيل آهي. ٢ تہ جيڪي دنيا ۾ وسيلي جا منڪر هوندا اهي بہ قيامت ۾ وسيلي جا قائل بنجندا. ڪافر بہ الله عزوجل کان ان داروغي جي وسيلي سان اهاڳالهہ ميرائڻ جي خواهش ڏيکاريندا.

قُلۡ اِنۡ كَانَ لِلرَّحۡمٰنِ وَلَدٌ ۖ فَاَنَا اَوَّلُ الۡعٰبِدِيۡنَ (٨١)

فرماءِ تہ جيڪڏهن هجي هارحمٰن (الله)جي لاءِ اولاد تہ پوءِ مان (ان جي) عبادت ڪندڙن ۾پهريون هجان ها.

سُبۡحٰنَ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ رَبِّ الۡعَرۡشِ عَمَّا يَصِفُوۡنَ (٨٢)

پاڪائي آهي آسمانن ۽ زمين جي رب جي عرش جي رب جي ان کان جو بيان ڪن ٿا

فَذَرْهُمْ يَخُوْضُوا وَيَلْعَبُوا حَتّٰى يُلٰقُوا يَوْمَهُمُ الَّذِىْ

پوءِ ڇڏ انهن کي تہ اجايون ڳالهيون ٺاهين ۽ راند روند کن تانجو ملن پنهنجي ان ڏينهن کي جنهن جو

يُوْعَدُوْنَ (٨٣) وَهُوَالَّذِىْ فِى السَّمَآءِ اِلٰـهٌ وَّفِى الْاَرْضِ اِلٰـهٌ ط

وعدو ڏنا وڃن ٿا ۽ اهوئي آهي جيڪو آسمان ۾ معبود آهي ۽ زمين ۾ معبود آهي

وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ (٨٤) وَتَبٰرَكَ الَّذِىْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ

۽ اهوئي حڪمت وارو، ڄاڻندڙ آهي ۽ برڪت وارو آهي اهو جنهن جي بادشاهي آسمانن ۾

وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ج وَعِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ج وَاِلَيْهِ

۽ زمين ۾ آهي ۽ ان ۾ آهي جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي ۽ ان وٽ قيامت جو علم آهي ۽ ان ڏانهن

تُرْجَعُوْنَ (٨٥) وَلَا يَمْلِكُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهِ الشَّفَاعَةَ

موٽايا ويندؤ ۽ نہ مالڪ ٿيندا اهي جن جي ان کان سواءِ عبادت ڪن ٿا شفاعت جا

اِلَّا مَنْ شَهِدَ بِالْحَقِّ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ (٨٦) وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ

مگر جنهن شاهدي ڏني حق جي ۽ اهي ڄاڻن ٿا ۽ البت جيڪڏهن پڇندين انهن کان تہ ڪنهن

خَلَقَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ لا (٨٧) وَقِيْلِهٖ يٰرَبِّ

پيدا ڪيو انهن کي تہ البت ضرور چوندا الله پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا وڃن ٿا ۽ (قسم آهي) ان جي چوڻ جو

اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ قَوْمٌ لَّا يُؤْمِنُوْنَ م (٨٨) فَاصْفَحْ عَنْهُمْ وَقُلْ سَلٰمٌ ط

وقف لازم

تہ اي منهنجا رب ! بيشڪ هي قوم آهن جيڪي ايمان نہ ٿا آڻين پوءِ منهن موڙ انهن کان ۽ چؤ سلام

فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ع (٨٩)

ع ٧ / ٢٤ / ١٣

پوءِ جلد ڄاڻندا.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ڪافرن ڪي هميشه جهنم ۾رکڻ جوبيان هو ۽ هتي انهن ئي ڪافرن ڪي سمجهائڻ جي لاءِ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن ڪان هڪ ارشاد بيان ڪرايو وڃي ٿو. ارشاد رباني آهي " قُلْ اِنْ كَانَ لِلرَّحْمٰنِ وَلَدٌ فَاَنَا اَوَّلُ الْعٰبِدِيْنَ" فرماءِ ته جيڪڏهن رحمن (الله) جي لاءِ اولاد هجي ها ته مان (ان جي) اول عبادت ڪندڙ هجان ها. مطلب ته جيڪڏهن صحيح برهان ۽ قوي حجت سان الله جل وعلا جي لاءِ اولاد ثابت ٿئي ها ته ان جو پهريون عبادت ڪندڙ مان هجان ها پر جيئن اهو ڪنهن جي اولاد هجڻ ڪان پاڪ آهي تيئن پيءُ هجڻ ڪان به پاڪ آهي "سُبْحٰنَ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ رَبِّ الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ" آسمانن ۽ زمين جي رب ۽ عرش جي رب جي انهن نامناسب ڳالهين ڪان پاڪائي آهي جيڪي بيان ڪن ٿا. مطلب ته ڪافر الله عزوجل جي لاءِ اولاد وغيره واريون جيڪي صفتون بيان ڪن ٿا اهو انهن ڪان پاڪ آهي، آسمانن، زمين ۽ عرش جورب آهي "فَذَرْهُمْ يَخُوْضُوْا وَيَلْعَبُوْا حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ" پوءِ انهن ڪي ڇڏي ڏي ته اجايون ڳالهيون ڳاهين ۽ راند روند ڪن تانجو ان ڏينهن ڪي ملن جنهن جو وعدو ڪيا ويا آهن. يعني اي محبوب ! عليه الصلوٰة والسلام ! اوهان انهن ڪي نظر انداز ڪري ڇڏيو انهن جي متعلق ڪوفڪر نه ڪيو پلي هٺ جون ڳالهيون ڳاهي بيان ڪن راندروند ۾ عمر برباد ڪن. انهن جون اکيون تڏهن کلنديون جڏهن الله عزوجل جي طرفان وعدي ڪيل ڏينهن ڪي ڏسندا. " وَهُوَ الَّذِيْ فِى السَّمَآءِ اِلٰهٌ وَّفِى الْاَرْضِ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ" ۽ اهو (الله) اهوآهي جيڪو آسمان ۾ معبود آهي ۽ زمين ۾ معبود آهي ۽ اهوئي حڪمت وارو،ڄاڻندڙ آهي، يعني جنهن جي آسمان ۽ زمين ۾عبادت ڪئي وڃي ٿي اهوئي الله آهي اهوئي حڪمت ۽ علم وارو آهي. "وَتَبٰرَكَ الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۚ وَعِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ" ۽ برڪت وارو اهو (الله) آهي جنهن جي آسمانن ۽ زمين ۽ انهن جي وچ ۾بادشاهي آهي ۽ ان وٽ قيامت جو علم آهي ۽ ان ڏانهن ئي اوهان موٽايا ويندؤ- يعني آسمانن ،زمين ۽ انهن جي وچ ۾ جيڪي ڳڻڻ ڪان مٿي جهان آهن، جن جي حقيقت ان کي ئي معلوم آهي

انهن سيني جواهو هڪ حقيقي بادشاهہ آهي ۽ ان وٽ ئي (ذاتي طرح) قيامت جو علم آهي اهوئي ان کي بيان ڪري سگهي ٿو ۽ اوهان سڀ ان ڏانهن موٽايا ويندؤ. پوءِ هر ڪنهن کي اهو بدلو ڏيندو جنهن جو اهو لائق هوندو "وَلَا يَمْلِكُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهِ الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنْ شَهِدَ بِالْحَقِّ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ" ۽ جن جي الله کان سواءِ عبادت ڪن ٿا اهي شفاعت جا مالڪ نہ ٿيندا مگر جنهن حق جي شاهدي ڏني ۽ اهي ڄاڻن ٿا. يعني اهي ڪافر جن بتن ۽ ٻين باطل معبودن جي عبادت ڪن ٿااهي هنن جي لاءِ سندن شفاعت بہ نہ ڪري سگهندا جيئن هي خيال ڪيو ويٺا آهن. پر جيڪي الله جي توحيد ۽ رسولن عليهم الصلوٰة والسلام جي رسالت جي، حق جي شاهدي ڏيندا ڪين اهو علم بہ آهي انهن جي شفاعت ٿيندي ۽ اهي ٻين جي بہ شفاعت ڪري سگهندا (باذن الله عزوجل) " وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ" ۽ البت جيڪڏهن تون انهن کان پڇندين تہ ڪين ڪنهن پيدا ڪيو آهي تہ ضرور چوندا الله (پيداڪيو آهي) پوءِ ڪيڏانهن (اونڌا) ڦيرايا وڃن ٿا. مطلب تہ هي عجيب قسم جا احمق ماڻهوآهن جو پڇڻ تي اقرار بہ ڪن ٿا تہ ڪين الله عزوجل پيدا ڪيوآهي پوءِ بہ ڪيئن اونڌا ڦري الله عزوجل کانسواءِ ٻين جي عبادت ڪن ٿا. وَقِيْلِهٖ يٰرَبِّ اِنَّ هٰٓؤُلَاۗءِ قَوْمٌ لَّا يُؤْمِنُوْنَ" ۽ قسم آهي ان جي قول جو تہ اي منهنجا رب! بلاشڪ هي نہ ايمان آڻڻ واري قوم آهي. الله جلت صفاته پنهنجي حبيب عليه الصلوٰة والسلام جي مخلصانه التجا ۽ درد ڀريي آواز واري گفتگو جو قسم کڻي فرمايو تہ: منهنجي محبوب جي ان قول جو تہ بلاشڪ هي ايمان نہ آڻڻ واري قوم آهي قسم آهي (جنهن جونتيجو اهو آهي تہ) الله جل شانہ ضرور سندن مدد ڪندو ۽ ڪين پنهنجيءِ رحمت سان غالب ڀنائيندو. " فَاصْفَحْ عَنْهُمْ وَقُلْ سَلٰمٌ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ" ۽ پوءِ انهن ڪان منهن موڙ ۽ فرماءِ سلام پوءِ جلد ڄاڻندا. يعني وڏيڪ پريشان نہ ٿيو حق جو پيغام پهچائي انهن کي الوداع جو سلام فرمائي انهن کان پنهنجو منهن مبارڪ ڦيرائي ڇڏيو اهي جلد ڄاڻندا تہ سندن حال ڪهڙو ٿو رهي "١"

فائدا: " فَاَنَا اَوَّلُ الْعَابِدِيْنَ" (پوءِ مان پهريون عبادت ڪندڙ آهيان) هن جو هڪ تفسير تہ اڳ ۾ لکي آيا آهيون ٻيو هي آهي تہ: جيڪڏهن الله عزوجل جو اولاد

(١) حاشيه عثمانيه صہ ٦٥٩

هجي ها تہ مان ان جي اول عبادت ڪيان ها ڇوتہ خلقت ۾ اول منهنجو نور هو. حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه فرمايو تہ هر شيءِ کان اڳي الله عزوجل (حضرت) محمد صلى الله عليه جن جي نور کي پيدا فرمايو ۽ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن ئي اول الله جل شانه جي توحيد جو اقرار ڪرڻ فرمايو ۽ قلم بہ اول "لااله الا الله محمد رسول الله" لکيو. پوءِ "أَنَا أَوَّلُ الْعَابِدِيْنَ" مان مراد آهي تہ الله جي توحيد ۽ ان جي ذڪر جو وڏيڪ حقدار مان آهيان "١"

الحمدلله جو مون گنهگار اڄ جمعة المبارڪ جي رات بوقت اٺ لڳي ويهن منٽن تي بمؤرخه ٢٩ ربيع الثاني سنہ ١٤٢٥هـ الموافق ١٧ جون سنہ ٢٠٠٤ ع تي پنهنجي گهر واريءَ لائبريريءَ ۾ ويٺي هن سورة جو تفسير لکي پورو ڪيو. رب العزة جل شانه جي بارگاهہ ۾ عاجزانه التجا آهي تہ باقي رهيل تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين يا اله العلمين بجاه النبي الامين عليه وعلى آله الصلوات والتسليمات الى يوم الدين - حرره الفقير الى الله المغيث.

محمد ادريس الداهري النقشبندي عفي عنه



(١) روح البيان صہ ٣٩٦ جلد ٨

سورة الدُّخَانِ جو تعارف.

هن شاندار سورة جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ: هن جو نالو "اَلدُّخَانِ" آهي جيڪو هن جي آيت عـ١٠ ۾ ذڪر ڪيل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٽي رڪوع اوڻهٺ (٥٩) آيتون ٽي سوء ڇائيتاليهہ (٣۴٦) ڪلما ۽ هڪ هزار چار سوء ايڪٽيهہ (١۴٣١) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس ۽ حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ سوره الدخان مڪه (مڪرمه) ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

اڳئين ء سورة سان مناسبت ۽ ربط: اڳئين ء سورة الزخرف ڪي عذاب جي ذڪر سان پورو ڪيو ويو ۽ هن ڪي ان عذاب کان ڊيڄارڻ سان شروع ڪيو ويو آهي، اڳئين ء سورة ۾ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جو قول "اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ قَوۡمٌ لَّا يُؤۡمِنُوۡنَ" (بلاشڪ هي ايمان نہ آڻڻ واري قوم آهن) ذڪر ڪيو ويو ۽ هن ۾ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام جو قول "اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ قَوۡمٌ مُّجۡرِمُوۡنَ" (بلاشڪ هي مجرم قوم آهن) بيان ٿيو آهي. (٣)

نزول جو زمانو: جيڪي سورتون "حٰمٓ" سان شروع ڪيل آهن انهن سڀني جي نزول جو زمانو قريب قريب آهي. اسان وٽ جيتوڻيڪ انهن جي نزول جي سال ۽ مهيني جو ڪو قطعي دليل ناهي پر سورة "الدخان" ۾ جنهن واقعي جو ذڪر ٿيو آهي ان سان هن جي نزول واري زماني جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جڏهن ڪافرن جو عناد ۽ اسلام سان انهن جي عداوت ايتري وڌي جو اسلام قبول ڪرڻ وارن غريبن ۽ مسڪينن تي نهايت گهڻو ظلم ۽ تشدد شروع ڪري ڏنائون ان حالت ڪي ڏسندي حضرت حبيب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن رب العزت جي بارگاهہ ۾ دعا گهري تہ: ياالله! انهن ڪي حضرت يوسف (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جي

(١) خازن صـ١٢ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور صـ٣٩٧ جلد٧ (٣) المراغي صـ١١٨ جزء ٢٥ جلد٨

دور واري ڏڪار جهڙي ڏڪار ۾ مبتلا ڪر تانته سندن دماغن مان دولت جو نشو نڪري ۽ مسلسل بک ۾ رهڻ جي ڪري شايد سندن دليون نرم ٿين ۽ اهي حق کي قبول ڪن الله جل جلاله پنهنجي حبيب عليه الصلوٰة والسلام جن جي دعا قبول ڪئي مينهن وسڻ بند ٿي ويو ڏڪار جي ڪري هر طرف کان مٽي اڏامڻ لڳي ڪاڏي جون شيون بازار مان اڻ لڀ ٿي ويون ۽ اهي مجبور ٿي مئل جانور کائڻ لڳا. پوءِ انهن کي پڪ ٿي ته هي حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جن جي طرفان ڏڪار لاءِ گهريل دعا جو اثر آهي ۽ وري جيستائين سندن هٿ مبارڪ پلائيءَ جي دعا جي لاءِ نه کڻندا اهو ڏڪار دفع نه ٿيندو پوءِ سندن متڪبر سردارن جو هڪ وفد جنهن ۾ ابوسفيان به شامل هو بارگاهه نبوت ۾ حاضر ٿيا ۽ ڪين عرض ڪيائون ته: اوهان الله عزوجل کان دعا گهرو ته اسان کي هن ڏڪار کان نجات ڏي ته اسين ضرور ايمان آڻينداسون محبوب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن دعا جي لاءِ هٿ مبارڪ کنيا ته ڏڪار دفع ٿي ويو.

مضمون: مڪه مڪرمه جا رهاڪو جن ڪفر، شرڪ ۽ براين جي پراڻين بيمارين ۾ مبتلا هئا هتي انهن جو علاج مقصود آهي اهي قرآن ڪريم کي الله عزوجل جو ڪلام تسليم ڪرڻ جي لاءِ تيار نه هئا ان سلسلي ۾ اهي شڪن ۽ شبهن جا انبار لڳائي ڇڏيندا هئا انهن شبهن ۽ شڪن کي دور ڪرڻ جي لاءِ ارشاد ٿيو ته: هي كِتَابٌ مُّبِينٌ" آهي ان جي بيان جو انداز، ان جا حڪمت سان ڀريل مضمون خود ٻڌائي رهيا آهن ته هي الله عزوجل جو ڪلام آهي ائين سمجهڻ ته هن قرآن ڪريم جي نزول جي ڪري اسان قسمين قسمين ڏکن ۾ مبتلا ٿيا آهيون بلڪل غلط آهي ائين هرگز ناهي هي ڪتاب ته خير ۽ برڪت جو سرچشمو آهي جنهن رات ۾ هي نازل ٿيو اها رات ٻين راتين کان شان ۾ بلند ٿي وئي جڏهن سال کان پوءِ اها رات ايندي آهي ته الله عز اسمه جي رحمت جي درياءَ کي جوش ايندو آهي ۽ ڳڻپ کان وڌيڪ مسلمانن کي مغفرت سان نوازيو ويندو آهي. اهي شخص شرڪ ۾ اهڙا مبتلا هئا جو سندن وجود ۾ طاقت جو هڪ ذرو به نه رهيو هو هن سورة ۾ انهن جو ان جي علاج ڏانهن توجه ڇڪايو ويو آهي ته جن ٻڌن کي اوهان

پنهنجو معبود بنايو آهي اهي ته ڪم ۾ نه اچڻ وارا پٿر آهن اهي اوهان کي نه نفعو ڏيندا نه نقصان پهچائي سگهندا. ڪافرن کي مخاطب بنائي چيو ويو آهي ته اوهان پنهنجي دولت ۽ اثر رسوخ تي نازل ڪندڙ آهيو ۽ پنهنجي حالتن کان پوري طرح مطمئن آهيو اوهان جو اهو خيال آهي ته اوهان کي پنهنجي اصلاح جي لاءِ ڪنهن نبي جي دعوت جي ضرورت ناهي ۽ اوهان جو رستو بالڪل سڌو رستو آهي ان جي ڪري اوهان آيات الاهي ۾ غور ڪرڻ جي لاءِ به تيار ناهيو. اها وڏائي اوهان کي بالڪل مهانگي پوندي اوهان کان پهريان فرعون به اهو طريقو اختيار ڪيو هو پر ان جي پڇاڙي ڪيئن ٿي ان کان به اوهان بي خبر ناهيو. اهي قيامت جي اچڻ جا منڪر هئا. هن سورة ۾ ان جي اچڻ جي حڪمت به بيان ڪئي وئي آهي ته جيڪڏهن قيامت جو عقيدو نه رکجي ته هي جهان هڪ راند ۽ تماشو رهجي ويندو جنهن ۾ ڪير ڪنهن تي رحم نه ڪندو ڇوته ان کي پڇاڙي جو ڊپ نه هوندو.

ڀلايون ۽ برڪتون: هن سورة مبارڪه جو شان نبوي احاديث ۾ آيل آهي جن مان پڙهندڙن جي لاءِ ڪجهه هتي لکجن ٿيون. ١- ترمذي، محمد بن نصر، ابن مردويه ۽ شعب الايمان ۾ بيهقي حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "مَنْ قَرَءَ حٰمٓ" اَلدُّخَانِ فِيْ لَيْلَةٍ اَصْبَحَ يَسْتَغْفِرُلَهٗ سَبْعُوْنَ اَلْفَ مَلَكٍ" يعني جنهن حم الدخان سورة رات جو پڙهي ته صبح جو ستر هزار (٧٠٠٠٠) ملائڪ ان جي مغفرت لاءِ دعا گهرندا. ٢- مذڪوره ساڳين محدثن ساڳئي حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "من قرء حم الدخان في ليلة جمعة اصبح مغفورا له" جنهن جمعي جي رات حم الدخان سورة پڙهي ته صبح جو ان حال ۾ اٿندو جو سندس گناهه بخش ڪيل هوندا.

٣- ابن مردويه حضرت ابوامامه رضي الله عنه کان روايت آندي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "مَنْ قَرَءَ حٰمٓ الدُّخَان فِیْ لَيْلَةِ جُمُعَةٍ اَوْ يَوْمِ جُمُعَةٍ بَنَى اللهُ لَهٗ بَيْتًا فِى الْجَنَّةِ" (١) جنهن جمعي جي رات يا جمعي جي ڏينهن حم الدخان (سورة) پڙهي ته الله ان جي لاءِ جنت ۾ گهر ٺاهيندو.

(١) الدرالمنثور صـ٣٩٧ جلد٧

وَهِيَ تِسۡعٌ وَّخَمۡسُوۡنَ اٰيَةً	سُوۡرَةُ الدُّخَانِ مَكِّيَّةٌ	وَثَلَاثُ رُكُوۡعَاتٍ
۽ اها اوڻهٺ آيتون	سورة دخان مكي آهي	۽ ٽي رڪوع آهي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي

حٰمٓ (١) وَالۡكِتٰبِ الۡمُبِيۡنِ (٢) اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنٰهُ فِىۡ لَيۡلَةٍ مُّبٰرَكَةٍ اِنَّا كُنَّا

حا- ميم- قسم آهي ڪتاب مبين جو بيشڪ اسان نازل ڪيو ان کي رات برڪت واريءَ ۾ بيشڪ اسين

مُنۡذِرِيۡنَ (٣) فِيۡهَا يُفۡرَقُ كُلُّ اَمۡرٍ حَكِيۡمٍ (۴) اَمۡرًا مِّنۡ عِنۡدِنَا

هئاسين ڊيڄاريندڙ ان ۾ فيصلو ڪيو وڃي ٿو هر امر حڪمت وارو امر ٿي اسان وٽان

اِنَّا كُنَّا مُرۡسِلِيۡنَ (٥) رَحۡمَةً مِّنۡ رَّبِّكَ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ (٦)

بيشڪ اسين هئاسين موڪليندڙ رحمت ٿي تنهنجي رب وٽان بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي

رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَمَا بَيۡنَهُمَا اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّوۡقِنِيۡنَ (٧) وقف لازم

رب آسمانن جو ۽ زمين جو ۽ ان جو جيڪو انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي جيڪڏهن آهيو يقين ڪندڙ

لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحۡىٖ وَيُمِيۡتُ رَبُّكُمۡ وَرَبُّ اٰبَآئِكُمُ الۡاَوَّلِيۡنَ (٨)

ناهي ڪو عبادت جو لائق ان کان سواءِ جيئرو ڪري ٿو ۽ ماري ٿو اوهان جو رب ۽ اوهان جن ڀهرين

بَلۡ هُمۡ فِىۡ شَكٍّ يَّلۡعَبُوۡنَ (٩)

ابن ۽ ڏاڏن جو رب بلڪ اهي شڪ ۾ راند پيا ڪن.

تفسير.

اڳين ۽ سورة جي آخري آيت ۾ ڪافرن ڪان منهن موڙڻ جو حڪم هو ۽ هن سورة جي شروعات ۾ قرآن پاڪ جو ذڪر آندو ويو آهي جنهن جي روشن دلائل سان ڪفر جون خرابيون ظاهر ٿين ٿيون. فرمان ايزدي آهي. "حٰمٓ" هي مقطعات حروف آهن جن جو ذڪر هن کان اڳي ڪيترا ڀيرا اچي چڪو آهي ۽ بعض علماء جو قول آهي تہ حاء "حي" ڏانهن ۽ ميم "قيوم" ڏانهن اشارو آهي. (١) "وَالۡكِتٰبِ الۡمُبِيۡنِ" ۽ ڪتاب مبين جو قسم آهي. يعني جن ڳالهين ۽ احڪام جو حلال ۽ حرام جي لحاظ سان انسان محتاج آهي هي ڪتاب اهي سڀ بيان ڪندڙ آهي. (٢) "اِنَّآ اَنۡزَلۡنٰهُ فِىۡ لَيۡلَةٍ مُّبٰرَكَةٍ" اسان ان کي برڪت واري رات ۾ نازل ڪيو آهي. يعني هن ڪتاب مبين کي اسان ئي نازل ڪيو آهي نہ هي انسانن ۽ جنن مان ڪنهن جي تصنيف آهي ۽ نہ هن جو مسودو دانشورن ۽ اديبن جي ڪنهن بورڊ تيار ڪيو آهي هي نهايت خير ۽ برڪت واري رات ۾ نازل ٿيو آهي. اها ڪهڙي رات آهي ان جي متعلق ٻہ قول آهن. ١- تہ اها رمضان المبارڪ مهيني جي لية القدر آهي. ٢- تہ اها شعبان جي پندرهين تاريخ واري رات آهي. ۽ ان جا چار نالا آهن. ١- الليلة المباركة. ٢- ليلة البراءة آزاد ٿيڻ جي رات. ٣- ليلة الصڪ. ۴- ليلة القدر. ۽ ان کي ليلة مبارڪه انهن برڪتن، ڀلاين ۽ ثواب جي ڪري سڏيو ٿو وڃي جيڪي الله جل جلاله ان ۾ نازل فرمائيندو آهي. حضرت حبيب عليه الصلوٰة والسلام جن جي ارشاد مبارڪ مان معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام جا صحيفا رمضان جي پهرين رات نازل ٿيا هئا ۽ توراة رمضان جي ڇهين تاريخ نازل ٿيو هو ۽ زبور رمضان جي ٻارهين تاريخ ۽ انجيل رمضان جي اٺين تاريخ نازل ٿيو هو. (الحديث) ۽ عڪرمة جو قول آهي ته ان مان مراد شعبان جي پندرهين تاريخ جي رات آهي، مفسرن ان کي ترجيح نہ ڏني آهي قتادة ۽ ابن زيد فرمايو تہ: قرآن پاڪ سمورو ليلة القدر ۾ لوح محفوظ کان لهي پهرين آسمان تي بيت العزة ۾ پهتو اتاهين کان پوءِ ٢٣ سالن تائين ٿورو ٿورو ٿي نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام جن تي واقعات ۽ ضرورتن کي سمجهائڻ جي لاءِ نازل ٿيندو رهيو. (٣) "اِنَّا كُنَّا مُنۡذِرِيۡنَ"

(١) ضياء القرآن صـ٣٣ ۴ جلد۴ (٢) خازن صـ ١١٣ جلد ۴ (٣) القرطبي صـ ١٢٦ جلد ١٦

بلاشڪ اسين ڊيڄاريندڙ آهيون. يعني اسين ماڻهن کي شرعًا نفعو ڏيندڙ ۽ نقصان ڏيندڙ شيون ٻڌائي ڊيڄاريون ٿا تانتہ انهن تي حجت قائم رهي. "فِيهَا يُفْرَقُ كُلُّ أَمْرٍ حَكِيمٍ ۝" ان ۾ هر حڪمت وارو امر فيصلو ڪيو وڃي ٿو. يعني انهيءَ برڪت واري رات ۾ لوح محفوظ ۾ لکيل امر ملائڪن جي حوالي ڪيو وڃي ٿو ۽ پوري سال ۾ ٿيندڙ ڪم ڪين سمجهايا وڃن ٿا تہ فلاڻي جي حياتي هيتري آهي فلاڻي جي روزي هيتري آهي. اها مراد ابن عمر مجاهد. ابي مالڪ. ضحاڪ. ۽ ٻين سلف صالحن کان روايت ڪيل آهي. (١) ۽ "حَكِيمٍ" جي معنىٰ مستحڪم جنهن ۾ نہ ڪا تبديلي اچي نہ ڦيرقار. "أَمْرًا مِّنْ عِندِنَا ۚ" امر ٿي اسان وٽان. يعني اهو اسان جي علم سان ٿيندو آهي. "إِنَّا كُنَّا مُرْسِلِينَ ۝" بلاشڪ اسين موڪليندڙ آهيون. مطلب تہ ماڻهن ڏانهن پيغمبر عليه الصلوٰة والسلام کي، اسين موڪليندڙ آهيون تانتہ انهن جي اڳيان الله عزوجل جون روشن آيتون پڙهي، ڇوتہ ان جي ڪين ضرورت آهي. رَحْمَةً مِّن رَّبِّكَ ۚ تنهنجي رب وٽان رحمت آهي. يعني رسول عليه الصلوٰة والسلام جن جو موڪلڻ تنهنجي رب جي طرفان رحمت آهي ان جي ذريعي ئي ڪين نفعي ۽ نقصان ڏيندڙ شين جي ڄاڻ ملي ٿي. (٢) "إِنَّهُ هُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ" بلاشڪ اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي يعني الله عزوجل پنهنجن ٻانهن جا اقوال ٻڌندڙ ۽ سندن اعمال ڄاڻندڙ آهي. (٣). "رَبِّ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۖ إِن كُنتُم مُّوقِنِينَ" آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪو ڪجهہ انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي انهن سڀني جو رب آهي جيڪڏهن اوهان يقين رکندڙ آهيو. مطلب تہ جيڪڏهن اوهان ۾ ڪنهن شيءِ تي يقين رکڻ جي صلاحيت آهي تہ سڀ کان يقين رکڻ جي لاءِ اهم الله عزوجل جي عام ربوبيت آهي جنهن جي قدرت جاذري ذري ۾ سڄ کان وڌيڪ روشن آثار موجود آهن. لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ يُحْيِي وَيُمِيتُ ۖ رَبُّكُمْ وَرَبُّ آبَائِكُمُ الْأَوَّلِينَ" ان کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي جيئرو ڪري ٿو ۽ ماري ٿو اوهان جو ۽ اوهان جن پهرين ابن ڏاڏن جو رب آهي. يعني جنهن جي قدرتي قبضي ۾ مارڻ. جيارڻ، وجود ۽ عدم جي واڳ آهي ۽ اوهان ۽ اوهان جن ابن ۽ ڏاڏن جو رب بہ اهو آهي ڇا ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت ۽ بندگي ڪرڻ جائز آهي؟ ڪڏهن بہ جائز ناهي. "بَلْ هُمْ فِي شَكٍّ يَلْعَبُونَ"

(١) تفسير ابن ڪثير صـ١٣٧ـ١٣٨ جلد۴ (٢) المراغي صـ١٢٠ جزءِ ٢٦ جلد٨ (٣) خازن صـ١١٢ جلد۴

بلڪ اهي شڪ ۾ راند ڪن پيا. يعني انهن واضح نشانين ۽ روشن دلائل جي اقتضا تہ هيءَ هئي جو ماڻهو مڃي ايمان آڻين ها پر پوءِ بہ ننڍا مڃين شڪ ۾ رهن ٿا. ۽ ان ڏوڪي ۾ آهن تہ هيءَ دنيا هميشہ هيئن هوندي پاڻ ۾ راند روند ڪندا رهندا ڪين آخرت جو ڪو فڪر ناهي.

فائدا: مذڪوره آيتن جي تفسير مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

١- آيت عـ۴ مان معلوم ٿيو تہ ليلة القدر ۾ سڀ ڪم ورهائي ملائڪن جي حوالي ڪيا وڃن ٿا هر ڪم تي مقرر ڪيل ملائڪ کي ان جي ڊيوٽيءَ وارا ڪم ڏنا وڃن ٿا. ان مان معلوم ٿيو تہ انهن ملائڪن کي سڄي سال ۾ واقع ٿيندڙن ڪمن جي اڳي ئي خبر ڏني وڃي ٿي، ملڪ الموت کي اهو علم ملي ٿو تہ هي هي ماڻهو هن هن وقت تي وفات ڪندا. ۽ جڏهن ملائڪن کي اڳ ۾ ئي انهن ڪمن جو علم ملي ٿو تڏهن نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کي انهن شين جي علم ملڻ تي اعتراض ڇو آهي؟ ڪين تہ اولين ۽ آخرين جا علم عطا ڪيل آهن.

٢- "اِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ" (بلاشڪ اسين موڪليندڙ آهيون تنهنجي رب جي طرفان رحمت). مان معلوم ٿيو تہ الله جل شانه سڀني جهانن جو رب آهي حضور عليه الصلوٰة والسلام جن انهن سڀني لاءِ رحمت آهن، شاهہ عبدالعزيز محدث دهلوي عليہ الرحمة سورة والضحیٰ جي لفظ "فَتَرْضٰى" جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ "حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن مملڪت الٰهيه جا وزيراعظم آهن، ان جي ڪري سندن ڪلمو هر جاءِ تي پڙهيو وڃي ٿو دنيا ۾ پنهنجو ڪلمو پڙهائيندڙ نبي سڀ ورا بہ آخرت ۾ حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جن جو ڪلمو پڙهندا. (١)

فَارْتَقِبْ يَوْمَ تَأْتِى السَّمَآءُ بِدُخَانٍ مُّبِيْنٍ (١٠) يَّغْشَى النَّاسَ

پوءِ انتظار ڪر ان ڏينهن جو (جنهن ۾) آڻيندو آسمان دونهون صاف ڍڪي ڇڏيندو ماڻهن کي

هٰذَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ (١١) رَبَّنَا اكْشِفْ عَنَّا الْعَذَابَ

هي عذاب دردناڪ آهي، اي اسان جا رب! پري ڪر اسان کان عذاب

(١) نورالعرفان صـ ٧٩١

إِنَّا مُؤْمِنُونَ (١٢) أَنَّى لَهُمُ الذِّكْرَى وَقَدْ جَاءَهُمْ رَسُولٌ

بلاشڪ اسين ايمان آڻيندڙ آهيون ڪٿي آهي انهن جي نصيحت حاصل ڪرڻ ۽تحقيق آيو انهن وٽ رسول

مُّبِينٌ (١٣) ثُمَّ تَوَلَّوْا عَنْهُ وَقَالُوا مُعَلَّمٌ مَّجْنُونٌ (١٤)

روشن ان ڪان پوءِ منهن موڙيائون ان ڪان ۽ چيائون تہ پڙهايل، چريو آهي

إِنَّا كَاشِفُوا الْعَذَابِ قَلِيلًا إِنَّكُمْ عَائِدُونَ (١٥) يَوْمَ نَبْطِشُ

بيشڪ اسين پري ڪندڙ آهيون عذاب ٿورو وقت بيشڪ اوهان موٽندڙ آهيو ان ڏينهن پڪڙينداسون

الْبَطْشَةَ الْكُبْرَى إِنَّا مُنْتَقِمُونَ (١٦)

اسين پڪڙ سخت بلاشڪ اسين بدلو وٺندڙ آهيون.

وقف لازم

وقف لازم

تفسير.

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جو حال بيان ڪيو ويو آهي تہ انهن الله جل مجده جي رحمت جي بي شڪري ڪندي نہ قرآن ڪريم مان فائدو ورتو نہ صاحب قرآن مان ۽ هتي مالڪ مٺي پنهنجي محبوب عليه الصلوة والسلام کي انهن کي ملندڙ سزا جي لاءِ انتظار ڪرڻ جو امر ڪندي ارشاد فرمايو "فَارْتَقِبْ يَوْمَ تَأْتِي السَّمَاءُ بِدُخَانٍ مُّبِينٍ" پوءِ ان ڏينهن جو انتظار ڪر جنهن ڏينهن آسمان چٽو دونهون آڻيندو.

ابن مردويه حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ "الدخان" مان مراد ڏڪار آهي جيڪو انهن وٽ آيو هو ۽ اهڙو سخت هو جو بک جي سختيءَ جي ڪري سمجهندا هئا تہ آسمان ۽ سندن وچ ۾ دونهون اچي ويو آهي. (١) جڏهن نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام جن مکه مڪرمه مان هجرت ڪري مدينه منوره ۾ تشريف فرما ٿيا تہ مکه مڪرمه ۽ ان جي آس پاس رهندڙن کي ڏڪار اهڙو ورتو جو بک جي ڪري مردار جانور ۽ ڪتا ڪائي پيٽ پالڻ لڳا.

(١) الدرالمنثور صـ٤٠٥

ننڍين وڏن گڏجي ٻنن جي اڳيان درد مند انہ التجائون ڪيون پر سڀ بي سود رهيون نيٺ (حضرت) ابوسفيان- (جيڪو پوءِ مسلمان ۽ اصحابي ٿيو هو رضي الله تعالیٰ عنه) حضرت حبيب ڪريم عليه الصلوة والسلام جن جي خدمت عاليه ۾ آيو ۽ ڪين عرض ڪيائين تہ اوهان اهو خيال فرمايو تا تہ اوهان کي رحمت بنائي موڪليو ويو آهي. اوهان جي قوم بک ۾ هلاڪ ۽ برباد ٿي رهي آهي اوهان دعا گهرو تہ الله عزوجل اسان کي هن مصيبت کان نجات ڏي پوءِ پاڻ دعا گهريائون تہ برسات وسي. (١) هي حضرت ابن عباس جو هڪ ۽ مقاتل ۽ مجاهد جو قول آهي رضي الله عنهم، ۽ حضرت ابن عباس جو ٻيو قول ۽ حضرت علي، ابن عمر، ابوهريرة، زيد بن علي ۽ حسن رضي الله عنهم جو قول آهي تہ اهو مذڪور دونهون آخر زماني ۾ ظاهر ٿيندو اوپر کان اولهہ تائين ساري دنيا ان سان ڀريل هوندي اهو قيامت جي قرب جي نشاني هوندو، زمين کان آسمان تائين دونهون ئي دونهون نظر ايندو ۽ چاليهہ ڏينهن ۽ چاليهہ راتيون رهندو. مؤمن کي زڪام وانگر محسوس ٿيندو ڪافر نشي ڪندڙ وانگر ٿجندو ۽ ان دونهين سان ان جو پيٽ ڀرجي پوندو ۽ اهو سندس نڪ جي ٻن سوراخن ۽ ڪنن ۽ پائخاني نڪرڻ واري جاءِ مان (سرڙات ڪري) نڪرندو ۽ سڄي دنيا هڪ گهر وانگر ٿي ويندي جنهن ۾ باهہ ٻاري وئي هجي. پر مفسرن پلارن پهريئن قول کي ترجيح ڏني آهي. (٢) "يَغْشَى النَّاسَ هٰذَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ" ڍڪي ڇڏيندو ماڻهن کي هي دردناڪ عذاب آهي. هتي ماڻهن مان مراد اهل مڪه آهن گويا هيءَ هڪ پيشن گوئي هئي جيڪا "فَارْتَقِبْ" امر مان معلوم ٿي رهي آهي. (٣) "رَبَّنَا اكْشِفْ عَنَّا الْعَذَابَ اِنَّا مُؤْمِنُوْنَ" اي اسان جا رب! اسان کان عذاب پري ڪر يقينًا اسان ايمان آڻيندڙ آهيون. يعني ان عذاب ۾ مبتلا ٿي هيئن چوندا تہ اي اسان جا پرودگار! اسان کي هن عذاب کان نجات ڏي اسان هاڻي ڪفر کان توبہ ڪري پڪا مؤمن ٿجون ٿا. ڪابہ شرارت نہ ڪنداسون پڪا مسلمان ٿي رهنداسون.

"اَنّٰى لَهُمُ الذِّكْرٰى وَقَدْ جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مُّبِيْنٌ ثُمَّ تَوَلَّوْا عَنْهُ وَقَالُوْا مُعَلَّمٌ مَّجْنُوْنٌ"

ڪٿي آهي انهن جي لاءِ نصيحت حاصل ڪرڻ ۽ حالانڪہ تحقيق انهن وٽ روشن رسول آيو ان کان پوءِ ان کان منهن موڙيائون ۽ چيائون تہ سيکاريل، چريو آهي.

(١) ضيا القرآن ص ٤٣٦ جلد ۴ (٢) تفسير جمل ص ١٠٢ جلد ۴ (٣) حاشيه دريا بادي ص ٦٥٩

مطلب تہ هاڻي انهن جي لاءِ سمجهڻ ۽ نصيحت مان فائدو وٺڻ جو موقعو ڪٿي آهي؟ ان وقت تہ انهن ڪونہ مڃيو جڏهن ڪين ايمان جي روشن دليلن واري رسول ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن اچي سمجهايو هو. پر مڃڻ جي بجاءِ ڪنهن وقت چون پيا تہ ڪنهن جو سيکاريل آهي ۽ ڪنهن وقت چون پيا تہ چريو آهي. اهڙن متعصبن کان نصيحت حاصل ڪرڻ جي ڪهڙي توقع رکي سگهبي؟

بلاشڪ اسين ٿورو وقت عذاب پري ڪندڙ آهيون بيشڪ اوهان موٽندڙ آهيو. مطلب تہ اسين ٿوري عرصي جي لاءِ ڪٿي عذاب هٽايون ٿا پر اوهان وري بہ ڪفر ڏانهن موٽندؤ. ايمان تي مضبوط ۽ مستحڪم نہ رهندؤ. "يَوْمَ نَبْطِشُ الْبَطْشَةَ الْكُبْرٰىۚ اِنَّا مُنْتَقِمُوْنَ"

جنهن ڏينهن اسين سختيءَ سان پڪڙينداسون اسين بدلو وٺندڙ آهيون. انهن ڪافرن کي اها پڪڙ ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيندي يا ٿي ان ۾ بہ قول آهن. ١- حضرت ابن مسعود رضي الله عنه ۽ ڪجهہ ٻين جو قول آهي تہ ان مان مراد بدر جي ڏينهن واري مسلمانن جي فتح ۽ ڪاميابي آهي. ۽ حضرت ابن عباس کان عوفيءَ جي روايت مطابق ۽ حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنهم جو قول آهي تہ ان مان مراد بدر واري ڏينهن سان گڏ قيامت جي ڏينهن واري پڪڙ بہ آهي. اصح الروايتن مطابق حضرت حسن بصري ۽ عڪرمه جو قول بہ اهو آهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن جي تفسير مان هي فائدا معلوم ٿين ٿا. ١- قحط جي حالت ۾ ابوسفيان جو حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي خدمت ۾ اچڻ مان معلوم ٿيو تہ مشڪل جي حل لاءِ نبوي بارگاهہ ۾ اچي نبي عليه الصلوٰة والسلام جن کان دعا گهرائجي. ڇوتہ جڏهن ڪافرن تي سندن دعا سان ڀلائي ٿي تہ مؤمن مسلمانن تي تہ انشاءالله العزيز ضرور ٿيندي. ٢- اهو بہ معلوم ٿيو تہ عذاب ڏسي ايمان آڻڻ ان جي ڪري مقبول ناهي جو ان ۾ الله جل شانه جي نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جي زبان تي اعتماد نہ هوندو آهي. دراصل ايمان پيغمبر عليه الصلوٰة والسلام جي زبان تي اعتماد ڪرڻ جو نالو آهي اهوئي ايمان بالغيب آهي. ٣- "مُعَلَّمٌ، مَّجْنُوْنٌ" (سيکاريل، چريو) هن مان واضح ٿيو تہ ڪافر

(١) تفسير ابن ڪثير صـ١۴٠ جلد۴

صفا احمق هئا جو اهي حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کي ديوانو بہ چوندا هئا تہ سيکاريل، پڙهايل بہ سڏيندا هئا حالانڪ چريو شخص پڙهايو نہ ويندو آهي ۽ نہ اهو پڙهندو آهي.

وَلَقَدْ فَتَنَّا قَبْلَهُمْ قَوْمَ فِرْعَوْنَ وَجَآءَهُمْ رَسُوْلٌ كَرِيْمٌ (١٧)

۽ البتہ تحقيق آزمايوسون انهن کان اڳي فرعون جي قوم کي ۽ آيو انهن وٽ رسول معزز

اَنْ اَدُّوْٓا اِلَيَّ عِبَادَ اللّٰهِ ؕ اِنِّىْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ (١٨)

تہ حوالي ڪيو منهنجي الله جا ٻانها بيشڪ مان اوهان لاءِ رسول امانت وارو آهيان

وَّاَنْ لَّا تَعْلُوْا عَلَى اللّٰهِ ۚ اِنِّىْٓ اٰتِيْكُمْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ (١٩)

۽ هي تہ نہ بلندي ڏيکاريو الله جي (مقابلي) ۾ بيشڪ مون آندو اوهان وٽ دليل روشن

وَاِنِّىْ عُذْتُ بِرَبِّىْ وَرَبِّكُمْ اَنْ تَرْجُمُوْنِ (٢٠)

۽ بيشڪ مون پناهہ ورتي پنهنجي رب ۾ اوهان جي رب سان هن کان تہ سنگسار ڪيو مون کي

وَاِنْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا لِىْ فَاعْتَزِلُوْنِ (٢١) فَدَعَا رَبَّهٗٓ

۽ جيڪڏهن نٿا اعتبار ڪيو مون تي پوءِ پاسو ڪيو مون کان پوءِ دعا گهريائين پنهنجي رب کان تہ

اَنَّ هٰٓؤُلَآءِ قَوْمٌ مُّجْرِمُوْنَ (٢٢) فَاَسْرِ بِعِبَادِىْ لَيْلًا اِنَّكُمْ

الثلثة

بيشڪ هي قوم مجرم آهن پوءِ وٺي هل منهنجن ٻانهن کي رات جو بيشڪ اوهان

مُّتَّبَعُوْنَ (٢٣) وَاتْرُكِ الْبَحْرَ رَهْوًا ؕ اِنَّهُمْ جُنْدٌ مُّغْرَقُوْنَ (٢٤) كَمْ

پويان پيل آهيو ۽ ڇڏ تون سمنڊ کي بيٺل پاڻي بيشڪ اهي لشڪر ٻڏل آهن گهڻائي

تَرَكُوْا مِنْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ (٢٥) وَّزُرُوْعٍ وَّمَقَامٍ كَرِيْمٍ (٢٦)

ڇڏيائون باغ ۽ چشما ۽ پوکون ۽ جايون عزت واريون

وَّنَعْمَةٍ كَانُوْا فِيْهَا فٰكِهِيْنَ (٢٧) كَذٰلِكَ وَاَوْرَثْنٰهَا قَوْمًا

۽ نعمتون جو هئا انهن ۾ عيش ڪندڙ اهڙي طرح ۽ وارث ڪيوسون انهن جو قوم

اٰخَرِيْنَ (٢٨) فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ وَمَا كَانُوْا

ٻئي ڪي پوءِ نه رنو انهن تي آسمان ۽ زمين ۽ نه هئا

مُنْظَرِيْنَ (٢٩) وَلَقَدْ نَجَّيْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ مِنَ الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ (٣٠) ع ٢٩ ١٤

مهلت ڏنل ۽ البته تحقيق ڇڏايوسون بني اسرائيل کي عذاب خوار ڪندڙ کان

مِنْ فِرْعَوْنَ ۚ اِنَّهٗ كَانَ عَالِيًا مِّنَ الْمُسْرِفِيْنَ (٣١) وَلَقَدِ اخْتَرْنٰهُمْ

فرعون کان بيشڪ اهو هو مٿانهون حد کان لنگهندڙن مان ۽ البته تحقيق برگزيدو بنايو اسان انهن کي

عَلٰى عِلْمٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ (٣٢) وَاٰتَيْنٰهُمْ مِّنَ الْاٰيٰتِ مَا فِيْهِ

ڄاڻي واڻي جهانن کان ۽ ڏنيوسين انهن کي نشانيون اوتريون جو انهن ۾

بَلٰٓؤٌا مُّبِيْنٌ (٣٣)

آزمائش کليل آهي.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو ته مڪه مڪرمه جا رهاڪو مشرڪ ڪفر تي قائم رهندي مؤمن نه ٿيا هتي ٻڌايو وڃي ٿو ته اها ڳالهه نئين ناهي اڳين قومن مان به ڪيترا هئا جن پنهنجن رسولن علیٰ نبينا وعليهم الصلوة والسلام کي نه مڃيو هو

جن مان هڪڙي حضرت موسىٰ سڳوري جي قوم بہ هئي جن جو بيان ٿي رهيو آهي.
فرمان مبارڪ آهي "وَلَقَدْ فَتَنَّا قَبْلَهُمْ قَوْمَ فِرْعَوْنَ وَجَآءَهُمْ رَسُوْلٌ كَرِيْمٌ ۙ اَنْ اَدُّوْٓا اِلَيَّ عِبَادَ اللّٰهِ ۭ اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ۙ" ۽ البتہ تحقيق اسان انهن کان اڳي فرعون جي قوم کي آزمايو ۽ انهن وٽ عزت وارو رسول آيو تہ الله جا ٻانها منهنجي حوالي ڪيو بيشڪ مان اوهان جي لاءِ امانت وارو رسول آهيان. يعني اسان مکه مڪرمه جي رهاڪو مشرڪن کان اڳي فرعون جي قوم کي آزمايو هو جيڪي سرڪشي، عناد، غرور ۽ وڏائيءَ ۾ اوهان جي قوم جهڙا هئا اسان انهن ڏانهن نهايت عزت ۽ احترام واري رسول حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي موڪليو جنهن اچي کين فرمايو تہ: جيڪي الله جا پيدا ڪيل ٻانها بني اسرائيل اوهان وٽ قيد ۽ عذاب ۾ آهن اهي منهنجي حوالي ڪيو مون کي ڏيو مان الله عزوجل جو رسول آهيان جيڪو ان جو پيغام اوهان کي پهچايان ٿو ان ۾ امانت وارو آهيان. "وَّاَنْ لَّا تَعْلُوْا عَلَى اللّٰهِ ۚ اِنِّيْٓ اٰتِيْكُمْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ۚ" ۽ الله جي اڳيان بلندي نہ ڪيو بلاشڪ مان اوهان وٽ روشن دليل آڻيان ٿو. مطلب تہ الله عزوجل جي حڪم جي مقابلي ۾ مقابلو ڪندي بغاوت ۽ وڏائي نہ ڪيو ان جي فرمان جو انڪار نہ ڪيو ان جي حڪم جي انحرافي ۽ بي فرماني نہ ڪيو ڇوتہ مان جيڪا اوهان جي اڳيان رسالت ۽ نبوت جي دعوىٰ ڪيان ٿو ان تي روشن دليل بہ پيش ڪيان ٿو.

۽ مان پنهنجي رب ۽ اوهان جي رب کان هن ڳالھ جي پناھ ٿو وٺان جو مون کي سنگسار بنايو. جڏهن حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام فرعون ۽ ان جي قوم کي حق جو ڪلمو پڏايو تہ اهي سخت ناراض ٿيا ۽ ڪيس ڌمڪيون ڏيڻ لڳا تہ کين جواب ڏيندي فرمايائين اوهان جي ڌمڪين جي پرواھ ناهي اوهان جي پٿرن هڻڻ کان مان ان رب پاڪ جي پناھ ٿو وٺان جيڪو منهنجو ۽ اوهان سڀني جو رب آهي جيڪڏهن مون ڏانهن بري ارادي سان هٿ ڪڻندؤ تہ ان جي سخت سزا جي لاءِ تيار رهو.

"وَاِنْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا لِيْ فَاعْتَزِلُوْنِ" ۽ جيڪڏهن مون تي ايمان نہ آڻيندؤ تہ ڀوءِ مون کان پري ٿيو. يعني پلو آهي تہ اوهان منهنجي ڳالھ مڃيو ايمان آڻيو ان ۾

اوهان جي ڀلائي ۽ دارين جي سعادت آهي پر جيڪڏهن نٿا ايمان آڻيو ته پوءِ مون کان پري رهو منهنجي رستي ۾ رڪاوٽ نه بڻجو. ”فَدَعَا رَبَّهٗٓ اَنَّ هٰٓؤُلَاۗءِ قَوْمٌ مُّجْرِمُوْنَ“ پوءِ پنهنجي رب کان دعا گهريائين ته هي مجرم قوم آهن. يعني هي ايترا جرائم ڪرڻ جا عادي آهن جو منهنجي نصيحت ٻڌڻ ۽ مڃڻ جي لاءِ بالڪل تيار ناهن وڏيڪ جيڪو تون مالڪ ڪريم حڪم ڪرين. ”فَاَسْرِ بِعِبَادِيْ لَيْلًا اِنَّكُمْ مُّتَّبَعُوْنَ“ پوءِ منهنجن ٻانهن کي راتئون رات وٺي روانو ٿي بلاشڪ اوهان پويان پيل آهيو. مطلب ته رات جو پنهنجي قوم کي وٺي اتاهين نڪرو پر اها ڳالهه به ذهن ۾ رکو ته فرعوني اوهان جي پويان پوندا. تعاقب ڪندا ۽ اوهان کي پهچڻ جي ڪوشش ڪندا. رات جي سفر ۾ ٻه حڪمتون ٿي سگهن پيون. ١- ته گهرن مان نڪرندي ئي گرفتار نه ٿي وڃو. ٢- ته ڏينهن جو گرميءَ ۾ سفر ڪرڻ ڏکيو ٿيندو. رات جي تذڪار ۾ سفر ڪري آسانيءَ سان منزل ماڻي ويندا.

”وَاتْرُكِ الْبَحْرَ رَهْوًا“ ۽ سمنڊ کي بيٺل پاٽي ڪري ڇڏ. جڏهن حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ۽ ڪيس مڃڻ وارا خير و عافيت سان سمنڊ پار ڪري آيا ته پاڻ خيال ڪيائين ته وري لٺ هڻي سمنڊ کي پهرين حالت تي موٽائي متان فرعون ۽ سندس لشڪر جيڪي پٺيان تکڙا اچي رهيا هئا انهن ئي رستن سان لنگهي ڪين پهچي وڃن الله جل شانه کيس فرمايو ته اي موسیٰ! سمنڊ کي ائين ئي رهڻ ڏي اوهان کو فڪر نه ڪيو انهن مان ڪوبه سلامت نه رهندو اسين سيني کي ٻوڙي ڇڏينداسون. ”اِنَّهُمْ جُنْدٌ مُّغْرَقُوْنَ“ بلاشڪ اهي ٻوڙيل لشڪر آهن. انهن جي غرق ڪرڻ جو فيصلو پڪو ٿي چڪو آهي ”كَمْ تَرَكُوْا مِنْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ وَّزُرُوْعٍ وَّمَقَامٍ كَرِيْمٍ وَّنَعْمَةٍ كَانُوْا فِيْهَا فٰكِهِيْنَ“ ڪيترا باغ ۽ چشما ۽ پوکون ۽ پليون جايون ۽ نعمتون جن ۾ لذتون وٺندڙ هئا ڇڏي ويا يعني اهي سندن ڪيترا باغ، چشما ڀلا ڀلا فصل، پوکون، بلند ۽ نهايت آرام ڏيندڙ جايون ۽ نعمتون جن ۾ مزا ماڻيو لذتون وٺيو وينا هوندا هئا ڇڏي ويا. ”كَذٰلِكَ“ اهڙي طرح. يعني جيئن اسان انهن کي تباهه، برباد ۽ هلاڪ ڪيو ڇو جو اسان جي رسولن کي ڪوڙو چيو هو تيئن ٻين نه مڃڻ وارن کي به سزا ڏينداسون ”وَاَوْرَثْنٰهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ“ ۽ اسان ان جو ٻيءَ قوم

کي وارث بنايو. يعني اسان انهن جي پوئتي ڇڏيلن شين جو ہي قوم کي وارث بنايو جيکي نہ سندن مٿ مائٽ هئا نہ عزيز. قريب ۽ واسطي دار هئا "فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ وَمَا كَانُوْا مُنْظَرِيْنَ" پوءِ نہ انهن تي آسمان ۽ زمين رنو ۽ نہ مهلت ڏنل هئا. مطلب تہ هي ڪافر پاڻ کي وڏو معظم ۽ معزز سمجهندا هئا ۽ خيال ڪندا هئا تہ سندن مرڻ کان پوءِ ماڻهو تہ سندن جي لاءِ روئندا پر آسمان ۽ زمين بہ روئندا مگر ائين ٿيو ڪونہ. ۽ نہ وري کين توبه ڪرڻ جي لاءِ مهلت ملي. (١)

"وَلَقَدْ نَجَّيْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ مِنَ الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ" ۽ البتہ تحقيق بني اسرائيل کي خوار ڪندڙ عذاب کان ڇڏايوسين. يعني انهن جي پٽن کي ڪهندا ۽ انهن جون عورتون جيئريون ڇڏيندا هئا اهو خوار ڪندڙ عذاب هو. "مِنْ فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ كَانَ عَالِيًا مِّنَ الْمُسْرِفِيْنَ" فرعون کان بلاشڪ اهو (پاڻ کي) مٿاهون سمجهندڙ، حد کان لنگهندڙن مان هو. "مِنْ فِرْعَوْنَ" لفظ "الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ" کان بدل آهي جڻ تہ فرعون پنهنجي سر پاڻ عذاب هو ڇوتہ بني اسرائيل کي عذاب ڪرڻ ۽ ذليل رکڻ ۾ نهايت حد کان ٽپندڙ هو. (٢)

"وَلَقَدِ اخْتَرْنٰهُمْ عَلٰى عِلْمٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ" ۽ البتہ تحقيق اسان ڄاڻي واڻي انهن کي جهانن کان برگزيدو بنايو. يعني اسان بني اسرائيل کي پنهنجي علم ۽ ڄاڻ سان سندن زماني جي جنن ۽ انسانن کان ڀلو بنايو اهو ان جي ڪري جو انهن ۾ انبياء عليهم الصلوة والسلام گهڻا پيدا ٿيا هئا. "وَاٰتَيْنٰهُمْ مِّنَ الْاٰيٰتِ مَا فِيْهِ بَلٰٓؤٌا مُّبِيْنٌ" ۽ اسان انهن کي نشانين مان اهو ڏنو جنهن ۾ کليل آزمائش هئي. يعني اهي نشانيون کين عطا ڪيوسين جنهن ۾ واضح ۽ روشن آزمائش هئي. انهن نشانين مان سمنڊ جو چيرجڻ ۽ مٿن ڪڪر جي ڇانو ڪرڻ ۽ ميدان تيه ۾ منّ ۽ سلوىٰ لاهڻ آهي اهي سڀ نشانيون انهن کي آزمائڻ جي لاءِ هيون تہ انهن تي الله عزوجل جو شڪر ڪن ٿا يا نہ. (٣)

فائدا: مذڪوره آيتن جي تفسير مان هي فائدا بہ ملن ٿا.

١: وَلَقَدْ فَتَنَّا قَبْلَهُمْ قَوْمَ فِرْعَوْنَ" (البت تحقيق اسان انهن کان اڳي فرعون جي قوم کي آزمايو) مان معلوم ٿيو تہ دنياوي نعمتون رب العزة جل شانه جي

(١) المراغي صـ١٢٨ جزء ٢٥ جلد٨ (٢) الکشاف صـ٥٠٤ جلد٣ (٣) ايسرالتفاسير صـ١٩٦ جلد٤

طرفان آزمائش آهن انهن کي ڏسي نہ غافل ٿجي نہ انهن تي غرور ڪجي.
٢: "وَجَآءَهُمْ رَسُوْلٌ كَرِيْمٌ" ۽ انهن وٽ عزت وارو رسول آيو. مان واضح ٿيو تہ انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام نسب جي لحاظ سان بہ مشرف ۽ شان وارا هوندا آهن تہ اخلاق جي لحاظ سان بہ عمدا اعلیٰ هوندا آهن اهي الله عزوجل ۽ ان جي پيارن ٻانهن جي نظر ۽ عقيدي ۾ تعظيم ۽ توقير جا مستحق هوندا آهن.
٣- "اَنْ اَدُّوْٓا اِلَيَّ عِبَادَاللهِ" ڏ الله جا ٻانها منهنجي حوالي ڪيو. مان معلوم ٿيو تہ ٻانهن کي الله جل وعلا جون رحمتون سندس پيارن نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي ذريعي پهچنديون آهن. ۴- "فَاَسْرِ بِعِبَادِيْ لَيْلًا" (پوءِ منهنجن ٻانهن کي راتئون رات وٺي هل). اها رات جمعي جي هئي ۽ تاريخ محرم شريف جي ڏهين هئي. (١) "فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ" (پوءِ انهن تي آسمان ۽ زمين رنو نہ هو) ڇوتہ انهن زمين تي اهڙو عمل نہ ڪيو هو جو سندن مرڻ سان زمين روئي ۽ نہ انهن جو ڪو نيڪ عمل آسمان تائين پهتو هو جو آسمان روئي. ۽ اها ڳالهہ متعدد حديثن ۾ آيل آهي تہ ڪنهن نيڪ ٻانهي جي مرڻ تي آسمان ۽ زمين روئندا آهن. (٢)

اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَيَقُوْلُوْنَ (٣۴) اِنْ هِيَ اِلَّا مَوْتَتُنَا الْاُوْلٰى

بيشڪ اهي البتہ چون ٿا تہ ناهي اهو مگر مرڻ اسان جو پهريون

وَمَا نَحْنُ بِمُنْشَرِيْنَ (٣٥) فَاْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ (٣٦)

۽ ناهيون اسين اٿاريل پوءِ آڻيو اسان جا ابا ڏاڏا جيڪڏهن آهيو سچا

اَهُمْ خَيْرٌ اَمْ قَوْمُ تُبَّعٍ وَّالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ

ڇا اهي ڀلا آهن يا تبع جي قوم ۽ جيڪي انهن کان اڳي هئا

اَهْلَكْنٰهُمْ اِنَّهُمْ كَانُوْا مُجْرِمِيْنَ (٣٧) وَمَا خَلَقْنَا

هلاڪ ڪيوسون انهن کي بلاشڪ اهي هئا گنهگار ۽ نہ پيدا ڪيو اسان

(١) نورالعرفان صہ ٧٩٢ (٢) معارف القرآن صہ ٧٦٦ جلد ٧

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا لٰعِبِيْنَ (۳۸)

آسمانن کي ۽ زمين کي ۽ جيڪو انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي راند ڪندڙ ٿي

مَا خَلَقْنٰهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ (۳۹) اِنَّ يَوْمَ

نہ پيدا ڪيو اسان انهن ٻنهي کي مگر حق سان ۽ پر گهڻا انهن مان نٿا ڄاڻن بيشڪ

الْفَصْلِ مِيْقَاتُهُمْ اَجْمَعِيْنَ (۴۰) يَوْمَ لَا يُغْنِيْ مَوْلًى عَنْ

فيصلي جو ڏينهن انهن سڀني جي وعدي جو وقت آهي جنهن ڏينهن نہ فائدو ڏيندو ڪو ساٿي ڪنهن

مَّوْلًى شَيْئًا وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ (۴۱) اِلَّا مَنْ رَّحِمَ اللّٰهُ

ساٿيءَ جي طرفان ڪجهہ بہ ۽ نہ اهي مدد ڪيا ويندا مگر جنهن تي رحم ڪري الله

اِنَّهٗ هُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ (۴۲)

بيشڪ اهوئي غالب مهربان آهي.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ قريشي ڪافرن جي متعلق بيان هو تہ "بَلْ هُمْ فِيْ شَكٍّ يَّلْعَبُوْنَ" (بلڪ اهي شڪ ۾ راند ڪن ٿا) ان ڪان بعد انهن جو ڪفر تي اصرار بيان ٿيو ۽ اهو بہ ٻڌايو ويو تہ اهي فرعون جي قوم وانگر ڪفر تي هميشگي ڪندڙ آهن ۽ هتي وري انهن قريشي ڪافرن جي قبر مان اٿڻ واري عقيدي جي انڪار ڪي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَيَقُوْلُوْنَ اِنْ هِيَ اِلَّا مَوْتَتُنَا الْاُوْلٰى وَمَا نَحْنُ بِمُنْشَرِيْنَ" تحقيق هي البتہ چون ٿا تہ اهو صرف اسان جو پهريون مرڻ آهي ۽ اسين اٿاريل ناهيون. يعني مڪه مڪرمه جا رهاڪو مشرڪ قبرن مان جيئرو ٿي اٿڻ جو انڪار ڪندي چون ٿا تہ موت جيڪو پهريون ڀيرو آيو هاڻي ان ڪان بعد وري زندگي ملڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ۽ نہ اسين قبرن مان جيئرا ڪري اٿاريا

ويندا سون. "فَاْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" پوءِ جيڪڏهن سچا آهيو تہ اسان جا ابا ڏاڏا (جيئرا ڪري) آڻيو. يعني اهي مسلمانن کي چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن مرڻ کان بعد قبرن مان جيئرو ٿي اٿڻ حق آهي تہ پوءِ اسان جا ابا ڏاڏا جيڪي مري ويا آهن انهن کي جيئرو ڪري آڻيو تہ اسين اوهان جي ان عقيدي کي مڃڻ جي لاءِ تيار آهيون. ياد رکڻ گهرجي تہ انهن جو اهو مطالبو بالڪل ناحق هو. ڇوتہ هن دنيا ۾ جيئري ڪرڻ جو ڪين ڪنهن چيو هو. اهو قبرن مان اٿڻ تہ قيامت جي ڏينهن ٿيندو. "اَهُمْ خَيْرٌ اَمْ قَوْمُ تُبَّعٍ" ڇا اهي ڀلا آهن يا تبع جي قوم؟ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ايران جي بادشاهہ کي ڪسرىٰ ۽ چين جي بادشاهہ کي خاقان چوندا هئا تيئن يمن ۽ حضرت موت جي حاڪم جو لقب تبع هو. هي علائقو ان وقت آبپاشيءَ جي ان وقت ترقي يافتہ نظام جي ڪري گهڻو آباد ۽ زرخيز هو هتي جا ماڻهو ملڪيت وارا ۽ خوشحال هوندا هئا ۽ هتي جي بادشاهہ جا خزانا ڀريل رهندا هئا سندن رعب. ۽ دٻدٻي جي ڪري سندن دور جي بادشاهن وٽ انهن جي عزت ۽ اهميت گهٽي هوندي هئي ۽ ٻيا هنن کان ڊڄندا هئا. هتي مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن کي چيو وڃي ٿو تہ اوهان ايترا لاپرواهہ ٿي ڇوٿا هلو اوهان وٽ آهي ڇا؟ تبع جي قوم اوهان کان وڌيڪ دولت مند ۽ طاقتور هئي پر جڏهن انهن سڌي واٽ کان منهن موڙيو ۽ اسان جا بي فرمان ٿيا تہ اسان انهن کي تباهہ ڪري ڇڏيو. "وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ اَهْلَكْنٰهُمْ اِنَّهُمْ كَانُوْا مُجْرِمِيْنَ" ۽ جيڪي انهن کان اڳي هئا اسان انهن کي هلاڪ ڪيو بلاشڪ اهي مجرم هئا. مطلب تہ تبع جي قوم ۽ انهن کان اڳي جيڪي بہ ڪافر ۽ بي فرمان رهيا اسان انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو.

ڪجهہ تبع جي متعلق.

قرآن پاڪ جي مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ ان خاندان مان هڪ تبع مسلمان ٿيو هو ان جو نالو ابو ڪرب ٻڌايو وڃي ٿو ان ئي سڀني کان اول ڪعبه شريف تي غلاف چاڙهيو هو جڏهن ان جو مدينه منوره جي سرزمين کان گذر ٿيو تہ سندس لشڪر ۾ موجود علماء ڪيس ٻڌايو تہ هيءَ سرزمين آخري زماني ۾ اچڻ واري نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي هجرت گاهہ آهي ان فضا ۾ ان کي اهڙي ڪشش ۽ روحاني جاذبيت محسوس ٿي جو ان نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام

جن جي نالي هڪ عرضنامو لکيو جنهن ۾ ان پنهنجي ايمان آڻڻ جو ذڪر ڪندي ڪين محبت سان عرض ڪيو ته سندس ايمان قبول ٿئي ۽ قيامت جي ڏينهن ڪيس شفاعت کان محروم نه ڪيو وڃي. (١)

ان جو هڪ شعر هي آهي.

"شهدت على احمد انه"

"رسول من الله بارىء النسم"

مان احمد (عليه الصلوٰة والسلام) جي لاءِ هيءَ شاهدي ٿو ڏيان ته بلاشڪ اهو الله. نسلن کيّ پيدا ڪندڙ جي طرفان رسول آهي.

"فلومد عمرى الى عمره"

"لکنت وزيرا لـه وابن عم"

پوءِ جيڪڏهن ان جي تشريف آوريءَ تائين منهنجي عمر وڌائي وئي ته مان ان جو وزير ۽ ساٿي رهندس.

سيني مفسرن ۽ مؤرخن جو اتفاق آهي ته اهو تبع مسلمان هو ۽ ان جي قوم وارا ڪافر هئا ان جي ڪري ان جي سر جي نه ان جي قوم جي هلاڪت ۽ بربادي بيان ڪئي وئي آهي. (٢)

مفسرن سڀورن هن واقعي کي نهايت تفصيل سان لکيو آهي، علامه قرطبي ان جي خط کي به لکيو آهي جنهن جا آخري الفاظ هي آهن (٣) ۽ جيڪڏهن مان اوهان (جي دور مبارڪ) کي نه پهچان ته پوءِ مون لاءِ شفاعت ڪرڻ فرمائجو ۽ مون کي قيامت جي ڏينهن نه وسارجو بلاشڪ مان اوهان جن پهرين امتين مان آهيان. ان سان گڏ جيڪي علماء هئا انهن مان هڪ گروهه اتي رهڻ جي اجازت گهري بادشاهه نه صرف انهن کي رهڻ جي اجازت ڏني پر انهن جي لاءِ رهڻ جون جايون به ٺهرايون ۽ سندن زندگيءَ جي ضرورتن جو به انتظام ڪرڻ فرمايو ۽ انهن مان جيڪو وڏيڪ معزز عالم هو پنهنجو خط ان جي حوالي ڪيائين ۽ کيس فرمايائين ته جيڪڏهن توکي سندن زيارت نصيب ٿئي ته هي عريضو سندن خدمت اقدس ۾ پيش ڪجانءِ ۽ جيڪڏهن نه ته پنهنجن پونيرن کي وصيت ڪري ڇڏجانءِ ته اهي هن کي سنڀاليندي سندن خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪن.

(١) ضياء القرآن صـ ٣٤٢ جلد ٤ (٢) روح البيان صـ ٤٢٠ جلد ٨ (٣) القرطبي صـ جلد ١٦

تُبَّعَ جو زمانو

اهو نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي تشريف آوري واري دور کان هڪ هزار (١٠٠٠) سال اڳي هو جڏهن نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن هجرت ڪري مدينه منوره ۾ تشريف فرما ٿيا ته جنهن گهر جي سامهون سندن ڏاچي مبارڪ ويٺي هئي اهو حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه جو گهر مبارڪ هو ۽ هي ان عالم جي اولاد مان هو جنهن کي هي خط مليو هو. ان اهو خط پيش ڪيو ۽ حضرت حبيب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن حضرت علي رضي الله عنه کي حڪم فرمايو ته اهو پڙهي ٻڌائي. محبوبن ڪريمن عليه الصلوٰة والسلام جن اهو خط ٻڌي ان جو ايمان قبول فرمايو ۽ سندن لاءِ شفاعت جي درخواست به منظور ڪئي. (١)

۽ اهو جڏهن يمن کان مدينه منوره آيو ۽ وري وطن واپس ٿيو هو ته يمن کان مدينه منوره اچڻ وڃڻ جي لاءِ رستو نهرايو هيائين جنهن سان ايندو ويندو هو. ۽ انهن کي "تبع" ان جي ڪري سڏيندا هئا جو گهڻا ماڻهو سندن تابعدار هوندا هئا اهل عرب سندن عظمت ۽ شان کان چڱي طرح واقف هئا بلڪه "تبع" جي عظمت ۽ جلال انهن وٽ مثال طور پيش ڪيو ويندو هو. هي خاندان اڍائي سؤ سالن تائين حڪمران رهيو. (٢)

"وَمَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا لٰعِبِيْنَ" ۽ اسان آسمان ۽ زمين کي راند ڪندڙ ٿي نه پيدا ڪيو آهي يعني اسان هيڏا جهان اجايا راند ڪندي پيدا نه ڪيا آهن. "مَا خَلَقْنٰهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ" اسان انهن ٻنهي کي نه پيدا ڪيو آهي مگر حق سان ۽ پر انهن مان گهڻا ڄاڻن نٿا يعني اسان انهن کي حق جي اظهار جي لاءِ وجود ڏنو آهي تانته ماڻهو اسان جي وحدانيت جو عقيدو رکن ۽ انهن تي اطاعت کي واجب ڪيون پوءِ مطيع کي ثواب ڏيون ۽ بي فرمان کي عذاب ڪيون، پر ماڻهو نظر ۽ فڪر جي قلت ۽ دنيا ۾ منهمڪ هجڻ جي ڪري اها ڳالهه نٿا ڄاڻن. (٣) "اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ مِيْقَاتُهُمْ اَجْمَعِيْنَ" بلاشڪ فيصلي وارو ڏينهن انهن سڀني جي وعدي جو وقت آهي. يعني ان ڏينهن هڪ ئي وقت سڀني جو حساب ڪيو ويندو. "يَوْمَ لَا يُغْنِيْ مَوْلًى عَنْ مَّوْلًى شَيْئًا وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ" جنهن ڏينهن ڪو رفيق

(١) ضياء القرآن ص ۴۴٣ جلد ۴ (٢) حاشيه ماجديه ص ٩٩٣ (٣) المظهري ص ٣٧۴ جلد ٨

كنهن رفيق جي پاران كجهہ بہ فائدو نہ ڏيندو ۽ نہ اهي مدد كيا ويندا. يعني كافرن كي كنهن جي طرفان بہ مدد نہ پهچندي. "اِلَّا مَنْ رَّحِمَ اللّٰهُ اِنَّهٗ هُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ" مگر جنهن تي الله رحم كري بلاشك اهوئي غالب، مهربان آهي. يعني مگر جنهن كي الله عزوجل جي رحمت پهچي اهو بچندو. (١)

فائدا- مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- " فَاْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" (پوءِ اسان جا ابا، ڏاڏا آڻيو جيكڏهن اوهان سچا آهيو) مان معلوم ٿيو تہ كافر نهايت كج فهم ۽ بي عقل هئا. قرآن كريم اها دعوىٰ نہ كئي هئي تہ هاڻي ئا اوهان جن مري ويلن كي جيئرو كيون. ان جو بيان هو تہ اوهان كي ۽ اوهان جن ابن ڏاڏن كي قيامت جي ڏينهن زنده كري اٿاريندا سون. (٢) "يَوْمَ لَا يُغْنِيْ مَوْلًى عَنْ مَّوْلًى شَيْئًا وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ" (ان ڏينهن كو رفيق كنهن رفيق كي كجهہ بہ فائدو نہ ڏيندو) مان معلوم ٿيو تہ كافرن جي كير مدد نہ كندو. مؤمنن جي لاءِ انهن جا ننڍڙا ٻچا، انبياء كرام عليهم الصلوٰة والسلام ۽ صالح ٻانها معاون، مددگار ۽ شفاعت كندڙ هوندا. جيئن اڳيان "اِلَّا مَنْ رَّحِمَ اللّٰهُ" (مگر جنهن تي الله رحمت كري)مان واضح آهي.

معانقة١٤

اِنَّ شَجَرَتَ الزَّقُّوْمِ (۴٣) طَعَامُ الْاَثِيْمِ (۴۴) كَالْمُهْلِ يَغْلِيْ

بيشك ٿوهر جو وڻ كاڏو آهي گنهگار جو ٽامي وانگر ٽڪندو

فِى الْبُطُوْنِ (۴٥) كَغَلْيِ الْحَمِيْمِ (۴٦) خُذُوْهُ فَاعْتِلُوْهُ

پيٽن ۾ مثل ٽڪڻ گرم پاڻي جي وٺو ان كي پوءِ گهليو ان كي

اِلٰى سَوَآءِ الْجَحِيْمِ (۴٧) ثُمَّ صُبُّوْا فَوْقَ رَاْسِهٖ مِنْ عَذَابِ

وچ جهنم ڏانهن ان كان پوءِ پلٽايو ان جي مٿان عذاب

(١) حاشيه عثمانيه ص ٦٦١ (٢) معارف القرآن ص ٧٧٠ جلد ٧

الْحَمِيْمِ (۴٨) ذُقْ إِنَّكَ أَنْتَ الْعَزِيْزُ الْكَرِيْمُ (۴٩)

گرمر پاڻيءَ جو چک تون بيشڪ تون ئي عزت وارو مان وارو آهين

اِنَّ هٰذَا مَا كُنْتُمْ بِهٖ تَمْتَرُوْنَ (۵٠)

بيشڪ هي اهو آهي جنهن ۾ شڪ ڪندا هيئو.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ فيصلي واري ڏينهن جو ذڪر هو ۽ هتي ان ڏينهن ۾ گنهگار کي ملڻ واري کاڌي جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ شَجَرَةَ الزَّقُّوْمِ طَعَامُ الْاَثِيْمِ " بلاشڪ ٿوهر جو وڻ گنهگارن جو کاڌو آهي. زقوم جو وڻ نهايت خبيث، نهايت ڪوڙو، نهايت ناپسند ڪيل آهي. " الْاَثِيْمِ " مان مراد ابو جهل ۽ سندس ساٿي آهن. (١) ڪنهن ادنیٰ مشابهت جي ڪري ان کي زقوم (ٿوهر) سڏيو ويو آهي نہ تہ دوزخ جي زقوم جي اصل ڪيفيت الله عزوجل ئي ڄاڻي ٿو. "كَالْمُهْلِ يَغْلِيْ فِى الْبُطُوْنِ كَغَلْيِ الْحَمِيْمِ" پگهاريل ٽامي وانگر پيٽن ۾ گرم ڪيل پاڻيءَ وانگر ٽڇڪندو يعني اهو ٿوهر پگهاريل ٽامي وانگر هوندو جيڪو گنهگارن جي پيٽن ۾ ائين ٽڇڪندو جيئن نهايت گرم پاڻي گرميءَ جي شدت جي ڪري ٽڇڪندو آهي. "خُذُوْهُ فَاعْتِلُوْهُ اِلٰى سَوَآءِ الْجَحِيْمِ " ان کي وٺو پوءِ ان کي جهنم جي وچ ڏانهن گهليو. اهو حڪم انهن فرشتن کي ٿيندو جيڪي جهنم ۾ عذاب ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيل هوندا آهن. "ثُمَّ صُبُّوْا فَوْقَ رَاْسِهٖ مِنْ عَذَابِ الْحَمِيْمِ" ان کان پوءِ انهن جي مٿي جي مٿان گرم پاڻيءَ جي عذاب کي پلٽايو. اهو پاڻي دماغ مان لهندو انهن جي آنڊن کي ڪٽيندو ٻاهر نڪري ايندو. "ذُقْ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْكَرِيْمُ" چک تون بلاشڪ تون ئي عزت وارو مانَ وارو آهين. يعني تون اهوئي آهين جيڪو دنيا ۾ وڏو معزز، مڪرم سمجهيو ويندو هئين ۽ پاڻ کي سردار سڏائي خوشيءَ ۾ نہ ماپندو هئين. هاڻي تنهنجي اها عزت ۽ سرداري ڪيڏي وئي؟ (٢) "اِنَّ هٰذَا مَا كُنْتُمْ بِهٖ

(١) ايسر التفاسير ص ١٩٩ جلد ۴ (٢) حاشيه عثمانيه ص ٦٦١

تَمۡتَرُوۡنَ" بيشڪ هي اهو آهي جنهن ۾ اوهان شڪ ڪندا هيئو. يعني هي اهو عذاب آهي جنهن جي ملڻ ۾ اوهان شڪ ڪندي مسلمانن سان جهيڙو ۽ بحث ڪندا هيئو. ۽ ان ساڳئي حڪم ۾ بعض احڪام شرعي جو انڪار بہ داخل آهي نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جو فرمان آهي تہ "وَيۡلٌ لِّلشَّاكِيۡنَ فِى اللهِ " الله ۾ شڪ ڪندڙن جي لاءِ ويل آهي. (١)

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ ويهن ٿا. ١- "اِنَّ شَجَرَةَ الزَّقُّوۡمِ طَعَامُ الۡاَثِيۡمِ" (بلاشڪ ٿوهر جو وڻ گنهگار جو کاڌو آهي) اهو دوزخ وارو ٿوهر ايترو ڪوڙو هوندو جيڪڏهن ان جي عرق جو هڪ ڦڙو زمين تي هاريو وڃي تہ ان تي رهندڙن سيني جي زندگي تلخ (ڪوڙي) بڻجي وڃي. جيئن حديث پاڪ ۾ آيل آهي- اهو ٿوهر دوزخين جي غذا هوندو. ۽ هتي گنهگارن مان مراد دل جو گنهگار ڪافر آهي. (٢)

٢- "خُذُوۡهُ فَاعۡتِلُوۡهُ اِلٰى سَوَآءِ الۡجَحِيۡمِ" (ان کي ونو پوءِ ان کي جهنم جي وچ ڏانهن گهليو) هي بہ ڪافر جي لاءِ حڪم هوندو ڪو مؤمن جيڪڏهن جهنم ۾ ويندو بہ پر ان نموني ذليل نہ ڪيو ويندو. اها ذلت ۽ خواري ڪافرن جي لاءِ هوندي. ٣- "اِنَّكَ اَنۡتَ الۡعَزِيۡزُ الۡكَرِيۡمُ" (بيشڪ تون عزت وارو ۽ مان وارو آهين) مان معلوم ٿيو تہ دين جي دشمن تان ٺوڪ ۽ چٿر ڪرڻ جائز آهي. ملائڪ ابوجهل ۽ ان جي ساٿين کي اهي الفاظ ٺوڪ ڪندي چوندا اها کا خبر ڪرڻ نہ هوندي جو ان ۾ سچ ۽ ڪوڙ جو احتمال هجي. قيامت جي ڏينهن منافقن کي حضورعليه الصلوٰة والسلام جن شرمائڻ جي لاءِ فرمائيندا تہ هي منهنجا ساٿي آهن؟ حالانڪ اهي هوندا منافق.

اِنَّ الۡمُتَّقِيۡنَ فِىۡ مَقَامٍ اَمِيۡنٍ (٥١) فِىۡ جَنّٰتٍ وَّعُيُوۡنٍ (٥٢)

بيشڪ پرهيزگار جاءِ امن واري ۾ هوندا باغن ۽ چشمن ۾

يَّلۡبَسُوۡنَ مِنۡ سُنۡدُسٍ وَّاِسۡتَبۡرَقٍ مُّتَقٰبِلِيۡنَ (٥٣)

ڍڪيندا سنهي ريشم ۽ ٿلهي ريشم مان (ڪپڙا) هڪ ٻئي کي سامهون وهندڙ

(١) روح البيان صـ٤٢٨ جلد٨ (٢) المراغي صـ١٣٤ جز ٢٥ جلد ٩

كَذَالِكَ وَزَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ (٥٤) يَدْعُوْنَ فِيْهَا بِكُلِّ فَاكِهَةٍ

اهڙي طرح ۽ پرٽائيندا سون انهن کي حورن وڏين اکين وارين سان طلب ڪندا ان ۾ هر ميوو

اٰمِنِيْنَ (٥٥) لَا يَذُوْقُوْنَ فِيْهَا الْمَوْتَ اِلَّا الْمَوْتَةَ الْاُوْلٰى وَوَقٰهُمْ

امن وارا ٿيندڙ نہ چکندا ان ۾ موت مگر موت پهريون ۽ بچايائين انهن کي

عَذَابَ الْجَحِيْمِ (٥٦) فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكَ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ

عذاب دوزخ جي کان فضل ٿي تنهنجي رب جي طرفان اهائي ڪاميابي

الْعَظِيْمُ (٥٧) فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ (٥٨)

وڏي اهي پوءِ آسان ڪيوسون ان کي تنهنجي زبان سان تانتہ اهي نصيحت حاصل ڪن

فَارْتَقِبْ اِنَّهُمْ مُّرْتَقِبُوْنَ ع (٥٩)

پوءِ انتظار ڪر بلاشڪ اهي بہ انتظار ڪندڙ آهن.

رکوع ٣

تفسير

اڳين آيتن ۾ جهنم وارن جو ذڪر هو ۽ هتي جنت وارن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ مَقَامٍ اَمِيْنٍ" بيشڪ پرهيزگار امن واري جاءِ ۾ هوندا. هتي ان لطف ۽ ڪرم جو بيان ٿي رهيو آهي جنهن سان الله عزوجل کان ڊڄندڙن ۽ تقوىٰ وارن کي نوازيو ويندو. يعني متقين کي جنهن جاءِ ۾ رهايو ويندو اها نهايت پر امن پر سڪون هوندي اتي ڪين ڪنهن بہ قسم جو انديشو نہ هوندو نہ بيماريءَ جو نہ تنگدستي جو ۽ نہ ڪنهن ٻئي ڳالهہ جو - صحيح مسلم ۾ حضرت ابوهريره ۽ حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول مڪرم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اهل جنت کي چيو ويندو تہ اوهان هتي هميشه تندرست رهندؤ ڪڏهن بيمار نہ ٿيندؤ هميشه زنده رهندؤ ڪڏهن نہ مرندؤ

هميشه خوشحال هوندؤ ڪڏهن پريشان حال نہ هوندؤ هميشه ان ۾ هوندؤ ڪڏهن بہ پوڙها نہ ٿيندؤ. (١) "فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ۚ يَّلْبَسُوْنَ مِنْ سُنْدُسٍ وَّاِسْتَبْرَقٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ ۚ" بهشتن ۽ چشمن ۾ سنهي ۽ ٿلهي ريشم مان (ڪپڙا) ڍڪي هڪ ٻئي جي سامهون ويهندا. "سُنْدُسٍ" سنهي ريشم ۽ "اِسْتَبْرَقٍ" ٿلهي ريشم کي سڏيندا آهن مطلب تہ اهي بهشتي باغن ۽ چشمن ۾ هوندا. سنهي ۽ ٿلهي ريشم جا نهايت سهڻا ڪپڙا ڍڪي هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا هوندا. اتي بغض ۽ ڪينو نہ هوندو جو هڪ ٻئي کان نفرت ڪندي هڪ ٻئي کي پٺي ڏيئي نہ ويهندا. هڪ ٻئي ڏانهن پيار ۽ محبت جي نگاهہ سان نهاريندا رهندا. ابن ابي حاتم ۽ ابن ابي الدنيا حضرت ڪعب کان روايت آندي آهي تہ "جيڪڏهن بهشت وارن جي ڪپڙن مان هڪ ڪپڙو اڄ هتي دنيا ۾ ڍڪيو وڃي تہ ان ڏانهن جيڪو نهاري بيهوش ٿي وڃي ۽ ماڻهن جون اکيون ان کي برداشت ڪري نہ سگهن" ۽ حضرت عڪرمه کان روايت آهي تہ "بيشڪ جنت وارن مان مرد هڪ وڳو پائيندو تہ ان مان هڪ ئي ڪلاڪ ۾ ستر رنگ نظر ايندا. (٢) "كَذٰلِكَ وَزَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ ۚ" "اهڙي طرح ۽ اسين انهن کي وڏين اکين وارين حورن سان پرڻائينداسون. يعني اهي باغ ۽ بهشت جا چشما، پلا لباس تہ ڪين ملندا پر وڏين اکين وارين نهايت سهڻين حورن سان سندن شاديون ڪرايون وينديون. ابن ابي الدنيا صفة الجنة ۾ ۽ ابن ابي حاتم حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ

"لَوْ اَنَّ حُوْرَاءَ بَزَقَتْ فِيْ بَحْرٍ لُجِّيٍّ لَعَذِبَ ذَالِكَ الْبَحْرُ مِنْ عَذُوْبَةِ رِيْقِهَا" جيڪڏهن (جنت جي) حور کاري سمنڊ ۾ ٿڪ ڇڏي تہ ان جي وات واري پاڻيءَ جي ڪري اهو سمنڊ مٺو ٿي وڃي. ابن مردويه ۽ ديلمي حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "حُوْرُ الْعِيْنِ خَلَقَهُنَّ مِنْ تَسْبِيْحِ الْمَلَآئِكَةِ" (الله تعالىٰ) وڏين اکين وارين حورن کي ملائڪن جي تسبيح مان پيدا فرمايو. ابن ابي شيبه مجاهد کان آندو آهي تہ جنتي حور جي جسم جي خوشبوءِ پنج سؤ سال جي پنڌ تي محسوس ٿيندي. (٣) "يَدْعُوْنَ فِيْهَا بِكُلِّ فَاكِهَةٍ اٰمِنِيْنَ ۚ" ان ۾ هر ميوو طلب ڪندا امن وارا ٿيندڙ. يعني جيڪو ميوو طلب ڪندا سو

(١) ضياءالقرآن صـ ٤٤٥ جلد ٤ (٢) المظهري صـ ٣٧٧ جلد ٨ (١) الدرالمنثور صـ ٤٤١ جلد ٧

ڪين ملندو نہ مقدار ۾ گهٽ هوندو نہ ختم ٿيڻ جو انديشو هوندن. "لَا يَذُوْقُوْنَ فِيْهَا الْمَوْتَ اِلَّا الْمَوْتَةَ الْاُوْلٰى" ان ۾ پهرين موت کان سواءِ موت نہ چکندا. يعني جيڪو موت پهريان اچڻو هو سو اچي ويو وري موت نہ ايندن هميشه ان عيش ۽ آرام ۾ هوندا. "وَوَقٰهُمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكَ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ" ۽ انهن کي دوزخ جي عذاب کان بچايائين اهو منهنجي رب جي طرفان هوندو. اهائي وڏي ڪاميابي آهي. مطلب تہ الاهي عذاب کان محفوظ هوندا اهو انهن تي تنهنجي رب جي طرفان فضل هوندو ۽ ابد الآباد ان ۾ هوندا اها وڏي ڪاميابي آهي ان کان وڌيڪ ڪهڙي ڪاميابي ٿيندي؟ "فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ" پوءِ اسان ان کي تنهنجي زبان (ٻوليءَ) سان آسان ڪيو تانتہ اهي نصيحت حاصل ڪن. يعني قرآن ڪريم اوهان جي مادري عربي آسان زبان ۾ نازل ڪيو اٿئون تانتہ اهي نصيحت حاصل ڪن ۽ سولائيءَ سان ياد ڪري سگهن "فَارْتَقِبْ اِنَّهُمْ مُّرْتَقِبُوْنَ" پوءِ انتظار ڪريو بيشڪ اهي انتظار ڪندڙ آهن. مطلب تہ قرآن ڪريم کي عربي آسان ٻوليءَ ۾ نازل ڪرڻ جي باوجود اهي نصيحت حاصل نہ ٿا ڪن تہ اوهان بہ انتظار ڪيو اهي بہ انتظار ڪن جڏهن انهن جي لاءِ هلاڪت جو مقرر ڪيل وقت ايندو تہ اوهان بہ ڏسجو اهي بہ ڏسندا تہ ڪين ڪيئن سزا ملي رهي آهي.

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١- "فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ" (باغن ۽ چشمن ۾) هن مان معلوم ٿيو تہ پرهيزگارن کي کير، ماکيءَ ۽ شرابًا طهورًا جا وهندڙ چشما ملندا ڇوتہ انهن دنيا ۾ شريعت ۽ طريقت جي چشمن مان ڍؤ ڪيا هوندا.

٢- "بِلِسَانِكَ" (اوهان جي زبان سان) هن مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل کي محبوب عليه الصلوٰة والسلام جن جي ٻولي تمام گهڻي پياري آهي ان جي ڪري قرآن پاڪ بہ عربيءَ ۾ نازل فرمايائين. اها عرشي نعمت فرش وارن کي سندن واسطي ۽ ذريعي سان ملي آهي. (١) الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاجز گنهگار اڄ آچر جي ڏينهن شام جو سوا ستين بجي بمؤرخہ ٢٨- ٦- ١٤٢٥ الموافق ١٥- ٨- ٢٠٠٤ ع تي پنهنجي گهر ۾ ويٺي سورة الدخان جو تفسير لکي پورو ڪيو.

(١) نورالعرفان صـ٧٩٥

سورة الجاثية جو تعارف

هن سورة مباركه جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن ۾ ويهارڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ : هن ڀلاري سورة جو نالو "اَلْجَاثِيَة" آهي جيڪو هن جي آيت عـ٢٨ ۾ ذڪر ڪيل آهي. ٢- سورة الشريعة- ٣- سورة الدهر ڇوتہ ان ۾ انهن جو ذڪر آهي." ١"

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة ۾ چار رڪوع، ستٽيهہ آيتون، چار سئو اٺاسي (٤٨٨) ڪلما ۽ ٻہ هزار هڪ سئو ايڪانوي (٢١٩١) حرف آهن." ٢"

مڪيہ آهي يا مدنيه؟ : ابن مردويه حضرت عبدالله بن عباس ۽ حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي تہ هيءَ سورة مڪه (مڪرمه) ۾ نازل ٿي هئي. "٣"

نزول جو زمانو: هيءَ سورة ڀلاري سورة الدخان کان پوءِ نازل ٿي هئي."٤"

مضمون: هن سورة پاڪ ۾ سندس پڙهندڙن کي انهن روشن نشانين ڏانهن متوجه ڪيو ويو آهي جيڪي توحيد جي عقيدي کي تسليم ڪرڻ جي لاءِ الله عزوجل جي حڪمت بالغه. قدرت ڪامله ۽ ان جي علم محيط جي شاهدي ڏئي رهيون آهن ۽ سمجهائي رهيون آهن تہ پنهنجون اکيون کولي زمين ۽ آسمان جي عجائب کي ڏسو خود پنهنجي وجود ۽ ان ۾ ڪيترين قدرتي ڳالهين کي سوچيو حيوانات جي بي شمار قسمن ۽ نمونن تي نگاهہ وجهو رات ۽ ڏينهن جي نهايت اونهي نظام ۾ غور ۽ فڪر ڪيو تہ اوهان کي هر هڪ شيءِ ان قادر، قدير، خالق ۽ عليم جي ڄاڻ ڏيندي جيڪو هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ۽ وحده لاشريڪ لہ بہ آهي، پر ڪوڙا ۽ بدڪار ماڻهو قدم قدم تي چمڪندڙ هنن روشن قنديلن کي نہ ڏسي ٿا سگهن ۽ نہ ان مان فائدو حاصل ٿا ڪن. ان کان پوءِ انهن مزيد احسانن جو ذڪر ڪيل آهي جن سان الله عزوجل انسان کي بهرور بنايو آهي، گڏو گڏ اهو

(١) روح المعاني صـ١٣٨ جزء ٢٥ جلد ٩ (٢) ضياء القرآن صـ٤٤٧ جلد ٤ (٣) الدرالمنثور صـ٤٢٢ جلد ٧
(٤) صفوة التفاسير صـ١٨٠ جلد ٣

بہ بيان فرمايائين تہ ان جو قدر ۽ مرتبو اهيئي ماڻهو ڄاڻي سگهن ٿا جيڪي فڪر ۽ تدبر جا عادي آهن. بني اسرائيل تي جيڪي بي حساب پلايون ڪيون ويون هيون اهي بہ بيان ڪيل آهن تہ اسان انهن کي ڪتاب، نبوت ۽ حڪومت جهڙيون بي بها نعمتون عطا ڪيون ۽ انهن عنايتن جي ڪري کين ان زماني جي سڀني قومن تي فضيلت ۽ برتري بخشي پر ڪجهہ وقت کان پوءِ انهن ۾ حسد ۽ عداوت جي وبا نڪري پئي ۽ اهي هڪ ٻئي کي هيٺ ڏيکارڻ جي لاءِ مختلف ڌڙن ۾ ورهائجي ويا ۽ انهن ان آسماني دين کي اهڙي طرح ٽڪرا ٽڪرا ڪيو جو اهو سندن اجتماعي زندگيءَ ۾ رهنمائيءَ جي قوة کان محروم رهجي ويو.هنسورة ۾ الله عزوجل پنهنجي حبيب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کي بہ ارشاد فرمايو تہ: اسان اوهان کي هڪ شريعت، هڪ جامع نظام حيات عطا فرمايو آهي اوهان تي ان جي اتباع ڪرڻ لازم آهي ۽ اوهان انهن جاهلن، نادانن جي اطاعت نہ ڪيو جيڪي پنهنجي نفساني خواهشات جا غلام آهن، جيڪڏهن (بفرض محال) اوهان ائين ڪيو تہ پوءِ دنيا جي ڪابہ طاقت اوهان کي اسان جي گرفت کان بچائي نہ سگهندي. هن انتهائي حڪم ٻڌڻ کان پوءِ ڇا اسان جي مملڪت جي سربراهن ۽ قانون ساز ادارن ۽ انهن جي مقرر ڪيل ارڪانن کي زياده متنبه ڪرڻ جي ضرورت آهي؟ هن سورة مبارڪه ۾ صاف صاف ٻڌايو ويو آهي تہ اسان جي شريعت جي اتباع ڪيو نہ تہ اوهان جي نجات جون سڀ واٽون بند آهن. آيت- عـ٢٣ تي بہ غور ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ ارشاد آهي تہ جيڪو اسان جي قانون تي عمل نہ ٿو ڪري اهو ڇڻ تہ اسان کي خدا ڪري نہ ٿو مڃي ۽ جيڪو نفس جي هر خواهش ۽ فرمائش کي پورو ڪري ٿو ان گويا ان کي پنهنجو خدا ۽ معبود بنايو آهي، اهڙو شخص ڀلي سراسر علم ۽ فضل ڇو نہ هجي سڌي واٽ کان ٿڙي سگهي ٿو. اهڙي بدبخت کان فهم ۽ تدبر جون قوتون سلب ڪيون وينديون آهن ۽ ان جي هدايت قبول ڪرڻ جو امڪان ئي ختم ٿي ويندو آهي. ڪافرن جو عقيدو هو تہ بس هيءَ ئي حياتي آهي، زماني جي گردش موت آڻي ٿي نہ قيامت ايندي ۽ نہ ٻيو ڀيرو جيئرو ٿي اٿڻ جو سوال پيدا ٿئي ٿو. اهو

عقيدو انهن کي ابن، ڏاڏن کان ورثي ۾ مليو هو اهي کنهن به قيمت تي ان کان دستبردار ٿيڻ جي لاءِ تيار نه هئا. سورة جي پوري ٿيڻ کان پهريان انهن کي ان کُن مان ٻاهر کڍڻ جي لاءِ وري به متوجه کيو ويو ۽ ارشاد ٿيو ته قيامت جو قائم ٿيڻ عقل جي خلاف ناهي بلڪ عين حڪمت آهي ۽ عقل جي تقاضا سان بالڪل متفق آهي اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو هڪ شخص جنهن سڄي حياتي تقوىٰ ۽ خوف خدا ۾ گذاري ۽ اهو شخص جنهن عياشي ۽ برائيءَ ۾ عمر پوري ڪئي ٻئي برابر هجن؟ پر دنيوي عيش ۽ عشرت انهن جي اکين تي پٽي ٻڌي ڇڏي آهي نه ته اهي هن روشن حقيقت کان انڪار نه ڪن ها.

اڳينءَ سورة سان ربط: اڳيئن سورة ۾ "فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ" (پوءِ اسان ان کي تنهنجيءَ زبان (ٻوليءَ) سان آسان ڪيو) ۾ قرآن ڪريم جو ذڪر هو ۽ هن ۾ به "تَنْزِيْلُ الْكِتَابِ" سان قرآن ڪريم جو ذڪر ڪيل آهي.

پڙهڻ ۽ برڪتون: علامه بيضاوي لکيو آهي ته جيڪو سورة "حٰم الجاثيه پڙهندو رب پاڪ ان جا عيب اگهاڙا نه ڪندو ۽ قيامت جي ڏينهن ان جي دل کي سڪون عطا فرمائيندو. "١" علماء عاملين لکيو آهي ته "جيڪڏهن ڪو ماڻهو سڪرات جي سختيءَ ۾ مبتلا آهي سورة "جاثيه" پڙهي ان تي دم ڪجي ته رب العزة جل شانه ان کي سڪرات جي سختيءَ کان نجات ڏيندو ۽ انشاءالله العزيز ان جو خاتمه خير سان ٿيندو هيءَ سورة مبارڪه لکي ٻار جي ڳچيءَ ۾ ٻڌجي ته الله جل شانه جي اذن سان سيني آفتن کان محفوظ رهندو.



(١) بيضاوي ڪامل ص٦٦٤

وَهِيَ سَبْعٌ وَّثَلَاثُوْنَ آيَةً	سُوْرَةُ الْجَاثِيَةِ مَكِيَة	وَارْبَعُ رُكُوعَاتٍ
۽ اها ستٽيھ آيتون	سورة جاثيه مكيه آهي	۽ چار رڪوع آهي

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي

حٰمٓ (١) تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ (٢)

حا- ميم ڪتاب جو نازل ڪرڻ الله، غالب حڪمت واري جي طرفان آهي

اِنَّ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ (٣) وَفِىْ خَلْقِكُمْ

بيشڪ آسمانن ۽ زمين ۾ البت نشانيون آهن، مؤمنن جي لاءِ ۽ اوهان جي پيدا ڪرڻ ۾

وَمَا يَبُثُّ مِنْ دَآبَّةٍ اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ (٤)

(۽ ان ۾) جيڪي پکيڙي ٿو چرندڙن مان نشانيون آهن ان قوم جي لاءِ جيڪي يقين رکن ٿا

وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَمَآ اَنْزَلَ اللهُ مِنَ السَّمَآءِ

۽ ڦرڻ رات ۽ ڏينهن جي ۾ ۽ ان ۾ جيڪو نازل ڪيو الله آسمان مان

مِنْ رِّزْقٍ فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا

رزق پوءِ آباد ڪيائين ان سان زمين کي ان جي برباد هجڻ کان پوءِ

وَتَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ (٥)

۽ ڦيرائڻ هوائن جي ۾ نشانيون آهن ان قوم جي لاءِ جيڪي عقل رکن ٿا.

تفسير.

جيڪي اڳيئن سورة ۾ اغراض ۽ مقاصد بيان ٿيا هئا اهي ساڳيا هتي بہ بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "حٰمٓ" هن مقطعات حرفن جي معنىٰ ڪندي حضرت مخدوم نوح هالائي عليه الرحمة لکيو آهي. "تقدير كرده شد آنچہ بودني است" "١" جيڪي هجڻ وارو آهي اهو تقدير ۾ اڳي چڪو آهي. علامه اسماعيل حقي لکيو آهي. حا ء- ازلي، متقدم حب ڏانهن اشارو آهي ان جي ڪري ان کي اڳيان آندائين ۽ ميم معرفة ابديه متاخره ڏانهن اشارو آهي "٢" "تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ" ڪتاب جو نازل ڪرڻ الله غالب حڪمت واري جي طرفان آهي، يعني هي ڪتاب ان الله جلت صفاته نازل فرمايو آهي جيڪو هر شيء تي غالب ۽ قاهر آهي پنهنجي مخلوق جي تدبير ۾ حڪمت وارو آهي، جو مادي ۽ روحي جهانن تي قاهر هجڻ جي باوجود انهن ۾ حڪمت سان تصرف ڪندو آهي، جيئن سلن، حيوانن، انساني جسمن، آسماني ستارن جي ڦيرڦار ۽ انهن جي سير جي انتظام ۾ مشاهدو ڪيو وڃي ٿو. "٣" "اِنَّ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ" بلاشڪ آسمانن ۽ زمين ۾ مؤمنن جي لاءِ البت نشانيون آهن. يعني ستن آسمانن جن مان مينهن وسي ٿو ۽ زمين جنهن مان ڪيتري مخلوق نڪري ٿي حجتن ۾ تامل ڪري تصديق ڪندڙن، مؤمنن جي لاءِ ڪيتريون نشانيون آهن جن سان فڪر ۽ عقل وارا الله جلت عظمته جي وحدانيت جا دليل وٺي پين کي بہ سمجهائين ٿا "وَفِيْ خَلْقِكُمْ وَمَا يَبُثُّ مِنْ دَآبَّةٍ اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ" ۽ اوهان جي پيدا ڪرڻ ۽ ان ۾ جيڪي چرندڙ پکڙيل آهن ان قوم جي لاءِ نشانيون آهن جيڪي يقين رکن ٿا. مقصد تہ اوهان کي مختلف نمونن سان مختلف مرحلن مان گذاري "اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ" بنائي پيدا ڪرڻ ۾ ۽ جيڪا پي چرندڙ ڪائنات آهي ان ۾ ان قوم جي لاءِ نشانيون، حجتون ۽ دلائل آهن جيڪي شين جي صحت جي علم کان پوءِ ان جي حقائق جو يقين رکن ٿا ۽ تسليم ڪن ٿا تہ هن مخلوق جو حقيقي خالق هڪ الله وحده لاشريڪ له آهي. "وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ رِّزْقٍ فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا

(١) فارسي ترجمه مخدوم نوح عليه الرحمة صـ ٤٩٩ (٢) روح البيان صـ ٤٣٤ جلد ٨ (٣) المراغي صـ ١٤١ جز ٢٥ جلد ٩

وَتَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ" ۽ رات ۽ ڏينهن جي ڦرڻ ۾ ۽ جيڪي الله پاڪ آسمان مان رزق لاٿو پوءِ ان سان زمين کي ان جي برباد هجڻ کان پوءِ آباد ڪيائين ۽ هوائن جي ڦيرائڻ ۾ ان قوم جي لاءِ نشانيون آهن جيڪي عقل رکن ٿا. مطلب تہ اوهان جي مٿان رات ۽ ڏينهن جي هڪ ٻئي جي پٺيان اچڻ، رات نهايت اوندهہ ۽ اِنڌيرو ٿي آٿي تہ ڏينهن نور ۽ روشنيءَ کي ٿو آٿي ۽ الله آسمان مان رزق (مينهن) لاهي ان سان ويران زمين کي سرسبز، شاداب ۽ آباد ڪري ٿو، ان ۾ ۽ هوائن جي ڦرڻ ۾ ڪنهن مهل ڏکڻ جي هوا تہ ڪنهن مهل اتر جي هوا ۽ ڪڏهن اوڀر جي ٿي لڳي تہ ڪڏهن اولهہ جي. ڪائنات جي انهن سڀني نظارن ۾ عقلمندن جي لاءِ نشانيون ۽ دليل آهن اهي انهن کي ڏسي غور ڪري ايمان آڻيندا تہ اهي سڀ ان خالق پيدا ڪيا آهن جيڪو وحده لاشريڪ لہ آهي. مذڪوره آيتن جو خلاصو هي آهي تہ اول اول الله عزوجل ۽ ٻين ايمان وارين شين تي ايمان آڻڻ جو مرتبو آهي پوءِ جڏهن شين جي دقائق ۽ عظائم ۾ ڪنهن جو علم ۽ تحقيق وڌيو تہ ان جو يقين ڪامل ٿيندو ۽ جڏهن تحقيق ۾ ترقي ڪندو تہ ان جو عقل هن ڪائنات جي اسرار جي درايت ۽ فهم ۾ بہ وڌندو ۽ سوچيندو تہ الله عزوجل ئي هيءَ ڪائنات انسان جي لاءِ مسخر ڪئي آهي ۽ اهو سمورو نظام عبث ۽ اجايو ناهي اهي سڀ شيون ظاهري يا باطني، علوي يا سفلي، ارضي يا سماوي نوري يا ظلماتي سڀ انسان جي نفعي ڏيڻ لاءِ پيدا ٿيون آهن پوءِ ڇڻ تہ الله عزوجل فرمايو: "اسان اوهان کي هن جهان ۾ نظر ڪرڻ جو امر ڪيو آهي تانت اوهان ايمان آڻيو، پوءِ جڏهن اوهان علم ۾ وڌندا تہ اوهان جو يقين ڪامل ٿيندو ۽ ان سان اوهان جي عقلن جي اهڙي تربيت ٿيندي جو اهو بشري طاقت جي انتهائي حدن تائين ڪامل بنجي ويندو." ١

فائدا:- مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١- "تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ" (ڪتاب جو نازل ڪرڻ) هتي آيل لفظ "تَنْزِيْلُ" مان معلوم ٿيو تہ قرآن ڪريم نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي پاڪ ذات تي ٿورو ٿورو ٿي لٿو. جنهن جي مدت ٽيويهہ (٢٣) سال جي قريب هئي. ٢- آيت عـ٣ ۾ "لَاٰيٰتٍ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ" ۽ آيت عـ٤ ۾ "اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ" ۽ آيت عـ٥ ۾ "اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ" (مؤمنن جي لاءِ

(١) المراغي صـ١٤١-١٤٢ جزء ٢٥ جلد ٩

نشانيون، يقين رکندڙ قوم جي لاءِ نشانيون عقل رکندڙ قوم جي لاءِ نشانيون آهن). ان ۾ ان طرف اشارو آهي تہ انهن نشانين مان پوري طرح فائدو تہ اهي وٺي سگهن ٿا جيڪي مؤمن آهن پر ٻئي نمبر تي هي انهن ماڻهن جي لاءِ مفيد ٿي سگهن ٿيون، جيڪي هڪدم تہ ايمان نہ ٿا آڻين پر انهن جي دل ۾ يقين پيدا ٿي وڃي تہ هي شيون توحيد تي دلالت ڪندڙ آهن، ڇوتہ اهو يقين ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن انهن جي ايمان آڻڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو ۽ ٽئين نمبر ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ مفيد آهن، جيڪي في الحال نہ مؤمن آهن نہ يقين رکڻ وارا پر اهي عقل سليم رکن ٿا انهن شين ۾ بصيرت سان غور ڪندا تہ نيٺ انهن ۾ يقين ۽ ايمان پيدا ٿيندو.

پر جيڪي ماڻهو نہ عقل سليم رکن ٿا ۽ نہ غور ۽ فڪر ڪرڻ جي تڪليف ڪن ٿا انهن جي اڳيان هزارين دلائل ڏيو تہ سڀ ناڪافي آهن." ١" ٣- "فَأَحْيَابِهِ الْأَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا" (پوءِ ان سان زمين کي ان جي برباد هجڻ کان پوءِ زنده ڪيائين) هن ۾ ظاهري آباديءَ جو ذڪر آهي پر جيئن الله عزوجل ظاهري آسمان مان مينهن لاهي زمين کي آباد ڪندو آهي تيئن ان مالڪ مٿي حضرت محمد عليه الصلوٰة والسلام جن جي نبوت واري آسمان کان مئل دلين تي قرآن پاڪ جو مينهن وسائي انهن کي ايمان ۽ عرفان سان سرسبز بنايو آهي."٢"

تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ۚ فَبِاَيِّ

اهي الله جون آيتون آهن پڙهون ٿا اهي توتي حق سان پوءِ ڪهڙي

حَدِيْثٍۢ بَعْدَ اللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ يُؤْمِنُوْنَ (٦) وَيْلٌ

ڳالهہ تي الله کان ۽ ان جي آيتن کان پوءِ ايمان آڻيندا، هلاڪت آهي

لِّكُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ ۙ (٧) يَّسْمَعُ اٰيٰتِ اللّٰهِ تُتْلٰى

واسطي هر وڏي بهتان هڻندڙ، گنهگار جي لاءِ جيڪو ٻڌي ٿو الله جون آيتون جيڪي پڙهيون وڃن ٿيون

(١) معارف القرآن صـ٧٧٧-٧٧٨ جلد٧ (٢) نورالعرفان صـ٧٩٥

عَلَيْهِ ثُمَّ يُصِرُّ مُسْتَكْبِرًا كَاَنْ لَّمْ يَسْمَعْهَا ج

ان تي ان کان پوءِ هميشه آهي هٺ ڪندڙ جڻ تہ نہ ٻڌائين انهن کي

فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ (٨) وَاِذَا عَلِمَ مِنْ اٰيٰتِنَا

پوءِ خوشخبري ڏي ان کي عذاب دردناڪ جي. ۽ جڏهن ڄاڻائين اسان جي آيتن مان

شَيْئًا اتَّخَذَهَا هُزُوًا اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ (٩)

ڪجهہ تہ وٺندو آهي انهن کي ٺٺول ڪري اهي انهن جي لاءِ عذاب خوار ڪندڙ آهي

مِنْ وَّرَآئِهِمْ جَهَنَّمُ ج وَلَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ مَّا كَسَبُوْا شَيْئًا

انهن جي پٺيان جهنم آهي ۽ نہ فائدو ڏيندو ان ڏينهن انهن کان جيڪي ڪيائون ڪجهہ بہ

وَّلَا مَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ ج وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ (١٠)

۽ نہ انهن (جن کي) بڻايائون الله کان سواءِ مددگار ۽ انهن جي لاءِ عذاب وڏو آهي

هٰذَا هُدًى ج وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَهُمْ عَذَابٌ

هي هدايت آهي ۽ جن ڪفر ڪيو پنهنجي رب جي آيتن جو انهن جي لاءِ عذاب آهي.

مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ ع (١١). ع ١٦/٢

سخت عذاب مان دردناڪ.

تفسير.

هن کان اڳي قرآن ڪريم جي آيتن جو ذڪر هو ۽ هتي انهن آيتن جي مرتبي جي بلندي ۽ درجي جي رفعت ٻڌائيندي ارشاد ٿي رهيو آهي، "تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ج" تلڪ جي معنىٰ هٰذه هي الله جون آيتون آهن. اهي اسين توتي حق سان

پڙهون ٿا. يعني هي حجتن ۽ روشن دليلن جي ڪري حق تي شامل آهن." ١" "فَبِاَيِّ حَدِيْثٍ بَعْدَ اللهِ وَاٰيٰتِهٖ يُؤْمِنُوْنَ" پوءِ الله ۽ ان جي آيتن کان پوءِ ڪهڙي ڳالهه تي ايمان آڻيندا؟ يعني جيڪا ڳالهه الله عزوجل پنهنجي رسول عليه الصلوٰة والسلام تي نازل ڪئي ۽ ان ڪان بعد ان جي حق ۽ سچ هجڻ لاءِ نشانيون حجتون ۽ دلائل به بيان فرمايائين ان تي به ڪافر ايمان نه ٿا آڻين ته ٻئي ڪهڙيءَ ڳالهه تي ايمان آڻيندا؟ سچ اپريل هجي ان جي انوار سان زمين جي هر ڪنڊ ڪڙڇ روشن رهي پوءِ به جيڪڏهن ڪنهن کي ڪجهه نظر نه اچي ته اهڙي ماڻهوءَ جي رستي ۾ ڏيو ٻارڻ ڪهڙي ڪم جو ٿيندو؟ "وَيْلٌ لِّكُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ لا يَّسْمَعُ اٰيٰتِ اللهِ تُتْلٰى عَلَيْهِ ثُمَّ يُصِرُّ مُسْتَكْبِرًا كَاَنْ لَّمْ يَسْمَعْهَا فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ. هر بهتان هڻندڙ گنهگار جي لاءِ ويل آهي جيڪو الله جون ان جي اڳيان پڙهيل آيتون ٻڌي ٿو ان کان پوءِ به تڪبر تي هميشگي ڪندڙ ٿي اهڙي نموني رهي ٿو ڄڻ ته اهي ڪونه ٻڌائين پوءِ ان کي دردناڪ عذاب جي بشارت ڏي.

هن آيت ۾ ڪافرن جي هڪ ٽولي جو طرز عمل بيان ڪيو ويو آهي ته اهي قرآن ڪريم جي آيتن کي مڃڻ ۽ ايمان آڻڻ جي لاءِ نه پر انهن کي ڪوڙو چوڻ جي لاءِ ٻڌن ٿا. سندن اهو طي ٿيل پروگرام آهي ته اهي قرآن پاڪ جي آيتن کي ڪڏهن به نه مڃيندا پر اهي ٻڌي انهن مان عيب ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا. انهن سان مذاق ڪندا. اهڙن ماڻهن کي اها خوشخبري ٻڌايو ته اهي نهايت دردناڪ عذاب ۾ گرفتار ڪيا ويندا جنهن ڪان سندن بچاءِ ناممڪن هوندو. "وَاِذَا عَلِمَ مِنْ اٰيٰتِنَا شَيْئًا اتَّخَذَهَا هُزُوًا اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ" ۽ جڏهن اسان جي آيتن مان ڪجهه ٻڌي ٿو ته ان کي ٺٺول ڪري وٺي ٿو انهن جي لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي. مطلب ته الله جل شانه جي پاڪ ڪلام قرآن ڪريم جي ڪابه آيت ڪيس علم ۾ اچي ٿي ته ان سان ٺوڪ ٺٺول ۽ مذاق ڪري ٿو. ائين ڪندڙن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن خوار ڪندڙ عذاب آهي. روايت ۾ آهي ته ابوجهل جڏهن "اِنَّ شَجَرَتَ الزَّقُّوْمِ طَعَامُ الْاَثِيْمِ" (بلاشڪ گنهگارن جو کاڌو ٿوهر جو وڻ آهي) آيت ٻڌي ته ڪارڪون ۽ مکڻ گهرائي ۽ پنهنجن ساٿين کي سڏي چوڻ لڳو ته هي کائو. جنهن زقوم جي ڳالهه

(١) المراغي ص۔١٤٣ جز٠ ٢٥ جلد ٩

(حضرت) محمد (عليه الصلوٰة والسلام)ڳالهہ ڪري ٿـو اهو هي آهي، ۽ جڏهن الله جل مجده جو فرمان "عَلَيْهَا تِسْعَةَ عَشَرَ"(ان جهنم تي اوڻويهہ (١٩) ملائڪ مقرر آهن). ٻڌائين تہ چيائين جيڪڏهن اوڻويهہ آهن تہ مان اڪيلو انهن سان منهن ڏيندس." ١ " "مِنْ وَّرَائِهِمْ جَهَنَّمُ وَلَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ مَّا كَسَبُوْا شَيْئًا وَّلَا مَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖ اَوْلِيَاءَ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ" پويان انهن جي جهنم آهي ۽ جيڪي ڪمايائون اهو سندن طرفان ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏيندو ۽ نہ اهي فائدو ڏيندا جن کي الله کان سواءِ مددگار ورتائون ۽ انهن جي لاءِ وڏو عذاب آهي. هتي "مِنْ دُوْنِهٖ اَوْلِيَاءَ" مان مراد ڪافرن جا باطل معبود بت آهن." ٢ " يا اهي رئيس، سردار ۽ سياسي ليڊر جن جي خوشامد ۾ هر طرح جون ڪريل حرڪتون ڪندا هئا تانجو قرآن پاڪ ۽ ان جي نازل ڪندڙ جي بي فرماني سندن شعار بڻجي وئي هئي." ٣ " مطلب تہ هي ڪلي طرح براين ڏانهن متوجه آهن ۽ سندن پويان ڪين سزا طور ملڻ جي لاءِ جهنم تيار آهي ڪين نہ سندن ڪمايل مال فائدو ڏيندو ۽ نہ اهي باطل معبود يا رئيس وغيره انهن کي ڪو فائدو ڏئي ڇڏائيندا، انهن جي لاءِ وڏو عذاب تيار آهي. "هٰذَا هُدًى" هي هدايت آهي. يعني هي قرآن پاڪ خالص هدايت آهي جيڪو ان جي ٻڌايل واٽ تي هلندو اهو منزل مقصود ماڻيندو. "وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَهُمْ عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ" ۽ جن الله جي آيتن جو انڪار ڪيو انهن جي لاءِ سخت ترين عذاب مان عذاب آهي. هن آيت ۾ "رِجْزٍ" جو لفظ غور طلب آهي، علامه ابن منظور ان جي تحقيق ڪندي لکيو آهي "الرجز في القرآن هوالعذاب المقلقل لشدته وله قلقلة شديدة."يعني قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيل "رجز" جي لفظ جي معنىٰ آهي اهڙو عذاب جيڪو پنهنجي سختيءَ جي ڪري پريشان ڪندڙ هجي ان جا جهٽڪا نهايت سخت ۽ لاڳيتا هجن. مطلب هي آهي تہ جيڪي بدبخت الله جلت صفاته جي نازل ڪيل آيتن جو انڪار ڪن ٿا انهن کي عذاب مان نهايت سخت عذاب ۾ رکيو ويندو.

فائدا: ١- مذڪوه آيتن جي تفسير مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا- "نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ" (اهي اوهان تي حق سان تلاوت ڪيون ٿا) مان معلوم ٿيو تہ حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن الله عز اسمه کان فيض حاصل ڪرڻ وارا آهن ۽

(١) المراغي صـ١٤٤ جز٠ ٢٥ جلد٩(٢) تنويرالاذهان صـ٣٤ جلد٤ (٣) ضيا القرآن صـ٤٥١ جلد٤

سڄو جهان ڪائنن فيض حاصل ڪرڻ وارو آهي. جنهن ڪي قرآن رب پاڪ پاڻ پڙهائي ان جي علم جي متعلق ڇاتو ڇئي سگهجي؟ ٢- "فَبِاَيِّ حَدِيْثٍ بَعْدَ اللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ يُؤْمِنُوْنَ" (الله ۽ ان جي آيتن کان پوءِ ڪهڙي ڳالهه تي ايمان آڻيندا؟) مان معلوم ٿيو ته جنهن ڪي قرآن ڪريم ۽ حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کان هدايت نه ملي ان ڪي ٻئي ڪنهن کان به هدايت نه ملندي ڇوته نه قرآن پاڪ کان پوءِ ڪو آسماني ڪتاب ايندو ۽ نه حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن کان پوءِ ڪنهن نبي جو اچڻ ممڪن آهي. حضور عليه الصلوٰة والسلام جن ئي هدايت جو آخري وسيلو آهن. هي استفهام اِنڪاري آهي."١" ٣- "وَيْلٌ لِّكُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ" (هر بهتان هڻندڙ، گنهگار جي لاءِ هلاڪت آهي). هڪ قول مطابق هيءَ آيت نضر بن حارث جي متعلق نازل ٿي هئي."٢" جيڪو ماڻهن کي عجمي بادشاهن جا قصا ٻڌائي قرآن ڪريم کان روڪيندو هو آيت جو نزول ڪٿي ان جي متعلق هو پر هن عذاب جي وعدي ۾ هر اهو شخص داخل آهي جيڪو بهانا بنائي ماڻهن کي ايمان ۽ قرآن کان روڪي. ٤- "مُسْتَكْبِرًا" (هٺ ڪندڙ). هن مان معلوم ٿيو ته تڪبر، هٺ ۽ وڏائي ايمان کان روڪيندڙ شيون آهن. ٥- "اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ" (اهي انهن جي لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي). هن ۾ قبر جي عذاب ثابت ڪرڻ جو دليل آهي. ڇوته دوزخ جو ذڪر هن جي پويان آهي، قبر ۾ ڪجهه عذاب قبر وارا هوندا. جيئن قبر جي تنگي انڌيرو وغيره ته ڪجهه عذاب جهنم جا هوندا. جو دوزخ کان ٻاهر رهندي ان جي گرمي وغيره قبر ۾ پهچندي ۽ قيامت ۾ قبر کان ٻاهر نڪرڻ حساب وغيره کان پوءِ دوزخ جو عذاب هوندو. ٦- "وَلَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ مَّا كَسَبُوْا شَيْـًٔا وَّلَا مَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ" ۽ جيڪي ڪمايائون اهو انهن کان ڪجهه به دفع نه ڪندو ۽ نه اهي جن کي ان (الله) کان سواءِ حمايتي بنايو هيائون) مان واضح ٿيو ته ڪافرن کي نه سندن مال نفعو ڏيندو نه سندن بت ڪم ايندا پر مؤمن کي رب پاڪ جي رضا جي لاءِ خرچ ڪيل مال نفعو ڏيندو ۽ اولاد شفاعت ڪندو. "هٰذَا هُدًى" (هي هدايت آهي). مان معلوم ٿيو ته قرآن ڪريم جا احڪام، قصا، الغرض هر حرف هدايت حاصل ڪرڻ جو ذريعو. ايمان ۽ عرفان جو رهبر آهي.

(١) نورالعرفان ص٧٩٦ (٢) القرطبي ص١٥٨ جلد١٦

٧- "وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا" کان "مِنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ" تائين آيت مان معلوم ٿيو تہ مؤمن تي ايترو سخت عذاب نہ هوندو." ١"

اَللّٰهُ الَّذِیْ سَخَّرَ لَكُمُ الْبَحْرَ لِتَجْرِیَ الْفُلْكُ فِیْهِ

الله ئي آهي جنهن مطيع ڪيو اوهان جي لاءِ درياء تان تہ هلن ٻيڙيون ان ۾

بِاَمْرِهٖ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ (١٢)

ان جي امر سان ۽ تان تہ طلب ڪيو ان جي فضل مان ۽ تان تہ اوهان شڪر ڪيو

وَسَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِ جَمِیْعًا مِّنْهُ

۽ مطيع ڪيائين اوهان جي لاءِ جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي سمورو ان کان آهي

اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیٰتٍ لِّقَوْمٍ یَّتَفَكَّرُوْنَ (١٣) قُلْ لِّلَّذِیْنَ

بلاشڪ ان ۾ البت نشانيون آهن ان قوم جي لاءِ جيڪي فڪر ڪن ٿا فرماءِ انهن کي جن

اٰمَنُوْا یَغْفِرُوْا لِلَّذِیْنَ لَا یَرْجُوْنَ اَیَّامَ اللّٰهِ لِیَجْزِیَ

ايمان آندو تہ ٽارو ڪن انهن کان جيڪي اميد نٿا رکن الله جي ڏينهن جي تانت بدلو

قَوْمًۢا بِمَا كَانُوْا یَكْسِبُوْنَ (١٤) مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهٖ

ڏي قوم کي ان جو جيڪي ڪمايو هيائون جنهن ڪيا نيڪ عمل پوءِ پنهنجي سر جي لاءِ

وَمَنْ اَسَآءَ فَعَلَیْهَا ثُمَّ اِلٰی رَبِّكُمْ تُرْجَعُوْنَ (١٥)

۽ جنهن برائي ڪئي پوءِ ان تي آهي ان کان پوءِ پنهنجي رب ڏانهن موٽايا ويندؤ.

(١) نورالعرفان صـ٧٩٦

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله عزوجل پنهنجي ربوبيت ۽ وحدانيت جا دلائل ارشاد فرمايا ۽ هتي انهن جا آثار بيان ڪيا وڃن ٿا: فرمان مبارڪ آهي "اَللّٰهُ الَّذِیْ سَخَّرَ لَكُمُ الْبَحْرَ لِتَجْرِیَ الْفُلْكُ فِیْهِ بِاَمْرِهٖ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ" الله اهو آهي جنهن اوهان جي لاءِ دريا ۽ مسخر بنايو تانته ان جي امر سان ان ۾ ٻيڙيون هلن ۽ تانته ان جي فضل مان طلب ڪيو ۽ تانته اوهان شڪر ڪيو. يعني الله عزوجل جنهن جي وجود ۽ وحدانيت تي دليل قائم ڪيا ويا آهن اهو آهي جنهن اوهان جي سهوليت جي لاءِ پنهنجي ارادي امر ۽ قدرت سان سمنڊ ۾ ٻيڙين جو نظام قائم ڪيو آهي، تانته اوهان انهن ۾ سوار ٿي تجارت جا سامان وغيره هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڏانهن منتقل ڪري روزي ڪمايو جيڪا الله عزوجل جو فضل آهي ۽ ان نعمت ملڻ تي شڪر ڪندا رهو." ١ " "وَسَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِ جَمِیْعًا مِّنْهُ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیٰتٍ لِّقَوْمٍ یَّتَفَكَّرُوْنَ" ۽ جيڪو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي اهو اوهان جي لاءِ مطيع بنايائين سڀ ڪجهه ان جي طرفان آهي بلاشڪ ان ۾ ان قوم جي لاءِ نشانيون آهن جيڪي فڪر ڪن ٿا. مطلب ته جن شين سان اوهان جون مصلحتون ۽ ضرورتون وابسته آهن اهي اوهان جي لاءِ مطيع ڪيائين. آسمان ۾ هوندڙ سج ۽ چنڊ، چمڪندڙ تارا، مينهن، ڪڪر ۽ هوائون اوهان جي خدمت ۾ مصروف آهن ۽ زمين ۾ رهندڙ چوپايا، وڻ ۽ جبل ۽ سمنڊ ۾ هلندڙ ٻيڙيون سڀ اوهان جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ مشغول آهن. جيڪو به انهن ۾ غور ۽ فڪر ڪندو تدبر ۽ سوچ رکندو ان جي لاءِ انهن ۾ ان ڳالهه جا دلائل موجود آهن ته الله عزوجل وحده لاشريڪ له ئي انهن سڀني جو خالق، مطيع بنائيندڙ آهي ۽ اهوئي عبادت جو حقدار ۽ لائق آهي.

نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جڻ جي گهراڻي جو علم.

حضرت طاوس عليه الرحمة کان روايت آهي ته "هڪ شخص حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله عنه وٽ آيو ۽ ان کان سوال ڪيائين ته "مخلوق ڇا مان پيدا ڪئي وئي آهي؟ ان فرمايو ته، پاڻي، نور، انڌيري، هوا ۽ مٽيءَ مان. ان

(١) المراغي ص١٤٦ جزء ٢ جلد ٩

وري سوال ڪيو تہ "اهي ڇا مان پيدا ڪيل آهن؟ فرمايائين تہ مون کي خبر ناهي. ان ڪان پوءِ اهو شخص حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنه وٽ آيو ۽ اهو ساڳيو سوال ان ڪان ڪيائين تہ ان بہ اهو جواب ڏنو، وري حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهم وٽ آيو ان ڪان پهريون سوال ڪيائين تہ ان ساڳيو جواب ڏنو. جڏهن ان ڪان ٻيو سوال ڪيائين تہ ان هيءَ آيت پڙهي. "وَسَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِى السَّمٰوٰتِ" "الاية" اها ٻڌي ان چيو تہ اهو جواب نبوت جي گهراڻي سان تعلق رکندڙ مرد ڪان سواءِ ڪير بہ نہ ڏيندو. حضرت ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنهما نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جو سؤٽ هو ان جي ڪري ان گهراڻي جو آهي. هيءَ روايت عبدالرزاق، عبد بن حميد، ابن المنذر، حاڪم صحيح چوندي، ۽ بيهقيءَ الاسماء والصفات" (ڪتاب ۾) حضرت طاؤس رضي الله عنه ڪان آندي آهي. "١" ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ هي سمورو جهان ڄڻ تہ هڪ جسم وانگر آهي جنهن جو هر جزء ٻئي جزء جي ضرورت محسوس ڪري ٿو. مينهن سج جي گرمي گهرندو آهي، ٻيڙيون هلڻ جي لاءِ هوا گهرنديون آهن، اهڙي طرح هر شيءِ ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ جي هجڻ جي خواهش رکندي آهي. "قُلْ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يَغْفِرُوْا لِلَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ اَيَّامَ اللهِ لِيَجْزِىَ قَوْمًا ۢبِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ" جن ايمان آندو آهي انهن کي فرماءِ تہ جيڪي الله جي ڏينهن جي اميد نٿا رکن انهن ڪان درگذر ڪن، تانتہ (الله) ان قوم کي سندن ڪمائيءَ جو بدلو ڏي.

اڳين آيتن ۾ مالڪ مٿي پنهنجن ٻانهن کي توحيد، قدرت ۽ حڪمت جا دلائل سيکاريا ۽ هتي انهن کي سهڻن اخلاقن جي تعليم ڏيڻ لاءِ محبوب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ: اوهان ايمان وارن کي فرمايو تہ جيڪڏهن اوهان کي انهن ڪافرن ۽ مشرڪن ڪان تڪليف پهچي جيڪي قيامت قائم ٿيڻ کي ڪونہ ٿا مڃين تہ اوهان انهن کي معاف ڪري ڇڏيو انهن ڪان انتقام ۽ بدلو وٺڻ جي لاءِ ڪوشش نہ ڪيو اوهان جي بلند مقام جي لاءِ اهوئي مناسب آهي. رهيو انهن کي سندن ڪردار جو بدلو سو ڪين الله عزوجل پاڻ ڏيندو. يا مراد آهي تہ جيڪي مؤمن درگذر ڪندا انتقام نہ وٺندا، انهن کي سندن ان سهڻي

(١) الدرالمنثور صـ٤٢٣ جلد٨

ڪردار جو سھڻو بدلو الله عزوجل پاڻ ڏيندو" مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهٖ وَمَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ تُرْجَعُوْنَ" جنھن صالح عمل ڪيا پوءِ ان اھي پنھنجي لاءِ ڪيا ۽ جنھن برائي ڪئي پوءِ اھا ان تي آھي ان ڪان پوءِ اوھان پنھنجي رب ڏانھن موٽايا ويندؤ. مطلب تہ جنھن ماڻھوء الله جلت صفاته جي اطاعت ڪئي سٺا ۽ سھڻا عمل ڪيا تہ اھي پنھنجي سر لاءِ تو ڪري جو انھن جو ثواب ان کي ملندو ۽ جيڪو برايون ڪندو ۽ پنھنجي پروردگار جي بي فرماني ڪندو تہ ان جو گناھ ان تي ئي رھندو ۽ ان کي ئي سزا ملندي. اوھان سڀني جو الله تعالىٰ ڏانھن موٽڻ آھي ان جي بارگاھ ۾ پيش ٿيندؤ- پوءِ خبر پوندي.

فائدا- مذڪوره آيتن جي تفسير مان ھي فائدا بہ ذھن نشين ٿين ٿا! "سَخَّرَ لَكُمُ الْبَحْرَ" (اوھان جي لاءِ درياء مطيع ڪيائين) ۾ درياء جي مطيع ڪرڻ جو ھڪ مقصد اھو بہ آھي تہ الله عزوجل اوھان لاءِ اھڙا ذريعا پيدا ڪيا آھن جن سان اوھان درياء يا سمنڊ مان ڪئين قيمتي شيون ڪڍي سگھو ٿا جديد سائنس جي خيال سان سمنڊ ۾ ايتري قدر معدني ذخيرا آھن جو ايترا سڪيءَ زمين ۾ بہ ناھن. ٢- "يَغْفِرُوْا لِلَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ اَيَّامَ اللّٰهِ" (جيڪي الله جي ڏينھن جي اميد نٿا رکن انھن کي معاف ڪن)

ھن آيت جي متعلق بعض مفسرن جو قول آھي تہ ھيءَ آيت جھاد جي حڪم سان منسوخ ٿيل آھي پر گھڻن محقق مفسرن جو قول آھي تہ ھن آيت جو جھاد سان ڪو تعلق ناھي، ھيءَ تہ عام معاشري ۾ ٿورين ٿورين ڳالھين تي انتقام نہ وٺڻ جو درس آھي ان جي ڪري ان کي منسوخ قرار ڏيڻ درست ناھي." ١"

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ

۽ البت تحقيق ڏنو اسان بني اسرائيل کي ڪتاب ۽ حڪم ۽ نبوت ۽

وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ (١٦)

رزق ڏنو اسان انھن کي پاڪ شيون ۽ فضيلت ڏني اسان انھن کي جھانن تي

(١) معارف القرآن صہ٧٨٠ جلد٧

وَاٰتَيْنٰهُمْ بَيِّنٰتٍ مِّنَ الْاَمْرِ ۚ فَمَا اخْتَلَفُوْٓا اِلَّا

۽ ڏنا سون انهن کي روشن دليل امر مان پوءِ نہ اختلاف ڪيائون مگر

مِنْۢ بَعْدِ مَا جَاۗءَهُمُ الْعِلْمُ ۙ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ۭ

اِن ڪان پوءِ جو آيو انهن وٽ علم سبب ان بغاوت ڪرڻ جي پاڻ ۾

اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ

بيشڪ تنهنجو رب فيصلو ڪندو انهن ۾ قيامت جي ڏينهن ان ۾ جنهن ۾

يَخْتَلِفُوْنَ (١٧) ثُمَّ جَعَلْنٰكَ عَلٰي شَرِيْعَةٍ مِّنَ الْاَمْرِ

اختلاف ٿي ڪيائون ان ڪان پوءِ ڪيو اسان توکي شريعت تي امر مان

فَاتَّبِعْهَا وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَاۗءَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ (١٨)

پوءِ ان جي اتباع ڪر ۽ نہ تابعداري ڪر انهن جي سڌن جي جيڪي نہ ٿا ڄاڻن

اِنَّهُمْ لَنْ يُّغْنُوْا عَنْكَ مِنَ اللّٰهِ شَـيْــــًٔا ۭ وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ

بيشڪ اهي هرگز نہ دفع ڪندا توکان الله جي طرفان آيل ڪجهہ بہ ۽ بيشڪ ظالم

بَعْضُهُمْ اَوْلِيَاۗءُ بَعْضٍ ۚ وَاللّٰهُ وَلِيُّ الْمُتَّقِيْنَ (١٩)

هڪڙا انهن مان دوست آهن ٻين جا ۽ الله دوست آهي پرهيزگارن جو

هٰذَا بَصَاۗىِٕرُ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ (٢٠)

هي چٽا دليل آهن ماڻهن جي لاءِ ۽ هدايت ۽ رحمت ان قوم جي لاءِ جيڪي يقين رکن ٿا

تفسير

اڳين٘ءَ آيت ۾ بيان ٿيو تہ جنھن صالح عمل ڪيا ان پنھنجي لاءِ ڪيا ۽ جنھن برائيءَ ڪئي اھا ان تي پوندي ۽ ھتي اھڙي قوم جو بيان ٿي رھيو آھي جن الله عزوجل جي نعمتن جي بي قدري ڪري برائي ڪئي.

فرمان مبارڪ آھي: "وَلَقَدْ اٰتَيْنَا بَنِيٓ اِسْرَآئِيْلَ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ" ۽ البت تحقيق اسان بني اسرائيل کي ڪتاب ۽ حڪم ۽ نبوت ڏني ۽ انھن کي پاڪ شين مان رزق ڏنوسون ۽ اسان انھن کي جھانن تي فضيلت ڏني. ڪتاب مان مراد توراة ۽ حڪم مان مراد، نظريه، عملي حڪمت ۽ دين جو فقه يا ماڻھن جي اختلافن جا فيصلا ڪرڻ آھن، جڏھن انھن کي بادشاھ ھجي." ١ "نبوة تہ معروف شيءِ آھي. مطلب تہ اسان انھن ۾ توراة جھڙو عظيم ڪتاب عطا فرمايو ۽ ڪين حڪومت بہ ڏني تانت اھي اللهي احڪام کي جاري ڪري سگھن ۽ خداوندي ارشاد جي مطابق پنھنجن مقدمن جو فيصلو ڪري سگھن يا مراد آھي تہ اسان انھن کي عطا ڪيل ڪتاب جو فھم ۽ ان جي مطلب جو ادراڪ بہ عطا ڪيو ھو تانت ان جي اسرار ۽ معارف کي سمجھن. ھي ھيون انھن کي عطا ڪيل ديني نعمتون ۽ انھن کي دنيوي نعمتون بہ عطا ڪيون ويون ھيون جن مان ھڪ پاڪيزه رزق ۽ روزي بہ آھي جيستائين اھي "تيه" نالي ميدان ۾ رھيا تہ ڪين "مَنَّ" ۽ "سَلْوىٰ" لاھي ڪارايو ويو ۽ جڏھن شام ملڪ ۽ فلسطين ۾ سندن حڪومت قائم ٿي تہ اتي جي سرسبز ۽ شاداب زمين ڪين مالا مال ڪري ڇڏيو. ۽ ان وقت جي سيني جھانن کان ڪين پلو بنايو ويو. "وَاٰتَيْنٰهُمْ بَيِّنٰتٍ مِّنَ الْاَمْرِ" ۽ اسان انھن کي امر جا روشن دليل ڏنا. "الامر" مان مراد نبي پاڪ عليه الصلوٰة جن جو امر آھي يعني اسان بني اسرائيل کي نبي ڪريم عليه الصلوٰة جن جي متعلق پوري معلومات ڏني، روشن ڳالھيون ۽ دلائل ٻڌايا تہ "تھامه کان ھجرت ڪري يثرب ڏانھن ايندو، ۽ يثرب وارا ان جا انصار، مددگار بنجندا. ۽ ھڪ قول آھي تہ "بَيِّنٰتٍ مِّنَ الْاَمْرِ" مان حلال ۽ حرام جي متعلق واضح شريعت ۽ معجزا مراد آھن." ٢ "فَمَا اخْتَلَفُوْٓا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ" پوءِ نہ اختلاف ڪيائون مگر ان کان پوءِ جو

(١) تنويرالاذھان ص٤٦ جلد ٤ (٢) القرطبي ص ١٦٣ جلد ١٦

انهن وٽ علم آيو. هتي "اَلْعِلْمُ" مان مراد حضرت يوشع بن نون علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام آهي جڏهن اهو تشريف فرما ٿيو تہ هڪڙن ان تي ايمان آندو ٻين ان جو انڪار ڪيو. ۽ هڪ قول آهي تہ العلم مان مراد نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن جي نبوت آهي ان ۾ انهن اختلاف ڪيو. ڪي سچو پيا چون تہ ڪي تصديق نہ پيا ڪن "بَغْيًاۢ بَيْنَهُمْ" پاڻ ۾ بغاوت ڪرڻ جي ڪري. هن مان ٻہ مرادون آهن. ١- تہ انهن نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جن سان حسد ڪيو ان جي ڪري انهن ۾ اختلاف رهيو. ٢- تہ برتري ۽ بادشاهيءَ جي طلب ۾ هڪ ٻئي سان اختلاف ڪيائون ۽ الله جل مجده جي نبين عليهم الصلواة والسلام کي شهيد ڪيائون "اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِىْ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ" بلاشڪ تنهنجو رب انهن ۾ قيامت جي ڏينهن انهن ڳالهين جو فيصلو ڪرڻ فرمائيندو جن ۾ اختلاف ڪندا هئا. يعني دنيا ۾ رهڻ وقت جن معاملن ۾ سندن اختلاف هئا. الله جل شانہ قيامت جي ڏينهن سندن انهن معاملن جا فيصلا ڪرڻ فرمائيندو. "١" "ثُمَّ جَعَلْنٰكَ عَلٰى شَرِيْعَةٍ مِّنَ الْاَمْرِ فَاتَّبِعْهَا وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ" ان ڪان پوءِ اسان توکي امر مان شريعت تي ڪيو آهي پوءِ ان جي تابعداري ڪر ۽ انهن جي خواهش جي تابعداري نہ ڪر جيڪي نٿا ڄاڻن. لغت ۾ شريعت نهر يا درياء جي ان جاءِ کي چوندا آهن جتي ويهي ماڻهو آسانيءَ سان پاڻي پيئندا آهن، غسل وغيره ڪندا آهن اهڙي طرح اهو رستو جيڪو منزل جي طرف وڃي هلي ان کي شارع چوندا آهن هتي شريعت مان مراد اهي عقائد، اعمال ۽ معاملات آهن جيڪي الله عز و جل پنهنجن ٻانهن لاءِ مقرر ڪيا آهن جن جي پائبنديءَ سان اهي الله جا شڪر گذار ٻانها سڏيا ويندا آهن ۽ انهن جو وجود سندن لاءِ ۽ ساري معاشري جي لاءِ برڪت جو باعث بڻجندو آهي. مطلب هي آهي تہ اي محبوب ڪريم! عليہ الصلوٰة والسلام اسان اوهان کي دين جي معاملي ۾ هڪ واضح شريعت عطا ڪئي آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو نقص ناهي، ديني دنيوي سڀني ضرورتن کي پورو ڪرڻ واري آهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ وارو هڪ فرد هجي يا پوري امت دارين جي فلاح جي شرف سان مشرف ٿيندا. "٢" جاهلن، بي علم، فاسقن ۽ فاجرن جي خواهشتات جي

(١) القرطبي صہ ١٦٣ جلد ١٦ (٢) ضياءُ القرآن صہ ٤٥٥ جلد ٤

اتباع نہ ڪريو ۽ نہ انهن جي چوڻ تي هلي شريعت جي خلاف ورزي ڪيو "اِنَّهُمْ لَنْ يُّغْنُوْا عَنْكَ مِنَ اللّٰهِ شَيْـئًا" بلاشڪ اهي الله جي طرفان آيل عذاب کي اوهان تان ڪجهہ بہ دفع نہ ڪندا. يعني اهي اوهان کي تنگ ۽ پريشان ان جي ڪري ڪن ٿا تہ اوهان تنگ ٿي دين جي دعوت بند ڪري ڇڏيو سو اوهان کان اهو ممڪن تہ ناهي پر بفرض محال جيڪڏهن اوهان ائين ڪيو تہ اهي اوهان کي الله عز وجل جي مقابلي ۾ ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندا ۽ نہ اوهان تان ڪا تڪليف دفع ڪري سگهندا. ان جي ڪري انهن جي ڪابہ اتباع نہ ڪرڻ فرمايو" ١" "وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ وَاللّٰهُ وَلِيُّ الْمُتَّقِيْنَ" ۽ بيشڪ ظالم انهن مان هڪڙا ٻين جا دوست آهن ۽ الله متقين جو دوست آهي. مطلب تہ انهن جاهلن جي خواهشات جي اتباع اهو ڪندو جيڪو انهن جهڙو هوندو. ظالم ظالمن جا دوست هوندا آهن ۽ الله عزوجل پنهنجن تقوىٰ وارن ٻانهن جو دوست آهي جيڪي ان کان ڊڄندڙ، پرهيزگار شريعت تي عمل ڪندڙ هوندا آهن ۽ اوهان انهن جا اڳواڻ آهيو. "هٰذَا بَصَآئِرُ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ" هي ماڻهن جي لاءِ بصيرت افروز ڳالهيون آهن ۽ ان قوم جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي، جيڪي يقين رکن ٿا. مطلب تہ هي قرآن ڪريم انهن سڀني ماڻهن جي لاءِ بصيرت آهي جيڪي ان مان فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ يقين رکڻ واري قوم جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي. ان جي ارشادات تي عمل ڪرڻ وارو ڪڏهن بہ سڌي واٽ کان نہ ٿڙندو.

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا: ١- آيت عـ١٦ جي تفسير ۾ بعض مفسرن آندو آهي تہ هتي "اَلْكِتٰبَ" "اَلْحُكْمَ" ۽ "اَلنُّبُوَّةَ" مان مراد انهن جي جنس آهي يعني اسان بني اسرائيل کي آسماني ڪتاب توراة، انجيل، زبور ڏنا ۽ انهن کي بادشاهي عطا ڪئي ۽ انهن ۾ انهن مان نبي سڀورا علىٰ نبينا وعليهم الصلوة والسلام موڪليا، خيال ۾ رهي تہ حضرت اسحاق علىٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام کان پوءِ سڀ پيغمبر سڀورا علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام بني اسرائيل مان آيا صرف اسان جا حبيب ڪريم عليه الصلوة والسلام جن حضرت اسماعيل عليه السلام جي اولاد مان تشريف فرما ٿيا سڀ تارا اسرائيلي آسمان تي

(١) بيان القرآن مع معارف القرآن صـ٧٨٢ جلد٧ (٢) نورالعرفان صـ٧٩٧

چمڪيا ۽ نبوت جو سج اسماعيلي آسمان تي جلوه گر ٿيو. "٢" "عَلٰى شَرِيْعَةٍ" (شريعت تي) مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل کي راضي ڪرڻ ۽ ان جي مقرب بڻجڻ جو رستو شريعت آهي. ان کان سواءِ ڪابہ ڳالهہ نہ ولي بنائيندي نہ مقرب هجڻ جو شرف بخشيندي، مسلمانن کي قرآن پاڪ جو هي ارشاد ذهن ۾ وهارڻ ضروري آهي.

اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ اجْتَرَحُوا السَّيِّاٰتِ اَنْ نَّجْعَلَهُمْ كَالَّذِيْنَ

ڇا ڀانيو انهن جن ڪيون برايون تہ ڪنداسون اسين انهن کي انهن وانگر جن

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَوَآءً مَّحْيَاهُمْ وَمَمَاتُهُمْ سَآءَ

ايمان آندو ۽ ڪيائون صالح عمل برابر آهي جيئڻ انهن جو ۽ مرڻ انهن جو برو آهي

مَا يَحْكُمُوْنَ (٢١) وَخَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ٢٠٤

جيڪو فيصلو ڪن ٿا ۽ پيدا ڪيو الله آسمانن کي ۽ زمين کي حق سان ۽

وَلِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍ بِمَا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ (٢٢)

تانت بدلو ڏنو وڃي هر نفس ان سان جيڪي ڪمايائين ۽ اهي نہ ظلم ڪيا ويندا

اَفَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ وَاَضَلَّهُ اللّٰهُ

ڇا پوءِ ڏٺو تو ان کي جنهن بنايو معبود پنهنجو پنهنجي خواهش کي ۽ گمراهہ ڪيو ان کي الله

عَلٰى عِلْمٍ وَّخَتَمَ عَلٰى سَمْعِهٖ وَقَلْبِهٖ وَجَعَلَ عَلٰى

علم هوندي ۽ مهر هنيائين ان جي ڪنن تي ۽ ان جي دل تي ۽ ڪيائين ان جي

بَصَرِهٖ غِشٰوَةً فَمَنْ يَّهْدِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ اللّٰهِ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ (٢٣)

اکين تي پردو پوءِ ڪير هدايت ڪندو ان کي، الله کان پوءِ ڇا پوءِ نصيحت نٿا وٺو؟

تفسير.

اڳينءَ آيت ۾ واضح ڪيو ويو تہ ظالم ظالمن جا دوست آهن ۽ الله متقين جو دوست آهي ۽ هتي ٻڌايو وڃي ٿو تہ اهي برابر ناهن. فرمان مبارڪ آهي "اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ اجْتَرَحُوا السَّيِّاٰتِ اَنْ نَّجْعَلَهُمْ كَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ سَوَآءً مَّحْيَاهُمْ وَمَمَاتُهُمْ ۭ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ" ڇا جن برايون ڪيون پائنٿ ٿا تہ انهن کي انهن وانگر ڪنداسون جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا انهن جو مرڻ ۽ جيئڻ برابر آهي، برو آهي جيڪو فيصلو ڪن ٿا. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ مشرڪ عرب قيامت تي ايمان نہ رکندا هئا سندن زندگيءَ جو مقصد هي هوندو هو تہ اهي عيش، عشرت سان هيءَ حياتي گذارين هن معاشري ۾ ماڻهو ڪين احترام جي نظر سان ڏسن (جيئن موجوده دور جا وڏيرا سوچيندا آهن) تہ اهو ڪوڙ آهي جڏهن اسلام انهن جي اڳيان قيامت ۾ ٿيڻ وارو حساب بيان ڪيو تہ انهن ۾ جيڪي سرڪش هئا اهي ڪليءَ طرح چوڻ لڳا تہ اول تہ قيامت قائم نہ ٿيندي ان جو قائم ٿيڻ عقل جي خلاف ۽ محال آهي پر جيڪڏهن بفرضِ محال اها قائم ٿي تہ بہ اهوئي الله جل شانه اتي هوندو جيڪو هتي آهي، جڏهن ان هتي اسان کي قسمين قسمين نعتمن سان نوازيو آهي تہ اهو اتي بہ اسان تي فضل فرمائيندو، انهن جي ان غلط فهميءَ کي هتي دور ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ اجْتَرَحُوا السَّيِّاٰتِ اَنْ نَّجْعَلَهُمْ كَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ سَوَآءً مَّحْيَاهُمْ وَمَمَاتُهُمْ ۭ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ" ڇا جن برايون ڪيون انهن کي انهن جهڙو ڪنداسون جن ايمان آندو ۽ صالح اعمال ڪيا انهن جو مرڻ ۽ انهن جو جيئڻ هڪ جهڙو آهي جيڪو فيصلو ڪن ٿا اهو برو آهي. يعني بدڪار ۽ نيڪوڪار هڪ جهڙا نہ رکيا ويندا. نہ هرگز نہ ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيندو اطاعت ڪندڙن ۽ فرمانبردارن کي جنت الفردوس ۾ سهڻا مقام ملندا ۽ مشرڪن ۽ ڪافرن کي جهنم ۾ داخل ڪيو ويندو. انهن ڪافرن جو مرڻ ۽ جيئڻ برابر آهي." ١ " يعني جيئن ڪافر دنيا ۾ ذليل، رسوا، خوار ۽ اخلاقي پستيءَ ۾ آهن تيئن مرڻ کان پوءِ بہ الله جي لعنت ۽ هميشہ رهندڙ عذاب ۾ هوندا. دنيوي ظاهري عيش ۽ آرام کي اخروي عيش ۽ آرام جو دليل بنائڻ نهايت برو فيصلو

(١) القرطبي ص ١٦٥ جلد ١٦

آهي. "١" "وَخَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ" ۽ الله آسمانن ۽ زمين کي حق سان پيدا فرمايو آهي. يعني الله عزوجل آسمانن ۽ زمين کي ظلم ۽ ناحق ڪرڻ جي لاءِ پيدا نہ فرمايو آهي پر عدل ۽ انصاف، حق ۽ سچ کي قائم رکڻ جي لاءِ وجود ڏنو آهي ۽ عدل جي تقاضا آهي تہ نيڪوڪار ۽ بدڪار هڪ جهڙا نہ رکيا وڃن، دنيا توڙي آخرت ۾ انهن جا مقام مختلف رهندا "وَلِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۢ بِمَا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ" ۽ تانت هر نفس ان جو بدلو ڏنو وڃي جيڪي ڪمايائين ۽ اهي ظلم نہ ڪيا ويندا. يعني هر عمل ڪندڙ جو جهڙو عمل هوندو اهڙو ان کي بدلو ڏنو ويندو ۽ انهن سان ظلم نہ ڪيو ويندو ان جي ڪري نيڪوڪار جو ثواب نہ گهٽايو ويندو ۽ بدڪار کان سندس براين جو حساب چُڪايو ويندو. "اَفَرَاَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰهُ وَاَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰى عِلْمٍ وَّخَتَمَ عَلٰى سَمْعِهٖ وَقَلْبِهٖ وَجَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةً" ڇا اوهان ان کي ڏٺو جنهن پنهنجي خواهش کي پنهنجو معبود بنايو ۽ ان کي علم هوندي الله گمراهہ ڪيو ۽ ان جي ڪنن ۽ دل تي الله مهر هنئي ۽ ان جي اکين تي پردو ڪري ڇڏيائين. مطلب تہ اوهان ان ڏانهن تہ نهاريو جنهن پنهنجي نفساني خواهشات جي پيروي ۽ کي ايتري اهميت ڏني آهي جو چڻ تہ اهي ان جو معبود آهن جيڪو سندس نفس گهري اهو ڪري ٿو ۽ جيڪو سندس نفس نٿو گهري اهو نٿو ڪري. ان کي علم هوندي الله گمراهہ ڪيو، جو مطلب آهي تہ الله عزوجل کي اول ئي اهو علم آهي تہ هي شخص صرف پنهنجي نفساني خواهشات جي پيروي ڪندو، يا مطلب آهي تہ اهو علم ۽ ڄاڻ هوندي تہ هدايت ڇا آهي، گمراهہ ٿئي ٿو. "٢" "فَمَنْ يَّهْدِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ اللّٰهِ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ" پوءِ الله کان بعد ان کي ڪير هدايت ڪندو ڇا پوءِ نصيحت نٿا وٺو. "مِنْۢ بَعْدِ اللّٰهِ" جي معنیٰ "من بعد ما اضله الله" "٣" يعني ان کان پوءِ جو ان کي الله گمراهہ ڪيو. مطلب تہ جنهن ماڻهو جو اهو حال آهي جيڪو بيان ٿي چڪو ان کي ڪير بہ هدايت نہ ڪندو.

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا! آيت عـ ٢١- مان واضح ٿيو تہ پلا عمل ۽ برا عمل برابر نہ آهن ۽ ڪافر، فاسق ۽ فاجر مؤمن متقي، صالح جهڙا نہ آهن، مؤمن ۽ ڪافر زندگيءَ ۾ بہ مختلف آهن، جيڪو مؤمن پنهنجي

(١) ضياءالقرآن صـ٣٥٨ جلد٤ (٢) خازن صـ ١٢٠ جلد (٣) المراغي صـ١٥٤ جزء ٢٥ جلد ٩

صورت ۽ سيرت ڪافرن جهڙي بنائي اهو بيوقوف آهي، پاڻ کي هلاڪ ۽ برباد ڪري رهيو آهي، مؤمن کي مشرڪ کان ممتاز هجڻ گهرجي، مؤمن جي زندگي رب جي اطاعت ۾ ڪافر جي بي فرمانيءَ ۾ گذرندي آهي، ڪافر جو موت ندامت تي هوندو آهي، مؤمن جو موت بشارت ۽ ڪرامت تي ٿيندو آهي، ڪافر جو حشر شيطان سان ٿيندو ته مؤمن جو انشاءالله تعالیٰ ايمان تي حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن سان ٿيندو. ڪافر قيامت ۾ ذليل ٿيندو، مؤمن عزت سان بهشت ۾ داخل ٿيندو. ٢- "وَخَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ" (۽ الله آسمان ۽ زمين حق سان پيدا فرمايا) هن مان معلوم ٿيو ته اهي سڀ پيدا ڪيل ته الله عزوجل جا آهن پر هڪ جهڙا ناهن، زمين جا سڀ طبقا برابر ناهن، آسمان زمين برابر ناهن، بلڪ آسمان جا به سڀ حصا برابر ناهن عام زمين جو حال جدا آهي ته بيت الله شريف واري زمين جو شان جدا آهي، پائخاني جي زمين کان مسجد واري زمين جو شان وڏو آهي، جڏهن زمين ۽ آسمان برابر ناهن ته مؤمن ۽ ڪافر ڪيئن برابر ٿيندا؟ ان مان اهي ماڻهو عبرت وٺن جيڪي نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن ۽ عام ماڻهن کي برابر سمجهندا ۽ چوندا آهن.

وَقَالُوْا مَا هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَنَحْيَا وَمَا

۽ چيائون ته ناهي اها مگر اسان جي حياتي دنيوي مرون ٿا ۽ زنده رهون ٿا ۽

يُهْلِكُنَآ اِلَّا الدَّهْرُ ۚ وَمَا لَهُمْ بِذٰلِكَ مِنْ عِلْمٍ ۚ

نٿو هلاڪ ڪري اسان کي مگر زمانو ۽ ناهي انهن کي ان جو ڪو علم

اِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ (٢٤) وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا

ناهن اهي مگر گمان ڪن ٿا ۽ جڏهن پڙهيون وڃن ٿيون انهن تي اسان جون آيتون

بَيِّنٰتٍ مَّا كَانَ حُجَّتَهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوا ائْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ

روشن ۽ تہ نہ هئي حجت انهن جي مگر هي جو چيائون تہ آڻيو اسان جا ابا ڏاڏا

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ (٢٥) قُلِ اللّٰهُ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ

جيڪڏهن آهيو سچا فرماءِ تہ الله جيئرو ڪيو اوهان کي ان کان بعد ماريندو اوهان کي

ثُمَّ يَجْمَعُكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَارَيْبَ فِيْهِ

ان کان پوءِ گڏ ڪندو اوهان کي قيامت جي ڏينهن جو ناهي ڪو شڪ ان ۾

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ع (٢٦) ٣ع٥ ١٩

۽ پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي ان ڪفر جو بيان هو تہ انهن پنهنجين نفساني خواهشن کي پنهنجو معبود بنايو آهي ۽ هتي انهن جي ڪفر جي ٻئي قسم کي بيان ڪيو وڃي ٿو تہ اهي قبر مان اٿڻ جا بہ انڪاري آهن. فرمان ايزدي آهي "وَقَالُوْا مَاهِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَنَحْيَا وَمَا يُهْلِكُنَا اِلَّا الدَّهْرُ" ۽ چون ٿا تہ ناهي اها مگر اسان جي دنيوي حياتي مرون پيا ۽ زنده رهون پيا ۽ اسان کي نٿو هلاڪ ڪري مگر زمانو. يعني عرب جي ڪافرن جي ذهنيت اتي پهتي هئي جو اهي نہ صرف قيامت ۽ مرڻ کان پوءِ زنده ٿيڻ جا منڪر هئا بلڪ اهي الله عز و جل جي ان مقدس هستي جا بہ منڪر هئا جيڪو هن ساري جهان جو خالق آهي ۽ ان ۾ واقع ٿيندڙ واقعات، تغيرات ۽ احوال جو حقيقي پيدا ڪندڙ آهي، حياتي ۽ موت، فتح ۽ شڪست، عروج ۽ زوال ان جي قدرتي قبضي ۾ آهي انهن جو نظريو هو تہ زمانو ئي حقيقي مؤثر آهي، ڏک ۽ سک، خوشبختي ۽ بدبختي، ڪاميابي ۽ ناڪامي، صحت ۽ بيماري، بهار ۽ خزان سڀني جو تعلق فلڪ الافلاڪ جي گردش سان آهي جڏهن اهي ڪائنات جي پيدا

ڪندڙ جا ئي منڪر هئا تہ انهن جو رسالت، قيامت ۽ وحي جي نزول تي ايمان ڪيئن هوندو؟ مطلب تہ مشرڪن مذڪور ڪفريه عقيدو بيان ڪيو هو. "وَمَا لَهُمْ بِذَٰلِكَ مِنْ عِلْمٍ ۖ إِنْ هُمْ إِلَّا يَظُنُّونَ" ۽ انهن کي ان جو ڪو علم ناهي اهي تہ صرف گمان ڪن ٿا. يعني مرڻ کان بعد اٿڻ ۽ ڪائنات جي خالق جي وجود جي باطل هجڻ جي لاءِ انهن وٽ ڪو صحيح ثبوت، علم ۽ ڄاڻ ناهي اهي صرف گمان جا تابع آهن "وَإِذَا تُتْلَىٰ عَلَيْهِمْ آيَاتُنَا بَيِّنَاتٍ مَّا كَانَ حُجَّتَهُمْ إِلَّا أَن قَالُوا ائْتُوا بِآبَائِنَا إِن كُنتُمْ صَادِقِينَ" ۽ جڏهن انهن تي اسان جون روشن آيتون تلاوت ڪيون وڃن ٿيون تہ انهن جي حجت نہ هئي مگر جو چيائون تہ جيڪڏهن سچا آهيو تہ اسان جا ابا ڏاڏا آڻيو- يعني مشرڪن جي اڳيان قيامت جي وقوع جي ضروري هجڻ ۽ عين حڪمت جي لاءِ اهڙا دلائل ۽ روشن حجتون بيان ڪجن ٿيون جن کي رد ڪري نٿا سگهن. پر پوءِ بہ انڪار ڪن ٿا حالانڪ ڪين ڪوبہ دليل ڪونہ ٿو ملي بس اهو چون ٿا تہ جيڪڏهن اوهان جيئرو ٿي قبرن مان اٿڻ واري عقيدي ۾ سچا آهيو تہ اسان جي ابن ڏاڏن کي هاڻي جو هاڻي جيئرو ڪري آڻيو. حالانڪ مسلمانن جي دعویٰ مئلن کي قيامت جي ڏينهن جيئرو ڪري اٿارڻ جي آهي. "قُلِ اللَّهُ يُحْيِيكُمْ ثُمَّ يُمِيتُكُمْ ثُمَّ يَجْمَعُكُمْ إِلَىٰ يَوْمِ الْقِيَامَةِ لَا رَيْبَ فِيهِ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُونَ ع" فرماءِ تہ الله اوهان کي جيئرو ڪري ٿو ان کان پوءِ اوهان کي ماري ٿو ان کان پوءِ اوهان کي قيامت جي ڏينهن گڏ ڪندو جنهن ۾ ڪوبہ شڪ ناهي ۽ پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن. مشرڪن جي سمورن عقيدن جي ترديد ڪئي ٿي وڃي. انهن کي ٻڌايو ويو آهي تہ جنهن زماني يا فلڪ الا فلاڪ کي اوهان حقيقي مؤثر قرار ڏنو آهي اهو خود مخلوق ۽ محتاج آهي ان جي صبح ۽ شام ان جي بهار ۽ ٻيون موسمون ان جي خالق جي اشاري تي هلن ٿيون ان ۾ نہ شعور آهي نہ ادراڪ، نہ قدرت نہ اختيار اهو ڇا ٿو ڪري سگهي اوهان کي زمانو نہ پر زماني جو خالق ۽ مالڪ جيئرو ڪري ٿو ان کان بعد اوهان کي ماري وري قيامت جي ڏينهن اٿاريندو ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي، ناواقف ۽ بي علم ماڻهو ئي ان جو انڪار ڪندا.

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ وهن ٿا: ١- "وَمَا يُهْلِكُنَا

اِلَّاالدَّهْرُ (۽ نٿو هلاڪ ڪري اسان کي مگر زمانو) هن مان معلوم ٿيو تہ مشرڪ ۽ ڪافر زماني جي گردش کي ئي ساري ڪائنات ۽ ان جي سموري حالات جي علت قرار ڏيندا هئا ۽ ان ڏانهن ئي منسوب ڪندا هئا. جيئن هن آيت ۾ ذڪر ڪيل آهي حالانڪ هي سڀ ڪم الله جل وعلا جي قدرت ۽ ارادي سان ٿين.ٿا ان جي ڪري صحيح حديثن ۾ دهر (زماني) کي برو چوڻ جي منع آيل آهي ڇوتہ ڪافر جنهن قوت کي دهر جي لفظ سان ذڪر ڪندا هئا حقيقت ۾ اها قوت ۽ قدرت الله جل جلالہ جي آهي. "١" احمد، بخاري، مسلم، ابوداؤد،نسائي، ابن جرير ۽ ابن مرودیہ حضرت ابوهريرة رضي الله عنہ ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ "الله فرمائي ٿو تہ "يُؤْذِيْنِيْ اِبن آدم يسبّ الدَّهْرَ وَاَنَاالدَّهْر بِيَدِىَ الامرَ اقلِبَ اللَّيلُ والنَّهار." ٢ "انسان مون کي ايذائي ٿو زماني کي گاريون ڏي ٿو حالاڪ زمانو (ان ۾ تصرف ڪندڙ) مان آهيان، منهنجي هٿ ۾ امر آهي مان ئي رات ۽ ڏينهن کي ڦيرايان ٿو. مطلب هي آهي تہ هي جاهل جنهن ڪم کي دهر (زماني) جو ڪم سڏين ٿا اهو درحقيقت الله جل شانہ جي قوت ۽ قدرت جو ڪم آهي، زمانو ڪا شيءِ ناهي. ان ۾ اهو لازم ناهي تہ دهر الله عزوجل جي نالن مان هڪ نالو آهي، ڇوتہ هتي الله عزوجل کي دهر مجازًا سڏيو ويو آهي."٣"

٢- "وَمَالَهُمْ بِذَالِكَ مِنْ عِلْمٍ" (۽ انهن کي ان جو ڪو علم ناهي) مان معلوم ٿيو تہ دهرين ڪافرن جو اهو عقيدو ڪنهن نبوي تعليم تي ٻڌل ڪيل نہ هو ۽ نہ آهي اهي صرف سندن خام خيال ۽ گمان آهن.

وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ

۽ الله جي آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ جنهن ڏينهن قائم ٿيندي قيامت

يَوْمَئِذٍ يَّخْسَرُ الْمُبْطِلُوْنَ (٢٧) وَتَرٰى كُلَّ اُمَّةٍ جَاثِيَةً ۫ كُلُّ اُمَّةٍ

ان ڏينهن نقصان ۾ پوندا باطل وارا ۽ ڏسندين تون هر امت کي گوڏن ڀر ويٺل هر امت

(١) معارف القرآن صـ٨٨٨ جلد ٧ (٢) الدرالمنثور صـ٤٢٧ جلد ٨ (٣)

تُدْعَىٰٓ اِلٰى كِتٰبِهَا ۗ اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ (٢٨)

سڏي ويندي پنهنجي ڪتاب ڏانهن اڄ بدلو ڏنا ويندؤ اوهان ان جو جيڪي ڪندا هيئو

هٰذَا كِتٰبُنَا يَنْطِقُ عَلَيْكُمْ بِالْحَقِّ ۗ اِنَّا كُنَّا نَسْتَنْسِخُ

هي اسان جو ڪتاب آهي بيان ٿو ڪري، اوهان تي حق بيشڪ اسين لکندا هئاسون

مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ (٢٩)

جيڪي اوهان ڪندا هيئو

تفسير

اڳين آيتن ۾ ثابت ڪيو ويو تہ جيئن الله عزوجل پنهنجي مخلوق کي پهريون وجود ڏيڻ تي قادر هو تيئن انهن کي وري زنده ڪرڻ تي بہ قادر آهي ۽ هتي ان جو ٻيو دليل پيش ڪندي بيان ٿي رهيو آهي. "وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" ۽ الله جي آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي آهي. يعني الله جل شانه علوي، سفلي جهانن جو مالڪ آهي، انهن ۾ ان جو حڪم جاري آهي ڪافرن جي باطل معبودن بتن وغيره جو حڪم هلندڙ ناهي "وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يَوْمَئِذٍ يَّخْسَرُ الْمُبْطِلُوْنَ" ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي ان ڏينهن باطل پرست نقصان ۾ ويندا يعني باطل پرستن، ڪافرن جو نقصان ۾ هجڻ ان ڏينهن ڪلي طرح سامهون ايندو جنهن ڏينهن ماڻهو قبرن مان اٿاري رب العزة جلت صفاته جي بارگاهہ ۾ حساب جي لاءِ پيش ڪيا ويندا، ابدي عذاب جي لاءِ جهنم ۾ داخل ڪيا ويندا. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ حياتي، صحت ۽ عقل ڇڻ تہ اصل مال آهن ۽ انهن ۾ اخروي سعادت جي طلب لاءِ تصرف ڪرڻ کي هڪ تجارت قرار ڏنو ويو آهي جنهن سان مال مان ڪمائي طلب ڪئي ويندي آهي. ڪافر انهن کي گناهن ۾ استعمال ڪري نقصان حاصل ڪيو جنهن کي قيامت جي ڏينهن اکين سان ڏسندا. "وَتَرٰى كُلَّ اُمَّةٍ جَاثِيَةً" ۽ هر امت کي گوڏن ڀر ڪريل ڏسندؤ. يعني حساب جي شدت ۽ سخت پڇاڻي جي ڏپ کان ماڻهو

ايتـرا ڏنل ۽ پريشـان هوندا جو انهن لاءِ سـڏو بيـهڻ مـشـڪل هوندو، وڏا وڏا سرڪش ماڻهو گوڏن ڀر ڪريل هوندا. "كُلُّ اُمَّةٍ تُدْعٰى اِلٰى كِتٰبِهَا" هر امت پنهنجي ڪتاب ڏانهن سڏي ويندي. هتي ڪتاب مان مراد هڪ اهو الله عزوجل جو نازل ڪيل ڪتاب آهي جيڪو هر امت جي نبي علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام تي نازل ٿيو هوندو. ۽ ٻيو انهن جي عملن وارو دفتر آهي جيڪو انهن تي ويٺلن ملائڪن لکيو هو. هر امت کي سڏي ٻنهي ڪتابن کي پيٽيو ويندو ۽ ڏٺو ويندو ته ڪنهن جا اعمال الله جل جلاله جي ڪتاب ۾ آيل احڪام جي موافق آهن جنهن جا اعمال ان سان موافق ٿيندا اهو جنتي بنجندو، جنهن جا نه ٿيندا اهو جهنمي هوندو. "اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ مَاكُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" اڄ ان عمل جو بدلو ڏنا ويندؤ جيڪو ڪندا هيئو. مطلب ته انهن کي بارگاه ايزدي ۾ پيش ٿيڻ لاءِ سڏڻ وقت چيو ويندو ته اڄ اوهان کي اوهان جي اعمال جي مطابق جزا يا سزا ملندي. "هٰذَا كِتٰبُنَا يَنْطِقُ عَلَيْكُمْ بِالْحَقِّ" هي اسان جو ڪتاب آهي جيڪو اوهان جي مٿان حق بيان ڪري رهيو آهي. يعني اسان جي طرفان تيار ڪرايل هي دفتر جيڪو اوهان تي ويٺلن ملائڪن لکيو آهي، سراسر حق ۽ انصاف بيان ڪري ٿو ان ۾ نه گهٽتائي آهي نه واڌارو آهي. "اِنَّا كُنَّا نَسْتَنْسِخُ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" اسين اهو لکندا هئاسون جيڪو اوهان ڪندا هيئو. يعني اسان ملائڪن کي اوهان جي ڪيلن عملن جي لکڻ لاءِ امر ڪيو هو جن اوهان جا اعمال لکي پيش ڪيا آهن." ١"

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا ١- "وَتَرٰى كُلَّ اُمَّةٍ جَاثِيَةً" (۽ هر امت کي گوڏن ڀر ڪريل ڏسندين) مان معلوم ٿيو ته قيامت جي ڏينهن حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جن دهشت ۽ خوف ۾ نه هوندا پاڻ ٻين جي حال جو مشاهدو فرمائيندا. پاڻ سجدي ۾ ويندا ۽ شفاعت ڪرڻ فرمائيندا. ٢- "كُلُّ اُمَّةٍ تُدْعٰى اِلٰى كِتٰبِهَا" (هر امت پنهنجي اعمالنامي ڏانهن سڏي ويندي) هن مان معلوم ٿيو ته ان ڏينهن اڻ پڙهيل ڪير نه هوندو سڀني جي زبان عربي هوندي ڇو ته اعمالنا به عربيءَ ۾ هوندا." ٢"

(١) المراغي صـ١٦٣ جزء ٢٥ جلد ٩ (٢) نورالعرفان صـ٧٩٩

فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُدْخِلُهُمْ رَبُّهُمْ

پوءِ پر جن ايمان آندو ۽ ڪيائون صالح عمل پوءِ داخل ڪندو انهن کي سندن رب

فِيْ رَحْمَتِهٖ ؕ ذٰلِكَ هُوَالْفَوْزُالْمُبِيْنُ (٣٠) وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۫ قف

پنهنجي رحمت ۾ اهائي ڪاميابي چٽي آهي ۽ پر جن ڪفر ڪيو

اَفَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَاسْتَكْبَرْتُمْ

ڇا پوءِ نہ هيون منهنجون آيتون جو پڙهيون ويون ٿي اوهان تي پوءِ تڪبر ڪيو اوهان

وَكُنْتُمْ قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ (٣١) وَاِذَا قِيْلَ اِنَّ وَعْدَاللّٰهِ

۽ هيئو اوهان قوم گنهگار ۽ جڏهن چيو ٿي ويو تہ بيشڪ الله جو وعدو

حَقٌّ وَّالسَّاعَةُ لَارَيْبَ فِيْهَا قُلْتُمْ مَّانَدْرِيْ

حق آهي ۽ قيامت ناهي ڪو شڪ ان ۾ تہ چيو اوهان نٿا ڄاڻون اسين تہ

مَاالسَّاعَةُ اِنْ نَّظُنُّ اِلَّاظَنًّا وَّمَا نَحْنُ بِمُسْتَيْقِنِيْنَ (٣٢)

ڇا آهي قيامت نٿا ڀانيون اسين مگر ٿورو گمان ۽ ناهيون اسين يقين ڪندڙ

وَبَدَا لَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا عَمِلُوْا وَحَاقَ

۽ ظاهر ٿينديون انهن جي لاءِ مدايون انهن جون جيڪي عمل ڪيا هيائون ۽ گهيري ۾

بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ (٣٣) وَقِيْلَ الْيَوْمَ نَنْسٰكُمْ

وٺندي انهن کي اها شيءِ جنهن سان چٿرون ڪندا هئا چيو ويندو اڄ وساريندا سون اوهان کي

كَمَا نَسِيْتُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا وَمَأْوٰكُمُ النَّارُ

جيئن وساريو هو اوهان ملاقات هن ڏينهن پنهنجي کي ۽ اوهان جي جاءِ باهه آهي

وَمَا لَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ (٣٤) ذٰلِكُمْ بِاَنَّكُمُ

۽ ناهن اوهان جا ڪي مددگار اهو ان سبب آهي جو بيشڪ اوهان

اتَّخَذْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا وَّغَرَّتْكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ج

بنايو الله جي آيتن کي ٺٺول ۽ مغرور بنايو اوهان کي حياتيءَ دنيا واريءَ

فَالْيَوْمَ لَا يُخْرَجُوْنَ مِنْهَا وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ (٣٥) فَلِلّٰهِ الْحَمْدُ

پوءِ اڄ نه نڪرندا ان مان ۽ نه اهي عذر طلب ڪرڻ ڏنا ويندا پوءِ الله جي لاءِ حمد آهي جيڪو

رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَرَبِّ الْاَرْضِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ (٣٦) وَلَهُ الْكِبْرِيَآءُ

آسمانن جو رب ۽ زمين جو رب، جهانن جو رب آهي ۽ ان جي لاءِ وڏائي آهي

فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ع (٣٧) ٤ ١١ ع ١٢

آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ اهوئي غالب حڪمت وارو آهي.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ قيامت ۾ حساب وغيره جو ذڪر آندو ويو ۽ هتي حساب کان پوءِ صالحن مؤمنن جي جنت ۾ داخل ڪرڻ ۽ ڪافرن جي عذاب ۾ داخل ڪرڻ جو بيان ٿي رهيو آهي، ارشاد عالي آهي "فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُدْخِلُهُمْ رَبُّهُمْ فِىْ رَحْمَتِهٖ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْمُبِيْنُ" پوءِ پر جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا پوءِ انهن کي سندن رب پنهنجيءَ رحمت ۾ داخل ڪندو اهائي چٽي ڪاميابي آهي. يعني اهي مؤمن جيڪي سموري زندگي صراط مستقيم تي هلندا رهيا نفس ۽ شيطان جي مڪر

۾ نـ آيا، الله جلت صفاته انهن کي پنهنجن رحمت وارن بهشتن ۾ داخل ڪرڻ فرمائيندو، ۽ اها نهايت کليل ۽ چٽي ڪاميابي آهي. حديث مبارڪ آهي تـ الله جل شانه جنت کي فرمايو "اَنْتِ رَحْمَتِيَ اَرْحَمُ بِكِ مَنْ اَشَاءُ" ١ "تون منهنجي رحمت آهين جنهن کي گهرندس تو (۾ داخل ڪرڻ) سان رحم ڪندس. "وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا اَفَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِىْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَاسْتَكْبَرْتُمْ وَكُنْتُمْ قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ" ۽ پر جن ڪفر ڪيو ڇا منهنجون آيتون اوهان تي پڙهيون نٿي ويون پوء اوهان تڪبر ڪيو ۽ اوهان مجرم قوم هيئو. الله تعالىٰ ڪافرن کي تنبيه ڪرڻ جي لاء قيامت ۾ فرمائيندو تـ ڇا اوهان جي اڳيان منهنجون آيتون پڙهيون نـ ويون هيون؟ پوء انهن تي عمل ڪرڻ کان وڏائي ڪندي پاسو ڪيو ۽ اوهان دلين ۾ انهن کي ڪوڙو چوڻ سان گڏ اعمال ۽ افعال ۾ مجرم هيئو. "وَاِذَا قِيْلَ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّالسَّاعَةُ لَا رَيْبَ فِيْهَا" ۽ جڏهن چيو ٿـو وڃي تـ الله جو وعدو حق آهي ۽ قيامت ۾ ڪو شڪ ناهي. مطلب تـ جڏهن مؤمن اها ڳالهـ ڪئي "قُلْتُمْ مَّا نَدْرِىْ مَا السَّاعَةُ" اوهان چيو تـ اسين نٿا ڄاڻون تـ قيامت ڇا آهي؟ "اِنْ نَّظُنُّ اِلَّا ظَنًّا وَّمَا نَحْنُ بِمُسْتَيْقِنِيْنَ" اسين تـ صرف گمان ٿي ڪيون ٿا اسين يقين ڪندڙ ناهيون. مطلب تـ اسان کي قيامت جي اچڻ جو شڪ ۽ گمان آهي تـ ايندي پر يقين ناهي. "وَبَدَا لَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا عَمِلُوْا وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ" ۽ انهن جي لاء جيڪي ڪيو هيائون ان جون مدايون ظاهر ٿينديون ۽ جنهن سان چٿر ڪندا هئا اهو (عذاب) انهن کي وڪوڙي ويندو. يعني چئني طرفن کان عذاب جي گهيري ۾ هوندا. "وَقِيْلَ الْيَوْمَ نَنْسٰىكُمْ كَمَا نَسِيْتُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا وَمَاْوٰىكُمُ النَّارُ وَمَا لَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ" ۽ چيو ويندو تـ اڄ اسين اوهان کي ائين وساريون ٿا جيئن اوهان هن پنهنجي ڏينهن جي ملاقات کي وساريو هو ۽ اوهان جي جاء جهنم آهي ۽ اوهان جا مددگار ناهن. يعني انهن تي عذاب ۾ سختي ڪندي چيو ويندن تـ جيئن اوهان هن ڏينهن جي ملڻ کي وساريو هو تيئن اسين بـ اوهان کي وساري ڇڏيون ٿا اوهان جي جاء جهنم جي باهـ آهي ۽ اوهان جا ڪير بـ مددگار ناهن جو اوهان کي ان عذاب کان آزاد ڪن. ڳالهـ جو خلاصو هي آهي تـ اهي عذاب جي ٽن قسمن ۾ مبتلا هوندا. ١- انهن کان رحمت کٽيل هوندي. ٢- انهن جي جاء جهنم

(١) تفسير ابن ڪثير صـ١٥٢ جلد٤

هوند . ٣- انهن جو ڪوبہ مددگار نہ هوندو. "١" "ذَالِكُمْ بِاَنَّكُمُ اتَّخَذْتُمْ ايٰتِ اللهِ هُزُوًا وَّغَرَّتْكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ج اهو ان سببان جو اوهان الله جي آيتن کي ٺٺول بنايو ۽ اوهان کي دنيا واري حياتيءَ مغرور ڪيو. يعني اوهان تي آيل عذاب جو سبب هي آهي جو اوهان الله جل مجده جي حجتن ۽ ان جي طرفان سندس رسول عليه الصلوٰة والسلام تي نازل ڪيل آيتن کي ٺٺول بنايو ۽ اوهان کي دنيوي حياتيءَ جي عيش، آرام سونهن ۽ سينگار ڏوکي ۾ رکيو جو اوهان عذاب کان ڇڏائيندڙ عمل ڇڏي ان کي اختيار ڪيو ان گمان ۾ رهندا هيئو تہ هن حياتيءَ کان پوءِ نہ ڪا حياتي آهي نہ قبرن مان اٿڻ آهي نہ حساب آهي. "فَالْيَوْمَ لَايُخْرَجُوْنَ مِنْهَا وَلَاهُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ" پوءِ اڄ نہ ان مان نڪرندا ۽ نہ اهي عذر پيش ڪرڻ جي لاءِ مهلت ڏنا ويندا. "يُسْتَعْتَبُوْنَ" الاستعتاب کان ورتل آهي ان جي معنىٰ آهي ڪنهن بدڪار کان هي مطالبو ڪرڻ تہ اهو بدڪاريءَ کان رجوع ڪري، مقصد تہ جڏهن مجرمن جي اڳيان قيامت جي ڏينهن حقيقت ڪلي سامهون ايندي ۽ پنهنجين اکين سان دوزخ جي ڀڙڪندڙ باهہ ڏسندا تڏهن رب پاڪ کي راضي ڪرڻ جي لاءِ توبہ ڪرڻ جي مهلت طلب ڪندا پر اها کين نہ ملندي. "فَلِلّٰهِ الْحَمْدُ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَرَبِّ الْاَرْضِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" پوءِ الله آسمانن جي رب ۽ زمين جي رب، جهانن جي رب جي لاءِ حمد (ثابت)آهي يعني انهن مضمونن جي ٻڌڻ کان پوءِ نتيجو اهو نڪتو تہ هر حمد ان الله عزوجل جي لاءِ آهي جيڪو آسمانن جو رب ۽ زمين جو رب، صرف انهن جو نہ پر سمورن جهانن جو رب آهي پوءِ صرف ان جي عبادت ڪريو ڇوتہ اهوئي اوهان کي نعمتن سان نوازيندڙ، اوهان تي ٻاجهون ۽ ٻال ڪندڙ آهي. "وَلَهُ الْكِبْرِيَاۤءُ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ص" ۽ صرف ان جي آسمانن ۽ زمين ۾ وڏائي آهي، يعني جلال، عظمت عالم علوي ۽ عالم سفلي ۾ سلطنت ڪنهن جي عطا کان سواءِ صرف ان جي آهي. امام احمد، مسلم، ابوداؤد، ابن ماجه ۽ ابن ابي شيبه حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان، ان حضور پر نور عليه الصلوٰة والسلام جن کان روايت آندي آهي تہ: "يقول الله تعالىٰ: الكبرياء ردائي، والعظمة ازاري، فمن نازعني واحدا منهما اسكنته ناري" "٢" الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ وڏائي منهنجي چادر آهي ۽ عظمت منهنجي ٻي

(١) المراغي صـ١٦٦ جزء ٢٥جلد٩ (٢) المراغي صـ١٦٧ جزء ٣٥ جلد ٩

چادر آهي پوءِ جنهن مون سان انهن ۾ جهيڙو ڪيو مان ان کي پنهنجي (جهنم جي) باهہ ۾ رهائيندس. "وَهُوَالْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" ۽ اهوئي غالب. حڪمت وارو آهي. يعني اهو اهڙو غالب آهي جنهن کان ٻيو ڪير بہ غالب ٿي نٿو سگهي، اهڙو حڪيم آهي جنهن جو ڪوبہ ڪم حڪمت کان خالي ناهي. مقصد تہ ان جي لاءِ حمد آهي تہ اوهان بہ ان جو حمد ڪيو ان لاءِ وڏائي آهي تہ ان جي عظمت دل ۾ وهاريو، اهو عزيز حڪيم آهي تہ صرف ان جي عبادت ڪيو.

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا:

١- آيت عـ٣٠ مان معلوم ٿيو تہ ايمان سان گڏ صالح اعمال ۽ تقوىٰ بہ ضروري آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪوبہ شخص الله عزوجل جي رحمت کان سواءِ صرف نيڪين جي ڪري جنت ۾ داخل نہ ٿيندو. ٢- "وَمَا نَحْنُ بِمُسْتَيْقِنِيْنَ" (۽ اسين يقين رکندڙ ناهيون) مان معلوم ٿيو تہ قيامت جي متعلق صرف گمان رکڻ ڪافي ناهي نہ ڪو نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام کي ڇڏي ٻين دليلن سان مڃڻ ڪافي آهي ايمان هي آهي تہ الله عزوجل ۽ سڀني ايمان وارين شين کي ان لاءِ مڃي تہ اهي سڀ نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن ٻڌايون آهن. ٣- "وَمَالَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ" (۽ اوهان جا ڪي مددگار ناهن) مان معلوم ٿيو تہ قيامت ۾ مددگارن جو نہ هجڻ ڪافرن جي لاءِ عذاب آهي، گنهگارن مؤمنن کي نيڪوڪار جنتي سفارش ڪرائي جهنم مان ڪڍرائيندا." ١"

الحمدلله جو مون عاصي، عاجز، الله عزوجل جي توفيق، ڪرم، رحم ۽ احسان سان اڄ بمؤرخه ٧-٧ - ١٤٢٥هـ الموافق -٢٤-٨-٢٠٠٤ ع تي اڱاري جي ڏينهن صبح جو سوا ڏهين بجہ پنهنجي گهر ۾ ويٺي سورة الجاثية جو تفسير لکي پورو ڪيو، مالڪ مٺي جي بارگاهہ ۾ عاجزانه التجا آهي تہ باقي رهيل تفسير بہ جلد کان جلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي، آمين يا ارحم الراحمين بحرمة نبيلـ الامين عليه وعلىٰ آلہ واصحابه الصلوات والتسليمات الىٰ يوم الدين.

الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي غفرله.

(١) نورالعرفان صـ٨٠٠

سورة اَلۡاَحۡقَافِ جو تعارف.

هن سورة ڀلاريءَ جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة پاڪ جو نالو: "اَلۡاَحۡقَافِ" هن جي ٺي آيت عـ ٢١ مان ورتل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ڀلاري سورة ۾ چار رڪوع، پنجٽيهہ (٣٥) آيتون، ڇهہ سئو چوئيتاليهہ (٦٤٤) ڪلما ۽ ٻہ هزار پنج سو ۽ پنجانوي (٢٥٩٥) حرف آهن. "١"

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان ۽ حضرت ابن الزبير رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ سورة "اَلۡاَحۡقَافِ" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. "٢"

نزول جو زمانو: هيءَ سورة هجرت کان ڪجهہ وقت اڳي مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي، هن جي آخري آيت "فَاصۡبِرۡ كَمَا صَبَرَ أُولُوا۟ ٱلۡعَزۡمِ مِنَ ٱلرُّسُلِ" (اي حبيب! ڪريم صلى الله عليه وسلم) (ائين صبر ڪر جيئن اولواالعزم پيغمبرن صبر ڪيو هو) جا ڪلمات صاف بيان ڪري رهيا آهن تہ هيءَ حضور عليه الصلوٰة والسلام جي مڪي زندگيءَ جي ان دؤر ۾ نازل ٿي هئي جڏهن ڪافرن جي تشدد ۽ ظلم جي انتها ٿي چڪي هئي ۽ اهي اسلام جي تيزيءَ سان وڌڻ کي ڏسي سخت ڪاوڙ ۾ هئا اهي هر قيمت تي هن شمع کي وسائڻ جي پويان هئا. قرابت، مائٽي ۽ پاڙيسري هجڻ جي سيني تعلقات کي تہ وساري ويٺا هئا پر ڪين هڪ قوم ۽ هم وطن هجڻ جو بہ احساس نہ رهيو هو، تانجو انهن مڪه مڪرمه جي سيني ڪافر قبيلن کي گڏ ڪري بنو هاشم ۽ مسلمانن سان معاشرتي قطع تعلق (سوشل بائيڪاٽ) جو لکڻ ۾ معاهدو ڪيو هو ۽ ان کي هڪ ننڍڙي صندوق ۾ وجهي وڌي حفاظت سان ڪعبه شريفه ۾ رکي ڇڏيو هيائون، ان معاهدي ۾ هي لکيل هو تہ سيئي قبيلا بنو هاشم سان ڏيتي ليتي، شادي ۽ غمي جو سلسلو مڪمل طور ڪٽي ڇڏيندا. کاڌي پيتي جو سامان بہ انهن کي نہ ڏيندا ٽن سالن تائين نبي ڪريم عليه

(١) خازن ١٢٢ جلد٤ (٢) الدرالمنثور صـ٤٣٣ جلد٧

الصلوٰة والسلام جن پنهنجي خاندان ۽ پنهنجن جان نثارن سان گڏ "شعب ابي طالب" ۾ محصور رهيا. المقصد تہ ڪافرن ايذائن ڏيڻ سان حد ڪري ڇڏي هئي محبوب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي مڪي زندگيءَ جا هي آخري سال هئا جڏهن هن سورة پاڪ جو نزول ٿيو هو.

مضمون: هن سورة ۾ باطل معبودن جي بي وس هجڻ کي بيان ڪندي الله عزوجل جي وحدانيت تي دليل ورتا ويا آهن، قيامت جي متعلق اهي جن شبهن ۾ مبتلا هئا انهن کان نڪرڻ جي لاءِ ڪين رستو ٻڌايو ويو آهي. ان سان گڏوگڏ سندن بيمار ذهن جنهن پاڻ پڌائڻ جي مرض ۾ مبتلا هئا ان کي ظاهر ڪيو ويو آهي، عام ماڻهو اسلام جي سچي تعليمات کان متاثر ٿي، ۽ سرڪار دوجهان صلى الله عليه وسلم جي پاڪيزه سيرت ۽ صورت کان اثر ۾ اچي اسلام ڏانهن راغب ٿيڻ لڳا ٿي هي انهن سادي طبع ماڻهن کي هي چئي اسلام کان ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا تہ "اسان کي ڏسو هن شهر ۾ هن ساري علائقي ۾ علم ۽ فهم ۾ ٻيو ڪير بہ اسان جي مرتبي وارو ناهي ڪو اهڙو ماڻهو آهي جنهن کي اسان کان وڌيڪ دنيا جي حالات جو تجربو هجي اوهان کي خبر آهي تہ جنگ يا صلح جي هر حالت ۾ اسان جي راءِ ئي صحيح هوندي آهي، جيڪڏهن اسلام سٺو ۽ صحيح دين هجي ها تہ ايتري فهم ۽ فراست هوندي اسين ان کي قبول ڪيون ها؟ اسان کان ٻيا ان ۾ اڳرائي نہ ڪن ها. ان جي ڪري سمجهو تہ هي دين صحيح ناهي. (معاذ الله) هي انهن جي نهايت بي عقلي هئي جو پاڻ تہ اسلام مان فيضياب نہ ٿيا پر ٻين کي بہ ان کان پري ڪندا رهيا. اسلام جي پاڪيزه تعليم جنهن روح پرور انقلاب سان پنهنجي مڃڻ وارن کي نوازيو ان جي وضاحت ٻن ماڻهن جي خيالات جي تذڪري سان ڪيل آهي. ١- مؤمن. ٢- ڪافر. آيت عـ١٥ ۾ جيڪا دعا آهي ان جي آئيني ۾ اوهان کي مؤمن ٻانهي جي تمنا جو سهڻو عڪس نظر ايندو، ۽ آيت عـ١٧ ۾ هڪ بدخلق ڪافر جي بي سمجهيءَ جي تصوير صاف صاف نظر ايندي. مڪه مڪرمه جي رهاڪن کي عاد جي قوم مان سبق حاصل ڪرڻ جي لاءِ چيو ويو آهي تہ اهي طاقتور هوندي بہ خداوندي عذاب کان بچي نہ سگهيا، ڪفر جي ڪري تباهہ ۽ برباد ٿي ويا. ڪافرن ۽ مشرڪن جي طرفان ملندڙ تڪليفن تي حضور ڪريم صلى

الله عليه وسلم جن کي صبر جي تلقين کيل آهي. "فَاصْبِرْ كَمَا صَبَرَ أُولُوالْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ" واقعي صبر نهايت ڪامياب هٿيار هو ۽ آهي جنهن تي نبي پاڪ صلی الله عليه وسلم جن عمل ڪندي الله عزوجل جي پيغام کي پوري دنيا ۾ عام ڪيو.

اڳيئن سورة سان تعلق ۽ ربط: اڳيئن سورة جي آخر ۾ ٻڌايو ويو تہ الله عزوجل آسمانن زمين ۽ سڀني جهانن جو رب آهي، ۽ هتي بيان ٿيو تہ انهن سڀني جو خالق بہ اهو آهي ان اهي سڀئي حق سان پيدا فرمايا آهن. "١"

ڀلايون ۽ برڪتون: قرآن ڪريم جي سورة، هجڻ جي حيثيت سان تہ هيءَ سورة بہ شاندار آهي ۽ علماء عاملين لکيو آهي تہ: جيڪڏهن ڪنهن کي جن، ديو پري وغيره ايذائي يا تنگ ڪري تہ هن سورة پاڪ جي پڙهڻ سان اها تڪليف دور ٿي ويندي.

وَهِيَ خَمْسٌ وَّ ثَلَاثُوْنَ آيَةً	سُوْرَةُ الْاَحْقَافِ مَكِّيَّة	وَاَرْبَعُ رُكُوْعَات
۽ اها پنجٽيهہ آيتون	سورة الاحقاف مڪي آهي	۽ چار رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي

حٰمٓ (١) تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ (٢) مَا خَلَقْنَا

حا- ميم- نازل ڪرڻ ڪتاب جو الله، غالب حڪمت واري وٽان آهي، نہ پيدا ڪيا اسان

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ

آسمان ۽ زمين ۽ جيڪو انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي مگر حق سان

وَاَجَلٍ مُّسَمًّى ۗ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَمَّآ اُنْذِرُوْا مُعْرِضُوْنَ (٣)

۽ مدي مقرر سان ۽ جن ڪفر ڪيو ان کان جو ڊيڄاريا ويا منهن موڙيندڙ آهن

(١) روح المعاني ص٣ جزء ٢٦ جلد ٩

الجزء ٢٦

قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَرُوْنِىْ مَاذَا

فرماءِ تہ خبر ڏيو انهن کان جن جي عبادت ڪيو ٿا الله کان سواءِ ڏيکاريو مون کي ڇا آهي اهو

خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِى السَّمٰوٰتِ

جيڪو پيدا ڪيائون زمين مان يا انهن جو ڀائيوارو آهي آسمانن ۾

اِيْتُوْنِىْ بِكِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ هٰذَآ اَوْ اَثٰرَةٍ مِّنْ عِلْمٍ اِنْ

آڻيو مون وٽ ڪتاب (آيل) اڳي هن کان يا ڪو ثبوت علمي جيڪڏهن

كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ (٤) وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنْ يَّدْعُوْا مِنْ

آهيو سچا ۽ ڪير وڌيڪ گمراهہ آهي ان کان جيڪو سڏي ٿو

دُوْنِ اللّٰهِ مَنْ لَّا يَسْتَجِيْبُ لَهٗٓ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ

الله کان سواءِ ان کي جو نہ ٿو قبول ڪري ان لاءِ قيامت جي ڏينهن تائين

وَهُمْ عَنْ دُعَآئِهِمْ غٰفِلُوْنَ (٥) وَاِذَا حُشِرَ النَّاسُ كَانُوْا

۽ اهي سندن سڏڻ کان بي خبر آهن ۽ جڏهن گڏ ڪيا ويندا ماڻهو تہ هوندا

لَهُمْ اَعْدَآءً وَّكَانُوْا بِعِبَادَتِهِمْ كٰفِرِيْنَ.(٦)

انهن جا دشمن ۽ هوندا انهن جي عبادت جو انڪار ڪندڙ.

تفسير.

اڳيئن سورة جي آيت عـ٣٥ ۾ بيان ٿيو تہ ڪافرن الله عزوجل جي آيتن سان ٺٺوليون ڪيون ٿي ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ اهي جن آيتن تان ٺٺول ڪن ٿا اهي جنهن ڪتاب جون آهن اهو الله عزوجل جي طرفان نازل ڪيل آهي. فرمان مبارڪ

آهي "حٰمٓ" حا- ميم- يعني هن سورة جو نالو "حمٓ" آهي بعض جو قول آهي تہ حا توحيد وارن جي حمايت ڏانهن اشارو آهي ۽ ميم انهن کان الله عزوجل جي مرصاة (راضي ٿيڻ) ڏانهن اشارو آهي، مزيد مهربانيءَ يعني رب پاڪ جي ديدار جي دولت ملڻ سان ڳنڍ. ۽ بعض جو قول آهي تہ "حٰمٓ" مان مراد آهي تہ جن تي منهنجي عنايت آهي انهن جي دلين کي برن خيالن کان بچائيندي سندن حمايت ڪئي وئي آهي جنهن جي ڪري اهي يقين جي نور سان روشن آهن. "١" "تَنۡزِيۡلُ الۡكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الۡعَزِيۡزِالۡحَكِيۡمِ" الله، غالب حڪمت واري جي طرفان هي ڪتاب نازل ڪيل آهي. يعني هي ان الله عزوجل جو ڪتاب آهي جيڪو عزيز بہ آهي ۽ حڪيم بہ آهي. هن قرآن جي هر آيت ان جي عزت ۽ ان جي حڪمت جي شاهدي ڏيئي رهي آهي، تَنۡزِيۡلُ مصدر آهي ۽ اسم مفعول مُنَزَّل جي معنیٰ ۾ استعمال ڪيل آهي. "٢" "مَا خَلَقۡنَا السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ وَمَا بَيۡنَهُمَاۤ اِلَّا بِالۡحَقِّ" اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪو انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي حق کان سواءِ پيدا نہ ڪيو آهي يعني آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ راند روند بي مقصد ۽ اجايو ناهي، بلڪہ ان ۾ گهڻن کان متي تڪويني ۽ تشريعي حڪمتون آهن. "٣" "وَاَجَلٍ مُّسَمًّى" ۽ مقرر ڪيل مدي تائين. يعني هن جهان جي ڪابہ شيءِ هميشه رهڻ واري ناهي، الله عزوجل هر شيءِ کي پيدا ڪري ان جو مدو مقرر ڪيو آهي جنهن تي پهچي اها فنا ٿي ويندي "وَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا عَمَّاۤ اُنۡذِرُوۡا مُعۡرِضُوۡنَ" ۽ جن ڪفر ڪيو جنهن کان ڊيڄاريا ويا اُن کان منهن موڙيندڙ آهن. يعني ڪافر قرآن کان منهن موڙيندڙ آهن، جنهن ۾ ڪين عذاب کان ڊيڄاريو ويو آهي، ان عذاب جي اچڻ ۾ نہ عقلاً فڪر ڪن ٿا ۽ نہ ان جي ضروري هجڻ تي نقلاً معجزا وغيره ڏسي سوچين ٿا. ۽ هرو ڀرو غيرالله جي عبادت ڪن ٿا. "٤" "قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ مَّا تَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اَرُوۡنِىۡ مَاذَا خَلَقُوۡا مِنَ الۡاَرۡضِ اَمۡ لَهُمۡ شِرۡكٌ فِى السَّمٰوٰتِ" فرماءِ تہ جن جي الله کان سواءِ عبادت ڪيو ٿا انهن جي خبر ڏيو جيڪي زمين ۾ پيدا ڪيو اٿن اهو مون کي ڏيکاريو يا انهن جو آسمانن ۾ ڪو حصو آهي؟ يعني الله جل شانه تہ آسمان، زمين ۽ ساري خدائي پيدا فرمائي اوهان ٻڌايو اوهان

(١) روح البيان صہ ٤٦١ جلد٨ (٢) ضياءالقرآن صہ ٤٧١ جلد٤ (٣) روح المعاني صہ٤ جز٢٦ جلد ٩
(٤) المظهري صہ ٣٩٣ جلد٨

جي باطل معبودن بہ کو زمين يا آسمان جو ٽڪرو پيدا ڪيو آهي ياڪو پيدا ڪري سگهي ٿو؟ جڏهن ناهي تہ پوءِ انهن جي پوڄا ڇو ٿا ڪيو؟

"اِيْتُوْنِيْ بِكِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ هٰذَآ اَوْ اَثٰرَةٍ مِّنْ عِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" جيڪڏهن سچا آهيو تہ مون وٽ هن کان اڳي (نازل ڪيل) ڪو ڪتاب يا علمي ثبوت آڻيو. مطلب تہ جيڪڏهن شرڪ جي دعوىٰ ۾ سچا آهيو تہ ڪنهن آسماني ڪتاب جي سند يا ڪو اهڙو علمي ثبوت آڻيو جيڪو عقلمندن وٽ تسليم ڪيل هجي. جڏهن ناهي تہ پوءِ اهڙي ڳالهہ ڇو تسليم ڪجي جيڪا عقلاً ۽ نقلاً ڪو وجود نٿي رکي. "وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنْ يَّدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللهِ مَنْ لَّا يَسْتَجِيْبُ لَهٗٓ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ وَهُمْ عَنْ دُعَآئِهِمْ غٰفِلُوْنَ." ۽ ان کان وڌيڪ ڪير گمراهہ آهي جيڪو الله کان سواءِ انهن کي (معبود سمجهي) سڏي ٿو جيڪي قيامت تائين ان جو سڏ نہ ورنائين ٿا ۽ اهي سندس سڏڻ کان بي خبر آهن. يعني ان کان وڌيڪ بي وقوفي ۽ گمراهي ڇا هوندي؟ جو الله جلّ مجده کي ڇڏي هڪ اهڙي بي ساهہ يا بي اختيار شيءِ کي سڏيو وڃي جيڪا پنهنجي مستقل اختيار سان ڪنهن جي سڏ تي نٿي پهچي بلڪہ، اها انهن جي سڏ کان بالڪل بي خبر آهي. پٿر ۽ بتن جي ڳالهہ ڇا ملائڪ ۽ انبياء عليهم الصلوٰة والسلام بہ اهو ڪم ڪري سگهن ٿا جنهن جي ڪين الله عزوجل طرفان اجازت ۽ قدرت عطا ٿيل هوندي آهي. "١"

"وَاِذَا حُشِرَ النَّاسُ كَانُوْا لَهُمْ اَعْدَآءً وَّكَانُوْا بِعِبَادَتِهِمْ كٰفِرِيْنَ" ۽ جڏهن ماڻهو (قيامت جي لاءِ) گڏ ڪيا ويندا تہ انهن جا دشمن بڻجندا ۽ انهن جي عبادت جو انڪار ڪندڙ هوندا. يعني محشر ۾ جتي مدد ۽ مهرباني جي زياده ضرورت هوندي هي باطل معبود پنهنجن پوڄارين جي مدد تہ ڇا ڪري سگهندا پر دشمن ٿي سندن سامهون اچي سندن پوڄا ڪرڻ جو انڪار ڪندا ۽ سخت بيزار ٿيندا.

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا- "تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ" (ڪتاب جو نازل ڪرڻ) تنزيل جي لفظ مان واضح ٿيو تہ قرآن ڪريم ٿورو ٿورو ٿي لٿو آهي.

٢- "اَلْعَزِيْزِ" مان معلوم ٿيو تہ ڪتاب بہ عزت وارو آهي ڇو تہ نازل ڪندڙ

(١) حاشيه عثمانه صـ٦٦٧

عزت وارو آهي ۽ جنهن نبي عليه الصلوة والسلام تي نازل ٿيو اهو بہ عزت وارو آهي. قرآن پاڪ سيني آسماني ڪتابن ڪان شان ۾ بلند آهي. "قُلْ اَرَئَيْتُمْ مَّاتَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ" فرماءِ تہ انهن جي خبر ڏيو جن کي الله کان سواءِ (معبود سمجهي) سڏيو ٿا. هن ۾ مشرڪن جي شرڪ واري دعوىٰ کي باطل ثابت ڪرڻ جي لاءِ انهن کان ان دعوىٰ تي دليل طلب ڪيو ويو آهي ڇوتہ ڪابہ دعوىٰ دليل کان سواءِ عقلاً يا نقلاً ٻڌڻ جي قابل ناهي ۽ هن ۾ الله عزوجل جي پيارن نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلوة والسلام ۽ ولين سڳورن کي داخل ڪرڻ غلط آهي ڇوتہ ڪوبہ پڪو مسلمان انهن کي معبود نٿو سمجهي ۽ نہ معبود سمجهي سڏي ٿو. الله عزوجل جو پيارو ۽ وسيلو سمجهي انهن کي عرض ڪرڻ شرڪ ناهي. (والدلائل في المبسوطات)

وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

۽ جڏهن پڙهيون وڃن ٿيون انهن تي اسان جو آيتون روشن تہ چيو انهن جن ڪفر ڪيو

لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ (٧) اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ

حق جي لاءِ جڏهن آيو انهن وٽ ٿي جادو کليل آهي بلڪ چون ٿا تہ ٺاهيو اٿس ان کي

قُلْ اِنِ افْتَرَيْتُهٗ فَلَا تَمْلِكُوْنَ لِيْ مِنَ اللّٰهِ شَيْئًا

فرماءِ تہ جيڪڏهن ٺاهيو آهي مون ان کي پوءِ اوهان نٿا مالڪ ٿيو مون لاءِ الله کان ڪنهن شيءِ جا

هُوَ اَعْلَمُ بِمَا تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ كَفٰى بِهٖ شَهِيْدًا بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ

اهو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ان کي جو لڳا ٿارهو ان ۾ ڪافي ٿيو اهو شاهد ٿي منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾

وَهُوَالْغَفُوْرُالرَّحِيْمُ (٨) قُلْ مَاكُنْتُ بِدْعًا مِّنَ الرُّسُلِ

۽ اهوئي بخشڻهار، مهربان آهي فرماءِ تہ ناهيان مان نئون رسولن مان

وَمَآ اَدْرِیْ مَا یُفْعَلُ بِیْ وَلَا بِکُمْ ؕ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا

۽ نڪو (اڳئين سان) ڄاڻان ته ڇا ڪيو ويندو مون سان ۽ نه اوهان سان نڪو تابعداري ڪيان مان مگر ان

مَا یُوْحٰۤی اِلَیَّ وَمَاۤ اَنَا اِلَّا نَذِیْرٌ مُّبِیْنٌ (٩)

جي جيڪو وحي ڪيو ٿو وڃي مون ڏانهن ۽ ناهيان مان مگر ڊيڄاريندڙ پڌرو.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ توحيد جي ثبوت ۽ شرڪ جي باطل هجڻ تي گفتگو هئي ۽ هتان کان رسالت ۽ ان سان گڏ قرآن پاڪ جي آيتن جي متعلق ارشاد ٿي رهيو آهي. فرمان گرامي آهي "وَاِذَا تُتْلٰی عَلَیْهِمْ اٰیٰتُنَا بَیِّنٰتٍ قَالَ الَّذِیْنَ کَفَرُوْا لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ هٰذَا سِحْرٌ مُّبِیْنٌ" جڏهن انهن تي اسان جون روشن آيتون تلاوت ڪيون وڃن ٿيون ته جن ڪفر ڪيو انهن حق جي لاءِ چيو جڏهن انهن وٽ آيو ته هي کليل جادو آهي. يعني جڏهن هنن مشرڪن تي اسان جون اسان جي ڪتاب ۾ نازل ڪيل اهي آيتون تلاوت ڪجن ٿيون جن ۾ توحيد جا دلائل ۽ حجتون صاف صاف بيان ڪيل آهن ته ڪافر ان حق کي نه مڃيندي چون ٿا ته هي کليل جادو آهي جيڪو دلين کي ڇڪي ٿو "اَمْ یَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ" بلڪ چون ٿا ته هٿ سان ٺاهيون اٿس. يعني ٻي ڳالهه ڇڏيو سندن هي نه مڃڻ جهڙو قول ٻڌو جو چون پيا ته هو ڪلام هٿ سان ٺاهي پڙهي ٻڌائي ٿو. "قُلْ اِنِ افْتَرَیْتُهٗ فَلَا تَمْلِکُوْنَ لِیْ مِنَ اللّٰهِ شَیْئًا" فرماءِ ته جيڪڏهن مون ان کي ٺاهيو هوندو ته پوءِ اوهان منهنجي لاءِ الله کان ڪنهن به شيءِ جا مالڪ ناهيو. مطلب ته الله عزوجل تي ڪوڙ هڻڻ نهايت وڏو گناهه آهي، جيڪڏهن (خدا نه ڪندو) مان اهڙي جرات ڪيان ته گويا ڄاڻي واڻي پاڻ کي الله عزوجل جي غضب ۽ ان جي سخت عذاب جي حوالي ڪري رهيو آهيان ۽ اوهان مون کي ان جي عذاب کان ڇڏائڻ لاءِ ڪجهه به ڪري نٿا سگهو.

"هُوَ اَعْلَمُ بِمَا تُفِیْضُوْنَ فِیْهِ کَفٰی بِهٖ شَهِیْدًا بَیْنِیْ وَبَیْنَکُمْ" اهو ان کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جنهن ۾ اوهان لڳا رهو ٿا اهو اوهان ۽ منهنجي وچ ۾ شاهدي ڏيندڙ

ڪافي آهي. مطلب تہ اوهان جنهن مذاق ۾ مبتلا آهيو ۽ ان ۾ لڳا رهو تہ الله جل مجده ان کي بہ چڱي طرح ڄاڻي ٿو ان جي اوهان کي سزا ڏيندو، مان حق تي آهيان يا اوهان جي شاهدي ڏيڻ لاءِ الله عزوجل ڪافي آهي ان جي شاهدي ڪان پوءِ ٻئي ڪنهن شاهدي جي ڪا ضرورت ناهي. "وَهُوَالْغَفُوْرُالرَّحِيْمُ، ۽ اهوئي بخشڻهار، مهربان آهي. جو جيڪڏهن هينئر بہ رجوع ڪندؤ تہ اوهان کي بخشي اوهان تي رحم ڪندو ان جي ئي اها مهرباني ۽ ڪرم نوازي آهي جو قدرت ۽ قوت هوندي اوهان کي تڪڙي سزا نٿو ڏي. "قُلْ مَا كُنْتُ بِدْعًا مِّنَ الرُّسُلِ" فرماءِ تہ مان رسولن مان نئون ناهيان. يعني منهنجين ڳالهين کان ايترو ڀڄو ڇوتہ مان ڪو نئون رسول تہ ناهيان مون کان پهريان بہ دنيا تي رسالت ۽ نبوت جو سلسلو جاري رهيو آهي جيڪڏهن نبوت جي دعوىٰ صرف مون ڪئي آهي ۽ اوهان اهڙي دعوىٰ ڪڏهن ٻڌي ناهي تہ اوهان جي ڳالهہ ۾ وزن هجي ها پر جڏهن تہ مون کان اڳي ڪيترا نبي اچي چڪا آهن تہ پوءِ منهنجو انڪار ڇو ٿا ڪيو؟ "وَمَآ اَدْرِيْ مَا يُفْعَلُ بِيْ وَلَابِكُمْ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰى اِلَيَّ وَمَآ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ" ۽ مان (اٽڪل سان) نٿو ڄاڻان تہ مون سان ۽ اوهان سان ڇا ڪيو ويندو مان تہ صرف ان جي اتباع ڪيان ٿو جيڪو مون ڏانهن وحي ڪيو وڃي ٿو تہ مان صرف ڪليل ڊيڄاريندڙ آهيان.

سوال: هن آيت مان معلوم ٿيو تہ حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن کي نہ پنهنجي عاقبت جي خبر هئي نہ ٻين جي؟

جواب: اهو عقيدو ۽ ذهن رکڻ بالڪل غلط ۽ صحيح ناهي. اوهان هن آيت جي متعلق اهل السنة والجماعة جو تحقيق ڏسو ۽ پڙهو تہ اوهان کي صحيح ڳالهہ سمجهہ ۾ ايندي. آيت جو لفظ "ادري" جو تحقيق ڪندي علامه راغب اصفهاني المفردات ۾ لکيو آهي "الدراية المعرفة المدركة بضرب من الختل" "١" درايت جي معنىٰ آهي اٽڪل جي ڪنهن طريقي سان حاصل ٿيندڙ ڄاڻ. ان جي ڪري الله عزوجل تي ان جو اطلاق جائز ناهي. علامه ابن عابدين شامي عليه الرحمة دراية جي لفظ جي تشريح ڪندي لکيو آهي، الدراية اي ادراک العقل بالقياس على غيره." ٢" يعني عقل جو قياس جي ذريعي سان ڪنهن شيءِ کي ڄاڻڻ. هنن تصريحات سان ثابت ٿيو تہ

(١) المفردات ص١٦٨ (٢) ردالمحتارجلد ١

درايت (جنهن مان ادري ورتل آهي) جي معنىٰ آهي اٽڪل سان ڪنهن شيءِ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ. هتي ان جي نفي آهي ۽ اڳيان "اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰىٓ اِلَيَّ" (مان صرف ان جي اتباع ڪيان ٿو جيڪو مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي) مان ان علم ۽ ڄاڻ جو ثبوت ملي رهيو آهي جيڪو ڪين الله عزوجل وحي يا ڪنهن ٻئي ذريعي سان عطا ڪرڻ فرمايو آهي. علامه آلوسي بغدادي عليه الرحمة به ان مراد کي پسند فرمايو آهي. "١" مفتي محمد شفيع ديوبندي لکيو آهي ته" جناب رسول الله صلى الله عليه وسلم کے علم غيب کے متعلق تقاضاء ادب يه هے که يون نه کها جائے که آپ غيب نهين جانتے تهے بلکه يون کها جائے که الله تعاليٰ نے رسول الله صلى الله عليه وسلم کو امور غيب کا بهت بڑا علم ديا تها جو انبياء مين سي کسي دوسرے کو نهين ملا. "٢"

قرآن ڪريم جي ڪيترين آيتن ۾ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي حديثن مان اها ڳالهه واضح آهي ته الله عزوجل نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي مقام محمود، شفاعت ڪبرىٰ، حوض ڪوثر وغيره عطا ڪيو آهي، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته انهن سيني نعمتن ملڻ جي باوجود ڪين پنهنجي عاقبت جي خبر نه هئي (معاذالله ثم معاذالله) بلڪه پاڻ عشره مبشره جي جنتي هجڻ جو ٻڌايائون. سيده فاطمه کي جنتي عورتن جو ۽ حسنين ڪريمن کي جنتين جوانن جو سردار سڏيائون. (رضي الله عنها وعنهما) انهن سيني ڳالهين تي غور ڪندڙ اهو فيصلو ضرور ڏيندو ته ڪين پنهنجي ۽ پنهنجن امتين جي عاقبت جي خبر هئي. آيت ۾ بيان ٿيل نفي اٽڪل ۽ گمان سان ڄاڻ جي نفي آهي.

فائدا:- مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا:

١- "هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ" هي (قرآن) کليل جادو آهي. مان معلوم ٿيو ته قرآن پاڪ جي تاثير جا ڪافر به قائل هئا پر ان کي الله عزوجل جو ڪلام مڃڻ جي بجاءِ ان کي سحر سڏيندا هئا. ٢- "اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ" (بلڪه چون ٿا ته اهو پاڻ ناهيو اٿس) هيءَ اهڙي بيهوده ڳالهه هئي جنهن کي اهي پاڻ به غلط مڃيندا هئا پر ضد ۾ اچي ائين چوندا هئا. ٣- "ڪَفٰى بِهٖ شَهِيْدًا" (ڪافي آهي اهو شاهد) مان معلوم ٿيو

(١) روح المعاني ص ١٠ جز ٢٦ جلد ٩ (٢) معارف القرآن ص ٧٩٦ جلد ٧

تہ حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن الله عزوجل جي توحيد جا شاهد آهن ۽ الله جل مجده سندن رسالت ۽ نبوت جو شاهد آهي.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كَانَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ وَكَفَرْتُمْ بِهٖ وَشَهِدَ شَاهِدٌ

فرماءِ تہ خبر ڏيو جيڪڏهن هجي الله وٽان ۽ ڪفر ڪيو اوهان ان جو ۽ شاهدي ڏني شاهد

مِّنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى مِثْلِهٖ فَاٰمَنَ وَاسْتَكْبَرْتُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ

بني اسرائيل مان اهڙي (ڪتاب) تي پوءِ ايمان آندائين ۽ تڪبر ڪيو اوهان بيشڪ الله

لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ (١٠) وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

نٿو هدايت ڪري قوم ظالم کي ۽ چيو انهن جن ڪفر ڪيو انهن لاءِ جن ايمان آندو

لَوْ كَانَ خَيْرًا مَّا سَبَقُوْنَآ اِلَيْهِ ۭ وَاِذْ لَمْ يَهْتَدُوْا

جيڪڏهن هجي ها ڀلو تہ اڳرائي ڪن ها اسان کان ان ڏانهن ۽ جڏهن نہ هدايت وارا ٿيا

بِهٖ فَسَيَقُوْلُوْنَ هٰذَآ اِفْكٌ قَدِيْمٌ (١١) وَمِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ مُوْسٰٓى

ان سان پوءِ جلد چوندا تہ هي بهتان پراڻو آهي ۽ ان کان اڳي ڪتاب موسيٰ جو هو

اِمَامًا وَّرَحْمَةً ۭ وَهٰذَا كِتٰبٌ مُّصَدِّقٌ لِّسَانًا عَرَبِيًّا لِّيُنْذِرَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ڦ

اڳواڻ ۽ رحمت ۽ هي ڪتاب (ان کي) سچو ڪندڙ ٻوليءَ عربيءَ ۾ آهي تانتہ ڊيڄاري انهن کي جن ظلم

وَبُشْرٰى لِلْمُحْسِنِيْنَ (١٢) اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا

ڪيو ۽ خوشخبري آهي محسنن جي لاءِ بيشڪ جن چيو تہ اسان جو رب الله آهي ان کان پوءِ استقامت

فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ (١٣) اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ

ڪيائون پوءِ ناهي ڪو خوف انهن تي ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا. اهي بهشتي آهن

خَالِدِيْنَ فِيهَا جَزَآءً بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ (١٤)

هميشه رهندڙ ان ۾ بدلو آهي انهن جو جيڪي ڪندا هئا.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان الله عزوجل جي ڪتاب سان چٿر ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هتي انهن کي متنبه ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن اهو الله عزوجل جو ڪلام هوندو ته پوءِ اوهان جي طرفان انڪار ڪرڻ جو ڇا حال ٿيندو. فرمان مبارڪ آهي: "قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كَانَ مِنْ عِنْدِاللّٰهِ وَكَفَرْتُمْ بِهٖ" فرماءِ ته خبر ڏيو جيڪڏهن الله وٽان هوندو ۽ اوهان ان جو انڪار ڪيو" يعني اوهان انهن کي فرمايو ته اي ڪافرؤ! جيڪڏهن اهو قرآن الله جو نازل ڪيل آهي ۽ اوهان ان کي نٿا مڃيو ته پوءِ ڪڏهن سوچيو اٿو ته اوهان جي سزا ڪيتري سخت هوندي؟ "وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى مِثْلِهٖ فَاٰمَنَ وَاسْتَكْبَرْتُمْ" ۽ بني اسرائيل مان هڪ شاهد ان جهڙي تي شاهدي ڏني. ان زماني ۾ عرب جاهل مشرڪ بني اسرائيل جي علم ۽ فضيلت کان ڌنل هوندا هئا جڏهن حضور ڪريم پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي نبوت مشهور ٿي ته مشرڪن ان جي متعلق بني اسرائيل جي علماء کان اندازو لهڻ جي ڪوشش ڪئي انهن جو غرض اهو هو ته بني اسرائيل حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي تڪذيب ڪن ته هڪ ڳالهه هٿ اچي ويندي ۽ چونداسين ته اهل ڪتاب اهل علم به سندن ڳالهين کي ڪوڙو چون ٿا پر اهي ان مقصد ۾ هميشه ناڪام رهيا. الله عزوجل انهن بني اسرائيل جي زبان کان ئي حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي تصديق ۽ تائيد ڪرائي نه صرف ان ڳالهه سان ته اهي ماڻهو به توراة وانگر قرآن ڪريم کي آسماني ڪتاب ۽ حضرت موسىٰ وانگر حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام کي نبي چوندا هئا ۽ اهڙي طرح حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جي رسالت جي دعوىٰ ۽ متن قرآن پاڪ جو وحي جي ذريعي نزول ڪا حيران ڪن ڳالهه نه رهي هئي بلڪه اهڙي طرح جو يهودين جي بعض عالمن صراحت سان اقرار ڪيو ۽ شاهدي ڏني ته بيشڪ اسان وٽ هن ملڪ عرب ۾ هڪ

عظيم الشان رسول الله صلى الله عليه وسلم ۽ ڪتاب جي اچڻ جي خبر ڏنل آهي ۽ هي اهوئي رسول معلوم ٿي رهيو آهي ۽ هي ڪتاب بہ اهوئي آهي جنهن جي خبر ڏنل هئي يهودين جي علماء جون اهي شاهديون در حقيقت انهن پيشن گوئين تي مبني هيون. جيڪي هزارين تبديلين ۽ تحريفن جي باوجود اڄ بہ توراة وغيره ۾ ملي رهيون آهن، جن مان واضح ٿئي ٿو تہ بني اسرائيل جو سڀ کان وڏو شاهد حضرت موسىٰ عليه السلام پاڻ هزارين سال اڳ ۾ شاهدي ڏئي چڪو آهي تہ بني اسماعيل مان ان وانگر هڪ رسول ايندو. اهوئي وجه هو جو يهودين جي بعض حق پرست عالمن مثلاً حضرت عبدالله بن سلام وغيره حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو منهن مبارڪ ڏسڻ شرط چيو هو تہ "اِنَّ هٰذَاالْوَجْهَ لَيْسَ بِوَجْهٍ كَاذِبٍ" هي ڪوڙي جو منهن ناهي انهن قرآن ڪريم واضح الاعجاز ڪتاب جي حق هجڻ جي بہ شاهدي ڏني هئي پوءِ جڏهن موسىٰ عليه السلام هڪ هستيءَ جي تشريف آوريءَ تي هزارين سال.اڳ۾ ايمان رکي ۽ يهودي علماء ان جي سچي هجڻ جي شاهدي ڏين ۽ انهن مان ڪجهہ زبان ۽ دل سان شاهدي ڏئي، اسلام سان مشرف ٿين ۽ انهن سڀني شاهدين جي هوندي اوهان وڏائي ۽ غرور ڪندي ان ڪي قبول نہ ڪيو تہ ان کان وڏيڪ ظلم ۽ گناهہ ڪهڙو هوندو؟ ۽ اهڙي ظالم جي نجات جي توقع ڪهڙي رکبي؟ "اِنَّ اللهَ لَايَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ" بلاشڪ الله ظالم قوم کي هدايت نٿو ڪري. هتي ظالمن مان مراد اهي ڪافر آهن جيڪي ايترين شاهدين هوندي نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيا. "وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَوْكَانَ خَيْرًا مَّاسَبَقُوْنَآ اِلَيْهِ" ۽ جن ڪفر ڪيو انهن ايمان وارن جي لاءِ چيو تہ جيڪڏهن ڀلو هجي ها تہ اسان کان ان ڏانهن اڳرائي نہ ڪن ها.

شان نزول: ابن جرير قتادة کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ مشرڪن مان ماڻهن چيو تہ اسين وڏيڪ عزت وارا ۽ ڀلا آهيون جيڪڏهن اسلام ڀلو هجي ها تہ اهي مسڪين ۽ ڪمزور مسلمان اسان کان ان ڏانهن اڳرائي نہ ڪن ها پوءِ هيءَ آيت نازل ٿي. ابن المنذر عون بن ابي شداد کان روايت آندي آهي تہ اسلام قبول ڪرڻ کان اڳي عمر بن خطاب جي زنين نالي هڪ ٻانهي هئي، جنهن اسلام قبول

ڪيو هو پوءِ ان کي اسلام ڇڏائڻ جي لاءِ عمر ماريندو هو ۽ قريشي ڪافر چوندا هئا تہ جيڪڏهن اسلام ڀلو هجي ها تہ زنين اسان کان ان ڏانهن اڳرائي نہ ڪري سگهي ها ان جي باري ۾ اها آيت نازل ٿي. "١" مطلب واضح آهي: "وَاِذْ لَمْ يَهْتَدُوْا بِهٖ فَسَيَقُوْلُوْنَ هٰذَآ اِفْكٌ قَدِيْمٌ" ۽ جڏهن ان سان هدايت وارا نہ ٿيا تہ پوءِ جلد چوندا هي پراڻو بهتان آهي. يعني جيئن مؤمن هدايت وارا ٿيا جڏهن هنن کي اهڙي هدايت نصيب نہ ٿي تہ جلد چوندا هي پراڻو بهتان ۽ پراڻيون آکاڻيون آهن. "٢"

"وَمِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ مُوْسٰٓى اِمَامًا وَّرَحْمَةً وَهٰذَا كِتٰبٌ مُّصَدِّقٌ لِّسَانًا عَرَبِيًّا لِّيُنْذِرَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا وَبُشْرٰى لِلْمُحْسِنِيْنَ." ۽ ان کان اڳ موسیٰ جو ڪتاب اڳواڻ ۽ رحمت هو ۽ هي ڪتاب عربي، زبان، ۾ (ان جي) تصديق ڪندڙ آهي تانتہ انهن کي ڊيڄاري جن ظلم ڪيو ۽ نيڪوڪارن جي لاءِ بشارت آهي. ڪافرن جي رد ۾ الله عزوجل فرمايو تہ هي پراڻو بهتان ۽ ڪوڙ ناهي پر قديم سچ آهي اهڙو سچ جنهن کي هر زماني جي صاف ۽ پاڪ ذهن وارن ماڻهن قبول ڪيو آهي. قرآن پاڪ کان اڳي اسان حضرت موسیٰ تي توراة نازل ڪيو جنهن بعينه اهائي دعوت ڏني جيڪا قرآن ڪريم ڏئي رهيو آهي جيئن اهو ڪتاب رهنما ۽ رحمت هو تيئن هي بہ رهنما ۽ رحمت آهي قرآن ڪريم عربي زبان ۾ آهي، توراة جي تصديق ڪندڙ آهي، ۽ ظالمن کي نهايت خطرناڪ انجام کان ڊيڄاري ٿو ۽ نيڪو ڪارن پرهيزگارن، متقين جي لاءِ بهشت جي بشارت ڏيندڙ آهي. "اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ." بيشڪ جن چيو تہ اسان جو رب الله آهي ان کان پوءِ استقامت ڪيائون پوءِ انهن تي نہ ڪو خوف آهي ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا. يعني انهن کي نہ موت کان بعد تڪليف پهچڻ جو خوف آهي نہ محبوب جي نہ ملڻ جو غم آهي. "٣" "اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا جَزَآءً بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" اهي بهشتي آهن ان ۾ هميشہ رهندڙ هوندا هي بدلو ان جو آهي جيڪي ڪندا هئا. يعني سندن علمي، عملي نيڪين ۽ ڀلاين جو بدلو اهو هوندو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا- ١- "لَوْ كَانَ خَيْرًا مَّا سَبَقُوْنَآ اِلَيْهِ" (جيڪڏهن ڀلو هجي ها تہ اسان کان ان ڏانهن اڳرائي نہ ڪن ها) مان

(١) المظهري صہ ٤٠١ جلد ٨١ (٢) تنويرالاذهان صہ ٦٢ جلد ٤ (٣) المظهري صہ ٤٠٢ جلد ٨

معلوم ٿيو تہ تکبر ۽ غرور انسان جي عقل کي هٿائي ٿو ڇڏي متکبر ماڻهو سڀ
کجھ پاڻ کي سمجھي ٿو جيڪا بہ ڳالھ ان جي سمجھ جي خلاف هوندي آهي ان
کي برو سمجھندو آهي. هن آيت ۾ ڪافرن جي ان غرور ۽ تکبر جو ذڪر ڪيو
ويو آهي. ٢- "هٰذَآ اِفْكٌ قَدِيْمٌ" هي پراڻو ڪوڙ ۽ بهتان آهي). صوفياء ڪرام فرمايو
آهي تہ جنهن کي قرآن کان هدايت ملي ٿي اهو قرآن جو باطن ڏسي ٿو جنهن کي
هدايت نٿي ملي اهو صرف ظاهر ٿو ڏسي ۽ ان کي جادو وغيره ٿو سڏي. حضرت
رومي عليه الرحمتہ فرمايو آهي.

ظاهر قرآن چوشخص آدمي است
کہ نقوشش ظاهرو جانش خفي است

قرآن جو ظاهر انسان جي وجود وانگر آهي جنهن جا نقش (صورت وغيره)
ظاهر ۽ ساھ لڪل آهي. ٣- "مُصَدِّقٌ" (تصديق ڪندڙ) مان معلوم ٿيو تہ قرآن
ڪريم اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي جن ٻڌايو هو تہ حضور ڪريم صلی الله
عليه وسلم جن تشريف فرما ٿيندا. ۴- ان مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ قرآن پاڪ کان
پوءِ ڪو ڪتاب نہ لهندو ۽ حضور پاڪ عليه الصلوة والسلام جن کان بعد ڪو نبي
نہ ايندو ڇوتہ قرآن پاڪ صرف تصديق ڪندڙ آهي ڪنهن نبيءَ جي اچڻ جي بشارت
ڏيندڙ ناهي.

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ اِحْسَانًا ؕ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ كُرْهًا وَّوَضَعَتْهُ

۽ اسان انسان کي حڪم ڏنو پنهنجن والدين سان احسان جو ڪنيو ان کي ان جي ماءُ تڪليف سان ۽ ڄڻيائين

كُرْهًا ؕ وَحَمْلُهٗ وَفِصٰلُهٗ ثَلٰثُوْنَ شَهْرًا ؕ حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ

ان کي تڪليف سان ۽ ان جو کڻڻ ۽ کير کان جدا ٿيڻ ٽيھہ مهينا آهي تان جو جڏهن پهتو پنهنجي

اَشُدَّهٗ وَبَلَغَ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۙ قَالَ رَبِّ اَوْزِعْنِيْٓ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ

جوانيءَ کي ۽ پهتو چاليهن سالن کي تہ چيائين اي منهنجا رب توفيق ڏي مون کي تہ شڪر ڪيان مان تنهنجي ان نعمت

الَّتِيٓ اَنۡعَمۡتَ عَلَيَّ وَعَلٰى وَالِدَيَّ وَاَنۡ اَعۡمَلَ صٰلِحًا

جو جيڪا نعمت مون تي ڪئي اٿئي ۽ منهنجي پيءُ ماءُ تي ۽ هي تہ ڪيان مان نيڪ ڪم جو

تَرۡضٰهُ وَاَصۡلِحۡ لِيۡ فِيۡ ذُرِّيَّتِيۡ ۚ اِنِّيۡ تُبۡتُ اِلَيۡكَ وَاِنِّيۡ

راضي ٿين تون ان ڪان ۽ سڌار مون لاءِ منهنجو اولاد بيشڪ مون توبه ڪئي توڏانهن ۽ بيشڪ مان

مِنَ الۡمُسۡلِمِيۡنَ (١٥) اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ نَتَقَبَّلُ عَنۡهُمۡ اَحۡسَنَ مَا عَمِلُوۡا

مسلمانن مان آهيان اهي ئي آهن جو قبول ڪيون ٿا انهن ڪان سهڻا اهي عمل جو ڪيائون

وَنَتَجَاوَزُ عَنۡ سَيِّاٰتِهِمۡ فِيۡٓ اَصۡحٰبِ الۡجَنَّةِ ؕ وَعۡدَ الصِّدۡقِ الَّذِيۡ

۽ درگذر ڪيون ٿا انهن جي براين ڪان بهشت وارن ۾ هوندا وعدو سچ جو جيڪو

كَانُوۡا يُوۡعَدُوۡنَ (١٦).

وعدو ڪيا ويا هئا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ "رَبُّنَا اللّٰهُ" فرمائي پنهنجي ربوبيت جي اقرار ڪندڙن تي ٿيندڙ مهرباني بيان ڪيائين ۽ هتي والدين جي حق جو ذڪر ڪيائين ڇوتہ اهي بہ تربيت ڪن ٿا. فرمان الاهي آهي "وَوَصَّيۡنَا الۡاِنۡسَانَ بِوَالِدَيۡهِ اِحۡسَانًا" ۽ اسان انسان کي سندس والدين سان احسان ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي. انهن سان نيڪي ۽ ڀلائي ڪرڻ ڀلو عمل آهي ۽ انهن جي بي فرماني ڪرڻ وڏو گناهہ آهي. ان متعلق آيتون ۽ گهڻيون حديثون شاهد آهن. (١) "حَمَلَتۡهُ اُمُّهٗ كُرۡهًا وَّوَضَعَتۡهُ كُرۡهًا" ان کي سندس ماءُ تڪليف سان کنيو ۽ تڪليف سان ڄڻيو. مفسرن سڀني لکيو آهي تہ هن آيت مان صراحت سان ثابت آهي تہ ماء جو حق پيءُ کان ڪئين حصا وڌيڪ آهي ۽ هتي

(١) المراغي صـ١٧ جزء ٢٦ جلد ٩

انهن تڪليفن جو تفصيل سان ذڪر آهي جيڪي ٻچي جي سلسلي ۾ صرف ماءُ برداشت ڪري ٿي جڏهن ٻار مـاءُ جي پيٽ ۾ جاءِ وٺي ٿـو تـه ان جي پرورش ۽ نگهداشت ۾ ماءُ جون جسماني سڀ قوتون صرف ٿين ٿيون ۽ ان جي پنهنجي صحت جو نظام نهايت بري طرح متاثر ٿئي ٿو ان جي ننڊ ۽ بک جي نظام ۾ وڏو فرق اچي ٿـو ان جي طبيعت ڳري ۽ مايوس رهي ٿي ۽ آهستي آهستي انهن تڪليفن ۾ اضافو ٿيندو ويندو آهي. ٻار جي ڄمڻ وقت تـه ماءُ ويچاري جو ساهـ پيو نڪرندو آهي، انهن سڀني تڪليفن ڪان پوءِ وري ڪير پيارڻ، صبح ۽ شام سنڀالڻ بيماريءَ جي صورت ۾ سڄي رات ان لاءِ جاڳڻ سڀني سان لائڻ ان جي لاءِ ننڊون قـٽـائڻ صرف ماء جو حصو آهي. انهن سڀني مشقتن کي بيان ڪرڻ سان ماء جي حق جي اهميت واضح ڪئي وئي آهي. هڪ شخص حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪري پڇيو تـه: يارسول الله! ڪنهن سان چڱائي ڪيان؟ ٻاڻ فرمايائون تـه "ماءُ سان" وري عرض ڪيائين تـه "ڪنهن سان چڱائي ڪريان؟ "فرمايائونس تـه: "ماءُ سان" وري عرض ڪيائين تـه "ڪنهن سان چڱائي ڪيان"؟ فرمايائونس تـه "ماءُ سان" چوٿون ڀيرو عرض ڪيائين تـه "ڪنهن سان چڱائي ڪريان"؟ فرمايائونس تـه "پيءُ سان" "١" "وَحَمْلُهٗ وَفِصٰلُهٗ ثَلٰثُوْنَ شَهْرًا" ۽ ان جو ڪٽڻ ۽ ان جو ڪير ڇڏائڻ ٽيهـ مهينا آهي. هن آيت مان علم وارن هي مسئلو ڪڍيو آهي تـه حمل جي گهٽ ۾ گهٽ مدت ڇهـ مهينا آهي ڇوتـه حمل ۽ ڪير ڇڏائڻ جي مڪمل مدت ٽيهـ مهينا آهي ۽ ڪير پيئڻ جي مدت ٻيءَ آيت ۾ ٻه سال آيل آهي. يعني چوويهـ مهينا- باقي رهيا ٦ مهينا ۽ اها حمل جي گهٽ ۾ گهٽ مدت آهي خلافت فاروقيءَ جي دؤر ۾ هڪ عورت حضرت عمر رضي الله عنه جي خدمت ۾ پيش ڪئي وئي جنهن شاديءَ ڪان ڇهـ مهينا پوءِ ٻار ڄڻيو هو، حضرت عمر ان جي متعلق اصحابن سڳورن رضي الله عنهم سان مشورو ڪيو تـه سيدنا علي ڪرم الله وجهه فرمايو "ان تي ڪا سزا ناهي ڇا اوهان الله جو فرمان ملاحظو نـه ڪيو آهي تـه "حَمْلُهٗ وَفِصٰلُهٗ ثَلٰثُوْنَ شَهْرًا" (ان جو ٻار کي ڪٽڻ ۽ ڪير ڪان جدا ڪرڻ ٽيهـ مهينا آهي) ۽ ڪير ڪان جدا ڪرڻ جي لاءِ ٻي آيت ۾ فرمان آهي "وَفِصٰلُهٗ

(١) ضيا ءالقرآن صـ٤٨٤ جلد٤

فِيْ عَامَيْنِ" (۽ ان جو کير کان جدا ڪرڻ ٻن سالن ۾ آهي) ان کان بعد حمل جي لاءِ صرف ٦ مهينا بچن ٿا. ۽ هن عورت جي حمل کي ته ڇهه مهينا گذريا آهن، ان جي ڪري ان تي ڪابه سزا ناهي. اهو ٻڌي حضرت عمر، فاروق اعظم رضي الله عنه ان عورت کي ڪجهه نه چيو. "١"

"حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَبَلَغَ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً" تانجو جڏهن پنهنجي جوانيءَ کي پهتو ۽ چاليهن سالن کي پهتو. مطلب ته ڄمڻ کان پوءِ ان کي والدين پاليو تانجو جڏهن جوانيءَ کي پهتو ۽ چاليهن سالن جو ٿيو ان عمر ۾ انسان جون جسماني ۽ ذهني قوتون پوري عروج تي هونديون آهن ۽ انهن قوتن جي لاءِ اهو وقت گهٽو معتدل هوندو آهي. "قَالَ رَبِّ اَوْزِعْنِيْٓ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَعَلٰي وَالِدَيَّ" چيائين ته اي منهنجا رب! مون کي توفيق ڏي ته مان تنهنجي ان نعمت جو شڪر ڪيان جيڪا مون تي ۽ منهنجي والدين تي ڪئي اٿئي. جن مون کي نندو ڪري نپايو. "وَاَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ وَاَصْلِحْ لِيْ فِيْ ذُرِّيَّتِيْ" ۽ مان صالح عمل ڪيان جنهن کان تون راضي ٿين ۽ منهنجي لاءِ منهنجي اولاد کي سڌار. يعني منهنجي اولاد ۽ نسل کي صالح بناءِ. "٢"

"اِنِّيْ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاِنِّيْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ" بيشڪ مون توڏانهن رجوع ڪيو ۽ بيشڪ مان مسلمانن مان آهيان. مؤمن ٻانهي جي عقائد، نظريات، افڪار ۽ سوچ جو انداز، ان جي آرزو ۽ اميد، منزل ۽ مقصود جو عڪس جميل هن آيت جي آئيني ۾ ڏسي سگهجي ٿو، سڀ کان اول اهو انهن انعامن ۽ احسانن جو اعتراف ڪري ٿو جيڪي ان تي ڪيا ويا آهن جن سان نه صرف اهو پاڻ پر سندس والدين به نوازيا ويا آهن ۽ صرف نعمتن جي اعتراف تي بس نٿو ڪري پر انهن جي ڪما حقه شڪر ادا ڪرڻ جي توفيق به گهري رهيو آهي. اها "وَفِّقْنِيْ" جي لفظ سان نه پر "اَوْزِعْنِيْ" جي لفظ سان طلب ڪئي وئي آهي ان لفظ سان توفيق طلب ڪرڻ سان گڏوگڏ هي به معلوم ٿي رهيو آهي ته جنهن شيءِ جي توفيق گهري ٿي وڃي ان جي دل ۾ ان جو لڳاءُ گهڻو آهي ان کان پوءِ صالح عمل ڪرڻ جي توفيق ملڻ جي دعا

(١) حاشيه المظهری صہ جلد ٨ (٢) صفوة التفاسير صہ١٩٦ جلد٣

گهري وئي آهي پر اهو اهڙو هجي جنهن کان تون راضي رهين ۽ ان سان گڏ اولاد جي اصلاح ۽ سڌاري جي به دعا گهري وئي آهي. دعا جي آخري جملي ۾ انتهائي تسليم ۽ رضا جو اظهار ڪيل آهي ته مون سيني کان منهن موڙي توڏانهن رجوع ڪيو آهي ۽ مان مجڻ وارن مان آهيان.

"أُولَٰئِكَ الَّذِينَ نَتَقَبَّلُ عَنْهُمْ أَحْسَنَ مَا عَمِلُوا وَنَتَجَاوَزُ عَنْ سَيِّئَاتِهِمْ فِي أَصْحَابِ الْجَنَّةِ" اهي ئي آهن جن کان سندن نهايت سهڻا عمل ڪيل قبول ڪيون ٿا ۽ سندن براين کان درگذر ڪيون ٿا جنت وارن مان آهن. يعني مٿين مذڪوره ٻانهن جا سهڻا عمل قبول ڪيون ٿا ۽ سندن غلطيون معاف ڪيون ٿا اهي جنت وارن ۾ هوندا جن کي اسان عفو ۽ غفران سان نوازيو آهي. "وَعْدَ الصِّدْقِ الَّذِي كَانُوا يُوعَدُونَ." وعدو سچ جو جيڪو وعدو ڏنا ويا هئا. پهريان بندگيءَ جي شان جو بيان هو ۽ هتي بنده نوازي جو بيان ٿي رهيو آهي جيڪڏهن اهو مقام انسان کي ملي ته ٻيو ڇا گهرجي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١- "آيت عـ١٥ مان معلوم ٿيو ته اولاد تي والدين جي خدمت ڪرڻ خداوندي حڪم آهي، ڇوته ڪٽي اهي ڪافر هجن ۽ اهو به معلوم ٿيو ته خدمت جو حق پيءُ کان به ماءُ جو زياده آهي ڇوته ماءُ ٻچي کي رت جي قرباني ڏيئي پاليو آهي." "١"

٢- حمل جي ٿوري مدت ۽ کير جي اڪثر مدت بيان ڪيل آهي ان ۾ هي اشارو آهي ته حمل جي گهٽ ۾ گهٽ مدت ٦ مهينا متعين آهي ان کان گهٽ مدت ۾ صحيح سالم ٻار پيدا نٿو ٿي سگهي پر زياده کان زياده ڪيتري مدت ٻار ماءُ جي پيٽ ۾ رهي سگهي ٿو، اهو متعين ناهي ڇوته ان ۾ عادتون مختلف آهن اهڙي طرح کير ڇڏائڻ جي وڌ ۾ وڌ مدت ٻه سال آهي گهٽ ۾ گهٽ مدت متعين ناهي ڇوته بعضي عورتن ۾ کير هوندو ئي ناهي، بعضي عورتن جو کير ٻن ٽن مهينن ۾ خشڪ ٿي ويندو آهي، ڪٽي وري ٻار ماءُ جو کير نه پيئندو آهي يا ان کي نقصان ڏيندو آهي.

شان نزول- آيت عـ١٥ جي شان نزول جي متعلق ابن مردويه حضرت ابن

(١) معارف القرآن صـ ٨٠٤ جلد ٧

عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ هيءَ آيت حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه جي باري ۾ نازل ٿي هئي ڇوتہ ان جي دعا الله عزوجل اهڙي قبول فرمائي جو ان جا والدين پائر، ۽ سمورو اولاد اصحابيءَ ٿيا هئا." ١"

وَالَّذِىْ قَالَ لِوَالِدَيْهِ اُفٍّ لَّكُمَآ اَتَعِدَانِنِىْٓ اَنْ

۽ جنهن ڇيو پنهنجي پيءُ ماءُ کي اف آهي اوهان جي لاءِ ڇا وعدو ڏيو ٿا مون کي هي تہ

اُخْرَجَ وَقَدْ خَلَتِ الْقُرُوْنُ مِنْ قَبْلِىْ ۚ وَهُمَا

ڪڍيو ويندس مان (قبر مان) ۽ تحقيق گذريا ڪيترا قرون مون کان اڳي ۽ اهي ٻئي

يَسْتَغِيْثٰنِ اللّٰهَ وَيْلَكَ اٰمِنْ ۖ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ ۚ فَيَقُوْلُ

پاڏائين پيا الله کي (۽ چون پيا) هلاڪت اٿئي ايمان آڻ بيشڪ الله جو وعدو حق آهي پوءِ چوي پيو تہ

مَا هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ (١٧) اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ حَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ

ناهن هي مگر آڳاٽيون پهرين جون اهي ئي آهن جو ثابت ٿيو انهن تي فرمان

فِىْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا

امتن ۾ جيڪي تحقيق گذريون انهن کان اڳي جنن ۽ انسان مان بيشڪ اهي هئا

خٰسِرِيْنَ (١٨) وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا ۚ وَلِيُوَفِّيَهُمْ

نقصان وارا ۽ سڀ ڪنهن جي لاءِ درجا آهن ان آهر جيڪي (عمل) ڪيائون ۽ تانتہ پورو بدلو ڏي انهن

اَعْمَالَهُمْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ (١٩) وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

کي سندن عملن جو ۽ اهي نہ ظلم ڪيا ويندا ۽ جنهن ڏينهن پيش ڪيا ويندا اهي جن ڪفر ڪيو

(١) الدرالمنثور صہ٤٤٣ جلد ٧

عَلَى النَّارِ ۭ اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ فِيْ حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَاسْتَمْتَعْتُمْ

باھ جي اڳيان ختم ڪيون اوھان پنھنجون نعمتون پنھنجي دنيوي حياتيءَ ۾ ۽ نفعو ورتو اوھان

بِهَا ۚ فَالْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ

انھن سان پوءِ اڄ بدلو ڏنا ويندؤ خواريءَ واري عذاب سان ان سبب جو

تَسْتَكْبِرُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَفْسُقُوْنَ ۧ (٢٠)

وڏائي ڪندا ھيئو زمين تي حق کان سواءِ ۽ ان سببان جو بي فرماني ڪندا ھيئو.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ مؤمن ٻانهي جو ڪردار بيان ڪيو ويو تہ اهو پنهنجي رب جو اطاعت گذار ۽ پنهنجي والدين جو فرمانبردار هوندو آهي ۽ جن قسمين قسمين نعمتن سان ان کي نوازيو وڃي ٿو، انهن تي الله عزوجل جو شڪر ڪندڙ هوندو آهي ۽ هاڻي اهڙي شخص جو ڪردار بيان ڪيو وڃي ٿو جيڪو آخرت کي ڪونہ ٿو مڃي. ۽ خالق کان منهن موڙيندڙ، ماءُ پيءُ جو بي فرمان ۽ گستاخ آهي انهن کي ٿوري گهٽي ڳالهہ تي جهٽڪي ٿو، فرمان مبارڪ آهي- "وَالَّذِيْ قَالَ لِوَالِدَيْهِ اُفٍّ لَّكُمَآ" ۽ جنهن پنهنجي والدين کي چيو تہ اوهان لاءِ "اف" افسوس آهي. مطلب تہ جڏهن ماءُ پيءُ ان کي اسلام ڏانهن سڏيو تہ ان سندن بي ادبي ڪندي کين چيو تہ اوهان جي هن سڏڻ تي افسوس آهي. اوهان جي لاءِ خرابي آهي "اَتَعِدٰنِنِيْٓ اَنْ اُخْرَجَ وَقَدْ خَلَتِ الْقُرُوْنُ مِنْ قَبْلِيْ" ڇا مون کي وعدو ٿا ڏيو تہ مان (قبر) مان ٻاهر ڪڍيو ويندس ۽ حالانڪہ مون کان اڳي ڪيترين ئي ماڻهن جون جماعتون گذري چڪيون آهن ۽ انهن مان ڪوبہ اڃا تائين ٻاهر نڪري نہ آيو آهي، "وَهُمَا يَسْتَغِيْثٰنِ اللّٰهَ وَيْلَكَ اٰمِنْ" ۽ اهي ٻئي الله کان مدد گهرن پيا، تنهنجي خرابي آهي، ايمان آڻ. يعني اهي ٻئي ماءُ پيءُ ان جي هدايت تي اچڻ جي لاءِ الله عزوجل کي ٻاڏائين پيا مدد گهرن پيا ۽ کيس چون پيا تہ ايمان آڻ. نہ تہ هلاڪ ٿي ويندين. "اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ" بلاشڪ الله جو

وعدو حق آهي. مقصد تہ اهو ضرور پورو ٿيندو ان ۾ ڪابہ خلاف ورزي ٿيڻي ناهي. "فَيَقُوْلُ مَا هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ" پوءِ چوي پيو تہ هي ناهن مگر پهرين جون آکاڻيون. يعني اهو بدبخت پنهنجي والدين کي چوي پيو تہ اوهان جيڪي جيئرو ٿي قبر مان اٿڻ جون ڳالهيون ڪيو پيا اهي تہ صرف اڳين وارين آکاڻيون آهن جن جي ڪابہ حقيقت ناهي. "اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ حَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ" اهي ئي آهن جن تي حق ثابت ٿيو آهي. يعني اهي مجرم آهن جن لاءِ الله عزوجل جو فيصلو ٿي چڪو آهي تہ اهي جهنمي آهن ان ۾ ضرور داخل ٿيندا. "فِيْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ" انهن جماعتن ۾ جيڪي اُنهن کان اڳي جنن ۽ انسانن مان گذريون. يعني جيڪي ڪافرن، فاجرن ۽ مشرڪن جون جماعتون جنن ۽ انسانن مان ہنهي کان اڳي گذريون هي بہ انهن سان گڏ جهنم ۾ هوندا. "اِنَّهُمْ كَانُوْا خٰسِرِيْنَ" بلاشڪ اهي نقصان وارا هئا. يعني انهن جي ڪافر هجڻ جي ڪري جڏهن سندن ڪوبہ نيڪ عمل نہ رهيو ۽ پنهنجي آخرت خساري ۾ وجهي ڇڏيائون، ان جي ڪري جهنمي بڻيا. "١"

علامه رازي عليه الرحمة لکيو آهي تہ- هن آيت مان صحيح قول مطابق ڪوبہ مقرر ماڻهو مراد ورتو ناهي بلڪہ هي ان شخص کي شامل آهي جنهن کي ماءُ پيءُ سچي دين اسلام ڏانهن سڏيو ۽ ان انڪار ڪيو.

بعض مفسرن هن آيت کي حضرت عبدالرحمٰن بن ابي بڪر صديق رضي الله عنه جي باري ۾ لکيو آهي پر اهو قول باطل آهي ڇوتہ اهو تہ مؤمن مسلمان هو جنهن اسلام سهڻو رکيو هو. "٢"

۽ ٻين محققن مفسرن ابن ڪثير، القرطبي، ابوالسعود ۽ البحر المحيط واري بہ اها ڳالهہ پسند فرمائي آهي. "٣"

"وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا" ۽ سڀ ڪنهن جي لاءِ سندس عملن آهر درجا آهن يعني مؤمنن ۽ ڪافرن جا مرتبا ۽ منزلون سندن اعمال آهر هوندا. مؤمنن جا مرتبا جنت ۾ بلند ۽ بالا هوندا ۽ ڪافرن جون جايون جهنم ۾ هونديون. "وَلِيُوَفِّيَهُمْ اَعْمَالَهُمْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ" ۽ تانتہ انهن کي سندن اعمال جو پورو بدلو ڏي ۽ اهي ظلم نہ ڪيا ويندا. مقصد تہ هرهڪ مسلمان توڙي ڪافر کي سندن اعمال جو

(١) صفوة التفاسير صہ١٩٧ جلد٣ (٢) التفسيرالكبير صہ٢٣ جز ٢٨ (٣) حاشية صفوة التفاسير صہ١٩٧ جلد٣

پورو حساب ملندو گھٽ وڌ نہ ھوندو. جھڙا اعمال اھڙو بدلو.

"وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ فِيْ حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَاسْتَمْتَعْتُمْ بِهَا فَالْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَفْسُقُوْنَ." ۽ جنھن ڏينھن ڪافر باھ تي پيش ڪيا ويندا (۽ ڪين چيو ويندو تہ) اوھان پنھنجون نعمتون پنھنجي دنيوي حياتيءَ ۾ وڃائي ڇڏيون ۽ انھن سان فائدو ورتو پوءِ اڄ خواري واري عذاب سان بدلو ڏنا ويندؤ. ان سببان جو زمين ۾ ناحق تڪبر ڪندا ھيئو ۽ ان سببان جو فاسق بڻيا ھيئو. يعني اي محبوب عليه الصلوٰة والسلام! انھن کي اھو ڏينھن ياد ڏياريو جڏھن دوزخ جي باھ جا اڳيان پردا ڪنيا ويندا ۽ اھا ڪافرن جي لاءِ ظاھر ٿيندي ان کي ڏسندا ۽ ان ڏانھن ويجھا ڪيا ويندا. ۽ ڪين تنبيہ ڪندي چيو ويندو تہ اوھان پنھنجون نعمتون وڃائي ڇڏيون، دنيوي لذتن ۽ شھوتن ۾ قابو رھيئو ۽ انھن مان فائدا حاصل ڪندي آخرت تي ايمان نہ آندوَ. ان جي ڪري اڄ نھايت خواريءَ واري عذاب سان بدلو ڏنا ويندؤ جوتہ زمين ۾ ھرو ڀرو ۽ ناحق ھٺ ڪندا ھيئو ۽ ايمان ۽ اطاعت قبول نہ ڪندا ھيئو ۽ فسق ۽ فجور جا ڪم اوھان جو خاص ڪردار رھيا ھئا. "١"

فائدا: مذڪوره آيت جي تفسير مان ھي ڳالھيون بہ سمجھہ ۾ اچن ٿيون:

١- "وَالَّذِيْ قَالَ لِوَالِدَيْهِ اُفٍّ لَّكُمَا" (۽ جنھن پنھنجي والدين کي چيو تہ اوھان کي اف آھي) مان معلوم ٿيو تہ والدين کي ائين چوڻ ڪافرن جو طريقو آھي، مؤمن پنھنجي ابي امان جو خدمت گذار ۽ فرمانبردار ھوندو. ۽ بعض تفسيرن ھن آيت جو مصداق حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي پٽ حضرت عبدالرحمٰن رضي الله عنه کي لکيو آھي پر اھو غلط آھي اھو مروان ڪنھن خطبي دوران چيو ھو. "٢" جنھن کي محقق مفسرن ۽ محدثن رد ڪيو آھي جيئن تفسير ۾ لکيو اٿئون. ٢- "وَهُمَا يَسْتَغِيْثٰنِ اللّٰهَ وَيْلَكَ اٰمِنْ" (۽ اھي الله کي ٻاڏائي مدد پيا گھرن، ھلاڪت آھي تنھنجي لاءِ، ايمان آڻ) ھن مان معلوم ٿيو تہ والدين کي اولاد جي نيڪ ھجڻ لاءِ دعائون گھرڻ گھرجن، ۽ انھن کي سڌي واٽ تي ھلڻ جي لاءِ ھدايت بہ ڪن. نہ تہ انھن کي بہ پڪڙ ٿيندي. "٣"

(١) معارف القرآن ص٨٠٩ جلد ٧ (٢) معارف القرآن ص٨٠٩ جلد ٧ (٣) نورالعرفان ص٨٠٤

٣- "فِیْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ" (جماعت ۾ جيڪي (انهن کان) اڳي گذريون) مان معلوم ٿيو تہ پويان ڪافر پهرين سان گڏ جهنم ۾ هوندا. هر شخص پنهنجي هم جنس سان جڪڙيو ويندو، ۽ ڪافر اولاد پنهنجي مؤمن ماءُ پيءُ سان گڏ نہ هوندو. ڪافرن سان هوندو.

٤- "اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ" (اوهان پنهنجون نعمتون وڃائي ڇڏيون) مان معلوم ٿيو تہ ڪافرن جا ڪي ڪي چڱا ڪم ايمان نہ آڻڻ جي ڪري آخرت ۾ تہ ڪا اهميت نہ رکندا پر الله عزوجل دنيا ۾ ڪين انهن جو بدلو ڏيندو آهي، سندن سخاوت، همدردي ۽ سچ ڳالهائڻ جي ڪري ڪين دنيوي ڪاروبار وغيره ۾ ترقي ملندي آهي.

٥- اهو بہ معلوم ٿيو تہ مؤمن کي دنيوي لذتن ۽ نعمتن ۾ محو ٿيڻ نہ گهرجي، ان جي ڪري حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن اصحابن ۽ تابعن دنيوي لذتن کي ڇڏڻ جي عادت بنائي هئي جيئن سندن سيرت مان واضح آهي حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه کي يمن ڏانهن موڪلڻ وقت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن حڪم فرمايو هو تہ دنيوي لذتن کان پرهيز ڪجانءِ. حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جيڪو شخص الله کان ٿورڙي رزق ملڻ تي راضي هوندو الله ان کان ٿوري عمل تي راضي ٿيندو." ١"

وَاذْكُرْ اَخَا عَادٍ ؕ اِذْ اَنْذَرَ قَوْمَهٗ بِالْاَحْقَافِ وَقَدْ خَلَتِ

۽ ياد ڪر عاد جي ڀاءُ کي جڏهن ڊيڄاريائين پنهنجي قوم کي احقاف ۾ ۽ تحقيق گذريا

النُّذُرُ مِنْ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖٓ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ؕ

ڊيڄاريندڙ ان جي اڳيان ۽ ان جي پويان تہ نہ عبادت ڪيو مگر الله جي

اِنِّیْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ (٢١) قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا

بيشڪ مان ڊڄان ٿو اوهان تي عذاب وڏي ڏينهن جي کان چيائون تہ ڇا آئين تون اسان وٽ

(١) المظهري ص ٤١٠ جلد ٨

لِتَأْفِكَنَا عَنْ اٰلِهَتِنَا ۚ فَأْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ

تاتہ ڦيرائين اسان کي اسان جن معبودن کان پوءِ آڻ اسان وٽ جنھن جو اسان کي وعدو ڏين ٿو

اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ (٢٢) قَالَ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۖ وَاُبَلِّغُكُمْ

جيڪڏهن آهين تون سچن مان چيائين تہ علم تہ صرف اللہ وٽ آهي ۽ پهچايان ٿو مان اوهان کي

مَّآ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَلٰكِنِّيْٓ اَرٰىكُمْ قَوْمًا

اهو جو موڪليو ويس مان ان سان اوهان ڏانهن ۽ پر مان ڏسان ٿو اوهان کي قوم جو

تَجْهَلُوْنَ (٢٣) فَلَمَّا رَاَوْهُ عَارِضًا مُّسْتَقْبِلَ اَوْدِيَتِهِمْ ۙ قَالُوْا

نتا ڄاڻو پوءِ جڏهن ڏٺائون ان کي ڪڪر وانگر سامهون ايندڙ سندن وادين ڏانهن تہ چيائون

هٰذَا عَارِضٌ مُّمْطِرُنَا ۭ بَلْ هُوَ مَا اسْتَعْجَلْتُمْ بِهٖ ۭ

هي ڪڪر اسان تي مينهن وسائيندڙ آهي بلڪہ اهو آهي جيڪو اوهان تڪڙو گهريو هو

رِيْحٌ فِيْهَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۙ (٢٤) تُدَمِّرُ كُلَّ شَيْءٍۢ بِاَمْرِ رَبِّهَا

واء جو ان ۾ عذاب دردناڪ آهي هلاڪ ڪري پيو هر شيءِ کي پنهنجي رب جي امر سان

فَاَصْبَحُوْا لَا يُرٰٓى اِلَّا مَسٰكِنُهُمْ ۭ كَذٰلِكَ نَجْزِي

پوءِ صبح ڪيائون جو نتا ڏٺا وڃن مگر گهر انهن جا اهڙي طرح بدلو ڏينداسون

الْقَوْمَ الْمُجْرِمِيْنَ (٢٥) وَلَقَدْ مَكَّنّٰهُمْ فِيْمَآ اِنْ مَّكَّنّٰكُمْ فِيْهِ

قوم مجرم کي، ۽ البتہ تحقيق اسان انهن کي ايتري طاقت ڏني جيڪا اوهان کي نہ ڏني سون

وَجَعَلْنَا لَهُمْ سَمْعًا وَّاَبْصَارًا وَّاَفْئِدَةً فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ

۽ ڪيا اسان انهن لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دليون پوءِ نہ ڪم ڏنو انهن جي ڪنن

سَمْعُهُمْ وَلَآ اَبْصَارُهُمْ وَلَآ اَفْئِدَتُهُمْ مِّنْ شَيْءٍ اِذْ كَانُوْا

ڪنن انهن جي ۽ نہ اکين انهن جي ۽ نہ دلين انهن جي ڇوتہ انڪار

يَجْحَدُوْنَ بِاٰيٰتِ اللهِ وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ (٢٦). ٣ع

ڪيائون ٿي الله جي آيتن جو ۽ ولٽجي پيو انهن تي اهو عذاب جو ان سان چٿر ڪندا هئا.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ توحيد ۽ نبوت جي اثبات جا دلائل ذڪر ڪيا ويا ۽ مڪه مڪرمه جي رهاڪو مشرڪن جو دنيا سان محبت رکڻ ۽ ان ۾ اونهو وڃڻ بيان ٿيو ۽ هتي عاد جي قوم جو سندن نبي حضرت هود علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام سان ادنگي نموني پيش اچڻ جي ڪري عذاب ۾ مبتلا ٿيڻ جو ذڪر آندو ويو آهي تہ بيا ان مان عبرت حاصل ڪن. فرمان رباني آهي: "وَاذْكُرْ اَخَا عَادٍ اِذْ اَنْذَرَ قَوْمَهٗ بِالْاَحْقَافِ" ۽ عاد جي ڀاءُ کي ياد ڪر جڏهن پنهنجي قوم کي احقاف ۾ ڊيڄاريائين. هتي مڪه مڪرمه جي رهاڪو قريشي ڪافرن کي اهڙي قوم جي تباهيءَ جو حال ٻڌايو وڃي ٿو جيڪي انهن کان جسماني قوت، مال ۽ دولت جي اعتبار سان گهڻو وڌيڪ هئا ۽ پنهنجي سياسي رسوخ جي اعتبار سان سڄي عرب ۾ مشهور ۽ معروف هئا پر جڏهن انهن حق جي واٽ کان منهن موڙيو ۽ پنهنجي نبي حضرت هود علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي سمجهائڻ جي باوجود نہ مڙيا تہ نيست ۽ نابود بنايا ويا. احقاف حقف جو جمع آهي ۽ عرب واريءَ جي ڍير کي حقاف يا احقاف چوندا آهن، قرآن ڪريم ۾ اَحْقَافِ مان مراد اهو واريءَ سو علائقو آهي جيڪو عمان کان حضر موت تائين پکڙيل آهي، ان جو رقبو ٽي لک (٣٠٠٠٠٠) مربع ميل ٻڌايو وڃي ٿو ان کي "الربع الخالي" بہ چوندا آهن. هي علائقو ئي آهي جنهن ۾ ڪنهن

وقت پنهنجي دور جا طاقتور ماڻهو آباد هئا ۽ پنهنجي نبي هود علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي نہ مڃڻ جي ڪري تباهہ ۽ برباد ٿي ويا. "١" "وَقَدْ خَلَتِ النُّذُرُ مِنْ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖٓ" ۽ تحقيق ان ڪان اڳي ۽ ان ڪان پوءِ ڊيڄاريندڙ گذريا. هي "اِذْ اَنْذَرَ قَوْمَهٗ" ۽ "اَلَّا تَعْبُدُوْٓا" جي وچ ۾ جملہ معترضہ آهي. "٢" مطلب تہ احقاف وارن کي ڊيڄاريندڙ نبي حضرت هود علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ڪان اڳي بہ نبي آيا هئا ۽ پوءِ بہ جن پنهنجين پنهنجين امتن کي شرڪ جي بري انجام ۽ ان تي ملڻ واري عذاب کان ڊيڄاريو هو. "٣" "اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ" تہ الله ڪان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪيو بيشڪ مان اوهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب ڪان ڊڄان ٿو. مطلب تہ حضرت هودعلیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام انهن کي فرمايو تہ الله جل مجده ڪان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪيو ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ بنايو ان جي عبادت ۾ خلوص پيدا ڪيو. اوهان ان حقيقي معبود ڪان سواءِ ٻين جي عبادت ڪيو ٿا مون کي ڊپ ٿو ٿئي تہ اوهان قيامت واري وڏي ڏينهن ۾ عذاب ۾ اچي ويندؤ. "قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا لِتَاْفِكَنَا عَنْ اٰلِهَتِنَا فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ" چيائون ڇا اسان وٽ ان جي لاءِ آيو آهين تہ اسان کي اسان جن معبودن ڪان ڦيرائين جيڪڏهن سچن مان آهين تہ پوءِ اسان وٽ اهو آڻ جنهن جو اسان کي وعدو ٿو ڏين. مقصد تہ اسان کي قيامت جي ڏينهن جو ڊپ ڏيندي اسان جن معبود (بتن) ڪان روڪين ٿو. جيڪڏهن واقعي ان ڳالهہ ۾ سچو آهين تہ اهو آڻ تہ ڏسون. "٤" "قَالَ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ وَاُبَلِّغُكُمْ مَّآ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَلٰكِنِّيْٓ اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ" چيائين علم تہ الله وٽ آهي ۽ مان اوهان کي اهو پيغام پهچايان ٿو جنهن سان موڪليو ويو آهيان ۽ پر مان اوهان کي جاهل قوم ٿو ڏسان. يعني اوهان جي حال جو وڌيڪ علم الله وٽ آهي اهوئي ڄاڻي ٿو تہ اوهان تڪڙي عذاب جا حقدار آهيو يا نہ. باقي منهنجو ڪم تہ اهو پيغام پهچائڻ آهي جنهن سان الله جلت عظمته مون کي موڪليو آهي، پر مان اهو بہ ڏسان ٿو تہ اوهان بي علم، جاهل قوم آهيو نہ عقل ٿا رکو نہ سمجهہ اٿو. "فَلَمَّا رَاَوْهُ عَارِضًا مُّسْتَقْبِلَ اَوْدِيَتِهِمْ قَالُوْا هٰذَا

(١) ضياء القرآن صـ٤٩٠ جلد٤ (٢) مدارڪ صـ١٤٥ جز٤ جلد٢ (٣) ابوالسعود صـ٨٥ جز٨٠ (٤) تفسير ابن ڪثير صـ١٦٠ جلد٤

عَارِضٌ مُّمۡطِرُنَا" پوءِ جڏهن ان ڪڪر کي سندن وادين کي سامهون ايندڙ ڏٺائون تہ چيائون هي ڪڪر اسان تي مينهن وسائيندڙ آهي. يعني جڏهن انهن تي قدرتي عذاب ڪڪر جي صورت ۾ اچڻ لڳو تہ خوش ٿي چوڻ لڳا هي تہ ڪڪر آهي جيڪو اسان جي لاءِ برسات کڻي اچي رهيو آهي ڇوتہ اهي برسات جا محتاج ۽ ضرورتمند هئا.

"بَلۡ هُوَ مَا اسۡتَعۡجَلۡتُمۡ بِهٖ ۖ رِيۡحٌ فِيۡهَا عَذَابٌ اَلِيۡمٌ" بلڪ اهو اوهان جو تڪڙو گهريل آهي هوا جنهن ۾ دردناڪ عذاب آهي. يعني اهو ڪڪر اوهان جي لاءِ برسات ڪونہ ٿو آڻي پر ان ۾ اوهان تي هوا جي صورت ۾ دردناڪ عذاب اچي رهيو آهي. "تُدَمِّرُ كُلَّ شَيۡءٍۢ بِاَمۡرِ رَبِّهَا" پنهنجي رب جي امر سان هر شيءِ کي هلاڪ ڪري رهيو آهي. يعني الله عزوجل جي اذن ۽ امر سان اوهان جي شهرن ۾ تباهي ۽ بربادي آڻي ڇڏيندو. "فَاَصۡبَحُوۡا لَا يُرٰۤى اِلَّا مَسٰكِنُهُمۡ" پوءِ صبح ڪيائون جو نٿي ڏٺا ويا مگر گهر انهن جا. يعني سڀ هلاڪ ٿي ويا ڪير بہ انهن مان ڏسڻ ۾ نہ آيو صرف سندن گهر ڏسڻ ۾ ٿي آيا. "كَذٰلِكَ نَجۡزِى الۡقَوۡمَ الۡمُجۡرِمِيۡنَ" مجرم قوم کي اهڙي طرح بدلو ڏينداسون. يعني جنهن بہ اسان جي رسولن کي ڪوڙو چيو ۽ اسان جي امر جي مخالفت ڪئي ان جي لاءِ اسان جو هي حڪم آهي. "١"

علامه محمد بن محمد عمادي لکيو آهي تہ احقاف وارن کي عذاب هن طرح آيو جو هوا انهن جي تنبن ۽ ماڻهن کي ايترو مٿي کڻي وئي ٿي جو مڪڙ جيترا نظر ٿي آيا ۽ انهن کي ڀريان ڀريان ڪيئن خبر پئي تہ هي عذاب آهي؟ هن طرح ڪين معلوم ٿيو تہ هوا سندن سامانن ۽ چوپايي مال کي اڏائي آسمان ۽ زمين جي وچ تي ٿي هلايو. اهو ڏسي اهي گهرن ۾ گهڙي دروازا بند ڪري ويهي رهيا تہ هوا اهي دروازا ٽوڙي ڪين بيهوش ڪري ڪيرايو، الله عزوجل انهن تي ايترو واري وسائي جو ان جي هيٺان ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن پيا هئا صرف روئڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ٿي پوءِ هوا انهن تان واري اڏائي پري ڪري سندن لاشن کي کڻي سمنڊ ۾ اڇلايو ۽ اهو عذاب ڏسي حضرت هود علىٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام پنهنجي سر ۽ ڪيس مڃڻ وارن مؤمنن تي ليڪو ڦيرايو ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي قول مطابق

(١) تفسير ابن ڪثير ص١٦٠ جلد٤ (٢) ابوالسعود ص٨٦ جزء٨

ايتري سخت هوا انهن کي ٿڌي راحت ۽ لذت ڏيندڙ محسوس ٿي رهي هئي. "٢"
"وَلَقَدْ مَكَّنّٰهُمْ فِيْمَآ اِنْ مَّكَّنّٰكُمْ فِيْهِ" ۽ البت تحقيق اسان انهن کي ايتري طاقت ڏني جيڪا اوهان کي نہ ڏني سون. مطلب تہ انهن کي وسيع مال ملڪيت ۽ وڏي عمر عطا ڪئي هئي سون جيڪا اوهان کي نہ ڏني سون. "وَجَعَلْنَا لَهُمْ سَمْعًا وَّاَبْصَارًا وَّاَفْئِدَةً" ۽ اسان انهن جي لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دليون ڪيون. مقصد تہ اهي ظاهر ۾ ٻوڙا، انڌا ۽ مئل نہ هئا ڪن، اکيون ۽ دليون هين جيڪڏهن انهن کي صحيح استعمال ڪري الله عزوجل کي سڃاڻي ان جي نعمتن جو قدر ڪن ها تہ ممڪن هو. "فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ سَمْعُهُمْ وَلَآ اَبْصَارُهُمْ وَلَآ اَفْئِدَتُهُمْ مِّنْ شَيْءٍ" پوءِ انهن جي ٻارن نہ سندن ڪنن ۽ نہ سندن اکين ۽ نہ سندن دلين ڪوبہ ڪم ڏنو. ڇوتہ انهن ڪنن کي وحي ۽ نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي نصيحتن ٻڌڻ ۾ ۽ اکين کي قدرتي تڪوينيه نشانين جي ڏسڻ ۾ ۽ دلين کي الله جل جلاله جي معرفت ۾ ڪجهہ بہ استعمال نہ ڪيو. "اِذْ كَانُوْا يَجْحَدُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ" ڇوتہ الله جي آيتن جو انڪار ٿي ڪيائون. يعني سڃاڻپ جي ذريعن هوندي منڪر بنجي ويٺا. "وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ" ۽ انهن تي اهو (عذاب) پلٽجي پيو جنهن سان ٺٺول ڪندا هئا يعني جنهن عذاب جي ٺوڪ ۽ چٿر ڪندي تڪڙو اچڻ جي طلب ڪندا هئا اهو مٿن ڪڙڪا ڪندي پلٽجي پيو. .

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ ويهن ٿا.

١- "وَاذْكُرْ اَخَا عَادٍ" (۽ عاد جي ڀاءُ کي ياد فرماءِ) ۾ حضرت هود علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي قوم جي لحاظ سان عاد قوم جو ڀاءُ سڏيو ويو ان جو مطلب اهو ناهي تہ اسين ان کي پنهنجو ڀاءُ سڏيون نبي عليه الصلوٰة والسلام کي سردار، آقا ۽ پنهنجو محبوب سڏجي. ٢- "اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ" (بيشڪ مان اوهان تي عذاب اچڻ جو خوف ٿو رکان) مان معلوم ٿيو تہ ان کي ڪافرن تي عذاب اچڻ جو ڊپ هو. پر انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام پنهنجي متعلق قيامت جي خوف کان هر طرح محفوظ آهن. ها انهن کي الله عزوجل جي عظمت ۽ جلال جو خوف علیٰ وجه الڪمال هوندو آهي ڇوتہ اهو ايمان جي قوي هجڻ جو دليل آهي. لهذا آيتن ۾ نہ ڪو تعارض آهي نہ انهن تي ڪو اعتراض آهي.

وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا مَا حَوْلَكُمْ مِّنَ الْقُرٰى وَصَرَّفْنَا

۽ البت تحقيق هلاڪ ڪيا اسان اهي جيڪي چوڌاري اوهان جي هئا ڳوٺن مان ۽ مٽ سٽ پيش ڪيون اسان

الْاٰيٰتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ (٢٧) فَلَوْلَا نَصَرَهُمُ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا

نشانيون شايد اهي موٽن پوءِ ڇو نہ مدد ڪئي سندن انهن (جن کي) بنايائون

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ قُرْبَانًا اٰلِهَةً بَلْ ضَلُّوْا عَنْهُمْ وَذٰلِكَ

الله کان سواءِ ويجهي ٿيڻ لاءِ معبود بلڪ گم ٿيا انهن کان ۽ اهو

اِفْكُهُمْ وَمَا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ (٢٨)

بهتان انهن جو آهي ۽ جيڪو ٺاهہ ٺاهيندا هئا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ عاد جي قوم جي هلاڪت جو قصو بيان ٿيو ۽ هتي ٻين قومن جي هلاڪت جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي: "وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا مَا حَوْلَكُمْ مِّنَ الْقُرٰى وَصَرَّفْنَا الْاٰيٰتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ" ۽ البت تحقيق اسان انهن ڳوٺن کي هلاڪ ڪيو جيڪي اوهان جي چوڌاري هئا ۽ اسان مٽ سٽ نشانيون آنديون شايد اهي موٽن. يعني اسان اوهان جي آس پاس وارا ٻيا ڳوٺ بہ ان ڪفر ۽ شرڪ جي ڪري هلاڪ ڪيا جيئن ثمود جي قوم، حضرت لوط (علىٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام) جي قوم جو اوهان شام ملڪ ڏانهن ويندي، انهن ڳوٺن کان لنگهو ٿا. جڏهن تہ مڪه مڪرمه جي هڪ پاسي يمن آهي ۽ ٻئي پاسي شام آهي ان جي ڪري "مَاحَوْلَكُمْ" (اوهان جي آس پاس) فرمايو ويو. ۽ اسان انهن کي هلاڪ ڪرڻ کان پهريان مٽ سٽ، ورائي ورائي انهن کي پنهنجي قدرت جو نشانيون ڏيکاريون تانتہ اهي ڪفر ۽ شرڪ کان موٽي پون پر نہ موٽيا، نہ مڙيا ۽ هلاڪ ٿي ويا. "فَلَوْلَا نَصَرَهُمُ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ قُرْبَانًا اٰلِهَةً" پوءِ ڇونہ سندن مدد ڪئي انهن جن کي الله کان

سواءِ ويجهي ٿيڻ جي لاءِ معبود بنايائون. مطلب تہ جن شين کي انهن الله کان سواءِ الله ڏانهن ويجهو ٿيڻ لاءِ معبود بنايو هو انهن سندن مدد ڇو نہ ڪئي؟ مطلب تہ ڪافرن جو چوڻ هو تہ اسين بتن جي عبادت آن جي ڪري ڪيون ٿا تہ اهي اسان کي الله عزوجل ڏانهن ويجهو بنائيندا. الله تعالىٰ فرمايو تہ جيڪڏهن ائين هو تہ پوءِ انهن بتن ڪين مدد ڪري هلاڪت ۽ الاهي عذاب کان ڇو نہ ڇڏايو؟ "بَلْ ضَلُّوْا عَنْهُمْ" بلڪہ انهن کان گم ٿي ويا. عذاب وقت ڪين ڏسڻ ۾ ئي نہ آيا. "وَذٰلِكَ اِفْكُهُمْ وَمَا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ" ۽ اهو سندن بهتان هو ۽ جيڪي ناهہ ٿي ناهيائون. مطلب تہ اهي بت نہ سندن سفارش ڪندڙ هئا نہ الله عزوجل کي ويجهي ٿيڻ جو ذريعو. اهو تہ سندن ڪوڙ ۽ هٺ جو ٺهيل ناهہ هو. حقيقت ڪجهہ بہ نہ هئي. "١"

فائدو- مذڪوره آيتن ۾ مذڪور "اَلْقُرٰى" مان مراد ثمود وغيرهم جا ڳوٺ ۽ آيات مان مراد ان قوم جا قصا. انهن ڏانهن موڪليلن نبين عليهم الصلوٰة والسلام کي مليل معجزا، يا انهن تي اچڻ واريون معمولي تڪليفون آهن. "٢"

وَاِذْ صَرَفْنَآ اِلَيْكَ نَفَرًا مِّنَ الْجِنِّ يَسْتَمِعُوْنَ الْقُرْاٰنَ ج

۽ (ياد فرماءِ) جڏهن لاڙيوسون توڏانهن هڪ ٽولي کي جنن مان ٻڌن پيا قرآن کي

فَلَمَّا حَضَرُوْهُ قَالُوْٓا اَنْصِتُوْا ج فَلَمَّا قُضِيَ وَلَّوْا اِلٰى قَوْمِهِمْ

پوءِ جڏهن حاضر ٿيا اتي تہ چيائون چپ ڪيو پوءِ جڏهن پورو ڪيو ويو تہ موٽيا پنهنجي قوم ڏانهن

مُّنْذِرِيْنَ (٢٩) قَالُوْا يٰقَوْمَنَآ اِنَّا سَمِعْنَا كِتٰبًا اُنْزِلَ

ڊيڄاريندڙ ٿي چيائون تہ اي اسان جي قوم وارا! بيشڪ اسان ٻڌو هڪ ڪتاب جيڪو نازل ڪيو ويو

مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ يَهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ

آهي موسىٰ کان پوءِ تصديق ڪندڙ انهن جي جيڪي اڳي ان کان هئا هدايت ڪري پيو حق ڏانهن

(١) بيان القران مع معارف القران صہ ٨١٢ جلد ٧ (٢) نور العرفان صہ ٨٠٦

وَاِلٰى طَرِيْقٍ مُّسْتَقِيْمٍ (٣٠) يٰقَوْمَنَآ اَجِيْبُوْا دَاعِيَ اللّٰهِ وَاٰمِنُوْا بِهٖ

۽ سڌي واٽ ڏانهن اي اسان جي قوم وارا! سڏ قبول ڪيو الله ڏانهن سڏيندڙ جو ۽ ايمان آڻيو ان تي

يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُجِرْكُمْ مِّنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ (٣١)

ته بخش ڪندو اوهان کي گناهه اوهان جا ۽ بچائيندو اوهان کي عذاب دردناڪ کان

وَمَنْ لَّا يُجِبْ دَاعِيَ اللّٰهِ فَلَيْسَ بِمُعْجِزٍ فِي الْاَرْضِ وَلَيْسَ لَهٗ

۽ جيڪو الله ڏانهن سڏيندڙ جو سڏ نتو قبول ڪري پوءِ ناهي عاجز ڪندڙ زمين ۾ ۽ ناهن ان جا

مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءُ اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ. (٣٢)

ان کان سواءِ ڪي مددگار اهي کليل گمراهيءَ ۾ آهن.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ انسانن جي متعلق بيان هو ته انهن مان ڪي مؤمن آهن ته ڪي ڪافر ۽ هتي جنن جي متعلق ارشاد ٿي رهيو آهي ته انهن مان به ڪي مسلمان ٿيل هئا ۽ ڪي نه ٿيا هئا.

شان نزول: مفسرن ڀلارن لکيو آهي ته: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي بعثت وقت جڏهن جنن کي آسماني خبرون ٻڌڻ کان روڪيو ويو ۽ جيڪو مٿي وڃڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته ان کي اُمـڙ لڳايا ويندا هئـا. تڏهن جنن ۾ اهو تذڪرو هليو ته ان جو سبب معلوم ڪجي ته اهو ڇو ٿـو ٿئي؟ پوءِ ان جي تحقيق ڪرڻ جي لاءِ جنن جا مختلف ٽولا دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ٽڙي پکڙجي ويا انهن جو هڪ ٽولو حجاز جي سرزمين تي به پهتو اتفاق اهو ٿـيو جو ان ڏينهن حضور پرنور صلى الله عليه وسلم جن پنهنجن ڪجهه اصحابن سڳورن رضي الله عنهم سان گڏ، بطن نخله، نالي هڪ مقام تي تشريف فرما هئا ۽ پاڻ عرب جي تجارتي ميلي جي مرڪز سوق عڪاظ ڏانهن غالبًا دين اسلام جي دعوت ڏيڻ جي ارادي

سان وڙهڻ جي تياري ۾ هئا. پاڻ بطن نخله نالي مقام تي فجر جي نماز پڙهائي رهيا هئا ته اهي جن اتي پهتا قرآن ڪريم ٻڌي چوڻ لڳا ته اهو سبب دراصل هي آهي جيڪو اسان ۽ آسماني خبرن جي وچ ۾ رڪاوٽ آهي. هڪ روايت موجب اهي جن جڏهن اتي پهتا ته هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا "ماٺ ڪري قرآن ٻڌو" جڏهن پاڻ نماز کان فارغ ٿيا ته اهي جن اسلام جي حقانيت تي يقين رکي ايمان آڻي پنهنجي قوم ڏانهن واپس ٿيا ۽ انهن کي ٻڌايائون ته اصل سبب هي آهي ۽ اسين مسلمان ٿي آيا آهيون اوهان کي به گهرجي ته ايمان آڻيو. هڪ روايت موجب اهي نصيبين نالي مقام جا رهاڪو هئا ۽ ست يا نو ڄڻا هئا. جڏهن انهن پنهنجي قوم وارن کي پنهنجي ايمان ۽ اسلام آڻڻ جي خبر ٻڌائي، ۽ انهن کي ايمان ڏانهن رغبت ڏياري ته پوءِ انهن مان ٽي سوءِ (٣٠٠) ڄڻا اسلام آڻڻ جي لاءِ سندن خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿيا. ٻين روايتن ۾ جنن جو ٻئي نموني اچڻ به ذڪر ڪيل آهي پر جڏهن ته اهي مختلف واقعا مختلف وقتن ۾ پيش آيا هئا ان جي ڪري انهن ۾ ڪو تعارض ناهي ۽ ان جي تائيد ان روايت سان به ٿئي ٿي جيڪا طبراني اوسط ۾ ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان آندي آهي ته جن نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جي خدمت عاليه ۾ بار بار حاضر ٿيندا هئا. علامه خفا جي لکيو آهي ته روايتن گڏ ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته جن حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت م ڇهه ڀيرا حاضر ٿيا هئا. وڌيڪ هن بحث جي متعلق پوري تفصيل لاءِ هي تفسير ڏسي سگهو ٿا. الدرالمنثور صـ٤٥٢ جلد ٢٧ روح البيان صـ٤٨٦ جلد ٨عـ٣ ايسرالتفاسير صـ٢٣٩ جلد ٤ . ٤: ابوالسعود صـ٨٨ جز٨. ٥: معارف القرآن صـ٨١٤ جلد٧ جزء. المراغي صـ ٢٦.

ارشاد مبارڪ آهي "وَاِذْ صَرَفْنَآ اِلَيْكَ نَفَرًا مِّنَ الْجِنِّ يَسْتَمِعُوْنَ الْقُرْاٰنَ ج" ۽ (ياد فرمايو) جڏهن اوهان ڏانهن جنن مان هڪ ٽولي کي لاڙيو سين قرآن ٻڌن پيا. يعني پنهنجي قوم کي اهو واقعو ٻڌايو جڏهن اسان جنن مان هڪ ٽولي کي اوهان جي خدمت ۾ لاڙي پهچايو جن جي مقدر ۾ اسان قرآن ٻڌڻ لکيو هو. "فَلَمَّا حَضَرُوْهُ قَالُوْٓا اَنْصِتُوْا ج" پوءِ جڏهن اتي حاضر ٿيا ته چيائون چپ ڪيو. يعني جڏهن حضور

پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي خدمت ۾ ان وقت پهتا جڏهن پاڻ قرآن پاڪ تلاوت فرمائي رهيا هئا تہ پاڻ ۾ چيائون "چپ ڪيو. ٻڌو تہ ڇا ٿو پڙهيو وڃي. "فَلَمَّا قُضِيَ وَلَّوْا إِلَىٰ قَوْمِهِم مُّنذِرِينَ" پوءِ جڏهن (تلاوت) پوري ڪئي وئي تہ پنهنجي قوم ڏانهن (انهن کي) ڊيڄاريندڙ ٿي موٽيا. مطلب تہ اسلام جا مبلغ ٿي پنهنجي قوم کي خدا جو ڊپ ڏياريندڙ ٿي واپس ٿيا. "قَالُوا يَا قَوْمَنَا إِنَّا سَمِعْنَا كِتَابًا أُنزِلَ مِن بَعْدِ مُوسَىٰ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ يَهْدِي إِلَى الْحَقِّ وَإِلَىٰ طَرِيقٍ مُّسْتَقِيمٍ" چيائون تہ اي قوم اسان جي بيشڪ اسان هڪ ڪتاب (پڙهندي) ٻڌو آهي جيڪو موسىٰ کان پوءِ نازل ڪيو ويو آهي ان کان جيڪي اڳي هو ان جي تصديق ڪندڙ آهي، حق ڏانهن ۽ سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪري ٿو. يعني جڏهن اتان واپس وريا تہ پنهنجي قوم کي ڳالهہ ٻڌائيندي چوڻ لڳا تہ اي اسان جي قوم وارا. اسان هڪ اهڙي ڪتاب جي تلاوت ٻڌي آيا آهيون جيڪو حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کان بعد نازل ٿيو آهي اهو ڪانئس اڳي نازل ٿيل ڪتاب توراة جي بہ تصديق ڪندڙ آهي، حق ڏانهن يعني صحيح عقيدن ڏانهن هدايت ڪري ٿو ۽ شريعت ۽ صالح اعمال ڏانهن رهنمائي فرمائي ٿو.

سوال- جنن ائين ڇو چيو تہ موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کان پوءِ نازل ڪيو ويو آهي، حالانڪہ قرآن ڪريم کان اڳي تہ انجيل بہ حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام تي نازل ٿيل هو؟

جواب- هن جي متعلق ٻہ قول آهن- ١- تہ اهي جن يهودي هئا تڏهن حضرت موسىٰ جو ذڪر ڪيائون. ٢- تہ انهن حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو ذڪر ٻڌو ئي نہ هو. "١"

"يَا قَوْمَنَا أَجِيبُوا دَاعِيَ اللَّهِ وَآمِنُوا بِهِ يَغْفِرْ لَكُم مِّن ذُنُوبِكُمْ وَيُجِرْكُم مِّنْ عَذَابٍ أَلِيمٍ" اي اسان جي قوم وارا! الله جي (طرف) سڏيندڙ جو سڏ قبول ڪيو ۽ ان تي ايمان آڻيو تہ اوهان کي اوهان جا گناهہ بخش ڪندو ۽ اوهان کي دردناڪ عذاب کان بچائيندو.

يعني الله عزوجل ڏانهن ۽ ان جي دين ڏانهن سڏيندڙ جي سڏ کي قبول ڪري

(١) ابوالسعود صـ٨٨ جز ٨٠

مؤمن مسلمان بڻجو تہ الله عزوجل اوهان جا گناهہ بخش فرمائيندو، ۽ اوهان کي ان عذاب کان بچائيندو جيڪو ڪافرن جي لاءِ تيار ڪيل آهي. "وَمَنْ لَّا يُجِبْ دَاعِيَ اللّٰهِ فَلَيْسَ بِمُعْجِزٍ فِي الْأَرْضِ وَلَيْسَ لَهٗ مِنْ دُوْنِهٖۤ اَوْلِيَآءُ" ۽ جيڪو الله (ڏانهن) سڏيندڙ (جي سڏ) کي قبول نہ ٿو ڪري اهو زمين ۾ عاجز بنائيندڙ ناهي ۽ نہ ان جي لاءِ ان ڪان سواءِ ڪي مددگار آهن. يعني جيڪو الله عزوجل جي سڏ کي قبول نہ ٿو ڪري، ايمان آڻي مسلمان نہ ٿو بڻجي اهو الله عزوجل ڪان ڪيڏانهن ڀڄي نہ سگهندو نہ الله جل مجده جي قوت ۽ قدرت ڪان ٻاهر ٿيندو جو معاذالله عاجز ڪري وجهي ۽ نہ ان جا الله عزوجل ڪان سواءِ ڪي حامي يا مددگار هوندا جيڪي ڏکيءَ ويل ڪيس ڪم اچن.

"اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ" اهي کليل گمراهيءَ ۾ آهن. يعني اهي مذڪور جيڪي الله جي دين ڏانهن سڏيندڙ کي نٿا مڃين ۽ ايمان نٿا آڻين کلي گمراهي ۾ آهن.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ حاصل ٿين ٿا. ١: آيت عـ٢٩ جي تفسير ۾ لکي آيا آهيون تہ حضرت نبي ڪريم عليه التحية والتسليم جن جي خدمت ۾ جن جنهن وقت پهتا ان وقت پاڻ فجر جي نماز پڙهي رهيا هئا اها نماز فرض نہ هئي ڇوتہ نماز معراج واري رات فرض ٿي ۽ هي واقعو معراج ڪان اڳي آهي. اها نماز حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جن الهام سان پڙهي رهيا هئا. ٢- "قَالُوْٓا اَنْصِتُوْا" (چيائون تہ چپ ڪيو) مان معلوم ٿيو تہ قرآن پاڪ جي تلاوت وقت ٻيا چپ ڪري ٻڌن ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ بعضي چڱي طبيعت وارا فرد قدرتي طور چڱا ڪم ڪن ٿا جيئن هنن جنن قرآن پاڪ ٻڌڻ وقت خاموشي اختيار ڪئي. ٣- "وَلَّوْا اِلٰى قَوْمِهِمْ مُّنْذِرِيْنَ" (پنهنجي قوم ڏانهن ڊيڄاريندڙ ٿي موٽيا) جي وضاحت ۾ مفسرن اهو بہ لکيو آهي تہ انهن جنن جي اسلام قبول ڪرڻ ڪان پوءِ حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن انهن کي سندن قوم وارن ڏانهن مبلغ ۽ سندن قوم جو نقيب مقرر ڪري موڪليو هو انهن ان حڪم جي ڪري اتي اها ديني دعوت شروع ڪئي هئي. "١" ٤- "يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ" (اوهان کي اوهان جا گناهہ بخش ڪندو) هتي "من" تبعيض جي لاءِ آيل آهي. مراد آهي تہ بعضي گناهہ بخش ڪندو يعني پنهنجا حق. ٻانهن جا حق انهن کي حق ادا ڪرڻ سان يا انهن جي طرفان

(١) نورالعرفان صـ٨٠٧

معاف ڪرڻ سان معاف ٿيندا. "١"

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَلَمْ يَعْيَ

ڇا نہ ڏٺائون تہ بيشڪ الله جنھن پيدا ڪيا آسمان ۽ زمين ۽ نہ ٿڪجي پيو

بِخَلْقِهِنَّ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ يُّحْيِۦَ الْمَوْتٰى ۭ بَلٰٓى

انھن جي پيدا ڪرڻ سان قادر آھي ھن تي جو جيئرو ڪري مئلن کي ھائو

اِنَّهٗ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ (٣٣) وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

بيشڪ اھو ھر شيءِ تي قادر آھي ۽ جنھن ڏينھن پيش ڪيا ويندا اھي جن ڪفر ڪيو

عَلَى النَّارِ ۭ اَلَيْسَ ھٰذَا بِالْحَقِّ ۭ قَالُوْا بَلٰى وَرَبِّنَا ۭ

باھہ تي ڇا ناھي ھي حق چيائون تہ ھائو قسم آھي اسان جي رب جو

قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ (٣٤) فَاصْبِرْ

فرمائيندو پوءِ چکو عذاب ان سبب جو ڪفر ڪندا ھئو پوءِ صبر ڪر

كَمَا صَبَرَ اُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ وَلَا تَسْتَعْجِلْ لَّهُمْ ۭ

جيئن صبر ڪيو وڏي ھمت وارن پيغمبرن ۽ نہ تڪڙو (عذاب) طلب ڪر انھن جي لاءِ

كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَ مَا يُوْعَدُوْنَ ۙ لَمْ يَلْبَثُوْٓا

ڄڻ تہ اھي جنھن ڏينھن ڏسندا اھو جيڪو وعدو ڏنا وڃن ٿا تہ نہ رھيا

اِلَّا سَاعَةً مِّنْ نَّهَارٍ ۭ بَلٰغٌ ۚ فَهَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الْفٰسِقُوْنَ ع (٣٥)

مگر ھڪ گھڙي ڏينھن مان (پيغام) پھچائڻ آھي پوءِ ڇا ھلاڪ ڪيا ويندا سواءِ قوم فاسقن جي.

(١) ابوالسعود صـ٨٩ جز٨٠

تفسير

سورة جي شروعات ۾ اسلام جي اهم عقيدن توحيد ۽ نبوت جي اثبات تي بحث هو ۽ هتان وري اسلام جي اهم عقيدي جيئرو ڪري قبر مان اٿارڻ ۽ قيامت قائم ڪرڻ تي دلائل پيش ڪيا ويا آهن. فرمان گرامي آهي. "اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِىْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَلَمْ يَعْىَ بِخَلْقِهِنَّ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ يُّحْىِۦَ الْمَوْتٰى ۭ بَلٰٓى اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ" ڇا نه ڏٺائون ته بيشڪ جنهن الله آسمان ۽ زمين پيدا ڪيا ۽ انهن جي پيدا ڪرڻ سان ٿڪجي نه پيو سو هن ڳالهه تي به قادر آهي جو مئلن کي جيئرو ڪري هائو، بلاشڪ اهو هر شيء تي قادر آهي. يعني ڇا ڪافر انڌا ٿي پيا آهن ڪونه ٿا ڏسن ته جنهن الله جلت صفاته ڪنهن مثال يا نموني ڏسڻ کان سواء هي ست آسمان ۽ زمينون پيدا ڪيون ۽ انهن جي پيدا ڪرڻ جي ڪري ڪيس ڪا ٿڪاوٽ نه ٿي ۽ نه تڪليف محسوس ڪيائين سو مئلن کي جن جو اڳ ۾ وجود هو نقشو ۽ نمونو موجود آهي انهن کي حساب وغيره جي لاء جيئرو ڪري قبرن مان اٿارڻ تي قادر آهي. هائو- يقينًا اهو هر شيء تي قادر آهي ائين ڪري سگهي ٿو. "وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ ۭ اَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ ۭ قَالُوْا بَلٰى وَرَبِّنَا ۭ قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ" ۽ جنهن ڏينهن ڪافر باهه تي پيش ڪيا ويندا ڇا هي حق ناهي؟ چوندا هائو اسان جي رب جو قسم آهي، فرمائيندو پوء ان سببان جو ڪفر ڪندا هيئو عذاب چکو. يعني جنهن ڏينهن دوزخ تي ڊيوٽي لڳايل ملائڪ ڪافرن کي جهنم جي باهه جي اڳيان آڻي تنبيه ڪرڻ جي لاء چوندا ڇا هي حق ناهي؟ پوء قسم کڻي مڃيندا ۽ چوندا ته اسان جي رب جو قسم ته هي بالڪل حق آهي جڏهن مڃيندا، اعتراف ڪندا ته ڪين جهنم ۾ داخل ڪري چيو ويندو ته ڪفر ڪرڻ جي ڪري هي عذاب چکو ۽ ان جا مزا ماڻيو. "فَاصْبِرْ كَمَا صَبَرَ اُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ" پوء ائين صبر ڪر جيئن وڏي همت وارن پيغمبرن صبر ڪيو هو. مطلب ته اي حبيب ڪريم عليك الصلوٰة والسلام اوهان ڪافرن جي طرفان نه وٽندڙ جواب ۽ تڪليفن ڏيڻ تي ائين صبر ڪيو جيئن اڳيان بلند همت وارا انبياء عليهم الصلوٰة والسلام صبر ڪري ويا تانته جيئن اوهان انهن کان بين درجات ۾ بلند آهيو تيئن صبر

جي مقام ۾ بہ اقوىٰ ۽ اكمل هجو. اهي اولوا العزم نبي سڳورا حضور عليه الصلوٰة والسلام جن كان سواءِ چار آهن. ١- حضرت نوح . ٢- حضرت ابراهيم. ٣- حضرت موسىٰ. ۴- حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام. "وَلَا تَسْتَعْجِلْ لَّهُمْ" ۽ انهن جي لاءِ (عذاب) تڪڙو طلب نہ ڪر. مطلب تہ صبر جي تقاضا آهي تہ اوهان انهن لاءِ عذاب جي طلب تڪڙي نہ ڪيو. "كَأَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَ مَا يُوعَدُونَ لَمْ يَلْبَثُوا إِلَّا سَاعَةً مِّنْ نَّهَارٍ" جڻ تہ اهي جنهن ڏينهن ان کي ڏسندا جنهن جو وعدو ڏنا ويا (دنيا ۾) نہ رهيا مگر ڏينهن مان هڪ گهڙي. هي انهن جي لاءِ عذاب تڪڙو نہ گهرڻ جي علت ۽ سبب ٻڌايو ٿو وجي تہ اوهان انهن لاءِ تڪڙو عذاب ان جي ڪري نہ گهرو جو اهو خود جلد اچي رهيو آهي اهي ڪافر جنهن ڏينهن ان کي ڏسندا تہ وڏيون وڏيون حياتيون وسري ويندن، ائين سمجهندا تہ دنيا ۾ سڄي ڏينهن مان جڻ هڪ گهڙي رهيا هئا. "بَلَاغٌ" (پيغام) پهچائڻ آهي. يعني هي قرآن ماڻهن کي الله عز اسمہ جو پيغام پهچائڻ آهي تہ اهي هدايت جي واٽ وٺن سڌي رستي صراط مستقيم تي زندگي گذارين. "فَهَلْ يُهْلَكُ إِلَّا الْقَوْمُ الْفَاسِقُونَ" ۽ پوءِ فاسق قوم کان سواءِ نہ هلاڪ ڪيا ويندا، يعني جيڪي الله جل مجده جي امر جي بي فرماني ڪري ان جي ۽ ان جي رسول پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي اطاعت کان ٻاهر نڪرندا اهي ئي هلاڪ ۽ برباد ٿيندا. "١"

فائدا:- مذكوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا- ١- "إِنَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ" (بلاشڪ اهو هر شيءِ تي قادر آهي) هتي شيءِ مان مراد ممڪنات آهن واجب الوجود يا محال مراد ناهي، واجب الوجود جو مطلب تہ الله عزوجل پاڻ جهڙو الله ناهڻ تي قادر ناهي ۽ محال جيڪو سندس شان جي مناسب ناهي. جيئن ڪوڙ هڻڻ وغيره ان تي بہ الله عزوجل جي قدرت شامل ناهي. "٢"

"وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِينَ كَفَرُوا عَلَى النَّارِ" (۽ جنهن ڏينهن ڪافر باهہ تي پيش ڪيا ويندا) مان معلوم ٿيو تہ جهنم ۾ داخل ٿيڻ جو سبب ڪفر آهي. جيئن الله جل شانہ جي وجود جو انڪار ڪرڻ ڪفر آهي تيئن ان جي آيتن، ان جي ديدار، ان جي رسولن عليهم الصلوٰة والسلام جو انڪار ڪرڻ بہ ڪفر آهي. "٣"

(١) ايسرالتفاسير صہ ٢۴١- ٢۴٢ (٢) نورالعرفان صہ ٨٠٧ (٣) ايسرالتفاسير صہ ٢۴٢ جلد ۴

٣- "أُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ" (وڏي همت وارا رسولن مان) هن ۾ "مِنْ" لفظ محقق علماءِ وٽ تبعيض جي لاءِ ناهي بيان جي لاءِ آهي معنىٰ تہ اوهان ائين صبر ڪيو جيئن سڀني همت وارن رسولن عليهم الصلوٰة والسلام صبر ڪيو هو البتہ رسولن سڳورن ۾ بہ صفات ۽ درجات جي لحاظ سان گهٽ وڌتائين خود قرآن ڪريم بيان ڪئي آهي "تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلَىٰ بَعْضٍ" ان جو واضح دليل آهي، ان جي ڪوي رسولن جيڪي ٻين کان همت ۽ ارادي جي پختگي ۾ مٿي آهن انهن جي لاءِ خصوصي طور اولوا العزم لفظ استعمال ٿيندو آيو آهي. "١"

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاصي، عاجز، اڄ بمؤرخه ١٣ رجب ١٤٢٥ هـ الموافق ١- ٩- ٢٠٠٤ع اڱاري جي ڏينهن بوقت ١١ لڳي پنجاهہ منٽن تي صبح جي پهر ۾ پنهنجي گهر ۾ ويٺي سورة الاحقاف جو تفسير لکي پورو ڪيو. مالڪ مٿي جي دربار ۾ نهايت جهڪندي عاجزي ۽ انڪساريءَ سان التجا آهي تہ باقي رهيل تفسير بہ جلد کان جلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي. آمين يارب العلمين- بوسلية النبي الحبيب الكريم الامين سيدنا محمد عليه وعلىٰ آله واصحابه الصلوات والتسليمات الىٰ يوم الذين-

الفقير محمد ادريس الداهري عفي عفه.



(١) معارف القرآن صـ٨١٦ جلد ٧

سورة مُحَمَّدُ (ﷺ) جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن ۾ وهارڻيون آهن.

نالا مبارڪ: هن سورة جا ٣ نالا مشهور آهن ١- سورة "مُحَمَّدُ" (عليه الصلوٰة والسلام) جيڪو هن جي آيت نمبر٢- مان ورتو ويو آهي ٢- سورة "الِقتَالِ" جيڪو هن جي آيت نمبر٢٠ ۾ ذڪر ڪيل آهي. "١" ٣- سورة "اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا" هي هن جا شروعات وارا الفاظ آهن. "٢"

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة ۾ چار رڪوع، اٺتيهہ (٣٨) آيتون، پنج سو اٺونجاهہ (٥٥٨) ڪلما ۽ ٻہ هزار چار سؤ پنجهتر (٢٤٧٥) حرف آهن. "٣"

مڪيہ آهي يا مدنيہ؟ ابن الضريس، نحاس، ابن مردويہ، دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان ۽ ابن مردويہ حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ هيءَ سورة مدينہ (منوره) ۾ نازل ٿي هئي. "٤"

اڳيئن سورة سان تعلق ۽ ربط: هن سورة جو اڳيئن سورة سان تعلق مخفي ناهي هن جي اول وارو بيان اڳيئن سورة جي آخري آيتن سان اهڙو ملي ٿو جو جيڪڏهن وچ مان بسم الله الرحمٰن الرحيم ڪڍي ڇڏجي تہ سلسلو ملندڙ نظر اچي ٿو. "٥"

نزول جو زمانو: جڏهن مڪہ مڪرمہ ۾ ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتين کان مسلمان تنگ ٿي هجرت ڪري مدينہ منوره ۾ آيا تہ مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو ڪافرن مسلمانن سان اتي بہ ويڙهہ شروع ڪري ڏني اهي مختلف ٽولين جي صورت ۾ مدينہ منوره جي آس پاس اچي ڦرلٽ ڪندا اٿ، رڍون ۽ ٻڪريون ڦر ڪري هليا ويندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪين ڪو اڪيلو مسلمان هٿ اچي ويو تہ ان کي شهيد ڪري ڇڏيندا هئا. مسلمانن سوچيو ٿي تہ ڪين عزت سان زنده رهڻ لاءِ وڙهڻو پوندو پر اهي الله عزوجل جا ٻانها ۽ ان جي حبيب عليه الصلوٰة والسلام جا امتي انهن جي

(١) ضياءُ القرآن صہ ٤٩٩ جلد ٤. (٢) فتح القدير صہ ٢٨ جلد ٥ (٣) ضياءُ القرآن صہ ٤٩٩ جلد ٤
(٤) الدرالمنثور صہ ٤٥٦ جلد ٧ (٥) روح المعاني صہ ٣٦ جزءُ ٢٦ جلد ٩

حڪم ملڻ جا منتظر هئا پاڻهي تہ ڪجھہ ڪري نہ ٿي سگهيا پوءِ سورة الحج جي آيت نمبر ٣٩ ۾ ڪافرن سان جهاد ڪرڻ جي اجازت ملي ۽ سورة البقره جي آيت نمبر ١٩٠ ۾ جهاد جو حڪم نازل ٿيو. حالات جي تقاضا تہ بلاشڪ اها هئي تہ ڪافرن سان ويڙهہ ڪئي وڃي پر ڏسڻو اهو هو تہ ڇا مسلمان ان پوزيشن ۾ هئا تہ اهي ڪافرن جي خلاف مسلح جدوجهد ڪن؟

مسلمانن جي افرادي قوت نهايت ٿوري هئي پهرين جنگ (بدر) ۾ صرف ٽي سؤ تيرهن (٣١٣) مسلمان شريڪ ٿي ڇڪا هئا. مدينه منوره جو شهر ننڍو هو ۽ مڪه مڪرمه ان ڪان ڪيترا حصا وڏو شهر هو مدينه منوره وارن جا وسائل مڪه مڪرمه جي لحاظ سان نهايت محدود هئا مڪه مڪرمه وارن وٽ هٿيارن، دولت ۽ ٻين وسائل سان گڏ افرادي قوت بہ گهٽي هئي ان حالت ۾ هيءَ سورة پلاري نازل ٿي هئي.

مضمون: هن سورة ۾ ٻين مدني سورتن وانگر تشريعي احڪام بيان ٿيل آهن مثلا جنگ جا احڪام، قيدين ۽ غنيمتن جا احڪام منافقن جا احوال پر خاص "محور" جنهن تي هيءَ سورة ڦري ٿي سو جهاد في سبيل الله آهي هن ۾ الله عزوجل جي دشمنن ڪافرن جو ڪفر ۽ الله عزوجل جي دين ڪان روڪڻ بيان ڪندي سندن اعمال جو برباد هجڻ ٻڌائيندي ساڻن جنگ ڪرڻ جو حڪم ڪيل آهي تانت زمين انهن جي پليديءَ ڪان پاڪ رهي هن ۾ ڪافرن جي گهٽي قتل ٿيڻ ڪان پوءِ انهن کي قيد ۾ رکڻ جو حڪم بہ ٿيل آهي بعد ۾ عزت ۽ مدد حاصل ڪرڻ جون واٽون ڏسيندي مومنن جي لاءِ الله جي مدد حاصل ڪرڻ جا شرط بہ بيان ڪيا ويا آهن ۽ اهي آهن ان جي دين جي مدد ڪرڻ ۽ شريعت کي مضبوط ٿي وٺڻ ۽ مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن سرڪشن کي اڳين جا برن ڪافرن جي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ جا واقعا ٻڌائي متنبه ڪيو ويو آهي هن سورة پاڪ منافقن جي حال ڪان بہ باخبر رکيو آهي ۽ آخر ۾ مومنن کي عزت ۽ مدد حاصل ڪرڻ جي واٽ وٺڻ جي دعوت ڏني آهي ۽ اهو آهي جهاد في سبيل الله ۽ باطل جي اڳيان سرخم نہ ڪرڻ. دنيوي حياتيءَ کي متو ڪري انهن سان صلح نہ ڪرڻ ڇو تہ هيءَ حياتي نيٺ ختم ٿيڻ واري آهي." ١"

(١) صفوة التفاسير صـ ٢٠٤ - ٢٠٥ جلد ٣

پڙهڻ ۽ برڪتون: هيءَ سورة پاڪ تمام پڙهڻ ۽ شان واري آهي طبراني الاوسط ۾ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ "نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ڪين مغرب جي نماز ۾ هيءَ سورة "اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا" پڙهائيندا هئا" ٢" علماءَ عاملين لکيو آهي تہ جيڪو شخص هيءَ سورة مشڪ، زعفران ۽ زم زم سان لکي ڌوئي پيئندو جيڪڏهن بيمار هوندو تہ صحت مند ٿيندو ۽ جيڪڏهن ماڻهن جي نظر ۾ ڪريل آهي تہ رفعت ۽ بلندي حاصل ڪندو.

وَهِيَ ثَمَانٍ وَّثَلَاثُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ مُحَمَّدٍ مَدَنِيَّة	وَاَرْبَعُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها اٺتيهہ آيتون	سورة محمد مدني آهي	۽ چار رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي

اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ (١)

بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ روڪيائون الله جي واٽ کان برباد ڪيائين عمل انهن جا

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاٰمَنُوْا بِمَا

۽ جن ايمان آندو ۽ ڪيائون صالح عمل ۽ ايمان آندائون ان تي جيڪو

نُزِّلَ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّهُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۙ وَكَفَّرَ

نازل ڪيو ويو محمد تي ۽ اهو حق آهي سندن رب وٽان ۽ متايائين

عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَاَصْلَحَ بَالَهُمْ (٢) ذٰلِكَ بِاَنَّ

انهن کان گناهہ انهن جا ۽ سينگاريائين حالت انهن جي اهو ان سببان جو بلاشڪ

(١) صفوة التفاسير صـ ٢٠٤ - ٢٠٥ جلد ٣ (٢) الدر المنثور صـ ٤٥٦ جلد ٧

الَّذِيْنَ كَفَرُوا اتَّبَعُوا الْبَاطِلَ وَاَنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّبَعُوا الْحَقَّ

جن ڪفر ڪيو تابع ٿيا باطل جا ۽ بيشڪ جن ايمان آندو تابع ٿيا حق جا

مِنْ رَّبِّهِمْ ؕ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ اَمْثَالَهُمْ (٣)

پنهنجي رب وٽان اهڙي طرح بيان ڪري ٿو الله ماڻهن جي لاءِ سندن مثال

تفسير:

اڳين آيت ۾ "فَهَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الْفٰسِقُوْنَ" (پوءِ بدڪار قوم (ڪافرن) کان سواءِ نه هلاڪ ڪيا ويندا) جو بيان ٿيو ۽ هتان کان وري ڪافرن جي اعمال کي ضايع ۽ برباد ڪرڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ" جن ڪفر ڪيو ۽ الله جي واٽ کان روڪيو انهن جا اعمال برباد ڪري ڇڏيائين انهن کي انهن جو ثواب نه ملندو "١" مطلب ته جيڪي ماڻهو حق قبول نه ٿا ڪن باطل کي چنبڙيا پيا آهن اُهي ئي خرابين جو سبب بڻجندا آهن.

١ـ ته انهن جي پنهنجي زندگي هدايت جي نور کان محروم رهجي ٿي سموري حياتي ڏکا ۽ ٿاٻا کائڻ کانسواءِ ڪين ڪجهه به پلئه نه ٿو پوي.

٢ـ انهن جو وجود ٻين ماڻهن جي لاءِ رڪاوٽ بڻجي ٿو سندن پوئلڳ به مسلمان نه ٿيندا آهن. الله عزوجل (انهن جا اعمال ضايع ڪندو آهي) جون ٻه مرادون آهن ١ـ ته انهن جيڪي حضور پر نور عليه الصلوٰة والسلام جي خلاف سازشون ڪيون الله جلت صفاته انهن کي ناڪام ڪيو ۽ پاڻ ئي انهن سازشن جو شڪار ٿي ويا ٢ـ ته انهن ڪافرن، بدڪارن ۾ جيڪي دنيوي لحاظ سان چڱا اخلاق جيئن مائٽي ڳنڍڻ، قيدين کي آزاد ڪرڻ، مهمان نوازي بيت الله شريف جي حاجين جي خدمت ڪرڻ وغيره. انهن کي ان جو ڪوبه آخرت ۾ بدلو نه ملندو ڇو ته ايمان کان سواءِ اعمال جو اجر ۽ ثواب مرتب نه ٿيندو آهي. "٢"

(١) مختصر تفسير ابن ڪثير صـ ٣٣٠ جلد ٣ (٢) حاشيه صلاح الدين يوسف برترجمه محمد جوناڳڙ مطبوعه سعودي عربيه صـ

"وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاٰمَنُوْا بِمَا نُزِّلَ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّهُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ كَفَّرَ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَاَصْلَحَ بَالَهُمْ" ۽ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا ۽ ان تي ايمان آندائون. جيڪو (حضرت) محمد (عليه الصلوٰة والسلام) تي نازل ڪيو ويو آهي ۽ اهو سندن رب وٽان حق آهي انهن ڪان سندن برايون متايائين ۽ سندن حال کي سينگاريائين مطلب تہ ڪافرن جي برعڪس جيڪي سٺي نصيب وارا ايمان جي دولت سان مالامال ٿيا غلط واٽ ڇڏي حق جي واٽ ورتائون صالح اعمال ڪيائون ۽ جيڪو قرآن (حضرت) محمد (عليه الصلوٰة والسلام) تي الله عزوجل جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي ۽ اهو سندن پروردگار جي طرفان حق آهي ان تي ايمان آندائون. پڪا مومن بڻيا انهن تي اها مهرباني ٿيندي تہ انهن جيڪي بہ اڳ ۾ گناهہ ڪيا هوندا الله جل وعلا اهي سندن دفترن مان ئي مٽائي ڇڏيندو ۽ انهن ۾ جيڪي بريون عادتون هونديون اهي انهن ڪان پري ڪندي ڪين سهڻي اخلاق وارو بنائيندو "بال" لفظ جي تشريح ڪندي مفسر قرطبي لکيو آهي تہ ان جي معنىٰ ۾ ٣ قول آهن ١ـ مجاهد ان جي معنىٰ ڪئي آهي شان ٢ـ قتادة ان جي معنىٰ ڪئي آهي حال ٣ـ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ان جي معنىٰ ڪئي آهي امور - مفهوم جي لحاظ سان انهن ۾ ڪو فرق ناهي "١" "ذٰلِكَ بِاَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوا اتَّبَعُوا الْبَاطِلَ وَاَنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّبَعُوا الْحَقَّ مِنْ رَّبِّهِمْ" اهو ان جي ڪري جو جن ڪفر ڪيو انهن باطل جي تابعداري ڪئي ۽ جن ايمان آندو انهن پنهنجي رب جي طرفان عطا ٿيل حق جي تابعداري ڪئي ڪافرن ۽ مومنن سان جيڪو جدا جدا برتاءُ ڪيو ويندو ان جو وجه بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي تہ ڪافر باطل جا پوڄاري آهن ۽ جيڪو شخص ڪوڙ ۽ گناهہ جو واپار ڪندو لازم آهي تہ اهو تباهہ ۽ برباد ٿيندو ۽ جيڪو حق جي روشنيءَ ۾ هلندو ان جي پيروي ڪندو ان ڏانهن منزل پاڻ ڇڪجي ايندي. "كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ اَمْثَالَهُمْ" الله اهڙي طرح ماڻهن جي لاءِ سندن مثال بيان ڪري ٿو. يعني الله جل جلاله ماڻهن جي لاءِ پلي توڙي بري احوال کي کولي کولي بيان ڪرڻ فرمائي ٿو انهن جي اڳيان باطل جي پوڄا جي نحوست ۽ شامت ۽ حق تي هلڻ جي برڪت بيان ڪري ٿو تانت اهي باخبر رهن ۽ هر شيءِ کي ذهن ۾ چڱي طرح وهارڻ جي سوچ

(١) القرطبي ص ٢٢٤ جلد ١٦

رکن.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١ـ "أَضَلَّ أَعْمَالَهُمْ" "انهن جي عملن کي برباد ڪيائين) مان معلوم ٿيو ته بي ايمان ڪيترا به دنيوي ڀلا ڪم ڪري مسڪينن کي ڪاڏا ڪارائي، غريبن جي مدد ڪري ان جي دنيا ۾ واهه واهه ٿيندي پر ان ڪي آخرت ۾ ان جو ڪو ثواب نه ملندو ڇو ته ان جو مدار ايمان تي آهي. اهڙي طرح جيڪو شخص عابد، ساجد، زاهد، راتيون جاڳي عبادت ڪندڙ آهي جيڪڏهن اهو الله عزوجل يا ان جي حبيب پاڪ عليه الصلوة والسلام يا اصحاب ڪرام، امامن سڳورن ۽ اولياءَ الله جو بي ادب آهي ته ان جي عبادت به قيامت ۾ ڪنهن ڪم جي ناهي.[1]

٢ـ "وَآمَنُوا بِمَا نُزِّلَ عَلَىٰ مُحَمَّدٍ" (۽ ان (قرآن) تي ايمان آندائون جيڪو محمد (عليه‌الصلوة والسلام تي نازل ڪيو ويو آهي) جيتوڻيڪ پهرئين جمله ۾ ايمان ۽ صالح عمل جي ذڪر ۾ حضور پر نور عليه الصلوة والسلام جي رسالت ۽ سندن مٿان نازل ٿيڻ وارو وحي به شامل آهي پر هن ٻئي جمله ۾ سندن پاڪ اسم مبارڪ ڪي صراحتًا ذڪر ڪرڻ مان مقصد هي آهي ته ايمان جو اصل بنياد خاتم النبيين عليه الصلوة والسلام جن ۽ سندن تعليم ڪي دل جي سچائيءَ سان قبول ڪرڻ آهي." ١"

٣ـ الله عزوجل قرآن پاڪ ۾ حضرت نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام جن جو هي مٺو نالو چئن جاين تي آندو آهي ١- سورة محمد آيت نمبر٢. ٢- سورة الفتح آيت نمبر٢٩ ۾ "مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللَّهِ" ٣- سورة آل عمران آيت نمبر١٤٤ ۾ "وَمَا مُحَمَّدٌ إِلَّا رَسُولٌ" ٤- سورة الاحزاب آيت نمبر٤٠ ۾ "مَا كَانَ مُحَمَّدٌ أَبَا أَحَدٍ مِّن رِّجَالِكُمْ" باقي هر جاءِ تي سندن اوصاف بيان ڪيل آهن جڏهن ته ايمان آڻڻ وقت مومن ڪي حضور عليه الصلوة والسلام جن جو اسم گرامي وٺڻ ضروري آهي صرف وصف سان ياد ڪرڻ ڪافي ناهي تڏهن ڪلمه طيبه ۾ "مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللَّهِ" چوڻ لازم آهي. ان جي ڪري به اسم گرامي صراحت سان آندل آهي جو مٿان ڪو چوي ها ته قرآن ڪريم حضور پر نور عليه الصلوة والسلام جن تي نازل ٿيو آهي ڪنهن ٻئي تي نازل

(١) معارف القرآن صـ ٢١ جلد ٨

نہ ٿيو آهي.
۴ـ "بِمَا نُزِّلَ" (جيڪي نازل ڪيو ويو) هتي آيل لفظ "مآ" مان معلوم ٿيو تہ ايمان جي لاءِ انهن سڀني ڳالهين ڪي مڃڻ ضروري آهي جيڪي محبوب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن رب العزة جي طرفان آنديون. انهن سان ڪنهن جيڪڏهن هڪ جو بہ انڪار ڪيو تہ ڪافر ٿي ويندو پوءِ اها اسان ڪي قرآن ڪريم جي ذريعي معلوم ٿئي يا حديث پاڪ جي ذريعي ان جي ڪري جيڪڏهن ڪو فرض نماز جي رڪعتن جي تعداد جو انڪار ڪري تہ ڪافر ٿي ويندو. حالانڪ ان تعداد جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ ناهي ۵ـ "وَاٰمَنُوْا" (۽ ايمان آندائون) هتي ايمان ڪي ٻيو ڀيرو آڻڻ ۽ ٻهرئين "اٰمَنُوْا" لفظ تي عطف ڪرڻ ائين آهي جيئن ملائڪن تي جبريل ڪي عطف ڪري آندو ويو آهي. يعني تخصيص جي لاءِ، هتي عطف ڪرڻ سان مقصد صرف سندن شان جي عظمت بيان ڪرڻ آهي جو تہ سندن ذات تي ايمان آڻڻ ئي ايمان آهي. "١"

فَاِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَضَرْبَ الرِّقَابِ

پوءِ جڏهن سامهون اچو انهن ڪي جن ڪفر ڪيو پوءِ ڪنڌ ڪٽيو

حَتّٰۤى اِذَاۤ اَثْخَنْتُمُوْهُمْ فَشُدُّوا الْوَثَاقَ

تان جو جڏهن خوب قتل ڪيو اوهان انهن ڪي پوءِ ڇڪي ٻڌو رسيون

فَاِمَّا مَنًّۢا بَعْدُ وَاِمَّا فِدَآءً حَتّٰى تَضَعَ الْحَرْبُ

پوءِ يا احسان ڪيو ان ڪان بعد ۽ يا (وٺو) فديو تانجو رکي جنگ

اَوْزَارَهَا ذٰلِكَ وَلَوْ يَشَآءُ اللّٰهُ لَانْتَصَرَ مِنْهُمْ

هٿيار پنهنجا ۽ جيڪڏهن گهري الله تہ پاڻ بدلو وٺي انهن کان

(١) نورالعرفان صـ٨٠٨

ع ١٣

وَلٰكِنْ لِّيَبْلُوَاْ بَعْضَكُمْ بِبَعْضٍ ۗ وَالَّذِيْنَ قُتِلُوْا

۽ پر تانت آزمائي هڪڙن اوهان جن کي ٻين سان ۽ جيڪي ڪُٺا ويا

فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَنْ يُّضِلَّ اَعْمَالَهُمْ (٤) سَيَهْدِيْهِمْ

الله جي واٽ ۾ پوءِ هرگز نہ ضايع ڪندو عمل انهن جا جلد هدايت ڪندو انهن کي

وَيُصْلِحُ بَالَهُمْ (٥) وَيُدْخِلُهُمُ الْجَنَّةَ عَرَّفَهَا لَهُمْ (٦)

۽ سينگاريندو انهن جي حال کي ۽ داخل ڪندو انهن کي بهشت ۾ جو سڃاڻايائين اهو انهن کي

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ

اي ايمان وارو! جيڪڏهن مدد ڪندؤ الله جي (دين جي) تہ مدد ڪندو اوهان جي

وَيُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ (٧) وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَتَعْسًا لَّهُمْ وَاَضَلَّ

۽ ثابت رکندو قدم اوهان جا ۽ جن ڪفر ڪيو پوءِ تباهي آهي انهن جي لاءِ ۽ گم ڪندو

اَعْمَالَهُمْ (٨) ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَرِهُوْا مَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ

عمل اوهان جا اهو ان جي ڪري جو بلاشڪ انهن ناپسند ڪيو اهو جيڪو نازل ڪيو الله

فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ (٩) اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا

پوءِ ضايع ڪيائين عمل انهن جا ڇا پوءِ نہ گهميا زمين ۾ پوءِ ڏسن ها تہ

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۭ دَمَّرَ اللّٰهُ

ڪهڙي طرح هئي پڇاڙي انهن جي جيڪي هئا اڳي انهن کان هلاڪت موڪلي الله

عَلَيْهِمْ وَلِلْكٰفِرِيْنَ اَمْثَالُهَا (١٠) ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ

انهن تي ۽ ڪافرن جي لاءِ مثال انهن جا آهن اهو ان سبب جو بيشڪ الله

مَوْلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاَنَّ الْكٰفِرِيْنَ لَامَوْلٰى لَهُمْ (١١) ع

مددگار انهن جو آهي جن ايمان آندو ۽ بيشڪ ڪافر ناهي ڪو مددگار انهن جو

تفسير:

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو تہ ڪافرن باطل جي اتباع ڪئي آهي ۽ هتي انهن کي دنيا ۾ ملڻ واري سزا جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي.

"فَاِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَضَرْبَ الرِّقَابِ" پوءِ جڏهن ڪافرن کي سامهون اچو تہ پوءِ ڪنڌ ڪٽڻ جو ڪم ڪيو. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ اڳين آيتن ۾ ڪافرن ۽ مسلمانن جي هڪ ٻئي جي ابتڙ حالتن کي بيان ڪيو ويو ۽ ان حالتن ۾ ٻنهي متضاد قوتن جو پاڻ ۾ ٽڪرجڻ اڻ ٽر شئي آهي ان جي ڪري مسلمانن کي حڪم ڏنو ٿو وڃي تہ جيڪڏهن جنگ کان سواءِ ڪو چارو ناهي تہ سستي نہ ڪيو دشمنن کي کهي، سندن ڪنڌ ڪٽيو ياد رکڻ گهرجي تہ جنهن زماني ۾ قرآن پاڪ نازل ٿيو هو ان زماني ۾ دشمن سان منهن منهن ۾ ڏئي تلوار سان جنگ ڪرڻي پوندي هئي ان جي ڪري انهن جا ڪنڌ ڪٽڻ جو حڪم ٿيو "١" "حَتّٰى اِذَا اَثْخَنْتُمُوْهُمْ فَشُدُّوا الْوَثَاقَ" تانجو جڏهن اوهان انهن کي چڱي طرح قتل ڪيو پوءِ رسيون ڇڪي ٻڌو. مطلب تہ جڏهن اوهان انهن جي ڪنڌن جا ڍير ڪري ڇڏيو انهن کي زخمن سان چور بنايو تانجو اهي بالڪل مقهور ۽ مجبور ٿي وڃن تہ ان وقت جنگ بند ڪيو ۽ باقي جيڪي ڪافر هٿ لڳي ويا انهن کي سختيءَ سان رسين ۾ ڇڪي ٻڌي ڇڏيو ائين نہ ٿئي جو اهي ڀڄي وڃن ۽ اوهان جي لاءِ نئين مصيبت پيدا ڪن.

"فَاِمَّا مَنًّا بَعْدُ وَاِمَّا فِدَاءً حَتّٰى تَضَعَ الْحَرْبُ اَوْزَارَهَا" پوءِ يا ان کان بعد انهن تي احسان ڪيو ۽ يا انهن کان جان بها ونو تانجو جنگ پنهنجا هٿيار رکي. مطلب تہ

(١) روح القرآن صـ ٣١ پ ٢٦

دشمن تي حاوي ٿيڻ کان پوءِ اوهان جي لاءِ بہ ضرورتون آهن جنهن ۾ مصلحت سمجهو ان تي عمل ڪيو. ١- تہ انهن تي احسان ڪري انهن کي آزاد بنايو ٿي سگهي ٿو تہ اهي اوهان جي احسان کي ڏسي مسلمان ٿي پون.

٢- تہ ان ۾ جيڪڏهن مصلحت ڏسو جو انهن کان جان بها ڪجهہ پئسا يا سامان وٺو يا پنهنجا قيدي انهن کان آزاد ڪرايو. ان ۾ بہ ڪيترن قسمن جا فائدا آهن. "ذَالِكَ" هن ذالڪ جي لفظ جي تشريح ڪندي مفسر قرآن عبدالله بن عمر شيرازي لکيو آهي تہ اي الامر ذالڪ او افعلوا بهم ذالڪ" ١ "مطلب تہ هي اسم اشارو ترڪيب ۾ يا مبتداءَ محذوف الامر جي خبر آهي يا افعلوا مقدر جو مفعول به آهي. يعني الله عزوجل جو امر اهو آهي يا اهو امر ادا ڪيو "وَلَوْيَشَآءُ اللهُ لَانْتَصَرَمِنْهُمْ وَلٰكِنْ لِّيَبْلُوَاْ بَعْضَكُمْ بِبَعْضٍ" ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ (پاڻ ئي) انهن کان بدلو وٺي ها ۽ پر تانت اوهان مان هڪڙن کي ٻين سان آزمائي. يعني جيڪڏهن الله عزوجل گهري ها تہ اوهان کي جهاد جي تڪليف نہ ڏي ها پاڻ ئي صرف "كُنْ" جو امر ڪري انهن کي هلاڪ ۽ برباد ڪري ڇڏي ها پر ان جي حڪمت جي تقاضا هيءَ آهي تہ جنگ جو ميدان هجي حق وارا حق کي بلند ڪرڻ جي لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائي بيهن ۽ ڪافر وري پنهنجي باطل جي بلنديءَ لاءِ وڙهن ۽ دنيا ڏسي تہ مومن ۽ ڪافر ۾ ڪيترو فرق آهي مومن جي حياتيءَ جو مقصد الله عزوجل جي رضا حاصل ڪرڻ آهي ۽ ڪافر جي حياتي بيڪار گذري رهي آهي پوءِ جيڪو اوهان مان شهيد ڪيو ويو اهو جنتي آهي، ۽ جيڪو هنن مان ڪٺو ويو اهو جهنمي آهي." ٢"

"وَالَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللهِ فَلَنْ يُّضِلَّ اَعْمَالَهُمْ" ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ شهيد ڪيا ويا پوءِ انهن جي عملن کي ڪڏهن بہ ضايع نہ ڪندو. ياد ڪرڻ گهرجي تہ جڏهن احد جي جنگ ۾ گهڻا مسلمان شهيد ٿيا هئا ۽ ڪيترا زخمي تڏهن ابوسفيان جيڪو ان وقت تائين مسلمان نہ ٿيو هو ان نعرو هنيو تہ " اُعْلُ هُبَلُ! اي هبل (بت) بلند رهہ. تہ مسلمانن ان جي جواب ۾ نعرو هنيو "اَللهُ اَعْلٰى وَاَجَلُّ" الله بلند ۽ بالا آهي ابو سفيان چيو تہ هي احد جي جنگ وارو ڏينهن بدر جي جنگ واري شڪست

(١) البيضاوي صہ ٤٠١ جلد ٢ مطبوعه دارالڪتب العلميه بيروت (٢) جلالين صہ ١٢٠ مطبوعه نور محمد اصح المطابع ڪراچي

جو پلاند ٿيو ۽ جنگ پاسا ورائيندي رهندي آهي ڪڏهن هڪ ڌر غالب هوندي آهي تہ ڪڏهن ٻي ڌر ڪامياب ٿيندي آهي نبي ڪريم عليه التحية والتسليم جن پنهنجن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کي فرمايو تہ اوهان انهن کي جواب ۾ چئو تہ "اوهان اسان سان برابريءَ جي دعوىٰ ڪيئن ٿا ڪري سگهو؟ اسان جا شهيد الله وٽ جيئرا آهن ۽ اوهان جا ڪٺل جهنم جو ٻارڻ آهن مشرڪن چيو تہ "اَنَّ لَنَا الْعُزّٰى وَلَا عُزّٰى لَكُمْ" (اسان جو عزىٰ (بت) آهي ۽ اوهان جو عزىٰ ڪونهي) مسلمانن انهن جي جواب ۾ چيو تہ اَللّٰهُ مَوْلَانَا وَلَا مَوْلٰى لَكُمْ" الله اسان جو مولا (مددگار) آهي ۽ اوهان جو ڪوبہ مددگار ناهي. "١"

مذڪوره آيت جو مطلب تہ جيڪي الله جي واٽ ۾ شهيد ڪيا ويا الله انهن جا اعمال ڪڏهن بہ ضايع نہ ڪندو بلڪ انهن جي لاءِ وڏو اجر ۽ گهڻو ثواب آهي ڇو تہ انهن الله عزوجل جي ڪلمه کي بلند ڪرڻ جي لاءِ سرن جا سودا ڪيا انهن جا اعمال مقبول ۽ وڏنڊڙ آهن جن جا نتيجا دنيا ۽ آخرت ۾ ظاهر ٿيندا رهندا. "٢" "سَيَهْدِيْهِمْ وَيُصْلِحُ بَالَهُمْ" جلد انهن کي رهنمائي ڪندو ۽ سندن حال کي ٺاهيندو مطلب تہ انهن کي الله جل شانه جي رضا جي شان واري منزل ۽ جنت جي بلند مقام تي پهچائيندو انهن جي حالات کي سهڻو بنائي سينگاريندو انهن کان جيڪي غلطيون ٿيون هونديون جيڪي گناهہ ڪيا هوندائون ڪين سڀ معاف ڪيا ويندا. "وَيُدْخِلُهُمُ الْجَنَّةَ عَرَّفَهَا لَهُمْ" ۽ انهن کي جنت ۾ داخل ڪندو جنهن جي انهن کي سڃاڻپ ڪرائي ڇڏي اٿس يعني جنهن جنت جو ڪين سمورو احوال انبياءِ عظام عليهم الصلوٰة والسلام ۽ صحيح وحي ان سان معلوم ٿي چڪو آهي ان ۾ داخل ڪيا ويندا ۽ اتي پهچڻ کان پوءِ هر هڪ جنتي ڪنهن جي ٻڌائڻ کان سواءِ ئي پنهنجي محلات کي سڃاڻندو ان جي دل جي ڪشش اوڏانهن هوندي ان ڏانهن وڃڻ ۾ ان کي ڪا پل نہ ٿيندي ڄڻ تہ اصل اتي جا رهاڪو هئا. حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ ".جڏهن مومن باهہ کان ڇٽندا تہ جنت ۽ دوزخ جي وچ ۾ هڪ پل وٽ پاڻ ۾ هڪ

(١) ضياءُ القرآن ص ٥٠٧ - ٥٠٨ (٢) تيسيرالكريم الرحمٰن ص٧٨٥ مطبوعه مكتبة العبيكان رياض سعودي عرب في مجلد واحد

پئي سان ڪيل زيادتين جي ڇنڊڇاڻ جي لاءِ روڪيا ويندا تانجو جڏهن پاڪ، صاف ڪيا ويندا تہ ڪين جنت ۾ داخل ٿيڻ جي موڪل ڏني ويندي مون کي ان ذات جو قسم آهي جنهن جي قدرتي هٿ ۾ منهنجو ساه آهي تہ انهن مان هر هڪ پنهنجي بهشتي گهر جو دنيا واري گهر کان وڌيڪ واقف هوندو. "١" "يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَيُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ" اي ايمان وارا! جيڪڏهن اوهان الله جي (دين جي) مدد ڪندؤ تہ الله اوهان جي مدد ڪندو ۽ اوهان جي قدمن کي ثابت رکندو مطلب تہ جيڪڏهن اوهان الله عزوجل جي دين ۽ ان جي پياري نبي عليه الصلوٰة والسلام جي مدد ڪندؤ تہ الله اوهان جي هر ميدان ۾ خاص ڪري جنگ جي ميدان ۾ مدد ڪندو ۽ اسلام ۽ اطاعت تي ثابت قدم رهندؤ.

"وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَتَعْسًا لَّهُمْ وَاَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ" ۽ جن ڪفر ڪيو پوءِ انهن جي لاءِ هلاڪت آهي ۽ انهن جا اعمال برباد ڪندو. هتي ڪافرن جو حال بيان ٿي رهيو آهي. يعني ڪافرن جي لاءِ تباهي ۽ هلاڪت آهي پاڻ جيڪي ڪم ڪيائون، ڪفر ۾ مال لٽايائون، سر وڃايائون انهن جي نتيجي ۾ ڪين ذلت ۽ خواريءَ کان سواءِ ڪجهہ نہ مليو آهي نہ ملندو.

"ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَرِهُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ" اهو ان جي ڪري جو انهن الله جي نازل ڪيل (قرآن) کي ناپسند ڪيو پوءِ سندن اعمال ضايع ڪري ڇڏيائين مطلب تہ انهن الله عزوجل جي نازل ڪيل ڪتاب قرآن ڪريم کي، ان ۾ ذڪر ڪيل شرعي تڪليفن جي ڪري پسند نہ ڪيو، ڇو تہ انهن ۾ لذتن ۽ نفساني خواهشات کي ڇڏڻو پوي ٿو ۽ پليد نفس شرعي ڳالهين ۽ پائبندين کي ناپسند ۽ شهوتن ۾ ڇڙواڳيءَ کي پسند ڪندا آهن ۽ جيڪو نفس جي هر خواهش جي اتباع ڪندو تہ ڪافر ٿي ويندو پوءِ الله ان جا سڀ عمل برباد ڪندو ان جي ڪري انسان کي گهرجي تہ پنهنجي نفس سان ايترو جهاد ڪري جو اهو الله جل شانه جي رضا جو طالب بنجي وڃي. "٢"

"اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ دَمَّرَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ" ڇا پوءِ زمين ۾ سير نہ ڪيائون پوءِ ڏسن ها تہ جيڪي انهن کان اڳي هئا

(١) مختصر تفسير ابن ڪثير صہ ٣٣١ جلد ٣ (٢) الصاوي صہ ٨٣ جزءِ ٤ جلد ٢

انهن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي هئي” تباهي وڌي الله انهن تي“ يعني انهن جا سر، اولاد ۽ مال ملڪيتون هلاڪ ڪري ڇڏيائين مطلب تہ انهن زمين ۾ گهمي ڏٺو آهي تہ پهرئين قومن مان ڪافرن جا گهر ڪيئن ويران لڳا پيا آهن پوءِ بہ سبق نہ ٿا سکن ”وَلِلْكٰفِرِيْنَ اَمْثَالُهَا“ ۽ ڪافرن جي لاءِ انهن جا مثال آهن يعني اڳين هلاڪ ڪيلن جهڙا عذاب مقرر ڪيل آهن. ”١“ ”ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ مَوْلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا“ اهو ان جي ڪري جو الله انهن جو مولا آهي جن ايمان آندو مطلب تہ ظاهري صورت جي اعتبار سان اعمال ۽ جدوجهد تہ سيني ڪئي اهل ايمان بہ مال خرچ ڪيا تہ ڪافرن بہ. مومن بہ جنگ جي ميدان ۾ زخمي ٿيا تہ ڪافر بہ پوءِ ڇا وجه هو جو نتيجا بالڪل مختلف نڪتا؟ پڌايو وڃي ٿو تہ وجه بالڪل ظاهر آهي. اهو هيءُ تہ الله مومن جو مولا، مددگار ۽ ناصر آهي مومن سڀ ڪجهہ ان کي راضي ڪرڻ جي لاءِ قربان ڪيو هو تڏهن آهي ڪامياب رهيا.

”وَاَنَّ الْكٰفِرِيْنَ لَا مَوْلٰى لَهُمْ“ ۽ بلاشڪ ڪافرن جو ڪو مددگار ناهي ڇو تہ انهن بتن کي راضي ڪرڻ جي لاءِ سڀ ڪجهہ ڪيو هو پر اهي ڪجهہ ڪري نہ ٿا سگهن.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١ـ آيت نمبر٤ مان بہ مسئلا معلوم ٿين ٿا ١ـ تہ جڏهن جنگ جي ذريعي ڪافرن جو زور ٽٽي تہ انهن کي قتل ڪرڻ جي بجاءِ قيد ڪيو وڃي پوءِ انهن جنگي قيدين جي متعلق مسلمانن کي بہ اختيار ڏنا ويا آهن هڪ هي تہ انهن کي معاوضہ يا فديي وٺڻ کان سواءِ انهن تي احسان ڪري انهنَ کي ڇڏيو وڃي ٻيو تہ انهن کان فديو ورتو وڃي. فديو هي بہ ٿيَ سگهي ٿو جو اسان جا ڪجهہ مسلمان انهن وٽ قيد هجن اهي آزاد ڪرايا وڃن ۽ هي بہ جو انهن کان مال وغيره وصول ڪيو وڃي مگر هي حڪم سورة انفال ۾ آيل حڪم جي خلاف آهي جنهن ۾ فديو وٺي ڇڏڻ جي منع آهي ان جي ڪري اڪثر اصحابن ۽ فقيهن جو قول آهي تہ سورة انفال جي آيت کي سورة محمد جي هن آيت منسوخ ڪري ڇڏيو آهي حضرت عبدالله بن عمر، حسن، عطاءَ اڪثر اصحابن ۽ فقهاءَ مان ثوري، شافعي، احمد ۽ اسحاق رحمهم الله تعالىٰ جو اهو مذهب آهي.

(١) جلالين صـ٣٢٠

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ بدر جي جنگ ۾ مسلمانن جي قلت هجڻ جي ڪري احسان ڪرڻ ۽ فديو وٺڻ کان روڪيو ويو ۽ وري جڏهن مسلمانن جي ڪثرت ٿي تہ سورة محمد ۾ ان جي اجازت ڏني وئي ۽ اهو ئي قول صحيح ۽ مختار آهي ڇو تہ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن پاڻ بہ ان تي عمل ڪرڻ فرمايو ۽ ڪانئن بعد خلفاءِ راشدين بہ ان تي عمل ڪيو. ان جي ڪري هيءَ آيت سورة انفال جي آيت لاءِ منسوخ ڪندڙ آهي وجه هي آهي تہ سورة انفال جي آيت بدر جي جنگ واري موقعي تي سنہ ٠٢هجريءَ ۾ نازل ٿي هئي ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن سنہ ٦ هجريه دوران غزوه حديبيه ۾ جن قيدين کي معاوضي کان سواءِ آزاد ڪيو هو اهو سورة محمد جي هن مذڪوره آيت جي مطابق هو.

امام اعظم جو مختار مذهب بہ جمهور صحابہ ۽ فقهاءَ جي مطابق آزاد ڪرڻ جي جواز وارو آهي "١" ڳالهہ جو خلاصو هي آهي تہ مسلمانن جي امير کي اختيار آهي تہ حالات ۽ ضرورت جي مطابق جيڪا صورت بهتر ۽ مناسب سمجهي ان تي عمل ڪري رسول الله صلى الله عليه وسلم جن ۽ خلفاءِ راشدين رضي الله عنهم جي عمل مان ثابت آهي تہ جنگي قيدين کي ڪڏهن قتل ڪيو ويو، ڪڏهن غلام بنايو ويو، ڪڏهن معاوضو وٺي ڇڏيو ويو تہ ڪڏهن مفت ۾ آزاد ڪيو ويو ۽ ان کان پوءِ ان لکيو آهي تہ جن آيتن کي ناسخ ۽ منسوخ قرار ڏنو ويو آهي انهن مان ڪابہ ناسخ ۽ منسوخ ناهي درحقيقت اهي سڀ محڪم آيتون آهن. "٢"

٢- وَلَوْ يَشَآءُ اللّٰهُ لَانْتَصَرَ مِنْهُمْ" (۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ پاڻ انهن کان بدلو وٺي ها) هن آيت ۾ جهاد جي جائز هجڻ جي هڪ حڪمت بيان ڪيل آهي. ڇو تہ جيڪڏهن الله عزوجل سڌو عذاب نازل ڪري ڪافرن کان انتقام وٺي ها تہ بہ ڪري سگهي پيو پر ان جهاد جو حڪم ڏنو جو حقيقت ۾ هڪ رحمت آهي جيئن اڳين امتن تي شرڪ ۽ ڪفر جي ڪري آسماني عذاب آيا هئا هن امت تي بہ اچي سگهيا ٿي مگر رحمة للعالمين صلى الله عليه وسلم جي برڪت سان هن امت کي اهڙن عام عذابن کان بچايو ويو آهي ۽ شرعي جهاد کي ان جو قائم مقام ڪيو ويو آهي جنهن ۾ عام عذاب جي لحاظ سان وڌيون سهوليتون ۽ مصلحتون آهن هڪ اها

(١) المظهري صہ ٤٢١ جلد٨ (٢) القرطبي صہ٢٢٨ جلد١٦

سهولت تہ عام عذاب ۾ پوريون قومون مرد، عورتون ۽ ٻار ٻچا، مال وغيره سڀ تباھہ ٿي ويندا آهن ۽ جهاد ۾ عورتون ۽ ٻار تہ امن ۾ آهن پر مرد بہ صرف اهي ان جي ضد ۾ ايندا آهن جيڪي الله عزوجل جي دين جي حفاظت ڪندڙن جي مقابلي ۾ وڙهڻ لاءِ اچي بيهندا آهن پوءِ انهن مان بہ سڀ قتل نہ ڪيا ويندا آهن گهڻن کي ايمان ۽ اسلام جي دولت نصيب ٿيندي آهي. جهاد جي شرعي حڪم هجڻ جي هڪ ڀلائي هيءَ بہ آهي جو ان جي ذريعي جنگ ڪرڻ وارين ٻنهي ڌرين مسلمانن ۽ ڪافرن جو امتحان بہ ٿي ويندو آهي تہ ڪير الله عزوجل جي حڪم تي پنهنجي جان ۽ مال قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ ڪير سرڪشي ۽ ڪفر تي ڄمي بيهي ٿو يا اسلام جا روشن دلائل ڏسي اسلام قبول ڪري ٿو.

٣ـ اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَيُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ " (جيڪڏهن اوهان الله جي مدد ڪندؤ تہ اوهان جي مدد ڪندو ۽ اوهان جي قدمن کي ثابت رکندو)ـ مان معلوم ٿيو تہ جيڪو بہ الله عزوجل جي رضا لاءِ ميدان ۾ لهندو پوءِ اهو جهاد هجي يا مناظره تہ الله عز و جل ان جي مدد ڪندو ۽ اهڙن ٻانهن کي پلصراط تان ثابت قدم رکندي پار پڄائيندو.

٤ـ " ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ مَوْلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا " (اهو ان جي ڪري جو الله انهن جو مددگار آهي جن ايمان آندو) هتي مولا جي معنىٰ مددگار آهي شيعا "من كنت مولاه فعلي مولاه" (جنهن جو مان مولا آهيان علي بہ ان جو مولا آهي) ۾ مولا جي معنىٰ خليفو، جانشين ڪندا آهن پر هن حديث ۾ مولا جي لفظ جي معنىٰ بہ مددگار آهي جيڪڏهن مولا جي معنىٰ اها نہ ورتي ويندي تہ پوءِ الله عزوجل جي شان ۾ آيل لفظ مولا جي معنىٰ خليفو ۽ جانشين ڪيئن ٿيندي؟

حديث جو مطلب آهي تہ جنهن جو مان نبي (عليه الصلوٰة والسلام) مددگار آهيان علي بہ ان جو مددگار آهي.

اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ

بيشڪ الله داخل ڪندو انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڪيائون صالح عمل بهشتن ۾ جو

تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ وَالَّذِیْنَ كَفَرُوْا یَتَمَتَّعُوْنَ وَ

وهن ٿيون هيٺان انهن جي نهرون ۽ جن ڪفر ڪيو نفعو وٺن پيا ۽

یَاْكُلُوْنَ كَمَا تَاْكُلُ الْاَنْعَامُ وَالنَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ (۱۲)

کائين پيا جيئن کائين ٿا چوپايا جانور ۽ (جهنم جي) باهه جاءِ انهن جي آهي

وَكَاَیِّنْ مِّنْ قَرْیَةٍ هِیَ اَشَدُّ قُوَّةً مِّنْ قَرْیَتِكَ الَّتِیْۤ

۽ گهڻائي ڳوٺ اهي وڌيڪ قوت ۾ هئا تنهنجي ڳوٺ کان جنهن

اَخْرَجَتْكَ ۚ اَهْلَكْنٰهُمْ فَلَا نَاصِرَ لَهُمْ (۱۳) اَفَمَنْ كَانَ عَلٰى بَیِّنَةٍ

ڪڍيو تو کي هلاڪ ڪيو سون انهن کي پوءِ ناهي ڪو مددگار انهن جو ڇا پوءِ جيڪي آهن روشن دليل تي

مِّنْ رَّبِّهٖ كَمَنْ زُیِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ وَاتَّبَعُوْۤا اَهْوَآءَهُمْ (۱۴)

پنهنجي رب وٽان ان جهڙا آهن جو سينگاريو ويو انهن جي لاءِ برو عمل انهن جو ۽ تابع ٿيا پنهنجن خواهشن جا

مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِیْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ؕ فِیْهَاۤ اَنْهٰرٌ مِّنْ مَّآءٍ غَیْرِ اٰسِنٍ ۚ

مثال جنت جو وعدو ڏنا ويا متقي ان ۾ نهرون آهن پاڻيءَ نه بدبودار ٿيندڙ جون

وَاَنْهٰرٌ مِّنْ لَّبَنٍ لَّمْ یَتَغَیَّرْ طَعْمُهٗ ۚ وَاَنْهٰرٌ مِّنْ خَمْرٍ لَّذَّةٍ لِّلشّٰرِبِیْنَ ۚ۬

۽ نهرون کير جون جو نه ڦريو ان جو ذائقو ۽ نهرون شراب جون جيڪو لذيذ آهي پيئندڙن جي لاءِ

وَاَنْهٰرٌ مِّنْ عَسَلٍ مُّصَفًّى ؕ وَلَهُمْ فِیْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ وَمَغْفِرَةٌ

۽ نهرون ماکيءَ صاف ڪيل جون ۽ انهن جي لاءِ انهن ۾ هرقسم جا ميوا هوندا ۽ بخشش

مِّنْ رَّبِّهِمْ كَمَنْ هُوَ خَالِدٌ فِى النَّارِ وَسُقُوْا مَآءً حَمِيْمًا

سندن رب وٽان ان وانگر هوندا جو اهو هميشه رهندڙ هوندو باهه ۾ ۽ پيارِيا ويندا پاڻي گرم

فَقَطَّعَ اَمْعَآءَهُمْ. (١٥)

پوءِ وڍيندو آنڊا انهن جا.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي لاءِ مولا نه هجڻ ۽ مومنن جي لاءِ مولا هجڻ جو بيان هو ۽ هتي وري انهن جو ئي ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ اللهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ط" بلاشڪ الله انهن (ٻانهن) کي جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا انهن بهشتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن پيون" مطلب ته اهل ايمان نيت جي خلوص ۽ سهڻي عمل جي برڪت سان انهن بهشتن ۾ داخل ٿيندا جن جي هيٺان نهرون پيون وهن ڇو ته هنن الله عزوجل جي پيارن ايمان سان گڏ اهڙا ڀلا عمل به ڪيا جن سان انهن تي الله عزوجل راضي ٿيو. "وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَتَمَتَّعُوْنَ وَيَاْكُلُوْنَ كَمَا تَاْكُلُ الْاَنْعَامُ وَالنَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ" ۽ جن ڪفر ڪيو نفعو وٺن ٿا ۽ (ائين) کائين پيا جيئن چوپايا کائيندا آهن. مطلب ته ڪافرن پنهنجي زندگيءَ جو صحيح مقصد نه سڃاتو ساري زندگي عيش ۽ عشرت ۾ گذاري رهيا آهن چوپاين جانورن وانگر کائڻ ۽ پيٽ ڀرڻ ۾ پورا آهن آخرت ۾ انهن جي جاءِ جهنم جي ٻرندڙ باهه آهي.

"وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ هِىَ اَشَدُّ قُوَّةً مِّنْ قَرْيَتِكَ الَّتِىْ اَخْرَجَتْكَ" ۽ گهڻائي اهڙا ڳوٺ هئا جيڪي تنهنجي ان ڳوٺ کان طاقت ۾ وڌيڪ هئا جن تو کي ڪڍي ڇڏيو.

شان نزول: مفسرن ڀلارن لکيو آهي ته هي آيت ان وقت نازل ٿي هئي جڏهن نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن مڪه مڪرمه مان مدينه منوره ڏانهن هجرت ڪري نڪتا ۽ ان ڏينهن مڪه مڪرمه ڏانهن نهاري فرمايائون ته: تون الله جي شهرن مان مون کي وڌيڪ پيارو آهين جيڪڏهن تنهنجا رهاڪو مون کي تو مان نه

ڪين ها تہ مان تو مان نہ نڪران ها. "١" مطلب تہ اي حبيب ڪريم! عَلَيْكَ الصلوٰة والسلام جن اوهان جي ڳوٺ وارن اوهان کي اوهان جي شهر مڪه مڪرمه مان هجرت ڪرائي ڪڍيو آهي گهڻائي شهر انهن کان قوت ۾ سخت ۽ ڏاڍا هئا "اَهْلَكْنٰهُمْ فَلَانَاصِرَ لَهُمْ" اسان انهن کي هلاڪ ڪيو پوءِ ڪوبہ انهن جي مدد ڪندڙ نہ هو. هن ۾ مڪه مڪرمه ۾ رهندڙن قريشي ڪافرن کي متنبه ڪيو ويو آهي تہ اوهان جنهن سنگدليءَ سان نبي ڪريم عليه التحية والتسليم کي مڪه مڪرمه مان نڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي اهو ڪو معمولي ڪم ناهي جو ان تي اوهان کي ڪا سزا نہ ملندي بلڪ اوهان کان اڳي جن قومن پنهنجن نبين علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام سان اهڙو سلوڪ ڪيو اهي جيتوڻيڪ اوهان کان وڌيڪ طاقتور قومون هيون پر اسان انهن کي هلاڪ ڪيو تہ انهن جي مدد ڪرڻ وارو ڪير بہ نہ هو.

"اَفَمَنْ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ كَمَنْ زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ وَاتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ" ڇا پوءِ جيڪو پنهنجي رب جي طرفان روشن دليل تي آهي ان وانگر آهي جنهن جي لاءِ ان جو برو عمل سينگاريو ويو آهي ۽ انهن پنهنجن خواهشن جي اتباع ڪئي مقصد تہ هڪ شخص نهايت ڪليل سيني، فهم ۽ بصيرت سان سچائيءَ جي صاف ۽ ڪشادي رستي تي هلي رهيو آهي ۽ ٻيو انڌيري ۾ پيل ڏڪا کائي پيو بي تميز هجڻ جي ڪري بري ڪم کي سهڻو سمجهي ٿو پلي ۽ بڇڙي ڪم ۾ فرق نہ ٿو ڪري خواهشات نفسانيءَ جي اتباع ۾ رڌل آهي ڇا انهن ٻنهي جو انجام هڪ جهڙو ٿي سگهي ٿو؟ ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيندو ڇو تہ اهو الله عزوجل جي حڪمت ۽ عدل جي شان جي خلاف آهي.

"مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِىْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ فِيْهَآ اَنْهٰرٌ مِّنْ مَّآءٍ غَيْرِ اٰسِنٍ" ان جنت جو احوال جنهن جو پرهيزگارن سان وعدو ڪيل آهي ان ۾ پاڻيءَ جون نهرون آهن اهو پاڻي بدبودار نہ هوندو. يعني ان جي لذت ۽ ذائقو نہ مٽبو نہ ڪتو هوندو نہ ان ۾ ڪنهن قسم جي ڏپ هوندي ۽ نہ ڪائڻ ۾ خراب هوندو. "٢"

"وَاَنْهٰرٌ مِّنْ لَّبَنٍ لَّمْ يَتَغَيَّرْ طَعْمُهٗ" ۽ کير جون نهرون جن جو ذائقو بہ ڦريل نہ

(١) تفسير روح القرآن صـ٣٦ جزء ٢٦ (٢) صاوي صـ٨٤ جزء ٤جلد ٢

هوندو. يعني دنيا جي کير وانگر نہ هوندو جو گهڻو وقت رکڻ جي ڪري ڦٽي پوي وڏي مدت گذرڻ جي باوجود بہ ان جي مزي ۾ فرق نہ ايندو.

"وَأَنْهَارٌ مِّنْ خَمْرٍ لَّذَّةٍ لِّلشَّارِبِينَ" ۽ پيئندڙن جي لاءِ لذت ڏيندڙ شراب جون نهرون. يعني اتي جي شراب ۾ خالص لذت ۽ مزو هوندو نہ ڪوڙو هوندو نہ نشو ڪندڙ هوندو.

"وَأَنْهَارٌ مِّنْ عَسَلٍ مُّصَفًّى" ۽ نهايت صاف ماکيءَ جون نهرون يعني صاف شفاف ماکي جنهن ۾ ڪابہ نہ وٽندڙ ڪيفيت نہ هوندي.

"وَلَهُمْ فِيهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرَاتِ وَمَغْفِرَةٌ مِّن رَّبِّهِمْ" ۽ ان ۾ انهن جي لاءِ هر قسم جا ميوا هوندا ۽ سندن رب جي طرفان مغفرت هوندي. مطلب تہ جنت ۾ پرهيزگارن جي لاءِ هر قسم جا ميوا ڪجور، انگور، صوف، ڏاڙهون، ترنجبين، انجير وغيره اهڙا هوندا جن جو دنيا ۾ ڪو مثال ناهي. "١" اها نعمت تہ انهن کي حاصل ٿيندي پر ڪين هر گناهہ جي مغفرت ڏئي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو جتي ڪڏهن سندن گناهن جو ذڪر بہ نہ ڪيو ويندو نہ ڪين اهي ذهن ۾ آندا ويندا.

"كَمَنْ هُوَ خَالِدٌ فِي النَّارِ وَسُقُوا مَاءً حَمِيمًا فَقَطَّعَ أَمْعَاءَهُمْ" ان وانگر جيڪو هميشہ باهہ ۾ رهندڙ هوندو ۽ گرم پاڻي پياريا ويندا پوءِ انهن جا آنڊا وڍي ڇڏيندو. مطلب تہ جنت ۾ رهندڙ لطف ۽ سرور جي زندگي گذاريندڙ سان ان بدنصيب جي ڪهڙي نسبت جيڪو پنهنجن برن ڪمن جي ڪري جهنم ۾ هميشہ جي لاءِ داخل ڪيو ويو. انهن کي اهڙو ٽهڪندڙ گرم پاڻي پياريو ويندو جو سندن آنڊن کي وڍي ٽڪرا ڪري ڇڏيندو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- تَجْرِي مِن تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ" (انهن جي هيٺان نهرون وهن پيون).

هن مان معلوم ٿيو تہ جنت ۾ نهر هوندي درياءَ يا بحر نہ هوندو ٽن وجهن جي ڪري . ١: هڪ تہ نهر قبضي ۾ هوندي آهي بحر قبضي ۾ نہ هوندو آهي. ٢: ٻيو تہ نهر ۾ حسن هوندو آهي بحر ۾ اهو نہ هوندو آهي اهو ڪيڏانهن ڪان ڪيڏانهن پيو وهندو آهي. ٣: ٽيون تہ نهر صرف فائدو ڏيندي آهي پر بحر ڪڏهن

(١) تفسير الڪريم الرحمٰن ص ٧٨٧ مجلد واحد

ڪڏهن سيلاب جي ذريعي نقصان بہ ڏيندو آهي. ۴: چوٿون تہ نهر ڪڏهن ڪڏهن گهرن تائين بہ پهچائي ويندي آهي بحر ائين نہ ڪري سگهبو آهي هتي انهر جمع ان جي ڪري آندو ويو جو جنت ۾ چار نهرون هونديون پاڻيءَ جي، کير جي، خالص ماکيءَ جي ۽ پاڪ صاف شراب جي جن جو حسن اسان جي سمجهہ کان ٻاهر آهي.

۲- "وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَتَمَتَّعُوْنَ" (۽ جن ڪفر ڪيو نفعو وٺن ٿا) مان واضح ٿيو تہ ڪافر دنيوي نعمتون ۽ نفعا حاصل ڪري انهن ۾ محو ۽ مست رهن ٿا ۽ مومن انهن نعمتن کي آخرت جي لاءِ وسيلو ۽ ذريعو بنائي انهن مان هميشه فائدو حاصل ڪندو رهندو آهي ان جا صدقا ۽ خيراتون ان کي قبر ۾ فائدو ڏين ٿا ۽ کائڻ، پيئڻ کان پوءِ جيڪا رب پاڪ جي عبادت ڪيائين اها ان کي محشر ۾ بہ ڪم اچي ٿي.

۳- "وَيَاْكُلُوْنَ كَمَا تَاْكُلُ الْاَنْعَامُ" (۽ ائين کائن ٿا جيئن چوپايا جانور کائيندا آهن) هن مان معلوم ٿيو تہ جيڪو شخص حلال ۽ حرام ۾ فرق نہ ڪري ۽ جيڪو بہ اڳيان اچي کائي ڇڏي اهو جانور وانگر بلڪ ان کان بہ برو آهي ڇو تہ جانور عقل کان خالي آهي هي عقلمند آهي وري بہ اهو سنگهي پوءِ کائي ٿو ۽ هي ائين ئي کائي ڇڏي ٿو ۽ جيڪو صرف جسماني راحت جي لاءِ کائي اهو جانور ئي آهي مومن رب جي عبادت ۾ قوت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ئي کائيندو آهي. "١"

۴- "مِنْ قَرْيَتِكَ" (اوهان جي ڳوٺ مان) هتي مراد مڪه مڪرمه آهي. هجرت کان اڳي حضور پاڪ عليه الصلوة والسلام جن کي ان سان محبت گهٽي هئي ۽ هجرت کانپوءِ کين مدينه منوره سان محبت گهٽي هوندي هئي نسيم الرياض ۾ آهي تہ هجرت کان اڳي مڪه مڪرمه افضل هو ۽ هجرت کان پوءِ مدينه منوره افضل آهي

۵- "اَفَمَنْ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ" (ڇا پوءِ جيڪو پنهنجي رب جي طرفان روشن دليل تي آهي) هن مان مراد سڀ مسلمان آهن جن جا عقائد ۽ اعمال قرآن، سنت، اجماع ۽ مجتهدن جي قياس سان ثابت آهن مومن کي پنهنجي دين جي حقانيت تي ڪامل يقين هوندو آهي ڪافر کي پنهنجي دين تي يقين نہ هوندو آهي ان جي ڪري بيماريءَ جي حالت ۾ مسلمانن کان ڦيٿو تعويذ ڪرائيندو آهي اولياءَ ڪرام جي مزارن تي ويندو آهي.

(١) نورالعرفان صـ ٨١٠

٥ـ "وَلَهُمْ فِيهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرَاتِ" (۽ انهن جي لاءِ ان ۾ هر قسم جي ميون مان هوندا) مان معلوم ٿيو تہ جنت ۾ هر قسم جا ميوا هميشہ هوندا نہ موسم جا پائبند نہ انهن جي کائڻ تي کا روڪ ٽوڪ، دنيا ۾ سڀ ميوا هڪ جاءِ تي نہ ٿيندا آهن۽ سيئي ميوا هر وقت نہ ٿيندا آهن ۽ هر ڪنهن جي طبع موافق بہ نہ هوندا آهن "من" جي لفظ مان معلوم ٿيو تہ جنت جا ميوا ڪثرت جي باوجود قدرت جي خزانن مان بعض آهن ان جي ڪري "مِنْ" تبعيضيه ۽ "كُلِّ الثَّمَرَاتِ" جي لفظ "كل" ۾ ڪو تعارض ناهي "مِن" بہ درست آهي تہ "كُلِّ" بہ صحيح آهي.

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُ اِلَيْكَ حَتّٰى اِذَا خَرَجُوْا مِنْ عِنْدِكَ قَالُوْا

۽ انهن مان اهو بہ آهي جيڪو ڪن ڏئي ٻڌي ٿو توڏانهن تانجو جڏهن نڪتا تو وٽان تہ چيائون

لِلَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ مَاذَا قَالَ اٰنِفًا اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى

انهن کي جيڪي ڏنا ويا علم تہ ڇا فرمايائين هينئر اهي ئي آهن جو مهر هنئي الله

قُلُوْبِهِمْ وَاتَّبَعُوْا اَهْوَآءَهُمْ (١٦) وَالَّذِيْنَ اهْتَدَوْا زَادَهُمْ هُدًى

انهن جي دلين تي ۽ تابع ٿيا پنهنجن خواهشن جا ۽ جن واٽ ورتي وڌايائين انهن کي هدايت

وَّاٰتٰهُمْ تَقْوٰهُمْ (١٧) فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً

۽ ڏنائين انهن کي سندن تقوىٰ پوءِ نہ ٿا انتظار ڪن مگر قيامت جو تہ اچي انهن وٽ اوچتو

فَقَدْ جَآءَ اَشْرَاطُهَا فَاَنّٰى لَهُمْ اِذَا جَآءَتْهُمْ ذِكْرٰهُمْ (١٨)

پوءِ تحقيق آيون ان جون نشانيون پوءِ ڪٿي آهي انهن جي لاءِ انهن جو سمجهڻ جڏهن ايندي انهن وٽ قيامت

تفسير:

اڳئين آيت ۾ انهن جو ذڪر هو جيڪي هميشہ جهنم ۾ هوندا ۽ هتي انهن جي ئي هڪ قسم منافقن جو حال بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي.

"وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُ اِلَيْكَ حَتّٰٓى اِذَا خَرَجُوْا مِنْ عِنْدِكَ قَالُوْا لِلَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ مَاذَا قَالَ اٰنِفًا" ۽ انهن مان ڪي اهي آهن جيڪي توڏانهن ڪن ڏئي ٻڌن ٿا تانجو جڏهن تو وٽان نڪتا تہ انهن کي چون پيا جن کي علم ڏنو ويو آهي تہ هينئر ڇا چيائين؟ ياد رکڻ گهرجي تہ ڪافرن جو هڪ اهو قسم آهي جن کي منافق سڏيو ويندو آهي هتي انهن جو ذڪر ٿي رهيو آهي اهي ظاهر ۾ اسلام، جي دعوىٰ ڪندا آهن اندر ۾ ان جا منڪر بلڪ بدترين دشمن هوندا آهن هتي ٻڌايو پيو وڃي تہ اهي ظاهر ۾ ڪن ڏئي حضور پر نور عليه الصلوٰة والسلام جي ڳالهہ مبارڪ ٻڌندا آهن پر نہ انهن جو ان ڏانهن دلي توجه هوندو آهي ۽ نہ ان تي غور ڪندا آهن ۽ نہ اها ياد رکندا آهن . جڏهن محفل مان اٿندا آهن تہ اهل علم کي چوندا آهن تہ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام هينئر ڇا فرمايو؟ ان ۾ سندن اشارو هو تہ پاڻ حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي فرمان کي توجه جي لائق ئي نہ ٿا سمجهن.

"اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَاتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ" اهيئي آهن جن جي دلين تي الله مهر هنئي ۽ پنهنجن خواهشن جي تابعداري ڪيائون. مطلب تہ اسان انهن جي دلين تي سندن ئي ڪردار جي ڪري مهر هٽي ڇڏي آهي ۽ اهي هاڻي صرف پنهنجي نفساني خواهشات جي پيروي ڪن ٿا ان جي ڪري اهي الله جل جلاله جي حبيب عليه الصلوٰة والسلام جا ارشاد ڪيئن ياد ڪندا؟

"وَالَّذِيْنَ اهْتَدَوْا زَادَهُمْ هُدًى وَّاٰتٰهُمْ تَقْوٰهُمْ" ۽ جن (حق واري) واٽ ورتي انهن کي هدايت ۾ وڌايائين ۽ انهن کي سندن تقوىٰ عطا ڪيائين مطلب تہ جيڪي ڀلي نصيب وارا حضور صلى الله عليه وسلم جي ارشادات ۽ ڪلام بلاغت نظام مان هدايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ان تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن تہ الله عزوجل انهن تي وڏيڪ اهو ڪرم ڪندو آهي جو ڪين علم بصيرت ۽ شرح صدر جي دولت سان مالامال ڪندو آهي ۽ انهن کي الاهي احڪام تي عمل جي توفيق بہ بخشيندو آهي يا "تَقْوٰهُمْ" ۾ ذڪر ڪيل لفظ تقوىٰ جي معنىٰ آهي بچاءُ پوءِ مطلب ٿيندو تہ الله جل شانہ انهن کي انهن ڪمن کان بچائيندو آهي جيڪي دوزخ ۾ وڃڻ جو سبب بنجندا آهن ۽ ڪين تقوىٰ تي مدد ڪري انهيءَ جو

سھٹو بدلو ڏيندو آهي. " ١ " "فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً" پوءِ نہ تا انتظار ڪن مگر قيامت جو تہ انهن وٽ اوچتو اچي. يعني حق واضح ٿي ويو اسلام جا دلائل ايترا واضح ۽ روشن آهن جو ان ۾ ڪنهن بہ شڪ ۽ شبهي جي گنجائش نہ رهي آهي ان هوندي بہ هي ماڻهو ايمان نہ ٿا آڻين. ان مان ثابتِ ٿيو تہ هي قيامت جي اوچتو اچڻ جي انتظار ۾ آهن. اها اچي تہ پوءِ ايمان آڻيندا.

"فَقَدْ جَآءَ اَشْرَاطُهَا" پوءِ تحقيق آيون ان جون نشانيون يعني قيامت جون نشانيون تہ اچي ويون آهن قيامت بہ اوچتو ايندي.

"فَاَنّٰى لَهُمْ اِذَا جَآءَتْهُمْ ذِكْرٰىهُمْ" پوءِ ڪٿان هوندي انهن لاءِ نصيحت حاصل ڪرڻ جڏهن انهن وٽ ايندي، يعني قرآن ڪريم جون نصيحتون، گذريل قومن جا عبرتناڪ مثال، جنت ۽ دوزخ جا وعدا ۽ وعيد سڀ ڪجهہ ٻڌي چڪا آهن هاڻي مڃڻ جي لاءِ ڪهڙي وقت جو انتظار ڪري رهيا آهن صرف اهو تہ اوچتو قيامت اچي. سو قيامت جون نشانيون تہ اچي ويون آهن ۽ جڏهن قيامت اچي ويندي تہ ان وقت ڪين سمجهڻ ۽ مڃڻ جو موقعو ڪٿان ملندو؟ اهو مڃڻ ۽ سمجهڻ ڪنهن ڪم جو نہ هوندو ڇو تہ ان تي نجات جو مدار نہ رهندو.

"قيامت جون نشانيون"

قيامت جي نشانين جي باري ۾ نبوي ارشادات ۾ گهڻو بيان ٿيل آهي هتي ڪجهہ حديثون لکجن ٿيون ١- امام بخاري حضرتِ ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: هڪ ڏينهن نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن گفتگو فرمائي رهيا هئا تہ هڪ اعرابي آيو عرض ڪيائين تہ قيامت ڪڏهن آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ "جڏهن امانت ضايع ڪئي ويندي تہ پوءِ قيامت جو انتظار ڪر" عرض ڪيائين تہ "ان جو ضايع ڪرڻ ڪيئن هوندو؟ فرمايائون تہ "جڏهن ڪم نا اهلن جي سپرد ڪيو وڃي پوءِ قيامت جو انتظار ڪر."

٢- ترمذيءَ روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جڏهن جنگ مان هٿ آيل غنيمت جو مال (ذاتي) دولت سمجهي پاڻ ۾ ورهايو ويندو ۽ امانت کي غنيمت ۽ زڪواة کي چٽي سمجهيو ويندو ۽ دين کان سواءِ

(١) بيضاوي ڪامل صہ٦٨٣

(ڪنهن) ٻئي مقصد لاءِ علم پڙهيو ويندو ۽ مڙس پنهنجي زال جي اطاعت ڪندو ۽ ماءُ جو بي فرمان ٿيندو ۽ دوست کي ويجهو ڪندو ۽ پيءُ کي پري ڪندو ۽ مسجدن ۾ آواز بلند ٿيندا ۽ قوم جي سرداري انهن مان فاسق ڪندو ۽ قوم جو اڳواڻ انهن مان ذليل قسم جو هوندو ۽ مرد ان جي شر جي خوف کان عزت ڪيو ويندو ۽ ڳائڻيون ۽ ڳائڻ وڄائڻ عام ٿيندو ۽ (ڪلي طور) شراب پيتا ويندا ۽ هن امت جا پويان هن امت جي پهرين کي لعنت ڪندا پوءِ ان وقت ڳاڙهي واءِ ۽ زلزلي ۽ زمين ۾ ڳهجڻ ۽ شڪلين جي بدلجڻ جو انتظار ڪيو. "١"

فائدا: "لِلَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ" (انهن کي جيڪي علم ڏنا ويا) مان مراد اصحاب سڳورا (رضي الله عنهم) آهن. جيئن حضرت عبدالله بن مسعود، حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما وغيرهما ٢ـ "مَاذَا قَالَ اٰنِفًا" (هينئر ڇا چيائين) منافق اهو قول پڇڻ جي لاءِ ئي مذاق طور چوندا هئا ان مان معلوم ٿيو ته نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي ڪلام جي توهين ڪرڻ ڪفر آهي ٣ـ "زَادَهُمْ هُدًى وَّاٰتٰهُمْ تَقْوٰىهُمْ" (انهن کي هدايت وڌايائين ۽ انهن کي سندن تقوىٰ ڏنائين) مان معلوم ٿيو ته حضور عليه الصلوٰة والسلام جي وعظ ۽ سندن صحبت پاڪ جي برڪت سان مسلمانن کي ايمان، تقوىٰ ۽ هدايت ۾ واڌارو ٿيندو آهي وعظ هڪ آهي مگر منافقن جي لاءِ نقصانڪار ۽ مومنن جي لاءِ مفيد، سج جو نور هڪ آهي مگر چمڙي جي لاءِ نقصان ڏيندڙ ٻيءَ مخلوق جي لاءِ مفيد، خيال ۾ رکڻ گهرجي ته هدايت وڌائڻ مان مراد ڪيفيت جي زيادتي آهي نه مقدار جي ڇو ته مقدار جي زيادتي ايمان ۾ ناممڪن آهي.

فَاعْلَمْ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاسْتَغْفِرْ

پوءِ ڄاڻ ته بلاشڪ ناهي ڪو عبادت جو لائق هڪ الله ڪانسواءِ ۽ مغفرت طلب ڪر

لِذَنْۢبِكَ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مُتَقَلَّبَكُمْ

پنهنجن پوئلڳن لاءِ ۽ مومنن ۽ مومنياڻين جي لاءِ ۽ الله ڄاڻي ٿو گهمڻ ڦرڻ اوهان جي کي

(١) المظهري ص ٤٣٠ ـ ٤٣١ جلد ٨

وَمَثْوٰىكُمْ (١٩) وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَوْلَا نُزِّلَتْ

۽ اوهان جي آرام جي جاءِ کي ۽ چون ٿا اهي جن ايمان آندو ته ڇو نه نازل ڪئي وئي

سُوْرَةٌ فَاِذَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ مُّحْكَمَةٌ وَّذُكِرَ فِيْهَا الْقِتَالُ

سورة پوءِ جڏهن نازل ڪئي وئي سورة محڪم ۽ ذڪر ڪيو ويو ان ۾ جهاد ته

رَاَيْتَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يَّنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ نَظَرَ

ڏسندين انهن کي جن جي دلين ۾ بيماري آهي نهارين پيا توڏانهن مثل ڏسڻ

الْمَغْشِيِّ عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ فَاَوْلٰى لَهُمْ (٢٠)

ان جي جو غشي ڪئي وئي ان تي موت جي پوءِ ڀلو آهي انهن جي لاءِ

طَاعَةٌ وَّقَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ فَاِذَا عَزَمَ الْاَمْرُ فَلَوْ صَدَقُوا

مڃڻ ۽ چڱي ڳالهه ڪرڻ پوءِ جڏهن پڪو ٿيو امر پوءِ جيڪڏهن سچا ٿين ها

اللّٰهَ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ (٢١) فَهَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ

الله سان ته البت هجي ها ڀلو انهن جي لاءِ پوءِ ڇا ويجها ٿيئو اوهان جيڪڏهن

تَوَلَّيْتُمْ اَنْ تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ وَتُقَطِّعُوْٓا اَرْحَامَكُمْ (٢٢)

حڪومت وارا ٿيو ته فساد ڪيو زمين ۾ ۽ ڪٽيو پنهنجون قرابتون

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فَاَصَمَّهُمْ وَاَعْمٰٓى

اهي ئي آهن جو لعنت ڪئي انهن کي الله پوءِ ٻوڙو ڪيائين انهن کي ۽ انڌو ڪيائين

اَبۡصَارَهُمۡ (٢٣) اَفَلَا يَتَدَبَّرُوۡنَ الۡقُرۡاٰنَ اَمۡ عَلٰى قُلُوۡبٍ اَقۡفَالُهَا (٢٤)

اکين انهن جي کي چا پوءِ نہ تا غور کن قرآن تي يا دلين تي سندن تالا آهن

اِنَّ الَّذِيۡنَ ارۡتَدُّوۡا عَلٰٓى اَدۡبَارِهِمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الۡهُدَى

بلاشڪ جيڪي موٽيا پنهنجن پٺين تي ان کان پوءِ جو ظاهر ٿي انهن جي لاءِ هدايت

الشَّيۡطٰنُ سَوَّلَ لَهُمۡؕ وَاَمۡلٰى لَهُمۡ (٢٥) ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ

شيطان ڳالهہ سينگاري انهن جي لاءِ ۽ ڍر ڏنائين انهن کي اهو ان سببان جو بلاشڪ

قَالُوۡا لِلَّذِيۡنَ كَرِهُوۡا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ سَنُطِيۡعُكُمۡ

انهن چيو انهن کي جن نہ پسند ڪيو ان کي جيڪو لاٿو الله جلد فرمانبرداري ڪنداسون اوهان جي

فِىۡ بَعۡضِ الۡاَمۡرِۚ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ اِسۡرَارَهُمۡ (٢٦) فَكَيۡفَ اِذَا

ڪجهہ امر ۾ ۽ الله ڄاڻي ٿو لڪل ڳالهہ انهن جي کي پوءِ ڪهڙي طرح جڏهن

تَوَفَّتۡهُمُ الۡمَلٰٓئِكَةُ يَضۡرِبُوۡنَ وُجُوۡهَهُمۡ وَ

وفات ڪرائيندا انهن کي ملائڪ ۽ ڏڪ هڻندا انهن جي منهن تي ۽

اَدۡبَارَهُمۡ (٢٧) ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اتَّبَعُوۡا مَاۤ اَسۡخَطَ

انهن جي پٺين تي اهو ان سببان جو بلاشڪ انهن اتباع ڪئي ان جي جنهن

اللّٰهَ وَكَرِهُوۡا رِضۡوَانَهٗ فَاَحۡبَطَ اَعۡمَالَهُمۡ (٢٨) ع

ڪاوڙايو الله کي ۽ نہ پسند ڪيائون ان جي رضا کي پوءِ ڇٽ ڪيائين عمل انهن جا

اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ اَنْ لَّنْ يُّخْرِجَ

ڇا خيال ڪيو انهن جن جي دلين ۾ بيماري آهي تہ هرگز نہ ظاهر ڪندو

اللّٰهُ اَضْغَانَهُمْ (٢٩) وَلَوْ نَشَآءُ لَاَرَيْنٰكَهُمْ

الله دل وارا ڪوٽ انهن جا ۽ جيڪڏهن گهرون تہ البت ڏيکاريون اسين تو کي اهي

فَلَعَرَفْتَهُمْ بِسِيْمٰهُمْ ؕ وَلَتَعْرِفَنَّهُمْ

پوءِ البت سڃاڻتو آهي تو انهن کي سندن چهري مان ۽ البت ضرور سڃاڻندين انهن کي

فِيْ لَحْنِ الْقَوْلِ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اَعْمَالَكُمْ (٣٠) وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ

ڳالهائڻ جي انداز ۾ ۽ الله ڄاڻي ٿو عمل اوهان جا ۽ البت ضرور آزمائيندا سون

حَتّٰى نَعْلَمَ الْمُجٰهِدِيْنَ مِنْكُمْ وَالصّٰبِرِيْنَ لا وَنَبْلُوَا۠ اَخْبَارَكُمْ (٣١)

اوهان کي تان جو ڄاڻون مجاهدن کي اوهان مان ۽ صبر ڪندڙن کي ۽ آزمايون حالات اوهان جي کي

تفسير

اڳين آيتن ۾ منافقن جي بي يقينيءَ جو بيان هو ۽ هتي ظاهر ۾ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کي يقين تي مضبوط رهڻ جو حڪم ڪندي سچن مومنن کي مستقل ۽ مضبوط رهڻ جو تاڪيد ڪيو ويو آهي. فرمان خداوندي آهي.

"فَاعْلَمْ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ" پوءِ يقين ڄاڻ تہ هڪ سچي معبود (الله) کان سواءِ ڪوبہ عبادت جو لائق ناهي. يعني جڏهن اوهان کي مومنن جي سعادت ۽ ڪافرن جي شقاوت جي خبر آهي تہ اوهان جنهن وحدانيت جي علم تي آهيو ان تي ثابت قدم رهو "١" مفسرن لکيو آهي تہ هتي علم رکڻ، ڄاڻڻ مان مراد ثابت قدم رهڻ ۽ ان جي تقاضا مطابق عمل ڪرڻ آهي حضرت سفيان بن عيينه عليه الرحمة کان ڪنهن علم جي فضيلت جي باري ۾ سوال ڪيو تہ پاڻ ان سائل کي فرمايائين تہ:

(١) بيضاوی ڪامل ص ٦٧٣

تو قرآن پاڪ جو ارشاد نہ ٻڌو آهي "فَاعْلَمْ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ" ان ۾ علم کان پوءِ عمل جي لاءِ حڪم ڏنل آهي اهڙي طرح الله عزوجل ٻي جاءِ تي فرمايو "وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ" (۽ ڄاڻو تہ دنيا جي حياتي راند ۽ راند آهي) ۽ وري فرمايائين "سَابِقُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ" (پنهنجي رب جي مغفرت ڏانهن اڳرائي ڪيو) ان ئي طرح ٽين جاءِ تي فرمايائين "وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ" (۽ ڄاڻو تہ اوهان جا مال ۽ اولاد فتنه آهي).

ان کان پوءِ فرمايائين "فَاحْذَرُوْهُمْ" (پوءِ انهن کان ڊڄو) انهن سڀني آيتن ۾ اول علم ان کان بعد ان جي تقاضا مطابق عمل جو ذڪر آهي "١" هتي مذڪوره آيت ۾ بہ جيتوڻيڪ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کي ٻهريان ئي اهو علم هو پر هتي ان مان مقصود ان جي مقتضىٰ تي عمل ڪرڻ آهي.

"وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ" ۽ پنهنجن ڀوئلڱن جي لاءِ مغفرت طلب ڪر هتي ظاهر ۾ ذنب جي لفظ جي اضافت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن ڏانهن ڪيل آهي مگر ان مان مراد سندن خاص امتين جي گناهن جي مغفرت طلب ڪرڻ آهي ڇو تہ عام امتي اڳتي "وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ" ۾ داخل آهن يا "ذَنْۢبِكَ" مان مراد آهي تہ جن ڪمن کي اوهان گناهہ قرار ڏنو آهي انهن کي ڪندڙ امتين جي لاءِ معافي ۽ مغفرت طلب ڪيو. "٢" باقي پاڻ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن تہ هر ننڍي يا وڏي گناهہ کان هر طرح ۽ هميشه پاڪ آهن پاڻ گناهہ ڪرڻ تہ ڇا گناهہ سوچي بہ نہ ٿا سگهن.

"وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ" ۽ مومنن ۽ مومنياڻين جي لاءِ- هن ۾ مصطفىٰ ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جي امت جي عزت افزائي آهي جو انهن جي مغفرت طلبيءَ جي لاءِ الله عزوجل پنهنجي محبوب عليه الصلوٰة والسلام جن کي حڪم ڏئي رهيو آهي "وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مُتَقَلَّبَكُمْ وَمَثْوٰىكُمْ" ۽ الله اوهان جي گهمڻ ڦرڻ ۽ اوهان جي آرام ڪرڻ جي جاين کي ڄاڻي ٿو. مطلب تہ اهو اوهان جي دنيوي احوال ۽ انهن جي لاءِ رات ڏينهن گهمڻ ڦرڻ ۽ تصرف کي ۽ اوهان جي آخرت واري آرام گاهہ کي ڄاڻي ٿو ان

(١) القرطبي صـ ٢٤٢ جلد ١٦ (٢) نورالعرفان صـ ٨١٢

جي ڪري آخرت واري ڏينهن جي لاءِ ثمر جي تياري ڪيو. "١"

"وَيَقُولُ الَّذِينَ آمَنُوا لَوْلَا نُزِّلَتْ سُورَةٌ ج" ۽ ايمان وارا چون ٿا تہ ڇو نہ ڪا سورة نازل ڪئي وئي. يعني اهڙي سورة ڇو نہ نازل ڪئي وئي جنهن ۾ جهاد جو حڪم هجي ها.

"فَإِذَا أُنزِلَتْ سُورَةٌ مُّحْكَمَةٌ" پوءِ جڏهن محڪمہ سورة نازل ڪئي وئي "مُحْكَمَةٌ" جي لفظي معنيٰ آهي مضبوط ۽ مستحڪم ان لغوي معنيٰ جي لحاظ سان تہ قرآن ڪريم جي هر سورة "مُحْكَمَةٌ" آهي پر شرعي اصطلاح ۾ محڪمہ منسوخ جي مقابلي ۾ استعمال ٿيندي آهي هتي سورة سان "محكمة" جي لفظ جو قيد ان لاءِ آهي تہ عمل جو شوق تڏهن تو پورو ٿئي جڏهن اها سورة منسوخ نہ هجي ۽ قتاده جو قول آهي تہ جيترين بہ سورتن ۾ جهاد جا احڪام آهن اهي سڀ محڪم آهن هتي جڏهن تہ اصل مقصود جهاد جو حڪم ۽ ان تي عمل ڪرڻ آهي ان جي ڪري سورة سان "مُحْكَمَةٌ" جو لفظ وڌائي جهاد جي ذڪر ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي جيڪو اڳيان صراحتًا اچي رهيو آهي. "٢"

"وَذُكِرَ فِيهَا الْقِتَالُ رَأَيْتَ الَّذِينَ فِي قُلُوبِهِم مَّرَضٌ يَنظُرُونَ إِلَيْكَ نَظَرَ الْمَغْشِيِّ عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ فَأَوْلَىٰ لَهُمْ ج" ۽ ان ۾ جهاد جو ذڪر ڪيو ويو تہ انهن کي ڏسندين جن جي دلين ۾ بيماري آهي تہ توڏانهن ائين پيا نهاريندا جيئن اهو نهاريندو آهي جنهن تي موت جي غشي طاري هوندي آهي پوءِ انهن جي لاءِ هلاڪت آهي "اولىٰ" جي معنيٰ آهي "فويل لهم" "٣" مطلب تہ مسلمانن جي طلب ڪرڻ تي جڏهن ڪا اهڙي سورة نازل ٿي جنهن ۾ جهاد جو ذڪر ڪيل آهي تہ منافقن ۽ ڪچي ذهن جي ماڻهن تي اهو ڳرو لڳي ٿو ۽ اي حبيب! اهي نهايت خوفزده اکين سان اوهان ڏانهن نهارين ٿا تہ اوهان انهن کي ان جهاد ۾ هلڻ جي معافي ڏيو. سندن اکين مان رونق نڪري ٿي وڃي چڻ تہ موت مٿان بيٺو اٿن ۽ انهن جي لاءِ هلاڪت ۽ بربادي آهي. بعض مفسرن "أَوْلَىٰ" جي معنيٰ ڪندي لکيو آهي تہ: "اي وڪان الاولى بهم ان يسمعوا ويطيعوا" "٤" پوءِ مطلب ٿيندو تہ انهن جي لاءِ بهتر هي هو تہ اهي الله جل

(١) التفسير الواضح الميسر ص١٢٨١ (٢) القرطبي ص٢٤٣ جلد١٦ (٣) بيضاوي كامل ص٦٧٤ التفسير الواضح الميسر ص١٢٨١ (٤) مختصر تفسير ابن كثير ص٢٣٥ جلد٣

شانه ۽ ان جي رسول مقبول عليه الصلوة والسلام جي فرمان کي ٻڌي ان جي اطاعت ڪن ها.

"طَاعَةٌ وَّقَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ فَإِذَا عَزَمَ الْأَمْرُ فَلَوْ صَدَقُوا اللهَ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ" اطاعت ڪرڻ ۽ چڱو قول پوءِ جڏهن امر پڪو ٿيو پوءِ جيڪڏهن الله سان سچا رهن ها ته انهن جي لاءِ ڀلو هو. يعني ظاهر ۾ ته اهي شخص فرمانبرداريءَ جو اظهار ۽ اسلام ۽ ان جي احڪام جو اقرار ڪن ٿا پر ڪم جي ڳالهه اها آهي ته عملاً اهي ماڻهو الله جل وعلا ۽ ان جي رسول عليه الصلوة والسلام جو حڪم مڃين ۽ ڳالهه سٺي ۽ صحيح چون ۽ جڏهن جهاد وغيره ۾ ڪم ڪرڻ جو تاڪيد ۽ زور پوي ته ان وقت الله جل مجده وٽ سچا ثابت ٿين ته اها صورت انهن جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ واري هوندي.

"فَهَلْ عَسَيْتُمْ إِنْ تَوَلَّيْتُمْ أَنْ تُفْسِدُوْا فِي الْأَرْضِ وَتُقَطِّعُوْا أَرْحَامَكُمْ" پوءِ ڇا اوهان ان ڳالهه کي ويجها آهيو ته جيڪڏهن اوهان والي بڻجو ته زمين ۾ فساد ڪيو ۽ پنهنجون مائٽيون ڪٽي ڇڏيو. هن آيت ۾ خطاب انهن منافقن سان آهي جيڪي جهاد جو حڪم ٻڌي مري ٿي پيا. "تَوَلَّيْتُمْ" جون ٻه معنائون ٿي سگهن ٿيون ١- توليتم اي اعرضتم عن الاسلام "١" يعني جيڪڏهن اسلام کان منهن موڙيندؤ ته جاهليت جي دور ڏانهن موٽندؤ زمين ۾ فتنو فساد برپا ڪندؤ ۽ مائٽيون ڪٽيندؤ. ٢- ٻي معنيٰ والي ٿيندؤ. اقتدار جون واڳون هٿ ۾ رکندؤ ته ٻه اها حالت ڪندؤ.

"أُولَٰئِكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللهُ فَأَصَمَّهُمْ وَأَعْمَىٰ أَبْصَارَهُمْ" اهيئي آهن جن تي الله لعنت ڪئي پوءِ انهن کي ٻوڙو ڪيائين ۽ سندن اکين کي انڌو بنايائين. يعني اهيئي نصيب جا ٽٽل آهن جن کي الله عزاسمه پنهنجيءَ رحمت کان پري ڪري ڇڏيو ۽ سندن ئي ظلم ۽ زيادتيءَ جي ڪري انهن کي ٻوڙو بنائي ڇڏيائين جو حق جو آواز ٻڌن نه ٿا ۽ سندن اکيون انڌيون ڪري ڇڏيائين جو انهن کي هدايت جو نور نظر نه ٿو اچي.

"أَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْآنَ أَمْ عَلَىٰ قُلُوْبٍ أَقْفَالُهَا" ڇا پوءِ قرآن تي غور نه ٿا ڪن يا سندن دلين تي تالا آهن؟ مطلب ته منافق قرآن پاڪ تي غور نه ٿا ڪن ۽ نه ان کي

(١) البحر المحيط ص جلد

سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا يا سندن ئي شرارتن جي ڪري سندن دلين تي تالا لڳي ويا آهن جو نصيحت ڪي انهن ۾ اندر وڃڻ جي لاءِ ڪو رستو ئي نہ رهيو آهي جيڪڏهن قرآن ڪريم ڪي سمجهڻ جي انهن کي توفيق ملي ها تہ آسانيءَ سان سمجهن ها تہ جهاد ۾ ڪيترا دنيوي ۽ اخروي فائدا آهن.

"اِنَّ الَّذِيْنَ ارْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدَى الشَّيْطٰنُ سَوَّلَ لَهُمْ وَاَمْلٰى لَهُمْ" بلاشڪ اهي شخص جيڪي ان ڪان پوءِ جو انهن لاءِ هدايت ظاهر ٿي پٺي ڏئي پوئتي موٽيا شيطان انهن جي لاءِ (ڳالهہ) ٺاهي ۽ انهن کي آسري ۾ رکيو- حق جڏهن ڪلي سامهون اچي ٿو تہ ان جي ڪشش خود بخود ڪلي سامهون اچي ٿي ان هوندي بہ جيڪي ماڻهو حق جي قبول ڪرڻ ڪان منهن موڙين ٿا ۽ باطل کي چنبڙي پون ٿا ان جو سبب هي هوندو آهي جو شيطان غلط عقائد ۽ برن عملن کي انهن جي اڳيان ٺاهي، سينگاري سهڻو ڪري پيش ڪري ٿو ۽ انهن کي وڏي حياتيءَ ۽ ٻين ڪوڙين اميدن ۽ آسرن ۾ رکي ٿو انهن جي دلين ۾ وسوسا وجهي ٿو تہ اڃان اوهان جي نئين جواني آهي موت دير سان ايندو في الحال تہ عيش ۽ عشرت مان مزا وٺو.

"ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لِلَّذِيْنَ كَرِهُوْا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ سَنُطِيْعُكُمْ فِيْ بَعْضِ الْاَمْرِ ۚ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اِسْرَارَهُمْ" اهو ان جي ڪري جو انهن انهن ماڻهن کي چيو جن الله جي نازل ڪيل (قرآن) کي ناپسند ڪيو تہ اسين جلد اوهان جي ڪجهہ حڪمن جي اطاعت ڪنداسون ۽ الله سندن رازن کي ڄاڻي ٿو. منافق لڪ ۾ مشرڪن سان ٺاهہ ۾ مصروف رهندا هئا ۽ ڪين چوندا هئا تہ اسين ظاهر ۾ ڀلي مسلمان ٿيا آهيون پر جيڪڏهن اوهان مسلمانن تي حملو ڪندؤ تہ اسين اوهان سان مقابلي ڪرڻ جي لاءِ جنگ جي ميدان ۾ نہ اينداسون اوهان اسان جي طرف ڪان مطمئن رهو منافقن جون اهي يقين ڏيارڻ واريون ڳالهيون جيتوڻيڪ ڪهڻيون لڪل هيون پر الله عزوجل کان لڪل نہ هيون ۽ ان مالڪ مٺي پنهنجي محبوب عليه الصلوة والسلام کي ان جو مڪمل علم عطا فرمايو هو "قَالُوْا" جو فاعل منافق ۽ يهودي آهن. "لِلَّذِيْنَ كَرِهُوْا" مان مراد مڪه مڪرمه جا رهاڪو مشرڪ آهن "فِيْ بَعْضِ الْاَمْرِ" مان مراد جنگ

جي صورت ۾ مسلمانن سان ساٺ نہ ڏيڻ جو معاهدو آهي.

"فَكَيْفَ اِذَا تَوَفَّتْهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُوْنَ وُجُوْهَهُمْ وَاَدْبَارَهُمْ" پوءِ ڪيئن (ٿيندو) جڏهن ملائڪ انهن کي وفات ڪرائيندا ۽ سندن منهن ۽ سندن پٺين تي ڌڪ هڻندا. مطلب تہ موت کان تہ بچي نہ سگهندا پر ان وقت منافقيءَ جي اها سزا چکندا جو ملائڪ انهن کي مارڻ وقت سزا ڏيندي سندن منهن ۽ پٺين تي ڌڪ هڻندا.

"ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اتَّبَعُوْا مَآ اَسْخَطَ اللّٰهَ وَكَرِهُوْا رِضْوَانَهٗ فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ" اهو ان جي ڪري جو انهن ان جي اتباع ڪئي جنهن الله کي ڪاوڙايو ۽ ان جي رضا کي پسند نہ ڪيو پوءِ سندن اعمال چٽ ڪري ڇڏيائين. مطلب تہ انهن جو موت اهڙي دردناڪ حالت ۾ ان جي ڪري ٿيندو جو انهن الله جلت صفاته کي راضي ڪرڻ جي بجاءِ ڪاوڙايو ۽ سندن ڪفر ۽ منافقيءَ جي ڪري سندن عمل بہ برباد ٿي ويا.

"اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ اَنْ لَّنْ يُّخْرِجَ اللّٰهُ اَضْغَانَهُمْ" ڇا انهن شخصن جن جي دلين ۾ بيماري آهي ائين سمجهيو تہ الله سندن ڪيني کي ظاهر نہ ڪندو؟ مطلب تہ منافق ڀلي تہ ڪري ٻاڻ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر اهو ٿيندو ڪونہ الله جل مجده مسلمانن جي لاءِ سندن دلين ۾ موجود ڪيني کي ظاهر ڪندو سندن لڪل بغض کلي ظاهر ٿيندو.

"وَلَوْ نَشَآءُ لَاَرَيْنٰكَهُمْ فَلَعَرَفْتَهُمْ بِسِيْمٰهُمْ" ۽ جيڪڏهن اسين گهرون تہ توکي اهي ڏيکاريون پوءِ البت کين سندن نشانيءَ سان سڃاڻندين. حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ "ما خفى على النبي صلي الله عليه وسلم بعد هٰذه الآية احد من المنافقين" يعني هن آيت جي نزول کان پوءِ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن کان ڪوبہ منافق مخفي نہ رهيو. علامه ابن جرير طبري وڏي تفصيل سان لکيو آهي تہ الله عزوجل پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام کي منافقن جو علم عطا ڪري ڇڏيو هو.

"وَلَتَعْرِفَنَّهُمْ فِيْ لَحْنِ الْقَوْلِ" انهن کي سندن ڳالهائڻ جي انداز سان ضرور سڃاڻندين. يعني منافق پنهنجي ڳالهائڻ جي انداز ۾ ئي پڌرا آهن اوهان انهن کي ان انداز سان بہ ضرور سڃاڻندؤ. اوهان کان لڪل ناهن.

"وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اَعْمَالَكُمْ" ۽ الله اوهان جا اعمال ڄاڻي ٿو. مطلب تہ ڪا ڳالهہ ٻانهن کان لڪل رهي تہ ممڪن آهي مگر الله عزوجل کان اوهان جا اعمال لڪل ناهن اهو اوهان جي عملن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

"وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ حَتّٰى نَعْلَمَ الْمُجٰهِدِيْنَ مِنْكُمْ وَالصّٰبِرِيْنَ وَنَبْلُوَاْ اَخْبَارَكُمْ" ۽ البت ضرور آزمائيندا سون اوهان کي تان جو اوهان مان مجاهدن ۽ صبر ڪندڙن کي ڄاڻون ۽ اوهان جي حـــالات کي آزمـــايون يعني هر هڪ جي ايمان، اطاعت ۽ فرمانبرداري کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ اوهان کي ضرور آزمائيندا سون تانت لڪل راز ظاهر ٿين مجاهدن ۽ صابرن جي بہ ڳالهہ سيني جي سامهون کلي اچي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ملن ٿا ١- "فَاِذَاۤ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ مُّحْكَمَةٌ وَّذُكِرَ فِيْهَا الْقِتَالُ" (پوءِ جڏهن محڪم سورة نازل ڪئي وئي ۽ ان ۾ جهاد ذڪر ڪيو ويو) هن آيت مان معلوم ٿيو تہ جهاد جي حڪم واريون آيتون محڪم آهن منسوخ ناهن جيڪو جهاد کي منسوخ چوي اهو مرتد، دجال آهي جيئن مرزا قادياني وغيره.

٢-رَاَيْتَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يَّنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ نَظَرَ الْمَغْشِيِّ عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ (انهن کي ڏسندؤ جن جي دلين ۾ بيماري آهي تہ اوهان ڏانهن ائين پيا نهاريندا جيئن موت جي حالت جي ڪري غشي ڪيل نهاريندو آهي) مان معلوم ٿيو جهاد کان گهٻرائڻ منافقن جو ڪم آهي ۽ ان جي تمنا ڪرڻ مومن جو ڪم آهي.

٣-اَلشَّيْطٰنُ سَوَّلَ لَهُمْ وَاَمْلٰى لَهُمْ" (شيطان انهن کي ناهي ڏيکاري ۽ انهن کي آسري ۾ رکيو) مان معلوم ٿيو تہ شيطان انسانن کي ٻن نمونن سان ڌوکو ڏيندو آهي ١- تہ انهن کي برا اعمال سينگاري ٿو ڏيکاري ٢- تہ ان کي سمجهائي ٿو تہ اڃان تون نوجوان آهين عيش عشرت ۾ وقت گذار مرڻ جي ويجهو توبه ڪري وٺجان ۽ مومن، عقلمند پنهنجي هر پساهہ کي پنهنجو آخري پساهہ سمجهندو آهي ۽ نيڪ عمل ۾ جلدي ڪندو آهي.

٤-آيت نمبر ٣٠ ۾ غور ڪرڻ سان واضح ٿيو تہ ان ۾ حضور عليه الصلوة والسلام جن جي منافقن کي ڄاڻڻ جي نفي ناهي پر انهن کي ظاهر ڪرڻ جي نفي آهي قرآن ڪريم جي ٻن آيتن ١- "لَاتُصَلِّ عَلٰۤى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ وَلَاتَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ"

(جيڪو انهن مان مري ويو اوهان ان تي نہ جنازي جي نماز پڙهو ۽ نہ ان جي قبر تي بيهو) ٢۔ "قُلْ لَّنْ تَخْرُجُوْا مَعِيَ اَبَدًا وَّلَنْ تُقَاتِلُوْا مَعِيَ عَدُوًّا" (فرماءِ تہ اوهان هرگز مون سان گڏ نہ نڪرندا ۽ نہ هرگز مون سان گڏجي دشمن سان جنگ ڪندا) تي منافقن جي علم هجڻ ڪان سواءِ عمل ڪيئن ٿيندو؟ ڪين انهن جو علم هو تڏهن الله عزوجل فرمايو تہ انهن جي نماز جنازه نہ پڙهايو، نہ انهن جي قبر تي بيهو ۽ ڪين علم هو تڏهن فرمايائون تہ اوهان مون سان گڏ نہ نڪرندا نہ گڏجي جنگ ڪندا.

٥۔ "وَلَتَعْرِفَنَّهُمْ فِيْ لَحْنِ الْقَوْلِ" (۽ البت اوهان انهن کي ڳالهائڻ جي انداز ۾ ضرور سيڃاڻندؤ) مان معلوم ٿيو تہ حضور عليه الصلوة والسلام جن منافقن کي سڃاڻندا هئا. ان جي ڪري آيت "لَاتَعْلَمُهُمْ نَحْنُ نَعْلَمُهُمْ" يا تہ منسوخ آهي يا سختيءَ ڪرڻ جي لاءِ آهي جيئن چيو ويندو آهي تہ ان بدمعاش کي تون نہ ٿو ڄاڻين مان ٿو ڄاڻان حضور پر نور عليه الصلوة والسلام جي صدقي ۾ بعضي مومن بہ مومن ۽ ڪافر کي سڃاڻندا آهن.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَشَآقُّوا الرَّسُوْلَ

بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ روڪيائون الله جي واٽ کان ۽ بي فرماني ڪيائون رسول جي

مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدٰىۙ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ

ان کان پوءِ جو ظاهر ٿي انهن جي لاءِ هدايت هرگز نہ نقصان ڏيندا الله کي ڪجهہ بہ

وَسَيُحْبِطُ اَعْمَالَهُمْ (٣٢) يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ

۽ جلد ڪيرائيندو اعمال انهن جا اي ايمان وارؤ! اطاعت ڪيو الله جي

وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَلَا تُبْطِلُوْۤا اَعْمَالَكُمْ (٣٣) اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

۽ اطاعت ڪيو رسول جي ۽ نہ باطل ڪيو اعمال پنهنجا بلاشڪ جن ڪفر ڪيو

وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ مَاتُوْا وَهُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ

۽ روڪيائون الله جي واٽ کان ان کان پوءِ مري ويا حالانڪ اهي ڪافر آهن پوءِ هرگز نہ بخشيندو الله

لَهُمْ (٣٤) فَلَا تَهِنُوْا وَتَدْعُوْٓا اِلَى السَّلْمِ ۖ وَاَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ ۖ

انهن کي پوءِ نہ سست ٿيو ۽ نہ سڏيو صلح ڏانهن ۽ اوهان ئي بلند آهيو

وَاللّٰهُ مَعَكُمْ وَلَنْ يَّتِرَكُمْ اَعْمَالَكُمْ (٣٥) اِنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا

۽ الله اوهان سان گڏ آهي ۽ هرگز نہ گهٽائيندو اوهان کان اوهان جا اعمال دنياوي حياتي

لَعِبٌ وَّلَهْوٌ ۭ وَاِنْ تُؤْمِنُوْا وَتَتَّقُوْا يُؤْتِكُمْ اُجُوْرَكُمْ

تہ راند ۽ روند آهي ۽ جيڪڏهن ايمان آڻيندؤ ۽ تقوىٰ وارا ٿيندؤ تہ ڏيندو اوهان کي اجر اهان جا

وَلَا يَسْـَٔلْكُمْ اَمْوَالَكُمْ (٣٦) اِنْ يَّسْـَٔلْكُمُوْهَا فَيُحْفِكُمْ

۽ نہ گهرندو اوهان کان مال اوهان جا جيڪڏهن گهرندو اوهان کان اهي پوءِ تنگ ڪندو اوهان کي تہ

تَبْخَلُوْا وَيُخْرِجْ اَضْغَانَكُمْ (٣٧) هٰٓاَنْتُمْ هٰٓؤُلَاۗءِ تُدْعَوْنَ لِتُنْفِقُوْا فِيْ

بخيلي ڪندؤ ۽ ظاهر ڪندو دلي راز اوهان جا سڏيا وڃو ٿا تانت خرچ ڪيو

سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ فَمِنْكُمْ مَّنْ يَّبْخَلُ ۚ وَمَنْ يَّبْخَلْ فَاِنَّمَا يَبْخَلُ

الله جي واٽ ۾ پوءِ اوهان مان اهو آهي جيڪو بخيلي ڪري ٿو ۽ جيڪو بخيلي ڪري ٿو

عَنْ نَّفْسِهٖ ۭ وَاللّٰهُ الْغَنِيُّ وَاَنْتُمُ الْفُقَرَاۗءُ ۚ وَاِنْ تَتَوَلَّوْا يَسْتَبْدِلْ

پوءِ صرف بخيلي ڪري ٿو پنهنجي سر لاءِ ۽ الله غني آهي ۽ اوهان محتاج آهيو ۽ جيڪڏهن ڦري ويندؤ

قَوْمًا غَيْرَكُمْ ثُمَّ لَا يَكُونُوٓا أَمْثَالَكُمْ ع (٣٨)

تہ متائي آئيندو ٻي قوم اوهان کان سواءِ ان کان پوءِ نہ هوندا اوهان جهڙا.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ منافقن جو ذڪر آيو ۽ هتي ڪافرن جو ذڪر ڪندي بيان ٿي رهيو آهي "إِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا وَصَدُّوا عَنْ سَبِيلِ اللّٰهِ وَشَاقُّوا الرَّسُولَ مِنْ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدٰى لَنْ يَضُرُّوا اللّٰهَ شَيْئًا وَسَيُحْبِطُ أَعْمَالَهُمْ" مطلب تہ جن ڪفر ڪيو ۽ الله جي واٽ کان روڪيو ۽ ان کان بعد جو انهن جي لاءِ هدايت روشن ٿي، (ڪلي سامهون آئي) الله عزوجل جي رسول جي مخالفت ڪيائون اهي الله عزوجل کي ڪنهن بہ قسم جو نقصان هرگز ڏئي نہ سگهندا. الله تعالى انهن جي اعمال کي برباد ڪري ڇڏيندو. اسلام جي خلاف سندن سمورا منصوبا مٽيءَ ۾ ملي ويندا يا دنيا ۾ جيڪڏهن ايمان کان سواءِ ٻيا ڪي چڱا ڪم ڪيا هونداڻون تہ اهي بہ برباد ٿي ويندا ان جو ڪين ڪوبہ اجورو نہ ملندو.

• "يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا أَطِيعُوا اللّٰهَ وَأَطِيعُوا الرَّسُولَ وَلَا تُبْطِلُوا أَعْمَالَكُمْ" اي ايمان وارؤ الله جي اطاعت ڪيو ۽ رسول جي اطاعت ڪيو ۽ پنهنجا عمل برباد نہ ڪيو. يعني جهاد يا الله جي واٽ ۾ ڪا محنت ۽ رياضت ڪرڻ ان وقت مقبول آهي جڏهن الله جل مجده ۽ ان جي پياري رسول عليه الصلوٰة والسلام جي حڪم جي مطابق هجي خالص پنهنجي طبيعت جي شوق يا نفس جي خواهش مطابق ڪم نہ ڪيو اهڙو عمل بيڪار ٿي ويندو پنهنجا اعمال برباد نہ ڪيو مسلمان کي گهرجي تہ جيڪو پلو عمل ڪري چڪو آهي يا ڪري رهيو آهي ان کي ضايع ٿيڻ کان بچائي. پلي عمل کي نہ اڌ ۾ ڇڏيو، ۽ نہ رياءُ، ڏيکاءُ، تڪبر ۽ غرور ڪرڻ سان ان کي برباد ڪيو.

"إِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا وَصَدُّوا عَنْ سَبِيلِ اللّٰهِ ثُمَّ مَاتُوا وَهُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يَغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ" بلاشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ الله جي واٽ کان روڪيائون ان کان بعد ڪفر جي حالت ۾ مري ويا الله انهن کي هرگز نہ بخشيندو يعني جن ڪافرن پاڻ تہ الله عزوجل کي نہ مڃيو پر ٻين کي بہ ان جي واٽ کان روڪيائون ان کان پوءِ ڪفر جي حالت ۾ ٿي

مري ويا الله انهن کي ڪڏهن بہ نہ بخشيندو.

"فَلَا تَهِنُوا وَتَدْعُوا إِلَى السَّلْمِ وَأَنتُمُ الْأَعْلَوْنَ وَاللَّهُ مَعَكُمْ وَلَن يَتِرَكُمْ أَعْمَالَكُمْ" پوءِ نہ سست ٿيو ۽ نہ صلح ڏانهن سڏيو ۽ اوهان ئي بلند آهيو ۽ الله، اوهان سان گڏ آهي ۽ اوهان کان اوهان جا اعمال نہ گهٽائيندو. يعني اي مسلمانؤ! ڪافرن جي مقابلي ۾ سست ۽ بي همت نہ ٿيو ۽ انهن سان جنگ ڪرڻ جي تڪليفن کي ڏسي انهن کي صلح جي دعوت نہ ڏيو. ائين ڪرڻ سان دشمن اوهان تي وڌيڪ دلير ٿي حملا ڪندو ۽ مسلمانن کي هار ۽ شڪست ڪائي وڌيڪ خوار ٿيڻو پوندو. اوهان بلند آهيو الله اوهان سان گڏ آهي اوهان کي اوهان جي اعمال ۾ ڪابہ گهٽتائي ڪري نہ ڏيندو اوهان کي پورو پورو بدلو ملندو. ها پر جيڪڏهن اسلام ۽ مسلمانن جي ڀلائي صلح ۾ نظر اچي تہ ان وقت صلح ڪرڻ ۾ ڪابہ تنگي يا ممانعت ناهي.

جيئن اڳتي سورة "فتح" ۾ اچي رهيو آهي.

"إِنَّمَا الْحَيَوٰةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَلَهْوٌ وَإِن تُؤْمِنُوا وَتَتَّقُوا يُؤْتِكُمْ أُجُورَكُمْ وَلَا يَسْـَٔلْكُمْ أَمْوَالَكُمْ" دنيوي حياتي تہ صرف راند روند آهي ۽ جيڪڏهن ايمان آڻيندؤ ۽ تقوىٰ اختيار ڪندؤ تہ اوهان کي اوهان جا اجر ڏيندو ۽ اوهان کان اوهان جا مال نہ گهرندو. يعني آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي حقيقت هڪ راند روند آهي جيڪڏهن اوهان ان کان بچي ايمان آڻي تقوىٰ وارا بنجندؤ تہ الله عزاسمه اوهان کي ان جو پورو پورو اجر ۽ ثواب ڏيندو. ۽ اوهان کي اهڙو حڪم نہ ڏيندو تہ اوهان پنهنجو سارو سرمايو ان جي واٽ ۾ خرچ ڪيو ان کي اوهان جي ضرورتن ۽ ڪمزورين جو بخوبي علم آهي. ان کي اوهان جي مال ملڪيت جي ڪهڙي ضرورت؟ اهو تہ پاڻ بانهن کي عطا ڪندڙ آهي.

"إِن يَسْـَٔلْكُمُوهَا فَيُحْفِكُمْ تَبْخَلُوا وَيُخْرِجْ أَضْغَانَكُمْ" جيڪڏهن اوهان کان اهي (مال) گهرندو پوءِ اوهان تي زور رکندو تہ اوهان بخيلي ڪندؤ ۽ اوهان جا راز ظاهر ڪندو. يعني جيڪڏهن الله عزوجل اوهان کان اهي مال گهري ۽ ان تي زور ڏي تہ اوهان ڪنجوسائپ ۽ بخيلي ڪري نہ ڏيندؤ ۽ اوهان جي دلين ۾ دنيا جي محبت وارا راز کلي ظاهر ٿي پوندا.

"هَاَنْتُمْ هٰؤُلَاءِ تُدْعَوْنَ لِتُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَمِنْكُمْ مَّنْ يَّبْخَلُ وَمَنْ يَّبْخَلْ فَاِنَّمَا يَبْخَلُ عَنْ نَّفْسِهٖ" اوهان ئي اهي ماڻهو آهيو جو (ان لاءِ) سڏيا وڃو ٿا تہ الله جي واٽ ۾ خرچ ڪيو پوءِ اوهان مان ڪو اهو آهي جيڪو بخيلي ڪري ٿو ۽ جيڪو بخيلي ٿو ڪري تہ اهو تہ پنهنجي سر ڪان بخيلي ڪري ٿو.

"هَا" تنبيه جو حرف ۽ "اَنْتُمْ" مبتدا ۽ هؤلاءِ ان جي خبر آهي. "١"مطلب تہ الله عزوجل اوهان کي سڏي ٿو تہ ان جي واٽ ۾ خرچ ڪيو ان ۾ اوهان جي ڀلائي ۽ بهتري آهي پر ان جي باوجود اوهان مان ڪي اهڙا ڪنجوس آهن جيڪي ان حقيقت کي نہ ٿا سمجهن ۽ بخيلي ڪندا آهن ۽ اهي ائين ڪرڻ سان اسان کي ڪو نقصان ڪونہ ٿا ڏين پنهنجي لاءِ نقصان ڪن ٿا جو ان ثواب ڪان محروم رهندا ۽ ڪنجوس هجڻ جي ڪري ماڻهو بہ ڪين سٺو نہ سمجهندا.

"وَاللّٰهُ الْغَنِيُّ وَاَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ" ۽ الله غني آهي ۽ اوهان محتاج آهيو مطلب تہ الله عزوجل بي پرواه غني آهي اهو اوهان کي في سبيل الله مال خرچ ڪرڻ جو حڪم ان جي ڪري ڏي ٿو تہ اوهان محتاج آهيو اوهان کي ان جو اجر ۽ ثواب عطا ڪري.

"وَاِنْ تَتَوَلَّوْا يَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ ثُمَّ لَا يَكُوْنُوْا اَمْثَالَكُمْ" ۽ جيڪڏهن منهن موڙيندؤ تہ اوهان کي مٽي ٻي قوم آڻيندو ان ڪان بعد اهي اوهان جهڙا نہ هوندا. يعني الله عزوجل جنهن قوم کي پنهنجي دين جي علمبردار هجڻ جو شرف بخشيندو آهي ۽ اها ان ذميداري کي نڀائڻ ۾ ڪوشش ڪندي آهي تہ الله عزوجل جي مدد ۽ تائيد ان سان شامل حال هوندي آهي ۽ جڏهن اها بي قدري ڪندي بخيلي ڪندي آهي تہ پهريان ان کي سندس ڪوتاهين تي مناسب انداز سان متنبه ڪيو ويندو آهي ۽ اجان بہ جيڪڏهن اها قوم نہ سڌرندي آهي تہ ان ڪان اهو عظيم منصب ڪسي ڪنهن ٻي قوم کي ڏنو ويندو آهي ۽ اهي پهرين وانگر نہ هوندا آهن اهي ساهہ. ٻچا. مال ۽ ملڪيت هر شيءِ قربان ڪرڻ ۾ پوئتي نہ پوندا آهن.

فائدا: مذڪوره آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا بہ سامهون اچن ٿا.

١- "اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" (بلاشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ الله جي واٽ ڪان روڪيو) مفسرن لکيو آهي تہ هيءَ آيت بہ منافقن ۽ بنو قريظه ۽ بنو نضير

(١) ضياءُ القرآن صہ ٥٢١ جلد ۴

جي يهودين جي متعلق نازل ٿي هئي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته هيءَ انهن منافقن جي متعلق نازل ٿي جن غزوه بدر جي موقعي تي قريشي ڪافرن جي هن طرح مدد ڪئي جو انهن مان ٻارهن (١٢) ڄڻن سندن پوري کائڻ جو انتظام پنهنجي ذمي ڪنيو هو ۽ انهن مان هڪ ماڻهو هڪ ڏينهن ڪافرن جي کاڌي جو انتظام ڪندو هو. "١"

٢ـ "اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللهِ "الآية" بلاشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ الله جي واٽ کان روڪيو - هيءَ آيت پيو پيرو ان جي ڪري آندي وئي جو پهرينءَ ۾ ڪافرن جي دنيوي خساري جو بيان هو ۽ هن ۾ انهن جي اخروي نقصان جو بيان ٿي رهيو آهي.

٣ـ "فَلَا تَهِنُوْا وَتَدْعُوْا اِلَى السَّلْمِ" (پوءِ نه سست ٿيو ۽ نه صلح ڏانهن سڏيو) ۾ صلح ڏانهن سڏڻ کان منع ڪيل آهي پر ان مان مراد اهو صلح آهي جيڪو سستيءَ جي ڪري ڪيو وڃي پر جيڪڏهن ڪنهن ٻي حڪمت جي تقاضا ذهن ۾ رکي صلح ڪجي ته منع ناهي.

٤ـ يَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ" (اوهان کان سواءِ ٻي قوم مٽي آڻيندو) هن جي وضاحت ڪندي مفسرن حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: جڏهن حضور عليه الصلوة والسلام جن اصحابن جي اڳيان هيءَ آيت تلاوت ڪئي ته انهن عرض ڪيو ته اها ڪهڙي قوم هوندي؟ ته پاڻ ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه تي هٿ رکي (جيڪو اتي ان وقت موجود هو) فرمايو ته هي ۽ ان جي قوم جيڪڏهن بالفرض دين ثريا تاري تي به هجي ها جتي عام ماڻهن جو پهچڻ مشڪل آهي ته فارس جا ڪي ماڻهو اتي به پهچي دين حاصل ڪري ان تي عمل ڪن ها. "٢"

٥ـ علامه جلال الدين سيوطي عليه الرحمة امام ابو حنيفه جي سوانح حيات تي لکيل پنهنجي ڪتاب ۾ آندو آهي ته نبوي فرمان مان مراد امام ابو حنيفه ۽ ان جا ساٿي آهن. ڇو ته فارس وارن مان ٻي ڪا به جماعت علم جي ان مرتبي تي نه پهتي جنهن تي ابو حنيفه ۽ سندس ساٿي (رضي الله عنهم) پهتا هئا. الحمدالله ثم الحمدالله

(١) معارف القرآن ص٤٧ جلد٨ (٢) المظهري و حاشيه ص٤٤٧ جلد٨ (٣) ساڳيو حوالو

جو مون گنهگار سورة محمد (عليه الصلوٰة والسلام) جو تفسير.عمره ۽ زيارت جي دوران المدينة المنوره ۾ پنهنجي صهري مرحوم الحاج عبدالحميد ڏاهري مدفون جنت البقيع جي صاحبزادن حبيب احمد ۽ احمد مدنيءَ اصلحهما الله تعالىٰ جي گهر ۾ رهڻ دوران صبح جو ٧ بجي سومر جي ڏينهن بمؤرخه ٣ جمادى الاولىٰ سنہ ١۴٢۵هـ الموافق ٢١ جون ٢٠٠۴ع تي لکڻ شروع ڪيو ۽ اتيئي رهندي بمورخہ پهرين جمادى الثاني سنہ ١۴٢۵هـ الموافق ١٧ جولاءِ ٢٠٠۴ع تي جمعہ جي ڏينهن صبح جو ٨ لڳي ۵۵ منٽن تي لکي پورو ڪيم رب العزة جل مجده جي دربار ۾ دعا آهي تہ باقي رهيل سورتن جو تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪري. آمين يا اله العالمين بحرمه حبيبك سيد المرسلين سيدنا ومولانا محمد اشرف الاولين والآخرين عليه وعلىٰ آله واصحبه الصلوات والتسليمات الىٰ يوم الدين.

حرره الفقير محمد ادريس الداهري عفي عنه
الساكن في هذا الوقت في المدينة المنورة زادها الله تشريفا وتعظيما وتكريما.



سورة الْفَتْحِ جو تعارف.

هن سورة جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ گهرجن.

نالو مبارڪ: هن سورة مبارڪ جو نالو "الفتح" آهي جيڪو هن جي پهرينءَ آيت مان ورتل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ چار رڪوع، پنج سوءِ ٽيهٺ (٥٦٣) ڪلما ۽ ٻه هزار پنج سوءِ ٽيهٺ (٢٥٦٣) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، نحاس، ابن مردويه ۽ بيهقيءَ حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته سورة الفتح مدينه (منوره) ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول جو زمانو: سڀ علماءِ ان تي متفق آهن ته هيءَ سورة ذوالقعده مهيني سنه ٦هه ۾ ان وقت نازل ٿي هئي جڏهن سرور عالم صلى الله عليه وسلم جن حديبيه جي مقام تي مڪه مڪرمه جي رهاڪو مشرڪن سان صلح جو معاهدو ڪرڻ کان بعد مدينه طيبه ڏانهن واپس تشريف وٺي وڃي رهيا هئا.

مضمون: هن سوره پاڪ ۾ به تشريعي احڪام آهن جيئن ٻين مدني سورتن ۾ آهن خصوصًا معاملات، عبادات ۽ اخلاق وغيره هن سورة ۾ صلح حديبيه جو ذڪر آهي جيڪو نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم ۽ مشرڪن جي وچ ۾ سنه ٧ هه ۾ ٿيو هو ۽ اهوئي مڪه مڪرمه جي فتح جي شروعات بڻيو هو. جنهن سان مؤمنن کي عزت، قوت، ۽ مدد ملي ۽ ماڻهو الله عزوجل جي دين ۾ قطارن جون قطارون داخل ٿيا ۽ هن ۾ انهن منافقن جو به ذڪر آهي جيڪي حبيب پاڪ صلى الله عليه وسلم جن سان گڏجي نه نڪتا هئا ۽ هن ۾ ان خواب جو به بيان آهي جيڪو پاڻ مدينه منوره ۾ ڏٺو هيائون ۽ اهو ٻڌي اصحاب سڳورا رضي الله عنهم گهڻو خوش ٿيا هئا. اهو هي هو ته پاڻ مسلمانن سان گڏ مڪه مڪرمه ۾ امن سان مطمئن ٿي داخل ٿيا آهن اهو خواب نيٺ سچو ٿيو ۽ هيءَ سورة نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي ثنا ۽ اصحابن ڀلارن جي تعريف ڪرڻ تي پوري ٿي آهي. (٣)

(١) ضيا القرآن ص٥٢٣ جلد٤ (٢) فتح القدير ص٤١٣ جلد٥ (٣) صفوة التفاسير ص٢١٦ جلد٣

اڳئينءَ سورة سان تعلق ۽ ربط: اڳئينءَ سورة ۾ قتال (جنگ) جو ذڪر هو ۽ هن ۾ فتح جو بيان آهي ۽ اڳينءَ سورة ۾ مغفرة طلب ڪرڻ جو بيان هو ۽ هن ۾ مغفرت ملڻ جو بيان آهي. (١)

پلايون ۽ برڪتون: امام احمد روايت آندي آهي ته "جڏهن هيءَ سورة نازل ٿي هئي ته حضرت نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "لَقَدْ اُنْزِلَتْ عَلَيَّ اللَّيْلَةَ سُوْرَةٌ هِيَ اَحَبُّ اِلَيَّ مِنَ الدُّنْيَا وَمَا فِيْهَا" (٢) مون تي اڄ رات اهڙي سورة نازل ڪئي وئي آهي جيڪا مون کي دنيا ۽ جيڪو ڪجهه ان ۾ آهي ان کان وڌيڪ پياري آهي. علماء عاملين جو قول آهي ته جيڪو شخص سورة الفتح کي ايڪيتاليهه (٤١) دفعا پڙهي جنگ ۾ ويندو ته فتح ۽ ڪاميابي حاصل ڪندو.

وَهِيَ تِسْعٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً	**سُوْرَةُ الْفَتْحِ مَدَنِيَّةٌ**	وَاَرْبَعُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها اوڻٽيهه آيتون	**سورة الفتح مدنيه آهي**	۽ چار رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي

اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا (١) لِّيَغْفِرَ لَكَ اللّٰهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ

بيشڪ اسان فتح ڏني توکي فتح چٽي تانته بخشي تنهنجي ڪري الله جيڪو اڳي ٿيو تنهنجي

ذَنْۢبِكَ وَمَا تَاَخَّرَ وَيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكَ وَيَهْدِيَكَ صِرَاطًا

(امت جي) گناهه مان ۽ جيڪو پوءِ ٿيو ۽ پوري ڪري پنهنجي نعمت توتي ۽ هلائي توکي واٽ سڌيءَ

مُّسْتَقِيْمًا (٢) وَّيَنْصُرَكَ اللّٰهُ نَصْرًا عَزِيْزًا (٣)

تي ۽ مدد ڪري تنهنجي الله مدد غلبي واري.

(١) المراغي ص ٨٠ جزء ٢٦ جلد ٩ (٢) صفوة التفاسير ص ٢١٧ جلد ٣

تفسير.

اڳين ۽ سورة جي آخري آيت ۾ بيان ٿيو ته جيڪڏهن اوهان منهن موڙيندؤ ته الله عزوجل اوهان جي جاءِ تي ٻي قوم آڻيندو جيڪي اوهان جهڙا نه هوندا ۽ هتي اهڙي قسم جي ڪاميابي ۽ فتح جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا" بلاشڪ اسان اوهان کي چٽي فتح عطا فرمائي.

"فتح مبين" مان مراد ڇا آهي؟

هن ۾ علماء جو اختلاف آهي هڪڙن جو قول آهي ته ان مان مراد مڪه مڪرمه جي فتح آهي. ٻين جو چوڻ آهي ته ان مان مراد خيبر جي فتح آهي. پر صحيح قول مطابق جيئن امام زهري فرمايو ان مان مراد حديبيه وارو صلح آهي. صلح ڪرڻ وقت حبيب پاڪ صلى الله عليه وسلم جن سان گڏ صرف چوڏهن سؤ (١٤٠٠) فرد هئا صلح کان پوءِ ماڻهو ايڏي تيزيءَ سان مسلمان ٿيڻ شروع ٿيا جو صرف ٻن سالن جي عرصي کان پوءِ جڏهن حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن مڪه مڪرمه کي فتح ڪرڻ آيا ته سندن ساٿ ۾ ڏهه هزار (١٠٠٠٠) جان نثار هئا.(١) "لِّيَغْفِرَ لَكَ اللّٰهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْۢبِكَ وَمَا تَاَخَّرَ" تانته الله تنهنجي ڪري تنهنجي (امت جا) اڳيان ۽ پويان گناهه بخشي. هتي گناهن مان مراد حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جي امت جا گناهه آهن. يعني مڪه مڪرمه جي فتح ٿيڻ جي ڪري اتي جا رهاڪو اسلام قبول ڪري مسلمان ٿيندا ۽ اوهان جا امتي بڻجندا ته اسلام جي بدولت اوهان جي وسيلي ۽ مهابي سان سندن اڳيان پويان گناهه الله بخش ڪندو. (٢) "وَيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكَ" ۽ پنهنجي نعمت توتي پوري ڪري. مطلب ته فتح مبين سان گڏ الله عزوجل اوهان تي پنهنجي نعمتن جي انتها ڪري ڇڏي آهي. جو اوهان جي آندل دين کي بلند ڪيو اتس ۽ ان جي عظمت آفاق عالم ۾ ويڙهل آهي. "وَيَهْدِيَكَ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا" ۽ توکي سڌي واٽ جي رهنمائي ڪري. مطلب ته اي حبيب پاڪ صلى الله عليه وسلم اسان اوهان جي نهايت ڏکين حالتن ۾ به رهنمائي ڪرڻ فرمائي. "وَّيَنْصُرَكَ اللّٰهُ نَصْرًا عَزِيْزًا" ۽ الله تنهنجي غلبي واري ٻکي مدد ڪري فرمائي. يعني الله جل جلاله اوهان جي اهڙي مدد فرمائيندو جو اوهان هميشه غالب

(١) القرطبي صـ٢٦١ جلد٦ (٢) نورالعرفان صـ٨١٥ حاشيه عـ٦ التفسيرالكبير صـ٧٨ جزء ٢٨

رهندا ۽ اوهان ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪمزوري ظاهر نہ ٿيندي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا!

١- "فَتَحْنَا" (فتح ڏني اسان) مان معلوم ٿيو تہ ناحق ڪيترو بہ زور آور هجي پر فتح نيٺ حق ۽ حق وارن جي ٿيندي. مڪه مڪرمه جا رهاڪو ڪافر وڏي طاقت رکندڙ هئا پر فتح نيٺ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي ٿي.٢- "لِيَغْفِرَ لَكَ اللهُ" (تانتہ تنهنجي ڪري الله بخش فرمائي)مان واضح ٿيو تہ هن امت ڪي مغفرت حضرت حبيب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي صدقي ۽ مهابي ملي ٿي ۽ ملندي. سندن شفاعت حق آهي ان سان وڏن گناهن وارن ڪي بہ نيٺ جنت نصيب ٿيندي.

هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ فِيْ قُلُوْبِ الْمُؤْمِنِيْنَ لِيَزْدَادُوْٓا اِيْمَانًا

(الله) اهو آهي جنهن لاٿو سڪون دلين مؤمنن جي ۾ تانتہ وڌن ايمان ۾

مَّعَ اِيْمَانِهِمْ ۭ وَلِلّٰهِ جُنُوْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا

پنهنجي (اڳئين) ايمان سان ۽ الله جا آهن لشڪر آسمانن ۽ زمين وارا ۽ آهي الله ڄاڻندڙ،

حَكِيْمًا (٤) لِّيُدْخِلَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ

حڪمت وارو تانتہ داخل ڪري مومن ۽ مومنياڻين ڪي بهشتن ۾ جو وهن پيون هيٺان

تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَيُكَفِّرَ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ ۭ وَكَانَ ذٰلِكَ

انهن جي نهرون هميشه رهندڙ انهن ۾ ۽ مٽائي انهن ڪان مدايون انهن جون ۽ آهي اها

عِنْدَ اللّٰهِ فَوْزًا عَظِيْمًا (٥) وَّيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْمُشْرِكِيْنَ

الله وٽ ڪاميابي وڏي ۽ عذاب ڪري منافقن ڪي ۽ منافقياڻين ڪي ۽ مشرڪن

وَالْمُشْرِكٰتِ الظَّاۗنِّيْنَ بِاللّٰهِ ظَنَّ السَّوْءِ ۭ عَلَيْهِمْ دَاۗىِٕرَةُ السَّوْءِ ۚ

۽ مشرڪياڻين ڪي جيڪي گمان ڪندڙ آهن الله سان برو گمان انهن تي آهي گردش بري

وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَلَعَنَهُمْ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَهَنَّمَ ۚ وَسَآءَتْ مَصِيْرًا (٦)

۽ ڪاڙيو الله انهن تي ۽ لعنت ڪيائين انهن کي ۽ تيار ڪيائين انهن جي لاءِ جهنم ۽ بري جاءِ آهي،

وَلِلّٰهِ جُنُوْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا .(٧)

۽ الله جا آهن لشڪر آسمانن جا ۽ زمين جا ۽ آهي الله غالب، حڪمت وارو.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ الله عزوجل ٻڌايو تہ اهو پنهنجي رسول عليه الصلوٰة والسلام جي مدد ڪندو ۽ هتي ان جي لاءِ ڪين سڪون عطا ڪرڻ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. ”هُوَالَّذِيْٓ اَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ فِيْ قُلُوْبِ الْمُؤْمِنِيْنَ لِيَزْدَادُوْٓا اِيْمَانًا مَّعَ اِيْمَانِهِمْ“ (الله) اهو آهي جنهن مؤمنن جي دلين تي سڪون لاٿو تانتہ پنهنجي ايمان سان گڏ ايمان ۾ وڌن. ”السَّكِيْنَةَ“ مان مراد سڪون آهي يعني مؤمنن جي دل ۾ حديبيه جي صلح وقت جيڪا پريشاني پيدا ٿي هئي الله انکي ختم ڪري سندن دلين ۾ سڪون پيدا فرمايو ۽ سندن سينن ۾ پنهنجي امر تي صبر، وعدي خداوندي تي اعتماد ۽ الاهي امر جي تعظيم پيدا ڪئي. (١) جيڪو ايمان سندن دلين ۾ اڳي هو ان ۾ قوت پيدا ٿي وڌيڪ مضبوط ٿيو. ”وَلِلّٰهِ جُنُوْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا“ ۽ الله جا آهن لشڪر آسمانن ۽ زمين جا ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي- يعني آسمانن ۽ زمين ۾ رهندڙ ملائڪ ۽ هر طاقتور شيءِ الله جي ملڪيت ۽ ان جو لشڪر آهي، انهن کي جهڙو حڪم ڪري جيئن حڪم ڪري اهي ان جي فرمان جا تابع آهن. اي مؤمنو! اهو پنهنجي نبي عليه الصلوٰة والسلام ۽ پنهنجي دين جي اوهان کان سواءِ بہ مدد ڪري سگهي ٿو ۽ اهو ازل کان ابد تائين پنهنجي مخلوق جو علم رکندڙ ۽ سندن ڪمن جي تدبير ۾ حڪمت وارو آهي. ”لِيُدْخِلَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَيُكَفِّرَ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ ۚ وَكَانَ ذٰلِكَ عِنْدَ اللّٰهِ

(١) المدارڪ صـ١٥٦ جز۴٠ جلد٢

فَوْزًا عَظِيْمًا ۙ تانتہ مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي انهن بهشتن ۾ داخل ڪري جن جي هيٺان نهرون وهن پيون هميشه رهندڙ ان ۾ ۽ انهن کان سندن برايون مٽائي، ۽ اها الله وٽ وڏي ڪاميابي آهي. يعني اهو سڀ ڪجهہ ان جي ڪري آهي تہ الله عزوجل مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي اهڙن بهشتن ۾ داخل ڪري جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون ان ۾ عارضي طور نہ پر هميشه رهيا پيا هوندا. ۽ سندن برايون مٽائي ڇڏيندو. مطلب تہ سندن گناهہ ائين ختم ٿي ويندا جو ڄڻ تہ ڪيا ئي نہ هيائون. اهي مهربانيون انهن تي ٿينديون جيڪي حضور عليه الصلوٰة والسلام جن سان حديبيه واري سفر ۾ گڏ هئا انهن کي مغفرت جو ڪمال نصيب ٿيندو ۽ ان کان وڏيڪ کهڙي ڪاميابي آهي جو الله عزوجل انهن جي خطائن ۽ غلطين تي معافي جو قلم هلارائي انهن جو نشان بہ نہ ڇڏي. "وَّيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْمُشْرِكِيْنَ وَالْمُشْرِكٰتِ الظَّآنِّيْنَ بِاللّٰهِ ظَنَّ السَّوْءِ ؕ" ۽ منافق ۽ منافقياڻين ۽ مشرڪن ۽ مشرڪياڻين کي عذاب ڪري جيڪي الله سان برو گمان ڪندڙ آهن. يعني الله جل شانه پنهنجي رسول عليه الصلوٰة والسلام ۽ مؤمنن کي فتح، مدد ۽ سڀ ڪمال ان جي ڪري عطا فرمايا آهن تہ ان غم سان ۽ ڏک سان منافقن ۽ منافقياڻين، ۽ مشرڪن ۽ مشرڪياڻين کي دنيا ۽ آخرت ۾ عذاب ڪري. جيڪي الله عزوجل جي متعلق برو گمان رکن ٿا "عَلَيْهِمْ دَآئِرَةُ السَّوْءِ ۚ" انهن تي برائيءَ جي گردش آهي. مدينه منوره ۾ رهندڙ منافق ان باطل گمان ۾ مبتلا هئا تہ هاڻي مسلمان زنده واپس نہ ايندا. حديبيه جي ميدان ۾ ڪافر انهن کي ختم ڪري ڇڏيندا ۽ ڪافر بہ خوشيءَ ۾ نٽي ماپيا تہ صلح حديبيه ۾ سندن سڀ شرط مڃيا ويا. الله جل مجده فرمايو تہ انهن ٻنهي ٽولن جي اها غلط فهمي جلد دور ٿي ويندي، منهنجي پياري نبي عليه الصلوٰة والسلام جن جا قدم ۽ عزت ۽ غلبي جي منزل ڏانهن وڌندا رهن ٿا اسلام منجهند جي سج وانگر چمڪندو ۽ دنيا کي چمڪائيندو، عرب جي جزيره جا قبيلا ٽولا ٽولا ٿي اسلام ۾ داخل ٿيندا. قبائلي سردار پاڻهي هلي ايندا ۽ مسلمان ٿيندا اسلام ۽ اسلام جي پيغمبر عليه الصلوٰة والسلام جي ان ترقيءَ کي ڏسي منافق مردن، عورتن ۽ مشرڪ مردن ۽

عورتن تي دنيا انڌيرو ٿي ويندي سندن دلين مان غم ۽ درد جو دونهون نڪرندو جيڪا تباهي ۽ بربادي مسلمانن جي لاءِ سوچين ٿا پاڻ ان ۾ ڦاسجي ويندا. "وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَلَعَنَهُمْ وَاَعَدَّلَهُمْ جَهَنَّمَ وَسَآءَتْ مَصِيْرًا" ۽ الله انهن تي ڪاوڙيو ۽ انهن کي لعنت ڪيائين ۽ انهن جي لاءِ جهنم تيار ڪيائين ۽ (اهو سندن لاءِ) بري جاءِ آهي. يعني منافقن مردن ۽ عورتن ۽ مشرڪن مردن ۽ عورتن تي جن جو گمان هو تہ الله جل شانه پنهنجي رسول عليه الصلوة والسلام جن جي مدد نہ ڪندو خدا جي لعنت ۽ غضب آهي ۽ انهن جي لاءِ جهنم تيار ڪيو اٿس جيڪو سندن ڦري اچڻ لاءِ نهايت (بري جاءِ) آهي. وَلِلّٰهِ جُنُوْدُالسَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا" ۽ آسمانن ۽ زمين جا لشڪر الله جا آهن ۽ الله غالب، حڪمت وارو آهي. مطلب تہ اهي سمورا لشڪر خدا وند قدوس جا آهن، جنهن کي گهرندو انهن سان ان جي مدد ڪندو ۽ الله غالب آهي ان جي مقابلي ۾ ڪير بہ غالب نہ رهندو پنهنجي تدبير ۽ صنعت ۾ حڪمت وارو آهي. (١)

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا-

١: "وَكَانَ ذٰلِكَ عِنْدَاللّٰهِ فَوْزًا عَظِيْمًا" (۽ اها الله وٽ وڏي ڪاميابي آهي) مان معلوم ٿيو تہ جيڪي اصحاب سڀئورا رضي الله عنهم حضرت حبيب پاڪ عليه الصلوة والسلام جن سان صلح حديبيه ۾ گڏ هئا انهن کي وڏي ڪاميابي ملي الله عزوجل انهن کي جنت ۾ داخل فرمائيندو ۽ انهن کان جيڪڏهن ڪي غلطيون ۽ قصور سرزد ٿيا هوندا تہ اهي بہ ميٽي ڇڏيندو.

٢- "وَيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ" الآية- (۽ منافقن کي عذاب ڪري) (پڇاڙيءَ تائين) هن مان معلوم ٿيو تہ مسلمانن جو صلح ڪرڻ سندن لاءِ تہ ڪاميابي هو پر ان صلح جي ڪري منافق مرد توڙي عورتون، مشرڪ مرد توڙي عورتون دنيا ۾ ذهني طرح عذاب ۾ اچي ويا هئا ۽ آخرت ۾ تہ انهن جي لاءِ عذاب هوندو. ان ۾ هميشه رهندا ان کان نجات حاصل ڪري نہ سگهندا.

(١) ايسرالتفاسير ص٢٦٣ جلد٤

إِنَّآ أَرْسَلْنَاكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيرًا (٨) لِّتُؤْمِنُوا

بيشڪ اسان موڪليو توکي شاهدي ڏيندڙ ۽ بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ تانته ايمان آڻيو

بِاللهِ وَرَسُولِهٖ وَتُعَزِّرُوهُ وَتُوَقِّرُوهُ وَتُسَبِّحُوهُ

الله تي ۽ ان جي رسول تي ۽ مدد ڪيو ان جي ۽ تعظيم ڪيو ان جي ۽ ان جي پاڪائي بيان ڪيو

بُكْرَةً وَّأَصِيلًا (٩) إِنَّ الَّذِينَ يُبَايِعُونَكَ إِنَّمَا يُبَايِعُونَ اللهَ يَدُ اللهِ

صبح ۽ شام بيشڪ جيڪي بيعت ڪن ٿا تنهنجي بيشڪ بيعت ڪن ٿا الله جي الله جو (قدرتي) هٿ انهن

فَوْقَ أَيْدِيهِمْ فَمَنْ نَّكَثَ فَإِنَّمَا يَنْكُثُ عَلٰى نَفْسِهٖ وَمَنْ

جي هٿن جي مٿان آهي پوءِ جيڪو (انجام) ٽوڙيندو پوءِ تحقيق ڀڃي ٿو پنهنجي سر تي ۽ جنهن

أَوْفٰى بِمَا عَاهَدَ عَلَيْهُ اللهَ فَسَيُؤْتِيهِ أَجْرًا عَظِيمًا (١٠) ٩ع

وفاداري ڪئي ان جي جنهن تي عهد ڪيائين الله سان پوءِ جلد ڏيندو ان کي اجر وڏو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ نبي عليه الصلوة والسلام جن ۽ مؤمن ڪي سندن عمل تي ملڻ وارن فائدن جو بيان هو ۽ هتي انهن عملن تي حضور عليه الصلوة والسلام جن جو شاهد هجڻ بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي: "إِنَّآ أَرْسَلْنَاكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيرًا" بلاشڪ اسان توکي شاهد ۽ بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي. شاهد جي معنىٰ شاهدي ڏيندڙ، مفسرن ڀلارن لکيو آهي ته حضور عليه الصلوة والسلام جن پنهنجي امت جي نيڪ توڙي برن عملن جا شاهد آهن. علامه قرطبي لکيو آهي "فَهُوَ شَاهد افعالهم اليوم والشهيد عليهم يوم القيمة" (١) يعني حضور عليه الصلوة والسلام جن اڄ هن وقت سندن ڪمن ڪي مشاهدو فرمائي رهيا آهن ۽ قيامت جي

(١) القرطبي صہ ٢٦٦ جلد ١٦

ڏينهن انهن تي شاهدي ڏيندا علامه اسماعيل حقي عليه الرحمة لکيو آهي "فانه لما كان اول مخلوق خلقه الله كان شاهد ابوحدانية الحق وربوبيته وشاهدا بما اخرج من العدم الى الوجود من الارواح والنفوس والاجرام والاركان والاجسام والاجساد والمعادن والنبات والحيوان والملك والجن والشيطان والانسان وغير ذالك لئلا يشذ عنه مايمكن للمخلوق دركه من اسرار افعاله وعجائب صنعه وغرائب قدرته بحيث لايشاركه فيه غيره ولهذا قال عليه السلام علمت ماكان وماسيكون لانه شاهدالكل وما غاب لحظة وشاهد خلق آدم عليه السلام ولاجله قال كنت نبيا وآدم بين الماء والطين اي كنت مخلوقا وعالما باني نبي وحكم لي بالنبوة وآدم بين ان يخلق له جسد وروح ولم يخلق بعد واحد منهما فشاهد خلقه وما جري عليه من الاكرام والاخراج من الجنة بسبب المخالفة وماتاب الله عليه الى آخر ماجرى عليه وشاهد خلق ابليس وماجرى عليه من امتناع السجود لآدم والطرد واللعن بعد طول عبادته و فور علمه بمخالفة امر واحد فحصل له بكل حادث برىء على الانبياء والرسل لامم فهوم وعلوم ثم انزل روحه فى قالبه ليزداد له نور على نور فوجود كل موجود من وجوده وعلوم كل نبي و ولي من علومه حتىٰ صحف آدم وابراهيم وموسىٰ وغيرهم من اهل الكتب الالٰهية. الخ (١)

يعني جڏهن رسول الله صلى الله عليه وسلم جن پهرين مخلوق هئا جن کي الله پيدا فرمايو تہ پاڻ الله جل جلاله جي وحدانيت ۽ ربوبيت جا شاهد هئا ۽ جيکي ارواح، نفوس، جثا، ارکان، اجسام، اجساد، کاڻيون، سلا، حيوان، ملائڪ، جن شيطان ۽ انسان وغيره وجود ۾ آيا پاڻ انهن جو مشاهدو فرمائيندڙ هئا تانتہ کانئن کابہ شيءِ افعال جي اسرار، صنعت جي عجائب، ۽ ان جي قدرت جي غرائب کان پري نہ ٿئي جنهن جو ادراڪ مخلوق جي لاءِ ممکن آهي ۽ اهو اهڙي نموني ٿيو جو ان ۾ ساڻن کوبہ شريڪ نہ رهيو ۽ ان جي کري پاڻ عليه الصلوٰة والسلام جن فرمايو "جيکو ٿيو ۽ جيکو ٿيندو ان جو مون علم حاصل کيو" جو تہ پاڻ هر کجهہ مشاهدو فرمائيندا رهيا ۽ هڪ لحظو ان کان بي توجہ نہ ٿيا ۽ پاڻ حضرت آدم (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جي پيدا ٿيڻ کي مشاهدو فرمايائون ۽ ان

(١) روح البيان صـ١٨ جلد٨

جي ڪري فرمايائون تہ آدم پاڻي ۽ مٽيءَ ۾ هو تہ مان نبي هيس" يعني مان پيدا ٿيل ۽ چاٹندڙ هيس تہ مان نبي آهيان ۽ منهنجي لاءِ نبوت جو حڪم ٿي چڪو هو ۽ آدم (عليه السلام) جو اڃا نہ روح پيدا ٿيو هو نہ جسم. پوءِ حضورعليه الصلوٰة والسلام جن حضرت آدم جي خلقت ۽ جيڪو ڪجهہ ان تي اعزاز، اڪرام ڏيڻ ۽ جنت مان ڪڍڻ جو مرحلو گذريو اهو سڀ ڪجهہ مشاهدو فرمايو هيائون ۽ سندس توبه قبول ٿيڻ ۽ ٻيو جيڪو ڪجهہ ان تي هليو اهو بہ مشاهدو فرمايائون ۽ شيطان جي پيدا ٿيڻ ۽ حضرت آدم علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي اڳيان سجدي نہ ڪرڻ جي ڪري جيڪو ڪجهہ ان تي سندس ڊگهي عبادت ڪرڻ جي باوجود تڙڻ، لعنت ڪرڻ وغيره جي ڪري طاري ٿيو حالانڪہ ان کي ان جو پورو علم هو تہ هڪ امر جي مخالفت ڪرڻ جي ڪري ڇا ٿيندو. ان سڀني کي بہ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن مشاهدو فرمائيندا رهيا. جيڪي بہ انبياءِ ۽ مرسلن سڳورن عليهم السلام تي ۽ سندن امتن تي حادثا آيا پاڻ انهن کي ڏسندي انهن مان ڪيترا علوم ۽ ڪيتريون سمجهياڻيون حاصل فرمايائون ان ڪان پوءِ سندن روح پاڪ سندن پاڪ قالب ۾ داخل ٿيو تانتہ سندن لاءِ نور تي نور وڌي پوءِ هر موجود جو وجود سندن وجود مان آهي ۽ هر نبي ۽ ولي جا علم سندن علم مان آهن تانجو حضرت آدم، حضرت ابراهيم، حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام کي مليل الاهي ڪتاب ۽ صحيفا بہ سندن علم مان آهن. "لِتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتُعَزِّرُوْهُ وَتُوَقِّرُوْهُ" تانتہ اوهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ ان جي مدد ڪيو ۽ ان جي تعظيم ڪيو. "تُعَزِّرُوْهُ" التعزير کان نڪتل آهي التعزير جي معنیٰ آهي، النصرة مع التعظيم. يعني ڪنهن جي تعظيم ۽ تڪريم جو لحاظ رکندي ان جي مدد ۽ تعاون ڪرڻ. هتي حڪم ڏنو ٿو وڃي تہ منهنجي پياري رسول مقبول عليه الصلوٰة والسلام تي سچي دل سان ايمان بہ آڻيو، ان جي مدد ۽ تعاون ۾ سر ڌڙ جي بازي بہ لڳايو، ان جي دين جي بلندي جي لاءِ پنهنجا مڙئي مادي ۽ ادبي وسائل پيش ڪيو ۽ ان سڀ سان گڏ محبوب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي احترام ۽ ادب کي لحاظ ۾ رکو ائين نہ ٿئي جو اوهان دين جي خدمت تہ ڪيو پر بارگاهہ نبوت جا آداب ذهن

۾ نہ هجن جيئن سندن مدد ۽ تعاون ڪرڻ اهم آهي تيئن سندن احترام، عزت ۽ تعظيم ڪرڻ بہ ايمان جي لاءِ نهايت اهم آهي. بعض مفسرن هن آيت جي سڀني فعلن سان آيل ضميرن جي مرجع الله جي لفظ کي قرار ڏنو آهي تانتہ ضميرن جو تفرق لازم نہ اچي. علامه مظهري عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ: پهرين ٻن فعلن ۾ مفعول جي ضميرن جي مرجع. "وَرَسُوْلِهٖ" ۾ آيل لفظ رسول آهي. ۽ "تُسَبِّحُوْهُ" "ه" ضمير جي مرجع "الله" آهي ۽ ان ۾ ڪابہ قباحت ناهي ڇوتہ قرينه هجڻ جي ڪري ڪا منجهہ نہ آهي. (١)

مفسر قرآن علامه قرطبي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ "ه" هتي ٻنهي جاين ۾ حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام ڏانهن ٿو وري ۽ هتي وقف تام آهي. "وَتُسَبِّحُوْهُ" کان نئين شروعات ٿي آهي. (٢)

"وَتُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا" ۽ صبح شام ان جي تسبيح (پاڪائي) بيان ڪيو. يعني الله عزوجل جي ان جي شان سان مناسب نہ رهڻ واري هر ڳالهہ کان پاڪائي بيان ڪندا رهو. "اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ" بلاشڪ جيڪي تنهنجي بيعت ڪن ٿا اهي الله جي بيعت ڪن ٿا انهن جي هٿن جي مٿان الله جو هٿ آهي. مسلمان حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي پاڪ هٿ تي هٿ رکي بيعت ڪندا ان جي متعلق ارشاد ٿيو تہ نبي عليه الصلوٰة والسلام جن جي هٿ تي بيعت ڪرڻ گويا الله عزوجل جي بيعت ڪرڻ آهي ڇوتہ حقيقت ۾ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن الله جل مجده ڏانهن سڏڻ جي لاءِ بيعت وٺن ٿا ۽ ان جي احڪام تي عمل ڪرڻ جو تاڪيد بيعت وٺڻ ذريعي ڪن ٿا هي ائين آهي جيئن فرمان مبارڪ آهي "مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ" (جيڪو رسول جي اطاعت ٿو ڪري پوءِ تحقيق الله جي اطاعت ٿو ڪري) جڏهن نبوي بيعت جي حقيقت اها آهي تہ يقينًا الله جو قدرتي شفقت ۽ حمايت جو هٿ بہ انهن جي مٿان آهي. (٣)

"فَمَنْ نَّكَثَ فَاِنَّمَا يَنْكُثُ عَلٰى نَفْسِهٖ وَمَنْ اَوْفٰى بِمَا عٰهَدَ عَلَيْهُ اللّٰهَ فَسَيُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا" پوءِ جنهن (بيعت) ٽوڙي پوءِ اهو تہ صرف پنهنجي سر جي مٿان ٿو ٽوڙي ۽ جنهن ان سان وفا ڪئي جنهن تي الله سان عهد ڪيو هيائين پوءِ جلد ان کي وڏو

(١) المظهري ص٦ جلد٩ (٢) القرطبي ص٢٦٧ جلد١٦ (٣) حاشيه عثمانيه ص٦٨١

اجر ڏيندو.

مطلب تہ الله عزوجل جي پياري حبيب عليه الصلوٰة والسلام جن سان بيعت ڪريجنهن اهـا ٽوڙي ان پنهنجي پاڻ کي نقصان پهچايو ۽ جنهن اها بيعت پوري ڪئي وعدو وفا ڪيو رب العزة جل وعلا ان کي وڏو اجر عطا ڪرڻ فرمائيندو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو ڪيس اتي جي نعمتن سان نوازيو ويندو.

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١- "اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا" (بلاشڪ اسان اوهان کي شاهد بنائي موڪليو) جي متعلق علامہ محمد اسماعيل حقي عليه الرحمۃ جي تفسير مان معلوم ٿيو تہ حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جن ساري مخلوق کي مشاهدوفرمايو ۽ فرمائي رهيا آهن. مفسرن لکيو آهي تہ شاهد جون معنائون آهن. ١- محبوب. ٢- حاضر. ٣- شاهدي ڏيڻ وارو گواه. گواهہ کي شاهد ان جي ڪري چون ٿا جو اهو واردات واري جاءِ تي حاضر هوندو آهي. محبوب کي شاهد ان جي ڪري چوندا آهن جو اهو عاشق جي دل ۾ حاضر رهندو آهي حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جن انهن ٽنهي معنائن سان شاهد ڪامل آهن، سندن محبوبيت انسانن ۽ زمانن سان محدود ناهي پاڻ خدا جا تہ محبوب آهن پر خدائيءَ جا بہ محبوب آهن سندن فراق ۾ ڪاٺ، پٿر ۽ جانور بہ روئندا هئا هن وقت بہ سندن ڏسڻ کان سواءِ ڪروڙين عاشق موجود آهن پاڻ خالق جي بارگاهہ ۾ مخلوق جا گواهہ آهن جو سڀ فيصلا سندن گواهيءَ سان طئي ٿيندا پاڻ ئي مخلوق جي سامهون خالق جا عيني گواهہ آهن پاڻ جنهن جي لاءِ جنتي هجڻ جي شاهدي ڏنائون اهو جنتي آهي جنهن لاءِ جهنمي هجڻ جي شاهدي ڏنائون اهو جهنمي آهي. ٢- "وَمُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا" ۽ (جنت جي) بشارت ڏيندڙ ۽ (جهنم جي عذاب کان) ڊيڄاريندڙ) هنن صفتن کي "شَاهِدًا" سان گڏ بيان ڪرڻ مان معلوم ٿيو تہ اڳيان نبي سڳورا بذي بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ هئا ۽ حضور عليه وعليهم الصلوٰة والسلام جن ڏسي ، ملاحظو فرمائي بشير ۽ نذير آهن پاڻ جنت، دوزخ، ملائڪن بلڪ رب العزة جل جلاله کي بہ پنهنجين اکين سان ڏٺو اٿن ٣- "لِتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِه" (تانتہ الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو) هي قيامت تائين اچڻ وارن سان خطاب آهي.

۴- "وَتُوَقِّرُوْهُ" (۽ ان جي تعظيم ڪيو) مان واضح ٿيو تہ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي تعظيم ڪرڻ فرض آهي ڪين الله يا الله عزوجل جو مثال ۽ مٿ نہ سڏبو الله بي مثل بي مثال آهي ان ڪان پوءِ باقي ساري مخلوق ۾ سندن ڪو برابر يا همسر ناهي. ۵- "وَتُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا" (۽ ان جي صبح ۽ شام پاڪائي ڪيو) مان واضح ٿيو تہ پنج وقت نماز جي پابندي ڪرڻ ضروري آهي صبح واري تسبيح ۾ فجر جي نماز ۽ شام واري تسبيح ۾ باقي چار نمازون داخل آهن ۽ انهن ڪي تعظيم ڪان بعد ۾ آڻڻ مان معلوم ٿيو تہ هر عبادت ڪان اهم حضورعليه الصلوٰة والسلام جن جي تعظيم آهي. ٦- "اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ" (بلاشڪ جيڪي اوهان جي بيعت ڪن ٿا الله جي بيعت ڪن ٿا) مان معلوم ٿيو تہ حضرت نبي عليه الصلوٰة والسلام جن جي بيعت درحقيقت الله عزوجل جي بيعت آهي. علامه اسماعيل حقي عليه الرحمة لکيو آهي تہ "فالنبي عليه السلام قد فني عن وجوده بالكلية فتحقق بالله في ذاته وصفاته وافعاله وكل ما صدر عنه صدر عن الله"" ١" پوءِ نبي عليه الصلوٰة والسلام جن پنهنجي ذات ۽ صفات ڪان فنا ٿي بقا بالله جي مقام تي فائز ٿي چڪا هئا ان جي ڪري جيڪو فعل حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن ڪان صادر ٿيو اهو ڄڻ تہ خدا تعالیٰ جو فعل آهي. اڄ ڪلهہ اسين جيڪا ڪنهن ڪامل ولي جي بيعت ڪيون ٿا اها بہ ان سنت جي اتباع آهي. متعدد صحيح حديثن جي روايات مان ثابت آهي تہ حضرت نبي عليه الصلوٰة والسلام جن پنهنجن اصحابن ڪان بيعت وٺندا هئا مستورات (عورتن) کي بہ ان شرف سان مشرف فرمائيندا هئا پر انهن جي بيعت جو طريقو هي هو تہ پاڻ پهريان پاڻيءَ جي هڪ پيالي ۾ پنهنجو هٿ مبارڪ وجهي ڪڍندا هئا ان ڪان بعد عورتن کي ان ۾ هٿ وجهڻ جي لاءِ حڪم ڪندا هئا پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن اجنبي عورت سان هٿ نہ ملايو هيائون. (٢)

٧- هن بيعت مان مراد حديبيه جي ميدان ۾ ورتل "بيعة الرضوان" آهي. (٣) جنهن جو بيان انشاءالله العزيز اڳيان اچي رهيو آهي.

(١) روح البيان ص ٢٠ جلد ٩ (٢) ضياءالقرآن ص ٥۴٠ جلد ۴ (٣) زادالمسير ص ۴٢٧ جلد ٧

سَيَقُوْلُ لَكَ الْمُخَلَّفُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ شَغَلَتْنَآ

جلد چوندا اوهان کي پوئتي ڇڏيل ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙن مان ته مشغول ڪيو اسان کي

اَمْوَالُنَا وَاَهْلُوْنَا فَاسْتَغْفِرْلَنَا يَقُوْلُوْنَ بِاَلْسِنَتِهِمْ

اسان جي مالن ۽ اسان جي اهلن پوءِ مغفرت طلب ڪر اسان جي لاءِ چون ٿا پنهنجين زبانن سان جيڪو

مَّا لَيْسَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ لَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْئًا

ناهي انهن جي دلين ۾ فرماءِ ته پوءِ ڪير ٿو مالڪ ٿئي اوهان جي لاءِ الله کان ڪنهن شيءِ جو

اِنْ اَرَادَ بِكُمْ ضَرًّا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ نَفْعًا

جيڪڏهن ارادو فرمائي اوهان سان نقصان جو يا ارادو فرمائي اوهان سان نفعي ڏيڻ جو

بَلْ كَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا (١١) بَلْ ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّنْقَلِبَ

بلڪه الله ان جي جيڪي اوهان ڪيو ٿا خبر رکندڙ آهي بلڪ گمان ڪيو اوهان هي ته هرگز نه موٽندو

الرَّسُوْلُ وَالْمُؤْمِنُوْنَ اِلٰٓى اَهْلِيْهِمْ اَبَدًا وَّزُيِّنَ ذٰلِكَ فِيْ قُلُوْبِكُمْ

رسول ۽ مؤمن پنهنجن اهلن ڏانهن هميشه ۽ سينگاريو ويو اهو (گمان) اوهان جي دلين ۾

وَظَنَنْتُمْ ظَنَّ السَّوْءِ ۖ وَكُنْتُمْ قَوْمًا بُوْرًا (١٢) وَمَنْ لَّمْ يُؤْمِنْ

۽ گمان ڪيو اوهان گمان بڇڙو ۽ هئو اوهان قوم هلاڪ ٿيندڙ ۽ جنهن ايمان نه آندو

بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ فَاِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ سَعِيْرًا (١٣) وَلِلّٰهِ

الله تي ۽ ان جي رسول تي پوءِ بيشڪ اسان تيار ڪئي اسان ڪافرن جي لاءِ ساڙيندڙ باهه ۽ الله جي لاءِ

مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَاۗءُ وَيُعَذِّبُ

بادشاهي آسمانن جي ۽ زمين جي آهي بخشي ٿو جنهن کي گهري ۽ عذاب ٿو ڪري

مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا (١٤)

جنهن کي گهري ۽ الله بخشيندڙ، مهربان آهي.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ بيعت ڪندڙن جو بيان هو ۽ هتان کان پوءِ تي رهندڙن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "سَيَقُوْلُ لَكَ الْمُخَلَّفُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ شَغَلَتْنَآ اَمْوَالُنَا وَاَهْلُوْنَا فَاسْتَغْفِرْ لَنَا" جلد چوندا اوهان کي اعرابين مان پوئتي رهيل تہ اسان کي اسان جن مالن ۽ اهلن مشغول رکيو پوءِ اسان جي لاءِ مغفرت طلب ڪيو. پوئتي رهايل بدوين مان مراد مجاهد جي قول مطابق مدينه منوره جا رهاڪو بدوي جهينه ۽ مزينه قبيلن وارا آهن جن کي حضور عليه الصلوة والسلام جن پنهنجي پويان اچڻ جي لاءِ فرمايو پر انهن مال ۽ اهل جي سنڀال ۾ مشغول هجڻ جو عذر ۽ بهانو بنايو. (١) يعني حبيب پاڪ عليه الصلوة والسلام جن سان گڏ نہ وڃڻ وارن منافقن ڪين چيو تہ اسين اوهان سان ان جي ڪري گڏ هلي نہ سگهياسون جو مال ء گهر ٻار جي سنڀال ۾ مشغول هئاسون ان مجبوريءَ جي ڪري رهجي وياسين. اسان جي لاءِ مغفرت طلب ڪيو ۽ گناهن جي معافي لاءِ دعا گهرو. دراصل انهن کي ڊپ هو تہ مکه مکرمه جا رهاڪو ڪافر ڪين زنده نہ ڇڏيندا سندن ايمان قوي ۽ مضبوط نہ هو ۽ سندن حال الله جل شانه پنهنجي حبيب عليه الصلوة والسلام جن کي واپس مدينه منوره پهچڻ کان اڳي ٻڌائي ڇڏيو. "يَقُوْلُوْنَ بِاَفْوَاهِهِمْ مَّا لَيْسَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ" پنهنجن واتن سان اهو ڪجهہ چون ٿا جيڪو سندن دلين ۾ ناهي يعني زبان سان جيڪي چون ٿا اهو سندن دلين ۾ ناهي، ظاهر ۽ باطن ۾ فرق اٿن ۽ اهو خالص نفاق آهي. "قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ لَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا اِنْ اَرَادَ بِكُمْ ضَرًّا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ نَفْعًا" فرمايو تہ پوءِ اوهان جي لاءِ الله کان ڪنهن شيءِ جو جيڪڏهن الله اوهان کي نقصان ڏيڻ جو ارادو

(١) تفسيرالقاسمي ص٣٦ جز ١٥ جلد ٩

ڪري يا نفعي ڏيڻ جو ارادو ڪري ڪير ڪجهہ مالڪ ٿئي ٿو؟ مطلب تہ الله عزوجل جيڪڏهن اوهان کي نقصان ڏيڻ جو ارادو ڪري تہ ڪير ان کي (ان جي اذن کان سواءِ) دفع ڪري نہ سگهندو ۽ جيڪڏهن نفعي ڏيڻ جو ارادو ڪندو تہ ان کي ڪير روڪي نہ سگهندو. ان جي مشيت ۽ ارادي جي مقابلي ۾ ڪير بہ نٿو اچي سگهي. هي بہ انهن جو رد آهي جو حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي ساٿ ۾ ان جي ڪري نہ ويا هئا تہ ان سان نقصان کان بچندا ۽ نفعو حاصل ڪندا. "بَلْ كَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا" بلڪہ جيڪو اوهان ڪيو ٿا الله ان جي خبر رکندڙ آهي. مطلب تہ اوهان زباني ڳالهين سان الله عزوجل کي راضي ڪري نہ سگهندؤ اهو اوهان جي هر ڪردار جي خبر رکندڙ آهي. "بَلْ ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّنْقَلِبَ الرَّسُوْلُ وَالْمُؤْمِنُوْنَ اِلٰۤى اَهْلِيْهِمْ اَبَدًا" بلڪہ اوهان خيال ڪيو تہ رسول ۽ مؤمن پنهنجن اهلن ڏانهن هرگز واپس نہ ورندا ان سفر ۾ انهن جي نہ وڃڻ جو اصل وجه بيان ڪيو وڃي ٿو تہ انهن جو اهو خيال هو تہ مکه مکرمه ۾ رهندڙ ڪافر نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن ۽ مؤمنن کي جيئرو نہ ڇڏيندا ۽ اهي سلامتيءَ سان موٽي نہ ايندا. "وَّزُيِّنَ ذٰلِكَ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَظَنَنْتُمْ ظَنَّ السَّوْءِ ۖ وَكُنْتُمْ قَوْمًا بُوْرًا" ۽ اهو اوهان جي دلين ۾ سينگاريو ويو ۽ اوهان برو گمان ڪيو ۽ اوهان هلاڪ ٿيندڙ قوم هئا.

يعني اها منافقي اوهان جي دلين ۾ سينگاري وئي ۽ اوهان اهو برو گمان رکيو ويٺا هئا تہ حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن ۽ مؤمن واپس نہ ورندا ۽ ان جي ڪري اوهان الله وٽ هلاڪ ٿيندڙ قوم ۽ ان جي ڪاوڙ ۽ غضب کي حاصل ڪندڙ رهيا. "وَمَنْ لَّمْ يُؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ فَاِنَّاۤ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ سَعِيْرًا" ۽ جنهن الله ۽ ان جي رسول تي ايمان نہ آندو پوءِ بلاشڪ اسان ڪافرن جي لاءِ ساڙيندڙ باهہ تيار ڪئي آهي. اڳ ۾ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن کان پوئتي رهندڙن منافقن جو حال ۽ ڪين ڪفر تائين پهچائيندڙ برو گمان بيان ڪيو ويو ۽ هتي ايمان نہ آڻيندڙ جو حال ٻڌايو ويو آهي تہ ايمان نہ آڻيندڙن، الله عزوجل ۽ ان جي پياري رسول عليه الصلوٰة والسلام کي نہ مڃڻ وارن لاءِ ڀڙڪندڙ، ساڙيندڙ باهہ جو عذاب تيار آهي "وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي. يعني

سڀ ڪجهہ انَ جو آهي ان ۾ جهڙي نموني گهري ٿو تصرف ڪري ٿو "يَغۡفِرُ لِمَنۡ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنۡ يَّشَآءُ" جنهن کي گهري ٿو بخش ڪري ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو عذاب ڪري ٿو. مطلب تہ اهو مرضي جو مالڪ آهي، جيئن ڪري تيئن ڪري سگهي ٿو. "وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا" ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. سندس مغفرت وسيع ۽ رحمت وڏي آهي. (١)

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا ملن ٿا- آيت عـ١١ مان معلوم ٿيو تہ دنيوي مال ملڪيت ۾ مصروف ۽ مشغول رهڻ بهانو بنائي جهاد، في سبيل الله ۽ ٻين ديني خدمتن ۾ نہ وڃڻ منافقن جو ڪم آهي، انهن جو طريقو آهي ۽ سچو مؤمن هر شيءِ کان وڌيڪ اهم الله عزوجل جي رضا کي سمجهندو آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ حديبيه جي ميدان ۾ موجود اصحابن سڳورن رضي الله عنهم سان گڏ ڪو منافق نہ هو ۽ نہ ان اتي بيعت ڪئي هئي. اتي سچا شيدائي ۽ پرينءِ جا پروانا موجود هئا ٢- آيت عـ١٢ مان معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي فرمان تي منافقن کي اعتماد نہ هوندو آهي. ان جي ڪري ئي منافق ساڻن حديبيه ڏانهن گڏجي نہ ويا هئا.

سَيَقُوۡلُ الۡمُخَلَّفُوۡنَ اِذَا انۡطَلَقۡتُمۡ اِلٰى مَغَانِمَ لِتَاۡخُذُوۡهَا ذَرُوۡنَا

جلد چوندا پٺتي رهايل جڏهن ويندؤ غنيمتن ڏانهن تانتہ وٺو انهن کي تہ ڇڏيو اسان کي

نَتَّبِعۡكُمۡ يُرِيۡدُوۡنَ اَنۡ يُّبَدِّلُوۡا كَلٰمَ اللّٰهِ قُلۡ لَّنۡ تَتَّبِعُوۡنَا كَذٰلِكُمۡ

تہ هلون اوهان سان ارادو ڪن ٿا تہ بدلائين الله جي فرمان کي فرماءِ تہ هرگز نہ هلندؤ اسان سان اهڙي طرح

قَالَ اللّٰهُ مِنۡ قَبۡلُ فَسَيَقُوۡلُوۡنَ بَلۡ تَحۡسُدُوۡنَنَا

فرمايو الله اڳيئي پوءِ جلد چوندا بلڪہ حسد ڪيو ٿا اوهان اسان سان

(١) صفوة التفاسير صـ٢٢٠-٢٢١ جلد ٣

بَلْ كَانُوْا لَا يَفْقَهُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا (١٥) قُلْ لِّلْمُخَلَّفِيْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ

بلڪ نٿي سمجهيا مگر ٿورو فرماءِ پٺتي رهايلن جي لاءِ بدوين مان تہ

سَتُدْعَوْنَ اِلٰى قَوْمٍ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ تُقَاتِلُوْنَهُمْ اَوْ يُسْلِمُوْنَ

جلد سڏياويندؤ قوم سگهہ واريءَ سختي ڪندڙ ڏانهن جنگ ڪندؤ انهن سان يا مسلمان ٿيندا

فَاِنْ تُطِيْعُوْا يُؤْتِكُمُ اللّٰهُ اَجْرًا حَسَنًا وَاِنْ تَتَوَلَّوْا كَمَا تَوَلَّيْتُمْ

پوءِ جيڪڏهن اطاعت ڪندؤ تہ ڏيندو اوهان کي الله اجر سهڻو ۽ جيڪڏهن ڦرندؤ جيئن ڦريا هيئو

مِّنْ قَبْلُ يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا (١٦) لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ

اڳي تہ عذاب ڪندو اوهان کي عذاب دردناڪ ناهي انڌي تي ڪو گناهہ

وَّلَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْمَرِيْضِ حَرَجٌ وَمَنْ

۽ نہ منڊي تي ڪو گناهہ ۽ نہ بيمار تي ڪو گناهہ ۽ جيڪو

يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا

فرمانبرداري ڪندو الله جي ۽ ان جي رسول جي تہ داخل ڪندو ان کي بهشتن ۾ جو وهن پيون هيٺان

الْاَنْهٰرُ وَمَنْ يَّتَوَلَّ يُعَذِّبْهُ عَذَابًا اَلِيْمًا (١٧) ع النصف ٢

انهن جي نهرون ۽ جيڪو ڦرندو تہ عذاب ڪندو ان کي عذاب دردناڪ.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ منافقن جو حديبيه ڏانهن نہ وڃڻ لاءِ بهانن جو بيان هو ۽ هتي انهن جي ڪوڙ ظاهر ٿيڻ جو بيان ٿي رهيو آهي. رب ڪريم جو فرمان عاليشان آهي. "سَيَقُوْلُ الْمُخَلَّفُوْنَ اِذَا انْطَلَقْتُمْ اِلٰى مَغَانِمَ لِتَاْخُذُوْهَا ذَرُوْنَا نَتَّبِعْكُمْ" جلد پوئتي رهايل چوندا جڏهن اوهان غنيمتن ڏانهن ويندؤ تانتہ اهي ونو. اسان کي ڇڏيو تہ اوهان سان هلون. يعني حديبيه ڏانهن هلڻ وارا منافق اوهان کي خيبر ڏانهن ويندي اتي جي غنيمت ۾ هٿ اچڻ وارن مالن ۾ طمع رکندي چوندا تہ اسان کي بہ ڇڏيو تہ اوهان سان گڏجي هلون. "يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّبَدِّلُوْا كَلَامَ اللّٰهِ" ارادو ڪن ٿا تہ الله جو فرمان تبديل ڪن. مجاهد، قتادة ۽ جويبر جو قول آهي تہ ان مان مراد حديبيه وارن سان ڪيل وعدو آهي تہ انهن کي ئي نعمتن سان نوازيو ويندو. (١) "قُلْ لَّنْ تَتَّبِعُوْنَا" فرماءِ تہ اوهان اسان سان هرگز نہ هلندؤ. مقصد تہ اوهان جي هلڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. هي نفي مبالغي جي لاءِ آيل نهي جي معنىٰ ۾ آهي (٢) "كَذٰلِكُمْ قَالَ اللّٰهُ مِنْ قَبْلُ" الله اڳي ئي اهڙي طرح فرمايو آهي. يعني حديبيه کان موٽڻ وقت اسان کي الله اڳي ئي ٻڌايو هو تہ اوهان خيبر کي فتح ڪري اتائين غنيمت جو مال هٿ ڪندؤ. "فَسَيَقُوْلُوْنَ بَلْ تَحْسُدُوْنَنَا" پوءِ جلد چوندا تہ بلڪ اوهان اسان سان حسد ڪيو ٿا. يعني اهي چوندا تہ اوهان اسان کي خيبر ڏانهن هلڻ کان ان جي ڪري روڪيو ٿا جو اوهان کي اسان سان حسد آهي تہ متان هنن کي بہ غنيمت جي مالن مان حصو ملي. "بَلْ كَانُوْا لَا يَفْقَهُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا" بلڪ نٿي سمجهيائون مگر ٿورو. يعني جيڪو سندن فائدي لاءِ سندن متان دين جو امر آهي ان مان صرف اهو ٿورو سمجهن ٿا جيڪو دنيوي آهي. (٣) "قُلْ لِّلْمُخَلَّفِيْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ سَتُدْعَوْنَ اِلٰى قَوْمٍ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ تُقَاتِلُوْنَهُمْ اَوْ يُسْلِمُوْنَ" پوئتي رهايلن بدوين کي فرمايو تہ اوهان جلد هڪ سخت طاقتور قوم ڏانهن سڏيا ويندؤ اوهان انهن سان جنگ ڪندؤ يا مسلمان ٿيندا. يعني اي حبيب پاڪ! عليه الصلوٰة والسلام اوهان انهن جنگ ۾ شريڪ نہ ٿيندڙن، بدوين کي فرمايو تہ: ذرا ترسو. هن خيبر جي جنگ ۾ تہ اوهان هلي نٿا سگهو نہ اوهان کي وڃي هلڻ جي اجازت آهي پر اڳيان

(١) تفسير ابن ڪثير صہ١٨٩جلد٤ (٢) تنويرالاذهان صہ٩٩ جلد٤ (٣) القاسمي صہ٨٠-١٨ جز، ١٥ جلد ٩

پيون جنگيون پيش اچڻ واريون آهن وڏين طاقتور قومن سان مسلمانن جا مقابلا ٿيڻا آهن جن جو سلسلو تيستائين جاري رهندو ۽ جيستائين اهي قومون جزيو وغيره ڏيئي مطيع ٿين يا ڪلمو پڙهي مسلمان ٿين جيڪڏهن واقعي اوهان کي جهاد جو شوق آهي ته ان وقت ميدان ۾ اچي شجاعت ۽ قربانيءَ جو مظاهرو ڪجو ۽ ان وقت الله عزوجل جو حڪم مڃيندؤ ته اهو اوهان کي ان جو سهڻو صلو عطا ڪرڻ فرمائيندو. "اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ" (سخت طاقتور قوم) مان مراد ڪير آهن؟

ان مان مراد ۾ مختلف قول آهن پر سيني قولن ۽ تاريخي روايتن کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اها مسيلمه ڪذاب. نبوت جي ڪوڙي دعوىٰ ڪندڙ جي قوم هئي. جن سان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي دؤر ۾ حضرت خالد بن وليد جي اڳواڻيءَ ۾ جنگ ٿي هئي نهايت سخت مقابلو هو دشمن جي قتل ڪيلن جو مجموعي تعداد ٢١ هزار (٢١٠٠٠) هو ۽ مسلمانن جو به وڏو جاني نقصان ٿيو هو هزارين صحابه ڪرام، قرآن ڪريم جا حفاظ شهيد ٿيا هئا ان جنگ ۾ صحابه ڪرام "يا محمداه" (عليه الصلوٰة والسلام) جا نعرا هنيا هئا. (١) اڪثر مفسرن جو قول اهو آهي. (٢) "فَاِنْ تُطِيْعُوْا يُؤْتِكُمُ اللّٰهُ اَجْرًا حَسَنًا ۚ وَاِنْ تَتَوَلَّوْا كَمَا تَوَلَّيْتُمْ مِّنْ قَبْلُ يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا" پوءِ جيڪڏهن اطاعت ڪندؤ ته الله اوهان کي سهڻو اجر ڏيندو ۽ جيڪڏهن ڦرندؤ جيئن اڳي ڦري ويا هيئو ته اوهان کي دردناڪ عذاب ڪندو. مطلب ته اوهان جيڪڏهن ان طاقتور قوم سان جنگ واري حڪم کي مڃي ميدان ۾ ايندؤ ته الله عزوجل اوهان کي ان جو سهڻو ثواب ۽ پلو بدلو عطا ڪندو ۽ جيڪڏهن ڦري ويندؤ ميدان ۾ نه لهندؤ جيئن حديبيه واري سفر ۾ نه هليا هيئو ته پوءِ دردناڪ عذاب لاءِ تيار رهو. "لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْمَرِيْضِ حَرَجٌ ۗ" نه ئي انڌي تي ڪو گناهه ۽ نه منڊي تي ڪو گناهه ۽ نه بيمار تي ڪو گناهه.

شان نزول.

هن فرمان جي شان نزول متعلق مفسرن لکيو آهي ته جڏهن جهاد ۾ شريڪ نه ٿيندڙن جي لاءِ درد ناڪ عذاب جو ذڪر ٿيو ته اڪين ڪان معذورن ۽ منڊن ۽

(١) ضياءالقرآن ص٥٤٨- ٥٤٩ جلد ٤ (٢) المظهري ص٢٢ جلد ٩ - صفوة التفاسير ص٢٢٢ جلد ٣

بيمارن حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي خدمت عاليه ۾ عرض ڪيو تہ "يارسول الله! اسان جو ڇا حال ٿيندو؟" انهن جي متعلق هي فرمان نازل ٿيو (١) يعني مجبور ۽ معذور هجڻ جي ڪري انهن تي ڪوبہ گناهہ ناهي. "وَمَنْ يُّطِعِ اللهَ وَرَسُوْلَـهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَاالْاَنْهٰرُ وَمَنْ يَتَوَلَّ يُعَذِّبْهُ عَذَابًا اَلِيْمًا" ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪندو ان کي انهن بهشتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون ۽ جيڪو ڦرندو ان کي دردناڪ عذاب ڪندو. هن جو مطلب واضح آهي.

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا: ١-اِذَا انْطَلَقْتُمْ اِلٰى مَغَانِمَ "(جڏهن اوهان غنيمتن ڏانهن ويا)هتي مغانم مان مراد خيبر جي فتوحات آهي.

هن مان معلوم ٿيو تہ حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کي الله عزوجل اهو علم ڏنو هو تہ خيبر فتح ٿيندو ۽ ان مان غنيمت جا مال بہ ملندا.

٢- "قُلْ لِّلْمُخَلَّفِيْنَ" کان "عَذَابًا اَلِيْمًا" تائين آيت ع‍١٦ جي تفسير مان واضح ٿيو تہ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما جي خلافت حق آهي ڇوتہ انهن طاقتورڪافر قومن سان جهاد انهن ڪيو هو ۽ انهن جي اطاعت ڪرڻ فرض هئي.

علامه ابن الجوزي لکيو آهي "قال مقاتل خلافة ابي بڪر في هذه بينة موڪدة وقال رافع بن خديج" ڪنا نقراء هذه الاية ولانعلم من هم حتىٰ دعي ابوبڪر الى قتال بني حنيفة فعلمنا انهم هم" (قرآن پاڪ جي مفسر حضرت) مقاتل فرمايو تہ هن آيت مان (حضرت) ابوبڪر (رضي الله عنه) جي خلافت روشن، گهڻي تاڪيد، سان ثابت آهي. حضرت رافع بن خديج رضي الله عنه فرمايو تہ اسين هيءَ آيت پڙهندا هئاسون ۽ ڄاڻندا نہ هئاسون تہ اهي ڪير آهن تانجو جڏهن (حضرت) ابوبڪر بني حنيفة (مسليمه ڪذاب جي قوم) سان جنگ لاءِ سڏيو تہ پوءِ اسان سمجهيو تہ ان مان مراد اهي آهن. علامه ابن جوزي عليه الرحمة اڳتي لکيو آهي تہ هيءَ آيت حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر جي خلافت جي برحق هجڻ جو دليل آهي. (٢)

اهڙي طرح علامه پاني پتي عليه الرحمة بہ لکيو آهي. (٣)

(١) المظهري ص‍٢٢ جلد ٩ (٢) زادالمسير ص‍٤٣١- ٤٣٢ جلد ٩ (٣) المظهري ص‍٢٢ جلد ٩

لَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ

البت تحقيق راضي ٿيو الله مؤمنن کان جڏهن بيعت ڪن پيا تنهنجي وڻ جي هيٺان

الشَّجَرَةِ فَعَلِمَ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ فَاَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ عَلَيْهِمْ

پوءِ ڄاتائين اهو جيڪو سندن دلين ۾ آهي پوءِ لاٿائين سڪون انهن تي

وَاَثَابَهُمْ فَتْحًا قَرِيْبًا (١٨) وَّمَغَانِمَ كَثِيْرَةً يَّاْخُذُوْنَهَا

۽ عطا ڪيائين انهن کي فتح ويجهي ۽ غنيمتون گهڻيون جو حاصل ڪندا انهن کي

وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا. (١٩)

۽ الله غالب، حڪمت وارو آهي.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ پوئتي رهجندڙن جو بيان هو تہ هتان کان وري بيعت ڪندڙن جو حال بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "لَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ" البت تحقيق راضي ٿيو الله مؤمنن کان جڏهن وڻ جي هيٺان اوهان جي بيعت ڪن پيا. هن آيت جي نوراني ڪلمات تي غور ڪيو تہ الله عزوجل ڇا فرمائي رهيو آهي، ڪهڙي انداز سان فرمائي رهيو آهي ۽ ڪنهن جي باري ۾ فرمائي رهيو آهي. لام تاڪيد جو ۽ "قَدْ" تحقيق جي "رَضِيَ" ماضيءَ جي صيغو آهي جيڪو تحقق ۽ وقوع تي دلالت ڪري ٿو. "الله" اسم ذات کي ظاهر آندو ويو آهي يعني الله انهن مؤمنن کان شڪ ۽ شبهي کان سواءِ راضي ٿيو جيڪي وڻ جي هيٺان اوهان جي بيعت ڪري رهيا آهن.

بيعة الرضوان جو بيان.

هن آيت پاڪ ۾ بيان ٿيل بيعت مان مراد حديبيه نالي ميدان ۾ ورتل بيعت آهي، حديبيه هڪ مقام جو نالو آهي جيڪو مڪه مڪرمه کان ٩ ميلن جي فاصلي

تي آهي ۽ اهو حل ۽ حرم جو جامع آهي پر ان جو اڪثر حصو حرم آهي. حضرت حبيب پاڪ عليه الصلوة والسلام جن هجرت جي ڇهين سال جي ذوالقعده مهيني ۾ آچر جي ڏينهن عمرو ڪرڻ جي ارادي سان حديبيه ۾ تشريف فرما ٿيا هئا. (١) هن سفر ۾ حبيب پاڪ عليه الصلوة والسلام جن سان چوڏهن سوءِ (١۴٠٠) اصحاب سڳورا رضي الله عنهم گڏ هئا ۽ ٻيءِ روايت موجب پنڌرهن سؤ پنجويهه (١٥٢٥) ٽين روايت موجب تيرهن سؤ (١٣٠٠) ڇٽا هئا سڀني کي احرام ٻڌل هئا قربانيءَ جا جانور ساٿن گڏ هئا ذاتي حفاظت جي لاءِ هڪ تلوار کان سواءِ ڪنهن به قسم جو جنگي سامان گڏ نه ڪنيو هيائون الله جل وعلا جي پياري حبيب عليه الصلوة والسلام ۽ سندن ساٿي بيت الله شريف جي زيارت جي شوق سان سرشار ٿي مڪه مڪرمه ڏانهن وڌي رهيا هئا ته مڪه مڪرمه جي رهندڙ مشرڪن کي سندن آمد جي خبر پئي ۽ انهن پڪو په ڪيو ته ڪنهن به قيمت تي اهي مسلمانن کي مڪه مڪرمه ۾ داخل ٿيڻ نه ڏيندا حضرت حبيب پاڪ عليه الصلوة والسلام جن مناسب سمجهيو ته انهن ڏانهن پنهنجو سفير موڪلي کين پنهنجي تشريف آوريءَ جي مقصد کان آگاهه ڪرڻ فرمائي ۽ انهن جي ان غلط فهميءَ کي دور ڪري ته مسلمان ڪنهن ٻئي ارادي سان نه آيا آهن پر ڪنهن کي موڪليو وڃي؟مختلف نالا زير غور آيا پر آخر ۾ پاڻ حضرت عثمان ذوالنورين رضي الله عنه کي موڪليائون. ان اتي پهچڻ کان پوءِ کين سمجهايو ته حضور عليه الصلوة والسلام جن جنگ ڪرڻ جي لاءِ نه پر عمره ادا ڪرڻ جي لاءِ جلوي افروز ٿيا آهن. انهن حضرت عثمان جي عزت ۽ احترام ڪيو ۽ کيس چيو ته "جيڪڏهن تون بيت الله شريف جو طواف ڪرين ته ڀلي ڪر" پر پاڻ انهن کي چيائين ته "حضرت رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان اڳي يا انهن کان سواءِ مان طواف نه ڪندس" ۽ اتي رهي پيو. ۽ هوڏانهن حديبيه ۾ اها ڳالهه هلي وئي ته حضرت عثمان رضي الله عنه کي ڪافرن شهيد ڪري ڇڏيو آهي. اهو ٻڌي سندن پلاند وٺڻ جو پروگرام بنايو ويو ۽حضرت نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام جن سڀني کان ان جي لاءِ بيعت ورتي. سڀني خوشيءَ سان بيعت ڪئي ته سرڌڙ جي بازي لڳائيندا سون نه ڀڄنداسون نه هٽنداسون. اها بيعت هڪ

(١) مدارج النبوة صہ ٣۴٥ جلد ٢ (اردو)

وڻ جي هيٺان ورتي وئي. جيڪو ٻير يا پير جو وڻ هو. (١)

۽ جڏهن سڀني بيعت ڪري بس ڪئي ته حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جن آخر ۾ پنهنجي هڪ هٿ مبارڪ تي ٻيو هٿ رکي فرمايو ته "هي عثمان جي طرفان بيعت آهي" (٢) ان بيعت وٺڻ جو فوري اثر اهو ٿيو جو ڪافرن جا حوصلا هارجي ويا ۽ انهن صلح ڪرڻ ۾ ئي پنهنجي عافيت سمجهي ۽ ان بيعت جي ئي برڪت هيءَ ٿي ته الله عزوجل پنهنجن انهن پيارن بيعت ڪندڙن اصحابن رضي الله عنهم جي مٿان راضي هجڻ جو قرآن ڪريم ۾ اعلان فرمايو- "فَعَلِمَ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ" پوءِ جيڪي سندن دلين ۾ هو ان کي الله ڄاتي ٿيو" مطلب ته انهن اها بيعت صرف ظاهر ۾ نه ڪئي پر الله عزوجل کي اهو علم آهي ته انهن اها بيعت نهايت خلوص، صداقت ۽ سچي محبت سان ڪئي هئي- هڪ شيعي مفسر طبرسي هن آيت جي وضاحت ڪندي لکيو آهي: "فعلم ما في قلوبهم من اليقين والصبر والوفاء (مجمع البيان ص١١٦ جلد ٩-) يعني جيڪي سندن دل ۾ يقين، صبر ۽ وفا هئي الله ان کي ڄاتي ٿيو. هڪ ٻئي شيعي مفسر ملا فتح الله ڪاشاني لکيو آهي "فَعَلِمَ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ" آنچه درد لهائے ايشان است از خلوص عقيدت وصفائے نيت درزير درخت ووفا وصداقت نسبت بتو (منهج الصادقين ص٣٧٣- ٣٧٤ جلد ٨) يعني انهن جي دلين ۾ جيڪو عقيدت جو خلوص، نيت جي صفائي ۽ اوهان سان محبت ۾ سچائي هئي الله اها ڄاتي ٿيو. "فَاَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ عَلَيْهِمْ" پوءِ انهن تي سڪون لاٿائين. هتان کان انهن بيعت ڪندڙ مؤمنن تي ٿيندڙن نعمتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته انهن تي سڪون نازل ڪيائين. ان نعمت جو قدر ان کان پڇجي جيڪو دشمن جي گهيري ۾ هجي ۽ انهن سان وڙهڻ جي لاءِ انهن وٽ ڪو هٿيار به نه هجي اهو پنهنجن دوستن، مٽن مائٽن کان به سوين ميل پري هجي اهڙي حالت ۾ ان جا پير نه ترڪن، هٿ نه ڏڪن، اکيون حيرت ۾ نه پون، سندس دل مسرور رهي روح تي راحت جي ڪيفيت طاري هجي دشمن جي گهڻائي انهن جو هٿيار ۽ انهن جو ماحول ان جي همت کي هيٺ نه ڪري بلڪ ان جو حوصلو ۽ عزم نئين قوت سان سرشار رهي ته ان کان هن سڪون جي نازل ٿيڻ جي لذت پڇو ته اهو ڪيڏي نعمت ۽

(١) ابوالسعود ص١١٠ جز٨ (٢) مدارج النبوة ص٢٥٩ جلد٢

ڪيڏو وڏو احسان آهي. اها نعمت ڪنهن کي ملي حڪم آهي "عَلَيْهِمْ" (انهن تي) جن حديبيه جي مقام ۾ وڻ جي هيٺان منهنجي محبوب عليه الصلوٰة والسلام جي بيعت ڪئي هئي شيعي مفسر طبرسي هن لفظ جي تشريح ڪندي لکيو آهي "وَهِيَ اللطف المقوي لقلوبهم والطمانينة" (مجمع البيان صـ١١٦ جلد٩-) ۽ اهو انهن جي دلين کي قوت ڏيندڙ لطف ۽ اطمينان آهي "وَاَثَابَهُمْ فَتْحًا قَرِيْبًا" ۽ انهن کي ويجهي فتح عطا ڪيائين. هي ٻيو انعام آهي جنهن سان مخلصن جي هن جماعت کي بهرور بنايو ويو. يعني اسين جلد اوهان کي دشمنن جي مقابلي ۾ فتح عطا ڪنداسين ۽ جيڪو صدمو اوهان کي عمره نہ ڪرڻ جي ڪري پهتو آهي ان جو ازالو ٿي ويندو جڏهن ڪفر جو جهنڊو هيٺ اونڌو هوندو ۽ اسلام جو جهنڊو سر بلند هوندو اوهان جون ڏڪويل دليون باغ بهار هونديون. هتي بہ "اَثَابَهُمْ" ۾ "هُمْ" جمع جي ضمير جي مرجع اهيئي مؤمن آهن جيڪي بيعت الرضوان ۾ موجود هئا ۽ ان فتح قريب جي بشارت مان مراد خيبر جو فتح ٿيڻ آهي ڇوتہ حديبيہ جي سفر کان فورًا بعد اهائي جنگ پيش آئي هئي جنهن ۾ يهودين جا سڀ قلعا ۽ ڳڙهہ فتح ٿيا هئا ۽ اسلام کي شاندار ڪاميابي ملي هئي. حضرت نبي مڪرم، محبوب معظم عليه الصلوٰة والسلام جن خيبر ڏانهن روانا ٿي رهيا هئا تڏهن فرمايو هيائون تہ "هن سفر ۾ صرف اهي ماڻهو گڏ هلن جيڪي حديبيه جي سفر ۾ گڏ هئا" سندن ان فرمان مان بہ ثابت ٿيو تہ اهي سڀ احسان بيعة الرضوان ڪندڙن تي هئا. (١) نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن حديبيه کان واپس اچي گهٽ ڏينهن کان بعد خيبر ڏانهن ويا هئا؟

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو قول آهي تہ "ڏهن راتين کان پوءِ- سليمان تيمي جي قول مطابق ١٥ راتيون ۽ ابن شهاب جي بقول ويهہ راتيون رهڻ کان پوءِ ۽ ابن اسحاق جو قول آهي تہ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن ذوالحجہ ۾ حديبيه کان واپس اچي مدينه منوره ۾ رهيا محرم مهيني ۾ خيبر ڏانهن ويا ۽ سنہ ٧ هجري جي صفر مهيني ۾ خيبر فتح ٿيو- (ڪذا في المغازي للواقدي قال الحافظ انه الراجح نقله الحاكم عن الواقدي) وَمَغَانِمَ كَثِيْرَةً يَّأْخُذُوْنَهَا ۽ گهڻيون غنيمتون جن

(١) تفسير ضياء القرآن صـ٥٥١- ٥٥٢ جلد٤

کي حاصل ڪندا- محدث بخاري سيده عائشه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ "جڏهن خيبر فتح ٿيو تہ اسان چيو هاڻي ڪجور مان ڍؤ ڪنداسون ۽ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما فرمايو تہ "اسان ڪجور ڪائڻ مان تڏهن ڍؤ ڪيو جڏهن خيبر فتح ٿيو.

خيبر ڇا آهي؟

حافظ محمد بن يوسف صالحي فرمايو تہ: خيبر هڪ علائقي جو نالو آهي جتي قلعا- ڪجيون ۽ پوکون .گهٽيون هيون حديبيه کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي شام ملڪ کان ايندڙ حاجيءَ جي ڪبي پاسي تي واقع آهي. (١) "وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا" ۽ الله غالب، حڪمت وارو آهي. مقصد تہ اهو هر ڪنهن تي غالب آهي پنهنجن فيصلن ۽ حڪمن ۾ حڪمت وارو آهي.

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا-

١: "لَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ" (البتہ تحقيق الله مؤمنن کان راضي ٿيو جڏهن وڻ جي هيٺان اوهان جي بيعت ڪن پيا) مان معلوم ٿيو تہ اهي بيعت ڪندڙ اصحاب الله عزوجل جا پيارا ٻانها هئا جن کان رب ڪريم راضي هجڻ جو اعلان فرمايو- بيهقي سعيد بن مسيب کان بخاري، مسلم، ابن مردويه ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقي حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ حديبيه ۾ اسين چوڏهن سؤ (١٤٠٠) ڄڻا هئاسين اسان کي حضور پاڪ عليه الصلوة والسلام جن فرمايو "اَنْتُمْ خَيْرُ اَهْلِ الْاَرْضِ" (٢) اوهان زمين ۾ رهندڙن کان ڀلا آهيو. انهن ۾ خلفاءِ راشدين رضي الله عنهم بہ شامل هئا- امام احمد حضرت جابر کان ۽ مسلم ام بشر کان ان جابر کان ان نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام جن کان روايت آندي آهي پاڻ فرمايائون تہ "لَا يَدْخُلَ النَّارَ اَحَدٌ مِّمَّنْ بَايَعَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ" (٣) انهن مان ڪوبہ جهنم ۾ داخل نہ ٿيندو جنهن وڻ جي هيٺان بيعت ڪئي هوندي. ٢- مذڪور تفسير مان اهو بہ واضح ٿيو تہ حضرت نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام جن خيبر جي طرف بہ انهن بيعة الرضوان وارن کي ئي وٺي ويا هئا ها ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ حبش کان واپس اچڻ وارن مهاجرن ۽ ڪجهہ اوس

(١) ساڳيو حوالو (٢) ساڳيو حوالو (٣) الدرالمنثور صہ٥٢٣ جلد٧

قبيلي وارن ۽ اشعري اصحابن رضي الله عنهم کي بہ حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن خيبر جي مالن مان ڪجهہ حصو عطا فرمايو هو پر اهو يا تہ سندن کي ملندڙ خُمُسَ (پنجين حصي) مان هو يا بيعة الرضوان وارن اصحابن جي رضا مندي سان ڏنو ويو هو. (١)

حضرت عثمان رضي الله عنه جي قرباني ۽ محبوب عليه الصلوٰة والسلام جن وٽ مقبوليت ۽ محبوبيت.

مذڪور تفسير مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ سيدنا حضرت عثمان غني رضي الله عنه وڏي قرباني ڏني جو حبيب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جو حڪم مجي مڪه مڪرمه جي رهاڪو دشمن ڏانهن قاصد بڻجي ويو ۽ اتي پهچڻ کان پوءِ ڪافرن ڪيس بيت الله شريف جي طواف ڪرڻ جي موڪل ڏني تہ بہ فرمايائين تہ سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان سواءِ طواف نہ ڪندس، ابن جرير، ابن ابي حاتم، ۽ ابن مردويه سلمة بن الاكوع رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ اسين منجهند جو ستا پيا هئاسون تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي طرفان سڏيندڙ سڏ ڪري چيو بيعت لاءِ اچو. بيعت لاءِ اچو. روح القدس لهي. (اهو حڪم ڪٺي) آيو آهي اسين آياسين تہ حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن ٻير جي وڻ هيٺان تشريف فرما هئا (اهو هڪ قول آهي جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون) پوءِ اسان سندن بيعت ڪئي جيئن آيت مذڪوره ۾ آهي. حضرت عثمان جي طرفان حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن پاڻ هڪ هٿ (مبارڪ) ٻئي تي رکي بيعت ڪرڻ فرمائي. اتي موجود اصحابن رضي الله عنهم چيو تہ ”عثمان خوش نصيب آهي جو اهو طواف ڪندو هوندو ۽ اسين هتي ويٺا آهيون؟ (اهو ٻڌي) حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن فرمايو ”مون کان سواءِ طواف نہ ڪندو ڀلي ڪيترا سال اتي رهيو پيو هجي.“ (٢)هن حديث پاڪ مان منجهند جي سج وانگر واضح آهي تہ حضرت عثمان رضي الله عنه تي حبيب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن بي انتها راضي هئا ۽ ڪين مٿس وڏو اعتماد هو بيهقي حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ ”جڏهن نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن بيعت رضوان ٿي ورتي تہ

(١) تفهيم القرآن صـ٥٦ جلد ٥ (٢) الدرالمنثور صـ٥٢١ جلد ٧

ان وقت (حضرت) عثمان حضور ڪريم عليه الصلوة والسلام جن جي قاصد جي حيثيت سان مڪه مڪره ڏانهن ويل هو. ٻين ماڻهن بيعت ڪئي ته پوءِ پاڻ فرمايائون- ”ياالله! تنهنجي ۽ تنهنجي رسول جي ڪم سان ويو آهي پوءِ (ان جي پاران بيعت ڪرڻ جي لاءِ) پاڻ هڪ هٿ ٻئي تي هنيائون پوءِ ٻين جي پنهنجي پاران هٿن سان بيعت ڪرڻ ڪان حضرت عثمان جي پاران حضور ڪريم عليه الصلوة والسلام جن جي بيعت ڪرڻ لاءِ هٿ (مبارڪ) ڀلو هو. (١)

٤- بيعة الرضوان ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي فهم جي بلندي متعلق به آيت ۾ ارشاد هو ”فَعَلِمَ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ فَاَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ عَلَيْهِمْ“ (پوءِ جيڪو سندن دلين ۾ هو ڄاڻي پيو پوءِ انهن تي سڪون لاٿائين) هن جي تفسير ۾ مفسرن لکيو آهي ته ڪن اصحابن ڀلارن کي اها ڳالهه ذهن ۾ هئي ته حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن مدينه منوره ۾ ارشاد فرمايو هو ته مون خواب ۾ ڏٺو آهي ته عمره ڪيون پيا پوءِ ان جي تاخير ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن فرمايو ته اهو خواب ته هو. ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه عرض ڪيو ”ان خواب ۾ اهو ڪونه هو ته ڪو هن سال ئي عمره ڪيو ويندو“ (٢) ان جي ڪري سوچڻ جي ضروت ئي ناهي.

٥- ”حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه جي طرفان ادب ڪرڻ جو ڪمال“

نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن حديبيه جي ميدان مان ڪافرن سان صلح ڪرڻ ڪان پوءِ واپس ٿيا هئا (ان جو تفصيل سيرت جي ڪتابن ۾ پڙهو). ته اهو صلح نامو لکڻ وارو حضرت علي رضي الله عنه هو جڏهن صلح نامو لکڻ جي شروعات ”مِنْ مُحَمَّدٍ رَّسُوْلِ اللهِ“ (محمد رسول الله جي طرفان) سان ڪئي وئي ته مشرڪن اعتراض ڪندي چيو ته جيڪڏهن اسين اوهان کي الله جو سچو رسول مڃيون ها ته اوهان کي هتان واپس نه ڪيون ها. ”بِاسْمِكَ اللّٰهُمَّ“ لکو- پاڻ ان صلح نامي لکندڙ حضرت علي رضي الله عنه کي فرمايائون ته ”مِنْ مُحَمَّدٍ رَّسُوْلِ اللهِ“ کي ميٽي ”بِاسْمِكَ اللّٰهُمَّ“ لک ته. ان اله کي ميٽڻ ڪان انڪار ڪيو، پوءِ اهو ان ڪان

(١) الدرالمنثور صـ٥٢٣ جلد٧ (٢) القرطبي صـ٢٧٨ جلد١٦

وٺي پاڻ مٽايائون. (١)

ڇا محبت ۽ ادب جو مقام آ- ۽ ان ادب ۽ محبت کي ڏسي حضرت حبيب ڪريم عليه الصلوة والسلام جن حضرت علي رضي الله عنه تي ناراض بہ نہ ٿيا.

٦- سوال- اوهان چوندا آهيو تہ الله عزوجل نبي ڪريم عليه الصلوة والسلام جن کي غيب جو علم ڏنو آهي جيڪڏهن ڪين اهو علم هو تہ پوءِ پاڻ حضرت عثمان جي لاءِ بيعت ڇو ورتائون، حالانڪہ اهو زندهہ هو؟

جواب- حضرت حبيب پاڪ عليه الصلوة والسلام جن اها بيعت حضرت عثمان جي محبوبيت ۽ مقبوليت جي اظهار لاءِ ورتي هئي جيڪڏهن ڪين ان جي زندهہ هجڻ جو علم نہ هجي ها تہ پاڻ ان جي پاران بيعت نہ ڪن ها.

وَعَدَكُمُ اللّٰهُ مَغَانِمَ كَثِيْرَةً تَاْخُذُوْنَهَا

وعدو ڏنو اوهان کي الله غنيمتن گهڻين جو حاصل ڪندؤ اوهان انهن کي

فَعَجَّلَ لَكُمْ هٰذِهٖ وَكَفَّ اَيْدِيَ النَّاسِ عَنْكُمْ ج

پوءِ جلدي ڏنائين اوهان کي هي ۽ روڪيائين هٿ ماڻهن جا اوهان کان

وَلِتَكُوْنَ اٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَيَهْدِيَكُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا لا (٢٠)

۽ تانتہ هجي نشاني تي مومنن جي لاءِ ۽ ڏيکاري اوهان کي واٽ سڌي

وَّاُخْرٰى لَمْ تَقْدِرُوْا عَلَيْهَا قَدْ اَحَاطَ اللّٰهُ بِهَا ط

۽ ٻيون جو نہ قادر ٿيئو اوهان انهن تي تحقيق گهيري ۾ رکيو انهن کي الله

وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرًا (٢١) وَلَوْ قٰتَلَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

۽ آهي الله هر شيءِ تي قادر ۽ جيڪڏهن جنگ ڪن ها اوهان سان ڪافر

(١) ساڳيو حوالو ص٢٧٥

لَوَلَّوُا الْاَدْبَارَ ثُمَّ لَايَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّلَانَصِيْرًا (٢٢)

تہ البتہ قيرائي ڏين ها پنيون ان کان پوءِ نہ لهن ها کو دوست ۽ نہ کو مددگار

سُنَّةَ اللّٰهِ الَّتِىْ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلُ ۚ وَلَنْ تَجِدَ

الله جو قانون جيڪو گذريو اڳي ۽ هرگز نہ لهندين تون

لِسُنَّةِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا (٢٣) وَهُوَ الَّذِىْ كَفَّ اَيْدِيَهُمْ

الله جي قانون ۾ ڪا تبديلي ۽ اهوئي آهي جنهن روڪيو هٿن انهن جي کي

عَنْكُمْ وَاَيْدِيَكُمْ عَنْهُمْ بِبَطْنِ مَكَّةَ مِنْۢ بَعْدِ

اوهان کان ۽ اوهان جن هٿن کي انهن کان مڪي جي وچ ۾ ان کان پوءِ جو

اَنْ اَظْفَرَكُمْ عَلَيْهِمْ ۗ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا (٢٤)

ڪامياب ڪيائين اوهان کي انهن تي ۽ الله جيڪي ڪيو ٿا ڏسندڙ آهي.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ خيبر فتح ٿيڻ ۽ اتاهين ملندڙ غنيمتن جو وعدو هو ۽ هتي کان وڌيڪ نعمتن ملڻ جو وعدو ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَعَدَكُمُ اللّٰهُ مَغَانِمَ كَثِيْرَةً تَاْخُذُوْنَهَا فَعَجَّلَ لَكُمْ هٰذِهٖ وَكَفَّ اَيْدِيَ النَّاسِ عَنْكُمْ وَلِتَكُوْنَ اٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَيَهْدِيَكُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا" الله اوهان سان گهڻين غنيمتن جو وعدو ڪيو آهي جن کي اوهان حاصل ڪندؤ پوءِ هيءَ اوهان جي لاءِ جلد ڪيائين ۽ اوهان کان ماڻهن جا هٿ روڪيائين ۽ تانتہ مؤمنن جي لاءِ نشاني هجي ۽ اوهان کي سڌي واٽ ڏيکاري. مطلب تہ الله عزوجل اسان سان قيامت تائين مشرڪن کان ملندڙ غنيمت جي مالن جو وعدو ڪيو آهي جيڪي اوهان حاصل ڪندا رهندا پر انهن مان اوهان کي خيبر جي فتح ڪرڻ سان تڪڙيون غنيمتون عطا ڪيائين، تانتہ اها حضرت حبيب پاڪ

عليه الصلوة والسلام جي طرفان ڪيل وعدي جي تصديق ۽ ان تي نشاني قائم ٿئي ان سان اوهان ۾ مضبوطي پيدا ٿئي ۽ اوهان جي بصيرت وڌي. ۽ جڏهن حضور عليه الصلوة والسلام جن حديبيه يا خيبر ڏانهن تشريف وٺي ويا هئا تہ ممڪن هو جو يهودي مدينه منوره خالي ڏسي ڪو قدم کڻن ها پر انهن ۾ اها همت ئي پيدا نہ ٿي انهن جي هٿن کي الله عزوجل روڪيو هو ۽ مؤمنن کي موقعو مليو تہ اهي ان نشانيءَ کي ڏسي يقين مضبوط ڪن تہ الله عزوجل سندن محافظ ۽ مددگار آهي سندن ٿوري تعداد هوندي بہ دشمن کين ختم ڪري نٿو سگهي ۽ الله جل مجده جي حڪم کي مڃڻ جي ڪري رب کين صراط مستقيم جي رهبري ڪرڻ فرمائي ٿو. **خيبر جي**

جنگ جو مختصر احوال.

مفسر قرآن علامه احمد مصطفیٰ هن آيت جي تفسير ۾ جيڪو خيبر جو مختصر احوال لکيو آهي اهو هتي لکجي ٿو تفصيلي احوال سيرت جي ڪتابن ۾ پڙهي سگهجي ٿو مفسر موصوف لکيو آهي تہ: اياس بن سلمه پنهنجي پيءُ کان روايت آندي آهي تہ اسين جڏهن خيبر ڏانهن روانا ٿيا هئاسين تہ منهنجو چاچو عامر هي شعر پڙهڻ لڳو:

"تَاللهِ لَوْلَا اللهُ مَا اهْتَدَيْنَا
وَلَا تَصَدَّقْنَا وَلَا صَلَّيْنَا"

الله جو قسم جيڪڏهن الله نہ هجي ها تہ اسين هدايت وارا نہ ٿيون ها ۽ نہ صدقو ڪيون ها ۽ نہ نماز پڙهون ها.

"وَنَحْنُ عَنْ فَضْلِكَ مَا اسْتَغْنَيْنَا
فَثَبِّتِ الْاَقْدَامَ اِنْ لَاقَيْنَا"

۽ (ياالله) اسين تنهنجي فضل کان لاپرواه ناهيون پوءِ جيڪڏهن دشمن سان مقابلو ڪيون تہ اسان جا پير ثابت رکجانءِ.

"وَاَنْزِلَنْ سَكِيْنَةً عَلَيْنَا"

۽ اسان تي سڪون نازل فرمائجانءِ.

اهو ٻڌي حضور عليه الصلوة والسلام جن فرمايو "غَفَرَلَكَ رَبُّكَ" الله توکي

مغفرت نصيب ڪري (۽ پاڻ جنهن لاءِ بہ ائين فرمائيندا هئا تہ اهو شهيد ٿي ويندو هو) اهي دعا جا ڪلما ٻڌي حضرت عمر رضي الله عنه جيڪو پنهنجي اٺ تي سوار هو ان عرض ڪيو تہ "يانبي الله! اسان ڪي عامر مان فائدو وٺڻ ڏيو ها" تہ ڀلو هو. پوءِ اسين جڏهن خيبر ۾ پهتاسين تہ يهودين جو اڳواڻ مرحب تلوار کي ڦيرا ڏيندو سامهون اچي هي شعر پڙهڻ لڳو:

"قَـدْ عَلِمَتْ خَيْـبَـرُ اَنِّيْ مَـرْحَبُ
شَـاكِي السِّـلَاحِ بَطَلٌ مُّـجَرَّبُ
اِذَاالْحَـرْبُ اَقْـبَلَتْ تَلْتَـهِبُ"

خيبر يقينًا ڄاڻي ٿو تہ مان مرحب آهيان، هٿيار ڍڪيندڙ، پهلوان تجربيڪار آهيان جڏهن جنگ ٿيندي آهي تہ (باهہ) ڀڙڪندي آهي.

اهو ٻڌي ان جي مقابلي ۾ حضرت عامر هي شعر پڙهندي آيو:

قَدْ عَلِمَتْ خَيْبَرُ اني عامر، شاكي السلاح بطل مغامرٌ"

يقينًا خيبر ڄاڻي ٿو. تہ مان عامر آهيان- هٿيار ڍڪيندڙ، بهادر، دشمن تي حاوي ٿيندڙ آهيان. پوءِ هڪ ٻئي سان ويڙهہ شروع ڪيائون ۽ مرحب جي هٿان حضرت عامر شهيد ٿي ويو. اياس بن سلمه فرمايو تہ پوءِ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن مون کي حضرت علي ڏانهن موڪليو حالانڪہ ان جي اکين ۾ تمام گهڻو سور هو ۽ پاڻ فرمايائون تہ "مان هي (اسلام جو) جهنڊو سپاڻي ان کي ڏيندس جيڪو الله ۽ ان جي رسول سان محبت رکي ٿو ۽ الله ۽ ان جو رسول (عليه الصلوٰة والسلام) بہ ان سان محبت رکن ٿا. پوءِ مان حضرت علي (رضي الله عنه) کي سندن خدمت ۾ وٺي آيس پاڻ ان جي اکين ۾ پنهنجو پاڪ لعاب وڌائون تہ ان جون اکيون ٺيڪ ٿي ويون ۽ پاڻ ان کي جهنڊو ڏيئي ميدان ۾ لاٿائون. ان جي مقابلي ۾ بہ مرحب نڪتو ۽ هي شعر پڙهندو آيو.

"اَنَاالَّذِيْ سَـمَّـتْنِي اُمِّيْ مَـرْحَبُ
شَـاكِي السِّـلَاحِ بَطَلٌ مُّـجَرَّبُ"

مان اهو آهيان جو منهنجي ماءُ منهنجو نالو مرحب رکيو، هٿيار ڍڪيندڙ بهادر

تجربيڪار آهيان. حضرت علي رضي الله عنه ان جي مقابلي ۾ ايندي هي شعر پڙهيو:

"اَنَا الَّذِيْ سَمَّتْنِيْ اُمِّيْ حَيْدَرَهْ
كَلَيْثِ غَابَاتٍ كَرِيْهِ الْمَنْظَرَهْ
اَكِيْلُكُم بِالسَّيْفِ كَيْلَ السَّنْدِرَهْ"

مان اهو آهيان جو منهنجي امان منهنجو نالو حيدر (شينهن) رکيو آهي جيئن جهنگل جو شينهن هيبتناڪ صورت وارو هوندو آهي مان اوهان کي تلوار سان ڪشادي ماپ ڏيندس. يعني اوهان مان گهڻن کي قتل ڪندس. پوءِ مرحب کي تلوار سان قتل ڪيائين ۽ سندن ئي هٿن مبارڪ تي خيبر فتح ٿيو. (١)

"وَّاُخْرٰى لَمْ تَقْدِرُوْا عَلَيْهَا قَدْ اَحَاطَ اللّٰهُ بِهَا" ۽ ٻيا جن تي اوهان قادر ناهيو الله انهن کي گهيري ۾ رکيو آهي. مطلب ته الله عز اسمه اوهان کي ٻين شهرن جي فتوحات سان به غنيمتون عطا ڪرڻ جو وعدو فرمايو آهي جيڪي هن وقت اوهان جي قدرت ۽ ڪنٽرول کان ٻاهر آهن جيئن روم ۽ فارس ملڪ وغيره پر اهي الله عزاسمه جي قدرتي احاطي ۾ آهن ان کان ٻاهر ناهن، نيٺ اهي به فتح ٿيندا. "وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرًا" ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي. يعني الله جيڪي ڪرڻ گهري ڪري سگهي ٿو ان لاءِ ڪابه شيءِ ڏکي ناهي اهو هر شيءِ تي قادر آهي. "وَلَوْ قٰتَلَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوَلَّوُا الْاَدْبَارَ ثُمَّ لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا" ۽ جيڪڏهن اوهان سان اهي جنگ ڪن ها جن ڪفر ڪيو ته پٺي ڦيرائي ڀڄن ها ان کان بعد نه ڪو دوست ۽ نه ڪو مددگار لهن ها. الله جلت صفاته پنهنجن مؤمن ٻانهن کي بشارت ڏيندي فرمايو ته جيڪڏهن ڪافر اوهان سان جنگ ڪن ها ته به ٻيهي نه سگهن ها پٺي ڏيئي ڀڄن ها سندن ڪوبه دوست ۽ مددگار نه هجي ها. الله عزوجل اوهان جو معاون ۽ مددگار آهي. "سُنَّةَ اللّٰهِ الَّتِيْ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلُ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّةِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا" الله جو قانون جيڪو اڳي گذريو ۽ هرگز نه لهندين الله جي قانون ۾ ڪا تبديلي. مقصد ته الله عز اسمه جو هي قانون اڳي به رهيو آهي ته جڏهن ڪفر ايمان جي مقابلي ۾ ايندو آهي ته الله جلت صفاته حق کي بلند ڪرڻ جي لاءِ مؤمن کي ڪافرن تي غلبو عطا ڪندو آهي، مؤمن جي مدد ڪرڻ فرمائيندو آهي، جيئن ٿوري عدد هوندي بدر

(١) المراغي ص١٠٥-١٠٦ جزء ٢٦ جلد ٩

۾ مومنن کي ڪافرن تي فتح ۽ غلبو عطا ڪيائين ۽ الله جي ان قانون ۾ ڪا تبدلي نہ ايندي "وَهُوَ الَّذِي كَفَّ أَيْدِيَهُمْ عَنكُمْ وَأَيْدِيَكُمْ عَنْهُم بِبَطْنِ مَكَّةَ مِن بَعْدِ أَنْ أَظْفَرَكُمْ عَلَيْهِمْ" ۽ اهو (الله) ئي آهي جنهن مڪه جي وچ ۾ ان ڪان پوءِ جو اوهان کي انهن تي ڪاميابي ڏنائين انهن جا هٿ اوهان ڪان ۽ اوهان جا هٿ انهن ڪان روڪيائين. سمجهڻ گهرجي تہ جيتوڻڪ حديبيه جي مقام تي باقاعده جنگ جي نوبت نہ آئي هئي پر پوءِ بہ ڪافرن جا ڪيترا ٽولا اندروني عداوت ڪان مجبور ٿي مسلمانن سان ڇيڙڇاڙ ڪندا رهيا. حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ: هڪ ڀيري اسي (٨٠) ڪافر مسلح ٿي تنعيم واري جبل ڪان لٿا تانتہ بي خبريءَ ۾ مسلمانن تي حملو ڪن پر سندن حملي ڪرڻ ڪان اڳي ئي اسان انهن کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي گرفتار ڪري ورتو پر حضور رحمة للعالمين صلى الله عليه وسلم جن انهن کي معاف ڪري ڇڏيو، اهڙي طرح ٻين ٽولن بہ ڪوشش ڪئي پر ناڪام رهيا انهن جي انهن حرڪتن جي ڪري جنگ ٿيڻ جا امڪان هئا پر الله عزوجل اهڙي صورت پيدا ٿيڻ نہ ڏني. هتي ان جو بيان ٿي رهيو آهي تہ ڪافرن کي بہ اهڙي جرأت نہ ٿي جو اهي ڪلي طرح اوهان تي حملو ڪن ۽ اوهان کي الله جل شانه اهڙو حوصلو بخشيو جو انهن تي هڪدم ناراض ٿي حملو ڪرڻ جو پروگرام نہ بنايو. "وَكَانَ اللَّهُ بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرًا" ۽ الله جيڪو ڪجهہ اوهان ڪيو پيا ڏسندڙ آهي. هتي اهو نہ فرمايائين تہ جيڪو ڪجهہ ڪافر ڪن ٿا ۽ جيڪو ڪجهہ اوهان ڪيو ٿا اهو سڀ ڏسندڙ آهي پر فرمايائين تہ جيڪو ڪجهہ اوهان مؤمن ڪيو ٿا اهو ڏسي ٿو. مطلب تہ اوهان جو صبر، ضبط، تحمل، ۽ خلوص ئي ڏسڻ جي لائق آهي.(١)

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا.

١- "وَيَهْدِيَكُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِيمًا" (۽ اوهان کي سڌي واٽ ڏيکاري) هن مان معلوم ٿيو تہ خيبر جي ميدان ۾ وڃڻ وارا هدايت تي هئا. انهن جي هدايت ڪرڻ جو قرآن ۾ ڪريم الله عزوجل اعلان فرمايو آهي، انهن کي هدايت تي نہ سمجهندڙ هن آيت جو منڪر آهي. ٢- "وَأُخْرَىٰ لَمْ تَقْدِرُوا عَلَيْهَا" (۽ ٻيون غنيمتون جن تي

(١) ضياء القرآن صہ ٥٥٩ جلد ٤

اوهان قادر نہ آهيو) هي روم ۽ فارس (ايران) جي فتح ٿيڻ جي بشارت ملي رهي آهي ۽ جڏهن تہ اهي ملڪ حضرت عمر رضي الله عنه جي خلافت جي دؤر ۾ فتح ٿيا ۽ غنيمتن جا مال مليا حضرت شهر بانو حضرت بيبي ڪذبانو ايراني، بادشاهہ جون نياڻيون امامن سهڻن حسن ۽ حسين کي مليون تہ اهي انهن جي والد ۽ پاڻ قبول ڪيائون ثابت ٿيو تہ فاروقي خلافت حق آهي نہ مڃڻ وارو قرآن جو منڪر آهي.

هُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ

اهي ئي آهن جن ڪفر ڪيو ۽ روڪيائون اوهان کي عزت واري مسجد کان

وَالْهَدْيَ مَعْكُوْفًا اَنْ يَّبْلُغَ مَحِلَّهٗ ۚ وَلَوْلَا

۽ قربانيءَ جي جانور روڪيل کي هن کان تہ پهچي پنهنجي جاءِ کي ۽ جيڪڏهن نہ هجن ها

رِجَالٌ مُّؤْمِنُوْنَ وَنِسَآءٌ مُّؤْمِنٰتٌ لَّمْ تَعْلَمُوْهُمْ اَنْ

مرد مؤمن ۽ عورتون مؤمنياڻيون جو نہ پيا ڄاڻو انهن کي هي تہ

تَطَؤُهُمْ فَتُصِيْبَكُمْ مِّنْهُمْ مَّعَرَّةٌ ۢبِغَيْرِ عِلْمٍ ۚ

(متان) لتاڙيو انهن کي پوءِ پهچي اوهان کي انهن کان گناهہ علم کان سواءِ

لِيُدْخِلَ اللّٰهُ فِيْ رَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۚ لَوْ تَزَيَّلُوْا

تانتہ داخل ڪري الله پنهنجي رحمت ۾ جنهن کي گهري جيڪڏهن ڌار هجن ها

لَعَذَّبْنَا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا (٢٥)

تہ البتہ عذاب ڪيون ها انهن کي جن ڪفر ڪيو انهن مان عذاب دردناڪ

إِذْ جَعَلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْحَمِيَّةَ حَمِيَّةَ الْجَاهِلِيَّةِ

جڏهن ڪيو انهن جن ڪفر ڪيو پنهنجين دلين ۾ ضد جاهليت وارو ضد

فَاَنْزَلَ اللهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَاَلْزَمَهُمْ كَلِمَةَ

پوءِ لاٿو الله پنهنجو سڪون پنهنجي رسول تي ۽ مؤمنن تي ۽ مضبوط رکيائين انهن کي

الَتَّقْوٰى وَكَانُوْآ اَحَقَّ بِهَا وَاَهْلَهَا ۗ وَكَانَ اللهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ؏ (٢٦) ع٣ و١١

تقوىٰ جي ڪلمي تي ۽ هئا وڌيڪ حقدار ان جا ۽ لائق ان جا ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو ته الله مؤمنن جي هٿن کي ڪافرن کان روڪيو ۽ ڪافرن جي هٿن کي مؤمنن کان روڪيو ۽ هتي اها ڳالهه بيان ڪئي وئي آهي جتي ائين ٿيو- ارشاد رباني آهي " هُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَالْهَدْيَ مَعْكُوْفًا اَنْ يَّبْلُغَ مَحِلَّهٗ ".اهي ئي آهن جن ڪفر ڪيو ۽ اوهان کي مسجد حرام کان روڪيو ۽ قربانيءَ جا جانور روڪيل هن کان جو پنهنجي جاءِ کي پهچن. يعني اهي ڪافر ئي آهن جن الله عزوجل جي توحيد جو انڪار ڪري اوهان الله جل شانه تي ايمان آڻيندڙن کي بيت الله شريف جي عزت واري مسجد کان روڪيو ۽ جيڪي قربانيءَ لاءِ جانور آندا ويا هئا انهن کي حرم جي حدود ۾ کهڻ کان بلڪ پهچڻ کان ئي روڪيو ويو! مفسرن ڀلارن لکيو آهي ته " سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن هن حديبيه واري سفر ۾ ستر (٧٠) اٺ قربانيءَ جي لاءِ آندا هئا جن کي روڪيو ويو هو. (١) " وَلَوْلَا رِجَالٌ مُّؤْمِنُوْنَ وَنِسَآءٌ مُّؤْمِنٰتٌ لَّمْ تَعْلَمُوْهُمْ اَنْ تَطَئُوْهُمْ فَتُصِيْبَكُمْ مِّنْهُمْ مَّعَرَّةٌۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۚ" ۽ جيڪڏهن مؤمن مرد ۽ مؤمن عورتون نه هجن ها جو اوهان انهن کي نه پيا ڄاڻو ته پوءِ اوهان کي انهن کان گناهه پهچي ها. (ته انهن کي سزا ملي ها) هي تسليم ڪيل اصول هو ته جيڪو شخص حج ۽ عمره جي نيت سان

(١) المراغي صـ١١٠ جزء ٢٦ جلد ٩

مڪه مڪرمه ۾ ايندو هو تہ ان کي روڪيو نہ ويندو هو پوءِ ان سان مڪه مڪرمه جي رهاڪن جي ڪٿي ڪيتري بہ عداوت هجي. ان اصول تي وڏي سختيءَ سان عمل ڪيو ويندو هو پر حضور عليه الصلوٰة والسلام جن سان انهن جي ايتري عداوت هئي جو انهيءَ تسليم ڪيل اصول ڪيً بہ انهن ليکيو ئي نہ. حضور عليه الصلوٰة والسلام جن سان گڏ آيل مسلمانن ۽ آندل قربانيءَ جي جانورن ڪي بہ اندر داخل ٿيڻ نہ ڏنو ويو تانتہ انهن کي منىٰ جي ميدان ۾ ڪنو وڃي ان سنگين جرم جي سزا تہ اها هجڻ گهرجي جو انهن تي حملو ڪري ڪين تباهہ ڪري ڇڏجيً ها پر اتي لڪ ۾ ڪلمو پڙهندڙن مسلمانن مردن ۽ عورتن تي حملي جو خطرو هو ان جي ڪري اتي حملي ڪان رو ڪيو ويو تہ متان اڻ ڄاڻائيءَ ۾ انهن جي ايذائڻ جو گناهہ حملي ڪندڙن جي دفتر ۾ اچي وڃي. ۽ خوشي غم سان تبديل ٿي وڃي ها "لِيُدْخِلَ اللّٰهُ فِيْ رَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَاۗءُ" تانتہ الله جنهن کي گهري پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪري. جنگ ڪان روڪڻ جي ٻي مصلحت بيان ڪئي پئي وڃي تہ مڪه مڪرمه جي رهاڪن ۾ ڪيترا اهڙا ماڻهو موجود هئا جيڪي اگرچہ ان وقت تائين اسلام سان مشرف نہ ٿيا هئا پر انهن ۾ حق کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت موجود هئي، ان کي ڪم ۾ آڻڻ لاءِ خوشگوار ماحول ۽ مناسب حالات جي ضرورت هئي جيڪڏهن ان وقت جنگ ٿئي ها تہ انهن ڪترن ڪافرن سان گڏ اهي بہ ڪسجي وڃن ها. ان جي ڪري الله تعالىٰ جنگ جي نوبت اچڻ نہ ڏني تانتہ انهن ماڻهن کي ايمان آڻڻ جو موقعو ملي ۽ اهي ڪفر ڪان پنهنجو تعلق ٽوڙي پنهنجي پاڪ رب سان عبوديت جو تعلق مضبوط ۽ مستحڪم ڪن. تاريخ شاهد آهي تہ ان صلح ڪان پوءِ ئي حضرت خالد جهڙا عظيم جنگي جوان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيا ۽ ڪيترا ميدان ملهاياڻون. ڪعبہ جو ڪنجي بردار حضرت عثمان بن طلحة ۽ مڪه مڪرمه جا ڪيترا جليل القدر شخص بارگاهہ رسالت مآب عليه الصلوٰة والسلام ۾ حاضر ٿي اسلام ۽ ايمان سان مشرف ٿيا. "لَوْتَزَيَّلُوْا لَعَذَّبْنَاالَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا" جيڪڏهن جدا ٿين ها تہ البتہ ڪافرن کي انهن مان دردناڪ عذاب ڪيون ها. مطلب تہ جيڪڏهن اهي مسلمان مرد ۽ عورتون ڪنهن طرح ڪافرن ڪان جدا ٿي وڃن ها انهن سان گڏ نہ هجن ها

تہ اتي رهاکو کافرن کي سخت سزا ڏيون ها "إِذْ جَعَلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْحَمِيَّةَ حَمِيَّةَ الْجَاهِلِيَّةِ" جڏهن کافرن پنهنجين دلين ۾ ضد کيو جاهليت وارو ضد. مطلب تہ کافرن جو حضور عليه الصلواة والسلام جن کي عمره کان روڪڻ کو اصولي فيصلو نہ هو اهو انهن جو صرف جاهليت وارو ضد هو تہ مسلمان اسان جي پٽن ۽ ڀائرن جا قاتل آهن اسان انهن کي مکه مکرمه ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏينداسون. "فَأَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَأَلْزَمَهُمْ كَلِمَةَ التَّقْوٰى" پوءِ الله پنهنجي رسول تي ۽ موءمنن تي سڪون نازل فرمايو ۽ انهن کي تقوىٰ جي ڪلمي تي مضبوط بنايو. يعني الله عزوجل مسلمانن جي دلين کي مضبوط بنايو حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام ۽ مؤمنن تي سڪون نازل ڪري انهن جي دلين کي اهڙو مطمئن بنايو جو کافرن جي جوش خروش کي ڏسي انهن کي ڪنهن بہ قسم جو ڏپ ۽ گهبراهٽ نہ ٿي، ۽ انهن کي ان اطمينان سان پرهيزگاريءَ جي ڳالهين جو پابند بنايو. بعض علماء جو قول آهي تہ "كَلِمَةَ التَّقْوٰى" مان مراد "لااله الاالله محمد رسول الله" ڪلمو شريف آهي، زهري جو قول آهي تہ ان مان مراد "بسم الله الرحمن الرحيم" آهي جنهن کي کافرن صلح نامي ۾ لکڻ نہ ڏنو هو (١) "وَكَانُوْا أَحَقَّ بِهَا وَأَهْلَهَا" ۽ ان جا وڌيڪ حقدار ۽ ان جا لائق هئا. الله عزوجل اصحابن ڀلارن رضي الله عنهم تي جيڪي احسان فرمايا ان جو وجه بيان ڪيو وڃي ٿو. يعني انهن تي جيڪي انعام ۽ احسان ٿيا آهن هي انهن جا حقدار ۽ اهل آهن جنهن دل ڪش انداز ۾ انهن منهنجي حبيب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪري جان جي بازي لڳائڻ جو عهد ڪيو ان جي ڪري انهن تي اسين پنهنجيون رحمتون ۽ برڪتون ڪولي ڪولي نازل فرمائينداسون، اهي انهن جا اهل آهن نااهل ناهن. "وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا" ۽ الله هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي. مطلب تہ اصحابن ڀلارن تي اهي مهربانيون ڪنهن اهڙي هستيءَ نہ ڪيون آهن جنهن کي صرف انهن جي ظاهر جي خبر آهي پر انهن تي اهي احسان ۽ انعام ان الله جل جلاله ڪيا آهن، جيڪو سندن ظاهر ۽ باطن کي چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي ان کي اهو بہ علم آهي تہ اهي هلي انهن نعمتن جي بي قدري نہ ڪندا. جيئن قرآن پاڪ جي نزول وقت متقي، خائف ۽ پرهيزگار آهن

(١) حقاني ص٢٩٤ جلد٦

تيئن مستقبل ۾ بہ رهندا.

فائدا- مذكوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا.

: ١- ”وَالْهَدْيَ مَعْكُوفًا“ (۽ قربانيءَ جا جانور روڪيل) هن مان معلوم ٿيو تہ حج يا عمره کان روڪيل تي لازم آهي تہ قرباني ڪري پوءِ احرام ڪولي حنفين وٽ قربانيءَ جو حرم جي حدن ۾ هجڻ ضروري آهي. هن آيت ۾ ئي انهن جو دليل آهي تہ قرآن ڪريم قربانيءَ جي لاءِ هڪ خاص جاءِ مقرر بيان ڪئي آهي جنهن کان ڪافرن مسلمانن کي روڪيو هو جنهن مان معلوم ٿيو تہ قرباني حرم جي حدود ۾ ڪرڻ ضروري آهي، رهيو هي معاملو تہ خود حنفين جو هي قول بہ آهي تہ ”حديبيه جو ڪجهہ حصو حرم ۾ داخل آهي تہ پوءِ حرم کان روڪڻ ڪيئن ثابت ٿيو؟ ان جو جواب هي آهي تہ جيتوڻڪ اها قرباني حرم جي ڪنهن بہ حد ۾ ڪرڻ شرعًا ڪافي آهي پر افضل آهي تہ ان خاص جاءِ ۾ ڪئي وڃي جيڪا منىٰ جي ميدان ۾ منحر (قرباني گاه) جي نالي سان مشهور ۽ معروف آهي ڪافرن ان وقت ان افضل جاءِ تائين قربانيءَ جي جانورن کي پهچائڻ کان روڪيو هو. (١)

٢- ”فَتُصِيبَكُمْ مِّنْهُمْ مَّعَرَّةٌۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ“ (پوءِ اوهان کي اڻ ڄاڻائيءَ ۾ گناهہ پهچي ها) معرة جي معنىٰ ”اثم“ (گناهہ) (٢)

مفسر قرطبي عليه الرحمة لکيو آهي تہ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو مسلمان ڪنهن مسلمان جي هٿان مارجي وڃي تہ اهو گناهہ تہ ناهي مگر هڪ عيب ۽ پيشمانيءَ جو سبب ضرورر آهي ۽ خطا سان قتل ڪرڻ ۾ ديت وغيره جا احڪام بہ آهن الله عزوجل پنهنجي محبوب نبي عليه الصلوة والسلام جن جي اصحابن رضي الله عنهم کي ان کان بہ محفوظ فرمايو ان مان معلوم ٿيو تہ اصحابن پيارن سان الله تعالىٰ جو هي معاملو رهيو آهي تہ اهي جيتوڻڪ انبياء ڪرام عليهم الصلوة والسلام وانگر معصوم ناهن مگر انهن کي خطائن ۽ گناهن کان محفوظ رکڻ جو قدرتي انتظام ڪرايل آهي. (٣) ٣- ”لَوْ تَزَيَّلُوا“ (جيڪڏهن جدا ٿين ها) هن جي تفسير مان معلوم ٿيو تہ مؤمن مسلمانن جي ڪري ڪافرن تان بہ دنيوي عذاب ٽري وڃي ٿو. ”وَأَلْزَمَهُمْ كَلِمَةَ التَّقْوَىٰ وَكَانُوا أَحَقَّ بِهَا وَأَهْلَهَا“ (۽ انهن کي تقوىٰ جو ڪلمي تي

(١) معارف القرآن صـ٨٦ جلد٨- التفسيرات الاحمدية صـ٦٦٦ (٢) تنوير المقياس صـ٤٣٤ (٣) القرطبي صـ ٢٨٥ - ٢٨٦ جلد ١٦

مضبوط رکيائين ۽ ان جا وڏيڪ حقدار (۽ ان جا لائق) هئا مان معلوم ٿيو صحابہ کرام متقي، تقوىٰ جا اهل ۽ حقدار هئا ۽ ائين فرمائڻ سان انهن جي خواري ۽ رسوائي ٿي جيکي اصحابن سڳورن تي منافقي ۽ ڪفر جا الزام هڻن ٿا ۽ انهن تي گند اڇلائن ٿا.

لَقَدْ صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوْلَهُ الرُّؤْيَا بِالْحَقِّ لَتَدْخُلُنَّ الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ

البتہ تحقيق سچو ڏيکاريو الله پنهنجي رسول کي خواب حق سان تہ البتہ ضرور داخل ٿيندو مسجد

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ مُحَلِّقِيْنَ رُؤُسَكُمْ وَمُقَصِّرِيْنَ لَا تَخَافُوْنَ فَعَلِمَ

حرام ۾ جڏهن گهريو الله امن وارا ٿيندڙ کوڙائيندڙ مٿا پنهنجا ۽ ڪترائيندڙ نہ ڊڄندؤ پوءِ ڄاڻي پيو

مَالَمْ تَعْلَمُوْا فَجَعَلَ مِنْ دُوْنِ ذٰلِكَ فَتْحًا قَرِيْبًا (٢٧)

.جيکي اوهان نہ پيا ڄاڻو پوءِ ڪيائين ان کان سواءِ ويجهي فتح.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي عمره کان روڪڻ جو بيان هو ۽ هتي ڪين عمره ڪرڻ ۽ بيت الله شريف ۾ داخل ٿيڻ جي ڪاميابيءَ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "لَقَدْ صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوْلَهُ الرُّؤْيَا بِالْحَقِّ" البتہ تحقيق الله پنهنجي رسول کي سچو خواب ڏيکاريو.

خواب ڪهڙو هو؟

هن آيت ۾ ذڪر ڪيل خواب جي متعلق مفسرن لکيو آهي تہ حضورعليه الصلوٰة والسلام جن هڪ رات خواب ڏٺو تہ پاڻ پنهنجن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم سان گڏ مڪه مڪرمه ۾ تشريف فرما ٿيا آهن ۽ بيت الله شريف جو طواف ۽ عمره جا احڪام ادا ڪيا اٿن صبح جو نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن اهو خواب اصحابن پيارن رضي الله عنهم کي ٻڌايو تہ اهي دليون جيکي ڪيتري

مدت کان بيت الله شريف جي طواف لاءِ تڙپي رهيون هيون اهو خواب ٻڌي انهن جي خوشيءَ جي ڪا انتها نہ رهي ۽ ذوالقعده مهيني ۾ حضور پاڪ عليه الصلوة والسلام جن سان گڏ هي الله جلت صفاته جي پيارن ٻانهن جو قافلو روانو ٿيو "لبيڪ اللهم لبيڪ" جي دل ڀرور حسين آوازن سان ميدان ۽ جبل گونججي ويا. سفر ڪندي جڏهن اهي حديبيه جي ميدان ۾ پهتا تہ ڪافرن ڪين روڪيو ۽ اهي واقعات پيش آيا جن جو ذڪر اوهان سيرت طيبه جي موضوع تي لکيل وڏن ڪتابن ۾ پڙهي سگهو ٿا. اتي صلح نامي تي صحيحون ٿيون ۽ مسلمانن کي بيت الله جي زيارت ڪرڻ کان سواءِ واپس ٿيڻو پيو. حضرت فاروق اعظم رضي الله عنه سيني جي ترجماني ڪندي عرض ڪيو تہ "يارسول الله! اوهان فرمايو هو تہ اسين بيت الله جي زيارت ۽ ان جو طواف ڪنداسين؟ پاڻ فرمايائون تہ "بيشڪ پر ڇا مون اوهان کي ائين فرمايو هو تہ هن سال ۾ ئي اهو شرف حاصل ڪندؤ" حضرت عمر عرض ڪيو تہ "نہ اوهان ائين تہ ڪونہ فرمايو هو" پاڻ فرمايائون تہ "اوهان بيت الله شريف ۾ ايندا ۽ ان جو طواف ڪندا" سندن ان فرمان سان اهي سڀ خوش ۽ وڏيڪ مطمئن ٿيا. الله عزوجل ان سلسلي ۾ هيءَ آيت نازل ڪرڻ فرمائي ۽ نهايت تاڪيدي الفاظن سان فرمايو تہ "الله پنهنجي رسول کي سچو خواب ڏيکاريو آهي، ان جي حق هجڻ ۾ ڪو شڪ ناهي" هن جملي جي لفظ "صدق" جي معنیٰ آهي سچو ڏيکاريو. اهائي معنیٰ وڏيڪ صحيح آهي ترجمو ڪندڙن ان جي معنیٰ ڪئي آهي "سچو ڪري ڏيکاريو" لغت ۾ صدق ان معنیٰ سان بہ آيل آهي پر هتي اها معنیٰ مناسب ناهي ڇوتہ هيءَ آيت حديبيہ کان واپسيءَ تي رستي ۾ نازل ٿي هئي ۽ ان خواب جي پورائي ٻئي سال ٿي هئي. ٻيءَ معنیٰ ڪرڻ تي تاويل جو سهارو وٺڻو پوندو. (١)
"لَتَدْخُلُنَّ الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ إِنْ شَاءَ اللَّهُ آمِنِينَ مُحَلِّقِينَ رُءُوسَكُمْ وَمُقَصِّرِينَ لَا تَخَافُونَ" البتہ مسجد حرام ۾ جڏهن الله گهريو تہ ضرورو داخل ٿيندؤ امن ۾ رهندڙ پنهنجا مٿا ڪوڙيندڙ ۽ ڪترائيندڙ ڊپ نہ ڪندؤ. هتي ان خواب جي وضاحت ڪئي وئي آهي تہ "جڏهن الله گهرندو تہ اوهان ضرور بيت الله شريف جي مسجد حرام ۾ داخل ٿيندؤ عمره ادا ڪري پنهنجا مٿن جا وار ڪوڙائي يا ڪترائي احرام ڪوليندؤ.

(١) ضيا القرآن ص٥٦٥ جلد ٤- المراغي ص١١٦ جزء ٢٦ جلد ٩

هڪ اهم وضاحت.

هتي "اِنۡشَآءَاللّٰهُ" جي آيل لفظن مان مراد تي متان ڪو اعتراض ڪري تہ جڏهن الله عزوجل پاڻ اهو ارشاد فرمايو آهي تہ پوءِ "انشاءالله" چوڻ ڇاجي لاءِ؟ ان جي جواب ۾ ٻہ عرض آهن. ١- تہ هتي اِنۡ اِذۡ جي معنىٰ ۾ آيل آهي ۽ اهو عربي زبان ۾ گهڻو استعمال آهي. صاحب لسان العرب لکيو آهي "وتجيء ان بمعنى اذ" اِنۡ اِذۡ جي معنىٰ ۾ ايندي آهي. (١)

٢- تہ هن ۾ مکه مکرمه جي مشرکن جي غرور کي ٽوڙيو ويو آهي تہ اهي سمجهن ٿا تہ مکه مکرمه ۾ اهو داخل ٿيندو جنهن کي اسين گهرنداسون. الله عزوجل فرمايو تہ ائين ناهي جيڪڏهن مان الله گهران تہ ڪير بہ داخل ٿي سگهندو سڀ ڪجهہ منهنجي مشيت سان وابسته آهي منهنجي حبيب عليه الصلوة والسلام ۽ اصحابن پيارن جي واپسي ۾ ڪيتريون حڪمتون آهن جيڪي آهستي آهستي ظاهر ٿينديون. اهو وعدو ٻئي سال سنہ ٧ هجري ۾ پورو ٿيو ۽ تاريخ جي ڪتابن ۾ هي عمره "عمرة القضاء" جي نالي سان مشهور آهي. (٢)

"فَعَلِمَ مَالَمۡ تَعۡلَمُوۡا فَجَعَلَ مِنۡ دُوۡنِ ذٰلِكَ فَتۡحًا قَرِيۡبًا" پوءِ جيڪي اوهان نہ پيا ڄاڻو اهو (الله) ڄاڻي پيو پوءِ ان کان سواءِ ويجهي فتح عطا ڪيائين. مطلب تہ الله عزوجل کي اهو علم هو ۽ آهي تہ جيڪڏهن اوهان مکه مکرمه وارن تي حملو ڪيو ها تہ ممکن هو جو ڪيترا لک ۾ مسلمان يا جن ۾ اسلام قبول ڪرڻ جي صلاحيت هئي اهي تڪليف ۾ اچن ها اها اوهان کي ڄاڻ نہ هئي. اهي حڪمتون ۽ مصلحتون الله عزوجل ئي ڄاڻي ٿو (٣) ۽ ان کان الله جل مجده مسلمانن کي هڪ ويجهي فتح يعني خيبر جي فتح بہ عطا فرمائي. (۴)

مکه مکرمه ۾ داخلا.

الله عزوجل جي وعدي مطابق حضرت حبيب پاڪ عليه الصلوة والسلام جن ٻئي سال پنهنجن اصحابن رضي الله عنهم سان گڏ عمرة القضاء جي لاءِ مکه مکرمه ۾ تشريف فرما ٿيا جڏهن سندن مکه مکرمه ۾ داخل ٿيڻ جو وقت آيو تہ ان

(١) ضياءُ القرآن ص ۵٦۴ جلد ۴ (٢) تفهيم القرآن ص ٦١ جلد ۵ (٣) ايسرالتفاسير ص ٢٨١ جلد ۴
(۴) القرطبي ص ٢٩١ جلد ١٦

حسد کان تہ مسلمانن جو ھي عظیم منظر نہ ڏسن مکه مکرمه جا وڏا وڏا ڪافر اڳواڻ شهر مان ئي نڪري ويا ۽ انھن کان سواءِ اتي موجود مرد، عورتون، ٻار رستن تي، جڳھن تي ۽ جنھن کي جتي جاءِ ملي ويھي ۽ بيھي اھو منظر ڏسڻ لڳا حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن پنھنجي "قصوىٰ" نالي ڏاچي مبارڪ تي سوار ٿي رونق افروز ٿيا مسلمانن جي زبان تي لبيڪ جون لاتيون ھيون ۽ سندن آمد سان مکه مکرمه جي گھٽين ۾ نهايت مزا محسوس ٿي رهيا هئا ۽ اتي "لااله الاالله محمد رسول الله" جا مٺا ٻول ٻڌڻ ۾ آيا.

فائدا- مذڪوره آيتن مان ھي فائدا حاصل ٿين ٿا:

١- "لَقَدْ صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوْلَهُ الرُّؤْيَا بِالْحَقِّ" (البتہ تحقيق الله پنھنجي رسول کي خواب سچو ڏيکاريو) مان معلوم ٿيو تہ "نبين (عليهم الصلوٰة والسلام) جا خواب حق آهن ۽ سندن خواب وحي جو ھڪم قسم هوندو آهي. ۽ حديبيہ جي ميدان ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ئي فرمايو تہ حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي خواب جو وقت مقرر ٿيل نہ هو. ٢- "مُحَلِّقِيْنَ رُؤُسَكُمْ وَمُقَصِّرِيْنَ" (پنھنجا مٿا ڪوڙائيندڙ ۽ ڪترائيندڙ) هن ۾ صرف مردن جي ذڪر ڪرڻ مان معلوم ٿيو تہ احرام کي کولڻ جي لاءِ مرد مٿو ڪوڙائي بہ سگھن ٿا تہ ڪترائي بہ سگھن ٿا نبي عليه الصلوٰة والسلام جن عمره جي احرام کولڻ جي لاءِ مٿي پاڪ جا وار مبارڪ حضرت معاويه رضي الله عنه کان ڪينچيءَ سان ڪترايا هئا ۽ حج جو احرام مٿو ڪوڙائڻ سان کوليو هيائون (١)٣- "اِنْ شَاءَ اللّٰهُ" (جنھن وقت الله گھريو) هن مان ايندڙ ڪم يا حالت جي لاءِ انشاءالله چوڻ جو تاڪيد معلوم ٿي رهيو آهي. (٢)

هُوَالَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ

(الله) اهو آهي جنھن موڪليو پنھنجو رسول هدايت ۽ سچي دين سان

(١) الجامع الاحكام القرآن صہ٢٩١ جلد٦ (٢) معارف القرآن صہ٩٠ جلد٨

لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ؕ(٢٨)

تانته غالب بنائي ان کي سڀني دينن تي ۽ ڪافي آهي الله شاهدي ڏيندڙ

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ

محمد الله جو رسول آهي ۽ جيڪي ان سان گڏ آهن ڏاڍا سخت آهن ڪافرن تي

رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ تَرٰهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ

رحم ڪندڙ پاڻ ۾ ڏسندين، انهن کي رڪوع ڪندڙ، سجدا ڪندڙ طلب ڪن ٿا مهرباني الله کان

وَرِضْوَانًا ؗ سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ ؕ

۽ رضامندو نشاني انهن جي انهن جي منهن ۾ سجدي جي اثر کان

معانقة ١٥ ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ ۛۚ وَمَثَلُهُمْ فِي الْاِنْجِيْلِ ۛۚ

آهي اها وصف انهن جي توراة ۾ (ذڪر ڪيل) آهي ۽ انهن جي وصف انجيل ۾ آهي

كَزَرْعٍ اَخْرَجَ شَطْاَهٗ فَاٰزَرَهٗ فَاسْتَغْلَظَ فَاسْتَوٰى

ان پوک وانگر (آهي جنهن) ڪڍيو سلو پنهنجو پوءِ مضبوط ڪيائين ان کي پوءِ ٿلهو ٿيو پوءِ سڌو ٿي

عَلٰى سُوْقِهٖ يُعْجِبُ الزُّرَّاعَ لِيَغِيْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ ؕ وَعَدَ اللّٰهُ

بيٺو پنهنجي تيليءَ تي وڻي پئي پوکيندڙن کي تانته ڪاوڙ ڏياري انهن سان ڪافرن کي وعدو ڏنو الله

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنْهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ع(٢٩). ع٤ ١٢

انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڪيائون صالح عمل انهن مان بخشش ۽ ثواب وڏي جو.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ جيڪي فتوحات جا وعدا غنيمتن ملڻ جا انجام ۽ حديبيه ۾ اچڻ وارن اصحابن جون خصوصًا ۽ ٻين سڀني اصحابن رضي الله عنهم اجمعين جون عمومًا فضيلتون ۽ بشارتون مذڪور ٿيون، هاڻي هن سورة جي آخر ۾ انهن مضمونن جي تلخيص ۽ تاڪيد مذڪور آهي ۽ جڏهن ته اهي سڀ حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جن جي ذريعي عطا ٿيون آهن ان جي ڪري سندن رسالت جي منڪرن جي رد ۾ ارشاد ٿي رهيو آهي "هُوَالَّذِيٓ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰى وَدِيۡنِ الۡحَقِّ" اهو (الله) ئي آهي جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو. هن آيت ۾ الله عزوجل ٻڌايو ته پنهنجي پياري رسول عليه الصلوٰة والسلام جن کي هدايت ۽ حق واري سچي دين سان مون موڪليو آهي مون ئي کيس ڪتاب عطا ڪيو آهي ۽ سڀني دينن کان وڌيڪ حق ۽ سچ واري دين سان نوازيو آهي "لِيُظۡهِرَهٗ عَلَى الدِّيۡنِ كُلِّهٖ" تانته ان کي سڀني دينن تي غالب بنائي. يعني الله ان کي اهو دين ڏيئي ان جي ڪري مبعوث فرمايو ته ان کي ٻين سڀني دينن تي غلبو عطا ڪري ان سان ٻيا سڀ دين منسوخ ٿي ويندا ۽ اهو انهن جي فاسد عقائد کي کولي کولي بيان ڪندو. (١)

"وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيۡدًا" ۽ الله شاهدي ڏيندڙ ڪافي آهي. هي ارشاد ان جي ڪري ٿيو جو ڪافرن حديبيه جي صلح نامي ۾ "مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ" تي اعتراض ڪري رسول الله جو لفظ مٽرايو هو، الله عزوجل فرمايو ته اسان جي رسول جو رسول هجڻ هڪ حقيقت آهي جنهن ۾ ڪنهن جي مڃڻ يا نه مڃڻ سان ڪو فرق نه پوندو ان جي برحق هجڻ لاءِ الله عزوجل جي شاهدي ڪافي آهي. (٢)

"مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ" محمد الله جو رسول آهي. (عليه الصلوٰة والسلام) پوري قرآن ڪريم ۾ صرف چار جايون آهن جتي حضرت حبيب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جو هي اسم مبارڪ ذڪر ڪيل آهي، باقي ڪين القاب سان سڏيو ويو آهي. (٣)

علامه اسماعيل حقي عليه الرحمة لکيو آهي ته: حضور ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن سڀ کان اول خلقيا ويا ۽ پاڻ سڀني کان اول نبي هئا. سندن فرمان ته

(١) المراغي ص ١١٣ جزء ٢٦ جلد ٩ (٢) تفهيم القرآن ص ٦٢ جلد ٥ (٣) معارف القرآن ص ٩١ جلد ٨

"مان نبي هوس ۽ آدم مٽيءَ ۽ پاڻيءَ جي وچ (واري مرحلي) ۾ هو." ان مان مراد آهي ته پاڻ ابتداء کان ئي بالفعل نبي هئا، کين پنهنجي نبي هجڻ ۽ ٻين جي نبي هجڻ جو به علم هو. ۽ ان کان سواءِ ٻيا نبي نه بالفعل نبي هئا نه کين اها خبر هئي انهن کي خبر تڏهن پئي جڏهن کين وجود ڏيئي دنيا ۾ آندو ويو پوءِ جيکي به ڪائنات بعد ۾ آيا اهي سندن نائب ۽ خليفا هئا پوءِ اڳي آيا جيئن انبياء ۽ مرسلين عليهم الصلوٰة والسلام يا ڪائنات بعد ۾ آيا جيئن (خلفاء راشدين ۽ ٻيا اصحاب سڳورا) ۽ اولياء ڪاملين. پاڻ فرمايائون ته "مان الله جي نور مان آهيان ۽ مؤمن منهنجي نور جي فيض مان آهي، پاڻ عالي ۽ مقدم آهن ۽ ٻيا ڪائنات پوئتي آهن، جيئن سندن فرمان آهي "مان انهن کان خلقت ۾ اول ۽ بعثت ۾ آخر آهيان" پاڻ اهڙا رسول آهن جو ڪو رسول به ساڻن برابر ناهي ڇوته پاڻ ساري مخلوق جا نبي آهن جيکي دنيا ۾ سندن زماني کي پهتا انهن جا بالفعل (هاڻي جو هاڻي) ۽ جيکي اڳي هئا انهن جا بالقوة (ان وقت) ۽ آخرت ۾ بالفعل (اتي جو اتي) جڏهن سڀئي سندن جهنڊي جي هيٺان هوندا ۽ الله عزوجل سڀني نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام کان وعدو ورتو هو ته ان تي ضرور ايمان آڻيندا، ۽ ان جي مدد ڪندا جيڪڏهن ان جي دور کي پهتا ۽ انهن نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام وري پنهنجين امتن کان اهو عهد ورتو هو.

حديث پاڪ ۾ آهي ته "مان محمد ۽ احمد آهيان" "مُحَمَّدٌ" جي معنىٰ جنهنجي گهڻي ثنا ڪئي وئي، آسمانن وارن ۽ زمين وارن سندن ثنا گهڻي ڪئي ۽ ڪندا رهندا. ۽ "احمد" جي معنىٰ جنهن الله عز وجل جو تمام گهڻو حمد ڪيو ۽ اهڙين صفتن سان ڪيو جو ڪنهن کي به اهي ذهن ۾ نه آيون. ابن الملڪ شرح المشارق ۾ ائين ذڪر ڪيو آهي. پاڻ عرش تي ابوالقاسم سڏيا وڃن ٿا ۽ آسمانن تي احمد ۽ زمين تي محمد عليه الصلوٰة والسلام سان. حضرت علي رضي الله عنه فرمايو ته: "جنهن به قوم جي ڪنهن مشوري ۾ محمد نالي ڪو ماڻهو ناهي ان ۾ برڪت نه هوندي" ۽ احمد جو الف سندن وجود سان مخلوق جي ابتداء ڏانهن اشارو آهي ۽ محمد جو ميم سندن مؤخر (خاتم النبيين) هجڻ ڏانهن اشارو آهي جيئن سندن

فرمان عاليشان آهي "نَحْنُ الْاٰخِرُوْنَ السَّابِقُوْنَ" اسين پويان. اڳيان آهيون. الله عزوجل اڳين نبين علیٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام مان ظاهري ننڍي زندگيءَ ۾ حضرت يوسف کي کوهہ ۾ وحي موڪلڻ سان. حضرت يحيٰ کي حڪمت عطا ڪرڻ سان. حضرت سليمان کي فهم عطا ڪرڻ سان ۽ حضرت عيسیٰ کي پينگهي ۾ ڳالهائڻ سان نوازيو (علیٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام) پر اسان جي نبي عليه الصلوٰة والسلام جن جي لاءِ فضيلت عظمیٰ ۽ آيت ڪبریٰ ثابت آهي. الله عزوجل ڪين ولادت وقت سجدي ۽ ڪلمہ شهادت پڙهڻ سان نوازيو ۽ مسلمانن وٽ هر قول اختلاف قبول ڪري ٿو "پر "لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ" ۾ ڪوبہ اختلاف ناهي ان جي معنیٰ ڪو نہ بہ ڪري پر قبول آهي نہ بہ سمجهي پر اهو ڪلمہ اڪين ۽ دل تي جميل آهي اهڙي طرح الله عزوجل ڪين سيني جي شرح" متن نبوت کي ختم ڪرڻ ۽ سندن جمڻ وقت ملائڪن ۽ حورن جي خدمت ڪرڻ ۽ حالات ڪان اڳي ئي عالم ارواح ۾ نبوت بالفعل عطا ڪرڻ سان ممنون ۽ مشڪور فرمايو ۽ سندن فضيلت ۽ اختصاص بالشان لاءِ اهو گهٽ ناهي پوءِ مؤمن تي سندن شريعت جي تعظيم ڪرڻ، سندن سنت کي زنده رکڻ ۽ درود وسلام ۽ ٻين نيڪ عملن سان سندن ذات جو قرب حاصل ڪرڻ ضروري آهي ۽ تانتہ ان سان اهو الله جل شانه وٽ اعلیٰ درجات کي پهچي ۽ (سيده) رابعه بصريه عليها الرحمة والرضوان هر ڏينهن ۽ رات ۾ هڪ هزار (١٠٠٠) رڪعتون نفل پڙهندي هئي ۽ فرمائيندي هئي تہ مان ان سان پئي ثواب حاصل ڪرڻ جو ارادو نٿي ڪيان پر اهو ارادو اٿم تہ ان سان رسول الله جن خوش ٿين ۽ ٻين نبين علیٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام کي فرمائن تہ ڏسو هي منهنجي امت مان هڪ عورت جي عبادت آهي ۽ سندن تعظيم ڪرڻ ۾ ميلاد شريف جي خوشيءَ جي اظهار وارو عمل بہ آهي جيڪڏهن ان ۾ ڪو ناجائز ڪم نٿو ڪيو وڃي. (حضرت علامه محدث) سيوطي قدس سره فرمايو تہ اسان جي لاءِ سندن ولادت تي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ مستحب آهي. ۽ امام تقي الدين سبڪي رحمه الله وٽ سندن دؤر جا گهڻا علماء گڏ ٿيا تہ اتي هڪ شخص حضرت (شيخ)

صرصري رحمه الله جا حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي مدح ۾ چيل هي شعر پڙهيا:

قَلِيْلٌ لِمَدْحِ الْمُصْطَفَي اَلْخَطُّ بِالذَّهَبِ
عَلٰی وَرَقٍ مِنْ خَطِّ اَحْسَنَ مَاكَتَبِ

(حضرت) مصطفیٰ عليه الصلوٰة والسلام جي مدح لاءِ سون سان چانديءَ جي ورق تي نهايت سهڻي لکندڙ کان لکرائڻ ٿورو آهي.

وَاَنْ تَنْهَضَ الْاَشْرَافُ عِنْدَ سِمَاعِهٖ
قِيَامًا صُفُوْفًا اَوْ جُثِيًّا عَلَي الرَّكَبِ

۽ هي ته عزت وارا ان جي (مدح) ٻڌڻ وقت صفون لڳائي بيهي يا گوڏن ڀر ويهي محفوظ ٿين. (ته به ٿورو آهي).

اهو ٻڌي امام سبکي ۽ جيڪي علماء وغيرهم مجلس ۾ موجود هئا سڀ اٿي بيٺا ۽ ان مجلس ۾ سيني کي عظيم انس حاصل ٿيو ۽ اهو اقتداء (تابعداري) ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي ۽ ابن حجر هيتمي (عليه الرحمة) فرمايو ته بدعت حسنه تي عمل ڪرڻ متفق طور مستحب آهي ۽ ميلاد شريف ملهائڻ ۽ ان جي لاءِ ماڻهن جو گڏ ٿيڻ به اهڙي طرح يعني "بدعت حسنه" آهي. (١)

"وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ" ۽ جيڪي ان سان گڏ آهن. حضرت امام مالڪ عليه الرحمة والرضوان فرمايو ته- هي حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن ۽ سندن اصحابن رضي الله عنهم جي شان جي متعلق انجيل ۾ نازل ٿيو هو. (٢)

سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته يعني ابابکر اول من آمن به وقام معه يدعوالکفار الی دين الله (٣) يعني ان مان مراد حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه آهي جنهن حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن تي اول ايمان آندو ۽ ساڻن گڏ ڪافرن کي الله عزوجل جي دين ڏانهن سڏيندو رهيو. ۽ بعض مفسرن لکيو ته هن کي عموم تي حمل ڪرڻ وڌيڪ آهي. (٤)

مطلب ته ان مان سڀ اصحاب رضي الله عنهم مراد آهن "اَشِدَّآءُ عَلَی الْكُفَّارِ"

(١) روح البيان صـ٥٥-٥٦ جلد ٩ (٢) الدرالمنشور صـ٥٤١ جلد ٧ (٣) تنويرالمقياس صـ٤٣٤ (٤) فتح القدير صـ٥٥ جلد ٥

ڪافرن تي سختي ڪندڙ آهن. مطلب تہ حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن سان گڏ رهندڙن مؤمنن جي هيءَ صفت بہ آهي تہ اهي ڪافرن تي تمام سخت. انهن جي سامهون سختيءَ سان پيش ايندڙ هوندا آهن. (١)

حضرت امام حسن بصري عليه الرضوان کان روايت آهي تہ اهي ڪافرن تي تشدد ڪرڻ ۾ ان حد تي پهتل هئا جو پنهنجو ڪپڙو انهن جي ڪپڙي کي لڳڻ پسند نہ ڪندا هئا ۽ پنهنجو بدن انهن جي بدن کي لڳڻ گوارا نہ ڪندا هئا. "رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ" پاڻ ۾ مهربان آهن. ۽ سندن هڪ ٻئي تي رحم ڪندڙ هجڻ مان اهو بہ مراد آهي تہ جڏهن هڪ ٻئي کي ڏسندا هئا تہ هٿ ملائيندا ۽ ڀاڪر پائيندا هئا ۽ هٿ ملائڻ ۾ فقيهن جو بہ اختلاف ناهي. ابو داؤد حضرت براء رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اِذَا الْتَقَى الْمُسْلِمَانِ فَتَصَافَحَا وَحَمِدَا اللهَ وَاسْتَغْفَرَاهُ غُفِرَ لَهُمَا" جڏهن ٻہ مسلمان ملاقات ڪن ٿا پوءِ هڪ ٻئي سان هٿ ملائن ٿا ۽ الله جو حمد ڪن ۽ ان کان مغفرت طلب ڪن ٿا تہ (انهن جا گناهہ) بخش ڪيا وڃن ٿا. ۽ ترمذي جي روايت ۾ آهي تہ "مَامِنْ مُسْلِمَيْنِ يَلْتَقِيَانِ فَيَتَصَافَحَانِ اِلَّا غُفِرَ لَهُمَا قَبْلَ اَنْ يَتَفَرَّقَا" ڪي بہ ٻہ مسلمان ملاقات ڪري هٿ ملائن ٿا تہ انهن جي جدا ٿيڻ کان اڳي سندن گناهہ بخش ڪيا وڃن ٿا. علامه نووي الاذڪار ۾ آندو آهي تہ هٿ ملائڻ هر ملاقات ۾ مستحب آهي ۽ ان ئي اذڪار ۾ آهي تہ سفر وغيره تان موٽڻ واري کي ڀاڪر پائي ملڻ ۽ چمي ڏيڻ ۾ ڪو ڏڦ ناهي ۽ لسي ڇوڪر کي چمڻ هر حال ۾ حرام آهي.(٢)

رحمدلي جو حڪم.

ابن ابي شيبه ۽ ابوداؤد حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان مرفوعًا آندو آهي تہ "مَنْ لَمْ يَرْحَمْ صَغِيْرَنَا وَيَعْرِفْ حَقَّ كَبِيْرِنَا فَلَيْسَ مِنَّا" يعني (رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ) جنهن اسان جي ننڍي تي رحم نہ ڪيو ۽ اسان جي وڏي جي حق کي نہ سڃاتو اهو اسان مان ناهي.

احمد، ابن حبان ۽ ترمذي (وحسنه) حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون

(١) تفسير ابن كثير صـ٢٠۴ جلد۴ (٢) روح المعاني صـ١٢۴ جز٢٦ جلد٩

"لَاتُنْزَعُ الرَّحْمَةُ اِلا مِن شَقِيٍّ" بدبخت کان سواءِ ٻئي مان رحمت ڪڍي نہ ويندي.

توجہ طلب: شرعي مصلحت تحت دين جي دشمن سان نيڪي ۽ احسان ڪرڻ ۾ ڪو ڏڪ ناهي (كما افاده ابن الحجر في فتاواه الحديثية) (١)

"تَرٰهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللهِ وَرِضْوَانًا" انهن کي رکوع ڪندڙ، سجدا ڪندڙ ڏسندين الله جي فضل ۽ رحم جي طلب ڪن ٿا. هتي انهن جي عمل صالح جي ڪثرت، خيرالاعمال نماز جي ڪثرت بيان ڪرڻ سان گڏ سندن اخلاص ۽ رياءِ کان پاڪ صاف هجڻ بيان ڪيو ويو آهي تہ اهي الله عزوجل جو فضل گهرن ٿا جنهن مان مراد دنيا ۾ رزق جي ڪشادگي ۽ آخرت ۾ جنت جي خواهش آهي ۽ الله عزوجل جي رضا تہ سڀ کان وڏيڪ آهي (٢) "سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِالسُّجُوْدِ" سندن پيشانيءَ تي سجدن جي اثر جي ڪري نشاني آهي. يعني انهن جي بزرگي ۽ نيڪيءَ جا آثار ۽ انوار سندن منهن مان ظاهر آهن حقيقت ۾ انسان جو باطني حال سندن منهن تي ظاهر ٿيندو آهي شب خيز، با خدا ماڻهن جي منهن ۾ جيڪي انوار ۽ برڪتون هونديون آهن اهي رياڪارن ۽ باطن جي انڌن ۾ نہ هونديون آهن، الله عزوجل ان جي ڏسڻ لاءِ اک بہ اهڙي عطا ڪري اسلام جي هيءَ بہ هڪ وڏي برڪت آهي جو ڪنهن جي مسلمان ٿيڻ سان ئي ان جي منهن تي نور ۽ برڪت معلوم ٿيڻ لڳندي آهي. (٣) ۽ اهو بہ قول آهي تہ ان مان مراد قيامت جي ڏينهن سندن منهن تي ظاهر ٿيندڙ نور ۽ چمڪ آهي جنهن سان سڃاتا ويندا تہ اهي دنيا ۾ سجدا ڪندا هئا (٤)

"ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِي التَّوْرٰاةِ" اهو انهن جو توارة ۾ بيان آهي. هڪ قول مطابق "ذٰلِكَ مبتداء" ۽ "مَثَلُهُمْ فِي التَّوْرَاة" ان جي خبر آهي. (٥) يعني حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي اصحابن رضي الله عنهم جون بيان ڪيل صفتون توراة ۾ بہ آهن. "وَمَثَلُهُمْ فِي الْاِنْجِيْلِ كَزَرْعٍ اَخْرَجَ شَطْاَهٗ فَاٰزَرَهٗ فَاسْتَغْلَظَ فَاسْتَوٰى عَلٰى سُوْقِهٖ يُعْجِبُ الزُّرَّاعَ" ۽ انجيل ۾ انهن جي صفت هڪ پوک وانگر آهي جنهن پنهنجو سلو ڪڍيو پوءِ ان کي قوت ڏني پوءِ مضبوط ٿيو پوءِ پنهنجي بنياد تي سڌو ٿي بيٺو.

(١) ساڳيو حوالو (٢) تفسير ابن ڪثير ص٢٠۴ جلد ۴ (٣) تفسير حقاني ص٢٩٦ جلد ٦ (۴) المظهري ص٣٦ جلد ٩ (٥) التفسيرالكبير ص١٠٨ جز ٢٨

پوکينديڙن کي خوش پيو ڪري مقصد تہ حضرت نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام جي اصحابن سڳورن جي انجيل ۾ بيان ڪيل صفت هيئن آهي تہ اهي هڪ پوک وانگر آهن جنهن جا سلا نهايت ڪمزور ٿي نڪتا پوءِ مضبوط ٿيا وڌيا ۽ اهڙا اٿيا جو پوکينديڙن کي وڻن پيا. اصحابي سڳورا بہ پهريان ٿورڙا هوندا هئا پوءِ وڌندا گهٽا ۽ مضبوط ٿيندا نهايت قوت وارا بڻجندا ۽ اهڙي طاقت ۾ ايندا ويا جو الله جل شانه ۽ ان جي حبيب عليه الصلوة والسلام جن ۽ ٻين کي وڻن پيا. "لِيَغِيْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ" تانتہ انهن سان ڪافرن کي ڪاوڙ ڏياري يعني الله عزوجل انهن کي ان جي ڪري وڌائيندو تانت ڪافر انهن سان ڪاوڙ رکن. "وَعَدَاللهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوالصّٰلِحٰتِ مِنْهُمْ مَّغْفِرَةً وَّ اَجْرًا عَظِيْمًا" الله انهن مان ايمان ۽ صالح عمل ڪرڻ وارن کي مغفرت ۽ وڏي اجر جو وعدو ڏنو آهي. مطلب تہ الله عزوجل انهن مؤمنن صالح عمل ڪندڙنسان مغفرت ۽ وڏي اجر ڏيڻ جو وعدو ڪيو آهي ۽ الله جو وعدو پڪو آهي ان جي خلاف ورزي نہ ٿيندي آهي.

فائدا- مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا:

١-"لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ" (تانتہ ان کي سڀني دينن تي غالب بنائي) مان واضح ٿيو تہ دينِ اسلام سڀني دينن تي غالب ٿيندو ۽ الحمدلله الله جلت صفاته جو اهو وعدو پورو ٿيو اسلام سان ٻيا دين منسوخ ٿيا ۽ صحابہ ڪرام کي شاندار فتوحات حاصل ٿيون، سوين سالن تائين دنيا تي مسلمانن جي بادشاهي غالب رهي هلندڙ دؤر ۾ بہ جيتوڻڪ اسين ڪمزور آهيون پر پوءِ بہ دين اسان جو غالب، مسجدون اسان جون آباد، حج ۽ قربانيون قائم آهن ۽ مسلمانن ۾ ئي اولياء سڳورا هئا. آهن ۽ هوندا. ٢- "وَكَفٰى بِاللهِ شَهِيْدًا" (۽ الله شاهد ڪافي آهي) ۾ بيان ٿيو تہ مصطفوي نبوت جو شاهد خود خدا آهي، حضور عليه الصلوة والسلام جن جا معجزا بہ شاهد آهن ۽ قرآن پاڪ ۾ ڪين " رسول الله" سڏڻ بہ الله جلۃ صفاته جي شاهدي ڏيڻ آهي.

٣- "مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ" (محمد الله جو رسول آهي) مان معلوم ٿيو تہ پاڻ الله جي ساري مخلوق ڏانهن رسول آهن سندن رسالت عام آهي ان ۾ ڪو قيد لڳايل ناهي جنهن جو الله رب آهي ان لاءِ حضور عليه الصلوة والسلام رسول آهي حضرت آدم جي رسالت سڀني انسانن جي لاءِ هئي جيڪي ان جو اولاد ۽ ان وقت موجود

هئا پر حضور عليه الصلوة والسلام جن جي رسالت ساري مخلوق جي لاءِ آهي.
ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ "مُحَمَّدٌ" لفظ قرآن پاڪ ۾ چئن جاين تي آيل آهي. محمد اهو آهي جنهن جي دنيا ۽ آخرت ۾ هر هر تعريف ڪئي وڃي. ۽ قيامت ۾ "لواء الحمد" بہ سندن هٿ ۾ هوندو. ۴- "وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ" (۽ جيڪي ان سان گڏ آهن) مان مراد سڀ اصحاب بہ آهن پر خاص ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جيڪو حضور عليه الصلوة والسلام جن جي غار جو بہ ساٿي تہ مزار جو بہ ساٿي آهي. ڪمال الدين حسين الواعظ لکيو آهي "وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ" صديق است ڪہ بقرب ومعيت ورفاقت دردار وغار واسفار مخصوص بوده. (١) يعني "وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ" صديق آهي جيڪو قرب، گڏ هجڻ ۽ دار، غار ۽ سفر ۾ رفاقت سان مخصوص رهيو. ۵- اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ" (ڪافرن تي سختي ڪندڙ) مان مراد حضرت عمر آهي. ٦- "رُحَمَاءُ بَيْنَهُمْ" (پاڻ ۾ رحم ڪندڙ) مان مراد حضرت عثمان آهي. اهو سيني عالمن جو متفق قول آهي جو ان جي نرمي حياء، دلنوازي، وفاداري مشهور آهي ۽ اهوئي خالق ۽ مخلوق وٽ انهن صفتن سان موصوف آهي. ٧- "تَرٰاهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا" (انهن کي رڪوع ڪندڙ سجدا ڪندڙ ڏسندين) مان مراد حضرت علي مرتضیٰ رضي الله عنه جن آهن جيڪي پنهنجي زندگيءَ جا گهڻا وقت عبادت ۾ گذاريندا هئا ايتري قدر جو سندن خادم هر رات هزار رڪعتن جي تڪبير تحريم جو آواز ٻاهر ٻڌندا هئا. (٢) ٨- "لِيَغِيْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ" (تانتہ انهن سان ڪافرن کي ڪاوڙ ڏياري) مان معلوم ٿيو تہ اصحابن رضي الله عنهم جو شان ٻڌي ڪاوڙ ڪرڻ ڪافرن جو ڪم آهي، حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه فرمايو تہ "من اصبح وفي قلبه غيظ على اصحاب محمد صلى الله عليه وسلم فقد اصابته هٰذه الاية. (٣) جنهن جي قلب ۾ حضرت محمد صلى الله عليه وسلم جن جي اصحابن رضي الله عنهم سان ڪاوڙ آهي اهو هن آيت جي هن حصي ۾ داخل آهي. شيعي عالم طوسيءَ (شيخ الطائفه) پنهنجي تفسيرالتبيان ۾ مذڪور جملي جي متعلق لکيو آهي "معناه ليغيظ بالنبي واصحابه الكفار والمشركين" (۴) يعني ڪافر ۽ مشرڪ نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام ۽ ان جي اصحابن سان ڪاوڙ ڪن ٿا. ٩- "مِنْهُمْ" (انهن مان). هتي من بيانيہ آهي جيئن "فَاجْتَنِبُوا الرِّجْسَ مِنَ الْاَوْثَانِ" پوءِ پليديءَ ڪان بتن مان پاسو ڪيو)

(١) تفسير حسيني صہ٨٢٥ فارسي (٢) ساڳيو حوالو (٢) المظهري صہ٣٨ جلد ٩ (۴) ضياء القرآن صہ٥٧٢ جلد ۴

۾ "من" بيانيه آهي. بعض جي معنىٰ ۾ ناهي جو ڪو چوي ته ان مان مراد بعض اصحاب آهن. "فاتتبه"

اصحاب ڪرام جو شان نبوي فرمان مان.

١- حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته حضرت نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام جن فرمايو "اَرْحَمُ اُمَّتِيْ اَبُوْبَكْرٍ وَاَشَدُّهُمْ فِيْ اَمْرِاللهِ عُمَرُ وَاَصْدَقُهُمْ حَيَاءً عُثْمَانُ وَاَقْضَاهُمْ عَلِيٌّ وَاَفْرَضُهُمْ زَيْدٌ. وَاَقْرَءُهُمْ اُبَيٌّ وَاَعْلَمُهُمْ بِالْحَلَالِ وَالْحَرَامِ مُعَاذُ بْنُ جَبَلٍ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ اَمِيْنٌ وَاَمِيْنُ هٰذِهِ الْاُمَّةِ اَبُوْعُبَيْدَةَ بْنُ الْجَرَّاحِ. (١)

منهنجي امت ۾ وڏيڪ رحمدل ابوبڪر آهي ۽ انهن مان الله جي امر ۾ وڏيڪ سخت عمر آهي ۽ انهن مان وڏيڪ سچو حياء جي لحاظ سان عثمان آهي ۽ انهن مان وڏيڪ قاضي علي آهي، ۽ انهن مان ورثي جي علم ۾ وڏيڪ زيد آهي ۽ انهن مان وڏيڪ قاري اُبي آهي ۽ انهن مان حلال ۽ حرام ڪي وڏيڪ ڄاڻندڙ معاذ بن جبل آهي ۽ هر امت جي لاءِ امين آهي ۽ هن امت جو امين ابوعبيده بن جراح آهي. (رضي الله عنهم). ٢- ترمذي حضرت بريدة رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "مَا مِنْ اَصْحَابِيْ يَمُوْتُ بِاَرْضٍ اِلَّا بُعِثَ قَائِدًا اَوْنُوْرًا لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ" (٢) منهنجن اصحابن مان ڪنهن به زمين تي ڪو وفات ڪندو ته اتي وارن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن اڳواڻ ۽ نور ڪري اٿاريو ويندو- الحمدلله جو مون عاجز، ڪمزور ٻانهي خميس جي ڏينهن صبح جو ٦ لڳي پنجونجاهه منٽن تي بمؤرخه ٧ شعبان معظم ١٤٢٥هـ الموافق ٢٣- ٩- ٢٠٠٤ تي پنهنجي گهر ۾ سورة الفتح جو تفسير لکي پورو ڪيو. مالڪ مٺي جي بارگاه بي ڪس پناهه ۾ عرض التجا ۽ دلي دعا آهي ته اهو ڪريم ڪرم ڪري باقي رهيل سورتن جو تفسير به جلد ڪان جلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي. آمين يا رب العلمين بوسيلة النبي الامي الامين عليه وعلىٰ آله واصحابه الصلوات والتسليمات الى يوم الدين واناالفقيرالمستغيث من الله المغيث محمد ادريس الداهري نسبًاالحنفي مذهبًا النقشبندي الشاذلي العلوي مشربًاالسني مسلكًا وعقيدتًا. وفقني الله عزوجل لما يحب ويرضىٰ.

(١) المراغي صـ١١٧ جزء ٢٦ جلد ٩ (٢) المظهري صـ٣٧ جلد ٩

سورة الحجرات جو تعارف

هن سورة مبارڪ جي تعارف ۾ هي ڇهہ "٦" ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت مفيد آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة سڳوريءَ جو نالو "الحُجُرَاتِ" آهي جيڪو هن جي آيت ع ۴ مان ورتل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٻہ رڪوع، ارڙهن آيتون، ٽي سؤ ٽيتاليهہ يا پنجٽيهہ ڪلما ۽ چوڏهن سؤ ڇاهتر (١۴٧٦) حرف آهن. (١)

مڪيہ آهي يا مدنيہ؟ ابن الضريس، نحاس، ابن مردويہ ۽ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويہ حضرت ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايتون آنديون آهن تہ سورة "الحجرات" مدينہ منوره ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول جو زمانو: هن سورة جي آيتن جي شان نزول کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪي وفد حبيب پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي زيارت جي شرف حاصل ڪرڻ لاءِ آيا هئا انهن کي دربار نبوي علیٰ صاحبہ الصلواة والسلام جا آداب سيکارڻ جي لاءِ هي آيتون نازل ٿيون هيون ۽ سيرت طيبہ جي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي مدني دور جي آخر ۾ آيا هئا نتيجو اهو نڪتو تہ هن سورة جي نزول جو زمانو مدني دور جو آخري حصو آهي.

اڳيئن سورة سان تعلق ۽ ربط: هن سورة جي اڳيئن سورة سان تعلق جي متعلق مفسرن لکيو آهي تہ اڳين سورة بہ مدنيہ آهي تہ هيءَ سورة بہ مدنيہ آهي ۽ اڳينءَ سورة ۾ ڪافرن سان جنگ جو بيان هو ۽ هن ۾ باغين سان جنگ ڪرڻ جو ذڪر آهي. (٣)


مضمون: هن سورة جي آيتن جو تعداد جيتوڻيڪ ارڙهن "١٨" آهي پر انهن ۾ نهايت اهم موضوع بيان ڪيل آهن جن تي اعتقاد، اخلاق، سيرت ۽ ڪردار جو محل تعمير ڪري سگهجي ٿو ۽ انهن جي برڪت سان معاشري ۾ انس، محبت ۽ ايثار جي فضا پيدا ڪري سگهجي ٿي الله تعالیٰ هن ۾ سڀ کان پهريان بارگاهہ رسالت جي ادب ۽ احترام لاءِ حتمي احڪام صادر فرمائيندي ارشاد ڪيو تہ " جيڪڏهن اوهان منهنجي حبيب عليہ الصلواة والسلام جي سامهون وڏي آواز سان ڳالهايو تہ اوهان جا سمورا نيڪ ۽ صالح عمل نيست ۽ نابود ٿي ويندا، منهنجو محبوب عليہ الصلواة والسلام آرام فرما هجي تہ ٻاهران ٻيهي سڏ نہ ڪيو. بلڪ انتظار ڪيو جڏهن پاڻ ٻاٿهي

(١) خازن ص١٦٣ـ جلد ۴ ضياءُ القرآن ص٥٧٥ـ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور ص٥۴٦ـ جلد ٧ (٣) روح المعاني ص١٣١ـ جزءُ ٢٦ جلد ٩

ٻاهر تشريف فرما تين ان وقت کين پنهنجي معروضات پيش ڪيو. هن سورة ۾ مختلف نمونن سان بارگاه نبوت جي ادب ۽ احترام تعظيم ۽ توقير جو نقشو مومنن جي دل جي پٽيءَ تي چٽيو ويو آهي تانت ڪو مومن ڀلجي به سندن گستاخي نه ڪري. ان کان پوءِ مسلمانن کي ٻڌايو ويو آهي ته ايترا سادا به نه بنجو جو ڪو به ڪا ڳالهه ڪري ته ان تي اعتبار ڪري غصي ۾ اچي رد عمل جو اظهار ڪيو جڏهن به ڪو ماڻهو ڪا ڳالهه ڪري ته ان جي تحقيق ڪيو پوءِ قدم کڻو حضرت نبي ڪريم عليه التحيــة والتسليم جن جي اصحابن رضى الله عنهم جي باري ۾ صراحتًا اعلان ڪيل آهي ته اسان ايمان کي انهن جو محبوب بنايو آهي ۽ انهن لاءِ ان کي اهڙو سينگاريو ۽ سهڻو بنايو آهي جو اهي ان کي ڇڏي ڪنهن ٻئي ڏانهن نظر کڻي نهارڻ به پسند نه ڪندا آهن ان سان گڏ انهن جي دلين ۾ ڪفر ۽ نفاق جي لاءِ اهڙي سخت نفرت پيدا ڪيل آهي جو اهي ان جو تصور به ڪري نه ٿا سگهن جن قدسي صفات شخصيتن جي حالت قرآن ڪريم، الهي ڪلام ۾ انهن نوراني لفظن سان بيان ڪئي وئي آهي انهن جي ايمان جي باري ۾ شڪ ڪرڻ ۽ انهن جي عمل واري دامن تي گند اڇلائڻ بدبختي ۽ محروميءَ جي انتها آهي انساني معاشري ۾ ڪنهن سان تعلقات ۾ ڇڪتاڻ پيدا ڪرڻ قطعًا ناممڪن ناهي جيڪڏهن ڪٿي اهڙي حالت پيدا ٿئي ۽ مومنن جون ٻه جماعتون هڪ ٻئي سان وڙهن ته ٻين مسلمانن کي خاموش تي ڏسڻ جي اجازت ناهي بلڪ انهن جي لاءِ حڪم آهي ته اهي اڳتي وڌن ۽ ٻنهي وڙهندڙن ڌرين ۾ صلح ڪرائن ۽ پنهنجو پورو اثر رسوخ استعمال ڪن پر پوءِ به جيڪڏهن هڪ ڌر صلح جي لاءِ تيار نه ٿئي ته حق واري ڌر جو طرف وٺي انهن جي مدد ڪن آيت ع-١٠- ۾ صراحت سان بيان ڪيو ويو آهي ته ڪو انسان ڪٿي به رهي کهڙي ٻولي به ڳالهائي کهڙي نسل جو به هجي جڏهن ان ايمان آندو ته اهو مسلمانن جو ڀاءُ آهي ان لاءِ ڀائپيءَ ۾ ڪا به رڪاوٽ ناهي الله عزوجل کي هيءَ ڳالهه پسند آهي ته اسلامي معاشرو صحيح بنيادن تي قائم، ترقيءَ ۽ خوشحالي سان سينگاريل رهي ان ۾ انهن سڀني ڳالهين کان روڪيو ويو آهي جن سان دلين ۾ نفرت، حقارت، حسد ۽ عداوت پيدا ٿئي هڪ ٻئي سان چٿرون ڪرڻ هڪ ٻئي جي عيب جوئي ۽ هڪ ٻئي تي نڪته چيني ڪرڻ، هڪ ٻئي کي برن لقبن سان ياد ڪرڻ اهڙيون ڳالهيون آهين جن جي ڪري هڪ ٻئي لاءِ دلين ۾ نفرت پيدا ٿئي ٿي، مومنن کي اهڙين ڳالهين کان روڪيو ويو آهي. آيت ع-١٣- ۾ انهن سڀني باطل ڳالهين کي ختم ڪيو ويوآهي جيڪي انساني معاشري کي رنگ، نسل، زبان، دولت وغيره جي بنياد تي وڙهندڙن ٽولن ۾ تقسيم ڪن ٿا. انهن کي ٻڌايو ويو آهي ته اوهان سڀ حضرت آدم على نبينا

وعليه الصلواة والسلام ۽ حضرت بيبي حواءَ جو اولاد آهيو ۽ اوهان جي مقام ۽ مرتبي جو معيار دولت ۽ حكومت وغيره نـ پر تقوىٰ ۽ پرهيز گاري آهي جيكو جيترو وڌيڪ متقي ۽ پرهيزگار هوندو اهو اوترو الله وٽ پيارو هوندو. هيءَ آيت اسلامي معاشري جو اهڙو بنيادي نكتو آهي جنهن سان پاڻ ۾ وڏ نڍ وڏين وڏين ترقي يافتـه قومن جا باطل امتياز مكمل طور ختم كيل آهن. آخر ۾ ٻڌايو ويو آهي تـه اهل ايمان الله عزوجل جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ جانين سان جهاد كن ٿا ۽ جيكي اسلام قبول كري مسلمان ٿين ٿا اهي الله عزوجل تي احسان نـه ٿا كن بلك الله عزوجل جو انهن تي احسان آهي جو كين حق واري هن دين جي قبول كرڻ جي توفيق ڏنائين.

پڙهڻ ۽ بركتون: بغوي تفسير ۾ ثعلبي جي اسناد سان حضرت ثوبان كان ۽ امام احمد مسند ۾ ۽ طبري حضرت واثلــة بن الاسقع (رضي الله عنهما) كان روايت آندي آهي تـه سيد نارسول الله صلى الله عليــه وسلم جن فرمايو "الله مون كي توراة جي جاءِ تي ست وڏيون سورتون (بقره، آلعمران، نساءَ، مائده، انعام، اعراف ۽ يونس) عطا فرمايون ۽ انجيل جي جاءِ تي ٻن سون آيتن واريون سورتون عطا كيون ۽ زبور جي جاءِ تي سو كان گهٽ آيتن واريون سورتون عطا كيون ۽ مون كي مفصل سورتون وڌيڪ ڏنيون." مفصل جي وضاحت كندي علامــه ابن جُوزي لكيو آهي تـه اهي ننڍي هجڻ ۽ انهن ۾ بسم الله الرحمن الرحيم سان فصل جدا جدا كرڻ جي كري مفصل سڏيون ويون آهن (١) علماءَ عاملين لكيو آهي تـه جيكو هن سورة كي ڏهـ ڀيرا پڙهندو الله عزوجل ان كي هر مرض كان شفا ڏيندو جيكڏهن كنهن حاملــه عورت كي هيءَ سورة لكي ٻڌي ويندي تـه ان جو ٻچو رب كريم جي كرم سان صحت ۽ سلامتيءَ سان ڄمندو جنهن ٻچي جي ماءُ كي ڇاتيءَ ۾ كير تمام گهٽ آهي هن سورة كي لكي ٻڌڻ سان مالك مٺو ان ۾ كير گهڻو پيدا كرڻ فرمائيندو. انشاءَ الله العزيز.



(١) زادالمسير وحاشيتـه صـ٤٥١--٤٥٢ـــ جلد ٧

وَهِيَ ثَمانِيَ عَشرَةَ آيَـةً	سُورَةُ الحُجُرَاتِ مَدَنِيَّـةٌ	وَفِيهَا رُكُوعَانِ
۽ اها (١٨) آيتون آهي	سورة الحجرات مدني آهي	۽ ان ۾ ٻہ رکوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَاتُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاتَّقُوا اللّٰهَ

اي ايمان وارا! نہ اڳرائي ڪيو الله ۽ ان جي رسول جي اڳيان ۽ ڊڄو الله کان

اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ (١) يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَاتَرْفَعُوْٓا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ

بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي اي ايمان وارا! نہ مٿي ڪيو پنهنجا آواز

صَوْتِ النَّبِيِّ وَلَاتَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ

نبي جي آواز کان مٿان ۽ نہ وڏي آواز ڪيو ان لاءِ ڳالهائڻ مثل وڏي آواز سان ڳالهائڻ بعض اوهان

لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَاَنْتُمْ لَاتَشْعُرُوْنَ (٢) اِنَّ الَّذِيْنَ

جي بعض سان مٿان چئ ٿي وڃن عمل اوهان جا ۽ اوهان نہ پيا خبر رکو بيشڪ اهي

يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ

شخص جو هيٺ ڪن ٿا پنهنجا آواز الله جي رسول وٽ اهيئي آهن جو آزمايو الله دلين انهن جي

لِلتَّقْوٰى لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ عَظِيْمٌ (٣)

تقوىٰ جي لاءِ انهن جي لاءِ مغفرت ۽ ثواب وڏو آهي.

تفسير

اڳيئن سورة ۾ حضور پر نور عليـــه الصلواة والسلام جن جي اڳواڻيءَ ۾ جهاد ڪرڻ سان فتح ملڻ جو بيان هو ۽ هن ۾ اڳواڻي ڪندڙ حبيب عليـــه الصلواة والسلام جي آداب جو ذڪر ڪيل آهي ۽ اهي آداب ٻہ قسم آهن ١. فعلي ٢. قولي فعلي ادب جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو. ”يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَاتُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاتَّقُوا اللّٰهَ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ“ اي ايمان وارا! الله ۽ ان جي رسول جي اڳيان اڳرائي نہ ڪيو ۽ الله کان ڊڄو بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

شان نزول: مجاهد ۽ حسن بصري رضي الله عنهما فرمايو تہ ڪجهہ شخصن حضرت نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن جي عيدالاضحيٰ جي نماز پڙهائڻ ۽ سندن اضحيٰ ڪرڻ کان اڳي اضحيٰ ڪئي انهن جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي جنهن ۾ فرمان آيو تہ "الله ۽ ان جي رسول کان اڳرائي نہ ڪيو" ۽ ان ۾ حضرت نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي اضحيٰ کان اڳي اضحيٰ ڪرڻ کان روڪيو ويو. (١) مطلب تہ الله عزوجل ۽ ان جي رسول پاڪ عليہ الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪنهن کي حق نہ ٿو پهچي تہ اهو الله جلت صفاتہ ۽ ان جي محبوب نبي عليہ الصلواة والسلام جي خلاف ڪا ڳالهہ چوي يا ڪو ڪم ڪري جڏهن ڪو انسان مسلمان هجڻ جو اعلان ڪري ٿو تہ اهو گويا اهو بہ اعلان ڪري ٿو تہ اڄ کان پوءِ ان جي خواهش ان جي مرضي ان جي مصلحت الله جل جلالہ ۽ ان جي رسول پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي حڪم تان تامل ۽ فڪر کان سواءِ قربان آهي ۽ اهو ارشاد ايمان وارن جي فقط شخصي ۽ نجي زندگيءَ تائين محدود ناهي پر قومي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي سيني شعبن سياسي، اقتصادي ۽ اخلاقيءِ کي بہ محيط آهي نہ ڪنهن فرد کي اهو حق پهچي ٿو تہ اهو ڪو اهڙو قانون ناهي جيڪو ڪتاب ۽ سنت سان ٽڪر ۾ اچي ۽ نہ ڪنهن عدالت کي هي حق حاصل آهي تہ اهو شرعي احڪام جي برعڪس ڪو فيصلو ڪري.

"لَاتُقَدِّمُوْابَيْنَ يَدَيِ اللهِ وَرَسُوْلِهٖ" جي مختصر فرمان ۾ معنائن ۽ مطلبن جو بي ڪنار بحر موجون هٽندڙ آهي. "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَاتَرْفَعُوْٓا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ" اي ايمان وارا! پنهنجا آواز نبي جي آواز کان مٿي نہ ڪيو. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ اڳيئن آيت ۾ فعلي ادب جو ذڪر هو ۽ هتي قولي ادب جو ذڪر ڪندي فرمان ٿيو آهي تہ: جيڪڏهن اوهان کي منهنجي محبوب عليہ الصلواة والسلام جي دربار ۾ حاضريءَ ۽ ڳالهہ ڪرڻ جو شرف حاصل ٿئي تہ اوهان اهڙو بلند آواز ڪري نہ ڳالهايو جو نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي ڳالهائڻ کان اوهان جو آواز مٿي هجي. "وَلَاتَجْهَرُوْالَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَ اَنْتُمْ لَاتَشْعُرُوْنَ" ۽ ان سان وڏي آواز سان (ائين) نہ ڳالهايو جيئن هڪ ٻئي سان وڏي آواز سان ڳالهائيندا آهيو (ان جي ڪري) اوهان جا عمل ڇٽ ٿي ويندا ۽ اوهان کي خبر نہ پوندي مطلب تہ جڏهن نبوي بارگاهہ ۾ همڪلاميءَ جو شرف حاصل ڪيو تہ جيئن هڪ ٻئي سان صرف نالو وٺي ڳالهائيندا آهيو تيئن منهنجي محبوب سان نہ ڳالهايو بلڪ سندس خدمت ۾ جيڪو عرض ڪيو سو ادب، احترام ۽ تعظيم سان سندن القاب

(١) روح البيان صـ٦٢ـ جلد ٩ تفسير احمدي عـ٦٧٠ـ

ذڪر ڪري ڪندا ڪيو ڇو تہ ادب احترام کان خالي تي ڳالهائڻ ڪفر آهي ۽ ڪفر جي ڪري اوهان جا ڪيل عمل بہ ڇٽ تي ويندا. "اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللهِ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰى لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ عَظِيْمٌ" بلاشڪ جيڪي الله جي رسول وٽ پنهنجا آواز هيٺ ڪن ٿا اهي ئي آهن جن جي دلين کي الله تقوىٰ جي لاءِ آزمايو انهن جي لاءِ مغفرت ۽ وڏو اجر آهي هتي انهن ماڻهن تي الله عزوجل جي عنايتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ نهايت هيٺاهين آواز سان گفتگو ڪن ٿا. الله عزوجل فرمايو تہ انهن پيارن ٻانهن کي ٽن نعمتن سان نوازيو ويو آهي ١. تہ اسين انهن جي دلين کي تقوىٰ جو عادي بنايون ٿا. ان ڳري بار کي کڻڻ ۾ انهن کي تڪليف محسوس نہ ٿي ٿئي. ٢. تہ انهن کان جيڪڏهن ڪا غلطي سرزد ٿئي ٿي تہ اسين انهن کي بخش فرمايون ٿا. ٣. تہ انهن کي وڏو اجر بہ ڏيون ٿا. "مَّغْفِرَةٌ" ۽ "اَجْرٌ" ۾ تنوين تعظيم جي لاءِ آهي جنهن مان انهن جي لاءِ مغفرت ۽ اجر جي عظمت ثابت آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ سمجهہ ۾ اچن ٿا.١. "لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللهِ وَرَسُوْلِهٖ" (الله ۽ ان جي رسول کان اڳي اڳرائي نہ ڪيو) هن مان حضرت نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن جي عظمت واضح ٿي رهي آهي ڇو تہ "الله" جو لفظ هتي تعظيم جي لاءِ آهي (١) ۽ هن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ مومن جو شان ناهي تہ پنهنجي راءِ ۽ فيصلي کي الله عزوجل ۽ ان جي رسول عليہ الصلواة والسلام جي فيصلي کان اڳي رکي يا معاملات ۾ آزادانہ راءِ قائم ڪري ۽ ان جا فيصلا پنهنجي طور تي پاڻ ڪري ان کان بغير جو ان کي اهو معلوم ڪرڻ جو فڪر هجي تہ انهن معاملن ۾ الله عزوجل ۽ ان جي رسول مقبول صلى الله عليہ وسلم جو بہ ڪو حڪم آهي يا نہ ۽ جيڪڏهن آهي تہ ڇا آهي؟ ان جي ڪري ئي ارشاد ٿيو تہ اڳيان نہ ٿيو پويان هلو اڳواڻ نہ ٿيو تابع ٿيو. (٢) حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ جڏهن حضرت نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن حضرت معاذبن جبل رضي الله عنہ کي يمن ڏانهن حاڪم ڪري تي موڪليو تڏهن ان کان پڇيائون تہ "ڇا سان فيصلو ڪندين"؟ عرض ڪيائين تہ "الله جي ڪتاب سان" پاڻ فرمايائونس تہ "جيڪڏهن توکي ان ۾ اهو نہ لڀي؟" عرض ڪيائين تہ "پوءِ الله جي رسول جي سنت سان" فرمايائونس تہ "جيڪڏهن ان ۾ بہ نہ لهين؟" عرض ڪيائين تہ "پنهنجي راءِ سان اجتهاد ڪندس" تہ پوءِ پاڻ ان جي سيني تي هٿ هڻي فرمايائون "هر حمد ان الله جي لاءِ ثابت آهي جنهن رسول الله صلى الله عليہ وسلم

(١) التفسيرات الاحمدية صـ٦٧٠ـ (٢) تفهيم القرآن صـ٧ـ جلد ٥

جي قاصد کي ان لاءِ توفيق عطا فرمائي جنهن سان رسول الله راضي ٿئي. (١) هن حديث مان ٻه ڳالهيون واضح ٿيون ١. ته الله ۽ ان جي رسول عليـــه الصلواة والسلام کان اڳرائي نه ڪيو انهن جي حڪم تي هلو ٢. ته جنهن حڪم ۾ قرآن ۽ سنت مان ثبوت نه ملي ان ۾ مجتهدن جو اجتهاد حق آهي جنهن کان حضور عليـــه الصلواة والسلام جن راضي آهن هنن لفظن مان اهو به معلوم ٿيو ته علماءَ ۽ دين جي مشائخ جو به اهو حڪم آهي انهن جي اڳيان به نه هلجي ڇو ته اهي انبياءَ ڪرام عليهم الصلواة والسلام جا وارث آهن ۽ ان جو دليل هي واقعو آهي ته هڪ ڏينهن حضور پرنور عليـــه الصلواة والسلام جن حضرت ابودرداءَ کي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنهما جي اڳيان هلندي ڏسي فرمايو ”ڇا تون اهڙي شخص جي اڳيان هلين ٿو جيڪو توکان دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلو آهي“؟ ۽ فرمايائون ته ”دنيا ۾ سج جو اڀرڻ ۽ لهڻ ڪنهن اهڙي شخص تي نه ٿيو آهي جيڪو نبين عليهم الصلواة والسلام کان پوءِ ابوبڪر کان افضل ۽ ڀلو هجي“ ان جي ڪري علماءَ فرمايو ته ”پنهنجي استاد ۽ مرشد سان به اهڙو سلوڪ رکڻ گهرجي. (٢) ٣. ”لَا تَرْفَعُوْٓا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ“ (پنهنجا آواز نبي جي آواز کان مٿي نه ڪيو) مان معلوم ٿيو ته محبوب ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جو ادب نهايت اهم ۽ ضروري آهي ان ۾ ڪنهن به قسم جي ڪمي ڪرڻ سان الله عزوجل سخت ناراض ٿيندو بي ادبي ڪندڙ جا ڀيا سمورا نيڪ عمل به ڇٽ ۽ برباد ٿي ويندا ثابت بن قيس (رضی الله عنـــه) نالي هڪ اصحابيءَ جو ڳالهائڻ طبعي طور مٿي هوندو هو مٿيون حڪم ٻڌي سمجهيائين ته اهو بلند آواز منهنجو آهي شايد هيءَ آيت منهنجي باري ۾ نازل ٿي آهي منهنجا عمل به ڇٽ ٿي ويا ۽ مان (معاذالله) دوزخين مان ٿي ويس پوءِ غمگين ٿي پنهنجي گهر ۾ ويهي رهيو حضور عليه الصلواة والسلام جن ان جي غير حاضري محسوس فرمائي ته ڪنهن وجي ان کي ٻڌايو ۽ ان مذڪور وجـــه بيان ڪندي اهو احوال حضرت حبيب پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن کي عرض ڪيو پاڻ فرمايائون ته ”نه اهو ته جنتين مان آهي“ پوءِ اهو يمامـــه واري جنگ ۾ شهيد ٿي ويو. (٣) ۴. علامـــه ابوبڪر محمد بن عبدالله المعروف بابن العربی عليـــه الرحمـــة مذڪوره آيت جي وضاحت ڪندي لکيو آهي ته ”نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن جي جيئڻ (ظاهري) حياتيءَ ۾ تعظيم ۽ احترام هو ٿيئڻ سندن رحلت کان پوءِ به احترام آهي ۽ (صحيح سند سان ثابت) سندن

(١) تفسير ابن ڪثير صـ٢٠٥ـ جلد ۴ (٢) معارف القرآن صـ١٠٠ـ جلد٨ (٣) الدرالمنثور صـ٥۴٩ـ جلد ٧

فرمان سندن رحلت کان پوءِ بہ ائين عزت وارو آهي جيئن سندن پاڪ الفاظ پنهنجن ڪنن سان ٻڌڻ کان پوءِ احترام ۽ عزت جي لائق آهن پوءِ جڏهن بہ سندن فرمان پڙهيو وڃي تہ اتي موجود هر حاضر تي واجب آهي تہ پنهنجو آواز ان کان مٿي نہ ڪري ۽ نہ ان کان منهن موڙي جيئن اهو سندن خدمت ۾ موجود اصحابن تي سندن ڳالهائڻ مهل واجب هو ۽ الله عزوجل ان عزت ۽ احترام تي هميشگي ڪرڻ جي لاءِ قرآن ڪريم ۾ متنبہ ڪيو آهي. فرمان الٰهي آهي. "وَإِذَا قُرِئَ الْقُرْآنُ فَاسْتَمِعُوا لَهُ وَأَنْصِتُوا" ۽ جڏهن قرآن پاڪ پڙهيو وڃي تہ ان ڏانهن ڪن ڏئي ٻڌو ۽ ماٺ ڪيو ۽ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جو فرمان بہ وحي (جو هڪ قسم) آهي ۽ ان جو بہ قرآن ڪريم جهڙو احترام آهي. (١)

إِنَّ الَّذِينَ يُنَادُونَكَ	مِنْ وَرَاءِ الْحُجُرَاتِ	أَكْثَرُهُمْ	لَا يَعْقِلُونَ (٤)	
بيشڪ جيڪي سڏين تا	توکي ٻاهران حجرن جي	گهڻا انهن مان	عقل نہ تا رکن	
وَلَوْ أَنَّهُمْ	صَبَرُوا	حَتَّىٰ تَخْرُجَ	إِلَيْهِمْ	لَكَانَ
۽ جيڪڏهن تحقيق اهي	صبر ڪن	تان جو نڪرو	اوهان انهن ڏانهن	تہ البت هجي ها
خَيْرًا لَهُمْ ۚ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَحِيمٌ (٥)				
ڀلو انهن جي لاءِ ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي				

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ سيدنا رسول الله صلى الله عليہ وسلم جي آداب، احترام ۽ تعظيم جي تعليم هئي تيئن هتي بہ سندن عزت ۽ وقار کي ذهن ۾ رکڻ لاءِ ارشاد تي رهيو آهي. "إِنَّ الَّذِينَ يُنَادُونَكَ مِنْ وَرَاءِ الْحُجُرَاتِ أَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُونَ" بيشڪ جيڪي توکي حجرن جي ٻاهران بيهي سڏين تا انهن مان گهڻا عقل نہ تا رکن.

شان نزول: ابن جرير پنهنجي سند سان حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ "عرب جا ماڻهو هڪ جاءِ تي گڏ ٿيا ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ هن شخص (حضرت نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام) ڏانهن گڏجي هلو اهو جيڪڏهن (واقع ۾) نبي هوندو تہ اسين ٻين کان وڌيڪ ان سان سعادتمند ٿينداسون ۽ جيڪڏهن بادشاهہ هوندو تہ بہ اسين ان جي ماتحت وڌيڪ سٺي زندگي گذارينداسون" حضرت زيد رضي الله عنہ فرمايو تہ مان انهن جي اها گفتگو ٻڌي (سيدنا) رسول الله صلى الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪين سموري حقيقت عرض ڪري ٻڌائي ۽ اهي

(١) احڪام القرآن لابن العرب ص١٧١۴ـــ جلد ۴

نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جي حجرن مبارڪن جي ٻاهران اچي ٻيهي کين يامحمد، يامحمد (عليـــه الصلواة والسلام) سان سڏ ڪرڻ لڳا تڏهن الله عزوجل مذڪوره آيت نازل فرمائي ۽ حضرت حبيب پاڪ صلى الله عليـــه وسلم جن منهنجي ڪن مان وٺي ڇڪي (محبت ۽ پيار سان) فرمايو "اي زيد! الله تنهنجي قول جي تصديق فرمائي، الله تنهنجي قول جي تصديق فرمائي" (١) اها روايت ابن راهويـــه، مسدد، ابويعلىٰ، طبراني، سهڻي سند سان ۽ ابن ابي حاتم بہ آندي آهي. (٢) ۽ مجاهد فرمايو تہ هيءَ آيت بني تميم قبيلي جي آيل وفد جي باري ۾ نازل ٿي جيڪي حضور پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن سان ملڻ آيا ۽ مسجد ۾ داخل ٿي سندن مبارڪ حجرن جي ٻاهران ٻيهي کين وڏي آواز سان سندن اسم مبارڪ وٺي سڏڻ لڳا حالانڪ پاڻ ان وقت منجهند جي آرام ۾ هئا انهن کين سڏي هيئن بہ چيو تہ "اسان جي تعريف ڪرڻ سهڻو ڪم آهي ۽ اسان جي مذمت ڪرڻ عيب آهي" اهي ستر (٧٠) ڄڻا هئا هڪ روايت موجب ائين چوڻ وارو اقرع بن حابس هو نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن اهي الفاظ ٻڌي فرمايو "اهو الله آهي" (جنهن جي تعريف ڪرڻ سهڻو ڪم آهي ۽ تعريف نہ ڪرڻ عيب آهي) ۽ اها روايت محدث ترمذي حضرت براءَ بن عازب رضي الله عنـــه کان آندي آهي ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ "اهي منجهند جو ان وقت اچي سڏڻ لڳا هئا جنهن وقت نبي پاڪ ٻاهر نہ نڪرندا هئا ۽ اها آيت نازل ٿي انهن جي متعلق جڏهن نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن کان پڇيو ويو تڏهن پاڻ ٻڌائيندي فرمايائون تہ "اهي بني تميم قبيلي جا تڪليف ڏيندڙ فرد هئا جيڪڏهن ائين نہ هجي ها جو ان قبيلي وارا ڪاٽي دجال سان سخت جنگ ڪندڙ هوندا تہ اڄ مان الله (عزوجل) کان انهن جي هلاڪ ڪرڻ جي لاءِ دعا گهران ها" (۽ اهي هلاڪ ٿي وڃن ها) (٣) آيت جو مطلب هي آهي تہ حضرت نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جي رهائش وارن بابرڪت ڪمرن جي ٻاهران ٻيهي کين ائين سڏ ڪرڻ نهايت بي عقلي ۽ بي تهذيبيءَ جي ڳالهہ آهي ائين سڏڻ وارا سيدنا رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن جي مرتبي ۽ مقام کي سمجهيا نہ هئا کين ڪهڙي خبر هئي تہ پاڻ ڪهڙي مشغوليءَ ۾ آهن ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت مٿن وحي جو نزول ٿي رهيو هجي يا پاڻ ڪنهن ٻئي اهم ڪم ۾ مصروف هجن سندن ذات منبع البرڪات تہ مسلمانن جي سيني ديني، دنيوي امور جو مرڪز ۽ ملجا هئي جيڪڏهن ڪنهن جو ڪو نظام الاوقات نہ

(١) المراغي صـ١٢٣ـ جزءُ ٢٦ جلد ٩ (٢) الدرالمنثور صـ٥٥٢ـ جلد ٧ (٣) القرطبي صـ٣١٠ـ جلد ١٦

هوندو پلي ڇو نہ اهو معمولي انسان هجي تہ ان لاءِ بہ ڪم ڪرڻ سخت مشڪل ٿي پوندو ۽ نبي تہ نبي آهي ان جو ادب ۽ احترام بہ تہ ڪا شيءِ آهي. (١) "وَلَوْاَنَّهُمْ صَبَرُوْا حَتّٰى تَخْرُجَ اِلَيْهِمْ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" ۽ جيڪڏهن تحقيق اهي صبر ڪن ها تان جو اوهان پاڻ انهن ڏانهن نڪري اچو ها تہ انهن جي لاءِ ڀلو هو ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي مطلب تہ اهي ڪنهن جي ذريعي عرض ڪري موڪلين ها ۽ اوهان جي ٻاهر تشريف فرما ٿيڻ لاءِ صبر ڪن ها ۽ جڏهن اوهان ٻاهر تشريف فرما ٿي انهن ڏانهن متوجہ ٿيو ها ان وقت انهن ڪي اوهان ڪي عرض ڪرڻ ڪپندو هو ائين ڪرڻ سندن حق ۾ بهتر ۽ ڀلو هو ان هوندي بہ بي عقلي ۽ بي خبريءَ جي ڪري جيڪا ڳالهہ انهن کان اتفاقًا ٿي الله عزوجل ان ڪي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان بخشڻ وارو آهي ڇو تہ وڏو مهربان آهي انهن ڪي گهرجي تہ پنهنجي ڪردار تي سخت پشيمان ٿي آينده جي لاءِ ڪو بہ اهڙو قدم نہ کڻن. سمجهڻ گهرجي تہ حضور پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي تعظيم ۽ محبت ئي اهو نقطہ آهي جنهن تي مسلم قوم جا منتشر جذبات ۽ پريشان قوتون گڏ ٿين ٿيون ۽ اهو ئي اهو ايماني ڳانڍاپو آهي جنهن تي اسلامي اخوت جونظام قائم آهي. (٢) مذڪوره آيت مان معلوم ٿيو تہ دنيوي بادشاهن جي دربارن جا آداب ۽ ملڻ جا طريقا انسانن جي دماغ جي سوچ ۽ ويچار تي تيار ڪيا ويندا آهن پر نبوي دربار (علیٰ صاحبها الصلواة والسلام) جا آداب رب العزة جل وعلا پاڻ سيکاريا آهن ۽ اهي آداب بجا آڻڻ صرف انسانن تي نہ پر جنن، ملائڪن ۽ هر شيءِ تي لازم آهن ملائڪ بہ اجازت وٺي پوءِ سندن دولت خانہ ۾ حاضري ڏيندا هئا ۽ اهي آداب بجا آڻڻ جو حڪم بہ هميشہ جي لاءِ آهي ۽ خيال ۾ رکڻ گهرجي تہ هتي "اَكْثَرُهُمْ" ۾ آيل لفظ "اَكْثَرُ" "كل" جي معنیٰ ۾ آهي يعني ٻاهران بيهي سڏڻ وارا، ادب نہ ڪرڻ وارا سڀ بيوقوف آهن. (٣)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌۢ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْۤا اَنْ تُصِيْبُوْا

اي ايمان وارا! جيڪڏهن آڻي اوهان وٽ ڪو فاسق ڪا خبر تہ پوءِ جاچ ڪيو متان نقصان پهچايو

قَوْمًاۢ بِجَهَالَةٍ فَتُصْبِحُوْا عَلٰى مَافَعَلْتُمْ نٰدِمِيْنَ (٦) وَاعْلَمُوْا

ڪنهن قوم کي بي خبريءَ جي ڪري پوءِ ٿي پئو ان تي جيڪي ڪيو پشيمان ۽ ڄاڻو تہ بيشڪ

(١) حاشيہ عثمانيہ ص-٦٨٥- (٢) ساڳيو حوالو ص-٦٨٥- (٣) نور العرفان ص-٨٢٢-

اَنَّ فِيكُمْ	رَسُوْلَ اللّٰهِ ؕ	لَوْيُطِيْعُكُمْ	فِىْ	كَثِيْرٍ	مِّنَ الْاَمْرِ
اوهان ۾ الله جو رسول (موجود) آهي		جيڪڏهن چوڻ مڃيندو اوهان جو		گهڻن	امرن ۾

لَعَنِتُّمْ	وَلٰكِنَّ	اللّٰهَ حَبَّبَ	اِلَيْكُمُ	الْاِيْمَانَ	وَزَيَّنَهٗ فِىْ
ته البت تڪليف ۾ پوندؤ	پر	الله پيارو بنايائين	اوهان وٽ	ايمان	۽ سينگاريائين ان کي اوهان جي

قُلُوْبِكُمْ	وَكَرَّهَ اِلَيْكُمُ الْكُفْرَ	وَالْفُسُوْقَ	وَالْعِصْيَانَ ؕ	اُولٰٓئِكَ
دلين ۾	۽ نا پسند ڪيائين اوهان وٽ ڪفر	۽ فسق	۽ گناهه	۽ اهيئي

هُمُ الرَّاشِدُوْنَ (٧)	فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ	وَنِعْمَةً ؕ	وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ	حَكِيْمٌ (٨)
هدايت وارا آهن	مهرباني تي الله وٽان	۽ نعمت تي	۽ الله ڄاڻندڙ	حڪمت وارو آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ مومنن کي حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جي متلق آداب سيڪاريا ويا ۽ هتي انهن کي پنهنجن معاملن ۾ تحقيق ڪرڻ جا آداب تعليم ڏيندي ارشاد تي رهيو آهي فرمان مبارڪ آهي "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌۢ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْٓا اَنْ تُصِيْبُوْا قَوْمًاۢ بِجَهَالَةٍ فَتُصْبِحُوْا عَلٰى مَا فَعَلْتُمْ نٰدِمِيْنَ" اي ايمان وارا! جيڪڏهن اوهان وٽ ڪو فاسق ڪا خبر آڻي ته جاچ ڪيو متان ڪنهن قوم کي بي خبريءَ ۾ ڪا تڪليف پهچي پوءِ ان تي جيڪي اوهان ڪيو پشيمان ٿيو.

شان نزول: هن آيت جي شان نزول ۾ امام احمد، ابن ابي حاتم، طبراني، ابن منده ۽ ابن مردويه جيد سند سان هيءَ روايت آندي آهي ته بني مصطلق قبيلي جو سردار حارث بن ضرار خزاعي بارگاه رسالت ۾ حاضر ٿي اسلام سان مشرف ٿيو حضور عليه الصلواة والسلام جن ان کي زڪواة ڏيڻ جو حڪم فرمايو ته ان پاڻ ته اهو حڪم قبول ڪيو پر عرض ڪيائين ته يارسول الله! مان واپس وڃي پنهنجي قوم وارن کي اسلام جي دعوت ڏيان ٿو پوءِ انهن مان جنهن اسلام قبول ڪيو ان کي به زڪواة ادا ڪرڻ جي لاءِ چوندس اوهان فلاڻي وقت ڪو ماڻهو موڪلجو جيڪو جمع ٿيل زڪواة وصول ڪري وڃي.حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن ان زڪواة جي وصول ڪرڻ لاءِ وليد بن عقبه بن ابي معيط کي بني مصطلق قبيلي وارن ڏانهن موڪليو، پر جاهليت جي دور ۾ انهن جو وليد ڏانهن هڪ خون جو حساب هو، ان جي ڪري ڪيس ڊپ ٿيو ته متان اهي ڪيس قتل ڪري ڇڏين.اهو رستي مان ئي

موٽيو ۽ اچي عرض ڪيائين تہ "انهن زڪواة ڏيڻ ڪان انڪار ڪيو ۽ منهنجي قتل ڪرڻ جي پٺيان پيا هئا مشڪل سان جان بچائي هتي پهتو آهيان" حضور عليہ الصلواة والسلام جن حضرت خالد بن وليد رضي الله عنہ کي هڪ فوجي دستو ڏئي انهن ڏانهن موڪليو ۽ ڪيس اها بہ هدايت فرمايائون تہ اول حقيقت معلوم ڪجان پوءِ ڪو قدم کڻجان جلدي ڪا ڪاروائي نہ ڪجان.ارشاد مطابق حضرت خالد رضي الله عنہ رات جو اتي پهتو ۽ انهن جي علائقي ڪان پري منزل ڪري انهن ڏانهن جاسوس موڪليائين،جن جاچ ڪري ڪيس ٻڌايو تہ اهي اسلام تي پڪا آهن،اسان انهن جون آذانون ٻڌيون ۽ انهن کي جماعت سان نماز ادا ڪندي ڏٺو.حضرت خالد رضي الله عنہ صبح جو سوير ان علائقي ۾ ويو تہ انهن کي پنهنجي جاسوسن جي قول مطابق ڏٺائين ۽ واپس اچي حضورعليہ الصلواة والسلام جن جي خدمت عاليہ ۾ حقيقت بيان ڪيائين.ان وقت هيءَ آيت نازل ٿي. (١) آيت جو مطلب هي آهي تہ ڪا بہ خبر تحقيق ڪرڻ ڪان سواءِ قبول نہ ڪيو،جيڪڏهن ڪو فاسق شخص اچي اوهان کي ڪا من گهڙت ڳالهہ ٻڌائي ۽ اوهان ان جي مٿان اعتماد ڪري ڪنهن جي مٿان حملو ڪيو،پوءِ ظاهر ٿئي تہ ان غلط بيان ڪئي هئي،تہ ان وقت اوهان ڪيترو پشيمان ٿيندؤ ۽ ان تي پڇتائيندؤ ۽ ان جو نتيجو نهايت خراب نڪرندو. "وَاعْلَمُوْآ اَنَّ فِيْكُمْ رَسُوْلَ اللهِ" ۽ ڄاڻو تہ يقينا اوهان ۾ الله جو رسول آهي وليد بن عقبہ بن ابي معيط جي ڳالهہ تي اعتماد ڪري تہ بنو مصطلق وارن زڪواة ڏيڻ جو انڪار ڪيو ۽ منهنجي قتل ڪرڻ جي پٺيان پيا هئا جن جذباتي مسلمانن حبيب پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن کي بار بار عرض ڪيو هو تہ انهن سان جنگ ڪيڻ کپي پاڻ انهن جي دلجوئي ڪندي حضرت خالد کي موڪليو هيائون انهن کي هن آيت ۾ سمجهايو ويو آهي تہ "جڏهن الله عزوجل جو برگزيدورسول عليہ افضل الصلوات واڪمل التحيات" اوهان ۾ تشريف فرما آهي تہ اهو پنهنجي نبوت جي نور سان هر پيچيده ڳالهہ سلجهائي سگهي ٿو ۽ اوهان ڪان وڌيڪ هر ڳالهہ جي عاقبت ۽ انجام جو فيصلو ڪري سگهي ٿو اوهان تي لازم اهي تہ ان جي اشاري پاڪ تي هلو ۽ جيڪي فرمائي ان تي عمل ڪيو. "لَوْيُطِيْعُكُمْ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنَ الْاَمْرِ لَعَنِتُّمْ" جيڪڏهن اوهان جي گهڻن امرن ۾ ڳالهہ مڃيندو تہ البت اوهان تڪليف ۾ پئجي ويندؤ يعني پنهنجا مطالبا پيش ڪري پنهنجيون ڳالهيون نبی اڪرم عليہ الصلواة والسلام جن کي مڃڻ لاءِ بار بار عرض ڪندؤ ۽ پاڻ مهرباني ڪري اوهان جي ڳالهہ ڪٿي قبول بہ فرمائيندا تہ بہ اوهان جو ان ۾

(١) ضياءُ القرآن صـ٥٨٤ـ جلد ۴

نقصان هوندو ۽ اوهان تڪليف ۾ پئجي ويندؤ ان جي ڪري هر شيءِ ۾ سندن ذات عالي صفات جي هر اشاري تي هلڻ کي ئي سعادت سمجهو. "وَلٰكِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ الْاِيْمَانَ وَزَيَّنَهٗ فِيْ قُلُوْبِكُمْ" ۽ الله اوهان ڏانهن ايمان کي محبوب بنايو ۽ ان کي اوهان جي دلين ۾ سينگاريو آيت جي هن حصي جي متعلق مفسرن جا ٻه قول آهن ١. ته ان ۾ انهن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم سان خطاب آهي جن ان معاملي ۾جلد بازي نه ڪئي هئي ٢. ته ان ۾ انهن جذباتي جوانن سان خطاب آهي جيڪي جنگي دستي موڪلڻ لاءِ عرض ڪري رهيا هئا مقصد ته جن خاموشي ڪئي يا جن مطالبو ڪيو اوهان ٻنهي جو ٻيو ڪو مقصد يا غرض نه هو پر اوهان جي ايمان جي اها تقاضا هئي جو ته الله عزوجل اوهان جي لاءِ ايمان کي نهايت محبوب بنايو. "وَكَرَّهَ اِلَيْكُمُ الْكُفْرَ وَالْفُسُوْقَ وَالْعِصْيَانَ" ۽ اوهان لاءِ ڪفر، فسق ۽ گناهه کي ناپسنديدو بنايو آهي ان جي ڪري اوهان انهن کان بيزار ۽ پري آهيو "اُولٰٓئِكَ هُمُ الرّٰشِدُوْنَ" اهيئي هدايت وارا آهن يعني اهي ان سڌي واٽ جا سالڪ آهن جيڪا حق ڏانهن پهچائيندڙ آهي "فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَنِعْمَةً" الله جي طرفان فضل ۽ نعمت آهي مطلب ته اوهان جي دلين ۾ ايمان کي محبوب بنائڻ ۽ سينگارڻ الله عزوجل جي طرفان فضل ۽ ان جي نعمت آهي "وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ" ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي مطلب ته ان کي مومنن جي حال جو علم آهي انهن جي مرتبن کي ڄاڻي ٿو حڪمت وارو آهي جو سندس هر ڪم ۾ حڪمت رکيل آهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌ بِنَبَاٍ" (جيڪڏهن اوهان وٽ ڪو فاسق ڪا خبر آڻي) هن مان اسلام جو هڪ قانون معلوم ٿي رهيو آهي اهو هي آهي ته جيڪڏهن ڪو فاسق شخص ڪا ڳالهه ڪري ته ان تي هڪدم اعتبار نه ڪجي. ٢. هن مان اها مراد ناهي ته جنهن اصحابي سڳوري رضي الله عنه چيو ته مون کي قتل تي ڪيائون ۽ زڪواة نه ڏنائون اهو فاسق آهي نه هرگز نه ڪو به صحابي فاسق ناهي خصوصًا جنهن شخص خوف ۽ خطري کي محسوس ڪندي اها ڳالهه ڪئي اهو ته گناهه به ناهي فسق ته وڏي شيءِ آهي ۽ جيڪڏهن اهو اهڙو گناهه هجي ها ته نبي ڪريم عليه التحية والتسليم ڪيس سزا ڏين ها ان تي ناراض ٿين ها. ۽ اهو به ذهن ۾ وهارڻ گهرجي ته فسق به توبه ڪرڻ سان ميٽجي ويندو آهي. اصحابن سڳورن کان جيڪڏهن ڪا غلطي ٿيندي هئي ته هڪدم توبه ڪندا هئا ان جي ڪري هر اصحابي عادل آهي. (٢) ٣. اهو به معلوم ٿيو ته متقي ۽

(١) تفسير ابوالسعود صـ١٢٠ـ جزءِ ٨ (١) نورالعرفان صـ٨٢٣ـ

پرهيزگار شخص جي ڳالهہ تي اعتبار ۽ اعتماد ڪري سگهجي ٿو. ان جي ڪري محدثن خبر واحد (هڪ شخص جي روايت ڪيل حديث) کي قبول ڪيو آهي. ۴. "فَتَبَيَّنُوْٓا" (پوءِ جاچ ڪيو) مان معلوم ٿيو تہ حاڪم ۽ قاضي جاچ ڪرڻ ۽ تحقيق ڪان سواءِ ڪو بہ فيصلو نہ ڏين ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ چغلخور ۽ ڳلا ڪندڙ جي ڳالهہ تي نہ اعتماد ڪجي ۽ نہ تڪڙ ڪجي ۵. "وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ فِيْكُمْ رَسُوْلَ اللّٰهِ" (۽ ڄاڻو تہ اوهان ۾ الله جو رسول (موجود) آهي مان معلوم ٿيو تہ حضرت حبيب پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن وٽ سچي ڳالهہ ڪجي اتي دلين جا راز ۽ نياز بہ لڪل ناهن نعت پڙهندڙن ۽ ٻاهيندڙن کي بہ کپي تہ جيترو سندن دلين ۾درد ۽ محبت هجي اوترو بيان ڪن ڪوڙ ۽ غلط ڳالهہ کان سخت پاسو ڪن مدني تاجدار عليـــه الصلواة والسلام جي ذات کان دلين جا راز بہ لڪل ناهن. ٦. "وَلٰكِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ الْاِيْمَانَ" کان "وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ" تائين آيت جي حصي مان معلوم ٿيو تہ ايمان جي محبت، ڪفر، فسق ۽ گناهن کان نفرت الله عزوجل جي عطا، فضل ۽ نعمت آهي جنهن سان اصحابن سڳورن جون دليون ڀرپور هيون سڀ اصحاب سڳورا رضي الله عنهم عادل، متقي، پرهيزگار ۽ هدايت وارا هئا. (١) ٧. علامـــه ابن العربي هن آيت جي تشريح ڪندي لکيو آهي تہ جيڪي ماڻهو اعتقاد يا اعمال جي لحاظ سان فاسق آهن انهن جي پويان نماز نہ پڙهجي (جيئن موجوده دور جا گستاخ ۽ بي ادب ٽولا) علامـــه موصوف لکيو آهي تہ جيڪڏهن مجبوري آهي تہ انهن جي پويان نماز پڙهي ورائي لڪ ۾ پڙهي ڇڏجي ڪنهن کي ٻڌائڻ جي ضرورت ناهي. (٢)

وَاِنْ	طَآئِفَتٰنِ	مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اقْتَتَلُوْا	فَاَصْلِحُوْا	بَيْنَهُمَاۚ	
۽ جيڪڏهن	ٻہ جماعتون	مومنن مان وڙهن	تہ پوءِ صلح ڪيو	انهن جي وچ ۾	
فَاِنْۢ	بَغَتْ	اِحْدٰىهُمَا	عَلَى الْاُخْرٰى	فَقَاتِلُوا	الَّتِيْ تَبْغِيْ
پوءِ جيڪڏهن	زيادتي ڪري	هڪڙي انهن مان	ٻيءَ تي	تہ پوءِ جنگ ڪيو	ان سان جيڪا زيادتي ڪري
حَتّٰى	تَفِيْٓءَ اِلٰٓى اَمْرِ اللّٰهِۚ	فَاِنْ فَآءَتْ	فَاَصْلِحُوْا	بَيْنَهُمَا	بِالْعَدْلِ
تانجو	موٽي الله جي امر ڏانهن	پوءِ جيڪڏهن موٽي	پوءِ صلح ڪيو	انهن جي وچ ۾	عدل سان
وَاَقْسِطُوْاؕ	اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ	الْمُقْسِطِيْنَ(٩)	اِنَّمَا	الْمُؤْمِنُوْنَ	اِخْوَةٌ
۽ انصاف ڪيو	بيشڪ الله محبت رکي ٿو	انصاف ڪندڙن سان		مومن تہ	(پاڻ ۾) ڀائر آهن

(١) نورالعرفان صـ٨٢٣ـ (٢) احكام القرآن لابن العربي صـ١٧١٦ـ جلد ۴

الربع ١٣

فَاَصۡلِحُوۡا بَيۡنَ اَخَوَيۡكُمۡ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ ع (١٠)

پوءِ صلح ڪيو پنهنجن ڀائرن جي وچ ۾ ۽ ڊڄو الله کان تانت اوهان رحم ڪيا وڃو

تفسير

اڳيئن آيت ۾ فاسق جي خبر تي اعتماد نہ ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هتي فاسق جي خبر تي هلڻ جي ڪري پيدا ٿيندڙ صورتحال کي نبيرڻ جو طريقو بيان ڪيو ويو آهي ڇو تہ ڪڏهن اهي خبرون جنگ ۽ جهيڙي تائين پهچائيندڙ يون آهن. فرمان ايزدي آهي "وَاِنۡ طَآئِفَتٰنِ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ اقۡتَتَلُوۡا فَاَصۡلِحُوۡا بَيۡنَهُمَا" ۽ جيڪڏهن مومنن مان ٻہ جماعتون وڙهن تہ پوءِ انهن ٻنهي جي وچ ۾ صلح ڪيو.

شان نزول: احمد، بخاري، مسلم، ابن جرير، ابن المنذر، ابن مردويہ ۽ بيهقيءَ السنن ۾ حضرت انس رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو تہ "جيڪڏهن اوهان عبدالله بن ابي وٽ هلو تہ ڀلو آهي" پوءِ پاڻ پنهنجي گڏهہ تي سوار ٿي اتي هليا ۽ ساٿن گڏ هلڻ وارا مسلمان پيادل هليا جڏهن پاڻ ان وٽ پهتا تہ ان کين چيو تہ "مون کان پري بيهو اوهان جي سواريءَ واري گڏهہ جي بدبو مون کي ايذاءُ ٿي ڏي" (اهو ٻڌي اتي موجود) انصارن مان هڪ مرد ان کي جواب ڏنو "الله جو قسم آهي تہ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن جو (سواريءَ وارو) گڏهہ توکان وڌيڪ خوشبودار آهي. پوءِ عبدالله بن ابي جي يارن سندس قوم وارا ڪجهہ ناراض ٿيا ڪجهہ وري ان انصاريءَ جي طرفان هنن تي ناراض ٿيا ۽ ٻنهي ڌرين ۾ ڪجيءَ جي ڦڙهن، هٿن ۽ جوتن سان ويڙهہ ٿي انهن جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي. (١) ٻين روايتن ۾ ٻيا شان نزول بہ مذڪور آهن پر مون اختصار جي ڪري صرف هن تي اڪتفا ڪئي آهي مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن مومنن مان ٻہ جماعتون پاڻ ۾ وڙهن تہ اوهان انهن کي ان ڳالهہ ڏانهن سڏيو جيڪو الله جل جلالہ جو حڪم آهي ۽ ان ۾ اهو راضي آهي پوءِ ان ۾ ڪنهن کي فائدو پهچي يا نقصان پوي ۽ اهو عدل سان اصلاح آهي "فَاِنۡۢ بَغَتۡ اِحۡدٰىهُمَا عَلَى الۡاُخۡرٰى فَقَاتِلُوا الَّتِىۡ تَبۡغِىۡ حَتّٰى تَفِىۡٓءَ اِلٰٓى اَمۡرِ اللّٰهِ" پوءِ جيڪڏهن انهن مان هڪڙي جماعت ٻيءَ تي زيادتي ڪري تہ اوهان ان سان جنگ ڪيو جيڪا زيادتي ڪري ٿي تانجو الله جي امر ڏانهن موٽي. يعني عدل، انصاف واري حڪم ڏانهن سڏڻ جي باوجود جيڪڏهن ڪا جماعت نہ ٿي مڙي ٻيءَ تي زيادتي ڪري ٿي تہ اوهان سڀ

(١) الدرالمنثور صـ٥٦٠ـ جلد ٧

گڏجي ان سان جنگ ڪيو جيستائين الله جي امر ميڄڻ ڏانهن موٽي. ۽ عدل ۽ انصاف واري فيصلي تي راضي ٿئي. "فَإِنْ فَآءَتْ فَأَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا بِالْعَدْلِ" پوءِ جيڪڏهن (الله جي حڪم ڏانهن) موٽي ته پوءِ انهن جي وچ ۾ عدل سان صلح ڪيو مطب ته نه ميڄڻ واري ڏر جيڪڏهن اوهان جي جنگ ڪرڻ ۽ وڙهڻ جي ڪري رجوع ڪري عدل ۽ انصاف واري فيصلي لاءِ راضي ٿئي ته پوءِ انهن ۾ عدل سان صلح ڪيو. ناحق ۽ غلط فيصلو نه ڪيو "وَأَقْسِطُوْا إِنَّ اللهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ" ۽ انصاف ڪيو بلاشڪ الله انصاف ڪندڙن سان محبت ڪندو آهي يعني پنهنجي هر معاملي ۾ انصاف ۽ عدل ڪندا ڪيو. بلاشڪ الله سڀني معاملن ۾ عدل ڪندڙن سان محبت ڪندو آهي. امام بخاري جي الجامع الصحيح ۾ حضرت انس رضي الله عنــه کان روايت آهي ته رسول الله صلى عليــه وسلم جن فرمايو "انصرا خاك ظالما اومظلوما" قلت يارسول اللهِ هذا نصرته مَظْلُوْمًا فَكَيْفَ اَنصُرُهٗ ظَالِمًا؟ قَالَ تَمنعُــهٗ مِنَ الظُّلْمِ فذَالِكَ نَصْرُكَ اِيَّاهُ (١) يعني پنهنجي ڀاءُ جي مدد ڪر ظالم هجي يا مظلوم مون عرض ڪيو ته يارسول الله! هي مظلوم آهي ان جي ته مان مدد ڪيان پر ظالم جي مدد ڪيئن ڪيان؟ پاڻ فرمايائون ته "ان کي ظلم ڪرڻ کان منع ڪر اها ان سان اوهان جي مدد آهي" "إِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ إِخْوَةٌ" بلاشڪ مومن ته ڀائر آهن يعني اهي سڀ هڪ اصل ايمان ڏانهن نسبت ڪيل آهن جيڪو ابدي سعادت جو سبب آهي "فَأَصْلِحُوْا بَيْنَ أَخَوَيْكُمْ" پوءِ پنهنجن ٻن ڀائرن ۾ صلح ڪرايو مطلب ته جيئن ٻن نسبي ڀائرن ۾ صلح ڪرائيندا آهيو تيئن هن ديني ڀائرن ۾ به صلح ڪرايو. "وَاتَّقُوا اللهَ" (۽ الله کان ڊڄو) يعني ڪو به ڪم ڪيو ته الله عزوجل جو خوف رکي ڊڄي ڪندا ڪيو. "لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ" تانت اوهان رحم ڪيا وڃو يعني الله جي رحمت ۾ اميد به رکو نااميد نه بنجو.

فائدا: مذڪوره آيتن جي مطالعي ڪرڻ مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا.١. "وَإِنْ طَآئِفَتٰنِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اقْتَتَلُوْا" (۽ جيڪڏهن مومنن مان ٻه جماعتون وڙهن) هن جي وضاحت ڪندي مفسرن لکيو آهي ته: مسلمانن جي ٻن جماعتن جي وڙهڻ جي صورت ۾ ڪو به ڪافر نه آهي ڇو ته جنگ ۽ ويڙهه گناهه آهي ڪفر ناهي هتي الله عزوجل ٻنهي جماعتن کي "مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ" فرمائيندي ايمان وارو سڏيو آهي حضرت نبي پاڪ عليــه الصلواة والسلام جن به سيدنا حضرت امام حسن رضي الله عنــه جي لاءِ فرمايو "اِن ابنِي هذا سيدٌ و لعلَ الله يصلِح بــه بَيْنَ فِئَتَيْنِ عَظِيْمَتَيْنِ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ" (٢) "بلاشڪ منهنجو هي پٽ سردار آهي شايد الله ان سان مسلمانن جي ٻن جماعتن ۾

(١) المراغي صـ١٣١ـ جزءُ ٢٢ جلد ٩ (٢) مشڪواة المصابيح صـ٥٦٩ـ

صلح ڪرائي" هتي بہ پنهي وڙهندڙين جماعتن کي مسلمان سڏيو ويو آهي. ۽ اها ڳالهہ واضح آهي تہ اهي بہ جماعتون جن جي وچ ۾ حضرت امام حسن صلح ڪرايو حضرتِ علي ۽ حضرت معاويہ رضي الله عنهما جا لشڪر هئا. انهن مان ڪير بہ ڪافر نہ سڏيو ويندو. ها حضرت علي رضي الله عنہ سان جنگ ڪرڻ حضرت معاويہ رضي الله عنہ جي اجتهادي غلطي هئي. (١) ٢. علامہ ابن العربي هن آيت جي تفسير ڪندي جيڪو لکيو آهي ۽ مفسر قرطبي بہ آندو آهي ان جو خلاصو هي آهي تہ هيءَ آيت مسلمانن جي جنگ جي سڀني صورتن کي شامل آهي ان ۾ اها صورت بہ شامل آهي جنهن ۾ ٻئي ڌريون ڪنهن شرعي حجت جي تحت جنگ جي لاءِ آماده ٿين ٿيون ۽ اصحابِ ڪرام جون جنگيون ان ۾ داخل آهن مفسر قرطبي لکيو آهي تہ "هي جائز ناهي جو ڪنهن بہ اصحابيءَ ڏانهن قطعي ۽ يقيني طور تي ڪا غلطي منسوب ڪئي وڃي ڇو تہ انهن سڀني ڀلارن پنهنجي طرز عمل ۾ اجتهاد کان ڪم ورتو آهي ۽ سڀني جو مقصد الله عزوجل جي رضا حاصل ڪرڻ هئي اهي سڀ اسان جا پيشوا آهن ۽ اسان کي حڪم آهي تہ انهن جي باهمي اختلافات کان زبان کي روڪيون ۽ هميشہ انهن جو ذڪر بهترين طريقي سان ڪيون ڇو تہ اصحابي هجڻ وڏي عزت آهي ۽ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن انهن کي بري چوڻ کان سختيءَ سان منع ڪئي ۽ پاڻ فرمايو اٿن تہ "الله عزوجل انهن کي غلطيون معاف ڪري ڇڏيون آهن ۽ الله جل شانہ انهن کان راضي آهي" ان کان علاوه هي حديث متعدد سندن سان ثابت آهي تہ حضرت نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن حضرت طلحة رضي الله عنہ جي باري ۾ فرمايو "اِنَّ طَلْحَةَ شَهِيْدٌ يَمْشي عَلىٰ وَجْهِ الْاَرْضِ" بلاشڪ طلحة زمين تي هلڻ وارو شهيد آهي حالانڪ اهو حضرت علي رضي الله عنہ جي خلاف جنگ ۾ شهيد ٿيو هو ۽ ان ڳالهہ جو دليل اهي صحيح حديثون آهن جن ۾ خود حضرت علي رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ حضرت نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو "زبير جو قاتل جهنمي آهي." ۽ "حضرت علي رضى الله عنہ کان اها بہ روايت آهي تہ حضرت نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو "صفيہ جي پٽ جي قاتل کي جهنم جي خبر ڏيو" (صفيہ رضي الله عنها حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي ڦڦي هئي) جڏهن اها ڳالهہ ثابت آهي تہ واضح ٿيو تہ حضرت زبير ۽ حضرت طلحة رضي الله عنهما ان جنگ ۾ اجتهادي غلطيءَ جي ڪري گنهگار نہ ٿيا نہ تہ نہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن حضرت طلحة کي شهيد سڏين ها ۽ نہ زبير جي قاتل کي جهنمي چون

(١) نورالعرفان صـ٨٢٢ـ

ها ۾ اهي ٻئي عشره مبشره ۾ آهن جن جو جنتي هجڻ تقريبًا متواتر روايتن سان ثابت آهي اهڙي طرح جيڪي اصحاب سڳورا انهن جنگين ۾ ڪناري تي رهيا اهي بہ پنهنجي اجتهاد تي قائم هئا اهي بہ مجرم نہ ليکيا ويندا ان جي ڪري اصحاب ڪرام جي خدمات، قربانين ۾ سندن لاءِ آيل احاديث ۾ فضائل کي ڪالعدم قرار ڏيڻ بہ ڪنهن طرح سان درست ناهي احتياط بہ ان ۾ آهي تہ صحابہ ڪرام جي اختلاف ۾ پنهنجي دل کي مجرم نہ بنائجي ڪيترن بزرگن جا بہ اهڙا ارشادات آهن. انهن جا اختلاف ۾ ويڙهہ ائين سمجهو جيئن حضرت موسيٰ حضرت هارون علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام کي وڙهيو هو قرآن پاڪ ۾ اهو مذڪور آهي پر اهي ٻئي الله عزوجل جا نبي آهن ڪنهن جي لاءِ بہ برو چوڻ جي اجازت نہ آهي نہ دل ۾ اهو خيال رکڻ جي موڪل آهي بلڪ اهو خيال رکڻ صريح ڪفر آهي. (١)

يَاَيُّهَاالَّذِيْنَ آمَنُوْا لَايَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسَىٰٓ اَنْ يَّكُوْنُوْا

اي ايمان وارؤ! نہ ٺٺول ڪري ڪا قوم ڪنهن قوم تان ويجهو آهي هي ڳالهہ جو هجن

خَيْرًا مِّنْهُمْ وَلَانِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰٓى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ ۚ وَلَا تَلْمِزُوْٓا

ڀلا انهن کان ۽ نہ عورتون عورتن تان ويجهو آهي جو هجن ڀليون انهن کان ۽ نہ عيب لايو

اَنْفُسَكُمْ وَلَاتَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ ۭ بِئْسَ الْاِسْمُ الْفُسُوْقُ بَعْدَ الْاِيْمَانِ ۚ

هڪ ٻئي کي ۽ نہ سڏيو هڪ ٻئي کي برن لقبن سان برو آهي نالو فسق ايمان کان پوءِ

وَمَنْ لَّمْ يَتُبْ فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ. (١١)

۽ جن نہ توبہ ڪئي پوءِ اهيئي ظالم آهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ اهي ڳالهيون بيان ٿيون جيڪي مومن جي لاءِ لائق آهن تہ اهو الله جل وعلا ۽ ان جي پياري رسول عليہ الصلواة والسلام سان هوندي انهن جي بي فرمانن فاسقن ۽ فاجرن سان ڪيئن رهي ۽ هتي اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ مومن مومن سان ڪيئن گذاري فرمان مبارڪ آهي "يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا لَايَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ" اي ايمان وارا! هڪ جماعت ٻي جماعت تان ٺٺول نہ ڪري.

شان نزول: هن آيت جي شان نزول جي متعلق مفسرن بہ قول لکيا آهن ١. تہ اها تميم جي ان وفد جي باري ۾ نازل ٿي جن نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي

(١) القرطبي ص٣١ ـ جلد ١٦ احڪام القرآن لابن العربي ص١٧١٧ ـ جلد ۴ معارف القرآن ص١١٣ ـ جلد ٨

مسڪين ۽ غريب اصحابن رضي الله عنهم تان ٺٺولون ڪيون هيون ٢. ته اها حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جي گهرواري ام المومنين بيبي صفية بنت حُيَي بن اخطب رضي الله عنها جي مٿان ٽوڪ ڪندڙن عورتن کي روڪڻ جي لاءِ نازل ٿي هئي جن کيس ٽوڪيندي چيو ته "تون اصل ۾ يهوديه ۽ پڻ يهودين جو نسل آهين" ان حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام سان اها شڪايت ڪئي ته پاڻ فرمايائونس ته "تو انهن کي چو نه فرمايو ته منهنجو ابو هارون ۽ چاچو موسىٰ ۽ مڙس محمد آهي." (١) (عليهم الصلواة والسلام) "عَسَىٰٓ اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ" (هيءَ ڳالهه ويجهي آهي جو انهن کان ڀلا هجن) يعني ٿي سگهي ٿو ته جن تان ٺٺول ڪن ٿا اهي ٺٺول ڪندڙن کان ڀلا هجن "وَلَانِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسَىٰٓ اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ" (۽ نه عورتون (ٺٺول ڪن ٻين) عورتن تان هيءَ ڳالهه ويجهي آهي جو اهي ڪانئن ڀليون هجن) مطلب ته عورتن ۾ به اهو ذهن نه هجي اتي به اهو ممڪن آهي جو جن تان ٺٺول ڪئي وڃي اهي ٺٺول ڪندڙين عورتن کان ڀليون هجن مسلم شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته (سيدنا) رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اِنَّ اللهَ لَايَنظر اِلىٰ صُوَرِكُمْ وَاَمْوَالِكُمْ وَلٰكِن يَنْظُرُ اِلىٰ قُلُوْبِكُمْ وَاَعْمَالِكُمْ" (بلاشڪ الله اوهان جي صورتن ۽ مالن ڏانهن نٿو نهاري ۽ پر اوهان جي قلبن ۽ اعمال ڏانهن ڏسي ٿو) مطلب ته اصل شيءِ ظاهري صورت ۽ حال نه آهي اصل شيءِ اعمال ۽ ان ۾ قلبي اخلاص آهي "وَلَاتَلْمِزُوْا اَنْفُسَكُمْ" (۽ هڪ ٻئي کي عيب نه لڳايو) مطلب ته قول سان يا لکل اشاري سان هڪ ٻئي تي عيب نه لڳايو اهو به الله عزوجل کي پسند ناهي ۽ "اَنْفُسَكُمْ" چوڻ سان ٻانهن کي اهو احساس ڏياريو ويو آهي ته جيئن پاڻ تي عيب لڳائڻ پسند نه ٿا ڪيو تيئن ٻئي مومن کي به عيب نه لڳايو چو ته اهو به چڻ پاڻ تي عيب لڳائڻ آهي. "وَلَاتَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ" (۽ نه برن لقبن سان سڏيو) يعني هڪٻئي کي اهڙي لقب سان نه سڏيو جيڪو برو ۽ ناپسند لڳي جيئن هڪ مسلمان ٻئي کي فاسق، منافق وغيره الفاظ سان سڏي پر سهڻن لقبن سان جن ۾ سچ هجي سڏڻ سٺي ڳالهه آهي جيئن ابوبڪر کي صديق، عمر کي فاروق، عثمان کي ذوالنورين ۽ علي کي ابو تراب ۽ خالد کي سيف الله (رضي الله عنهم) سان سڏيو ويو "بِئْسَ الْاِسْمُ الْفُسُوْقُ بَعْدَ الْاِيْمَانِ" (ايمان کان پوءِ فسق برو نالو آهي) يعني جيڪو ماڻهو براين کان پري ٿي ايمان آڻي نيڪو ڪار بڻيو آهي ان کي فسق سان نالو وٺي سڏڻ برو عمل آهي "وَمَنْ لَّمْ يَتُبْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ" (۽ جن توبه نه ڪئي ته پوءِ اهيئي ظالم آهن) يعني الله عزوجل

(١) المراغي ص١٣٣ـ جزءُ ٢٦ـ جلد ٩

جي طرفان منع ڪرڻ جي باوجود ان بري لقب سان سڏڻ کان توبــه نـه ڪئي تـه اهي خود ظالم آهن ۽ انهن جي لاءِ الله عزوجل وٽ سزا آهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيت مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "خَيْرًا مِّنْهُمْ" (انهن کان ڀلا) مان معلوم ٿيو تـه مسلمانن جي ڪا بـه قوم ذليل ناهي هر مسلمان مومن عزت وارو آهي الله عزوجل جو فرمان آهي "اَلْعِزَّةُ لِلّٰهِ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ" (الله ۽ ان جي رسول ۽ مومنن جي لاءِ عزت آهي) ۽ اهو بـه ذهن ۾ رکڻ گهرجي تـه عظمت جو مدار تقوىٰ تي آهي جيئن الٰهي فرمان آهي "اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَاللّٰهِ اَتْقٰكُمْ" اوهان مان الله وٽ وڌيڪ عزت وارو اوهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي ۽ هن جي شان نزول مان معلوم ٿيو تـه مسلمان کي نسب جو طعنو ڏيڻ الله عزوجل کي نهايت ناپسند آهي ٢. "وَلَاتَلْمِزُوْٓا اَنْفُسَكُمْ" (۽ هڪ ٻئي کي پاڻ مان عيب نـه لڳايو) مان معلوم ٿيو تـه ڪنهن کي گهٽ سمجهي ان مان عيب ڪڍڻ نهايت ناپسنديدو عمل آهي شيطان بـه حضرت آدم علىٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام مان عيب ڪڍيو هو تـه اهو مٽيءَ جي پيداوار آهي ۽ مان باهـ جي پيداوار آهيان تـه لعنتي بنجي ٽڙجي ويو. (٢)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا	اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ	اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ	اِثْمٌ	وَّلَا تَجَسَّسُوْا
اي ايمان وارؤ!	بچو گهڻن گمانن کان	بيشڪ بعضي	گمان گناهـ آهن	۽ نـه عيب ڳوليو
وَلَا يَغْتَبْ	بَّعْضُكُمْ	بَعْضًا	اَيُحِبُّ	اَحَدُكُمْ
۽ نـه گلا ڪن	هڪڙا اوهان مان	ٻين جي	ڇا محبت رکي ٿو	هڪڙو اوهان مان تـه
اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا	فَكَرِهْتُمُوْهُ	وَاتَّقُوا اللّٰهَ	اِنَّ اللّٰهَ	
کائي گوشت پنهنجي مئل ڀاءُ جو	پوءِ نـه پسند ڪندؤ	اوهان ان ڪئي ۽ ڊڄو الله کان	بيشڪ الله	
تَوَّابٌ رَّحِيْمٌ (١٢)				
توبـه قبول ڪندڙ، مهربان آهي				

تفسير

اڳيئن آيت ۾ زندگيءَ جي آداب جي تعليم ڏيندي هڪ ٻئي سان چٽر ڪرڻ کان روڪيو ويو ۽ هتي ان ئي آداب جي تعليم ڏيندي بد گمانيءَ کان روڪيو ويو آهي. فرمان عالي شان آهي "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ" (اي ايمان وارا! گهڻن (بد) گمانن کان پاسو ڪيو) هن آيت ۾ مومنن کي هڪ ٻئي ۾ برا گمان رکڻ کان روڪيو ويو آهي. "اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ" (بلاشڪ بعض گمان گناهـ آهي) هتي سيني

(١) ساڳيو حوالو صـ١٣٤-١٣٥ (٢) نورالعرفان صـ٨٢٤ـ

گمانن کي گناهہ نہ سڏيو ويو آهي ڇو تہ ڪيترا گمان سهڻا ۽ ثواب آهن علماءِ ڪرام گمان جا مختلف قسم بيان فرمايا آهن ١. واجب، الله عزوجل جي ذات عالي صفات ۾ سهڻو گمان رکڻ مومن تي لازم آهي حضرت جابر رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ سيدنا رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن پنهنجي (ظاهري) رحلت کان ٽي ڏينهن پهريان فرمايو تہ "لَايَمُوْتَنَّ اَحَدُكُمْ اِلَّاوَهُوَ يُحْسِنُ الظَّنَّ بالله عزوجل" (اوهان مان ڪو بہ نہ مري مگر ان حال ۾ جو اهو الله عزوجل ۾ سهڻو گمان رکندڙ هجي) هي حديث مبارڪ ۾ آهي تہ "يَقُوْلُ اللهُ اَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِىْ بِىْ فَلْيَظُنَّ مَاشَاءَ" الله فرمائي ٿو تہ مانُ مون سان پنهنجي ٻانهي جي گمان سان آهيان پوءِ جيڪو گهري اهو گمان ڪري. ٢. مستحب، هي مومن کي سندس ظاهري سٺي حال جي مطابق سٺو سمجهڻ آهي. ٣. مباح، جنهن ماڻهوءَ جو حال مشڪوڪ آهي ان ۾ برو گمان ڪرڻ جائز آهي پر جيستائين يقيني دلائل نہ ملن ان وقت تائين صرف گمان جي بنياد تي ان جي خلاف ڪا بہ ڪاروائي ڪرڻ جائز ناهي. ٤. ممنوع، منع ڪيل: جيئن الله عزوجل جي صالحن ٻانهن ۾ غلط گمان ڪرڻ وغيره. هن آيت ۾ بعض گمانن کان روڪڻ جو ذڪر بہ ان جي ڪري آيو آهي. (١) "وَلَاتَجَسَّسُوْا" (۽ عيب نہ ڳوليو) يعني ڪنهن مسلمان جي عيبن ڳولڻ جي پٺيان نہ لڳو. حضرت ابوبرزة اسلمي رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن فرمايو "اي اها جماعت! جن زبان سان ايمان آندو آهي ۽ ان جي دل ۾ ايمان داخل نہ ٿيو آهي مسلمانن جي گلا نہ ڪندا ڪيو انهن جي لڪل ڳالهين جي پويان نہ پئو جيڪو انهن جي لڪل ڳالهين جي پويان پوي ٿو تہ الله ان جي مخفي ڳالهين جي پوئواري ڪري ٿو ۽ جنهن جي مخفي ڳالهين جي پوئواري الله ڪري ٿو اهو ان کي سندس گهر ۾خوار ڪري ٿو." (٢) "وَلَايَغْتَبْ بَعْضُكُمْ بَعْضًا" ۽ اوهان مان هڪڙا ٻين جي گلا نہ ڪن ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم ۽ شعب الايمان ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ "هڪ مومن کي ٻئي مومن جي گلا ڪرڻ ائين حرام آهي جيئن مردار کائڻ." (٣)

گلا ڇا آهي؟ صحيح مسلم ۾ حضرت ابوهريرة رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ (سيدنا) رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن فرمايو "اوهان ڄاڻو ٿا تہ گلا ڇا آهي؟ عرض ڪيائون تہ "الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ ڄاڻندڙ آهن" فرمايائون تہ "تنهنجو پنهنجي (مسلمان) ڀاءُ جي لاءِ اهڙو ذڪر ڪرڻ جيڪو ان کي پسند نہ اچي

(١) ضياءُ القرآن صـ٥٩٦ـ جلد ٤ تفسير مظهري صـ٥٤ـ جلد ٩ (٢) المراغي صـ٣٨ـ جزءُ ٢٦ جلد ٩ (٣) الدرالمنثور صـ٥٧٠ـ جلد ٧

"عرض ڪيو ويو تہ خبر ڏيو پلا جيڪڏهن ان ڀاءُ ۾ اها ڳالهہ هجي جيڪا مان چوان ٿو؟" فرمايائون "جيڪڏهن تون اهڙي ڳالهہ چوين جيڪا ان ۾ آهي تہ پوءِ بلاشڪ تو ان جي گلا ڪئي پر جيڪڏهن اها ان ۾ ناهي تہ پوءِ تہ تو ان تي بهتان هنيو" (١) "اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ" (ڇا اوهان مان ڪو پسند ڪري ٿو تہ پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي؟ پوءِ اوهان ان کي پسند نہ ڪندؤ) تہ گلا ڪرڻ کي بہ پسند نہ ڪيو. "وَاتَّقُوا اللّٰهَ اِنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ رَّحِيْمٌ" ۽ الله کان ڊڄو بلاشڪ الله توبہ قبول ڪندڙ مهربان آهي يعني الله عزوجل کان ڊڄندا رهو تہ ان جي ڪري انهن گناهن کان بچي پوندؤ جيڪڏهن اوهان کان اهڙيون غلطيون سرزد ٿي چڪيون آهن تہ هاڻي بہ توبہ ڪيو تہ الله اوهان جي توبہ قبول ڪري اوهان تي رحم ڪندو ڇو تہ اهو توبہ قبول ڪندڙ مهربان آهي.

فائدو: مذڪوره آيت مان معلوم ٿيو تہ اسلام نهايت اعلىٰ ۽ عمده دين آهي جنهن ۾ هنن سهڻن اخلاقن جي تعليم ڏني وئي آهي.

يَآ اَيُّهَا النَّاسُ	اِنَّا خَلَقْنٰكُمْ	مِنْ ذَكَرٍ	وَّاُنْثٰى	وَجَعَلْنٰكُمْ	
اي انسانو! بلاشڪ اسان پيدا ڪيو اوهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان ۽ بنايوسون اوهان کي					
شُعُوْبًا وَّقَبَآئِلَ	لِتَعَارَفُوْا ط	اِنَّ	اَكْرَمَكُمْ	عِنْدَ اللّٰهِ	
ذاتيون ۽ قبيلا تانت هڪ ٻئي کي سڃاڻو بلاشڪ وڏيڪ عزت وارو اوهان مان الله وٽ					
اَتْقٰكُمْ ط	اِنَّ اللّٰهَ	عَلِيْمٌ	خَبِيْرٌ (١٣)		
اوهان مان وڏيڪ پرهيز گار آهي بيشڪ الله ڄاڻندڙ، خبر رکندڙ آهي					

تفسير

اڳيئن آيت ۾ گلا وغيره کان روڪيو ويو ۽ هتي هڪ جامع شي، نسل ۾ هڪ هجڻ بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يَآ اَيُّهَا النَّاسُ اِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِنْ ذَكَرٍ وَّاُنْثٰى" (اي انسانو! اسان اوهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو آهي) يعني اسان سيني کي هڪ مرد (حضرت) آدم (علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام) ۽ هڪ عورت حضرت بيبي حوا رضي الله عنها مان پيدا فرمايو آهي ۽ جڏهن ائين آهي تہ پوءِ هڪ ٻئي تي نہ ٺوڪ ڪيو ۽ نہ چٽر ڪيو.

شان نزول: هن آيت جي شان نزول متعلق مختلف روايتون آهن انهن مان هڪ هيءَ

(۴) القرطبي صــ٣٣۴ـ جلد ١٦

آهي تہ: جڏهن مڪہ مڪرمہ کي فتح ڪرڻ وارو ڏينهن هو تہ حضرت نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن جي امر سان حضرت بلال رضي الله عنہ بيت الله شريف جي ڇت تي چڙهي اذان ڏني. مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو اهي قريشي جيڪي اڃان مسلمان نہ ٿيا هئا انهن مان هڪ عتاب بن اسيد بن ابي العيص نالي چيو تہ الله جي لاءِ حمد آهي جنهن منهنجي پيءُ کي هن ڏينهن ڏسڻ کان اڳي وفات ڪرائي حارث بن هشام چيو تہ ڇا (حضرت) محمد (عليہ الصلواة والسلام) کي هن ڪاري ڪانوَ کان سواءِ ٻيو موذن نہ لڌو؟ ٻين ڪجهہ ٻيو چيو پوءِ جبريل سڳوري حضرت حبيب ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن کي اهو سمورو احوال عرض ڪيو پاڻ انهن کي گهرائي پڇيائون تہ اوهان ڇا چيو هو؟ انهن ان سموري ڳالهہ جو اقرار ڪيو تڏهن الله عزوجل هيءَ آيت نازل فرمائي ۽ انهن کي متنبہ فرمايو تہ نسبن ۽ مال ملڪيت جي گهڻي هجڻ تي فخر نہ ڪيو عزت واري هجڻ جو سبب اهو ناهي (١) "وَجَعَلْنَاكُمْ شُعُوْبًا وَّقَبَائِلَ لِتَعَارَفُوْا" (۽ اسان اوهان کي ذاتيون ۽ قبيلا بنايو تانت هڪ ٻئي کي سڃاڻو) اهي وڏائي ڪرڻ، تڪبر ۽ غرور جي لاءِ پيدا نہ ڪيون اٿئون "اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَاللهِ اَتْقٰكُمْ" (بلاشڪ اوهان مان وڌيڪ پرهيزگار الله وٽ وڌيڪ عزت وارو آهي) مطلب تہ وطن، قوم، رنگ ۽ نسل تي فخر نہ ڪجي ڇو تہ اهي شيون انسان جي تخليق ناهن ناز ڪرڻ جهڙي شيءِ صرف تقوىٰ آهي جنهن ۾ ٻانهي جو ڪجهہ عمل دخل آهي ۽ اها ئي عزت ۽ اڪرام جو باعث آهي مگر جنهن ۾ تقوىٰ هوندي اهو ان تي فخر ۽ ناز نہ ڪندو. ابن مردويہ ۽ بيهقيءَ حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن ايام تشريق (اضحىٰ جي ڏينهن) جي وچ ۾ الوداعي خطبہ ڏيندي ارشاد فرمايو. "يَاأَيُّهَاالنَّاسُ اَلَا اِنَّ رَبَّكُمْ وَاحِدٌ اَلَااِنَّ اَبَاكُمْ وَاحِدٌ، اَلَالَافَضْلَ لِعَرَبِيٍّ عَلٰى عَجَمِيٍّ وَلَا لِعَجَمِيٍّ عَلٰى عَرَبِيٍّ وَلَا اَسْوَدَ عَلٰى اَحْمَرَ وَلَا اَحْمَرَ عَلٰى اَسْوَدَ اِلَّا بِالتَّقْوٰى اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَاللهِ اَتْقٰكُمْ اَلَاهَلْ بَلَّغْتُ؟ قَالُوْا بَلٰى يَارَسُوْلَ اللهِ! قَالَ فَلْيُبَلِّغِ الشَّاهِدُالْغَائِبَ" (٢) (اي انسانو! خبردار بيشڪ اوهان جو رب هڪ آهي خبردار اوهان جو پيءُ هڪ آهي خبردار عربيءَ کي عجميءَ تي ڪا فضيلت ناهي ۽ نہ عجميءَ کي عربيءَ تي ۽ نہ ڪاري کي ڳاڙهي تي ۽ نہ ڳاڙهي کي ڪاري تي مگر تقوىٰ سان بلاشڪ اوهان مان وڌيڪ پرهيزگار الله وٽ وڌيڪ عزت وارو آهي) خبردار، ڇا مون پيغام پهچايو؟ عرض ڪيائون تہ "هائو" فرمايائون "پوءِ هتي حاضر هوندڙ اهو پيغام غائب کي پهچائي" مسلم ۽ ابن ماجہ حضرت ابو هريرة رضي الله عنہ کان روايت

(١) المراغي ص١٤٣ـ جزءُ ٢٦ جلد ٩ (٢) الدرالمنثور ص٥٧٩ـ جلد ٧

آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن فرمايو "إِنَّ اللهَ لَايَنْظُرُ اِلىٰ صُوَرِكُمْ وَاَعْمَالِكُمْ وَلٰكِنْ يَّنْظُرُ اِلىٰ قُلُوْبِكُمْ وَاَعْمَالِكُمْ" (١) (بلاشڪ الله اوهان جي صورتن ۽ مالن ڏانهن نہ تو ڏسي ۽ پر اوهان جي دلين ۽ عملن ڏانهن ڏسي ٿو) مطلب تہ مسلمان جي لاءِ تقوىٰ نهايت اهم ۽ ضروري آهي "إِنَّ اللهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ" (بلاشڪ الله ڄاڻندڙ، خبر رکندڙ آهي) يعني اهو اوهان جا اعمال ڄاڻندڙ ۽ اوهان جي باطني حالات جي پوري پوري خبر رکندڙ آهي.

فائدو: مذڪوره آيت مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل جيتوڻيڪ سڀني انسانن کي هڪ ئي پيءُ ۽ ماءُ مان پيدا ڪيو آهي پر انهن جي قومن ۽ قبيلن جي لحاظ سان تقسيم سندن سڃاڻپ ۽ تعارف جي لاءِ ڪئي وئي آهي مثلاً ہہ شخص هڪ نالي سان آهن تہ انهن ۾ خاندان جي لحاظ سان تفاوت جو امتياز ڪري سگهجي ٿو ۽ ان سان ئي ويجهي ۽ پَرانهين رشتيدارن جي ڄاڻ ٿيئي ٿي ۽ ان نسبي ويجهڙائپ ۽ پري هجڻ جي مقدار تي انهن جا شرعي حقوق ادا ڪيا وڃن ٿا عصبات جو قرب ۽ بُعد بہ ان سان معلوم ٿئي ٿو جنهن جي ميراث جي تقسيم ۾ ضرورت پيش اچي ٿي ڳالهہ جو خلاصو هي آهي تہ نسبي تفاوت تي فخر نہ ڪيو ان کي صرف تعارف جي ضرورت لاءِ استعمال ڪيو.

قَالَتِ الْاَعْرَابُ اٰمَنَّا ؕ قُلْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا وَلٰكِنْ قُوْلُوْٓا اَسْلَمْنَا

چيو ٻهراڙي وارن تہ اسان ايمان آندو آهي فرماءِ تہ نہ ايمان آندو اوهان ۽ پر چئو

وَلَمَّا يَدْخُلِ الْاِيْمَانُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَاِنْ تُطِيْعُوا اللهَ

تہ تابعدار ٿياسون ۽ اڃان نہ داخل ٿيو ايمان اوهان جي دلين ۾ ۽ جيڪڏهن اطاعت ڪندؤ الله جي

وَرَسُوْلَهٗ لَا يَلِتْكُمْ مِّنْ اَعْمَالِكُمْ شَيْئًا ؕ

۽ ان جي رسول جي تہ نہ گهٽائيندو اوهان کان اوهان جي عملن (جي اجر) مان ڪجهہ

اِنَّ اللهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (١٤) اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللهِ وَرَسُوْلِهٖ

بہ بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي ايمان وارا تہ اهي آهن جن ايمان آندو الله تي ۽ ان جي رسول تي

ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوْا وَجٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ ؕ

ان کان پوءِ نہ شڪ ڪيائون ۽ جهاد ڪيائون پنهنجن مالن ۽ پنهنجن سرن سان الله جي واٽ ۾

(١) المظهري صـ٥٦ــ جلد ٩

اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ (١٥) قُلْ اَتُعَلِّمُوْنَ اللّٰهَ بِدِيْنِكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ

اهيئي سچا آهن فرماءِ تہ ڇا ڄاڻايو ٿا الله کي پنهنجو دين ۽ الله ڄاڻي ٿو

مَافِى السَّمٰوٰتِ وَمَافِى الْاَرْضِ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيْمٌ (١٦) يَمُنُّوْنَ

جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي ۽ الله هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي احسان ڪن ٿا

عَلَيْكَ اَنْ اَسْلَمُوْا ؕ قُلْ لَّاتَمُنُّوْا عَلَىَّ اِسْلَامَكُمْ ۚ بَلِ اللّٰهُ يَمُنُّ عَلَيْكُمْ

توتي هي تہ مسلمان ٿيا فرماءِ تہ نہ احسان ڪيو مون تي پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو بلڪ

اَنْ هَدٰىكُمْ لِلْاِيْمَانِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ (١٧)

الله احسان ڪري ٿو اوهان تي هي تہ هدايت ڪيائين اوهان کي ايمان جي لاءِ جيڪڏهن آهيو سچا

اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌ بِمَا تَعْمَلُوْنَ (١٨) ع ٢ ٨ ١٤

بيشڪ الله ڄاڻي ٿو ڳجهہ آسمانن جو ۽ زمين جو ۽ الله ڏسندڙ آهي جيڪي ڪيو ٿا

تفسير

اڳيئن آيت ۾ تقوىٰ جو شان بيان ٿيو ۽ هتي ان ڪان خالي هوندڙن، زبان سان ايمان جي دعوىٰ ڪندڙن کي متنبہ ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قَالَتِ الْاَعْرَابُ اٰمَنَّا" (ٻهراڙيءَ جي رهندڙن چيو تہ اسان ايمان آندو آهي) الاعراب جي معنىٰ "سڪان البادية" ٻهراڙيءَ ۾رهندڙ يعني انهن چيو تہ اسان الله ۽ ان جي رسول (عليه الصلواة والسلام) جي تصديق ڪئي آهي "قُلْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا وَلٰكِنْ قُوْلُوْٓا اَسْلَمْنَا" (فرماءِ تہ اوهان ايمان نہ آندو آهي ۽ پر چئو تہ اسان تابعدار ٿياسون) مطلب تہ ايمان ۾ قلبي تصديق لازم آهي اها اوهان وٽ ناهي جيئن اڳتي اچي ٿو پر اوهان هيئن چئو تہ اسان ظاهري اطاعت ڪئي آهي اوهان جي مخالفت ڇڏي ڏني آهي ظاهري موافقت سان بہ اطاعت ثابت ٿيندي آهي "وَلَمَّا يَدْخُلِ الْاِيْمَانُ فِىْ قُلُوْبِكُمْ" (۽ اڃان ايمان اوهان جي دلين ۾ داخل نہ ٿيو آهي) ان جي ڪري ايمان جي دعوىٰ نہ ڪيو "وَاِنْ تُطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَا يَلِتْكُمْ مِّنْ اَعْمَالِكُمْ شَيْئًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" (۽ جيڪڏهن الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪندؤ تہ اوهان جي لاءِ اوهان جي اعمال جي اجر مان ڪا شيءِ نہ گهٽائيندو بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي) مطلب تہ جيڪڏهن اوهان سچي دل (قلبي تصديق) سان ڳڏ الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪندؤ تہ اوهان جا ايمان آڻڻ ڪان پوءِ جيڪي بہ

صالح عمل هوندا الله عزوجل انهن جي اجر مان ڪجھ بہ گھٽ نہ ڪندو بلڪ پورو اجر ڏيندو بلاشڪ الله شرڪ کان سواءِ هر گناهہ بخشيندڙ ۽ پنهنجن ٻانهن تي نهايت مهربان آهي. (١)

شان نزول: مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ ڪجھ ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙن قبيلن جا ماڻهو مدينہ منوره ۾ آيا ۽ حضور پرنور عليہ الصلواة والسلام جي خدمت ۾ اچي اسلام جو اظهار ڪيائون پر دل سان مومن نہ ٿيا هئا سندن مقصد صرف دنيوي فائدا حاصل ڪرڻ هو ۽ حضرت حبيب پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي خدمت ۾ ويهي چوندا هئا تہ اسان اسلام قبول ڪيو آهي اسان ٻين وانگر اوهان سان جنگ ڪري پوءِ مسلمان نہ ٿيا آهيون اسان جو اهل عيال گهٽو آهي اسان جو قدر ڪيو وڃي. ان طرح چوڻ سان اهي نبی پاڪ عليہ الصلواة ولسلام تي ڄڻ احسان ڪري رهيا هئا الله عزوجل هيءَ آيت لاهي انهن جي ڳالهہ کي رد ڪندي کين هدايتون ڏنيون. (٢) "اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ آمَنُوْا بِاللهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوْا" (مومن تہ اهي آهن جن الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آندو ان کان پوءِ شڪ نہ ڪيائون) يعني ڪامل مومن اهي آهن جيڪي الله عزوجل ۽ ان جي پياري پيغمبر عليہ الصلواة والسلام تي ايمان آڻي ان کان پوءِ زندگي جي نهايت ڏکيءِ حالت ۽ ماحول ۾ بہ ايمان ۾ ڪنهن قسم جو شڪ نہ ڪيائون. "وَجَاهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ" (۽ پنهنجن مالن ۽ سرن سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيائون) يعني مال ۽ سرن کي بہ الله عزوجل جي محبت ۾ قربان ڪرڻ جي لاءِ پوئتي نہ پوندا. "اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ" (اهي ئي سچا آهن) اهي پنهنجي ايمان جي دعويٰ ۾ سچا آهن "قُلْ اَتُعَلِّمُوْنَ اللهَ بِدِيْنِكُمْ وَاللهُ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ وَاللهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ" (فرماءِ تہ ڇا اوهان الله کي پنهنجي دين جي ڄاڻ ڏيو ٿا حالانڪ الله جيڪو ڪجھ آسمانن ۾ ۽ جيڪو ڪجھ زمين ۾ آهي ڄاڻي ٿو ۽ الله هرشيءِ ڄاڻندڙ آهي) يعني اوهان الله عزوجل کي پنهنجو ايمان ۽ دين ٻڌايو ٿا ان کي ٻڌائڻ جي ڪا ضرورت ناهي اهو تہ آسمانن ۽ زمين جا غيب ڄاڻي ٿو ۽ هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي. "يَمُنُّوْنَ عَلَيْكَ اَنْ اَسْلَمُوْا قُلْ لَّا تَمُنُّوْا عَلَيَّ اِسْلَامَكُمْ بَلِ اللهُ يَمُنُّ عَلَيْكُمْ اَنْ هَدٰىكُمْ لِلْاِيْمَانِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" (تو تي احسان ٿا ڪن تہ مسلمان ٿيا آهن فرماءِ تہ پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو مون تي احسان نہ ڪيو بلڪ الله اوهان تي احسان ٿو ڪري جو اوهان کي ايمان جي لاءِ هدايت ڏنائين جيڪڏهن سچا آهيو) عرب جا ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ قبيلا (جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون) اسلام قبول

(١) بيان القرآن مع معارف القرآن ص١٢٦ـ جلد ٨ (٢) روح المعاني ص١٦٧ـ جزءُ ٢٦ جلد ٩

ڪرڻ ڪي حضور عليه الصلواة والسلام جي مٿان احسان سمجهندا هئا هتي انهن جي ڳالهه بيان ڪندي رب العزة جل شانه فرمايو ته: اهي اوهان تي اهو احسان ٿا سمجهن جو اسلام قبول ڪيو اٿن. اها انهن جي غلط فهمي آهي جيڪا دور ٿيڻ گهرجي انهن ڪنهن تي احسان نه ڪيو آهي اوهان انهن ڪي فرمايو ته: اوهان ڪنهن تي احسان نه ڪيو آهي پر اوهان تي الله جو احسان آهي جنهن اوهان ڪي ايمان آڻڻ جي هدايت نصيب ڪئي جيڪڏهن ايمان ۾ سچا آهيو ته الله عزوجل جو احسان مڃيو جو هاڻي اوهان جو شمار مصطفىٰ عليه الصلواة والسلام جي سچن امتين ۽ غلامن ۾ ٿي رهيو آهي. "اِنَّ اللهَ يَعْلَمُ غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاللهُ بَصِيْرٌ ۢبِمَا تَعْمَلُوْنَ" (بيشڪ الله آسمانن ۽ زمين جا غيب ڄاڻي ٿو ۽ اوهان جيڪي ڪيو ٿا الله ڏسندڙ آهي) مطلب ته اي ٻانها! اوهان جو معاملو ان الله عزوجل سان آهي جنهن جو علم ڪائنات جي ذره ذره کي محيط آهي آسمانن ۽ زمين جي بي نهايت وسعتن ۾ ڪا شيءِ به اهڙي ناهي جيڪا ان کان لڪل هجي عرش جي بلندين کان وٺي زمينن جي هيٺين تري تائين جڏهن هرشيءِ ان جي اڳيان روشن آهي ته اوهان جي دل جي مختصر دنيا جي کهڙي ڪنڊ ان کان مخفي هوندي اهو اوهان جو هر عمل ڏسندڙ آهي ان کي اوهان جي طرفان ٻڌائڻ جي ڪا به ضرورت ناهي.

فائدا: مذڪوره آيت مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "قُلْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا وَلٰكِنْ قُوْلُوْٓا اَسْلَمْنَا" (فرماءِ ته نه ايمان آندو اوهان ۽ پر چئو ته اسان اسلام آندو) هتي ايمان جي انڪار ۽ اسلام جي اثبات مان دليل وٺندي هڪڙن عالمن فرمايو ته دل سان مڃڻ جو نالو ايمان آهي ۽ زبان سان اقرار جو نالو اسلام آهي انهن وٽ ايمان ۽ اسلام هڪ شيءِ آهي اهي فرمائين ٿا ته هتي اسلام لغوي معنىٰ ۾ استعمال ٿيل آهي يعني اطاعت ڪرڻ جيئن ٻيءَ آيت ۾ آهي "فَلَمَّآ اَسْلَمَا" (پوءِ جڏهن اطاعت ڪيائون) هي قول قوي آهي ان جي ڪري منافق نه مسلمان آهي نه مؤمن. ٢. "اٰمَنُوْا بِاللهِ وَرَسُوْلِهٖ" (الله تي ۽ ان جي رسول تي ايمان آندائون) ۾ "رَسُوْلِهٖ" کان اڳي عطف جو "و" آڻڻ مان معلوم ٿيو ته حضور عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ به ائين لازم آهي جيئن الله عزوجل جي ذات تي. حضور عليه الصلواة والسلام جن اسان جو ايمان آهن پاڻ اسان وانگر مومن ناهن ان جي ڪري الله عزوجل کين عام مومنن ۾ داخل ڪرڻ جي بجاءِ سندن جدا ذڪر ڪيو آهي جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي "اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَالْمُؤْمِنُوْنَ" (رسول ان تي ايمان آندو جيڪو ان ڏانهن سندس رب جي طرفان نازل ڪيو ويو ۽ مومنن به ايمان آندو) ٣. "ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوْا" (ان کان پوءِ شڪ نه

ڪيائون) هن مان معلوم ٿيو تہ مؤمن کي پنهنجي مؤمن هجڻ تي يقين رکڻ گهرجي ايمان ۾ شڪ نہ ڏيکاري ان جي ڪري هيئن چوڻ غلط آهي تہ "مان انشاءَ الله مومن آهيان" (١) الحمدلله جو مون گنهگار مالڪ مٿي جي فضل، ڪرم ۽ احسان سان هن سورة مبارڪ جو تفسير اڄ اربعاء جي رات نائين بجہ بموٗرخہ ٢٥ شوال الموافق ٧. ١٢. ٢٠٠۴ع تي پنهنجي گهر واري لائبريريءَ ۾ لکي پورو ڪيو ان ڪريم جي دربار ۾ نهايت عاجزانہ التجا آهي تہ باقي رهيل سورتن جو تفسير بہ جلد ڪان جلد لکڻ جي سعادت نصيب ڪرڻ فرمائي ۽ ان کي قبوليت جي شرف سان مشرف ڪري. آمين يارب العلمين بحرمة النبى الامين عليه وعلىٰ آله واصحابه الصلوات والتسليمات الىٰ يوم الدين .





(١) نورالعرفان صـ٨٢٦ـ

سورة "قٓ" جو تعارف

هن سورةمبارڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن.
نالومبارڪ: هن جو نالو "ق" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت جو پهريون حرف آهي.
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٽي رڪوع، پنجيتاليهه (٤٥) آيتون، ٽي سؤ ستونجاه(٣٥٧) ڪلما ۽ هڪ هزار چار سؤ چورانوي (١٤٩٤) حرف آهن. (١)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، نحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت ابن الزبير کان ۽ حضرت ابن مسعود رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ سورة "ق" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)
نزول جو زمانو: هن سورة جي مضمونن ۾ غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ انهن سورتن ۾ شامل آهي جيڪي حضور عليه الصلواة والسلام جي مڪه مڪرمه ۾ رهڻ دوران نازل ٿيون هيون جڏهن پاڻ ڪلي طرح اسلام جي تبليغ شروع ڪئي هيائون ۽ سعادتمند روح نهايت تيز رفتاريءَ سان هن دعوت کي قبول ڪري رهيا هئا ان وقت مڪه مڪرمه جي ڪافرانه معاشري ۾ هڪ قسم جي هلچل پيدا ٿي وئي هئي ۽ انهن اسلام جي پيغام کي ناڪام بنائڻ جي لاءِ طعن ۽ طنز جا تير وسائڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا.
مضمون: عرب وارن جي لاءِ حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن جي دين واري دعوت اهڙي هئي جنهن کين حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو پر خاص طور اهي هيءَ ڳالهه مڃڻ جي لاءِ قطعي تيار نہ هئا تہ مرڻ کان پوءِ انهن کي وري زندهہ ڪيو ويندو ۽ انهن جي سڙيل، ڳريل ۽ منتشر جزئن کي وري ڳنڍيو ويندو اها شيءِ انهن وٽ ناممڪن بہ هئي تہ عقل جي خلاف بہ هئي ان جي ڪري اهي ڪلي طرح چوندا هئا تہ اسين اوهان جي اها ڳالهه مڃڻ لاءِ ڪنهن بہ قيمت تي تيار ناهيون هن سورة ۾ انهن کي ٻڌايو وڃي ٿو تہ اهو ڪم بيشڪ ڏکيو ۽ گهڻو مشڪل آهي زمين تي ٽڙيل پکڙيل ذراجن کي هوا جا جهولا ڪٿان کان ڪٿي ڪٿي اڏائي اڇلائي آيا انهن کي گڏ ڪرڻ اوهان جي وس جي ڳالهه ناهي پر الله عزوجل جي ذات لاءِ ان ۾ ڪا بہ دشواري ناهي جنهن جي علم ۽ ڪائنات جو ذرو ذرو روشن ۽ انهن ۾ تبديليون بہ ان کان بالڪل مخفي ناهن ان انهن جو مڪمل رڪارڊ تيار ڪري رکيو آهي جيڪڏهن اوهان الله عزوجل جي بي پايان قدرت کي ڄاڻڻ گهرو تہ آسمانن واري مٿئين بي پايان جهان جون اونهايون ڏسو ۽ جيڪڏهن ان جي حڪمت جي ڪمال جو اندازو لڳائڻ گهرو تہ هن وسيع، ڪشادي ۽ پيچيده جهان ۾ جيڪو نظم، ضبط ۽ هم آهنگي موجود آهي ان ۾ غور ڪيو اوهان کي يقين

(١) خازن صـ١٧٤ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور صـ٥٨٧ـ جلد ٧٩

اچي ويندو تہ اهڙي هستيءَ لاءِ انسان کي موت جي ننڊ ۾ سمهارڻ ۽ وري ان کي گهٽي عرصي کان پوءِ مقرر وقت تي زنده ڪرڻ قطعي طور مشڪل ناهي. هتي عالم بالاجي وسعتن جو ڪجهہ بيان لکجي ٿو تانتہ پڙهندڙ حضرات کي خداوندي قدرت جي عظمتن جو ڪجهہ تصور ٿي وڃي فلڪيات جي ماهرن جي جديد تحقيقات جي مطابق هي شمسي نظام جنهن ۾ اسان جو ڪرهءَ زمين بہ آهي هي هڪ ڪهڪشان جو حصو آهي ان هڪ ڪهڪشان ۾ هڪ لک ملين ستارا موجود آهن ۽ هڪ ملين ۾ ڏهہ لک آهن ان ڪهڪشان جو قطر ڏهہ لک نوري سال آهي. نوري سال کي سمجهڻ جي لاءِ خيال رکو تہ روشني هڪ سيڪنڊ ۾ هڪ لک ڇهاسي هزار (١٨٦٠٠٠) ميل سفرطئي ڪري ٿي ان کي سٺ سان ضرب ڪيو جيڪو انگ نڪري ان کي وري ٻيو ٻيرو سٺ سان ضرب ڪيو جيڪو انگ نڪري ان کي وري چوويهن سان ضرب ڪيو پوءِ جيڪو انگ نڪري اهو هڪ نوري ڏينهن هوندو پوءِ ڏينهن مان مهينا مهينن مان سال ٺاهيو ان عرصي ۾ جيترو پنڌ طي ٿيندو اهو هڪ نوري سال هوندو ۽ سج ان ڪهڪشان (ستارن جي جهرمٽ) جي مرڪز کان ٢٥ يا ٣٠ هزار نوري سال پري آهي سائنسدان تسليم ڪن ٿا تہ ڪائنات جي وسعتن جو اندازو لڳائڻ سندن وس کان ٻاهر آهي. هن وقت تائين انهن ڪائنات جي هڪ نهايت حقير حصي جو مشاهدو ڪيو آهي پر هي مختصر حصو بہ ايترو آهي جو جيڪڏهن ڪو شخص روشنيءَ جي رفتار (هڪ لک ڇهاسي ميل في سيڪنڊ) جي حساب سان سفر ڪري تہ ان جي سرحد تائين پهچڻ جي لاءِ ان کي ڇهہ هزار ملين سال درڪار هوندا. جنهن ڪهڪشان سان اسان جو تعلق آهي اها نسبتًا ننڍي آهي ان کان سواءِ بہ هزار ملين وڏيون ۽ ننڍيون ڪهڪشائون آهن ان ننڍڙي وسعت جو اندازو لڳايو تہ زمين کان چنڊ ٻہ لک چاليهہ هزار (٢۴٠٠٠٠) ميل پري آهي ۽ سج زمين کان ساڍا نو ڪروڙ (٩٥٠٠٠٠٠٠) ميل پري آهي ان جو قطر اٺ لک پنجهٺ هزار (٨٦٥٠٠٠) ميل آهي ۽ اهو زمين کان ٻارهن لک حصا وڏو آهي. (١) الله عزوجل آسمان ۽ زمين جي وسعتن جي ذڪر ڪرڻ کان پوءِ فرمايو "تَبْصِرَةً وَّذِكْرٰى لِكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ" ڪاش! اها امت جيڪا قرآن ڪريم جي حامل آهي اهي نوجوان جيڪي مصطفىٰ صلى الله عليہ وسلم جي غلام هجڻ جي دعوىٰ ڪن ٿا اهي اهل علم استاد ۽ طالب ننڊ مان سجاڳ ٿي تحقيق ۽ تجسس کي پنهنجو شعار بنائي قدرتي اسرار جي نقاب ڪشائيءَ ۾ مردانـــہ همت جو ثبوت ڏين تہ اسلامي ملت جو مقدر چمڪي پوي ۽ هيٺ ڪرڻ جو چڪر ختم ٿي وڃي هن سورة ۾ قيامت جي منڪرن کي تنبيـــہ ڪئي وئي آهي تہ جنهن سرڪشيءَ جو اوهان مظاهرو ڪري

(١) ضياءُ القرآن صـ٦٠٦ـ جلد ۴

رهيا آهيو اوهان کان اڳين قومن بہ اهوئي طريقـــہ کار اختيار ڪيو هو پر نيٺ اهي قومون تباهہ ڪيون ويون ڇا اوهان بہ اهڙي عاقبت پسند ڪيو ٿا؟ هيءَ حقيقت بہ واضح ڪئي وئي آهي تہ الله عزوجل پنهنجن ٻانهن کان پري ناهي بلڪ ڪين سندن ساهہ جي رڳ کان بہ وڌيڪ ويجهو آهي ڪنهن جي ڪا بہ چرپر ان کان مخفي ناهي ۽ نہ ڪو شخص ان جي قدرت کان ٻاهر آهي ان سڀ جي هوندي بہ اوهان جي ڪلهن تي ملائڪ مقرر ڪيا ويا آهن جيڪي اوهان جي اقوال ۽ اعمال جو رڪارڊ تيار ڪري رهيا آهن الله تعالىٰ سورة جي ختم ٿيڻ کان پهريان فرمايو تہ: اي حبيب (عليك الصلواة والسلام) اوهان انهن جي بيهوده قولن کان دل ڏکويل نہ ٿيو بلڪ صبر جي دامن مضبوطيءَ سان وٺي ويهو صبح ۽ شام هر وقت منهنجو ذڪر ڪندا ۽ تسبيح پڙهندا رهو يقينًا ڪاميابي اوهان جا قدم چمندي.

اڳيئن سورة سان تعلق: اڳيئن سورة جي آخر ۾ ٻڌايو ويو تہ اعراب جو ايمان سچو نہ هو جنهن جي ضمن ۾ نبوت جو ۽ قبر مان اٿڻ جو انڪار اچي ٿي ويو تہ هن سورة جي شروعات بہ انهن ڳالهين سان ڪئي وئي آهي جيڪي ان سان تعلق رکن ٿيون. (١)

ڀلايون ۽ برڪتون: هيءَ سورة سڳوري نهايت شاندار آهي جو حضور عليـــہ الصلواة والسلام جن ان کي گهڻو تلاوت فرمائيندا هئا جيئن هنن روايتن مان واضح آهي. ١. صحيح مسلم جابر بن سمره کان ۽ ابن ماجـــه وغيره قطبـــة بن مالڪ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن هيءَ سورة "ق" فجر جي پهرين رڪعت ۾ تلاوت ڪندا هئا. ٢. امام احمد، مسلم، ابو داود، ابن ماجـــه، ترمذي ۽ نسائي ابو واقد ليثي رضي الله عنـه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن عيد جي نماز ۾ (سورة) "ق" ۽ "اِقْتَرَبَتِ" پڙهندا هئا. ٣. ابوداود، بيهقي، ابن ماجـــه ۽ ابن ابي شيبـه ام هشام بنت حارثـه کان روايت آندي ان فرمايو تہ "مون (سورة) "قٓ وَالْقُرْآنِ الْمَجِيْدِ" حضور عليـه الصلواة والسلام جن جي منهن مبارڪ کان سکي ياد ڪئي هئي جو پاڻ هر جمعـه جي خطبـہ ۾ منبر تي تشريف فرما ٿيندي اها پڙهندا هئا. ۴. ابن مردويـه ابوالعلاءَ کان مرفوع روايت آندي آهي تہ "تَعَلَّمُوْا قٓ وَالْقُرْآنِ الْمَجِيْدِ" يعني سورة ق پڙهڻ سکو. (٢) ۽ مٿيون سيئي روايتون هن ڳالهہ جو دليل آهن تہ حضرت نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن وڏن وڏن اجتماعن، عيدن، جمعن وغيره ۾ هيءَ سورة سڳوري تلاوت ڪرڻ فرمائيندا هئا ڇو تہ اها خلق جي ابتداءَ، بعث، نشور، معاد، حساب، جنت، جهنم، ثواب، عذاب، ترغيب ۽ ترهيب جي ذڪر تي مشتمل آهي. (٣)

(١) روح المعاني صـ١٧٠ـ جزءُ ٢٦ جلد ٩ (٢) روح المعاني صـ١٧٠-١٧١ـ جزءُ ٢٦ جلد ٩
(٣) المراغي صـ١٥٠ـ جزءُ ٢٦ جلد ٩

وَهِيَ خَمْسٌ وَّاَرْبَعُوْنَ آيَـةً	سُوْرَةُ قٓ مَكِّيَّـةٌ	وَثَلَاثُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها پنجيتاليهہ آيتون	سورة ق مڪيـه آهي	۽ ٽي رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان هميشـه رحم ڪندڙ آهي.

قٓ وَالْقُرْاٰنِ الْمَجِيْدِ (١) بَلْ عَجِبُوْٓا اَنْ جَآءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ فَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ

ق قسم آهي قرآن مجيد جو بلڪ عجب ۾ پيا تہ آيوانهن وٽ ڊيڄاريندڙ انهن مان پوءِچيو ڪافرن

هٰذَا شَيْءٌ عَجِيْبٌ (٢) ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا ذٰلِكَ رَجْعٌۢ بَعِيْدٌ (٣)

تـہ هيءَ شيءِ عجيب آهي ڇا جڏهن مرنداسون ۽ هونداسون مٽي اهو موٽـڻ پـر انهـون آهي

قَدْ عَلِمْنَا مَا تَنْقُصُ الْاَرْضُ مِنْهُمْ ج وَعِنْدَنَا كِتٰبٌ حَفِيْظٌ (٤)

تحقيق ڄاتو اسان اهو جيڪـو گهٽائي ٿي زمين انهن مان ۽ اسان وٽ ڪتاب ياد رکندڙ آهي

بَلْ كَذَّبُوْا بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ فَهُمْ فِيْٓ اَمْرٍ مَّرِيْجٍ (٥)

بلڪ ڪوڙو ڄاڻون حق کي جڏهن آيو انهن وٽ پوءِ اهي اڻ ثابت امر ۾ آهن

تفسير

جيڪي اڳينءَ سورة جي آخر ۾ ڳالهيون هيون ان ئي ڳالهين کي وڌيڪ واضح ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "ق" هي مقطعات حرفن مان آهي جن جي حقيقي مفهوم ۽ مراد الله عزوجل ۽ ان جي ڄاڻائڻ سان ان جو حبيب عليـه الصلواة والسلام ڄاڻي ٿو علامـه قرطبي لکيو آهي تہ "ق" الله عزوجل جي انهن سهڻن نالن جي ڪنجي آهي جن جي اول ۾ ق آهي القدير، القادر، القهار وغيره (١) علامـه پاني پتي عليه الرحمـة لکيو آهي تہ لايعلم تاويلـه الا الله وبعض الراسخين في العلم (٢) ان جي تاويل الله ۽ بعض علم ۾ راسخ شخصيتن ڪان سواءِ ڪير نہ ٿو ڄاڻي ۽ علامـه اسماعيل حقي لکيو آهي تہ "ق" ۾ الله عزوجل پنهنجي حبيب عليـه الصلواة والسلام جي قلب جي قوت جو قسم کنيو آهي جو جو پاڻ الله عزوجل جو مشاهدو بہ ڪيائون ۽ همڪلاميءَ جي شرف سان مشرف بہ ٿيا ۽ انهن ڳالهين سندن حال جي بلند هجڻ جي ڪري ڪين ڪا بہ تڪليف

(١) القرطبي صـ٣ـ جلد ١٧ (٢) المظهري صـ٦٠ـ جلد ٩

نہ پهچائي (١) بعض علماء جو قول آهي تہ "ق" مان مراد هڪ جبل (ڪوه قاف) آهي جيڪو ساري زمين کي گهيري ۾ رکيو ويٺو آهي اهو زبرجد مان ٺهيل آهي ۽ آسمان جي رنگ جو نيرو هجڻ بہ ان جي عڪس جو اثر آهي وغيره وغيره علامـــه ابن ڪثير لکيو آهي تہ اهي اسرائيلي هٺ چون ٺاهيل ڳالهيون آهن جيڪي مسلمانن اهل ڪتاب کان ٻڌي تحقيق ڪرڻ کان سواءِ پنهنجن ڪتابن ۾ داخل ڪري ڇڏيون آهن بلڪ انهن مان بہ جيڪي زنديق هئا انهن اهي ڳالهيون ٺاهيون تانت ماڻهن کي حق جي دين کان بد گمان بنائين روح المعاني تفسير جي صاحب بہ ان قول جي ترديد ڪئي آهي.
(٢) "وَالْقُرْآنِ الْمَجِيْدِ" (قرآن مجيد جو قسم آهي هن قسم جو جواب مقدر آهي) يعني اي پيارا رسول! بلاشڪ اوهان انهن کي قبر مان اٿڻ واري ڳالهہ سان ڊيڄاريندڙ آهيو. "بَلْ عَجِبُوْا اَنْ جَاءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ فَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا شَيْءٌ عَجِيْبٌ" (بلڪ عجب ۾ پيا تہ انهن وٽ انهن مان ڊيڄاريندڙ آيو پوءِ ڪافرن چيو تہ هيءَ عجيب شيءِ آهي) يعني مناسب تہ هيئن هيو تہ اهي الله عزوجل جو شڪر بجا آڻين ها تہ ان انهن ڏانهن هڪ عظيم الشان رهبر موڪليو آهي ۽ وڌو ڪرم اهو فرمايائين جو اهو سندن ئي قوم مان سندن هم وطن آهي جنهن جي سيرت ۽ ڪردار کان اهي بخوبي واقف آهن پر انهن جو حيرت ۾ وجهندڙ ذهن آهي جو چون پيا تہ هي تہ عجيب ڳالهہ آهي "ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا ذٰلِكَ رَجْعٌ بَعِيْدٌ" (ڇا جنهن وقت مرنداسون ۽ مٽي هونداسون؟ اهو موٽڻ تہ (عقل کان) پرانهون آهي) يعني ڪافرن کي جڏهن الله عزوجل جي پياري حبيب عليـــه الصلواة والسلام فرمايو تہ اوهان مرڻ کان بعد جيئرا ٿي وري اٿندؤ تہ چوڻ لڳا هي ڳالهہ عقل کان پري آهي مجڻ جهڙي ناهي ۽ اهڙيون ڳالهيون ڪندڙ نبي نہ ٿو ٿي سگهي. "قَدْ عَلِمْنَا مَا تَنْقُصُ الْاَرْضُ مِنْهُمْ وَعِنْدَنَا كِتٰبٌ حَفِيْظٌ" (بلاشڪ اسين اهو ڄاڻون ٿا جيڪو زمين انهن مان گهٽائي ٿي ۽ اسان وٽ ياد ڪندڙ ڪتاب آهي) قيامت جي واقع ٿيڻ تي انهن کي اعتراض هي هيو تہ جڏهن مئل کي زمين ۾ دفن ڪيو ويجي ٿو تہ زمين ان جي گوشت، کل ۽ هڏين کي کائي وڃي ٿي پوءِ اها مٽي غبار بنجي ڪٿان کان ڪٿي اڏامي وڃي ٿي انهن ٽڙيل پکڙيل ذرن کي هڪجاءِ ٿي گڏ ڪرڻ ناممڪن آهي هتي انهن جي ان شبهي جو رد ڪيو وڃي ٿو تہ زمين ميت جي جنهن بہ جزءَ کي کائي ٿي الله عزوجل کي ان جو تفصيلي علم آهي بلڪ ان وٽ تہ اهڙو جامع ڪتاب آهي جنهن ۾ ڪائنات علوي ۽ سفلي ۾ هر لحظي ظاهر ٿيندڙ سڀني تبديلين جو رڪارڊ محفوظ آهي پوءِ ان ذات جي لاءِ مئلن کي وري جيئرو ڪرڻ مشڪل ناهي

(١) روح البيان في تفسير القرآن صـ١٠٠ـ جلد ٩ (٢) ضياءُ القرآن صـ٦٠٧ـ جلد ۴

هن آيت جو تفسير ڪندي علامـــه قرطبي لکيو آهي تہ "وثبت ان الانبياء والا ولياء والشـهداء لاتـاكل الارض اجسـادهم حـرم الله علـى الارض ان تـاكل اجسـادهم" (١) (يعني اها ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ انبياء عليهـم الصلواة والسـلام ۽ اوليائن ۽ شهيدن جي جسـمن ڪي زمين نـہ ڪـائيندي الله زمين تي انهن جي جسـمن ڪي ڪـائڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي) علامـــه موصوف لکيو آهي تہ اسان اهڙو بيان ڪتاب "التذكره" ۾ ۽ هن تفسير ۾ بہ اڳي لکي آيا آهيون (٢) "بَلۡ كَذَّبُوۡا بِالۡحَقِّ لَمَّا جَآءَ هُمۡ فَهُمۡ فِىۡٓ اَمۡرٍ مَّرِيۡجٍ" (بلڪ حق ڪي ڪوڙو ڄيائون جڏهن انهن وٽ آيو پوءِ اهي نہ ثابت ٿيندڙ امر ۾ آهن) يعني اهي صرف نبي ڪريم عليـه التحيـة والتسليم جي بعثت جو انڪار ڪرڻ ۽ سندن پيغام ڪي عقل کان پري چوڻ تي اڪتفا ڪندڙ ناهن پر انهن حق ڪي ڪوڙو چيو ۽ نهايت منجهيل آهن ڪو بہ هڪ فيصلو ڏئي نہ ٿا سگهن.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَالۡقُرۡاٰنِ الۡمَجِيۡدِ" (قرآن مجيد جو قسم آهي) هن مان معلوم ٿيو تہ هي ڪتاب پنهنجي مضمونن جي بي مثال بلندي ۽ معنويت جي لحاظ سان پنهنجي صداقت ۽ حضور عليـه الصلواة والسلام جي رسالت جو شاهد آهي نهايت بزرگي شرف ۽ شان وارو قرآن آهي دنيا جو ڪو بہ ڪتاب معنويت ۽ بلندي جي لحاظ سان هن جي مقابلي جو ناهي ۽ نہ ڪو ڪنهن مذهب جو صحيفو هن جهڙي جا معيت ۽ همہ گيري رکي ٿو قرآن ڪريم نهايت عزت وارو آهي دنيا ۾ بہ جو جنهن ڪاغذ تي لکيو وڃي ان ڪي وضوءُ کان سواءِ هٿ لڳائڻ منع آهي جنهن ڪپڙي ۾ ويڙهيو وڃي اهو بہ احترام جي لائق آهي جنهن عالم جي زبان يا حافظ جي سيني ۾ پهچي اهو بہ برڪت وارو آهي جنهن نبي تي نازل ٿيو اهو سيد الانبياء عليـــه وعليهم الصلواة والسلام آهي ۽ آخرت ۾ بہ عزت وارو آهي جو پنهنجي مڃڻ ۽ پڙهڻ واري جي شفاعت ڪندو ان جي پڙهندڙ جي والدين ڪي سج کان وڌيڪ چمڪندڙ تاج ڏڪايو ويندو ٢. "بَلۡ كَذَّبُوۡا بِالۡحَقِّ" (بلڪ حق ڪي ڪوڙو ڄيائون) هتي حق مان مراد يا حضور عليـه الصلواة والسلام جن آهن يا سندن معجزا قرآن ڪريم يا قيامت جو اچڻ مطلب تہ اهي غور نہ ٿا ڪن بس هرويرو چون ٿا تہ اهو سڀ ڪوڙ آهي. (٣)

اَفَلَمۡ يَنۡظُرُوۡۤا اِلَى السَّمَآءِ فَوۡقَهُمۡ كَيۡفَ بَنَيۡنٰهَا وَزَيَّنّٰهَا

ڇا پوءِ نہ ڏٺائون آسمان ڏانهن انهن جي مٿان تہ ڪيئن ٺاهيو اسان ان ڪي ۽ سينگاريو اسان ان ڪي

(١) روح البيان في تفسير القرآن صـ١٠٠ـ جلد ٩ (٢) ضياءُ القرآن صـ٦٠٧ـ جلد ٤

وَمَالَهَا مِنْ فُرُوْجٍ (٦) وَالْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا

ناهي ان ۾ ڪو سوراخ ۽ زمين پکيڙيو اسان ان کي ۽وڏا اسان ان ۾ وڏا وڏا جبل ۽ ڄمايواسان ان ۾

مِنْ كُلِّ زَوْجٍۢ بَهِيْجٍ (٧) تَبْصِرَةً وَّذِكْرٰى لِكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ (٨) وَنَزَّلْنَا

هر قسم جي جنس مان تازا ۽ سجدا [illegible] انهي رجوع ڪندڙ جي لاءِ ۽ لاٿو اسان

مِنَ السَّمَاۤءِ مَاۤءً مُّبٰرَكًا فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ جَنّٰتٍ وَّحَبَّ الْحَصِيْدِ (٩) وَالنَّخْلَ بٰسِقٰتٍ

آسمان مان پاڻي برڪت وارو پوءِ ڄماياسون ان سان باغ ۽ داڻاپوک جا ۽ ڪجيون ڊگهي قدر واريون

لَّهَا طَلْعٌ نَّضِيْدٌ (١٠) رِّزْقًا لِّلْعِبَادِ ۙ وَاَحْيَيْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا ۭ كَذٰلِكَ الْخُرُوْجُ (١١)

جو انهن جاڦر ڳتيل آهن رزق ٻانهن جي لاءِ ۽ آبادڪيوسون ان سان شهر بربادٿيل اهڙي طرح نڪرڻ آهي

تفسير

اڳيئن آيت ۾ ڪافرن جو قول بيان ٿيو ته اهي چون پيا ته "ذٰلِكَ رَجْعٌۢ بَعِيْدٌ" (اهو نهايت پرانهون موٽڻ آهي) ۽ هتي اهو دليل بيان ڪيو وڃي ٿو جيڪو سندن قول کي باطل ثابت ڪري فرمان مبارڪ آهي "اَفَلَمْ يَنْظُرُوْٓا اِلَى السَّمَاۤءِ فَوْقَهُمْ كَيْفَ بَنَيْنٰهَا وَزَيَّنّٰهَا وَمَا لَهَا مِنْ فُرُوْجٍ" (ڇا پوءِ پنهنجي مٿان آسمان ڏانهن نه نهاريائون ته اسان ان کي ڪيئن ٺاهيو ۽ ان کي سينگاريو ۽ ان ۾ ڪو به سوراخ ناهي) يعني آسمان کي ڏسو ان ۾ بظاهر نه ڪو ٿنيو نظر اچي ٿو نه ٽيڪ ايڏي وڏي جسم سان مضبوط ۽ مستحڪم بيٺو آهي ۽ رات جو جڏهن ان ۾ ستارا، چنڊ وغيره چمڪارا ڪن ٿا ته ڪيتري قدر پر رونق ۽ خوبصورت نظر ايندو آهي وڏي ڳالهه اها آهي ته هزارين لکين سالن گذرڻ جي باوجود نه ان جي ڇت ۾ ڪو سوراخ ٿيو آهي نه ڪو ٽڪرو ڪريو آهي نه ان جي رنگ ۾ ڪا تبديلي آئي آهي سوچين نه ٿا ته آخر ڪهڙو هٿ آهي جنهن هيءَ مخلوق بنائي ۽ ان کي محفوظ فرمايو "وَالْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَاَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍۢ بَهِيْجٍ" (۽ زمين اسان ان کي پکيڙيو ۽ ان ۾ جبل رکياسون ۽ اسان ان ۾ هر جنس جون وڻندڙ تازيون جنسون ڄمايون) يعني اسان زمين کي پکيڙيو ۽ ان ۾ ان کي چرڻ کان روڪڻ لاءِ جبل رکياسون ان ۾ هر قسم جا اهڙا سلا ڄماياسون جن کي ڏسندڙ خوش ٿئي ٿو "تَبْصِرَةً وَّذِكْرٰى لِكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ" (هر رجوع ڪندڙ ٻانهي جي لاءِ سوچ ۽ نصيحت آهي) يعني اهي سڀ شيون هر ان ٻانهي جي لاءِ سوچ ۽ نصيحت جو ذريعو آهن جيڪو الله ڏانهن رجوع ڪندڙ ان جي قدرت ۾ فڪر ڪندڙ آهي اهو

انهن سان اسان جي قدرت جي ڪمال تي دليل وٺندو آهي. (١) "وَ نَزَّلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً مُّبٰرَكًا فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ جَنّٰتٍ وَّحَبَّ الْحَصِيْدِ" (۽ اسان آسمان کان برڪت وارو پاڻي لاٿو پوءِ ان سان اسان باغ ۽ پوک جا داڻا ڄمايا) يعني هي به اسان جي قدرت جو ڪمال آهي جو آسمان کان بابرڪت پاڻي وسائي ان سان باغ ڄمايون ٿا ۽ پوک جا اناج پيدا ڪيون ٿا. "وَالنَّخْلَ بٰسِقٰتٍ لَّهَا طَلْعٌ نَّضِيْدٌ ۙ رِّزْقًا لِّلْعِبَادِ ۙ وَاَحْيَيْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا ۭ كَذٰلِكَ الْخُرُوْجُ" (۽ ڊگهيون کجيون جن جا ڦر (تازيون ڪارڪون) ڳتيل آهن ٻانهن جي رزق لاءِ پيدا ڪياسون ۽ اسان ان سان برباد شهر کي آباد بنايو اهڙي طرح سان نڪرڻ آهي) يعني اسان اهي ڊگهيون کجيون به پيدا ڪيون آهن جن جا تازا ڏوڏا، ڪارڪون ڦڙهن ۾ ڳتيل هوندا آهن اهو سڀ ڪجهه پنهنجي ٻانهن جي رزق جو انتظام ڪيو اٿئون ۽ ان مينهن وسائڻ سان ويران شهر کي آباد ۽ سرسبز بنايوسون مري ويلن جو جيئرو ٿي زمين مان نڪرڻ به اهڙي طرح هوندو جيڪو الله عزوجل ويران زمين مان سهڻا ساوا سلا ڪڍڻ تي قادر آهي اهو مئلن کي جيئرو ڪري قبرن مان ڪڍڻ تي به قادر آهي. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "اَفَلَمْ يَنْظُرُوْٓا اِلَى السَّمَآءِ" (ڇا پوءِ آسمان ڏانهن نه ڏٺائون) هن ۾ غور ۽ فڪر جي دعوت آهي ته آسمان جيڪو پلي ٿوڙي ٻري جي نظر ۽ مشاهدي ۾ آهي ان جي بيئت، ڪشادگي، قوت استحڪام بلڪ هر شيءِ تي جيڪو غور ڪندو اهو خود ئي محسوس ڪندو ته قبر مان اٿڻ جو انڪار ڪرڻ نهايت ناداني آهي. ٢. آيت ع ٩ـ ۾ باغن ۽ اناج جي پيدا ٿيڻ جو ذڪرآهي پر جيئن اهي مينهن وسڻ سان ڄمندا آهن تيئن نبوت جي آسمان مان فيض جي بارش وسندي آهي جنهن سان ايمان جي بقا هوندي آهي.

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّاَصْحٰبُ الرَّسِّ وَثَمُوْدُ (١٢) وَعَادٌ وَّفِرْعَوْنُ

ڪوڙو ڄيو انهن کان اڳي نوح جي قوم ۽ رس وارن ۽ ثمود ۽ عاد ۽ فرعون

وَاِخْوَانُ لُوْطٍ (١٣) وَّاَصْحٰبُ الْاَيْكَةِ وَقَوْمُ تُبَّعٍ ۭ كُلٌّ كَذَّبَ الرُّسُلَ

۽ لوط جي ڀائرن ۽ ايڪه وارن ۽ تبع جي قوم سڀني ڪوڙو ڄيو رسولن کي پوءِ ثابت ٿيو

فَحَقَّ وَعِيْدِ (١٤) اَفَعَيِيْنَا بِالْخَلْقِ الْاَوَّلِ ۭ بَلْ هُمْ

منهنجي عذاب وارو وعدو ڇا پوءِ اسين ٿڪجي پياسون پهرئين پيدا ڪرڻ سان بلڪ اهي

(١) القرطبي ص٦ـ جلد ٧ (٢) تنوير الايمان ص٦١ـ ٢٦

١٥ ع ١٥ ١ فِىۡ لَبۡسٍ مِّنۡ خَلۡقٍ جَدِيۡدٍ ؏ (١٥)

شبهہ ۾ آهن نئين پيدا ڪرڻ جي ۾

تفسير

اڳين آيتن ۾ ذڪر ڪيو ويو تہ مشرڪ حضورعليـــه الصلواة والسلام ڪي ڪوڙو ٿا چون ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام ڪي بہ ان طرح ڪوڙو چيو ويو هو. فرمان مبارڪ آهي "كَذَّبَتۡ قَبۡلَهُمۡ قَوۡمُ نُوۡحٍ وَّاَصۡحٰبُ الرَّسِّ وَثَمُوۡدُ وَعَادٌ وَّفِرۡعَوۡنُ وَاِخۡوَانُ لُوۡطٍ وَاَصۡحٰبُ الۡاَيۡكَـــةِ وَقَوۡمُ تُبَّعٍ كُلٌّ كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ وَعِيۡدِ" (انهن کان اڳي نوح جي قوم ۽ رس وارن ۽ ثمود ۽ عاد ۽ فرعون ۽ لوط جي ڀائرن ۽ ايڪـه وارن ۽ تبع جي قوم تڪذيب ڪئي مڙني (الله جل شانــه جي) رسولن کي ڪوڙو چيو پوءِ منهنجي عذاب ڪرڻ وارو وعدو ثابت ٿيو) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هنن آيتن ۾ جن قومن جو ذڪر آيو آهي انهن جي تفصيلي حالات اڳي بيان ٿي چڪي آهي الله جل مجده پنهنجي محبوب نبي عليه الصلواة والسلام کي تسلي ڏئي رهيو آهي تہ اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام کي بہ سندن قومن ڪوڙو چيو هو ان جي باوجود اهي پنهنجي نبوت جي فرائض کي ادا ڪندا رهيا ۽ نهايت مشڪل ترين حالات ۾ بہ انهن صبر جي دامن نہ ڇڏي. اي محبوب عليك الصلواة والسلام! اوهان بہ انهن ڪافرن جي تڪليفن کان پريشان نہ ٿيو پنهنجي نبوت جي فرض ادا ڪرڻ ۾ مصروف رهو ۽ آخر ۾ ڪافرن کي متنبـــه ڪيو ويو آهي تہ جيئن انهن جي مٿان منهنجو عذاب ثابت ٿيو ۽ تباه ٿي ويا اوهان جو حال بہ اهڙو ٿيندو. ان جي ڪري سوچي سمجهي قدم کڻو "اَفَعَيِيۡنَا بِالۡخَلۡقِ الۡاَوَّلِ بَلۡ هُمۡ فِىۡ لَبۡسٍ مِّنۡ خَلۡقٍ جَدِيۡدٍ" (ڇا پوءِ اسين پهرين پيدا ڪرڻ سان ٿڪجي پياسون بلڪ اهي نئين سر پيدا ڪرڻ جي (متعلق) شبهي ۾ آهن) يعني اي مڪـه مڪرمـــه ۾ رهڻ وارا مشرڪو! ڇا اسين هي ساري خلق پهريان پيدا ڪرڻ کان پوءِ ٿڪجي پيا آهيون جو وري اوهان کي جيئرو ڪري قبرن مان اٿاري نہ سگهنداسون؟ ڪهڙي عجيب سوچ رکو ٿا.

فائدو: آيت عـ١٢ـ عـ١٣ـ عـ١٤ـ مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل جي نبين على نبينا وعليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوندڙ ضرور هلاڪ ٿيندا علامــه حقي لکيو آهي تہ "رس عدن جي علائقي ۾ هڪ کوهہ هو جنهن جي پاڻيءَ تي ڪيترا ماڻهو ۽ جانور سٺي ۽ سُکي زندگي گذاريندا هئا پر انهن جي طرفان پنهنجي نبي سڳوري على نبينا وعليـــه الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوڻ جي ڪري سزا طور ان کوهہ جو پاڻ سُکي ويو ۽ اهي ماڻهو ۽ جانور سڀ هلاڪ ٿي ويا." (١)

(١) روح البيان صـ١٠٩ـ جلد ٩

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ وَنَعْلَمُ مَا تُوَسْوِسُ بِهٖ نَفْسُهٗ ۚ

۽ البت تحقيق پيدا ڪيو اسان انسان کي ۽ ڄاڻون ٿاهو جو وسوسو وجهي ٿو ان سان ان جونفس

وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ (١٦) اِذْ يَتَلَقَّى الْمُتَلَقِّيٰنِ عَنِ الْيَمِيْنِ

۽ اسين ويجها آهيون ان ڏانهن (ان جي) ساهه واري رڳ کان جڏهن وٺن ٿا ٻه وٺندڙ سڄي

وَعَنِ الشِّمَالِ قَعِيْدٌ (١٧) مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ (١٨)

۽ کٻي کان وهندڙ نه ٿو ڪيي (زبان مان) ڪا ڳالهه مگر ان وٽ نگهبان تيار هوندو آهي

وَجَآءَتْ سَكْرَةُ الْمَوْتِ بِالْحَقِّ ۚ ذٰلِكَ مَا كُنْتَ مِنْهُ تَحِيْدُ (١٩)

۽ ايندي موت جي سڪرات حق سان اها آهي جو ان کان ڀڄندو هئين

وَنُفِخَ فِى الصُّوْرِ ۚ ذٰلِكَ يَوْمُ الْوَعِيْدِ (٢٠) وَجَآءَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّعَهَا

۽ ڦوڪ ڏني ويندي صور ۾ اهو عذاب جي وعدي جو ڏينهن آهي ۽ ايندو هر نفس ان سان گڏ

سَآئِقٌ وَّشَهِيْدٌ (٢١) لَقَدْ كُنْتَ فِىْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا فَكَشَفْنَا عَنْكَ غِطَآءَكَ

هڪليندڙ ۽شاهدآهي البت تحقيق هئين تون غفلت ۾ هن کان پوءِ کوليو اسان تو تان تنهنجو پردو

فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ حَدِيْدٌ (٢٢)

پوءِ اڪ تنهنجي اڄ تيز آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ "اَفَعَيِيْنَا بِالْخَلْقِ الْاَوَّلِ" (ڇا اسين پهرئين پيدا ڪرڻ سان تڪجي پياسين) سان مخلوق کي قبرن مان اٿارڻ جي قدرت تي دليل ورتو ويو ۽ هتي ٻيو دليل ڏنو وڃي ٿو ته الله عزوجل سينن جو علم به رکي ٿو فرمان عاليشان آهي "وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ وَنَعْلَمُ مَاتُوَسْوِسُ بِهٖ نَفْسُهٗ" (۽ البت تحقيق اسان انسان کي پيدا ڪيو ۽ جيڪو وسوسو ان کي سندس نفس وجهي ٿو اهو اسين ڄاڻون ٿا هيءَ ڪلام جو نئون سلسلو آهي جنهن ۾ رباني قدرت جي هڪ جزءَ جو بيان ڪيو ويو آهي ۽ انسان مان مراد هر انسان آهي ۽ وسوسو هڪ لڪل آواز آهي ۽ هتي ان مان مراد لڪ ۾ ايندڙ خيال آهن مطلب ته انسان جيڪي ڳالهيون لڪائي ۽ دل ۾ رکي ٿو اسين اهي سڀ ڄاڻون ٿا. "وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ" (۽ اسين ان ڏانهن ان جي ساهه واري رڳ کان به وڌيڪ ويجها آهيون) وريد اها رڳ آهي جيڪا نڙيءَ جي پاسي کان

ڪندڙ ڏانهن ڇڪجي ايندي آهي دراصل اهي ٻه رڳون آهن هڪ ساڄي پاسي کان ٻي کٻي پاسي کان ۽ حضرت امام حسن بصري رضي الله عنه فرمايو آهي ته اها دل سان واسطو رکندڙ رڳ آهي مطلب ته الله عزوجل پنهنجي ٻانهن کي سندن ساهه واريءَ رڳ کان به وڌيڪ ويجهو آهي. "اِذْيَتَلَقَّى الْمُتَلَقِّيَانِ عَنِ الْيَمِيْنِ وَعَنِ الشِّمَالِ قَعِيْدٌ" (جڏهن ٻه ملندڙ ساڄي ۽ کٻي پاسي کان ويهندڙ ملن ٿا) الله عزوجل هتي ذڪر فرمايو ته ان هرشي جي علم هوندي هر انسان جي ساڄي ۽ کٻي کلهي تي حجت پوري ڪرڻ لاءِ ٻه ملائڪ وهاريا آهن جيڪي ان جي اعمال کي لکن ۽ محفوظ رکن ٿا "مَايَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّالَديْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ" (ڪو به قول نه ٿو ڪڍي مگر ان وٽ نگهبان تيار هوندو آهي) يعني جيڪي به ٻول زبان سان ٻولي ٿو ان وٽ انهن کي سنڀالي لکندڙ موجود ۽ تيار هوندو آهي جيڪو هڪدم لکي ڇڏيندو اهي سڀ اعمال ۽ اقوال ساڄي پاسي وارو ۽ برا اعمال ۽ اقوال کٻي پاسي وارو لکندو آهي "الْعَتيد" جي معنىٰ حاضر ۽ موجود "وَجَآءَتْ سَكْرَةُ الْمَوْتِ بِالْحَقِّ" (۽ موت جي سڪرات ايندي (اها) حق آهي) سڪرة الموت مان مراد موت جي سختي ۽ شدت آهي جنهن سان انسان بيهوش ۽ غش ٿي ويندو آهي ۽ "بِالْحَقِّ" جي معنىٰ آهي ته موت جي وقت ان جي لاءِ حق روشن ٿيندو ۽ سمجهندو ته جيڪي ڳالهيون الله عزوجل جي رسولن عليهم الصلواة والسلام فرمايون ۽ ٻڌايون اهي سڀ سچيون ۽ صحيح آهين "ذٰلِكَ مَاكُنْتَ مِنْهُ تَحِيْدُ" (هي اهو آهي جنهن کان تون ڀڄندو هئين) يعني هي اهو موت آهي جنهن کان تون ڀڄندو ۽ بچڻ جي ڪوشش ڪندو هئين پر بچي نه سگهئين. (١) "وَنُفِخَ فِى الصُّوْرِ ذٰلِكَ يَوْمُ الْوَعِيْدِ" (۽ صور ۾ ڦوڪ ڏني ويندي اهو عذاب ڪرڻ واري وعدي جو ڏينهن آهي) هتي صور ۾ ڦوڪ ڏيڻ مان مراد اها ڦوڪ آهي جيڪا ماڻهن کي قبرن مان اٿارڻ جي لاءِ ڏني ويندي اهو عذاب ڪرڻ واري وعدي سچي ڏسڻ جو ڏينهن آهي ان ۾ هر انسان جي عمل جي حقيقت کلي سامهون ايندي. "وَجَآءَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّعَهَا سَآئِقٌ وَّشَهِيْدٌ" (۽ هر نفس ان حال ۾ ايندو جو ان سان هڪليندڙ ۽ شاهد گڏ هوندو) يعني ان کي الله عزوجل جي بارگاهه ۾ آڻي پيش ڪندڙ به هوندو ته ان سان گڏ ان جي ڪردار تي شاهدي ڏيندڙ به هوندو اهي سائق ۽ شهيد ڪير هوندا؟ ان ۾ مختلف قول آهن اهي ٻه ملائڪ هوندا يا هڪ ئي ملائڪ ٻنهي صفتن سان موصوف هوندو يا پهريون ملائڪ ۽ ٻيو انسان پاڻ هوندو وغيره وغيره "لَقَدْ كُنْتَ فِىْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا فَكَشَفْنَا عَنْكَ غِطَآءَكَ فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ حَدِيْدٌ" (البت تحقيق تون هن کان غفلت ۾ هئين پوءِ اسان توکان تنهنجو پردو کنيو پوءِ اڄ تنهنجي اک تيز آهي) مطلب ته قيامت جي ڏينهن ڪافر کي چيو ويندو ته تون

(١) فتح القدير صـ٧٥ـ جلد ٥

هن ڏينهن جي اچڻ کان غافل هئين پوءِ تنهنجي اڳيان پردا پري ڪري حقيقت کولي وئي آهي اڄ تہ تنهنجي اک تيز آهي جو هر شيءِ پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو آهين. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.١. "وَنَعْلَمُ مَاتُوَسْوِسُ بِهٖ نَفْسُهٗ" (۽ ان کي سندس نفس جيڪي وسوسا وجهي ٿو اسين اهي ڄاڻون ٿا) هن ۾ بدعقيدگي، بدفعلي ۽ بدظني وارا وسوسا سڀ داخل آهن الله عزوجل انهن کي پهريان کان ئي ڄاڻي ٿو ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ مومن کي بي اختيار وسوسن تي پڪڙ نہ ٿيندي پر برن عقيدن تي پڪڙ بہ آهي تہ انهن جو حساب بہ ٿيندو آيت سان متنبہ ڪيو ويو آهي تہ پنهنجا عقيدا ۽ خيال درست رکو اسين سڀ ڪجهہ ڄاڻون ٿا.
٢. "وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ" (۽ اسين ان ڏانهن ساهہ جي رڳ کان وڌيڪ ويجها آهيون) هتي ويجهي هجڻ مان مراد مڪاني قدرت سان قريب هجڻ مراد آهي.
٣. "عَنِ الْيَمِيْنِ وَعَنِ الشِّمَالِ قَعِيْدٌ" (سڄي ۽ کٻي کان وهندڙ) هتي ڪلهن تي وهندڙ ملائڪ مراد آهن پر اهي انهن انسانن تي مقرر آهن جيڪي عاقل، بالغ آهن ۽ شرعي احڪام جا ذميدار آهن غير عاقل، بالغ ۽ غير مڪلف تي ويٺل ناهن. (٢)

وَقَالَ قَرِيْنُهٗ هٰذَامَالَدَيَّ عَتِيْدٌ (٢٣) اَلْقِيَا فِيْ جَهَنَّمَ كُلَّ كَفَّارٍ عَنِيْدٍ (٢٤)

۽ چيو ساٿيءَ ان جي هي اهو آهي جيڪو مون وٽ حاضر آهي اڇلايو جهنم ۾ هرڪافر سرڪش کي

مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ مُّرِيْبٍ (٢٥) الَّذِيْ جَعَلَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ

روڪيندڙ چڱائيءَ کان حد کان لنگهندڙ شڪ ڪندڙ اهو جنهن بنايو الله سان گڏ معبود ٻيو

فَاَلْقِيٰهُ فِي الْعَذَابِ الشَّدِيْدِ (٢٦) قَالَ قَرِيْنُهٗ رَبَّنَا مَآ اَطْغَيْتُهٗ

پوءِ اڇلايو ان کي عذاب سخت ۾ چيو ساٿيءَ ان جي اي اسان جا رب! نہ سرڪش بنايو مون ان کي

وَلٰكِنْ كَانَ فِيْ ضَلٰلٍ بَعِيْدٍ (٢٧) قَالَ لَاتَخْتَصِمُوْالَدَيَّ وَقَدْ قَدَّمْتُ

۽ پر هو گمراهيءَ پرانهينءَ ۾ فرمايائين تہ نہ جهيڙو ڪيو مون وٽ ۽ تحقيق اڳي موڪليو

اِلَيْكُمْ بِالْوَعِيْدِ (٢٨) مَايُبَدَّلُ الْقَوْلُ لَدَيَّ وَمَآ اَنَا بِظَلَّامٍ

مون اوهان ڏانهن وعدو عذاب وارو نہ تو مٽايو وڃي قول مون وٽ ۽ ناهيان مان ظلم ڪندڙ

لِّلْعَبِيْدِ (٢٩) يَوْمَ نَقُوْلُ لِجَهَنَّمَ هَلِ امْتَلَاْتِ وَتَقُوْلُ هَلْ مِنْ مَّزِيْدٍ (٣٠) ع٢

ٻانهن جي لاءِ ان ڏينهن چونداسون جهنم کي ڇا ڀرجي وئين تون؟ ۽ چوندو ڇا ڪجهہ زياده آهي؟

(١) تفسيرالقاسمي ص-١٧٠ـ جزءُ ١٥ جلد ٩ (٢) نور العرفان ص-٨٢٨ـ

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ محشر جي ميدان ۾ ڪافرن جي حالات جو بيان هو تيئن هتي بہ اهو بيان جاري رکندي ٻڌايو وڃي ٿو "وَقَالَ قَرِيْنُهُ هٰذَا مَالَدَيَّ عَتِيْدٌ" ۽ ان جي ساٿيءَ چيو تہ هي اهو (سڀ ڪجھہ) آهي جيڪو مون وٽ تيار آهي يعني ان سان مقرر ٿيل ملائڪ چوندو تہ ياالله! هي اهو انسان آهي جنهن سان تو مون کي مقرر ڪيو هو هي ان جي اعمال جا دفتر بہ تيار ۽ حاضر آهن. "اَلْقِيَا فِيْ جَهَنَّمَ كُلَّ كَفَّارٍ عَنِيْدٍ" هر ڪفر ڪندڙ سرڪش کي جهنم ۾ اڇلايو يعني الله عزوجل انهن ملائڪن کي جيڪي سائق ۽ شهيد هوندا حڪم ڪندو تہ هر سخت ڪافر، سرڪشي ڪري حق ڪان منهن موڙيندڙ بي فرمان کي جهنم ۾ اڇلايو "مَنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ مُّرِيْبٍ" خير کي روڪيندڙ، حد ڪان لنگهندڙ، شڪ ڪندڙ هتي خير مان مراد فرضي زڪواة ۽ اهي صدقا آهن جن جو مال مان ڪڍڻ واجب آهي. "مُعْتَدٍ" جي معنىٰ ظالم، جيڪو الله عزوجل جي توحيد جو اقرار نہ ٿو ڪري. "مُّرِيْبٍ" شڪ ڪندڙ، جنهن کي الله عزوجل جي هڪ هجڻ ۾ شڪ آهي مطلب تہ انهن صفتن وارن انسانن کي جهنم ۾ اڇلائڻ جو حڪم ڪيو ويندو. "الَّذِيْ جَعَلَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَاَلْقِيَاهُ فِي الْعَذَابِ الشَّدِيْدِ" جنهن الله سان گڏ ٻيو معبود بنايو پوءِ ان کي سخت عذاب ۾ اڇلايو يعني جنهن رب العزة جل جلالـه سان ٻئي کي شريڪ بنايو ان کي سخت عذاب جهنم جي باهہ ۾ اڇلايو "قَالَ قَرِيْنُهُ رَبَّنَا مَآ اَطْغَيْتُهُ وَلٰكِنْ كَانَ فِيْ ضَلٰلٍ بَعِيْدٍ" ان جي ساٿي چيو تہ اي اسان جا رب! مون ان کي گمراه نہ ڪيو ۽ پر (اهو پاڻ) پرانهينءَ گمراهيءَ ۾ هو مطلب تہ جڏهن ڪافر ۽ ان جو ساٿي شيطان جهنم جي باهہ ۾ اڇلايا ويندا تہ ڪافر چوندو ياالله! مون کي شيطان گمراهہ ڪيو ۽ ان جو ساٿي شيطان چوندو تہ ياالله! جل جلالك! مون هن کي گمراهہ نہ ڪيو پر اهو پاڻ نهايت پرانهينءَ گمراهيءَ ۾ هو جو اتاهين حق ڏانهن رجوع ڪري نہ سگهيو "قَالَ لَا تَخْتَصِمُوْا لَدَيَّ وَقَدْ قَدَّمْتُ اِلَيْكُمْ بِالْوَعِيْدِ" فرمائيندو تہ مون وٽ جهيڙو نہ ڪيو ۽ مون اوهان ڏانهن عذاب جو وعدو اڳي موڪليو هو يعني مون پنهنجن رسولن علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام جي ذريعي اوهان کي اهو ارشاد موڪليو هو تہ جيڪڏهن اوهان منهنجي توحيد کي نہ مڃيو ۽ مشرڪ رهيئو تہ اوهان کي جهنم ۾ وڌو ويندو پر اوهان انهن کي نہ مڃيو هاڻي هتي پاڻ ۾ نہ وڙهو. "مَا يُبَدَّلُ الْقَوْلُ لَدَيَّ وَمَآ اَنَا بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ" مون وٽ قول مٽايو نہ ٿو وڃي ۽ نہ مان ٻانهن جي لاءِ ظلم ڪندڙ آهيان يعني مون جيڪو فرمان ڪيو هو تہ "لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ" (البت مان جهنم کي ضرور ڀريندس) ان ۾ تبديلي نہ ايندي ۽ مان ٻانهن سان ظلم

ڪندڙ ناهيان جو ڪنهن کي جرم ڪان سواءِ سزا ڏيان يا ان جي جرم ڪان وڌيڪ سزا ڏيان. "يَوْمَ نَقُوْلُ لِجَهَنَّمَ هَلِ امْتَلَئْتِ وَتَقُوْلُ هَلْ مِنْ مَّزِيْدٍ" (ان ڏينهن اسين جهنم کي چونداسون تہ ڇا تون ڀرجي ويو آهين ۽ (اهو) چوندو ڇا ڪجهہ زياده بہ آهي؟) مطلب تہ الله جل جلالـــه جهنم جي ڀرڻ جو جيڪو وعدو فرمايو هو ان کي پورو ڪرڻ جي متعلق ان ڪان پڇندو تہ تون ڀرجي ويو آهين؟ تہ اهو عرض ڪندو تہ ڇا اڃان ڪجهہ آهن؟ مون کي اڃا ڪافر ڪپن. (١) مقصد تہ جهنم ايڏو وڏو آهي جو سڀ ڪافر، جن ۽ انسان ان ۾ داخل ٿيندا تہ بہ نہ ڀرجندو ۽ طلب ڪندو تہ اڃان ڪجهہ آهن.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "اَلْقِيَافِيْ جَهَنَّمَ" (جهنم ۾ اڇلايو) هنن آيتن مان معلوم ٿيو تہ ڇهن برين صفتن ڪفر، سرڪشي، خير ڪان روڪڻ، حد ڪان لنگهڻ، شڪ ۽ شرڪ ڪان پري رهڻ ضروري آهي ڇو تہ اهي انهن ڪافرن جون صفتون آهن جيڪي جهنم ۾ اڇلايا ويندا. (٢) ٢. "لَاتَخْتَصِمُوْالَدَيَّ" (مون وٽ جهيڙو نہ ڪيو) مان معلوم ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن انسان ۽ شيطان ۾ جهيڙو هلندو هڪ ٻئي کي مجرم قرار ڏيندا. ٣. "وَمَآ اَنَا بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ" (۽ مان ٻانهن جي لاءِ ظلم ڪندڙ ناهيان) مان واضح ٿيو تہ الله جل وعلا ظلم ڪان پاڪ آهي بلڪ الله عزوجل ظالمن تي لعنت ڪئي آهي ۽ جيئن ظالم تي لعنت آهي تيئن ڪوڙن تي بہ لعنت آهي ۽ الله جل شانـــه ڪوڙ ڪان بہ پاڪ آهي پوءِ ائين چوڻ تہ الله عزوجل ڪوڙ هڻڻ تي قادر آهي بلڪل ظلم ۽ الله عزوجل جي بي ادبي ۽ گستاخي آهي.

وَاُزْلِفَتِ	الْجَنَّـةُ	لِلْمُتَّقِيْنَ غَيْرَ بَعِيْدٍ (٣١)	هٰذَا مَا	تُوْعَدُوْنَ
۽ ويجهي آندي ويندي جنت		پرهيز گارن جي لاءِ نہ پري هوندڙ	هي اهو آهي جو	وعدو ڏنا وياهيئو
لِكُلِّ اَوَّابٍ حَفِيْظٍ (٣٢)		مَنْ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ	وَجَآءَ بِقَلْبٍ مُّنِيْبٍ (٣٣)	
هر رجوع ڪندڙ، حفاظت ڪندڙجي لاءِ		جيڪو ڊڄي تو رحمٰن ڪان اڻ ڏٺو	۽ آندائين دل ورندڙ	
اُدْخُلُوْهَا	بِسَلَامٍ	ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُلُوْدِ (٣٤)	لَهُمْ مَّا	يَشَآؤُنَ
داخل ٿيو ان ۾	سلام سان	اهو هميشـه رهڻ جو ڏينهن آهي	انهن جي لاءِ اهو آهي	جيڪو
فِيْهَا	وَلَدَيْنَا مَزِيْدٌ (٣٥)			
گهرندا ان ۾	۽ اسان وٽ وڌيڪ آهي			

(١) خازن صـ١٧٦ـ جلد ٤ (٢) ايسرالتفاسير صـ٣١٠ـ جلد ٤

تفسير

هن کان اڳين آيتن ۾ دشمنن کي قيامت جي ڏينهن پيش ايندڙ حالات جو ذکر هو ۽ هتان کان دوستن تي ٿيندڙ مهربانين جو ذکر کندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَاُزْلِفَتِ الْجَنَّـــةُ لِلْمُتَّقِيْنَ غَيْرَبَعِيْدٍ" (۽ جنت پرهيزگارن جي لاءِ ويجهي ڪئي ويندي پري نہ هوندي) يعني جيڪي الله عزوجل جا ٻانها ڪفر ۽ گناهن کان بچندا ۽ الله جل وعلا جو خوف رکندڙ هوندا انهن جي لاءِ جنت قريب آندي ويندي انهن کان پري نہ هوندي ان جي منظرن کي داخل ٿيڻ کان اڳي ڏسندا. (١) "هٰذَا مَاتُوْعَدُوْنَ لِكُلِّ اَوَّابٍ حَفِيْظٍ" (هي اهو آهي جنهن جو اوهان وعدو ڏنا ويندا هيئو هر رجوع ڪندڙ، حفاظت ڪندڙ جي لاءِ) يعني انهن کي ملائڪن سڳورن جي ذريعي چورايو ويندو تہ هي اهو ثواب آهي جنهن جو اوهان سان دنيا ۾ وعدو ڪيو ويندو هو ان ٻانهي جي لاءِ جيڪو شرڪ کان توحيد ڏانهن گناه کان نيڪيءَ ڏانهن خلق کان حق ڏانهن رجوع ڪندڙ، پنهنجي توبـــه کي ڀڃڻ کان حفاظت ڪندڙ هوندو هو "مَنْ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ" (جيڪو الله کان ان کي ڏسڻ کان سواءِ ڊڄي ٿو) يعني رب العزة جل وعلا ان جي اکين کان غائب آهي پر پوءِ بہ ان جي خوف ۾ رهي ٿو "وَجَآءَ بِقَلْبٍ مُّنِيْبٍ" (۽ ورندڙ دل سان آيو) مطلب تہ الله عزوجل وٽ اهڙي دل آڻي جنهن ۾ غير جي ناجائز محبت نہ هجي. "اُدْخُلُوْهَا بِسَلَامٍ" (ان ۾ سلام سان داخل ٿيو) ان جا بہ مطلب آهن يا مراد آهي تہ ان ۾ هر قسم جي عذاب، نعمتن جي زوال ۽ تڪليفن جي اچڻ کان سلامت هوندا يا مراد آهي تہ الله عزوجل ۽ ملائڪن جي طرفان انهن تي سلام ڪيو ويندو. "ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُلُوْدِ" (اهو هميشـــه رهڻ وارو ڏينهن آهي) يعني جنت ۾ رهڻ واري ڏينهن جي انتها نہ هوندي جيڪي جنت ۾ داخل ٿيا اهي ان ۾ هميشـــه رهيا پيا هوندا. "لَهُمْ مَّايَشَاۗءُوْنَ فِيْهَا" (انهن جي لاءِ ان ۾ اهو آهي جيڪي گهرندا) معنىٰ جيڪا بہ سٺي خواهش رکندا اها انهن کي عطا ٿيندي. بلڪ سندن هر خواهش سٺي هوندي الله جل شانـه اهل جنت کي بري خواهش کان پاڪ ۽ صاف رکندو "وَلَدَيْنَا مَزِيْدٌ" (۽ اسان وٽ زياده آهي) مطلب تہ اسان وٽان ڪين سندن خواهش کان بہ وڌيڪ عطا ٿيندو جيڪو نہ ڪڏهن سندن اکين ڏٺو هوندو نہ ڪنن ٻڌو هوندو نہ سندن دل تي چيڪيو هوندو مختلف طريقن سان روايتن ۾ آيو آهي تہ اهو الله جل شانـــه جو ديدار هوندو. (٢) مفسر قرطبي حضرت ابن مسعود رضي الله عنـه کان روايت آندي آهي جنهن جو مطلب هي آهي تہ "جمعـــه جي نماز لاءِ جلدي ايندا ڪيو ڇو تہ الله عزوجل هر جمعـــه جي ڏينهن جنت وارن کي ديدار ڪرائيندو." (٣)

(١) تنويرالاذهان صـ١٢٨ـ جلد ۴ (٢) تنوير الاذهان صـ١٣٩ـ (٣) القرطبي صـ٢١ـ جلد ٧

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَاُزْلِفَتِ الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ غَيْرَ بَعِيْدٍ" (۽ جنت متقين کي ويجهي ڪئي ويندي پري نه هوندي) جي وضاحت ڪندي بعض مفسرن لکيو آهي ته متقي ٻانها عرش جي سڄي پاسي کان بيٺل هوندا جتان ڪين جنت ڏسڻ ۾ ايندي هڪ مطلب هي به آهي ته حقيقت ۾ متقي ٻانها جنت کي ويجها آندا ويندا پر اهو ڳالهائڻ جو محاوره اهڙو آهي جيئن مسافر چوندو آهي ته لاهور ويجهو اچي ويو حالانڪ ويجهو پاڻ ٿيندو ويندو آهي. (١) ٢. "وَجَآءَ بِقَلْبٍ مُّنِيْبٍ" (۽ ورندڙ دل سان آيو) قلب منيب مان مراد اها دل آهي جيڪا مصيبت ۾ صابر، آرام ۾ شاڪر، هرحال ۾ الله عزوجل جي ذاڪر هجي ان جي ادب ڪي هر وقت دل ۾ حاضر رکي خواهشات کي ترڪ ڪري.

وَكَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ اَشَدُّ مِنْهُمْ بَطْشًا

۽ ڪيترين هلاڪ ڪيون اسان انهن کان اڳي جماعتون جو اهي سخت هيون انهن کان پڪڙڻ ۾

فَنَقَّبُوْا فِى الْبِلَادِ ؕ هَلْ مِنْ مَّحِيْصٍ (٣٦) اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى

پوءِ جاچ ڪيائون شهرن ۾ ته ڪا ڀڄڻ جي جاءِ آهي ؟ بيشڪ ان ۾ البت نصيحت آهي

لِمَنْ كَانَ لَهٗ قَلْبٌ اَوْاَلْقَى السَّمْعَ وَهُوَ شَهِيْدٌ (٣٧) وَلَقَدْ خَلَقْنَا

ان جي لاءِ جو آهي ان کي دل يا لڳائي ڪن ۽ اهو پورو متوجه آهي ۽ البت تحقيق پيدا ڪيا

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِىْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ۖ وَّمَا مَسَّنَا مِنْ لُّغُوْبٍ (٣٨)

اسان آسمان ۽ زمين ۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾ ۽ نه پهتو اسان کي ڪو ٿڪ

فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ

پوءِ صبرڪر ان تي جيڪي چون ٿا ۽ تسبيح پڙهه پنهنجي رب جي حمد سان سج جي ايرڻ کان اڳي

وَقَبْلَ الْغُرُوْبِ ۚ (٣٩) وَمِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَاَدْبَارَالسُّجُوْدِ (٤٠) وَاسْتَمِعْ يَوْمَ

۽ (سج) لهڻ کان اڳي ۽ رات جو پوءِ ان جي تسبيح پڙهه ۽ نمازن کان بعد ۽ ٻڌ ان ڏينهن جو

يُنَادِ الْمُنَادِ مِنْ مَّكَانٍ قَرِيْبٍ ۙ (٤١) يَّوْمَ يَسْمَعُوْنَ الصَّيْحَةَ بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ

سڏيندو سڏيندڙ جاءِ ويجهيءَ کان جنهن ڏينهن ٻڌندا ڪڙڪيدار آواز حق سان اهو

(١) نور العرفان صـ ٨٣٩ـ

يَوْمُ الْخُرُوْجِ (٤٢) اِنَّا نَحْنُ نُحْيٖ وَنُمِيْتُ وَاِلَيْنَا الْمَصِيْرُ (٤٣)

ڏينهن نڪرڻ جو آهي بيشڪ اسين ئي زندهہ ڪيون ٿا ۽ ماريون ٿا ۽ اسان ڏانهن ئي موٽڻ آهي

يَوْمَ تَشَقَّقُ الْاَرْضُ عَنْهُمْ سِرَاعًا ؕ ذٰلِكَ حَشْرٌ عَلَيْنَا يَسِيْرٌ (٤٤)

جنهن ڏينهن ڦاٽندي زمين انهن کان تکڙ ڪندڙ (تي نڪرندا) اهو اٿارڻ اسان لاءِ آسان آهي

نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَقُوْلُوْنَ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِجَبَّارٍ

اسين وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيون ان کي جيڪو چون ٿا ۽ ناهين تون انهن تي سختي ڪندڙ

فَذَكِّرْ بِالْقُرْاٰنِ مَنْ يَّخَافُ وَعِيْدِ (٤٥)

پوءِ نصيحت ڪر قرآن سان ان کي جو ڊڄي ٿو عذاب واري منهنجي وعدي کان

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن کي پيش ايندڙ آخرت جي عذاب جو ذڪر هو ۽ هتي اڳين ڪافرن تي دنيا ۾ آيل عذابن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَكَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ اَشَدُّ مِنْهُمْ بَطْشًا فَنَقَّبُوْا فِى الْبِلَادِ هَلْ مِنْ مَّحِيْصٍ" (۽ اسان انهن کان اڳي ڪيتريون (اهڙيون) جماعتون هلاڪ ڪيون جيڪي هنن کان گرفت ڪرڻ ۾ سخت هيون پوءِ شهرن ۾ جاچ ڪيائون تہ ڪا ڀڄي وڃڻ جي جاءِ آهي؟) يعني اسان اوهان جي هن مشرڪ قوم کان اڳي ڪئين اهڙيون قومون هلاڪ ڪري ڇڏيون جيڪي اوهان جي قوم کان ماڻهن کي وٺڻ، سزا ڏيڻ ۾ سخت هئا ۽ طاقت ۾ بہ وڌيڪ هئا جڏهن انهن تي الٰهي عذاب ڪڙڪيو تہ شهرن ۾ ڀڄي لڪڻ جون جايون ڳولڻ لڳا پر ڪين ڪا بہ پناهہ نہ ملي نہ ڪين سندن مال، قوت ۽ اولاد ڪو فائدو ڏنو "اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى لِمَنْ كَانَ لَهٗ قَلْبٌ اَوْ اَلْقَى السَّمْعَ وَهُوَ شَهِيْدٌ" (بلاشڪ ان ۾ ان جي لاءِ نصيحت آهي جنهن کي دل آهي يا ڪن ڏئي ٻڌائين حالانڪ اهو پوري طرح متوجہ اهي) يعني انهن واقعن مان اهو نصيحت حاصل ڪندو جنهن جي دل صاف، پاڪ ۽ زنده آهي يا جيڪو الله عزو علا جي نازل ڪيل آيتن کي ڪن ڏئي پورو متوجہ ٿي ٻڌي ٿو ۽ پر الٰهي آيتن کان منهن موڙيندڙ کي فائدو نہ ملندو ڇو تہ اهو قبول نہ ٿو ڪري ۽ الله جل مجده جي حڪمت جي تقاضا بہ ناهي تہ ان کي هدايت نصيب ٿئي. (١) "وَلَقَدْ خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِىْ سِتَّةِ اَيَّامٍ وَّمَا مَسَّنَا مِنْ لُّغُوْبٍ" (۽ البت تحقيق اسان آسمانن ۽ زمين ۽ ان کي جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي ڇهن

(١) تيسير الڪريم الرحمٰن صـ٩٥ـ جلد ٥


ڏينهن ۾ پيدا فرمايو ۽ اسان کي ڪو بہ ٿڪ نہ ٿيو) هتي ڇهن ڏينهن مان مراد موجوده دور وارا ڏينهن ناهن پر ڇہ دور آهن جيئن اڳي سورة اعراف وغيره ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي. (١) "لُغُوْبٍ" جي معنىٰ تڪليف ۽ ٿڪاوٽ آهي هن ۾ يهودين جو رد ڪيو ويو آهي جيڪي چوندا آهن تہ ڇہ ڏينهن آچر کان جمعــہ تائين آهن باقي ڇنڇر جي ڏينهن الله عزوجل آرام ڪري ٿڪ لاٿو هو. (٢) يهودين جي ڪتاب "اَلْخُرُوْجُ" جي ويهين باب جي يارهين درس ۾ اها ڳالهہ موجود آهي (٣) رب العزة جلت صفاتــہ فرمايو تہ مان الله ٿڪجڻ کان پاڪ آهيان مون کي مخلوق جي پيداڪرڻ سان ڪو بہ ٿڪ نہ ٿيو. "فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ" (پوءِ جيڪو چون ٿا ان تي صبر ڪر) يعني اوهان ڪافرن جي طرفان اوهان کي ڪوڙو چوڻ اوهان جي خلاف ڳالهائڻ وغيره تي صبر ڪرڻ فرمايو. "وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَقَبْلَ الْغُرُوْبِ" (۽ پنهنجي رب جي حمد سان گڏ سج اڀرڻ کان اڳي ۽ سج لهڻ کان اڳي تسبيح پڙهہ) يعني صبح ۽ شام الله جلت صفاتــہ جي اطاعت ۾ مشغول ٿيندي ان جي حمد سان گڏ تسبيح پڙهہ جو تہ الله عزاسمــہ جو ذڪر دل کي تسلي ڏيندڙ، ان جي وندر ۽ صبر کي آسان ڪندڙ آهي. "وَمِنَ اللَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَاَدْبَارَالسُّجُوْدِ" (۽ رات جو پوءِ ان جي تسبيح پڙهہ ۽ سجدن جي پويان) مطلب تہ الله عزوجل جي ان ڳالهہ کان پاڪائي بيان ڪر تہ اهو قبرن مان ٻانهن کي جيئرو ڪري اٿارڻ تي قادر ناهي ان جي نعمتن تي حمد ڪندو رهہ ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ سج اڀرڻ کان اڳي تسبيح پڙهڻ مان مراد فجر جي نماز ۽ سج لهڻ کان اڳي تسبيح مان مراد ظهر ۽ عصر جون نمازون ۽ رات واري تسبيح پڙهڻ مان مراد سانجهي ۽ سومهاڻيءَ واريون نمازون ۽ سجدن کان پوءِ تسبيح پڙهڻ مان مراد فرض کان پوءِ نفلي نمازون آهن ۽ مسلم شريف جي حديث ۾ ٣٣ ڀيرا سبحان الله چوڻ، ٣٣ ڀيرا الحمدلله چوڻ، ٣٣ ڀيرا الله اڪبر چوڻ ۽ آخر ۾ "لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" چوڻ هر نماز کان پوءِ آيل آهي. (۴) "وَاسْتَمِعْ يَوْمَ يُنَادِ الْمُنَادِ مِنْ مَّكَانٍ قَرِيْبٍ" (۽ ڪن ڏئي ٻڌ جنهن ڏينهن ويجهي جاءِ کان سڏيندڙ سڏيندو) ڪن ڏئي ٻڌ چوڻ سان ٻڌندڙ کي پورو توجــہ ڏيارڻ لاءِ خطاب آهيٰ جيڪا ڳالهہ توکي ٻڌائي وڃي ٿي اها نهايت اهم آهي مطلب تہ جنهن ڏينهن سڏڻ وارو حساب لاءِ سڏيندو تہ هر ٻڌندڙ ائين سمجهندو تہ سڏڻ وارو ڪنهن ويجهي جاءِ کان سڏي

(١) ضياءُ القرآن صـ ٦٢٠ـ جلد ۴ القرطبي صـ ٢٣ـ جلد ١٧ (٢) الوجيز صـ ١٠٤٥ـ جلد ٢ (٣) حقاني صـ ٣١١ـ جلد ٦ (۴) المراغي صـ ١٧٠ـ جزءُ ٢٦ جلد ٩

رهيو آهي. "يَوْمَ يَسْمَعُونَ الصَّيْحَةَ بِالْحَقِّ ذَالِكَ يَوْمُ الْخُرُوجِ" (جنهن ڏينهن حق سان ڪڙڪيدار آواز ٻڌندا اهو نڪرڻ جو ڏينهن آهي) يعني ان ڏينهن نهايت هيبتناڪ، ڪڙڪيدار آواز ٻڌندا ان ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ نه هوندو اهو آواز بلڪل حق هوندو اهو قبرن مان اٿڻ وارو ڏينهن هوندو سڀ ٻاهر نڪرندا. "اِنَّانَحْنُ نُحْيِي وَنُمِيْتُ وَاِلَيْنَا الْمَصِيْرُ" (بلاشڪ اسين ئي جياريون ۽ ماريون ٿا ۽ اسان ڏانهن ئي موٽڻ آهي) يعني مخلوق کي زندگي ڏيڻ وارا به اسين آهيون ته انهن کي مدي پوري ٿيڻ تي مارڻ وارا به اسين آهيون ۽ حساب وغيره جي لاءِ سيني کي اسان ڏانهن ئي موٽڻو آهي. "يَوْمَ تَشَقَّقُ الْاَرْضُ عَنْهُمْ سِرَاعًاذَالِكَ حَشْرٌ عَلَيْنَا يَسِيْرٌ" (جنهن ڏينهن انهن کان زمين ڦاٽندي ٽڪڙا ٽيندڙ نڪرندا اهو قبرن مان اٿارڻ اسان لاءِ آسان آهي) مطلب ته زمين ڦاٽندي (ڪلندي) ۽ ماڻهو ٽڪڙا نڪري ميدان ۾ ايندا اهو قبرن مان اٿاري ميدان ۾ آڻڻ اسان جي لاءِ آسان آهي ان ۾ ڪا به تڪليف ۽ رڪاوٽ ناهي. "نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَايَقُوْلُوْنَ وَمَا اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِجَبَّارٍ" (اسين ان کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيون جيڪي چون ٿا ۽ تون انهن تي سختي ڪندڙ ناهين) الله عزوجل پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام کي تسلي ڏيندي فرمايو ته اي حبيب! عليك الصلواة والسلام اهي جيڪو ڪجهه چون پيا اسين اهو وڌيڪ ڄاڻون ٿا اوهان ڏک نه ڪيو اسان اوهان کي ان جي لاءِ نه موڪليو آهي ته انهن کي مجبور ڪري هرويرو به مسلمان بڻايو. "فَذَكِّرْ بِالْقُرْآنِ مَنْ يَّخَافُ وَعِيْدِ" (پوءِ قرآن ڪريم، سان ان کي نصيحت ڪر جيڪو منهنجي عذاب واري وعدي کان ڊڄي ٿو) يعني اوهان قرآن ڪريم سان ان کي نصيحت ڪيو جيڪو اسان جي عذاب واري وعدي کان ڊڄي ٿو اهو ئي دل سان ٻڌندو ۽ ان تي عمل ڪندو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.١. "نَقَبُوْافِى الْبِلَادِ هَلْ مِنْ مَّحِيْصٍ" (شهرن ۾ جاچ ڪيائون ته ڪا ٻچي لڪڻ جي جاءِ آهي؟) مان واضح ٿيو ته جنهن کي الله عزوجل سزا ڏيڻ گهرندو اهو ڪيترو به ٻچي پناهه جون جايون ڳولي پر نه ٻچي سگهندو ۽ نه بچي سگهندو. ٢. "لِمَنْ كَانَ لَهُ قَلْبٌ اَوْاَلْقَى السَّمْعَ وَهُوَ شَهِيْدٌ" (جنهن جي دل آهي يا ڪن ڏئي ٻڌي ۽ اهو پورو متوجه آهي) هن مان معلوم ٿيو ته علم جي حاصل ڪرڻ جا ٻه رستا آهن ١. هڪ قلب (سليم) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته هتي قلب مان مراد عقل آهي جڏهن ته عقل جو مرڪز قلب آهي ان جي ڪري قلب بيان ٿيو بعض مفسرن فرمايو ته هتي قلب مان مراد حياتي آهي سو به ان جي ڪري جو حياتيءَ جو مدار قلب تي آهي آيت جو مقصد هي ٿيو ته هن نصيحت مان فائدو اهو وٺندو جنهن کي عقل هوندو يا حياتي هوندي بي عقل يا مئل ڪهڙو

فائدو حاصل ڪندو. ٢. پيو توجه سان ڪن ڏئي ٻڌڻ، بغير توجه جي ٻڌڻ مان ڪو فائدو حاصل نہ ٿيندو پهريون قسم امت جي ڪاملن ولين کي حاصل ٿيندو آهي ٻيو سندن مريدن ۽ متعلقين کي. (١) الحمدلله جون مون گنهگار اڄ بروز اربعاءَ بوقت ساڍي ڏهين بجہ صبح جو بمؤرخه ٢ ذوالقعده ١٤٢٥هـ الموافق ١٥،١٢،٢٠٠٤ع تي سورة "ق" جو تفسير لکي پورو ڪيو رب العزة جل وعلا جي بارگاه عالي جاه ۾ نهايت عجز ۽ انڪساريءَ سان دعا آهي تہ باقي رهيل تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نعسيب ڪرڻ فرمائي آمين يا رب العٰلمين بو سيلة النبى الامين عليه وعلىٰ آله واصحابه الصلوات والتسليمات الىٰ يوم الدين.





(١) معارف القرآن صـ١٥٠ـ جلد ٨

سورة "الذَّارِيَاتِ" جوتعارف

هن سورة مبارڪ جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن.

نالومبارڪ: هن سورة پاڪ جو نالو "اَلذَّارِيَاتِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت جو پهريون حرف آهي. (١)

رڪوعن، آيتن،ڪلمن ۽ حرفن جوتعداد: هن ۾ ٽي رڪوع، سٺ (٦٠) آيتون، ٽي سؤ سٺ (٣٦٠) ڪلما ۽ ٻارنهن سؤ اوڻيتاليهه (١٢٣٩) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، نحاس، ابن مردويه ۽ دلائل ۾ بيهقي حضرت ابن عباس کانِ ۽ ابن مردويه حضرت ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته سورة "اَلذَّارِيَاتِ" مڪيه آهي. (٢)

نزول جوزمانو: علماء ڪرام جو متفق قول آهي ته هن سورة جي نزول جو زمانو حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪ زندگيءَ جو مڪه مڪرمه ۾ رهڻ وارو وقت آهي.

مضمون: قيامت جو عقيدو اسلام جي بنيادي عقائد مان آهي زندگيءَ جو جيڪو پروگرام اسلام پيش ڪري ٿو ان تي صحيح طور سان عمل ان وقت ٿي سگهندو آهي ۽ ان جي فيوضات ۽ برڪات کان انسان ان وقت مستفيض ٿي سگهندو آهي جڏهن قيامت تي ان جو يقين محڪم هجي ان جي ڪري هتي متعدد شين جو قسم کڻي ٻڌايو ويو آهي ته قيامت جي اچڻ جو وعدو سچو آهي اهو ڏينهن ضرور ايندو جڏهن نيڪوڪار کي جزا ۽ بري کي سزا ملندي ڪافر جيڪي قيامت جو انڪار ڪن ٿا انهن وٽ ان انڪار جو ڪو به معقول وجه ناهي صرف قياس آرايون آهن جن جي ڪا حقيقت ناهي ۽ اهي عيش ۽ عشرت جي نشي ۾ بيهوش آهن جڏهن موت مٿان ايندن تڏهن انهن خوفناڪ حالتن کان سندن به اکيون ڇڄ ته چار ٿي ويندي‌يون پر ان وقت حسرت ۽ ندامت کان سواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿيندو وري ٻڌايو ويو آهي ته انهن جي برعڪس ٻيا اهڙا ٻانها به آهن جيڪي هر وقت پنهنجي رب ڪريم کان ڊڄندا رهندا آهن ان جي هر ارشاد تي عمل ڪن ٿا انهن جوﺅ راتيون ذڪر خدا ۾ گذرن ٿيون ۽ رات جي پوئين حصي ۾ پنهنجي ڪوتاهين ۽ غفلت تي مغفرت طلب ڪندا آهن ۽ جيڪو مال ۽ ملڪيت انهن کي الله عزوجل عطا ڪيو آهي ان مان غريبن ۽

(١) خازن صـ١٨٠ـ جلد٤ (٢) الدرالمنثور صـ٦١٣ـ جلد ٧

مسڪينن کي ڏين تا ٻئي رڪوع ۾ متقين جي سردار، سيدنا ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي حالات بيان ڪندي ڪيس وڏي عمر ۾ پٽ جي ڄمڻ جي بشارت ڏيڻ جو ذڪر آهي ان ڪان بعد اهڙين قومن جو ذڪر ڪيل آهي جيڪي فسق ۽ فجور ۾ سرشار هئا سندن طرف موڪليلن پيغمبرن علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام جي دعوت کي ٺڪرايو ان جي سزا ملڻ جي ڪري انهن جو جيڪو حال ٿيو اهو سيني جي لاءِ باعث عبرت آهي ٽئين رڪوع ۾ الله تعالىٰ جي شان ۽ عظمت بيان ڪرڻ ڪان پوءِ ٻڌايو ويو آهي تہ ان جي پناهہ ۽ رحم جي هيٺان اچو ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ بنايو پهريان بہ ماڻهن پنهنجن نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام کي جادوگر ۽ چريو سڏيو هو اي محبوب! (عليك الصلواة والسلام) جيڪڏهن ڪافر اوهان جي لاءِ بہ اهڙا الفاظ ڪين ٿا تہ اوهان انهن ڪان منهن مبارڪ موڙي ڇڏيو ۽ انهن کي نصيحت ڪندا رهو ايمان وارا ان نصيحت ڪان فائدو وٺندا هن ڪان پوءِ جنن ۽ انسانن جي پيدا ڪرڻ جو غرض ۽ غايت بہ بيان ڪئي وئي آهي تہ اهي الله تعالىٰ جي عبادت ڪن ۽ ان جي احڪام تي پائبند رهن ان ۾ سندن فائدو آهي الله جلت صفاتـــه کي انهن جي ڪا ضرورت ناهي نہ اهو انهن ڪان رزق گهري ٿو بلڪ ساري ڪائنات ان جي محتاج ۽ ان ڪان عطا ڪيل رزق تي هلي ٿي ۽ جيڪي ماڻهو ان حقيقت کي نہ ٿا سمجهن انهن جي لاءِ هلاڪت ۽ تباهي آهي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: هن ڪان اڳين سورة قبرن مان اٿارڻ، جزا ۽ سزا جي ذڪر سان پوري ٿي ۽ هن جي شروعات ۾ قسم سان بيان ڪيو ويو آهي تہ اهي سڀ ڳالهيون حق آهن ۽ انهيءَ سورة ۾ گهڻين قومن جي هلاڪ ڪرڻ جو ذڪر اختصار سان ڪيو ويو ۽ هن ۾ ڪجهہ تفصيل سان. (١)

ڀلايون ۽ برڪتون: هن سورة پاڪ جو وڏو شان آهي نهايت رحمتن ۽ برڪتن سان ڀريل آهي علماءَ عاملين لکيو آهي تہ جيڪو شخص رزق ۽ دولت ۾ برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هيءَ سورة سڳوري پنجهتر (٧٥) ڀيرا پڙهندو تہ الله عزوجل ان کي بيشمار نعمتن سان نوازيندو جيڪڏهن ڪنهن شهر ۾ قحط هجي تہ هيءَ سورة ستر ڀيرا پڙهڻ سان اهو دفع ٿي ويندو.

(١) روح المعاني صـ٢ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩

وَهِيَ سِتُّوْنَ آيَةً	سُوْرَةُ الذَّارِيَاتِ مَكِيَّةٌ	وَثَلاَثُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها (٦٠) آيتون	سورةالذاريات مكيه آهي	٣ ركوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع كيان ٿو جيكو گهڻو مهربان هميشه رحم كندڙ آهي.

وَالذّٰرِيٰتِ ذَرْوًا (١) فَالْحٰمِلٰتِ وِقْرًا (٢) فَالْجٰرِيٰتِ يُسْرًا (٣) فَالْمُقَسِّمٰتِ

قسم آهي اڏائيندڙن جو اڏائڻ پوءِ کڻندڙن جو بار کي پوءِ هلندڙن جوآسانيءَ سان پوءِ ورهائيندڙن جو

اَمْرًا (۴) اِنَّ مَا تُوْعَدُوْنَ لَصَادِقٌ (۵) وَّاِنَّ الدِّيْنَ لَوَاقِعٌ (٦)

امر سان بيشڪ اهو جو وعدو ڏنا وڃوٿا اوهان البت سچو آهي ۽ بيشڪ بدلو البت واقع ٿيندڙ آهي

وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْحُبُكِ (٧) اِنَّكُمْ لَفِيْ قَوْلٍ مُّخْتَلِفٍ (٨) يُّؤْفَكُ عَنْهُ

قسم آهي آسمان واٽن واري جو بيشڪ اوهان البت قول مختلف ۾ آهيو ڦيرايو وڃي ٿو ان کان

مَنْ اُفِكَ (٩) قُتِلَ الْخَرّٰصُوْنَ (١٠) الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ غَمْرَةٍ سَاهُوْنَ (١١)

اهو جيكو ڦيرايو ويو لعنت كيا وياهت جون ٺاهيندڙ ڳالهيون اهي جيکي نشي ۾ وساريندڙ آهن

يَسْـَٔلُوْنَ اَيَّانَ يَوْمُ الدِّيْنِ (١٢) يَوْمَ هُمْ عَلَى النَّارِ يُفْتَنُوْنَ (١٣) ذُوْقُوْا

پڇن ٿا تہ ڪٿي آهي بدلي ملڻ وارو ڏينهن؟ ان ڏينهن اهي باهہ تي تپايا ويندا چکو

فِتْنَتَكُمْ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ (١۴)

تپش پنهنجيءَ کي هي اهو آهي جو ان کي تکڙو گهرندا هيئو

تفسير

سورة "ق" ۾ دلائل سان حشر جو ڏينهن ثابت كيو ويو پر جاهلن جي عادت آهي تہ اهي دلائل ۾ غور نہ كندا آهن ان جي كري انهن سان اهڙي انداز ۾ گفتگو كئي ويندي آهي جنهن تي اهي يقين كن ۽ عربن ۾ مسلمان ٿيڻ كان اڳي جيتوڻيڪ هزارين برايون هيون پر هڪ خوبي هيءَ بہ هئي جو قسم تي اعتبار كندا هئا ۽ قسم كٽي كوڙ هڻڻ كي هلاكت ۽ بربادي جو سبب قرار ڏيندا هئا ان جي كري الله عزوجل

قيامت جي قائم ٿيڻ کي قسم سان بيان فرمايو. (١) ايزدي ارشاد آهي "وَالذّٰرِيٰتِ ذَرْوًا" قسم آهي اڏائيندڙن هوائن جو اڏائڻ "اَلذّٰرِيٰتِ" مان مراد اهي هوائون آهن جيڪي مٽي، ڪک، پن وغيره کي اڏائي ڇڏينديون آهن "ذَرْوًا" مصدر آهي يا ذاريات مان مراد عورتون آهن جيڪي اولاد ڄڻينديون آهن يا اهي اسباب جيڪي ملائڪ اختيار ڪندا آهن. (١) "فَالْحٰمِلٰتِ وِقْرًا" پوءِ بار کڻندڙن جو قسم آهي "وِقْرًا" جي معنىٰ ڳروبار "حٰمِلاَتِ" مان مراد ڪکر ۽ بار مان مراد مينهن آهي ڪڪر اهو گهڻي پاڻيءَ جو وزن کڻي متان مينهن جي صورت ۾ وسائن ٿا ان سان ماڻهن کي ڪيترا فائدا پهچن ٿا. "فَالْجٰرِيٰتِ يُسْرًا" (پوءِ آسانيءَ سان هلندڙن جو "قسم آهي") ان مان مراد تارا آهن جيڪي آسمان ۾ آسانيءَ سان هلن ٿا ۽ ماڻهو انهن سان رهنمائي حاصل ڪن ٿا. (٢) يا ان مان ٻيڙيون مراد آهن جيڪي پاڻيءَ تي آسانيءَ سان هلنديون آهن. (٣) "فَالْمُقَسِّمٰتِ اَمْرًا" امر سان تقسيم ڪندڙن جو "قسم آهي") ان مان مراد ملائڪ آهن. "اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَصَادِقٌ" بلاشڪ جنهن جو وعدو ڏنا تا وڃو سچو آهي. يعني مذڪوره شيون جن جو قسم کنيو ويو آهي انهن جو نظام شاهد آهي ته اوهان سان جيڪو آخرت جي اچڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي اهو بالڪل سچو آهي ۽ انصاف ضرور ٿيڻو آهي جڏهن هن دنيا ۾ هوائن وغيره جي چرپر نتيجي کان خالي ناهي تڏهن هيڏي وڏي جهان جي هلڻ جو نظام به بي مقصد ناهي يقينًا اهو جنهن انجام تي پهچندو ان جو نالو آخرت آهي "وَاِنَّ الدِّيْنَ لَوَاقِعٌ" (۽ بلاشڪ بدلو البت ضرور واقع ٿيندڙ آهي) يعني هر عمل بري يا ڀلي جو بدلو ضرور ملندو. "وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْحُبُكِ" (رستن واري آسمان جو قسم) يعني صاف، شفاف، خوبصورت، مضبوط ۽ پررونق آسمان جو قسم، جنهن ۾ ستارن جو چارو چايل آهي ۽ ملائڪن جا رستا ٺهيا پيا آهن. "اِنَّكُمْ لَفِيْ قَوْلٍ مُّخْتَلِفٍ يُّؤْفَكُ عَنْهُ مَنْ اُفِكَ" (بلاشڪ اوهان اختلاف واري قول ۾ آهيو جنهن کان جيڪو ڦيرايل آهي ڦيرايو ويو) مطلب ته اوهان قيامت جي متعلق اختلاف رکو ٿا پر ان کي اهو تسليم ڪندو جنهن جو رب پاڪ جي بارگاهه سان تعلق هوندو جيڪو ازل جو ٽڙيل ۽ قسمت جو ٽٽل هوندو اهو ان کان ڦري ويندو حالانڪ اهو جيڪڏهن آسمان جي نظام تي نظر رکي غور ڪري ته به ان جي لاءِ سمجهڻ آسان آهي. "قُتِلَ الْخَرّٰصُوْنَ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ غَمْرَةٍ سَاهُوْنَ" (هٺ جي ٺاهيندڙ لعنت ڪيا ويا جيڪي نشي ۾ وساريندڙ آهن) يعني جن کي دنيوي عيش ۽ عشرت واري نشي غفلت ۽ ويسر ۾

(١) حقاني صـ٣١٣ـ جلد ٦ (٢) المظهري جلد ٩ (٣) تيسيرالكريم الرحمٰن صـ٩٨ـ جلد ٥ (۴) روح المعاني صـ٢ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩

وجهي ڇڏيو اهي لعنت ڪيل، تڙيل آهن. "يَسْـَٔلُوْنَ اَيَّانَ يَوْمُ الدِّيْنِ" (پڇن ٿا تہ بدلي ملڻ وارو ڏينهن ڪٿي آهي؟) يعني شڪ ڪندي پڇن ٿا تہ اوهان جنهن قيامت جي اچڻ جي ڳالهہ ڪيو ٿا اهو ڪڏهن ايندو؟ ڪٿي آهي اڃان ڇو نہ آيو آهي؟ "يَوْمَ هُمْ عَلَى النَّارِ يُفْتَنُوْنَ" (جنهن ڏينهن اهي باهہ تي تپايا ويندا) يعني باهہ ۾ عذاب ڏئي سندن جسمن کي ساڙيو ويندو "ذُوْقُوْا فِتْنَتَكُمْ" يعني انهن کي چيو ويندو تہ عذاب چکو. "هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ" (هي اهو آهي جنهن کي تکڙو گهرندا هيئو) يعني جنهن عذاب ۾ اوهان ڦاٿا آهيو هي اهو تہ آهي جنهن جي تکڙي اچڻ جي اوهان پاڻ گهر ڪندا هيئو. هاڻي عذاب جي مختلف قسمن جا مزا وٺو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا سمجهہ ۾ اچن ٿا. ١. "فَالْمُقَسِّمٰتِ اَمْرًا" پوءِ امر سان تقسيم ڪندڙن جو (قسم آهي) هن مان مراد ملائڪ سڳورا آهن جيڪي رزق، موت وغيره تي مقرر ٿيل آهن انهن کي "مُدَبِّرَاتِ اَمْرًا" بہ سڏيندا آهن ۽ هن مان معلوم ٿيو تہ جيئن انهن کي "مقسِم" سڏڻ جائز آهي تيئن حضور عليـــه الصلواة والسلام جن کي بہ قاسم سڏڻ جائز بلڪ ثابت آهي جيئن سندن ارشاد مبارڪ آهي تہ "الله ڏيندڙ آهي ۽ مان ونڊيندڙ آهيان" ٢. "اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَصَادِقٌ" (بلاشڪ جنهن جو اوهان وعدو ڏنا وڃو ٿا تہ البت سچو آهي) مان صرف جنت جو وعدو نہ پر جهنم جي ملڻ وارا وعيد بہ مراد آهن يعني حشر، نشر جزا، سزا بلڪ اچڻ واريون اهي سڀ خبرون جن جو اوهان سان نبي ڪريم عليـــه التحيـــة والتسليم جي ذريعي وعدو ڪيو ويو آهي سڀ سچيون آهن ممڪن ئي ناهي تہ اهي ڪوڙيون هجن. ٣. "وَاِنَّ الدِّيْنَ لَوَاقِعٌ" (۽ بلاشڪ بدلو البت واقع ٿيندڙ آهي) مان معلوم ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن فرمانبردارن کي جنت، توبـــه ڪندڙن کي محبت ۽ مغفرت، اولياءَ الله کي قربت، عارفن کي الهي وصال طالبن کي وجدان ۽ ڪافرن کي سزا ضرور ملڻا آهن.

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ (١٥) اٰخِذِيْنَ مَآ اٰتٰهُمْ رَبُّهُمْ اِنَّهُمْ

بيشڪ پرهيزگار بهشتن ۽ چشمن ۾ وٺندڙ هوندا اهو جو ڏيندو انهن کي سندن رب بيشڪ اهي

كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُحْسِنِيْنَ (١٦) كَانُوْا قَلِيْلًا مِّنَ الَّيْلِ مَا يَهْجَعُوْنَ (١٧)

هئا اڳي ان کان نيڪو ڪار هئا ٿورو وقت رات مان سمهندا

وَبِالْاَسْحَارِ هُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ (١٨) وَفِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ

۽ رات جو پوئين حصن ۾ اهي مغفرت طلب ڪندا هئا ۽ سندن مالن ۾ حق آهي سائل جيُ لاءِ

وَالْمَحْرُوْمِ (١٩) وَفِى الْاَرْضِ اٰيٰتٌ لِّلْمُوْقِنِيْنَ (٢٠) وَفِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ؕ اَفَلَا

۽ محروم جي لاءِ ۽ زمين ۾ نشانيون آهن يقين ڪندڙن جي لاءِ ۽ اوهان جي سرن ۾ ڇا پوءِ

تُبْصِرُوْنَ (٢١) وَفِى السَّمَآءِ رِزْقُكُمْ وَمَا تُوْعَدُوْنَ (٢٢) فَوَرَبِّ السَّمَآءِ

نٿا ڏسو ۽ آسمان ۾ رزق اوهان جو آهي ۽ جيڪو وعدو ڏنا وڃو ٿا پوءِ قسم آهي آسمان جي

وَالْاَرْضِ اِنَّهٗ لَحَقٌّ مِّثْلَ مَآ اَنَّكُمْ تَنْطِقُوْنَ (٢٣)

۽ زمين جي رب جو تہ بيشڪ اهو البت حق آهي مثل ان جي جو بلاشڪ اوهان ڳالهايو ٿا

تفسير

اڳين آيتن ۾ هترادو ڳالهيون ٿاهيندڙن، قيامت وغيره جو انڪار ڪندڙن ڪافرن جو حال بيان ٿيو ۽ هتي وري الله عزوجل جي پرهيزگارن، متقي ٻانهن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ" (بيشڪ پرهيزگار ٻانها جنتن ۽ چشمن ۾ هوندا) مطلب تہ رب العزة جل وعلا ڪان ڊڄندڙ ٻانها بهشت جي سدا بهار باغن ۾ لطف اندوز هوندا ۽ اتي مٺي ۽ ٿڌي پاڻي جا چشما بہ سندن حوالي هوندا. "اٰخِذِيْنَ مَآ اٰتٰهُمْ رَبُّهُمْ" (جيڪو ڪين سندن رب ڏيندو اهو وٺندڙ هوندا) هي جملہ نهايت پر لطف ۽ لذت بخشيندڙ آهي مولا ڪريم پنهنجي ڪرم سان ڪين نعمتون عطا ڪندو ويندو ۽ هي خوش ٿيندا وٺندا رهندا ۽ ان ڪيفيت ۾ جيڪو مزو هوندو ان جو اندازو آسان ناهي. "اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُحْسِنِيْنَ" (بلاشڪ اهي ان ڪان اڳي نيڪوڪار هئا) مذڪوره مهربانين جو وجہ بيان ڪيو ٿو وڃي تہ هي اهي ماڻهو آهن جي پنهنجي دنيوي زندگيءَ ۾نهايت صالح ۽ سهڻا عمل ڪندڙ هئا سندن حياتي برن ڪمن جي داغ ڪان صاف رهي ۽ عبادت ۾ مقام احسان تي فائز رهندي غير الله ڪان بلڪل بي خبر رهندا هئا ۽ پنهنجي سچي معبود جي حقيقي حسن جي مشاهدي ۾ محو هوندا هئا. "كَانُوْا قَلِيْلًا مِّنَ الَّيْلِ مَا يَهْجَعُوْنَ" رات جو ٿورو وقت سمهندا هئا انهن جي اها بہ خوبي هئي جو انهن جون راتيون فسق ۽ فجور جي حوالي ٿيڻ جي بجاءِ عبادت ۾ گذرنديون هيون ابن ابي شيبہ، ابن المنذر، ابن مردويہ حضرت عبدالله بن رواحة رضي الله عنہ ڪان روايت آندي آهي تہ هن مان مراد آهي تہ ٿورو وقت آرام ڪري پوءِ رات جي پوئين حصي تائين عبادت ۾ مصروف رهندا هئا. (١) "وَبِالْاَسْحَارِهُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ" (۽ رات جي پونين حصن ۾ اهي مغفرت طلب ڪندا هئا) اسحار

(١) الدرالمنثور صـ٦١٥ـ جلد ٧

سحر جو جمع آهي مفسرن ان مان رات جو ڇهون حصو مراد ورتو آهي. (١) عبادت ڪرڻ سان گڏ رات جي آخري حصي ۾ الله عزوجل کان گناهن جي مغفرت طلب ڪندا هئا اهي انسان ڪيڏا نہ خوش نصيب آهن جن کي اها سعادت نصيب ٿيندي آهي ڊاڪٽر اقبال اها ئي رمز بيان ڪندي آهي.

عطار ہو رومی ہو رازی ہو غزالی ہو
کچھ ھاتھ نہیں آتا بے آہ سحرگاہی

يعني الله عزوجل جا جيترا بہ صالح ٻانها گذريا آهن اهي راتيون جاڳندي رب پاڪ جي دربار ۾ روئندي مغفرت طلب ڪندا رهندا هئا.

"وَفِي أَمْوَالِهِمْ حَقٌّ لِلسَّائِلِ وَالْمَحْرُومِ" (۽ انهن جي مالن ۾ سائل ۽ محروم جو حق آهي) المحروم مان مراد اهو پاڪ صاف مسڪين آهي جيڪو گهرندو ناهي ۽ جاهل شخص ان کي غني سمجهندو آهي پوءِ ان کي صدقو، خير ۽ خيرات نہ ڏيندو آهي مطلب تہ انهن جي اها خوبي آهي تہ جيڪڏهن ڪو سائل سندن دروازي تي ايندو آهي تہ ان کي خالي واپس نہ ڪندا آهن بلڪ پنهنجي مال ملڪيت ۾ انهن مسڪينن جو حق سمجهندا آهن جيڪڏهن ڪو گهرندو اٿن تہ بہ ڏيندا آهن پر جيڪڏهن ڪو گهرندو ناهي ۽ ڪين خبر پوندي آهي تہ ضرورتمند آهي تہ ان جي لاءِ بہ سندن طرفان خير جو سلسلو جاري هوندو آهي اڪثر علماءَ جو قول آهي تہ ان مان مراد زڪواة ناهي ان کان سواءِ خيرّات آهي. "وَفِي الْأَرْضِ آيَاتٌ لِلْمُوقِنِينَ" (۽ يقين ڪندڙن جي لاءِ زمين ۾ نشانيون آهن) يعني يقين ڪندڙن ٻانهن جي لاءِ زمين جي ٺاهڻ ۽ ان ۾ رونما ٿيندڙ عجيب وغريب حالات ۾ اهڙا آثار ۽ نشانيون آهن جن ۾ غور ڪرڻ سان حقيقت ڪلي سامهون اچي ٿي تہ الله عزوجل جو فرمان صحيح آهي "وَفِي أَنْفُسِكُمْ أَفَلَا تُبْصِرُونَ" (۽ اوهان جن سرن ۾ ڇا پوءِ اوهان نہ ٿا ڏسو) يعني اوهان پنهنجي وجود ۾ غور ڪيو تہ الله عزوجل ڪهڙي طرح هڪ حقير قطري مان ان جي شروعات ڪئي آهي ۽ ڪهڙي طرح مسلسل نازڪ تغير سان منزلون طي ڪندو اهو ساهہ کان سواءِ قطرو هڪ زنده انسان جي شڪل ۾ ظاهر ٿئي ٿو وري اهو ننڍڙو ڪمزور ٻچو ڪهڙي طرح مٿي اچي ٿو ايتري تائين جو ان جون خوبيون پرورش لهي عروج ڪمال تائين پهچن ٿيون علم جي حصول جي لاءِ جيڪي ظاهري ۽ باطني وسائل ان کي ڏنا

(١) ايسرالتفاسير ص ـ ٣١٩ ـ جلد ٤

ويا آهن عمل ۾ اختيار جي جنهن آزاديءَ سان ان کي نوازيو ويو آهي جيڪڏهن انهن سيني کي سوچيو وڃي ٿو تہ الله تعاليٰ جي ڪامل قدرت، بالغ حڪمت ۽ علم محيط تي يقين حاصل ٿئي ٿو. "وَفِي السَّمَآءِ رِزْقُكُمْ وَمَا تُوعَدُوْنَ" (۽ آسمان ۾ اوهان جو رزق آهي ۽ جيڪو وعدو ڏنا وڃو ٿا) هتي رزق مان مراد هر اها شيءِ آهي جنهن جي انسان کي پنهنجي بقا ۽ پنهنجي ذهني، جسماني ۽ روحاني نشو ۽ نماءَ جي لاءِ ضرورت هوندي آهي مطلب تہ سائلن کي ڏيڻ جي ڪري اهو ڏپ نہ ڪريو تہ اسين ڪٿان آڻينداسون ۽ نہ انهن مسڪينن تي احسان بيان ڪريو ڇو تہ اوهان سيني جي روزي ۽ جنهن اجر ۽ ثواب جو اوهان سان وعدو ڪيو ويو آهي اهي سڀ آسمان ۾ (آسمان جي خالق ۽ مالڪ وٽ) آهن هر هڪ کي ان جو حصو ملندو. "فَوَرَبِّ السَّمَآءِ وَالْأَرْضِ إِنَّهٗ لَحَقٌّ مِّثْلَ مَآ أَنَّكُمْ تَنْطِقُوْنَ" (پوءِ آسمان ۽ زمين جي رب جو قسم آهي تہ بلاشڪ اهو حق آهي ان وانگر جو تحقيق اوهان ڳالهايو ٿا) اڳ ۾ مختلف شين جا قسم ڪنيا ويا ۽ هتي الله عزوجل پنهنجو قسم ڪٽي فرمائي رهيو آهي تہ جزا ۽ سزا ملڻ وارو ڏينهن حق آهي اهو ضرورو ايندو جيئن اوهان کي پنهنجي ڳالهائڻ ۾ شڪ ناهي تيئن ان ۾ بہ شڪ ناهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "إِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِي جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ" (بلاشڪ پرهيزگار بهشتن ۽ چشمن ۾ هوندا) هن مان معلوم ٿيو تہ متقي، پرهيزگار ٻانها نهايت راحت ۾ هوندا دنيا ۾، قبر ۾ ۽ آينده حشر ۾ بہ، دنيا ۾ مومن شريعت جي باغات، طريقت جي چشمن ۾ هوندو آهي ان جي لاءِ الله عزوجل جي عبادت ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جي محبت جي بهار هوندي ۽ ميدان حشر ۾ ڪوثر جي نهر مان پيئندو. ٢. "إِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُحْسِنِيْنَ" (بيشڪ اهي ان کان اڳي نيڪو ڪار هئا) جي وضاحت ڪندي مفسرن هڪ اهو قول بہ آندو آهي تہ سندن پيدا ٿيڻ کان پهريان ئي سندن نالو نيڪو ڪارن جي لسٽ ۾ هو. ٣. "كَانُوْا قَلِيْلًا مِّنَ اللَّيْلِ مَا يَهْجَعُوْنَ" (رات مان ٿورو حصو سمهندا هئا) هن مان معلوم ٿيو تہ ساري رات سمهڻ سنُو ناهي رات جي شروعات ۾ ٿورڙو سمهي پوءِ وري تهجد نماز جي لاءِ سجاڳ ٿجي. بعض علماءَ فرمايو تہ هن آيت ۾ انهن انصارن جي تعريف آهي جيڪي عشا نماز نبوي مسجد ۾ پڙهي پنهنجن گهرن ڏانهن ويندا هئا جيڪي مسجد قبا وٽ مدينہ منوره جي ان وقت واري شهر کان تي "٣" ميل پري هوندا هئا ۽ ٿورڙو آرام ڪري تهجد جي نماز پڙهي وري فجر جي نماز نبوي مسجد ۾ ادا ڪندا هئا. (١)

(١) نورالعرفان ص۸۳۲

وقف لازم

هَلْ اَتٰكَ حَدِيْثُ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ الْمُكْرَمِيْنَ (٢٤) اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا	
ڇا آئي تو وٽ ڳالھ ابراهيم جي مهمانن عزت وارن جي جڏهن آيا ان وٽ پوءِ چيائون سلام	
قَالَ سَلٰمٌ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ (٢٥) فَرَاغَ اِلٰٓى اَهْلِهٖ فَجَآءَ بِعِجْلٍ سَمِيْنٍ (٢٦)	
فرمايائين ته سلام قوم نه سڃاتل آهي پوءِ ويو پنهنجي گهر وارن ڏانهن پوءِ آندائين گابو ٿلهو	
فَقَرَّبَهٗٓ اِلَيْهِمْ قَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ (٢٧) فَاَوْجَسَ مِنْهُمْ	
پوءِ ويجهو ڪيائين ان کي انهن ڏانهن فرمايائين ته ڇا نه ٿا کائو؟ پوءِ دل ۾ رکيائين انهن کان	
خِيْفَةً قَالُوْا لَا تَخَفْ وَبَشَّرُوْهُ بِغُلٰمٍ عَلِيْمٍ (٢٨) فَاَقْبَلَتِ امْرَاَتُهٗ	
ڊپ چيائون ته ڊپ نه ڪر ۽ بشارت ڏنائون ان کي پٽ علم واري جي پوءِ سامهون آئي ان جي گهرواري	
فِيْ صَرَّةٍ فَصَكَّتْ وَجْهَهَا وَقَالَتْ عَجُوْزٌ عَقِيْمٌ (٢٩) قَالُوْا كَذٰلِكِ	
دانهن ڪندي پوءِ ڌڪ هنيائين منهن پنهنجي کي ۽ چيائين پوڙهي سَنڍ چيائون ته اهڙي طرح	
قَالَ رَبُّكِ اِنَّهٗ هُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ (٣٠)	
فرمايو تنهنجي رب بيشڪ اهو ئي حڪمت وارو، ڄاڻندڙ آهي	

تفسير

اڳين آيتن ۾ مشرڪن جي طرفان قبرن مان اٿي حساب لاءِ پيش ٿيڻ جي انڪار ۽ ان کي قسم کڻي ثابت ڪرڻ جو بيان هو ۽ هتي اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام مان حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو ذڪر ڪندي نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم جن کي تسلي ڏني وئي آهي ته اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي قومن جو به اهڙو حال رهيو هو ۽ انهن کي سزائون مليون هيون فرمان ايزدي آهي "هَلْ اَتٰكَ حَدِيْثُ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ الْمُكْرَمِيْنَ" (ڇا اوهان وٽ ابراهيم جي عزت وارن مهمانن جي ڳالھ آئي آهي؟) يعني اوهان کي اها ڳالھ معلوم آهي جو حضرت ابراهيم عليه الصلواة والسلام وٽ عزت ڀريا مهمان آيا هئا. اهي ملائڪ سڳورا هئا جيڪي حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم کي عذاب ڪرڻ جي لاءِ ويندي حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام وٽ آيا هئا هي واقعو سورة هود، سورة حجر ۾ ۽ ٻين مقامن تي به ذڪر ٿي چڪو آهي. "اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا" (جڏهن ان وٽ داخل ٿيا پوءِ سلام چيائون) "قَالَ سَلٰمٌ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ" (فرمايائين

سلام ۽ سجاتل قوم آهن) يعني انهن جي سلام جو سلام سان جواب ڏئي فرمايائين تہ اوپرا ماڻهو آهن هن علائقي جا ناهن هنن جي وضع، قطع بالکل مختلف آهي "فَرَاغَ اِلٰٓى اَهْلِهٖ فَجَآءَ بِعِجْلٍ سَمِيْنٍ" (پوءِ پنهنجي اهل ڏانهن ويو پوءِ تلهو گابو آندائين) "راغ" جي اصل معنىٰ آهي "اِنْسَلَّ خُفْيَةً" (تيزيءَ سان ماٺ مٺ ۾ کسڪي وڃڻ) مطلب تہ پنهنجن مهمانن کي آرام سان وهاري پاڻ ماٺ ڪري اتيو ۽ انهن جي مهمانيءَ جي انتظام ۾ مصروف ٿي ويو ۽ جلدي جلدي هڪ تلهو متارو گابو ڪُهي، پُچي ڪٽي انهن جي اڳيان اچي رکيائين. (١) "فَقَرَّبَهٗٓ اِلَيْهِمْ قَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ" (پوءِ ان کي انهن ڏانهن ويجهو رکي چيائين تہ ڇو نہ ٿا کائو؟) يعني اهو کاڌو انهن کي ويجهو رکي کائڻ لاءِ فرمايائين جڏهن انهن نہ کاڌو تڏهن پڇيائين تہ ڇو نہ ٿا کائو؟ اهي اچڻ وارا ملائڪ هئا انهن ۾ جبريل، ميڪائيل ۽ اسرافيل سڀورا بہ شامل هئا. (٢) ۽ ملائڪ کائڻ کان پاڪ آهن، جڏهن نہ کاڌائون تڏهن پاڻ انهن کان پڇيائين تہ اوهان ڇو نہ ٿا کائو؟ قبائلي زندگيءَ ۾ هڪ دستور هو تہ جيڪڏهن مهمان مهماني قبول ڪندو هو تہ سمجهيو ويندو هو تہ ان جو اچڻ خير سان ٿيو آهي پر جيڪڏهن اهو کاڌو کائڻ کان انڪار ڪندو هو تہ سمجهيو ويندو هو تہ اهو ڪنهن بري نيت سان آيو آهي جڏهن ملائڪن هٿ اڳتي نہ وڌايو تہ کيس هڪ قسم جو خدشو محسوس ٿيو جيئن ارشاد ٿي رهيو آهي "فَاَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً قَالُوْا لَا تَخَفْ" (پوءِ انهن کان دل ۾ خوف محسوس ڪيائين) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ جڏهن پاڻ ڏٺائين تہ اهي طعام تناول نہ ٿا ڪن تڏهن پاڻ سمجهيائين تہ اهي انساني لباس ۾ ملائڪ آهن ۽ اهي عذاب ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا آهن (٣) پر انهن کيس تسلي ڏيندي عرض ڪيو تہ ڊپ نہ ڪر (اسين اوهان وٽ هڪ نيڪ مقصد جي لاءِ آيا آهيون) ۽ اهو هي هيو "وَبَشَّرُوْهُ بِغُلٰمٍ عَلِيْمٍ" (۽ ان کي ڄاڻندڙ پٽ جي بشارت ڏنائون) يعني اهو پٽ صاحب علم ٿيندو. "فَاَقْبَلَتِ امْرَاَتُهٗ فِيْ صَرَّةٍ فَصَكَّتْ وَجْهَهَا وَقَالَتْ عَجُوْزٌ عَقِيْمٌ" (پوءِ ان جي زال دانهن ڪندي آئي پوءِ پنهنجي منهن تي ڏک هنيائين ۽ چيائين تہ پوڙهي سنڍ آهيان مون کي پٽ ڪيئن ڄمندو؟) ملائڪن جي اها بشارت ڏيڻ وقت سيدنا حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي گهرواري اتي تشريف فرما هئي ۽ اهو ٻڌي پنهنجي جذبات تي ڪنٽرول ڪري نہ سگهي ۽ ملائڪن سڀورن کي چوڻ لڳي تہ اوهان بشارت تہ ڏيو ٿا پر مان نهايت پوڙهي ۽ سنڍ آهيان مون مان

(١) ضياءُ القرآن صـ٦٣٢ـ جلد٤ (٢) ايسرالتفاسير صـ٣٢٠ـ جلد٤ (٣) المظهري صـ٨٧ـ جلد ٩

پڻ ڪيئن پيدا ٿيندو؟ "صَرَّةٍ" جي معنيٰ دانهن ڪرڻ ۽ "صَكَّتْ" جي معنيٰ حيرت ۾ اچي منهن تي ڌڪ هڻڻ، جيئن عام طور عورتن جي عادت هوندي آهي (١) سيدنا حضرت ابراهيم عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي گهرواري به اها مزاج مبارڪ ظاهر ڪئي. "قَالُوْا كَذَالِكِ قَالَ رَبُّكِ إِنَّهُ هُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ" (چيائون ته تنهنجي رب اهڙي طرح فرمايو آهي بيشڪ اهو ئي حڪمت وارو، ڄاڻندڙ آهي) ملائڪن سڳورن فرمايو ته اها بشارت اسين پنهنجي طرفان نه ٿا ڏيون بلڪ بيبي صاحبه! تنهنجي رب جل شانه اهڙو حڪم فرمايو آهي اهو حڪمت وارو آهي، ڄاڻندڙ آهي پنهنجي حڪمت سان ٿو ڪي ان وڏي عمر ۾ اولاد ڏي ته ڏئي سگهي ٿو پوءِ توهان هڪ اوليٰ العزم نبي (عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي گهرواري تي ڪري ڪيئن ٿي عجب ڪرين؟

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا: ١. "هَلْ أَتٰكَ حَدِيْثُ ضَيْفِ إِبْرَاهِيْمَ الْمُكْرَمِيْنَ" (ڇا اوهان وٽ ابراهيم جي عزت وارن مهمانن جي ڳالهه آئي آهي؟) مان به ڳالهيون معلوم ٿيون ١. ته الله عزوجل جا ملائڪ عزت وارا آهن پوءِ ائين لکڻ ته الله جل وعلا وٽ ڪير به علي (رضي الله عنه) هجي يا ولي ڇهڙي چمار ڪان به ذليل آهي وڏي بي ادبي ۽ گستاخي آهي. ٢. ته مهمان ڪير به هجي واقف يا اڻ واقف اهو عزت ڪرڻ جي لائق آهي ملائڪ سڳورا الله عزوجل وٽ به عزت وارا آهن ته سيدنا حضرت ابراهيم عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام به انهن جي عزت ڪئي هئي ۽ هڪ قول آهي ته انهن کي عزت وارا ان جي ڪري سڏيو ويو جو عزت واري جا مهمان هئا. ٣. اهو به معلوم ٿيو ته مهمان نوازي ڪرڻ نبين عليهم الصلواة والسلام جو طريقو ۽ سهڻو عمل آهي. نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن فرمايو آهي. "مَنْ كَانَ يَوْمِنَ بِاللهِ واليوم الاٰخِرِ فليكرم ضيفه" (٢) جيڪو الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان ٿو آڻي اهو پنهنجي مهمان جي عزت ڪري. ٣. "فَجَاءَ بِعِجْلٍ سَمِيْنٍ" (پوءِ ٿلهو (ڍڳل) گابو آنڌائين) هن جي تفسير ۾ علامه محمد بن احمد انصاري عليه الرحمة لکيو آهي ته مهمانن جي لاءِ آندل ان ڍڳل گابي تي حضرت جبرئيل پنهنجو پر گهمايو ته اهو جيئرو ٿي رنيندو گهر ۾ بيٺل ماءُ وٽ وڃي پهتو. (٣) ٤. "فَصَكَّتْ وَجْهَهَا" (پوءِ پنهنجي منهن تي ڌڪ هنيائين) مان شيعا ماتم جي جواز جو دليل وٺندا آهن ۽ ان کي حضرت ساره رضي الله عنها جي سنت سڏيندا آهن. پر اهي ٻڌائين ته ڇا ڪين حضرت امام حسين رضي الله عنه جي ذات عالي صفات کي يزيد

(١) تيسير الكريم الرحمٰن صـ١٠٢ـ جلد ٥ (٢) اللباب في علوم الكتٰب صـ٨١ـ جلد ٧ (٣) القرطبى صـ٤٦ـ جلد ١٧

پليد جي هٿان ملڻ وارين تڪليفن تي اهڙي خوشي ۽ حيرت پهتي آهي جهڙي سيده ساره کي پهتي هئي؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ انهن کي زور سان منهن تي ڏک هڻڻ گهرجن حضرت نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جي خاندان کي پهچندڙ ايذائن تي اهي جيتري خوشي ڪن اهو سندن حق آهي ڇو تہ انهن جي سوچ وارن ئي ڏوکي سان حضرت امام حسين ۽ سندس ساٿين رضي الله تعاليٰ عنهم کي ڪوفي اچڻ لاءِ اپيلون ڪيون هيون ۽ وري ابن زياد سان ملي گلستان نبوت کي لٽرايو هو جيڪڏهن اهڙي ناپاڪ منصوبہ تي اهي خوش نہ ٿيندا تہ ٻيو ڪير خوش ٿيندو پر اهي ايماندار جن جون دليون ڪربلا جي دل ڏاريندڙ ڏکن جي ڪري ڏک ۾ پريل آهن جن جون اکيون ان درد ناڪ سانحي جي ڪري هنجون هاريندڙيون آهن اهي ڪيئن خوشيءَ جو اظهار ڪري سگهندا؟ خوشيءَ ۽ مسرت جي موقعي تي ڪنهن عورت جو پنهنجي منهن تي ڏک هڻڻ بہ شيءِ آهي تہ ڪنهن غم، الم ۽ درد جي حالت ۾ پنهنجو منهن ۽ سينو ڪٽڻ بہ ڳالهہ آهي ۽ اسلام جيڪو صبر جو درس ڏيندڙ آهي اهو ان پاڪ ۽ صاف هستين جي درد تي صبر جي تلقين ڪري ٿو. ماتم جي اجازت نہ ٿو ڏي، جن کي شهادت جي سعادت نصيب ٿي اسلام تہ انهن کي مئل چوڻ بلڪ دل ۾ مئل سمجهڻ کان بہ روڪي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ اهي زنده آهن. ٥. "فَاَقْبَلَتِ امْرَاَتُـهٗ" (پوءِ ان جي گهرواري آئي) مان مراد سيده ساره رضي الله عنها آهي ۽ پٽ مان مراد حضرت اسحاق (علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام) آهي. جمهور مفسرن جو قول اهو آهي. (١)

قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ (٣١) قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ

فرمايائين تہ پوءِ ڪهڙو آهي غرض اوهان جو اي موڪليلو! چيائون تہ بيشڪ اسين موڪليا ويا آهيون

اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ (٣٢) لِنُرْسِلَ عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ طِيْنٍ (٣٣) مُّسَوَّمَـةً

مجرم قوم ڏانهن تانت موڪليون انهن تي پٿر مٽيءَ مان نشان ڪيل

عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُسْرِفِيْنَ (٣٤) فَاَخْرَجْنَا مَنْ كَانَ فِيْهَا مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ (٣٥)

رب وٽ اسراف ڪندڙن جي لاءِ پوءِ ڪڍيوسون انهن کي جيڪي هئا انهن ۾ مومنن مان

فَمَا وَجَدْنَا فِيْهَا غَيْرَ بَيْتٍ مِّنَ الْمُسْلِمِيْنَ (٣٦) وَتَرَكْنَا فِيْهَآ اٰيَـةً لِّلَّذِيْنَ

پوءِ نہ لڌو سون انهن ۾ سواءِ هڪ گهر مسلمانن جي ۽ ڇڏي اسان انهن ۾ هڪ نشاني انهن جي لاءِ

(١) القرطبي صـ٤٦ـ جلد ١٧ المظهري صـ٨٧ـ جلد ٩

يَخَافُوْنَ الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ (٣٧)

جيڪي ڏڃن ٿا عذاب دردناڪ کان

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام وٽ ملائڪن جي اچڻ ۽ پٽ جي بشارت ڏيڻ جو بيان هو ۽ هتان کان حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي طرفان ملائڪن کان پڇڻ جو ته ڪهڙي ڪم سا نڪتا آهيو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ" (فرمايائين ته اي موڪليلو! اوهان جو غرض ڪهڙو آهي؟) يعني اوهان خصوصًا ڪهڙي ڪم سان موڪليا ويو آهيو؟ "قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ" (چيائون ته بيشڪ اسين مجرم قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيون) يعني ان قوم مان مراد حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم آهي مطلب ته اسين ان قوم کي هلاڪ ڪرڻ جي لاءِ آيا آهيون جيڪي لونڊي بازيءَ جو گناهم ڪندڙ آهن. "لِنُرْسِلَ عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ طِيْنٍ" (تانت انهن تي پڪي مٽيءَ مان پٿر موڪليون) مطلب ته اهي سرن وانگر پڪل مٽيءَ جا پٿر انهن تي وسائڻ آيا آهيون "مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُسْرِفِيْنَ" (نشان ڪيل تنهنجي رب وٽ اسراف ڪندڙن (حد کان لنگهندڙن) جي لاءِ) يعني انهن پٿرن مان هر هڪ تي نشان آهي هر هڪ مجرم جي لاءِ خاص ڪيل آهي اسان کي حڪم مليو آهي ته انهن نشان ڪيل پٿرن کي انهن تي تيزيءَ سان وسندڙ مينهن وانگر وسايون. "فَاَخْرَجْنَا مَنْ كَانَ فِيْهَا مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ" (پوءِ جيڪي مومن انهن ۾ هئا انهن کي ڪڍيوسون) ان ڪڍڻ مان مراد ملائڪن سڀورن جو حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ عرض ڪرڻ هو ته "رات جي ڪنهن حصي ۾ پاڻ تي ايمان آڻيندڙن کي وٺي نڪري وڃو" سعيد بن جبير جو قول آهي ته اهي ١٣ ڄڻا هئا جن ظاهري ۽ باطني طور الله عزوجل ۽ حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام تي ايمان آندو. (١) "فَمَا وَجَدْنَا فِيْهَا غَيْرَ بَيْتٍ مِّنَ الْمُسْلِمِيْنَ" (پوءِ اسان ان ۾ هڪ گهر کان سواءِ مسلمانن جو گهر نه لڌو) ان مان مراد حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو گهر آهي جنهن ۾ پاڻ ۽ سندس ٻه نياڻيون الله جل وعلا کي مڃڻ وارا رهندا هئا ۽ هنن آيتن ۾ انهن جي تعريف ڪيل آهي ته اهي مومن مسلمان هئا. "وَتَرَكْنَا فِيْهَا اٰيَةً لِّلَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ" (۽ اسان ان ۾ انهن جي لاءِ نشاني ڇڏي جيڪي دردناڪ عذاب کان ڏڃن ٿا) يعني اسان ان هلاڪ ڪيلن جي ڳوٺ ۾ هڪ نشاني ڇڏي هئي ته ماڻهو ان کي ڏسي عبرت حاصل ڪن ۽ الله عزوجل کان ڏڃندا رهن ان نشانيءَ مان مراد اهي وسايل پٿريا اتي موجود بدبودار پاڻي آهي. (٢)

(١) المراغي صـ٥ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩ (٢) اللباب في علوم الكتب صـ٩٠ـ جلد ١٨

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ" (پوءِ اي موڪليلؤ! اوهان جو غرض ڇا آهي؟) هن مان هڪ اهو معلوم ٿيو ته حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام سمجهي ويو هو ته هي ڪنهن اهم مقصد لاءِ آيا آهن ٻيو اهو به معلوم ٿيو ته مهمان کان حال احوال، اچڻ جو مقصد پڇڻ انبياءِ ڪرام علیٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام جي سنت آهي ٢. "مُسَوَّمَةً" (نشان ڪيل) جي وضاحت ڪندي مفسرن لکيو آهي ته هر هڪ پٿريءَ تي ان جو نالو لکيل هو جنهن تي اها وسندي. (١)

وَفِيْ مُوْسٰٓى اِذْ اَرْسَلْنٰهُ اِلٰى فِرْعَوْنَ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ (٣٨) فَتَوَلّٰى

۽ موسىٰ ۾ جڏهن موڪليوسون ان کي فرعون ڏانهن دليل روشن سان پوءِ منهن موڙيائين

بِرُكْنِهٖ وَقَالَ سٰحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ (٣٩) فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ

پنهنجي لشڪر سميت ۽ چيائين جادوگر آهي يا چريو پوءِ پڪڙيوسون ان کي ۽ ان جي لشڪرن کي

فَنَبَذْنٰهُمْ فِى الْيَمِّ وَهُوَ مُلِيْمٌ (٤٠) وَفِيْ عَادٍ اِذْ اَرْسَلْنَا

پوءِ اڇلايوسون انهن کي درياءَ ۾ ۽ اهو ملامت وارو آهي ۽ عاد (جي قصي) ۾ به جڏهن موڪليوسون

عَلَيْهِمُ الرِّيْحَ الْعَقِيْمَ (٤١) مَا تَذَرُ مِنْ شَيْءٍ اَتَتْ عَلَيْهِ اِلَّا جَعَلَتْهُ

انهن تي واءُ سنڍ بنائيندڙ نه ٿو ڇڏي ڪا شيءِ جو آيو ان تي مگر ڪيائين ان کي سڙيل

كَالرَّمِيْمِ (٤٢) وَفِيْ ثَمُوْدَ اِذْ قِيْلَ لَهُمْ تَمَتَّعُوْا حَتّٰى حِيْنٍ (٤٣) فَعَتَوْا عَنْ

هڏي وانگر ۽ ثمود ۾ جڏهن چيو ويو انهن کي فائدو وٺو وقت مقرر تائين پوءِ سرڪشي ڪيائون

اَمْرِ رَبِّهِمْ فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ وَهُمْ يَنْظُرُوْنَ (٤٤) فَمَا اسْتَطَاعُوْا مِنْ قِيَامٍ

پنهنجي رب جي امر کان پوءِ پڪڙيو انهن کي ڪڙڪي ۽ اهي ڏسن پيا پوءِ نه سگهيا بيهي

وَّمَا كَانُوْا مُنْتَصِرِيْنَ (٤٥) وَقَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ (٤٦)

۽ نه هئا بدلو وٺي سگهندڙ ۽ نوح جي قوم اڳ ۾ بيشڪ اهي هئا قوم بي فرمان

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت لوط علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ۽ ان جي قوم جو حال بيان ٿيو ۽ هتي ٻين نبين علیٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام ۽ انهن جي امتن جو احوال

(١) القرطبي صـ٤٨ـ جلد ١٧

بيان ڪندي ارشاد تي رهيو آهي. "وَفِيْ مُوْسَىٓ اِذْاَرْسَلْنٰهُ اِلٰى فِرْعَوْنَ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ" (۽ موسىٰ "جي قصي" ۾ "بہ نشاني آهي" جڏهن اسان ان کي فرعون ڏانهن روشن دليل سان موڪليو) يعني اسان حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام) کي فرعون ڏانهن روشن دليل ۽ معجزن سان موڪليو هو تانت ان کي حق قبول ڪرڻ جي دعوت ڏي. پر فرعون قبول نہ ڪيو ان واقعي ۾ بہ عقلمندن جي لاءِ نشاني آهي. "فَتَوَلّٰى بِرُكْنِهٖ وَقَالَ سٰحِرٌ اَوْمَجْنُوْنٌ" پوءِ پنهنجي لشڪر سان گڏ منهن موڙيائين ۽ چيائين تہ جادوگر يا چريو آهي "رڪن" مان مراد ان جي جماعت ۽ لشڪر آهي جن سان سندس قوت ۽ طاقت وابستـه هئي. (١) يا ان مان مراد آهي تہ ان پنهنجي ذاتي قوت جي بنياد تي الله عزوجل جي نبي علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام ڪان منهن موڙيو ۽ ان جي متعلق ماڻهن کي چوڻ لڳو تہ هي جادوگر آهي يا چريو آهي ان کي خبر ئي نہ تي پوي تہ ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي. "فَاَخَذْنٰـــهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِى الْيَمِّ" (پوءِ اسـان ان کـي ۽ ان جـي لشـڪر کـي پڪڙيـو پـوءِ انهـن کـي دريـاءَ ۾ اڇلايوسون) يعني ڪفر ۽ ايمان ڪان منهن موڙڻ جي ڪري اسان انهن کي درياءَ ۾ غرق ڪري ڇڏيو. "وَهُوَ مُلِيْمٌ" (۽ اهو ملامت وارو آهي) يعني فرعون ربوبيت جي دعوىٰ ۽ الله عزوجل جي رسول حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوڻ جا اهڙا ڪم ڪيا هئا جن تي ان کي ملامت ڪرڻ حق آهي. "وَفِيْ عَادٍ اِذْاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الرِّيْحَ الْعَقِيْمَ" (۽ عاد ۾ (بہ عبرت جي نشاني آهي) جڏهن اسان انهن تي سنڌ بنائيندڙ واءُ موڪليو هو) مطلب تہ عاد قوم جي پڇاڙي بہ نهايت عبرت جهڙي هئي جڏهن انهن جي سرڪشيءَ جي حد تي وئي ۽ انهن کي سڌي واٽ تي هلائڻ جي لاءِ سڀ ڪوششون ناڪام رهيون تہ انهن تي اهڙو سخت جهولي وارو واءُ موڪليو ويو جيڪو عقيم هو. عقيم ان عورت کي سڏيندا آهن جيڪا اولاد ڄڻڻ جي مدت ڪان لنگهي وڃي ۽ هتي ان مان اهو واءَ مراد آهي جيڪو خير ۽ برڪت ڪان بالڪل خالي هجي نہ ڪڪر ڪٺي اچي نہ وڻن ۾ ميوا ڄمائي ان ۾ رحمت جو ڪو بہ نشان نہ هجي. "مَاتَذَرُ مِنْ شَىْءٍ اَتَتْ عَلَيْهِ اِلَّا جَعَلَتْـــهُ كَالرَّمِيْمِ" (نہ پيو ڇڏي ڪاشي جو آيو ان تي مگر جو ان کي سڙيل هڏيءَ جهڙو ڪري ڇڏيائين) يعني اهو ايڏو تيز ۽ تباهہ ڪندڙ واءُ هو جو هرشيءِ کي تباهہ ڪري سڙيل هڏي وانگر بنائي ڇڏيائين. (٢) "وَفِيْ ثَمُوْدَ اِذْقِيْلَ لَهُمْ تَمَتَّعُوْا حَتّٰى حِيْنٍ" (۽ ثمود ۾ (بہ عبرت جي نشاني آهي) جڏهن انهن کي چيو ويو تہ مقرر وقت تائين نفعو وٺو) يعني حضرت صالح علىٰ نبينا

(١) اللباب في علوم الكتٰب صـ٩٣ـ جلد ٨ (٢) القرطبي صـ٤٩ـ جلد ٧

وعليـــه الصلواة والسلام جي قوم جڏهن بي فرماني ڪندي ان کي معجزي طور عطا ڪيل ڏاچيءَ جون ٽنگون ڪٽي ڇڏيون تہ انهن کي چيو ويو هو تہ اوهان جي برباد ڪرڻ ۾ باقي صرف ٣ ڏينهن آهن ان مقرر وقت تائين مزا ماڻي وٺو. "فَعَتَوۡا عَنۡ اَمۡرِ رَبِّهِمۡ فَاَخَذَتۡهُمُ الصّٰعِقَـــةُ وَهُمۡ يَنۡظُرُوۡنَ" (پوءِ پنهنجي رب جي امر کان سرڪشي ڪيائون پوءِ انهن کي ڪڙڪي پڪڙيو ۽ اهي ڏسن پيا) مطلب تہ انهن کي پوءِ بہ هوش نہ آيو ۽ مقرر ڪيل وقت تن ڏينهن کان پوءِ انهن کي اهڙي ڪڙڪي واري آواز پڪڙيو جو ان جي دهشت جي ڪري سندن دليون ڦاٽي پيون ۽ جيڪي جنهن حال ۾ جتي هئا اهي اتي ختم ٿي ويا. "فَمَا اسۡتَطَاعُوۡا مِنۡ قِيَامٍ وَّمَا كَانُوۡا مُنۡتَصِرِيۡنَ" (پوءِ نہ بيهي سگهيا ۽ نہ بدلو وٺندڙ هئا) يعني انهن ۾ ايتري طاقت بہ نہ رهي جو وڃي اٿي سگهن ۽ نہ اسان کان پلاند ۽ بدلو وٺي سگهيا يا مراد آهي تہ اهي پنهنجي قوت سان عذاب کي دفع ڪري نہ سگهيا. (١) "وَقَوۡمَ نُوۡحٍ مِّنۡ قَبۡلُ ؕ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا قَوۡمًا فٰسِقِيۡنَ" (۽ نوح جي قوم اڳ ۾ هئي بلاشڪ اهي فاسق قوم هئا) مطلب تہ حضرت نوح علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جي قوم کي انهن کان اڳي هلاڪ ڪري ڇڏيو هوسين بلاشڪ اهي فاسق قوم هئا ۽ سندن فسق، فجور ۽ الله عزوجل جي حدود کان لنگهڻ ئي سندن هلاڪت جو سبب بڻيو هو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَقَالَ سٰحِرٌ اَوۡ مَجۡنُوۡنٌ" (۽ چيائين تہ جادوگر يا چريو آهي) هن مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل جي پيارن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ فرعون جو طريقو آهي مسلمان الله عزوجل جي پيارن کي ادب سان ۽ سهڻن لقبن سان ياد ڪندو آهي. ٢. "فَتَوَلّٰى بِرُكۡنِهٖ" (پوءِ پنهنجي لشڪر سان گڏ منهن موڙيائين) ۾ فرعون جي لشڪر جي ذڪر سان ان جي قوت بيان ڪري وري ان کي عذاب ڪرڻ جو ذڪر آڻي ثابت ڪيو ويو آهي تہ الله جل شانـــہ جي قوت سڀني قوتن تي غالب آهي ان جي قدرت ۽ ڪنٽرول کان ڪير بہ ٻاهر ناهي. ٣. الله عزوجل ڪافرن جي واقعن کي بيان ڪيو آهي تانتہ ماڻهو انهن مان عبرت وٺي سڌرن ان مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ جڏهن ڪافرن جي واقعات مان نصيحت ملي ٿي تہ ڪاملن جي قصن مان تہ وڌيڪ فائدو حاصل ٿيندو.

وَالسَّمَآءَ	بَنَيۡنٰهَا	بِاَيۡدٍ	وَّاِنَّا لَمُوۡسِعُوۡنَ(٤٧)	وَالۡاَرۡضَ
۽ آسمان	ٺاهيوسون	ان کي (قدرتي) هٿن سان	۽ بيشڪ اسين البت وسيع ڪندڙ آهيون	۽ زمين

(٢) ضياءُ القرآن صـ٦٣٦ـ جلد ٤

فَرَشْنٰهَا فَنِعْمَ الْمَاهِدُوْنَ (۴۸) وَمِنْ كُلِّ شَیْءٍ خَلَقْنَا زَوْجَيْنِ لَعَلَّكُمْ

پکيڙيوسون ان کي پوءِ ڀلا آهن فرش وڇائيندڙ ۽ هر شيءِ مان پيدا ڪياسون جوڙا تانت

تَذَكَّرُوْنَ (۴۹) فَفِرُّوْٓا اِلَى اللهِ ؕ اِنِّیْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۚ (۵۰)

اوهان نصيحت حاصل ڪيو پوءِ ڊوڙو الله ڏانهن بيشڪ مان اوهان لاءِ ان جي طرفان ڪليل ڊيڄاريندڙ آهيان

وَلَاتَجْعَلُوْا مَعَ اللهِ اِلٰهاً آخَرَ ؕ اِنِّیْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ (۵۱)

۽ نہ ڪيو الله سان گڏ معبود ٻيو بيشڪ مان اوهان لاءِ ان وٽان ڪليل ڊيڄاريندڙ آهيان

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله تعالىٰ پنهنجي قوت ۽ قدرت جا دلائل بيان فرمايا ۽ هتي بہ پنهنجي وحدانيت ۽ عظيم قدرت بيان ڪندي ارشاد ڦيو فرمائي "وَالسَّمَآءَ بَنَيْنٰهَا بِاَيْدٍ وَّاِنَّا لَمُوْسِعُوْنَ" (۽ آسمان کي (قدرتي) هٿن سان ٺاهيوسين ۽ بيشڪ اسان البت وسيع ڪندڙ آهيون) ايد جي معنىٰ ڪجهہ مترجمن قدرتي هٿ لکي آهي پر ان مان مراد قوة آهي مطلب تہ اسان آسمان کي پنهنجي عظيم قدرت ۽ قوت سان وجود ڏنو ۽ اسين ان تي قادر آهيون اسان کي ان ۾ ڪو تڪ ۽ تڪليف نہ پهتي ۽ ان ۾ يهودين جي ان قول جو رد آهي تہ الله عزوجل آسمان ۽ زمينون ڇهن ڏينهن ۾ پيدا فرمايا ۽ ستين ڏينهن تي ليٽي ٿڪ لاٿائين ۽ راحت حاصل ڪيائين. (١) "وَالْاَرْضَ فَرَشْنٰهَا فَنِعْمَ الْمَاهِدُوْنَ" (۽ زمين کي اسان پکيڙيو پوءِ اسين ڀلا فرش وڇائيندڙ آهيون) مطلب تہ جنهن زمين تي اوهان آرام سان رهو ٿا ان کي اسان ئي آرام ڏيندڙ فرش بڻايو آهي. "فَنِعْمَ" سان ٻڌايو ويو تہ اسان ان کي صرف وڇايو ناهي پر ان ۾ جيڪي سهوليتون آهن سي بہ اسان جون عطا ڪيل آهن مناسب مقامات تي درياءَ وهي رهيا آهن ڪيترين جاين تي جبل بيٺل آهن زمين جي هيٺان مٽي ۽ تذي پاڻيءَ جا ذخيرا موجود آهن ميداني علائقن ۾ زمين کوٽي پاڻي ڪڍيو وڃي ٿو. پر جبلن جي چوٽين تي ڪنهن جي کوٽڻ کان سواءِ ئي چشما وهي رهيا آهن هر جنس جا ميوا ۽ سبزيون زمين ۾ پيدا ٿي رهيا آهن اوهان هن زمين جي فرش کي جهڙي نموني بہ ڏسي سوچيندا تہ اوهان کي ان جي ٺاهيندڙ جي ڪامل قدرت جو ۽ بالغ حڪمت جو اعتراف ڪرڻو پوندو ان طاقت وارو الله عزوجل جيڪا ذهن فرمائي تہ مان مخلوق کي وري زنده ڪري ميدان محشر ۾ آڻيندس تہ ڪيئن تو انڪار ڪري سگهجي؟ "وَمِنْ كُلِّ شَیْءٍ خَلَقْنَا زَوْجَيْنِ لَعَلَّكُمْ

(١) المراغي صـ٨ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩

تَذَكَّرُوْنَ" (۽ هر شيء مان جوڙا پيدا ڪياسون تانت اوهان نصيحت حاصل ڪيو) هيءَ قدرت خداونديءَ جي هڪ نشاني بيان ٿي رهي آهي تہ اسان هر شي جوڙو جوڙو ڪري پيدا فرمائي آهي تانت انهن جي هڪ ٻئي سان ميل جول جي ڪري انهن جو نسل وڌي انسانن ۽ ٻين ساه وارين شين ۾ تہ اها ڳالهہ سيني جي اڳيان روشن آهي پر زمين مان نڪرندڙن سلن ۽ ٻوٽن ۾ بہ اهو اصول ڪار فرما آهي ان جو هاڻي پوري طرح انڪشاف ٿيو آهي علمي تحقيقات جو قدم جڏهن اڳتي وڌندو تہ جمادات پٿرن وغيرهم ۾ بہ اهو اصول نظر ايندو، ان ڪان سواءِ بہ تضادات ۽ متقابلات جي هڪ دنيا آباد آهي رات ۽ ڏينهن، سعادت ۽ شقاوت، هدايت ۽ گمراهي، آسمان ۽ زمين، ڪارائي ۽ سفيدي، صحت ۽ مرض، ڪفر ۽ ايمان انسان ڪيترا ڳڻي سگهندو مفسرِ قرآن حضرت مجاهد جو قول آهي تہ هن ۾ انهن متضادات ۽ متقابلات ڏانهن اشارو آهي. (١) "فَفِرُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ" پوءِ الله ڏانهن ڊوڙو بلاشڪ مان اوهان جي لاءِ ان جي طرفان ڪليل ڊيڄاريندڙ آهيان هجڻ تہ ائين گهربو هو تہ انهن کي ايمان قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني وڃي ها پر هتي "فَفِرُّوْٓا" جو حڪم ٿيو آهي گويا ٻڌايو ويو آهي تہ شيطان اوهان جي پٺيان پيل آهي خبر ناهي تہ ڪيڏي مهل اوهانَ کي تباهہ ڪري ان جي ڪري جلدي ڪري ڀڄي الله عزوجل جي پناهہ ۾ اچو جنهن کي اتي پناهہ ملي وئي ان کي شيطان جي وسوسي اندازي ڪو نقصان نہ ڏيندي علامہ پاني پتي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ الله ڏانهن توجہ، محبت، استغراق، اوامر جي ادائيگي، سعادات جي ڪمائڻ سان تکڙا اچو تانت ڪوتاهيْن ۽ براين ڪان بچي ڪري، ٻلن ڪمن سان فائز ٿي قرب ۽ ڪمال جون منزلون ماڻيو هتي حضور عليہ الصلواة والسلام جن سان خطاب مقدر آهي يعني اي محبوب عليہ الصلواة والسلام! اوهان انهن کي فرمايو تہ الله جل جلالہ ڏانهن تکڙا اچو. (٢) "وَلَا تَجْعَلُوْا مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ" ۽ الله سان گڏ ٻئي کي معبود نہ بنايو بلاشڪ مان اوهان جي لاءِ ان جي طرفان ڪليل ڊيڄاريندڙ آهيان. "مِنْهُ" جي لفظ ۾ آيل ضمير جي مرجع ڪيترن مفسرن الٰهي عذاب لکي آهي يعني مان اوهان کي نہ مڃڻ جي ڪري اوهان تي اچڻ واري عذاب کان ڊيڄاريندڙ آهيان ۽ علامہ حقي ان جي مرجع الله ورتي آهي يعني مان خودبخود نہ پر الله عزوجل جي طرفان نبي ۽ رسول آهيان منهنجو الله عزوجل جي طرفان نبي هجڻ معجزن وغيره سان روشن ۽ ڪليل آهي. (٣)

(١) الدرالمنثور صـ٦٢٣ـ جلد ٧ (٢) المظهري صـ٨٩ـ جلد ٩ (١) روح البيان صـ١٧٣ـ جلد ٩

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "وَالسَّمَآءَ بَنَيْنٰهَا بِاَيْدٍ" (۽ اسان آسمان کي قدرتي هٿن يا قوة سان ٺاهيو) مان واضح ٿيو ته آسمانن جي ٺاهڻ ۾ ملائڪن سڳورن تي ڏيوٽي رکيل نه هئي اهي سڌا سنوان مالڪ مٺي جي امر ڪن جي ارادي سان وجود ۾ آيا هئا. ٢. "وَالْاَرْضَ فَرَشْنٰهَا" (۽ اسان زمين کي پکيڙيو آهي) مان معلوم ٿيو ته زمين به الله عزوجل جي قدرت جوعظيم مظهر آهي ايتري وسيع آهي جو اها گول هجڻ جي باوجود فرش وانگر وڇايل معلوم ٿئي ٿي نه لوهه وانگر سخت آهي جنهن تي هلڻ ڦرڻ ڏکيائي ڪري نه پاڻيءَ وانگر پتڙي آهي جو ان ۾ مخلوق ٻڏي وڃي ۽ وري ايتري وڏي هوندي اها آسمان جي مقابلي ۾ ائين آهي جيئن ميدان ۾ ڪو چلو پيل هجي. ٣. "اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ" (بلاشڪ مان اوهان جي لاءِ ان جي طرفان ڪليل ڏيڇاريندڙ آهيان) مان اشارةً معلوم ٿيو ته مون وٽ اچو مون وٽ اچڻ جڻ ته الله عزوجل وٽ اچڻ آهي. الله عزوجل فرمايو. "وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ" (۽ جيڪڏهن بيشڪ اهي جڏهن پنهنجن نفسن تي ظلم ڪيو اٿن اوهان وٽ اچن) خيال ۾ رکڻ ڪپي ته "لَاتَجْعَلُوْا مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ" ۾ توحيد ۽ "اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ" ۾ رسالت جو ذڪر آهي ان جي ڪري هن آيت ۾ توحيد ۽ رسالت ٻئي مذڪور آهن ياد رکڻ گهرجي ته الله عزوجل ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جو ذڪر گڏ ڪرڻ ايمان آهي ان جي ڪري قرآن ڪريم گهڻن مقامن تي الله ۽ نبي عليه الصلواة والسلام جو ذڪر گڏ ڪيو آهي.

كَذٰلِكَ مَآ اَتَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا قَالُوْا سَاحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ (٥٢)

اهڙي طرح نه آيو انهن وٽ جو انهن کان اڳي هئا ڪو رسول مگر چيائون ته جادوگر يا چريو آهي

اَتَوَاصَوْا بِهٖ ج بَلْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ (٥٣) فَتَوَلَّ عَنْهُمْ

ڇا وصيت ڪيائون (هڪ ٻئي کي) ان جي بلڪ اهي قوم سرڪش آهن پوءِ منهن ڦيراءِ انهن کان

فَمَآ اَنْتَ بِمَلُوْمٍ (٥٤) وَّذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ (٥٥)

پوءِ ناهين تون ملامت ڪيل ۽ نصيحت فرماءِ پوءِ بيشڪ نصيحت نفعو ڏيندي مومنن کي

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ (٥٦) مَآ اُرِيْدُ مِنْهُمْ

۽ نه پيدا ڪيا مون جن ۽ انسان مگر تانت عبادت ڪن منهنجي نه ٿو ارادو ڪيان انهن مان

مِّنْ رِّزْقٍ	وَّمَآ	اُرِيْدُ اَنْ يُّطْعِمُوْنِ (٥٧)	اِنَّ اللّٰهَ	هُوَالرَّزَّاقُ
کنهن رزق جو ۽ نہ	تو ارادو	کيان مان هي تہ کاڌو کارائن مونکي	بيشڪ الله	اهو ئي رزق ڏيندڙ
ذُوالْقُوَّةِ	الْمَتِيْنُ (٥٨)	فَاِنَّ لِلَّذِيْنَ	ظَلَمُوْا	ذَنُوْبًا مِّثْلَ
طاقت وارو،	زبردست آهي	پوءِ بيشڪ انهن جي لاءِ جن	ظلم ڪيو	حصو (عذاب جو) انهن جي ساٿين
ذَنُوْبِ	اَصْحٰبِهِمْ فَلَايَسْتَعْجِلُوْنِ (٥٩)	فَوَيْلٌ	لِّلَّذِيْنَ	كَفَرُوْا
جي حصي جهڙو	آهي پوءِ نہ تڪڙو گهرن مون کان	پوءِ ويل آهي	انهن جي لاءِ جن	ڪفر ڪيو
مِنْ يَّوْمِهِمُ	الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ (٦٠)			
سندن ان ڏينهن ۾	جنهن جو وعدو ڏنا ويا آهن			

ع٣/٢

تفسير


اڳين آيتن ۾ ڪفر جامختلف ذهن ۽ عقيدا بيان ٿيا تہ انهن کي اها خبر آهي تہ سڀني شين کي وجود ڏيندڙ هڪ الله عزوجل آهي پر ان هوندي بہ اهي بتن جي پوڄا ڪن ٿا ۽ ان جي نبين عليهم الصلواة والسلام کي کنهن مهل جادوگر تہ کنهن مهل چريو سڏين ٿا ۽ هتي بہ اهو ئي بيان کندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "كَذٰلِكَ مَآاَتَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا قَالُوْا سَاحِرٌ اَوْمَجْنُوْنٌ" (۽ اهڙي طرح انهن کان اڳين وٽ بہ کو رسول نہ آيو مگر جو چيائون تہ جادوگر يا چريو آهي) يعني ڪافرن جو هميشہ اهو دستور رهيو آهي تہ اهي نبين عليهم الصلواة والسلام جي لاءِ کو هڪ فيصلو ڪري نہ سگهندا هئا نہ ڪري سگهن ٿا جيئن اڳين امتن اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام کي کوڙو چيو ۽ کنهن مهل جادوگر تہ کنهن مهل چريو چوندا هئا تيئن اوهان بہ کندا رهو کاميابي اوهان جي آهي. "اَتَوَاصَوْا بِهٖ بَلْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ" (ڇا ان جي هڪ ٻئي کي وصيت ڪندا آيا؟ بلڪ اهي سرڪشي ڪندڙ قوم آهن) يعني نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام کي نہ مڃڻ جي هڪٻئي کي وصيت ڪندا آيا آهن ڇا تہ جڏهن بہ اچي تہ ان کي نہ مڃجو؟ نہ بلڪ اهي سرڪشي ڪندڙ آهن ان سرڪشيءَ جي انڌيري ۾ رهي حق نہ ٿا ڏسن. "فَتَوَلَّ عَنْهُمْ فَمَآ اَنْتَ بِمَلُوْمٍ" (پوءِ انهن کان منهن موڙ پوءِ تون ملامت ڪيل ناهين) يعني اي محبوب عليك الصلواة والسلام! انهن مشرڪن کان منهن مبارڪ موڙيو ۽ انهن جي اسلام نہ قبول ڪرڻ جي ڪري مايوس نہ ٿيو اوهان دعوتِ دين ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڪوتاهي نہ ڪئي آهي پر

انهن روگرداني ڪرڻ ۾ نہ گھٽايو آهي. "وَذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ" ۽ نصيحت ڪندا رهو پوءِ بلاشڪ نصيحت مومنن کي نفعو ڏئي ٿي. يعني اوهان نصيحت ڪرڻ تي هميشگي ڪيو دائم رهو جن جي دلين ۾ هدايت قبول ڪرڻ جي صلاحيت آهي نصيحت انهن کي نفعو ڏئي ٿي. "وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ" (۽ مون جنن ۽ انسانن کي نہ پيدا ڪيو آهي مگر تانت منهنجي عبادت ڪن) يعني مون انهن کي پنهنجي معرفت جي لاءِ پيدا ڪيو آهي ڇو تہ جيڪڏهن اهي پيدا نہ ٿين ها تہ منهنجي وجود ۽ توحيد کي ڪيئن سڃاڻن ها ان ڏانهن قدسي حديث ۾ ارشاد آهي "كُنْتُ كَنْزًا مَّخْفِيًّا فَاَرَدْتُ اَنْ اُعْرَفَ فَخَلَقْتُ الْخَلْقَ فَبِيْ عَرَفُوْنِيْ" (مان لڪل خزانو هوس پوءِ مون ارادو ڪيو تہ منهنجي معرفت حاصل ڪئي وڃي پوءِ مون خلق کي پيدا ڪيو پوءِ مون سان ئي مون کي سڃاتائون) ۽ مفسرن جي هڪ جماعت جي راءِ آهي تہ "لِيَعْبُدُوْنِ" جي معنىٰ آهي تہ مون لاءِ نوڙت ڪن. جهڪن پوءِ جنّ توڙي انسان الله عزوجل جي اڳيان جهڪندڙ، ان جي مشيت اڳيان عاجز آهن جيئن ارادو فرمايائين تيئن ڪين پيدا ڪيائين ۽ جيئن فيصلو ڪيائين تيئن انهن ۾ نافذ فرمايائين ۽ هيءَ آيت نصيحت ڪرڻ واري آيت جو تاڪيد ڪندڙ آهي مطلب تہ انهن کي نصيحت فرمايو تہ اصل مقصد ڏانهن رجوع ڪن "مَآ اُرِيْدُ مِنْهُمْ مِّنْ رِّزْقٍ وَّمَآ اُرِيْدُ اَنْ يُّطْعِمُوْنِ" (مان انهن مان ڪنهن رزق جو ارادو نہ ٿو ڪيان ۽ نہ مان اهو ارادو ڪيان ٿو تہ مون کي کاڏو کارائن) يعني مان انهن مان ڪنهن نفعي حاصل ڪرڻ يا نقصان دفع ڪرڻ جو ارادو نہ ٿو ڪيان. جيئن دنيوي سردار پنهنجن ٻانهن کي پنهنجي لاءِ ڪمائي آڻڻ جو حڪم ڪندا آهن منهنجو شان ائين ناهي. "اِنَّ اللّٰهَ هُوَالرَّزَّاقُ ذُوالْقُوَّةِ الْمَتِيْنُ" (بيشڪ الله ئي رزق ڏيندڙ، وڏي قوت وارو زبردست آهي) يعني الله جل وعلا مخلوق جو محتاج ناهي بلڪ اهي پنهنجي هر حال ۾ ان جا محتاج آهن ڇو تہ اهو ئي انهن جو خالق ۽ رازق آهي امام احمد حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ الله عزوجل فرمائي ٿو: "اي انسان تون منهنجي عبادت لاءِ فارغ ٿي وڃ تہ مان تنهنجو سينو شاهوڪاريءَ سان ڀري ڇڏيان ۽ تنهنجي مسڪيني ختم ڪري ڇڏيان ۽ جيڪڏهن نہ ڪندين تہ مان تنهنجي سيني کي مشغول رکندس ۽ تنهنجي مسڪيني ختم نہ ڪندس" (١) "فَاِنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذَنُوْبًا مِّثْلَ ذَنُوْبِ اَصْحٰبِهِمْ فَلَا يَسْتَعْجِلُوْنِ" (پوءِ بلاشڪ انهن لاءِ جن ظلم ڪيو سندن ساٿين جي حصي جهڙو حصو آهي) پوءِ مون کان تڪڙو طلب نہ ڪن. ذَنُوْبٌ وڏي ٻوڪي کي

(١) روح البيان صـ١٧٣ـ جلد ٩

چوندا آهن جنهن سان ڪوهہ مان پاڻي ڪيندا آهن ۽ ٻوڪي ۾ جيترو پاڻي ايندو آهي اهو ان ٻوڪي واري جو حصو هوندو آهي ان جي ڪري "ذنوب" لفظ حصي ۽ نصيب جي معنىٰ ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ مڪہ مڪرمہ ۾ رهندڙن ڪافرن جي لاءِ بہ عذاب جو هڪ حصو مقرر آهي جيئن اڳين ڪافرن کي سندن دور ۾عذاب جو حصو مليو هو پر الله تعالىٰ پنهنجي حڪمت سان انهن تي عذاب جي نازل ٿيڻ جو هڪ وقت مقرر ڪري ڇڏيو آهي هي ماڻهو جلدبازي ڪري اهو عذاب تڪڙو نہ گهرن. "فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ يَّوْمِهِمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ" (پوءِ ڪافرن جي لاءِ ان ڏينهن ويل آهي جنهن جو وعدو ڏنا وڃن ٿا) يعني حق جا انڪار ڪندڙ جيڪي هدايت جي سج جي روشنائين جي باوجود انڌا آهن ۽ ڪفر ۽ الحاد جي واٽ تي هلن پيا جڏهن اهو ڏينهن ايندو جيڪو انهن جي تباهيءَ لاءِ مقرر ڪيل آهي تہ ان ڏينهن انهن بدبختن جي حالت نهايت خراب هوندي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "بَلْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ" (بلڪ اهي سرڪش قوم آهن) مان واضح ٿيو تہ ڪفر جا قسم جيتوڻيڪ مختلف آهن پر سرڪشيءَ ۽ طغيانيءَ ۾ سڀ هڪ آهن ٢. "وَذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ" (۽ نصيحتْ ڪر پوءِ بلاشڪ نصيحت مومنن کي نفعو ڏي ٿي) مان معلوم ٿيو تہ دين جي دعوت ۽ نصيحت ڪرڻ ڪنهن بہ حال ۾ ڇڏڻي ناهي ۽ وعظ ۽ نصيحت مومنن جي لاءِ مفيد آهي يا انهن جي لاءِ جن جي نصيب ۾ ايمان آهي هر زمين ۾ ٻج نہ چمندو آهي. ٣. "وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ" (۽ نہ پيدا ڪيا مون جن ۽ انسان مگر تانت منهنجي عبادت ڪن) مان واضح ٿيو تہ اختياري عبادت جنهن تي جزا ۽ سزا رکيل آهي ان جا انسان ۽ جن جوابدار ۽ مڪلف آهن باقي بي اختيار، اضطراري عبادت هر مخلوق ڪري ٿي رب پاڪ فرمايو آهي "وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ" (۽ ڪا بہ شي نہ آهي مگر ان جي حمد سان گڏ تسبيح پڙهي ٿي) الحمدلله ثم الحمدلله جو مون گنهگار اڄ بموٴرخہ ۴ ذوالحج ١۴٢۵ھ الموافق١٢.١.٢٠٠۵ع ڇنڇر جي رات بوقت ساڍا ڏهہ پنهنجي گهر ۾ سورة "اَلذّٰرِيٰتِ" جو تفسير لکي پورو ڪيو رب العزة جل وعلا جي بارگاهہ ۾ دل سان دعا آهي تہ اهو باقي رهيل تفسير بہ جلد ازجلد لکي پوروڪرڻ جي سعادت نصيب ڪري آمين يارب العالمين بحرمة النبي الامين عليه وعلىٰ آله واصحابه الصلوات والتسليمات الى يوم الدين .



سورة "اَلطُّوْرِ" جو تعارف

هن سورة مبارڪ جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة پاڪ جو نالو "اَلطُّوْرِ" آهي ۽ اهو هن جو پهريون لفظ آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة مبارڪــــه ۾ ٻه رڪوع، اوڻونجاهه (٤٩) آيتون، ٽي سؤ ٻارهن (٣١٢) ڪلما ۽ پندرهن سؤ (١٥٠٠) حرف آهن. (١)

مڪيــه آهي يا مدنيــه؟ ابن الضريس، ابن مردويــه ۽ بيهقيءَ حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويــه حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي. تہ سورة "الطور" مڪه مڪرمـه ۾ نازل ٿي. (٢)

نزول جو زمانو: هن سورة پاڪ جي مضمونن ۽ استدلال جي طرز ۾ اڳين سورتن سان گهڻي يڪسانيت آهي جنهن سان آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ انهن جي نزول جي زماني ۾ ڪو گهڻو فرق ناهي.

مضمون: ڪافر هي ڏاڍي سخت چڙندا هئا تہ قيامت ايندي ۽ انهن کي هزارين سالن کان پوءِ ٻہ زنده ڪري رب العزة جل شانــــه جي اڳيان پيش ڪيو ويندو جتي انهن کان دنيوي زندگيءَ جي باري ۾ پڇا ٿيندي ڪافر ان ڳالهہ کي ناممڪن ۽ عقل جي خلاف چوڻ جي ڏم لايو بيٺا هئا ۽ اعلان ڪيائون ٿي تہ اهي ڪڏهن ٻہ قيامت تي ايمان نہ آڻيندا. هن سورة جي شروعات ۾ ڪيترين اهم شين جا قسم کڻي اعلان ڪيو ويو آهي تہ قيامت ايندي ضرور ايندي دنيا ۾ ڪا ٻہ اهڙي طاقت ناهي جيڪا ان کي روڪي سگهي ڪنهن جي نہ مجڻ سان ان جي حقيقت منجهي نہ سگهندي. اي ڪافرو! اوهان جو شور ۽ انڪار ڪرڻ الله عزوجل جي فيصلن کي تبديل ڪري نہ ٿو سگهي جيڪڏهن اوهان شور ڪندا ۽ منڪر بنجندا ۽ اوهان کي الٰهي دربار ۾ جواب ڏهي لاءِ بيهاريو ويو تہ ٻڌايو اوهان جو اتي ڪهڙو حال ٿيندو؟ جنهن شيءِ کان پڇڻ جي واٽ نہ هجي ان کي دل سان تسليم ڪرڻ ئي دانائي آهي منڪرن ۽ متقين سان جيڪو برتاءُ ٿيندو اهو هن سورة ۾ نهايت دل نشين انداز ۾ ٻڌايو ويو آهي تانت انسان فيصلو ڪري تہ اهو ڪهڙي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ گهري ٿو. "كُلُّ امْرِیءٍۭ بِمَا كَسَبَ رَهِيْنٌ" (آيت ع٢١ـ) فرمائي هڪ ابدي صداقت کي ظاهر ڪيو ويو تہ جهڙو ڪم

(١) خازن صـ١٨٤ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور صـ٦٢٦ـ جلد ٧

ڪندؤ اهڙو ئي بدلو ماڻيندؤ ۽ جيڪا پوکيندؤ اها لڻندؤ. سيدالمرسلين، محبوب رب العٰلمين عليـــه الصلواة والسلام جن جو چهرو مبارڪ ۽ سيرت پاڪ اسلام جي صداقت جو اهڙو روشن دليل هو جنهن کان پڇڻ جو انهن وٽ ڪو بہ رستو نہ هو. اهي ان جي اثر انگيزي ۽ جلال جي اڳيان پاڻ کي صفا عاجز محسوس ڪندا هئا ان جي ڪري ڪنهن هڪ موقف تي رهڻ انهن جي وس ۾ نہ رهيو هو اهي نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام جن کي ڪڏهن ڪاهن تہ ڪڏهن ساحر تہ ڪڏهن شاعر چوندا هئا ۽ ڪڏهن چوندا هئا تہ هي ڪتاب الٰهي ڪلام ناهي بلڪ نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جو پنهنجو ناهيل آهي. ڪافرن کي جڏهن الله وحده لاشريڪ لـہ جي عبادت جي دعوت تي ڏني وئي تہ گوڙ ۽ لڙ ڪندا هئا هن سورة پاڪ ۾ انهن کان پڇيو وڃي ٿو تہ ان شور ڪرڻ جو وجـه ڇا آهي؟ ڇا اوهان جو ڪو خالق ناهي يا اوهان پاڻ کي پاڻ ٺاهيو آهي؟ يا زمين ۽ آسمان جي پيدا ڪرڻ ۾ اوهان جو ڪو حصو آهي؟ جڏهن انهن سوالن جو جواب نفي ۾ آهي تہ پوءِ پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي بارگاهہ ۾ پاڻ کي جهڪائڻ ۾ اوهان کي ڪو بہ تامل ڪرڻ نہ گهرجي آخر ۾ حضور پرنور عليـــه الصلواة والسلام جن کي ٻڌايو ويو آهي تہ اهي ڪافر لاعلاج مريض آهن انهن جي دل جون اکيون انڌيون ٿي چڪيون آهن اوهان پنهنجي صداقت جو انهن کي ڪيڏو بہ وڏو معجزو ڏيکاريو اهي ايمان نہ آڻيندا اوهان فڪر نہ ڪيو اسين اوهان کان بي خبر ناهيون اوهان کي دشمنن جي حوالي ڪري اوهان کان لاتعلق نہ ٿا رهون "فَإِنَّكَ بِأَعْيُنِنَا" (پوءِ بلاشڪ اوهان اسان جي (قدرتي) نگاهن ۾ آهيو) ڪنهن کي مجال آهي جو اوهان کي ناڪام بنائي پر اوهان بہ شيون پاڻ تي لازم رکو. ١. تہ ان واٽ ۾ پيش ايندڙ مشڪلات ۽ مصيبتن جو صبر سان مقابلو ڪيو. ٢. اسان جي تسبيح ۽ تحميد کي پنهنجو وظيفو بنائي رکو ان سان اوهان جي دل کي طاقت ۽ قوت ملندي ۽ ڪنهن قسم جو خوف ۽ ڊپ نہ رهندو. هادي برحق، حضور عليـــه الصلواة والسلام جي اتباع ۾ دعوت ۽ ارشاد جي واٽ تي هلڻ واري جو بہ فرض آهي تہ اهو انهن ٻنهي ڳالهين جو خوب خيال رکي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: هن سورة جو سورة "اَلذّٰرِيٰتِ" سان اهو تعلق آهي تہ جيئن ان ۾ ڪافرن جي لاءِ عذاب جي وعدي جو ذڪر هو جيئن هن ۾ بہ آهي ۽ علامـه سيوطي عليـه الرحمـة فرمايو آهي تہ هڪ وجـه هي بہ آهي جو ٻنهي جي مطلع ۽ مقطع هڪ نموني جي آهي هر هڪ جي شروعات متقين جي ذڪر سان آهي تہ پڇاڙي ڪافرن جي عذاب جي بيان سان آهي. (١)

(١) روح المعاني صـ٢٦ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩

پڙهڻ جون برڪتون: هيءَ سورة پاڪ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن نمازن ۾ پڙهندا هئا. امام مالڪ، امام احمد، امام بخاري ۽ مسلم حضرت جبير بن مطعم رضي الله عنه کان روايت آندي ته مون (سيدنا) رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان ٻڌو ته پاڻ مغرب نماز ۾ سُوْرَةُ "الطُّوْرِ" پڙهي رهيا هئا. بخاري ۽ ابو داود ام المومنين سيدہ ام سلمه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي ته مون (سيدنا) رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کي پنهنجي طبع جي ناسازي جي شڪايت ڪئي (ته مان بيت الله جو طواف ڪري نه ٿي سگهان) پاڻ فرمايائون "ته ماڻهن کان پري رهندي سواريءَ تي سوار ٿي طواف ڪر" پوءِ مون طواف ڪيو ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن بيت الله جي ڀر ۾ نماز پڙهندي (سورة) "وَالطُّوْرِ وَكِتَابٍ مَّسْطُوْرٍ" پڙهي رهيا هئا. (٢) ۽ علماءِ عاملين لکيو آهي ته "جيڪڏهن ڪو مسافر سفر جي دوران هن جي تلاوت ڪندو ته سيني بلائن کان (باذن الله ومشيته) محفوظ رهندو".



(١) الدرالمنثور ص ـ ٦٢٦ ـ جلد ٧

وَهِيَ تِسْعٌ وَّاَرْبَعُوْنَ آيَةً	سُوْرَةُ الطُّوْرِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها (٤٩) آيتون آهي	سورة الطور مڪيه آهي	۽ان ۾ ٻه رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

وَالطُّوْرِ (١) وَكِتٰبٍ مَّسْطُوْرٍ (٢) فِيْ رَقٍّ مَّنْشُوْرٍ (٣) وَّالْبَيْتِ الْمَعْمُوْرِ (٤)

قسم آهي طور جو ۽ ڪتاب لکيل جو کليل دفتر ۾ ۽ بيت معمور جو

وَالسَّقْفِ الْمَرْفُوْعِ (٥) وَالْبَحْرِ الْمَسْجُوْرِ (٦) اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ (٧)

۽ ڇت مٿي ڪنيل جو ۽ سمنڊ اٻاميل جو بيشڪ تنهنجي رب جو عذاب البت واقع ٿيندڙ آهي

مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ (٨) يَّوْمَ تَمُوْرُ السَّمَآءُ مَوْرًا (٩) وَّتَسِيْرُ الْجِبَالُ سَيْرًا (١٠)

ناهي ان جو ڪو دفع ڪندڙ جنهن ڏينهن چرندو آسمان چُرڻ ۽ هلندا جبل هلڻ

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ (١١) الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ خَوْضٍ يَّلْعَبُوْنَ (١٢) يَوْمَ

ويل آهي ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ اهي جيڪي اجائي ڳالهه ۾ راند ڪندا آهن ان ڏينهن

يُدَعُّوْنَ اِلٰى نَارِ جَهَنَّمَ دَعًّا (١٣) هٰذِهِ النَّارُ الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ (١٤)

ڌڪا ڏنا ويندا جهنم جي باهه ڏانهن ڌڪا ڏيڻ هيءَ باهه آهي جنهن کي اوهان ڪوڙو چيو ٿي

اَفَسِحْرٌ هٰذَآ اَمْ اَنْتُمْ لَا تُبْصِرُوْنَ (١٥) اِصْلَوْهَا فَاصْبِرُوْٓا اَوْ لَا تَصْبِرُوْا ج

ڇا پوءِ جادو آهي هيءَ يا اوهان نه ٿا ڏسو؟ داخل ٿيو ان ۾ پوءِ صبر ڪيو يا نه صبر ڪيو

سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ اِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ (١٦)

برابر آهي اوهان تي ۽ بدلو ڏنا وڃو ٿا اوهان ان جو جيڪو ڪندا هيئو

وقف لازم

تفسير

اڳينءَ سورة جي آخر ۾ ڪافرن جي لاءِ ويل جو ذڪر هو ۽ هن ۾ مختلف شين جا قسم کڻي عذاب جي وقوع جو بيان ڪيو ويو آهي فرمان رباني آهي "وَالطُّوْرِ" طور جو قسم آهي طور سرياني ٻوليءَ جو لفظ آهي ان جبل کي چيو ويندو آهي جنهن تي

ساوڪ هجي خشڪ جبل کي طور نہ چئبو آهي ۽ بعض علماءَ ان کي عربي لغت چيو آهي پر هاڻي طور ان جبل کي چوندا آهن جنهن تي الله عزوجل حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام کي پنهنجي همڪلاميءَ سان نوازيو ۽ ان کي نبوت سان سر افراز فرمايو ۽ روشن هٿ ۽ لٺ جي معجزن سان سندس تائيد ڪري ان وقت جي سيني ڪان طاقتور ۽ ظالم حڪمران کي دعوت حق ڏيڻ جي لاءِ موڪليو جيڪو خدا هجڻ جو دعو يدار هو. جنهن بني اسرائيل کي پنهنجي غلاميءَ جي زنجير ۾ جڪڙي رکيو هو جنهن جي رعب ۽ دٻدٻي جي اڳيان ڪو بہ شخص ڳالهائڻ جي جرئت ڪري نہ سگهندو هو. (١) "وَكِتٰبٍ مَّسْطُوْرٍ فِيْ رَقٍّ مَّنْشُوْرٍ" (۽ ڪليل دفتر ۾ لکيل ڪتاب جو) "رق" ان دفتر کي چوندا آهن جنهن ۾ لکيو ويندو آهي ، ان جي مراد ۾ مختلف قول آهن ١. تہ ان مان مراد قرآن ڪريم آهي. ٢. تہ ان مان مراد هر اهو دفتر آهي جنهن ۾ شرعي احڪام لکيل هوندا آهن. ٣. تہ ان مان مراد اهو ڪتاب آهي جيڪو الله عزوجل پنهنجي قدرتي هٿ سان حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي لاءِ لکيو ۽ حضرت موسىٰ قلم جي هلڻ جو آواز ٻڌي رهيو هو. هڪ قول آهي تہ ان مان مراد اهو دفتر آهي جيڪو ڪلهن تي ويٺل ملائڪ لکندا آهن ۽ قيامت جي ڏينهن ڪڍيو ويندو جيئن رباني فرمان آهي "وَنُخْرِجُ لَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ كِتٰبًا يَّلْقٰهُ مَنْشُوْرًا" (۽ اسين ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن ڪتاب ڪڍنداسون جيڪو ان کي ان حال ۾ ملندو جو اهو ڪليل هوندو) (٢) "وَالْبَيْتِ الْمَعْمُوْرِ" (۽ بيت معمور جو) ابن جرير، ابن المنذر، ابن مردويہ، حاڪم صحيح چوندي ۽ شعب الايمان ۾ بيهقي حضرت انس رضي الله عنہ کان مرفوع روايت آندي آهي تہ "بيت معمور ستين آسمان ۾ آهي جنهن ۾ هر روز ستر هزار (٧٠٠٠٠) ملائڪ داخل ٿيندا آهن۽وري قيامت قائم ٿيڻ تائين موٽي نہ ايندا آهن" (٣) معمور جي معنىٰ "آباد ڪيل" اهو ملائڪن جي گهڻائي جي ڪري آباد آهي. (۴) مفسر بيضاوي لکيو آهي تہ "بيت مان مراد ڪعبہ شريف آهي جيڪو حجاج سان آباد آهي" (۵) يا ان مان مراد مؤمن جو قلب آهي جيڪو معرفت ۽ اخلاص سان آباد آهي. (٦) "وَالسَّقْفِ الْمَرْفُوْعِ" (۽ بلند ڪيل ڇت جو) ان مان مراد آسمان آهي. "وَالْبَحْرِ الْمَسْجُوْرِ" (۽ اٻاميل سمنڊ جو) مسجور لفظ جون عربي لغت ۾ مختلف معنائون آهن ١. تہ ان مان مراد اهو چشمو يا تلاءُ آهي جنهن جو پاڻي زمين ۾ چوسجڻ جي ڪري خشڪ ٿي ويو هجي. ٢. تہ ان مان مراد اهو تنور آهي جنهن کي ٻارڻ سان ڀريو ويو هجي ۽ ان ۾ باهہ ڀڙڪي رهي

(١) ضياءُ القرآن صـ٦٤٥ـ جلد ۴ (٢) المظهري صـ٩٣ـ جلد ٩ (٣) روح المعاني صـ٢٧ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩ (۴) المظهري صـ٩٣ـ جلد ٩ (۵) بيضاوي ڪامل صـ٦٩۴ـ (٦) ضياءُ القرآن صـ٦٥٦ـ جلد ٩

هجي. ٣. تہ ان مان مراد اها شي آهي جيڪا پاڻيءَ سان ڀريل هجي پر ڇُري نہ هڪ جاءِ تي ساڪن هجي ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ان جي معنىٰ ڪئي آهي محبوس (روڪيل) يعني جنهن جو پاڻي روڪيل هجي اتاهين ڪيڏانهن وهي نہ وڃي بيشڪ قيامت جي ڏينهن سمنڊن جو پاڻي سڪي ويندو ۽ قيامت جي ڏينهن اڀرندو پر هتي سمنڊ جي موجوده حالت جو قسم ڪنيو ويو آهي ان جي ڪري هتي ان جي ٣ نمبر تي لکيل معنىٰ مراد آهي يعني ان سمنڊ جو قسم آهي جيڪو پاڻيءَ سان ڀريل آهي يا جنهن جي پاڻيءَ کي مقرر حدود ۾ بند ڪيو ويو آهي. "اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ مَالَـهٗ مِنۡ دَافِعٍ" (بلاشڪ تنهنجي رب جو عذاب البت واقع ٿيندڙ آهي ان کي ڪو بہ دفع ڪندڙ ناهي) ڀهريان پنج قسم ڪنيا ويا ۽ هي انهن قسمن جو جواب آهي مطلب تہ مون ڪي انهن پنجن شين جو قسم آهي تہ منڪرن ۽ مجرمن تي تنهنجي رب جي طرفان عذاب ضرور واقع ٿيندو ان کي ڪير بہ دفع ڪري، روڪي نہ سگهندو. (١) "يَوۡمَ تَمُوۡرُ السَّمَآءُ مَوۡرًا وَّتَسِيۡرُ الۡجِبَالُ سَيۡرًا" (جنهن ڏينهن آسمان پڪي طرح ڇُرندو ۽ جبل پڪي طرح هلندا) مطلب تہ عذاب واقع ٿيڻ واري ڏينهن آسمان چرپر ڪندا ۽ جبل پنهنجي جاءِ تي بيهي نہ سگهندا. ايڏو سخت عذاب هوندو جبل هوا ۾ ڪجي ويندا ۽ واري تي زمين تي ڪرندا. (٢) "فَوَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ" (پوءِ ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ويل آهي) يعني جيڪي الله عزوجل جي آيتن ۽ ان جي رسولن عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چون تا انهن جي لاءِ ان ڏينهن هلاڪت ۽ تباهي هوندي. "اَلَّذِيۡنَ هُمۡ فِىۡ خَوۡضٍ يَّلۡعَبُوۡنَ" (اهي جيڪي پنهنجي اجائي ڳالهہ ۾ راند ڪن تا) يعني ڪافر اجايون ڳالهيون ڪندي راند روند ۾ وقت وڃائين تا ڪو غور ۽ فڪر نہ تا ڪن. "يَوۡمَ يُدَعُّوۡنَ اِلٰى نَارِ جَهَنَّمَ دَعًّا" (ان ڏينهن جهنم جي باهہ ۾ ڌڪا ڏئي اڇلايا ويندا) مطلب تہ انهن جي ڪا ڳالهہ نہ هوندي زوريءَ ڌڪي جهنم ۾ وڌا ويندا. "هٰذِهِ النَّارُ الَّتِىۡ كُنۡتُمۡ بِهَا تُكَذِّبُوۡنَ" (هيءَ اها باهہ آهي جنهن کي اوهان ڪوڙو چوندا هئو) يعني جهنم ۾ ڌڪا ڏئي اڇلائڻ مهل ملائڪ ڪين چوندا تہ جنهن باهہ جي عذاب کي اوهان نہ ٿي مڃيو هيءَ اها باهہ آهي. "اَفَسِحۡرٌ هٰذَاۤ اَمۡ اَنۡتُمۡ لَا تُبۡصِرُوۡنَ" (ڇا پوءِ هي سحر آهي يا اوهان نہ تا ڏسو؟) مطلب تہ هيءَ باهہ جيڪا اوهان جي اڳيان آهي جادو آهي؟ يا اوهان کو نہ تا ڏسو هي ٻرڪندڙ باهہ ۽ ان جا شعلا ڏسي هاڻي بہ چوندؤ تہ اهو جادو آهي؟ "اِصۡلَوۡهَا فَاصۡبِرُوۡۤا اَوۡ لَا تَصۡبِرُوۡا‌ ۚ سَوَآءٌ عَلَيۡكُمۡ" (ان ۾ داخل ٿيو صبر ڪيو يا نہ ڪيو ڪو فرق نہ پوندو) اوهان جي لاءِ ٻئي صورتون برابر آهن دانهون ڪندؤ

(١) ضياءُ القرآن صـ٦٤٦ـ جلد ٤ (٢) المراغي صـ٢٠ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩

تہ بہ کو فرق نہ پوندو. "اِنَّمَا تَجْزَوْنَ مَاكُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" اوهان تہ اها جزا ڏنا ويندؤ جيڪي عمل ڪندا هيئو. هاڻي ڪجهہ سوچڻ اجايو آهي اوهان کي اوهان جي ڪردار جي سزا ملي رهي آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ" (بلاشڪ تنهنجي رب جو عذاب البت واقع ٿيندڙ آهي) مان مراد آهي تہ ڪافرن تي عذاب يقينًا واقع ٿيندو اهي ڪنهن بہ صورت ۾ بخشيا نہ ويندا. انهن جا عذاب مختلف هوندا. مگر گنهگار مومن تي عذاب يقيني ناهي ان لاءِ عذاب جو ڊپ آهي رحمت ۽ بخشش جي اميد آهي. ٢. "مَالَهٗ مِنْ دَافِعٍ" (ان کي ڪو بہ دفع ڪندڙ ناهي) مان معلوم ٿيو تہ قيامت ضرور ايندي اها تقدير مبرم آهي جنهن کي ڪو بہ روڪي نہ سگهندو جيئن ٻيءَ آيت ۾ ارشاد آهي. "مَايُبَدَّلُ الْقَوْلُ لَدَیَّ" (١) مون وٽ قول تبديل نہ ڪيو ويندو آهي. اهڙي طرح ڪافرن کي عذاب ٿيڻ بہ تقدير مبرم آهي اهو ٽري نہ سگهندو. ها ان عذاب ۾ هلڪائي ٿي سگهي ٿي. ٣. "فَوَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ" (پوءِ ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ هلاڪت آهي) مفسرن پلارن لکيو آهي تہ هن مان ٽي ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون ١. تہ جن ماڻهن کي ڪنهن نبي سڳوري عليہ الصلواة والسلام جي رسالت جي دعوت نہ پهتي انهن جي لاءِ صرف توحيد جو عقيدو ڪافي آهي جيئن نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي نسب جي سلسلي ۾ سندن والدين، نانا، ڏاڏا وغيرهم ٢. تہ ڪافرن جو نابالغ ۽ بي سمجهہ اولاد دوزخي ناهي ڇو تہ انهن ڪنهن نبي علیٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي دعوت کي ڪوڙو نہ چيو هو. ٣. تہ ڪنهن ڪنهن گنهگار مومن کي جيتوڻيڪ سزا ملندي پر اها دائمي نہ هوندي ڇو تہ انهن ڪنهن نبي سڳوري کي ڪوڙو نہ چيو هوندو. (٢)

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ نَعِيْمٍ (١٧) فٰكِهِيْنَ بِمَآ اٰتٰهُمْ رَبُّهُمْ

بيشڪ پرهيزگار بهشتن ۽ نعمت ۾ هوندا خوش ٿيندڙ ان تي جيڪو ڏنو انهن کي سندن رب

وَوَقٰهُمْ رَبُّهُمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ (١٨) كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـئًا بِمَا كُنْتُمْ

۽ بچايائين انهن کي سندن رب دوزخ جي عذاب کان کائو ۽ پيئو مزو وٺندڙ ان سان جيڪي

تَعْمَلُوْنَ (١٩) مُتَّكِئِيْنَ عَلٰى سُرُرٍ مَّصْفُوْفَةٍ وَزَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ (٢٠)

ڪنداهيئو ٽيڪون ڏيندڙتختن قطارون لڳايلن تي ۽ پرڻايوسون انهن کي حورن وڏين اکين وارين سان

(١) سورة ق آيت ع ـ ٢٩ ـ (٢) نورالعرفان ص ـ ٨٣٦ ـ

وَالَّذِيْنَ آمَنُوْا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ

۽ جن ايمان آندو ۽ تابعداري ڪئي سندن انهن جي اولاد ايمان سان ملائينداسون انهن سان

ذُرِّيَّتَهُمْ وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ ط كُلُّ امْرِئٍۭ بِمَا

اولاد انهن جو ۽ نہ گهٽائينداسون انهن ڪان عمل انهن جي مان ڪجهہ بہ هر مرد ان ۾ جيڪي

كَسَبَ رَهِيْنٌ (٢١) وَاَمْدَدْنٰهُمْ بِفَاكِهَةٍ وَّلَحْمٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ (٢٢)

ڪمايائين گروي آهي ۽مدد ڪئي اسان انهن جي ميون ۽گوشت سان ان مان جيڪي خواهش رکندا

يَتَنَازَعُوْنَ فِيْهَا كَاْسًا لَّا لَغْوٌ فِيْهَا وَلَا تَاْثِيْمٌ (٢٣) وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ غِلْمَانٌ لَّهُمْ

ڏيندا وٺندا ان ۾ پيالا نـاهي اجائي ڳالهہ انهن ۾ ۽ نہ گناهہ ۽ ڦرندا انهـن تي غلمـان انهـن جا

كَاَنَّهُمْ لُؤْلُؤٌ مَّكْنُوْنٌ (٢٤) وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ (٢٥)

ڄڻ تہ اهي موتي ڍڪيل آهن ۽ سامهون ٿيندا هڪڙا انهن مان ٻين ڏانهن هڪ ٻئي کان پڇندا

قَالُوْا اِنَّا كُنَّا قَبْلُ فِيْٓ اَهْلِنَا مُشْفِقِيْنَ (٢٦) فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَ

چوندا بيشڪ اسين هئاسون اڳ ۾ پنهنجي اهل ۾ ڊڄندڙ پوءِ احسان ڪيو الله اسان تي ۽

وَقٰىنَا عَذَابَ السَّمُوْمِ (٢٧) اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلُ نَدْعُوْهُ ط

بچايائين اسان کي عذاب باهہ جي کان بيشڪ اسان هئاسون اڳ ۾ عبادت پيا ڪيون ان جي

اِنَّهٗ هُوَالْبَرُّ الرَّحِيْمُ (٢٨) ع ١ ٢٨ ٣

بيشڪ اهو ئي احسان ڪندڙ، مهربان آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن کي ملندڙ عذاب جو بيان هو ۽ هتي مومنن متقين تي ٿيندڙ مهربانين جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّنَعِيْمٍ فَاكِهِيْنَ بِمَآ اٰتٰهُمْ رَبُّهُمْ" (بيشڪ متقي شخص جنتن ۽ نعمتن ۾ هوندا جيڪي انهن کي سندن رب ڏنو ان سان مزا ماڻيندڙ) يعني جيڪي ٻانها الله عزوجل کان ڊڄندي تقويٰ اختيار ڪندا اهي جيڪي ڪين سندن رب ڏنو ان سان مزا ماڻيندڙ هوندا. "وَوَقٰهُمْ رَبُّهُمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ" (۽ انهن کي سندن رب جهنم جي عذاب کان بچايو) يعني جڏهن انهن اهڙا ڪم ڪيا جن سان رب پاڪ راضي ٿئي تہ الله عزوجل کين نعمتن سان نوازي دردناڪ عذاب کان محفوظ رکيو. "كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓئًا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" (جيڪي

عمل ڪندا هيئو انهن جي ڪري خوش ٿيندي کائو ۽ پيئو) يعني اوهان جيڪا به جنتي کائڻ ۽ پيئڻ واري شي کائڻ ۽ پيئڻ گهرو خوش ٿيندي، مزا ماڻيندي کائو ڇو ته اوهان سهڻا عمل ڪيا هئا ۽ صحيح عقيدا رکيا هئا. "مُتَّكِئِيْنَ عَلٰى سُرُرٍ مَّصْفُوْفَةٍ وَزَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ" (قطار لڳايل تختن تي ٽيڪون ڏيندڙ ۽ اسان انهن کي وڏين اکين وارين حورن سان پرڻائينداسون) يعني جنتن ۾ هر قسم جي زينت وارن قطار ۾ رکيلن تختن تي ٽيڪون ڏئي نهايت سڪون ۽ آرام سان ويهندا ۽ نهايت ڀلن اخلاقن، پنهنجي حسن ۽ جمال سان ڏسندڙن کي حيران ڪندڙين حورن سان سندن شادي ڪرائينداسون جن کي ڏسڻ سان سندن دليون انهن ڏانهن اڏامنديون. "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ" (۽ جن ايمان آندو ۽ سندن اولاد سندن اتباع ڪئي سندن اولاد کي انهن سان ملائينداسون) يعني مومنن پانهن جي مومن متبع اولاد کي سندن ئي مقام ۾ ملائي گڏ رهائينداسون ڀلي ڪٿي سندن اولاد جا انهن جيترا صالح اعمال نه هجن پر اهو اسان جو انهن تي فضل ۽ احسان هوندو ابن مردويه ۽ طبراني حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: "اِذَادَخَلَ الرَّجُلُ الْجَنَّةَ سَأَلَ عَنْ اَبَوَيْهِ وَزَوْجَتِهٖ وَوَلَدِهٖ فَيُقَالَ لَهٗ اِنَّهُمْ لَمْ يَبْلُغُوْا دَرَجَتَكَ وَعَمَلَكَ فَيَقُوْلُ رَبِّ! قَدْ عَمِلْتُ لِيْ وَلَهُمْ فَيُؤْمِرُ بِالْحَاقِهِمْ بِهٖ" (١) جڏهن مڙس جنت ۾ داخل ٿيندو ته پنهنجي والدين ۽ زال ۽ اولاد جي باري ۾ پڇا ڪندو پوءِ ان کي چيو ويندو ته اهي نه تنهنجي درجي کي پهتا نه تنهنجي عمل کي. اهو عرض ڪندو ته "اي منهنجا رب! مون پنهنجي لاءِ به عمل ڪيا هئا ۽ انهن جي لاءِ به" پوءِ ان سان انهن کي (گڏ رهائڻ جي لاءِ) ملائڻ جو امر ڪيو ويندو ۽ هي نعمت جو ڪمال هوندو. "وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ" (۽ انهن کان سندن عمل مان ڪا به شي نه گهٽائينداسون) يعني ان اولاد ملائڻ جي ڪري اسين پيئرن جي عمل مان ڪجهه به نه گهٽائينداسون پر اهو اسان جي طرفان انهن تي فضل ۽ احسان هوندو. "كُلُّ امْرِئٍۢ بِمَا كَسَبَ رَهِيْنٌ" (هر مڙس جيڪو ڪمايائين (ان ۾) گروي آهي) يعني متقي پانهن سان اولاد گڏ رهايو ويندو پر هڪ جي گناهه کي ٻين تي رکيو نه ويندو بلڪ هر شخص پنهنجي عمل ۾ گروي هوندو. "وَاَمْدَدْنٰهُمْ بِفَاكِهَةٍ وَّلَحْمٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ" (۽ اسين انهن جي ميون ۽ گوشت سان جيڪي اشتها رکندا مدد ڪنداسون) يعني اسين جنت وارن کي پنهنجي وسيع فضل ۽ خصوصي ڪرم سان مدد ڪنداسون ڪين قسمين قسمين ميوا کارائينداسون ۽ جيڪو گوشت طلب ڪندا ۽

(١) المراغي صـ٢٦ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩

سندن نفس خواهش رکندا اهو بہ عطا کنداسون "يَتَنَا زَعُوْنَ فِيْهَا كَاسًا لَّالَغْوٌفِيْهَا وَلَا تَاْثِيْم" (ان ۾ هڪ ٻئي کي پيالا ڏيندا وٺندا جن ۾ نہ اجائي ڳالهہ هوندي نہ گناهہ) يعني جنت وارا هڪ ٻئي کي پاڪ شراب جا پيالا ڏيندا وٺندا پر اهو شراب نشو ڪندڙ نہ هوندو نہ دنيوي شراب وانگر ان ۾ پيئڻ کان پوءِ گاريون، گند ڳالهايو ويندو جنهن جي ڪري گناهہ ٿئي. "وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ غِلْمَانٌ لَّهُمْ كَاَنَّهُمْ لُؤْلُؤٌ مَّكْنُوْنٌ" (۽ انهن تي سندن "خدمت لاءِ مقرر ڪيل" اهڙا غلمان ڦرندا جڻ تہ اهي ڍڪيل موتي آهن) يعني اهڙا نوجوان ۽ سهڻا خادم سندن خدمت جي لاءِ ڦرندا رهندا جڻ تہ اهي ڍڪيل موتي آهن جيڪي هاڻي ٻاهر ڪڍيا ويا آهن.

خادم اهڙا سهڻا آهن تہ مخدوم ڇا هوندا؟ ابن جرير ۽ ابن المنذرقتادة رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ مون تائين هيءَ روايت پهتي آهي تہ سيدنا رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو تہ خادم موتيءَ جهڙو هوندو تہ مخدوم ڇا هوندو؟ پاڻ فرمايائون تہ "ان (پاڪ) ذات جو قسم جنهن جي هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ انهن جي ڀلائي ۾ ائين فرق هوندو جيئن چوڏهين جي رات واري چنڊ ۽ ٻين تارن ۾ فرق آهي" ۽ روايت ۾ آهي تہ جنت جي گهٽ ۾ گهٽ درجي وارو بہ خادم کي سڏ ڪندو تہ لبيڪ لبيڪ چوندي هزارَ خادم ان جي دروازي تي پهچي ويندا. (١) "وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَ لُوْنَ" (۽ هڪڙا ٻين کي سامهون ٿي هڪ ٻئي کان پڇندا) يعني هڪ ٻئي کان دنيوي زندگيءَ جا حال احوال پڇندا بزار حضرت انس رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن فرمايو "جڏهن جنت جا اهل جنت ۾ داخل ٿيندا تہ (مسلمانن) ڀائرن سان ملڻ جو اشتياق ظاهر ڪندا پوءِ هن (هڪ) جو تخت اچي هُن (ٻئي) جي تخت سان برابر ٿي بيهندو پوءِ (پاڻ ۾) ڳالهيون ڪندا هر هڪ ٽيڪ ڏئي وهندو جنهن حال تي دنيا ۾ هئا اهو بيان ڪندا هڪ ٻئي کي چوندا تہ اي فلاڻا! خبر اٿئي تہ الله اسان کي ڪهڙي ڏينهن بخش فرمايو هو؟ جنهن ڏينهن فلاڻي جاءِ تي هئاسون الله کان (مغفرت جي) دعا گهري هئي سون پوءِ اسان کي بخش فرمايو هيائين". (٢) "قَالُوْٓا اِنَّا كُنَّا قَبْلُ فِيْٓ اَهْلِنَا مُشْفِقِيْنَ" (چوندا تہ اسين اڳي پنهنجي اهل ۾ ڊڄندڙ هئاسون) يعني هڪ ٻئي کي جواب ڏيندا تہ اسين دنيوي زندگيءَ جي دوران پنهنجي اهلُ ۾ رهندي بہ الله کان ڊڄندا هئاسون ۽ ان جي خوف ۾ رهندي گناهن کان پڇندا ۽ بچندا هئاسون. "فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَوَقٰنَا عَذَابَ السَّمُوْمُ" (پوءِ الله اسان تي احسان ڪيو ۽ اسان کي باهہ جي

(١) المراغي صـ٢٧ـــ جزءُ ٢٧ جلد ٩ (٢) ساڳيو حوالو

عذاب کان بچايائين) يعني الله عزوجل اسان تي احسان ڪيو هدايت ڏئي سهڻا عقيدا ۽ صالح عمل نصيب فرمايا ۽ اسان کي دوزخ جي باهہ کان بچايائين. "إِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلُ نَدْعُوهُ" (بلاشڪ اسين اڳ ۾ ان جي عبادت ڪندا هئاسون) هتي مذڪوره لفظ "ندعو" دعاء کان ورتل آهي دعاء جنهن لفظ الله عزوجل کان سوال ڪرڻ جي معنىٰ ۾ بہ آيل آهي تہ عبادت جي معنىٰ سان بہ آيل آهي هتي ٻنهي معنائن کي شامل آهي يعني اسين هميشـه ان جي عبادت ڪندا هئاسون ۽ ان کي سوال ڪري مرادون ماڱيندا هئاسون. (١) "إِنَّهُ هُوَ الْبَرُّ الرَّحِيمُ" بيشڪ اهو ئي احسان ڪندڙ، مهربان آهي پوءِ ان جو احسان ۽ رحمت ئي آهي جو اسان تي راضي ٿي جنت عطا ڪيائين ۽ جهنم کان محفوظ رکيائين.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "مُتَّكِئِينَ عَلَىٰ سُرُرٍ مَصْفُوفَةٍ" (ٽيڪ ڏيندڙ قطار لڳايل تختن تي) هن مان معلوم ٿيو تہ جنت ۾ ڪو ڪم نہ هوندو جو تہ ٽيڪ ڏئي وهڻ آرام ۾ هوندو آهي ها پر اتي بيڪار رهڻ بہ نہ هوندو عيش، عشرت ۽ يار جي ديدار جي مشغولي هوندي بيڪار رهڻ برو آهي آرام ڪرڻ سٺي شيءِ آهي. ٢. "وَزَوَّجْنَاهُمْ بِحُورٍ عِينٍ" (۽ اسين انهن کي وڏين اکين وارين حورن سان پرڻائيندا سون) سمجهڻ گهرجي تہ دنيا ۾ غير جنس سان مثلاً انسان جو جنيه سان يا ڪنهن ٻيءِ شيءِ سان نڪاح نہ ٿيندو پر جنت ۾ ٿيندو جو تہ حورون نہ انسان آهن نہ اولاد آدم آهن پر انسان جي نڪاح ۾ هونديون. ٣. "وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِإِيمَانٍ" (۽ انهن جو اولاد انهن جو ايمان سان تابع ٿيو) مان معلوم ٿيو تہ جنت ۾ مومنن سان اهو اولاد گڏ رکيو ويندو جيڪو مومن هوندو. ڪافر اولاد مومن پيءُ ۽ ماءُ سان گڏ نہ رکيو ويندو ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ بزرگن سان نسبي تعلق آخرت ۾ بہ نفعو ڏيندو بشرطيڪ مومن هجن. علامـــه ابن ڪثير لکيو آهي تہ صالحن جي صدقي اولاد کي تہ فائدو پهچندو ۽ عمل ۾ درجي گهٽ هجڻ جي باوجود اولاد صالحن ابن، ڏاڏن جي مقام ۾ پهچايو ويندو پر صالح اولاد جي ڪري والدين کي نفعو پهچي اهو بہ حديث سان ثابت آهي مسند امام احمد ۾ حضرت ابوهريرة رضي الله عنـــه کان روايت آهي تہ سيدنا رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن فرمايو "الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهي جا درجا جنت ۾ انهن جي عمل جي نسبت سان نهايت بلند ڪندو تہ اهو پڇندو اي پروردگار! هي مقام ۽ درجو ڪٿان مليو؟ (منهنجو ڪو عمل تہ اهڙو ڪو نہ هو) تہ ان کي جواب ڏنو ويندو تہ تنهنجي اولاد جيڪا تنهنجي لاءِ استغفار ۽ دعا ڪئي هئي هي ان جو اثر آهي" (٢)

(١) تيسير الكريم الرحمٰن صـ١١٨ـ جلد ٥ (٢) معارف القرآن صـ١٨١ـ جلد ٨

فَذَكِّرْ فَمَآاَنْتَ بِنِعْمَتِ رَبِّكَ بِكَاهِنٍ وَّلَامَجْنُوْنٍ (۲۹) اَمْ يَقُوْلُوْنَ

پوءِ نصيحت فرماءِ پوءِ ناهين تون پنهنجي رب جي نعمت سان پوپو ءِ نہ چريو چا چون ٿا تہ

شَاعِرٌ نَّتَرَبَّصُ بِهٖ رَيْبَ الْمَنُوْنِ (۳۰) قُلْ تَرَبَّصُوْا فَاِنِّيْ مَعَكُمْ

شاعرآهي انتظار ڪيون ٿا اسين ان سان زماني جي حادثي جو فرماءِ تہ انتظار ڪيو پوءِ بيشڪ مان

مِّنَ الْمُتَرَبِّصِيْنَ (۳۱) اَمْ تَاْمُرُهُمْ اَحْلَامُهُمْ بِهٰذَآ اَمْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ (۳۲)

انتظار ڪندڙن مان آهيان ڇا امر ڪن ٿا انهن کي عقل انهن جا هن جو يا اهي قوم سرڪش آهن

اَمْ يَقُوْلُوْنَ تَقَوَّلَهٗ بَلْ لَّا يُؤْمِنُوْنَ (۳۳) فَلْيَاْتُوْا بِحَدِيْثٍ مِّثْلِهٖٓ اِنْ

يا چون ٿا تہ ٺاهيو اٿس ان کي بلڪ نہ ٿا ايمان آڻين پوءِ پل تہ آڻن ڳالهہ ان جهڙي جيڪڏهن

كَانُوْا صٰدِقِيْنَ (۳۴) اَمْ خُلِقُوْا مِنْ غَيْرِ شَيْءٍ اَمْ هُمُ الْخٰلِقُوْنَ (۳۵)

آهن سچا يا پيدا ڪيا ويا ڪنهن شي کان سواءِ يا اهي پيدا ڪندڙ آهن

اَمْ خَلَقُوا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بَلْ لَّا يُوْقِنُوْنَ (۳۶) اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَبِّكَ

يا پيداڪيائون آسمانن ۽ زمين کي بلڪ نہ ٿا يقين رکن يا انهن وٽ تنهنجي رب جا خزانا آهن

اَمْ هُمُ الْمُصَيْطِرُوْنَ (۳۷) اَمْ لَهُمْ سُلَّمٌ يَّسْتَمِعُوْنَ فِيْهِ فَلْيَاْتِ مُسْتَمِعُهُمْ

يا اهي داروغا اهن يا انهن جي لاءِ ڪا ڏاڪڻ آهي جو ٻڌن ٿا ان ۾ پوءِ پل آڻي ٻڌندڙ انهن جو

بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ (۳۸) اَمْ لَهُ الْبَنٰتُ وَلَكُمُ الْبَنُوْنَ (۳۹) اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ اَجْرًا

دليل روشن يا ان جي لاءِ ڌيئرون آهن ۽ اوهان جي لاءِ پٽ آهن يا گهرو ٿا انهن کان ڪو اجورو

فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ (۴۰) اَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ (۴۱) اَمْ

پوءِ اهي چٽيءَ جي ڪري ڳرا ٿيل آهن يا انهن وٽ غيب آهي پوءِ اهي لکن ٿا يا

يُرِيْدُوْنَ كَيْدًا فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا هُمُ الْمَكِيْدُوْنَ (۴۲) اَمْ لَهُمْ اِلٰهٌ

ارادو ڪن ٿا ڪنهن رٿ جو پوءِ جن ڪفر ڪيو اهي ئي رٿ ڪيل آهن يا انهن جي لاءِ ڪو معبود آهي

غَيْرُ اللّٰهِ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ (۴۳)

الله کان سواءِ الله جي پاڪائي آهي ان کان جيڪو شريڪ بنائن ٿا

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪوڙو چوندڙن ۽ سچو چوندڙن جي احوال ڪي بيان ڪيو ويو ۽ هتي نصيحت ڪرڻ تي مضبوط رهڻ جو حڪم ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "فَذَكِّرْ فَمَآ اَنْتَ بِنِعْمَتِ رَبِّكَ بِكَاهِنٍ وَّلَا مَجْنُوْنٍ" (پوءِ نصيحت فرمايو پوءِ اوهان پنهنجي رب جي نعمت ڪرڻ جي ڪري نه ڀوپا آهيو ۽ نه چريا) مطلب ته اوهان پنهنجي قوم وارن ۽ جن ڀين ڏانهن رسول ٿي آيا آهيو انهن ڪي قرآن ڪريم جي آيتن ۽ ذڪر حڪيم سان نصيحت ڪندا رهو. انهن جي طرفان ڀوپي يا چريي چوڻ سان اوهان جو شان گهٽ نه ٿيندو اوهان تي اوهان جي رب جي نعمت آهي اوهان انهن عيبن کان پاڪ آهيو اوهان ڪي جيڪو عقل جو ڪمال، همت جي بلندي، شانِ ڪريمي ۽ نبوت جي سچائي عطا ڪيل آهي سا اوهان جي لاءِ ڪافي آهي. حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن ڪي "ڪاهن" شيبه بن ربيعة چيو هو ۽ "مَجْنُوْنٌ" عقبة بن ابي معيط چيو هو. (١) (معاذالله) "اَمْ يَقُوْلُوْنَ شَاعِرٌ نَّتَرَبَّصُ بِهٖ رَيْبَ الْمَنُوْنِ" (ڇا چون ٿا ته شاعر آهي اسين ان تي زماني جي حادثي "گردش" جو انتظار ڪيون ٿا) يعني ڇا اهي ڪافر اوهان جون نصيحتون ۽ ڀلائيءَ واريون ڳالهيون ٻڌي چون ٿا ته شاعر آهي ان جي ڪري اوهان جون ڳالهيون قبول نه ٿا ڪن ۽ چون ٿا ته اسين ان ڳالهه جا منتظر آهيون ته جيئن قديم زماني جا گهڻا شاعرز ماني جي گردش سان مري ختم ٿي ويا هيءُ به خاموش ٿي ويندو ڪو به ڪامياب مستقبل هن جي هٿ ۾ ناهي محض ٻن ڏينهن جي واهه واهه آهي ۽ بس. (٢) "قُلْ تَرَبَّصُوْا فَاِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُتَرَبِّصِيْنَ" (فرماءِ ته انتظار ڪيو پوءِ بلاشڪ مان به اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان) يعني ٺيڪ آهي اوهان به انتظار ڪيو مان به اوهان سان گڏ انتظار ۾ آهيان ڏسون ته ڪير ٿو ڪامياب رهي ۽ ڪير ناڪام. "اَمْ تَاْمُرُهُمْ اَحْلَامُهُمْ بِهٰذَآ اَمْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ" (ڇا سندن عقل ڪين هي حڪم ڪن ٿا يا اهي سرڪش قوم آهن؟) يعني الله عزوجل جي محبوب نبی عليه الصلواة والسلام ڪي متضاد نسبتن ڏانهن منسوب ڪرڻ جو ته شاعر آهي يا مجنون آهي يا ڀوپو آهي حالانڪ مجنون شاعر نه ٿي سگهندو اهو ڪين سندن عقل ٿو حڪم ڪريءِ؟ ته هڪ صادق، امين، عاقل، سچي پيغمبر عليه الصلواة والسلام ڪي شاعر يا ساحر يا ديوانو قرار ڏئي نظر انداز ڪري ڇڏيو وڃي. جيڪڏهن اهي شاعرن ۽ نبي عليه الصلواة والسلام جي ڪلام ۾ فرق ڪري نه ٿا سگهن ته پوءِ ڪهڙا عقلمند آهن؟ حقيقت هيءَ آهي ته دل ۾ سمجهن سڀ ڪجهه ٿا پر سرڪش ۽ ضدي آهن.

(١) المراغي صـ٣١ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩ (٢) حاشيه عثمانيه صـ٦٩٦ـ

"اَمْ يَقُوْلُوْنَ تَقَوَّلَهٗ بَلْ لَّا يُؤْمِنُوْنَ" (يا چون ٿا تہ (قرآن ڪريم) پاڻ ٺاهيو اٿس بلڪ ايمان نہ ٿا آڻين) يعني ڪڏهن چون ٿا تہ (قرآن ڪريم) الله عزوجل جو ڪلام ناهي نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن پاڻ ٺاهي پڙهن ٿا. پر اهي سڀ ڳالهيون درحقيقت ان جي ڪري ڪن ٿا جو ايمان نہ ٿا آڻين پنهنجي ڪفر تي قائم آهن "فَلْيَاْتُوْا بِحَدِيْثٍ مِّثْلِهٖٓ اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ" (پوءِ جيڪڏهن سچا آهن تہ ان جهڙي ڪا ڳالھہ پيش ڪن) مطلب تہ جيڪڏهن شاعر چون ٿا تہ ڪين وٽ بہ ڪئين شاعر آهن جيڪڏهن ڪاهن ٿا چون ٿا تہ ڪين وٽ بہ ڪاهنن جي ڪوٽ ناهي جيڪڏهن هٿ جو ٺاهيل ڪلام ٿا چون تہ ڪين وٽ بہ وڏا وڏا فصيح، بليغ موجود آهن پوءِ جيڪڏهن سچا آهن تہ قرآن ڪريم جهڙي ڪا هڪ ڳالھہ پيش ڪري ڏيکارين ۽ جڏهن نہ ٿا ڪري سگهن تہ پوءِ ايمان ڇو نہ ٿا آڻين؟ "اَمْ خُلِقُوْا مِنْ غَيْرِ شَيْءٍ اَمْ هُمُ الْخٰلِقُوْنَ" (يا ڪنهن شيءِ کان سواءِ پيدا ڪيا ويا يا اهي ئي پيدا ڪندڙ آهن؟) يعني اهي خلق جي خالق جو ڪيئن انڪار ڪن ٿا؟ ڇا اهي بغير ڪنهن شيءِ جي پيدا ڪيا ويا يا اهي ئي پيدا ڪندڙ آهن؟ يعني اهي خلق جي خالق جو ڪيئن انڪار ڪن ٿا؟ ڇا سندن عجيب ۽ غريب خلقت ڪنهن جي خلقڻ کان سواءِ ٿي آهي؟ حالانڪ عقل بہ تسليم ڪري ٿو تہ هر مخلوق جو خالق آهي ۽ جيڪا بہ شيءِ عدم مان وجود ۾ آئي آهي ان کي ڪنهن وجود ڏنو آهي يا انهن پاڻ، پاڻ کي پيدا ڪيو آهي؟ عقل تہ اها ڳالھہ بہ ڪو نہ ٿو مڃي تہ ڪو پاڻ، پاڻ کي وجود ڏي. "اَمْ خَلَقُوا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ" (يا آسمان ۽ زمين پيدا ڪيائون؟) يعني ڇا هيڏا وڏا آسمان ۽ زمين پاڻ پيدا ڪيا اٿن؟ جن سان سندن زندگيءَ جي ضرورتن جو واسطو آهي "بَلْ لَّا يُوْقِنُوْنَ" (بلڪ يقين نہ ٿا رکن) مطلب تہ جڏهن انهن کان پڇيو ويندو آهي تہ آسمان ۽ زمين ڪنهن پيدا ڪيا آهن تہ چون ٿا الله پيدا ڪيا آهن پر ان تي يقين نہ ٿا رکن ڇو تہ جيڪڏهن يقين رکن ها تہ ائين ان کان منهن نہ موڙين ها. "اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَبِّكَ اَمْ هُمُ الْمُصَۜيْطِرُوْنَ" (يا انهن وٽ تنهنجي رب جا خزانا آهن يا اهي داروغا آهن؟) مقصد تہ ڇا تنهنجي رب جا خزانا انهن وٽ آهن جو انهن ۾ اهي تصرف ڪندا رهن ٿا نبوت بہ سندن هٿ ۾ آهي جنهن کي گهرن ان کي ڏين يا اهي داروغا آهن جو جهان جي امر کي تدبير سان هلائن پيا. ائين ناهي الله عزوجل ئي خالق، خزانن جو مالڪ آهي جيئن گهري ٿو تيئن انهن ۾ تصرف ڪري ٿو.

حضرت جبير بن مطعم جو واقعو: امام بخاري حضرت جبير بن مطعم رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ "مون نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن کان سانجهي نماز ۾ سورة "الطور" ٻڌي" پوءِ پاڻ جڏهن "اَمْ خُلِقُوْا مِنْ غَيْرِ شَيْءٍ اَمْ هُمْ

الْخٰلِقُوْنَ اَمْ خَلَقُوا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بَلْ لَّا يُوْقِنُوْنَ اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَبِّكَ اَمْ هُمُ الْمُصَيْطِرُوْنَ" تلاوت ڪيائون تہ منهنجي دل قريب هئي تہ اڏامي وڃي حضرت جبير بن مطعم رضي الله عنـــه جنگ بدر کان پوءِ جنگي قيدين جي بدلي ۾ فديو ڏيڻ جي سلسلي ۾ حضور عليـه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ (مدينـه منوره ۾) آيو هو ان وقت مشرڪ هو ۽ مذڪوره آيتن جو ٻڌڻ سندس اسلام ڏانهن رغبت رکڻ جي اسباب مان هڪ سبب هو. (١) "اَمْ لَهُمْ سُلَّمٌ يَّسْتَمِعُوْنَ فِيْهِ فَلْيَاْتِ مُسْتَمِعُهُمْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ" (يا انهن لاءِ ڏاڪڻ آهي جنهن ۾ (چڙهي) ٻڌن تا پوءِ جڳائي تہ انهن جو ٻڌندڙ ڪو روشن دليل آڻي) يعني ڇا انهن جي ڪا ڏاڪڻ لڳل آهي جنهن تي چڙهي ملائڪن کان ٻڌي اچن تا تہ سندن ڪفريـه عقيده صحيح آهي جيڪڏهن ائين چون تا تہ پوءِ جيڪو ٻڌي ٿو اچي اهو ان جي حق هجڻ تي ڪو دليل پيش ڪري جيئن منهنجو محبوب نبي عليـه الصلواة والسلام برهان ۽ حجتون پيش ڪري ٿو. "اَمْ لَهُ الْبَنٰتُ وَلَكُمُ الْبَنُوْنَ" (ڇا ان لاءِ ڌيئرون ۽ اوهان جي لاءِ پٽ آهن) اهي بدبخت وڏي اعتماد سان چوندا هئا تہ ملائڪ الله عزوجل جون (معاذالله) ڌيئرون آهن الله عزوجل سندن ترديد ڪندي فرمايو تہ اوهان تہ پنهنجي لاءِ پٽن کي پسند ڪيو تا ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڌيءُ ڄمي ٿي تہ شرم کان ڪنڌ نہ ٿا کڻي سگهو ۽ الله عزوجل جي لاءِ ڌيئرون مڃيو ٿا. مطلب تہ اوهان جون سموريون ڳالهيون بي ڍنگيون ۽ اونڌيون آهن. "اَمْ تَسْئَلُهُمْ اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ" (ڇا تون انهن کان ڪو اجورو گهرين ٿو پوءِ اهي چٽيءَ جي ڪري ڳرا ٿيل آهن) يعني ڇا اوهان انهن کان دين جي دعوت ۽ حق واري پيغام پهچائڻ تي ڪو معاوضو گهرو ٿا جو اهي ان کي چٽي سمجهي ان جي بارجي ڪري ڳرا ٿي پيا آهن ۽ اسلام قبول نہ ٿا ڪن. "اَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ" ڇا انهن وٽ غيب (جو علم) آهي پوءِ اهي لکن ٿا؟ يعني ڇا انهن وٽ غيب جو علم آهي جيڪو لکن ٿا ۽ ان جي ذريعي سمجهن ٿا تہ اوهان جو پيغام سچو ناهي اوهان جو انڪار ڪن ٿا ۽ اوهان جي مخالفت ۾ محنت ڪري رهيا آهن. "اَمْ يُرِيْدُوْنَ كَيْدًا فَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا هُمُ الْمَكِيْدُوْنَ" ڇا ڌوڪي ڏيڻ جو ارادو ڪن ٿا؟ پوءِ جن ڪفر ڪيو اهي ئي ڌوڪو ڏنل آهن يعني ڇا اوهان جي پيغام جو انڪار ڪري اوهان جي دين کي باطل ثابت ڪرڻ وارا ڌوڪي جو ارادو ڪن ٿا پرائين ٿيندو ڪو نہ ڪافر پاڻ ڌوڪو کائي ويندا آخرت جي عذاب ۾ مبتلا ٿيندا. اوهان کي ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندا جنهن شمع کي الله عزوجل روشن ڪري ان کي ڪير بہ وسائي نہ

(١) المراغي صـ٣٤ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩

سگهندو. "اَمۡ لَهُمۡ اِلٰـهٌ غَيۡرُ اللّٰهِ سُبۡحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ" (ڇا انهن جي لاءِ ڪو الله کان سواءِ معبود آهي؟ الله جي پاڪائي آهي ان کان جيڪو شريڪ بنائن ٿا) يعني الله عزوجل کان سواءِ ڪو معبود بالحق هجي ها ته پوءِ ان جي عبادت ڪن ها جڏهن ان کان سواءِ ڪير به سچو معبود ناهي ته پوءِ ان کي ڇڏي غير جي عبادت ڪرڻ حماقت آهي جن شين کي اهي الله جل وعلا جو شريڪ سمجهن ٿا الله تعالىٰ انهن کان هر طرح پاڪ آهي ان جو ڪو به شريڪ ناهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "هُمۡ قَوۡمٌ طَاغُوۡنَ" (اهي سرڪش قوم آهن) ۾ حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن کي تسلي ڏني وئي آهي ته انهن جو انڪار ڪرڻ، اوهان کي نه مڃڻ حق جي ڳالهه ناهي حق تي اوهان آهيو. اهي صرف سرڪشيءَ جي ڪري اوهان تي ايمان نه ٿا آڻين. ٢. "اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ تَقَوَّلَـهٗ بَلۡ لَّا يُؤۡمِنُوۡنَ" (ڇا چون ٿا ته ان کي پاڻ ٺاهيو اٿس بلڪ ايمان نه ٿا آڻين) مان معلوم ٿيو ته ڪافرن جي ذهنن ۾ انتشار هو مختلف سوچن ۾ مبتلا هئا ڪو به هڪ فيصلو ڪري نه ٿي سگهيا ته حضور عليه الصلواة والسلام کي ڇا چون! ڪي چوندا هئا ته شاعر آهي، ڪي چوندا هئا ته ساحر آهي، ڪي چوندا هئا ته مجنون آهي. (معاذالله ثم معاذالله) حالانڪ پاڻ الله جلت صفاته جا سچا رسول ۽ برحق محبوب نبي هئا (عليه الصلواة والسلام). ٣. "اَمۡ خَلَقُوا السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ بَلۡ لَّا يُوۡقِنُوۡنَ" (ڇا پاڻ آسمان ۽ زمين پيدا ڪيائون بلڪ يقين نه ٿا رکن) ڪافر زبان سان چوندا هئا ته سڀ شيون الله تعالىٰ پيدا ڪيون آهن پر عبادت بتن جي ڪندا هئا. جنهن مان معلوم ٿيو ته جنهن جو قول عمل جي مطابق ناهي اهو قول ڪوڙو آهي قول هڪڙو عمل ٻيو اها سڌي سنئين گمراهي ۽ ڪافرن جو طريقو آهي مسلمان قول ۽ عمل ۾ هڪ هوندو.

وَاِنۡ يَّرَوۡا كِسۡفًا مِّنَ السَّمَآءِ سَاقِطًا يَّقُوۡلُوۡا سَحَابٌ مَّرۡكُوۡمٌ (٤٤)

۽ جيڪڏهن ڏسندا ڪو ٽڪرو آسمان مان ڪرندي ته چوندا ڪڪر تهه تهه تيل آهي

فَذَرۡهُمۡ حَتّٰى يُلٰقُوۡا يَوۡمَهُمُ الَّذِىۡ فِيۡهِ يُصۡعَقُوۡنَ (٤٥) يَوۡمَ

پوءِ ڇڏي ڏي انهن کي تانجو ملن پنهنجي ان ڏينهن کي جنهن ۾ بيهوش ڪيا ويندا جنهن ڏينهن

لَا يُغۡنِىۡ عَنۡهُمۡ كَيۡدُهُمۡ شَيۡـًٔا وَّلَا هُمۡ يُنۡصَرُوۡنَ (٤٦) وَاِنَّ لِلَّذِيۡنَ

نه فائدو ڏيندو انهن کي فريب انهن جو ڪجهه به ۽ نه اهي مدد ڪيا ويندا ۽ بيشڪ انهن جي لاءِ

ظَلَمُوْا عَذَابًا دُوْنَ ذَالِكَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَايَعْلَمُوْنَ(٤٧) وَاصْبِرْ لِحُكْمِ

جن ظلم ڪيو عذاب آهي پهريان ان کان ۽ پر گهڻا انهن مان نہ ٿا ڄاڻن ۽ صبر ڪر پنهنجي

رَبِّكَ فَاِنَّكَ بِاَعْيُنِنَا وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ

رب جي حڪم سان پوءِ تون اسان جي نظرن ۾ آهين ۽ تسبيح پڙهہ پنهنجي رب جي حمدسان

حِيْنَ تَقُوْمُ (٤٨) وَمِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَاِدْبَارَالنُّجُوْمِ (٤٩)

جنهن وقت اٿين تو ۽ رات جو پوءِ ان جي تسبيح پڙهہ ۽ تارن جي پٺي ڏيڻ وقت

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ ڪافرن جو عناد، سرڪشي ۽ هرويرو نہ مڃڻ جو بيان هو تيئن هتي بہ انهن جو ضد ۽ عناد بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَاِنْ يَّرَوْا كِسْفًا مِّنَ السَّمَآءِ سَاقِطًا يَّقُوْلُوْا سَحَابٌ مَّرْكُوْمٌ" (۽ جيڪڏهن آسمان مان ڪو ٽڪرو ڪرندڙ ڏسندا تہ چوندا تہ تہ ٿيل ڪڪر آهي) يعني اهي ڪافر ايترا عنيد ۽ سرڪش آهن جو سندن مطالبو مڃيندي جيڪڏهن آسمان مان ڪو ٽڪرو هيٺ ڪيرايون تہ بہ نہ مڃيندا ۽ چوندا تہ هي تہ تہ ٿيل ڪڪر آهي آسمان جو ٽڪرو ناهي. "فَذَرْهُمْ حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِىْ فِيْهِ يُصْعَقُوْنَ" (پوءِ انهن کي ڇڏي ڏي تانجو پنهنجي ان ڏينهن کي ملن جنهن ۾ بيهوش ڪيا ويندا) "يصعقون" صعق کان ورتل آهي ان جون ٻہ معنائون آهن. ١. بيهوش ٿيڻ جيئن ترجمہ ۾ لکيو ويو آهي. ٢. مرڻ، مطلب تہ اي حبيب پاڪ! عليہ الصلواة والسلام اوهان انهن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو جڏهن ڪين بيهوش ڪرڻ وارو يا سندن مرڻ وارو ڏينهن ٿيندو تڏهن حسرت جا هٿ هڻندا ۽ اوهان جون ڳالهيون ياد ڪندا. "وَاِنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا عَذَابًا دُوْنَ ذَالِكَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَايَعْلَمُوْنَ" (۽ بلاشڪ انهن جي لاءِ جن ظلم ڪيو ان کان پهريان عذاب آهي ۽ پر انهن مان گهڻا نہ ٿا ڄاڻن) يعني منڪرن کي قيامت جي ڏينهن کان پهريان بہ قسمين قسمين عذابن ۾ مبتلا ڪيو ويندو پر انهن مان گهڻا اها ڳالهہ نہ ٿا ڄاڻن تہ جو عذاب ۾ ٿيا آهيون. الله عزوجل ڏانهن رجوع ڪري دارين جي سعادت حاصل ڪري وٺون. "وَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ" (۽ پنهنجي رب جي حڪم تي صبر ڪر) يعني انهن جي اذيتن ۽ تڪليفن کي برداشت ڪندي، صبر جو مظاهرو فرمائيندي اوهان پنهنجو ڪم جاري رکو. "فَاِنَّكَ بِاَعْيُنِنَا" (پوءِ بلاشڪ اوهان اسان جي نظرن ۾ آهيو) يعني اوهان اسان جي قدرتي نگاهن ۾ آهيو اسين اوهان جا محافظ ۽ نگهبان آهيون. "وَسَبِّحْ

بِحَمْدِ رَبِّكَ حِيْنَ تَقُوْمُ وَمِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْــهُ وَاِدْبَارَ النُّجُوْمُ" (۽ پنهنجي رب جي حمد سان تسبيح پڑهه جڏهن اٿين ٿو ۽ رات جو ان جي تسبيح پڑهه ۽ تارن جي پٺي ڏيڻ وقت) صبر ڪرڻ جي حڪم ڪان پوءِ حڪم آهي تہ اي محبوب (عليك الصلواة والسلام) اوهان جنهن وقت بہ اٿڻ فرمايو تہ الله جي حمد سان گڏ تسبيح پڑهو. اٿڻ مان مراد آرام ڪرڻ ڪان پوءِ اٿڻ بہ ٿي سگهي ٿو ۽ ابن جرير ان کي اختيار فرمايو آهي تہ رات جو تسبيح پڑهڻ مان مراد عام تسبيحات بہ آهن تہ ان ۾ سانجهي ۽ سومهڻي نمازون بہ داخل آهن ۽ تارن جي پٺي ڏيڻ واري وقت مان مراد فجر جي نماز ۽ ان وقت واريون تسبيحون آهن. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا. ١. آيت عـ٤٤ـ مان معلوم ٿيو تہ جنهن جي نصيب ۾ ايمان ناهي وڏا وڏا معجزا بہ ان جي هدايت ٿي اچڻ جو سبب نہ ٿا بنجن ڪافر چوندا هئا تہ اوهان اسان تي آسمان جو ٽڪرو ڪيرايو هي انهن جو جواب آهي. ٢. "فَذَرْهُمْ" (پوءِ انهن کي ڇڏي ڏيو) هتي ڪافرن کي ڇڏي ڏيڻ مراد آهي ان مان معلوم ٿيو تہ حضور عليــه الصلواة والسلام جن پنهنجن مومنن امتين کي نہ ڇڏيندا انهن جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ رب العزة جل وعلا ڪان مغفرت جون دعائون گهرندي سندن شفاعت ڪندي ڪين جنت ۾ پهچائي ڇڏيندا. ٣. "عَذَابًا دُوْنَ ذَالِكَ" (ان ڪان پهريان عذاب) هن مان مراد موت ۽ قبر وارو عذاب آهي يا جيڪو ڪافرن تي ست سال ڏڪار آيو هو اهو مراد آهي. ٤. "فَاِنَّكَ بِاَعْيُنِنَا" (پوءِ بلاشڪ اوهان اسان جي نگاهن ۾ آهيو) جي تفسير ۾ مفسرن لکيو آهي تہ: اهڙي قسم جو جملو حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام جي متعلق بہ آيل آهي. "وَلِتُصْنَعَ عَلٰى عَيْنِيْ" (٢) (۽ تانت تيار ڪيو وڃين منهنجي نگاهہ جي اڳيان) پر هتي عين واحد جو صيغو ۽ علىٰ حرف جار آهي ۽ "بأعيننا" ۾ اعين جمع جو صيغو ۽ فاحرف آهي. حضرت موسىٰ جي لاءِ آيو تہ تون اسان جي هڪڙي قدرتي نگاهہ سان تيار ڪيو وڃين ۽ مصطفىٰ ڪريم عليــــه الصلواة والسلام جي لاءِ آيو تہ: اوهان اسان جي قدرتي نگاهن جي هيٺان آهيو علامـــه اسماعيل حقي مطلب لکيو آهي تہ اسين اوهان کي پنهنجي ذات ۽ صفات جي سيني نگاهن سان محبت، عشق ۽ شوق سان ڏسون ٿا اسين اوهان جا محافظ آهيون. (٣) علامـہ آلوسي لکيو آهي تہ "جنهن بصيرت جي نظر سان ڏٺو" انهن کي ٻنهي آيتن ۾ غور ڪرڻ سان ڪليم ۽ حبيب عليهما الصلواة

(١) معارف القرآن صـ١٨٧ـ جلد ٨ (٢) سورة طـــــه آيت عـ٣٩ـ (٣) روح البيان صـ٢٠٦ـ جلد ٩

والسلام جي شان ۾ فرق نظر ايندو. (١) ٥. محدث ترمذي حضرت ابوهريرة رضي الله عنـه کان روايت آندي آهي تہ: جيڪو شخص ڪنهن مجلس ۾ ويٺو ۽ اتي ان جو گهڻ وڌ ڳالهائڻ گهڻو ٿيو پوءِ پنهنجي مجلس مان اٿڻ کان اڳي "سُبْحَانَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمْدِكَ اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰـهَ اِلَّآ اَنْتَ اَسْتَغْفِرُكَ وَاَتُوْبُ اِلَيْكَ" چيائين تہ ان مجلس ۾ ان کان جيڪي گناهہ ٿيا هوندا الله تعالىٰ بخش ڪري ڇڏيندو محدث مسلم حضرت سيده عائشـه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ سيدنا رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن فرمـايو "رَكْعَتَا الْفَجْرِ خَيْرٌ مِّنَ الدُّنْيَا وَمَافِيْهَا" (٢) فجر جي نماز واريون ٻہ رڪعتون دنيا کان ۽ جيڪو ان ۾ آهي ان کان ڀليون آهن.

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاجز سورة "الطور" جو تفسير اڄ بموٴرخہ ١٢ ذوالحج ١٤٢٥ع الموافق ٢٠٠٥.١.٥ع آچر جي ڏينهن صبح جو بوقت ٩ لڳي ١٩ منٽن تي پنهنجي گهر ۾ لکي پورو ڪيو ڪريم رب جي ڪرم ۾ اميد آهي تہ اهو باقي رهيل تفسير بہ جلد کان جلدلکڻ جي سعادت نصيب فرمائيندو. آمين يا الـه العالمين بجاه النبى الامى العربى الامين عليـه وعلىٰ آلـه واصحابـه التسليمات والتكر يمات الىٰ يوم الدين.



(١) روح المعاني صـ جزءُ ٢٧ جلد ٩ (٢) ضياءُ القرآن صـ٦٥٩ـ جلد ٤

سورة "النَّجۡمِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ ھي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة پاڪ جو نالو "اَلنَّجۡمِ" آهي جيڪو هن جو پهريون ڪلمو آهي.

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه، حضرت عبدالله ابن عباس ۽ حضرت ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته سُوۡرَةُ "النَّجۡمِ" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (١)

نزول جو زمانو: هن سورة جي نزول جي زماني جي متعلق هڪ قول هي آهي ته اها اظهار نبوت جي پنجين سال رمضان المبارڪ ۾ نازل ٿي ۽ انهن ان جو دليل هي ڏنو آهي ته جڏهن هيءَ سورة نازل ٿي ته نبي مڪرم، محبوب معظم صلي الله عليه وسلم جن بيت الله شريف جي حرم پاڪ اندر عام مجمع ۾ ان جي تلاوت ڪرڻ فرمائي ۽ جڏهن ان جي آخري آيت "فَاسۡجُدُوۡا لِلّٰهِ وَاعۡبُدُوۡا" تلاوت ڪئي ته پاڻ سجدو ڪيائون ۽ جيڪي اتي مسلمان توڙي ڪافر موجود هئا انهن به سجدو ڪيو ۽ ان جي ڪري اها ڳالهه عام ٿي وئي ته مڪه مڪرمه جا رهاڪو سڀ مسلمان ٿي ويا تانجو اها ڳالهه حبش ڏانهن هجرت ڪري ويندڙن مسلمانن تائين به پهتي جيڪي رجب مهيني ۾ هجرت ڪري اتي پهتا هئا ان ڳالهه ٻڌڻ سان انهن جي خوشيءَ جي انتها نه رهي پوءِ انهن مان ڪي ته اتي رهي پيا پر ڪجهه هجرت ڪري ويندڙن فيصلو ڪيو ته پلو آهي ته اهي واپس وڃن ۽ اهي شوال مهيني ۾ واپس مڪه مڪرمه ۾ آيا اتي پهچڻ کان پوءِ ڏٺائون ته ساڳيو ڪفر ۽ شرڪ جو انڌيرو ڇانيل هو ۽ مسلمانن تي اڳئين حال موافق ظلم ۽ ستم جا جبل ٽٽي رهيا هئا. هاڻي انهن جي لاءِ ان کان سواءِ ڪو رستو نه رهيو ته اهي ڪافرن مان ڪنهن ڪافر جي پناهه وٺي مڪه مڪرمه ۾ رهڻ يا اهڙي طرح لڪي واپس ٿين جو ڪنهن ڪافر کي انهن جي واپسيءَ جي خبر نه پوي.

٢. قول هي آهي ته هن سورة جا مضمون ان ڳالهه جي ترديد ڪن ٿا ته ان جو نزول اظهارِ نبوت جي پنجين سال ۾ ٿيو هجي ڇو ته هن سورة جي ابتدائي آيتن ۾ معراج النبي صلى الله عليه وسلم جو ذڪر آهي خاص ڪري "عِنۡدَ سِدۡرَةِ الۡمُنۡتَهٰى عِنۡدَهَا جَنَّةُ الۡمَاۡوٰى" هي ٻئي آيتون ان امر تي قطعي دلالت ڪن ٿيون ته هن جي ابتدائي حصي ۾ ان احوال جو بيان آهي جيڪي معراج ۾ پيش آيا ڇو ته روايتن جي اختلاف جي باوجود ته اتي جبريل عليه السلام کي اصلي صورت ۾ ڏٺائون يا مالڪ مٿي جو ديدار

(١) الدرالمنثور صـ٦٣٩ـ جلد ٧

ڪيائون اهو ڏسڻ هر حال ۾ سدرة المنتهىٰ واري مقام تي ٿيو ۽ سدرة المنتهىٰ تي حضور پرنور عليـــه الصلواة والسلام جن جي تشريف آوري معراج واري رات تي ٿي هئي ان ڪان اڳي نہ ٿي هئي ۽ معراج شريف جي متعلق محدثن جو اتفاق آهي تہ اهو حضرت حبيب ڪريم عليـه التحيـــة والتسليم جن جي هجرت ڪان هڪ سال يا ڏيڍ سال اڳي واقع ٿيو هو ان جي ڪري اظهار نبوت کان پوءِ يارهين سال جي قريب واري واقعي جو جنهن سورة ۾ ذڪر آهي ان جو نزول پنجين سال ۾ ڪيئن ٿي سگهندو؟ پيو تہ مشهور ۽ معروف سيرت نگار علامـــه ابن هشام اصحابن سڳورن جي طرفان مڪـــه مڪرمـه وارن جي مسلمان ٿيڻ جي خبر ٻڌي واپس ٿيڻ وارو احوال لکيو آهي پر ان ۾ انهيءَ نہ اهو ذڪر ڪيو آهي تہ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جي طرفان سورة النجم جي تلاوت دوران ڪافرن بہ سجدو ڪيو هو ان سبب جي ڪري اها ڳالهہ حبش ڏانهن هجرت ڪري ويندڙن مسلمانن تائين پهتي هئي ۽ نہ ان انهن مهاجرن جي واپسيءَ لاءِ پنجين سال جي شوال مهيني جو تعين ڪيو آهي جيڪڏهن هيءَ روايت توجـه جي قابل هجي ها تہ علامـه مذڪور ان جو ذڪر ڪري ها. اهڙي طرح امام احمد بن حنبل عليـه الرحمـة پنهنجي مسند ۾ ام المومنين ام سلمـــه رضي الله عنها کان حبش ڏانهن هجرت ڪندڙن جو تفصيل سان احوال بيان ڪيو آهي ان ۾ بہ اهو ذڪر ناهي حديث جي فن جي امام، حضرت امام محمد بن اسماعيل بخاري عليـه الرحمـــة حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان هيءَ روايت نقل ڪئي آهي تہ: جڏهن سورة "اَلنَّجْمِ" نازل ٿي تڏهن حضور عليـه الصلواة والسلام جن بيت الله شريف واري حرم شريف جي صحن ۾ هڪ وڏي عام مجمع ۾ ان جي تلاوت ڪرڻ فرمائي. سجدي واري آيت تلاوت ڪرڻ کان پوءِ حضور پرنور عليـــه الصلواة والسلام جن پاڻ تہ سجدو ڪيو پر اتي موجود مسلمانن ۽ ڪافرن بہ سجدو ڪيو انسانن سان جن بہ شامل هئا ان روايت ۾ بہ نہ حبش ڏانهن هجرت ڪري ويندڙن مهاجرن جي واپسيءَ جو ذڪر آهي نہ پنجين سال جو اهڙي طرح پين دليلن مان بہ ثابت آهي تہ سورة النجم جي نزول لاءِ پنجون سال مقرر ڪرڻ قطعي طرح صحيح ناهي. بلاشڪ حبش ۾ اها ڳالهہ هلي وئي هئي تہ مڪـه مڪرمـــه جا رهاڪو مسلمان ٿيا آهن پر ان جو وجـــه هي هو جو بہ اهڙيون شخصيتون مسلمان ٿيون هيون جن جي قوت، شجاعت ۽ هيبت کان سمورا مڪـــه مڪرمـــه وارا ڏجندا هئا. ١. سيدنا حمزه ٢. سيدنا عمر رضي الله عنهما. انهن جي مسلمان ٿيڻ سان مسلمانن جي همت افزائي ٿي ۽ اهي کليل طرح بيت الله شريف جي حرم ۾ باجماعت نماز پڙهندا ۽ عبادت ڪندا هئا. ان

خوشي بخشيندڙ تبديليءَ جي ڪري اها ڳالهه اردگرد قبيلن ۾ مشهور ٿي وئي هئي تہ مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو مسلمان ٿي ويا آهن ۽ اها ڳالهہ حبش جي مهاجرن بہ ٻڌي ۽ حبش ۾ بہ ان وقت گهرو ويڙهہ جا شعلا ٻري رهيا هئا حبش جي بادشاهہ نجاشيءَ جي خلاف بغاوت جو سلسلو شروع ٿي چڪو هو انهن وجهن جي ڪري هجرت ڪري ويندڙن مسلمانن مڪہ مڪرمہ ڏانهن واپس ورڻ جو عزم ڪيو پر جڏهن اهي مڪہ مڪرمہ ۾ پهتا تہ اتي جون حالتون انهن جي توقعات جي خلاف هيون ان جي ڪري ڪي ڪنهن جي پناهہ وٺي لڪي رهي پيا تہ گهڻا وري واپس حبش هليا ويا. شيخ ابوزهرة سيرت تي لکيل پنهنجي ڪتاب "خاتم النبيين" ۾ ان متعلق جيڪو لکيو آهي ڏسڻ ۽ پڙهڻ جهڙو آهي.

مضمون: هن سورة ۾ سڀ کان اول انهن الزامن جي ترديہ ڪئي وئي آهي جيڪي ڪافرن حضرت نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام تي لڳايا هئا پهرين آيتن ۾ قسم سان انهن الزامن جي ترديد فرمايل آهي. "مَاضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَاغَوٰى" ۽ ان سان گڏوگڏ هي بہ بيان ٿيو تہ نہ اهو پاڻ هي آيتون ٺاهي ٿو ۽ نہ ٻڌي ٻڌل ڳالهہ ڪري ٿو بلڪ جنهن ذات ان ڪي هي ڪلام بلاغت نظام پڙهايو آهي ان جو پاڻ ديدار بہ ڪيو اٿن ڳالهہ ٻڌڻ تائين محدود نہ بلڪ ڏسڻ تائين پهتل آهي ان جي ڪري ڪافرن جو ان جي متعلق جهيڙو ڪرڻ عقل کان تمام گهڻو پري آهي ان کان پوءِ ڪافرن کي خطاب ڪندي فرمايو ويو آهي تہ جن عقيدن ۽ نظرين تي اوهان چنبڙي بيٺا آهيو انهن جو بنياد وهم ۽ گمان کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي انهن جي حقانيت ثابت ڪرڻ جي لاءِ اوهان وٽ نہ عقلي دليل آهي نہ نقلي. اوهان پنهنجي نفس جي خواهشات کان ايترو مغلوب آهيو جو اهو اوهان کي جيئن چوي ٿيئن ڪيو ٿا اوهان انهن ڳالهين جي متعلق سوچڻ لاءِ بہ تيار ناهيو جو حق ۽ سچ کي وهم ۽ گمان سان رد ڪري ڇڏيو. اوهان جي سلامتي ان ۾ آهي تہ اوهان نفس جي انڌي پيروي ڇڏي حق جي واٽ وٺو انهن سڀني ڳالهين جي هوندي ڪافر پاڻ کي هدايت وارو سمجهندا هئا ۽ ائين چوندا هئا تہ جيڪو سندن واٽ تي ناهي اهو ڀليل آهي. سورة ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ الله عزوجل ئي ڄاڻي ٿو تہ ڪير ڪهڙي حال ۾ آهي ڪير گمراهہ آهي ۽ ڪنهن جي دل پرنور آهي ان کان پوءِ ڪجهہ اهڙا احڪام ذڪر ڪيا ويا آهن جيڪي قرآن ڪريم جي نزول کان هزارين سال پهريان نازل ٿيڻ وارن صحيفن ۾ مندرج هئا جيڪي حضرت ابراهيم ۽ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام تي نازل ٿيا هئا تانت اهل مڪہ جيڪي ابراهيمي نسبت تي فخر ۽ ناز ڪندا هئا انهن کي معلوم ٿئي

تہ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن کو نئون دين ڪٽي نہ آيا آهن بلڪ پاڻ ان سچي دين ڏانهن سڏي رهيا آهن جن ڏانهن اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام سڏيو هوخصوصًا حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جنهن جو اوهان اولاد آهيو جن جي تعمير ڪيل ڪعبہ جي مجاوريءَ جي باعث اوهان جتي بہ وڃو ٿا تہ ماڻهو عقيدت جي بنياد تي اوهان جي واٽن تي اکيون وڇائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا آخر ۾ تنبيہ ڪئي وئي آهي تہ انهن سچائين جو انڪار ڪرڻ وارا اوهان پهريان ناهيو اوهان ڪان اڳي بہ ڪيترين بدنصيب قومن انهن جي مڃڻ ڪان انڪار ڪيو نتيجو اهو نڪتو تہ اهي تباهہ ڪيون ويون. جيڪڏهن اوهان بہ اهو رستو ورتو تہ ٻڌي ڇڏيو ان جو نتيجو بہ مختلف نہ هوندو. ان نصيحت سان هن سورة جي پڄاڻي ٿي رهي آهي تہ اي مڪہ مڪرمہ جا رهڻ وارا! الله عزوجل جو ڪلام ٻڌي اوهان غرور نہ ڪيو اهي مهلت جون گهڙيون ختم ٿيڻ واريون آهن پوءِ افسوس ڪرڻ سان ڪجهہ حاصل نہ ٿيندو اوهان جي نجات ان ۾ آهي تہ سيني باطل معبودن کي ڇڏي حقيقي خالق ۽ سچي معبود جي اڳيان سربسجود رهو ان جي عبادت ڪيو.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ مناسبت: هن سورة جو اول اڳيئن سورة سان لفظي ۽ معنوي مناسبت رکي ٿو لفظي هن طرح جو ان جي آخر ۾ "وَإِدْبَارَ النُّجُومِ" هو ۽ هن جي اول ۾ "وَالنَّجْمِ" آهي ۽ معنوي هن طرح جو اڳيئن سورة ۾ "فَسَبِّحْهُ" تسبح پڙهڻ جو حڪم هو ۽ هن ۾ ان جي بدلي طور سندن ضلالت ۽ غوايت (گمراهيءَ) ڪان پاڪ هجڻ بيان ڪيل آهي.(١) مناسبت جا اهڙا ٻيا بہ ڪيترا وجہ آهن جيڪي غور سان پڙهندڙ جي اڳيان واضح ٿين ٿا. (٢)

ڀلايون ۽ برڪتون: هيءَ پهرين سورة آهي جنهن جو رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن مڪہ مڪرمہ ۾ اعلان فرمايو هو ۽ اها ئي پهرين سورة آهي جنهن ۾ سجدي واري آيت نازل ٿي ۽ حضرت نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن تلاوت ڪري تلاوت جو سجدو ڪيو ۽ ان سجدي ۾ هڪ عجيب صورت هيءَ پيش آئي جو حضور عليہ الصلواة والسلام جن هيءَ سورة هڪ عام مجمع ۾ تلاوت ڪئي جنهن ۾ مسلمان ۽ ڪافر سڀ شريڪ ٿيا هئا جڏهن پاڻ تلاوت جو سجدو ڪيائون تہ مسلمانن نہ سجدو ڪيو پر مشرڪن بہ سجدو ڪيو صرف هڪ شخص اميہ يا ابولهب مٽيءَ مان مٺ ڀري پيشانيءَ تي هڻئي ۽ سجدو نہ ڪيو ۽ اهو ڪفر جي حالت ۾ مري ويو. (٣)

(١) اللباب صـ١٥٥ـ جلد ١٨ (٢) روح المعاني صـ٤٤ـ جزءُ ٢٨ جلد ٩ (٣) (ساڳيو حوالو) معارف القرآن صـ١٩٣ـ جلد ٨

وَهِيَ اثْنَانِ وَسِتُّوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ النَّجْمِ مَكِّيَّةٌ	وَثَلَاثُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها (٦٢) آيتون	سورة النجم مڪيه آهي	۽ (٣) رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

وَالنَّجْمِ اِذَا هَوٰى (١) مَاضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَاغَوٰى (٢) وَمَا يَنْطِقُ

قسم آهي تاري جو جڏهن هيٺ لٿو نہ ڀليو ساٿي اوهان جو ۽ نہ بي راهہ هليو ۽ نہ تہ ڳالهائي

عَنِ الْهَوٰى (٣) اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى (٤) عَلَّمَهٗ شَدِيْدُ الْقُوٰى (٥)

خواهش نفس جي سان ناهي اهومگروحي جيڪووحي ڪيو وڃي ٿوسيکاريو ان کي سخت طاقت واري

ذُوْمِرَّةٍ فَاسْتَوٰى (٦) وَهُوَ بِالْاُفُقِ الْاَعْلٰى (٧) ثُمَّ دَنٰى فَتَدَلّٰى (٨)

زور واري پوءِاستواء فرمايائين ۽اهوطرف مٿاهين تي آهي ان ڪان پوءِ ويجهو ٿيوپوءِاچان وڌيڪ ويجهو ٿيو

فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى (٩) فَاَوْحٰٓى اِلٰى عَبْدِهٖ

پوءِ ٿيو قدر ٻن ڪمانن جو يا اچان وڌيڪ ويجهو پوءِ وحي ڪيائين پنهنجي ٻانهي ڏانهن

مَآ اَوْحٰى (١٠) مَاكَذَبَ الْفُؤَادُ مَارَاٰى (١١) اَفَتُمٰرُوْنَهٗ عَلٰى مَايَرٰى (١٢)

جيڪووحي ڪيائين نہ ڪوڙو ڄيودل جيڪر ڏٺائين ڇاپوءِ جهيڙوڪيو ٿاان سان ان تي جيڪوڏسوٿا

وَلَقَدْرَاٰهُ نَزْلَةً اُخْرٰى (١٣) عِنْدَ سِدْرَةِ الْمُنْتَهٰى (١٤) عِنْدَهَا جَنَّةُ

۽ البت تحقيق ڏٺائين ان کي ٻيرو ٻيو سدرة منتهیٰ وٽ ان وٽ جنت

الْمَاْوٰى (١٥) اِذْ يَغْشَى السِّدْرَةَ مَايَغْشٰى (١٦) مَازَاغَ الْبَصَرُ وَمَاطَغٰى (١٧)

الماویٰ آهي جڏهن ڇانئجي ويو سدرة تي جيڪو ڇانئجي ويو نہ ترڙي اک ۽ نہ حد کان وڌي

لَقَدْرَاٰى مِنْ اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى (١٨)

البت تحقيق ڏٺائين پنهنجي رب جون وڏيون نشانيون

تفسير

اڳيئن سورة جي پڇاڙيءَ وارين آيتن ۾ تارن جو ذڪر هو ۽ هتي به تاري جي قسم کڻڻ سان ارشاد ٿي رهيو آهي "وَالنَّجْمِ اِذَا هَوٰى" قسم آهي تاري جي جڏهن هيٺ لٿو. "اَلنَّجْمِ" مطلق تاري کي چوندا آهن ۽ ان مان ڪتي سڏجڻ وارا تارا مراد وٺڻ به عرب ۾ مروج آهي هتي ٻئي معنائون مراد وٺي سگهجن ٿيون. "هَوٰى" هي مادو ٻن بابن ۾ استعمال ٿيندو آهي. ١. علم يعلم جي باب کان هَوِىَ يهوى. ان وقت ان جي معنىٰ محبت ڪرڻ هوندي آهي هوا احبـه. ٢. ضرب يضرب، هواى يهوى ان صورت ۾ ٻڻ هوىُ الشىء چوندا آهن ۽ جڏهن ڪا شيءِ هيٺ کان مٿي وڃي ته به هوي يهوي هويًا ٿيندي ۽ بلند ٿيڻ جي معنىٰ وٺبي ته ٻوءِ چئبو هوى يهوى هويًا تارو رات جي انڌيري ۾ روشني ڪندو آهي. فضا کي پنهنجي چمڪارن سان حسن ۽ زينت بخشيندو آهي. منجهندڙ مسافر تارن جي ڏسڻ سان ئي پنهنجي منزل جي طرف جو تعين ڪندا آهن آسمان جي وچ هجڻ وقت تارو رهنمائي نه ٿو ڪري سگهي ان جي ڪري هتي صرف تاري جي قسم کڻڻ تي اڪتفا ناهي پر ان جي خاص خاص حالت جو جڏهن اهو لهي يا ايري مٿي اڃي قسم ڪنيو ويو آهي ڇو ته ان جي رهنمائيءَ جو فائدو ان وقت حاصل ٿئي ٿو. (١) حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنـه فرمايو ته نجم نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام (جي صفت) آهي ۽ لهڻ مان مراد سندن معراج واري رات آسمان کان لهڻ آهي ۽ ان مانْ سندن آسمان تي منتهي الاين تائين چڙهي وڃڻ به مراد وٺڻ جائز آهي. (٢) "مَاضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَا غَوٰى" (اوهان جو ساٿي نه حق جي واٽ کان ٿڪيو ۽ نه بي راهه هليو) هي مذڪور قسم جو جواب آهي. آيت ۾ذڪر ڪيل "صَاحِبُكُمْ" مان مراد نبي ڪريم عليـه الصلواة والسلام جن آهن صاحب جي معنيٰ سردار به آهي ته مالڪ به آهي چوندا آهن "صاحب البيت" گهر جو مالڪ ۽ ان جي معنىٰ ساٿي ۽ رفيق به آهي پر صاحب صرف اهڙي ساٿي کي سڏيندا آهن جنهن جي رفاقت ۾ ساٿ گهڻو هجي. "ضل" ضلال کان ورتل آهي. "الضلال العدول عن الطريق المستقيم ويضاده الهدٰيـة ويقال الضلال لكل عدول عن المنهج عمدًا كان اوسهوًا يسيرًا كان اوكثيرًا" يعني سڌي رستي کان منهن ڦيرائڻ ضلال آهي ان جو ضد هدايت آهي ۽ حق جي رستي کان مهن موڙڻ عمداً هجي يا سهوًا ٿورو هجي يا گهڻو ان کي ضلال چوندا آهن. "غوى" غى کان ورتل آهي غى اها جهالت آهي جيڪا باطل ۽ فاسد عقيدي جي ڪري ٿيندي آهي. (٣) نبي پاڪ عليـــه الصلواة

(١) ضياءُ القرآن صـ٩ـ جلد ٥ (٢) روح المعاني صـ٢٥ـ جزءُ ٢٧ جلد (٥) ضياءُ القرآن صـ١٠١،١١ـ جلد ٥

الصلواة والسلام جن جي طرفان اسلام جي دعوت ٻڌي ڪافر حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جي لاءِ چوڻ لڳا تہ ”گمراهہ ٿيو آهي پنهنجي قوم جو رستو ڇڏي ڏنو اٿس“ الله عزوجل قسم کڻي انهن جي ترديد ڪئي آهي تہ محبوب عليـــه الصلواة والسلام جي قول، عمل ۽ ڪردار ۾ گمراهيءَ جو نالو ۽ نشان بہ ناهي ۽ نہ ان جي عقيدي ۾ ڪا غلطي آهي ۽ ”صَاحِبُكُمْ“ فرمائي نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن جي پاڪ زندگيءَ جو ڪتاب سندن اڳيان کولي رکيو ويو آهي يعني هي نبي عليـــه الصلواة والسلام ڪو پرديسي ناهي جو اوهان ان جي حال کان بي خبر آهيو هن پنهنجي پاڪ زندگيءَ جا چاليهہ سال اوهان ۾ رهندي گذاريا آهن اوهان ان جي حياتيءَ جي هر پهلوءَ کان بخوبي واقف آهيو جڏهن ان جي ساري حياتي پاڪ ۽ صاف آهي تہ پوءِ اوهان ان کي ڇو نہ ٿا مڃيو؟ ”وَمَا يَنۡطِقُ عَنِ الۡهَوٰىؕ“ (۽ نہ ٿو ڳالهائي (نفس جي) خواهش سان) هن سان پهرين آيت جي وڌيڪ تائيد ڪئي وڃي ٿي. يعني گمراهي ۽ باطل عقيدي تي رهڻ تہ پري ٿيو پر اهو نفس جي خواهش سان پاڪ چپ بہ نہ ٿو چوري. ”اِنۡ هُوَ اِلَّا وَحۡىٌ يُّوۡحٰىۙ“ (ناهي اهو مگر وحي جيڪو وحي ڪيو وڃي ٿو) ”هو“ ضمير آهي قرآن ڪريم ڏانهن وريءَ ٿو جيڪو ”وَمَا يَنۡطِقُ عَنِ الۡهَوٰى“ مان مفهوم آهي هيءَ آيت هڪ سوال جو جواب آهي يعني جڏهن نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن پنهنجي خواهش سان نہ ٿا ڳالهائن تہ پوءِ جيڪو ڪلام ماڻهن کي پڙهي ٻڌائن ٿا اهو ڇا آهي؟ ان جي جواب ۾ ارشاد ٿيو تہ هي تہ الله عزوجل جي طرفان وحي ڪيو وڃي ٿو ۽ پاڻ بعينہ اهو اهڙي طرح ماڻهن کي پڙهي ٻڌائن ٿا ان ۾ وار جيتري بہ ردو بدل ڪو نہ ٿا ڪن ۽ نہ اهو ممڪن آهي ۽ بعض علماءَ فرمايو تہ ”هو“ جي مرجع صرف قرآن ڪريم ناهي بلڪ قرآن ڪريم ۽ جيڪا بہ ڳالهہ حضور عليـه الصلواة والسلام جن جي پاڪ زبان فيض ترجمان مان نڪري ٿي اهو سڀ وحي آهي وحي جا ٻہ قسم آهن. ١. جڏهن ڪلما ۽ معنائون سڀ الله عزوجل جي طرفان نازل ٿيل هجن تہ ان کي وحي جلي چوندا آهن جيڪو قرآن پاڪ جي صورت ۾ اسان وٽ موجود آهي. ٢. معنائن جو نزول تہ الله عزوجل جي طرفان هجي پر الفاظ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جي طرفان هجن تہ ان کي وحي خفي سڏيندا آهن جيئن نبوي حديثون (١) (علىٰ قائلها الصلواة والسلام) امام احمد حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله عنـــه کان روايت آندي آهي تہ مان جيڪو بہ قول حضور عليـــه الصلواة والسلام جن کان ٻڌندو هوس اهو ياد ڪرڻ جي ارادي سان لکندو هوس پوءِ مون

(١) ضياءُ القرآن صـ١٠١١ـ جلد ٥

کي قريشين روکيو تہ: تون جيکو ڪجهہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن کان ٻڌين ٿو لکين ٿو. رسول الله صلی الله عليه وسلم جن انسان آهن ناراضگيءَ جي حالت ۾ بہ ڳالهائن ٿا. پوءِ مون پاڻ کي لکڻ کان روکيو ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي اهو عرض کيو پاڻ فرمايائون تہ "لکندو رهہ مون کي ان (الله عزوجل) جو قسم آهي جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ مون کان صرف حق ظاهر ٿيندو آهي" (١) "عَلَّمَهٗ شَدِيْدُ الْقُوٰى" (سيکاريائين ان کي سخت طاقتور واري) هن آيت کان وٺي "مِنْ اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى" تائين آيتن جي تفسير ۾ مفسرن جا مختلف اقوال آهن. ١. عام مفسرن جو قول آهي تہ "شَدِيْدُ الْقُوٰى" مان مراد جبريل امين آهي ان حضور عليه الصلواة والسلام جن کي قرآن ڪريم سيکاريو اهو سخت قوت ۽ طاقت وارو آهي جيکو اک ڇنڀ ۾ سدرة المنتهٰى کان زمين تي پهچي ٿو اهو ئي وحي جي ڳري بار کي کڻي ٿو انهيءَ حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم جي ڳوٺن کي پاڙن کان پٽي مٿي کڻي هيٺ سٽيو هو "ذُوْمِرَّةٍ" (زور واري) "مرة" اصل ۾ رسيءَ کي وٺي مضبوط ڪرڻ کي چوندا آهن ۽ اهو لفظ جسماني ۽ ذهني ٻنهي قوتن جي لاءِ استعمال ٿيندو. آهي انِ جي ڪري حڪيم ۽ داناءَ کي بہ "ذومرة" سڏيندا آهن. (٢) "شَدِيْدُ الْقُوٰى" مان حضرت جبريل عليه السلام جون جسماني قوتون مراد آهن ۽ "ذومرة" مان ان جون ذهني ۽ عقلمنديءَ واريون طاقتون مراد آهن بيشڪ جيڪا هستي سيني نبين ڀلارن عليهم الصلواة والسلام ڏانهن وحي کڻي نازل ٿئي ٿي ۽ پوري ديانتداري سان ان امانت کي ادا ڪري ٿي ان جي دانشمندي ۽ عقلمندي هجڻ ۾ ڪنهن کي شڪ ناهي. "فَاسْتَوٰى" پوءِ استواءُ فرمايائين ان جو فاعل بہ جبريل امين آهي مطلب تہ جبريل امين پنهنجي ان حقيقي صورت سان ظاهر ٿيو جنهن تي الله عزوجل ان کي پيدا فرمايو هو اهو سندن اڳيان پنهنجي اصل صورت ۾ ظاهر ٿئي. اهو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي نبوت کي ظاهر ڪرڻ جو پهريون زمانو هو پاڻ غار حراءَ کان ٻاهر تشريف فرما هئا تہ اوڀر طرف کان جبريل عليه السلام اصلي صورت ۾ ڇهہ سوءُ (٦٠٠) پرن سان ظاهر ٿيو سندس وجود سان آسمان جا پاسا پرجي ويا حالانڪ اڃان پاڻ پنهنجي ڇهہ سوءُ پرن مان صرف ٻہ پر کوليا هيائين انبياءَ ڪرام عليهم الصلواة والسلام مان صرف نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ان کي اصلي صورت ۾ ڏٺو آهي. "فَاسْتَوٰى" جو هڪ ٻيو مطلب بہ مراد ورتو ويو آهي يعني قرآن ڪريم جبريل حضور عليه

(١) المراغي صـ٣٥ـ جزءُ جلد ٩ (٢) القرطبي صـ٨٦ـ جلد ٧

الصلواة والسلام جن کي سيکاريو پوءِ ان سندن پرنور سيني ۾ قرار ورتو. هاڻي ان ۾ پلجڻ جو امکان ئي نہ رهيو. (١) "وَهُوَ بِالْاُفُقِ الْاَعْلٰى" (۽ اهو مٿاهين پاسي تي هو) هتي "هو" جي مرجع بہ جبريل امين آهي افق ان پاسي کي چوندا آهن جتي آسمان ۽ زمين هڪ ٻئي سان ملندڙ نظر ايندا آهن. اعلىٰ، نهايت، بلند مطلب تہ جبريل سڳورو آسمان جي اوپر واري پاسي تي جتان سج ايرندو آهي پنهنجي اصلي شڪل ۾ ظاهر ٿيو. "ثُمَّ دَنٰى فَتَدَلّٰى" (تنهن کان پوءِ ويجهو ٿيو پوءِ اڃا وڌيڪ ويجهو ٿيو) يعني جبريل عليه السلام پنهنجي اصلي جاءِ سان تعلق رکڻ جي باوجود هيٺ ٿيو ۽ حضور عليه الصلواة والسلام کي قريب ٿيو. "فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْاَدْنٰى" (پوءِ ٻن ڪمانن جي قدر جيترو بلڪ اڃان وڌيڪ ويجهو ٿيو) يعني جبريل نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي ايترو قريب ٿيو جو سندن وچ ۾ ٻن ڪمانن يا ٻن هٿن جيترو فاصلو رهيو. "فَاَوْحٰى اِلٰى عَبْدِهٖ مَا اَوْحٰى" (پوءِ پنهنجي ٻانهي ڏانهن وحي ڪيائين جيڪو وحي ڪيائين) "عبده" ۾ "ٖه" (ضمير الله عزوجل ڏانهن وري ٿو) مطلب تہ جبريل سڳوري کي پاڻ اکين مبارڪن سان ڏٺائون ۽ سندن دل مبارڪ ان کي کوڙو نہ چيو بلڪ دل بہ اها ڳالهہ تسليم ڪئي تہ اکين واقع ۾ جبريل کي ڏٺو آهي حضور عليه الصلواة والسلام جي پاڪ اکين ڪا غلطي نہ ڪئي آهي. "اَفَتُمٰرُوْنَهٗ عَلٰى مَا يَرٰى" (ڇا پوءِ اوهان ان سان ان جي متعلق جهيڙو ڪيو ٿا جيڪو ڏسي ٿو) يعني وحي موڪلڻ وارو الله عزوجل آهي وحي آڻڻ وارو ملائڪ جنهن جي صورت ۽ سيرت نهايت پاڪيزه ۽ ان جي فهم ۽ حفظ وغيره جون قوتون بالکل ڪامل آهن ۽ اهو ايترو قريب ٿي وحي پهچائي ٿو جو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ان کي پنهنجين پاڪ اکين سان ڏسن ۽ سندن صاف ۽ پاڪ دل ان جي تصديق ڪري ٿي ڇا اوهان اهڙي ڳالهہ ۾ بہ ان سان جهيڙو ڪيو ٿا؟ ڇا اهو اوهان لاءِ مناسب آهي؟ (٢) "ولقدراه نزلة اخرىٰ عند سِدْرَةِ الْمُنْتَهٰى" (۽ البت ان کي ٻيو ڀيرو سدرة منتهىٰ، وٽ ڏٺائين) مطلب تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جبريل سڳوري کي ٻيو ڀيرو سدرة منتهىٰ وٽ معراج جي رات ڏٺو. "عِنْدَهَا جَنَّةُ الْمَاْوٰى" (ان وٽ جنة الماوىٰ آهي) ماوىٰ اسم ظرف جو صيغو آهي ان جاءِ کي چوندا آهن جتي انسان قرار وٺي آرام ڪري يعني اها جنت جنهن ۾ متقي ٻانها جاءِ وٺندا ان ۾ شهداءَ جا ارواح آرام پذير هوندا يا ان ۾ حضرت آدم ۽ سيده حوا آرامي ٿيا هئا حضرت شيخ اڪبر فرمايو تہ حضرت آدم جن ان مان هيٺ آندا ويا هئا ۽ اها هاڻي جبريل امين عليه السلام جو مقام آهي.(٣) "اِذْيَغْشَى السِّدْرَةَ

(١) ضياءُ القرآن ص۔١٢۔ جلد ٥ (٢) حاشيه عثمانيه ص۔٦٩٨۔ (٣) روح البيان ص۔٢٢٦۔ جلد ٩

مَايَغْشٰي " (جڏهن ڇانئجي ويو سدرة تي جيڪو ڇانئجي پيو) يعني انوار ۽ تجليات جي جنهن هجوم سدرة المنتهىٰ تي ڇانئجي ان کي ڍڪي ڇڏيو هو ان کي ڪير بہ بيان ڪري نہ ٿو سگهي ۽ ان جي حقيقت کي سمجهڻ جي ڪنهن ۾ طاقت آهي؟ جيئن اهو ذڪر ۽ بيان کان ماوراءَ آهي اهڙي طرح فهم ۽ ادراڪ جي پهچڻ کان بہ بالاتر آهي ان دلآويز منظر جي تصوير ڪڍڻ ان کان بغير ممڪن ناهي جو صرف هيئن چئجي "اِذْيَغْشَي السِّدْرَةَ مَايَغْشٰى " (جڏهن ڍڪي پيو سدره کي اهو جيڪو ڍڪي پيو) "مَازَاغَ الْبَصَرُ وَمَاطَغٰى " (نہ ترڙي اک ۽ نہ حد کان وڌي) مطلب تہ حضور پرنور عليـــه الصلواة والسلام جن جي نظر پاڪ پنهنجي مقصود جي ڏسڻ ۾ محو رهي هيڏي هوڏي، سڄي ڪهڙي ڪنهن بہ طرف مائل نہ ٿي ۽ نہ حد کان لنگهي. ٢. حضرت امام حسن بصري عليـــه الرحمـــة جو قول آهي جنهن جي ڪيترن مفسرن اقتدا ڪئي آهي ۽ اهو هي آهي تہ "عَلَّمَــهٗ" جو فاعل الله عزوجل آهي "شَدِيْدُ الْقُوٰى " ۽ "ذُوْمِرَّةٍ" الله تعاليٰ جون صفتون آهن مقصد تہ الله تعاليٰ جيڪو زبردست قوتن وارو، داناء آهي ان پنهنجي نبي عليـــه الصلواة والسلام کي قرآن ڪريم سيکاريو آهي جيئن "اَلرَّحْمٰنُ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ" (مان صراحت سان ثابت آهي) "فَاسْتَوٰى" جو فاعل نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام جن آهن مطلب تہ نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن قصد فرمايو جڏهن پاڻ معراج ڪرڻ جي دوران افق اعليٰ تي تشريف فرما ٿيا هئا ۽ پوءِ پاڻ مڪان جي سرحدن کان لنگهي لامڪان ۾ رب العزة جل وعلا کي قريب ٿيا ۽ اتي پهچڻ کان پوءِ "فَتَدَلّٰى" الله عزوجل کي ايترو قريب ٿيا جيترو ٻن ڪمانن جي ملائڻ ۾ قرب هوندو آهي بلڪ ان کان بہ وڌيڪ قريب ۽ ان قرب جي حال ۾ الله جلت صفاتہ پنهنجي محبوب نبي عليہ الصلواة والسلام ڏانهن جيڪو وحي ڪرڻ گهريو وحي ڪرڻ فرمايو ۽ ان وقت جيڪي صفاتي تجليات ۽ ذاتي انوار جو مشاهدو سندن پاڪ نگاهن ڪيو دل ان جي تصديق ڪئي ۽ اوهان جوهي جهيڙو تہ هي ڏٺائين اهو نہ ڏٺائين محض بي فائدو هو. ڏيکارڻ واري کي جيڪو ڏيکارڻو هو اهو ڏيکاري ڇڏيائين ۽ ڏسڻ واري بہ ان کي ڏوُ ڪري ڏٺو اوهان هرو ڀرو شڪ ڇو ٿا ڪيو؟ ۽ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن کي اهو ديدار واپس ٿيندي وري ٻيو ڀيرو بہ نصيب ٿيو هو ۽ اهو ٻيو ڀيرو ديدار جو شرف ڪين سدرة المنتهىٰ وٽ نصيب ٿيو هو ڪيترن مفسرن وٽ هي ٻيو قول ترجيح وارو آهي ان جا ڪيترا وجـه آهن. ١. تہ ٻانهي جي ٻانهي سان ملاقات کي ايتري اهتمام، تفصيل ۽ ڪيفيت پيدا ڪندڙ اسلوب سان بيان نہ ڪيو ويندو آهي جيڪڏهن هتي حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جي جبريل امين سان ملاقات بيان ڪرڻ مقصد

هجي ها تہ هڪ آيت ئي ڪافي هئي پر ڪشش ڪيفيت سان بيان ڪرڻ صاف ٻڌائي رهيو آهي تہ هتي عبد ڪامل جي پنهنجي معبود برحق سان ملاقات جو ذڪر آهي جتي هڪ طرف عشق آهي، نياز آهي ۽ سرجهڪائڻ آهي تہ ٻئي طرف حسن آهي شان صمديت آهي ۽ بنده نوازي جو شان ڪمال ڪيو بيٺو آهي حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جي جبريل سان ملاقات ۾ بہ وڏا فائدا هئا پر سندن جي لاءِ هزارين سعادتن جو باعث ۽ سندن فضيلت جو وجـــه فقط پنهنجي حقيقي محبوب جي ملاقات آهي ۽ ڪافرن جو بہ اهو اعتراض هو تہ جيڪو ڪلام پاڻ انهن کي پڙهي ٻڌائن ٿا هي الله عزوجل جو ڪلام ناهي يا تہ پاڻ ٺاهن ٿا يا ڪين کو اچي سيکاري ٿو. انهن جي ان قول جو رد هن طرح ٿيڻ گهرجي تہ هي ڪلام نہ پاڻ ٺاهيو اٿن نہ ڪين ڪنهن سيکاريو آهي بلڪ ڪين ان جي تعليم ڪائنات جي ان خالق ڏني آهي جيڪو وڏين طاقتن وارو، حڪيم ۽ داناء آهي ان ڪان سواءِ پهرئين قول تي مذڪوره آيتن ۾آيل ضميرن جي مرجع ۾ جيڪو انتشار ٿئي ٿو ڪو ضمير ڪيڏانهن تہ ڪو ڪيڏانهن ورايو وڃي ٿو ٻئي قول تي اهو انتشار بہ دفع ٿئي ٿو. جيڪڏهن ٻئي قول جي ترجيح وارا اهي سڀئي وجـــه نظر انداز ڪيا وڃن تہ اهي صحيح حديثون جن ۾ معراج جي واقعي جو بيان آهي اهي هن ٻئي قول جي مفهوم جي تائيد لاءِ ڪافي آهن هت صرف ٻن حديثن جو ڪجهہ حصو لکجي ٿو جن سان هنن آيتن جي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي. امام مسلم پنهنجي صحيح ۾ هڪ مفصل حديث روايت ڪئي آهي جنهنجو اهو حصو هتي لکجي ٿو جنهن سان ٻئي قول جي تائيد ٿئي ٿي. نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن معراج جو ذڪر ڪندي فرمايو "ثُمَّ ذُهِبَ بِيْ اِلَى السِّدْرَةِ الْمُنْتَهٰى فَاِذَا وَرَقُهَا كَاٰذَانِ الْفِيَلِ وَاِذَا ثَمَرُهَا كَالْقِلَالِ قَالَ فَلَمَّا غَشِيَهَا مِنْ اَمْرِاللهِ مَاغَشِيَ تَغَيَّرَتْ وَمَا اَحَدٌ مِّنْ خَلْقِ اللهِ يَسْتَطِيْعُ اَنْ يَّنْعَتَهَا مِنْ حُسْنِهَا فَاَوْحٰى اِلَيَّ مَا اَوْحٰى فَفَرَضَ عَلَيَّ خَمْسِيْنَ صَلٰوةً فِيْ كُلِّ يَوْمٍ وَّلَيْلَـةٍ فَنَزَلْتُ اِلٰى مُوْسٰى عَلَيْـــهِ السَّلَامُ فَقَالَ مَافَرَضَ رَبُّكَ عَلٰى اُمَّتِكَ قُلْتُ خَمْسِيْنَ صَلٰوةً قَالَ ارْجِعْ اِلٰى رَبِّكَ فَاسْئَلْـهُ التَّخْفِيْفَ" الخ. (١) يعني مون کي سدرة المنتهیٰ تائين وٺي ويو ان جا پن هاٿيءَ جي ڪنن جهڙا ۽ ان جا ميوا مٽن جهڙا هئا پوءِ سدرة منتهى کي الله جي امر سان ڪنهن شيءِ ڍڪيو تہ اها اهڙي سهڻي ٿي جو مخلوق مان ڪير بہ ان جي حسن ۽ جمال کي بيان ڪري نہ ٿو سگهي پوءِ الله مون ڏانهن وحي ڪيو جيڪو ان وحي ڪرڻ گهريو پوءِ الله مون تي هر رات ۽ ڏينهن ۾ پنجاهہ نمازون فرض ڪيون پوءِ مان موسیٰ عليـــه السلام ڏانهن لهي آيس

(١) صحيح مسلم ص۔٩١۔ جلد

ان چيو تہ الله اوهان جي امت تي ڇا فرض فرمايو؟ مون چيو تہ پنجاهہ نمازون ان جي مشوري سان حضور عليہ الصلواة والسلام جن نوَ (٩) ڀيرا رب العزة جي دربار ۾ ويا ۽ پاڻ سدرة المنتهىٰ تائين بہ اڪيلا ويا ڇو تہ "ذَهِبَ بِي" ۾ واحد متڪلم جو صيغو آهي ۽ ڪين جيڪو نماز لاءِ وحي ڪيو ويو ان لاءِ بہ فرمايائون مون ڏانهن منهنجي رب وحي ڪيو ان ۾ ۽ "فَاَوْحٰٓى اِلٰى عَبْدِهٖ مَآ اَوْحٰى" (۾ جيڪا مناسبت آهي اها بہ بيان ڪرڻ جي محتاج ناهي وحي ڪرڻ وارو الله تعالىٰ آهي تہ فرض ڪرڻ وارو بہ اهو آهي ۽ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام بہ ڪين الله عزوجل ڏانهن موٽڻ جو مشورو ڏنو هو نہ جبريل سڳوري ڏانهن. حضور عليـــہ الصلواة والسلام جن بار بار رب پاڪ ڏانهن موٽڻ جو ذڪر ڪن ٿا. "دَنٰى فَتَدَلّٰى فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى فَاَوْحٰٓى اِلى عبدهٖ ما اوحىٰ ماكذب الفوٴادُ مارای........... وَلَقَدْ رَاٰهُ نَزْلَـــةً اُخْرٰى" انهن پاڪ فرمانن تي جيترو غور ڪيو ويندو تہ ٻئي قول جي حقيقت واضح ٿيندي ويندي. مذڪور حديث جهڙي ٻي حديث بہ مسلم شريف (صـ٩٣ـ جلد ١) ۾ موجود آهي ان مان بہ اها مفهوم ملي ٿي جنهن ۾ بہ مذڪور آهي تہ نبي پاڪ عليـــہ الصلواة والسلام جن فرمايو الله مون تي پنجاهہ نمازون فرض ڪيون ۽ جڏهن مان موٽي (حضرت) موسىٰ على نبينا وعليـــہ الصلواة والسلام وٽ پهتس تڏهن ان مون ڪي (مشوري طور) چيو تہ اوهان الله عزوجل ڏانهن واپس وڃو. الخ. هن حديث پاڪ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ جنهن مقام ۾ اهي معاملا هليا اتي جبريل سڳورو موجود نہ هيو نہ اهو نمازن جي فرض هجڻ ۾ واسطو هو ۽ نہ انهن جي گهٽ ڪرائڻ ۾. هاڻي اوهان جي ذهن تي ٻڌل آهي تہ اوهان "عَلَّمَـــهٗ شَدِيْدُ الْقُوٰى" ڪان وٺي "مَازَاغَ البصرُ وَماطغٰى" تائين آيتن ڪي جبريل سڳوري تي منطبق ڪيو ٿا يا انهن واقعن ۽ حالات سان وابستہ رکو ٿا جيڪي رسول الله صلى الله عليـــہ وسلم جن بيان فرمايون آهن هن مقام تي مفسرن ڀلارن انهن آيتن جو تفسير ڪندي ڪيترا بحث لکيا آهن تہ ڇا حضور عليـــہ الصلواة والسلام جن ڪي معراج واري رات الله جلت صفاتـــہ جو ديدار نصيب ٿيو آهي يا نہ؟ ام المومنين سيده عائشـہ ۽ حضرت ابن مسعود رضى الله عنهما ۽ سندن پيروڪارن جو قول آهي تہ ڪين معراج واري رات ديدار نہ ٿيو آهي پر حضرت ابن عباس رضى الله عنهما ۽ ٻين اصحابن، تابعن ۽ انهن جي تحقيق تي هلندڙن جو قول آهي تہ رب العزة جل وعلا پنهنجي محبوب ڪريم عليـہ التحيـة والتسليم جڻ ڪي معراج واري رات پنهنجو ديدار ڪرايو هو.

حضرت نبی پاک علیہ الصلواۃ والسلام جن رب کریم جو دیدار کیو هو ؟

هن مسئلي ۾ ٻہ قول آهن. ١. تہ پاڻ رب العزة جل وعلا جو ديدار نہ ڪيو اٿن انهن جا هي دلائل آهن. ١. بخاري ۽ مسلم حضرت ابن مسعود رضي الله عنــه کان روايت آندي آهي تہ: "وَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْاَدْنٰى" ۽ "مَاكَذَبَ الفوٰاد مارَاٰى" ۽ "لَقَدْ رَاٰى مِنْ اٰيَاتِ ربــِّهِ الْكُبْرٰى" ۾ جبريل کي ڇهہ سوءِ پرن سان ڏسڻ مراد آهي. ٢. ترمذي ۽ بخارى جي روايت ۾ آهي تہ "لَقَدْرَاٰى مِنْ اٰيٰتِ رَبــِّهِ الْكُبْرٰى" جي متعلق حضرت ابن مسعود رضي الله عنہ فرمايو تہ نبي پاڪ عليــہ الصلواة والسلام جن سبزرنگ جي رفرف کي ڏٺو جيڪا آسمان جي مٿئين طرف کي ڀريو بيٺي هئي. ٣. ترمذيءَ سيده عائشــه رضي الله عنها کان وڏي روايت آندي آهي جنهن ۾ سيده جو فرمان آهي تہ: حضور صلي الله عليــہ وسلم جن جبريل کي سندس اصلي صورت ۾ ٻہ ڀيرا ڏٺو هڪ ڀيرو سدرة المنتهيٰ وٽ هڪ ڀيرو (مڪــہ مڪرمــہ شهر جي) اجياد نالي محلــہ ۾. ۴. امام مسلم مسروق جي روايت سان ٻہ مذڪوره ام المؤمنين رضى الله عنها جو اهڙو قول آندو آهي. انهن روايتن جو خلاصو هي آهي تہ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنہ جي راءِ هئي ۽ ام المومنين سيده عائشــہ رضى الله عنها تہ سخت موقف تي هئي تہ حضور عليــہ الصلواة والسلام جن رب العزة جل وعلا جو ديدار نہ ڪيو هو. ٢. ٻيو قول آهي تہ حضرت نبي ڪريم عليــہ الصلواة والسلام جن رب پاڪ جو ديدار ڪيو هو. انهن جا دلائل هي آهن ١. صحيح مسلم شريف ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهماکان روايت آهي تہ نبي پاڪ صلى الله عليــہ وسلم جن رب العزة جل وعلا جو دل جي اکين سان ٻہ ڀيرا ديدار ڪيو. ٢. محدث ترمذي روايت آندي آهي تہ (حضرت) محمد صلى الله عليہ وسلم پنهنجي رب کي ڏٺو عڪرمة ڪيس عرض ڪيو تہ ڇا الله عزوجل فرمايو ناهي؟ "لَاتُدْرِكُــهُ الْاَبْصَارُ وَهُوَيُدْرِكُ الْاَبْصَارَ" (اکيون ان جو ادراڪ نہ ٿيون ڪن ۽ اهو پاڻ اکين جو ادراڪ فرمائي ٿو) تہ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ان کي فرمايو افسوس تون سمجهيو ناهين اهو ان وقت آهي جڏهن اهو پنهنجي (حقيقي) نور سان تجلي فرمائي جيڪو سندس (ذاتي) نور آهي. نبي ڪريم عليــہ الصلواة والسلام جن پنهنجي رب کي ٻہ ڀيرا ڏٺو. حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمــة الله عليــہ لکيو آهي "ابن عمر هن مسئلــہ ۾ حضرت ابن عباس (رضي الله عنهم) ڏانهن" رجوع فرمائي ان کان پڇيو تہ "ڇا (حضرت) محمد (صلى الله عليــہ وسلم) پنهنجي رب کي ڏٺو؟" ان فرمايو تہ "پنهنجي رب کي ڏٺو هيائين"

پوءِ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما تسليم ڪيو ۽ قطعي طرح ان مسئلي ۾ تردد ۽ انڪار نہ ڪيائين (اشعة اللمعات ص ٤٣١ـ جلد ٤) ٤. علامه بدرالدين عيني صحيح بخاري جي شرح ۾ هي روايتون نقل ڪيون آهن ابن خزيمه قوي سند سان حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي رب جو ديدار ڪيو ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي صحبت ۾ رهندڙن ۽ ڪعب الاحبار، زهري ۽ ان جي صحبتي معمر جو بہ اهو قول آهي. محدث نسائي صحيح اسناد سان، جنهن کي حاڪم بہ صحيح چيو آهي عڪرمه کان ان ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ: "ڇا اوهان عجب ڪيو تا جو خليل جو شرف حضرت ابراهيم لاءِ هجي ۽ ڪليم جو شرف حضرت موسىٰ جي لاءِ ۽ ديدار (خداوندي جي دولت حضرت) محمد صلى الله عليه وسلم جي لاءِ هجي". محدث مسلم حضرت ابوذر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: مون رسول الله صلى الله عليه وسلم کان پڇيو تہ: "ڇا اوهان پنهنجي رب کي ڏٺو؟" پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ "نُوْرٌ اَنّٰى اَرَاهُ" هي لفظ ٻن نمونن سان پڙهيو ويندو آهي. ١. "نُوْرَانِيٌّ اَرَاهُ" الله عزوجل نور آهي مان ان کي ڪٿان تو ڏسان "نوراني اراه" اهو نور آهي بلاشڪ مان ان کي ڏسان تو. ان سان بہ ديدار ثيڻ جي تائيد ٿئي ٿي. صحيح مسلم شريف جي ان ئي صفحه تي هڪ روايت آهي. "عبدالله بن شقيق کان روايت آهي تہ مون (حضرت) ابوذر رضي الله عنه کي چيو تہ "ڪاش! جيڪڏهن مان رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کي ڏسان ها تہ کانئن پڇان ها" چيائين تہ ڪهڙي شيءِ پڇين ها؟ مون چيو تہ "مان کانئن پڇان ها تہ "ڇا اوهان پنهنجي رب کي ڏٺو هو؟" (حضرت) ابوذر فرمايو تہ مون حضرت نبي ڪريم عليه التحية والتسليم جن کان اهو پڇيو هو تہ پاڻ فرمايائون "رَاَيْتُ نُوْرًا" مون نور ڏٺو هو. اها روايت بہ ڏسڻ جي تائيد ڪري ٿي. عبدالرزاق معمر کان ان (حضرت) حسن بصري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ان قسم کڻي بيان ڪيو تہ "بيشڪ (حضرت) محمد (عليه الصلوٰة والسلام) (جن پنهنجي رب کي ڏٺو هو." (١) علامه ابن حجر عسقلاني عليه الرحمة روايت آندي آهي تہ مروزي امام احمد عليه الرحمة کان پڇيو تہ "چون ٿا تہ (سيده) عائشه (رضي الله عنها) فرمايو آهي تہ: جيڪو خيال ڪري ٿو تہ (حضرت) محمد (عليه الصلوٰة والسلام) پنهنجي رب کي ڏٺو ان الله تي وڏو بهتان هنيو" ان قول کي ڇا سان دفع ڪيو ويندو؟ تہ امام احمد عليه الرحمة فرمايو "ان کي حضور عليه الصلوٰة

(١) عمدة القاري ص ١٩٨ـ جزءُ ١٦

والسلام جي قول سان دفع ڪيو ويندو جو فرمايو اٿن "رَاَيْتُ رَبِّيْ" "مون پنهنجي رب کي ڏٺو." نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جو قول سيده عائشه رضي الله عنها جي قول کان وڌو آهي. (١) هي مختلف اقوال آهن جيڪي ديدار ڪرڻ جي قائلن جي طرفان دليل طور پيش ڪيا وڃن ٿا جن ۾ حضرت ابن عباس، حضرت ڪعب الاحبار حضرت انس ۽ حضرت ابوذر رضي الله عنهم جهڙا جليل القدر اصحاب سڳورا شامل آهن ۽ عروه بن زبير، حسن بصري ۽ عڪرمه عليهم الرضوان جهڙا عظيم تابعي داخل آهن ۽ حضرت امام احمد بن حنبل عليه الرحمة جو قول به لکي چڪا آهيون انهن جي فرمانن کان سواءِ ڪجهه حديثون به ذڪر ڪيون ويون آهن. انهن سڀني دليلن کي بيان ڪرڻ کان پوءِ صحيح مسلم شريف جي شارح علامه نووي عليه الرحمة لکيو آهي "ديدار جي ثبوت ۾ جڏهن حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان صحيح روايتون ثابت آهن ته اسين اهو خيال نه ٿا ڪري سگهون ته ان اها ايڏي وڏي ڳالهه صرف پنهنجي قياس ۽ گمان جي بنا تي چئي هوندي يقينًا ان اها ڳالهه ڪنهن مرفوع حديث جي بنا تي ڪئي هوندي" اها ڳالهه به ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته حضرت ابن عباس رضي الله عنهما هڪ ڳالهه کي ثابت ڪري رهيو آهي ۽ ٻيا ان جو انڪار ڪري رهيا آهن ته به حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو قول وڌيڪ آهي ڇو ته هي قاعدو مسلَّم آهي ، ته اڪثر علماء وٽ ترجيح وارو قول اهو آهي ته: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي مٿي وارين اکين سان پنهنجي رب کي ڏٺو آهي ۽ ان ۾ ڪنهن جي گنجائش ناهي علامه شيخ عبدالحق محدث دهلويءَ عليه الرحمة مشڪواة جي شرح ۽ سيد انور شاهه ڪشميري فيض الباري جي شرح ۾ لکيو آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن رب ڪريم جو ديدار ڪيو آهي. (٢) "لَقَدْ رَاٰى مِنْ اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى" "البت تحقيق پنهنجي رب جي وڏين نشانين مان ڏٺائين" وڏين آيتن جي تشريح ڪندي علامه پاني پتي عليه الرحمة لکيو آهي ته "آيت ڪبرٰى" مان مراد ملڪوت جي عالم جون اهي عجيب ۽ غريب شيون آهن جن جو حضور عليه الصلواة والسلام جن معراج شريف واري رات ايندي ۽ ويندي ديدار ڪرڻ فرمايو هو جيئن براق، ستئي آسمان، نبي سڳورا عليهم الصلواة والسلام، ملائڪ، "سدرة منتهىٰ" جنت الماوٰي وغيره وري علامه موصوف لکيو آهي ته: جيتوڻيڪ ڪائنات جي ننڍي کان ننڍي شيءِ به الله عزوجل جي قدرت ۽ حڪمت جي وڏي نشاني آهي پر انهن شين کي "آيات ڪبرٰى"

(١) فتح الباري صـ٤٩٤ـ جزءُ ٨ (٢) ضياءُ القرآن صـ٢٤ـ جلد ٥

چوڻ جو هي سبب آهي تہ انهن سان جن مخصوص تجليات جو تعلق آهي ۽ الله عزوجل جي رحمتن ۽ برڪتن جو نزول جنهن ڪثرت سان انهن تي ٿيندو آهي اهو ڪنهن ٻئي نشانيءَ تي نہ هوندو آهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَالنَّجْمِ اِذَاهَوٰى" (تاري جو قسم جڏهن لٿو) ۾ نجم مان مراد جيڪڏهن حضور عليہ الصلواة والسلام جن آهن تہ پوءِ ڪين نجم ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو تارو آسمان جي زينت آهي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جهان جي زينت آهن، تارو آسمان جي بقا جي نشاني ۽ ذريعو آهي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن سڄي جهان جي بقاءَ جو تارو، مسافر جي رهنمائي ڪندو آهي. حضور عليہ الصلواة والسلام جن آخرت جي سفر لاءِ رهنمائي فرمائي رهيا آهن. حضور عليہ الصلواة والسلام جن ڪي آسمانن تي آٿائڻ ايترو حيران ڪندڙ ناهي جيترو سندن واپس اچڻ ڇو تہ محبوب ڪي طلب تہ هر ڪو ڪندو آهي پر ان ڪي واپس ڇڏڻ پسند نہ ڪندو آهي. ٢. "صَاحِبُكُمْ" (اوهان جو ساٿي) ۾ حضرت نبي ڪريم عليہ التحيہ والتسليم ڪي ساٿي ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو پاڻ جان جا ۽ ايمان جا ساٿي آهن جتي قبر، حشر وغيره ۾ پيا سڀ ساٿ ڇڏي ويندا حضرت نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن اتي ساٿ ڏيندا. هن آيت ۾ حضور عليہ الصلواة والسلام جن ڪان ٻن شين ضلالت ۽ غوايت جي نفي ڪئي وئي آهي يعني حضور عليہ الصلواة والسلام جن جو قلب مبارڪ برن خيالن ۽ حق جي نا پسنديده ڪمن ڪان هميشہ محفوظ رهيو هڪ سيڪنڊ جي لاءِ بہ برن خيالن، ننڍن وڏن گناهن حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي دل مبارڪ ڏانهن رستو نہ لڌو جيڪو هڪ لحظي جي لاءِ بہ حضور پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي گناهن ڪرڻ جي ارادي ڪرڻ جو قائل آهي اهو هن آيت جو منڪر آهي. (٢)

اَفَرَءَ يْتُمُ اللّٰتَ وَالْعُزّٰى (١٩) وَمَنٰوةَ الثَّالِثَةَ الْاُخْرٰى (٢٠) اَلَكُمُ الذَّكَرُ

ڇا پوءِ اوهان لات ۽ عزىٰ ڪي ڏٺو ۽ پوئين ٽئين مناة ڪي ڇا اوهان جي لاءِ پٽ

وَلَهُ الْاُنْثٰى (٢١) تِلْكَ اِذًا قِسْمَةٌ ضِيْزٰى (٢٢) اِنْ هِيَ اِلَّآ اَسْمَآءٌ

۽ ان جي لاءِ ڌيءِ آهي اها ان وقت تقسيم بي انصافي واري آهي ناهن اهي مگر نالا جو رکيا

سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ

اهي اوهان ۽ اوهان جن ابن ڏاڏن نہ لاٿو الله انهن جي لاءِ ڪو دليل نہ ٿا اتباع ڪن مگر گمان جي

(١) المظهري صـ١١٤ـ جلد ٩ (٢) نورالعرفان صـ٨٤٠ـ

وَمَا تَهْوَى الْأَنفُسُ وَلَقَدْ جَاءَهُم مِّن رَّبِّهِمُ الْهُدَىٰ (٢٣) أَمْ لِلْإِنسَانِ

۽ جيڪي خواهش رکن ٿا نفس ۽ البت تحقيق آئي انهن وٽ سندن رب وٽان هدايت ڇا انسان جي لاءِ

مَا تَمَنَّىٰ (٢٤) فَلِلَّهِ الْآخِرَةُ وَالْأُولَىٰ (٢٥) وَكَم مِّن مَّلَكٍ فِي السَّمَاوَاتِ

اهو آهي جيڪو تمنا ڪيائين پوءِ الله جي آهي آخرت ۽ دنيا ۽ ڪيترا ملائڪ آهن آسمانن ۾

لَا تُغْنِي شَفَاعَتُهُمْ شَيْئًا إِلَّا مِن بَعْدِ أَن يَأْذَنَ اللَّهُ لِمَن يَشَاءُ

نه فائدو ڏيندي شفاعت انهن جي ڪجهه به مگران کان پوءِ جو موڪل ڏي الله جنهن جي لاءِ گهري

وَيَرْضَىٰ (٢٦)

۽ راضي ٿئي

تفسير

اڳين آيتن ۾ اهو بيان ٿيو جيڪو نبي ڪريم عليه التحية والتسليم جن معراج واريءَ رات ڏٺو ۽ هتي ڪافرن کان پڇيو ويو آهي ته اوهان پنهنجن باطل معبودن کي ڏٺو ته اهي ڇا ڪري سگهن ٿا؟ فرمان مبارڪ آهي. "اَفَرَءَيْتُمُ اللاتَ والعزّٰى وَمَنٰوةَ الثّالثة الاخرى" (ڇا پوءِ اوهان لات ۽ عزىٰ ۽ ٽئين پوئين مناة کي ڏٺو آهي؟) يعني اوهان الله جل مجده جي قدرتي ڪمال جا آثار، ملڪ ۽ ملڪوت ۾ ان جي عظمت، جلال، ان جي قدرت جا احڪام ۽ امر جو نفاذ ۽ ملائڪ پنهنجي مقام جي مٿانهين هجڻ ۽ قدرجي بلند هجڻ جي باوجود سدرة منتهىٰ تائين پهچن ٿا پنهنجي مقام کان اڳتي وڌي نه ٿا سگهن اهو سڀ ڪجهه ڏسي ۽ ٻڌي پوءِ به اوهان ان غلط فيصلي تي آهيو عجب آهي. (١) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته ڪافر ته هزارين بتن جي پوڄا ڪندا هئا جن مان ٽي سؤ سٺ (٣٦٠) ته بيت الله شريف ۾ رکيل هئا پر هتي انهن ٽن لات، عزىٰ ۽ مناة جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن جي گهڻي پوڄا ٿيندي هئي قربانيءَ جا جانور انهن جي لاءِ ڪٺا ويندا هئا ۽ نذرانن جا ڍير لڳا پيا هوندا هئا. لات ثقيف قبيلي جو بت طائف ۾ رکيل هو. عُزىٰ بني غطفان جو بت سوق عڪاظ جي پر ۾ رکيل هو ان جو مندر اتي هو. مناة جو مندر قُديد نالي مقام تي هو جيڪو مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره جي وچ تي ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري تي واقع آهي. ان وقت يثرب (موجوده مدينه منوره) جي اوس ۽ خزرج قبيلي کان سواءِ بنو خزاعة قبيلي وارا به ان جا معتقد هئا بيت الله شريف وانگر ان جو به حج ڪيو ويندو هو. جيتوڻيڪ انهن بتن جا مخصوص مندر هئا جيئن لکي آيا آهيون پر انهن نالن وارا بت بيت الله شريف ۾ به

(١) المراغي ص۵١ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩

رکيل هئا ۽ پين بتن وانگر انهن جي اتي بہ پوڄا ڪئي ويندي هئي. انهن بتن جي پوڄارين جو اهو عقيدو هو تہ ملائڪ الله عزوجل جون (معاذالله) ڌيئرون آهن ۽ هي بت جنيات جي رهائش گاهہ آهن جنيات بہ الله عزوجل جون (نعوذ بالله من هذا الاعتقاد) ڌيئرون آهن. (١) "اَلَكُمُ الذَّكَرُ وَلَهُ الْاُنْثٰى" (ڇا اوهان جي لاءِ پٽ آهن ۽ ان جي لاءِ ڌيئرون؟) يعني الله عزوجل جي ايتري عظمت، خالقيت ۽ ڪامل قدرت ڪي ڏسڻ جي باوجود اوهان جو اهو ڪهڙو فيصلو آهي تہ اوهان ڪي پٽ جو اولاد ڏنائين ۽ پنهنجي لاءِ ڌيئرون رکيائين؟ "تِلْكَ اِذًا قِسْمَةٌ ضِيْزٰى" (اها ان وقت بي انصافيءَ واري تقسيم آهي) مطلب تہ اوهان جي هيءَ تقسيم ۽ اهو فيصلو بلڪل غلط ۽ ناانصافي آهي. "اِنْ هِيَ اِلَّآ اَسْمَآءٌ سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ" (ناهن اهي مگر نالا جو اهي اوهان جن ابن ڏاڏن رکيا هئا الله انهن جي باري ۾ ڪو دليل نہ لاتو آهي) يعني انهن بتن ۾ تہ ڪجهہ بہ ناهي صرف نالا آهن جيڪي اوهان ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن هرويرو معبود بنايا آهن الله عزاسمہ انهن جي معبود هجڻ جو ڪو دليل نہ لاتو آهي نہ انهن جي عبادت جو حڪم ڏنو آهي. "اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَمَا تَهْوَى الْاَنْفُسُ" (نہ ٿا اتباع ڪن مگر گمان جي ۽ ان جي جيڪي سندن نفس خواهش ڪن ٿا) يعني انهن بيڪار بتن جي عبادت صرف گمان ۽ نفسياتي خواهشات جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪن ٿا ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. "وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنْ رَّبِّهِمُ الْهُدٰى" (۽ البت تحقيق انهن وٽ سندن رب جي طرفان هدايت آئي آهي) "الهدي" مان مراد ڪي بيان ڪندي علامہ حقي لکيو آهي تہ "فالهدى القران والرسول" (٢) (هدايت قرآن پاڪ ۽ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن آهن) مطلب هي آهي تہ انهن جي فطري استعداد ايتري خراب ٿي چڪي آهي جو قرآن ڪريم ۽ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جو انڪار ڪندي صرف نفسياتي خواهشات جا تابع بنجي ويا آهن. "اَمْ لِلْاِنْسَانِ مَا تَمَنّٰى" (ڇا انسان جي لاءِ اهو آهي جيڪو تمنا ڪيائين) مطلب تہ ائين ناهي تہ انسان جيئن تمنا ڪري تيئن ٿئي. هر شيءِ الله عزوجل جي اختيار ۾ آهي دنيا توڙي آخرت ۾ اهو جيڪا مهرباني فرمائيندو اها ٿي تيندي. "فَلِلّٰهِ الْاٰخِرَةُ وَالْاُوْلٰى" (پوءِ الله جي آهي آخرت ۽ دنيا) يعني ٻنهي جهان الله عزوجل جي ملڪيت آهن ٻنهي ۾ حقيقي تصرف بہ ان جو آهي. "وَكَمْ مِّنْ مَّلَكٍ فِي السَّمٰوٰتِ لَا تُغْنِيْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْـًٔا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اَنْ يَّاْذَنَ اللّٰهُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَرْضٰى" (۽ آسمانن ۾ ڪيترا ملائڪ آهن انهن جي شفاعت ڪجهہ بہ فائدو نہ ٿي ڏي مگر ان ڪان پوءِ جو الله جنهن ڪي گهري ۽ راضي ٿي اجازت ڏي) هن آيت ۾

(١) ضياءُ القرآن صـ٢٦ـ جلد ٥ (٢) روح البيان صـ٢٣٥ـ جلد ٩

ڪافرن جي ان وهم ۽ گمان ڪي رد ڪيو ويو آهي جيڪي چوندا هئا تہ اهي بت اسان جي الله عزوجل وٽ شفاعت ڪندا. رب العزة عزاسمـــه فرمايو تہ ڪيترا ملائڪ آسمـان ۾ آهن رات ڏينهن عبادت ۾ مشغول ۽ گناهن کان پاڪ آهن اهي بہ الله عزوجل جي بارگاهہ ۾ ان جي اذن کان سواءِ شفاعت ڪري نہ سگهندا تہ هي بيڪار بت ڇا آهن جو الله عزوجل جي بارگاهہ ۾ شفاعت ڪندا.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "اَفَرَءَيۡتُمُ اللّٰتَ وَالۡعُزّٰى وَمَنٰوةَ الثَّالِثَـــةَ الۡاُخۡرٰى" (ڇا پوءِ اوهان لات، عُزٰى ۽ پونيون ٽيون مناة ڏٺو) ۾ مشرڪن ڪي متنبہ ڪيو ويو آهي تہ جن ڪي اوهان پنهنجو معبود بنايو آهي اهي ڏسو تہ ڇا ٿا ڪري سگهن اهي تہ صرف نالا آهن جن جي ڪا حقيقت ناهي اوهان جي معبود سڏڻ سان اهي بي ساهہ پٿر معبود نہ بنجندا. ٢. "اِنۡ يَّتَّبِعُوۡنَ اِلَّا الظَّنَّ" (نہ ٿا اتباع ڪن مگر گمان جي) مان معلوم ٿيو تہ مشرڪ هر دور ۾ ۽ هر جاءِ تي غير الله جي عبادت ۾ صرف نفساني خواهشات جي اتباع ڪن ٿا انهن وٽ انهن جي معبود هجڻ جو ڪو ثبوت يا دليل ناهي. ٣. "اَمۡ لِلۡاِنۡسَانِ مَا تَمَنّٰى" (ڇا انسان جي لاءِ اهو آهي جيڪو تمنا ڪيائين) مان معلوم ٿيو تہ انسان ڪي سندس هر خواهش جي مطابق هر شي نہ ملندي پر صدق، عمل ۽ جدوجهد جي ڪري الله عزوجل جيڪو گهرندو سوڪيس ملندو. ٤. "لَا تُغۡنِىۡ شَفَاعَتُهُمۡ شَيۡـًٔا اِلَّا مِنۡۢ بَعۡدِ اَنۡ يَّاۡذَنَ اللّٰهُ لِمَنۡ يَّشَآءُ وَيَرۡضٰى" (انهن جي شفاعت ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏيندي مگر ان کان بعد جو الله جنهن لاءِ گهري ۽ راضي ٿئي ان ڪي اجازت ڏي) مان معلوم ٿيو تہ شفاعت حق آهي پر ان لاءِ ٻہ شرط آهن ١. تہ شفاعت ڪندڙ ڪي الله عزوجل جي طرفان شفاعت جو اذن مليل هجي جيئن حضور عليہ الصلواة والسلام جن ڪي مليل آهي. ٢. تہ جنهن جي شفاعت ڪئي وڃي الله جلت صفاتہ ان جي شفاعت ڪرڻ لاءِ راضي هجي. مطلب تہ شفاعت ڪندڙ جي لاءِ اذن ۽ جنهن جي شفاعت ڪئي وڃي ان جي لاءِ رضا شرط آهي. (١)

اِنَّ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡاٰخِرَةِ لَيُسَمُّوۡنَ الۡمَلٰٓئِكَةَ تَسۡمِيَةَ الۡاُنۡثٰى (٢٧)

بيشڪ اهي شخص جيڪي نہ ٿا ايمان آڻين آخرت تي البت نالورڪن ٿا ملائڪن جو عورتن جهڙو نالو

وَمَا لَهُمۡ بِهٖ مِنۡ عِلۡمٍ ؕ اِنۡ يَّتَّبِعُوۡنَ اِلَّا الظَّنَّ ۚ وَاِنَّ الظَّنَّ لَا يُغۡنِىۡ

۽ ناهي انهن ڪي ان جو ڪو علم نہ ٿا اتباع ڪن مگر گمان جي ۽ بيشڪ گمان نہ ٿو فائدو ڏي

(١) ايسرا لتفاسير صـ٣٤٨ـ جلد ٤

مِنَ الْحَقِّ شَيْئًا (٢٨) فَاَعْرِضْ عَنْ مَّنْ تَوَلّٰى عَنْ ذِكْرِنَا وَلَمْ

حق جي بجاءِ ڪجھ بہ پوءِ منهن موڙ ان کان جنهن منهن موڙيو اسان جي ذڪر کان ۽ نہ ارادو

يُرِدْ اِلَّا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا (٢٩) ذٰلِكَ مَبْلَغُهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِنَّ رَبَّكَ

ڪيائين مگر دنيوي حياتيءَ جو اها پهچائي انهن جي آهي علم مان بيشڪ تنهنجو رب

هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ وَهُوَ اَعْلَمُ

اهو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ان کي جيڪو گمراھ ٿيو ان جي واٽ کان ۽ اهو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي

بِمَنِ اهْتَدٰى (٣٠) وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ

ان کي جيڪو هدايت وارو ٿيو ۽ الله جو آهي اهو جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي

لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اَسَاۗءُوْا بِمَا عَمِلُوْا وَيَجْزِيَ الَّذِيْنَ

تانتہ سزا ڏي انهن کي جن برائي ڪئي ان جي جيڪو ڪيائون ۽ بدلو ڏي انهن کي جن

اَحْسَنُوْا بِالْحُسْنٰى (٣١) اَلَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰۗئِرَ الْاِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ اِلَّا اللَّمَمَ

چڱا ڪم ڪيا ڀلائيءَ سان اهي جيڪي بچن ٿا وڏن گناهن ۽ بيحيائين کان مگر ننڍا گناھ

اِنَّ رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِ هُوَ اَعْلَمُ بِكُمْ اِذْ اَنْشَاَكُمْ

بيشڪ تنهنجو رب ڪشادي مغفرت وارو آهي اهو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي اوهان کي جڏهن پيدا ڪيائين

مِّنَ الْاَرْضِ وَاِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ فَلَا تُزَكُّوْٓا

اوهان کي زمين مان ۽ جڏهن اوهان ڪچا ٻار هيئو پنهنجين مائرن جي پيٽن ۾ پوءِ نہ پاڪ بيان ڪيو

اَنْفُسَكُمْ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى (٣٢)

پنهنجن نفسن کي اهو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ان کي جيڪو پرهيزگار ٿيو

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي عقائد جي ترديد ڪيل هئي تيئن هتي بہ انهن جي غلط ۽ گمراهيءَ وارين ڳالهين کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. ”اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ لَيُسَمُّوْنَ الْمَلٰۗئِكَةَ تَسْمِيَةَ الْاُنْثٰى“ (بيشڪ جيڪي آخرت تي ايمان نہ ٿا آڻين البت ملائڪن تي عورتن جهڙا نالا رکن ٿا) يعني ملائڪن کي عورتن وارا

نالا ڏيڻ، الله عزوجل جون (معاذالله) ڌيئرون سڏڻ انهن جو ڪم آهي جيڪي آخرت تي ايمان نہ ٿا رکن بي ايمان ڪافر آهن پر مومن قول ۽ فعل ۾ الله عزوجل کان ڊڄندو نہ اهڙو ڪو بہ عقيدو رکندو ۽ نہ برا عمل ڪندو. "وَمَالَهُمْ بِـهٖ مِنْ عِلْمٍ" (۽ انهن کي ان جو ڪو علم ناهي) يعني انهن جو چوڻ تہ ملائڪ الله عزوجل جون ڌيئرون آهن (معاذالله ثم معاذالله) ان جي لاءِ انهن وٽ ڪو علمي دليل ناهي نہ ڪنهن آسماني ڪتاب مان نہ انهن کي ڪنهن نبي عليــه الصلواة والسلام جي اهڙي هدايت ٿيل آهي نہ ڪو سليم عقل اهڙو فيصلو ڏيندو. "اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّاالظَّنَّ وَاِنّ الظنَ لايغنِي مِن الْحَقّ شَيْئًا" (صرف گمان جي اتباع ڪن ٿا ۽ بيشڪ گمان حق کان ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏيندو) مطلب تہ اهي ڪافرن جا صرف وهم ۽ گمان آهن جيڪي حق جي مقابلي ۾ ڪو فائدو نہ ڏيندا. حق اهو آهي تہ الله عزوجل اولاد کان پاڪ آهي. "فَاَعْرِض عمَنْ تَوَلّٰى عَنْ ذكْرِنَا وَلَمْ يَرد الا الحيوةَ الدّنيا" (پوءِ ان کان منهن موڙ جنهن اسان جي ذڪر کان منهن موڙيو ۽ صرف دنيوي حياتيءَ جو ارادو ڪيائين) هتي "ذِڪْرِنَا" مان مراد قرآن ڪريم آهي يا حضور عليـه الصلواة والسلام جا سهڻا وعظ ۽ جليل نصيحتون يا مطلق ذڪرِالٰهي مطلب هي آهي تہ جن جي اڳيان اسان جي قرآن ڪريم جون آيتون تلاوت ڪيون وڃن ٿيون پر اهي انهن ڏانهن توجــه نہ ٿا ڏين اوهان انهن کي وعظ، نصيحت ڪيو ٿا تہ ان جي ٻڌڻ لاءِ بہ تيار ناهن ۽ جتي منهنجا ٻانها منهنجي ذڪر جي شمع روشن ڪيو ويٺا آهن تہ اتاهين کان بہ اهي پري ڀڄي وڃن ٿا ۽ انهن پنهنجي زندگيءَ جو مقصد صرف دنيوي حياتي ۽ ان جي لاءِ حرام حلال جي تميز کان سواءِ مال گڏ ڪري عياشيون ڪرڻ آهي اوهان انهن کان پنهنجو منهن مبارڪ موڙي ڇڏيو انهن لاءِ ڪو فڪر نہ ڪريو. "ذٰالِكَ مبلغُهم من العِلمِ" (اها علم مان انهن جي نهايت آهي) يعني دنيا جو مطلب ئي سندن علم جي انتها آهي ان جي ڪري آخرت کي ڇڏي دنيا کي اختيار ڪيو اٿن. "اِنّ رَبّكَ هُوَ اعْلمُ بِمَن ضلَ عَن سَبِيْلِـــهٖ وهواعلم بمنِ اهْتَدىٰ" (بيشڪ تنهنجو رب ان کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪو سندس واٽ کان گمراهہ ٿيو ۽ اهو ان کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪو هدايت وارو ٿيو) يعني اي محبوب! (عليــه الصلواة والسلام) اوهان جو رب انهن کي ازل ۾ مقدر کان وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪي گمراهہ ٿيا ۽ ان کي هدايت وارن جو بہ اڳ ۾ ئي ازل کان علم آهي. اهي دنيا ۾ گمراهہ هٿا هدايت وارا پوءِ ٿيا سندن اها حالت انهن جي وجود ۾ اچڻ کان پهريان الله جل شانــه کي معلوم آهي ۽ جيڪو جهڙو عمل ڪندو الله عزوجل ان کي ان جي سزا يا جزا ڏيندو. ان جي ڪري اوهان انهن تي افسوس نہ ڪيو ۽ نہ

انهن جي متعلق فڪر ۾ رهو. (١) "وَلِلّٰهِ مَافِي السَّمٰوَاتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ" (۽ جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي الله جي ملڪيت آهي) مطلب ته اهو اوهان کي وڏيڪ ڄاڻندڙ هجڻ سان گڏ خالق ۽ مالڪ آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ موجود آهي يا اوهان محسوس ڪيو ٿا سڀ ان جي ملڪيت آهي ۽ سڀني جو اهو ئي خالق آهي. "لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اَسَاۗءُوْا بِمَا عَمِلُوْا وَيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا بِالْحُسْنٰى" (تانت جن برا ڪم ڪيا انهن کي سندن عمل جي سزا ڏي ۽ جن سهڻا عمل ڪيا انهن کي ڀلائيءَ سان بدلو ڏي. "لِيَجْزِيَ" وارو لام ٻنهي اڳين جملن جي مضمون سان متعلق آهي يعني الله تعاليٰ جهان پيدا ڪيو ۽ گمراهه کي هدايت واري کان جدا ڪرڻ ۽ انهن جي حالات کي ان جي ڪري محفوظ رکيو اٿس ته جن شرڪ، گناهه، براعمل ڪيا انهن کي سندن ئي عملن جي ڪري سزا ڏي ۽ جن اخلاص سان سهڻا عمل ڪيا انهن کي ڀلائيءَ، ثواب سان سهڻو بدلو جنت عطا ڪري. "اَلَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰۗىِٕرَ الْاِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ اِلَّا اللَّمَمَ" جيڪي وڏن گناهن ۽ بحيائيءَ کان بچن ٿا مگر ننڍا گناهه وڏن گناهن مان مراد شرڪ آهي جو ته اهو وڏو ظلم آهي ۽ بيحيائيءَ مان مراد اهي گناهه آهن جن تي شريعت حد مقرر ڪئي آهي جيئن زنا وغيره ۽ ننڍن گناهن مان مراد اهي گناهه آهن جيڪي ڪڏهن ڪڏهن ٿين ۽ پاڻهو انهن کان توبه ڪري انهن تي هميشگي نه ڪري. "اِنَّ رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِ" (بيشڪ تنهنجو رب مغفرت جو ڪشادو آهي) جنهن تي راضي تي پئي جنهن کي گهري ان جا ننڍا، وڏا، عمدًا، خطًا، سرًا، علانية ڪيل توبه سان يا توبه کان سواءِ سڀئي گناهه بخشي ڇڏي ٿو. "هُوَ اَعْلَمُ بِكُمْ اِذْ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَاِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ" (اهو اوهان کي وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي. جڏهن اوهان کي زمين مان پيدا ڪرڻ فرمايائين ۽ جڏهن اوهان پنهنجين مائرن جي پيٽن ۾ ڪچا ٻار هيئو) يعني الله عزوجل اوهان جي ڪردار، سعادت، شقاوت ۽ جنهن حال ڏانهن اوهان جو امر واپس ٿيندو سڀني کي وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي ۽ اهو اوهان کي ان وقت به وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي جڏهن اوهان جي ابي آدم على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي زمين مان پيدا فرمايو هيائين. محدث مسلم حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته "كَتَبَ اللّٰهُ مَقَادِيْرَ الْخَلَائِقِ قَبْلَ اَنْ يَّخْلُقَ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضَ بِخَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ قَالَ وَكَانَ عَرْشُهٗ عَلَى الْمَاءِ" الله عزوجل آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ کان پنجاهه هزار سال اڳي مخلوق جون تقديرون لکيون هيون. فرمايائون ته "۽ ان جو عرش پاڻيءَ تي هو ۽ ترمذي حضرت عبادة بن

(١) ايسرالتفاسير صـ٣٤٩ـ جلد ٤

الصامت رضي الله عنــه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليــه وسلم جن فرمايو. "ان جو عرش پاڻيءَ تي هو ۽ ترمذي حضرت عبادة بن الصامت رضي الله عنــه کان روايت آندي آهي" تہ رسول الله صلى الله عليــه وسلم جن فرمايو "اِنَّ اَوَّلَ مَاخَلَقَ اللهُ الْقَلَمَ فَقَالَ لَــهٗ اُكْتُبْ قَالَ مَا اَكْتُبُ قَالَ اُكْتُبِ الْقَدْرَ فَكَتَبَ مَا كَانَ وَمَاهُوَ كَائِنٌ اِلَى الْاَبَدِ" (١) (الله پهريان قلم پيدا فرمايو پوءِ ان کي امر ڪيائين تہ "لک" عرض ڪيائين تہ ڇا لکان؟ فرمايائين تہ "تقدير لک") پوءِ جيڪو ٿيو ۽ جيڪو ابد تائين ٿيندو اهو لکيائين. ۽ ان وقت بہ اوهان کي وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي جڏهن اوهان پنهنجين مائرن جي پيٽن ۾ ڪچا ٻار هيئو تہ اوهان جو حال بہ ان جي علم ۾ آهي. "فَلَاتُزَكُّوا اَنْفُسَكُمْ" (پوءِ پنهن جن نفسن جي پاڪائي بيان نہ ڪيو) يعني پنهنجي پاڻ تعريف نہ ڪيو تہ اسين نيڪ عمل، ڀلا ڪم ۽ سهڻيون صفتون رکون ٿا نيڪيءَ ۾ ٻين کان وڏيڪ آهيون ڇو تہ اوهان کي پنهنجي عاقبت جو علم ناهي تہ ڪيئن ٿيندي؟ "هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى" (اهو جيڪو متقي ٿيو ان کي وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي) يعني اوهان کي حضرت آدم على نبينا وعليـه الصلواة والسلام جي پٺيءَ مان ٻاهر ڪڍڻ کان اول ئي اهو وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي تہ ڪير اخلاص سان عمل ڪندو ۽ ان جو تقوىٰ تي خاتمو ٿيندو؟

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ملن ٿا. ١. "اِنَّ الَّذِيْنَ لَايُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ" (بلاشڪ جيڪي آخرت تي ايمان نہ ٿا آڻين) مان معلوم ٿيو تہ ڪفر ۽ گناهن جا مرض خاص ڪري انهن کي لڳن ٿا جن کي آخرت تي ايمان ناهي جن کي اهو يقين آهي تہ مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿي الله عزوجل جي بارگاهہ ۾ قيامت جي ڏينهن پيش ٿيڻو آهي اهي نہ ڪفر ڪندا نہ گناهن جي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. ٢. "اِنَّ الظَّنَّ لَايُغْنِىْ مِنَ الْحَقِّ شَيْئًا" (بيشڪ گمان حق جي جاءِ تي ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏيندو) هتي آيل لفظ ظن (گمان) مان مراد اهو ظن آهي جيڪو الله عزوجل ۽ ان جي رسول عليــه الصلواة والسلام جي فرمان جي مقابلي ۾ هوندو پر جيڪڏهن ظن نص جي موافق هوندو تہ اهو صحيح آهي جيئن الله عزاسمــه جو فرمان آهي "يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ" (٢) (گمان ڪن ٿا تہ اهي پنهنجي رب سان ملندڙ آهن) ٻي جاءِ تي فرمان آهي "وَلَوْلَآ اِذْ سَمِعْتُمُوْهُ ظَنَّ الْمُؤْمِنُوْنَ فِىْ اَنْفُسِهِمْ خَيْرًا" (٣) (۽ ڇو نہ هو جڏهن اوهان ان کي ٻڌو تہ مومنن پنهنجن نفسن ۾ ڀلائيءَ جو گمان ڪيو) اِن جي ڪري غير مقلدن جي طرفان شرعي حجت قياس کي ظني دليل هجڻ جي ڪري غلط چوڻ لاءِ مٿين آيت دليل ناهي.

(١) المظهري صـ١٢١ـ جلد ٩ (٢) سورة بقره آيت عـ٤٦ـ (٣) سورة النور آيت عـ١٢ـ

اَفَرَءَيْتَ الَّذِىْ تَوَلّٰى (٣٣) وَاَعْطٰى قَلِيْلًا وَّاَكْدٰى (٣٤) اَعِنْدَهٗ

ڇا پوءِ ڏٺو تو ان کي جيڪو ڦريو ۽ ڏنائين ٿورو ۽ ڪنجوس ٿيو ڇا ان وٽ

عِلْمُ الْغَيْبِ فَهُوَ يَرٰى (٣٥) اَمْ لَمْ يُنَبَّاْ بِمَا فِىْ صُحُفِ مُوْسٰى (٣٦)

غيب جو علم آهي پوءِ اهو ڏسي ٿو يا نہ خبر ڏنو ويو ان جي جيڪو موسىٰ جي صحيفن ۾ آهي

وَاِبْرٰهِيْمَ الَّذِىْ وَفّٰى (٣٧) اَلَّا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى (٣٨) وَاَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ

۽ابراهيم جي جنهن وفا ڪئي تہ نہ بار کڻندو ڪو بار کڻندڙ بار ٻئي جو ۽ هي تہ ناهي انسان جي لاءِ

اِلَّا مَا سَعٰى (٣٩) وَاَنَّ سَعْيَهٗ سَوْفَ يُرٰى (٤٠) ثُمَّ يُجْزٰىهُ

مگر جيڪو ڪمايائين ۽ بيشڪ ڪمائي ان جي جلد ڏٺي ويندي ان کان پوءِ جزا ڏنو ويندو

الْجَزَآءَ الْاَوْفٰى (٤١) وَاَنَّ اِلٰى رَبِّكَ الْمُنْتَهٰى (٤٢) وَاَنَّهٗ هُوَ اَضْحَكَ وَاَبْكٰى (٤٣)

ان جي جزا پوري ۽ بيشڪ تنهنجي رب ڏانهن انتها آهي ۽ بيشڪ ان ئي کلايو ۽ روئاريو

وَاَنَّهٗ هُوَ اَمَاتَ وَاَحْيَا (٤٤) وَاَنَّهٗ خَلَقَ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰى (٤٥)

۽ بيشڪ ان ئي ماريو ۽ زنده رکيو ۽ بيشڪ ان ئي پيدا ڪيو جوڙ مرد ۽ عورت

مِنْ نُّطْفَةٍ اِذَا تُمْنٰى (٤٦) وَاَنَّ عَلَيْهِ النَّشْاَةَ الْاُخْرٰى (٤٧) وَاَنَّهٗ

(منيءَ جي) ڦڙي مان جڏهن وڌو وڃي ٿو ۽ بيشڪ ان تي ئي آهي پيدا ڪرڻ ٻيو ڀيرو ۽ بيشڪ

هُوَ اَغْنٰى وَاَقْنٰى (٤٨) وَاَنَّهٗ هُوَ رَبُّ الشِّعْرٰى (٤٩) وَاَنَّهٗ اَهْلَكَ

ان ئي غني بنايو ۽ مسڪين ڪيو ۽ بيشڪ اهو ئي شعرىٰ جو رب آهي ۽ بيشڪ ان هلاڪ ڪيو

عَادَا الْاُوْلٰى (٥٠) وَثَمُوْدَا فَمَآ اَبْقٰى (٥١) وَقَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ اِنَّهُمْ

عاد پهرئين کي ۽ ثمود کي پوءِ نہ باقي رهايائين ۽ نوح جي قوم اڳ بيشڪ اهي ئي هئا

كَانُوْا هُمْ اَظْلَمَ وَاَطْغٰى (٥٢) وَالْمُؤْتَفِكَةَ اَهْوٰى (٥٣) فَغَشّٰىهَا

وڏا ظالم ۽ وڏا سرڪش ۽ اونڌو ڪري ڪيرايلن کي هلاڪ ڪيائين پوءِ ڍڪيو انهن کي ان

مَا غَشّٰى ج فَبِاَىِّ اٰلَآءِ رَبِّكَ تَتَمَارٰى (٥٥)

جنهن ڍڪيو پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙي نعمت ۾ شڪ ڪرين ٿو

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله سبحانهٗ وتعالىٰ پنهنجي علم ۽ قدرت جي بيان ڪندي ٻڌايو ته هر عمل جو بدلو ملندو ۽ نيڪوڪار انسان وڏن گناهن کان بچندا ۽ اهي وحي کان سواءِ معلوم نه ٿيندا ته هتي فرمايائين ته عجب آهي جو ڪي ماڻهو انهن دليلن هوندي قرآن پاڪ کي پٺي ڏئي هليا وڃن ٿا. فرمان گرامي آهي. "اَفَرَءَيۡتَ الَّذِىۡ تَوَلّٰى" (ڇا پوءِ تو ان کي ڏٺو جيڪو ڦريو).

شان نزول: مفسرن لکيو آهي ته هيءَ آيت وليد بن مغيره ڪافر جي متعلق نازل ٿي هئي جيڪو حضرت نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ ايندو هو قرآن پاڪ ٻڌندو هو ۽ بي اختيار چوندو هو ته خدا تعالىٰ جو قسم هي ڪلام نهايت سرسبز آهي ان جون ٽاريون ميون سان ڀريل آهن. اهو ٻڌي ڪيس سندس مشرڪ دوست چيو ته هي ڇا ٿو ڪرين؟ پنهنجن وڏن جي دين کي ڇڏي ڏنو اٿئي ۽ پلجي پيو آهين. وليد ان کي چيو ته مان الله عزوجل جي عذاب کان ڊڄان ٿو. ان چيس ته "مون کي پنهنجي مال ملڪيت مان ڪجهه حصو ڏي مان تنهنجو عذاب قيامت ۾ پاڻ کڻندس" پوءِ ان جي ان ڏٺي تي اسلام قبول نه ڪيائين ۽ ان کي ٿورو مال ڏئي باقي نه ڏنائين ۽ ڪي علماءِ فرمائن ٿا ته هيءَ آيت عاص بن وائل يا ابوجهل جي باري ۾ لٿي آهي. (والله اعلم) (١)

مطلب ته هنن صفتن وارن انسانن کي ڏٺو اٿئي جيڪو قرآن ڪريم حق جو فرمان ٻڌي وري ڦري وڃي ٿو. "وَاعطى قلِيلاً واكدى" (۽ ٿورو (مال) ڏئي ۽ ڪنجوس ٿيو) يعني جنهن سان مال ڏيڻ جو وعدو ڪيو هيائين اهو وعدو به پورو نه ڪيائين ان کي پورو وعدو ڪيل مال نه ڏنائين وعدو پڄڻ برو ڪم آهي هي ان بري ڪم جو به عادي آهي. "اَعِنۡدَهٗ عِلۡمُ الۡغَيۡبِ فَهُوَ يَرٰى" (ڇا ان وٽ غيب جو علم آهي پوءِ اهو ڏسي پيو) مقصد ته هن ان ڪافر جي چوڻ تي اعتبار ڪيئن ڪيو ڇا ڪيس غيب جو علم آهي جنهن جي ذريعي ڏسي پيو ته اهو ڪافر هن جي ڪفر، شرڪ ۽ گناهن جو بار کڻندو. "اَمۡ لَمۡ يُنَبَّاۡ بِمَا فِىۡ صُحُفِ مُوۡسٰى وَاِبۡرٰهِيۡمَ الَّذِىۡ وَفّٰىۤ" (ڇا ان جي خبر نه ڏنو ويو جيڪو موسىٰ جي صحيفن ۾ ۽ ابراهيم جي صحيفن ۾ آهي جنهن وفاداري ڪئي هئي) مطلب ته حضرت موسىٰ جي مٿان نازل ڪيل توراة ۽ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام کي عطا ڪيل صحيفن ۾ جيڪو ڪجهه بيان ٿيل آهي ڇا انهن جي هن کي خبر ڏنل ناهي؟ جيڪڏهن ان کي انهن جي خبر هجي ها ته اهڙو غلط

(١) خازن صـ١٩٨ـ جلد ٤

فيصلو نہ ڪري ها. حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام جون گهڻيون وفاداريون هيون جن مان ڪجهہ هي آهن. ١. الله عزوجل جي امرتي عمل ڪيائين. ٢. پنهنجي خالق جا پيغام مخلوق ڪي پهچايائين. ٣. الله عزوجل جا فرض ادا ڪيائين. ۴. پٽ ڪي ذبح ڪرڻ وارو حڪم پورو ڪيائين. ۵. امتحانن ۾ آزمائش ۾ ڪامياب ٿي ڏيکاريائين وغيره وغيره. "اَلَّا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَاخری" (ڪو بہ بارکڻندڙ ٻئي جو بار نہ کڻندو) هن ۾ ان ڪافر جو رد آهي جنهن چيو هو تہ قيامت ۾ مان تنهنجو بار کڻندس. رب العزة جل مجده فرمايو تہ قيامت ۾ ڪير بہ ڪنهن جو بار نہ کڻندو. اهو ڪوڙو دلاسو هوندو آهي جنهن جي ڪا حقيقت ناهي. "وان ليس لِلاِنسانِ اِلّامَاسَعىٰ" (۽ انسان جي لاءِ ناهي مگر جيڪو (پاڻ) ڪمايائين) مطلب تہ انسان صرف پنهنجي ڪمائيءَ تي خوش ٿئي اها ئي ان جي ملڪيت آهي.

سوال: هن مان معلوم ٿيو تہ هڪ مسلمان جو عمل ٻئي مسلمان ڪي فائدو نہ ڏيندو پوءِ اوهان ڪيئن هڪڙن مسلمانن جي عملن جو ثواب ٻين مسلمانن جي ارواح ڪي بخشيندا ۽ ايصال ثواب ڪندا آهيو؟

جواب: مذڪوره آيت جي متعلق مفسرن سڳورن مختلف جواب ڏنا آهن. ١. "لِلاِنْسَانِ" (۾ لام تمليڪ جو آهي) مطلب تہ انسان مالڪ صرف پنهنجي عمل جو آهي ٻيو جيڪڏهن پنهنجي عمل جو ثواب ان جي حوالي ڪري ٿو تہ اهو الله عزوجل جي رحم ۽ ڪرم جي حوالي آهي جيڪڏهن ان جي روح ڪي درجو پهچائي ۽ ان تي فضل فرمائي تہ ٿي سگهي ٿو. ٢. هن آيت ۾ انسان مان مراد ڪافر انسان آهي مومن لاءِ اهو حڪم ناهي هڪ مومن ڪي ٻئي مومن جو درجو ۽ ثواب ڪم اچي ٿو. ٣. سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ هيءَ آيت "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيمانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ" (١) (۽ جن ايمان آندو ۽ انهن جي اولاد ايمان ۾ انهن جي پيروي ڪئي تہ سندن اولاد ڪي انهن سان شامل ڪنداسون) آيت سان منسوخ آهي پوءِ ننڍڙو وفات ڪري ويل ٻار پنهنجي پيءُ جي ميزان ۾ اچي ان ڪي فائدو ڏيندو ۽ پيئر پٽن جي شفاعت ڪندا ان تي الله عزوجل جو فرمان "اٰبَاؤُكُمْ وَاَبْنَاؤُكُمْ لَاتَدْرُوْنَ اَيُّهُمْ اَقْرَبُ لَكُمْ نَفْعًا" (٢) اوهان جا پيئر ۽ اوهان جا پٽ اوهان نہ ٿا ڄاڻو تہ انهن مان اوهان ڪي نفعي ڏيڻ جي لحاظ ڪير وڌيڪ ويجهو اهي. اهڙي طرح نبوي احاديث مان بہ ثبوت ملي ٿو تہ هڪ مسلمان جو عمل ٻئي ڪي فائدو ڏي ٿو جيئن هنن روايتن مان واضح آهي .١. ام المؤمنين سيده عائشـــه رضي الله عنها کان روايت آهي

(١) سورة الطور آيت عـ (٢) سورة آيت عـ

تہ اها پنهنجي پاء عبدالرحمٰن جي (روح کي ثواب پهچائڻ) لاءِ اعتکاف ۾ ويٺي هئي ۽ ان جي لاءِ غلام آزاد ڪيو هيائين. ٢. ابو نعيم حضرت ابو سعيد رضي الله عنـــه کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله صلي الله عليـــه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ: "اذاقبض الله روح عبده المومن صعد ملکان الی السماءِ وقالا ربنا وکلتنا يعبدك المومن نکتب عملـــه وقدقبضتـــه اليكِ فاذن لنا ان نسکن الارض فيقول ارضي مملوءة من خلقي يسبحون ولکن قوما علی قبر عبدی فسبحانی وهللانی وکبرانی الی يوم القيمـــة واکتباه لعبدی" جڏهن الله عزوجل پنهنجی مومن ٻانهی جو روح قبض ڪندو آهي تہ (ان سان مقرر ٿيل) ٻہ ملائک آسمان ڏانهن چڙهي ويندا آهن ۽ عرض ڪندا آهن تہ اي اسان جا ربؕا تو اسان کي پنهنجي ٻانهي سان مقرر ڪري ڇڏيو هو ان جا عمل لکندا هئاسون ۽ تو ان جي روح کي پاڻ ڏانهن گهرائي ورتو آهي پوءِ اسان کي موڪل ڏي تہ زمين ۾ رهي پئون الله عزوجل انهن کي فرمائي ٿو تہ "منهنجي زمين، منهنجي مخلوق سان ڀريل آهي جيڪي تسبيح پڙهن ٿا ۽ پر اوهان منهنجي ٻانهي جي قبر تي بيهي منهنجي تسبيح پڙهو ۽ منهنجي تهليل پڙهو ۽ منهنجي تڪبير پڙهو قيامت تائين (بيٺا رهو) ۽ اهو (ثواب) منهنجي ٻانهي لاءِ لکو." مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ جمهور جو قول ۽ بقول علامـــه سيوطي هن ڳالهہ تي اجماع آهي تہ ميت کي جيئرن جي طرفان ڪيل عملن جو درجو ملي ٿو. (١) مفسرقرآن علامـــه ابو حنص عمر بن علي بن عادل دمشقي حنبلي عليـــه الرحمـــة نهايت عمدا ۽ اعلیٰ دليل ڏئي ثابت ڪيو آهي تہ هڪ مسلمان کي ٻئي مسلمان جو عمل نفعو ڏي ٿو ۽ علامـــه ابن تيميـــه جو قول آندو اٿس تہ "جيڪو ان ڳالهہ کي نہ ٿو مڃي تہ ان امت جي اجماع جي خلاف ورزي ڪئي آهي." (٢) "وَاَنَّ سَعْيَـــهٗ سَوْفَ يُرٰى" (۽ بيشڪ ان جي ڪمائي جلد ڏٺي ويندي) مطلب تہ انسان جي ڪردار کي قيامت جي ڏينهن ڏٺو ويندو ۽ نيڪ عمل برن کان جدا ڪيا ويندا. "ثُمَّ يُجْزٰىـــهُ الْجَزَآءَ الْاَوْفٰى" (ان کان پوءِ ان جي پوري پوري جزا ڏنو ويندو خالص نيڪ عمل جي نيڪيءَ سان ۽ بري عمل جو برو بدلو ڏنو ويندو ۽ هر هڪ کي ان جي عدل جو اقرار ڪرڻو پوندو تان جو جهنمي جهنم ۾ داخل ٿيڻ جي باوجود سندن دليون خداوند تعالیٰ جي حمد سان ڀريل هونديون ۽ الله عزوجل جي حڪمت جي ڪمال جو اقرار ڪندا رهندا ۽ پاڻ کي پاڻ ملامت ڪندا تہ انهن پاڻ کي پاڻهي جهنم جو حقدار بنايو آهي. "وَاَنَّ اِلٰى رَبِّكَ الْمُنْتَهٰى" (۽ بيشڪ

(١) المظهري صـ١٢٧ـ جلد ٩ خازن صـ١٩٩ـ جلد ۴ القرطبي صـ١١۴،١١٥ـ جلد ٧
(٢) اللباب فی علوم الکتب صـ٢٠۴ـ جلد ١٨

تنهنجي رب ڏانهن نهايت آهي) يعني الله عزوجل ڏانهن ئي سڀني ڪمن جي انتها ٿيندي ۽ قبرن مان اٿڻ سان سڀئي شيون اتي پيش ٿينديون ۽ ان وٽ ئي علم، حڪم، رحمت ۽ سڀني ڪمالات جي انتها آهي. "وَاَنَّـهٗ هُوَ اَضۡحَكَ وَاَبۡكٰى" (۽ بلاشڪ اهو ئي کلائي ٿو ۽ روئاڙي ٿو) يعني کلڻ جا اسباب به اهو ٿو پيدا ڪري ته روئڻ جا اسباب به اهو ٿو وجود ۾ آڻي ۽ ان جي هر هڪ ڪم ۾ حڪمت رکيل آهي. "وَاَنَّـهٗ هُوَاَمَاتَ وَاَحۡيٰى" (۽ بلاشڪ اهو ئي ماري ٿو ۽ جياري ٿو) مقصد ته وجود ڏيڻ يا موت ڏيڻ به ان جو ڪم آهي ۽ جيئڻ هتي زنده رکيو اٿس تيئن زنده ڪري قبرن مان اٿاريندو. "وَاَنَـــهٗ خَلَقَ الزَّوۡجَيۡنِ الذَّكَرَ وَالۡاُنۡثٰى" (۽ ان ئي جوڙ مرد ۽ عورت پيدا ڪيا آهن) ڳالهائڻ وارا نه ڳالهائڻ وارا سڀ ان پيدا فرمايا آهن. "وَاَنَّ عَلَيۡــهِ النَّشۡاَةَ الۡاُخۡرٰى" (۽ بلاشڪ ان تي ئي ٻيو ڀيرو پيدا ڪرڻ آهي) يعني جنهن حيوانيات ڪي مني جي هڪ ضعيف ڦڙي مان پيدا ڪيو آهي اهو ئي انهن ڪي وري ٻيو ڀيرو جيئرو ڪري اٿاريندو ۽ اهو ان لاءِ نه ٿيڻ جهڙي ڳالهه ناهي. "وَاَنَّـــهٗ هُوَ اَغۡنٰى وَاَقۡنٰى" (۽ بلاشڪ ان ئي غني بنايو ۽ مسڪين بنايو) يعني ڪيترن ٻانهن کي تجارت، ڪاروبار ۽ هنر جي ذريعي غني بنايو اٿس ۽ ڪيترن کي مفلس ۽ مسڪين رکيو اٿس ان ۾ ان جي حڪمت آهي جيڪا پاڻ ڄاڻي ٿو. "وَاَنَّـــهٗ اَهۡلَكَ عَادَ اۨلۡاُوۡلٰى" (۽ ان ئي پهرئين عاد کي هلاڪ ڪيو هو) پهرئين عاد مان مراد حضرت هود علیٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام جي قوم آهي انهن جڏهن حضرت هود علیٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام کي نه مڃيو ته الله عزوجل انهن کي نهايت تيز هوا موڪلي هلاڪ ڪري ڇڏيو. "وَثَمُوۡدَاۡ فَمَاۤ اَبۡقٰى" (۽ ثمود کي (به هلاڪ ڪيائين) پوءِ نه رهاياٿين. ثمود جي قوم ڏانهن حضرت صالح علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي موڪليو ويو هو نه مڃڻ جي ڪري اهي به تباهه ٿي ويا. "وَقَوۡمَ نُوۡحٍ مِّنۡ قَبۡلُ اِنَّهُمۡ كَانُوۡاهُمۡ اَظۡلَمَ وَاَطۡغٰى" (۽ نوح جي قوم کي اڳ ۾ هلاڪ ڪيائين بيشڪ اهي ئي وڏا ظالم ۽ وڏا سرڪش هئا) مطلب ته انهن به ظلم ۽ سرڪشي ۾ نهايت واڌارو ڪيو ان جي ڪري طوفان سان تباهه ۽ برباد ڪيا ويا. "وَالۡمُؤۡتَفِكَـةَ اَهۡوٰى" (۽ اونڌو ڪري ڪيرايلن کي هيٺ هنيائين) هن مان مراد حضرت لوط علیٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام جي قوم وارا شهر آهن جن کي پاڙان پٽي مٿي کڻي اونڌو ڪري ڪيرايو ويو. "فَغَشّٰهَا مَاغَشّٰى" (پوءِانهن کي ڍڪڻ واري شي ڍڪي ڇڏيو) يعني مٿي کڻي هيٺ هڻڻ جي ڪري زمين ۾ هليا ويا ۽ ان جي مٿان مردار نالي سمنڊ جو پاڻي اچي بيهي رهيو جيڪو اڃا تائين بيٺل آهي. "فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكَ تَتَمَارٰى" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن ۾ شڪ ٿو ڪرين؟) هتي ٻڌندڙن کي متنبــه

ڪيو ويو آهي تہ عاد، ثمود ۽ حضرت نوح عليہ السلام جون قومون ان جي ڪري هلاڪ ڪيون ويون جو انهن الله عزوجل جي نعمتن ۾ شڪ ڪيو تہ اهي الله عزوجل جي طرفان نہ پر اسان جي باطل معبودن بتن جي طرفان آهن سندن طرف موڪليلن نبين على نبينا وعليهم الصلواة والسلام جڏهن انهن کي ان تي متنبہ ڪيو تہ انهن کي ڪوڙو چوندي انهن تي الزام هنيائون اهي ان جرم جي ڪري سزا کائي تباهہ ٿي ويا. اي پڌڻ وارا ڇا تون بہ انهن واري روش وٺڻ گهرين ٿو؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ تون بہ اهڙي دردناڪ عذاب ۽ عبرتناڪ انجام جي لاءِ تيار رهہ. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جن نبين عليهم الصلواة والسلام جو هتي ذڪر ٿيو آهي انهن سڀني جو تعلق حضرت ابراهيم على نبينا وعليہ الصلواة والسلام ڪان اڳئين دور سان آهي ان جي ڪري ٿي سگهي ٿو تہ هيستائين جيڪي مضمون بيان ٿيا آهن اهي حضرت ابراهيم على نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي صحيفن ۾ هجن ۽ اهي قرآن پاڪ ۾ بہ بيان ڪيا ويا آهن ڇو تہ انهن ۾ جيڪو هدايت جو درس آهي اهو قرآن ڪريم جي پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي لاءِ بہ ائين مفيد آهي جيئن ابراهيمي امت جي لاءِ مفيد هو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "اَفَرَاَيْتَ الَّذِيْ تَوَلّٰى" (ڇا پوءِ ان کي ڏٺو اٿئي جيڪو ڦريو) هن جي مذڪور تفسير مان واضح ٿيو تہ ڪافرن ۽ بدمذهبن جي دلاسن ۽ ڏٽن تي لڳي دين ڇڏي ڏيڻ بہ ڪافرن جو ڪم آهي مسلمان پنهنجي ايمان، اسلام ۽ حق جي عقيدن تي مضبوط ۽ محڪم رهندو. ٢. "وَاَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى" (۽ انسان جي لاءِ ناهي مگر جيڪو ڪمايائين) مان اهو دليل وٺڻ تہ هڪ مسلمان جو نيڪ عمل ٻئي کي نفعو نہ ڏيندو معتبر قول ناهي آيت جو مفهوم هي آهي تہ هڪ شخص ٻئي جا فرائض، ايمان، نماز ۽ روزو ادا ڪري ان کي ذمي ڪان آزاد ڪري نہ ٿو سگهي اهو ثابت ناهي تہ هڪ شخص جي نفلي عمل جو ڪو فائدو ۽ ثواب ٻئي شخص کي نہ پهچي سگهندو هڪ شخص جي دعا ۽ صدقي جو ثواب ٻئي شخص کي پهچڻ شرعي نصوص سان ثابت آهي ۽ ساري امت وٽ اجماعي مسئلو آهي. (١) مفتي محمد شفيع صاحب ديوبندي لکيو آهي تہ جمهور امامن ۽ امام اعظم عليهم الرحمة وٽ جيئن دعا ۽ صدقي جو ثواب ٻئي کي پهچائي سگهجي ٿو تيئن قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ هر نفلي عبادت جو ثواب ٻئي شخص کي بخشي سگهجي ٿو ۽ اهو ان کي ملندو. (٢) ٣. "فَلَا تُزَكُّوْٓا اَنْفُسَكُمْ" (پوءِ پنهنجن نفسن کي پاڪ ڪري پيش نہ ڪيو) مان معلوم ٿيو تہ پنهنجي پاڪدامنيءَ ۽ صفائي جي دعوىٰ

(١) تفسير ابن ڪثير صـ٦٥٨ـ جلد ٤ (٢) معارف القرآن صـ٢١٩ـ جلد ٨

نہ ڪيو صرف الله عزوجل ئي ڄاڻي ٿو تہ ڪير ڪھڙو آھي ۽ ڪھڙي درجي تي فائز آھي ڇو تہ ان جو مدار ان تقوىٰ تي آھي جيڪا مرڻ تائين قائم رهي. ابن سعد، احمد، مسلم، ابو داؤد ۽ ابن مردويہ سيده زينب بنت ابي مسلمہ رضي الله عنها کان روايت آندي آھي تہ ان جو نالو (والدين) برة رکيو ھو پوءِ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن فرمايو "لاتزكوا انفسكم" (پنھنجن نفسن کي پاڪ ڪري بيان نہ ڪيو) اوھان مان نيڪو ڪارن کي الله وڌيڪ ڄاڻي ٿو ان جو نالو زينت رکو زبير بن بکار "الموفقيات" ۾ پنھنجي ڏاڏي عبدالله بن مصعب کان روايت آندي آھي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنہ قيس بن عاصم کي فرمايو تہ "اسان کي پنھنجي وصف ٻڌاءِ ان عرض ڪيو تہ الله فرمايو آھي "فَلَاتُزَكُّوٓا اَنْفُسَكُمْ" پوءِ مان پنھنجي نفس جي وصف ڪيئن بيان ڪيان ۽ الله روڪيو آھي پوءِ اھا ڳالھہ ابوبڪر صديق کي وڻي. (١)

هٰذَا نَذِيْرٌ مِّنَ النُّذُرِ الْاُوْلٰى (٥٦)	اَزِفَتِ الْاٰزِفَةُ (٥٧)	لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ	
هي ڊيڄاريندڙ آھي پھرين ڊيڄاريندڙن مان	ويجهي ٿي قيامت	ناهي ان جو الله کان سوا	
كَاشِفَةٌ (٥٨)	اَفَمِنْ هٰذَا الْحَدِيْثِ تَعْجَبُوْنَ (٥٩)	وَتَضْحَكُوْنَ وَلَا تَبْكُوْنَ (٦٠)	
کو ظاهر ڪندڙ	ڇا پوءِ هن ڳالھہ کان عجب ۾ پئو ٿا	۽ کلو ٿا ۽ روئو نہ ٿا	
وَاَنْتُمْ سَامِدُوْنَ (٦١)	فَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ وَاعْبُدُوْا (٦٢)		السجدة ١٢
۽ اوھان راند ڪندڙ آھيو	پوءِ سجدو ڪيو الله جي لاءِ ۽ عبادت ڪيو		

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪجھہ نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام جو ۽ سندن صحيفن جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آھي. "هٰذَا نَذِيْرٌ مِّنَ النُّذُرِ الْاُوْلٰى" (هي پھرين ڊيڄاريندڙن مان ڊيڄاريندڙ آھي) يعني حضرت محمد صلى الله عليہ وسلم هدايت قبول نہ ڪري گمراهيءَ جو رستو وٺندڙن کي سخت عذاب کان ائين ڊيڄاريندڙ آھي جيئن اڳيان نبي سڀورا ڊيڄاريندڙ ھئا. "اَزِفَتِ الْاٰزِفَةُ لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ كَاشِفَةٌ" (قيامت ويجهي ٿي الله کان سواءِ ان کي ڪير بہ ظاهر ڪندڙ ناهي) يعني قيامت ويجهي اچي وئي آھي هر نفس ان ۾ ڀلي يا بري عمل جي جزا يا سزا ڏنو ويندو پاڻ کي هلاڪت کان بچايو. "لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ كَاشِفَةٌ" (ان جو الله کان سواءِ ڪير بہ ظاهر ڪندڙ ناهي) يعني

(١) الدرالمنثور ص٦٥٨ـ جلد ٧


ان جي اچڻ جو وقت صرف الله عزوجل ظاهر ڪري سگهي ٿو ٻئي ڪي ڇا مجال آهي؟ لهذا ان ڏينهن جي لاءِ تيار رهو متان اوچتو اچي وڃي ۽ پوءِ ڪجهه ڪري نه سگهو. "اَفَمِنْ هٰذَا الْحَدِيْثِ تَعْجَبُوْنَ وَتَضْحَكُوْنَ وَلَاتَبْكُوْنَ وَاَنْتُمْ سَامِدُوْنَ" (ڇا پوءِ هن ڳالهه کان عجب ڪيو ٿا ۽ کلو ٿا ۽ روئو نه ٿا ۽ اوهان راند ڪندڙ آهيو) هتي ڪافرن تي عجب جو اظهار ڪيو ويو آهي ۽ ڪين چيو ويو آهي ته ڇا اوهان هن ڳالهه (قرآن ڪريم) کي ٻڌي جنهن ۾ اوهان جي لاءِ هدايت ۽ سڌي واٽ جي رهنمائي آهي عجب ۾ پئو ٿا ته اها الهي ڪلام ڪيئن آهي؟ ان کي ٻڌي مذاق ڪندي کلو ٿا الله عزوجل کان ڊڄي روئو نه ٿا حالانڪ هجڻ ته ائين کپي جو اوهان اڳين قومن تي آيل عذاب جون ڳالهيون ٻڌي زارو قطار روئو ها. اوهان وڏائي سان هلندي راند ڪندا ٿا رهو بالڪل غافل بنجي ويا آهيو "فَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ وَاعْبُدُوْا" (پوءِ الله لاءِ سجدو ڪيو ۽ عبادت ڪيو) ڪافرن جي حالات کي بيان ڪرڻ کان پوءِ مومنن کي الله پاڪ جي اڳيان سجدي ڪرڻ ۽ عبادت ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

تلاوت جي سجدي جو حڪم: هيءَ سجدي جي آيت آهي امام ابوحنيفه، امام شافعي ۽ اڪثر اهل علم وٽ هن آيت جي تلاوت ڪندڙ ۽ ٻڌندڙ تي سجدو واجب آهي امام مالڪ وٽ هتي سجدو واجب ناهي جيڪڏهن ڪو پنهنجي مرضيءَ سان ڪري ٿو ته ٺيڪ آهي ۽ پاڻ حضرت امام مالڪ عليه الرحمة جڏهن هيءَ آيت تلاوت ڪندو هو ته سجدو ڪندو هو. حنفي حضرات وٽ هن سجدي جي وجوب جا ڪيئن دليل آهن. (١) جن مان ڪجهه هتي لکجن ٿا. ١. بخاري، مسلم، ابوداؤد، نسائي ۽ ابن مردويه حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته پهرين سورة جنهن ۾ (تلاوت جو) سجده نازل ڪيو ويو سورة "والنجم" آهي (ان جي تلاوت ڪري) رسول الله صلى الله عليه وسلم جن سجدو ڪيو ۽ سيني ماڻهن به ساڻن گڏ سجدو ڪيو (الحديث) ٢. ابن مردويه ۽ السنن ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن اسان کي نماز پڙهائي پوءِ ان ۾ سورة والنجم پڙهيائون پوءِ اسان کي سجدو (تلاوت جو) ڪرايائون ۽ ڊگهو سجدو ڪيائون ۽ (حضرت) عمر رضي الله عنه به ائين ڪيو. ٣. سعيد بن منصور صبرة کان روايت آندي آهي ته اسان کي (حضرت) عمر رضي الله عنه فجر نماز پڙهائي پوءِ پهرين رڪعت ۾ سورة يوسف ۽ ٻيءَ ۾ والنجم پڙهي (تلاوت جو) سجدو ڪيائين. الخ. (١) ۽ جن روايتن ۾ آيو آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن اها

(١) معارف القرآن صـ٢١٩ـ جلد ٨ (٢) الدرالمنثور صـ٦٥٨ـ جلد ٧

سورة پڙهي سجده تلاوت نہ ڪيو ان مان مراد آهي تہ ان مهل نہ ڪيو ۽ ممڪن آهي تہ ان وقت ڪنهن عذر جي ڪري نہ ڪيائون بعد ۾ سجدو ڪيو هجين. امام مالڪ پاڻ بہ پنهنجي موطاءَ ۾ حضرت عمر رضي الله عنـــه جو هي فعل روايت ڪيو آهي تہ ان فجر واري نماز ۾ سورة والنجم پڙهي ۽ سجدو تلاوت جو ڪيو وري اٿيو ۽ سورة الزلزال پڙهي رڪوع ڪيائين. (٢)

فائدا: آيت عـ٥٦ـ مان معلوم ٿيو تہ دين جي اصول ۾ سڀئي رسول علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام برابر آهن فروعي مسائل ۾ انهن جون هدايتون مختلف رهيون آهن. ٢. آيت عـ٥٨ـ مان معلوم ٿيو تہ قيامت جي اچڻ وارو وقت الله عزوجل ظاهر ڪري سگهي ٿو ٻيو ڪو بہ ان جي ڄاڻائڻ ڪان سواءِ نہ ٿو ڄاڻي يا مراد آهي تہ قيامت جي ڏينهن اچڻ واري تڪليف الله عزوجل ئي لاهي سگهي ٿو پوءِ صرف پنهنجي فضل سان لاهي يا پياري حبيب عليه الصلواة والسلام جي شفاعت سان اهو بہ ان جو ئي فضل آهي. ٣. "وَلَا تَبْكُوْنَ" (۽ روئو نہ ٿا) جي انداز بيان مان معلوم ٿيو تہ ٻانهي جو رب ڪريم جي دربار ۾ روئڻ نهايت پسنديد وعمل آهي ۽ قرآن ٻڌي روئڻ مومنن جو ڪم آهي. ٤. "وَاَنْتُمْ سَامِدُوْنَ" (۽ اوهان راند ڪندڙ آهيو) مان معلوم ٿيو تہ راڳ روپ، لهو ۽ لعب الله عزوجل کي پسند ناهي نہ ان سان الله عزوجل راضي ٿيندو. (٣) ٥. ثعلبي پنهنجي تفسير ۾ ابي بن ڪعب کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن فرمايو "جنهن سورة النجم پڙهي تہ جن (حضرت) محمد (عليـه الصلواة والسلام) کي سچو ڄاتو يا ڪوڙو ڄاتو انهن جي تعداد جيترو اجر ڏنو ويندو." (٤) الحمدلله جو مون عاجز عاصي اڄ بموٴرخـــــه ٢٦ ذوالحج ١٤٢٥هـ الموافق ١.٥.٥.٢٠٠٥ع تي آچر جي رات بوقت ٩ لڳي ڇهن منٽن تي سورة النجم جو تفسير لکي پورو ڪيو رب ڪريم جلت صفاتـــه جي رحمت واسع ۾ اميد رکندي سندس بارگاهہ ۾ ملتجي آهيان تہ اهو رحيم رحمان رحم ڪري مون نااهل کي توفيق ڏئي باقي رهيل سورتن جو تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ جي نعمت نصيب ڪري، آمين ثم آمين يا الـه العلمين بحرمـه حبيبڪ الامين عليـه وعلى آلـه واصحابـه الصلوات والتسلمات الى يوم الدين.



(١) روح المعاني صـ٧٢ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩ (٢) ضياءُ القرآن صـ٤٧ـ جلد ٥ (٣) ايسرالتفاسير صـ٣٥٧ـ جلد ٤ (٤) اللباب في علوم الكتب صـ٢٢٨ـ جلد ١٨

سورة "اَلْقَمَرِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.
نالو مبارڪ: هن سورة پاڪ جا ٽي "٣" نالا آهن. ١. سُوْرَةُ "اَلْقَمَرِ" جيڪو هن جي پهرئين ڪلمه ۾ مذڪور آهي. ٢. سُوْرَةُ "اِقْتَرَبَتِ" ٣. سُورة "اَلْمَبِيْضَةُ" (روشن ڪندڙ) هيءَ پنهنجي تلاوت ڪندڙ جي منهن کي روشن رکندي. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي قول مطابق هن جو اهو نالو توراة ۾ مذڪور آهي. (١)
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٽي رڪوع، پنجونجاه آيتون، ٽي سؤ ٻائيتاليهه (٣٤٢) ڪلما ۽ هڪ هزار چار سؤ ٽيويهه (١٤٢٣) حرف آهن. (٢)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ نحاس، ابن الضريس، ابن مردويه، دلائل النبوة ۾ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته سورة "اَلقمرِ" سورة "اِقتربتُ" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي. (٣)
نزول جو زمانو: هن سورة جي نزول جي زماني لاءِ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته هيءَ ان وقت نازل ٿي جڏهن چنڊ جِي چيرجڻ وارو معجزو ظاهر ٿيو ۽ اهو معجزو مڪه مڪرمه ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي هجرت کان پنج سال پهريان منيٰ جي ميدان ۾ ظهور پذير ٿيو هو. (٤)
مضمون: مڪه مڪرمه جا رهاڪو روز بروز اهڙن معجزن جو مشاهدو ڪري رهيا هئا جن کي ڏسڻ کان پوءِ ڪو به سليم الطبع انسان حضور عليه الصلواة والسلام جي رسالت جو انڪار ڪري نه ٿي سگهيو پرعقل جا انڌا ان کي جادو سڏي ٽاري ڇڏيندا هئا نيٺ هڪ رات انهن جي مطالبي تي ڪين چنڊ چيري ڏيکاريو ويو مڪه مڪرمه جا رهاڪو ان رات منيٰ جي ڪليل ميدان ۾ حاضر هئا ڏسڻ وارن وٽ سهڻي حبيب عليه الصلواة والسلام جن جي رسول برحق هجڻ جي انڪار ڪرڻ جو ڪو رستو نه هو پرازلي، ابدي بدبخت ابوجهل انڪار ڪندي چيو ته هي وڏو جادوگر آهي جنهن جو جادو آسمان تي اثر انداز رهيو آهي پر ان جي انڪار ڪرڻ سان حقيقت مٽجي نه سگهندي اتي موجود سيني ماڻهن جي ڏسڻ سان چنڊ (جو ايترو وڏو ڪرهٔ نور) ٻه ٽڪرا ٿيو جيڪو زمين جي ڪرهٔ کان ڪيترا حصا وڏو آهي ثابت ٿيو ته جيئن الله عزوجل جي محبوب عليه الصلواة والسلام جي اشاري سان (باذن الله) هي واقعو پيش آيو ٽيئن ٻيا ڪرهٔ الله جلت صفاته جي اذن سان ٽڪرا ٽڪرا ٿي ختم ٿي

(١) روح المعاني ص٧٣ـ جزءُ ٢٧ (٢) خازن ص٢٠١ـ جلد ٤ (٣) الدرالمنثور ص٦٦٩ـ جلد ٧ (٤) ضياءُ القرآن ص٤٩ـ جلد ٥

سگهن تا ۽ اها ئي قيامت آهي جنهن جو اهي انڪار ڪندا هئا. هن سورة پاڪ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ڪافرن جي انڪار جو وجـــه ڪو عقلي انڪار نہ هو بلڪ اهي خالص پنهنجي خواهشات جي پيروي ڪري رهيا هئا ۽ جڏهن تہ عياش نفس اهو گهري پيو تہ قيامت نہ اچي ان جي ڪري ئي ان جو انڪار ڪري رهيا هئا انهن بدبختن کي ان وقت هوش ايندو جڏهن ملائڪ سڳورا قيامت جي ڏينهن انهن کي جانورن وانگر هڪلي رب العزة جل وعلا جي بارگاه ۾ پيش ڪندا ان کان بعد اڳين امتن جا احوال پيش ڪيا ويا آهن تہ انهن ڪيئن الله عزبرهانـــه جي پيارن نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چيو هو انهن جي حق واري دعوت تي مذاق ڪئي هئي پنهنجي ظاهري پاور جي ڪري ظلم، تشدد، فسق ۽ فجور جي زندگي بسر ڪندا هئا پر جڏهن ڪين مليل مهلت جي مدت ختم ٿي تہ الٰهي عذاب اچي انهن کي نيست نابود ڪري ڇڏيو. هر قوم جي حالات ذڪر ڪرڻ کان پوءِ "وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْآنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ" آيت کي ورائي ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن ۾ پڙهندڙن کي متنبـــہ ڪيو ويو آهي تہ هي قرآن ڪو معمولي ڪتاب ناهي جنهن کي سمجهڻ انهن جي وس کان ٻاهر آهي هي تہ هڪ واضح البيان، روشن ۽ ڪليل ڪتاب آهي جيڪو شخص بہ ان کي ڪليل دل سان، سچي نيت سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو تہ ان جي لاءِ ان کي سمجهڻ آسان هوندو گذريل قومن جي هلاڪت جي قصن کي بيان ڪرڻ کان پوءِ مڪـہ مڪرمـــہ جي رهاڪو ڪافرن کي مخاطب ڪري چيو ويو آهي تہ ڇا اوهان وٽ الله عزوجل جي طرفان لکت ۾ ڪو وعدو آهي تہ جيڪڏهن اوهان سيدنا ابراهيم علىٰ نبينا وعليـہ الصلواة والسلام جي تعمير ڪيل بيت الله ۾ ٽي سوءِ سٺ (٣٦٠) بتن کي رکي انهن جي عبادت ڪندا رهندا تہ بہ اوهان کي ڪجهہ نہ چيو ويندو جيڪڏهن اوهان کي پنهنجن ويڙهاڪن، بهادرن تي ناز آهي تہ ڪن کولي ٻڌو تہ اوهان ۽ اوهان جا ويڙهاڪ جوان الله عزوجل جي قاهر قدرت ۽ قوتن جي اڳيان ڪجهہ بہ ناهن اوهان جا عقائد، اعمال ۽ زندگيءَ جو هر پهلو اسان وٽ لکيل، محفوظ آهي. محشر جي ميدان ۾ اوهان انهن جو انڪار ڪري نہ سگهندؤ.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳين سورة ۾ "اَزِفَتِ الْاٰزِفَـــةُ" سان قيامت جو قريب هجڻ بيان ٿيو تيئن هتي بہ "اِقْتَرَبَتِ السَّاعَـــةُ" سان قيامت جو قريب هجڻ بيان ڪيو ويو آهي.

پڙهڻ جون برڪتون: ١. ديلمي ام المؤمنين عائشـہ رضي الله عنها کان مرفوع روايت آندي آهي تہ جنهن "الٓمّٓ تَنْزِيْلُ"، "يٰسٓ"، "اِقْتَرَبتِ السَّاعَـــةُ" ۽ "تَبَارَكَ الَّذِىْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ" (سورتون) تلاوت ڪيون تہ اهي ان جي لاءِ نور، شيطان ۽ شرڪ کان بچاءُ ۽ قيامت

جي ڏينهن ان جي درجات ۾ بلندي (جو باعث) هونديون. ٢. ابن الضريس نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن تائين مرفوع سند سان روايت آندي آهي ته پاڻ فرمايائون جنهن ”اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ“ (سورة) هر رات، وفات ڪرڻ تائين پڙهي ته الله عزوجل جي ديدار ڪرڻ وقت ان جو منهن چوڏهينءَ جي رات واري چنڊ جهڙو چمڪندڙ هوندو. (٢)



(١) اللباب في علوم الڪتٰب صـ٢٢٩ـ جلد ١٨ (٢) الدرالمنثور صـ٦٦٩ـ جلد ٧

وَهِيَ خَمْسٌ وَّخَمْسُوْنَ اٰيَـةً	سُوْرَةُ الْقَمَرِ مَكِّيَّةٌ	وَثَلَاثُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها (٥٥) آيتون	سورة القمر مكيه آهي	۽ (٣) رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَانْشَقَّ الْقَمَرُ (١) وَاِنْ يَّرَوْا اٰيَةً يُّعْرِضُوْا وَيَقُوْلُوْا

ويجهي ٿي قيامت ۽ چيريو چنڊ ۽ جيڪڏهن ڏسن ٿا ڪا نشاني ته منهن موڙين ٿا ۽ چون ٿا ته

سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ (٢) وَكَذَّبُوْا وَاتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ وَكُلُّ اَمْرٍ مُّسْتَقِرٌّ (٣)

جادو قديمي آهي ۽ ڪوڙو چيائون ۽ تابع ٿيا پنهنجين سڌن جا ۽ هر امر قرار وٺندڙ آهي

وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنَ الْاَنْبَآءِ مَافِيْهِ مُزْدَجَرٌ (٤) حِكْمَةٌ بَالِغَةٌ فَمَا تُغْنِ

۽ البت تحقيق آيو انهن وٽ خبرن مان اهو جو ان ۾ جهڙڪ آهي حڪمت بالغه پوءِ نه فائدو

النُّذُرُ (٥) فَتَوَلَّ عَنْهُمْ يَوْمَ يَدْعُ الدَّاعِ اِلٰى شَيْءٍ نُّكُرٍ (٦)

ڏنو ڊيڄاريندڙن پوءِ منهن موڙ انهن کان جنهن ڏينهن سڏيندو سڏيندڙ انڪار ڪيل شيءِ ڏانهن

خُشَّعًا اَبْصَارُهُمْ يَخْرُجُوْنَ مِنَ الْاَجْدَاثِ كَاَنَّهُمْ جَرَادٌ مُّنْتَشِرٌ (٧)

چمڪندڙ هونديون اکيون انهن جون نڪرندا قبرن مان ڄڻ ته اهي مڪڙ ٽڙيل آهن

مُّهْطِعِيْنَ اِلَى الدَّاعِ يَقُوْلُ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا يَوْمٌ عَسِرٌ (٨)

ڊوڙندڙ سڏيندڙ ڏانهن چوندا ڪافر ته هي ڏينهن ڏکيو آهي

وقف لازم

تفسير

هن سورة کان اڳيئن سورة ۾ اَلنَّجْمُ آسماني تاري جو ذڪر هو ۽ هتي آسمان جي چنڊ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ" (قيامت ويجهي ٿي) هتي الله جل مجده قيامت جي ويجهي ٿيڻ جو ذڪر فرمايو آهي. تانت ماڻهو ان جي لاءِ تيار رهن. جيئن حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "بُعِثْتُ اَنَا وَالسَّاعَةُ ڪهاتين" (منهن جي بعثت ۽ قيامت هنن ٻن (اشهد آڱر ۽ وچين آڱر ڏي اشارو

ڪندي) وانگر (قريب) آهيون) مطلب تہ مون کان بعد قيامت جلد اچڻ واري آهي.
"وَانْشَقَّ الْقَمَرُ" ۽ چنڊ چيريو.
چنڊ جي چيرجڻ وارو معجزو: جمهور مفسرن، محدثن ۽ محققن جو قول آهي تہ هتي مذڪور انشقاق القمر (چنڊ جي چيرجڻ) مان مراد حضرت حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جي آڱر مبارڪ جي اشاري سان چنڊ جي چيرجڻ وارو معجزو آهي جيڪو هجرت جي پنجين سال کان پهريان واقع ٿيو هو هي صحيح حديثن سان ثابت آهي وڌن، وڌن اصحابن رضي الله تعالىٰ عنهم ان کي روايت ڪيو آهي جن مان ڪجهہ هي هستيون آهن. ١. سيدنا علي المرتضىٰ، ٢. سيدنا انس، ٣. سيدنا ابن مسعود، ۴. سيدنا حذيفه ۵. سيدنا جبير بن مطعم ٦. سيدنا ابن عمر، ٧. سيدنا ابن عباس وغيرهم (رضي الله عنهم) علامه آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي. "والاحاديث الصحيحة في الانشاق كثيرة" ۽ چنڊ جي چيرجڻ جي متعلق صحيح حديثون گهڻيون آهن. ساڳئي علامه لکيو آهي امام تاج الدين سبڪي، علامه ابن حاجب جي ڪتاب "المختصر" جي شرح ۾ لکيو آهي. "الصحيح عندي ان انشقاق القمر متواتر منصوص عليه في القرآن مروي في الصحيحين وغيرهما من طرق شتي بحيث لايمترىٰ في تواتره" اهڙي طرح المواقف الشريفي ۾ بہ آهي. (١) گهڻي تعداد سان موجود حديثن جي باوجود بعضي ماڻهن هن واقعي جو انڪار ڪيو آهي ۽ چون ٿا تہ اهو قيامت جي قريب ٿيندو۽ ٿيو ناهي. انشق جيتوڻيڪ ماضي جو صيغو آهي پر هتي مستقبل تي دلالت ڪري ٿو ۽ عربي لغت ۾ ان جا مثال گهڻا موجود آهن. جيڪڏهن اهڙو ڪو واقعو ٿئي ها تہ ساري دنيا ۾ ان جي ڌوم متل هجي ها ان دور جا مؤرخ پنهنجين تاريخن ۾ ان جو ذڪر ڪن ها علم نجوم جا ماهر بہ پنهنجي تصنيفات ۾ ان کي يادگار واقعي طور لکن ها انهن جو جواب هي آهي تہ هي واقعو رات جو ٿيو هو ۽ جزيره عرب جي مغرب ۾ جيڪي ملڪ هئا اتي ان وقت ڏينهن هو ان جي ڪري اتي ڏسڻ جو تہ سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي ۽ ٻيو تہ هي واقعو رات جو اوچتو پيش آيو هو ٻين ماڻهن کي ڪهڙي خبر تہ هي واقعو پيش ٿيندو تہ اهي رات جو انتظار ڪن رات جو تہ ماڻهو ستل هوندا ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ ٿورڙي وقت ۾ ڇا مان ڇا ٿي ويو. بالفرض ان وقت جيڪڏهن ڪو سجاڳ بہ هوندو تہ اهو پنهنجي ڪم ۾ مشغول هجڻ جي ڪري هن طرف متوجه نہ ٿيو هوندو يا ڪنهن ڏٺو بہ هوندو تہ لکي محفوظ ڪري نہ رکيو هوندو . الغرض اهڙا ڪيترا احتمال ٿي سگهن ٿا. انهن سڀني احتمالات جي هوندي اسين متواتر

(١) روح المعاني صـ٧۴ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩.

روايات سان ثابت ٿيندڙ واقعي کي ڪيئن غلط چئي سگهنداسون، سيد سليمان ندوي پنهنجي ڪتاب خطبات مدراس ۾ لکيو آهي ته هاڻي سنسڪرت زبان ۾ هڪ پراڻو ڪتاب مليو آهي جنهن ۾ لکيل آهي ته "مالابار" جي راجه پنهنجي اکين سان چنڊ کي ٻه ٽڪرا ٿيندي ڏٺو هو. بعضي ماڻهو هن جو ان جي ڪري انڪار ڪن ٿا ته ايڏو، زمين کان ٻه وڏو ڪره ٻه ٽڪرا ٿئي وري ڳنڍجي هڪ ٿئي اهو ناممڪن آهي پر جديد سائنس جي روشنيءَ ۾ ان جو انڪار ڪرڻ ناممڪن آهي ٿي سگهي ٿو ته هڪ "ڪره" ۾ ٻرندڙ مادو هجي ۽ اهو اهڙي طرح ڦاٽي جو ٻه ٽڪرا ٿي وڃي پر مرڪز جي مقناطيسي قوت ايتري طاقتور هجي جو انهن ٻنهي ٽڪرن کي وري گڏي هڪ ڪري جڏي ۽ ٻيو ته اسان کي ان تڪلفات ڪرڻ جي تڏهن ضرورت پوي جڏهن چنڊ ڦاٽي ٻه اڌ ٿئي پر جڏهن اسان جو ايمان آهي ته الله جل وعلا پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام جي رسالت کي سچي ثابت ڪرڻ جي لاءِ چنڊ کي ٻه ٽڪرا ڪيو ته هاڻي ڪنهن مسلمان کي ان ۾ شڪ جي ڪهڙي گنجائش آهي ڇو ته جنهن خالق ان چنڊ کي خلقيو آهي اهو ان کي ٽوڙي به سگهي ٿو ته وري جوڙي به سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ماڻهو چون ٿا ته "انشقاق القمر" جو واقعو قيامت جي قريب ٿيندو ته قرآن ڪريم جو سياق ۽ سباق اڻ جو انڪار ڪري ٿو ڇو ته "وَاِنْ يَّرَوْا اٰيَـــةً" الخ. وارو جملو صاف ٻڌائي رهيو آهي ته انهن اهو چنڊ جو چيرجڻ ڏسي پوءِ روگرداني ڪئي هئي. (١) "وَاِنْ يَّرَوْا اٰيَـــةً يُّعْرِضُوْا وَيَقُوْلُوْا سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ" (۽ جيڪڏهن ڪا نشاني ڏسن ٿا ته منهن موڙين ٿا ۽ چون ٿا ته قديمي جادو آهي) مطلب ته انهن پاڻ جنهن معجزي جو مطالبو ڪيو هو ۽ وعدو ڪيو هو ته جيڪڏهن هي معجزو انهن کي ڏيکاريو وڃي ته اهي ضرور ايمان آڻيندا. پر جڏهن اهو معجزو ظاهر ٿيو ته انهن کي ايمان جي توفيق نصيب نه ٿي رهندو چوڻ لڳا ته هي هڪ وڏو جادو آهي جو نه صرف زمين تي پر آسمان تي به اثر انداز ٿيو آهي. "وَكَذَّبُوْا وَاتَّبَعُوْٓا اَهْوَاۗءَهُمْ" (۽ ڪوڙو چيائون ۽ پنهنجين خواهشن جي اتباع ڪيائون) يعني جڏهن انهن وٽ حق پهتو ته ان کي مڃڻ جي بجاءِ ڪوڙو چوڻ لڳا ۽ ڪين جيئن سندن نفساني خواهشات چيو تيئن ڪيائون. (٢) "وَكُلُّ اَمْرٍ مُّسْتَقِرٌّ" (۽ هر امر قرار وٺندڙ آهي) يعني ڪافرن جي تڪذيب ۽ مومنن جي تصديق نيٺ قرار وٺنديون مومن ثواب ماڻيندا. ڪافر عذاب ۾ هوندا. (٣) "وَلَقَدْ جَاۗءَهُمْ مِّنَ الْاَنْۢبَاۗءِ مَافِيْـهِ مُزْدَجَرٌ" (۽ البت تحقيق انهن وٽ خبرن

(١) ضياءُ القرآن ص٥٢، ٥٣ـ جلد ٥ (٢) تفسير ابن ڪثير ص٢٦٣ـ جلد ۴
(٣) الوجيز ص١٠۴٥ـ جلد ٦

مان اهو آيو جنهن ۾ جهڙڪ آهي) يعني انهن وٽ اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوندڙن امتن جا قصا ۽ انهن کي ملندڙن عذابن جون خبرون هن قرآن ڪريم جي ذريعي پهتيون آهن جن ۾ هنن جي لاءِ براين ۽ شرڪ کان روڪڻ واريون نصيحتون آيل آهن. "حِكْمَةٌ بَالِغَةٌ" (بالغ حڪمت) يعني الله عزوجل جي طرفان ڪن ڀانهن کي هدايت ملڻ ته ڪن کي هدايت نصيب نه ٿيڻ به وڏي حڪمت آهي. (١) يا مراد آهي ته اهي شيون انهن کي براين کان باز رکڻ واريون به هيون ته حڪمت واريون به هيون "فَمَا تُغْنِ النُّذُرُ" (پوءِ ڊيڄاريندڙ فائدو نه ڏنو) جيڪڏهن هتي "ما" نفي ڪندڙ آهي ته پوءِ مطلب ٿيندو ته: انهن ڏانهن ڊيڄاريندڙ مبلغ بنائي موڪليا ويا هئا پر هنن انهن جي ڪا به ڳالهه نه مڃي ان جي ڪري ڪو به فائدو حاصل نه ٿيو "فَتَوَلَّ عَنْهُمْ" (پوءِ انهن کان منهن ڦيراءِ) مطلب ته انهن کان منهن مبارڪ ڦيرائي ڇڏ. اڪثر مفسرن فرمايو ته: هي آيت جهاد واري آيت سان منسوخ آهي جنهن ۾ حڪم آهي ته مسلمان نه ٿين ته ساڻن جهاد ڪيو ۽ ابن الخطيب جو قول آهي ته: هيءَ آيت منسوخ ناهي ان مان مراد آهي ته انهن سان زباني مناظرو نه ڪيو انهن کان منهن موڙيو انهن کي تلوار سان درست ڪيو ويندو (٢) "يَوْمَ يَدْعُ الدَّاعِ إِلَىٰ شَيْءٍ نُّكُرٍ" (جنهن ڏينهن سڏيندڙ نه پسند ڪيل شيءِ ڏانهن سڏيندو اها نه پسند ڪيل شيءِ قيامت آهي) اهو سڏڻ وارو حضرت اسرافيل هوندو جيڪو بيت المقدس جي صخره تي بيهي چوندو: اي پراڻا هڏا، ذرا ذرا ٿيل کلون، تتي ويندڙ وار! الله اوهان کي امر تو ڪري ته فيصلي جي لاءِ گڏ ٿيو. (٣) "خُشَّعًا أَبْصَارُهُمْ" (انهن جون اکيون جهڪندڙ هونديون) يعني انهن جون نگاهون خشوع جي حالت ۾ هونديون ان جا ڪيترا مطلب ٿي سگهن ٿا. ١. ته انهن تي ڊپ طاري هوندو. ٢. انهن مان ذلت ۽ ندامت محسوس ٿيڻ لڳندي جو ته قبرن مان اٿنديئي انهن کي محسوس ٿيندو ته هيءَ اهائي ٻي زندگي آهي جنهن جو اسين انڪار ڪندا هئاسون جنهن جي لاءِ ڪا تياري ڪري نه آيا آهيون جنهن ۾ اسان کي الله عزوجل جي اڳيان مجرم جي حيثيت سان پيش ٿيڻو آهي. ٣. ته اهي گهٻرائيل تي ان هولناڪ منظر کي ڏسندا هوندا جيڪو سندن سامهون هوندو انهن کان نظر هٽائڻ جو انهن کي هوش نه رهندو. (٤) "يَخْرُجُونَ مِنَ الْأَجْدَاثِ كَأَنَّهُمْ جَرَادٌ مُّنتَشِرٌ" (قبرن مان نڪرندا ڄڻ ته اهي ٽڙيل پکڙيل مڪڙ آهن) يعني جيئن مڪڙ هر طرف کان اڏامنداايندا آهن تيئن قبرن مان اٿڻ وارن جو حال

(١) تفسير ابن ڪثير ص٢٦٣ـ جلد ٤ (٢) اللباب ص٢٣٥ـ جلد ٨ (٣) المظهري ص١٣٦ـ جلد ٩ (٤) تفهيم القرآن ص٢٣٣ـ جلد ٥

هوندو چو تہ ان ڏينهن پهريان ۽ پويان سڀئي انسان هڪ ميدان ۾ گڏ ٿيڻ لاءِ اٿندا ۽ قبرن مان نڪري نروار ٿيندا. "مُهْطِعِيْنَ اِلَى الدَّاعِ" (سڏيندڙ ڏانهن ڊوڙندا ايندا) ڪنهن کي مجال نہ هوندي تہ اتي حاضر ٿيڻ ۾ دير يا تامل ڪري. "يَقُوْلُ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا يَوْمٌ عَسِرٌ" (ڪافر چوندا تہ هي ڏکيو ڏينهن آهي) مقصد تہ اتي پيش ايندڙ حالات کي مشاهدو ڪندي چوندا تہ هي ڏکيو ڏينهن اچي ويو آهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَانْشَقَّ الْقَمَرُ" (۽ چنڊ چيريو) مان حضرت نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن جو چنڊ چيرڻ وارو معجزو ثابت آهي ڪيئن چيريو ان جي تفصيل ۾ مختلف قول آهن پر ان معجزي جو واقع ٿيڻ قطعي دلائل، هن آيت ۽ صحيح احاديث سان ثابت آهي جن کي اصحاب ڪرام جي هڪ وڏي جماعت روايت ڪيو آهي حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنہ تہ ان وقت اتي موجود هجڻ ۽ واقعي کي مشاهدو ڪرڻ جو بہ ذڪر ڪيو آهي امام طحاوي ۽ ابن ڪثير عليهما الرحمة تہ شق القمر واقعي جي روايات کي متواتر قرار ڏنو آهي. (٢)

سوال 1: آسمان ۽ سيارن ۾ ڦاٽجڻ وري ملي هڪ ٿي وڃڻ ممڪن ناهي پوءِ چنڊ ڪيئن چيرجي بہ اڌ ٿيو؟

جواب: اهو چوڻ ئي صحيح ناهي ڪنهن بہ عقلي دليل سان ثابت ناهي تہ چنڊ نہ ٿو چيرجي سگهي. اهو قول لغو، باطل ۽ ڪا حيثيت نہ ٿو رکي. ها بي علم عوام اهڙن واقعن کي نہ مڃڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر معجزو تہ چئبو ئي ان کي آهي جيڪو عادت، دستور ۽ مروج نظام جي خلاف، عام ماڻهن جي وس کان ٻاهر، حيرت انگيز ۽ مستبعد هوندو آهي نہ تہ معمولي، روزمره ٿيڻ واري ڳالهہ کي معجزو ڪير سڏيندو؟

سوال 2: جيڪڏهن اهڙو عظيم الشان واقعو ظاهر ٿيو ها تہ پوري دنيا جي تاريخن ۾ ان جو ذڪر هجي ها؟

جواب: سوچڻ گهرجي تہ هي واقعو مڪہ مڪرمہ ۾ رات جي وقت ٿيو هو ۽ ان وقت ڪيترن ملڪن ۾ تہ ڏينهن هوندو چو تہ دنيا ۾ ڪٿي رات هوندي آهي تہ ڪٿي ڏينهن اتي بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو هوندو ڪٿي ڪٿي رات جو گهڻو حصو گذري ويو هوندو تہ اتي بہ نظر نہ آيو هوندو چو تہ گهڻا ماڻهو ستل هوندا آهن ۽ جاڳڻ وارا بہ رڳو چنڊ ۾ نظرون وجهيو نہ ويٺا هوندا. چنڊ جي ٻہ ٽڪرا ٿيڻ جي ڪري بہ ان جي چانڊوڪيءَ ۾ ڪو خاص فرق نہ پيو هوندو. زمين تي چانڊوڪي تہ پوءِ بہ موجود

(١) تفسير حقاني صـ٥٠٤ـ جزءُ ٧ (٢) معارف القرآن صـ٢٢٤ـ جلد ٨

هوندي ۽ اهو هو بہ ٿورڙي عرصي جي لاءِ. روزانو ڏنو ويجي ٿو تہ ڪنهن نہ ڪنهن ملڪ ۾ چنڊ گرهڻ ٿيندي آهي ۽ هلندڙ دور ۾ تہ پهريان ئي ڪان ان جو اعلان ڪيو ويندو آهي ان جي هوندي بہ لڪين انسان بي خبر ۽ بي توجهہ هوندا آهن تہ ان ڪي ان جو دليل بنائي نہ ٿو سگهجي تہ چنڊ گرهڻ نہ ٿي هوندي ان جي ڪري دنيا جي عام تاريخن ۾ ان جو مذڪور نہ هجڻ ان جي سچي نہ هجڻ جو دليل نہ ٿو ٿي سگهي. هندستان جي مشهور ۽ مستند تاريخ "تاريخ فرشتہ" ۾ ان جو ذڪر آهي تہ هندستان ۾ مها راجہ مليبار هي واقعو اکين سان ڏٺو ۽ پنهنجي روز نامچہ (ذاتي ڊائريءَ) ۾ لکرايو ۽ اهو ئي واقعو ان جي مسلمان هجڻ جو سبب بڻيو ۽ ابو داؤد طيالسي ۽ بيهقيءَ جي روايتن مان اهو بہ ثابت آهي تہ: مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو مشرڪن پاڻ بہ پاهران اچڻ وارن قافلن کان ان جي متعلق پڇا ڪئي هئي تہ انهن بہ ان جي تصديق ڪئي هئي تہ واقعي چنڊ بہ ٽڪرا ٿيو هو. (١)

"هٰذَا يَوْمٌ عَسِرٌ" (هي ڏکيو ڏينهن آهي) ان مان مراد آهي تہ اهو ڏينهن ڪافرن تي سخت هوندو ۽ مومنن تي آسان هوندو. مومنن کي ايمان جي برڪت ۽ سيدالمرسلين عليہ الصلواة والسلام جي شفاعت سان آساني نصيب ٿيندي.

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ فَكَذَّبُوْا عَبْدَنَا وَقَالُوْا

ڪوڙو پانيو انهن کان اڳي نوح جي قوم پوءِ اسان جي پانهي کي ڪوڙو چيائون ۽ چيائون

مَجْنُوْنٌ وَّازْدُجِرَ (٩) فَدَعَا رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ (١٠)

تہ چريو آهي ۽ جهڙڪيو ويو پوءِ پنهنجي رب کي سڏيائين تہ بيشڪ مان مغلوب آهيان پوءِ مددڪر

فَفَتَحْنَآ اَبْوَابَ السَّمَآءِ بِمَآءٍ مُّنْهَمِرٍ (١١) وَفَجَّرْنَا الْاَرْضَ

پوءِ کولياسون دروازا آسمانن جا پاڻي زور سان وهندڙ سان ۽ وهايوسون زمين کي

عُيُوْنًا فَالْتَقَى الْمَآءُ عَلٰٓى اَمْرٍ قَدْ قُدِرَ (١٢) وَحَمَلْنٰهُ عَلٰى ذَاتِ

چشما ڪري پوءِ مليو پاڻي ان مقدار تي جيڪو مقدر ڪيو ويو ۽ کنيوسين ان کي تختن ۽ ميخن

اَلْوَاحٍ وَّدُسُرٍ (١٣) تَجْرِيْ بِاَعْيُنِنَا ۚ جَزَآءً لِّمَنْ كَانَ كُفِرَ (١٤) وَلَقَدْ

واريءَ (ٻيڙي) تي هلي ٿي اسان جي اکين آڏو بدلو ٿي ان لاءِ جو انڪار ڪيو ويو ۽ البت تحقيق

(١) معارف القرآن صـ٢٢٦ـ جلد ٨

تَّرَكْنٰهَآ اٰيَةً فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ (١٥) فَكَيْفَ كَانَ
ڇڏيوسون اِن کي نشاني ڪري پوءِ ڪو نصيحت قبول ڪندڙ آهي؟ پوءِ ڪهڙي طرح هو منهنجو
عَذَابِىْ وَنُذُرِ (١٦) وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ
عذاب ۽ ڊيڄارڻ ۽ البت تحقيق آسان ڪيوسون قرآن کي نصيحت حاصل ڪرڻ جي لاءِ
فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ (١٧)
پوءِ ڪو نصيحت حاصل ڪندڙ آهي؟

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو آهي تہ اڳين امتن وٽ ڪين ڪفر، شرڪ ۽ برائين کان روڪيندڙ خبرون آيون پر انهن کي قبول نہ ڪيائون ۽ هتي انهن مان ڪجھ قومن جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ" (انهن کان اڳي حضرت نوح علیٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام جي قوم ڪوڙو ڀانيو) يعني نبين عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوڻ جو سلسلو حضرت نوح علیٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام جي قوم شروع ڪيو ۽ بعد ۾ اچڻ وارن جا اڳواڻ بڻيا. "فَكَذَّبُوْا عَبْدَنَا وَقَالُوْا مَجْنُوْنٌ وَّازْدُجِرَ" (پوءِ اسان جي ٻانهي کي ڪوڙو چيائون ۽ چيائون تہ چريو آهي ۽ جهڻڪيو ويو) حضرت نوح علیٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام جڏهن پنهنجي قوم کي ڪفر، شرڪ ۽ بدڪارين کان روڪيو تہ انهن بدبختن نہ صرف ان کي ڪوڙو چيو پر ان کي سختيءَ سان جهڻڪيو ۽ ان کي ڌمڪيون ڏيندا هئا تہ جيڪڏهن تو پنهنجي تبليغ بند نہ ڪئي تہ اسين توکي سنگسار ڪنداسون. "فَدَعَا رَبَّهٗٓ اَنِّىْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ" (پوءِ پنهنجي رب کان دعا گهريائين تہ بيشڪ مان مغلوب آهيان پوءِ بدلو وٺ) نَوَ سوَ (٩٠٠) سال پاڻ انهن کي وعظ ۽ نصيحت ڪندو رهيو پر انهن جي حالت وڌيڪ بگڙندي وئي ۽ انهن جي بد مزاج وڌيڪ بري ٿيندي رهي تہ پاڻ الله عزوجل جي بارگاهہ ۾ اها دعا گهريائين تہ ياالله! هي گهڻا آهن مان اڪيلو آهيان هو غالب آهن مان مغلوب آهيان تون منهنجي مدد ڪر ۽ انهن کان انتقام وٺندي انهن کي سزا ڏي. "فَفَتَحْنَآ اَبْوَابَ السَّمَآءِ بِمَآءٍ مُّنْهَمِرٍ" (پوءِ اسان زور سان وهندڙ پاڻيءَ سان آسمان جا دروازا کوليا) يعني تمام گهڻو پاڻي موڪليوسون جيڪو مسلسل هلندو رهيو. "وَّفَجَّرْنَا الْاَرْضَ عُيُوْنًا" (۽ زمين کي چشما ڪري ڇيريوسين) يعني ساري زمين مان پاڻي مٿي ڦوهارا هڻي نڪتو تان جو ماني پچائڻ وارا تنور جن ۾ پاڻي جو تصور بہ نہ ڪري سگهبو آهي انهن مان بہ پاڻي ٻاهر نڪرڻ لڳو. "فَالْتَقَى الْمَآءُ عَلٰٓى اَمْرٍ قَدْ قُدِرَ" (پوءِ

پاڻي ان مقدار تي مليو ويو جنهن جو اندازو لڳايو ويو هو) يعني آسمان مان وسندڙ ۽ زمين مان نڪرندڙ پاڻي ايتري مقدار تي گڏ ٿيو جيڪو الله عزوجل انهن جي هلاڪ ۽ تباهہ ڪرڻ جي لاءِ مقدر ۾ مقرر ڪري لکي ڇڏيو هو. "وَحَمَلْنَاهُ عَلٰى ذَاتِ اَلْوَاحٍ وَّدُسُرٍ" (۽ اسان ان کي تختن ۽ ميخن واريءَ ٻيڙي تي کنيو) يعني اسان پنهنجي پياري ٻانهي (حضرت) نوح علیٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام کي پاڻيءَ ۾ غرق ٿيڻ کان بچڻ جي لاءِ ان ٻيڙيءَ تي کنيو جيڪا تختن کي ميخون هڻي ملائي تيار ڪئي هيائين. "تَجْرِيْ بِاَعْيُنِنَا" (اسان جي (قدرتي) اکين جي اڳيان هلي پئي) ان ۾ حضرت نوح علیٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام ۽ ٻي مخلوقات مان ڪجهہ قسم مخلوق بہ سوار ڪيل هئي جن سيني کي رب العزة عزوجل پنهنجي خاص ڪرم سان محفوظ رکڻ تي گهريو. "وَلَقَدْ تَّرَكْنٰهَآ اٰيَـةً فَهَلْ مِن مُّدَّكِرٍ" (۽ البت تحقيق اسان ان کي نشاني ڪري ڇڏيو ڇا پوءِ ڪو نصيحت حاصل ڪندڙ آهي؟) "تَرَكْنٰهَا" (اسان ان کي نشاني ڪري ڇڏيو) مان مراد يا حضرت نوح علیٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام ۽ سندس قوم جو قصو آهي تہ ان کي اسان نشاني بنائي ڇڏيو تانتہ نصيحت حاصل ڪندڙ ان مان نصيحت حاصل ڪري رب العزة جلت صفاتہ جي بي فرمانين کان بچن يا ان مان مراد حضرت نوح علیٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام واري ٻيڙي آهي ان کي الله عزوجل سلامت رکيو تہ ماڻهو ان کي ڏسي عبرت حاصل ڪن ۽ سمجهن تہ فرمانبردار چڙهي بچي ويا ۽ بي فرمان ٻڏي هلاڪ ٿي ويا. "فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ" (پوءِ منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ ڪيئن هو؟) مطلب تہ اي مخاطب! الله جل وعلا جو دردناڪ عذاب ۽ ان جي طرفان حجت پوري ڪرڻ لاءِ ڊيڄارڻ ڏنئي تہ ڪيئن هو؟ "وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ" (۽ البت تحقيق اسان قرآن کي نصيحت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آسان بنايو پوءِ ڪو نصيحت حاصل ڪندڙ آهي) يعني اسان قرآن ڪريم جا الفاظ حفظ ۽ ادا ڪرڻ جي لاءِ ۽ معنیٰ فهم، علم جي لاءِ آسان ڪري ڇڏي آهي ڇو تہ اهو الفاظ جي لحاظ سان نهايت سهڻو ڪلام ۽ معنیٰ جي لحاظ سان وڌيڪ سچو. تفسير جي لحاظ سان وڌيڪ روشن آهي "لِلذِّكْرِ" مان مراد هر اها شيءِ آهي جنهن سان نصيحت حاصل ڪئي وڃي. ان جي ڪري قرآن جو علم علوم ۾ وڌيڪ سهنجو ۽ علی الاطلاق اجل آهي ۽ اهو ئي علم نافع آهي جو جڏهن طالب ان کي طلب ڪندو تہ ان جي الله عزوجل جي طرفان مدد ڪئي ويندي آهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. مفسرن لکيو آهي تہ

(١) تيسير الڪريم الرحمٰن ص١٤٣ـ جلد ٥

حضرت نوح علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جي قوم جا بعضي ماڻهو جيڪڏهن
حضرت نوح علىٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام کي ڪٽي ملندا هئا تہ ڪڏهن ڪڏهن
سندس ذات پاڪ کي تڪليف ڏيڻ جي لاءِ گهڻو ڏيندا هئا تانجو اهو بيهوش ٿي
ويندو هو پر پوءِ بہ جڏهن هوش ۾ ايندو هو تہ الله جلت صفاته کان دعا گهرندو هو
تہ "ياالله! منهنجي قوم کي معاف ڪر اهي حقيقت کان بي خبر آهن" ساڍا نَوَ سوَ
(٩٥٠) سال اهڙن ايذائن جو جواب دعائن سان ڏيندي نيٺ تنگ ٿي پوءِ انهن جي لاءِ
بددعا ڪئي هيائين. ٢. "وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ" (۽ البت تحقيق اسان قرآن کي
نصيحت جي لاءِ آسان بنايو) مان معلوم ٿيو تہ قران ڪريم نهايت آسان آهي ياد
ڪرڻ، حفظ ڪرڻ، نصيحت ڪرڻ ۾ تمام سولو آهي ۽ اهو اعزاز هن کان پهريان
ڪنهن بہ ڪتاب کي حاصل نہ ٿيو جو اهو حرف حرف برزبان ياد رهي ۽ اهو الله
عزوجل جي طرفان ئي آسان ڪرڻ جو ڪرم آهي جو ننڍا ننڍا ٻچا بہ قرآن ڪريم جا
حافظ هوندا آهن ۽ اها مراد بہ ٿي سگهي ٿي تہ قرآن پاڪ پنهنجن مضمونن، عبرت ۽
نصيحت کي اهڙو آسان ڪري بيان ڪيو آهي جو جيئن وڏي کان وڏو عالم، ماهر،
فلسفي ۽ حڪيم ان مان فائدو وٺي ٿو تيئن عام مسلمان بہ ان مان عبرت ۽ نصيحت
حاصل ڪري سگهي ٿو. ٣. مذڪوره آيت مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ان مان عبرت ۽
نصيحت هر ڪو حاصل ڪري سگهي ٿو پر ان جو اهو مطلب ناهي تہ ان مان هر ڪو
مسائل ۽ احڪام استنباط ۽ اجتهاد ڪري ڪڍي سگهي ٿو. اجتهاد ۽ استنباط نهايت
مشڪل مقام آهي جنهن ۾ سموري زندگي صرف ڪندڙ ڪي ئي ڪو حصو ملندو
آهي. هر هڪ جو اهو ميدان ناهي ان مان انهن ماڻهن جي غلط فهمي واضح ٿي جيڪي
قرآن ڪريم جي ان جملي جو سهارو وٺي قرآن ڪريم جي مڪمل تعليم، ان جا اصول
۽ قواعد حاصل ڪرڻ کان سواءِ مجتهد بنجڻ ۽ پنهنجي راءِ سان احڪام ۽ مسائل
جو استخراج ڪرڻ گهرندا آهن. اهو تہ کلي گمراهيءَ جو رستو آهي. (١)

كَذَّبَتْ عَادٌ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ (١٨) اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا صَرْصَرًا

ڪوڙو ڄيو عاد پوءِ ڪهڙي طرح هو منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ بيشڪ اسان موڪليو انهن تي واءُ تيز

فِيْ يَوْمِ نَحْسٍ مُّسْتَمِرٍّ (١٩) تَنْزِعُ النَّاسَ كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ مُّنْقَعِرٍ (٢٠)

هڪ منحوس، هميشہ واري ڏينهن ۾ پٽيائين ٿي ماڻهن کي گويا اهي ٿڙ آهن کجيءَ پاڙان پٽيل جا

(١) معارف القرآن ص ٢٣٠ـ جلد ٨

فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِىْ وَنُذُرِ (٢١) وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ

پوءِ ڪهڙي طرح هو منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ ۽ البت تحقيق آسان ڪيوسون قران نصيحت جي لاءِ

فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ (٢٢) كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِالنُّذُرِ (٢٣) فَقَالُوْٓا اَبَشَرًا مِّنَّا وَاحِدًا

پوءِ ڪو نصيحت وٺندڙ آهي ڪوڙو چيو ثمود ڊيڄاريندڙن کي پوءِ چيائون ته ڇا هڪ بشر جي پاڻ مان

نَّتَّبِعُهٗٓ اِنَّآ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ وَّسُعُرٍ (٢٤) ءَاُلْقِيَ الذِّكْرُ عَلَيْهِ

تابعداري ڪيون ان جي بيشڪ اسان ان وقت البت گمراهي ۽ چريائيءَ ۾ آهيون ڇا لاٿو ويو ذڪر ان تي

مِنْۢ بَيْنِنَا بَلْ هُوَ كَذَّابٌ اَشِرٌ (٢٥) سَيَعْلَمُوْنَ غَدًا مَّنِ الْكَذَّابُ

اسان مان بلڪ اهو گهڻو ڪوڙو، پاڻ پڏائيندڙ آهي جلد ڄاڻندا صبحاڻي ته ڪير گهڻو ڪوڙو

الْاَشِرُ (٢٦) اِنَّا مُرْسِلُوا النَّاقَةِ فِتْنَةً لَّهُمْ

پاڻ پڏائيندڙ آهي؟ بيشڪ اسين موڪليندڙ آهيون ڏاچي انهن جي آزمائش جي لاءِ

فَارْتَقِبْهُمْ وَاصْطَبِرْ (٢٧) وَنَبِّئْهُمْ اَنَّ الْمَآءَ قِسْمَةٌۢ بَيْنَهُمْ

پوءِ انهن جو انتظار ڪر ۽ صبر ڪر ۽ خبر ڏي انهن کي ته بيشڪ پاڻي ورهايل آهي انهن ۾

كُلُّ شِرْبٍ مُّحْتَضَرٌ (٢٨) فَنَادَوْا صَاحِبَهُمْ فَتَعَاطٰى فَعَقَرَ (٢٩)

هر وارو حاضر ڪيل آهي پوءِ سڏيائون پنهنجي ساٿيءَ کي پوءِ وار ڪيائين پوءِ ٽنگون وڍيائين

فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِىْ وَنُذُرِ (٣٠) اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ صَيْحَةً

پوءِ ڪهڙي طرح هو منهنجو عذاب ۽ منهنجو ڊيڄارڻ بيشڪ اسان موڪليو انهن تي ڪڙڪيدار

وَّاحِدَةً فَكَانُوْا كَهَشِيْمِ الْمُحْتَظِرِ (٣١) وَلَقَدْ يَسَّرْنَا

هڪ آواز پوءِ ٿي پيا مثل سڪل گاهه لوڙهو ڏيندڙ جي ۽ البت تحقيق آسان ڪيوسون

الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ (٣٢)

قرآن کي نصيحت حاصل ڪرڻ جي لاءِ پوءِ ڪو نصيحت حاصل ڪندڙ آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت نوح جي قوم ۽ انهن جي هلاڪتن جو ذڪر ٿيو ۽ هتي حضرت هود علیٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام جي قوم کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو

آهي. "كَذَّبَتْ عَادٌ" (عاد ڪوڙو چيو) يعني عاد جي قوم سندن طرف موڪليل الله عزوجل جي نبي حضرت هود عليـــه الصلواة والسلام کي ڪوڙو چيو ۽ پاڻ انهن کي جيڪو حق جو پيغام پهچايائين انهن ان کي نہ مڃيو. "فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِىْ وَنُذُرِ" (پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجا ڊپ ڏيارڻ ڪيئن هئا) يعني اي مڪـــه مڪرمـــه جا رهاڪو قريشي ڪافرو! ڏسو تہ مون انهن کي ڪيئن عذاب سان هلاڪ ڪيو ۽ انهن جي طريقي تي هلڻ وارن کي بہ منهنجي طرفان ڊپ ڏيارڻ وارا پيغام ڪيئن پهچندا رهيا ۽ پهچندا رهن تا هن مان مقصد قرآن ڪريم جي پڙهندڙن کي متوجـــه ڪرڻ آهي. "إِنَّا أَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيحًا صَرْصَرًا فِىْ يَوْمِ نَحْسٍ مُّسْتَمِرٍّ" (اسان انهن تي هميشـــه واري منحوس ڏينهن ۾ تيز هوا موڪلي "صرصر" جي معنىٰ سخت تيز ۽ ڪڙڪيدار هوا. (١) مطلب تہ اسان عاد نالي قوم تي سندن شرڪ، ڪفر، سرڪشي ۽ اسان جي نبي حضرت هود علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام کي نہ مڃڻ جي ڪري اهڙو سخت سردي ۽ وارو تکو ۽ ڪڙڪيدار واءُ موڪليو جنهن ڪين هلاڪ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. "تَنزِعُ النَّاسَ كَأَنَّهُمْ أَعْجَازُ نَخْلٍ مُّنقَعِرٍ" (ماڻهن کي پاڙان پٽيائين تي جڻ تہ اهي پاڙان پٽيلن کجين جا ٿڙ آهن) يعني اهو واءُ ايترو طاقتور هو جو انهن ڪافرن کي مٿي آسمان ڏانهن کڻي ايترو زور سان هيٺ هنيو جو سندن ڪنڌ ڀڄي پيا ۽ سندن وڏا وڏا جسم ائين پيا هئا جيئن پاڙان پٽيل کجين جا ٿڙ پيا هوندا آهن. "فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِىْ وَنُذُرِ" (پوءِ منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ ڪيئن هو؟) هي لفظ هر قصي کان پوءِ ورائي ورائي آندو ويو آهي جنهن ۾ ڪنهن قوم جي هلاڪت جو بيان آهي ان مان مقصد بين ڪافرن کي ڊيڄارڻ ۽ عجب ڏيارڻ آهي "وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْآنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِن مُّدَّكِرٍ" (۽ البت تحقيق اسان قرآن کي نصيحت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آسان ڪيو پوءِ ڪو نصيحت حاصل ڪندڙ آهي؟) "مدڪر" اصل ۾ مذتڪر آهي يعني نصيحت حاصل ڪندڙ "يَسَّرْنَا" جي معنىٰ اسان ان کي پڙهڻ جي لاءِ آسان ڪيو آهي. (٢) "كَذَّبَتْ ثَمُودُ بِالنُّذُرِ" (ثمود ڊيڄاريندڙن کي ڪوڙو چيو) هي هن سورة ۾ بيان ٿيل ٽيون قصو آهي. مطلب تہ ثمود نالي قوم سندن طرف موڪليل نبي حضرت صالح علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام کان پڌل نصيحت ۽ حق واري پيغام کي ڪوڙو چيو ۽ انهن ڊپ ڏياريندڙن پيغامن ۽ هدايتن ڏانهن بي توجـــه رهيا. "فَقَالُوا أَبَشَرًا مِّنَّا وَاحِدًا نَّتَّبِعُهُ إِنَّا إِذًا لَّفِى ضَلَالٍ وَسُعُرٍ" (پوءِ چيائون تہ ڇا اسين پاڻ مان هڪ بشر جي تابعداري ڪيون بلاشڪ اسين ان وقت البت گمراهيءَ ۽ چريائپ ۾ آهيون) مطلب تہ جيڪو اسان مان هڪ عام انسان

(١) تفسير غريب القرآن صـ٤٣٢ـ (٢) التفسير الواضح الميسر صـ١٣٤٤ـ

آهي، نہ بادشاهي خاندان مان نہ وڏن اميرن مان آهي ان جي پويان ڪيئن لڳنداسون. جيڪڏهن ائين ڪيوسين تہ پوءِ اسين صفا گمراهہ ۽ چريا ليکيا ويندا سون. "ءَ اُلْقِيَ الذِّكْرُ عَلَيْهِ مِنْ بَيْنِنَا" (ڇا اسان جي وچان ان تي ذڪر نازل ڪيو ويو؟) يعني اسان سڀني جي هوندي ان ڪي اهميت ملي ان تي وحي نازل ڪيو ويو؟ "الذِّكْرُ" مان مراد وحي آهي. (١) "بَلْ هُوَ كَذَّابٌ اَشِرٌ" (بلڪ اهو گهڻو ڪوڙو، متڪبر آهي) مقصد تہ ان تي وحي نہ لٿو آهي اهو ڪوڙ هڻي ٿو، متڪبر ۽ هٺيلو آهي. "سَيَعْلَمُوْنَ غَدًا مَّنِ الْكَذَّابُ الْاَشِرُ" (جلد صبحاڻي ڄاڻندا تہ گهڻو ڪوڙو، هٺيلو ڪير آهي؟) يعني جڏهن هلاڪ ٿيندا عذاب هيٺان ايندا پوءِ خبر پوندين ۽ ڄاڻندا تہ ڪوڙو ڪير آهي ۽ هٺ ڪندڙ ڪير آهي؟ ڇا حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام پنهنجي نبوت جي دعوىٰ ۽ حق جي پيغام پهچائڻ ۾ (معاذالله) ڪوڙو آهي يا پاڻ ڪوڙا آهن؟ "اِنَّا مُرْسِلُوا النَّاقَةِ فِتْنَةً لَّهُمْ" (بلاشڪ اسين انهن جي امتحان لاءِ ڏاچي موڪليندڙ آهيون) مطلب تہ انهن جو مطالبو مڃيندي ان پٿر مان ٺي ڏاچي ڪيون ٿا جنهن مان پاڻ چيو اٿن پر اها حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو معجزو سندس لاءِ حجت ۽ دليل هوندي ۽ مطالبي ڪندڙن جي لاءِ آزمائش ۽ امتحان هوندي تہ ايمان آڻي مومن بنجن ٿا يا نہ. "فَارْتَقِبْهُمْ وَاصْطَبِرْ" (پوءِ انهن جو انتظار ڪر ۽ صبر ڪر) هي حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ڪي خطاب هو تہ: هو ڇا ٿا ڪن ان جو انتظار ڪيو ۽ ڏسو ۽ انهن جي طرفان ملندڙن ايذائن تي صبر ڪيو، الله عزوجل جي امر اچڻ تائين تڪڙ نہ ڪيو "وَنَبِّئْهُمْ اَنَّ الْمَآءَ قِسْمَةٌۢ بَيْنَهُمْ كُلُّ شِرْبٍ مُّحْتَضَرٌ" ۽ انهن ڪي خبر ڏي تہ پاڻي انهن جي وچ ۾ ورهايل آهي هر ڪنهن جو وارو حاضر ڪيل آهي. حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام پنهنجي واري واري ڏينهن حاضر ٿي پاڻي استعمال ڪري رهيو هو ان جو هتي ذڪر ٿي رهيو آهي. (هن واقعي جو ڪجهہ تفصيل سورة اعراف ۽ سورة هود ۾ لکي آيا آهيون) "فَنَادَوْا صَاحِبَهُمْ فَتَعَاطٰى فَعَقَرَ" (پوءِ پنهنجي ساٿيءَ کي سڏيائون پوءِ ان وار ڪيو پوءِ (ڏاچي جون) ٽنگون وڍيائين) يعني حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جن جيڪا پنهنجي قوم ۽ ڏاچيءَ ۾ پاڻي پيئڻ جي تقسيم ڪئي هئي ان تي راضي نہ رهيا ۽ ڏاچيءَ کان جان ڇڏائڻ جي لاءِ نهايت بدبخت قدار بن سالف کي سڏ ڪيائون ان وار ڪري ان ڏاچيءَ جون ٽنگون وڍيون ۽ اها ڪري پئي. "فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ" (پوءِ منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ ڪيئن هو؟) هن سورة ۾ ڪيترن مقامن تي "نذر" لفظ آيو آهي

(١) المراغي صـ٩٠ـ جزءُ جلد ٩

علامه ابن قتيبه ان جي معنيٰ بيان ڪندي لکيو آهي. نذر نذير جو جمع انذار (ڊيڄارڻ) جي معنيٰ ۾ آيل آهي. (١) ان جي ڪري مون به ان جي اها معنيٰ لکي آهي. مقصد ته انهن ڪي منهنجي طرفان ڊيڄارڻ ڪيئن هو؟ "اِنَّآ اَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِمۡ صَيۡحَةً وَّاحِدَةً فَكَانُوۡا كَهَشِيۡمِ الۡمُحۡتَظِرِ" (اسان انهن تي هڪ ڪڙڪيدار آواز موڪليو پوءِ مال جي لاءِ لوڙهو ڏيندڙ جي سڪل گاهه وانگر ٿي ويا) يعني اسان جبريل عليه السلام کي موڪليو جنهن انهن جي مٿان بيهي اهڙو ڪڙڪيدار آواز ڪيو جو سڀ اهڙا هلاڪ ٿي ويا جيئن ڪو ماڻهو مال جي لاءِ لوڙهو ڏيندو آهي ۽ ان ۾ مال جو لتاڙيل سڪل گاهه پيو هوندو آهي. "وَلَقَدۡ يَسَّرۡنَا الۡقُرۡاٰنَ لِلذِّكۡرِ فَهَلۡ مِنۡ مُّدَّكِرٍ" (۽ البت تحقيق اسان قرآن کي نصيحت جي لاءِ آسان بنايو پوءِ ڪو نصيحت حاصل ڪندڙ آهي. الله عزوجل هن امت کي پنهنجي قرآن جي حفظ، قراءَت ۽ ان مان نصيحت حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي فرمائي رهيو آهي ته اهو اوهان جي ڪمال ۽ سعادت حاصل ڪرڻ جو آسان ذريعو آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ملن ٿا. ١. "فِىۡ يَوۡمِ نَحۡسٍ" (منحوس ڏينهن ۾) مفسرن جو ان ۾ اختلاف آهي ته ڪي ڏينهن منحوس آهن يا نه. علامه مراغي لکيو آهي ته ڪو به ڏينهن منحوس ناهي ان جي متعلق جيڪي روايتون آهن اهي صحيح ثابت ناهن. (٢) ۽ علامه مفتي احمديار خان نعيمي عليه الرحمة لکيو آهي ته ڪي ڪي ڏينهن منحوس هوندا آهن. منحوس ڏينهن اهي آهي جن ۾ الله عزوجل کي ياد نه ڪيو وڃي يا جنهن ۾ الله جل شانه جو عذاب اچي اهڙي طرح ڪي ڪي انسان ۽ ڪي جايون به منحوس هونديون آهن الغرض جيڪا شيءِ الله عزو جل کان غافل ڪري اها منحوس آهي بعضي ماڻهو مهيني جي آخري اربعاءَ کي منحوس سڏيندا آهن پر ائين ناهي اها انهن جي لاءِ منحوس هئي جن تي ان ۾ عذاب آيو هو. (٣) ٢. "كَاَنَّهُمۡ اَعۡجَازُ نَخۡلٍ مُّنۡقَعِرٍ" (ڄڻ ته اهي پاڙان پٽيل کجين جا ٿڙ آهن) مان معلوم ٿيو ته عاد واري قوم نهايت قدآور، مضبوط ۽ بهادر هئي پر جڏهن الٰهي عذاب اچي ٿو ته نه طاقت ٿي ڪم اچي نه قد ۽ قوت. ٣. "وَلَقَدۡ يَسَّرۡنَا الۡقُرۡاٰنَ لِلذِّكۡرِ" (۽ البت تحقيق اسان قرآن کي ذڪر جي لاءِ آسان ڪيو) ۾ ذڪر جي هڪ معنيٰ ياد ڪرڻ به آهي جنهن مان معلوم ٿيو ته الله عزوجل قرآن ڪريم جي حفظ ڏانهن ترغيب ڏئي رهيو آهي ته اوهان ان جي حفظ جي لاءِ همت ڪيو اسين آسان ڪري ڏينداسون. خيال ۾ رهي ته هر دور ۾ ايترن ماڻهن جو قرآن ڪريم حفظ ڪرڻ فرض آهي جنهن سان

(١) تفسير غريب القرآن صـ٣٢ـ (٢) المراغي جزءُ ٢٧ جلد ٩ (٣) نورالعرفان عـ٨٤٥ـ

آهي جنهن سان قرآن ڪريم جو تواتر برقرار رهي. ۴. "كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِالنُّذُرِ" (ثمود (قوم) رسولن کي ڪوڙو ڇيو) مان معلوم ٿيو ته هڪ نبي سڳوري کي ڪوڙو چوڻ چڻ ته سڀني نبين عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوڻ آهي. ثمود وارن ته هڪ حضرت صالح علىٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام کي ڪوڙو ڇيو هو پر انهن جي لاءِ فرمان آيو ته انهن سڀني نبين عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو ڇيو هو.

كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطٍ بِالنُّذُرِ (٣٣) إِنَّآ أَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ حَاصِبًا إِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ
ڪوڙو ڇيو لوط جي قوم رسولن کي بيشڪ اسان موڪليا انهن تي پٿر مگر لوط جو اهل
نَّجَّيْنٰهُمْ بِسَحَرٍ (٣٤) نِّعْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا كَذٰلِكَ نَجْزِيْ مَنْ
ڇڏايوسون انهن کي رات جي پوئين حصي ۾ نعمت تي اسان وٽان اهڙي طرح بدلو ڏينداسون ان کي
شَكَرَ (٣٥) وَلَقَدْ اَنْذَرَهُمْ بَطْشَتَنَا فَتَمَارَوْا
جنهن شڪر ڪيو ۽ البت تحقيق ڊيڄاريائين انهن کي اسان جي پڪڙ کان پوءِ شڪ ڪيائون
بِالنُّذُرِ (٣٦) وَلَقَدْ رَاوَدُوْهُ عَنْ ضَيْفِهٖ فَطَمَسْنَآ اَعْيُنَهُمْ
ڊيڄارڻ وارن ۾ ۽ البت تحقيق طلب ڪيائون ان کان ان جا مهمان پوءِ ميٽي ڇڏيون اسان اکيون
فَذُوْقُوْا عَذَابِيْ وَنُذُرِ (٣٧) وَلَقَدْ صَبَّحَهُمْ بُكْرَةً
انهن جون پوءِ چکو منهنجو عذاب ۽ منهنجو ڊيڄارڻ ۽ البت تحقيق صبح ٿيندي صبح جو آيو
عَذَابٌ مُّسْتَقِرٌّ (٣٨) فَذُوْقُوْا عَذَابِيْ وَنُذُرِ (٣٩) وَلَقَدْ يَسَّرْنَا
انهن وٽ عذاب قرار وٺندڙ پوءِ چکو منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ ۽ البت تحقيق آسان ڪيوسون
الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ع (٤٠)
قرآن ذڪر جي لاءِ پوءِ ڪو نصيحت حاصل ڪندڙ آهي؟

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ الله عزوجل جي نبين عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوندڙن جي حالات جو بيان هو تيئن هتي به الله جل جلالــه جي نبي حضرت لوط علىٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوندڙن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطٍ بِالنُّذُرِ" (لوط جي قوم رسولن کي ڪوڙو ڇيو) يعني الله عزوجل حضرت لوط علىٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام کي سندس قوم ڏانهن موڪليو پر

انهن کيس ڪوڙو چيو نہ مڃيو. "اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ حَاصِبًا اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ" (بيشڪ اسان انهن تي پٿر موڪليا مگر لوط جو اولاد) يعني اسان انهن کي سزا ڏيڻ جي لاءِ انهن جي مٿان پٿر وسائيندڙ تکي هوا موڪلي جنهن حضرت لوط علىٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام جي آل کان سواءِ ٻين کي هلاڪ ۽ تباهہ ڪري ڇڏيو. "نَجَّيْنٰهُمْ بِسَحَرٍ" (اسان انهن کي رات جي پوئين حصي ۾ ڇڏايو) يعني اسان انهن کي عذاب ۽ هلاڪت کان بچڻ جي لاءِ حڪم ڪيو تہ رات جي پوئين حصي ۾ ڳوٺ مان نڪري وڃو. "نِّعْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا" (اسان جي طرفان نعمت تي) يعني اسان انهن کي ڇڏايو اها اسان جي طرفان انهن تي نعمت هئي. "كَذٰلِكَ نَجْزِىْ مَنْ شَكَرَ" (اهڙي طرح اَنَ کي بدلو ڏينداسون جنهن شڪر ڪيو) يعني جنهن اسان جي نعمت جو شڪر ڪندي اسان جي اطاعت ڪئي اسان جي امر کي ادا ڪيائين ۽ پاڻ کي ان ڪم کان روڪيائين جنهن کان اسان روڪيو آهي ان کي بہ نعمت سان نوازينداسون. "وَلَقَدْ اَنْذَرَهُمْ بَطْشَتَنَا فَتَمَارَوْا بِالنُّذُرِ" (۽ البت تحقيق انهن کي اسان جي پڪڙ کان ڊيڄاريائين پوءِ ڊيڄارڻ ۾ شڪ ڪيائون) يعني حضرت لوط علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام پنهنجي قوم وارن کي اسان جي پڪڙ جو ڊپ ڏياريو تہ گناهہ نہ ڪيو الله عزوجل جي پڪڙ نهايت شديد آهي پر انهن ڪيس ڪوڙو چوندي شڪ ڏيکاريو تہ عذاب ڪٿان تو اچي؟ "وَلَقَدْ رَاوَدُوْهُ عَنْ ضَيْفِهٖ فَطَمَسْنَآ اَعْيُنَهُمْ فَذُوْقُوْا عَذَابِىْ وَنُذُرِ" (۽ البت تحقيق ان کان سندس مهمان طلب ڪيائون پوءِ اسان سندن اکيون ميٽي ڇڏيون پوءِ منهنجو عذاب چکو ۽ منهنجو ڊيڄارڻ ڏسو) يعني حضرت لوط علىٰ نبينا وعليـــــه الصلواة والسلام جي قوم وارن ان وٽ آيل مهمانن ملائڪن کي انسان سمجهي پاڻ وٽ وٺي وڃڻ ۽ گناهہ ڪرڻ جي طلب ڪئي تہ الله عزوجل سندن اکيون ميٽي منهن سڄو هٿ جي تري وانگر بنائي ڇڏيو اکين جا نشان ئي نہ رهيا روايت آهي تہ انهن جڏهن حضرت لوط علىٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام جي حويلي ۾ گهڙي اهو ارادو ڪيو تہ جبريل عليـه الصلواة والسلام انهن کي زور سان اهڙي چماٽ هنئي جو منهن ۾ اکين جا نشان ئي نہ رهين. (١) "وَلَقَدْ صَبَّحَهُمْ بُكْرَةً عَذَابٌ مُّسْتَقِرٌّ" (۽ البت تحقيق صبح ٿينديئي صبح جو انهن وٽ عذاب قرار وٺندڙ آيو) يعني اهڙو عذاب جنهن انهن کي جهنم ۾ پهچايو. "فَذُوْقُوْا عَذَابِىْ وَنُذُرِ" (پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجو ڊيڄارڻ چکو. "وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ" (۽ البت تحقيق اسان قرآن کي نصيحت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آسان بنايو) پوءِ ڪو نصيحت حاصل ڪندڙ آهي؟ هن قسم جي آيتن جو تفسير بيان ٿيندو آيو آهي. علامـــه بيضاوي لکيو آهي تہ هر نبي علىٰ نبينا

وعليـه الصلواة والسلام جي قصي کان پوءِ هن کي ورائي ورائي ان جي کري آندو ويو آهي تانت ماڻهو سمجهن تہ هر نبي عليـــه الصلواة والسلام کي کوڙو چوڻ الله عزوجل جي عذاب اچڻ جو باعث آهي ۽ هر قصي ۾ نصيحت حاصل ڪرڻ جو موقعو آهي ۽ وري وري آڻڻ ۾ مقصد ٻڌندڙن کي متنبہ ۽ متوجہ ڪرڻ آهي تانت اهي غافل نہ رهن. (١)

فائدا: مذکوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "نَجَّيْنٰهُمْ بِسَحَرٍ" (اسان انهن کي رات جي پوئين حصي ۾ ڇڏايو) مفسرن لکيو آهي تہ بي فرمان، مشرڪ ۽ ڪافر قومن تي اڪثر عذاب رات جي پوئين حصي ۾ آيو هو تانت ڪو بہ ڪافر رهجي ۽ بچي نہ وڃي ۽ الله عزوجل جي صالحن، سچن ۽ پيارن پانهن تي خصوصي عنايتون بہ ان وقت ٿينديون آهن تهجد جي نماز لاءِ بہ اهو ئي وقت ڀلو آهي. ٢. "نِّعْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا" (اسان وٽان نعمت تي) مان معلوم ٿيو تہ خداوندي عذاب کان نجات الله عزوجل جي نعمت آهي ان تي الله عزوجل جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ۽ جيترو شڪر گهڻو ڪيو ويندو اوترو احسان ۽ انعام بہ گهڻو ٿيندو. ٣. "عَذَابٌ مُّسْتَقِرٌّ" (قرار وٺندڙ عذاب) مان معلوم ٿيو تہ انهن کي عذاب کان ڇوٽڪارو ملي نہ سگهندو. برزخ (قبر) واري عذاب جو دور پورو ٿيندو تہ قيامت واري عذاب ۾ ويندا جيڪو اڻ کٽ ۽ دائمي هوندو.

وَلَقَدْ جَآءَ اٰلَ فِرْعَوْنَ النُّذُرُ (٤١) كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كُلِّهَا

۽ البت تحقيق آيا فرعونين وٽ ڊيڄاريندڙ رسول ڪوڙو ڄاڻون اسان جي آيتن سڀني کي

فَاَخَذْنٰهُمْ اَخْذَ عَزِيْزٍ مُّقْتَدِرٍ (٤٢) اَكُفَّارُكُمْ خَيْرٌ مِّنْ اُولٰٓئِكُمْ

پوءِ پڪڙيوسون انهن کي پڪڙڻ غالب، قدرت واري جو ڇا ڪافر اوهان جا ڀلا آهن انهن کان

اَمْ لَكُمْ بَرَآءَةٌ فِى الزُّبُرِ (٤٣) اَمْ يَقُوْلُوْنَ نَحْنُ جَمِيْعٌ مُّنْتَصِرٌ (٤٤)

يا اوهان جي لاءِ ڇوٽڪارو ڪتابن ۾ لکيل آهي يا چون ٿا تہ اسين جماعت بدلو وٺندڙ آهيون

سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ وَيُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ (٤٥) بَلِ السَّاعَةُ مَوْعِدُهُمْ

جلد ڀڄائي ويندي جماعت ۽ ڦيرائي ڏيندا پٺيون بلڪ قيامت انهن جي وعدي جو وقت آهي

وَالسَّاعَةُ اَدْهٰى وَاَمَرُّ (٤٦)

۽ قيامت تمام سخت ۽ تمام ڪوڙي آهي.

(١) البيضاوي ڪلمل صـ٧٠٤ـ

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ ڪافر قوم جو ذڪر هلندو آيو تيئن هتي بہ فرعون ڪافر ۽ سندس ساٿين جي حالت بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَلَقَدْ جَآءَ آلَ فِرْعَوْنَ النُّذُرُ" (۽ البت تحقيق فرعونين وٽ ڊيڄاريندڙ رسول آيا) يعني الله عزوجل جو قسم آهي تہ فرعون ۽ ان جي ساٿين وٽ نبي حضرت موسىٰ ۽ حضرت هارون عليهما الصلواة والسلام تشريف فرما ٿيا جن ڪين معجزات ڏيکاري الله عزوجل جي نبي هجڻ جو ثبوت ڏيندي نہ مڃڻ جي صورت ۾ ڪين خداوندي عذاب کان ڊيڄاريو. "كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كُلِّهَا فَاَخَذْنٰهُمْ اَخْذَ عَزِيْزٍ مُّقْتَدِرٍ" (اسان جي سڀني آيتن کي ڪوڙو ڄاڻون پوءِ اسان انهن کي غالب، قدرت واري جي پڪڙ ۾ پڪڙيو) يعني اسان پنهنجين نبين على نبينا وعليهما الصلواة والسلام کي جيڪي معجزا، نبوت جون نشانيون عطا ڪيون انهن سڀني کي فرعونين ڪوڙو چيو. (هنن جو ذڪر سورة الاعراف ۾ آيل آهي) تہ اسان بہ انهن کي غالب، قادر رهندي سخت نموني پڪڙي سزا ڏني. "اَكُفَّارُكُمْ خَيْرٌ مِّنْ اُولٰٓئِكُمْ اَمْ لَكُمْ بَرَآءَةٌ فِى الزُّبُرِ" (ڇا اوهان جا ڪافر انهن کان ڀلا آهن؟ يا اوهان جي لاءِ ڪتابن ۾ ڇوٽڪارو لکيل آهي) هتان کان مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو ڪافرن کي متنبہ ڪيو ويو آهي تہ اي قريشي ڪافرو! جن قومن جي هلاڪ ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ڇا اوهان جا ڪافر انهن کان وڌيڪ ڀلا ۽ طاقتور آهن جو انهن تي عذاب آيو ۽ اوهان تي نہ ايندو. اهي اوهان کان وڌيڪ طاقتور هئا پوءِ بہ هلاڪ ٿي ويا تہ اوهان ڪيئن بچي سگهندؤ يا اوهان جي لاءِ ڪتابن ۾ لکت آهي تہ اوهان کي عذاب نہ ٿيندو. "اَمْ يَقُوْلُوْنَ نَحْنُ جَمِيْعٌ مُّنْتَصِرٌ" (يا چون ٿا تہ اسين بدلو وٺندڙ جماعت آهيون) هتي "ام بل" جي معنىٰ ۾ آهي مطلب تہ بلڪ اهي چون ٿا تہ اسان کي پنهنجي دٻدٻي ۽ قوت تي اعتماد آهي اسان کي هلاڪ ڪرڻ ممڪن ناهي جيڪو ڪو اسان جي خلاف ڪجھ ڪندو تہ اسين طاقتور جماعت آهيون انهن کان بدلو وٺنداسون. "سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ وَيُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ" (جلد جماعت ڀڄائي ويندي ۽ پٺيون ڦيرائيندا) ڪافرن جي مذڪور قول جو رد آهي تہ انهن کي پنهنجي جماعت ۽ قوت تي ناز آهي پر عنقريب اهو وقت ايندو جو انهن جي جماعت وارا ميدان جنگ ۾ هار کائي ڀڄندا ۽ اهو منظر بدر جي جنگ ۾ نظر آيو جو ڪيترن ڪافرن ڀڄي جان ڇڏائي. (١) "بَلِ السَّاعَةُ مَوْعِدُهُمْ وَالسَّاعَةُ اَدْهٰى وَاَمَرُّ" (بلڪ قيامت سندن وعدي جو وقت آهي ۽ قيامت تمام سخت ۽ تمام ڪوڙي آهي) يعني بدر جي جنگ ۾ جيڪا

(١) تفسير الطبري ص٦۵ـ جزءُ ٢٧ جلد ١١

ڪافرن هار ڪائي ڀاڄ ڪاڏي ڪيترن جا لاش مسلمانن جي پيرن ۾ پيا هئا اها انهن جي پوري سزا ناهي اصل عذاب جو وقت تہ قيامت جو ڏينهن آهي جيڪو نهايت سخت ۽ نهايت ڪَوڙو، ڏکيو ۽ هيبتناڪ آهي دنيا جي عذاب کان مختلف آهي اڻ ڪٿ ۽ تمام گهڻو دردناڪ آهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا" (اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيائون) ۾ آيتن مان مراد حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام کي عطا ڪيل معجزا آهن توارة جون آيتون ناهن ڇو تہ توراة حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام کي فرعون جي غرق ڪرڻ کان پوءِ عطا ڪيو ويو هو. ٢. "نَحْنُ جَمِيْعٌ مُّنْتَصِرٌ" (اسين بدلو وٺندڙ جماعت آهيون) هي ابوجهل جي قول جو بيان آهي جنهن چيو هو تہ اسين سڀ ڪافر سڀ اختلاف وساري هڪ ٿي وِيا آهيون ۽ گڏيل حملو ڪنداسون. هن مان ٻہ ڳالهيون سمجهڻ گهرجن "١" هڪ تہ ڪافر اسلام جي خلاف متحد ٿي ڪم ڪندا آهن. "٢" تہ مسلمانن کي ٻہ پاڻ ۾ ويڇا وساري هڪ ٿي ڪم ڪرڻ ۽ دشمن جو مقابلو ڪرڻ ضروري آهي ڇو ته ۽ اتحاد ۾ طاقت آهي. ٣. "وَالسَّاعَةُ اَدْهٰى وَاَمَرُّ" (۽ قيامت تمام سخت ۽ ڪَوڙي آهي) هن کي ڪافرن جي بيان سان گڏ بيان ڪرڻ مان معلوم ٿيو تہ ڪافرن جي لاءِ قيامت ڏکي آهي پر مومنن جي لاءِ يار جي ديدار جو ڏينهن، محبوب عليــه الصلواة والسلام سان ملڻ ۽ جنت ۾ گڏ رهڻ جو مزيدار ڏينهن آهي. (٢)

اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ ضَلٰلٍ وَّسُعُرٍ (٤٧) يَوْمَ يُسْحَبُوْنَ فِي النَّارِ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ

وقف لازم

بيشڪ مجرم گمراهيءِ ۽ چريائپ ۾ آهن ان ڏينهن گهليا ويندا باهہ ۾ منهنجن منهن ٿي

ذُوْقُوْا مَسَّ سَقَرَ (٤٨) اِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنٰهُ بِقَدَرٍ (٤٩) وَمَآ اَمْرُنَآ

چکو باهہ جي ساڙڻ کي بيشڪ اسان هر شي پيدا ڪيو اسان ان کي اندازي سان ۽ ناهي اسان جو امر

اِلَّا وَاحِدَةٌ كَلَمْحٍۭ بِالْبَصَرِ (٥٠) وَلَقَدْ اَهْلَكْنَآ اَشْيَاعَكُمْ فَهَلْ مِنْ

مگر هڪ مثل ڇنڀڻ اک جي ۽ البت تحقيق هلاڪ ڪيو اسان اوهان جي ساٿين کي پوءِ ڪو نصيحت

مُّدَّكِرٍ (٥١) وَكُلُّ شَيْءٍ فَعَلُوْهُ فِي الزُّبُرِ (٥٢) وَكُلُّ صَغِيْرٍ وَّكَبِيْرٍ

وٺندڙ آهي؟ ۽ هر شيءِ جيڪا ڪئي انهن دفترن ۾ آهي ۽ هر ننڍو ۽ وڏو عمل

(١) التفسير الواضح الميسر صـ١٣٤٧ـ (٢) نور العرفان صـ٨٤٧ـ

مُّسْتَطَرٌ (٥٣) اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِیْ جَنّٰتٍ وَّنَهَرٍ (٥٤) فِیْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيْكٍ

لکيل آهي بيشڪ پرهيزگار بهشتن ۽ نهر ۾ هوندا سچ جي جاءِ ۾ بادشاهه

مُّقْتَدِرٍ (٥٥)

قدرت واريءَ وٽ

ع٣

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو تہ اڳين امتن سندن طرف موڪليلن نبين علیٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چيو هو ۽ ان جي ڪري دنيوي عذابن ۾ مبتلا ٿيا ۽ قريشي ڪافرن کي بہ حضرت حبيب ڪريم علیٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوڻ جي ڪري جنگ بدر ۾ سزا ملي ۽ هتي ٻڏايو ويجي ٿو تہ آخرت ۾ بہ سزائون ملنديون فرمان الٰهي آهي "اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِیْ ضَلٰلٍ وَّسُعُرٍ" (بيشڪ مجرم گمراهيءَ ۽ چريائپ ۾آهن) مجرمين مان مراد شرڪ ۽ ٻين گناهن ڪرڻ وارا آهن الله عزوجل بيان فرمايو آهي تہ جن شخصن شرڪ ۽ ٻيا گناهہ ڪيا آهن صراط مستقيم کي ڇڏيو اٿن اهي دنيا جي اندر انڌا ٿي سڌي وات کان پري آهن. "يَوْمَ يُسْحَبُوْنَ فِی النَّارِ عَلٰی وُجُوْهِهِمْ ذُوْقُوْا مَسَّ سَقَرَ" (جنهن ڏينهن پنهنجن منهن تي باهہ ۾ گهليا ويندا "چيو ويندو تہ" باهہ جو لڳڻ چکو) مطلب تہ هن وقت غفلت جي نشي ۾ گمراهہ ۽ چريا لڳا وتن ٿا پر اها ڳالهہ سندن دماغ مان ان وقت نڪرندي جڏهن اونڌي منهن دوزخ جي باهہ ۾ گهليا ويندا ۽ کين چيو ويندو تہ هي مزو وٺو. "اِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنٰـــــهُ بِقَدَرٍ" (بيشڪ اسان هر شي کي هڪ انداز سان پيدا فرمايو) يعني هرشيءِ جيڪا اڳيان اچڻ واري آهي الله عزوجل جي علم ۾ ڀهريان کان ئي آهي دنيا جي عمر ۽ قيامت جو وقت بہ ان جي علم ۾ آهي ان جي مقرر ڪيل مقدر سان ئي سڀ ڪجهہ ٿيندو. "وَمَآ اَمْرُنَآ اِلَّا وَاحِدَةٌ كَلَمْحٍۢ بِالْبَصَرِ" (۽ اسان جو امر ناهي مگر هڪ اک ڇنڀ وانگر) يعني ڪنهن شيءِ کي ناهڻ يا ڊاهڻ ۾ اسان جو امر ناهي مگر هڪ اک ڇنڀ وانگر اسان کي ان ۾ نہ دير لڳندي آهي نہ تڪليف ٿيندي آهي. "وَلَقَدْ اَهْلَكْنَآ اَشْيَاعَكُمْ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ" (۽ البت تحقيق اسان اوهان جي ساٿين کي هلاڪ ڪيو پوءِ ڪو نصيحت وٺندڙ آهي؟) مطلب تہ اوهان وانگر ڪٽر ڪافر جن اسان جن نبين عليهـم الصلواة والسلام کي نہ مڃيو هو اسان انهن کي هلاڪ ۽ برباد ڪري ڇڏيو ڇا پوءِ اوهان مان ڪو سوچيندڙ ناهي جو نصيحت حاصل ڪري ۽ انهن واقعن مان سبق پرائي؟ "وَكُلُّ شَيْءٍ فَعَلُوْهُ فِی الزُّبُرِ" (۽ هر شي جيڪا ڪيائون دفترن ۾ لکيل آهي) مطلب تہ جيڪي ڀلا يا براعمل انسان ڪن ٿا اهي ملائڪن جي ذريعي دفترن ۾

لکايل هوندا آهن ۽ قيامت جي ڏينهن کولي سندن اڳيان آندا ويندا. "وَكُلُّ صَغِيرٍ وَّكَبِيرٍ مُّسْتَطَرٌ" ۽ هر ننڍو ۽ وڏو "عمل" لکيل آهي) مطلب تہ متان کو سمجهي تہ انهن دفترن مان ڪي ننڍا يا وڏا عمل هيڏي هوڏي ٿي ويندا ائين ناهي ننڍا، وڏا عمل سڀ جو سڀ محفوظ ۽ لکيل آهن انهن جي حساب لاءِ تيار رهن. ننڍي گناهہ کي ننڍو نہ سمجهن ننڍي سمجهڻ سان اهو بہ وڏو ٿي ويندو آهي. "إِنَّ الْمُتَّقِينَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّنَهَرٍ" (بيشڪ متقي جنتن ۽ نهرن ۾ آهن) يعني الله عزوجل کان ڊڄندڙ، برائين کان بچندڙ، پرهيزگار ٻانها قيامت جي ڏينهن جنتن، بهشتي باغن ۽ نهرن جا مزا ماڻيندا. "فِيْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ" (سچ واري جاءِ ۾ بادشاهہ قدرت واري وٽ هوندا) مطلب تہ اهي مقام صدق ۾ الله عزوجل، مطلق قادر، مطلق شهنشاهہ جي قرب ۾ نعمتن سان مالا مال هوندا.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "إِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ ضَلٰلٍ وَّسُعُرٍ" (بيشڪ مجرم گمراهيءَ ۽ چريائپ ۾ هوندا) مان معلوم ٿيو تہ گمراهي ۽ چريائپ هر جاءِ ۾ انهن سان گڏ هوندي دنيا ۾ بہ، قبر ۾ بہ، آخرت ۾ بہ، دنيا ۾ انهن کي حق جي واٽ نہ ملندي، قبر ۾ منڪر ۽ نڪير جي سوالن جا جواب ڏئي نہ سگهندا ۽ آخرت ۾ جنت جي واٽ وٺي نہ سگهندا. ٢. "يَوْمَ يُسْحَبُوْنَ فِى النَّارِ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ" (ان ڏينهن باهہ ۾ پنهنجن منهن ڀر اونڌا ڪري گهليا ويندا) هن مان معلوم ٿيو تہ مومن گنگهار جيتوڻيڪ ڪجهہ ڏينهن جي لاءِ دوزخ ۾ ويندا پر ائين اونڌا ڪري ذليل بنائي نہ وڏا ويندا اهو ڪافرن جي سزا جو طريقو بيان ٿيو. (١) ٣. "إِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنٰهُ بِقَدَرٍ" (بيشڪ اسان هر شي کي اندازي سان پيدا ڪيو) ان ۾ دهرين، ڪميونسٽن جو رد آهي جيڪي دنيا جي شين جي پيدائش ۽ واقعات کي زماني جي اثر کان سمجهندا آهن هن آيتہ ٻڌايو ويو تہ هر شيءِ جو خالق الله عزوجل آهي ۽ هر شيءِ کي ان پنهنجي قدرتي حڪمت سان انداز سان وجود ڏنو آهي ۽ ان جي ان حڪمت تي اعتراض ڪرڻ نهايت برو ۽ وڏو جرم آهي. ٤. "فِيْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ" (سچ واري جاءِ ۾ بادشاهہ قدرت واري وٽ) "مَقْعَدِ صِدْقٍ" جي وضاحت ڪندي مفسرن لکيو آهي تہ "مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ" الله عزوجل جا بہ نالا نڪره ڪري آڻڻ ۾ هن ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ ان جي ملڪ ۽ قدرت جي حقيقت مخلوق جي سمجهہ کان مٿي آهي ۽ ٻانهي جو ان جي بارگاهہ ۾ اهو قرب سعادت ۽ ڪرامت آهي جيڪو نہ اک ٿي ڏسي سگهي نہ ڪن ٿو ٻڌي سگهي نہ ڪنهن دل ۽ ذهن ۾ ٿو اچي سگهي. (٢)

(١) تفسيرالقاسمي ص-٢٧٧- جلد ٩ (٢) روح المعاني ص-٩٦- جزءُ ٢٨ جلد ٩

سيدنا امام جعفر صادق عليه الرحمة فرمايو آهي تہ ان مقام کي "صدق" سان وصف ڪرڻ مان معلوم ٿيو تہ ان ۾ صدق وارا رهندا ۽ ان مقام ۾ الله عزوجل پنهنجن پيارن کي پنهنجي ديدار جي دولت نصيب ڪرڻ فرمائيندو (١) الحمدلله ثم الحمدلله جو مون سيه ڪار اڄ اربعاء جي ڏينهن اٺ لڳي ٻاويهن منٽن تي پنهنجي گهر ۾ بموٴرخه ٥ محرم الحرام ١۴٢٦هـ الموافق اربعاء ٢٠٠٥.٢.١٦ع تي هن سورة جو تفسير لکي پورو ڪيو ۽ ان ئي ڪريم جي ڪرم ۾ اميد آهي تہ باقي رهيل تفسيرِ جلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪرڻ فرمائي. آمين ثم آمين يا ارحم الراحمين بوسيلة النبي الامين عليه وعلىٰ آله واصحابه الصلواة والسلام الىٰ يوم الدين.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس
الداهري النقشبندي
عفي عنه



(١) المظهري صـ١۴۴ـ جلد ٩

سورة "الرحمٰن" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة پاڪ جا ٻه نالا آهن. ١. سورة "الرَّحۡمٰنِ" جيڪا هن جي پهرين آيت آهي. ان نالي مبارڪ مان الله عزوجل جي رحمانيت جو شان ظاهر ٿي رهيو آهي. ٢. بيهقي حضرت علي ڪرم الله وجهه الڪريم ڪان مرفوعًا روايت آندي آهي ته هن سورة جو نالو "عُرُوۡسُ الۡقُرۡآنِ" آهي.

قرآن پاڪ ۾ ڪنوار روانگر سورة: اها روايت حضرت امام موسىٰ بن امام جعفر صادق ٻه پنهنجي آباءِ اطهار رضي الله عنهم ڪان آندي آهي. (١)

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٽي رڪوع، ٧٦ يا ٧٨ آيتون ٽي سوءِ ايڪونجاهه (٣٥١) ڪلما، هڪ هزار ڇهه سوءِ ڇٽيهه (١٦٣٦) حرف آهن. (٢)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، ابن مردويه، دلائل النبوة ۾ بيهقي سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي ته سورة "الرَّحۡمٰنِ" مدنيه آهي (٣)

نزول جو زمانو: جيتوڻيڪ ڪجهه حضرات هن کي مدنيه سورتن ۾ شمار ڪن ٿا جيئن مٿي لکي آيا آهيون پر اڪثر مفسرن جو قول آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي ۽ هن جا مضمون ٻه ان جي تائيد ڪن ٿا ان ڪان سواءِ صحيح روايتن مان ٻه ان جي صراحت ملي ٿي ته هن جي نزول جو زمانو حضور صلى الله عليه وسلم جن جو مڪي دور آهي. (٤)

مضمون: هن سورة جو آغاز الله عزوجل جي مٺي نالي الرحمٰن سان ڪيل آهي هي پاڪ اسم رحمت ۽ لطف جي اهڙن وسعتن ۽ بلندين کي شامل آهي جن جو تصور ڪرڻ ٻه اسان جي سوچ ڪان مٿي آهي انسان کي ان پيدا ڪري ان ۾ اهڙيون وسعتون ۽ بلنديون رکيون آهن ۽ اهڙي استعداد پيدا ڪئي آهي جن ۾ بعض جو تعلق ان جي روحاني ارتقاءَ سان آهي ته بعض جو تعلق ان جي مادي زندگيءَ جي نشونماءَ سان آهي يعني قرآن ڪريم جو علم ۽ ان جي اظهار ۽ بيان جي قوت ان ڪان بعد آسماني ۽ زميني نعمتن جو ذڪر ڪيل آهي جيڪي انسان جي غذا ۽ ان جي صحت لاءِ ضروري آهن ۽ ان جي ضمن ۾ ڪجهه احڪام ٻه صادر فرمايل آهن ۽ ڳڏوڳڏ پنهنجي شان ڪبريائيءَ جو ٻه ذڪر ڪيو اتس هتي انسان جي ذڪر سان گڏ جنن جو ذڪر

(١) روح المعاني صـ٩٦ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩ (٢) خازن صـ٢٠٨ـ جلد ۴ (٣) الدرالمنثور صـ٦٨٩ـ جلد٦ (۴) ضياءُ القرآن صـ٦٣ـ جلد ٥

كيل آهي ۽ انهن ٻنهي جي تخليقي مادي ۾ جيڪو فرق آهي اهو به ٻڌايل آهي ۽ "فَبِاَيِّ آلاءِ رَبِّكُما تُكَذِّبٰنِ" كي ورائي ورائي آڻڻ سان هن حقيقت كان به آگاهه كيل آهي ته قرآن كريم جا مخاطب صرف انسان ئي ناهن بلڪ جن به آهن ۽ جڏهن اهي قرآن پاڪ تي عمل كرڻ جي لاءِ مكلف آهن ته واضح ٿيو ته اهي رحمت واري نبي صلى الله عليه وسلم جا امتي به آهن ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن سڀني جا نبي آهن سورة جي ٻئي ركوع ۾ جنن ۽ انسانن مان جيڪي سركش آهن انهن جي انجام جي باري ۾ به وڏي وضاحت سان ٻڌايو ويو آهي ۽ آخري ركوع ۾ وڏي روح پرور انداز ۾ انهن اڻ ڳڻ احسانن جو ذكر كيل آهي جيڪي الله عزوجل جنن ۽ انسانن مان پنهنجن پيارن ٻانهن تي كرڻ فرمائيندو. شال الله عزوجل اسان كي پنهنجي بي فرماني كان بچائي. آمين

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: علامه آلوسي عليه الرّحمة لكيو آهي ته اڳيئن سورة ۾ جيڪو اجمال هو هن سورة ۾ ان جو تفصيل آيل آهي علامه موصوف كجهه تفصيل به لكيو آهي جنهن كي شوق آهي ان جي تفسير ۾ ڏسي. (١)

ڀلايون ۽ بركتون: هن سورة جون ڀلايون نبي پاڪ عليه السلام جن جي احاديث مباركه ۾ گهڻيون آيل آهن جن مان كجهه هتي لكجن ٿيون. ١. بيهقي شعب الايمان ۾ حضرت علي رضي الله عنه كان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "لِكُلِّ شَئٍ عُرُوْسٌ وَّعُرُوْسُ الْقُرانِ الرَّحْمٰنُ" هر شيءِ جي لاءِ عروس (كنوار) آهي ۽ قرآن ۾ كنوار (سورة) الرّحمٰنِ آهي. ٢. بيهقيءَ سيده فاطمه رضي الله عنها كان روايت آندي آهي ته سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "قَارِئُ الْحَدِيْدِ وَاِذَاوَقَعَتِ الْوَاقِعَةُ وَالرَّحْمٰنُ" يُدْعٰى فِى مَلَكُوْتِ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ سَاكِنُ الْفِرْدَوْسِ" (٢) سورة الحديد، اذاوقعت الواقعة ۽ الرحمٰن جي تلاوت كندڙ (دنيا ۾ رهندي به) آسمانن ۽ زمين جي ملكوت ۾ (جنت) الفردوس جو رهندڙ سڏيو ويندو آهي.

(١) روح المعاني ص ٩٧ ـ جزء ٢٧ جلد ٩ (٢) الدرالمنثور ص ٦٩٠ ـ جلد ٧

وَهِيَ ثَمَانٌ وَسَبْعُوْنَ آيَـةً	سُوْرَةُ الرَّحْمٰنُ مَدَنِيَّةٌ	وَثَلَاثُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها (٧٨) آيتون	سورة الرحمن مدنيه آهي	۽ ٽي رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

اَلرَّحْمٰنُ (١) عَلَّمَ الْقُرْآنَ (٢) خَلَقَ الْاِنْسَانَ (٣) عَلَّمَهُ الْبَيَانَ (٤)

رحمٰن سيکاريو قرآن پيدا ڪيائين انسان کي سيکاريائين ان کي بيان

اَلشَّمْسُ وَالْقَمَرُ بِحُسْبَانٍ (٥) وَّالنَّجْمُ وَالشَّجَرُ يَسْجُدَانِ (٦) وَالسَّمَاءَ

سج ۽ چنڊ حساب سان آهن ۽ ول ۽ وڻ سجدو ڪن ٿا ۽ آسمان

رَفَعَهَا وَوَضَعَ الْمِيْزَانَ (٧) اَلَّا تَطْغَوْا فِى الْمِيْزَانِ (٨) وَاَقِيْمُوا الْوَزْنَ

کي بلند ڪيائين ان کي ۽ رکيائين ساهمي ته نه حد کان لنگهو ساهميءَ ۾ ۽ قائم ڪيو وزن

بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ (٩) وَالْاَرْضَ وَضَعَهَا لِلْاَنَامِ (١٠) فِيْهَا فَاكِهَةٌ

عدل سان ۽ نه گهٽايو وزن ۽ زمين رکيائين ان کي مخلوق جي لاءِ ان ۾ ميوا آهن

وَّالنَّخْلُ ذَاتُ الْاَكْمَامِ (١١) وَالْحَبُّ ذُوالْعَصْفِ وَالرَّيْحَانُ (١٢) فَبِاَيِّ آلَاءِ

۽ کجيون غلاف واريون ۽ داڻو ٻهه وارو ۽ نازبو جو گل پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن

رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ (١٣)

کي ڪوڙو چوندؤ؟

تفسير

اڳيئن سورة جي آخري آيت ۾ بيان ٿيو ته: الله "مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ" آهي ته گويا سوال پيدا ٿيو ته "مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ" بادشاهه قدرت واري ڇا ڪرم فرمايو؟ ان جي جواب ۾ آيو "الرَّحمٰنَ عَلَّمَ الْقُرْآنَ" (١) (رحمٰن قرآن پڙهايو) رحمٰن مبالغو جو صيغو آهي جنهن جي معنىٰ آهي گهڻو مهربان، نهايت رحمت فرمائيندڙ، جنهن جي جودو ڪرم جو دسترخوان ايترو ڪشادو آهي جنهن مان مومن ۽ ڪافر، فرمانبردار، بي فرمان پنهنجا

(١) المراغي صـ١٠٤ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩

۽ پراوا ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ مستفيد ٿيندا رهندا آهن ۽ ان جي رحمت ايڏي وسيع آهي جو فقط هيءَ فاني دنيا نہ پر ازل کان ابد تائين سڀ ان جي رحمت ۽ ڪرم ۾ پناهہ وٺي رهيا آهن.

شان نزول: هن آيتن جي شان نزول ۾ ٽي قول آهن. ١. جڏهن فرمان ٿيو (رحمٰن کي سجدو ڪيو) تڏهن مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو ڪافرن چيو تہ "رحمٰن" ڇا آهي؟ اسين نہ ٿا سڃاڻون انهن جي جواب ۾ اهو لٿو ٢. مڪہ مڪرمہ وارن چيو تہ: قرآن حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي ڪو انسان ٿو سيکاري انهن جي جواب ۾ اهو فرمان آيو (١) مطلب تہ الله عزوجل پنهنجي محبوب حضرت محمد عليہ الصلواة والسلام کي قرآن پاڪ پاڻ پڙهايو هتي الله عزوجل پنهنجي بي شمار نعمتن مان سڀ کان پهريان قرآن ڪريم جي تعليم جو ذڪر ڪيو ڇو تہ اهو ئي اهو سج آهي جو جڏهن زندگيءَ جي مطلع تي اڀرندو آهي تہ رات جو انڌيرو روشنيءَ جي سعادت حاصل ڪندو آهي. انسان جڏهن ان جي هدايتن کي اڳواڻ بنائي ٿو تہ پنهنجي صحيح منزل ماڻي ٿو اهو ئي هدايت وارو صحيفو آهي جيڪو ڀٽڪيل انسان کي پنهنجي رب ڪريم سان ملائي ٿو. "خَلَقَ الْإِنسَانَ" (انسان کي پيدا فرمايائين) هتي انسان مان مراد ڪير آهي؟ ان ۾ مختلف اقوال آهن. ١. تہ ان مان مراد هر انسان آهي. ٢. تہ ان مان مراد حضرت آدم (علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام) آهي. (٢) ٣. سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما ۽ ابن ڪيسان فرمايو تہ "الانسان" مان مراد هتي (حضرت) محمد (عليہ الصلواة والسلام) آهي ۽ بيان مان مراد حلال، حرام، هدايت ۽ گمراهي بيان ڪرڻ آهي ۽ هڪ قول مطابق "مَا كَانَ وَمَايَكُونَ" (جيڪي ٿيو ۽ جيڪي ٿيندو) مراد آهي ڇو تہ پاڻ اولين، آخرين ۽ قيامت جو ڏينهن بيان فرمايو اٿن. (٣) علامہ ثناءُ الله مظهري عليہ الرحمة لکيو آهي تہ اهو بہ جائز آهي جو چيو وڃي تہ انسان مان مراد حضرت محمد عليہ الصلواة والسلام آهي ۽ "عَلَّمَهُ الْبَيَانَ" ۾ بيان مان مراد قرآن آهي جنهن ۾ "مَا كَانَ وَمَايَكُونَ مِنَ الْاَزَلِ اِلَى الْاَبَدِ" (جيڪو ٿيو ۽ جيڪو ٿيندو ازل کان ابد تائين) بيان ڪيل آهي ۽ جڏهن الانسان مان مراد حضور عليہ الصلواة والسلام جي ذات آهي ۽ "عَلَّمَهُ الْبَيَانَ" مان بہ ڪين بيان جي تعليم مراد هجي تہ پوءِ هي ٻئي آيتون پهرينءَ آيت جو تفصيل هونديون (۴) علامہ خازن لکيو آهي "وقيل اراد بالانسان محمدا صلى الله عليہ سلم علمہ البيان يعني بيان ماكان ومايكون لانہ صلى الله عليہ وسلم ينبيء عن خبرالاولين والآخرين وعن يوم الدين. (٥)

(١) خازن ص٢٠٨ـ جلد ۴ (٢) تفسير ابن جرير طبري ص٦٦ـ جزءُ ٢٧ جلد ١١ (٣) القرطبي ص١٥٢ـ جلد ١٧ (۴) المظهري ص١۴٥ـ جلد ٩ (٥) خازن ص٢٠٨ـ جلد ۴

هڪ قول مطابق انسان مان مراد (حضرت) محمد (صلی الله عليه وسلم) جن آهن الله کين بيان جي تعليم ڏني يعني جيڪي ٿيندو ۽ جيڪي ٿيو چو تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن اولين، آخرين ۽ قيامت جي خبر ڏين ٿا. علامہ نيشا بوري لکيو آهي "او محمد صلى الله عليـــه وسلم والبيان القرآن فيـــه بيان ماكان وماسيكون الى يوم القيٰمـــة" (١) معنیٰ ساڳي آهي "اَلشَّمۡسُ وَالۡقَمَرُ بِحُسۡبَانٍ" (سج ۽ چنڊ حساب سان آهن) يعني پنهي جو اڀرڻ ۽ لهڻ، گهٽجڻ ۽ وڌڻ يا هڪ حالت تي قائم رهڻ ۽ وري انهن جي ذريعي فصلن ۽ موسمن جو بدلجڻ ۽ هيٺين شين تي مختلف نمونن سان اثر وجهڻ اهو سڀ ڪجهہ هڪ خاص حساب، ضابطہ ۽ مضبوط نظام جي ماتحت آهي ڪنهن کي مجال ناهي جو ان جي دائره کان ٻاهر قدم رکي ۽ پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي ڏنل احڪام کان روگرداني ڪري سگهي. "وَالنَّجۡمُ وَالشَّجَرُ يَسۡجُدَانِ" (۽ ول ۽ وڻ سجدا ڪن ٿا) يعني علويات وانگر سفليات بہ پنهنجي مالڪ جي حڪم کي مڃڻ وارا ۽ ان جا مطيع آهن زمين تي وڇائنجي ويندڙ وليون ۽ بلند وڻ سڀ ان جي تڪويني حڪم جي سامهون سربسجود آهن ۽ ٻانها انهن کي پنهنجن ڪمن ۾ ڪم آڻين ٿا تہ انڪار نہ ٿا ڪن "وَالسَّمَآءَ رَفَعَهَا وَوَضَعَ الۡمِيۡزَانَ" (۽ آسمان کي مٿي ڪيائين ۽ ميزان رکيائين) مطلب تہ آسمان کي زميني مخلوق جي لاءِ ڇت وانگر مٿي ڪنيائين ۽ ٻانهن جي وچ ۾ اقوال ۽ افعال ۾ عدل قائم ڪيائين ميزان مان مراد ۾ ٻہ قول آهن ١. تہ ان مان مراد عام ساهمي آهي جنهن سان ڏيتي ليتيءَ ۾ عدل ۽ انصاف قائم ٿئي. ٢. تہ ان مان مراد آهي تہ الله عزوجل عدل جو قانون ٺاهيو ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ان عدل جي ڪري ڪائنات جو نظام هن خوبي ۽ حسن سان قائم آهي حضرت نبي ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جو ارشاد آهي تہ "بِالۡعَدۡلِ قَامَتِ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضُ" (عدل سان آسمان ۽ زمين قائم آهن) ۽ هتي مراد آهي تہ الله عزوجل زمين، آسمان ۽ ان ۾ آباد هرشيءِ کي اهڙي نموني پيدا ڪيو آهي جيڪو ان جي مناسب هو ۽ ان جي بقا، وڌڻ ۽ نمودار ٿيڻ جو بہ ان ئي انتظام ڪرڻ فرمايو آهي. "اَلَّا تَطۡغَوۡا فِى الۡمِيۡزَانِ" (تہ ميزان ۾ حد کان نہ لنگهو) يعني الله عزوجل ساهمي يا عدل وارو نظام ان جي ڪري رکيو آهي تہ حقوق ۽ امور ۾ حد کان نہ لنگهو. "وَاَقِيۡمُوا الۡوَزۡنَ بِالۡقِسۡطِ" (۽ وزن کي عدل سان قائم ڪيو) يعني پنهنجي وس آهر انصاف قائم رکو تور ۽ ماپ ۾ گهٽ وڌ ٿائي نہ ڪيو. "وَلَاتُخۡسِرُوا الۡمِيۡزَانَ" (۽ وزن نہ گهٽايو) مطلب تہ هر لحاظ سان قول ۽ فعل ۽ تور ۽ ماپ بلڪ حياتيءَ جي هر شعبي

(١) تفسير نيشابوري برحاشيہ طبري ص ٨٤ـ جزءُ ٢٦ جلد ١١

۾ انصاف، عدل ۽ سچائي قائم ڪيو هي به الله عزوجل جي شان رحمانيت جو ظهور آهي. "وَالْأَرْضَ وَضَعَهَا لِلْأَنَامِ" (۽ زمين کي مخلوق جي لاءِ رکيائين) مطلب ته زمين ۾ تولهه، مستقر تي بيهڻ، ان جي احوال ۽ اوصاف ۾ قيرقار سڀ الله عزوجل جي قدرت جو شان آهي ان کي ائين پانهن جي فائدي لاءِ ئي قائم ڪيو اٿس. "فِيهَا فَاكِهَةٌ وَالنَّخْلُ ذَاتُ الْأَكْمَامِ" ان ۾ ميوا ۽ غلاف واريون کجيون آهن. "اڪمام" ڪم جو جمع آهي جنهن جي معنىٰ آهي غلاف، پردو، پر هتي ان مان مراد اهو قدرتي پردو آهي جيڪو قدرتي طور ميون جي مثان هوندو آهي تانت ان جي رس ۽ ڪيفيت ضايع نه ٿئي ۽ موسمي تغيرات انهن کي خراب نه ڪري، مکيون ۽ مڇر ان کي خراب نه ڪن جنهن مالڪ اوهان جي غذا جي لاءِ ايترو انتظام ڪيو آهي ان جي رحمانيت واري شان جو انڪار ڪري رهيا آهيو "وَالْحَبُّ ذُوالعصفِ والرَّيْحَانُ" (۽ اناج بُهه وارو ۽ خوشبودار گل "نازبو") حب مان مراد اناج جو داڻو آهي ۽ العصف ان داڻي تي چڙهيل اها شيءِ آهي جنهن کي بهه يا ڪٽي سڏيندا آهن ۽ چوپايو مال اهي کائيندو آهي ۽ "الريحان" معنىٰ (خوشبودار گل) خصوصًا نازبو به مراد ورتو ويندو آهي يعني الله عزوجل جيڪي جنسون پيدا ڪيون آهن انهن جو ڪجهه حصو اوهان جي کاڌي ۾ ڪم ايندو آهي ۽ انهن جو ڪجهه حصو اوهان جي پاليل جانورن جي غذا بنجندو آهي ۽ انهن مان ڪي رنگ برنگ گل آهن جن جي خوشبو سان اوهان جا دماغ ۽ ذهن معطر ٿي راحت حاصل ڪندا آهن الغرض ته جيڏانهن به اوهان نهاريو جيڪي به اوهان کائو ۽ استعمال ڪيو تا ان ۾ قدرتي جلوا ۽ رنگ نظر اچن تا ۽ رحمٰن جي رحمانيت جي فياضي آهي. "فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) يعني الله عزوجل جي ديني ۽ دنيوي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ يا نه مڃيندؤ؟ سورة جي ابتداءَ کان وٺي هن آيت تائين وڏيون وڏيون عظيم نعمتون شمار ڪيون ويون جن مان اهڙيون نعمتون به آهن جن تي انسان جي روحاني ۽ اخروي زندگيءَ جو مدار آهي ۽ بعضي اهي نعمتون آهن جن ۾ انسان جي دنيوي زندگي جي راحت ۽ آسائش آهي ۽ انهن نعمتن ۾ عدل ۽ انصاف جا احڪام به آهن جن سان اسان کي امن ۽ سڪون جي نعمت ملي ٿي ۽ ان کان پوءِ جنن ۽ انسانن سان خطاب ڪندي چيو ويو آهي ته اوهان اسان جي هنن نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙي نعمت جو انڪار ڪندؤ.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن تا. ١. "عَلَّمَ الْقُرْآنَ" (قرآن سيکاريائين) مان معلوم ٿيو ته قرآن پڙهائڻ الله عزوجل جي نعمتن مان نهايت اعلىٰ ۽

اعظم نعمت آهي جو ان جي ذڪر سان شروعات ڪئي وئي آهي قرآن ڪريم ئي انسان جي معاش، معاد، دين ۽ دنيا ٻنهي جي خيرات ۽ برڪات جو جامع آهي. ٢. "خَلَقَ الْاِنْسَانَ عَلَّمَهُ الْبَيَانَ" (انسان کي پيدا ڪيائين ان کي بيان سيکاريائين) هن جي متعلق تفسير ۾ لکي آيا آهيون ته هڪ قول مطابق هتي مراد حضور عليه الصلواة والسلام ۽ کين "ماڪان" ۽ "مايڪون" جي تعليم آهي (مفسرن جا حوالا به لکي آيا آهيون) هن مان معلوم ٿيو ته اسان اهل السنة والجماعة جو عقيدو ته الله عزوجل پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام کي جيڪي ٿيو ۽ جيڪي ٿيندو ان جو علم ڏنو آهي شرڪ ۽ ڪفر ناهي اهو عقيدو ڪيترن مفسرن جو به آهي ذراغور ڪيو ته پڙهڻ وارو ڪير آهي ۽ پڙهائڻ وارو ڪير آهي ۽ ڪتاب ڪهڙو آهي. جڏهن ڪنهن ۾ به گهٽتائي ناهي ته حضرت حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جي علم ۾ گهٽتائي ڪيئن ٿيندي؟ حضرت آدم خليفة الله فى الارض کي "عَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَاءَ" مخلوقات جي نالن جو علم ڏنو ويو ۽ حضور عليهما الصلواة والسلام جن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏني وئي آهي جنهن ۾ هر سُڪي ۽ سائي شيءِ بيان ٿيل آهي. ٣. "فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (پوءِ الله جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) هن آيت کي ٻڌڻ وارو "وَلَابِشَيْءٍ مِّنْ نِّعَمِكَ رَبَّنَا نُكَذِّبُ فَلَكَ الْحَمْدُ" (اي اسان جا رب! اسين تنهنجي نعمتن مان ڪنهن به نعمت کي ڪوڙو نه ٿا چئون پوءِ تنهنجي لاءِ ئي حمد ثابت آهي) چوي ترمذي، ابن المنذر، العظمة ۾ ابوالشيخ، حاڪم، ابن مردويه ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن پنهنجن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم وٽ نڪري آيا ۽ انهن جي اڳيان پوري سورة الرحمٰن تلاوت فرمايائون ٻڌڻ وارا سڀ چپ رهيا ته پاڻ انهن کي مخاطب ٿي فرمايائون مان اوهان کي ماٺ ڪندڙ ڇو ٿو ڏسان؟ رات جنن مون سان ملاقات ڪئي هئي مون انهن جي اڳيان هيءَ سورة تلاوت ڪئي هئي ته انهن اوهان کان وڌيڪ سهڻو جواب ڏنو هو. جڏهن به مان "فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (آيت مبارڪه) تي پهتس ته اُهي "وَلَا بِشَيْءٍ مِّنْ نِّعَمِكَ رَبَّنَا نُكَذِّبُ فَلَكَ الْحَمْدُ" چوندا رهيا اهڙي معنىٰ واري روايت بزار، ابن جرير، ابن المنذر، الافراد ۾ دارقطني ۽ صحيح سند سان تاريخ ۾ خطيب حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان به آندي آهي. (١)

(١) الدرالمنثور ص ٦٩٠ جلد ٧

خَلَقَ الْإِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ (١٤) وَخَلَقَ الْجَآنَّ مِنْ مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ (١٥)

پيدا ڪيائين انسان کي پڪي مٽيءَ مان ٺڪر جهڙي ۽ پيدا ڪيائين جن کي شعلي باھ جي مان

فَبِاَيِّ آلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (١٦) رَبُّ الْمَشْرِقَيْنِ وَرَبُّ الْمَغْرِبَيْنِ (١٧)

پوءِ پنهنجي رب جي نعمتن مان ڪهڙي کي ڪوڙو چوندؤ؟ رب ٻن اوڀرن جو ۽ رب ٻن اولهن جو

فَبِاَيِّ آلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (١٨) مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ يَلْتَقِيٰنِ (١٩)

پوءِ پنهنجي رب جي نعمتن مان ڪهڙي کي ڪوڙو چوندؤ؟ ٻہ سمنڊ وهايائين ملن پيا

بَيْنَهُمَا بَرْزَخٌ لَّا يَبْغِيٰنِ (٢٠) فَبِاَيِّ آلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٢١)

انهن جي وچ ۾ برزخ آهي نہ ٿاتجاوز ڪن پوءِ پنهنجي رب جي نعمتن مان ڪهڙي کي ڪوڙو چوندؤ؟

يَخْرُجُ مِنْهُمَا اللُّؤْلُؤُ وَالْمَرْجَانُ (٢٢) فَبِاَيِّ آلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٢٣)

نڪرن ٿاانهن ٻنهي مان موتي ۽مرجان پوءِ پنهنجي رب جي نعمتن مان ڪهڙيءَ کي ڪوڙو چوندؤ؟

وَلَهُ الْجَوَارِ الْمُنْشَئٰتُ فِى الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ (٢٤) فَبِاَيِّ آلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٢٥) ع ١ ٢٥ ١١

۽ان جون آهن بلند ٻيڙيون سمنڊ ۾ جهنڊن وانگرپوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله عزوجل پنهنجون گهڻيون نعمتون بيان فرمايون جن مان ڪجهہ نعمتن جي وضاحت جي ضرورت هئي جيئن انسان جي خلقت، سج ۽ چنڊ جو حساب پوڪن ۽ فصلن جا اسباب. انهن جي احوال کي تفصيل سان بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "خلقَ الاِنسان مِنْ صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ" (انسان کي ٺڪر وانگر پڪيءَ مٽيءَ مان پيدا ڪرڻ فرمايائين) يعني الله عزوجل پهرئين انسان حضرت آدم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي ٺڪر وانگر پڪي مٽيءَ مان پيدا ڪيو.

سوال: انسان جي خلقت ۾ قرآن ڪريم جون عبارتون مختلف آهن ڪٿي "مِنْ تراب" (آلعمران آيت ع٥٩ـہ) ڪٿي "بدَءَ خلق الاِنسانِ مِن طِينٍ" (السجدة آيت ع٧ـہ) ڪٿي "مِنْ طِيْنٍ لَّازِبٍ" (الصّٰفٰت ع١١ـہ) تہ هتي "مِنْ صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ" تہ ڪٿي "مِن حماٍ مَسْنُوْنٍ" (سورة حجر آيت ع٢٦ـہ) اهو ائين ڇا جي لاءِ آهي؟

جواب: انهن ۾ حقيقي طور ڪو اختلاف ناهي ڇو تہ الله عزوجل حضرت آدم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي پيدائش ۾ اول تراب، سڪل مٽي ڪم ۾ آندي ان ۾ پاڻي پيو تہ "طين لازب" چنبڙندڙ مٽي ٿي پئي وري ڪجهہ وقت ڇڏي ڏيڻ جي ڪري

بدبودار ڪاري گپ تي تہ "حَمَإٍ مَّسْنُوْنٍ" سڏي وئي ۽ جڏهن سُڪي پڪي تي تہ ان کي "صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ" سڏيو ويو.
ان مان معلوم ٿيو تہ قرآن ڪريم جا الفاظ مٿ سٿ ان لحاظ سان آيا آهن پر مقصد سيني جو هڪ اهي. "وَخَلَقَ الْجَآنَّ مِنْ مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ" (۽ جن کي باهہ جي شعلي مان پيدا ڪيائين) يعني جنن کي صاف، شفاف باهہ جي شعلي مان وجود ڏنائين جيئن انسان مختلف نمونن جا آهن حالانڪ اصل سيني جو هڪ آهي تيئن جن بہ مختلف نمونن جا آهن. "الجان" هي جنن جي پهرئين پيءُ جو نالو آهي جيئن آدم عليہ السلام جي تخليق مٽيءَ مان ٿي تيئن "جان" جي خلقت خاص باهہ مان ٿي ۽ وري جنن جي نسل کي هلائڻ جي لاءِ زال مڙس جو اهو ئي نظام هتي بہ جاري ٿيو جيڪو انسانن ۾ آهي. "مارج" ان خاص باهہ کي سڏيندا اهن جنهن ۾ دونهين جو نالو نشان نہ هجي. قرآن ڪريم جي هنن ٻن آيتن ۾ صراحت سان ٻڌايو ويو آهي تہ انسان ۽ جن ٻہ مختلف قسم آهن هڪ جو اصل مٽي آهي ٻئي جو اصل باهہ آهي. هن دور ۾ ڪي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي جنن کي جدا مخلوق نہ ٿا سمجهن بلڪ نوع انساني جي بعض فردن کي جنُ چوڻ تي ضد ڪيو بيٺا آهن اهي قرآن ڪريم جي هنن آيتن کي غور سان پڙهي ڏسن "فَبِاَيِّ آلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) مطلب تہ اي انسان ۽ جن! اوهان کي الله عزوجل وجود ڏئي ڪيترين نعمتن سان نوازيو آهي اوهان ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪري سگهندا. "رَبُّ الْمَشْرِقَيْنِ وَرَبُّ الْمَغْرِبَيْنِ" (ٻن اوڀرن جو رب ۽ ٻن اولهن جو رب) گرمي جي موسم ۾ ۽ سردي جي موسم سج اڀرڻ ۽ سج لهڻ جون جايون مٿ هونديون آهن بلڪ هر ڏينهن ۽ رات جو سج اڀرڻ ۽ لهڻ جي جاءِ بدلجندي رهندي آهي ان جي ڪري "رَبُّ الْمَشرقين" ۽ "رب المغربين" سان گڏ "رَبُّ الْمَشَارِقِ وَالْمَغَارِبِ" بہ ان جو شان آهي. "فَبِاَيِّ آلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) يعني پاڻ ئي ٻڌايو تہ "مشرقين" ۽ "مغربين" ۾ ڪنهن جي صنعت ۽ قدرت جي جلوه نمائي آهي ۽ ڪنهن جي حڪم جي اڳيان هر شيءِ ڪنڌ جهڪايو بيٺي آهي جيڪڏهن سڄو سال هڪ ئي مشرق ۽ هڪ ئي مغرب هجي ها تہ نہ موسم بدلجي ها نہ ان موسم سان مخصوص ميوا، اناج ۽ ٻيون شيون پيدا ٿين ها اوهان جي زراعت، صنعت ۽ حرفت جي ترقي جا امڪان بالڪل محدود هجن ها. "مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ يَلْتَقِيٰنِ" (ٻہ سمنڊ هلايائين ملن پيا) مطلب الله عزوجل هڪ ڪاري پاڻيءَ وارو ٻيو مٺي پاڻيءَ وارو سمنڊ گڏ رکيا آهن هر هڪ جي پاڻيءَ جو ذائقو جدا جدا آهي. "بَيْنَهُمَا بَرْزَخٌ لَّا يَبْغِيٰنِ" (انهن ٻنهي جي وچ

۾ برزخ آهي) هڪ ٻئي ڏانهن تجاوز نہ ٿا ڪن جيڪڏهن هڪ ٻئي ڏانهن تجاوز ڪن تہ نہ مٺو پاڻي رهي نہ کارو رهي بلڪ هر هڪ جو ذائقو ئي جدا ٿيون تي ويجي جيڪو ڪنهن ڪم جو نہ رهي. "برزخ" جي معنىٰ "روڪڻ وارو" (١) "فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) ڪا بہ نعمت نہ مڃڻ جو رستو ئي ناهي. "يَخْرُجُ مِنْهُمَا اللُّؤْلُؤُ وَالْمَرْجَانُ" (ان مان موتي ۽ مرجان نڪرن ٿا) موتي تہ معروف مشهور آهن ۽ مرجان ۾ مختلف قول آهن."١" اهي ننڍا موتي آهن مجاهد، قتادة، ابورزين، ضحاڪ ۽ حضرت علي رضي الله عنـــه کان اها روايت آهي. ۽ "٢" وڏا ٻلا موتي مراد آهن. "٣" اهي ڳاڙهي رنگ ڏانهن مائل جواهر آهن. (٢) "فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) مطلب تہ اهي بہ اهل زمين جي لاءِ نعمت آهن انهن کي ڏسي الله جل جلالـه جي نعمتن جو قدر ڪرڻ گهرجي انڪار نہ ڪجي. "وَلَـهُ الْجَوَارِ الْمُنْشَآتُ فِي الْبَحْرِ كَالْأَعْلَامِ" (۽ ان جون ئي سمنڊ ۾ هلندڙ بلند جهنڊن وانگر ٻيڙيون آهن) جنهن ٻيڙيءَ بلند ڪي پاڻيءَ ۾ لاهي پڳـــه ڪوليو ويندو آهي تہ ان کي منشئٰت سڏيندا آهن ۽ اهي ٻيڙيون بلند جهنڊن ۽ جبلن وانگر نظر ايندڙيون آهن. "فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) عمرة بن سويد کان روايت آهي تہ: مان (سيدنا) علي بن ابي طالب رضي الله عنـــه سان گڏ هوس پاڻ فرات ندي جي ڪناري تي تشريف فرما ٿيا اوچتو هڪ ٻيڙي آئي جنهن جا نشان مٿي ڪنيل هئا پوءِ پاڻ پنهنجا هٿ (مبارڪ) مون تي رکي فرمايائون "الله اعزوجل جو فرمان آهي "وَلَـهُ الْجَوَارِ الْمُنْشَآتُ فِي الْبَحْرِ كَالْأَعْلَامِ" ان الله جو قسم آهي جنهن انهن کي پيدا ڪيو اهي دريائن ۾ هلن ٿيون تہ نہ مون (حضرت) عثمان کي شهيد ڪيو ۽ نہ ان جي لاءِ ڪو اشارو ڏنو". (٣) "فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) ٻيڙين جو هلڻ بہ اوهان جي مٿان الهٰي انعام آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. آيت ع١٥،١٤ـ ۾ انسانن ۽ جنن جي خلقت جا مادا مٽي ۽ باهہ ٻڌايا ويا آهن ۽ نبي ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جن ٻڌايو تہ ملائڪ نور جي پيدائش آهن. (٤) ٢. "يَخْرُجُ مِنْهُمَا اللُّؤْلُؤُ وَالْمَرْجَانُ" (انهن مان موتي ۽ مرجان نڪرن ٿا) ۾ اهي پاڻي وارا سمنڊ يا درياءَ تہ مراد آهن پر بعض محققن جو قول آهي تہ ان مان ٻيا درياءَ بہ مراد ٿي سگهن ٿا.

(١) المراغي ص١١٠ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩ (٢) تفسير ابـن ڪثير ص٢٧٢ـ جلد ۴
(٣) ساڳيو حوالو (۴) ايسرالتفاسير ص٣٧٦ـ جلد ۴

"١" ملڪيت، "٢" بهيميت. ٻئي انسان ۾ موجود آهن ملڪيت مان مراد ملائڪن وارين صفتون ۽ بهيميت مان عام جانورن وارين صفتون مراد آهن جنهن مان ملڪي صفتون مٺو ۽ بهيمي صفتون ڪارو درياءَ يا سمنڊ آهن. اهڙي طرح انسان ۽ جن متضاد قوتون بہ مراد ٿي سگهن ٿيون. (١) ٣. تہ بحرين مان مراد حضرت علي ۽ فاطمہ زهراءَ رضي الله عنهما آهن ۽ موتي ۽ مرجان مان مراد حضرت حسن ۽ حضرت حسين آهن (٢) (رضي الله عنهم وعنهما).

كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ (٢٦) وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُوالْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ (٢٧)

جيڪو بہ ان تي آهي فنا آهيۦ باقي آهي ذات تنهنجي رب جي جيڪوعزت ۽احسان ڪرڻ وارو آهي

فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٢٨) يَسْئَلُهٗ مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟ گهرن ٿا ان کان اهي جيڪي آسمانن ۾

وَالْاَرْضِ كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِىْ شَاْنٍ (٢٩) فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ

۽ زمين ۾ آهن هر ڏينهن اهو ڪنهن نئي تجلي سان شان ۾ آهي پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين

رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٣٠) سَنَفْرُغُ لَكُمْ اَيُّهَا الثَّقَلٰنِ (٣١) فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ

نعمتن کي ڪوڙوچوندؤ؟ جلد واندا ٿينداسون اوهان جي لاءِ اي جن ۽ انسان! پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين

رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٣٢) يٰمَعْشَرَالْجِنِّ وَالْاِنْسِ اِنِ اسْتَطَعْتُمْ

نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟ اي جنن جي جماعت ۽ انسانن جي! جيڪڏهن طاقت رکو ٿا اوهان تہ

اَنْ تَنْفُذُوْا مِنْ اَقْطَارِالسَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ فَانْفُذُوْا لَا تَنْفُذُوْنَ اِلَّا بِسُلْطٰنٍ (٣٣)

نڪري وڃو آسمانن ۽ زمين جي پاسن کان پوءِ نڪري وڃو نہ نڪري سگهندؤ مگر سلطنت سان

فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٣٤) يُرْسَلُ عَلَيْكُمَا شُوَاظٌ مِّنْ نَّارٍ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟ موڪليو ويندو اوهان تي شعلو باهہ جو

وَّنُحَاسٌ فَلَا تَنْتَصِرٰنِ (٣٥) فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٣٦)

۽ دونهون پوءِ نہ بدلو وٺندؤ پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟

(١) حقاني صـ١٧ـ جلد ٧ (٢) نورالعرفان صـ٨٤٨ـ، الدرالمنثور صـ٦٩٧ـ جلد٧

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله عزوجل پنهنجن ٻانهن تي ڪيل بر ۽ بحر، آسمان ۽ زمين وارين نعمتن جو ذڪر فرمايو ۽ هتي اهو ارشاد ڪيو آهي تہ اهي باقي ناهن فاني آهن. فرمان ايزدي آهي "كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ" (هر شيءِ جيڪا ان دنيا تي آهي فنا ٿيندڙ آهي) مطلب تہ زمين ۾ رهندڙ شيون حيوان وغيره يا مراد آهي تہ زمين ۾ آباد جنَ، انسان ۽ سڀ شيون مرڪبات يا مفردات فنا تي ويندیون. "وَّيَبْقٰى وَجْـهُ رَبِّكَ ذُوالْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ" (۽ تنهنجي رب جلال ۽ ڪرم ڪرڻ واري جي ذات باقي رهندي) جيڪو غني، مطلق ۽ عام فضل جو صاحب آهي. (١) "فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) يعني هن نعمتن مان ڪهڙي نعمت نہ مڃيندؤ. فنا ٿيڻ بقاءَ ۽ ابدي حياتيءَ ۽ سرمدي نعمتن جي ملڻ جو دروازو آهي ان سان ئي اخروي مهربانيون نصيب ٿينديون. (٢) "يَسْئَلُـهٗ مَنْ فِى السَّموٰتِ والارضِ كلَّ يوْمٍ هُوَفِىْ شانٍ" (ان کان آسمانن ۽ زمين وارا (روزانو) گهرندا رهن ٿا هر روز اهو هڪ نئين شان سان تجلي ڪرڻ وارو آهي) مخلوق جو اهو حال آهي جو اهي ان کان گهرندا رهن ٿا ۽ خالق جو هي شان آهي جو مخلوق جون التجائون ٻڌي انهن جون دعائون قبول ڪري ٿو ڪنهن جي مٿان سلطاني تاج آهي تہ ڪنهن کي علم جي نعمت عطا ٿي رهي آهي ۽ ڪنهن جي سيني ۾ معرفت جو ڏيو روشن ڪيو وڃي ٿو. "فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) يعني جڏهن اهو اوهان جا سوال ٻڌي اوهان کي پنهنجين ڪرمنوازين سان ڪرم ڪري نوازي ٿو تہ پوءِ ان جي ڪهڙي نعمت جو انڪار ڪندؤ ۽ نہ مڃيندو. "سَنَفْرُغ لكم اَيهَا الثقلان" (اي جن ۽ انسان! اسين اوهان جي لاءِ جلد فارغ ٿينداسون) فارغ ٿينداسون مان مراد آهي تہ اسين اوهان کي مڪمل حساب ۽ جزا ڏينداسون ان ۾ ڪا بہ گهتتائي نہ هوندي. "فَبِايِّ آلاءِ ربِكما تكذِبنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) مطلب تہ اي جنَ ۽ انسان! قيامت جي ڏينهن اوهان کي پيش اچڻ واريون حالتون بہ حڪمت کان خالي ناهن انهن ڳالهين مان اوهان ڪنهن کي ڪوڙو چوندؤ؟ "يَامَعْشَرَالْجِنِ وَالاِنسِ اِنِ اسْتَطَعْتُمْ اَنْ تَنْفُذُوْا مِنْ اَقْطَارِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ فَانْفُذُوْا لَاتَنْفُذُوْنَ الابسُلْطٰنِ" (اي جنَ ۽ انسان! جيڪڏهن طاقت رکو ٿا هيءَ جو نڪري وڃو آسمانن ۽ زمين جي پاسن کان تہ پوءِ نڪرو نہ نڪري سگهندؤ مگر سلطنت سان) جنن کي

(١) بيضاوي ڪامل ص٧٠٦ـ (٢) المراغي ص١١٥ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩

پنهنجي قوت ۽ طاقت تي وڏو غرور هو ان جي ڪري انهن جو ذڪر صراحت سان ۽ انسانن کان پهريان ڪيو ويو تہ جيڪڏهن اوهان غلط فهمي ۾ مبتلا آهيو تہ اوهان ڪي ڪير پڪڙي نہ سگهندو تہ پوءِ آسمانن ۽ زمين جي طرفن ۽ پاسن کان نڪري ڏيکاريو منهنجي قوت ۽ سلطنت کان سواءِ نڪري نہ سگهندؤ ها منهنجي قوت ۽ ڪرم جيڪڏهن ڪنهن کي شامل ٿئي تہ اهو هنن حدبندين کان ٻاهر نڪري سگهي ٿو. جيئن حضور پرنور عليہ الصلواة والسلام جن پنهنجي بدن اطهر سان معراج واري رات ستن آسمانن کان نڪري سدرة منتهىٰ ڏانهن ويا ۽ صوفي امڪان جي دائري کان نڪري الله جل جلالـــہ جي قوت ۽ قدرت سان قرب جي مدارج ۾ ايندو آهي. (١) "فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) ۽ انهن نعمتن مان تحذير ۽ تهديد بہ هڪ نعمت آهي جو اوهان کي الله عزوجل جو ڊپ ڏياريو ويو آهي جنهن سان محسن ۾ احسان وڌندو ۽ بدڪار برائيءَ کان بچندو. "يُرْسَلُ عَلَيْكُمَا شُوَاظٌ مِّنْ نَّارٍ وَّنُحَاسٌ فَلَا تَنْتَصِرٰنِ" (اوهان جي مٿان باهہ جو شعلو ۽ دونهون موڪليو ويندو پوءِ بدلو وٺي نہ سگهندؤ) يعني ان ڏينهن جيڪڏهن اوهان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اوهان تي باهہ جا شعلا ۽ دونهون موڪليو ويندو جيڪو اتي جو اتي اوهان کي ساڙي تباهہ ڪري ڇڏيندو پوءِ اوهان پنهنجي مدد ڪري نہ سگهندؤ نہ جنَ انسان جي ۽ نہ انسان جنن جي مدد ڪري سگهندؤ. "فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) هي بہ الله تعالىٰ جو انعام آهي جو ان بدڪارن کي بروقت انهن جي بري انجام کان خبردار ڪيو آهي تانت جيڪڏهن اهي بروقت بچڻ گهرن تہ بروقت توبـــہ ڪن انهن کي خوف ڏيارڻ انهن تي عظيم احسان آهي جنهن جي ذريعي اعلىٰ مطالب ۽ اشرف مواهب حاصل ڪري سگهن ٿا. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "يَسْئَلُـــهٗ مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَالارضِ" (جيڪي آسمان ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن سڀ ان کان سوال ڪري گهرن ٿا) معلوم ٿيو تہ هر مخلوق الله عزوجل کان گهري ٿي ڪو الله عزوجل کان سندس ديدار گهري ٿو تہ ڪو مصطفىٰ ڪريم عليہ الصلواة والسلام جو ديدار طلب ڪري ٿو ڪو دين تہ ڪو دنيا ٻنهي جهانن جي سعادت طلب ڪندو آهي الله عزوجل جي محبوب عليـــہ الصلواة والسلام کان ڪجهہ گهرڻ يا رعيت جو بادشاهہ کان ڪجهہ گهرڻ اهو بہ درحقيقت الله عزوجل کان ئي گهرڻ آهي ڇو تہ اهي سڀ ان جي

(١) المظهري صـ١٥٢ـ جلد ٩ (٢) تيسيرالڪريم الرحمٰن صـ١٥٦ـ جلد ٥

عطا جو مظهر ۽ ذريعو آهن. ٢. "كُلَّ يَوۡمٍ هُوَ فِيۡ شَاۡنٍ" اهو هر ڏينهن ڪنهن نئين شان (تجلي) ۾ آهي، انهن ماڻهن جي عقيدي جي ترديد تي جيڪي چوندا آهن تہ الله عزوجل ڇنڇر جي ڏينهن ڪم ڪار کان موڪل ڪري آرام ڪندو آهي. ٣. "يٰمَعۡشَرَ الۡجِنِّ وَالۡاِنۡسِ" (اي جنن ۽ انسانن جي جماعت) ۾ جنن جو ذڪر اڳ ۾ ان جي ڪري آندو ويو جو اهي انسانن کان پيدا ٿيڻ ۾ اول آهن. ٤. "فَلَا تَنۡتَصِرَانِ" (پوءِ بدلو وٺي نہ سگهندؤ) يعني مظلوم ظالم کان دوزخ ۾ بدلو وٺي نہ سگهندو. الله عزوجل ان کي ظالم کان حساب وٺي ڏيندو. صوفياءِ ڪرام فرمايو تہ طريقت درياءُ ۽ شريعت ان ۾ هلندڙ ٻيڙي آهي حضور عليہ الصلواة والسلام جن ٻيڙي هلائيندڙ ۽ علماءِ ۽ اولياءِ سندن ڪم سنڀاليندڙ آهن اسين پار پهچندڙ ۽ اهي پار پهچائيندڙ آهن. (١)

فَاِذَا انۡشَقَّتِ السَّمَآءُ فَكَانَتۡ وَرۡدَةً كَالدِّهَانِ (٣٧) فَبِاَيِّ

پوءِ جڏهن ڦاٽندو آسمان پوءِ ٿي پوندو گلاب جي رنگ، اڊوڙ وانگر پوءِ پنهنجي

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٣٨) فَيَوۡمَئِذٍ لَّا يُسۡـَٔلُ عَنۡ ذَنۡۢبِهٖۤ

رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟ پوءِ ان ڏينهن نہ پڇا ڪيا ويندا پنهنجي گناهہ جي

اِنۡسٌ وَّلَا جَآنٌّ (٣٩) فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٤٠) يُعۡرَفُ الۡمُجۡرِمُوۡنَ

انسانن ۽ نہ جن پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟ سڃاتا ويندا مجرم

بِسِيۡمٰهُمۡ فَيُؤۡخَذُ بِالنَّوَاصِىۡ وَالۡاَقۡدَامِ (٤١) فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

پنهنجن چهرن سان پوءِ ورتا ويندا مٿن ۽ پيرن کان پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي

تُكَذِّبٰنِ (٤٢) هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِىۡ يُكَذِّبُ بِهَا الۡمُجۡرِمُوۡنَ (٤٣)

ڪوڙو چوندؤ؟ هي جهنم آهي جو ان کي مجرم ڪوڙو چوندا هئا

يَطُوۡفُوۡنَ بَيۡنَهَا وَبَيۡنَ حَمِيۡمٍ اٰنٍ (٤٤) فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٤٥)

ڦرندا ان ۽ گرم ٽچڪندڙ پاڻيءَ جي وچ ۾ پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙوچوندؤ؟

وقف لازم

ركوع ١٢

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ قيامت جي اچڻ جو بيان هو تيئن ان سلسلي کي جاري رکندي هتي بہ ارشاد ٿي رهيو آهي. "فَاِذَا انۡشَقَّتِ السَّمَآءُ فَكَانَتۡ وَرۡدَةً كَالدِّهَانِ" پوءِ جڏهن

(١) نورالعرفان صـ٨٤٩ـ

آسمان ڦاٽندو تہ اڏوڙ وانگر گلابي رنگ تي ڳاڙهو ٿي ويندو. هتي قيامت جي ڏينهن آسمان جي ڪيفيت بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ اهو ڳاڙهي رنگ واري گلاب ۽ ڳاڙهي رنگ ڏنل چمڙي جهڙو ٿي ويندو. "فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) يعني اهي حقيقتون جن سان اوهان الله عزوجل جا خائف ٿيو ٿا بنجو الله عزوجل جي نعمت آهي اوهان ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندؤ. "فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُسْئَلُ عَنْ ذَنْۢبِهٖٓ اِنْسٌ وَّلَا جَآنٌّ" (پوءِ ان ڏينهن انسان ۽ جن پنهنجي گناهہ جي باري ۾ پڇا نہ ڪيا ويندا) مطلب تہ اهي پري ڪان پڌرا هوندا ڏسڻ سان ئي سڃاتا ويندا. "فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) مذڪوره آيت ۾ بہ مجرمن کي متنبہ ڪرڻ جي نعمت ياد ڏياري وئي آهي تہ اهي سڀ ڳالهيون وساري نہ وهو اوهان پنهنجي براين جي ڪري ڏسڻ سان ئي ظاهر هوندا. "يُعْرَفُ الْمُجْرِمُوْنَ بِسِيمَاهُمْ فَيُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِي وَالْاَقْدَامِ" (مجرم پنهنجيءَ پيشاني سان سڃاتا ويندا پوءِ مٿن ۽ پيرن کان ورتا ويندا) مطلب تہ مجرمن جا چهرائي ٻڌائيندا تہ سندن ڪردار ڪهڙو هو هر گناهہ سندن منهن مان محسوس ٿيندو. ابن المنذر ابن جريج رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ اهي ائين سڃاتا ويندا جو سندن منهن ڪارا هوندا ۽ اکيون بي نمڪ، شيريون هونديون. ابن ابي حاتم، ابن مردويہ، البعث والنشور ۾ بيهقي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ مجرمن کي مٿن کان وٺي ٽنگن سان ملائي جهنم ۾ اڇلايو ويندو ۽ باهہ ۾ ائين سڙندا جيئن سڪل ڪاٺيون دنياوي باهہ ۾ تڙڪا ڪري سڙنديون آهن. (١) "فَبِاَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) "هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ يُكَذِّبُ بِهَا الْمُجْرِمُوْنَ" (هي جهنم آهي جنهن کي مجرم ڪوڙو چوندا هئا) منڪرن کي متوجہ ڪرڻ جي لاءِ چيو ويندو تہ ڏيو خبر جنهن جهنم کي اوهان ڪوڙو چئي نہ مڃيندا هيئو ڏسو اهو هي موجود آهي ڇا اهو سچ ناهي؟ "يطوفون بينها وبين حميمٍ آنٍ" (اُن ۽ گرم ٽهڪندڙ پاڻيءَ جي وچ ۾ ڦرندا) مقصد تہ اتي اهڙو سخت گرم، ٽهڪندڙ پاڻي پيارايا ويندا جنهن جي اندر پهچڻ سان سندن آنڊا ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيٽ مان ٻاهر نڪري ايندا هڪ طرف "جحيم" ۽ ٻئي طرف "ماءُ حميم" هوندي. (٢) "فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) يعني فرمانبردار ۽ بي فرمان ۾ فرق ڪرڻ بہ الله عزوجل جي نعمتن مان هڪ نعمت آهي جو جيڪو لائق آهي ان جو قدر ڪيو وڃي ۽ نالائق کي سزا ڏني وڃي.

(١) الدرالمنثور ص٧٠٤ـ جلد ٧ (٢) المراغي ص١٢٢ـ جزء ٢٧ جلد ٩

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "سَنَفْرُغُ لَكُمْ اَيُّهَا الثَّقَلٰنِ" (اي جن ۽ انسان! اسين اوهان جي لاءِ جلد فارغ ٿينداسون) هن آيت جي تفسير ۾ هيءَ ڳالهہ وڌيڪ سمجھڻ گھرجي تہ هتي عام فارغ ٿيڻ مراد ناهي جيئن ڪو ڪنهن ڪم ڪان فارغ ٿيندو آهي. واندو وهندو آهي پر ان مان مراد قصد، ارادو ڪرڻ آهي "ثقلان" ثقل جو تثنيہ آهي ثقل جي معنىٰ "ڳروبار" هتي انسان ۽ جن مراد آهن ڇو تہ اهي الٰهي احڪام جي بار هيٺان آيل آهن يا ان جي ڪري جو اهي ٻين حيوانن جي بہ نسبت عزت ۽ عقل واري هجڻ جي ڪري ڳرا آهن يا ان جي ڪري تہ اهي گناهن جي بار هيٺان آيل آهن. اهو حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنـــه جو فرمان آهي. ٢. "فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُسْئَلُ عَنْ ذَنْبِـهٖۤ اِنْسٌ وَّلَا جَآنٌّ" (پوءِ ان ڏينهن نہ انسان ۽ نہ جن پنهنجي گناهہ جي باري ۾ پڇا ڪيا ويندا) تي اعتراض ٿئي ٿو تہ الله عزوجل جو هي بہ فرمان آهي تہ "فَوَرَبِّكَ لَنَسْئَلَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ" (پوءِ تنهنجي رب جو قسم آهي تہ انهن سڀني کان ضرو پڇا ڪنداسون) پوءِ ڇا اهو صحيح آهي؟ مفسرن ان جي جواب ۾ لکيو آهي تہ اهي مختلف مقامن جون صورتون آهن ڪٿي سوال نہ ڪيو ويندو تہ ڪٿي سوال ڪيو ويندو ٻئي ڳالهيون حق آهن. (٢)

وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ (٤٦) فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٤٧)

۽ ان جي لاءِ جنهن خوف رکيو پنهنجي رب جي دربار ۾ بيهڻ جو بہ باغ آهن پوءِ پنهنجي رب جي

ذَوَاتَآ اَفْنَانٍ (٤٨) فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٤٩)

کهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟ گھڻن ڏارن وارا پوءِ پنهنجي رب جي کهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ

فِيْهِمَا عَيْنٰنِ تَجْرِيٰنِ (٥٠) فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٥١)

انهن ٻنهي ۾ بہ چشما آهن وهن پيا پوءِ پنهنجي رب جي کهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندو؟

فِيْهِمَا مِنْ كُلِّ فَاكِهَةٍ زَوْجٰنِ (٥٢) فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٥٣)

انهن ٻنهي ۾ هر ميوي جا بہ بہ قسم آهن پوءِ پنهنجي رب جي کهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟

مُتَّكِئِيْنَ عَلٰى فُرُشٍ بَطَآئِنُهَا مِنْ اِسْتَبْرَقٍ وَجَنَا الْجَنَّتَيْنِ دَانٍ (٥٤)

ٽيڪون ڏيندڙ بسترن تي جن جو استر استبرق (پٽ) مان هوندو ۽ ميوا ٻنهي باغن جا ويجها هوندا

(١) تفسير حقاني صـ١٨ـ جزءُ ٢٧ جلد ٧

فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٥٥) فِيهِنَّ قٰصِرَاتُ الطَّرْفِ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟ انهن ۾ اکيون هيٺ ڪندڙ هونديون

لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَاجَآنٌّ (٥٦) فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا

نہ هٿ لڳايو هوندو انهن کي انسان انهن کان اڳي ۽ نہ جن پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن

تُكَذِّبٰنِ (٥٧) كَاَنَّهُنَّ الْيَاقُوْتُ وَالْمَرْجَانُ (٥٨) فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا

کي ڪوڙو چوندؤ؟ ڄڻ تہ اهي ياقوت ۽ مرجان آهن پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن

تُكَذِّبٰنِ (٥٩) هَلْ جَزَآءُ الْاِحْسَانِ اِلَّا الْاِحْسَانُ (٦٠) فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا

کي ڪوڙو چوندؤ؟ ڇا احسان جو بدلو احسان کان سواءِ آهي پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن

تُكَذِّبٰنِ (٦١) وَمِنْ دُوْنِهِمَا جَنَّتٰنِ (٦٢) فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا

کي ڪوڙو چوندؤ؟ ۽ انهن ٻنهي کان سواءِ ٻہ جنتون آهن پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن

تُكَذِّبٰنِ (٦٣) مُدْهَآمَّتٰنِ (٦٤) فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٦٥)

کي ڪوڙو چوندؤ؟ ٻئي ڇهڇ ساوا هوندا پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟

فِيْهِمَا عَيْنٰنِ نَضَّاخَتٰنِ (٦٦) فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٦٧)

انهن ٻنهي ۾ ٻہ چشما ڦوهارا هڻندڙ آهن پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟

فِيْهِمَا فَاكِهَةٌ وَّنَخْلٌ وَّرُمَّانٌ (٦٨) فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٦٩)

انهن ٻنهي ۾ ميوا آهن ۽ کجيون ۽ ڏاڙهون پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟

فِيْهِنَّ خَيْرٰتٌ حِسَانٌ (٧٠) فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٧١)

انهن ۾ ڀليون، سهڻيون هونديون پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟

حُوْرٌ مَّقْصُوْرٰتٌ فِى الْخِيَامِ (٧٢) فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٧٣)

حورون پردي واريون تنبن ۾ پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟

لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَآنٌّ (٧٤) فَبِاَيِّ آلَآءِ رَبِّكُمَا

نہ هٿ لڳايو انهن کي ڪنهن انسان انهن کان اڳي ۽ نہ ڪنهن جن پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن

تُكَذِّبٰنِ (٧٥) مُتَّكِئِيْنَ عَلٰى رَفْرَفٍ خُضْرٍ وَّعَبْقَرِيٍّ حِسَانٍ (٧٦) فَبِاَيِّ

ڪي ڪوڙو چوندؤ؟ ٽيڪون ڏيندڙ وهـن ساون تي ۽ سراٽين سهڻين تي پوءِ پنهنجي

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ (٧٧) تَبٰرَكَ اسْمُ رَبِّكَ ذِي الْجَلٰلِ

رب جي ڪهڙين نعمتن ڪي ڪوڙو چوندؤ؟ برڪت وارو آهي نالو تنهنجي رب جو، جلال وارو

وَالْاِكْرَامِ (٧٨)

۽ احسان ڪرڻ وارو

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي سزا جو ذڪر هو ۽ هتي مومنن، خدا جي خوف وارن کي ملندڙ نعمتن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ" (۽ ان جي لاءِ جنهن پنهنجي رب جي اڳيان بيهڻ جو خوف ڪيو ٻه باغ آهن).

شان نزول: ابن ابي حاتم روايت آندي آهي تہ هيءَ آيت حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنـه جي باري ۾ نازل ٿي هئي ۽ ابو الشيخ العظمـة ۾ بہ اهڙي روايت آندي آهي. (١) مطلب تہ جيڪو پنهنجي رب کان ڊڄي، ان جي دربار ۾ پيش ٿيڻ جو خوف رکي برن ڪمن کان بچڻ جي ڪوشش ڪندو تہ ان جي لاءِ ٻہ جنتون آهن. ١. "روحاني جنت" جنهن سان حظيرة القدس، ملڪوت جي جمال ۽ الله عزوجل جي رضا ڏانهن پهچندو. "وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ" (۽ الله جي رضا وڏي شي آهي). ٢. "جنت جسماني" جيڪا ٻانهي کي پنهنجي عقيدن، سهڻن عملن ۽ سٺي ڪردار جي بدلي ۾ ملندي. "فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن ڪي ڪوڙو چوندؤ؟) يعني خوف واري ٻانهي کي ٻہ جنتون ڏيڻ بہ الهي انعام ۽ احسان آهي اهڙي نعمت ڪي ڪوڙو ڪيئن ٿو چئي سگهجي. "ذَوَاتَا اَفْنَانٍ" (گهڻن ڏارن وارا) يعني انهن باغن ۾ مختلف قسمن جي لذتن وارا ميوا ۽ هر هڪ وڻ ۾ ڪيترا ڏار، ٽاريون نموني نموني جا مزيدار گل هوندا جن ۾ عجيب قسم جي لذت هوندي ۽ اتي رهندڙ محظوظ ٿيندا. "فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن ڪي ڪوڙو چوندؤ؟). "فِيْهِمَا عَيْنٰنِ تَجْرِيٰنِ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (انهن ٻنهي ۾ ٻہ چشما وهندا هوندا. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن ڪي ڪوڙو چوندؤ؟) مطلب تہ انهن باغن کي پاڻي پهچائڻ جي لاءِ اتي ٻہ چشما وهندڙ هوندا. هڪ کي "تسنيم" چوندا. ٻئي کي "سلسبيل" سڏيندا. اهو حضرت امام حسن بصري عليـه الرحمـة جو قول آهي

(١) الدرالمنثور صـ٦٠٧ـ جلد ٧

۽ ابوبڪر وراق بزرگ فرمايو تہ اهي ٻئي چشما ان جي لاءِ وهندا هوندا جنهن جون ٻئي اکيون الله عزوجل جي خوف کان روئڻ ۾ وهنديون هيون. (١) "فِيهِمَا مِن كُلِّ فَاكِهَةٍ زَوْجَانِ فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ" (انهن ٻنهي ۾ هر قسم جي ميوي مان ٻہ ٻہ قسم هوندا پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) يعني سڪل فروٽ بہ هوندو تہ سائو فروٽ بہ هوندو ڪنهن ۾ بہ لذت جي کوٽ نہ هوندي. "مُتَّكِئِينَ عَلَىٰ فُرُشٍ بَطَائِنُهَا مِنْ إِسْتَبْرَقٍ وَجَنَى الْجَنَّتَيْنِ دَانٍ" (اهڙن بسترن تي ٽيڪون ڏيندڙ هوندا جن جا استر "اندريان حصا" استبرق "پٽ مان" هوندا ۽ ٻنهي باغن جا ميوا ويجها هوندا) يعني انهن جي ٽيڪ ڏئي وهڻ وارن بسترن جي اندران بہ ريشم هوندو تہ انهن جو ٻاهريون حصو ڪيڏو نہ وڌيڪ سهڻو هوندو ۽ انهن جنتن ۾ موجود ميوا اهڙا ويجها ۽ چوڻ ۾ هوندا جو ٻيٺل، ويٺل بلڪ ستل کي بہ انهن جي کائڻ ۾ تڪليف ڪرڻي نہ پوندي جيڪو جتي چاهيندو ان کي اتي ملندا. (٢) "فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) اهي سڀئي الهي انعام ۽ احسان هوندا ڪنهن کي نہ مڃيندؤ؟ "فِيهِنَّ قَاصِرَاتُ الطَّرْفِ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ إِنسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَانٌّ فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ" (انهن ۾ اکيون هيٺ جهڪائيندڙ هونديون جن کي انهن کان اڳي نہ ڪنهن انسان هٿ لڳايو هوندو نہ ڪنهن جن، پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) يعني اتي حيادار حورون هونديون جيڪي ڪنڌ مٿي ڪٽي عام بازاري عورتن وانگر نہ هلنديون ڪنڌ هيٺ ڪري، اکيون جهڪائي هلنديون، سندن حسن حيرت ۾ وجهندڙ هوندو ۽ هونديون بہ ڪنواريون انهن کي نہ ڪنهن جن هٿ هنيو هوندو نہ ڪنهن انسان انهن کي صرف جنت ۾ ملندڙ مڙس ئي استعمال ڪندا. "كَأَنَّهُنَّ الْيَاقُوتُ وَالْمَرْجَانُ فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ" (ڄڻ تہ اهي ياقوت ۽ مرجان آهن پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) يعني اهي جنتي حورون صفائي ۽ چمڪ ۾ ائين هونديون جيئن ياقوت موتي ۽ مرجان چمڪندڙ هوندا آهن. "هَلْ جَزَاءُ الْإِحْسَانِ إِلَّا الْإِحْسَانُ فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ" (احسان جو بدلو احسان کان سواءِ ناهي پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) مطلب تہ ڀلي عمل جو بدلو ڀلو ثواب آهي بغوي پنهنجيءَ سند سان حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن هي آيت "هَلْ جَزَاءُ الْإِحْسَانِ إِلَّا الْإِحْسَانُ" پڙهي فرمايو سمجهو ٿا تہ اوهان جي رب ڇا فرمايو؟ (ٻڌندڙن) عرض ڪيو تہ الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ ڄاڻندڙ آهن

(١) المراغي صـ١٢٥ـ جزء ٢٧ جلد ٩ (٢) التفسير الواضح الميسر صـ١٣٥٥ـ

پاڻ فرمايائون تہ الله عزوجل فرمايو تہ "جنهن تي مون توحيد جي (عقيدي واري) نعمت ڪئي ان جو بدلو جنت آهي." (١) ۽ قتادة جو قول آهي تہ: جنهن عمل سهڻا ڪيا ان جو بدلو بہ سهڻو آهي. (٢) ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ جنهن دنيا ۾ لاالٰـــہ الا الله چيو اهو آخرت ۾ جنت ۾ داخل ٿيندو. (٣) "فَبِاَيِّ آلاَءِ رِبِّكما تكذبٰنِ" (پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) مطلب تہ احسان جو بدلو احسان ڏيڻ بہ الله عزوجل جي نعمت آهي اهڙيون نعمتون اڻ ڪٿ آهن ڪنهن کي نہ مڃي نہ مڃيندؤ. "وَمِنْ دُونِهِمَا جَنَّتٰنِ فَبِاَيِّ آلاَءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (۽ انهن کان سواءِ بہ جنتون هونديون پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) مطلب تہ اڳ ۾ بيان ڪيل، بہ جنتون الله عزوجل جي خوف وارن پانهن مقربن جي لاءِ هونديون ۽ انهن کان سواءِ بہ جنتون "اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ" سڄي هٿ وارن جي لاءِ هونديون. "مدها متانِ فَبِاَيِّ آلاَءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (ڇهڄ ساون وڻن واريون پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) مطلب تہ اهي جنتي باغ نهايت گهاٽا ۽ پري کان گهڻي سائي هجڻ جي ڪري ڪارا نظر ايندا. "فِيْهِمَا عينٰنِ نضاختانِ فبِاَيِّ آلاَءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (انهن ۾ بہ ڦوهارا هڻندڙ چشما هوندا پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) يعني انهن ۾ ڦوهارا هڻندڙ خير ۽ برڪت وارا بہ چشما هوندا. "فِيهِما فَاكِهَـــةٌ وَّنَخْلٌ وَّرُمَّانٌ فَبِاَيِّ آلاَءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (انهن ٻنهي ۾ ميوا ۽ ڪجيون ۽ ڏاڙهون آهن پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) ڪجيءَ ۽ ڏاڙهون کي ان جي باوجود جو اهي فاڪهـــة ۾ داخل هئا جدا ان جي ڪري ذڪر فرمايو ويو جو اهي ٻين ميون کان ممتاز ۽ نرالا آهن. "فِيهِنَّ خيرات حِسان فبِاَيِّ آلاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (انهن ۾ ڀليون، سهڻيون آهن پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) يعني انهن جنتن ۾ اخلاق جون ڀليون، چهرن جون سهڻيون حورون هونديون جيڪي ظاهر ۽ باطن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هونديون. "حُوْرٌ مَّقصورات فِى الْخِيَامِ فَبِاَيِّ آلاَءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (حورون پردي واريون تنبن ۾ هونديون پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) اهي جنت واريون حورون وڏين اکين واريون هونديون انهن جي اکين جا تارا ڪارا هوندا ۽ تارن جا پاسا صفا سفيد هوندا پنهنجي پردي کي برقرار رکندڙ هونديون. "لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنسَ قبلهم ولاجان فَبِاَيِّ آلاَءِ رَبِكما تكذِبنِ" (جنت وارن کان اڳي انهن کي نہ انسان ڇهيو هوندو ۽ نہ جن پوءِ

(١) المظهري صـ١٦١ـ جلد ٩ (٢) ابن جرير صـ٨٩ـ جزءِ ٢٧ جلد ١١ (٣) المراغي صـ١٢٧ـ جزءِ ٢٧ جلد ٩

پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) يعني بلڪل ڪنواريون هونديون.
"متكئين على رفرف خُضْرٍ وَّ عَبقرِيٍّ حِسَانٍ فَبِاَيِّ آلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ" (ساون ويهاڻن ۽ سهڻين پٿراڻين تي ٽيڪ ڏيندڙ هوندا پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن کي ڪوڙو چوندؤ؟) مطلب تہ اهي جن بسترن تي تشريف فرما هوندا انهن جا وهاڻا ساوا ۽ هيٺان وڇايل پٿراڻيون نهايت سهڻيون هونديون. "تَبٰرَكَ اسمُ رَبِّكَ ذِى الجَلَالِ وَالاكرَام" (جلال ۽ احسان ڪرڻ واري تنهنجي رب جو نالو برڪت وارو آهي) سورة جي شروعات ۾ "الرحمٰن" الله عزوجل جو مٺو نالو آندو ويو ۽ سورة کي پورو ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي تہ اي محبوب! (عليك الصلواة والسلام) اوهان جو رب جلالتِ شان ۽ اڪرام وارو آهي ان جو نالو مبارڪ بہ برڪت وارو آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ" (۽ ان جي لاءِ ٻہ جنتون آهن جنهن پنهنجي رب جي دربار ۾ حاضريءَ جو خوف رکيو) مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل کان ڊڄڻ نهايت اهم شيءِ آهي جنهن جي ذريعي انسان گناهن کان بچندو آهي بلڪ ڪڏهن ڪڏهن انسان گناهہ جو ارادو ڪري بہ خوف خدا جي ڪري گناهہ نہ ڪندو آهي. خائف ٻانهي کي ٻہ جنتون ملنديون هڪ الٰهي خوف جي ڪري ٻي صالح اعمال جي ڪري. ٢. **هڪ نوجوان جو واقعو:** شعب الايمان ۾ بيهقي حضرت حسن بصري عليه الرحمة کان روايت آندي آهي تہ حضرت عمر رضي الله عنه جي دور ۾ هڪ نوجوان مسجد ۾ رهي الله عزوجل جي عبادت گهڻي ڪندو هو پوءِ هڪ نوجوان ڇوڪري ان تي عاشق ٿي ۽ اڪيلائيءَ ۾ اچي ان سان ڳالهايائين. اها ڳالهہ ان نوجوان دل ۾ سوچي اهڙي دانهن ڪئي جو بيهوش ٿي ويو ۽ سندس هڪ چاچو کيس گهر کڻي آيو ۽ جڏهن هوش ۾ آيو تہ پنهنجي چاچي کي چيائين تہ حضرت عمر رضي الله عنه ڏانهن وڃ ان کي منهنجا سلام عرض ڪري چؤ تہ جيڪو الله جي بارگاهہ ۾ حاضريءَ جو خوف رکي ٿو. ان جو بدلو ڇا آهي؟ سندس چاچو حضرت عمر رضي الله عنه ڏانهن آيو ۽ ان سان سڄو احوال ڪيائين تہ هو ڏانهن ان نوجوان وري دانهن ڪئي ۽ خوف خدا ۾ رحلت ڪري ويو حضرت عمر رضي الله عنه ان جي مٿان اچي بيٺو ۽ فرمايائين تہ "تو لاءِ ٻہ جنتون آهن تو لاءِ ٻہ جنتون آهن". (١) ٣. "كَاَنَّهُنَّ اليَاقُوتُ وَالمَرجَان" (ڄڻ تہ اهي ياقوت ۽ مرجان آهن) ابن ابي شيبه، هناد بن السري، ترمذي، وصف الجنة ۾ ابن ابي الدنيا، ابن جرير، ابن ابي حاتم، ابن حبان، العظمة ۾ ابوالشيخ ۽ ابن مردويه حضرت ابن مسعود رضي

(١) الدرالمنثور صـ٧٠٨ـ جلد ٧

الله عنــه کان روایت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله علیـــه وسلم جن فرمایو "جنتي عورت اهڙي سهڻي هوندي جو ستر وڳن ۾ ڍڪيل هجڻ جي باوجود ان جي پنيءَ جي اندرين چربي بہ نظر ايندي." (١) ۴. "فِيۡهِمَافَاكِهَـةٌ وَنَخۡلٌ وَرُمَّانٌ" (ان ۾ ميوا ۽ ڪجيون ۽ ڏاڙهون آهن" انهن ڪجين جي ڪيفيت بيان ڪندي ابن المبارڪ، ابن ابي شيبـــه، هناد بن السري، صفـة الجنـة ۾ ابن ابي الدنيا، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، العظمـة ۾ ابوالشيخ، حاڪم صحيح چوندي، البعث والنشور ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي تہ" جنت جي ڪجين جا تڙ سائي زمرد جا هوندا ۽ انهن جا ڦرها سون جا هوندا ۽ انهن جا پن جنت وارن جا وڳا هوندا. انهن ۾ موجود ڪجور جون ڳڙيون مٽن جيڏيون وڏيون هونديون کير کان وڌيڪ اڇيون، ماکيءَ کان مٺيون مکڻ کان وڌيڪ نرم هونديون". (٢)

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاجز، عاصي رب ڪريم جل مجده جي ڪرم سان اڄ ١٢ محرم الحرام ١٤٢٦هـ الموافق ٢٠٠٥.٢.٢٢ع تي اڱاري جي ڏينهن اٺين بجـہ صبح جو پنهنجي گهر ۾ ويٺي سورة "الرحمٰن" جو تفسير لکي پورو ڪيو الله عزوجل جي رحمت ۾ اميد رکندي ان ئي مالڪ مٺي کي عرض ۽ سندس بارگاه عاليجاه ۾ التجا آهي تہ اهو ڪريم باقي رهيل تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪرڻ فرمائي. آمين ثم آمين يا الـه العلمين بجاه النبی الامی الامین علیـــه وعلیٰ آلـه واصحابـه الصلوات والتسليمات الیٰ یوم الدین.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس
الداهري النقشبندي
عفي عنـه



سورة "الْوَاقِعَةِ" جو تعارف

هن سورة جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن ۾ وهارڻ ضروري آهن.

نالومبارڪ: هن سورة پاڪ جو نالو "الواقعـــة" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذكور آهي.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هـن ۾ ٽـي رڪـوع، ڇهـانوي (٩٦) آيتون، ٽي سوءِ اٺهتر (٣٧٨) ڪلما ۽ هڪ هزار ست سوءِ ٽي (١٧٠٣) حرف آهن. (١)

مڪيـه آهي يا مدنيـه؟ ابن الضريس، نحاس، ابن مردويـه، الدلائل ۾ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويـه حضرت ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي تہ سورة "الواقِعَةَ" مڪـه مڪرمـه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول جو زمانو: حضرت فاروق اعظم رضي الله عنـــه جڏهن نبوت جي اظهار جي پنجين سال ۾ ايمان آندو تہ هيءَ سورة ان کان پهريان نازل ٿي چڪي هئي. ڇو تہ جڏهن پاڻ پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀيڻوئي کي مارڻ لڳو هو ۽ سندس ڀيڻ جو مٿو ڦاٽي پيو ۽ ان جو رت وهڻ لڳو، ان سان سندس دل متاثر ٿي تہ ڀيڻ کي چيائين "مون کي اهو ڪتاب ڏيکاريو جيڪو اوهان پڙهي رهيا هئا" سندس ڀيڻ کيس چيو تہ "تون مشرڪ آهين مشرڪ ناپاڪ هوندو آهي ۽ قرآن کي صرف پاڪ ماڻهو هٿ لڳائي سگهندو" جيڪو مسئلو هن سورة جي آيت "لَّا يَمَسُّهُۥٓ إِلَّا ٱلْمُطَهَّرُونَ" مان واضح آهي جنهن مان معلوم ٿيو تہ هيءَ سورة حضرت عمر رضي الله عنـه جي ايمان آڻڻ کان اول نازل ٿيل هئي.

مضمون: جنهن وقت سان هن سورة جي نزول جو تعلق آهي ان وقت صرف ٽي ڳالهيون بحث اندر هيون: ١. توحيد، ٢. قرآن، ٣. قيامت قائم ٿيڻ. ان جي باري ۾ انهن جو انڪار نهايت سخت هو، اهي ان کي محال ۽ عقل جي خلاف سمجهندا هئا، ان جي ڪري اهي سورتون، جيڪي ان زماني ۾ نازل ٿيون هيون، انهن ۾ قيامت جي باري ۾ موجود غلط فهمين کي دور ڪرڻ ڏانهن خصوصي توجـه ڏياريو ويو آهي. هن سورة جي شروعات ئي قيامت واقع ٿيڻ جي ذڪر سان ڪئي وئي آهي ۽ بيان ڪيو ويو آهي تہ ان ڏينهن انسان ٽن ٽولن ۾ ورهايا ويندا. سڄي وارا، کٻي وارا، سبقت ڪرڻ وارا. پهرئين رڪوع ۾ وڌي تفصيل سان "اَلسَّابِقُوْنَ" ۽ "اَصْحَابُ الْيَمِيْنِ" جا حالات ذڪر ڪيا ويا آهن. ٻئي رڪوع ۾ "اَصْحٰبُ الشِّمَالِ" جي اهڙي پريشان حالت جي ڪيفيت بيان ڪئي وئي آهي، جنهن کي پڙهي دل تي ڏڪڻي طاري ٿي وڃي ٿي. آيت ع ٥٨ ـ

(١) ضياءُ القرآن ص ٨٤ ـ جلد ۵ (٢) الدرالمنثور ص ٣ ـ جلد ٨

کان پوءِ رکوع جي اختتام تائين الله عزوجل جي وجود ۽ ان جي وحدانيت جا دلائل اهڙي رنگ ۾ پيش ڪيا ويا آهن،جن کي تسليم ڪرڻ کان اهي به پڇي نه سگهيا. آخري رکوع ۾ قرآن ڪريم جي حقانيت ۽ ڪلام الهي هجڻ تي دلائل پيش ڪيا ويا آهن. "مَوَاقِعِ النُّجُوْمِ" جو قسم کڻي ٻڌندڙن کي متوجه ڪيو ويو آهي،ته جنهن بي نظير نظام، بي مثال باقاعدگي ۽ هم رنگيءَ جو مشاهدو اوهان تارن جي دنيا ۾ ڪري رهيا آهيو،اهڙيءَ طرح جو بي عديل نظم ۽ نسق ۽ هر آيت جي ٻي آيت سان وابستگي اوهان کي قرآن ڪريم ۾ به نظر ايندي،پر ان جي معنائن ۽ معارف تائين رسائي هر شخص جو نصيب ناهي.اهي ماڻهو جن جي دل، نگاهه ۽ نيت پاڪ هوندي آهي،حقيقت صرف انهن جي اڳيان ڪُلي سامهون ايندي آهي. بجاءِ ان جي جو اوهان هن مٿي چشمي مان ڍؤ ڪري پيو ها، پنهنجي اُڃ لاهيو ها، اوهان ان کي ڪوڙو چيو ۽ نه مڃيو.ڇا!اوهان جي مقدر ۾ صرف ڪوڙو چوڻ ئي آهي؟ آيت ع ـ٨٣ـ کان ع ـ٨٦ـ تائين انهن کي موت ياد ڏياري تنبيه ڪئي وئي آهي،ته آخر اوهان ڪيستائين غافل رهندؤ؟ ڇا!تيستائين بي خيال رهندؤ جيستائين اجل جو ملائڪ اوهان جي ساهه واري رڳ تي هٿ اچي رکي؟ سورة جي پڇاڙيءَ کان پهريان وارن ٽنهي ٽولن جي حالات کي مختصر طور بيان ڪيو ويو آهي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ مناسبت: هن سورة جو اڳيئن سورة سان تعلق ۽مناسبت اها آهي ته جيئن ان ۾ قيامت،جنت ۽ دوزخ جي وصف بيان ٿي هئي تيئن هن ۾ به بيان ڪيل آهي ۽ جيئن اڳيئن سورة ۾ مجرمن جو عذاب، متقين جي نعمت ۽ هڪڙن مومنن کان ٻين مومنن جي جنت جو پلو هجڻ بيان ٿيو آهي تيئن هن ۾ به مومنن، جا ٽي قسم بيان ٿيا آهن. ١. سڄي وارا، ٢. کٻي وارا، ٣. اڳرائي ڪندڙ. (١)

ڀلايون، برڪتون ۽ خصوصيتون: هن سورة پاڪ جون ڀلايون نبوي حديثن ۾ تمام گهڻيون آيل آهن جن مان ڪجهه هتي ذڪر ڪجن ٿيون. ١. فضائل ۾ ابوعبيد، ابن الضريس، الحرث بن ابي اسامة، ابويعلي، ابن مردويه ۽ شعب الايمان ۾ بيهقي حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: رسول الله صلی الله عليه وسلم جن کان مون ٻڌو ته پاڻ فرمايائون "مَنْ قَرَءَ سُوْرَةَ الْوَاقِعَةِ كُلَّ لَيْلَةٍ لَمْ تُصِبْهُ فَاقَةٌ اَبَدًا" جنهن هر رات سورة الواقعة پڙهي ان کي ڪڏهن به محتاجي نه رهندي. ٢. ابن مردويه، حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "سُوْرَةُ الْوَاقِعَةِ سُوْرَةُ الْغِنٰي فَاقْرَءُوْهَا وَعَلِّمُوْهَا اَوْلَادَكُمْ"

(١) روح المعاني ص ـ١٢٨ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩

سورة الواقعـــة شاهوڪاريءَ واري سورة آهي پوءِ اها پڙهو ۽ اها پنهنجي اولاد کي پڙهايو. ٣. ديلمي حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن فرمايو "عَلِّمُوَا نِسَاءَكُمْ سُوَرَةَ الْوَاقِعَـــةُ فَإِنَّهَا سُورَةُ الْغِنىٰ" (١) پنهنجين عورتن کي سورة الواقعـــة پڙهايو بلاشڪ اها شاهوڪاري واري سورة آهي. مسروق تابعي فرمايو ته "جيڪو ارادو ڪري ٿو ته اولين ۽ آخرين، جنت ۽ جهنم وارن، دنيا ۽ آخرت وارن جي خبر ۽ ڄاڻ رکي ته اهو سورة الواقعـــة پڙهي" ابو عمرو ابن عبدالبر "التمهيد" ۽ "التعليق" ۾ ۽ ثعلبي به ذڪر ڪيو آهي ته حضرت عثمان رضي الله عنـــه حضرت ابن مسعود رضي الله عنـــه وٽ (طبع پرسيءَ جي لاءِ) ان بيماريءَ ۾ آيو جنهن ۾ وفات ڪئي هيائين. ان کي فرمايائين ته "ڪهڙي تڪليف جي شڪايت ڪرين ٿو؟" چيائين ته "پنهنجي گناهن جي" حضرت عثمان فرمايس ته "پوءِ ڪهڙي خواهش رکين ٿو؟" فرمايائين ته "پنهنجي رب جي رحمت جي" حضرت عثمان فرمايس ته "ڇا تو لاءِ طبيب گهرايان؟" فرمايائين ته "طبيب ته مون کي بيمار ڪيو آهي" حضرت عثمان فرمايس ته "مان توکي ڪجهه ڏيڻ جي لاءِ آرڊر ڪيان؟" فرمايائين ته "مون کي ان جي ڪا ضرورت ناهي اها مون کان منهنجي حياتيءَ ۾ روڪي رکيئي ۽ هاڻي مون کي منهنجي وفات وقت ڏئي رهيو آهين" حضرت عثمان فرمايس ته "توکان بعد تنهنجي ڌيئرن کي ڪم ايندي" فرمايائين ته "ڇا توکي منهنجي وفات کان پوءِ منهنجي نياڻين جي متعلق محتاج هجڻ جو ڊپ ٿئي ٿو؟ مون انهن کي امر ڪري ڇڏيو آهي ته هر رات جو سورة الواقعـــة پڙهنديون رهن" مون رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون ته "جنهن هر رات سورة الواقعة پڙهي ان کي ڪڏهن به محتاجي نه رهندي." (٢)

(١) الدرالمنثور صـ٣ـ جلد ٨ (٢) القرطبي صـ١٩۴ـ جلد ١٧

وَهِيَ سِتٌّ وَتِسْعُوْنَ آيَةً	سُوْرَةُ الْوَاقِعَةِ مَكِّيَّةٌ	وَثَلَاثُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها ٩٦ آيتون	سورة الواقعة مڪيه آهي	۽ ٽي رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ٿي مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

إِذَا وَقَعَتِ الْوَاقِعَةُ (١) لَيْسَ لِوَقْعَتِهَا كَاذِبَةٌ (٢) خَافِضَةٌ رَّافِعَةٌ (٣)

جڏهن واقع ٿيندي واقع ٿيندڙ ناهي ان جي واقع ٿيڻ جي لاءِ ڪوڪوڙو چوندڙ هيٺ ڪندڙ، مٿي ڪندڙ

إِذَا رُجَّتِ الْأَرْضُ رَجًّا (٤) وَّبُسَّتِ الْجِبَالُ بَسًّا (٥) فَكَانَتْ هَبَاءً

جڏهن ڌوڏي ويندي زمين سخت ڌوڏڻ ۽ ذرا ذرا ڪيا ويندا جبل ذرا ذرا ڪرڻ پوءِ هوندا غبار

مُّنْبَثًّا (٦) وَّكُنْتُمْ أَزْوَاجًا ثَلَاثَةً (٧) فَأَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ مَا أَصْحٰبُ

پکڙجندڙ ۽ هوندؤ اوهان ٽي قسم پوءِ سڄي هٿ وارا ڪهڙا آهن

الْمَيْمَنَةِ (٨) وَأَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ مَا أَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ (٩)

سڄي هٿ وارا ۽ کٻي هٿ وارا ڪهڙا آهن کٻي هٿ وارا

وَالسّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ (١٠) أُولٰٓئِكَ الْمُقَرَّبُوْنَ (١١) فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ (١٢)

۽ اڳتي ٿيندڙ، اڳتي هوندڙ اهي مقرب آهن نعمتن وارين جنتن ۾

وقف لازم

تفسير

سورة الرحمٰن ۾ بيان ٿيو تہ "آسمان ڦاٽندو ۽ ڳاڙهي رنگ جو ٿيندو جيئن اڊوڙ هوندي آهي" ۽ هتي بيان ڪندي تہ زمين ڏبندي! ارشاد ٿي رهيو آهي "إِذَا وَقَعَتِ الْوَاقِعَةُ لَيْسَ لِوَقْعَتِهَا كَاذِبَةٌ" (جڏهن قيامت واقع ٿيندي ان جي واقع ٿيڻ لاءِ ڪير بہ ڪوڙو چوندڙ ناهي) مطلب تہ ان جو واقع ٿيڻ سچو آهي اها ڳالهہ ڪوڙي ناهي. "خَافِضَةٌ رَّافِعَةٌ" هيٺ مٿي ڪندڙ. هن ۾ اهو بيان آهي تہ اشقياءَ جهنم جي تري ۾ هوندا ۽ سعداءَ جنت جي اعلىٰ درجات ۾ هوندا. ان جي ڪري حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه هن جي معنىٰ بيان ڪندي فرمايو "الله جي دشمنن کي هيٺ جهنم ۾

(١) القرطبي ص١٩٥ـ جلد ١٧

هٽندي ۽ دوستن کي بلند ۽ بالا ڪندي." (١) "اِذَا رُجَّتِ الارضُ رَجًّا" (جڏهن ڌڌڪندي زمين ڌڌڪڻ) يعني جڏهن قيامت اچڻ واري ٿيندي تہ زمين نهايت سختيءَ سان ڌڌڪندي گهر، ڪوٽ ۽ قلعا سڀ ڊهي ميدان ٿي ويندا. "وَبُسَّتِ الْجِبَالُ بَسًّا" (۽ ذرا ذرا ٿي ويندا جبل ذرا ذرا ٿيڻ) يعني جبل وهندڙ واريءَ وانگر ذرا ذرا ٿي ويندا. "فَكَانَتْ هَبَآءً مُّنْبَثًّا" (پوءِ پکڙجندڙ غبار ٿي پوندا) يعني هوا سان اڏامندڙ ڌوڙ وانگر ٿي ويندا. "وَكُنْتُمْ اَزْوَاجًا ثَلَاثَـةً" (۽ اوهان ٽي قسم ٿي ويندؤ) زوج اصل ۾ اتي ڳالهايو ويندو آهي جتي بہ شيون هڪ قسم جون ملن بہ اکيون، بہ پير، بہ هٿ، پر هتي ٽي آهن ان جي ڪري ٽي قسم ڪري بيان ڪيا ويا آهن. "فَاَصْحٰبُ الْمَيْمَنَـةِ مَآاَصْحٰبُ الْمَيْمَنَـةِ" (پوءِ سڄي هٿ وارا ڪهڙا آهن سڄي هٿ وارا؟) يعني جن الله عزوجل جي ٻانهن کي سندن سڄڻ هٿن ۾ عملناما ڏنا ويندا اهي ڪيڏي نہ وڏي شان ۽ عزت وارا هوندا "وَاَصْحٰبُ الْمَشْئَمَـةِ مَآاَصْحٰبُ الْمَشْئَمَـةِ" (۽ کٻي هٿ وارا ڪهڙا آهن کٻي هٿ وارا؟) يعني جن کي کٻي هٿ ۾ اعمال ناما ملندا انهن جو نهايت دردناڪ حال هوندو. "وَالسّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ" (۽ اڳرائي ڪندڙ اڳتي ٿيندڙ هوندا) يعني جيڪي دين ۾ ٻين کان اڳتي هوندا اهي ئي الله عزوجل جي رحمت حاصل ڪرڻ ۾ بہ اڳتي هوندا ۽ اهي ئي دارالڪرامة جنت الفردوس ۾ بہ اڳ ۾ داخل ٿيندا امام احمد سيده عائشہ رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اَتَدْرُوْنَ من السابقوْن الىٰ ظِلِ الله يَوْمَ القيمـة؟ قالُوا الله وَرَسُوْلُـه اَعلَمَ. قَالَ اَلَّذِيْنَ اذا اَعطُوا الْحَقَّ قَبِلُوْهُ وَاذاسَئِلُوْه بَذلُوْهُ وَحَكَمُوْا للنَاس كَحُكمهِمْ لِاَنفُسِهِمْ" (١) ڄا ڄاڻو ٿا تہ قيامت جي ڏينهن الله جي (قدرتي) ڇانوَ ڏانهن اڳ ۾ ويندڙ ڪير هوندا؟ عرض ڪيائون تہ "الله ۽ ان جو رسول (عليه الصلواة والسلام) وڌيڪ ڄاڻندڙ آهن؟" فرمايائون تہ "اهي ٻانها جو جڏهن حق ڏنا ويندا آهن تہ قبول ڪندا آهن ۽ جڏهن اهو گهريا ويندا آهن تہ (پاڻ بہ) ادا ڪندا آهن ۽ (ٻين) ماڻهن جي لاءِ بہ اهڙو حڪم ڪندا آهن جهڙو پنهنجي لاءِ، اهي "اَلسّٰبِقُوْنَ" آهن "اُولٰٓئِكَ الْمُقَرَّبُوْنَ فِىْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ" (اهي ئي مقرب، نعمتن وارين اهڙين جنتن ۾ هوندا) جيڪي اڳ ۾ نہ سندن اکين ڏٺيون هونديون نہ سندن ڪنن ٻڌيون هونديون ۽ نہ سندن دل تي چٽيون هونديون.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "رَافِعَـةٌ" (بلند ڪندڙ) مان معلوم ٿيو تہ عام مومنن کي بہ بلند ڪيو ويندو پر الله عزوجل جا خاص ٻانها اولياءَ ۽ علماءَ تہ نهايت بلنديءَ تي فائز هوندا ۽ سرور ڪائنات عليه افضل الصلوات واڪمل

(١) المراغي ص-١٣٤- جزءُ ٢٧ جلد ٩

التحيات جن تہ اعلیٰ مقام مقام محمود ۾ جلوه افروز هوندا جنهن جي رفعت ۽ مدحت الله جل شانـه کان سواءِ کير نہ ٿو ڄاڻي سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ دنيا ۾ وڏائي ڪندڙ، ذليل، رسوا ۽ خوار هوندا ۽ دنيا ۾ تواضع، انکساري ۽ عاجزي ڪندڙ آخرت ۾ بلند ۽ بالا رهندا. ٢. "اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَـةِ" (سڄي پاسي وارا) مان مراد ۾ ٻہ قول پيا بہ آهن. ١: تہ اهي عرش اعظم جي سڄي طرف کان هوندا. ٢: تہ اهي ٻانها مراد آهن جيڪي ميثاق واري ڏينهن حضرت آدم علیٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام جي سڄي پاسي کان موجود هئا. ٣. "وَالسّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ" (۽ اڳرائي ڪندڙ، اڳتي هوندڙ) مان مراد ۾ چار قول آهن. ١: اسلام آڻڻ ۾ اڳرائي ڪندڙ اصحاب،٢: ٻنهي قبلن (بيت المقدس ۽ بيت الله) ڏانهن منهن ڪري نماز ادا ڪندڙ. ٣. نيڪ اعمال ۾ سبقت ڪندڙ مسلمان، باعمل علماءَ. ٤. جوانيءَ ۾ عبادت ڪندڙ ۽ گناهن کان بچندڙ. هن آيت ۾ اهو اشارو بہ آهي تہ الله عزوجل جا اهي ٻانها عمل نامن ملڻ ۽ حساب، اعمال جي وزن کان بلند هوندا انهن کي خصوصي ڪرم سان نوازيو ويندو. (١)

ثُلَّـةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ (١٣) وَقَلِيْلٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ (١٤) عَلٰى سُرُرٍ مَّوْضُوْنَـةٍ (١٥)

هڪ جماعت پهرين مان ۽ ٿورا پوين مان واڻيلن تختن تي هوندا

مُتَّكِئِيْنَ عَلَيْهَا مُتَقٰبِلِيْنَ (١٦) يَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ

ٽيڪون ڏيندڙ انهن تي هڪ ٻئي کي سامهون وهندڙ ڦرندا رهندا انهن تي ننڍا نوان ڇوڪرا

مُّخَلَّدُوْنَ (١٧) بِاَكْوَابٍ وَّاَبَارِيْقَ وَكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ (١٨) لَّايُصَدَّعُوْنَ

اتي هميشـه رهندڙ هوندا آبخورن ۽ ڪوزن ۽ پيالن سان وهندڙ شراب مان نہ مٿي جو سور وٺا

عَنْهَا وَلَايُنْزِفُوْنَ (١٩) وَفَاكِهَـةٍ مِّمَّا يَتَخَيَّرُوْنَ (٢٠) وَلَحْمِ طَيْرٍ مِّمَّا

ويندا ان کان ۽ نہ بيهوش ٿيندا ۽ ميوا ان مان جو پسند ڪندا ۽ پکين جو گوشت ان مان

يَشْتَهُوْنَ (٢١) وَحُوْرٌ عِيْنٌ (٢٢) كَاَمْثَالِ اللُّؤْلُؤِ الْمَكْنُوْنِ (٢٣) جَزَآءً

جو اشتها رکندا ۽ حورون وڏين اکين واريون موتين، ڍڪيلن وانگر بدلو ٿي ان جو

بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ (٢٤) لَايَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّلَا تَاْثِيْمًا (٢٥) اِلَّاقِيْلًا

جيڪي ڪندا هئا نہ ٻڌندا ان ۾ اجائي ڳالهہ ۽ نہ گناهہ مگر گفتگو

(١) نورالعرفان صـ٨٥٢ـ

سَلٰمًا سَلٰمًا (٢٦)

سلام، سلام

تفسير

اڳين آيتن ۾ ذڪر ڪيو ويو تہ قيامت جي ڏينهن ماڻهو ٽي قسم هوندا. ١: سابقون. ٢: اصحٰب ميمنہ. ٣: اصحٰب مشئمہ. هتي وري "السابقون" تي ٿيندڙ انعامات جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ وَقَلِيْلٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ" (گهڻي جماعت پهرين مان ۽ ٿوري جماعت پوين مان) هن جي مطلب ۾ ٻہ قول آهن ١: اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي امتن مان گهڻا هوندا ۽ حضور عليہ الصلواة والسلام جي امت مان ٿورا هوندا. حضور عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو "نَحْنُ الْاٰخِرُوْنَ السَّابِقُوْنَ يومَ القيمةِ" (١) قيامت جي ڏينهن اسين (اچڻ ۾) پويان (۽ جنت ۾ داخل ٿيڻ ۾) اڳ ۾ ويندڙ هونداسون. ٢: اولين ۽ آخرين ٻنهي مان مراد هن امت جا پهريان ۽ پويان آهن ۽ اهو قول وڌيڪ آهي پوءِ اولين مان مراد اصحاب سڳورا ۽ تابعي ٻلارا آهن. رضي الله عنهم (٢) "عَلٰى سُرُرٍ مَّوْضُوْنَةٍ مُّتَّكِئِيْنَ عَلَيْهَا مُتَقٰبِلِيْنَ" (واڻيل تختن تي، ٽيڪون ڏيندڙ انهن تي، سامهون ويهندڙ) يعني اهي جن تختن تي ٽيڪون ڏئي هڪ ٻئي ڪي سامهون ٿي وهندا اهي سخت نہ هوندا وهڻ ۾ نرم هوندا، واڻيل هوندا ۽ اهي ڪرسي وانگر سوڙها نہ هوندا نهايت وسيع ۽ ڪشادا هوندا اهي سون جي تندن سان واڻيل هوندا. (٣) "يَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ بِاَكْوَابٍ وَّاَبَارِيْقَ وَكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ" (انهن جي مٿان هميشہ رهندڙ ڇوڪرا آبخورن، ڪونرن ۽ صاف شراب جي پيالن سان ڦرندا) يعني انهن جي خدمت ۾ جنت ۾ هميشہ رهڻ وارا ننڍا جوان هوندا جيڪي انهن جي اڳيان صاف، شفاف شراب جا آبخورا، ڪونرا ۽ پيالا ڀريو پيا ڦرندا ۽ هلندا. "لَايُصدعون عنها ولاينزِفون" (نہ ان جي ڪري مٿي ۾ سور وڌا ويندا ۽ نہ هوش ويڃائي وهندا) يعني اهو دنيوي شراب وانگر نشي وارو، بيهوش بنائيندڙ نہ هوندو صرف لذت ۽ سرور بخشيندو. (٤) "وَفَاكِهَةٍ مِّمَّا يَتَخَيَّرُوْنَ" (۽ ميوا انهن مان جيڪي پسند ڪندا) "وَلَحْمِ طَيْرٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ" (۽ جيڪي خواهش ڪندا انهن پکين جو گوشت) يعني اهي ننڍا جوان انهن جي اڳيان سندن دل پسند ميوا ۽ سندن ئي پسند جي پکين جو ڀڳل ٿاهيل گوشت کنيو پيا هلندا. "وَحُوْرٌ عِيْنٌ كَاَمْثَالِ اللُّؤْلُؤِ الْمَكْنُوْنِ" (۽ وڏين اکين واريون حورون، (جيڪي) ڍڪيل موتين جهڙيون هونديون) مطلب تہ

(١) المراغي صـ١٣٦ـ جزءُ جلد ٢٦ (٢) روح البيان صـ٣٢٠ـ جلد ٩ (٣) التفسير الكبير صـ١٤٩ـ جزءُ ٢٩ (٤) حاشيہ عثمانيہ صـ٧١٠ـ

انهن کي جنت ۾ نهايت حسين، چمڪندڙ چهرن واريون وڏين اکين واريون حورون ملنديون جهڙا ڍڪيل، حفاظت ۾ رکيل چمڪندڙ موتي هوندا آهن. "جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" (جيڪي عمل ڪندا هئا ان جي بدلي ۾) يعني اهو سڀ ڪجهه سندن پر خلوص عملن جو بدلو هوندو جيڪي دنيا ۾ڪندا هئا. "لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّلَا تَاْثِيْمًا اِلَّا قِيْلًا سَلٰمًا سَلٰمًا" (ان ۾ نه اجائي ڳالهه ٻڌندا نه گناهه، مگر سلام سلام جو گفتگو ٻڌندا) يعني جنت ۾ فضول گفتگو، اجايا قول ۽ گناهه واري ڳالهه نه هوندي ۽ نه ٻڌندا، اتي سلام، سلام جي ٻولي ٻڌندا رهندا. "سَلٰمًا" جي مراد ۾ ٻه قول آهن ١: ته سندن گفتگو لغو ۽ گناهه کان سلامتيءَ واري هوندي ٢: ته اتي هڪ ٻئي کي سلام چوندا. (١) جيئن ٻي آيت ۾ آهي "تَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ" (ان ۾ سندن (هڪ ٻئي کي) مرحبا سلام هوندو).

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ وَقَلِيْلٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ" (پهرين مان گهڻا ۽ پوين مان ٿورا) هتي اولين ۽ آخرين مان مراد اصح قول مطابق حضور عليــه الصلواة والسلام جا امتي آهن ڇو ته نبوي حديث مطابق قيامت جي ڏينهن ماڻهن جي لڳايل هڪ سوءُ ويهه (١٢٠) صفن مان اسي (٨٠) صفون حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جي امت جون هونديون هن مان شيعن جي مذهب جو رد به ثابت آهي جيڪي چون ٿا ته حضرت نبي پاڪ عليــه الصلواة والسلام جن جي ظاهري دور ۾ صرف ڏهه، ويهه مسلمان ٿيا هئا اهي شيعا هن آيت جا منڪر آهن ۽ هن مان اهو به معلوم ٿيو ته نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي ساري امت گمراهه نه ٿيندي انهن مان پلا پلا ٻانها به ٿيندا رهندا. ٢. "مُتَقٰبِلِيْنَ" (هڪ ٻئي کي سامهون وهندڙ) هن مان معلوم ٿيو ته جنت وارا حلقا ٺاهي وهندا دنيا ۾ درس، تدريس جا ۽ ذڪر جا حلقا به انهن سان مشابهت رکن ٿا. ٣. "وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ" (هميشه رهڻ وارا ننڍا جوان) هن مان معلوم ٿيو ته جنتين تي نه موت ايندو ۽ نه اهي ننڍا جوان پوڙها ٿيندا اهي غلمان حورن وانگر جنت ۾ ئي پيدا ٿيل هوندا ۽ حورن وانگر جنت وارن جا خادم هوندا ۽ بعض روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته مشرڪن جا ننڍڙا، وفات ڪري ويل ٻار به غلمانن سان گڏ جنت وارن جي خدمت ۾ لڳايا ويندا. (٢)

وَاَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ مَآ اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ (٢٧) فِيْ سِدْرٍ مَّخْضُوْدٍ (٢٨)

۽ سڄي وارا ڪهڙا آهن سڄي وارا ڪنڊن کان سواءِ ٻيرين ۾

(١) روح المعاني صـ١٣٨ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩ (٢) نورالعرفان صـ٨٥٣ـ

وَّطَلۡحٍ مَّنۡضُوۡدٍ (٢٩) وَّظِلٍّ مَّمۡدُوۡدٍ (٣٠) وَّمَآءٍ مَّسۡكُوۡبٍ (٣١) وَّفَاكِهَةٍ

۽ ڇڳا تيل ڪيلن ۾ ۽ هميشه واري ڇانءِ ۾ ۽ هميشه وهايل پاڻيءَ ۾ ۽ گهڻن

كَثِيۡرَةٍ (٣٢) لَّامَقۡطُوۡعَةٍ وَّلَا مَمۡنُوۡعَةٍ (٣٣) وَّفُرُشٍ مَّرۡفُوۡعَةٍ (٣٤)

ميون ۾ نه ختم ٿيل (هوندا) ۽ نه روڪيل (هوندا) ۽ وڇاڻا مٿاهان

اِنَّآ اَنۡشَاۡنٰهُنَّ اِنۡشَآءً (٣٥) فَجَعَلۡنٰهُنَّ اَبۡكَارًا (٣٦)

بلاشڪ اسان انهن کي نئون پيدا ڪيو پيدا ڪرڻ پوءِ بنايو اسان انهن کي ڪنواريون

عُرُبًا اَتۡرَابًا (٣٧) لِّاَصۡحٰبِ الۡيَمِيۡنِ (٣٨) ثُلَّةٌ مِّنَ الۡاَوَّلِيۡنَ (٣٩)

پيار ڪندڙيون، هڪ عمر واريون سڄي وارن جي لاءِ گهڻا پهرين مان

وَثُلَّةٌ مِّنَ الۡاٰخِرِيۡنَ (٤٠)

۽ گهڻا پوين مان

تفسير

اڳين آيتن ۾ سابقين جي مٿان ٿيندڙ نعمتن جو ذڪر هو ۽ هتان کان سڄي پاسي وارن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاَصۡحٰبُ الۡيَمِيۡنِ مَآ اَصۡحَابُ الۡيَمِيۡنِ" (۽ سڄي پاسي وارا ڪهڙا آهن سڄي پاسي وارا) هتان کان الله عزوجل جي انهن ٻانهن جي مٿان ٿيندڙ انعامات جو ذڪر آهي جن کي "اَصۡحٰبُ الۡيَمِيۡنِ" سڏيو ويو آهي. "اَصۡحٰبُ الۡيَمِيۡنِ" جي معنىٰ ۽ مراد بيان ڪندي علامـــه رازي ٽي قول ذڪر ڪيا آهن. ١: انهن کي سندن اعمال ناما سڄڻ هٿن ۾ ڏنا ويندا، ٢: ته اهي قوت وارا هوندا، ٣: ته اهي نور وارا هوندا. "فِيۡ سِدۡرٍ مَّخۡضُوۡدٍ وَّطَلۡحٍ مَّنۡضُوۡدٍ" (ڪنڊن کان سواءِ ٻيرين ۽ ڇڳا تيلن ڪيلن ۾ هوندا) علامـــه موصوف وضاحت ڪندي لکيو آهي ته هن آيت ۾ جامع بيان آهي وڻن جا ٻه قسم هوندا آهن ۽ ٻيا سڀ ان وچ ۾ بيان ٿي ويا ۽ هي ڪلام نهايت حسين آهي جو ان ۾ غذا جو ذڪر به اچي ويو ته حسن منظر به بيان ٿي ويو. "وَّظِلٍّ مَّمۡدُوۡدٍ وَّمَآءٍ مَّسۡكُوۡبٍ" (۽ ڊگها ڇانوا ۽ وهايل "مٿو صاف" پاڻي) مطلب ته اها ڇانو هميشـــه هوندي دائمي رهندي جيئن ٻي آيت ۾ آيو آهي "اُكُلُهَا دَآئِمٌ وَّظِلُّهَا" (ان جو کاڌو دائمي هوندو) ۽ (ان جو) ڇانو (به دائمي هوندو) ايترو ڊگهو هوندو جو جنت جي ننڍي وڏي ٽڪري کي ڍڪي ويهندو ۽ اتي جو پاڻي مٿان پلٽايل هوندو. "وَّفَاكِهَةٍ كَثِيۡرَةٍ" (۽ گهڻا ميوا) هتي ميون کي گهڻي هجڻ جي صفت سان ان جي ڪري بيان

ڪيو ويو آهي جو اهي غذا جي لاءِ نہ هوندا جو بقدر ضرورت ڏنا وڃن پر لذت وٺڻ جي لاءِ هوندا. "لَامَقۡطُوۡعَـةٍ وَّلَا مَمۡنُوۡعَـةٍ" (نہ ختم ڪيل ۽ نہ روڪيل) يعني دنيا جي ميون وانگر ڪنهن مدت سان مخصوص نہ هوندا جو ڪڏهن هجن تہ ڪڏهن نہ ۽ نہ ڪنهن پئسي يا عوض جي ڪري روڪيل هوندا. "وَفُرُشٍ مَّرۡفُوۡعَـةٍ" (۽ مٿا هان وڇاڻا) يعني انهن ڪي ملڻ وارا ۽ وڇاڻا بلند شان وارا، بلند قدر وارا نهايت سٺي ڪپڙي جا ٿهيل هوندا. (١) "اِنَّاۤ اَنۡشَاۡنٰهُنَّ اِنۡشَآءً فَجَعَلۡنٰهُنَّ اَبۡكَارًا، عُرُبًا اَتۡرَابًا لِّاَصۡحٰبِ الۡيَمِيۡنِ" (بلاشڪ اسان انهن ڪي نئين نموني ناهيو آهي پوءِ اسان انهن ڪي ڪنواريون، محبت رکڻ واريون هم عمر بنايو آهي. سڄي وارن جي لاءِ) هتي اهل جنت جي نيڪ صالح گهروارين جو ذڪر ٿي رهيو آهي تہ اهي جڏهن جنت ۾ داخل ٿينديون تہ اهي خلقت ۾ تبديل ٿيل هونديون، نوجوان، حسن ۽ جمال واريون ڪنواريون، مڙسن سان محبت رکندڙ ۽ انهن جو هم عمر هونديون. نبوي حديث ۾ هن آيت جو اهو تفسير آيل آهي ۽ اهي سڄي هٿ ۾ اعمال ناما ملندڙن جي لاءِ مخصوص هونديون. (٢) "ثُلَّـةٌ مِّنَ الۡاَوَّلِيۡنَ وَثُلَّـةٌ مِّنَ الۡاٰخِرِيۡنَ" (پهرين مان گهڻا ۽ پوين مان بہ گهڻا) بغوي پنهنجي سند سان سعيد بن جبير ڪان ان حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي تہ هن آيت جي متعلق نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو تہ اهي سڀئي منهنجا امتي هوندا. (٣)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "ظِلٍّ مَّمۡدُوۡدٍ" (ڊگهو ڇانو) هن جي مراد بيان ڪندي مفسرن لکيو آهي تہ هت عام معنىٰ مراد ناهي ڇو تہ جنت ۾ هميشہ صبح صادق جو پلو وقت هوندو نہ اتي سردي آهي نہ گرمي ڇو تہ اتي سج ئي ناهي. نبوي حديث علىٰ قائلها الصلواة والسلام ۾ آهي تہ طوبىٰ نالي وڻ جي ڇانو ۾ سواري تي سوار ٿي هلائيندڙ سوءُ سال جيترو عرصو هلندو تہ بہ ان وڻ جو ڇانو نہ ڪٽندو. ان مان مراد بہ ان وڻ جو پکڙجڻ آهي تہ جيڪڏهن سج هجي ها تہ ان وڻ جو ڇانو ايترو هجي ها. ٢. "لَامَقۡطُوۡعَةٍ" (نہ ختم ڪيل) مان معلوم ٿيو تہ جنتي ميوا اڻ ڪٽ هوندا هڪ پٽيو ويندو تہ ان جي جاءِ تي ٻيو پيدا ٿي ويندو نہ اتي موسم جو شرط هوندو نہ ڪنهن حفاظت جي ضرورت هوندي هر قسم جو ميوو هميشہ ڪثرت سان موجود هوندو. ٣. "وَّلَا مَمۡنُوۡعَـةٍ" (۽ نہ روڪيل) مان معلوم ٿيو تہ جنتي ميون ڪان جنتين ڪي نہ روڪ هوندي نہ رڪاوٽ، نہ شرعي منع هوندي، نہ طبي پائبندي. ٤. "وَفُرُشٍ مَّرۡفُوۡعَـةٍ" (۽ مٿاهان وڇاڻا) مان معلوم ٿيو تہ جنت وارن ڪي

(١) التفسير الڪبير صـ١٦٤ـ جزءُ ٢٩ (٢) ضياءُ القرآن صـ٩٢ـ جلد ٥ (٣) المظهري صـ١٧٤ـ جلد ٩

مليل بسترا نهايت اعلىٰ قسم جا ۽ عمدا هوندا پر اهي صرف آرام ۽ راحت حاصل
ڪرڻ جي لاءِ هوندا، ڇو تہ جنت ۾ ننڊ نہ هوندي ۽ هڪ قول مطابق "فُرُشٍ" مان
مراد زالون آهن ڇو تہ اڳين آيتن ۾ انهن جو ذڪر آهي جنت وارن ڪي ملندڙ زالون،
نهايت رفيع الشان هونديون. (١)

وَاَصْحٰبُ الشِّمَالِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ الشِّمَالِ (٤١) فِيْ سَمُوْمٍ وَّحَمِيْمٍ (٤٢)

۽ کٻي وارا، ڪهڙا آهن کٻي وارا ساڙيندڙ هوا ۽ گرم پاڻيءَ ۾ هوندا

وَّظِلٍّ مِّنْ يَّحْمُوْمٍ (٤٣) لَّابَارِدٍ وَّلَا كَرِيْمٍ (٤٤) اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ

۽ ڪاري دونهين جي ڇانءِ ۾ نہ ٿڌو هوندو ۽ نہ عزت وارو بيشڪ اهي هئا ان کان اڳي

مُتْرَفِيْنَ (٤٥) وَكَانُوْا يُصِرُّوْنَ عَلَى الْحِنْثِ الْعَظِيْمِ (٤٦) وَكَانُوْا يَقُوْلُوْنَ ۙ

نعمت ڪيل ۽ ضد ڪندا هئا گناهہ وڏي تي ۽ چوندا هئا تہ

اَئِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ (٤٧) اَوَ

ڇا جڏهن مرنداسون ۽ هونداسون مٽي ۽ هڏا ڇا بيشڪ اسين البت اٿاريل آهيون يا

اٰبَآؤُنَا الْاَوَّلُوْنَ (٤٨) قُلْ اِنَّ الْاَوَّلِيْنَ وَ الْاٰخِرِيْنَ (٤٩) لَمَجْمُوْعُوْنَ ۙ

ابا، ڏاڏ اسان جا پهريان فرماءِ تہ بيشڪ پهريان ۽ پويان البت گڏ ڪيل آهن

اِلٰى مِيْقَاتِ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ (٥٠) ثُمَّ اِنَّكُمْ اَيُّهَا الضَّآلُّوْنَ الْمُكَذِّبُوْنَ (٥١)

معلوم ڏينهن جي وقت تائين ان ڪان پوءِ بيشڪ اوهان اي گمراهو! ڪوڙو چوندڙو!

لَاٰكِلُوْنَ مِنْ شَجَرٍ مِّنْ زَقُّوْمٍ (٥٢) فَمَالِئُوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ (٥٣) فَشَارِبُوْنَ

البت کائيندڙ آهيو ٿوهر جي وڻ مان پوءِ ڀريندڙ آهيو ان مان پيٽن کي پوءِ پيئندڙ آهيو

عَلَيْهِ مِنَ الْحَمِيْمِ (٥٤) فَشَارِبُوْنَ شُرْبَ الْهِيْمِ (٥٥) هٰذَا نُزُلُهُمْ

ان جي مٿان ٽهڪندڙگرم پاڻي پوءِ پيئندڙ آهيواجايل اٺ جي پيئڻ وانگرهيءَ مهماني انهن جي آهي

يَوْمَ الدِّيْنِ (٥٦)

قيامت جي ڏينهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ ٻن قسمن "السَّابِقُوْنَ" ۽ "اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ" کي ملندڙ نعمتن جو بيان هو ۽

(١) نورالعرفان صـ٧٥٤ـ

هتان کان ٽئين قسم "اَصۡحٰبُ الشِّمَالِ" جي درد ناڪ حالات جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَاَصۡحٰبُ الشِّمَالِ مَآاَصۡحٰبُ الشِّمَالِ" (۽ کٻي وارا ڪهڙا آهن کٻي وارا؟) يعني کٻي هٿ ۾ عمل ناما ملڻ وارن جو حال نهايت برو هوندو انهن جو حال ڪهڙو ٻڌائجي؟ "فِيۡ سَمُوۡمٍ وَّحَمِيۡمٍ وَّظِلٍّ مِّنۡ يَّحۡمُوۡمٍ لَّابَارِدٍ وَّلَاكَرِيۡمٍ" (تيز گرم هوا ۽ ٽهڪندڙ گرم پاڻيءَ ۾ ۽ ڪاري دونهين جي پاڇي ۾ هوندا جيڪو نہ ٿڌو هوندو ۽ نہ عزت وارو) انسان جڏهن ڪنهن ٽئين ۽ گرم مجلس ۾ ويندو آهي تہ اڃ محسوس ڪندي ٿڌي پاڻيءَ جي خواهش ڪندو آهي ۽ گهاٽي ڇانو ۾ ويهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر جن کي کٻي هٿ ۾ عمل ناما ملندا اهي جڏهن باهہ ۾ وڌا ويندا ۽ سخت اڃ جي ڪري تڙپندا تہ انهن کي ٿڌي ۽ مٺي پاڻيءَ جي بجاءِ گرم ۽ ٽهڪندڙ پاڻي ڏنو ويندو ۽ جڏهن ڪنهن گهاٽي ڇانو واري پاڇي ۾ ويهڻ گهرندا تہ جهنم مان نڪرندڙ ڪاري دونهين کان سواءِ ڪا پناهہ جي جاءِ نہ ملندين. "اِنَّهُمۡ كَانُوۡا قَبۡلَ ذَالِكَ مترَفِينَ" (بلاشڪ اهي ان کان اڳي نعمت ڪيل هئا) اهي ان دردناڪ حالت ۾ ڇو داخل ٿيا؟ ان جا وجہ بيان ڪيا پيا وڃن تہ اهي دنيوي نعمتن سان مالا مال هجڻ جي ڪري ان جي لذتن ۽ خواهشن ۾ وقت ضايع ڪري ويٺا انهن ڪي نہ ڪڏهن الله عزوجل ياد آيو ۽ نہ ان طرف سوچيائون. "وَكَانُوۡا يُصِرُّوۡنَ عَلَى الۡحِنۡثِ الۡعَظِيم" (۽ وڏي گناهہ تي ضد ڪري بيهندا هئا) يعني شرڪ جهڙي وڏي ۾ وڏي گناهہ تي بہ ضد ڪري بيهندا هئا. الله عزوجل جي توحيد لاءِ بيان ڪيل روشن دليلن ڪي نہ مڃيندا هئا. "وَكَانُوۡا يَقُوۡلُوۡنَ اَئِذَا مِتۡنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبۡعُوۡثُوۡنَ اَوَاٰبَآؤُنَا الۡاَوَّلُوۡنَ" (۽ چوندا هئا تہ ڇا جڏهن مرنداسون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿينداسون ڇا بلاشڪ اسين البت اٿاريل هونداسون يا اسان جا پهريان ابا ڏاڏا بہ اٿاريا ويندا) مطلب تہ اهي زنده ٿي قبرن مان اٿڻ جا ۽ قيامت قائم ٿيڻ جا منڪر هوندا هئا چوندا هئا تہ مرڻ ۽ مٽي ٿيڻ کان پوءِ اسين يا اسان جا پهريان وفات ڪري ويل ابا ۽ ڏاڏا زنده ٿي قبرن مان ڪيئن اٿاريا ويندا سون؟ "قُلۡ اِنَّ الۡاَوَّلِيۡنَ وَالۡاٰخِرِيۡنَ لَمَجۡمُوۡعُوۡنَ اِلٰى مِيۡقَاتِ يَوۡمٍ مَّعۡلُوۡمٍ" (فرماءِ تہ پهريان ۽ پويان هڪ ڄاتل ڏينهن جي مقرر ڪيل وقت لاءِ گڏ ڪيا ويندا) مقصد تہ سڀني کي ان ڏينهن ميدان محشر ۾ گڏ ڪيو ويندو. "ثُمَّ اِنَّكُمۡ اَيُّهَا الضَّآلُّوۡنَ الۡمُكَذِّبُوۡنَ لَاٰكِلُوۡنَ مِنۡ شَجَرٍ مِّنۡ زَقُّوۡمٍ فَمَالِئُوۡنَ مِنۡهَا الۡبُطُوۡنَ فَشَارِبُوۡنَ عَلَيۡهِ مِنَ الۡحَمِيۡمِ فَشَارِبُوۡنَ شُرۡبَ الۡهِيۡمِ هٰذَا نُزُلُهُمۡ يَوۡمَ الدِّيۡنِ" (ان کان پوءِ بلاشڪ اوهان اي گمراهہ ٿيندڙؤ! ڪوڙو چوندڙؤ ٿوهر جي وڻ کي کائيندڙ آهيو پوءِ ان مان پيٽ ڀريندڙ آهيو پوءِ ان تي گرم ٽهڪندڙ پاڻي پيئندڙ آهيو نهايت سخت اڃايل اٺ جي پيئڻ وانگر

پيئندڙ آهيو هيءَ قيامت جي ڏينهن انهن جي مهماني آهي) مطلب تہ اي گمراهہ ٿيندڙؤ! الله عزوجل جي توحيد کي ڪوڙو چوندڙؤ! هتي اوهان لذيذ ڪاڌو کائو ٿا اتي اوهان کي جهنم جو زهر کان وڌيڪ ڪوڙو ٿوهر کارايو ويندو ۽ پيٽ ڀري کائيندؤ نہ مٿان اوهان کي جهنم جي باهہ ۾ ٽچڪندڙ گرم پاڻي پياريو ويندو پر ان سان اوهان جي حالت نهايت سخت اڃايل اٺ واري هوندي جنهن کي اليءَ جي بيماري هجي ۽ ڪيترو پاڻي پيئي تہ بہ ان جي اڃ نہ لهي ۽ اهو عذاب انهن جي پهرين مهماني طور هوندو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. آيت ٤١ـ کان ٤٤ـ تائين بيان ڪيل عذاب ڪافرن کي جهنم ۾ داخل ڪرڻ کان پوءِ ٿيندو ميدان محشر ۾ انهن کي ٻيا عذاب سامهون ايندا. ٢. "اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُتْرَفِيْنَ" (بلاشڪ اهي ان کان اڳي نعمت ڪيل هئا) مان معلوم ٿيو تہ دنيوي نعمتن تي مغرور ٿي الله عزوجل کان غافل رهڻ، ان جي دين کان پري ٿيڻ ڪافرن جو ڪم ۽ الٰهي عذاب جو سبب آهي. ٣. "وَكَانُوْا يُصِرُّوْنَ عَلَى الْحِنْثِ الْعَظِيْمِ" (۽ وڏي گناهہ تي ضد ڪري بيهندا هئا) هن مان معلوم ٿيو تہ ڪفر سڀني گناهن کان وڏو گناهہ آهي جو ان کي "العظيم" سڏيو ويو ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪافرن جا ننڍي عمر ۾ مري ويل ٻار دوزخي نہ هوندا ڇو تہ انهن ڪفر تي ضد نہ ڪيو هوندو ۽ اهو بہ واضح ٿيو تہ بعضي ماڻهن کي عمل کان بغير بہ جنت ملندي ڇو تہ الله عزوجل هتي دوزخي هجڻ جا اسباب بيان فرمايا جنتي هجڻ جا بيان نہ فرمايا. مالڪ مٿو ڪرم ڪري تہ گنهگار مومن کي جنت عطا ڪري ڇڏي.

نَحْنُ خَلَقْنٰكُمْ فَلَوْلَا تُصَدِّقُوْنَ (٥٧) اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تُمْنُوْنَ (٥٨)

اسان پيدا ڪيو اوهان کي پوءِ ڇو نہ ٿا سچو ڄاڻو اوهان ڀلا ڏسو تہ اوهان ڄاڻو ڏٺي اوهان اها مني جيڪا داخل ڪيو ٿا

ءَاَنْتُمْ تَخْلُقُوْنَهٗٓ اَمْ نَحْنُ الْخٰلِقُوْنَ (٥٩) نَحْنُ قَدَّرْنَا بَيْنَكُمُ الْمَوْتَ

ڇا اوهان ان کي پيدا ڪيو ٿا يا اسين پيدا ڪندڙ آهيون اسان مقرر ڪيو اوهان جي وچ ۾ موت

وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِيْنَ (٦٠) عَلٰٓى اَنْ نُّبَدِّلَ اَمْثَالَكُمْ وَنُنْشِئَكُمْ

۽ ناهيون اسين اڳرائي ڪيل هن تي جو مٽائي آڻيون اوهان جهڙا ۽ نئون پيدا ڪيو سين اوهان

فِيْ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ (٦١) وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ النَّشْاَةَ الْاُوْلٰى فَلَوْلَا تَذَكَّرُوْنَ (٦٢)

کي ان ۾ جو نہ ٿا ڄاڻو ۽ البت تحقيق ڄاتو اوهان پيدائش پهرينءَ کي پوءِ ڇو نہ ٿا نصيحت وٺو

اَفَرَاَيْتُمْ مَّا تَحْرُثُوْنَ (٦٣) ءَاَنْتُمْ تَزْرَعُوْنَهٗٓ اَمْ نَحْنُ الزّٰرِعُوْنَ (٦٤)
ڇا پوءِ ڏٺي اوهان جيڪا پوک پوکيو ٿا ڇا اوهان ٿا ڄمايو ان کي يا اسين ڄمائيندڙ آهيون
لَوْ نَشَآءُ لَجَعَلْنٰهُ حُطَامًا فَظَلْتُمْ تَفَكَّهُوْنَ (٦٥)
جيڪڏهن اسين گهرون ته البت ڪيون اسين ان کي ڪاٺيون پوءِ اوهان ڳالهيون ڪندا رهجي وڃو
اِنَّا لَمُغْرَمُوْنَ (٦٦) بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ (٦٧) اَفَرَاَيْتُمُ الْمَآءَ
بيشڪ اسين البت ڇٽيءَ ۾ پيل آهيون بلڪ اسين بي نصيب آهيون ڇا پوءِ ڏٺو اوهان پاڻي جيڪو
الَّذِيْ تَشْرَبُوْنَ (٦٨) ءَاَنْتُمْ اَنْزَلْتُمُوْهُ مِنَ الْمُزْنِ اَمْ نَحْنُ الْمُنْزِلُوْنَ (٦٩)
اوهان پيئو ٿا ڇا اوهان لاٿو ان کي ڪڪر مان يا اسين لاهيندڙ آهيون
لَوْ نَشَآءُ جَعَلْنٰهُ اُجَاجًا فَلَوْلَا تَشْكُرُوْنَ (٧٠) اَفَرَاَيْتُمُ النَّارَ
جيڪڏهن گهرون اسين ته بنايون ان کي ڪارو پوءِ ڇو نه ٿا شڪر ڪيو؟ ڇا پوءِ ڏٺو اوهان باهه کي
الَّتِيْ تُوْرُوْنَ (٧١) ءَاَنْتُمْ اَنْشَاْتُمْ شَجَرَتَهَآ اَمْ نَحْنُ الْمُنْشِئُوْنَ (٧٢)
جيڪا ٻاريو ٿا ڇا اوهان پيدا ڪيو ان جي وڻ کي يا اسين پيدا ڪندڙ آهيون
نَحْنُ جَعَلْنٰهَا تَذْكِرَةً وَّمَتَاعًا لِّلْمُقْوِيْنَ (٧٣) فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ (٧٤) ع ٢ / ١٥
اسان بنايو ان کي نصيحت ۽ سامان مسافرن جي لاءِ پوءِ تسبيح پڙهه پنهنجي وڏي رب جي نالي سان

تفسير

اڳين آيتن ۾ انسانن جا ٽي قسم، اَلسَّابِقُوْنَ، اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ۽ اَصْحَابُ الشِّمَالِ ۽ انهن جي جزا ۽ سزا بيان ٿي ۽ هتان کان انهن کي جزا ۽ سزا ڏيندڙ رب العزة جل جلاله جي الوهيت ٽي خالق ۽ رازق هجڻ سان دلائل بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "نَحْنُ خَلَقْنٰكُمْ فَلَوْلَا تُصَدِّقُوْنَ" (اسان اوهان کي پيدا فرمايو پوءِ نه ٿا مڃيو؟) مشرڪن ۽ قيامت جي منڪرن کي مختلف دلائل سان سمجهايو وڃي پيو ته شرڪ ڇڏي الله عزوجل جي توحيد تي ايمان آڻيو ۽ يقين ڪيو ته قيامت ضرور قائم ٿيندي ۽ هتان کان دلائل شروع ڪري ٻڌايو ويو ته اوهان ڪا شي نه هيئو اسان اوهان کي وجود ڏنو ۽ جڏهن ان تي قادر آهيون ته ڇا اوهان کي وري جيئرو ڪري قبرن مان اٿارڻ تي قادر ناهيون؟ ۽ ان ڳالهه جي اوهان تصديق ڇو نه ٿا ڪيو؟ اسان جي قدرت جا هيٺ

بيان ٿيل ڪرشما ڏسي پوءِ سوچي سمجهي فيصلو ڏيو. "اَفَرَءَيْتُمْ مَّاتُمْنُوْنَ ءَ اَنْتُمْ تَخْلُقُوْنَهٗٓ اَمْ نَحْنُ الْخٰلِقُوْنَ" (ڇا اوهان ان "مني" کي ڏٺو جيڪا داخل ڪيو ٿا ڇا اوهان ان کي پيدا ڪيو ٿا يا اسين پيدا ڪندڙ آهيون؟) مطلب ته جڏهن مرد ۽ عورت گڏ ٿين ٿا مرد جي مني عورت ۾ داخل ٿئي ٿي ته ان مان سهڻو انسان اوهان پيدا ڪيو ٿا يا اسين ٿا پيدا ڪيون؟ "نَحْنُ قَدَّرْنَا بَيْنَكُمُ الْمَوْتَ وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِيْنَ" (اسان اوهان جي وچ ۾ موت مقرر ڪيو آهي ۽ اسين اڳرائي ڪيل ناهيون) مطلب ته اسان ئي اوهان کي وجود ڏنو آهي ۽ اسان ئي اوهان جي مٿان موت جو وقت مقرر ڪيو آهي اوهان جي حياتي ۽ موت ٻئي اسان جي قدرتي قبضي ۾ آهن ۽ اسين اڳرائي ڪيل ناهيون جو مطلب ته اسين اهڙا عاجز ناهيون جو اسان کي ان کان ڪو روڪي سگهي اوهان جي جاءِ تي ٻين کي پيدا ڪري رکون ته به ڪري سگهون ٿا جيئن اڳتي ارشاد آهي "عَلٰٓى اَنْ نُّبَدِّلَ اَمْثَالَكُمْ وَنُنْشِئَكُمْ فِيْ مَالَا تَعْلَمُوْنَ" (هن تي جو اوهان جهڙا مٽي آڻيون ۽ اوهان کي ان نئين نموني ناهيون جو اوهان ڄاڻو نه ٿا) مقصد ته اوهان جي خلقت ۾ تبديلي ڪري سگهون ٿا اوهان ۾ ڪجهه ٻيون صفتون پيدا ڪري ميدان ۾ آڻي سگهون ٿا. "وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ النَّشْاَةَ الْاُوْلٰى فَلَوْ لَا تَذَكَّرُوْنَ" (۽ البت تحقيق اوهان پهرين پيدائش کي ڄاڻو ٿا ته پوءِ نصيحت ڇو نه ٿا پرايو) يعني اوهان اها ڳالهه ته ڄاڻو ٿا ته اوهان جي پهرين خلقت ڪهڙي نموني ٿي، اوهان منيءَ جي ڦڙي جي شڪل ۾ ماءُ جي پيٽ ۾ داخل ٿيئو جيڪو قبر وانگر انڌيرو هو اتي اوهان کي هڪ سهڻو انسان بنائي اوهان ۾ دل، دماغ، اکيون، ڪن، هٿ، پير پيدا ڪيا ويا ۽ عقل، شعور، علم، حڪمت، صنعت، ايجاد، تدبير ۽ تسخير جون حيرت انگيز صلاحيتون رکيون ويون ڇا اهي سڀ ڳالهيون مٽي کي جيئري ڪرڻ کان گهٽ آهن؟ پوءِ اوهان ڇو نصيحت حاصل نه ٿا ڪيو ته جنهن الله عزوجل جي قدرت جي اڳيان اهي ڳالهيون آسان آهن ان جي اڳيان موت کان بعد قبرن مان اٿارڻ حشر ۽ نشر ۽ جنت ۽ جهنم وارو نظام به ڪا وڏي ڳالهه ناهي. "اَفَرَاَيْتُمْ مَّا تَحْرُثُوْنَ ءَاَنْتُمْ تَزْرَعُوْنَهٗٓ اَمْ نَحْنُ الزّٰرِعُوْنَ" (ڇا اوهان ان کي ڏٺو جيڪو پوکيو ٿا ڇا اوهان ان کي ڄمايو ٿا يا اسين ڄمائيندڙ آهيون؟) اڳيئن آيت وارو سوال ماڻهن کي ان حقيقت ڏانهن متوجه ڪري رهيو هو ته اوهان الله عزوجل جا پيدا ڪيل آهيو ۽ هتي وارو سوال انهن کي هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪري رهيو آهي ته اوهان جي رزق، روزي جو انتظام به اهو ئي ڪري رهيو آهي اوهان ته صرف ٻج زمين ۾ اڇلائي ڇڏيندا آهيو ڇا ان مان سلا ڄمائي ميدان ۾ آڻڻ به اوهان جو ڪردار آهي؟ نه هرگز نه! ان ٻج واري داڻي کي زمين

جي اندر جنهن عمل ۽ زمين کان ٻاهر جنهن هوا، پاڻيءَ، گرميءَ، سرديءَ ۽ موسمي ڪيفيت جي ضرورت هوندي آهي انهن مان ڪا بہ شيءِ اوهان جي ڪنهن تدبير جو نتيجو ناهي اهو سڀ ڪجهہ الله جل جلالـــه جي قدرت جو ڪمال آهي. "لَوْنَشَآءُ لَجَعَلْنٰـــهُ حُطَامًا فَظَلْتُمْ تَفَكَّهُوْنَ اِنَّا لَمُغْرَمُوْنَ بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ" (جيڪڏهن اسين گهرون تہ ان کي سڪل ڪاٺيون بنائي ڇڏيون پوءِ اوهان ڳالهيون ڪندي رهجي وڃو تہ اسين چٽي پيل آهيون بلڪ اسين بي نصيب آهيون) يعني جيڪڏهن اسين گهرون تہ اوهان جي پلي ٻيٽل پوک کي سڪائي ڪاٺيون بنائي ڇڏيون جو نہ اها انسانن جي ڪاڻ جهڙي رهي نہ حيوانن جي غذا بنجي اوهان جي طرفان هَر، ٻج، ڪلر، پاڻي ۽ ٻين ڪمن ۾ صرف ڪيل پئسو بہ اجايو ٿي وڃي پوءِ اوهان افسوس جا هٿ هڻندي چئو ها تہ اسان تي تہ اهو خرچ چٽي پئجي ويو بلڪ اسين بدنصيب آهيون. جو هيڏي خرچ ڪرڻ جي باوجود ڪجهہ بہ حاصل نہ ڪيوسون "اَفَرَءَيْتُمُ الْمَآءَ الَّذِىْ تَشْرَبُوْنَ ءَاَنْتُمْ اَنْزَلْتُمُوْهُ مِنَ الْمُزْنِ اَمْ نَحْنُ الْمُنْزِلُوْنَ" (ڇا اوهان اهو پاڻي ڏٺو آهي جيڪو پيئو پيا ڇا ڪڪر مان ان کي اوهان لاٿو آهي يا اسين لاهيندڙ آهيون) انسان صرف ٻک محسوس نہ ڪندو آهي ان کي اڃ بہ لڳندي آهي الله جلت صفاتـــه بيان فرمايو تہ جيئن اسان اوهان جي کاڌي جو انتظام ڪيو آهي تيئن اوهان جي اڃ لاهڻ جي لاءِ پاڻيءَ جو انتظام بہ ڪيو اٿئون. اوهان غور ڪيو تہ جيڪو پاڻي اوهان کوهن، چشمن ۽ نهرن ذريعي حاصل ڪيو ٿا اهو ڪٿان ٿو اچي اهو سڀ ڪجهہ اسين اوهان جي مٿان ڪڪر پري، آڻي وسايون ٿا اوهان جو انهن جي وسائڻ ۾ ڪو عمل دخل ناهي. "لَوْنَشَآءُ جَعَلْنٰـــهُ اُجَاجًا فَلَوْلَا تَشْكُرُوْنَ" (جيڪڏهن اسين گهرون ها تہ ان کي صفا کارو ڪَوڙو بنائي ڇڏيون ها پوءِ اوهان شڪر ڇو نہ ٿا ڪيو؟) "اجاج" صفا کاري ڪَوڙي پاڻيءَ کي سڏيندا آهن. هتي بہ الله عزوجل پنهنجي هڪ ٻي حڪمت ڏانهن اشارو ڪرڻ فرمايو آهي تہ مينهن ان بخارات ۾ ٺهي ٿو جيڪي سمنڊ مان اٿن ٿا سمنڊ جو پاڻي نهايت کارو، ڪَوڙو هوندو آهي ۽ ان ۾ هڪ خاص قسم جو بدبودار سٽيل هوندو آهي پر جڏهن مينهن وسندو آهي تہ ان ۾ نہ کاراڻ نہ ڪڙائي هوندي آهي ۽ نہ ان بدبو جو ڪو نشان هوندو آهي ڪڪرن مان نهايت صاف، شفاف ۽ مٺو پاڻي وسندو آهي. ذرا سوچيو تہ سج جي ڪرڻن کي ڪنهن هي سليقو سيکاريو تہ جڏهن ڪڪرن مان پاڻي کڻو تہ ان جي بدبوءِ کاريءِ ڪَوڙي هجڻ واري ڪيفيت ان کان جدا ڪري شفاف ڦڙا وسايو جيڪڏهن اهو اهتمام ڪيل نہ هجي ها تہ جتي برسات جو کارو پاڻي وسي ها اها زمين بہ کاري بنجي وڃي ها ۽ آباديءَ جي لائق نہ رهي ها ۽

زمين تي موجود پاڻيءَ جا ذخيرا بہ كارا خراب تي وڃن ها ۽ انساني زندگي جا حيواني ۽ نباتاتي دنيا بہ تباهہ ۽ برباد تي وڃي ها. "اَفَرَاَيْتُمُ النَّارَ الَّتِىْ تُوْرُوْنَ ءَاَنْتُمْ اَنْشَاْتُمْ شَجَرَتَهَا اَمْ نَحْنُ الْمُنْشِئُوْنَ" (ڀلا اوهان اها باهہ ڏٺي آهي جيڪا ٻاريو ٿا ڇا اوهان ان جي وڻ کي پيدا ڪيو آهي يا اسين پيدا ڪندڙ آهيون؟) انسان جي تمدن جي ترقي ۽ معاشري جي ڀلائيءَ ۾ جيترو باهہ کي دخل آهي اهو بيان جو محتاج ناهي ان سان، گرمي، روشني ۽ کاڌي پيتي جون ضرورتون پوريون ٿين ٿيون ان سان وڏا، وڏا ڪارخانا هلن ٿا الغرض تہ باهہ نہ هجي ها تہ ڪيتريون ضرورتون پوريون نہ ٿين ها. الله عزوجل هتي پنهنجي ٻانهن جو توجہ ان طرف ڇڪائيندي فرمايو آهي تہ "ڀلا ان باهہ واري وڻ کي اوهان پيدا ڪيو آهي يا اسان؟" عرب ۾ ٻہ وڻ هئا هڪ جو نالو مرخ هو ۽ ٻئي جو نالو عفار. مرخ کي مٿان ۽ عفار کي هيٺان رکي رڳڙيندا هئا تہ ان مان پاڻيءَ جا ڦڙا ٽمندا هئا جن مان باهہ نڪرندي هئي ۽ هتي مذڪوره وڻ مان اهي سڀ وڻ بہ مراد ٿي سگهن ٿا جيڪي ٻارڻ جي ڪم ۾ ايندا آهن. (١) "نَحْنُ جَعَلْنٰهَا تَذْكِرَةً وَّمَتَاعًا لِّلْمُقْوِيْنَ" (اسان ان کي نصيحت ۽ مسافرن جي لاءِ سامان بنايو "الْمُقْوِيْنَ" جي معنيٰ سمجهائيندي علامہ بيضاوي لکيو آهي تہ: ان جون ٻہ معنائون آهن ١: الذين ينزلون القواءَ وهي القفرا والذين خلت بطونهم او مزاودهم من الطعام (٢) يعني اهي شخص جن ميدان ۾ منزل ڪئي يا سندن پيٽ ۽ ٻوريون طعام کان خالي رهيون ان مان مراد آهن مسافر، مطلب تہ اسان ان باهہ کي اهڙو مفيد بنايو آهي جو رات جي انڌيري ۾ ان کي پري کان ٻرندي ڏسي مسافر اتي پهچي پلجڻ کان بچي پوندو آهي عرب جو رواج هوندو هو تہ اهي رات جو پنهنجي رهائش گاهہ تي باهہ جي ذريعي روشني ڪرائيندا هئا تانت پلجي وڃڻ وارو ماڻهو اتي آسانيءَ سان پهچي سگهي ۽ پاڻ ان جي همدردي ڪري سگهن هتي اها خداوندي نعمت ياد ڏياري وئي آهي "فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ" (پوءِ پنهنجي وڏي شان واري رب جي نالي جي تسبيح پڙهہ) يعني اي محبوب! (عليك الصلوٰة والسلام) پنهنجي عظمت واري رب جي پاڪائي بيان ڪر جنهن جي قدرت، حڪمت، رحمت ۽ علم جا ڪئين دلائل بيان ڪيا ويا آهن ان جو ڪو بہ شريڪ ناهي اهو هر قسم جي نقص، ضعف ۽ عيب کان پاڪ آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "ءَاَنْتُمْ تَخْلُقُوْنَهٗۤ اَمْ نَحْنُ الْخٰلِقُوْنَ" (ڇا اوهان ان کي پيدا ڪيو ٿا يا اسين پيدا ڪندڙ آهيون؟) جي وضاحت ۾ مفسرن لکيو آهي تہ "تَخْلُقُوْنَهٗ" خلق کان ورتل آهي ان جون مختلف معنائون آهن.

(١) ضياءُ القرآن ص ٩٨ـ جلد ٩ (٢) البيضاوي ڪامل ص ٧١٣ـ

١: پيدا ڪرڻ، ٢. ناهڻ، ٣. گهڙڻ. پيدا ڪرڻ جي لحاظ سان خالق صرف الله عزوجل آهي باقي ناهڻ، گهڙڻ جي لحاظ سان ٻين جي لاءِ بہ اهو لفظ آيل آهي جيئن فرمان مذڪور ۾ آيو يا "وَتَخْلُقُوْنَ اِفْكًا" (۽ اوهان ڪوڙ ناهيو ٿا) سيدنا عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام فرمايو "اَخْلُقُ لَكُمْ مِّنَ الطِّيْنِ كَهَيْئَةِ الطَّيْرِ" (مان اوهان جي لاءِ گپ مان پکيءَ جي نموني تي ناهيان ٿو) ٢. "اَمْ نَحْنُ الْخَالِقُوْنَ" (يا اسين پيدا ڪندڙ آهيون؟) ۾ جمع جو صيغو "اسين" يا "خالقون" پيدا ڪندڙ آيل آهي حالانڪ الله عزوجل تہ هڪ آهي. علماءِ اعلام فرمايو تہ اهو جمع جو صيغو تعظيم لاءِ ۽ صفات ۽ ذات جي لحاظ سان آيل آهي پر ٻانهو الله عزوجل جي لاءِ هميشه واحد جو صيغو ڳالهائي جمع جو نہ ڳالهائي جو ان ۾ شرڪ جو وهم آهي. ٣. "وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِيْنَ عَلٰٓى اَنْ نُّبَدِّلَ اَمْثَالَكُمْ" (۽ اسين اوهان جي جاءِ تي مٿي ٻيا اوهان جهڙا آڻڻ کان عاجز ناهيون) مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل جي ذات بي نياز آهي شڪليون مٽائي، زمين ۾ زلزلن سان هلاڪ ڪري تہ ڪري سگهي ٿو پر حبيب عليه الصلوٰة والسلام جي صدقي بچائي ٿو. (١)

فَلَآ اُقْسِمُ بِمَوٰقِعِ النُّجُوْمِ (٧٥) وَاِنَّهٗ لَقَسَمٌ

پوءِ قسم ٿو کڻان مان تارن جي واقع ٿيڻ وارين جاين جو ۽ بيشڪ اهو البت قسم آهي

لَّوْ تَعْلَمُوْنَ عَظِيْمٌ (٧٦) اِنَّهٗ لَقُرْاٰنٌ كَرِيْمٌ (٧٧) فِيْ كِتٰبٍ مَّكْنُوْنٍ (٧٨)

جيڪڏهن اوهان ڄاڻو وڏو بيشڪ اهو البت قرآن ڪريم آهي محفوظ دفتر ۾

لَّا يَمَسُّهٗٓ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ (٧٩) تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ (٨٠) اَفَبِهٰذَا

نہ هٿ لڳائن ان کي مگر پاڪ نازل ڪرڻ آهي جهانن جي رب جي طرفان ڇا پوءِ هن

الْحَدِيْثِ اَنْتُمْ مُّدْهِنُوْنَ (٨١) وَتَجْعَلُوْنَ رِزْقَكُمْ اَنَّكُمْ تُكَذِّبُوْنَ (٨٢)

ڳالهہ ۾ اوهان سستي ڪندڙ آهيو ۽ بنايو ٿا پنهنجو حصو هيءُ تہ اوهان ڪوڙو چئو ٿا

تفسير

اڳين آيتن ۾ الوهيت، قبرن مان زنده ٿي اٿڻ، جزا ۽ سزا ملڻ جا دليل بيان ڪيا ويا ۽ هتي نبوت ۽ قرآن ڪريم جي سچي هجڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "فَلَآ اُقْسِمُ بِمَوٰقِعِ النُّجُوْمِ" (پوءِ مان تارن جي واقع ٿيڻ وارين جاين جو قسم کڻان ٿو) يعني جن جاين ۾ تارا لهن ٿا انهن جو قسم آهي انهن جي قسم کڻڻ جي تخصيص ان

(١) نورالعرفان صـ٨٥٥ـ

جي ڪري آهي جو انهن جو لهڻ هن ڳالهہ جو دليل آهي تہ اهڙي ڪا مؤثر قوت، دائمي طاقت آهي جيڪا انهن کي لهڻ تي مجبور ڪري ٿي ۽ ان جي ڪري ئي حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام انهن سان الله عزوجل جي وجود ۽ توحيد تي دليل ورتو هو. "وَإِنَّـــهٗ لَقَسَمٌ لَّوْ تَعْلَمُوْنَ عَظِيْمٌ" (۽ جيڪڏهن اوهان ڄاڻو ها تہ بلاشڪ اهو وڏو قسم آهي) يعني مذڪور قسم کي معمولي نہ سمجهو اهو وڏو قسم آهي جو ان ۾ الله عزوجل جي عظيم قدرت، ڪمال حڪمت، بي حساب رحمت تي دلالت آهي ۽ ان جي رحمت جي تقاضا آهي تہ پنهنجن ٻانهن کي بيڪار نہ ڇڏي. "اِنَّـهٗ لَقُرْاٰنٌ كَرِيْمٌ" بلاشڪ اهو قرآن ڪريم آهي. "الڪريم" جامع اسم آهي جيڪو هر سٺائيءَ تي شامل آهي ۽ قرآن پاڪ بہ ڪريم آهي جو ان ۾ هدايت، روشن دليل، علم، حڪمت سڀ ڪجهہ آهي. "فِيْ كِتَابٍ مَّكْنُوْنٍ" ڍڪيل ڪتاب ۾ ان مان مراد لوح محفوظ آهي جيڪو مقرب ملائڪن ڪان سواءِ ٻين کان محفوظ آهي. "لَايَمَسُّـــهٗ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ" (ان کي صرف پاڪ هٿ لڳائن) جيڪي پاڪ، صاف ۽ باوضو هجن جيڪو پاڪ صاف ۽ وضوءُ سان ناهي اهوقرآن ڪريم کي هٿ نہ لڳائي علامـــہ پاني پتي لکيو آهي تہ هڪ قول آهي تہ "لَايَمَسُّـهٗ" ۾ ہٗ ضمير "كِتَاب مَّكْنُوْنٍ" ۾ ذڪر ڪيل ڪتاب ڏانهن وري ٿو پوءِ مطلب هي ٿيندو تہ لوح محفوظ ۾ جيڪو ڪجهہ لکيل آهي ان کي صرف اهي ڇاٽندا جن جون دليون انهن جسماني ڪدورتن ڪان پاڪ هونديون جيڪي گناهن تي ڀڙڪائيندڙ هونديون آهن پر اهو قول پسنديدو ناهي ڇو تہ جسماني ڪدورتن ڪان خالي هجڻ فضيلت ناهي بلڪ اهي تہ خالص، ذاتي، تجليات جون حامل هونديون آهن ۽ صحيح قول هي آهي تہ ان مان مراد آهي قرآن ڪريم کي وضوءُ ڪان ۽ جسماني پاڪائيءَ ڪان سواءِ هٿ نہ لڳايو وڃي ۽ ان ڳالهہ تي بہ اجماع آهي تہ قرآن ڪريم کي احتلام وارو حيض واري نفاس واري ۽ بي وضو شخص هٿ نہ لڳائي. (١) "تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ" (جهانن جي رب جي طرفان نازل ڪرڻ آهي) يعني هي قرآن ڪريم الله عزوجل جي طرفان نازل ڪيل آهي قرآن ڪريم سحر، ڪهانت ۽ شعر ناهي الله عزوجل جي طرفان ٿورو ٿورو ڪري لاٿل آهي، اهڙو سچ ۽ حق آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ، شبهو ناهي. "اَفَبِهٰذَا الْحَدِيْثِ اَنْتُمْ مُّدْهِنُوْنَ" (ڇا پوءِ هن ڳالهہ سان اوهان سستي ڪندڙ آهيو؟) يعني قرآن ڪريم جي متعلق اوهان ۾ سستي ڇو آهي؟ سستي نہ ڪيو ڪلي طرح ان جي احڪام کي ڇو نہ ٿا مڃيو؟ "وَتَجْعَلُوْنَ رِزْقَكُمْ اَنَّكُمْ تُكَذِّبُوْنَ" (۽ پنهنجي روزي ٿا بڻايو جو بلاشڪ اوهان

(١) المظهري صـ١٨١ـ جلد ٩

ڪوڙو چئو تا) يعني جنهن الله عزوجل اوهان کي هي قرآن عطا ڪري علم جو رزق ڏنو اوهان ان جي مقابلي ۾ رزق اهو تا بنايو جو قرآن پاڪ کي ڪوڙو چئو تا. علامه رازي عليه الرحمة هتي "رِزْقَكُمْ" جي مراد ۾ هڪ هي احتمال به ظاهر ڪيو آهي ته هتي رزق معاش جي معنىٰ ۾ آهي جڏهن ته قريشي ڪافر قرآن جي دعوت کي پنهنجي معاشي مفاد جي لاءِ نقصان ڏيندڙ سمجهندا هئا ۽ سندن خيال هي هو ته اسلام جيڪڏهن غالب ٿيو ته اسان جي معاشي حالت خراب ٿيندي ان جي ڪري هن آيت جو مطلب هي به ٿي سگهي ٿو ته: اوهان هن قرآن ڪريم جي ڪوڙي چوڻ کي پنهنجي پيٽ پرڻ جو ذندو بنائي رکيو آهي اوهان وٽ حق ۽ باطل ڪا اهميت نه ٿو رکي اوهان جي نظر ۾ اهميت پيٽ جي پوڄا کي آهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "بِمَوَاقِعِ النُّجُوْمِ" (تارن جي واقع ٿيڻ واريون جايون) هتي هڪ قول مطابق "النجوم" مان مراد اصحاب سڳورا ۽ انهن کان بعد حق جي هدايت ڪندڙ علماءِ اعلام آهن ۽ "مواقع" واقع ٿيڻ جي جاين مان مراد انهن جون مزارون "قبرون" آهن. (٢) ٢. علامه قرطبي لکيو آهي ته حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي قول مطابق "مَوَاقِعِ النُّجُوْمِ" مان قرآن ڪريم جي آيتن جو ٿورو ٿورو ٿي نازل ٿيڻ مراد آهي الله عزوجل ان کي لوح محفوظ مان آسمان کان پلن ملائڪن، لکندڙن تائين نازل ڪري پهچايو ۽ انهن وري ويهن راتين ۾ جبريل تائين پهچايو ۽ جبريلؑ حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن تائين ٽيويهن سالن ۾ پهچايو. (٣)

فَلَوْلَآ اِذَا بَلَغَتِ الْحُلْقُوْمَ (٨٣) وَاَنْتُمْ حِيْنَئِذٍ تَنْظُرُوْنَ (٨٤) وَنَحْنُ اَقْرَبُ

پوءِ ڇو نه جڏهن پهتو نرگهٽ کي ۽ اوهان ان وقت ڏسي رهيا آهيو ۽ اسين وڌيڪ ويجها آهيون

اِلَيْهِ مِنْكُمْ وَلٰكِنْ لَّا تُبْصِرُوْنَ (٨٥) فَلَوْلَآ اِنْ كُنْتُمْ غَيْرَ مَدِيْنِيْنَ (٨٦)

ان کي اوهان کان ۽ پر نه ٿا ڏسو اوهان پوءِ ڇو نه جيڪڏهن آهيو نه بدلو ڏنل نه

تَرْجِعُوْنَهَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ (٨٧) فَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ (٨٨)

موٽايو ها ان کي جيڪڏهن آهيو سچا پوءِ پر جيڪڏهن هوندو مقربن مان

فَرَوْحٌ وَّرَيْحَانٌ ۙ وَّجَنَّتُ نَعِيْمٍ (٨٩) وَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ (٩٠)

پوءِ راحت ۽ خوشبو ۽ نعمتن واري جنت آهي ۽ پر جيڪڏهن هوندو سڄي وارن مان

(١) الڪبير ص ١٩٧ ـ جزءِ ٢٩ (٢) روح البيان ص ٣٣٦ ـ جلد ٩ (٣) القرطبي ص ٢٢٤ ـ جلد ١٧

فَسَلٰمٌ لَّكَ مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ (٩١)	وَاَمَّآ اِنْ كَانَ	مِنَ الْمُكَذِّبِيْنَ
پوءِ تنهنجي لاءِ سلام آهي سجي وارن کان	۽ پر جيڪڏهن هوندو	ڪوڙو چوندڙن
الضَّآلِّيْنَ (٩٢)	فَنُزُلٌ مِّنْ حَمِيْمٍ (٩٣) وَّتَصْلِيَةُ	جَحِيْمٍ (٩٤)
گمراهن مان ته	پوءِ مهماني آهي گرم ٽچڪندڙ پاڻيءَ مان ۽ پهچائڻ	جهنم جو
اِنَّ هٰذَا لَهُوَ حَقُّ الْيَقِيْنِ (٩٥)	فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ (٩٦)	
بيشڪ هي البت اهو ئي حق اليقين آهي	پوءِ تسبيح پڙهه پنهنجي وڏي رب جي نالي سان	

٣ع ١٦

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو ته ڪافر الله عزوجل جي آيتن جا منڪر آهن ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي ته اي ڪافرو! جيڪڏهن اوهان الله عزوجل جي معبود بالحق هجڻ جا انڪار ڪندڙ آهيو ته پوءِ ڇا هي سڀ ڪجهه اوهان ئاهيو آهي ۽ جيڪڏهن بفرض محال اوهان ئاهيو آهي ته اوهان جا ابا، ڏاڏا يا اوهان جي پيارن يا اولاد جي ساهه نڪرڻ وقت اوهان موجود هوندا آهيو ته پنهنجي طاقت ۽ پاور ڇو نه ٿا هلايو؟ فرمان الٰهي آهي. "فَلَوْلَآ اِذَا بَلَغَتِ الْحُلْقُوْمَ وَاَنْتُمْ حِيْنَئِذٍ تَنْظُرُوْنَ" (پوءِ ڇو نه جڏهن ساهه نرگهٽ تائين پهچي ٿو ۽ اوهان ان وقت ڏسو پيا) يعني جڏهن اوهان جي وفات ڪري ويندڙ جو ساهه انهن جي نرگهٽ ۾ پهچي ڦاسي ٿو انهن جي سڪرات جي حالت هوندي آهي ۽ اوهان ڏسو به ويٺا ڇا ڪجهه ڪري به سگهو ٿا؟ "وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْكُمْ وَلٰكِنْ لَّا تُبْصِرُوْنَ" (۽ اسين ان ڏانهن اوهان کان وڌيڪ ويجها هوندا آهيون ۽ پر اوهان ڏسندا ناهيو) يعني اوهان وفات ڪندڙ جي مٿن کان يا پاسن کان يا ان جي مٿي کي هنج ۾ رکيو ويٺا هوندا آهيو ۽ اسين ان کي اوهان کان وڌيڪ ويجها هوندا آهيون پر اوهان ڏسي نه سگهندا آهيو اهو قدرتي قرب علم، قدرت ۽ رؤيت جي اعتبار سان هوندو آهي. "فَلَوْلَآ اِنْ كُنْتُمْ غَيْرَ مَدِيْنِيْنَ تَرْجِعُوْنَهَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" (پوءِ ڇو نه جيڪڏهن اوهان بدلو ڏنل ناهيو ته ان کي موٽايو ها جيڪڏهن سچا آهيو) يعني جيڪڏهن اوهان خودمختيار آهيو ڪنهن جي زير فرمان ناهيو ته نرگهٽ تائين اچڻ واري روح کي ڏسندي به واپس ڇو نه ٿا ڪيو اوهان جي انتهائي آرزو ۽ تمنا آهي ته اوهان جو پٽ زنده رهي اوهان ان جي زنده رهڻ جي لاءِ وڏا وس ڪيا پوءِ به ان کي بچائي نه ٿا سگهو ته اوهان کان وڌيڪ ڪمزور ڪير هوندو؟ اوهان ڪجهه به

طاقت نہ تا رکو سڀ ڪجهہ ڪرڻ وارو الله عزوجل آهي ان ڪي هڪ وحده لاشريڪ لـــه مڃي ان جي ئي عبادت ڪيو. "فَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ فَرَوْحٌ وَّرَيْحَانٌ وَّ جَنَّتُ نَعِيْمٍ" (پوءِ پر جيڪڏهن مقربن مان هوندو تہ راحت ۽ خوشبو ۽ نعمتن واري جنت آهي) مطلب تہ جنهن ٻانهي جي وفات ٿي رهي آهي اهو جيڪڏهن الله عزوجل جي مقرب ٻانهن مان هوندو تہ ان جي لاءِ بهشت واريون راحتون، اتي جون خوشبويون ۽ خوشبودار غذائون ۽ نعمتن واري جنت هوندي دائمي حياتي، مغفرت ۽ رحمت جا مزا ماڻيندو. ابوالعاليـــة جو قول آهي تہ مقرب ٻانهو جڏهن دنيا تان رحلت ڪرڻ وارو ٿيندو تہ ان ڪي جنت جي گل جي خوشبو سنگهائي ويندي پوءِ ان جو روح پرواز ڪندو. "وَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ فَسَلٰمٌ لَّكَ مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ" (۽ پرجيڪڏهن سڄي وارن مان هوندو تہ پوءِ تنهنجي لاءِ سڄي وارن جي طرفان سلام آهي) مطلب تہ جيڪڏهن اهو وفات ڪندڙ ٻانهو مقربن کان گهٽ درجي جو ۽ اهڙو آهي جنهن ڪي سڄي هٿ ۾ عمل ناما ڏنا ويندا تہ ان ڪي سڄي هٿ ۾ ڏنل عمل نامن وارا مسلمان ٻائر سلام چوندا ۽ بغوي ان جي معنىٰ بيان ڪندي فرمايو تہ: اي محبوب! عليڪ الصلواة والسلام! اوهان جي لاءِ سلامتي آهي اوهان پنهنجي انهن امتين جو فڪر نہ ڪيو اهي الله عزوجل جي عذاب کان سلامت ٿي، بچي ويا ۽ اوهان انهن ڪي محفوظ ۽ مامون ڏسي راضي ٿيندؤ ۽ فراءَ جو قول آهي تہ ان جي مراد آهي تہ: اي محمد! (عليـــه الصلوٰاة والسلام) تنهنجي لاءِ اصحٰب اليمين جي طرفان سلام آهي. "وَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنَ الْمُكَذِّبِيْنَ الضَّآلِّيْنَ فَنُزُلٌ مِّنْ حَمِيْمٍ وَّتَصْلِيَـــةُ جَحِيْمٍ" (۽ پر جيڪڏهن ڪوڙو چوندڙن، گمراهن مان هوندو تہ پوءِ گرم، ٽهڪندڙ پاڻيءَ مان مهماني ۽ جهنم جي باهہ ۾ پهچائڻ آهي) يعني وفات ڪرڻ وارو جيڪڏهن قرآن ۽ نبي پاڪ صلى الله عليـــه وسلم جن ڪي ڪوڙو چوندڙ هوندو تہ ان ڪي جهنم جو نهايت گرم، ٽهڪندڙ پاڻي پياري جهنم ۾ پهچايو ويندو. اها ان جي مهماني هوندي. "اِنَّ هٰذَا لَهُوَ حَقُّ الْيَقِيْنِ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ" (بلاشڪ هي حق اليقين آهي پوءِ پنهنجي وڏي رب جي نالي جي تسبيح پڙهہ) مطلب تہ وفات ڪندڙن جي متعلق جيڪو بيان ٿيو اهو حق ۽ يقيني امر آهي پوءِ پنهنجي رب ڪي ياد ڪندي نماز پڙهہ يا مطلب آهي تہ ان جي مٺي نالي جو ذڪر ڪندي انهن ڳالهين کان ان جي پاڪائي بيان ڪر جيڪي سندس شان جي لائق ناهن. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْـــهِ" (۽

(١) المظهري صـ١٨٥، ١٨٦ـ جلد

اسين ان کي وڏيڪ ويجها آهيون) مان مراد الله عزوجل جي ملائڪن ۽ الله عزوجل جو علم سان ويجهو هجڻ مراد آهي ڇو ته اهو جسماني قرب کان پاڪ آهي ۽ ان مان اهو به معلوم ٿيو ته الله عزوجل جي ٻانهن جو ويجهو هجڻ ڇڻ ته الله عزوجل جو قرب آهي. جيڪو الله عزوجل جي مقرب، پيارن ٻانهن وٽ آهي اهو ڇڻ ته الله عزوجل وٽ آهي. ٢. "تَرْجِعُوْنَهَا اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" (جيڪڏهن سچا آهيو ته ان کي موٽايو ها) ۾ انهن ڪافرن جي ترديد آهي جيڪي چوندا آهن ته انساني روح انسان مان نڪري ٻين حيوانن ۾ داخل ٿي دنيا ۾ ئي رهندو آهي. هتي سمجهايو ويو ته جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ ان کي انسان مان نڪرڻ ڇو ٿا ڏيو موٽائي وري ان ۾ داخل ڪيو پر حقيقت اها ناهي ان کي وفات ڪرائيندڙ الله عزوجل جي اڳيان ڪا به رڪاوٽ ناهي. ٣. "رَيْحَانٌ" (خوشبوءِ) جي تفسير ۾ صوفياءَ ڪرام جو قول اهي ته: مقربن جي لاءِ دنيا ۾ يار جي وصال جي ۽ آخرت ۾ ديدار جي خوشبوءِ آهي. ٤. "مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ" (سڄي وارن جي طرفان) هن جي وضاحت ۾ علماءَ لکيو آهي ته نيڪن صالحن ٻانهن جي وفات وقت سندن اڳ ۾ وفات ڪري ويلن مٿن ۽ مائٽن جا ارواح سندن استقبال ڪندي سندن سلام ڪن ٿا. (١) علامه نعيم الدين مراد آبادي لکيو آهي ته ان جو مطلب آهي اي محبوب! عليك الصلواة والسلام اوهان انهن جي طرفان بالڪل بي فڪر رهو اهي نهايت آرام سان آهن اوهان کي سلام موڪلين ٿا قبول فرمايو. (٢)

الحمدلله ثم الحمدلله والشڪرله جو ان جي خصوصي ڪرم جي نگاهه سان مون عاجز گنهگار اڄ اڱاري جي ڏينهن صبح جو پنهنجي گهر ۾ ست لڳي پنجن منٽن تي بمؤرخه ١٨ محرم الحرام ١٤٢٦ هه الموافق ١، ٣، ٢٠٠٥ع تي سورة الواقعة جو تفسير لکي پورو ڪيو ان ئي رحمٰن رب جي رحمت ۾ اميد واثق رکندي انتهائي عجز ۽ انڪساريءَ سان با ادب، دست بسته دعا آهي ته باقي رهيل تفسير به جلد کان جلد لکي پورو ڪرڻ جي نعمت سان نوازي آمين ثم آمين يا الٰه العٰلمين، بوسيله النبى الامى الامين عليه وعلىٰ آله واصحبه الصلوات والتسليمات الى يوم الدين.

طالب دعا

محمد ادريس ڏاهري

نقشبندي عفي عنه

(١) نورالعرفان ص ـ ٨٥٧ ـ

(٢) خزائن العرفان سنڌي ص ـ ٦٥٦

سورة "اَلْحَدِيْدِ" جو تعارف

هن سورة جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ انتهائي اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة پاڪ جو نالو "اَلْحَدِيْدِ" آهي جيڪو هن جي آيت ع ٢٥ ـ ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ چار رڪوع، اوڻٽيه "٢٩" آيتون، پنج سوء چوئيتاليه "٥٤٤" ڪلما، ٻه هزار چار سوء ڇاهتر "٢٤٧٦" حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ جمهور جي بقول هيءَ سورة مدنيه آهي (٢) ابن الضريس، نحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته سورة "الحديد" مدينه منوره ۾ نازل ٿي هئي. (٣)

اڳيئن سورة سان ربط ۽ مناسبت: اڳين سورة تسبيح پڙهڻ جي حڪم سان پوري ٿي ۽ هن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته آسمان ۽ زمين وارا سڀ ان جي تسبيح پڙهن ٿا. (٤)

نزول جو زمانو: هيءَ سورة "اَلزَّلْزَلَةُ" کان پوءِ نازل ٿي هئي. (٥)

مضمون: هن سورة جي آيتن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هن جو نزول اُحُد جي جنگ ۽ صلح حديبيه جي وچ واري عرصي ۾ ٿيو هو. جڏهن اسلام ۽ ڪفر جي جنگ نهايت نازڪ ۽ فيصلي ڪندڙ مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي هئي بدر ۽ اُحد جون جنگيون مسلمانن ۽ صرف مڪه مڪرمه ۾ رهندڙن ڪافرن جي درميان هيون ٻيا قبيلا جيڪي مڪه مڪرمه کان پري يا ويجها هئا اهي هنن ٻنهي جنگين ۾ شريڪ نه هئا انهن جو اهو خيال هو ته هيءَ ڪشمڪش مڪه مڪرمه جي ٻن گروهن جي وچ تائين محدود آهي ان ۾ انهن کي دخل ڏيڻ جي ڪا ضرورت ناهي. مڪه مڪرمه جي رهاڪن جو ٻه اهو خيال هو ته هنن بي يارو مددگار مسلمانن کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جي لاءِ اهي پاڻ ڪافي آهن ڪين ڪنهن ٻئي قبيلي کان مدد وٺڻ جي ڪا ضرورت ناهي پر بدر ۾ غير متوقع شڪست سندن اکيون کولي ڇڏيون هيون ان جو پلاند وٺڻ جي لاءِ انهن جنهن مهم جو پروگرام بنايو هو ان ۾ پاڻ پنهنجا سمورا مادي وسائل ۽ افرادي قوت استعمال ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو هيائون. (حضرت) ابو سفيان (رضي الله عنه جيڪو اسلام کان اڳي) ٻن ٽن هزارن نوجوانن تي مشتمل

(١) خازن صـ٢٢٥ـ جلد ٤ (٢) روح المعاني صـ١٦٤ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩ (٣) الدرالمنثور صـ٢٥ـ جلد ٨ (٤) حقاني صـ٣٨ـ جلد ٧ (٥) المراغي صـ١٥٧ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩

لشڪر جو سالار هو ان کي يقين هو تہ ان جو لشڪر مسلمانن جي لشڪر کي صفا
ختم ڪري ڇڏيندو جڏهن احد جبل جي هيٺاهينءَ ۾ انهن جو مقابلو ٿورن مسلمانن
سان ٿيو تہ سندن هوش اڏامي ويو ۽ مسلمانن ڀهرئين ئي حملي ۾ انهن کي جنگ جي
ميدان مان ڀڄڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو جيڪڏهن مسلمانن جي تير هڻندڙن، گهٽِ ۾
بيهاريلن جوانن کان غلطي نہ ٿئي ها تہ جنگ جو نتيجو ڪافرن جي لاءِ بدر جي جنگ
کان وڌيڪ حوصلا ٽوڙيندڙ بلڪ تباهہ ڪندڙ ثابت ٿئي ها ان ڏينهن ابو سفيان
جيتوڻيڪ پنهنجي لشڪر کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيو پر پنهنجي مڪمل فتح ۽
مسلمانن کي مڪمل طرح مٽائڻ وارو ارادو جيڪو اهو ڪٺي آيو هو ان ۾ اهو بري
طرح ناڪام رهيو ۽ اهلِ مڪــہ کي معلوم ٿي ويو تہ اهي جلا وطن مسلمانن سان
اڪيلو مقابلو ڪري نہ سگهندا ان جي ڪري انهن مختلف قبيلن ڏانهن وفد موڪليا ۽
پنهنجن ٻتن کي سڏ ڪري انهن کي مسلمانن جي خلاف امداد لاءِ عرض ڪيا.
مسلمانن جي لاءِ هاڻي صورت حال نهايت خطرناڪ ۽ پريشان ڪندڙ رهي هاڻي انهن
کي پنهنجي ساهہ کان وڌيڪ پياري اسلام جي بقاءَ لاءِ ڀهريان کان ٻہ وڌيڪ جاني ۽
مالي قرباني پيش ڪرڻ جي ضرورت هئي هاڻي سندن مدمقابل صرف مڪہ مڪرمہ
جا رهاڪو نہ هئا پر سندن جنگ عرب جي سيني مشرڪ قبيلن سان ڇڙي وئي هئي.
ان حالتن جي دوران هيءَ سورة نازل ٿي هئي هن ۾انهن کي ڪو حڪم ڏيڻ کان
ڀهريان خداوند قدوس جي ڪمال وارين صفتن ۽ ڪبريائيءَ واري شان سان متعارف
ڪرايو ويو آهي وري انهن کي اسلام جي سر بلنديءَ جي لاءِ وڏي فياضيءَ سان مال
خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏنل آهي گڏوگڏ انهن کي هيءَ ڳالهہ ٻہ سمجهائي وئي تہ هي
مال، متاع جيڪو اوهان وٽ آهي ڪالهہ ڪنهن ٻئي جي ملڪيت هو ڪهڙي خبر تہ
ٻن ڏينهن کان پوءِ اوهان کان ڪسي ڪنهن ٻئي کي ڏنو وڃي اوهان ان جا حقيقي
مالڪ ناهيو حقيقي مالڪ الله عزوجل آهي اوهان ان جا نائب آهيو. الله عزوجل جي
پاڪ نالي کي بلند ڪرڻ جي لاءِ جيڪڏهن هن مال کي خرچ ڪرڻ جو موقعو اچي تہ
انکي غنيمت سمجهو اوهان کي ان جو وڏو اجر ملندو. آيت ع۔١٠۔ ۾ ٻڌايو ويو آهي
تہ حالتون هميشــہ هڪ جهڙيون نہ رهنديون ۽ اسلام جا دشمن هميشــہ گڙندا نہ
رهندا. مسلمانن جي ڪمزوريءَ جي حالت ٻہ عارضي آهي الله عزوجل جي فضل سان
حالتون بدلجي وينديون باطل جي قوت اهڙي ٽوڙي ويندي جو ڪفر جا اڳواڻ
مسلمانن جو نالو ٻڌي ڏڪڻ لڳندا ان وقت اسلام کي اوهان جي مالي تعاون جي
ضرورت نہ رهندي جيتري هاڻي آهي هن وقت خرچ ڪيل مال جو جيڪو اجر اوهان

کي ملندو اھو بعد ۾ نہ ملندو ان جي ڪري بدلجندڙ حالات جو فائدو وٺندي خرچ
ڪيو اھڙو قيمتي وقت شايد وري اوھان کي ھٿ نہ اچي گڏوگڏ اھو بہ سمجھايو ويو
تہ اوھان جيڪو خرچ ڪيو تا اھو ضايع نہ ٿو ٿئي بلڪ ائين سمجھو تہ اھو اوھان
الله عزوجل کي قرض ڏئي رھيا آھيو اھو اوھان کي ڪيترا حصا وڌائي عطا ڪندو ان
کان سواءِ اوھان وڏي اجر جا مستحق قرار ڏنا ويندؤ قيامت جي ڏينھن اھڙن ٿي
قرباني ڏيندڙ مومنن جي اڳيان ۽ سڄي طرف نور ئي نور ھوندو ۽ انھن کي جنت
الفردوس ۾ داخل ٿيڻ جي خوشخبري ڏني ويندي ان کان بعد منافقن جي باري ۾
ٻڌايو ويو آھي تہ اھي ظاھر ۾ مسلمان ھجڻ جي دعويٰ ڪندا ھئا پر الله عزوجل جي
واٽ ۾ نہ ساھہ قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار ھئا نہ مال! قيامت جي ڏينھن اھي پنھنجي
منافقيءَ جي انڌيري ۾ ڀٽڪندا رھندا. اھل ايمان کان نور جي ھڪ چمڪ گھرندا پر
سندن اھا التجا رد ڪئي ويندي. آيت ع۔١٦۔ کان اھل ايمان کي ذڪر الٰھي جي
ترغيب ڏني وئي آھي ۽ انھن جي غفلت اختيار ڪرڻ تي ڪين مذمت ڪئي وئي آھي تہ
اوھان بہ اھل ڪتاب وانگر نہ ٿجو جن تي ڪتاب نازل ٿيو ھو پھريان تہ اھي وڏي
سرگرميءَ سان ان تي عمل ڪندڙ رھيا پر وقت گذرڻ سان گڏوگڏ انھن جون دليون
پٿر وانگر سخت ٿي ويون. ھن حقيقت کان بہ آگاھہ ڪيو ويو تہ ھر شخص صديقن
۽ شھيدن جي ٽولي ۾ داخل نہ ٿي سگھندو بلڪ پھريان ايمان جون تقاضائون
پوريون ڪرڻيون پونديون آھن جاني ۽ مالي قربانيون ڏيڻيون پونديون آھن تڏھن ھي
شرف حاصل ٿيندو آھي منافقن ۽ مومنن جي زندگيءَ جي وچ ۾ جيڪو بنيادي تفاوت
آھي اھو وڏي اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيل آھي ۽ ھيءَ نصيحت بہ ڪئي وئي آھي تہ
اوھان جي جدوجھد جو مقصد گناھن جي مغفرت ۽ جنت جو حصول ھجڻ گھرجي. ھڪ
ٻي حقيقت کان بہ ٻانھن کي خبردار ڪيو ويو آھي تہ سڀ ڪجھہ پھريان لکجي
چڪو آھي اوھان کي جيڪو ڪجھہ ملڻو آھي يا ملڻو ناھي ان جي باري ۾ بہ فيصلو ٿي
چڪو آھي ان جي ڪري جيڪڏھن ڪا نعمت ملي تہ خوشي ڪندي ڪنٽرول کان
ٻاھر نڪري نہ وڃو ۽ جيڪڏھن ڪا تڪليف پھچي تہ مايوس نہ ٿيندا ڪيو. ماڻھن
جي رھنمائيءَ جي لاءِ الله عزوجل جيڪي رسول (علیٰ نبينا وعليھم الصلواة والسلام)
موڪليا انھن جي باري ۾ بہ ٻڌايو ويو آھي تہ انھن کي روشن دليل مليا ھئا انھن کي
آسماني ڪتاب ۽ انصاف ۽ عدل جي ساھمي عطا ڪئي وئي ھئي تہ ھر حقدار کي ان
جو جائز حصو پورو پورو عطا ڪيو وڃي. اھو بہ بيان ٿيو آھي تہ انھن عطيات کان
سواءِ الله عزوجل دنيا وارن جي اڳيان ظاھر ڪرڻ ٿو گھري تہ ڪير ان جي ۽ ان جي

رسولن عليهم الصلواة والسلام جي مدد ڪرڻ جي لاءِ سر ترٿيءَ تي رکي جهاد جي ميدان ۾ لهي ٿو. آخري رڪوع ۾ مسلمانن کي متنبه ڪيو ويو آهي تہ اوهان کان پهريان بہ نبي عليهم الصلواة والسلام آيا جن ماڻهن کي حق جي دعوت ڏني انهن جي بعض امتين اطاعت جو حق ادا ڪيو ۽ ڪي ان سعادت کان محروم رهيا هاڻي اوهان جو وارو آهي ڏسو اوهان ان ۾ هار نہ کائي وڃو. ايمان جي شمع کي روشن رکندي تقويٰ کي پنهنجو شعار بنايو تہ الله عزوجل اوهان کي هڪ نور عطا ڪندو جنهن جي روشنيءَ ۾ اوهان زندگيءَ جي واٽ تي خوف ۽ خطري کان سواءِ وڌندا هلندؤ تہ اوهان جا گناهہ بخش ڪيا ويندا. اهل ڪتاب جو هي خيال حقيقت کان سراسر خالي آهي تہ الله عزوجل جي فضل جا صرف اهي ٺيڪيدار آهن. ائين هرگز ناهي ان جي فضل ۽ ڪرم جا خزانا ان جي پنهنجي قدرتي هٿ ۾ آهن جنهن کي گهري ٿو جيترو گهري ٿو عطا فرمائي ٿو اوهان بہ ان "ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ" جي اڳيان دامن جهلي بيهو پوءِ ڏسو تہ ان جي نوازشن جي برسات ڪيئن ٿي وسي.

پلايون ۽ برڪتون: احمد، ابوداؤد، ترمذي حسن چوندي، نسائي، ابن مردويه ۽ شعب الايمان ۾ بيهقي، عرباض بن ساريه رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن آرام ڪرڻ کان اڳي "مُسَبِّحَاتِ" (جن سورتن ۾ "سَبَّحَ" يا "يُسَبِّحُ" سان شروعات ڪيل آهي) پڙهندا هئا ۽ فرمايائون تہ "اِنَّ فِيهِنَّ آيَةً اَفْضَلَ مِنْ اَلْفِ آيَةٍ" انهن ۾ هڪ آيت آهي جيڪا هزار آيتن کان ڀلي آهي. (١) علامه ابن ڪثير عليه الرحمة لکيو آهي تہ ان اشاري ڪيل آيت مان مراد "هُوَالْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُوَ الظَّاهِرُوَالْبَاطِنِ وهو بكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ" آهي. (٢)

(١) الدرالمنثور صـ٤٦ـ جلد ٨ (٢) تفسير ابن ڪثير صـ٣٠٢ـ جلد ٤

جزئيات کي بہ ڄاڻي ٿو صرف وڏين شين کي ڄاڻندڙ ناهي پر نهايت حقير، ضعيف ۽ باريڪ شيون بہ ان جي علم کان ٻاهر ناهن جيڪا شيءِ زمين ۾ داخل ٿئي ٿي ڪنهن شيءِ جو ٻج هجي يا برسات جو ڪو ڦڙو اهڙي طرح انهن ۾ ڪا شيءِ لڪائي وڃي. ڪنهن مئل کي ان ۾ دفن ڪيو وڃي يا ڪا شيءِ ڳري سڙي ان ۾ ملي وڃي تہ بہ الله عزوجل انهن سڀني شين کان باخبر آهي اهڙي طرح زمين مان جيڪا بہ شيءِ نڪري ٿي ٻاٽي جا چشما، ان مان نڪرندڙ وڻ، ٻوڪون، معدنيات، قدرتي گيس، پيٽرول يا بخارات وغيره اهي بہ ان جي علم ۾ آهن. اهڙي طرح آسمان مان جيڪي شيون لهن ٿيون ملائڪ، وحي،الاهي احڪام، رزق، برسات وغيره انهن سڀني جو اهو علم رکندڙ آهي. اهڙي طرح جيڪي شيون مٿي وڃن ٿيون جيئن ملائڪ، اعمال حسنـــه. اهل ايمان جا ارواح وغيره سڀني کي اهو مالڪ مٿو چڱي طرح ڄاڻي ٿو. "وَهُوَمَعَكُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ وَاللّٰهُ بِمَاتَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ" (۽ اهو اوهان سان گڏ آهي جتي بہ هجو ۽ اوهان جيڪو ڪجهہ ڪيو ٿا الله ڏسندڙ آهي) مطلب تہ اهو عرش تي بہ جلوه گر آهي اوهان کان بہ جدا ناهي. اوهان ڪٿي بہ هجو ان جي علم ۽ قدرت کان ٻاهر ناهيو ۽ گڏ هجڻ مان مراد عام وانگر ناهي پر اها اهل ذوق، ڪشف جي صاحبن، کي مشهود ۽ معلوم ٿيندي آهي. اها عقل، حس، خيال ۽ وهم کان مٿي آهي. (١) "لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ" (ان جي آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي آهي ۽ الله ڏانهن ئي امر موٽايا وڃن ٿا) يعني انهن ۽ انهن ۾ موجود شين جو اهو ئي مالڪ آهي ان جي انهن ۾ بادشاهي آهي ان جو ئي انهن ۾ حڪم نافذ آهي ۽ سموري مخلوق ان ڏانهن موٽي ايندي پاڻ ئي انهن ۾ پنهنجو حڪم نافذ ڪندو. (٢) "يُوْلِجُ الَّيْلَ فِى النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِى الَّيْلِ" (رات کي ڏينهن ۾ ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ٿو ڪري) مطلب تہ ڏينهن مان رات ۽ رات مان ڏينهن اهو ٿو ڪري ڪڏهن رات وڏائي ڏينهن ننڍو ٿو ڪري تہ ڪڏهن ڏينهن وڏائي رات ننڍي ٿو ڪري. "وَهُوَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ" (۽ اهو سيني واريون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي) مقصد تہ نهايت رازواريون ڳالهيون بہ ان جي علم ۾ آهن جيئن ظاهري شيون ان جي علم کان ٻاهر ناهن تيئن باطني شيون بہ ان جي ئي علم محيط ۾ آهن.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "هُوَالْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُوَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِن وهو بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ" ۾ مذڪوره صفتون الله عزوجل جون آهن تہ اهي سڀ صفتون الله عزوجل جي عطا سان حضور عليـــه الصلواة والسلام جون بہ آهن حضرت علامـــه شيخ عبدالحق محدث دهلوي عليـــه الرحمـــة انهن جي تفصيل سان وضاحت

(١) ساڳيو حوالو ص۳۵۲ـ (٢) المراغي صـ١٦١ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩

وَهِيَ تِسْعٌ وَعِشْرُوْنَ آيَةً	سُوْرَةُ الْحَدِيْدِ مَدَنِيَّةٌ	وَاَرْبَعُ رُكُوْعَاتٍ
اها ٢٩ آيتون	سورة حديد مدنيه آهي	۽ چار رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَافِی السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَالْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ (١)

تسبيح پڙهيائين الله جي لاءِ انهن جيڪي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهن ۽ اهو غالب، حڪمت وارو آهي

لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ ۚ يُحْيِیْ وَيُمِيْتُ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِيْرٌ (٢)

ان جي آهي باشاهي آسمانن ۽ زمين جي جياري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي

هُوَالْاَوَّلُ وَالْآخِرُوَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ ۚ وَهُوَ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِيْمٌ (٣) هُوَالَّذِیْ خَلَقَ

اهو اول ۽ آخر ۽ ظاهر ۽ باطن آهي ۽ اهو هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي اهو ئي آهي جنهن پيدا ڪيا

السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضَ فِی سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۚ يَعْلَمُ مَايَلِجُ

آسمان ۽ زمين ڇهن ڏينهن ۾ ان کان پوءِ استوا، فرمايائين عرش تي ڄاڻي ٿو جيڪو داخل ٿئي ٿو

فِیْ الْاَرْضِ وَمَايَخْرُجُ مِنْهَا وَمَا يَنْزِلُ مِنَ السَّمَآءِ وَمَا يَعْرُجُ فِيْهَا ۚ

زمين ۾ ۽ جيڪو نڪري ٿو ان مان ۽ جيڪو لهي ٿو آسمان مان ۽ جيڪو چڙهي ٿو ان ۾

وَهُوَمَعَكُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ ۚ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ (٤)

۽ اهو اوهان سان گڏ آهي جتي به هجو ۽ الله جيڪو ڪيو تا ڏسندڙ آهي

لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ (٥) يُوْلِجُ

ان جي آهي آسمانن جي ۽ زمين جي بادشاهي ۽ الله ڏانهن ئي موٽايا وڃن ٿا امر داخل ڪري ٿو

اللَّيْلَ فِی النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِی اللَّيْلِ ۚ وَهُوَ عَلِيْمٌ ۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ (٦)

رات کي ڏينهن ۾ ۽ داخل ڪري ٿو ڏينهن کي رات ۾ ۽ اهو گهڻو ڄاڻندڙ آهي سينن واريون ڳالهيون

تفسير

اڳيئن سورة جي آخر ۾ الله عزوجل جي پاڪائي بيان ڪرڻ جو حڪم هو ۽ هتي وضاحت ڪندي ارشاد ٿيو آهي تہ هر شيءِ ان جي پاڪائي بيان ڪري ٿي. فرمان عاليشان آهي "سَبَّحَ لِلّٰهِ مَافِى السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ وَهُوَالْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" (جيڪي بہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهن الله جي پاڪائي بيان ڪن ٿا ۽ اهو غالب، حڪمت وارو آهي) يعني هر شيءِ جيڪا آسمانن ۽ زمين ۾ موجود آهي الله عزوجل جي تسبيح پڙهي ان جي هر نقص ۽ عيب کان پاڪائي بيان ڪري ٿي ۽ الله عزوجل هر شيءِ کان غالب، قاهر ۽ پنهنجي مخلوق جي امور جي تدبير ۾ حڪمت وارو آهي. "لَـهٗ مُلْكُ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" (ان جي آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي آهي جياري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي) آسمانن ۽ زمين ۾ ان جو ئي تصرف آهي جيئرو رکڻ، مارڻ بہ ان جي صفت آهي اهو هر ممڪن شيءِ تي قادر آهي ان جي اڳيان ڪوئي ڪم مشڪل ناهي. "هُوَالْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُوَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ" (اهو اول، آخر، ظاهر ۽ باطن آهي ۽ اهو ئي هرشيءِ ڄاڻندڙ آهي) يعني اهو ساري موجودات کان بالذات والصفات اڳي آهي ڇو تہ ساري مخلوقات جي مبدءَ بہ پاڻ آهي تہ مُبدِعُ بہ آهي اڳي هجڻ ۽ اول هجڻ مان مراد ذاتي اوليت آهي زماني واري آهي ڇو تہ زمانو تہ ان جي پيدا ڪرڻ سان وجود ۾ آيو آهي ۽ آخر آهي جو هر شيءِ فنا ٿي ويندي پر سندس ذات باقي هوندي ۽ ظاهر آهي جو سندس ذات جي وجود تي ڪيترا واضح دلائل موجود آهن باطن آهي جنهن جي حيقيقت عقل سان سمجهڻ ڪان مٿي آهي اهو هر شيءِ جي علم وارو آهي ان ڪان ڪا بہ شيءِ لڪل ناهي. (١) "هُوَالَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ" (اهو (الله) ئي آهي جنهن آسمان ۽ زمين ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيا ان ڪان پوءِ عرش تي استواءٌ فرمايائين) "ايام" مان مراد عام ڏينهن ناهن پر ڇهہ دور آهن مطلب تہ الله عزوجل آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ انهن جي امرن کي تدبير ڏني. اهو سڀ ڪجهہ ڇهن دورن ۾ ٿيو ان ڪان پوءِ عرش تي مستوي ٿيو پنهنجي قدرت سان ان تي غلبو فرمايائين جيئن سندس شان جي مناسب هو. "يَعْلَمُ مَا يَلِجُ فِى الْاَرْضِ وَمَايَخْرُجُ مِنْهَا وَمَايَنْزِلُ مِنَ السَّمَآءِ وَمَا يَعْرُجُ فِيْهَا" (ڄاڻي ٿو جيڪي زمين ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ جيڪي نڪري ٿو ۽ جيڪو آسمان مان لهي ٿو ۽ جيڪو ان ۾ چڙهي ٿو) هتان ڪان آسمان ۽ زمين جي خالق جي علم محيط جو ذڪر ٿي رهيو آهي تہ اهو صرف ڪليات جو ڄاڻندڙ ناهي پر

(١) روح البيان صـ٣٤٦ـ جلد ٩

ڪئي آهي. (١) "ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ" (ان کان پوءِ عرش تي استواء فرمايائين) مان مراد آهي تہ عرش اعظم کي پنهنجي تجلي جو مرڪز بنايائين. اتاهين کان احڪام نافذ فرمايائين خيال ۾ رهي تہ عرش اعظم جي خلقت زمين ۽ آسمان کان پهريان آهي پر ان تي خصوصي تجلي فرمائڻ بعد ۾ ٿئي هتي ان جو ذڪر تي رهيو آهي ان جي ڪري هن آيت ۽ احاديث نبويہ ۾ تعارض ناهي. ٣. "لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" (ان جي آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي آهي) مان واضح ٿيو تہ حقيقي ۽ دائمي بادشاهي الله عزوجل جي آهي ۽ جيئن ان جي سلطنت هرجاءِ تي آهي تيئن حضور عليہ الصلواة والسلام جي نبوت هر جاءِ تي آهي رب ڪريم پنهنجي صفت رب العٰلمين بيان ڪئي تہ حضور پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي رحمة للعلمين صفت بيان فرمايائين. (٢)

اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاَنْفِقُوْا مِمَّا جَعَلَكُمْ مُّسْتَخْلَفِيْنَ فِيْهِ

ايمان آڻيو الله ۽ ان جي رسول تي ۽ خرچ ڪيو ان مان جو ڪيائين اوهان کي جانشين ان ۾ پوءِ

فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَاَنْفَقُوْا لَهُمْ اَجْرٌ كَبِيْرٌ (٧) وَمَا لَكُمْ

اهي ٻانها جن ايمان آندواوهان مان ۽خرچ ڪيائون انهن جي لاءِ اجر وڏو آهي ۽ ڇا آهي اوهان کي

لَا تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ۚ وَالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ لِتُؤْمِنُوْا بِرَبِّكُمْ وَقَدْ

جو نہ ٿا ايمان آڻيو الله تي ۽ رسول سڏي پيو اوهان کي تانت ايمانڻ آڻيو پنهنجي رب تي ۽ ورتائين

اَخَذَ مِيْثَاقَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ (٨) هُوَ الَّذِيْ يُنَزِّلُ عَلٰى عَبْدِهٖٓ

پڪو وعدو اوهان کان جيڪڏهن آهيو مومن اهو ئي آهي جو نازل ٿو فرمائي پنهنجي ٻانهي تي

اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ وَاِنَّ اللّٰهَ بِكُمْ لَرَءُوْفٌ

آيتون روشن تانت ڪيي اوهان کي انڌيرن مان نور ڏانهن ۽ بيشڪ الله اوهان سان البت ٻاجهارو

رَّحِيْمٌ (٩) وَمَا لَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ

مهربان آهي ۽ ڇا آهي اوهان کي جو نہ ٿاخرچ ڪيو الله جي واٽ ۾ ۽ الله جي لاءِ آهي ورثو آسمانن

وَالْاَرْضِ ۭ لَا يَسْتَوِيْ مِنْكُمْ مَّنْ اَنْفَقَ مِنْ قَبْلِ الْفَتْحِ وَقٰتَلَ ۭ اُولٰٓئِكَ اَعْظَمُ

۽ زمين جو نہ ٿو برابر ٿئي اوهان مان جنهن خرچ ڪيو فتح کان اڳي ۽ جنگ ڪيائين اهي وڏي

(١) مدارج النبوة اردو صـ٧ـ جلد ١ (٢) نورالعرفان صـ١٥٨ـ

دَرَجَةً	مِّنَ الَّذِيْنَ اَنْفَقُوْا مِنْۢ بَعْدُ	وَقَاتَلُوْا ؕ وَكُلًّا	وَّعَدَاللّٰهُ الْحُسْنٰى
درجي وارا آهن انهن کان جن خرچ کيوبعد ۾ ۽ جنگ کيائون ۽ سڀني سان وعدو کيو الله جنت جو			
وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ (١٠)	مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ	اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا	
۽ الله ان جي جيڪي ڪيو ٿا خبر رکندڙ آهي	ڪير آهي جيڪو قرض ڏي ٿو	الله کي سهڻو	
فَيُضٰعِفَهٗ	لَهٗ وَلَهٗٓ	اَجْرٌ كَرِيْمٌ (١١)	
پوءِ ٻيڻو ڪري ان کي	۽ ان جي لاءِ	اجر ڀلو آهي	

ع ١٧

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله عزوجل پنهنجي وحدانيت، قدرت ۽ علم جا دلائل بيان ڪيا ۽ هتي ايمان جي دعوت ڏيندي ارشاد فرمايو "اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاَنْفِقُوْا مِمَّا جَعَلَكُمْ مُّسْتَخْلَفِيْنَ فِيْهِ" (الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ جنهن ۾ اوهان کي جانشين بنايائين ان مان خرچ ڪيو) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته ايمان آڻڻ جي لاءِ ڪڏهن انهن ماڻهن کي سڏيو ويندو آهي جيڪي ايمان وارا ناهن ۽ ڪڏهن انهن کي به ايمان جي لاءِ سڏيو ويندو آهي جيڪي مومن ته آهن پر ايمان جون تقاضائون پوريون نه ڪندا آهن. اسلام جي سر بلندي لاءِ قرباني نه ڏيندا آهن هتي به اهڙن شخصن کي حڪم ڪيو ويو آهي ته "ايمان تي ثابت قدم رهو ۽ جيڪي ڪجهه اوهان جي هٿن ۾ اوهان جي وفات ڪري ويلن کان ورثي ۾ آيو آهي اوهان انهن جا جانشين بنجي ان کي سنڀالي رهيا آهيو ان مان الله عزوجل جي واٽ ۾ خرچ ڪيو. "فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَاَنْفَقُوْا لَهُمْ اَجْرٌ كَبِيْرٌ" (پوءِ جن اوهان مان ايمان آندو ۽ خرچ ڪيو انهن جي لاءِ وڏو اجر آهي) مقصد ته جن الله عزوجل تي ايمان آندو ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام کي سچو مڃيو ۽ الله عزوجل جي طرفان عطا ڪيل مال ۽ ملڪيت مان الله جلت صفاته جي راضي ڪرڻ جي لاءِ خرچ ڪيو انهن جي لاءِ وڏو اجر آهي. قيامت جي ڏينهن ڪين اهڙيون نعمتون ملنديون جيڪي اڳي نه سندن اکين ڏٺيون هونديون نه سندن ڪنن ٻڌيون هونديون ۽ نه سندن دل ۾ آيون هونديون. "وَمَا لَكُمْ لَا تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ لِتُؤْمِنُوْا بِرَبِّكُمْ" (۽ اوهان کي ڇا آهي جو الله تي ايمان نه ٿا آڻيو ۽ رسول اوهان کي سڏي پيو ته اوهان پنهنجي رب تي ايمان آڻيو) مطلب ته اوهان کي ايمان آڻڻ کان ڪهڙي شيءِ روڪي ٿي؟ ڇو ايمان نه ٿا آڻيو؟ اوهان وٽ الله جو رسول عليه الصلواة والسلام موجود آهي جيڪو پنهنجي رسول برحق هجڻ جا دليل،

معجزا ۽ حجتون پيش ڪندي اوهان کي الله عزوجل تي ايمان آڻڻ جي لاءِ سڏي ٿو. "وَقَدْ اَخَذَ مِيْثَاقَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ" (۽ تحقيق اوهان ڪان اوهان جو پڪو وعدو ورتائين جيڪڏهن مومن آهيو) مطلب تہ جڏهن اوهان ايمان آندو هو ان وقت منهنجي پياري رسول عليه الصلواة والسلام اوهان کان پڪو وعدو ورتو هو ڇا اهو اوهان کان وسري ويو آهي؟ جيڪڏهن ايمان وارا آهيو تہ اهو ياد رکو ۽ ابن جرير جو خيال آهي تہ ان مان اهو وعدو مراد آهي جيڪو انسانن ڪان حضرت آدم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي پٺيءَ مان ٻاهر آڻي ورتو ويو هو مجاهد جو قول بہ اهو آهي. (١) "هُوَالَّذِيْ يُنَزِّلُ عَلٰى عَبْدِهٖ اٰيٰتٍ بَيِّنٰتٍ" (اهو (الله) ئي آهي جيڪو پنهنجي ٻانهي تي روشن آيتون نازل ٿو فرمائي) ان روشن آيتن مان مراد، واضح حجتون، قطعي دليل ۽ چمڪندڙ برهان آهن جيڪي حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن بيان فرمائيندا هئا ۽ ڪافر انهن جي اڳيان لاجواب رهندا هئا. "لِيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ" (تانت اوهان کي اونداهين مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي) يعني تانت اوهان کي ڪفر جي انڌيري مان ڪڍي ايمان جي نور ڏانهن آڻي ۽ گمراهيءَ مان ڪڍي هدايت نصيب ڪري. "وَاِنَّ اللّٰهَ بِكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ" (۽ بلاشڪ الله اوهان سان البت ٻاجهارو، مهربان آهي) يعني ڪتاب نازل ڪرڻ، ماڻهن جي هدايت جي لاءِ رسول موڪلڻ علتون، شڪ ۽ شبها دور ڪرڻ، اوهان جي مٿان الله عزوجل جي رافت ۽ رحمت آهي. "وَمَا لَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" (۽ اوهان کي ڇا آهي؟ جو الله جي واٽ ۾ خرچ نہ ٿا ڪيو حالانڪ آسمانن ۽ زمين جو ورثو الله جو آهي) يعني اوهان مرڻ کان پوءِ سڀ ڪجهہ هتي ڇڏي ويندؤ ۽ اهو سڀ الله عزوجل جي تصرف ۾ آهي ۽ رهندو ان جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ ۾ سستي نہ ڪيو پنهنجي هٿن سان خدا تعالىٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪري وڃو تہ ڀلو آهي. "لَا يَسْتَوِيْ مِنْكُمْ مَّنْ اَنْفَقَ مِنْ قَبْلِ الْفَتْحِ وَقَاتَلَ اُولٰٓئِكَ اَعْظَمُ دَرَجَةً مِّنَ الَّذِيْنَ اَنْفَقُوا من بعدَ وقاتلوا" (نہ ٿو برابر ٿئي جنهن اوهان مان فتح کان اڳي خرچ ڪيو ۽ جنگ ڪئي اهي درجي ۾ انهن کان وڏا آهن جن بعد ۾ خرچ ڪيو ۽ جنگ ڪيائون) مطلب تہ خيرات ڪرڻ هر حال ۾ بهتر آهي مگر بعض اوقات ۾ جتي ان جي زياده ضرورت پوندي آهي ان جو ثواب زياده هوندو آهي اسلام جي ابتداءَ ۾ مڪہ مڪرمہ جي فتح ڪرڻ کان پهريان مسڪينن مسلمانن کي وڏي تنگدستي هوندي هئي ان وقت جي خيرات في سبيل الله جو درجو بعد ۾ خيرات ڪرڻ کان وڏيڪ آهي اهڙي طرح پهريون جهاد پوئين جهاد کان ڀلو آهي.

(١) تفسير ابن ڪثير ص-٣٠۴- جلد ۴

"وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى" (۽ الله سڀني سان جنت جو وعدو ڪيو آهي) الحسنیٰ مان
ڀلائي ۽ جنت بئي مراد آهن مطلب ته ڀيريان ۽ پويان خرچ ڪرڻ وارن، الله عزوجل جي
رضا لاءِ قرباني ڏيڻ وارن سڀني تي مهرباني ٿيندي الله سڀني سان جنت جو وعدو ڪيو
آهي پر سڀ جو مدار نيت ۽ خلوص تي آهي. (١) "وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ" (۽ جيڪي
اوهان ڪيو ٿا الله ان جي خبر رکندڙ آهي) يعني اهو اوهان جا ظاهري احوال، اعمال ۽
باطني خلوص به چڱي طرح ڄاڻي ٿو هر شيءِ جي خبر رکندڙ آهي. "مَن ذَالَّذِی يُقرِضُ اللّٰهَ
قَرْضًا حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗ وَلَهٗٓ اَجْرٌ كَرِيْمٌ" (ڪير آهي جو الله کي سهڻو قرض ڏي پوءِ ان
کي ٻيڻايون ڪري ڏي ۽ ان جي لاءِ ڀلو اجر آهي) يعني ڪهڙو ڀانهو آهي جيڪو الله
عزوجل جي واٽ ۾ ان جي رضا لاءِ ان کان اجر طلب ڪندي خرچ ڪري ٿو ته الله تعالیٰ
ان کي ڪئين حصا وڌائي عطا ڪندو ۽ ان جو اجر تمام ڀلو هوندو. هتي الله عزوجل جي
واٽ ۾ خرچ ڪرڻ کي قرض ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جيئن قرض ادا ڪرڻ پڪو
هوندو آهي تيئن الله عزوجل جو ٻانهن کي خيرات جو بدلو ڏيڻ به پڪو آهي. (٢)
فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "وَاَنْفِقُوْا مِمَّا جَعَلَكُمْ
مُّسْتَخْلَفِيْنَ فِيْهِ" (۽ ان مان خرچ ڪيو جنهن ۾ اوهان کي جانشين بنايائين) ۾ "مما"
مان معلوم ٿيو ته سمورو مال خيرات ڪرڻ جو حڪم نه آهي ڪجهه خرچ ڪيو ۽
اهو اسان عام ماڻهن جي لاءِ آهي پر جنهن جي دل حضرت ابوبڪر صديق (رضي الله
عنه) واري فيض مان مستفيض ٿي آهي اهو جيڪڏهن سمورو مال في سبيل الله خرچ
ڪري ته ڪو حرج ناهي. ٢. "لِتُؤْمِنُوْا بِرَبِّكُمْ" (ته اوهان پنهنجي رب تي ايمان
آڻيو) ۾ خطاب صحابه ڪرام سان آهي. جن کي حضور عليه الصلواة والسلام ايمان
جي دعوت ڏني انهن سندن ديدار جي دولت حاصل ڪئي سندن فرمان ٻڌو سندن
معجزا ڏٺا، مٿن قرآن ڪريم لهندي ڏٺو سندن پاڪ زبان مان پڙهندي ٻڌو جيڪڏهن
اهي مومن ناهن ته ٻيو ڪير مومن ناهي. اسان کي ايمان انهن جي ذريعي ۽ انهن جي
معرفت مليو حضور عليه الصلواة والسلام جن خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ رابطي جو
ذريعو آهن ۽ ٻين تائين قرآن ڪريم انهن جي ذريعي پهتو آهي. ٣. "وكلا وعدالله
الحسنی" (۽ سڀني سان الله ڀلائيءَ جو (جنت) جو وعدو ڪيو آهي) هن مان معلوم
ٿيو ته ڪنهن به اصحابي رضي الله عنه جي تنقيص ۽ توهين ڪرڻ وڏو گناهه آهي
انهن جا درجا جيتوڻيڪ مختلف آهن پر انهن سڀني جو جنتي هجڻ بالڪل يقيني امر
آهي ڇو ته انهن سان الله عزوجل اهو وعدو فرمائي ڇڏيو آهي ان مان به مسئلا ٻيا به

(١) تفسير حقاني ص ـ٤١ـ جلد ٧ (٢) تفسير ڪبير ص ـ٢٢١ـ جزءُ ٢٩

معلوم ٿيا "١" تہ سيئي اصحاب متقي ۽ عادل آهن پر تہ سيني سان الله عزوجل جنت جو وعدو فرمايو ۽ فاسق سان اهو وعدو نہ هوندو آهي جيڪڏهن تاريخ ڪو اهڙو واقعو لکي جنهن مان انهن جو فسق، فجور ثابت ٿئي تہ تاريخ کي ڇڏي ڏبو قرآن ڪريم واري فيصلي کي نہ ڇڏبو. "٢" تہ عمل جي مقبوليت حضور عليہ الصلواة والسلام جي طبيعت مبارڪ جي خوش ڪرڻ سان بدل آهي فتح کان اڳي خيرات جو ثواب وڌيڪ ان جي ڪري آهي جو ان وقت ان سان حضور عليہ الصلواة والسلام جن وڌيڪ خوش ٿيندا هئا. خيرات هڪ آهي پر نتيجا مختلف آهن جيڪي اصحاب ڀلارا مشڪل وقت ۾ خدمتگذار رهيا انهن جو درجو ٻين کان اعظم گهڻو وڏو آهي. ان جي ڪري حضرت ابوبڪر صديق ۽ سيده خديجة الڪبرىٰ رضي الله عنهما جو درجو مٿاهون آهي. (١)

يَوْمَ تَرَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ يَسْعٰى نُوْرُهُمْ بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ

جنهن ڏينهن ڏسندين مومنن ۽ مومنياڻين کي ڊوڙندو نور انهن جو اڳيان انهن جي

وَبِاَيْمَانِهِمْ بُشْرٰىكُمُ الْيَوْمَ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ

۽ سڄڻ پاسن انهن جي کان بشارت آهي اوهان کي اڄ بهشتن جي جووهن ڀيون هيٺان انهن جي نهرون

خَالِدِيْنَ فِيْهَا ذٰلِكَ هُوَالْفَوْزُ الْعَظِيْمُ (١٢) يَوْمَ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالْمُنٰفِقٰتُ

هميشہ رهندڙ انهن ۾ اها ئي ڪاميابي وڏي آهي جنهن ڏينهن چوندا منافق مرد ۽ منافق عورتون

لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا انْظُرُوْنَا نَقْتَبِسْ مِنْ نُّوْرِكُمْ ۚ قِيْلَ

انهن جي لاءِ جن ايمان آندو اسان ڏانهن ڏسو تہ روشني حاصل ڪيون اوهان جي نور مان چيو ويندو

ارْجِعُوْا وَرَآءَكُمْ فَالْتَمِسُوْا نُوْرًا فَضُرِبَ بَيْنَهُمْ بِسُوْرٍ لَّهٗ

تہ موٽو پوئين پير پنهنجي پوءِ طلب ڪيو نور پوءِ هنئي ويندي انهن جي وچ ۾ ڀت جنهن کي

بَابٌ ۚ بَاطِنُهٗ فِيْهِ الرَّحْمَةُ وَظَاهِرُهٗ مِنْ قِبَلِهِ الْعَذَابُ (١٣)

دروازو هوندو ان جي اندرئين حصي ۾ رحمت هوندي ۽ ان جي ظاهر واري طرف عذاب هوندو

يُنَادُوْنَهُمْ اَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ ۚ قَالُوْا بَلٰى وَلٰكِنَّكُمْ فَتَنْتُمْ اَنْفُسَكُمْ

سڏيندا انهن کي ڇا نہ هئاسون اوهان سان گڏ چوندا هائوءِ پر اوهان فتني ۾ وڌو پنهجن سرن کي

(١) نورالعرفان ص ـ ٨٥٩ ـ

وَتَرَبَّصْتُمْ	وَارْتَبْتُمْ	وَغَرَّتْكُمُ الْاَمَانِيُّ حَتّٰى جَآءَ	اَمْرُ اللّٰهِ
۽ انتظار ڪيو اوهان	۽ شڪ ۾ رهيئو	۽ مغرور ڪيو اوهان کي سڌن تانجو آيو	الله جو امر
وَغَرَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ (١۴)	فَالْيَوْمَ لَايُؤْخَذُ مِنْكُمْ فِدْيَةٌ وَّلَامِنَ الَّذِيْنَ		
۽ مغرور ڪيو اوهان کي الله سان شيطان پوءِ	اڄ نہ ورتو ويندو اوهان کان فديو ۽ نہ انهن کان جن		
كَفَرُوْا	مَاْوٰىكُمُ النَّارُ ؕ	هِيَ مَوْلٰىكُمْ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ (١٥)	
ڪفر ڪيو	اوهان جي جاءِ باهہ آهي	اها اوهان جي رفيق آهي ۽ بري جاءِ موٽڻ جي آهي	

تفسير

اڳين آيتن ۾ ايمان ۽ في سبيل الله خرچ ڪرڻ جو حڪم هو ۽ هتي قيامت جي ڏينهن انهن مومنن، في سبيل الله خرچ ڪندڙن جي مٿان ٿيندڙ انعام ۽ اڪرام جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "يَوْمَ تَرَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ يَسْعٰى نُوْرُهُمْ بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَبِاَيْمَانِهِمْ" (جنهن ڏينهن مومنن ۽ مومنياڻين کي ڏسندين تہ انهن جو نور سندن اڳيان ۽ سندن سڄن پاسن کان ڊوڙندو رهندو) مطلب تہ جڏهن ايمان وارا مرد ۽ عورتون قبرن مان نڪري ٻاهر ايندا تہ انهن جي حالت عجيب هوندي انهن جي اڳيان بہ نور هوندو تہ انهن جي سڄن پاسن کان بہ نور هوندو. هر شخص جو نور ان جي ايمان قوت ۽ سهڻن عملن جي مطابق هوندو. آيت جو مطلب هي ناهي تہ اڳيان ۽ سڄي پاسي نور هوندو ۽ کٻي پاسي ۽ پٺيءَ واري طرف انڌيرو هوندو بلڪ مقصد هي آهي تہ نور هوندو تہ اڳيان ۽ سڄي پاسي کان پر ان سان ڪٻو طرف ۽ پوئين پاسي بہ روشني هوندي. (١) قتاده جو قول آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "بعضي مومن اهڙا هوندا جن جي نور سان مدينه ۽ عدن جي وچ واري فاصلي جيترو پنڌ روشن هوندو، بعض جي نور سان مدينه کان صنعاءَ جي وچ واري علائقي جيترو پنڌ روشن هوندو، بعض جو نور ان کان بہ گهٽ هوندو ۽ بعض جي نور سان صرف ان جي قدمن رکڻ واري جاءِ روشن هوندي" (٢) "بُشْرٰىكُمُ الْيَوْمَ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ذٰلِكَ هُوَالْفَوْزُ الْعَظِيْمُ" (اڄ اوهان کي انهن جنتن جي بشارت آهي جنهن جي هيٺان نهرون وهن پيون ان ۾ هميشه رهندڙ هوندا اها ئي ڪاميابي آهي) يعني مومنن ۽ مومنياڻين کي قيامت جي ڏينهن ائين چيو ويندو. "يَوْمَ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالْمُنٰفِقٰتُ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا انْظُرُوْنَا نَقْتَبِسْ مِنْ نُّوْرِكُمْ" (جنهن ڏينهن منافق ۽

(١) ضياءُ القرآن ص۔١١٦۔ جلد ۵ (٢) المظهري ص۔١٩٣۔ جلد ٩

منافقاڻيون ايمان وارن کي چوندا تہ اسان ڏانهن نهاريو تہ اسين اوهان جي نور سان روشني حاصل ڪيون) هتي الله عزوجل قيامت جو سخت حال بيان ڪري رهيو آهي تہ قيامت جي ڏينهن منافق ۽ منافقياڻيون مومنن کي عرض ڪندا تہ اوهان جنهن روشني ۽ نور ۾ آهيو اسان ڏانهن توجہ فرمايو تہ ان مان اسين بہ ڪجهہ روشني حاصل ڪري انڌيري مان آزاد ٿيون. "قِيْلَ ارْجِعُوْا وَرَآءَكُمْ فَالْتَمِسُوْا نُوْرًا" (چيو ويندن تہ پوئين پير واپس وڃو پوءِ نور طلب ڪيو) يعني ملائڪ سڳورا يا اهي مومن چوندا تہ جنهن جاءِ تان اسان کي نور مليو آهي اوهان موٽي وڃو اتاهين نور حاصل ڪري اچو.(١) "فَضُرِبَ بَيْنَهُمْ بِسُوْرٍ لَّهٗ بَابٌ ۭ بَاطِنُهٗ فِيْهِ الرَّحْمَةُ وَظَاهِرُهٗ مِنْ قِبَلِهِ الْعَذَابُ" (پوءِ انهن جي وچ ۾ هڪ پٽ هڻي ويندي جو ان جي اندرئين طرف رحمت هوندي ۽ ان جي ٻاهرئين طرف کان عذاب هوندو) يعني جڏهن اهي پوئتي واپس ورندا تہ مومنن ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ پٽ ڏني ويندي جنهن جي دروازن جي اندرئين طرف رحمت هوندي ۽ ٻاهرئين طرف عذاب هوندو مطلب تہ مومن رحمت ۽ منافق عذاب ۾ هوندا. "يُنَادُوْنَهُمْ اَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ" (انهن کي سڏيندا تہ ڇا اسين اوهان سان گڏ نہ هئاسون؟) يعني پٽ اچڻ جي ڪري جنت وارا جهنم وارن منافقن کان غائب ٿي ويندا، ڏسڻ ۾ نہ ايندا تہ پوءِ اهي منافق مومنن کي سڏ ڪندا تہ: ڇا اسين اوهان سان دنيا ۾ گڏ نہ هئاسين؟ جو اڄ اوهان اسان کان ائين منهن موڙيو ٿا. "قَالُوْا بَلٰى وَلٰكِنَّكُمْ فَتَنْتُمْ اَنْفُسَكُمْ وَتَرَبَّصْتُمْ وَارْتَبْتُمْ وَغَرَّتْكُمُ الْاَمَانِيُّ حَتّٰى جَآءَ اَمْرُ اللّٰهِ وَغَرَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ" (چوندا هائو ۽ پر اوهان پاڻ پنهنجن سرن کي فتني ۾ وڌو ۽ انتظار ڪيوَ ۽ شڪ ۾ رهيئو ۽ اوهان کي آسرن ڏوکي ۾ رکيو تانجو الله جو امر آيو ۽ اوهان کي شيطان الله سان بہ ڏوکي ۾ رکيو) يعني ايمان وارا انهن کي جواب ڏيندا تہ بلاشڪ اوهان ظاهر ۾ تہ اسان سان گڏ هيئو پر اوهان کي اها بہ چڱي طرح ڄاڻ آهي تہ اوهان اندر ۾ ڇا رکيو ويٺا هيئو، هتي انهن جي اندر واري منافقيءَ جي نشان دهي ڪئي وئي آهي. جنهن مان هر انسان کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. پهريان انهن کي چيو ويندو تہ "فَتَنْتُمْ اَنْفُسَكُمْ" (اوهان پنهنجن سرن کي فتني ۾ پاڻ وڌو) جو اسلام سان سچا نہ رهيئو. ٻي ڳالهہ انهن کي هيءَ چئي ويندي تہ "وَتَرَبَّصْتُمْ" (۽ انتظار ۾ هيئو) يعني جڏهن اسلام ۽ ڪفر جي جنگ عروج تي هئي تہ اوهان جو فرض هو تہ اوهان هر ڳالهہ کي ڇڏي اسلام جو ساٿ ڏيو ها اوهان جيڪو توحيد ۽ رسالت جو زبان سان اقرار ڪيو هو اهو سچو ثابت ڪري ڏيکاريو ها پر اوهان انتظار ۾ رهيا تہ ڏسون تہ

(١) القرطبي صـ٢٤٦ـ جلد ١٧

اسلام ۽ ڪفر مان ڪير غالب ٿئي ٿو؟ اهو مومن جو شان ناهي. تي ڳالهه هيءَ چئي ويندي ته "اِرْتَبْتُمْ" (اوهان شڪ ۾ رهيئو) مطلب ته يقين جي نعمت کان محروم هيئو ڇا حضرت محمد صلى الله عليه وسلم في الواقع الله عزوجل جو رسول آهي؟ ڇا قرآن واقعي الله جل جلاله جو نازل ڪيل ڪتاب آهي؟ ڇا اسلام ئي سچو دين آهي؟ انهن سيني ڳالهين ۾ متردد رهيئو ڪوڙين اميدن ۽ ڪوڪلن آسرن ۾ زندگي گذاري ڇڏيوَ تانجو موت اچي اوهان جي زندگيءَ کي پورو ڪيو. اوهان کي شيطان ڌوکي ۾ رکي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو. "فَالْيَوْمَ لَايُؤْخَذُ مِنْكُمْ فِدْيَةٌ وَّلَامِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا" (پوءِ اڄ اوهان کان نه فديو ورتو ويندو ۽ نه انهن کان جن ڪفر ڪيو) يعني اڄ اوهان منافقن ۽ ڪافرن کان ڪو فديو نه ورتو ويندو. جيڪڏهن ساري زمين سون ۽ چانديءَ سان ڀري ڏيو ته به اهو قبول نه ڪيو ويندو ۽ اوهان کي عذاب کان نجات نه ملندي. "مَاْوٰىكُمُ النَّارُ هِيَ مَوْلٰىكُمْ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ" (اوهان جي جاءِ باهه آهي اها اوهان جي رفيق آهي "اها" موٽڻ جي بري جاءِ آهي) هتي آيل لفظ "مولا" جي معنى اولىٰ آهي يعني ڪافرن ۽ منافقن جا تولا ايمان کان محروم آهن ان جي ڪري انهن جي سزا هڪجهڙي آهي نه انهن جي لاءِ بخشش آهي نه مغفرت. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "يَسْعٰى نُوْرُهُمْ بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَبِاَيْمَانِهِمْ" (سندن نور سندن اڳيان ۽ سندن سڄن پاسن کان ڊوڙندو رهندو) مفسرن لکيو آهي ته اهو نور انهن کي پلصراط تان لنگهڻ کان پهريان عطا ڪيو ويندو. حضرت ابوا مامة باهلي رضي الله عنه کان هڪ طويل روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته "قيامت جي ميدان ۾ بيهڻ دوران نهايت انڌيري کان پوءِ مومنن ۽ مومنياڻين کي نور عطا ڪري ڪافرن ۽ منافقن کي ان نور کان محروم رکيو ويندو." پر طبراني شريف ۾ حضرت ابن عباس رضى الله عنهم کان هڪ مرفوع روايت ۾ آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "پلصراط وٽ الله تعالىٰ هر مومن کي نور عطا ڪندو پر منافق مومنن کي چوندا ته اسان ڏانهن نهاريو ته اوهان جي نور مان روشني حاصل ڪيون ۽ مومن چوندا ته: اي اسان جا رب! اسان جي لاءِ اسان جو نور پورو ڪر ۽ ان وقت ڪير ڪنهن کي ياد نه ڪندو." (٢)

٢. **محشر جي ميدان ۾ انڌيري ۽ روشني جا اسباب:** علامه ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمة هن آيت جي تفسير ۾ ظلمت ۽ روشنيءَ جا اسباب به بيان فرمايا آهن جيڪي هتي ذڪر ڪجن ٿا "١" **انڌيريءَ رات ۾ مسجد ڏانهن وڃڻ** ، ابوداؤد، ترمذي،

(١) المراغي صـ١٦٨ـ جزءُ ٢٧ جلد ٩ (٢) تفسير ابن ڪثير صـ٣٠٩ـ جلد ٤

حضرت بريده کان ۽ ابن ماجه حضرت انس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو "مسجدن ڏانهن اونداهين راتين ۾ پنڌ کري ويندڙن کي پوري نور ملڻ جي بشارت ڏي." "٢" **نماز جي حفاظت،** احمد ۽ طبراني حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "جنهن نمازن جي حفاظت ڪئي ته اهي ان جي لاءِ نور، برهان ۽ قيامت جي ڏينهن ڇوٽڪارو هونديون ۽ جنهن انهن جي حفاظت نه ڪئي ته انهن جي لاءِ نه نور هوندو نه برهان نه ڇوٽڪارو هوندو ۽ اهو قيامت جي ڏينهن قارون، فرعون ۽ هامان سان هوندو." "٣" **سورة الکهف جي تلاوت ڪرڻ،** طبراني حضرت ابوسعيد رضي الله عنه کان مرفوع روايت آندي آهي ته "جنهن جمعه جي ڏينهن سورة الکهف تلاوت ڪئي ته ان جي لاءِ سندس جاءِ کان مڪه مڪرمه تائين نور هوندو" ابن مردويه ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته "جنهن جمعه جي ڏينهن سورة الکهف تلاوت ڪئي ان جي پيرن جي جاءِ کان نور نڪرندو جيڪو آسمان سان لڳندو ۽ ان جي لاءِ قيامت ۾ روشني ڪندو." "٤" **درود شريف پڙهڻ،** حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو "مون تي درود پڙهڻ واري لاءِ پلصراط تي نور هوندو." "٥" **اکين کان نابينا هجڻ،** طبراني اوسط ۾ آندو آهي ته "جنهن جي دنيا ۾ نظر نه رهي جيڪڏهن صالح تيندو ته ان کي قيامت ۾ نور ملندو." "٦" **احرام کولڻ جي لاءِ مٿو ڪوڙائڻ،** طبراني حضرت عبادة بن الصامت رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته "حج جي احرام کولڻ لاءِ مٿو ڪوڙائڻ ۾ جيڪو وار زمين تي ڪرندو ان جي بدلي ۾ ان لاءِ قيامت جي ڏينهن نور هوندو." "٧" **جمرن کي پٿريون هڻڻ،** بزار حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان مرفوع روايت آندي آهي ته: "جنهن جمرن کي پٿريون هنيون ته اهي ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن نور هونديون." "٨" **اڇا وار هجڻ،** محدث بزار جيد سند سان حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان مرفوع روايت آندي آهي ته "جيڪو شخص اسلام جي حالت ۾ اڇن وارن وارو ٿيو ته اهي وار ان جي لاءِ قيامت ۾ نور هوندا." "٩" **جهاد ۾ تير هڻڻ،** بزارجيد سند سان حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان مرفوع روايت آندي آهي ته رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن الله جي واٽ ۾ (جهاد ڪندي) تير هنيو ته اهو ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن نور هوندو." "١٠" **بازار ۾ الله عزوجل جو ذڪر ڪرڻ،** بيهقي شعب الايمان ۾ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته "بازار ۾ الله جو ذڪر ڪرڻ واري جي لاءِ قيامت

جي ڏينهن نور هوندو." "١١" **مسلمان جي تڪليف دور ڪرڻ،** طبراني حضرت ابوهريرة کان مرفوع روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن مسلمان تان تڪليف دور ڪئي تہ الله ان جي لاءِ پلصراط تي بہ نور جا شعبا ڪندو جن سان ايترو جهان روشني حاصل ڪندو جنهن جو شمار ڪري نہ ٿوسگهجي."

انڌيري جو سبب: بخاري ابن عمر کان مسلم حضرت جابر کان، حاڪم ابوهريرة ۽ ابن عمر کان ۽ طبراني ابن زياد کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اِيَّاكُمْ وَالظُّلْمَ فَاِنَّهٗ هُوَالظُّلُمَاتُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ" پاڻ کي ظلم کان بچايو بلاشڪ اهو قيامت جي ڏينهن ڪيترا انڌيرا هوندو.

٣. هن کان اڳي جيڪا روايت لکي آيا آهيون تہ منافق کي نور ملندو پوءِ اهو پلصراط تي کسيو ويندو. ان جي وضاحت ڪندي علامه ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمة لکيو آهي تہ انهن منافقن مان مراد رافضي ۽ خارجي وغيره آهي جن ظاهر ۾ ڪلمه پڙهيو آهي پر باقي عقائد باطل رکن ٿا. (١) ٤. هنن آيتن ۾ ڪافرن کي نور نہ ملڻ جو ذڪر ناهي جو تہ انهن کي نور ملڻ جو احتمال ئي نہ آهي اهي پلصراط تان نہ لنگهندا سڌا جهنم جي دروازن کان اندر موڪليا ويندا باقي منافق ان تان لنگهندا. منافق بہ ڪرندا ۽ ڪي گنهگار مومن بہ ڪجهہ وقت سزا ملڻ لاءِ ان ۾ ڪرندا. پوءِ ڪڍيا ويندا باقي صالح مومن ان تان لنگهي سڌا جنت ۾ داخل ٿيندا. (٢)

اَلَمْ يَاْنِ	لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا	اَنْ تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ	لِذِكْرِاللهِ	وَمَا
ڇانہ وقت آيو انهن جي لاءِ جن ايمان آندو تہ نوڙت ڪن انهن جون دليون الله جي ذڪر لاءِ ان جي لاءِ				
نَزَلَ مِنَ الْحَقِّ	وَلَايَكُوْنُوْا	كَالَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ	مِنْ قَبْلُ فَطَالَ	
جيڪو نازل ٿيو حق مان ۽ نہ هجن انهن وانگر جيڪي ڏنا ويا ڪتاب ان کان اڳي پوءِ ڊگهي ٿي				
عَلَيْهِمُ الْاَمَدُ فَقَسَتْ قُلُوْبُهُمْ ۭ وَكَثِيْرٌ مِّنهم فسِقون (١٦) اِعْلَمُوْٓا اَنَّ اللهَ				
انهن تي مدت پوءِ ڪنجي ويون انهن جو دليون ۽ گهڻا انهن مان فاسق آهن ڄاڻو تہ بيشڪ الله				
يُحْيِى الْاَرْضَ	بَعْدَ مَوْتِهَا	قَدْ	بَيَّنَّا لَكُمُ	الْاٰيٰتِ
آباد ڪري ٿو زمين ان جي برباد ٿيڻ کان پوءِ تحقيق بيان ڪيون اسان اوهان جي لاءِ نشانيون				
لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ (١٧)				
تانت اوهان سمجهو				

(١) المظهري ص ١٩٦،١٩ـ جلد ٩
(٢) معارف القرآن ص ٣١ـ جلد ٨

تفسير

اڳين آيتن ۾ مومنن کي نور ملڻ ۽ منافق کي نہ ملڻ جو ذڪر هو ۽ هتي مومنن کي متنبہ ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "اَلَمۡ يَاۡنِ لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنۡ تَخۡشَعَ قُلُوۡبُهُمۡ لِذِكۡرِاللّٰهِ وَمَا نَزَلَ مِنَ الۡحَقِّ" (ڇا مومنن جي لاءِ وقت ويجهو نہ آيو آهي جو انهن جون دليون الله جي ذڪر لاءِ ۽ جيڪو حق نازل ٿيو آهي ان جي لاءِ نوڙت ڪن) يعني جن الله عزوجل جي رب ۽ معبود بالحق هجڻ ۽ حضرت محمد صلى الله عليہ وسلم جي رسالت ۽ نبوت جي حق هجڻ ۽ الله جي وعد ۽ وعيد جي سچي هجڻ تي ايمان آندو آهي ڇا انهن جي لاءِ اجان وقت نہ آيو آهي جو سندن دليون نياز ۽ نوڙت ڪري الله جو خوف رکن ۽ ان جي ذڪر ۽ ان جي طرفان نازل ڪيل حق جي لاءِ جهڪي پون پلا ڪم سجاڻي ان تي عمل ڪن براڪم سجاڻي ان کان بچي پون.

شان نزول: روايت ۾ آيو آهي تہ جڏهن نبوي دور على صاحبہ الصلواة والسلام ۾ خوشحالي آئي ۽ ڪي مسلمان ڪل ۽ خوشطبعي ڪرڻ لڳا تڏهن مالڪ مٿي مٿين آيت نازل فرمائي. (١) "اَنۡ تَخۡشَعَ" خشوع ڪان ورتل آهي ۽ دل جي خشوع مان مراد دل جو نرم هجڻ، وعظ ۽ نصيحت قبول ڪرڻ ۽ اطاعت ڪرڻ آهي قرآن ڪريم جي لاءِ خشوع هي آهي تہ ان جي احڪام، اوامر ۽ نواهي جي مڪمل اطاعت جي لاءِ تيار رهي ۽ ڪنهن بہ قسم جي سستي ۽ ڪاهلي نہ ڪري. "وَلَايَكُوۡنُوۡا كَالَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ مِنۡ قَبۡلُ فَطَالَ عَلَيۡهِمُ الۡاَمَدُ فَقَسَتۡ قُلُوۡبُهُمۡ وَكَثِيۡرٌ مِّنۡهُمۡ فٰسِقُوۡنَ" (۽ نہ هجن انهن وانگر جو ڏنا ويا ڪتاب اڳ ۾ پوءِ ڊگهي ٿي انهن تي مدت پوءِ انهن جون دليون ڪٺجي ويون ۽ انهن مان گهڻا فاسق آهن) مطلب تہ مومن انهن اهل ڪتاب وانگر نہ هجن جن کي گهڻي مدت ملڻ جي ڪري دلين ۾ نور نہ رهيو ۽ شهوت پرستي ۽ گناهن ۾ ڦاسي وڃڻ جي ڪري انهن جون دليون ڪٺجي ويون ۽ انهن مان گهڻا فاسق ۽ فاجر آهن هن آيت مان هڪ عملي سبق بہ ملي ٿو تہ مسلمانن کي گناهن کان توبہ ڪرڻ ۾ جلدي ڪرڻ گهرجي نہ تہ ڪڏهن ڪڏهن توبہ جي توفيق ئي نہ ملندي آهي. (٢) "اِعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ يُحۡىِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا قَدۡ بَيَّنَّا لَكُمُ الۡاٰيٰتِ لَعَلَّكُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ" (يقين سان ڄاڻو تہ بيشڪ الله زمين کي ان جي برباد ٿيڻ کان پوءِ آباد ڪندو آهي بلاشڪ اسان اوهان جي لاءِ نشانيون بيان ڪيون تانت اوهان سمجهو) يعني اها ڳالهہ تہ اوهان کي چڱي طرح علم ۾ آهي تہ الله عزوجل برساتون وسائي غيرآباد ۽ ڦٽل زمين آباد ڪندو آهي ۽ جيئن اها مهرباني ڪندو آهي تيئن توبہ جي توفيق ڏئي

(١) القرطبي ص۔٢٤٩۔ جلد ١٧ (٢) حاشيہ ماجديہ ص۔١٠٧٨۔

ويران قلبن کي پاڻ ڏانهن رجوع ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائيندو آهي. اسان اوهان ٻانهن جي لاءِ هن ڪتاب ۾ پنهنجي قدرت جون نشانيون کولي کولي بيان فرمايون آهن تانت جيئن اسين اوهان کي حڪم فرمايون اهو سمجهو ۽ ان تي عمل ڪيو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "اَنۡ تَخۡشَعَ قُلُوۡبُهُمۡ لِذِكۡرِ اللّٰهِ" (انهن جون دليون الله جي ذڪر لاءِ خشوع ڪن) مان معلوم ٿيو تہ ايمان ۽ صالح اعمال کان بعد خشوع ۽ الله جلت صفاتہ کان ڊڄڻ درجات جي ترقيءَ جي لاءِ عمدو ۽ اعلیٰ ذريعو آهي جنهن کي احسان سڏيو ويو آهي. ٢. "فَطَالَ عَلَيۡهِمُ الۡاَمَدُ" (پوءِ انهن تي مدت ڊگهي ٿي) مان معلوم ٿيو تہ اهل ڪتاب کي گهٽي مهلت ۽ مدت ملڻ جي ڪري سندن دليون ڪٺجي ويون هيون ۽ الله عزوجل جو خوف انهن ۾ نہ رهيو هو. (١) ٣. مذڪوره آيت جي تفسير ۾ مفسرن ٻہ واقعا لکيا آهن "١" تہ حضرت فضيل بن عياض جيڪو علماءَ ۽ صوفياءَ جو وڏو اڳواڻ ٿي گذريو آهي ان جو بيان آهي تہ پاڻ جواني جي ابتداءَ ۾ هڪ عورت جي عشق ۾ مبتلا ٿي ويو ان وڏي مشڪل سان ڪيس هڪ رات ملاقات جو وقت ڏنو جڏهن مقرر وقت تي وڏي شوق سان ان ڏانهن روانو ٿيو تہ واٽ تي سندس ڪن تي هي آواز پهتو "اَلَمۡ يَاۡنِ لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنۡ تَخۡشَعَ قُلُوۡبُهُمۡ لِذِكۡرِ اللّٰهِ وَمَا نَزَلَ مِنَ الۡحَقِّ" اهو ٻڌنديئي سندن قدم رڪجي ويا ۽ هوا ۽ هوس جو ايرندڙ طوفان ان مهل واپس ٿيو پاڻ اتاهين موٽيو ۽ سچي توبـــہ ڪري ولي هجڻ جي مقام تي فائز ٿيو. (٢) علامـہ آلوسي عليـہ الرحمـۃ لکيو آهي تہ احمد بن ابوالحواري جو بيان آهي تہ مان بصره جي هڪ رستي سان وڃي رهيو هوس تہ مون هڪ خوفناڪ دانهن ٻڌي پوئتي نهاريم تہ هڪ شخص کي بيهوش ڪريل ڏٺم پڇا ڪيم تہ ڇا معاملو آهي؟ ماڻهن ٻڌايو تہ کو شخص مذڪوره آيت "اَلَمۡ يَاۡنِ لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا" پڙهي رهيو هو هن شخص جڏهن اها آيت ٻڌي تہ بيهوش ٿي ڪري پيو اجان اسان پاڻ ۾ اهي ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين تہ اهو هوش ۾ اچي هي شعر پڙهڻ لڳو

اَمَا آنَ لِلۡهـجۡرَانِ اَن يَتـصَـرَّمَـا... وَلِلۡغُصۡـنِ غُصۡـنِ الۡـبَانِ اَنۡ يَّتَبَسَّمَـا
وَلِلۡعَاشِقِ الصَّبِ الَّذِيۡ ذَابَ وَانۡحَنٰي ... اَلَمۡ يَاۡنِ انۡ يَبۡكِيۡ عَلَيۡـهِ وَيُرۡحَمَا

ڇا اجان جدائيءَ جي ختم ٿيڻ جو وقت نہ آيو؟ ڇا اجان اها گهڙي نہ آئي آهي جو ٻان جي وڻ جي ٽاري خوش ٿي کلڻ لڳي؟ ڇا اجان اهو وقت نہ آيو آهي جو اهو عاشق جيڪو سڙي ڳري جهڪي پيو آهي ان تي رنو وڃي ۽ رحم ڪيو وڃي اهي شعر پڙهي وري بيهوش ٿي ڪريو ۽ هن دارالفناءِ دنيا مان رحلت ڪري دارالبقاءَ ڏانهن روانو ٿيو. (٣)

(١) حقاني صـ٣٤ـ جلد ٧ (٢) ضياءُ القرآن صـ١١٩ـ جلد ٥ (٣) روح المعاني صـ١٨٠ـ جزءِ ٢٧ جلد ٩

اِنَّ المصدِّقِيْنَ	وَالْمُصَّدِّقٰتِ	وَاَقْرَضوا	اللّٰهَ	قَرْضًا	حَسَنًا

بيشڪ صدقو ڏيندڙ مرد ۽ صدقو ڏيندڙ عورتون ۽ قرض ڏنائون الله کي قرض سهڻو

يُّضٰعَفُ لَهُمْ وَلَهُمْ اَجْرٌ كَرِيْمٌ (١٨) وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖٓ

ٻيڻو ڪيو ويندو انهن جي لاءِ ۽ انهن جي لاءِ ڀلو اجر آهي ۽ جن ايمان آندو الله تي ۽ ان جي رسولن تي

اُولٰٓئِكَ هُمُ الصِّدِّيْقُوْنَ وَالشُّهَدَآءُ عِنْدَرَبِّهِمْ لَهُمْ اَجْرُهُمْ وَنُوْرُهُمْ

اهيئي سچا آهن ۽ شهيد آهن پنهنجي رب وٽ انهن جي لاءِ انهن جو اجر آهي ۽ انهن جو نور آهي

ع ١٨ ٢ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ (١٩) اِعْلَمُوْٓا

۽ جن ڪفر ڪيو ۽ ڪوڙو ڄاڻئون اسان جي آيتن کي اهي جهنم وارا آهن ڄاڻو اوهان تہ

اَنَّمَاالْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ وَّزِيْنَةٌ وَّتَفَاخُرٌۢبَيْنَكُمْ وَتَكَاثُرٌفِى الْاَمْوَالِ

دنيوي حياتي راند ۽ اجائي ڳالهہ ۽ سينگار ۽ فخر جو سبب آهي اوهان ۾ ۽ وڌڻ آهي مالن ۾

وَالْاَوْلَادِ ۭ كَمَثَلِ غَيْثٍ اَعْجَبَ الْكُفَّارَ نَبَاتُهٗ ثُمَّ يَهِيْجُ فَتَرٰىهُ

۽ اولاد ۾ مثل مينهن وسندڙ جي جو وڻيا ڪافرن کي ان جا سلا ان کان پوءِ سُڪي ٿو پوءِ ڏسندين ان کي

مُصْفَرًّا ثُمَّ يَكُوْنُ حُطَامًا ۭ وَفِى الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ۙ وَّمَغْفِرَةٌ مِّنَ اللّٰهِ

زرد رنگ وارو ان کان بعد هوندو ڪاٺيون ۽ آخرت ۾ عذاب سخت آهي ۽ مغفرت الله جي طرفان

وَرِضْوَانٌ ۭ وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ (٢٠) سَابِقُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ

۽ رضا مندو ۽ ناهي دنيوي حياتي مگر ٺوڳي جو سامان اڳتي وڌو مغفرت ڏانهن پنهنجي

رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا كَعَرْضِ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ۙ اُعِدَّتْ

رب جي طرفان ۽ جنت ڏانهن جوان جي ڪشادگي آسمان۽ زمين جي ڪشادگيءَ جيتري آهي تيار ڪئي وئي

لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ۭ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ

انهن جي لاءِ جن ايمان آندو الله ۽ ان جي رسولن تي اهو الله جو فضل آهي ڏي ٿو اهو جنهن کي گهري

وَاللّٰهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ (٢١)

۽ الله وڏي فضل وارو آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ مومنن ۽ منافقن جو حال بيان ٿيو هتي وري مومنن ۽ ڪافرن جو حال بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "اِنَّ المصدّقيْن والمصدقٰتِ واقرَضوا اللهَ قَرضًا حَسَنًا يُّضٰعَفُ لَهُمْ وَلَهُمْ اَجْرٌ كَرِيْمٌ" (بيشڪ صدقو ڪندڙ مرد ۽ صدقو ڪندڙ عورتون ۽ "جن" الله کي سهڻو قرض ڏنو انهن جي لاءِ ٻيڻو ڪيو ويندو ۽ انهن جي لاءِ ڀلو اجر آهي) يعني جيڪي مرد ۽ عورتون الله جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجا مال صدقو ڪن ٿا ۽ ان جي بدلي ملڻ جو سهڻي قرض وانگر يقين رکن ٿا ان مان خيرات مليلن ڪان ڪنهن بدلي يا شڪر ادا ڪرڻ جي نيت نـه رکن ٿا انهن جي لاءِ سندن ثواب ٻيڻو ڪيو ويندو جيڪو ڏهن ڪان ستن سوَن "٧٠٠" تائين بلڪ اجان وڌيڪ تي سگهي ٿو ۽ انهن جي لاءِ ڀلو اجر ۽ سهڻو درجو آهي. "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللهِ وَرُسُلِهٖٓ اُولٰۗئِكَ هُمُ الصِّدِّيْقُوْنَ وَالشُّهَدَاۗءُ عِنْدَ رَبِّهِمْ لَهُمْ اَجْرُهُمْ وَنُوْرُهُمْ" (۽ جن الله ۽ ان جي رسولن تي ايمان آندو اهيئي صديق ۽ پنهنجي رب وٽ شهيد آهن انهن جي لاءِ سندن اجر ۽ سندن نور آهي) يعني جن الله عزوجل جي وحدانيت جو اقرار ڪيو، ان جي رسولن عليهم الصلواة والسلام کي سچو چيو اُهي الله جلت صفاتـه جي حڪم ۾ صديقن جي مرتبي ۾ آهن ۽ الله جي واٽ ۾ شهيد ٿيندڙ پنهنجي رب وٽ نهايت سٺي مقامِ وارا آهن انهن جي لاءِ وڏو ثواب ۽ نور آهي جيئن اڳ ۾ بيان ٿي آيو آهي. (١) "وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰۗئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ" (۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو اهي جهنمي آهن) يعني جن الله عزوجل جو انڪار ڪيو ۽ ان جي وحدانيت تي دلالت ڪندڙ حجتن ۽ دلائل کي ڪوڙو چيو اهي جهنمي آهن. "اِعْلَمُوْٓا اَنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ وَّزِيْنَـةٌ وَّتَفَاخُرٌۢ بَيْنَكُمْ وَتَكَاثُرٌ فِي الْاَمْوَالِ وَالْاَوْلَادِ" (ڄاڻو اوهان تـه دنيوي حياتي تـه صرف راند ۽ تماشو ۽ سينگار ۽ اوهان جي وچ ۾ فخر ڪرڻ جو سبب ۽ مالن ۽ اولاد ۾ اڳتي وڌڻ جي "شيءِ" آهي) يعني دنيا جي حياتيءَ ۾ تـه صرف مذڪوره ڳالهيون آهن انهن تي متوجـه ٿي آخرت ڪان غافل ٿيڻ نـه گهرجي. "كَمَثَلِ غَيْثٍ اَعْجَبَ الْكُفَّارَ نَبَاتُـهٗ ثُمَّ يَهِيْجُ فَتَرٰىـهُ مُصْفَرًّا ثُمَّ يَكُوْنُ حُطَامًا" (مينهن وانگر جو ڪافرن کي ان جا سلا پسند آيا ان ڪان پوءِ سڪي ويا پوءِ ان کي زرد رنگ جو ڏسندين ان ڪان بعد اهي ڪاٺيون هوندا) هتي دنيوي زندگيءَ کي هڪ مثال سان بيان ڪيو ويو آهي تـه مينهن وسڻ جي ڪري پوکون سرسبز ۽ شاداب ٿينديون آهن جن کي ڏسي مالڪ گهڻو خوش ٿيندو آهي پر ڏسندي ڏسندي انهن جي ساوڪ

(١) المراغي صـ١٧٥ـ جزء ٢٧ جلد ٩

سڪڻ جي ڪري زرد رنگ وٺندي آهي ۽ اها پوک سڪي وڃڻ جي ڪري سنگ ڪيرائيندي آهي اهو ئي حال انسان جي دنيوي زندگيءَ جو آهي جو جڏهن جوانيءَ جو دور ايندو آهي تہ ان جو چهرو دلڪش، جسم قوت ۽ طاقت سان ڀريل رهندو آهي پر جڏهن ان جي جواني موٽ ڪائيندي آهي تہ رنگ بدلجڻ لڳندو ۽ مُنهن ۾ گهنج پوندا هٿن ۽ پيرن ۾ اها قوت نہ رهندي آهي تانجو موت اچي ان جي حياتيءَ کي ختم ڪندو آهي. "وَفِي الْآخِرَةِ عَذَابٌ شَدِيدٌ وَمَغْفِرَةٌ مِّنَ اللهِ وَرِضْوَانٌ" (۽ آخرت ۾ سخت عذاب ۽ الله جي طرفان مغفرت ۽ رضامندو) يعني آخرت ۾ يا سخت ۽ دائمي عذاب هوندو يا الله عزوجل جي طرفان مغفرت ۽ ان جو رضا مندو هوندو جن پاڻ کي دنيوي لذتن ۾ محو رکيو ۽ صالحن عملن کان مُنهن موڙيو انهن جي لاءِ جهنم جي باهہ جو عذاب هوندو ۽ جن ايمان آڻي صالح عمل ڪيا انهن جي لاءِ گناهن جي مغفرت ۽ الله جل شانہ جي راضي هجڻ وارو انعام جنت هوندي. "وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ" (۽ دنيوي حياتي تہ صرف ڌوکي جو سامان آهي) مطلب تہ جيڪي ماڻهو دنيا جي زندگيءَ ۾ آخرت جي لاءِ تياري ڪري آخرت نہ تا سينگاري سگهن انهن جي لاءِ دنيا جي ساز ۽ سامان ۾ ڌوکي کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي. "سَابِقُوْا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا كَعَرْضِ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ" (پنهنجي رب جي مغفرت ۽ جنت ڏانهن اڳرائي ڪيو جنهن جي ڪشادگي آسمان ۽ زمين جي ڪشادگيءَ جيتري آهي) يعني پنهنجن هڪ جيڏن کان صالح اعمال جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري پنهنجي رب جي مغفرت ۽ اها جنت حاصل ڪيو جنهن جي ڪشادگي آسمانن ۽ زمين وانگر آهي. "اُعِدَّتْ لِلَّذِيْنَ آمَنُوْا بِاللهِ وَرُسُلِهٖ" (انهن جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي جن الله ۽ ان جي رسولن تي ايمان آندو آهي) بي ايمانن کي نصيب نہ ٿيندي. "ذٰلِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ" (اهو الله جو فضل آهي جنهن کي گهري تو ان کي ڏي تو) يعني مغفرت، جنت ۽ الله عزوجل جي رضا ملڻ ان جو فضل آهي جنهن کي گهري تو ان کي عطا ڪري تو. "وَاللهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ" (۽ الله وڏي فضل جو صاحب آهي) يعني الله عزوجل جو فضل وڏو ۽ عطا ڪشادي آهي. جنهن تي ڪرم ڪندو آهي ان کي نوازيندو آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. آيت ع١٨ـ ۾ مذڪور صدقي کان بعد قرض ڏيڻ جي وضاحت ڪندي مفسرن لکيو آهي تہ صدقي مان مراد عام صدقو آهي جنهن ۾ صدقہ جاريہ بہ داخل آهي جيئن کوهہ، مسجدون، مسافرخانا وغيره ۽ قرض مان مراد اهو آهي جنهن جو فقير کي مالڪ بنايو وڃي يا صدقي مان مراد وجوبي صدقو آهي ۽ قرض مان مراد نفلي صدقو، يا صدقي مان مراد مال ڏيڻ ۽

قرض ڏيڻ مان مراد خير جي نيت ڪرڻ آهي. بهرحال ٻنهي ۾ ڪجهه نه ڪجهه فرق آهي. ٢. "هُمُ الصِّدِّيْقُوْنَ" (اهيئي صديق آهن) مفسرن صديق ۽ صادق ۾ فرق لکيو آهي. صادق اهو آهي جنهن جي زبان سچي هجي، صديق اهو جنهن جو خيال، زبان ۽ سيئي اعضاءَ سچا هجن. صادق اهو جو ڪوڙ نه ڳالهائي، صديق اهو جو ڪوڙ ڳالهائي نه سگهي، صادق اهو جو مخلوق سان سچ ڳالهائي، صديق اهو جو الله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام ۽ مخلوق سان سچ ڳالهائي، صادق اهو جو نفسانيت کان پاڪ هجي، صديق اهو جو انانيت کان پاڪ هجي، صادق اهو جو واقع جي مطابق ڳالهه ڪري، صديق اهو جو واقعو ان جي چوڻ جي مطابق هجي يعني جئين اهو چوي ته الله ڪرم ڪندي ان جي چوڻ جي مطابق ڪري. ٣. "اُولٰۤئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ" (اهي جهنمي آهن) مان معلوم ٿيو ته ڪافر ڪنهن به صورت ۾ جنت ۾ داخل نه ٿيندو. ظاهر ۾ جيڪڏهن ڪي چڱا ڪم ڪري ته ڌهن به اهي قيامت ۾ ان ڪي ڪو فائدو نه ڏيندا. جنهن وڻ جي پاڙ ڪٽجي چڪي آهي ان جي ٽارين ڪي پاڻي ڪنهن ڪم جو ناهي. (١)

مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ فِى الْاَرْضِ وَلَافِىْٓ اَنْفُسِكُمْ اِلَّا فِىْ كِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ

نه پهتي ڪا مصيبت زمين ۾ ۽ نه اوهان جي سرن ۾ مگر ڪتاب ۾ آهي ان کان اڳي جو

اَنْ نَّبْرَاَهَا ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ (٢٢) لِّكَيْلَا تَاْسَوْا عَلٰى مَافَاتَكُمْ

ان کي پيدا ڪيون بيشڪ اهو الله لاءِ آسان آهي تانت نه افسوس ڪيو ان تي جونه مليو اوهان کي

وَلَاتَفْرَحُوْا بِمَآ اٰتٰكُمْ ؕ وَاللّٰهُ لَايُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرِ (٢٣)

۽ نه (بيجا) خوش ٿيو ان تي جو ڏنائين اوهان کي ۽الله نه ٿو محبت رکي هر مغرور، فخرڪندڙ کي

الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ وَيَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ ؕ وَمَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ

جيڪي بخيلي ڪن ٿا ۽ امر ڪن ٿا ماڻهن کي بخيليءَ جو ۽ جيڪو منهن موڙيندو پوءِ بيشڪ الله

هُوَالْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ (٢٤) وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَاَنْزَلْنَا

اهوئي غني، حميد آهي ۽ البت تحقيق موڪليوسون پنهنجن رسولن کي روشن دليلن سان۽ لاٿوسون

مَعَهُمُ الْكِتٰبَ وَالْمِيْزَانَ لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ وَاَنْزَلْنَا

انهن سان گڏ ڪتاب ۽ ساهمي تانت ماڻهو عدل سان قائم رهن ۽ اسان لاٿو

(١) نورالعرفان صـ٨٦١ـ

الْحَدِيْدَ فِيْهِ بَاْسٌ شَدِيْدٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ وَلِيَعْلَمَ اللهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ

لوهہ ان ۾ خوف سخت آهي ۽ نفعا آهن ماڻهن جي لاءِ ۽ تانت ڄاڻي الله تہ ڪير مدد ڪري توان جي

وَرُسُلَهٗ بِالْغَيْبِ ۭ اِنَّ اللهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ (٢٥) وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا

۽ ان جي رسولن جي اڻ ڏٺي بيشڪ الله قوت وارو غالب آهي ۽ البت تحقيق موڪليوسون نوح

وَّاِبْرَاهِيْمَ وَجَعَلْنَا فِيْ ذُرِّيَّتِهِمَا النُّبُوَّةَ وَالْكِتٰبَ فَمِنْهُمْ مُّهْتَدٍ ۚ وَكَثِيْرٌ

۽ ابراهيم کي ۽ ڪئي اسان انهن جي اولاد ۾ نبوت ۽ ڪتاب پوءِ انهن مان ڪو هدايت وارو آهي ۽ گهڻا

مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ (٢٦) ثُمَّ قَفَّيْنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ بِرُسُلِنَا

انهن مان فاسق آهن ان کان پوءِ پويان موڪليا اسان سندن نشانن تي پنهنجا رسول

وَقَفَّيْنَا بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ وَاٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ ۙ۬ وَجَعَلْنَا فِيْ قُلُوْبِ

۽ پويان موڪليو اسان عيسىٰ بن مريم کي ۽ ڏنو اسان ان کي انجيل ۽ پيدا ڪئي اسان دلين انهن

الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ رَاْفَةً وَّرَحْمَةً ۭ وَرَهْبَانِيَّةَۨ ابْتَدَعُوْهَا مَا كَتَبْنٰهَا

جي ۾ جو تابع تيا ان جا نرمي ۽ رحمت ۽ راهب هجڻ پاڻ شروع ڪيائون ان کي نہ مقرر ڪيو

عَلَيْهِمْ اِلَّا ابْتِغَاۗءَ رِضْوَانِ اللهِ فَمَا رَعَوْهَا حَقَّ

اسان ان کي انهن تي مگر الله جي رضا طلب ڪرڻ جي لاءِ پوءِ نہ رعايت ڪيائون ان جي حق

رِعَايَتِهَا فَاٰتَيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْهُمْ اَجْرَهُمْ ۚ وَكَثِيْرٌ

ان جي رعايت ڪرڻ جو پوءِ ڏنوسون انهن کي جن ايمان آندو انهن مان اجر انهن جو ۽ گهڻا

مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ (٢٧)

انهن مان فاسق آهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ هي دنيوي نعمتون فاني ۽ نہ رهڻ واريون آهن ۽ هتي مومنن کي مصيبتن جي برداشت ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي تہ اهي مصيبتون ۽ تڪليفون بہ عارضي ۽ فاني آهن جيڪي اوهان جي مقدر ۾ لکيل آهن. فرمان الٰهي آهي "مَآاَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّبْرَاَهَا" (ڪا بہ مصيبت زمين ۾ يا اوهان جي سرن ۾ نہ پهتي مگر اها ڪتاب ۾ آهي ان کان اڳي جو

ان کي پيدا فرمايون) يعني اي مومنو! اوهان کي کا بہ مصيبت سوک، ڏڪار، طوفان، پوک ۾ يا بيماري وغيره زمين ۾ يا بيماري، اولاد جو نہ بچڻ وغيره اوهان جي سرن ۾ پوندي آهي تہ اها دنيا تي پيدا ٿي ظاهر ٿيڻ کان اڳي لوح محفوظ ۾ لکيل هوندي آهي. "اِنَّ ذَالِكَ عَلَى اللهِ يَسِيرٌ" (بلاشڪ اها الله جي لاءِ آسان آهي) يعني ان جو علم ۽ پيدا ڪرڻ کان اڳي لوح محفوظ ۾ لکڻ، وري دنيا تي زمين ۽ ماڻهن جي سرن تي موڪلڻ الله عزوجل جي لاءِ آسان آهي. "لِكَيْلَا تَأْسَوْا عَلَى مَافَاتَكُمْ وَلَاتَفْرَحُوْا بِمَآ آتَاكُمْ" (تانت جيڪي اوهان کان فوت ٿي ويو ان تي افسوس نہ ڪيو ۽ جيڪي اوهان کي ڏنائين ان تي بيجا خوشي نہ ڪيو) مطلب تہ اسان اوهان کي اهو ٻڌايو آهي تہ هر شيءِ وجود کان اڳ ۾ لکيل آهي سو ان لاءِ تانت اوهان کان جيڪو ڪجھ هٿن مان نڪري ويو اوهان کي حاصل نہ ٿيو ان تي افسوس ۽ ڏک نہ ڪيو ۽ جيڪو ڪجھ اوهان کي مليو ان تي هرويرو تڪبر ڪندي يا پنهنجي محنت ۽ ڪمائي سمجهي فخر نہ ڪيو ۽ نہ ان لحاظ سان خوش ٿيو. "وَاللهُ لَايُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرٍ" (۽ الله نہ ٿو محبت رکي، هٺيلي، فخر ڪندڙ سان) هن ۾ الله عزوجل ٻن برين خصلتن وارن کي متنبہ ڪيو آهي تہ الله عزوجل انهن سان محبت نہ رکندو آهي "١" تڪبر ڪرڻ "٢" فخر ڪرڻ. "اَلَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ وَيَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ" (جيڪي بخيلي ڪن ٿا ۽ ماڻهن کي بخيليءَ جو امر ڪن ٿا) يعني انهن سان بہ الله عزوجل محبت نہ ٿو رکي جيڪي مال خرچ ڪرڻ ۾ بخل ڪن ٿا نہ زڪواة ٿا ڏين نہ خيرات نہ پاڻ ٿا کائن نہ اهل عيال کي ٿا کارائن ۽ پاڻ تہ ڪنجوس آهن پر ٻين کي بہ خير خيرات کان منع ڪندا آهن. "وَمَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللهَ هُوَالْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ" (۽ جيڪو ڦرندو پوءِ بيشڪ الله اهوئي شاهوڪار، ساراهيل آهي) مطلب تہ جيڪو ايمان، اطاعت، الله جل مجده جي نصيحت ۽ ارشاد کان منهن موڙيندو الله جل مجده کي ان جي ڪا پرواهہ ناهي الله غني، حميد آهي ۽ انهو عاجز ۽ محتاج آهي. (١) "لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَاَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتٰبَ وَالْمِيْزَانَ لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ" (۽ البت تحقيق اسان پنهنجن رسولن کي روشن دليلن سان موڪليو ۽ انهن سان گڏ ڪتاب ۽ ساهمي لاٿي سون تانت ماڻهو عدل سان قائم رهن) يعني اسان پنهنجي رسولن کي حجتون، معجزا شرعي احڪام تي مشتمل ڪتاب ۽ عقل واري ساهمي ڏئي دنيا تي موڪليو تانت ماڻهن ۾ عدل ۽ انصاف قائم رهي. "وَاَنْزَلْنَا الْحَدِيْدَ فِيْهِ بَاْسٌ شَدِيْدٌ" (۽ اسان لوهہ لاٿو ان ۾ سخت خوف آهي) جو ان مان هٿيار ٺهندا. "وَمَنَافِعُ لِلنَّاسِ" (۽ ماڻهن جي لاءِ نفعا آهن) پوک جا اوزار، هر،

(١) ايسرالتفاسير صـ٤١٩ـ جلد ٤

کيڻ وغيره ۽ کاٺ پيئڻ جا اوزار، چاقو، ڇري وغيره سڀ ان مان ٺهن ٿا. "وَلِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ وَرُسُلَهٗ بِالْغَيْبِ" (۽ تانت الله ڄاڻي ٿو ان جي ۽ ان جي رسولن عليهم الصلواة والسلام جي اڻ ڏٺو کير ٿو مدد ڪري) مطلب ته الله عزوجل ڏسڻ گهري ٿو ته کهڙو پانهو ان ۽ ان جي رسولن عليهم الصلواة والسلام جي دين ۽ آندل پيغام جي مدد ڪري ٿو. "اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ" (بلاشڪ الله قوي، غالب آهي) يعني الله عزوجل کي پانهن جي جهاد ڪرڻ جي پرواهه ناهي اهو سڀني ڪان وڏي قوت وارو، سڀني تي غالب آهي. "وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا وَّاِبْرَاهِيْمَ وَجَعَلْنَا فِيْ ذُرِّيَّتِهِمَا النُّبُوَّةَ وَالْكِتَابَ" (۽ البت تحقيق اسان نوح ۽ ابراهيم کي موڪليو ۽ انهن جي اولاد ۾ نبوت ۽ ڪتاب ڪياسون) يعني اسان پنهنجي مخلوق جي هڪ ڏڙي ڏانهن "حضرت" نوح کي ۽ ان کان پوءِ ٻين ڏانهن "حضرت" ابراهيم کي موڪليو (علیٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام) ۽ انهن ٻنهي جي اولاد ۾ نبوت ۽ ڪتاب عطا ڪياسون. مطلب ته انهن کان پوءِ جيڪي به رسول شريعت ۽ الهي احڪام تي مشتمل ڪتابن سان آيا سڀ انهن ٻنهي جي اولاد مان هئا. "فَمِنْهُمْ مُّهْتَدٍ وَّكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ" (پوءِ انهن مان ڪي هدايت وارا ۽ انهن مان گهڻا فاسق هئا) مطلب ته انهن جي اولاد مان ڪي هدايت وارا ٿيا ۽ گهڻا فاسق ٿي ويا. سڀئي صالح فرمانبرادر نه هئا. "ثُمَّ قَفَّيْنَا عَلٰى آثَارِهِمْ بِرُسُلِنَا وَقَفَّيْنَا بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ وَآتَيْنَاهُ الْاِنْجِيْلَ" (ان کان پوءِ انهن جي ئي نشانن تي پنهنجا ٻيا رسول موڪلياسون ۽ پويان عيسیٰ پٽ مريم جو موڪليون سون ۽ ان کي انجيل ڏنوسون) يعني ان کان بعد لاڳيتا رسول موڪليندا رهياسون تانت اهي ماڻهن جي حق ڏانهن رهنمائي ڪن ۽ حضرت عيسیٰ علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو خصوصي ذڪر ان جي شريعت جي مشهور هجڻ جي ڪري ۽ عرب جي جزيري ۾ ان جي تابعن جي موجود هجڻ جي ڪري ڪيو ويو آهي ۽ ان کي انجيل ڏنو ويو جيڪو ڇئن وڏن ڪتابن مان هڪ آهي. "وَجَعَلْنَا فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ رَاْفَةً وَّرَحْمَةً" (۽ اسان انهن جي دلين ۾ جن ان جي تابعداري ڪئي نرمي ۽ رحمت پيدا ڪئي) مطلب ته جڏهن حضرت عيسیٰ علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام سراپا نرميءَ ۽ رحم وارو هو ته ان جي تابعداري ۾ به اها ئي نرمي ۽ رحمت پيدا ڪئي هئي سون. "وَرَهْبَانِيَّةَ نِ ابْتَدَعُوْهَا مَا كَتَبْنٰهَا عَلَيْهِمْ اِلَّا ابْتِغَاءَ رِضْوَانِ اللّٰهِ فَمَا رَعَوْهَا حَقَّ رِعَايَتِهَا" (۽ رهبانيت کي پاڻ ناهيائون ان کي اسان انهن تي فرض نه ڪيو هو مگر الله جي رضامندي جي لاءِ پوءِ جيئن ان جي سنڀالڻ جو حق هو تيئن ان کي سنڀالي نه سگهيا) حضرت عيسیٰ علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي امتين مان هڪڙا راهب ٿيا جو ماڻهن سان

تعلقات ٽوڙي، پنهنجين زالن کي پاڻ تي حرام ڪري جهنگلن ۽ ميدانن ۾ وڃي رهيا هئا تلها ڪپڙا پائيندا هئا اهو سڀ ڪجهه الله عزوجل جي رضا حاصل ڪرڻ جي نيت سان ڪندا هئا. الله تعالیٰ فرمايو ته اهو طريقو اسان انهن تي فرض نه ڪيو هو پاڻ شروع ڪيو هيائون پر ان جي جيئن سنڀال ڪرڻ جو حق آهي تيئن سنڀال نه ڪيائون حضرت عيسیٰ علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي (معاذالله) الله عزوجل جو پٽ سڏي ڪافر بنجي ويا. "فَاٰتَيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْهُمْ اَجْرَهُمْ وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ" (پوءِ جن انهن مان ايمان آندو انهن کي سندن اجر ڏنوسون ۽ انهن مان گهڻا فاسق آهن) مطلب ته انهن مان جن نيت جي خلوص سان رهبانيت اختيار ڪندي ايمان ڪامل، قائم ۽ دائم رکيو اسان انهن کي سندن ان محنت جو اجر عطا ڪيو پر انهن مان گهڻا اهڙا هئا جن فسق ۽ فجور اختيار ڪيو ۽ رهبانيت کي ڍنگ بنائي دنيوي مال ۽ ملڪيت حاصل ڪئي.

محمدي امت جي لاءِ خصوصي هدايت: نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام فرمايو: "مان يهوديت ۽ نصرانيت سان نه موڪليو ويو آهيان بلڪ ملت حنيفيه ڏئي موڪليو ويو آهيان جنهن ۾ آساني ۽ ڪشادگي آهي ان پاڪ ذات جو قسم جنهن جي قدرتي هٿ ۾ منهنجي جان آهي ته هڪ صبح يا هڪ شام الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ دنيا ۽ جيڪو ان ۾ آهي ان کان افضل آهي ۽ اوهان جو مجاهدن جي پهرين صف ۾ هجڻ سٺ سال جي (نفلي) نماز کان ڀلو آهي" ۽ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو "هر امت جي رهبانيت هوندي هئي ۽ هن امت جي رهبانيت في سبيل الله جهاد آهي" نصارن، جابرن ۽ ظالمن کان پنهنجي جان ۽ ايمان بچائڻ لاءِ جهنگ ۽ جبل وسايا پر مصطفیٰ ڪريم عليه الصلواة والسلام جي غلامن جي لاءِ اهو رستو نه رکيو ويو انهن کي باطل جي سامهون سينو سپر تي بيهڻ، تلوار ۽ تير، قلم ۽ زبان سان جهاد جو ميدان گرم رکڻ ۽ ان حال ۾ جان قربان ڪرڻ جو حڪم آهي اها انهن جي رهبانيت ۽ ڪمال آهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ فِى الْاَرْضِ وَلَا فِىْٓ اَنْفُسِكُمْ" (نه پهتي ڪا مصيبت زمين ۾ ۽ نه اوهان جي سرن ۾) مذڪوره زمين واري مصيبت مان مراد ڏڪار ۽ مالي نقصان آهن جاني مصيبت مان مراد بيماري، اولاد جو موت وغيره آهي. هن مان معلوم ٿيو ته دنيا ۾ هر طرح جون مصيبتون اينديون جو ته هيءَ جاءِ جنت ناهي جتي صرف امن، امانُ هجي اهي مصيبتون

(١) ضياءُ القرآن ص ـ ١٣١ ـ جلد ٥

صابرن جي لاءِ سندن درجات جي بلنديءَ جو باعث آهن ۽ بي صبرن جي لاءِ سندن اعمال کي برباد ڪرڻ جو ذريعو آهن. ٢. "اِلَّافِیْ كِتَابٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّبْرَءَ هَا" (مگر ڪتاب ۾ آهن ان ڪان اڳي جو انهن کي اسين پيدا ڪيون) مان معلوم ٿيو تہ هر شي لوح محفوظ ۾ خلقت ڪان اڳي لکيل آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ جن الله عزوجل جي پيارن جي نظر لوح محفوظ ڏسي ٿي اهي انهن شين جو الله عزوجل جي عطا سان علم رکن ٿا. جيئن سيدنا غوث اعظم عليه الرحمة جو فرمان گرامي آهي. "عَيْنَایَ فِی اللَّوْحِ الْمَحْفُوْظِ" (منهن جون اکيون (مبارڪ) لوح محفوظ مطالعه ڪن ٿيون). ٣. "وَلِيَعْلَمَ اللهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ وَرُسُلَهٗ بِالْغَيْبِ" (۽ ٿانت الله ڄاڻي تہ ڪير ان جي ۽ ان جي رسولن جي اڻ ڏٺو مدد ڪري ٿو) هتي يعلم جي معنیٰ آهي "يرى" يعني ظاهر ۾ ڏسي يا ان علم مان مراد اهو علم آهي جنهن تي جزا ۽ سزا جو مدار آهي هونئن تہ الله عزوجل کي ڪائنات جي پيدا ڪرڻ ڪان پهريان ئي ڪائنات جو تفصيلي علم آهي ان کي پنهنجي سيني ٻانهن جي متعلق هي علم آهي تہ جڏهن اهو پيدا ٿيندو تہ ڪهڙا چڱا يا براڪم ڪندو پر الله عزوجل صرف ان ازلي علم جي مدار تي ٻانهي کي جزا يا سزا نہ ڏيندو پر جڏهن انسان پيدا ٿئي ٿو ۽ عقل ۽ بلوغ جي منزل تي پهچي ٿو پوءِ جيڪو سٺو يا بروڪم ڪري ٿو ان جي مطابق اهو جزا يا سزا جو مستحق ٿئي ٿو. جڏهن اهو اهي ڪم ڪري پيو تہ ان وقت بہ الله عزوجل ڄاڻي ٿو تہ هي ٻانهو هيئن ڪري رهيو آهي. هتي "ليعلم" ۾ ان طرف اشارو آهي. (١) ٤. "وَرَهْبَانِيَّةَنِ ابْتَدَعُوْهَا" (۽ رهبانيت کي پاڻ شروع ڪيائون) رهبانيت جي لفظ ۾ ٻہ لغتون آهن هڪ "ر" جي زبر سان ۽ ان وقت اهو رهب ڪان ورتل ٿيو ويندو جنهن جي معنیٰ خوف ۽ ڊپ آهي. ٻيو "ر" جي پيش سان. ان وقت هي لفظ رهبان (جيڪو راهب جو جمع آهي) ڏانهن منسوب ٿيندو. پهرين صورت ۾ ان جي معنیٰ آهي اهو مسلڪ ۽ طرزحيات جنهن جو بنياد خوف ۽ ڊپ تي هجي ٻي صورت ۾ ان جي معنیٰ ٿيندی انهن ماڻهن جو طرز زندگي جيڪي هر وقت ڊڄڻ وارا ۽ خوف ۾ رهڻ وارا هوندا آهن. علامه راغب اصفهاني لکيو آهي "والرهبانية غلوفى تحمل التعبد من فرط الرهبة" (٢) يعني رهبانيت جي معنیٰ آهي گهڻي خوف جي ڪري عبادات ۽ رياضات ۾ گهٽائي ڪرڻ. علامه پاني پتي عليه الرحمه لکيو آهي "رهبانيت عبادت ۽ رياضت ۾ مبالغو ڪرڻ، ماڻهن سان تعلق قطع ڪرڻ، جائز ۽ مباح شين کي بہ ڇڏي ڏيڻ آهي جيئن ڏينهن جوڻ کائڻ نہ پيئڻ، رات جو ننڊ نہ ڪرڻ، نڪاح وغيره نہ ڪرڻ." (٣)

(١) ضياءُ القرآن ص-١٣١- جلد ٥ (٢) مفردات امام راغب ص-٢٠٣- (٣) المظهري ص-٢٠٣- جلد ٩

رهبانيت ڪڏهن کان ۽ ڪيئن شروع ڪئي وئي؟ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ان فرمايو ته مان نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن سان سندن گڏهه (مبارڪ) تي پيلهه سوار ٿيل هوس ته پاڻ مون کي فرمايائون: "اي ام عبد جا پٽ! ڇا توکي خبر آهي ته بني اسرائيلين رهبانيت کي ڪٿان اختيار ڪيو؟ مون کين عرض ڪيو ته "الله ۽ ان جو رسول (عليه الصلواة والسلام) ئي بهتر ڄاڻن ٿا" پاڻ فرمايائون ته (حضرت عيسىٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کان پوءِ بني اسرائيل تي جابر شخص غالب آيا ۽ انهن گناهه ڪرڻ شروع ڪيا ايمان وارن ڪاوڙ ڪندي انهن سان جنگ ڪئي پر ٽي ڀيرا کين شڪست ملي ۽ انهن مان تمام ٿورا ماڻهو وڃي بچيا جن چيو ته جيڪڏهن اسين هنن جي لاءِ ظاهر ٿينداسون ته اسان کي به ختم ڪري ڇڏيندا ۽ هڪ ماڻهو به اهڙو نه بچندو جيڪو ماڻهن کي حق واري دين ڏانهن سڏي. انهن مشورو ڪيو ته اسين زمين ۾ منتشر ٿي وڃون تانجو اهو نبي عليه الصلواة والسلام تشريف فرما ٿئي جنهن جي اچڻ جو حضرت عيسىٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) وعدو ڪيو هو پوءِ اهي جبلن جي غارن ۾ منتشر ٿي ويا ۽ انهن ئي رهبانيت جي شروعات ڪئي انهن مان ڪجهه ماڻهن دين کي مضبوطيءَ سان ورتو ۽ ڪن ماڻهن ڪفر اختيار ڪيو. پوءِ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن مذڪوره آيت تلاوت ڪرڻ فرمائي" (١) هن حديث پاڪ مان به واضح ٿيو ته ڪي الله عزوجل جا ٻانها پنهنجي دين، ايمان ۽ اخلاق کي بچائڻ جي لاءِ جهنگلن ۽ جبلن ۾ وڃي رهي پيا هئا ۽ پنهنجي سموري زندگي عبادت ۽ رياضت ۾ گذاري هيائون ۽ ان گوشه نشينيءَ مان انهن جو مقصد صرف الله عزوجل جي رضا هئي. مذڪوره حديث مان هي به واضح ٿيو ته جبر ۽ تشدد جي ان اوقات ۾ انهن اهو ڪم مجبور ٿي ڪيو هو انهن جي ذهن ۾ اها ڳالهه قطعي طرح نه هئي نه دنيا ۽ اهل دنيا کان تعلقات قطع ڪرڻ عيسوي دين جو روح روان آهي جو ان کان سواءِ نه انسان روحاني ترقي ڪري سگهندو ۽ نه قرب خداوندي جو شرف حاصل ڪندو. انهن ته ظالمن حاڪمن جي جبر ۽ تشدد کان مجبور ٿي اهو قدم کنيو هو پر انهن کان پوءِ اچڻ وارن ان کي دين بنايو ۽ جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ان ۾ پنهنجي طرفان ڳالهيون وڌائيندا رهيا ماڻهن پنهنجي مٿان تشدد ۽ پابندين جو ايترو وزن رکيو جو ان حال ۾ زندگي گذارڻ مصيبت بنجي وئي. عيسائين جي ڪليسا جي خانقاهي نظام جي تاريخ کي مطالعه ڪجي ٿو ته پتو پوي ٿو ته انهن ڪهڙي طرح پنهنجي جائز خواهشات کي ترڪ ڪيو. شادي واري زندگيءَ کي خيرباد چيائون ايتري

(١) ضياءُ القرآن صـ١٢٨ـ جلد ٥

قدر جو جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن مذهبي خدمت ڪرڻ جي لاءِ مقرر ٿيندو هو ته ان جي لاءِ شادي ڪري رهڻ عيب سمجهيو ويندو هو پر جيڪڏهن ڪو ان خدمت ڪرڻ جي لاءِ مقرر ٿيڻ وارو اڳ ۾ شادي شده هوندو هو ته ان تي لازم هو ته اهو پنهنجي زال کان ازدواجي تعلقات ڪٽي ڇڏي. اهڙي طرح عورتن کي به شادي نه ڪرڻ جي طرح طرح سان رغبت ڏياري ويندي هئي سينٽ جيرون مسيحن جو ممتاز عالم چوي ٿو ته جيڪا عورت مسيح جي لاءِ راهبه بنجي ساري عمر ڪنواري رهي اها مسيح جي ڪنوار آهي. اهڙين ڪيترين بدعنوانين کي قرآن حڪيم "فَمَا رَعَوْهَا حَقَّ رِعَايَتِهَا" (پوءِ ان جي رعايت جو جيڪو حق هو اها رعايت نه ڪيائون) جي هڪ جمله ۾ بيان فرمايو آهي. اسلام پنهنجي مڃيندڙن کي الله جلت صفاته جي عبادت جي ترغيب ڏني خواهشات نفس جي پيرويءَ کان روڪيو، دولت جي ناجائز محبت ۽ دنيوي آسائشن ۾ غرق ٿيڻ کان منع ڪيو پر ان دنيا کي ترڪ ڪرڻ ۽ نفس مارڻ جو اهو طريقو پنهنجي مڃڻ وارن کي نه سيکاريو جيڪو عيسائيت جي رهبانيت واري نظام جو خاصو آهي اسلام شاديءَ جي اجازت ڏني آهي ان پوکون پوکڻ، تجارت ۽ صنعت جو شوق ڏياريو آهي پاڪ، صاف رهڻ جي تلقين ڪئي آهي ماءُ، پيءُ، پيڻ ياءُ، زال ۽ اولاد جي حقوق جي ادائيگي لازم قرار ڏني آهي ته اهو پنهنجي نفس جا حق به ادا ڪري ۽ پاڻ کي اهڙين تڪليفن ۾ مبتلا نه ڪري جيڪي سندس صحت جي لاءِ نقصان ڏيندڙ هجن. ان متعلق مفسرن ڪجهه حديثون به آنديون آهن جن مان ثابت ٿئي ٿو ته مصطفیٰ ڪريم عليه الصلواة والسلام جي غلامن کي گهرجي ته جابرن ۽ آمرن جي سامهون سينو سپر ٿي بيهن تلوار، تير، قلم ۽ زبان سان جهاد جو ميدان گرم رکن ۽ ان حال ۾ جان ڏيڻ اسلامي رهبانيت جو ڪمال آهي. (١)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَاٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ

اي ايمان وارا! ڊڄوالله کان ۽ايمان آڻيوان جي رسول تي ته ڏيندواوهان کي به ڀاڱا پنهنجي رحمت مان

وَيَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ بِهٖ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ۗ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ

۽ ڪندو اوهان جي لاءِ نور جو هلندؤ اوهان ان سان ۽ بخش ڪندو اوهان کي ۽ الله بخشڻهار،

رَّحِيْمٌ (٢٨) لِّئَلَّا يَعْلَمَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَلَّا يَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَيْءٍ مِّنْ فَضْلِ اللّٰهِ

مهربان آهي تانته ڄاڻن اهل ڪتاب ته نه ٿا قادر ٿين ڪنهن شيءِ تي الله جي فضل مان

(١) ضياءُ القرآن ملخصا صـ١٢٩/ ١٣٠ـ جلد ٥

ع۴ ۲۰

وَاَنَّ الْفَضْلَ بِيَدِاللهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ (٢٩)

۽ بيشڪ ڀلائي الله جي هٿ ۾ آهي ڏي تو اهو جنهن کي گهري ۽ الله وڏي فضل وارو آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو تہ اهل ڪتاب مان جن صحيح ايمان آندو انهن جي لاءِ رب پاڪ وٽ اجر آهي ۽ هتي بيان ٿي رهيو آهي تہ جن اول حضرت عيسىٰ تي ۽ پوءِ حضرت محمد عليهما الصلواة والسلام تي ايمان آندو ۽ٻن نبين عليهم الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ جي ڪري الله جلت صفاتہ انهن کي ٻہ اجر ڏيندو. فرمان مبارڪ آهي "يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللهَ وَاٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ" (اي ايمان وارا! الله کان ڊڄو ۽ ان جي رسول (عليہ الصلواة والسلام) تي ايمان آڻيو تہ اوهان کي پنهنجي رحمت مان ٻہ حصا عطا ڪندو. مفسرن ڀلارن هن جو مفهوم بيان ڪندي لکيو آهي تہ اهل ڪتاب مان جن ماڻهن حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام تي صحيح ايمان آندو انهن کي ارشاد ڪيو پيو وڃي تہ اوهان کي اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ جي سعادت حاصل آهي هاڻي ختم المرسلين عليهم الصلواة والسلام تي بہ ايمان آڻيو جنهن تي ايمان آڻڻ جو تاڪيد اوهان جي نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام ڪيو هو ۽ جنهن جي آمد جي بشارت سان اوهان جا ڪتاب ڀريل آهن ان تي بہ سچي دل سان ايمان آڻيو تہ اوهان کي ان رحمت مان ٻہ ڀاڱا ملندا. "وَيَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ بِهٖ وَيَغْفِرْلَكُمْ وَاللهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" (۽ اوهان جي لاءِ نور ڪندو جنهن سان اوهان پنڌ ڪندا ۽ اوهان جا گناهہ بخشيندو ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي يعني الله جلت صفاتہ اوهان کي علم، هدايت ۽ نور ڏيندو جنهن سان اوهان جهل جي انڌيرن ۾ نہ ڀٽڪندا ۽ الله ايتري وڏي فضل وارو آهي جو ان جي اڳيان اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. "لِئَلَّا يَعْلَمَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَلَّا يَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَيْءٍ مِّنْ فَضْلِ اللهِ" (تانت اهلِ ڪتاب ڄاڻن تہ اهي الله جي فضل مان ڪنهن شيءِ تي قدرت نہ ٿا رکن. "لِئَلَّا يَعْلَمَ" ۾ "لا" زائده آهي ان جي معنىٰ نہ ڪئي ويندي جيئن "مامنعك الاتسجد" ۾ "لا" زائده آهي. (١) اهل ڪتاب سمجهندا هئا تہ اهي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جهڙي جليل القدر رسول ۽ ڪليم جا امتي آهن ڪين هن نبي، عربي، امي جي اطاعت جي ڪا ضرورت ناهي الله عزوجل جون سيئي رحمتون ۽ انعام انهن جي لاءِ مخصوص آهن هنن عرب جي بدوين جو ان ۾ ڪو بہ حصو ناهي.

(١) روح المعاني ص-١٩٣- جزءُ ٢٧ جلد ٩

الله جلت قدرتــه فرمايو تہ اي ايمان وارا! تقوىٰ کي پنهنجو شعار بنايو منهنجي پياري رسول عليـه الصلواة والسلام تي ايمان آڻيو، ان جي محبت سان مالامال ٿيو تانت مان اوهان تي پنهنجون خصوصي عنايتون ڪيان جن کي ڏسي اهل ڪتاب کي خبر پئجي وڃي تہ منهنجي رحمت جي خزانن تي انهن جو ڪو ڪنٽرول ناهي. "وَاَنَّ الْفَضْلَ بِيَدِاللهِ يُؤْتِيـهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ" (۽ بيشڪ ڀلائي الله جي (قدرتي) هٿ ۾ آهي جنهن کي گهري ٿو ڏي ٿو ۽ الله وڏي فضل وارو آهي) يعني انهن اهل ڪتاب کي اها بہ خبر پوي تہ ڀلائي الله عزوجل جي قدرتي هٿ ۾ آهي جيئن سندس حڪمت جي تقاضا آهي تيئن جنهن کي گهري ٿو عطا ڪري ٿو ۽ الله وڏي فضل وارو آهي سندس فضل انسان جي اندازي لڳائڻ کان مٿي آهي. (١)

فائدو: "يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ" (اوهان کي پنهنجيءَ رحمت مان ٻہ حصا ڏيندو) مان معلوم ٿيو تہ اهل ڪتاب کي ٻن نبين عليهم الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ جي ڪري ثواب جا ٻہ حصا ملندا هڪ پهرئين نبي عليـه الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ ۽ ان جي شريعت تي هلڻ جو ٻيو حضرت حبيب پاڪ عليــه الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ ۽ ان جي شريعت تي عمل ڪرڻ جو. ان ۾ هي اشارو بہ آهي تہ جيتوڻيڪ يهودي ۽ نصارىٰ خاتم الانبياءَ عليهـم الصلواة والسلام تي ايمان نہ آڻڻ وقت ڪافر هئا ۽ ڪافر جي ڪا بہ عبادت مقبول ناهي ان جي تقاضا هيءَ هئي تہ انهن اڳيئن شريعت تي جيڪو عمل ڪيو اهو سڀ برباد ٿي ويو مگر هن آيت هي ٻڌايو تہ ڪافر جڏهن مسلمان ٿئي ٿو تہ ان جا ڪفر جي زماني ۾ ڪيل نيڪ عمل سڀ بحال ڪيا وڃن ٿا ان جي ڪري ان کي ٻيڻو اجر ڏنو وڃي ٿو. (٢)

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون گنهگار اڄ بموٴرخــه ۴ صفر المظفر ١۴٢٦هہ الموافق ٢٠٠۵.٣.١۵ ع اڱاري جي رات بوقت ڏهہ لڳي پنجن منٽن تي پنهنجي آرام واري ڪمري ۾ سورة الحديد جو تفسير لکي پورو ڪيو. الله عزوجل جي رحمت ۾ اميد رکندي دلي دعا آهي تہ شال قادر ڪرم ڪري باقي رهيل تفسير بہ جلدي لکي پورو ڪرڻ جي سعادت ۽ نعمت نصيب ڪرڻ فرمائي. آمين يا ارحم الراحمين بحرمــــة حبيبك سيدنا محمد صلى الله تعالىٰ عليـه وعلىٰ آلـه وصحبـه اجمعين.

دعا جو طالب
محمد ادريس ڏاهري نقشبندي عفي عنه

(١) تيسير الڪريم الرحمٰن صـ١٩٠ـ جلد ۵
(٢) معارف القرآن صـ٣٣ـ جلد ٨

سُوۡرَةُ "الۡمُجَادَلَـةُ" جو تعارف

هن پلاري، بابرڪت سورة جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن ۾ وهارڻ نهايت اهم آهن.

نالومبارڪ: هن سورة مباركه جو نالو "اَلۡمُجَادَلَـةَ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت جي لفظ "تُجَادِلُكَ" مان ورتل آهي.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة پاڪ ۾ ٽي رڪوع، ٻاويهه (٢٢) آيتون، چار سوءِ ٽيهتر (٤٣٧) ڪلما ۽ ست سوءِ ٻيانوي (٧٩٢) حروف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، نحاس، العظمة ۾ ابوالشيخ ۽ بيهقي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ۽ ابن مردويـــه حضرت ابن الزبير رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ سورة "المجادلة" مدينه منوره ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول جو زمانو: گهڻو خيال اهو آهي تہ هيءَ سورة شوال پنجين سن هـ ۾ غزوه احزاب کان پوءِ نازل ٿي هئي سورة الاحزاب ۾ جيڪا ان غزوه کان بعد نازل ٿي هئي ظهار جي فيصلي کي اجمالي طور بيان ڪيو ويو آهي جنهن مان خبر پوي ٿي تہ هيءَ سورة "الاحزاب" کان پوءِ نازل ٿي آهي.

شان نزول: هن سورة جي شان نزول جي متعلق مفسرن سڳورن لکيو اهي تہ هڪ صحابيـه عورت خولـة بنت ثعلبـه رضي الله عنها جي سندس سوٽ اوس بن صامت رضي الله عنـه سان شادي ٿي هئي اهو جڏهن پوڙهو ٿيو تہ ان جي طبيعت ۾ ڪاوڙ گهڻي پيدا ٿي ۽ ٿوري گهڻي ڳالهہ ٿي گهرواريءَ سان جهڳڙو، جهيڙو ڪري ڏيندو هو. هڪ ڏينهن گهرواريءَ سان جهيڙو ڪندي ان کي چيائين تہ "اَنۡتَ عَلَيَّ كَظَهۡرِاُمِّيۡ" (تون مون تي ائين آهين جيئن منهنجي ماءُ جي پٺي) جاهليت جي دور ۾ هي طلاق جا الفاظ هئا. حضرت بيبي خولـه رضي الله عنها اهو ٻڌي تمام گهڻو پريشان ٿي وڏي عمر ۾ پنهنجي گهر ڦٽڻ جي غم ۽ پنهنجن ننڍن ٻچڙن جي فڪر ان کي بي چين ۽ بي قرار ڪري وڌو. نبي ڪريم عليـه الصلواة والسلام جي خدمت عاليـه ۾ اچي عرض ڪيائين تہ پاڻ ان کي فرمايائون تہ "ان مسئلي جي متعلق اجان مون تي ڪو حڪم نازل نہ ٿيو آهي" اها وري وري عرض ڪرڻ لڳي تہ هن وڏيءَ عمر ۾ مان ڪيڏانهن وينديس، منهنجي ٻچڙن جو ڇا ٿيندو؟ منهنجو نهيل گهر ڦٽي ويندو. حضرت حبيب ڪريم عليـه الصلواة والسلام جن ان کي ساڳيو جواب ڏيندا رهيا تانجو حضور پاڪ

(١) خازن صـ٢٢٥ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور صـ٢٩ـ جلد ٨

عليه الصلواة والسلام جن تي وحي جي ڪيفيت طاري ٿي ۽ ان مسئلي جي باري ۾ تفصيلي احڪام نازل ٿيا. (١)

مضمون: هن جي ابتدائي ڇئن آيتن ۾ ظهار جي مسئلي ڪي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي پنجين ڇهين آيت ۾ انهن ماڻهن کي تنبيه ڪيل آهي جيڪي الله جلت عظمته ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام جي مخالفت ڪن ٿا. ستين ۽ اٺين ۽ آيت ۾ منافقن کي متنبه ڪيو ويو آهي جيڪي خفيه منصوبا ٺاهي، لڪ ۾ مشورا ڪري، اسلام جي خلاف سازشون تيار ڪندا هئا انهن کي ٻڌايو ويو آهي ته اوهان جتي به ويهي خفيه سازشون ٺاهيو ٿا الله عزاسمه ڪان لڪل ناهن اهو اوهان سان گڏ آهي اوهان جي ڳالهين کي ٻڌي ٿو اوهان جي چرپر ڪان چڱيءَ طرح واقف آهي اوهان يقين رکو ته اوهان پنهنجي چرپر، حرڪتن ۽ ناپاڪ ڪوشش سان اسلام کي ڪو نقصان ڏئي نه سگهندؤ پر انهن براين جي بدلي ۾ اوهان جي جاءِ جهنم هوندو جيڪو نهايت دردناڪ عذاب سان ڀريل آهي. ان ڪان پوءِ مسلمانن کي نصيحت ڪئي وڃي ٿي ته اوهان جا به مشورا ۽ صلاحون الله عزاسمه ۽ ان جي دين جي خلاف بغاوت جي جهنڊي کي بلند ڪرڻ جي لاءِ نه هجن بلڪ اوهان کي پنهنجين مجلسن ۾ اهڙين تدبيرن تي غور ڪرڻ گهرجي جن سان چڱن ڪمن کي فروغ حاصل ٿئي ۽ الله جلت عظمته جي دين جي سربلندي رهي. آيت عـ١١ـ عـ١٢ـ عـ١٣ـ ۾ مجلس جي آداب جي تعليم ڏني وئي آهي ته جڏهن اوهان ڪنهن محفل ۾ ويهو ۽ ٻاهران ڪو ماڻهو اچي ته ان کي ويهڻ جي جاءِ ڏيو ائين نه ٿئي جو اهو دروازي چائنٹ تي ويهڻ جي لاءِ مجبور ٿئي يا بيٺو رهي يا واپس وڃڻ تي مجبور ٿئي ۽ اوهان کي اهو به خيال رکڻ گهرجي ته جنهن شخصيت جي ملاقات لاءِ اوهان آيا آهيو ان کي پنهنجون مصروفتيون به آهن ان جي ڪري ان وٽ ضرورت جي مطابق ويهو ان ڪان پوءِ خودبخود اجازت وٺي هليا وڃو ڇو ته جيڪڏهن اها شخصيت اوهان کي پاڻ اٿڻ جي لاءِ چوي ته اوهان کي دل ۾ ڏک ٿيندو. اهڙي طرح ڪيترين ٻين رسمن کي ڇڏڻ جو حڪم ڪيل آهي جيڪي جاهليت جي دور ۾ جاري هيون. آخري رڪوع ۾ ٻڌايو ويو آهي ته انسانن جا ٻه ٽولا آهن ١. حِزْبُ الشَّيْطَانِ (شيطان جو ٽولو) ٢. حِزْبُ اللهِ (الله عزوجل جو ٽولو) انهن ٻنهي ٽولن جون حالتون ۽ خصوصيتون به بيان ڪيون ويون آهن تانت هر شخص پنهنجي باري ۾ فيصلو ڪري سگهي ته اهو ڪهڙي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ گهري ٿو.

(١) ضياءُ القرآن صـ١٣ـ جلد ٥

اڳيئن سورة سان تعلق ۽ ربط: اڳيئـن سـورة الحديـد ۾ الله عزوجـل پنهنجـون صفتون اول، آخر، ظاهر ۽ باطن بيان فرمايون ۽ هتي پنهنجي ٻڌڻ واري صفت کي بيان ڪندي فريائين "قَدْ سَمِعَ اللّٰهُ" تحقيق الله تعالىٰ ٻڌو.

پڙهڻ جون برڪتون: ثعلبي پنهنجي تفسير ۾ حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنـه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن فرمايو "مَنْ قَرَءَ سُورَةَ المجادَلَـةِ كُتِبَ مِنَ حِزَبِ اللهِ تَعَالىٰ يَوُمَ الْقِيمَـةِ" (١) يعني جنهن سورة المجادلـة تلاوت ڪئي تہ اهو قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ جي لشڪر مان لکيو ويندو.



(١) اللباب في علوم الكتٰب صـ٥٦١ـ جلد ١٨

وَهِيَ اثْنَتَانِ وَعِشْرُوْنَ آيَةً	سُوْرَةُ الْمُجَادَلَةُ مَدَنِيَّةٌ	وَثَلاثُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها ٢٢ آيتون	سورة مجادله مدنيه آهي	۽ ٽي رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

قَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّتِيْ تُجَادِلُكَ فِيْ زَوْجِهَا

تحقيق ٻڌو الله قول ان جو جيڪا تڪرار ڪري پئي توسان پنهنجي مڙس جي باري ۾

وَتَشْتَكِيْ اِلَى اللّٰهِ وَاللّٰهُ يَسْمَعُ تَحَاوُرَكُمَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ

۽ شڪايت ڪري پئي الله وٽ ۽ الله ٻڌي پيو اوهان جي هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ کي بيشڪ الله ٻڌندڙ

بَصِيْرٌ (١) اَلَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ مِنْكُمْ مِّنْ نِّسَآئِهِمْ مَّا هُنَّ اُمَّهٰتِهِمْ ؕ

ڏسندڙ آهي اهي ٻانها جيڪي ظهار ڪن ٿا اوهان مان پنهنجين زالن کان ناهن اُهي مائرون انهن جون

اِنْ اُمَّهٰتُهُمْ اِلَّا الّٰٓـىِٕيْ وَلَدْنَهُمْ ؕ وَاِنَّهُمْ لَيَقُوْلُوْنَ مُنْكَرًا مِّنَ الْقَوْلِ

ناهن مائرون انهن جون مگر جن ڄڻيو انهن کي ۽ بيشڪ اهي البت چون ٿا هڪ ناپسند ڪيل قول

وَزُوْرًا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ (٢) وَالَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ مِنْ نِّسَآئِهِمْ

۽ ڪوڙ ۽ بيشڪ الله البت معاف ڪندڙ بخشڻهار آهي ۽اهي ٻانها جو ظهار ڪن ٿا پنهنجن زالن کان

ثُمَّ يَعُوْدُوْنَ لِمَا قَالُوْا فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّتَمَآسَّا ؕ

ان کان پوءِ موٽن ٿا ان جي لاءِ جو چيائون پوءِ آزاد ڪرڻ آهي ٻانهي جوان کان اڳي جوهٿ لڳائن

ذٰلِكُمْ تُوْعَظُوْنَ بِهٖ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ (٣) فَمَنْ لَّمْ

اهو نصيحت ڪيا وڃو ٿا ان سان ۽ الله جيڪي ڪيو ٿا ان جي خبر رکندڙ آهي پوءِ جنهن نه لڌو

يَجِدْ فَصِيَامُ شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّتَمَآسَّا ؕ فَمَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ

پوءِ روزو رکڻ ٻن مهينن لاڳيتن جو آهي ان کان اڳي جو هٿ لڳائن پوءِ جيڪو نه ٿو ڪري سگهي

الجزء ٢٨

فَاِطۡعَامُ سِتِّیۡنَ مِسۡکِیۡنًا ؕ ذٰلِکَ لِتُؤۡمِنُوۡا بِاللّٰہِ وَرَسُوۡلِہٖ ؕ وَتِلۡکَ

پوءِ طعام کارائڻ آهي سٺ مسڪينن کي اهو تانت ايمان آڻيو الله تي ۽ ان جي رسول تي ۽ اهي

حُدُوۡدُ اللّٰہِ ؕ وَلِلۡکٰفِرِیۡنَ عَذَابٌ اَلِیۡمٌ (۴)

الله جون حدون آهن ۽ ڪافرن جي لاءِ عذاب دردناڪ آهي

تفسير

اڳيئن سورة جي آخري آيتن ۾ بيان ٿيو ته ڀلائي ۽ فضل الله عزوجل جي قدرتي هٿ ۾ آهي جنهن کي گهري ان کي عطا ڪري ٿو ۽ هتي ان ئي فضل جو هڪ واقعو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "قَدۡ سَمِعَ اللّٰہُ قَوۡلَ الَّتِیۡ تُجَادِلُکَ فِیۡ زَوۡجِهَا وَتَشۡتَکِیۡۤ اِلَی اللّٰہِ وَاللّٰہُ یَسۡمَعُ تَحَاوُرَ کُمَا اِنَّ اللّٰہَ سَمِیۡعٌۢ بَصِیۡرٌ" (تحقيق الله ان جو قول ٻڌو جيڪا توسان پنهنجي مڙس جي باري ۾ تڪرار ڪري پئي ۽ الله وٽ شڪايت ڪري پئي ۽ الله اوهان ٻنهي جي (هڪ ٻئي سان) ڳالهائڻ کي ٻڌي پيو بيشڪ الله ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي) هن جو شان نزول ته تعارف ۾ لکي آيا آهيون هتي صرف مقصد بيان ڪجي ٿو. اسلام کان پهريان عرب ۾ هي رواج هو ته جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي زال کي چوندو هو ته "اَنۡتِ عَلَیَّ کَظَهۡرِ اُمِّیۡ" (تون مون تي ائين آهين جيئن منهنجي ماءُ جي پٺي) ان چوڻ سان اهو نڪاح ختم سمجهندا هئا ۽ اها عورت ان مرد تي هميشه جي لاءِ حرام سمجهي ويندي هئي ۽ نڪاح موٽائڻ جو دروازو بند سمجهيو ويندو هو ان کي اهي پنهنجي اصطلاح ۾ ظهار جي طلاق چوندا هئا. حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي دور ۾ جڏهن خوله (رضي الله عنها) نالي عورت کي سندس مڙس ظهار جي طلاق ڏني ۽ وري ان کي پاڻ ڏانهن سڏيو ته خوله رضي الله عنها ان سان انڪار ڪندي ان کي چيو ته هي مسئلو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کان پڇون ٿا جيئن پاڻ فرمائيندا تيئن ڪنداسون پوءِ انهيءَ حبيب پاڪ عليه الصلواةُ والسلام جي خدمت ۾ اچي سموري حقيقت بيان ڪئي پاڻ فرمايائونس ته "اڃان ان جي متعلق الله عزوجل جي طرفان ڪو فيصلو نه آيو آهي" اها ان سلسلي ۾ هر هر عرض ڪندي رهي حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ڪيس ساڳيو جواب ڏيندا رهيا تانجو الله عزوجل پنهنجي ان ٻانهيءَ جو عرض ٻڌي قبول فرمايو ۽ جبريل امين هي آيتون کڻي نازل ٿيو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ان کي فرمايو ته اي خوله! خوش ٿيءُ الله تعالىٰ تنهنجي باري ۾ فيصلو نازل فرمايو آهي "وج

پنهنجي مڙس کي وٺي اچ" جڏهن ان جو مڙس حاضر ٿيو ته پاڻ ان کي فرمايائون ته "غلام آزاد ڪر" ان عرض ڪيو ته "مون وٽ غلام ناهي" فرمايائونس ته "پوءِ ٻه مهينا مسلسل روزا رک" ان عرض ڪيو ته يارسول الله! جيڪڏهن مان ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا نه کاوان ته منهنجي اکين جي نظر ڪم نه ٿي ڪري مان ايتري مدت روزا ڪيئن رکي سگهندس. فرمايائونس ته "پوءِ سٺ مسڪينن کي کاڌو کاراءِ" عرض ڪيائين ته آقا مان صفا غريب ۽ نادار آهيان اوهان منهنجي مدد فرمايو ته پوءِ مان کاڌو کارائي سگهان ٿو. محبوب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ان کي پندرهن صاع (ٽويا) اناج ڏنو ۽ ان سٺ مسڪينن کي کاڌو کارايو ۽ بيبي خوله رضي الله عنها پنهنجي گهر ۾ واپس رهڻ لڳي. مذکوره آيتن ۾ اهو مسئلو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي ته اي حبيب! (عليه الصلواة والسلام) يقينًا الله عزوجل ان عورت جو قول ٻڌو جيڪا اوهان سان پنهنجي مڙس جي باري ۾ بحث ۽ تڪرار ڪري هر هر مسئلو پڇي رهي هئي ۽ پنهنجي غم ۽ پريشانيءَ واري حال جي الله عزوجل کي دانهن ڏئي رهي هئي ۽ الله عزوجل اوهان جي هڪ ٻئي سان تيندڙ گفتگو ٻڌي رهيو آهي بلاشڪ الله عزبرهانه ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي. "اَلَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ مِنْكُمْ مِّنْ نِّسَآئِهِمْ مَّا هُنَّ اُمَّهٰتِهِمْ اِنْ اُمَّهٰتُهُمْ اِلَّا الّٰٓـِٔيْ وَلَدْنَهُمْ" (جيڪي اوهان مان پنهنجين زالن کان ظهار ڪن ٿا. اهي سندن مائرون ناهن سندن مائرون ته صرف اهي آهن جن کين ڄڻيو آهي) هن آيت ۾ ان طريقي جي مذمت ڪئي وئي آهي ته هيءَ ڪيتري بري ڳالهه آهي جو انسان پنهنجي زال کي پنهنجي ماءُ چوي، ڇا ائين چوڻ سان زال ماءُ ٿي سگهندي؟ ماءُ ته اها آهي جنهن کيس ڄڻيو آهي. هڪ عورت جنهن ان کي ڄڻيو ناهي پر ڪيترو وقت سندس زال ٿي رهي آهي ۽ ان مڙس کي ان مان اولاد به ٿيو آهي هاڻي ان زال کي ماءُ سڏڻ نهايت برو آهي. "وَاِنَّهُمْ لَيَقُوْلُوْنَ مُنْكَرًا مِّنَ الْقَوْلِ وَزُوْرًا وَاِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ" (۽ بلاشڪ اهي برو قول ۽ ڪوڙ چون ٿا ۽ بيشڪ الله البت معاف ڪندڙ، بخشڻهار آهي) يعني زال کي ماءُ جي پٺيءَ سان تشبيه ڏيڻ برو قول ۽ ڪوڙ آهي هجڻ ته ائين گهرجي جو ان تي سزا ڏني وڃي پر الله عز برهانه گهڻو معاف ڪندڙ ۽ ٻانهن کي قصور بخش ڪندڙ آهي ان جي ڪري ان ڪريم عفو ۽ درگذر فرمائيندي ائين چوندڙن کي وڏي سزا نه ڏني آهي. "وَالَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ مِنْ نِّسَآئِهِمْ ثُمَّ يَعُوْدُوْنَ لِمَا قَالُوْا فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّتَمَآسَّا ذٰلِكُمْ تُوْعَظُوْنَ بِهٖ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ" (۽ جيڪي پنهنجين زالن کان ظهار ڪن ٿا ان کان پوءِ جيڪو چيائون ان ڏانهن موٽڻ گهرن ٿا ته پوءِ اهي "هڪ ٻئي کي" هٿ لڳائڻ کان اڳي ٻانهو آزاد ڪن، اهو ان سان اوهان نصيحت ڪيا وڃو ٿا ۽ الله جيڪي

ڪيو تہ ان جي خبر رکندڙ آهي) يعني جيڪي مڙس زالن کي ظهار جي طلاق ڏئي وٺا آهن ان کان پوءِ جيڪو چئي وٺا ان ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرن تہ تہ اهي انهن زالن کي هٿ لائڻ کان پهريان غلام خريد ڪري آزاد ڪن. اوهان ان سان نصيحت ڪيا وڃو تہ ان تي عمل ڪيو ۽ جيڪي ڪجهہ اوهان ڪيو تہ الله عزاسمـــہ ان جي پوري پوري خبر رکندڙ آهي. "فَمَنۡ لَّمۡ يَجِدۡ فَصِيَامُ شَهۡرَيۡنِ مُتَتَابِعَيۡنِ مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ يَّتَمَآسَّا" (پوءِ جنهن نہ لڌو تہ پوءِ ٻہ لاڳيتا مهينا روزا رکڻ آهن ان کان اڳي جو هڪ ٻئي کي هٿ لڳائن) يعني ظهار طلاق جي ڪفارت ادا ڪرڻ واري وٽ جيڪڏهن غلام موجود ناهي ۽ نہ ان ۾ غلام خريد ڪرڻ جي طاقت آهي تہ اهو زال کي هٿ لڳائڻ کان پهريان ٻہ مهينا مسلسل روزا رکي. جيڪڏهن ان انهن روزن جي وچ ۾ زال سان صحبت ڪئي تہ روزا وري نئين سرر کندو. روزي رکڻ واري کي گهرجي تہ اهو اهڙي وقت ۾ روزا شروع ڪري جو ان جي وچ ۾ رمضان شريف مهينو، عيدالفطر، عيدالاضحیٰ يا تشريق جا ڏينهن نہ اچن تانت اهو لاڳيتا روزا پورا ڪري سگهي. "فَمَنۡ لَّمۡ يَسۡتَطِعۡ فَاِطۡعَامُ سِتِّيۡنَ مِسۡكِيۡنًا" (پوءِ جيڪڏهن نہ ڪري سگهي تہ پوءِ سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائڻ آهي) يعني جيڪڏهن اهو روزي رکڻ تي بہ قادر نہ هجي تہ پوءِ اهو سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائي. قادر نہ هجڻ جو مطلب آهي تہ ان جي جسماني صحت روزا برداشت ڪري نہ ٿي سگهي يا پيڙو آهي ايترو عرصو لڳاتار روزا رکڻ ان جي لاءِ مشڪل آهن يا ان کي اهو ڊپ آهي تہ اهو ٻہ مهينا روزن رکڻ وارا انتظار ڪري نہ سگهندو. ان جي وچ ۾ گهرواريءَ سان صحبت ڪري وجهندو تہ انهن صورتن ۾ اهو سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائي. "ذٰلِكَ لِتُؤۡمِنُوۡا بِاللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ وَتِلۡكَ حُدُوۡدُ اللّٰهِ" (اهو تانت اوهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان رکو ۽ اهي الله جون حدون آهن) هتي "لِتُؤۡمِنُوۡا" مان مراد آهي "لتصدقوا" يعني اوهان تي لازم آهي تہ هي الله ۽ ان جي رسول عليـــہ الصلواة والسلام جو ارشاد آهي ان جي تصديق ڪيو ۽ ان جي مفهوم هيءَ بہ بيان ڪئي وئي آهي تہ اوهان الله عزوجل جا مطيع هجو ان جي حدن تي قائم رهو ان جون مقرر ڪيل حدون نہ ٽوڙيو. "وَلِلۡكٰفِرِيۡنَ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ" (۽ ڪافرن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي) هتي ڪافرن مان مراد اهي ماڻهو ناهن جيڪي الله عزوجل جي توحيد يا نبي ڪري عليـــہ الصلواة والسلام جي رسالت جو انڪار ڪندا آهن بلڪ اهي ماڻهو مراد آهن جيڪي الله عزوجل جي احڪام کي تسليم نہ ڪندي ان جي قائم ڪيل حدن کي ٽوڙيندا آهن ۽ انهن کي ڪافر انهن تي سختي ڪرڻ جي لاءِ سڏيو ويو آهي. (١)

(١) روح المعاني صـ٢٠ــ جزءُ ٢٨ جلد ١٠

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "تُجَادِلُكَ" (اوهان سان تڪرار پئي ڪري) مان معلوم ٿيو ته نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام سان بحث ڪرڻ ڪڏهن الله عزوجل کي پيارو هوندو آهي ۽ ڪڏهن ناپسند. هن عورت جو حضور عليه الصلواة والسلام سان تڪرار يا بحث مخالفت جي لاءِ نه بلڪ مهرباني ۽ ڪرم جي طلب ڪرڻ لاءِ هو. بيبي خوله رضي الله عنها کي مڙس ظهار جي طلاق ڏني ته اها سخت پريشان ٿي ۽ هرهر ان مسئلي جي حل ڪرڻ لاءِ عرض ڪندي رهي ان عرض ڪرڻ کي تڪرار جي لفظ سان بيان ڪيو ويو آهي. ٢. "وَتَشْتَكِيْ اِلَى اللهِ" (۽ الله عزوجل جي بارگاهه ۾ شڪايت عرض ڪري رهي آهي) مان معلوم ٿيو ته پانهو رب العزة جل مجده جي بارگاهه ۾ وري وري عرض ڪري ته ڀلي ڪري ۽ اهو به واضح ٿيو ته حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جي خدمت عاليه ۾ عرض ڪرڻ درحقيقت الله عزوجل جي دربار ۾ عرض ڪرڻ آهي ڇو ته بيبي خوله رضي الله عنها عرض ته حضرت حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام کي ڪيا هئا پر مالڪ الملڪ جل جلاله فرمايو ته الله وٽ شڪايت ڪري رهي آهي. ٣. "وَاللهُ يَسْمَعُ تَحَاوُرَ كُمَا" (۽ الله اوهان جي هڪ ٻئي سان گفتگو کي ٻڌي پيو) مان معلوم ٿيو ته الله عزوجل قبوليت سان اهو عرض ٻڌي ٿو جيڪو حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي واسطي سان يا خود حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ڪيو ويندو آهي. حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ڇڏي ڪري جيڪا دعا ڪئي ويندي اها قبول ناهي الله عزوجل فرمايو آهي. "وَمَا دُعَاءُ الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ" (۽ ڪافرن جي دعا ته گمراهيءَ ۾ آهي. (١)

اِنَّ الَّذِيْنَ	يُحَآدُّوْنَ اللهَ وَرَسُوْلَهٗ	كُبِتُوْا	كَمَا كُبِتَ
بيشڪ اهي ڀانها جيڪي	مخالفت ڪن ٿا الله جي ۽ ان جي رسول جي	ذليل ڪيا ويا	جيئن ذليل ڪيا ويا

الَّذِيْنَ	مِنْ قَبْلِهِمْ	وَقَدْ اَنْزَلْنَا	اٰيٰتٍ	بَيِّنٰتٍ	وَلِلْكٰفِرِيْنَ
اهي جيڪي	انهن کان اڳي هئا	۽ تحقيق نازل ڪيون	اسان آيتون	چٽيون	۽ ڪافرن جي لاءِ

عَذَابٌ مُّهِيْنٌ (٥)	يَوْمَ	يَبْعَثُهُمُ	اللهُ جَمِيْعًا	فَيُنَبِّئُهُمْ	بِمَا عَمِلُوْا
خوارڪندڙ عذاب آهي	جنهن ڏينهن	اٿاريندو انهن کي	الله پوءِ	خبر ڏيندو انهن کي	ان جي جيڪي ڪيائون

(١) نورالعرفان ص-٨٦٥-

اَحْصٰـهُ اللهُ وَنَسُوْهُ ۭ وَاللهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ (٦) اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللهَ

ڳڻي رکيو ان کي الله ۽ وساريائون ان کي ۽ الله هر شيءِ تي شاهد آهي ڇا نہ ڏٺو تو تہ بيشڪ الله

يَعْلَمُ مَافِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ۭ مَايَكُوْنُ مِنْ نَّجْوٰى ثَلٰثَةٍ اِلَّا

ڄاڻي ٿو اهو جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي نہ ٿي هجي ڪا صلاح ٽن جي مگر

هُوَ رَابِعُهُمْ وَلَاخَمْسَةٍ اِلَّا هُوَ سَادِسُهُمْ وَلَآاَدْنٰى مِنْ ذٰلِكَ

اهو انهن جو چوٿون آهي ۽ نہ پنجن جي مگر اهو انهن جو ڇهون آهي ۽ نہ گهٽ ان کان ۽ نہ گهڻا

وَلَآ اَكْثَرَ اِلَّا هُوَ مَعَهُمْ اَيْنَ مَاكَانُوْا ۚ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا

مگر اهو انهن سان گڏ آهي جتي بہ هوندا ان کان پوءِ خبر ڏيندو انهن کي ان جي جيڪو ڪيائون

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ اِنَّ اللهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ (٧)

قيامت جي ڏينهن بيشڪ الله هرشيءِ ڄاڻندڙ آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ طلاق ظهار جي حڪم جو بيان ٿيو ۽ هتي ٻانهن کي متنبہ ڪيو ويو آهي تہ الله عزوجل جي احڪام جي مخالفت ڪرڻ وارا ذليل ٿيندا. فرمان مبارڪ آهي "اِنَّ الَّذِيْنَ يُحَآدُّوْنَ اللهَ وَرَسُوْلَهٗ كُبِتُوْا كَمَا كُبِتَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ" (بلاشڪ جيڪي الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪن ٿا ائين ذليل ڪيا ويندا جيئن انهن کان اڳيان ذليل ڪيا ويا هئا) مطلب تہ جيڪي الله ۽ ان جي رسول عليہ الصلواة والسلام جي مقرر ڪيل احڪام کان هٽي پاڻ پنهنجا احڪام جاري ڪن ٿا اهي اهڙا ذليل ۽ خوار ٿيندا جهڙا اڳيان بي فرمان شخص ذليل ۽ خوار ٿيا هئا ۽ اها ڳالهہ خندق واري جنگ ۾ ثابت ٿي هئي. (١) "وَقَدْ اَنْزَلْنَا اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ" (۽ تحقيق اسان روشن آيتون نازل فرمايون آهن) مطلب تہ جڏهن اسان روشن دليل نازل ڪري شريعت جون حدون تفصيلي احڪام بيان ڪيا آهن تہ پوءِ انهن جي مخالفت ڇو ٿا ڪن؟ "وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ" (۽ ڪافرن جي لاءِ خوار عذاب ڪندڙ آهي) يعني الله عزوجل ۽ ان جي پياري رسول عليہ الصلواة والسلام جي مخالفت ڪندڙ ڪافرن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي جنهن سان خوار ٿيندا. دنيا ۾ بدنام ۽ ذليل ٿيندا آخرت ۾ جهنم جي پڙڪندڙ باهہ ۾ پوندا.

(١) المراغي ص-٩- جزءُ ٢٨ جلد ١٠

"يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللهُ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا" (جنهن ڏينهن الله انهن سيني کي اٿاريندو پوءِ جيڪي ڪيو هونداٺون ان جي کين خبر ڏيندو) مطلب تہ اي حبيب عليہ الصلواة والسلام انهن کي اهو ڏينهن ياد ڏياريو جڏهن پهريان ۽ پويان گڏ ٿي اٿندا ۽ کين سندن هر عمل جي خبر ڏني ويندي. "اَحْصٰــهُ اللهُ وَنَسُوْهُ" (الله ان کي ڳڻي رکيو آهي ۽ انهن ان کي وساري ڇڏيو آهي) يعني انهن پاڻ پنهنجي ڪيلن عملن کي وساري ڇڏيو آهي پر الله عزوجل وٽ اهي محفوظ ۽ مضبوط رکيل آهن. "وَاللهُ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ شَهِيْدٌ" (۽ الله هر شيءِ تي شاهد آهي) هر شيءِ کي ڏسي ٿو ان کان ڪا بہ شيءِ لڪل، غائب ۽ مخفي ناهي ان کان ڊڄي برايون نہ ڪجن ڀلا ڪم ڪرڻ گهرجن. "مَا يَكُوْنُ مِنْ نَّجْوٰى ثَلٰثَـةٍ اِلَّاهُوَ رَابِعُهُمْ وَلَاخَمْسَـةٍ اِلَّاهُوَ سَادِسُهُمْ وَلَآ اَدْنٰى مِنْ ذٰلِكَ وَلَآ اَكْثَرَ اِلَّاهُوَ مَعَهُمْ اَيْنَ مَا كَانُوْا" (نہ ٿو ٽن جو هجي مشورو ٿن جو مگر اهو انهن سان چوٿون آهي ۽ نہ پنجن جو مگر اهو انهن سان ڇهون آهي ۽ نہ ان کان گهٽ آهن ۽ نہ گهڻا مگر اهو انهن سان گڏ آهي جتي هوندا) مطلب تہ ڪا بہ ميٽنگ يا مشوري ڪرڻ جي لاءِ خفيہ گڏجاڻي ٿيندي آهي تہ الله عزوجل پنهنجي علم محيط سان انهن سان گڏ هوندو آهي جيڪڏهن ٽي آهن تہ چوٿون انهن سان الله عزوجل آهي ۽ جيڪڏهن پنج آهن تہ ڇهون انهن سان الله عزوجل آهي اهي گهٽ آهن يا گهڻا ڪٿي بہ آهن تہ رب العزة جل شانہ پنهنجي قدرت، قوت ۽ علم واري شان سان انهن کان جدا پري يا بي خبر ناهي. "ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَـةِ اِنَّ اللهَ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيْمٌ" (ان کان پوءِ جيڪي عمل ڪيائون انهن جي کين قيامت جي ڏينهن خبر ڏيندو بلاشڪ الله هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي) مطلب تہ ڀلا يا برا جيڪي بہ عمل ڪيا هونداٺون کين انهن جو بدلو ڏيندو ۽ کين خبر ڏيندو ڇو تہ اهو هر شيءِ جي علم رکڻ وارو آهي. مفسرن سڳورن فرمايو آهي تہ الله تعالیٰ هن آيت جي شروعات "يعلم" سان ۽ انتها "عليم" سان ڪري ٻانهن کي متنبہ ڪيو تہ الله جل مجده جو علم جزءيات ۽ ڪليات کي احاطو ڪندڙ آهي ان کان ڪا بہ شيءِ مخفي ۽ لڪل ناهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ملن ٿا. ١. آيت عـ٥ـ مان معلوم ٿيو تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي مخالفت ڪرڻ الله عزوجل جي مخالفت ڪرڻ آهي ڇو تہ سڌو سنئون الله عزوجل جي مخالفت ڪير ڪري نہ سگهندو ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ الله جل جلالــہ جي پيارن ٻانهن جي دشمنن لاءِ جنگ جو اعلان بہ آهي تہ انهن جي مغلوب هجڻ جو اعلان بہ آهي. جيئن حديث پاڪ ۽ هن آيت مان معلوم ٿي رهيو آهي.

(١) صفوة التفاسير صـ٣٣٨ـ جلد ٣

٢. "اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ" (روشن نشانيون) مان مراد يا اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام کي عطا ڪيل معجزا آهن يا حضور عليــه الصلواة والسلام کي عطا ڪيل معجزا ۽ قرآن پاڪ جون آيتون آهن جيڪي اهڙيون روشن آهن جو انهن سان حضور پرنور عليــه الصلواة والسلام جي نبوت ۽ رسالت واضح آهي. ٣. "يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا" (جنهن ڏينهن انهن سيني کي الله اٿاريندو) مان معلوم ٿيو ته اٿاريا ته سڀ ويندا پر سيني کان اول اسان جا سهڻا نبي اٿاريا ويندا پوءِ ٻيا. ڪي سزا ڏيڻ جي لاءِ ته ڪي جزا جي لاءِ ڪي وري يار جي ديدار جي لاءِ. هر ڪنهن جي اٿارڻ جي منشا مختلف هوندي. ۴. "اِلَّا هُوَ مَعَهُمْ" (مگر اهو انهن سان گڏ آهي) مان معلوم ٿيو ته الله عزوجل ٻانهن کي ڏسي ٿو، انهن کي ڄاڻي ٿو، انهن جي هر ڳالهه ٻڌي ٿو نه ته ان جو ڪنهن جاءِ ۾ هجڻ ناممڪن آهي مقصد آهي ته ٻانهو اهو تصور رکندو ته الله ان سان گڏ آهي ته گناهه نه ڪندو.

اَلَمْ تَرَ	اِلَى الَّذِيْنَ	نُهُوْا	عَنِ النَّجْوٰى	ثُمَّ	يَعُوْدُوْنَ
ڇا نه ڏٺو	تو انهن ڏانهن جيڪي روڪيا ويا		لڪل وڏي صلاح ڪرڻ کان		ان کان پوءِ ورن تا

لِمَا نُهُوْا عَنْهُ	وَيَتَنٰجَوْنَ بِالْاِثْمِ	وَالْعُدْوَانِ	وَمَعْصِيَتِ الرَّسُوْلِ
ان جي لاءِ جو روڪيا ويا	ان کان ۽ وڏو مشورو ڪن تا گناهه جو ۽	ظلم جو ۽	رسول جي بي فرماني جو

وَاِذَا جَآءُوْكَ	حَيَّوْكَ	بِمَا	لَمْ يُحَيِّكَ	بِهِ	اللّٰهُ
۽ جڏهن آيا تو وٽ ته مرحبا ڪيائون	تنهنجي	انهن لفظن سان جو	نه مرحبا ڪئي تنهنجي	ان سان	الله

وَيَقُوْلُوْنَ	فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ لَوْلَا يُعَذِّبُنَا	اللّٰهُ	بِمَا	نَقُوْلُ
۽ چون پيا	پنهجين دلين ۾ ته ڇو نه ٿو عذاب ڪري اسان کي	الله	ان جي ڪري جو	اسين چئون تا

حَسْبُهُمْ	جَهَنَّمُ يَصْلَوْنَهَا ج فَبِئْسَ الْمَصِيْرُ (٨)	يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
ڪافي آهي انهن جي لاءِ	جهنم داخل ٿيندا ان ۾ پوءِ بري جاءِ موٽڻ جي آهي	اي ايمــان وارؤ!

اِذَا تَنَاجَيْتُمْ	فَلَا تَتَنَاجَوْا	بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ	وَمَعْصِيَتِ الرَّسُوْلِ
جڏهن ڪو مشورو ڪيو	ته پوءِ نه مشورو ڪيو	گناهه جو ۽ ظلم جو ۽	رسول جي بي فرمانيءَ جو

وَتَنَاجَوْا	بِالْبِرِّ وَالتَّقْوٰى	وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اِلَيْهِ	تُحْشَرُوْنَ (٩)
۽ مشورو ڪيو	نيڪيءَ جو ۽ پرهيزگاريءَ جو	۽ ڊڄو الله کان جو ان ڏانهن	اوهان اٿاريا ويندؤ

اِنَّمَا النَّجْوٰى مِنَ الشَّيْطٰنِ	لِيَحْزُنَ	الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَيْسَ بِضَآرِّهِمْ	

اهو مشورو تہ شيطان جي طرفان آهي تانت ڏک ڏي انهن کي جن ايمان آندو ۽ ناهي نقصان ڏيندڙ

شَيْئًا اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ (١٠) يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا

انهن کي ڪجھ بہ مگر الله جي اذن سان۽ الله تي پوءِ ڀروسو تہ توڪل ڪن مومن اي ايمان وارؤ!

اِذَا قِيْلَ لَكُمْ تَفَسَّحُوْا فِي الْمَجٰلِسِ فَافْسَحُوْا يَفْسَحِ

جڏهن چيو وڃي اوهان کي تہ ڪشادا ٿي ويهو مجلسن ۾ تہ پوءِ ڪشادا ٿي ويهو تہ ڪشادگي ڪندو

اللّٰهُ لَكُمْ وَاِذَا قِيْلَ انْشُزُوْا فَانْشُزُوْا يَرْفَعِ اللّٰهُ

الله اوهان جي لاءِ جڏهن چيو وڃي تہ اٿي بيهو تہ پوءِ اٿي بيهو بلند ڪندو الله انهن جا

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَالَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

جن ايمان آندو اوهان مان ۽ انهن جا جيڪي ڏنا ويا علم درجا ۽ الله ان جي جيڪو ڪيو ٿا

خَبِيْرٌ (١١)

خبر رکندڙ آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ الله عزوجل پنهنجن ٻانهن سان علم، قدرت ۽ قوت سان گڏ آهي تہ هتي ٻانهن تي عجب جو اظهار ڪندي بيان ڪيو ويو آهي تہ بيان ڪيل ڳالهہ جي هوندي بہ ڪي ٻانها وڏيون وڏيون ميٽنگون ۽ گڏجاڻيون رکي گناهن جي لاءِ مشورا ڪري رهيا آهن. فرمان ايزدي آهي "اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ نُهُوْا عَنِ النَّجْوٰى ثُمَّ يَعُوْدُوْنَ لِمَا نُهُوْا عَنْهُ" (ڇا اوهان انهن کي نہ ڏٺو جيڪي وڏي صلاح ڪرڻ کان روڪيا ويا ان کان پوءِ جنهن کان روڪيا ويا ان ڏانهن ورن ٿا) هت همزه "ا" عجب وٺڻ جي لاءِ آهي مطلب تہ اي حبيب پاڪ! عليڪ الصلواة والسلام انهن کي تہ ڏسو جن کي روڪيو ويو آهي تہ پاڻ ۾ غلط ڪم جي لاءِ مشورا نہ ڪيو پر ان روڪڻ کان پوءِ بہ اهي وري اهي ميٽنگون ڪن ٿا مڙن نہ ٿا. "وَيَتَنٰجَوْنَ بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَمَعْصِيَتِ الرَّسُوْلِ" (۽ گناهہ ۽ ظلم ۽ رسول(عليـه الصلواة والسلام)جي بي فرماني جي لاءِ مشورا ڪن ٿا) يعني پاڻ ۾ پنهنجي منهن سان ويهي گناهہ، ظلم ۽ سيدنا رسول الله صلى الله عليـه وسلم جي بي فرماني ڪرڻ جي لاءِ مشورا ڪن ٿا مفسرن لکيو آهي تہ هتي اول گناهہ جو ذڪر آندو ويو جو اهو عام آهي ان کان پوءِ اڳتي وڌندي ظلم بيان ڪيو ويو آهي جيڪو وڏيڪ ڏوهہ آهي ان کان بعد اجان بہ وڏي جرم جو

ذکر کيل آهي يعني رسول الله صلی الله عليــه وسلم جي بي فرماني ۽ هن آيتﷺ منافقن تي طعن کرڻ آهي ڇو تہ انهن جا مشورا اهڙا هوندا هئا. (١)

شان نزول: مفسرن لکيو آهي تہ يهودي جڏهن ڪٿان ڪنهن مسلمان کي لنگهندي ڏسندا هئا تہ پاڻ ۾ آهستي آهستي ڳالهائڻ شروع ڪندا هئا ۽ ميٽنگ شروع ڪري ڇڏيندا هئا تانت اهو مسلمان سمجهي تہ شايد اهي ڪيس شهيد ڪرڻ جي لاءِ مشورو ڪري رهيا آهن اهو مسلمان سندن ان حال کي ڏسي ڊپ ڪندو ۽ اها واٽ ڇڏي ويندو هو. نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن انهن کي ان ڪان روڪيو پر اهي نہ مڙيا. تڏهن الله جلت صفاتــہ مذکوره آيت نازل فرمائي. (٢) "وَإِذَا جَآؤُكَ حَيَّوْكَ بِمَا لَمْ يُحَيِّكَ بِهِ اللّٰهُ" (۽ جڏهن تو وٽ اچن ٿا تہ تنهنجي اها مرحبا ئي ڪن ٿا جيڪا تنهنجي الله مرحبائي نہ ڪئي آهي) مطلب تہ يهودي جڏهن حضرت نبي پاڪ عليــہ الصلواة والسلام جي خدمت ۾ ايندا هئا تہ جنهن طريقي سان الله تعالیٰ پنهنجي محبوب عليہ الصلواة والسلام کي مرحبا ۽ سلام ڪرڻ سيکاريو آهي ان طريقي سان نہ ڪندا هئا السلام عليك جي بجاءِ السام عليك چوندا هئا. السام جي معنیٰ موت ۽ انهن لفظن کي اهڙي انداز سان چوندا هئا جو ڪو سمجهي نہ سگهي. هڪ ڏينهن اهي نبوي دربار ۾ آيا ۽ چيائون السام "عليك يا ابا القاسم" حضور پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن ڪين دستور جي مطابق جواب ۾ فرمايو وعليکم (۽ اوهان تي بہ) سيده عائشہ رضي الله عنها اندران ٻڌي رهي هئي ان فرمايو تہ اوهان کي مار پوي اوهان تي الله جي لعنت ۽ ان جو غضب آهي. محبوب ڪريم عليــہ الصلواة والسلام جن ڪيس آينده ائين چوڻ ڪان روڪيو ۽ فرمايو تہ مون ڪين نهايت مختصر لفظن ۾ "وعليکم" چئي جواب ڏئي ڇڏيو يعني اوهان کي مار پوي. (٣) "وَيَقُوْلُوْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ لَوْلَا يُعَذِّبُنَا اللّٰهُ بِمَا نَقُوْلُ" (۽ پنهنجين دلين ۾ چون ٿا تہ جيڪو اسين چئون ٿا ان تي اسان کي الله عذاب ڇو نہ ٿو ڪري) يعني اهڙيون غلط صلاحون ۽ مشورا ڪري دل ۾ چون ٿا تہ جيڪڏهن حضرت محمد صلی الله عليــه وسلم واقعي الله عزوجل جو سچو رسول آهي تہ اسين ان کي السام عليڪ چئون ٿا پوءِ اسان کي ان چوڻ جي ڪري الله عزوجل عذاب ڇو نہ ٿو ڪري؟ الله عزوجل انهن جو رد ڪندي فرمايو "حَسْبُهُمْ جَهَنَّمُ يَصْلَوْنَهَا فَبِئْسَ الْمَصِيْرُ" (انهن جي لاءِ جهنم ڪافي آهي ان ۾ داخل ٿيندا ۽ اهو موٽي اچڻ جي لاءِ نهايت بري جاءِ آهي) مطلب تہ انهن جو چوڻ تہ اسان کي الله جلت

(١) صفوة التفاسير صـ٣٣٨ـــ جلد ٣ (٢) تفسير ابن ڪثير صـ٣٢٣ــ جلد ۴
(٣) ضياءُ القرآن صـ١۴٣ـــ جلد ۵

صفاتــه عذاب ڇو نہ تو ڪري ڇوڻ اجايو آهي انهن جي لاءِ جهنم جو عذاب ڪافي آهي ان ۾ داخل ٿيندا تہ پوءِ هوش ايندن اها نهايت بري جاءِ آهي جنهن ۾ ڪين موٽي اچڻو آهي. "يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِذَا تَنَاجَيْتُمْ فَلَا تَتَنَاجَوْا بِالْإِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَمَعْصِيَتِ الرَّسُولِ" (اي ايمان وارؤ! جڏهن پاڻ ۾ ڪو مشورو ڪيو تہ گناهہ ۽ ظلم ۽ رسول (عليــه الصلواة والسلام) جي بي فرماني جو مشورو نہ ڪيو) يعني اي مومنؤ! اوهان جي محفلن، مجلسن ۽ گڏجاڻين ۾ ڪا بہ گناهہ، ظلم ۽ رسول عليہ الصلواة والسلام جي بي فرماني ۽ گناهہ جي گفتگو نہ هجي ۽ نہ اهڙن ڪمن جي لاءِ صلاح مشورو ڪيو. "وَتَنَاجَوْا بِالْبِرِّ وَالتَّقْوَىٰ وَاتَّقُوا اللَّهَ الَّذِي إِلَيْهِ تُحْشَرُونَ" (۽ نيڪي ۽ تقوىٰ جو مشورو ڪيو ۽ ان الله کان ڊڄو جنهن ڏانهن اوهان اٿاريا ويندؤ) يعني پاڻ ۾ صلاح مشورو چڱائيءَ ۽ تقوىٰ جي لاءِ ڪيو الله عزوجل کان ڊڄندا رهو جنهن ڏانهن اوهان قبرن مان اٿاريا ويندؤ ۽ حساب جي لاءِ پيش ٿيندؤ. "إِنَّمَا النَّجْوَىٰ مِنَ الشَّيْطَانِ" (براين جا مشورا شيطان جي طرفان آهن) اهو ئي اوهان کي وسوسا وجهي اهي ڪم ڪرائيندو آهي. "لِيَحْزُنَ الَّذِينَ آمَنُوا وَلَيْسَ بِضَارِّهِمْ شَيْئًا إِلَّا بِإِذْنِ اللَّهِ" (تانت انهن کي ڏکوئي جن ايمان آندو آهي ۽ انهن کي الله جي اذن کان سواءِ ڪنهن بہ قسم جو نقصان ڏيندڙ ناهن) مطلب تہ شيطان انهن کي وسوسا وجهي انهن کان اهي مشورا ان جي ڪري تو ڪرائي تہ مومنن کي ڏک پهچي پر ان سان انهن کي ڪو نقصان ڏئي نہ سگهندو. "وَعَلَى اللَّهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُونَ" (۽ الله تي ئي توڪل ڪن مومن) يعني مومن منافقن ۽ يهودين جي ميٽنگن، گڏجاڻين ۽ پاڻ ۾ آهستي ڳالهين ڪرڻ کان نہ ڊڄن مومن الله تي توڪل ڪن اهو ئي متوڪلن مومنن پانهن جي لاءِ ڪارساز ۽ ڪافي آهي. "يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِذَا قِيلَ لَكُمْ تَفَسَّحُوا فِي الْمَجَالِسِ فَافْسَحُوا يَفْسَحِ اللَّهُ لَكُمْ" (اي ايمان وارا! جڏهن اوهان کي چيو وڃي تہ مجلسن ۾ ڪشادا ٿي ويهو پوءِ ڪشادا ٿي ويهو تہ الله اوهان جي لاءِ ڪشادگي ڪندو) يعني اي مومنو! جڏهن رسول الله صلى الله عليــه وسلم جي محفلن ۾ حاضر ٿيو ۽ اوهان کي ڪشادو ٿي ويهڻ جي لاءِ چيو وڃي تہ ڪشادا ٿي ويهو تہ ٻين کي ويهڻ جي جاءِ ملي ۽ اهي بہ سهڻي نبي عليــه الصلواة والسلام جي ديدار کان مشرف ٿي سندن مٺن ارشادن کان مستفيض ٿين تہ الله عزوجل اوهان جي لاءِ جنت ۾ ڪشادگي ڪرڻ فرمائيندو.

شان نزول: ابن ابي حاتم مقاتل بن حبان کان راويت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليــه وسلم جن صُفــه ۾ تشريف فرما هئا جاءِ سوڙهي هئي ۽ پاڻ مهاجرن ۽ انصارن ۾ اهل بدر جي عزت گهڻي ڪندا هئا. اتي جڏهن اهي آيا جن ۾ ثابت بن

قيس رضي الله عنــه بہ هو تہ ماڻهو انهن کان اڳي جايون والاري ويهي رهيا هئا. پوءِ رسول الله صلی الله عليــه وسلم جن جي سامهون اچي بيٺا ۽ چيائون "السلام عليك ايها النبي ورحمة الله وبركاته" تہ حضور عليــه الصلواة والسلام جن انهن کي جواب ڏنو ۽ وري ٻين تي سلام چيائون تہ انهن بہ کين جواب ڏنو پر کين ڪنهن ويهڻ جي جاءِ نہ ڏني حالانڪ اهي ان انتظار ۾ بيٺا رهيا تہ سندن جي لاءِ جاءِ ڪئي ويندي. اها ڳالهہ حضور عليــه الصلواة والسلام جن کي ڏکي لڳي ۽ اتي ويٺلن مان ڪجهہ ماڻهن کي نالا وٺي اٿاريائون تہ اي فلاڻا اٿي، اي فلاڻا اٿي، اها ڳالهہ انهن کي ڳري لڳي ۽ ان جو اثر انهن جي منهن مان محسوس ٿي رهيو هو. منافقن بہ انهن کي طعنا هنيا تہ الله جو قسم هنن سان انصاف نہ ڪيو ويو هنن سوير اچي جايون والاريون، ويجهو ٿي وهڻ گهريائون تہ انهن کي اٿاري دير سان اچڻ وارن کي ويهاريو ويو. انهن جي جواب ۾ هيءَ آيت نازل ٿي. (١) هن آيت ۾ مسلمانن کي هڪ ٻئي سان گڏجي ويهڻ جا آداب سيکاريا ويا آهن جن تي عمل ڪرڻ سان باهمي محبت وڌي ٿي ۽ هڪ ٻئي جو احترام پيدا ٿئي ٿو. اهو آهي هڪ ٻئي کي ويهڻ جي لاءِ جاءِ ڏيڻ ۽ ان جي بدلي ۾ کين الله عزوجل جي طرفان رزق ۾ ڪشادگي بلڪ دنيا سان گڏ آخرت ۾ بہ ڪشادگي ڏيڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي. "وَاِذَا قِيۡلَ انۡشُزُوۡا فَانۡشُزُوۡا" (۽ جڏهن چيو وڃي تہ اٿي بيهو تہ پوءِ اٿي بيهو) مطلب تہ جڏهن اوهان کي مجلس مان اٿي نڪري وڃڻ جي لاءِ چيو وڃي تہ اٿي نڪري وڃو. حضرت نبي پاڪ عليــه الصلواة والسلام جن ڪڏهن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم جي پنهنجي گهر ۾ دعوت ڪندا هئا تہ ڪاڌي کائڻ کان پوءِ بہ بار بار چوڻ جي باوجود ڪي ڪي شخص اتاهين اٿڻ جو نالو نہ وٺندا هئا سندن اها تمنا هوندي هئي تہ سيني کان آخر ۾ حضور پرنور عليــه الصلواة والسلام سان هٿ ملائي پوءِ روانا ٿين انهن کي ٻڌايو ويو آهي تہ اوهان جي محبت پنهنجي جاءِ تي صحيح پر جڏهن اوهان کي اٿي نڪري وڃڻ جو حڪم ڪيو وڃي تہ پوءِ هڪدم اٿي نڪري وڃو. حضور عليــه الصلواة والسلام جي آرام ۽ ٻين مصروفيتن جو خيال رکندا ڪيو. (٢) "يَرۡفَعِ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مِنۡكُمۡ وَالَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ دَرَجٰتٍ‌ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ خَبِيۡرٌ" (جن اوهان مان ايمان آندو ۽ جيکي علم ڏنا ويا الله انهن جا درجا بلند ڪندو ۽ جيکي اوهان ڪيو ٿا الله ان جي خبر رکندڙ آهي) يعني اوهان اهو ذهن نہ رکو تہ اوهان جو ڪشادو ويهي ٻئي کي جاءِ ڏيڻ يا اوهان کي اٿي وڃڻ جي لاءِ چيو وڃي تہ اٿي وڃڻ اوهان جي عزت گهٽائڻ يا اوهان جي شان

(٢) المراغي صـ١٦ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠ (٢) تفسير ابن ڪثير صـ٣٢٦ـ جلد ٤

۾ نقص آهي بلڪ اهو اوهان جي لاءِ الله عزوجل وٽ رفعت ۽ درجو آهي جو اهو ڪم مومن ۽ اهل علم ڪندا جن جي درجٺ ڪي باري تعالىٰ بلند ڪرڻ جو فيصلو فرمايو آهي ۽ الله اوهان جي هر عمل جي خبر رکندڙ آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ ويهن ٿا. ١. "اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ نُهُوْا عَنِ النَّجْوٰى" (ڇا اوهان انهن ڏانهن نه ڏٺو جيڪي نجوىٰ کان روڪيا ويا) ان مان معلوم ٿيو ته اهڙي ڪنهن به ڳالهه جو هڪ ٻئي سان مشورو ڪرڻ منع آهي جنهن کان مسلمانن کي تڪليف پهچي يا ان جي دل آزاري ٿئي هتي "نجوىٰ" مان مراد اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ آهن. ٢. "وَاِذَا جَآءُوْكَ حَيَّوْكَ بِمَا لَمْ يُحَيِّكَ بِهِ اللّٰهُ" (۽ جڏهن اوهان وٽ اچن ٿا ته اوهان کي اها مرحبا ڪن ٿا جيڪا مرحبا الله اوهان جي نه ڪئي آهي) مان معلوم ٿيو ته جيئن الله عزوجل پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام کي سهڻن لقبن سان ياد فرمايو ۽ سندن ذڪر ڪيو آهي تيئن امت تي به لازم آهي سندن ادب ۽ احترام سان ذڪر ڪن ۽ ڪين احترام سان صلواة ۽ سلام جا تحفا موڪلي راضي رکن.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا نَاجَيْتُمُ الرَّسُوْلَ فَقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ

اي ايمان وارا! جڏهن آهستي ڳالهائڻ گهرو رسول سان ته پوءِ اڳي ڏيو پنهنجي آهستي ڳالهائڻ

نَجْوٰىكُمْ صَدَقَةً ۭ ذٰلِكَ خَيْرٌ لَّكُمْ وَاَطْهَرُ ۭ فَاِنْ لَّمْ تَجِدُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ

کان پهريان صدقو اهو ڀلو آهي اوهان جي لاءِ ۽ گهڻو پاڪ پوءِ جيڪڏهن نه لهو ته بيشڪ الله

غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (١٢) ءَاَشْفَقْتُمْ اَنْ تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقٰتٍ ۭ

بخشڻهار، مهربان آهي ڇا اوهان ڊڄو ٿا ته پهريان ڏيو پنهنجي عرض ڪرڻ کان اڳيان صدقا

فَاِذْ لَمْ تَفْعَلُوْا وَتَابَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ

پوءِ جيڪڏهن نه ڪيو اوهان ۽ توبه قبول ڪرڻ سان موٽيو الله اوهان تي پوءِ قائم ڪيو نماز

وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۭ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌ

۽ ڏيو زڪواة ۽ اطاعت ڪيو الله جي ۽ ان جي رسول جي ۽ الله خبر رکندڙ آهي

بِمَا تَعْمَلُوْنَ (١٣)

ان جي جيڪي اوهان ڪيو پيا

ع ٢

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ حضور عليـــه الصلواة والسلام جي مجلس ۾ هڪ ٻئي جي لاءِ ڪشادگي ڪيو ۽ فارغ ٿيڻ ڪان پوءِ جلد اٿي وڃو ان جي آرام ۽ ضروري مصروفيات جي لاءِ وقت بچايو ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪڏهن اوهان ڪي حبيب ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جن کي ڪي مخصوص عرض ڪرڻا آهن تہ ان لاءِ اڳ ۾ ڪجھہ مالي قرباني ڏئي پوءِ عرض ڪيو ڇو تہ ان ۾ مختلف فائدا آهن. "١" تہ نبي ڪريم عليـــه الصلواة والسلام ۽ سندن خدمت ۾ عرض ڪرڻ جي تعظيم ۽ اهميت پيدا ٿيندي. "٢" تہ ان صدقي ڏيڻ مان گهڻن مسڪينن جي مالي ضرورت پوري ٿيندي، "٣" تہ جيڪي مال، ملڪيت ۽ دنيوي سامان سان محبت رکندڙ منافق آهن انهن ۽ صدقي ڏيندڙ مخلص مومنن جي وچ ۾ فرق ظاهر ٿيندو. سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ: مسلمانن حضرت نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام جن کان خصوصي طرح گهڻا سوال ڪرڻ شروع ڪري ڏنا تانجو سندن مزاج مبارڪ تي اهو ڳرو گذريو پوءِ الله عزوجل هي آيتون نازل ڪري پنهنجي حبيب عليـــــه الصلواة والسلام تي هلڪائي ڪرائي ۽ جڏهن هر عرض ڪندڙ کي صدقو ڏيڻ جو حڪم ڪيو ويو تہ پوءِ تہ عرض ڪندڙ بہ جهڪا ٿيا. (١) فرمان ايزدي آهي. "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا نَاجَيْتُمُ الرَّسُوْلَ فَقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقَـــةً" (اي ايمان وارا! جڏهن اوهان رسول سان پنهنجي منهن آهستي ڳالهائڻ گهرو تہ پوءِ پنهنجي ان آهستي ڳالهائڻ کان پهريان صدقو ڏيو) مطلب تہ خصوصي ۽ پنهنجي منهن نجي طرح عرض ڪرڻ کان اڳ ۾ صدقو ڏيو جو ان ۾ رسول عليـــه الصلواة والسلام جي امر جي تعظيم ۽ مسڪينن جو فائدو آهي. "ذٰلِكَ خَيْرٌ لَّكُمْ وَاَطْهَرُ" (اهو اوهان جي لاءِ گهڻو ڀلو ۽ نهايت پاڪ آهي) مطلب تہ اهو صدقو ڏيڻ اوهان جي لاءِ گهڻو ڀلو ۽ وڏي ثواب جو ڪم آهي ۽ نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن جي تعظيم جو ثبوت آهي ان سان گڏ اوهان جي دلين کي مال، ملڪيت جي محبت کان پاڪ ڪرڻ جو نهايت سهڻو طريقو آهي. "فَاِنْ لَّمْ تَجِدُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" (پوءِ جيڪڏهن نہ لهو تہ پوءِ بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي) مفسرن لکيو آهي تہ هن ۾ مسڪينن ۽ غريبن سان خصوصي مهرباني جو ذڪر آهي. مطلب تہ جيڪڏهن اوهان صدقي ڏيڻ جي طاقت نہ ٿا رکو تہ پوءِ ان کان سواءِ بہ خصوصي عرض ڪري سگهو ٿا ڇو تہ اهو حڪم قدرت ۽ طاقت رکندڙن جي لاءِ آهي "ءَ اَشْفَقْتُمْ اَنْ تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقٰتٍ" (ڇا اوهان

(٢) المراغي صـ١٨ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠

ان کان ڏجو تا تہ پنھنجي خصوصي آھستي عرض ڪرڻ کان اڳي صدقو ڏيو؟) مطلب تہ اوھان ان صدقي ڏيڻ جي ڪري مسڪين تيڻ جو ڏپ تا ڪيو ۽ شيطان اوھان کي اھڙا وسوسا وجھي ٿو تہ ان صدقي ڏيڻ سان اوھان جو مالي نقصان ٿيندو. "فَإِذْ لَمْ تَفْعَلُوْا وَتَابَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ" (پوءِ جيڪڏھن اوھان نہ ڪيو ۽ الله اوھان تي توبہ قبول ڪرڻ سان رجوع فرمايو) مطلب تہ جيڪڏھن اوھان حضرت نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن کي خصوصي طور عرض ڪرڻ کان اڳي صدقو نہ ڏنو ۽ اھو اوھان کي ڳرو لڳي ٿو تہ الله عزوجل اوھان کي صدقي ڪرڻ کان سواءِ بہ اجازت ڏئي ٿو اوھان تي احسان ڪري ٿو. "فَأَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَأَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ" (پوءِ نماز قائم ڪيو ۽ زڪواة ڏيو ۽ الله ۽ ان جي رسول عليہ الصلواة والسلام جي اطاعت ڪيو) يعني پوءِ نماز کي ان جي سڀني حقن سميت ادا ڪيو ٿاھي ٿاھي پڙھو ڇو تہ ان ۾ الله عزوجل ڏانھن صحيح معنیٰ ۾ جھڪڻ ۽ نوڙت ۽ نياز ڪرڻ آھي ۽ زڪواة ڏيڻ سان انسان جي دل دنيا جي محبت کان پاڪ ۽ صاف ٿيندي ۽ الله عزوجل ۽ ان جي پياري حبيب عليہ الصلواة والسلام جي اطاعت ڪيو الله عزوجل جا فرض ۽ واجب ۽ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جون سنتون سھٽي نموني ادا ڪندا رھو. "وَاللّٰهُ خَبِيْرٌ بِمَا تَعْمَلُوْنَ" (۽ جيڪي اوھان ڪيو تا الله ان جي چڱي طرح خبر رکندڙ آھي) اوھان جون نيتون، اعمال، احوال ھر شيءِ ان جي علم محيط ۾ آھي ۽ ان مطابق اوھان کي جزا يا سزا ڏيندو.

فائدو: مذڪوره آيت جلد منسوخ ڪئي وئي ڇو تہ ان تي عمل ڪرڻ ۾ مسلمانن جي لاءِ غريب ۽ مسڪين ھجڻ جي ڪري تڪليف ھئي. سيدنا علي رضي الله عنہ فرمايو تہ: ان آيت لھڻ کان پوءِ مون ھڪ دينار صدقو ڏئي حضرت حبيب ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن سان خصوصي ڳالھہ ٻولھہ ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو ۽ پوءِ فورًا اھو حڪم منسوخ ڪيو ويو ٻئي ڪنھن کي اھو موقعو نہ مليو. (١)

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا قَوْمًا	غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ؕ	مَا هُمْ مِّنْكُمْ
ڇا نہ ڏٺوتو انھن ڏانھن جن دوستي رکي اھڙي قوم سان جوڪاوڙيو الله انھن تي		ناھن اھي اوھان مان
وَلَا مِنْهُمْ وَيَحْلِفُوْنَ عَلَى الْكَذِبِ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ (١٤)		اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ عَذَابًا
۽ نہ انھن مان ۽ قسم کڻن تا ڪوڙ تي ۽ اھي ڄاڻن تا		تيار ڪيو الله انھن جي لاءِ عذاب

(١) معارف القرآن صـ٣٤٧ـ جلد ٨

شَدِيْدًا اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ (١٥) اِتَّخَذُوْٓا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّوْا عَنْ

سخت بيشڪ برو آهي اهو جيڪو ڪندا هئا بڻايائون پنهنجن قسمن کي ڍال پوءِ روڪيائون

سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ (١٦) لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ

الله جي واٽ کان پوءِ انهن جي لاءِ عذاب خوارڪندڙ آهي هرگز نہ دفع ڪندا انهن کان انهن جا مال

وَلَآ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ۭ اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۭ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ (١٧)

۽ نہ انهن جو اولاد الله کان ڪجهہ بہ اهي دوزخي آهن اهي اُن ۾ هميشہ رهندڙ هوندا

يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا فَيَحْلِفُوْنَ لَهٗ كَمَا يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ

ان ڏينهن جو اٿاريندو انهن کي الله مڙني کي پوءِ قسم کڻندا ان جي لاءِ جيئن قسم کڻن ٿا اوهان جي لاءِ

وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ عَلٰي شَيْءٍ ۭ اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ (١٨) اِسْتَحْوَذَ

۽ سمجهن ٿا تہ بيشڪ اهي ڪنهن شيءِ تي آهن خبردار بيشڪ اهيئي ڪوڙا آهن غلبو ڪيو

عَلَيْهِمُ الشَّيْطٰنُ فَاَنْسٰهُمْ ذِكْرَ اللّٰهِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ حِزْبُ الشَّيْطٰنِ ۭ اَلَآ اِنَّ

انهن تي شيطان پوءِ وساريائين انهن کان الله جو ذڪر اهيئي شيطان جو لشڪر آهن خبردار بيشڪ

حِزْبَ الشَّيْطٰنِ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ (١٩) اِنَّ الَّذِيْنَ يُحَاۗدُّوْنَ اللّٰهَ

شيطان جو لشڪر اهيئي نقصان وارا آهن بيشڪ اهي شخص جيڪي مخالفت ڪن ٿا الله جي

وَرَسُوْلَهٗٓ اُولٰۗىِٕكَ فِي الْاَذَلِّيْنَ (٢٠) كَتَبَ اللّٰهُ لَاَغْلِبَنَّ اَنَا وَرُسُلِيْ ۭ

۽ ان جي رسول جي اهي ذليلن ۾ آهن لکي ڇڏيو آهي الله تہ البت ضرور غالب رهندس مان ۽ منهنجا رسول

اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ (٢١) لَا تَجِدُ قَوْمًا يُّؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ

بيشڪ الله قوت وارو، غالب آهي نہ لهندين ڪا قوم جيڪي ايمان رکن ٿا الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي

يُوَاۗدُّوْنَ مَنْ حَاۗدَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَوْ كَانُوْٓا اٰبَاۗءَهُمْ

تہ دوستي رکن انهن سان جن مخالفت ڪئي الله جي ۽ ان جي رسول جي جيتوڻيڪ هجن پيئر انهن جا

اَوْ اَبْنَاۗءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْ عَشِيْرَتَهُمْ ۭ اُولٰۗىِٕكَ كَتَبَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ

يا پٽ انهن جا يا ڀائر انهن جا يا قبيلي وارا انهن جا اهي لکيائين دلين انهن جي ۾ ايمان

وَاَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ۭ وَيُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ

۽ تائيد ڪيائين انهن جي روح سان پنهنجي طرفان ۽داخل ڪندو انهن کي بهشتن ۾ جو وهن پيون

مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَا رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ اُولٰٓئِكَ

هيٺان انهن جي نهرون هميشه رهندڙ انهن ۾ راضي ٿيو الله انهن کان ۽ راضي ٿيا اهي ان کان اهي

حِزْبُ اللّٰهِ ۭ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ (٢٢)

الله جو لشڪر آهن خبردار بيشڪ الله جو لشڪر اهيئي ڪامياب آهن

٣ع٩

تفسير

اڳين آيتن ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي اصحابن سڳورن جو حال ٻڌايو ويو ته اهي ڪين ٻڌڻ ۽ ديدار ڪرڻ جي لاءِ ايتري قدر گهڻا گڏ ٿيندا هئا جو ويهڻ جي جاءِ ملڻ مشڪل ٿي ويندي هئي ۽ ڪين امر ڪيو ويو هو ته سوڙها ٿي هڪ ٻئي کي ويهڻ جي جاءِ ڏيو. هتي منافقن جو حال بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ" (ڇا اوهان انهن ڏانهن نه ڏٺو؟ جن اهڙي قوم سان دوستي رکي جن تي الله غضب ڪيو آهي) مطلب ته اي محبوب! عليه الصلواة والسلام ان قوم جي خبر ڏيو جيڪي خدا جي غضب هيٺان آيل يهودين سان دوستي رکي انهن جي خير خواهي ڪندي انهن کي مسلمانن جا راز پهچائن ٿا انهن جو حال ته عجب جهڙو آهي؟ "مَا هُمْ مِّنْكُمْ وَلَا مِنْهُمْ" (نه اهي اوهان مان آهن ۽ نه انهن مان آهن) يعني نه اهي پڪا مومن آهن نه اهي يهودي آهن اهي منافق آهن جن جو مقصد صرف دنيوي مقصد ۽ اغراض آهن جن جي حصول لاءِ سڀني سان مليا جليا رهن ٿا. "وَيَحْلِفُوْنَ عَلَى الْكَذِبِ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ" (۽ ڪوڙ تي قسم کڻن ٿا ۽ اهي ڄاڻن ٿا) يعني اهي مومنن سان ملن ٿا ته چون ٿا اسين مومن آهيون ۽ اي حبيب پاڪ (عليه الصلواة والسلام) اوهان سان ملن ٿا ته ڪوڙو قسم کڻي چون ٿا ته "نَشْهَدُ اِنَّكَ رَسُوْلُ اللّٰهِ" (اسين شاهدي ڏيون ٿا بيشڪ توهان الله جو رسول آهين) پر الله شاهدي ڏي ٿو ته اهي ڪوڙا آهن جيڪو دل ۾ اٿن اهو پيو ڪجهه آهي. "اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" (الله انهن جي لاءِ سخت عذاب تيار ڪيو آهي بلاشڪ برو آهي اهو جيڪو ڪندا هئا) يعني انهن مسلمانن کي ڪلمو پڙهي جيڪو ڌوڪو ڏنو ۽ يهودين سان به ساٿ ڏيندا رهيا سندن اهو عمل نهايت برو آهي ان جي بدلي ۾ الله عزوجل انهن جي لاءِ سخت عذاب تيار ڪري ڇڏيو آهي. "اِتَّخَذُوْا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ

اللهِ" (پنهنجن قسمن کي ڍال بنايائون پوءِ الله جي واٽ کان روڪيائون) مطلب تہ اسلام ظاهر ڪري ڪفر دل ۾ رکيائون ۽ ان جي لاءِ ڪوڙا قسم کڻي چوڻ لڳا تہ اسين مسلمان آهيون قسمن ذريعي بچاءَ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. "فَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ" (پوءِ انهن جي لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي) يعني انهن کي اهڙو عذاب ملندو جنهن سان خوار خراب ٿيندا سندن ڪوڙا قسم اتي ڪين ڪم نہ ڏيندا. "لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ ولا اَوْلَادُهُمْ مِنَ اللهِ شَيْئًا" (سندن مال ۽ سندن اولاد ڪين الله جي عذاب کي دفع ڪرڻ ۾ ڪو فائدو نہ ڏيندو) مطلب تہ انهن منافقن کي نہ سندن مال نفعو ڏيندو جو ان جي ذريعي عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ڪن ۽ نہ ڪين سندن اولاد مدد ڪري خداوندي قهر ۽ عذاب کان بچائي وجهندو. "اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِهُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ" (اهي جهنمي آهن اهي ان ۾ هميشه رهندڙ آهن) مطلب تہ اهي منافق جهنم ۾ تہ ويندا پر پوءِ اتاهين ٻاهر نڪرندا ئي ڪو نہ ان ۾ هميشه رهيا پيا هوندا. "يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللهُ جَمِيْعًا فَيَحْلِفُوْنَ لَـهٗ كَمَا يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ" (جنهن ڏينهن الله انهن سيني کي اٿاريندو پوءِ ان جي لاءِ ائين قسم کڻندا جيئن اوهان جي لاءِ قسم کڻن ٿا) يعني اي حبيب مڪرم "صلى الله عليك وسلم" انهن کي اهو حال ياد ڏياريو جڏهن الله عزوجل انهن کي جيئرو ڪري قبرن مان اٿاريندو تہ جيئن اوهان سان ڪوڙا قسم کڻن ٿا تيئن الله پاڪ سان بہ ڪوڙا قسم کڻڻ شروع ڪندا تہ اسان کي پنهنجي الله رب جو قسم آهي تہ اسين مشرڪ نہ هئاسين. "وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ عَلٰى شَيْءٍ" (۽ سمجهن ٿا تہ اهي ڪنهن شيءِ تي آهن) مطلب تہ اهي ان خيال ۾ آهن تہ اهي ڪوڙا قسم کڻڻ بہ ڪا شيءِ آهن انهن سان ڪين نفعو ملندو فائدو حاصل ڪندا نقصان کان بچي ويندا جيئن ڪين دنيا ۾ انهن ڪوڙن قسمن جو عارضي فائدو مليو هو. "اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ" (بيشڪ اهيئي ڪوڙا آهن) يعني اهي قسم کڻڻ ۾ بہ ڪوڙا آهن سندن ڪوڙ الله عزوجل کان لڪل ناهي. "اِسْتَحْوَذَ عَلَيْهِمُ الشَّيْطٰنُ فَاَنْسٰهُمْ ذِكْرَاللهِ اُولٰٓئِكَ حِزْبُ الشَّيْطَانِ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ الشَّيْطٰنِ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ" (انهن تي شيطان غلبو ڪيو پوءِ انهن کان الله جو ذڪر وساريائين اهي شيطان جو لشڪر آهن خبردار شيطان جي لشڪر وارا ئي نقصان ۾ آهن) يعني منافق اهي ڪوڙا قسم ان جي ڪري کڻن ٿا جو انهن جي عقل ۽ هوش تي شيطان غلبو ڪيو آهي اهي پنهنجي سوچ ۽ سمجهہ وڃائي ويٺا آهن ۽ ان ڪين اهڙي حد تائين پهچايو آهي جو الله جل شانہ جي ذڪر کان غافل ٿي ويا آهن اهي شيطان جو لشڪر بنجي ويا آهن انهن جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن اهي ياد رکن تہ ان نموني سان ڪين نقصان ئي نقصان پوندو ڪنهن بہ قسم جي

ڪاميابي ماڻي نہ سگهندا. "اِنَّ الَّذِيْنَ يحادُّونَ اللهَ وَرَسُوْلَهٗۤ اُولٰٓئِكَ فِي الْاَذَلِّيْنَ" (بلاشڪ جيڪي الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪن ٿا اهي نهايت ذليلن ۾ آهن) انهن جي باري ۾ پهريان ٻڌايو ويو تہ "ڪُبِتُوْ" اونڌا ڪيا ويندا ۽ هتي ارشاد ٿي رهيو آهي تہ اهي نهايت بي عزت ۽ ذليل آهن. "كَتَبَ اللهُ لَاَغْلِبَنَّ اَنَا وَرُسُلِيْ اِنَّ اللهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ" (الله لکي ڇڏيو آهي تہ مان ۽ منهنجا رسول ضرور غالب ٿينداسون بيشڪ الله قوت وارو غالب آهي) مطلب تہ اها ڳالهہ لکت ۾ پڪي ۽ يقيني آهي تہ هر ميدان ۾ غلبو الله عزوجل ۽ ان جي عطا سان ان جي رسولن عليهم الصلواة والسلام کي ٿيندو پوءِ جنگ جو ميدان هجي يا محبت ۽ برهان جو معرڪہ هجي. "لَا تَجِدُ قَوْمًا يُّؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ يُوَآدُّوْنَ مَنْ حَآدَّ اللهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَوْ كَانُوْٓا اٰبَآءَهُمْ اَوْ اَبْنَآءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْ عَشِيْرَتَهُمْ" (نہ لهندين اهڙي قوم جيڪي ايمان آڻين ٿا الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي جو دوستي رکن انهن سان جيڪي الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪن ٿا جيتوڻيڪ اهي انهن جا پيئر يا انهن جا پٽ يا انهن جا ڀائر يا انهن جي قبيلي وارا هجن) هن آيت ۾ وڏي صراحت سان هن حقيقت کي بيان ڪيو ويو تہ جيڪي الله عزوجل ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکڻ جي دعوىٰ ڪن ٿا اهي جيڪڏهن هن دعوىٰ ۾ سچا آهن تہ هي ناممڪن آهي جو انهن جي دلين ۾ الله عزوجل ۽ ان جي رسول عليہ الصلواة والسلام جي دشمنن سان محبت هجي جيئن پاڪ ۽ پليد پاڻي هڪ ٿانوَ ۾ گڏ نہ ٿا رهي سگهن اهڙي طرح ايمان جو نور ۽ اسلام جي دشمنن جي دوستي هڪ دل ۾ جمع ٿي نہ سگهندا. جيڪو شخص اسلام جي دعوىٰ ڪندڙ آهي ۽ ڪافرن ۽ منافقن سان بہ دوستيءَ جا تعلقات رکي ٿو اهو پنهنجو پاڻ کي ڌوڪو ڏئي رهيو آهي. الله جلت صفاتہ جو ٻانهو الله ڪريم جي دشمنن سان ڀلي اهي سندس ڪيترا قريب هجن هر قسم جي تعلقات ڪان بچڻ جي ڪوشش ڪندو. هتي انهن مان ڪجهہ قرابت دارن جو ذڪر ڪيو ويو آهي اولاد کي پنهنجي والدين سان محبت بہ هوندي آهي انهن جو ادب ۽ لحاظ بہ هوندو آهي پر جيڪڏهن پيءُ دين اسلام جو دشمن هجي تہ پٽ ان جي ڪا پرواهہ نہ ڪري اهڙي طرح باقي رشتا بہ الله عزوجل ۽ ان جي محبوب عليہ الصلواة والسلام جي محبت جي مقابلي ۾ ڪا وقعت نہ ٿا رکن جيئن بدر ۽ اُحد جي ميدانن ۾ دنيا ڏٺو تہ مصطفىٰ ڪريم عليہ الصلواة والسلام جي غلامن جي سامهون سندن نهايت ويجها مٽ ۽ مائٽ آيا نہ انهن کي مائٽيءَ، مٽيءَ جو لحاظ رکڻ ڪان سواءِ ٿي مٽيءَ ۽ رت ۾ ملائي ڇڏيائون. "اُولٰٓئِكَ كَتَبَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَاَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ" (اهي انهن جي دلين ۾ ايمان لکيائين ۽ انهن جي پنهنجي طرفان روح سان

تائيد ڪيائين) يعني اهي صرف زبان سان مسلمان ناهن پر هي اهي خوش نصيب انسان آهن جن جي دلين ۾ بہ الله عزوجل ايمان اهڙو نقش ڪري ڇڏيو آهي جو نہ مٽجي سگهي ٿو نہ ميرو ٿي سگهي ٿو ۽ انهن جي ئي الله عزوجل پنهنجي طرفان روح سان تائيد ڪئي آهي روح مان مراد جي وضاحت ڪندي مفسرن لکيو آهي تہ "روح مان مراد دل جو نور آهي جنهن کي الله عزوجل پنهنجي ان ٻانهي جي دل ۾ داخل ڪندو آهي جنهن کي گهرندو آهي ۽ ان سان اطمينان حاصل ٿيندو آهي" ۽ تحقيق جي مدارج تي عروج ملندو آهي. بعض وڏن بزرگن جو قول آهي تہ روح ان شعاع جو نالو آهي جيڪو ٻانهي جي قلب ۾ هوندو آهي ۽ هڪ قول مطابق ان مان مراد قرآن ڪريم آهي. (١) "وَيُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ" (۽ انهن کي جنتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون انهن ۾ هميشہ رهندڙ هوندا الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي ٿيا) يعني اهي انهن بهشتن ۾ عارضي طور ٻن ٽن ڏينهن لاءِ نہ پر هميشہ رهندا ۽ ان جو سبب اهو آهي جو الله عزوجل انهن کان راضي آهي ۽ اهي الله عزوجل جي طرفان عطا ڪيل انعام تي راضي آهن. "اُولٰٓئِكَ حِزْبُ اللهِ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ اللهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ" (اهيئي الله جو لشڪر آهن خبردار بيشڪ الله جي لشڪر وارا ئي ڪامياب آهن) يعني مذڪوره اوصاف وارا خداوندي لشڪر آهن ۽ خداوندي لشڪر ئي هر ميدان ۾ ڪاميابي حاصل ڪندو آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي ڳالهيون بہ ذهن ۾ اچن ٿيون. ١. "اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللهُ عَلَيْهِمْ" (ڇا اوهان انهن کي نہ ڏٺو جن اهڙي قوم سان دوستي رکي جن تي الله غضب ڪيو آهي) مان مراد ڪافر آهن پوءِ اهي يهودي هجن يا عيسائي يا هندو مشرڪ سان دلي دوستي ۽ محبت رکڻ جي ممانعت آهي ڪنهن بہ مسلمان کي انهن سان قلبي قرب رکڻ جي موڪل ناهي ڇو تہ مومن جو اصل سرمايو الله تعالىٰ جي محبت آهي ڪافر الله عزوجل جا دشمن آهن ۽ جنهن شخص جي دل ۾ ڪنهن سان دوستي ۽ محبت آهي ان جي لاءِ ممڪن ناهي تہ ان جي دشمن سان بہ دوستي رکي ان جي ڪري قرآن ڪريم جي ڪيترين آيتن ۾ ڪافرن سان دوستيءَ جي سخت منع آيل آهي ۽ ڪافرن سان دوستي رکندڙ کي ڪافرن جي ٽولي ۾ شامل سمجهڻ جي تنبيہ بہ وارد ٿيل آهي پر اهي سڀ احڪام دل ۽ قلب سان دوستي رکڻ جي لاءِ آيل آهن. ها ڪافرن سان سهڻو سلوڪ، همدردي، خيرخواهي، انهن تي احسان، انهن سان خوش خلقيءَ سان پيش اچڻ ۽ انهن سان تجارتي ۽ اقتصادي معاملات رکڻ

(١) روح المعاني ص٣٦ـ جزء ٢٨ جلد ١٠

دوستيءَ جي معنيٰ ۾ داخل ناهن اهي سڀ ڪم ڪافرن سان رکڻ به جائز آهن. حضرت حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪ زندگيءَ ۽ صحابه ڪرام جي دور جا واقعات ان جو ڪليل دليل آهن پر ان ۾ به شرط آهي ته اهي معاملات دين اسلام ۽ مسلمانن جي لاءِ نقصان ڏيندڙ نه هجن ۽ پنهنجي ايمان ۽ عمل ۾ سست نه ڪن. (١) ٢. "لَاتَجِدُ قَوْمًا يُّؤْمِنُوْنَ بِاللهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ يُوَآدُّوْنَ مِنْ حَآدَّاللهَ وَرَسُوْلَهٗ" (اوهان ڪا به اهڙي قوم نه لهندؤ جيڪي الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻين تا ته الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪندڙن سان دوستي رکن) مان معلوم ٿيو ته ڪافر ڪيترو به قريبي رشتيدار هجي مومن ان سان محبت نه رکندو. هن آيت جي تفسير ۾ مفسرن اصحابن سڳورن جا ايترا عجيب واقعا بيان فرمايا آهن جيڪي حيرت ۾ وجهن ٿا. انهن جڏهن به ڪا ڳالهه اسلام يا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي خلاف ٻڌي ته سڀئي تعلقات وساري ڇڏيا، پٽ ۽ پيءُ وغيره جي نسبت ڪي نه نهاريندي انهن مخالفت ڪندڙن کي سزا ڏني بعض کي ته قتل ڪري ڇڏيائون ان کي ئي خدا واسطي محبت ۽ خدا واسطي عداوت سڏيو ويندو آهي جنهن جا نبوي احاديث ۾ فضائل آيل آهن.

خدا واسطي محبت ۽ خدا واسطي عداوت

لاءِ نبوي فرمان

١. طيالسي ۽ ابن ابي شيبه حضرت براءَ بن عازب رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو. "اَوْثَقُ عُرَى الْاِيمَانِ الْحبُ فِى اللهِ وَالبُغْضُ فِى الله" (ايمان جي ڪڙن مان مضبوط ڪڙو الله جي رضا لاءِ محبت رکڻ ۽ ان جي "رضا" لاءِ بغض رکڻ آهي. ٢. ديلمي حسن بن معاذ جي روايت سان آندو آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اَللّٰهمَّ لَاتجعَلْ لفاجر عندى يدا وَلَا نِعْمـةً فَيَوَدُّهٗ قَلْبي فَاِنِّيْ وَجَدْتُ فِيمَا اَوحَيتَ اِلَيَّ" "لاتجِدُ قوما يؤمنونَ بِاللهِ واليومِ الآخِرِ يوادون من حاد الله ورسُولَه" "الآيـة" (اي منهنجا الله منهنجي مٿان ڪنهن فاجر جو ٿورو ۽ احسان نه ڪراءِ پوءِ ان جي ڪري ان سان منهنجي دل ۾ محبت پيدا ٿئي بيشڪ مون جيڪو تو مون ڏانهن وحي ڪيو آهي ان ۾ لڌو آهي) ته مومن قوم کي نه لهندؤ جو الله ۽ ان جي رسول سان محبت رکن. اها روايت ابن مردويه ڪثير بن عطيه کان ان هڪ ٻئي مرد کان به آندي آهي. (٢) ٣. "اُولٰٓئِكَ كَتَبَ فِىْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ" (اهي ئي آهن جن جي دل ۾ ايمان نقش ڪري ڇڏيائين) مان معلوم ٿيو ته اصحاب

(١) معارف القرآن صـ٣٥٢ـ جلد ٨ (٢) الدرالمنثور صـ٨٧ـ جلد ٨

ڪرام جي دلين ۾ رب العالمين ايمان مضبوط ۽ اهڙو ڪامل رکيو هو جو منجي نہ ٿي سگهيو اهي صرف زبان سان نہ پر قلبي طرح بہ پڪا مومن هئا. ۴. "اَلَآ اِنَّ حِزْبَ اللهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ" (خبردار بيشڪ الله جو لشڪر اهيئي ڪامياب آهن) هن مان معلوم ٿيو تہ اصحاب سڳورا رضي الله عنهم الله عزوجل جو لشڪر آهن ۽ قيامت تائين جيڪو انهن سان گڏ آهي اهو بہ الله عزوجل جو لشڪر آهي جيڪو انهن کان پري آهي شيطاني لشڪر ۾ داخل آهي.

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاجز اڄ بموٴرخــه ١٨ صفرالمظفر ١۴٢٦هـ الموافق ٢٠٠٥.٣.٢٨ع تي سومر جي رات سوير صبح جو سوا پنجين بجہ سورة المجادلة جو تفسير لکي پورو ڪيو ۽ ان مالڪ مٺي جي رحمت ۽ ڪرم ۾ اميد رکندي دست بدعا آهيان تہ شال پنهنجي حبيب عليہ الصلواة والسلام جي صدقي باقي رهيل تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ جي نعمت نصيب فرمائي. آمين يارب العٰلمين بجاه النبي الامي الامين عليہ وعلىٰ آلہ واصحابہ الصلوات والتسليمات الى يوم الدين.

دعا جو طالب
محمد ادريس ڏاهري
نقشبندي عفي عنه



سورة "اَلْحَشْرِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.
نالو مبارڪ: هن جو مشهور اسم مبارڪ "سورة الحشر" آهي جيڪو هن جي آيت ع۲۔ ۾ مذڪور آهي ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان هڪ روايت ۾ هن جو نالو سورة بني النضير آيو آهي. (۱)
رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة پاڪ ۾ ٽي رڪوع، چوويهه آيتون، چار سؤ پنجيتاليهه ڪلما ۽ هڪ هزار نوسؤ تيرهن "۱۹۱۳" حرف آهن. (۲)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، نحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت ابن زبير رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته "سورة الحشر" مدينه منوره ۾ نازل ٿي هئي. (۳)
نزول جو زمانو: هن ڳالهه تي اتفاق آهي ته هن سورة ۾ غزوه بني نضير جو ذڪر ڪيل آهي پر ان ۾ اختلاف آهي ته هن سورة جو نزول ۽ غزوه بني نضير ڪهڙي سال ۾ واقع ٿيا هئا هڪ قول هي آهي ته بدر جي جنگ کان ڇهه مهينا پوءِ غزوه بني نضير جو وقوع ٿيو پر صحيح ڳالهه هيءَ آهي ته اها غزوه ربيع اول مهيني سن ۴ هه ۾ واقع ٿي هئي ان جي ڪري هن سورة جي نزول جو زمانو اهو آهي. (۴)
مضمون: هن سورة جو آغاز هن حقيقت جي بيان سان ٿي رهيو آهي ته زمين ۽ آسمان جي هر شيءِ الله عزوجل جي تسبيح پڙهي رهي آهي. ان جي پاڪائي بيان ڪري رهي آهي ڇو ته اهوئي وڏي عزت ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. الله جل مجده جي دانائي ۽ حڪمت کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ بنونضير جي انجام ڏانهن مسلمانن کي متوجه ڪيو ويو آهي ته ڏسو انهن جا قلعا ڪيترا مضبوط هئا. انهن وٽ هٿيارن جا ڪيترا ذخيرا هئا پر الله جلت صفاته انهن جي دلين ۾ اهڙو ڊپ پيدا ڪيو جو اهي پنهنجن هٿن سان پنهنجن گهرن کي پاڻ ڊاهڻ لڳا ۽ جنگ کان سواءِ پنهنجي وطن کي ڇڏڻ ۽ اتاهين لڏڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا ۽ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته اها سزا انهن کي ان جي ڪري ملي جو انهن الله عزوجل ۽ ان جي رسول معظم عليه الصلواة والسلام جي مخالفت ڪئي هئي ۽ جيڪو به ائين ڪندو ان جي پڇاڙي اها ٿيندي. ان کان بعد ٻڌايو ويو آهي ته دشمن سان مقابلي جي لاءِ جنگي تدبيرون اختيار ڪرڻ نهايت ضروري آهن ۽ دشمن کي مجبور ڪرڻ جي لاءِ ضرورت محسوس ڪندي جيڪڏهن

(۱) روح المعاني ص۳۹۔ جزءُ ۲۸ جلد ۱۰ (۲) خازن ص۱۴۴۔ جلد ۴ (۳) الدرالمنثور ص۸۸۔ جلد ۸ (۴) ضياءُ القرآن ص۱۵۵۔ جلد ۵

انهن جا ميون وارا وڻ وڍي ڇڏجن تہ بہ جائز آهي. "فيءَ" جي مال کي ورهائڻ جو حڪم بہ ٻڌايو ويو آهي ۽ آيت ع ـ٧ ـ ۾ اسلامي نظام معاشيات جي اهم ٿنڀ جو بہ ذڪر ڪيل آهي. "كَيْلَا يَكُوْنَ دُوْلَةً بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ مِنْكُمْ" (تانت اوهان جي شاهوڪارن جي وچ ۾ ڏي وٺ نہ ٿئي) ان ڪان بعد الله پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام جي غير مشروط اطاعت جو حڪم ڏنو آهي پوءِ مهاجرن ۽ انصارن اصحابن جي تعريف ڪري انهن جي همت ۽ عزت افزائي ڪئي وئي آهي. ٻئي رڪوع ۾ منافقن جي رذيل عادتن تي ڪين ملامت ڪئي وئي آهي تہ اهي ظاهر ۾ تہ پاڻ کي مسلمان چورائن تا پر حقيقت ۾ اهي دل ۾ ڪافر آهن ۽ اسلام جا دشمن آهن. جڏهن حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن بني نضير کي التي ميٽم ڏنو تہ هيترن ڏينهن ۾ مدينہ منوره مان نڪري وڃو تہ منافقن جي رئيس عبدالله بن اُبي انهن کي نياپو موڪليو تہ نہ نڪرجو مان ٻن هزارن ماڻهن تي مشتمل لشڪر وٺي اوهان وٽ پهچي ويندس. رب العزة جل مجده فرمايو تہ: منافق ڪوڙ تا هڻن جيڪڏهن جنگ تي تہ اهي يهودين کي ويجها بہ نہ ويندا. آخري رڪوع ۾ ٻين مضمونن ڪان علاوه الله عزوجل جي اسماءَ حسنیٰ جو ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن سان ان مالڪ مٺي جي عظمت جو پتو پوي ٿو ۽ جيترا نالا مبارڪ هڪ جاءِ هن سورة ۾ آهن ايترا ٻيءِ ڪنهن بہ سورة ۾ گڏ مذڪور ناهن.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة جي آخر ۾ فرمان هو "كَتَبَ اللّٰهُ لَاَغْلِبَنَّ اَنَا وَرُسُلِيْ" (الله لکي ڇڏيو آهي تہ مان ۽ منهنجا رسول ضرور غالب ٿينداسون) ۽ هن سورة جي شروعات ۾ بيان ٿيو آهي تہ "وَقَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ" (۽ سندن دلين ۾ ڊپ وڌائين).

ڀلايون ۽ برڪتون: ١. حضرت انس رضي الله عنہ ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلیٰ الله عليہ وسلم جن فرمايو "مَنْ قَرَءَ سُوْرَةَ الْحَشْرِ غَفَرَاللّٰهُ لَهٗ مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ وَمَاتَاَخَّرَ" (جنهن سورة الحشر پڙهي الله تعالیٰ ان جا اڳيان ۽ پويان گناهہ بخشي ڇڏيندو. ٢. حضرت ابوا مامہ رضي الله عنہ ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلی الله عليہ وسلم جن فرمايو "مَنْ قَرَاَ خَوَاتِيْمَ سُوْرَةِ الْحَشْرِ فِيْ لَيْلٍ اَوْنَهَارٍ فَقَبَضَهُ اللّٰهُ فِيْ تِلْكَ اللَّيْلَةِ اَوْذَالِكَ الْيَوْمِ فَقَدْ اَوْجَبَ اللّٰهُ لَهُ الْجَنَّةَ" (١) (جنهن سورة الحشر جون پويون آيتون رات جو يا ڏينهن جو پڙهيون پوءِ ان رات يا ان ڏينهن ۾ الله ان جو روح قبض فرمايو تہ الله ان جي لاءِ جنت واجب ڪري ڇڏي).

(١) اللباب في علوم الكتب ص ـ٦١١ ـ جلد ١٨

وَهِيَ اَرْبَعٌ وَّعِشْرُوْنَ آيَـةً	سُوْرَةُ الْحَشْرِ مَدَنِيَّةٌ	وَثَلَاثُ رُكُوْعَات
اها ۲۴ آيتون	سورة الحشر مدنيه آهي	۽ تي رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو ئي مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَافِى السَّمٰوٰتِ وَمَافِى الْاَرْضِ وَهُوَ

پاڪائي بيان ڪيائين الله جي ان جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ ان جيڪو زمين ۾ آهي ۽ اهو ئي

الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ (١) هُوَ الَّذِىْٓ اَخْرَجَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ دِيَارِهِمْ

غالب، حڪمت وارو آهي اهو ئي آهي جنهن ڪڍيو ڪافرن کي اهل ڪتاب مان سندن گھرن مان

لِاَوَّلِ الْحَشْرِ ؕ مَاظَنَنْتُمْ اَنْ يَّخْرُجُوْا وَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ

پھرئين حشر جي لاءِ نہ گمان ڪيو هو اوهان تہ نڪري ويندا ۽ گمان ڪيائون تہ بيشڪ اهي

مَّانِعَتُهُمْ حُصُوْنُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ فَاَتٰهُمُ اللّٰهُ مِنْ حَيْثُ

بچائيندڙ آهن انهن کي قلعا انهن جا الله کان پوءِ آيو انهن وٽ الله "جو قهر" ان جاءِ کان جو

لَمْ يَحْتَسِبُوْا ۗ وَقَذَفَ فِىْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ يُخْرِبُوْنَ بُيُوْتَهُمْ بِاَيْدِيْهِمْ

نہ گمان ڪيو هيائون ۽ وڌائين دلين انهن جي ۾ ڊپ ويران ڪن پيا پنهنجا گھر پنهنجن هٿن سان

وَاَيْدِى الْمُؤْمِنِيْنَ ۗ فَاعْتَبِرُوْا يٰٓاُولِى الْاَبْصَارِ (٢) وَلَوْلَآ اَنْ كَتَبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمُ

۽ مومنن جي هٿن سان پوءِ عبرت وٺو اي اکين وارا! ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها جو لکي الله انهن تي

الْجَلَآءَ لَعَذَّبَهُمْ فِى الدُّنْيَا ؕ وَلَهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ عَذَابُ النَّارِ (٣)

جلاوطني تہ البت عذاب ڪري ها انهن کي دنيا ۾ ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ باهہ جو عذاب آهي

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ شَآقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۚ وَمَنْ يُّشَآقِّ

اهو ان سببان جو بيشڪ انهن مخالفت ڪئي الله جي ۽ان جي رسول جي ۽جيڪو بہ مخالفت ڪري ٿو

اللهَ	فَاِنَّ اللهَ	شَدِيْدُ الْعِقَابِ (٤)	مَاقَطَعْتُمْ		مِّنْ لِّيْنَةٍ
الله جي	پوءِ بيشڪ الله عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي		جيڪو ڪٽيو اوهان		ڪجيءَ جو وڻ
اَوْتَرَ	كْتُمُوْهَا	قَآئِمَةً	عَلٰٓى اُصُوْلِهَا	فَبِاِذْنِ اللهِ	وَلِيُخْزِيَ
يا ڇڏيو اوهان ان کي		بيهندڙ	پنهنجي پاڙن تي	پوءِ الله جي اذن سان آهي	۽ تانت خوار ڪري
الْفٰسِقِيْنَ (٥)					
فاسقن کي					

تفسير

اڳيئن سورة جي پڇاڙيءَ ۾ بيان ٿيو تہ الله عزوجل مومنن جي دلين ۾ ايمان نقش ڪري ڇڏيو آهي اهي الله عزوجل جو لشڪر آهن ۽ هن جي شروعات ۾ الله جل جلالہ جي تسبيح بيان ڪندي سندس شان جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ارشاد مبارڪ آهي "سَبَّحَ لله مَافِى السَّمٰوات وَمَافِى الْاَرْضِ وَهُوَالعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" (الله جي لاءِ تسبيح پڙهي انهن جيڪي آسمانن ۾ آهن ۽ انهن جيڪي زمين ۾ آهن ۽ اهو ئي غالب، حڪمت وارو آهي) مطلب تہ جيڪي بہ شيون آسمانن ۽ زمين ۾ آهن الله عزوعلا جي تسبيح پڙهندڙ آهن يا زبان سان يا دل سان يا حال جي دلالت سان ۽ اهو غالب آهي جنهن جي حڪم کي ڪير بہ پوئتي ڪندڙ ناهي ۽ حڪمت وارو آهي سندس هر ڪم ۾ حڪمت آهي. "هُوَالَّذِىْٓ اَخْرَجَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ دِيَارِهِمْ لِاَوَّلِ الْحَشْرِ" (اهوئي آهي جنهن اهل ڪتاب مان ڪافرن کي سندس گهرن مان پهرئين حشر "جلاوطني" جي لاءِ ڪڍيو) هتي اهل ڪتاب جي ڪافرن مان مراد بني نضير قبيلي جا يهودي آهن نضير امير جي وزن تي آهي. (١) مدينہ منوره جي ڀر ۾ هنن جو جدا ڳوٺ هو هنن پنهنجا گهر مضبوط قلعن جي شڪلين ۾ ٺاهيا هئا پنهنجي تحفظ جي لاءِ ڪيترا هٿيار گڏ ڪري رکيا هيائون ۽ ڳوٺ جي ٻاهران مختلف ڪڏا ۽ کاهيون کٽي ڇڏيون هيائون تانت ڪير بہ انهن تي حملي ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ رهي ۽ انهن کي پنهنجيءَ بهادريءَ تي بہ وڏو ناز هو. انهن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ هي ٿوري تعداد وارا مسلمان انهن تي غالب ٿي سگهندا. ان جي ڪري اهي نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن سان ڪيل معاهدي جو گهٽ خيال رکندا هئا ۽ جڏهن بہ انهن کي موقعو ملندو هو تہ ان معاهدي جي خلاف ورزيءَ کان باز نہ ايندا هئا هڪ ڏينهن حضور پرنور عليہ الصلواة والسلام جن ڪنهن معاملي جي تصفيہ لاءِ سندن محلي ۾

(١) المراغي صـ٣١ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠

تشريف فرما ٿيا تہ انھن ھڪ ڪميٽي ماڻھو کي سندن مٿان ھڪ وڏو پٿر ڪيرائڻ جي لاءِ موڪليو ۽ الله عزوجل پنھنجي حبيب عليہ الصلواۃ والسلام کي ان جاءِ کان اٿي وڃڻ جو ارشاد فرمايو پاڻ اتاھين اٿي نڪري ويا ۽ انھن جي ان ناپاڪ ارادي کان محفوظ رھيا پر پاڻ انھن کي ٽيل معاھدي جي خلاف ورزي ۽ غداري ڪرڻ جي ڪري ڏھن ڏينھن جي اندر مدينہ منوره ۽ ان پسگردائيءَ مان نڪري وڃڻ جو الٽي ميٽم ڏنائون. عبدالله بن اُبي منافق جڏھن اھو ٻڌو تہ انھن کي چَورائي موڪليائين تہ "اوھان الٽي ميٽم مسترد ڪري ڇڏيو جيڪي بہ ٿيو اسين اوھان سان گڏ آھيون" انھن کي پنھنجي طاقت ۽ مظبوط قلعن تي تہ اڳئي ناز ھو ھن منافق جي پيغام تي اھي وڌيڪ آڪڙجي تہ ويا پر الله عزوجل سندن دلين ۾ اھڙو ڊپ پيدا ڪيو جو الٽي ميٽم جي ڏنل مدت ۾ اڃان چار ڏينھن ھئا تہ انھن ھٿيار ڇڏي ڏنا ۽ مدينہ منوره مان جلاوطني قبول ڪئي پنھنجن مضبوط ۽ سھڻن گھرن، سرسبز باغن ۽ زرخيز زمينن کي ڇڏڻ ڪا معمولي ڳالھہ نہ ھئي اھي ڪيترين صدين کان ھتي آباد ھئا واپار جي منڊين ۽ بازارن تي انھن جو قبضو ھو انھن سڀني شين تان دستبردار ٿي ڇڏي وڃڻ انھن جي ڊڄڻ جي انتھا ھئي الله عزوجل پنھنجي محبوب عليہ الصلواۃ والسلام کي جيڪي معجزا عطا ڪيا ھئا انھن مان ھڪ معجزو ڪين عطا ڪيل رعب ھو. ھتي ان جو ذڪر ڪندي بيان ڪيو ويو آھي تہ "اھو الله عزوجل جي غلبي، قدرت ۽ نبي ڪريم عليہ الصلواۃ والسلام جي ذات کي عطا ڪيل رعب جو اثر ھو جو اھي پھريون ڀيرو اھڙي ذلت ۽ خواريءَ جي حالت ۾ پنھنجي ھر شيءِ ڇڏي ھليا ويا. "مَاظَنَنْتُمْ اَنْ يَّخْرُجُوْا" (اوھان گمان بہ نہ ڪيو ھو تہ نڪرندا) الله عزوجل ھي مومنن تي احسان بيان ڪري رھيو آھي تہ اوھان کي تہ اھو خيال ۾ بہ نہ ھو تہ بني نضير قبيلي وارا اھڙا ذليل ٿي نڪرندا. پر الله عزوجل اوھان تي اھو ڪرم ڪري اوھان کي سڪون عطا فرمايو. "وَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ مَّانِعَتُهُمْ حُصُوْنُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ" (۽ گمان ڪيائون تہ بلاشڪ انھن کي سندن قلعا الله کان بچائيندڙ آھن) يعني يھودين کي پنھنجن قلعن تي ناز ھو ۽ ان خيال ۾ ھئا تہ سندن مضبوط قلعن جي ھوندي ڪين ڪير ڪجھہ بہ ڪري نہ سگھندو ۽ ان خيال تي مطمئن رھندي نبي پاڪ عليہ الصلواۃ والسلام سان ڪيل معاھدي جو احترام نہ ڪيائون ڪين شھيد ڪرڻ جي لاءِ حرڪت رٿي ھيائون. "فَاَتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ حَيْثُ لَمْ يَحْتَسِبُوْا" (پوءِ انھن وٽ الله "جو قھر" اتاھين آيو جتان پاڻ گمان بہ نہ ڪيو ھيائون) مطلب تہ رب العزۃ جل مجده جو قھر ۽ قوت وارو امر ڪين اتاھين آيو جو خواب خيال ۾ بہ نہ ھُيَن. نبي پاڪ عليہ الصلواۃ والسلام جن ڪين جلاوطن ڪندي پاڻ سان

ايترو سامان کڻڻ جي اجازت ڏني جيترو اٺ کڻي سگهيا. "وَقَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ يُخْرِبُوْنَ بُيُوْتَهُمْ بِاَيْدِيْهِمْ وَاَيْدِي الْمُؤْمِنِيْنَ فَاعْتَبِرُوْا يٰاُولِي الْاَبْصَار" (۽ سندن دلين ۾ رعب وڌائين پنهنجن گهرن کي پنهنجن هٿن ۽ مومنن جي هٿن سان ويران پيا ڪن پوءِ اي اکين وارا! عبرت وٺو) مطلب ته الله اهڙو ڏپ سندن دلين ۾ وڌو جو پنهنجا گهر پاڻ ڊاهن پيا ته انهن مان کڻڻ جهڙو سامان کڻي وڃن ۽ سندن ٻاهران قائم ڪيل قلعن کي مومن ڊاهي رهيا هئا ته ڪين اندر داخل ٿيڻ آسان رهي الله عزوجل فرمايو ته پوءِ اي ڏسڻ ۽ سبق پرائڻ واريون اکيون رکندڙوُ! هن واقعي مان عبرت وٺو ۽ ان ڪي اونهي نظر سان مطالعو ڪيو ته اوهان کي معلوم ٿي ويندو ته جڏهن ڪا قوم، ڪو قبيلو يا ڪو فرد الله تعاليٰ جي نافرماني ۽ ان جي پياري رسول مڪرم صلي الله تعاليٰ عليـــه وسلم سان مقابلو ڪندو آهي ته الله جلت صفاتـــه انهن جي دلين ۾ ڊپ پيدا ڪندو آهي انهن وٽ هٿيارن جا ڍير ڇو نه هجن، انهن جا مورچا مضبوط ڇو نه هجن، ڪا به شيءِ انهن کي شڪست کان بچائي نه سگهندي. "وَلَوْلَآ اَنْ كَتَبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمُ الْجَلَآءَ لَعَذَّبَهُمْ فِي الدُّنْيَا" (۽ جيڪڏهن نه هجي ها جو الله انهن جي مٿان جلا وطني لکي ڇڏي آهي ته انهن کي دنيا ۾ عذاب ڪري ها) مطلب ته انهن جي لاءِ جلاوطني مقدر ۾ لکيل هئي جيڪڏهن نه ته انهن کي الله عزوجل اجان سخت سزا ڏي ها جنهن ۾ وڏيڪ تباه ٿين ها. "وَلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابُ النَّارِ" (۽ انهن جي لاءِ آخرت ۾ باهه جو عذابُ آهي) پر دنيا ۾ سخت عذاب نه ڪرڻ جو مطلب اهو ناهي ته هاڻي اڳتي انهن کي ڪجهه به نه ٿيندو انهن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن جهنم جي باهه جو عذاب تيار آهي. "ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ شَآقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَـــهٗ وَمَنْ يُّشَآقِّ اللّٰهَ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ" (اهو ان سببان جو انهن الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو الله جي مخالفت ڪري تو پوءِ بيشڪ الله عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي) يعني جيڪا سزا بني نضير قبيلي جي يهودين کي ملي ان جو سبب اهو آهي جو انهن الله عزوجل ۽ ان جي پياري رسول مقبول عليـــه الصلواة والسلام جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو به مخالفت ڪندو ان کي اها سزا ضرور ملندي الله عزوجل جڏهن سزا ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهي ته ان جي سزا نهايت سخت هوندي آهي. "مَاقَطَعْتُمْ مِّنْ لِّيْنَـــةٍ اَوْ تَرَكْتُمُوْهَا قَآئِمَـــةً عَلٰٓى اُصُوْلِهَا فَبِاِذْنِ اللّٰهِ وَلِيُخْزِيَ الْفٰسِقِيْنَ" (اوهان جيڪي ڪجيءَ جا وڻ ڪٽيا يا انهن کي سندن ٽڙن تي بيٺل ڇڏيو پوءِ اهو سڀ ڪجهه الله جي اذن سان آهي ۽ تانت فاسقن کي خوار ڪري) مسلمانن جڏهن انهن جي ڳوٺن جو گهيراءُ ڪيو ته انهن جي چوڌاري ڪجين جا نهايت گهاٽا باغ هئا ۽ سندن ڳوٺن کي چوطرف کان آيل قلعن وٽ اهڙي ڪُلي جاءِ

ايترو سامان کڻڻ جي اجازت ڏني جيترو اٺ کڻي سگهيا. "وَقَذَفَ فِىْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ يُخْرِبُوْنَ بُيُوْتَهُمْ بِاَيْدِيْهِمْ وَاَيْدِى الْمُؤْمِنِيْنَ فَاعْتَبِرُوْا يٰۤاُولِى الْاَبْصَارِ" (۽ سندن دلين ۾ رعب وڌائين پنهنجن گهرن کي پنهنجن هٿن ۽ مومنن جي هٿن سان ويران پيا ڪن پوءِ اي اکين وارا! عبرت وٺو) مطلب ته الله اهڙو ڊپ سندن دلين ۾ وڌو جو پنهنجا گهر پاڻ ڊاهن پيا ته انهن مان کڻڻ جهڙو سامان کڻي وڃن ۽ سندن ٻاهران قائم ڪيل قلعن کي مومن ڊاهي رهيا هئا ته ڪين اندر داخل ٿيڻ آسان رهي الله عزوجل فرمايو ته پوءِ اي ڏسڻ ۽ سبق پرائڻ واريون اکيون رکندڙؤ! هن واقعي مان عبرت وٺو ۽ ان کي اونهي نظر سان مطالعو ڪيو ته اوهان کي معلوم ٿي ويندو ته جڏهن ڪا قوم، ڪو قبيلو يا ڪو فرد الله تعالىٰ جي نافرماني ۽ ان جي پياري رسول مڪرم صلى الله تعالىٰ عليـــه وسلم سان مقابلو ڪندو آهي ته الله جلت صفاتـــه انهن جي دلين ۾ ڊپ پيدا ڪندو آهي انهن وٽ هٿيارن جا ڍير ڇو نه هجن، انهن جا مورچا مضبوط ڇو نه هجن، ڪا به شيءِ انهن کي شڪست کان بچائي نه سگهندي. "وَلَوْلَاۤ اَنْ كَتَبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمُ الْجَلَآءَ لَعَذَّبَهُمْ فِى الدُّنْيَا" (۽ جيڪڏهن نه هجي ها جو الله انهن جي مٿان جلا وطني لکي ڇڏي آهي ته انهن کي دنيا ۾ عذاب ڪري ها) مطلب ته انهن جي لاءِ جلاوطني مقدر ۾ لکيل هئي جيڪڏهن نه ته انهن کي الله عزوجل اجهان سخت سزا ڏي ها جنهن ۾ وڏيڪ تباه ٿين ها. "وَلَهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ عَذَابُ النَّارِ" (۽ انهن جي لاءِ آخرت ۾ باهه جو عذاب آهي) پر دنيا ۾ سخت عذاب نه ڪرڻ جو مطلب اهو ناهي ته هاڻي اڳتي انهن کي ڪجهه به نه ٿيندو انهن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن جهنم جي باهه جو عذاب تيار آهي. "ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ شَآقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَـــهٗ ۚ وَمَنْ يُّشَآقِّ اللّٰهَ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ" (اهو ان سببان جو انهن الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو الله جي مخالفت ڪري ته پوءِ بيشڪ الله عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي) يعني جيڪا سزا بني نضير قبيلي جي يهودين کي ملي ان جو سبب اهو آهي جو انهن الله عزوجل ۽ ان جي پياري رسول مقبول عليـــه الصلوٰة والسلام جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو به مخالفت ڪندو ان کي اها سزا ضرور ملندي الله عزوجل جڏهن سزا ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهي ته ان جي سزا نهايت سخت هوندي آهي. "مَا قَطَعْتُمْ مِّنْ لِّيْنَـــةٍ اَوْ تَرَكْتُمُوْهَا قَآئِمَـــةً عَلٰۤى اُصُوْلِهَا فَبِاِذْنِ اللّٰهِ وَلِيُخْزِىَ الْفٰسِقِيْنَ" (اوهان جيڪي کجيءَ جا وڻ ڪٽيا يا انهن کي سندن ٽڙن تي بيٺل ڇڏيو پوءِ اهو سڀ ڪجهه الله جي اذن سان آهي ۽ تانت فاسقن کي خوار ڪري) مسلمانن جڏهن انهن جي ڳوٺن جو گهيراءُ ڪيو ته انهن جي چوڌاري کجين جا نهايت گهاٽا باغ هئا ۽ سندن ڳوٺن کي چوطرف کان آيل قلعن وٽ اهڙي ڪُلي جاءِ

نہ هئي جتي مسلمان صفون ٻڌي انهن جي مٿان حملو ڪري سگھن ان جي ڪري بعض مقامات تي کجين جا وڻ وڍيا ويا ۽ جيڪي وڻ جنگ ۾ رڪاوٽ نہ ٿي بڻيا اهي ڇڏيا ويا ان ڳالهہ کي يهودين ۽ منافقن هوا ڏئي وڏي شور ۽ گوڙ سان ڪنيو تہ مسلمانن جو ڪم ڏسو جو ٻين کي زمين ۾ فساد برپا ڪرڻ کان روڪين ٿا ۽ پاڻ نهايت سرسبز ۽ ميون سان ڀريلن وڻن کي وڍي ڇڏين ٿا مسلمانن کي بہ ان تي گھڻي تشويش ۽ پريشاني ٿي تہ ڪٿي انهن جو اهو ڪم فساد ۾ تہ داخل نہ ٿيو آهي الله عزوجل انهن جي اها پريشاني دور ڪندي فرمايو تہ "اوهان جو ڪردار گناهہ ناهي اهو سڀ ڪجهہ الله عزوجل جي اذن سان ٿيو آهي ۽ ان طرح سان اوهان کي غلبو ۽ قوت عطا ڪري الله عزوجل ڪافرن کي خوار ۽ ذليل ڪيو آهي."

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "سَبَّحَ لِلّٰهِ مَافِى السَّمٰوٰتِ وَمَافِي الْاَرْضِ" (جيڪو ڪجهہ آسمانن ۾ ۽ جيڪو ڪجهہ زمين ۾ آهي الله جي پاڪائي بيان ڪري رهيو آهي) هن مان معلوم ٿيو تہ انسانن ۽ جنن کان سواءِ ٻي ڪا بہ مخلوق ڪافر ناهي سڀ الله عزوجل جا مطيع آهن ڇو تہ "ما" لفظ غير عقل وارن جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ هر شيءِ قال واري زبان سان تسبيح ڪري ٿي پر اسين ان کي نہ ٿا سمجهون پر انهن جي تسبيح جو اثر جدا جدا هوندو آهي ساون پنن جي تسبيح سان قبر جي عذاب ۾ هلڪائي ٿيندي آهي جيئن حديث پاڪ مان ثابت آهي. ٢. "مَاقَطَعْتُمْ" کان "وَلِيُخْزِىَ الْفٰسِقِيْنَ" تائين آيت مان هي ڳالهيون معلوم ٿيون "١" رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جو حڪم در حقيقت الله عزوجل جو حڪم آهي وڻن جي وڍڻ يا ڇڏڻ جو حڪم تہ شايد نبي اڪرم عليه الصلواة والسلام جن ڏنو هو پر ان کي "فَبِاِذْنِ اللّٰهِ" فرمائي الله عزوجل جو حڪم سڏيو ويو آهي "٢" ان مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي تشريعي احڪام جو اختيار مليل آهي ۽ جيڪو حڪم پاڻ جاري فرمايائون اهو درحقيقت الله عزوجل جو حڪم آهي ان تي عمل ڪرڻ قرآن ڪريم جي آيتن تي عمل ڪرڻ وانگر نهايت ضروري آهي. ٣. جنگ جي دوران ضرورت پوڻ تي ڪافرن جا باغ وڍڻ، ٻُليون ۽ گهر ڊاهڻ جائز آهن ڇو تہ ان مان مقصود ڪافرن جي طاقت ٽوڙڻ آهي تانت اهي مسلمانن جي لاءِ ديني ڪمن ۾ رڪاوٽ نہ بنجن. (١)

(١) معارف القرآن صـ٣٦١، ٣٦٢ـــ جلد ٨

وَمَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْهُمْ فَمَآ اَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَّلَا رِكَابٍ وَّلٰكِنَّ اللّٰهَ

۽ جيڪي مال ڏنو الله پنهنجي رسول کي پوءِ نہ ڊوڙايا اوهان ان تي ڪي گهوڙا ۽ نہ اُٺ پر الله

يُسَلِّطُ رُسُلَهٗ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ (٦) مَآ اَفَآءَ اللّٰهُ

غالب ڪري ٿو پنهنجن رسولن کي جنهن تي گهري ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي جيڪو فيءُ جو مال ڏنو الله

عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْ اَهْلِ الْقُرٰى فَلِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى

پنهنجي رسول کي ڳوٺن جي رهندڙن وٽان پوءِ الله جوءِ رسول جوءِ قرابت وارن جي لاءِ ۽ يتيمن جي لاءِ

وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ كَيْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةً ۢ بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ

۽ مسڪينن جي لاءِ ۽ مسافرن جي لاءِ آهي تانتہ نہ هجي گردش ڪندڙ شاهوڪارن جي وچ ۾

مِنْكُمْ ۭ وَمَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۤ وَمَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ

اوهان مان ۽ جيڪي ڏي اوهان کي رسول پوءِ اهو وٺو ۽ جنهن کان روڪي اوهان کي پوءِ رڪجي وڃو

وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ (٧)

۽ ڊڄو الله کان بيشڪ الله عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي

وقف لازم

تفسير

اڳين آيتن ۾ يهودين مان بني نضير قبيلي تي آيل عذاب ۽ سزا جو ذڪر هو تہ انهن پنهنجا گهر پاڻ ڊاهي جلاوطني ڪئي ۽ پنهنجا سمورا سامان بہ ڪٽي نہ سگهيا ۽ هتي انهن جو اصحابن کي هٿ آيل مال ۽ ملڪيت جو حڪم بيان ڪندي ارشاد تي رهيو آهي "وَمَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْهُمْ فَمَآ اَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَّلَا رِكَابٍ" (۽ الله جيڪو فيءُ جو مال پنهنجي رسول کي ڏنو پوءِ اوهان ان تي نہ گهوڙا ڊوڙايا ۽ نہ اٺ) ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ هتي آيل لفظ "فاءَ" جو مادو فيءِ آهي جنهن جي لغوي معنىٰ آهي موٽائڻ ۽ هتي جيتوٽيڪ ترجمـــه "ڏنو" ڪيل آهي پر حقيقي مراد موٽائي ڏيڻ آهي. ڪنهن شيءِ جي پاڇي کي بہ "فيءِ" چوندا آهن ڇو نہ اهو بہ موٽي واپس ٿيندو آهي. هتي ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪيل آهي تہ جيڪا بہ شيءِ الله عزوجل پيدا ڪئي آهي ان جا اصل حقدار الله جل وعلا جا فرمانبردار ٻانها آهن اصل ۾ هر شيءِ انهن جي ملڪيت آهي جن شين تي ٻي فرمان ٻانها قبضو ڄمائي وهندا آهن اهو انهن جو قبضو مخالفانـــه آهي الله عزوجل جڏهن گهرندو آهي تہ انهن شين کي انهن غاصب ماڻهن

ڪان وٺي انهن جي اصلي حقدارن تائين پهچائيندو آهي هتي مذڪور بني نضير قبيلي وارن جون جيڪي ملڪيتون حضور پرنور عليـه الصلواة والسلام جن کي عطا ڪيون ويون آهن اهي حقيقت ۾ يهودين جون نہ هيون اهي انهن وٽ غصب تيل هيون هاڻي الله جلت صفاتـه انهن جو غاصبانـه قبضو ختم ڪرائي پنهنجي رسول عليـه الصلواة والسلام کي واپس ڪرايون آهن جيڪو انهن جو حقيقي حقدار هو. (١) "وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يُسَلِّطُ رُسُلَـهٗ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" (۽ پر الله پنهنجن رسولن کي جنهن تي گهري غالب ڪري ٿو ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي) مطلب تہ الله عزوجل پنهنجن رسولن عليهم الصلواة والسلام کي ڪافرن جي مال ۽ ملڪيت تي غلبو عطا ڪندو آهي ان ئي پنهنجي نظام سان پنهنجي حبيب ڪريم عليـه التحيـة والتسليم جن کي بہ بني نضير جهڙي بهادر ۽ جنگ جو، قبيلي جي ملڪيتن جو ڪنهن جنگ ۽ جهيڙي ڪان سواءِ مالڪ بنايو بلاشڪ اهو هرشيءِ تي قادر آهي. هر شيءِ ان جي قدرت جي قبضي ۾ آهي جنهن کي وٽيس عطا ڪري جنهن ڪان وٽيس ڪسي ڇڏي. "مَا اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِـهٖ مِنْ اَهْلِ الْقُرٰى فَلِلّٰـهِ وَلِلرَّسُوْلِ وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ" (جيڪو مال الله پنهنجي رسول کي ڳوٺن وارن ڪان ڏنو پوءِ "اهو" الله جو ۽ رسول جو ۽ قرابت دارن جو ۽ يتيمن جو ۽ مسڪينن جو ۽ مسافرن جو آهي) هن آيت کي عطف جو واو آڻڻ ڪان سواءِ شروع ڪيو ويو آهي جو جتي عطف جو واو ايندو آهي اتي مضمون جي مغايرت هوندي آهي هتي جڏهن تہ پهرين آيت جو ئي تفصيل آهي ان جي ڪري هي جڻ تي هڪ آهن هتي عطف جي ضرورت ناهي. (٢) ۽ هي پهريون موقعو هو جو جنگ ڪان سواءِ ڪافرن جا مال ۽ زرعي ملڪيتون مسلمانن جي قبضي ۾ آيون هيون. هي ان سلسلي جو آغاز هو جنهن کي اڳان گهڻو ٿيڻو هو. ان جي ڪري الله عزوجل انهن ملڪيتن جي تقسيم ۽ انهن جي حقدارن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو تانت مسلمانن کي انهن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪو تردد نہ رهي.

ڪافرن جي حاصل ڪيل ملڪيت جون صورتون

ڪافرن جون جيڪي ملڪيتون مسلمانن کي هٿ اچن ٿيون انهن جون ٻہ صورتون آهن "١" ڪافرن کي جنگ جي ميدان ۾ شڪست ڏيڻ ڪان بعد سندن ملڪيت تي قبضو ڪيو ويندو آهي ان مال کي غنيمت جو مال سڏيندا آهن. "٢" جنگ ڪان سواءِ ڪافرن شڪست مڃي ۽ مسلمان ان علائقي جا مالڪ بڻيا ان کي "فيءِ" سڏيندا آهن.

(١) روح المعاني صـ٤٤ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠ (٢) التفسير الكبير صـ٢٨٥ـ جزءُ ٢٩

پهرئين قسم جو ذڪر جڏهن الله عزوجل ڪيو تہ ان جي حصول جي نسبت مسلمانن ڏانهن ڪيائين "وَاعْلَمُوْا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ" (۽ ڄاڻو تہ جيڪو اوهان غنيمت ڪيو) ٻئي قسم ۾ جڏهن تہ ڪنهن جي ڪوشش جو دخل ناهي ان جي ڪري ان جي نسبت پاڻ ڏانهن ڪرڻ فرمايائين "مَا اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ" ان واضح فرق جي ڪري انهن ملڪيتن جا احڪام بہ مختلف آهن غنيمت جي مال جي لاءِ حڪم فرمايائين تہ ان جا پنج حصا مجاهدن ۾ تقسيم ڪيا ويندا ۽ پنجون حصو هيٺ بيان ڪيل مصرفن ۾ خرچ ٿيندو. "وَاعْلَمُوْا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَلِلرَّسُوْلِ وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ" (سورة انفال آيت ع۔٤١۔ هن جي معنىٰ ۽ تفسير بہ اڳي لکي آيا آهيون) پر "فيءِ" جي مال مان ڪو حصو بہ مجاهدن کي سندن حق جي لحاظ سان نہ ڏنو ويندو بلڪ سمورو مال حضور عليہ الصلواة والسلام جن پاڻ تقسيم فرمائيندا. "فيءِ" سان حاصل ٿيل منقولہ ۽ غير منقولہ سموري ملڪيت جو حڪم برابر آهي پر غنيمت طور حاصل ٿيندڙ ملڪيت ۽ مال ۾ فرق آهي اهي منقولہ سموريون ملڪيتون جيڪي جنگ جي حالت ۾ جنگ جي ميدان ۾ مسلمانن جي قبضي ۾ اچن اهي غنيمت جا مال آهن انهن جا احڪام مذڪوره بالا آيت ۾ آيل آهن پر غير منقولہ ملڪيتون مثلا جايون، زمين، باغات، قلعا وغيره اهي سڀ "فيءِ" جي حڪم ۾ هوندا اهڙي طرح جيڪڏهن جنگ ختم ٿي وڃي ۽ ان ڪان پوءِ جيڪي منقولہ ملڪيتون مسلمانن جي هٿن ۾ اچن انهن جو حڪم بہ "فيءِ" وارو آهي ان جو دليل هي آهي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جي بابرڪت دور ۾ خيبر ۽ مڪہ مڪرمہ طاقت سان فتح ٿيا هئا اتي جي زمينن ۽ رهڻ جي جاين تي بہ مسلمانن جو قبضو ٿي ويو هو منقولہ ملڪيتون تہ غنيمت ڪندڙن ۾ آيت جي مطابق تقسيم ڪيون ويون پر ٻنهي جاين تي غير منقولہ ملڪيت زمين وغيره تقسيم نہ ڪئي وئي خيبر مان حاصل ٿيندڙ زمين کي اڌو اڌ ڪيو ويو اڌ زمينون غنيمت ڪندڙن ۾ ورهايون ويون ۽ اڌ زمينون غنيمت ناهن ان ئي نبوي سنت جي مطابق حضرت عمر عراق ۽ ايران جي فاتح حضرت سعد رضي الله عنهما کي خط لکيو هو جنهن جو مطلب هي آهي تہ جيڪي منقولہ مال تو وٽ گڏ ٿين انهن کي مسلمانن ۾ ورهائي ڇڏ ۽ زمينن ۽ نهرن کي اتي جي مقامي ڪاهيندڙن جي حوالي ڪري ڇڏ. (الخ ڪتاب الخراج لابي يوسف ص٢٤۔ ڪتاب الاموال لابي عبيد ص۔٥٩۔) (١) هتي مال غنيمت ۽ مال "فيءِ" ۾ فرق سمجهائڻ ضروري هو جيڪو لکيو ويو. هاڻي "فيءِ" واري مال جي حقدارن جو تفصيل

(١) ضياءُ القرآن ص۔١٢٨، ١٢٩۔ جلد ٥

ذهن نشين ڪيو ويو آهي. "١" پهريون حقدار الله عزوجل ۽ ان جو رسول مقبول صلی الله عليه وسلم جن آهن. جمهور علماءِ وٽ الله عزوجل جو نالو مبارڪ تبرڪ طور ۽ نبي ڪريم عليـه الصلواة والسلام جن جي شان جي رفعت ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ذڪر ڪيل آهي. (١) پر ابوالعاليه جو قول آهي تہ: الله عزوجل جو حصو مستقل ۽ جدا آهي جيڪو بيت الله شريف تي خرچ ڪيو ويندو اتي ضرورت نہ هوندي تہ پين مسجدن ۽ مصرفن ۾ خرچ ڪيو ويندو. پر جمهور وٽ اهو قول صحيح ناهي. حضور نبي ڪريم عليـه الصلواة والسلام جن جو حصو مستقل آهي. حضرت عمر رضي الله عنـه جو فرمان آهي تہ بني نضير جا مال الله عزوجل جنگ ڪان سواءِ پنهنجي رسول عليـه الصلواة والسلام کي عطا فرمايا ۽ اهي حضور عليه الصلواة والسلام جي لاءِ مخصوص هئا جنهن مان پاڻ پنهنجي اهل ۽ عيال جي خرچ لاءِ هڪ سال جو حساب رکندا هئا ۽ بقايا پئسا جهاد جي لاءِ هٿيار وغيره خريد ڪرڻ ۾ خرچ ڪندا هئا سندن وصال ڪان پوءِ ان حصي جي متعلق ٻہ قول آهن "١" حضرت امام شافعي عليه الرحمـة فرمايو تہ اهو حصو سندن خليفي کي ملندو ڇو تہ حضور عليـه الصلواة والسلام جن کي اهو حصو بحيثيت امام ۽ حاڪم جي ملندو هو. سندن شان رسالت جي لحاظ سان نہ ڇو تہ ان طرح سان رسالت تي اجوري وٺڻ جو شبهو پيدا ٿئي ٿو ۽ جمهور علماءَ جو قول هي آهي تہ هي حصو بيت المال ۾ داخل ٿيندو تانت ان کي حضور پرنور عليـه الصلواة والسلام جن جي پروگرام جي تڪميل جي لاءِ خرچ ڪيو وڃي شافعي مذهب جي اڪثر علماءَ جي بہ اها راءِ آهي ان مال "فيءِ"جا ٻيا حقدار حضور عليـه الصلواة والسلام جن جا رشتيدار آهن ۽ انهن مان مراد بني هاشم ۽ بني عبدالمطلب آهن عبد شمس ۽ نوفل جو اولاد ان ۾ داخل ناهن ڇو تہ حضور عليـه الصلواة والسلام جن فرمايو "نَحْنُ وَبَنُوَ مَطَّلَبِ شَيْءٌ وَاحِدٌ وَشُبَّكَ بَيْنَ اَصَابِعِـهٖ" (اسين ۽ بنو مطلب هڪ شيءِ آهيون ۽ پنهنجين آڱرين (مبارڪن) کي ملايائون) ڇو تہ اسلام ۽ ان ڪان اڳي بہ بنو هاشم بنو مطلب جي ويجها رهيا هئا حضرت امام شافعي عليه الرحمة فرمايو تہ بنو مطلب ۽ بنو هاشم جا ننڍا، وڏا، مرد، عورتون شاهوڪار ۽ مسڪين سڀ ان حصي ۾ برابر جا حقدار آهن امام مزني ۽ ثوري جو بہ اهو ئي قول آهي ڇو تہ آيت مطلق آهي ۽ حضرت امام مالڪ عليـه الرحمـة جو قول آهي تہ ان حصي جي تقسيم اميرالمومنين جي صوابديد تي ڇڏيل آهي مناسب سمجهي تہ بنو هاشم ۽ بنو مطلب جي سڀني فردن ۾ تقسيم ڪري ۽ جيڪڏهن مناسب سمجهي تہ انهن مان جيڪي

(١) روح المعاني ص۴٦ـ جزء ٢٨ جلد ١٠

"وَمَآ اٰتٰكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ وَمَانَهٰكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا" (۽ جيڪي رسول اوهان کي ڏي پوءِ اهو وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي روڪي پوءِ ان کان رڪجي پئو) مطلب تہ "فيءِ" جي مالن مان نبي ڪريم عليـــہ الصلواة والسلام جن جيڪو اوهان کي ڏين اهو وٺو ۽ جيڪو نہ ڏين ان جي وٺڻ لاءِ سوچيو بہ نہ محبوب عليـــہ الصلواة والسلام جن ڪنهن جو حق ضايع نہ ڪندا. (١) علامہ مظهري هن جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ هي حڪم نازل تہ "فيءِ" جي مال ورهائڻ لاءِ تيو پر اهو ان هر ڳالهہ کي شامل آهي جنهن جو نبي ڪريم عليـــہ الصلواة والسلام جن امر ڪيو يا ان کان روڪيائون. (٢) "وَاتَّقُوا اللّٰهَ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ" (۽ الله کان ڊڄو بيشڪ الله عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي) يعني نبي ڪريم عليـــہ الصلواة والسلام جي امر ۽ نهي جي مخالفت ڪان ڊڄو جيڪو ان جي مخالفت ڪندو ان جي لاءِ الله عزوجل وٽ سخت عذاب آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن تا. ١. آيت ع۷ـہ ۾ "فيءِ" جي مال جي حقدارن جا ڇهہ نالا ذڪر ڪيا ويا "١" الله. "٢" رسول الله (صلی الله عليـــہ وسلم). "٣" قرابت وارا. "۴" يتيم. "۵" مسڪين. "٦" مسافر. هيءَ ڳالهہ ظاهر آهي تہ الله عزوجل دنيا، آخرت ۽ ساري مخلوقات جو حقيقي مالڪ آهي. حقدارن ۾ ان جو مٿو نالو محض تبرڪ طور ان جي لاءِ ذڪر ڪيل آهي تہ ان سان ان مال جي فضيلت، شرف، حلال ۽ پاڪ هجڻ ڏانهن اشارو ڪيو وڃي.

سوال: جيڪو زڪواة ۽ وجوبي صدقي جو مال مسلمانن هٿان ملندو آهي الله عزوجل نبين سڀني عليهم الصلواة والسلام جي لاءِ اهو بہ حلال نہ ڪيو آهي تہ جيڪو غنيمت ۽ "فيءِ" جو مال ڪافرن جو مسلمانن جي هٿ آيو اهو نبي پاڪ عليـــہ الصلواة والسلام جن جي لاءِ ڪيئن حلال ٿيو؟

جواب: سمجهڻ گهرجي تہ حقيقي طور هر شيءِ جو مالڪ الله عزوجل آهي حلال ۽ حرام ڪرڻ بہ ان جو پاور آهي ان پنهنجي فضل سان هڪ قانون جي تحت انسان کي بہ ملڪيت جو حق ڏنو آهي پر جيڪي انسان باغي ٿي وڃن تا انهن کي صحيح رستي تي هلائڻ جي لاءِ پهريان تہ انبياءَ عليهم الصلواة والسلام ۽ آسماني ڪتاب موڪليا ويا جيڪي انهن کان بہ متاثر نہ ٿيا انهن کي هي حق ڏنو ويو تہ گهٽ ۾ گهٽ اسلامي قانون جي اطاعت قبول ڪن ۽ مٿن مقرر ڪيل جزيو ۽ خراج پنهنجي مال مان ڪڍي اسلامي حڪومت جي حوالي ڪن پر جن ماڻهن ان سان بہ بغاوت ڪئي انهن جي مقابلي ۾ جهاد ۽ جنگ جو حڪم ڪيو ويو. جنهن جو نتيجو اهو آهي تہ انهن

(١) روح البيان ص۴۲۹ـ جلد ۹ (٢) المظهري ص۲۳۹ـ جلد ۹

وڏيڪ ضرورتمند هجن انهن کي ڏي ۽ جيڪڏهن اجان بہ کي ٻيا وڏيڪ ضرورتمند سمجهي تہ انهن کي عطا ڪري. "٣" "يتٰمٰى" امت جي يتيمن ٻارن کي بہ ان مان حصو ڏنو ويندو. "٤" "مساڪين" مسڪينن کي بہ نوازيو ويندو. "٥" "ابن السبيل" مسافر جن جو سفر جو ثمر ختم ٿي ويو آهي. امام شافعي ۽ ٻين ٽن امامن ۾ هڪ ٻيو بہ قابل ذڪر اختلاف آهي. امام شافعي عليه الرحمة وٽ "فيءِ" جي مال کي پنجن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويندو انهن مان چار حصا وقت جو اميرالمؤمنين پنهنجي صوابديد تي مسلمانن جي مصلحتن تي خرچ ڪندو ۽ پنجون حصو مذڪوره حقدارن ۾ برابر ورهائيندو ۽ ٻين امامن عليهم الرحمة وٽ "فيءِ" جو سمورو مال مسلمانن جي مصلحتن جي لاءِ آهي وقت جي حڪومت جتي سٺو سمجهي خرچ ڪري سگهي ٿي. (١)

"كَيْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةً بَيْنَ الْاَغْنِيَاءِ مِنْكُمْ" (تانتہ نہ هجي ڦرڻ وارو اوهان مان شاهوڪارن جي وچ ۾) ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ اسلام کان اڳي اهڙي قسم جي مالن کي ورهائڻ جو طريقو اهو هو تہ سيني کان پهريان قبيلي جو سردار يا لشڪر جو سپہ سالار چوٿون حصو ڪڍندو هو جنهن کي مرباع سڏيندا هئا ۽ باقي رهيل مان جيڪڏهن ان کي ڪا شيءِ پسند ايندي هئي تہ اها بہ ڪٽي ويندو هو ۽ باقي مال دولتمند ۽ بااثر ماڻهو پاڻ ۾ ورهائي ڪڍندا هئا ۽ غريبن کي نالي خاطر ڪو ٿورو گهڻو ڏيندا هئا. اسلام جي ابتداءَ ۾ مسلمانن بہ ان ئي دستور جي مطابق حضور عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ عرض ڪيو هو تہ يارسول الله! "عليك الصلواة والسلام" اوهان اول هن مان چوٿون حصو ڪڍو باقي مال اسين پاڻ ۾ ورهائيداسين. الله عزوجل انهن مالن جي تقسيم جو پاڻ دستور مقرر ڪري ان جو بنيادي اصول اهو طي ڪيو جيڪو ذڪر ڪيو ويو تہ انهن مالن کي صرف ان طرح نہ ورهايو تہ صرف اميرن ۽ مخصوص ٽولي ۾ اهو مال ڦرندو رهي ۽ غريب ويچارا حسرت سان انهن جو منهن ڏسندا رهن. صاف صاف حڪم ٿيو تہ الله عزوجل وٽ هيءَ شيءِ پسنديده آهي تہ معيشت جي وسائل جي تقسيم اهڙي طرح ڪئي وڃي جو غريب ۽ امير کي برابر فائدو پهچي. اسلام هي اصول صرف غنيمت ۽ "فيءِ" جي مالن ورهائڻ جي لاءِ نہ رکيو بلڪ اسلامي نظامِ حيات جي لاءِ هي روح روان آهي اسلام هي نہ چاهي تہ ملڪي وسائل صرف هڪ طبقي جي هٿن ۾ قابو نہ رهن بلڪ اهو گهري ٿو تہ انهن جو پکڙجڻ زياده کان زياده ٿئي ۽ اسلام اهڙا قانون مقرر ڪيا آهن جن سان سرمايي کي مخصوص هٿن ۾ رکڻ کان روڪيو وڃي ۽ ان جي دائره اثر کي وسيع کان وسيع تر بنايو وڃي.

(١) ضياءُ القرآن ص ١٦٨، ١٧١ ـ جلد ٥

جي جان ۽ مال احترام جي قابل ناهي انهن جو مال حڪومت الاهيـه جي قانون تحت ضبط آهي جهاد ۽ جنگ جي ذريعي جيڪو مال انهن کان حاصل ٿيو اهو ڪنهن هڪ انسان جي ذاتي ملڪيت ناهي بلڪ سڌوسئون الله عزوجل جي ملڪيت ۾ واپس اچي ويو ۽ "فيءِ" جي لفظ ۾ ان مفهوم ڏانهن اشارو بہ آهي جو ان جي اصل معنىٰ موٽڻ ٿي آهي ان ڪي "فيءِ" ان جي ڪري ٿي سڏيو ويو آهي جو اهو پنهنجي حقيقي ۽ اصل مالڪ ڏانهن موٽي ٿو هاڻي ان ۾ ڪنهن انسان جي مالڪ هجڻ جو ڪو دخل ناهي. ان کان پوءِ آيت ۾ جن جا حصا بيان ٿيا انهن ڪي سڌوسئون الله عزوجل جي طرفان ڏنو وڃي ٿو انهن جي لاءِ اهو اهڙو ئي حلال هوندو جيئن پاڻي ۽ پاڻهي ڄمندڙ گاهہ وغيره مسلمانن جي لاءِ حلال آهي. (١)

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ: "١" غنيمت ۽ "فيءِ"جومال نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام جن جي ظاهري زندگيءَ ۾ سندن اختيار ۾ هو جيئن مناسب سمجهندا هئا تيئن تقسيم ڪندا هئا ان کان بعد سندن خلفاءَ راشدين رضي الله عنهم جي اختيار ۾ رهيا جنهن ۾ عام مسلمانن جو فائدو ڏسندا هئا ان ۾ صرف ڪندا هئا يا انهن جي مفاد لاءِ بيت المال ۾ جمع ڪري ڇڏيندا هئا ۽ اهو حڪم هو تہ جيڪڏهن تقسيم ڪن تہ مذڪوره حصيدارن ۾ تقسيم ڪن. "٢" حضرت نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام جن جي قرابت دارن تي جڏهن زڪواة جو مال حرام ڪيو ويو آهي تہ انهن ڪي زڪواة جي بدلي ۾ "فيءِ" جي مال مان حصو ڏنو ويو ۽ جڏهن حضرت نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام جن جي ظاهري رحلت کان پوءِ سندن بہ حصو نہ رهيو تہ سندن قرابت دارن مان شاهوڪارن جو حصو نہ رهيو البت مسڪينن ۽ غريبن ڪي ان مان ٻين کان اول حصو ڏنو ويندو. (ڪذافي الهدايـه) (٢)

٢. "مَآاٰتٰكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ وَمَانَهٰكُمْ عَنْـهُ فَانْتَهُوْا" (جيڪي رسول اوهان کي ڏي اهو وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي روڪي ان کان رڪجي ٻئو) مان هي ڳالهيون معلوم ٿيون "١" تہ سرور ڪونين عليـه الصلواة والسلام جو هر حڪم واجب القبول ۽ واجب العمل آهي ڇو تہ "مَآاٰتٰكُمْ" هر امر ۽ "مَانَهٰكُمْ" هر نهي کي شامل آهي. (٣) "٢" اهو بہ معلوم ٿيو تہ جن شين کان حضور عليـه الصلواة والسلام جن روڪيو ناهي اهي حلال آهن انهن کان هرويرو منع ڪرڻ نہ گهرجي. "٣" اهو بہ معلوم ٿيو تہ پرويزن جو عقيدو

(١) معارف القرآن صـ٣٣٨ـ جلد ٨ (٢) معارف القرآن صـ٣٦٨ـ جلد ٨ (٣) حاشيـه ماجديـه صـ١٠٩٢ـ

كفر آهي جيڪي حضور عليه الصلواة والسلام جي پاڪ حديث جا منڪر ۽ ان ڪان روڪيندڙ آهن.

لِلْفُقَرَآءِ الْمُهَاجِرِيْنَ الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَاَمْوَالِهِمْ

فقيرن، هجرت ڪندڙن جي لاءِ جيڪي ڪڍيا ويا پنهنجن گهرن مان ۽ پنهنجن مالن مان

يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانًا وَّيَنْصُرُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ

طلب ڪن ٿا مهرباني الله ڪان ۽ رضا مندو ۽ مدد ڪن ٿا الله جي ۽ ان جي رسول جي

اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ (٨) وَالَّذِيْنَ تَبَوَّءُو الدَّارَ وَالْاِيْمَانَ مِنْ قَبْلِهِمْ

اهيئي سچا آهن ۽ اهي ٻانها جن گهر بنايو هن شهر ۽ ايمان کي انهن ڪان اڳي محبت رکن ٿا

يُحِبُّوْنَ مَنْ هَاجَرَ اِلَيْهِمْ وَلَا يَجِدُوْنَ فِيْ صُدُوْرِهِمْ حَاجَةً مِّمَّا اُوْتُوْا

ان سان جنهن هجرت ڪئي انهن ڏانهن ۽ نه ٿا لهن پنهنجن سينن ۾ ڪا حاجت ان مان جو ڏنا ويا

وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ۗ وَمَنْ يُّوْقَ

۽ ترجيح ڏين ٿا سرن پنهنجن تي جيتوڻيڪ آهي انهن کي سخت ضرورت ۽ جيڪو بچايو وڃي ٿو

شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ (٩)

پنهنجي نفس جي حرص ڪان پوءِ اهيئي ڪامياب آهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ "فيءِ" جي مال جي مصرف جو بيان هو ته اهو الله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام ۽ قرابت دارن، يتيمن ۽ مسڪينن جي لاءِ آهي ۽ هتي ٻڌايو وڃي ٿو ته انهن مان مراد مسڪين مهاجر آهن جن جون هي صفتون آهن ان ڪان بعد انصارن سڳورن رضي الله عنهم جو ذڪر آندو ويو آهي. فرمان مبارڪ آهي "لِلْفُقَرَآءِ الْمُهَاجِرِيْنَ الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَاَمْوَالِهِمْ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانًا وَّيَنْصُرُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ" (انهن فقيرن مهاجرن جي لاءِ جيڪي پنهنجن گهرن ۽ مالن مان ڪڍيا ويا الله جو فضل ۽ ان جي رضا طلب ڪن ٿا ۽ الله ۽ ان جي رسول جي مدد ڪن ٿا اهيئي سچا آهن) يعني هونءَ ته ان مال سان عام مسلمانن جون ضرورتون ۽ حاجتون متعلق آهن پر خصوصي طرح ان ۾ انهن ايثار ڪندڙن، جان گهوريندڙن، سچن مسلمانن جو حق مقدم آهي جن خالص الله عزوجل جي رضا ۽ ان

جي پياري رسول عليـــه الصلواة والسلام جي محبت ۽ اطاعت ۾ پنهنجا گهر ۽ مال قربان ڪيا انهن کي ڇڏيائون پر الله عزوجل ۽ ان جي پياري حبيب عليـــه الصلواة والسلام کي نہ ڇڏيائون بالڪل خالي هٿن سان نڪري آيا تانت الله عزوجل ۽ ان جي حبيب عليـــه الصلواة والسلام جي احڪام جي ادا ڪرڻ ۾ ڪلي طرح مدد ڪري سگهن اهي پنهنجي ايمان ۾ سچا ۽ مخلص آهن جو انهن اهڙا ڪم ڪيا جيڪي سندن ايمان جي ڪمال ۽ صداقت تي دلالت ڪندڙ آهن ۽ انهن جي ڪري الله عزوجل وٽ مغفرت ۽ ڪرامت جا صاحب آهن هر ماڻهوءَ کي پنهنجو گهر ۽ مال نهايت پيارو هوندو آهي پر هنن انهن کي ڇڏي ڏنو الله جلت صفاتـــه ۽ ان جي پياري نبي عليـــه الصلواة والسلام کي نہ ڇڏيو روايت آهي تہ انهن مان ڪي اهڙا مسڪين تي ويا هئا جو سياري جي سرديءَ کان بچڻ جي لاءِ ڪپڙو نہ هجڻ جي ڪري کڏون کٽي رات جو انهن ۾ رهندا هئا. حضرت سعيد رضي الله عنـــه کان روايت آهي تہ سيدنا رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن فرمايو "بَشِّرُوا صَعَالِيْكَ الْمُهَاجِرِيْنَ بِالنُّوْرِالتَّامِّ يَوْمَ الْقِيٰمَـةِ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّـةَ قَبْلَ النَّاسِ بِنِصْفِ يَوْمٍ وَذَالِكَ خَمْسُ مِائَـةِ سَنَـةٍ" (رواه ابو داؤد) (١) (مسڪينن، مهاجرن کي قيامت جي ڏينهن پوري نور ملڻ جي خوشخبري ڏيو "اهي ٻين" ماڻهن کان "قيامت جو" اڌ ڏينهن اڳ ۾ جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ اهو "اڌ ڏينهن دنيا جا" پنج سوءَ سال هوندو). "وَالَّذِيْنَ تَبَوَّؤُ الدَّارَ وَالْاِيْمَانَ مِنْ قَبْلِهِمْ" (۽ اهي ٻانها جن گهر بنايو هن شهر ۽ ايمان کي انهن کان اڳي) هتي "الدار" مان مراد مدينہ طيبـــه آهي ۽ اهي ماڻهو مدينـــه منوره جا رهاڪو انصار سڏبورا آهن (رضي الله عنهم) جيڪي مڪـــه مڪرمـــه کان هجرت ڪري ايندڙن کان اڳي اتي رهيل هئا ۽ ايمان ۽ عرفان جي واٽن تي گهڻو مضبوطيءَ سان مستقيم تي چڪا هئا. ايمان ۾ گهر بنائڻ جو مطلب آهي تہ ان ۾ مستحڪم ۽ مضبوط رهيا جو تہ ايمان ڪا جڳهہ ناهي جو ان ۾ رهي پيا. (٢) "يُحِبُّوْنَ مَنْ هَاجَرَ اِلَيْهِمْ" (انهن سان محبت رکن پيا جن سندن طرف هجرت ڪئي) مطلب تہ انصار سڏبورا مڪـــه مڪرمـــه مان هجرت ڪري ايندڙن سان الله عزوجل ۽ ان جي حبيب عليـــه الصلواة والسلام کي راضي ڪرڻ جي لاءِ محبت رکن ٿا تانجو پنهنجن مالن ۽ ٻين شين ۾ انهن کي برابر جو شريڪ بنائڻ جي لاءِ بہ تيار آهن. "وَلَايَجِدُوْنَ فِىْ صُدُوْرِهِمْ حَاجَـةً مِّمَّآ اُوْتُوْا وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰى اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَـــةٌ" (۽ پنهنجن سينن ۾ تنگي نہ ٿا لهن ان جي ڪري جيڪو مهاجر ڏنا ويا ۽ پنهنجن سرن تي انهن کي اختيار ڪن ٿا جيتوڻيڪ کين ضرورت هوندي

(١) المراغي صـ٤٢، ٤٣ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠ (٢) القرطبي صـ٢٠ـ جلد ١٨

آهي) يعني الله عزوجل پنهنجي لطف ۽ ڪرم سان جيڪو ڪجهہ مهاجرن اصحابن رضي الله عنهم کي عطا ڪري ٿو يا "فيءِ" وغيره جي مالن مان جيڪو ڪين نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن ڏين ٿا اهو ڏسي انصار دل ۾ تنگ نہ ٿين ٿا نہ انهن سان حسد ڪن ٿا پاڻ کي بک ۾ رکندي بہ انهن کي هر شيءِ ڏين ٿا اهڙو بي مثال ايثار هن وقت تائين ڪنهن بہ قوم ڪنهن جي لاءِ نہ ڪيو آهي. "وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ" (۽ جيڪو پنهنجي نفس جي حرص کان بچايو وڃي ٿو پوءِ اهيئي ڪامياب آهن) مطلب تہ اهي ماڻهو نهايت ڪامياب ۽ ڪامران آهن جن جي دلين کي الله عزوجل حرص، لالچ ۽ ناجائز خواهشات کان پاڪ ۽ صاف رکيو آهي بخيل انسان پائرن لاءِ بہ اهڙو ايثار نہ ڪندو نہ انهن جي خوشحاليءَ کي دل سان قبول ڪندو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. آيت ع-٨- مان معلوم ٿيو تہ اصحاب ڪرام رضي الله عنهم جي زندگي جو مقصد الله عزوجل ۽ ان جي رسول عليـــه الصلواة والسلام کي راضي ڪرڻ هو. ان جي ڪري ئي انهن پنهنجا گهر مال، ملڪيت هر شي ڇڏي ڏني هئي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ الله عزوجل جا ٻانها مدد ڪن ٿا ۽ جڏهن مدد ڪن ٿا تہ انهن کان مدد گهرڻ بہ جائز آهي. ٢. "اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ" (اهيئي سچا آهن) مان معلوم ٿيو تہ خلافت راشده حق آهي ڇو تہ ان کي سڀني مهاجرن ۽ انصارن حق چيو ۽ حق مڃيو هو ۽ اهي سڀ سچا آهن جيڪڏهن انهن جي مڃيل خلافت حق نہ مڃبي تہ انهن جو ڪوڙو هجڻ لازم ايندو جيڪو "هُمُ الصّٰدِقُوْنَ" (جي خلاف آهي) ۽ اهو بہ واضح ٿيو تہ سڀ اصحاب سڳورا رضي الله عنهم عادل آهن ڪو بہ فاسق ناهي ڇو تہ اهي سچا تڏهن چياويندا جڏهن قولي ۽ عملي ڳالهين ۾ سچا هوندا. فاسق هجڻ ۽ سچو هجڻ گڏ ٿي نہ سگهندا. ٣. آيت ع-٩- مان معلوم ٿيو تہ نبي ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جا انصار اصحابي سڳورا رضي الله عنهم بہ نهايت شاندار آهن انهن مهاجرن اصحابن رضي الله عنهم کان پهريان ئي مدينـــه منوره ۾ رهائش رکي هئي ۽ ايمان قبول ڪيو. اهو بہ معلوم ٿيو تہ مدينـــه منوره ۾ رهڻ الله جلت صفاتـــه جي نعمت آهي. اهو بہ معلوم ٿيو تہ اهي مهاجرن اصحابن رضي الله عنهم کي محبت ۽ پيار جي نظر سان ڏسندا هئا پنهنجن شين، باغن وغيره مان ڪين حصو بلڪ اڌ ڏنو هيائون ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ مهاجرن اصحابن رضي الله عنهم سان محبت رکڻ ايمان جي نشاني آهي. (١)

(١) نورالعرفان ص-٨٧٣-

وَالَّذِيْنَ	جَآءُوْ	مِنْۢ بَعْدِهِمْ	يَقُوْلُوْنَ	رَبَّنَا	اغْفِرْلَنَا
۽ اهي ٻانها	جيڪي آيا	انهن ڪان پوءِ	چون ٿا	ته اي اسان جا رب!	اسان کي بخش ڪر
وَلِاِخْوَانِنَا	الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا	بِالْاِيْمَانِ	وَلَا	تَجْعَلْ	فِيْ
۽ اسان جي انهن ڀائرن کي	جيڪي اڳي گذريا اسان کان	ايمان سان	۽ نه	پيدا ڪر	تون اسان جي
قُلُوْبِنَا	غِلًّا لِّلَّذِيْنَ آمَنُوْا	رَبَّنَا اِنَّكَ	رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ (١٠)		
دلين ۾	ڪينو انهن جي لاءِ جن ايمان آندو	اي اسان جا رب! بيشڪ تون	ٻاجهارو، مهربان آهين		

٤ع ١ الربع

تفسير

اڳين آيتن ۾ مهاجرن ۽ انصارن جي شان جو ذڪر هو ۽ هتي انهن جي لاءِ نيڪ دعائن گهرڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَالَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اغْفِرْلَنَا وَلِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ" (۽ جيڪي انهن ڪان بعد آيا چون ٿا ته اي اسان جا رب! اسان کي بخش فرماءِ ۽ اسان جن انهن ڀائرن کي "به بخش فرماءِ" جيڪي اسان ڪان اڳي ايمان سان گذريا) مطلب ته مهاجرن ۽ انصارن ڪان بعد اچڻ وارا پنهنجي لاءِ ۽ انهن جي لاءِ مغفرت جون دعائون گهرن ٿا ابن ابي ليلیٰ فرمايو ته: ماڻهو ٽي قسم آهن "١" مهاجر، "٢" انصار، "٣" انهن جا تابع انهن جي لاءِ دعائون گهرندڙ. تون ڪوشش ڪر ته انهن ٽنهي مان ڪنهن نه ڪنهن قسم ۾ هجين ۽ هاڻي صرف اهي بچيا آهن جيڪي اهي دعائون گهرندا رهن ۽ هن آيت ۾ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم سان محبت رکڻ جو وجوب ثابت آهي ۽ هن آيت ۾ اول پنهنجي لاءِ مغفرت جي دعا بيان ڪيل آهي جو ته سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو آهي "اِبْدَاْ بِنَفْسِكَ ثُمَّ بِمَنْ تَعُوْلُ" اول پنهنجي سر سان شروعات ڪر ان ڪان بعد عيال سان. (١) "وَلَا تَجْعَلْ فِيْ قُلُوْبِنَا غِلًّا لِّلَّذِيْنَ آمَنُوْا" (۽ اسان جي دلين ۾ ايمان وارن جي لاءِ ڪينو پيدا نه ڪر) جو ته ڪينو ۽ حسد هر گناهه جو منڍ ۽ هر برائيءَ جو مرڪز آهن انهن جي ڪري ئي خون، بغاوت، قتل ۽ چوري وغيره گناهه سرزد ٿيندا آهن. "رَبَّنَا اِنَّكَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ" (اي اسان جا رب! بيشڪ تون ٻاجهارو، مهربان آهين) يعني يا الله! تون پنهنجن ٻانهن سان وڏو مهربان، انهن تي گهڻي رحمت ڪندڙ آهين ان جي ڪري اسان جي اها دعا قبول ڪرڻ فرماءِ.

(١) المراغي ص ٤٥ ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠

فائدو: مذكوره آيت مان معلوم ٿيو تہ اصحاب ڪرام رضي الله عنهم جي محبت فرض آهي ۽ انهن جي لاءِ دعا گهرڻ ۽ انهن مان ڪنهن بہ هڪ جي بغض کان دل کي پاڪ ۽ صاف رکڻ بہ فرض آهي. حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ ان هڪ شخص کان ٻڌو جو ڪنهن مهاجر اصحابي رضي الله عنه متعلق گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو هو. پاڻ ان کي قرآن ڪريم جي آيت "لِلْفُقَرَآءِ الْمُهَاجِرِيْنَ" (الآية پڙهي ٻڌايائون ۽ ان کي فرمايائون تہ "تون مهاجرن مان آهين؟" ان چيو تہ نہ. ان کان پوءِ پاڻ ان جي اڳيان "وَالَّذِيْنَ تَبَوَّؤُا الدَّارَ وَالْإِيْمَانَ مِنْ قَبْلِهِمْ" آيت پڙهي فرمايائون تہ هي انصار آهن تون انهن مان آهين؟ ان چيو تہ نہ. ان کان بعد ان جي اڳيان "وَالَّذِيْنَ جَآؤُ مِنْ بَعْدِهِمْ" (الآية) پڙهي فرمايائونس تہ تون هنن مان آهين؟ ان عرض ڪيو تہ اميد رکان ٿو پاڻ ان کي فرمايائون تہ "مهاجرن ۽ انصارن کي گاريون ڏيندڙ ان ٽئين قسم وارن مان بہ ناهي." (١)

اَلَمْ تَرَ	اِلَى الَّذِيْنَ	نَافَقُوْا	يَقُوْلُوْنَ لِاِخْوَانِهِمُ	الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
ڇا تو انهن ڏانهن نہ ڏٺو	جيڪي منافق ٿيا	چون پيا	پنهنجن انهن ڀائرن جي لاءِ	جيڪي ڪافر ٿيا
مِنْ	اَهْلِ الْكِتٰبِ	لَئِنْ	اُخْرِجْتُمْ	لَنَخْرُجَنَّ
اهل ڪتاب مان	تہ البت جيڪڏهن	اوهان ڪڍيا	ويندؤ وطن مان	تہ البت ضرور اسين بہ نڪرنداسون
مَعَكُمْ	وَلَا نُطِيْعُ	فِيْكُمْ	اَحَدًا اَبَدًا لا	وَّاِنْ
اوهان سان گڏ	۽ نہ تابعداري ڪنداسون	اوهان جي باري ۾	ڪنهن هڪ جي هميشہ	۽ جيڪڏهن
قُوْتِلْتُمْ	لَنَنْصُرَنَّكُمْ ط	وَاللّٰهُ	يَشْهَدُ	
جنگ ڪيا ويندؤ اوهان	تہ البت ضرور مدد ڪنداسون اسين اوهان جي	۽ الله	شاهدي ڏي ٿو تہ	
اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ (١١)	لَئِنْ اُخْرِجُوْا	لَا يَخْرُجُوْنَ	مَعَهُمْ ج	
بيشڪ اهي البت ڪوڙا آهن	البت جيڪڏهن وطن کان ڪڍيا ويندا	تہ نہ نڪرندا	انهن سان گڏ	
وَلَئِنْ	قُوْتِلُوْا	لَا يَنْصُرُوْنَهُمْ ج	وَلَئِنْ	نَّصَرُوْهُمْ
۽ البت جيڪڏهن	جنگ ڪيا ويندا	تہ نہ مدد ڪندا انهن جي	۽ البت جيڪڏهن	مدد ڪندا انهن جي

(١) روح المعاني صـ٥٥ـ جزء ٣٦ جلد ١٠

لَيُوَلُّنَّ الْاَدْبَارَ قف ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ (١٢) لَاَ اَنْتُمْ اَشَدُّ رَهْبَةً

تہ البت ضرور پٺيون ڦيرائي ويندا ان کان پوءِ نہ مدد ڪيا ويندا البت اوهان سخت هيبت وارا آهيو

فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنَ اللّٰهِ ط ذَالِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ (١٣)

انهن جي سينن ۾ الله کان اهو ان سببان جو بيشڪ اهي قوم آهن جيڪي نہ ٿا سمجهن

لَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ جَمِيْعًا اِلَّا فِيْ قُرًى مُّحَصَّنَةٍ اَوْمِنْ وَّرَآءِ جُدُرٍ ط بَاْسُهُمْ بَيْنَهُمْ

نہ جنگ ڪندا اوهان سان گڏجي مگر ڳوٺن قلعا ڦيرايلن ۾ يا ڀتين جي پويان ويڙهہ انهن جي پاڻ ۾

شَدِيْدٌ تَحْسَبُهُمْ جَمِيْعًا وَّقُلُوْبُهُمْ شَتّٰى ذَالِكَ بِاَنَّهُمْ

سخت آهي سمجهين ٿو انهن کي گڏ ۽ دليون انهن جو جدا جدا آهن اهو ان سببان جو بيشڪ اهي

قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ (١٤) كَمَثَلِ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَرِيْبًا ذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ ج

قوم بي عقل آهن انهن وانگر جيڪي انهن کان اڳي ويجها هئا چکيائون سزا پنهنجي امر جي

وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ (١٥) كَمَثَلِ الشَّيْطٰنِ اِذْقَالَ لِلْاِنْسَانِ اكْفُرْ ج

۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي شيطان وانگر جڏهن چيائين انسان کي تہ ڪفر ڪر

فَلَمَّا كَفَرَ قَالَ اِنِّيْ بَرِيٓءٌ مِّنْكَ اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ

پوءِ جڏهن ڪفر ڪيائين تہ چيائين بيشڪ مان بيزار آهيان توکان بيشڪ مان ڊڃان ٿو الله کان

رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ (١٦) فَكَانَ عَاقِبَتَهُمَا اَنَّهُمَا فِى النَّارِ

جهانن جي رب کان پوءِ ٿي پڇاڙي انهن ٻنهي جي تہ بيشڪ اهي ٻئي باهہ ۾ هوندا

خَالِدَيْنَ فِيْهَا وَذَالِكَ جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيْنَ (١٧)

هميشہ هميشہ رهندڙ ان ۾ ۽ اهو ظالمن جو بدلو آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ بني نضير قبيلي وارن جي طرفان خوف کان ميڻ ۽ "فيءِ" جي مال جون مصرفون بيان ٿيون ۽ هتي دل ۾ ڪفر رکندڙن منافقن جي طرفان انهن يهودين کي دلاسا ڏيڻ ۽ آسرن تي ويڙهائڻ جو ذڪر ڪندي بيان ٿي رهيو آهي. "اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ نَافَقُوْا يَقُوْلُوْنَ لِاِخْوَانِهِمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَئِنْ اُخْرِجْتُمْ لَنَخْرُجَنَّ مَعَكُمْ

وَلَا نُطِيعُ فِيكُمْ أَحَدًا أَبَدًا" (ڇا تو انهن ڏانهن نه ڏنو جيڪي منافق ٿيا پنهنجن انهن ڀائرن کي چون پيا جن ڪفر ڪيو اهل ڪتاب مان ته البت جيڪڏهن اوهان جلاوطن ڪري ڪڍيا ويندؤ ته البت اسين به اوهان سان گڏ نڪرنداسون ۽ اسين اوهان "جي باري" ۾ ڪنهن هڪ جي به هميشه ڳالهه نه مڃينداسون).

شان نزول: ابن اسحاق، ابن المنذر، دلائل النبوة ۾ ابونعيم حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته بني عوف بن الحارث قبيلي مان هڪ جماعت جن ۾ عبدالله بن اُبَي بن سلول، وديعة بن مالڪ، سويد ۽ راعس منافق شامل هئا بني نضير قبيلي وارن کي چورائي موڪليائون ته مايوس نه ٿيو اوهان اڪيلا ناهيو اسين هر حال ۾ جنگ، جهيڙي، جلاوطنيءَ ۾ اوهان سان گڏ آهيون پوءِ انهن انتظار ڪيو پر هي ڪجهه به ڪري نه سگهيا ان سلسلي ۾ هيءَ آيت مبارڪه نازل ٿي. (١) جنهن ۾ هن ڳالهه جي عجيب هجڻ ڏانهن اشارو ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي ته ڇا اوهان انهن ڏانهن نه ڏٺو جن اهل ڪتاب مان پنهنجي ڪافرن ڀائرن کي چيو ته نه گهبرايو ۽ نه پاڻ کي اڪيلو سمجهو جيڪڏهن مسلمانن اوهان کي گهرن مان ڪڍيو ته اسين به اوهان سان گڏ نڪرنداسون ان باري ۾ جيڪڏهن ڪو اسان کي جهليندو ته ان جي ڳالهه ڪڏهن به نه مڃينداسون. "وَإِنْ قُوتِلْتُمْ لَنَنْصُرَنَّكُمْ" (۽ البت جيڪڏهن اوهان جنگ ڪيا ويئو ته اسين اوهان جي ضرور مدد ڪنداسون اوهان جا هر حال ۾ ساٿي ۽ پاڻهن ڀيلي رهنداسون) "وَاللهُ يَشْهَدُ إِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ" (۽ الله شاهدي ڏي ٿو ته بلاشڪ اهي ڪوڙا آهن) يعني دل سان نه ٿا چون ائين صرف مسلمانن جي خلاف ڀڙڪائڻ لاءِ چون ٿا ۽ جيڪي زبان سان چون ٿا ته ان تي عمل به ڪڏهن نه ڪندا. "لَئِنْ أُخْرِجُوا لَا يَخْرُجُوْنَ مَعَهُمْ وَلَئِنْ قُوْتِلُوْا لَا يَنْصُرُوْنَهُمْ وَلَئِنْ نَّصَرُوْهُمْ لَيُوَلُّنَّ الْأَدْبَارَ ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ" (البت جيڪڏهن ڪڍيا ويا ته انهن سان گڏ نه نڪرندا ۽ البت جيڪڏهن جنگ ڪيا ويا ته انهن جي مدد نه ڪندا ۽ البت جيڪڏهن مدد ڪندا (ڪرڻ لاءِ آيا) ته ضرور پٺي ڏئي ويندا ان کان بعد مدد نه ڪيا ويندا) مطلب ته انهن جو اهو سمورو زباني قول ۽ بيان بازي آهي ڪجهه به نه ڪندا ۽ ٿيو به ائين هو جو جڏهن جنگ جو پروگرام ٿيو ۽ بني نضير قبيلي وارا مسلمانن جي گهيري ۾ آيا ته اهي منافق انهن جي مدد لاءِ نه آيا ۽ جڏهن انهن کي گهرن مان جلا وطن ٿي نڪرڻو پيو ته اهي منافق پنهنجن گهرن ۾ آرام سان ستا پيا هئا. الله عزوجل ٻڌايو ته جيڪڏهن اهي نڪرن ها ته به فورًا پٺي ڏئي ڀڄن ها مقابلو نه ڪن ها ۽ نه انهن جي

(١) الدرالمنثور صـ١١٥ـ جلد ٨

کا مدد کئي وڃي ها. "لَاَنْتُمْ اَشَدُّ رَهْبَةً فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنَ اللّٰهِ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ" (البت اوهان انهن جي سينن ۾ الله کان بہ وڌيڪ هيبت وارا آهيو اهو ان سببان جو اهي بي سمجهہ قوم آهن) مطلب تہ انهن کي جيڪڏهن الله عزوجل جو خوف هجي ها تہ ڪفر ۽ منافقي اختيار نہ ڪن ها پر اي مسلمانو! انهن جي سينن ۾ الله جل وعلا کان بہ وڌيڪ اوهان جو ڏپ ۽ هيبت ڇانيل آهي ۽ اهو ان جي ڪري جو اهي بيوقوف قوم آهن. "لَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ جَمِيْعًا اِلَّا فِيْ قُرًى مُّحَصَّنَةٍ اَوْ مِنْ وَّرَآءِ جُدُرٍ" (اوهان سان گڏ تي جنگ نہ ڪندا مگر قلعا ڏنلن ڳوٺن ۾ يا ڀتين جي پويان بيهي، يعني جڏهن تہ انهن ماڻهن جون دليون مسلمانن کان مرعوب ۽ خوف زده آهن ان جي ڪري کليل ميدان ۾ جنگ ڪري نہ سگهندا. ها اهڙن ڳوٺن ۾ رهندي جن جي چوڌطرف وڏا قلعا ۽ ڪوٽ ڏنل آهن اتي رهندي يا ڀتين ۽ وڻن جي آڙ وٺي لڪي وار ڪندا. "بَاْسُهُمْ بَيْنَهُمْ شَدِيْدٌ" (انهن جو پاڻ ۾ ئي جهيڙو سخت آهي) يعني هڪ ٻئي سان جنگ ۾ تيز آهن جيئن اسلام کان پهريان "اوس" ۽ "خزوج" جي جنگ ۾ تجربو ٿي چڪو هو پر مسلمانن جي مقابلي ۾ انهن جي بهادري پير ئي نہ ٿي کوڙي. "تَحْسَبُهُمْ جَمِيْعًا وَّقُلُوْبُهُمْ شَتّٰى" (اوهان انهن کي گڏ سمجهو ٿا ۽ انهن جون دليون جدا جدا آهن) يعني مسلمانن جي مقابلي ۾ انهن جو ظاهري اتفاق ۽ اتحاد کان نہ ڏجو اهي ظاهر ۾ گڏ آهن انهن جون دليون هڪ ٻئي کان جدا ۽ ڳهٽو پري آهن هر هڪ پنهنجي خواهش جو غلام آهي. اهي بي عقل آهن جيڪڏهن انهن ۾ عقل هجي ها تہ مومنن مخلصن وارو اتحاد ۽ صحيح اتفاق ڏسي سبق وٺن ها جو سيني غرضن ۽ لالچن کان جدا ٿي، هڪ خيال بنجي هڪ الله عزوجل جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان وٺيو ويٺا آهن ۽ انهن سيني جو مرڻ ۽ جيئڻ صرف هڪ الله جل جلالہ جي لاءِ هوندو آهي. "ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ" (اهو ان جي ڪري جو بيشڪ اهي بي عقل قوم آهن) عقل وارا ائين نہ ڪندا. "كَمَثَلِ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَرِيْبًا ذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ" (انهن وانگر جيڪي انهن کان ويجهو اڳي هئا پنهنجي امر جي سزا چکيائون ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي) يعني سندن ويجهي دور ۾ "بني قينقاع" قبيلي جا يهودي پنهنجي غداري ۽ ڏوکي ڏيڻ جي سزا چکي چڪا آهن جڏهن انهن غداري ڪئي تہ مسلمانن انهن کي نهايت مختصر جنگ سان ڪڍي ٻاهر ڪري ڇڏيو ۽ ان کان ٿورو اڳي مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو ڪافر بہ بدر جي جنگ ۾ مزوماٽي چکا هئا. اها ئي حالت بني نضير وارا بہ ڏسي ويٺا جو دنيا ۾ مسلمانن جي هٿان ڪين سزا ملي ۽ سندن لاءِ آخرت ۾ دردناڪ عذاب بہ تيار آهي. "كَمَثَلِ الشَّيْطٰنِ اِذْ قَالَ لِلْاِنْسَانِ

اَكْفُرْ فَلَمَّا كَفَرَ قَالَ اِنِّیْ بَرِیْٓءٌ مِّنْكَ اِنِّیْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِیْنَ" (شيطان وانگر جڏهن انسان کي چيائين تہ ڪفر ڪر پوءِ جڏهن ان ڪفر ڪيو تہ چيائين مان توکان بيزار آهيان مان "جهانن جي رب" الله کان ڊڄان ٿو) مطلب تہ شيطان اول انسان کي ڪفر ۽ گناهہ تي پڙڪائي تيار ڪري ٿو ۽ جڏهن انسان اُن جي اثر ۾ اچي ڪفر ڪري، گمراهہ بڻجي ٿو تہ ان مان هٿ ڪڍي ڇڏي ٿو مان توکان بيزار آهيان مان جهانن جي رب، الله عزوجل کان ڊڄان ٿو ۽ ان جي الله عزوجل کان ڊڄڻ واري ڳالهہ بہ مڪر، فريب ۽ ڏوکو هوندي. "فَكَانَ عَاقِبَتَهُمَآ اَنَّهُمَا فِی النَّارِ خَالِدَیْنِ فِیْهَا وَذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِیْنَ" (پوءِ انهن ٻنهي جي پڇاڙي هيءَ ٿي تہ بلاشڪ اهي ٻئي "جهنم جي" باهہ ۾ هوندا ۽ ان ۾ هميشہ هميشہ رهندا ۽ اهو ظالمن جو بدلو آهي) مطلب تہ شيطان جي طرفان انسان کي ڪافر بڻائڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو ٻئي دوزخي بڻيا ان جي باهہ ۾ هميشہ هوندا ۽ ظالمن جي سزا اها ئي آهي ۽ رهندي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. آيت ع١١ـ ۾ مذڪوره لفظ "لِاِخْوَانِهِمْ" (پنهنجي ڀائرن کي) مان معلوم ٿيو تہ منافق ڪافرن جا ڀائر آهن مومنن جا ڀائر ناهن جيتوڻيڪ ظاهر ۾ ڪلمو پڙهن ٿا اهي وقت تي ڪافرن جو ئي ساٿ ڏين ٿا اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪافرن کي ڀاءُ سمجهڻ، ڀاءُ چوڻ منافقن جو ڪم آهي. ٢. "وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ" (۽ الله شاهدي ڏي ٿو تہ بيشڪ اهي البت ڪوڙا آهن) هن مان معلوم ٿيو تہ منافق درحقيقت ڪنهن جو ساٿي ناهي ۽ ان جي وعدن تي بہ اعتبار نہ هوندو آهي نہ ڪافرن کي انهن تي اعتماد هوندو آهي نہ مسلمانن کي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ الله عزوجل پنهنجي حبيب عليہ الصلواة والسلام جن کي منافقن جي لڪل ڳالهين ۽ رازن جو بہ علم عطا ڪيو آهي جو تہ منافقن جي اهل ڪتاب جي ڪافرن سان اها گفتگو نهايت رازداريءَ سان ٿي هئي. وري ٿيو بہ تيئن جيئن رب العزة جل وعلا فرمايو "تَحْسَبُهُمْ جَمِیْعًا وَّقُلُوْبُهُمْ شَتّٰی" (انهن کي گڏ سمجهو ٿا ۽ انهن جون دليون جدا جدا آهن) مان معلوم ٿيو تہ ڪافر مسلمانن جي مقابلي ۾ مصلحتي طور هڪ ٿي ويندا آهن مسلمانن کي انهن تي اعتماد نہ ڪرڻ گهرجي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪافر حقيقت ۾ هڪ ناهن انهن جي پاڻ ۾ دشمني گهٽي هوندي آهي. انگريزن، جرمن وارن، هندن، سڪن، يهودين ۽ عيسائين جي هڪ ٻئي ۾ اندروني عداوت گهٽي هوندي آهي پر مسلمانن جي مقابلي ۾ گڏجي ويندا آهن. (١)

(١) نورالعرفان صـ٨٧٤ـ

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اتَّقُوا اللّٰهَ وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ

اي ايمان وارا! ڊڄوالله کان ۽جڳائي تہ سوچي هرنفس اهو جو اڳي ڪري موڪليائين صبحاڻي جي لاءِ

وَاتَّقُوا اللّٰهَ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ (١٨) وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا

۽ڊڄو الله کان بيشڪ الله خبر رکندڙ آهي ان جي جيڪي ڪيو ٿاءِ نہ هجو انهن وانگر جن وساريو

اللّٰهَ فَاَنْسٰىهُمْ اَنْفُسَهُمْ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ (١٩) لَا يَسْتَوِيْٓ اَصْحٰبُ النَّارِ

الله کي پوءِ وساريائين انهن کان سِرَ انهن جا اهيئي فاسق آهن نہ ٿا برابر ٿين جهنم وارا

وَاَصْحٰبُ الْجَنَّةِ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ (٢٠)

۽ جنت وارا، جنت وارا اهيئي ڪامياب ٿيندڙ آهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ منافقن جي بري ڪردار ۽ ڪين ملندڙ سزا جو بيان ٿيو ۽ هتي مومنن کي تقويٰ ۽ پاڪيزگي اختيار ڪرڻ جو حڪم ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ" (اي ايمان وارا الله کان ڊڄو جيڪو امر ڪري ادا ڪيو ۽ جنهن کان روڪي اهو ڇڏي ڏيو) "وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّاقَدَّمَتْ لِغَدٍ" (۽ جڳائي تہ سوچي هر نفس اهو جيڪو صبحاڻي جي لاءِ اڳي ڪري موڪليائين) يعني اهو بہ سوچيو تہ اوهان آخرت جي لاءِ ڪهڙا سهڻا عمل ڪري موڪليا آهن جيڪي اوهان کي اتي نفعو ڏين. "وَاتَّقُوا اللّٰهَ" (۽ الله کان ڊڄو) وري بہ اهو حڪم تاڪيد ۽ تنبيہ جي لاءِ آيو آهي تہ ان ڏانهن ماٺهو متوجہ رهن ۽ متنبہ ٿين. "اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ" (بيشڪ الله ان جي خبر رکندڙ آهي جيڪي اوهان ڪيو ٿا) يعني الله عزاسمہ اوهان جي حالات کان بخوبي واقف آهي ۽ اوهان جي احوال مان ڪا بہ شيءِ ان کان لڪل ناهي پنهنجا جيڪي بہ ڪم ڪيو ٿا سوچي ڪيو. "وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا اللّٰهَ فَاَنْسٰىهُمْ اَنْفُسَهُمْ" (۽ انهن وانگر نہ هجو جن الله کي وساريو پوءِ الله انهن کان سندن سر بہ وسارائي ڇڏيا) يعني اوهان جو حال ان قوم وانگر نہ هجي جن الله جلتِ صفاتہ جا واجب ڪيل احڪام وساري ڇڏيا الله عزوجل جا حقوق ادا نہ ڪيا پوءِ ڪين اهي ڳالهيون ياد نہ رهيون جن سان نجات حاصل ڪن رب العزة جل مجده انهن جي اهڙي حالت بنائي جو ڪين پنهنجا سر بہ ياد نہ رهيا جو اچڻ وارين آفتن کان پاڻ کي سلامت رکي سگهن. "اُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ" (اهيئي فاسق آهن) يعني الله عزوجل جا بي فرمان آهن ۽ ان بي

فرمانيءَ جي ڪري دائمي نقصان ۽ هلاڪت ۾ آهن. "لَايَسْتَوِيْ اَصْحٰبُ النَّارِ وَاَصْحٰبُ الْجَنَّـةِ" (جهنم وارا ۽ جنتي برابر ناهن) مطلب تہ جن الله تعالىٰ کي وساري پاڻ کي هميشہ جي لاءِ جهنمي بنايو آهي ۽ جن الله جلت صفاتہ کان ڊڄي پاڻ کي جنتي بنايو آهي برابر ناهن. "اَصْحٰبُ الْجَنَّـةِ هُمُ الْفَائِزُوْنَ" (جنت وارا ئي ڪامياب آهن) جيڪي هر تڪليف کان محفوظ رهندا ۽ هر نعمت سان مالا مال هوندا. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَلْتَنْظُرْ" (۽ جڳائي تہ سوچي) مان معلوم ٿيو تہ هڪ گهڙيءَ جو فڪر گهٽي ذڪر کان ڀلو آهي فڪر مان مراد سوچڻ آهي رب پاڪ جي عظمت، حضور پرنور عليہ الصلواة والسلام جي تعريف ۽ ثنا، پنهنجون غلطيون ۽ گناهہ سوچي توبهہ ڪرڻ سڀ ان ۾ داخل آهن. مراقبہ جو اصل بہ اهو ئي آهي سيدنا علي المرتضىٰ رضي الله عنہ فرمايو آهي تہ جيڪو دنيا ۾ پنهنجو حساب ڪندو رهندو ان جي لاءِ آخرت جو حساب آسان ٿيندو. ٢. "وَلَاتَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا اللّٰهَ" (۽ انهن وانگر نہ بنجو جن الله کي وساريو) مان معلوم ٿيو مسلمان جو شان ناهي تہ اهو الله عزوجل کان غافل رهندڙن ماڻهن وانگر بنجي بلڪ صالحن، شاڪرن ۽ ذاڪرن پانهن واري زندگي اختيار ڪري، جيئن فرمان مبارڪ آهي "وَاتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ" (ان جي واٽ جي اتباع ڪر جنهن مون ڏانهن رجوع ڪيو) ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ اسلام کان سواءِ ڪو بہ دين ناهي جنهن ۾ صحيح طريقي سان رب پاڪ جي ذڪر ۽ ياد جو صحيح معيار بيان ٿيل هجي. ٣. "لَايَسْتَوِيْ اَصْحٰبُ النَّارِ وَاَصْحٰبُ الْجَنَّـةِ" (جهنم وارا ۽ جنت وارا برابر ناهن) مان معلوم ٿيو تہ مومن ۽ ڪافر، خوشنصيب ۽ بدنصيب فاسق ۽ متقي درجي ۾ برابر ناهن جيتوڻيڪ دنيوي شڪل ۽ صورت ۾ برابر معلوم ٿيندا آهن. جڏهن جنتي ۽ دوزخي پاڻ ۾ برابر ناهن بلڪ جنتي بہ برابر ناهن هڪڙا ٻين کان اعلىٰ آهن تہ نبي عليہ الصلواة والسلام ۽ امتي ڪيئن برابر ٿيندا. هن آيت مان اهي عبرت وٺن جيڪي نبي عليہ الصلواة والسلام سان همسريءَ جي دعوىٰ ڪن ٿا. (٢)

لَوْاَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَـهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا

جيڪڏهن نازل ڪيون ها اسين هي قرآن جبل تي تہ البت ڏسين هاان کي جهڪندڙ، ٽڪراٽڪرا ٿيندڙ

مِنْ خَشْيَـةِ اللّٰهِ ؕ وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ (٢١)

الله جي خوف کان ۽ اهي مثال بيان ڪيون ٿا اهي ماڻهن جي لاءِ تانتہ اهي سوچين

(١) المراغي ص ـ ٥۴ ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠ (٢) نورالعرفان ص ـ ٨٧٥ ـ

هُوَاللهُ الَّذِىْ لَآاِلٰـهَ اِلَّاهُوَ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ هُوَالرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ (٢٢)

اِهوالله اُهوآهي جوناهي كومعبودبالحق ان كان سواءِڄاڻندڙآهي غيب ۽ظاهراهوئي مهربان ٻاجهارو آهي

هُوَاللهُ الَّذِىْ لَآاِلٰـهَ اِلَّاهُوَاَلْمَلِكُ الْقُدُّوْسُ السَّلَامُ الْمُؤْمِنُ

اِهو ئي اُهو آهي جو ناهي كو سچو معبود ان كان سواءِ بادشاهہ پاڪ سلامتي ڏيندڙ، امن ڏيندڙ

الْمُهَيْمِنُ الْعَزِيْزُ الْجَبَّارُ الْمُتَكَبِّرُ ط سُبْحٰنَ اللهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ (٢٣)

نگهبان غالب، جبار متكبر الله جي پاڪائي آهي ان كان جيكو شريڪ بنائن ٿا

هُوَاللهُ الْخَالِقُ الْبَارِئُ الْمُصَوِّرُ لَـهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ط يُسَبِّحُ لَـهٗ

اهوالله پيدا كندڙ، وجود ڏيندڙ، صورت ڏاهيندڙ آهي ان جا ئي آهن نالا سهڻا تسبيح پڙهن ٿا ان لاءِ

مَافِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَهُوَالْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ع (٢٤)

جيكي آسمانن ۾ آهن ۽ زمين ۾ ۽ اهو ئي غالب، حكمت وارو آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ گمراهہ ٽولن منافقن ۽ يهودين وغيره جو ذكر كري ان كان پوءِ مومنن كي تقوىٰ اختيار كرڻ جو حكم ڏيو هو ۽ هتي انهن مومنن كي ٻڌايو ويو آهي تہ ان تقوىٰ جي رهبري كرڻ جي لاءِ اوهان كي رهنمائي كندڙ اهڙو قرآن پاڪ عطا كيو ويو آهي جو جيكڏهن اهو كنهن جبل تي نازل ٿئي ها تہ اهو جبل بہ خدا جي خوف كان ٽكرا ٽكرا ٿي وڃي ها. فرمان مبارڪ آهي. ”لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللهِ“ (جيكڏهن اسين هي قرآن جبل تي نازل كيون ها تہ البت اوهان ان كي نوڙت كندڙ، الله جي خوف كان ٽكرا ٽكرا ٿيندڙ ڏسو ها) مطلب تہ جيكڏهن جبل ۾ عقل پيدا كيو وڃي ها جيئن اوهان ۾ عقل آهي ان كان پوءِ قرآن كريم ان تي نازل كجي ها تہ اهو جبل ان جي هيبت كان ٽكرا ٽكرا ٿي وڃي ها ۽ انسان جيكو نهايت كمزور ۽ مٽيءَ جي مٺ مان ٺهيل آهي ان كي اهو حق نہ ٿو پهچي جو قرآن كريم تي غور ئي نہ كري. ”وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ“ (۽ اهي مثال اسين ماڻهن جي لاءِ بيان كيون ٿا تانت اهي سوچين) مطلب تہ انسانن كي سوچڻ جي لاءِ هر مثال ڏئي ٻڌايون ٿا. پوءِ انهن مان كي الله عزوجل جي طرفان توفيق ملڻ سان سمجهن ٿا ۽ ايمان آڻي سڌي واٽ وٺن ٿا كي نہ ٿا سمجهن. ”هُوَ اللهُ الَّذِىْ لَآاِلٰـهَ اِلَّا هُوَ عَالِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ هُوَالرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ“ (اهو الله

اُهو آهي جنهن کان سواءِ ڪو بہ عبادت جو لائق ناهي ڳجهہ ۽ ظاهر ڄاڻندڙ آهي اهو ئي رحمان، رحيم آهي) مطلب تہ حقيقي رب اهو آهي، ان کان سواءِ ڪو بہ معبود بالحق ناهي اهو لڪل ۽ ظاهر هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي اهو ئي رحمان آهي جنهن جي رحمت هر شيءِ کي شامل آهي ۽ سندس رحم دنيا ۽ آخرت ۾ ڪم اچڻ وارو آهي.

"هُوَاللهُ الَّذِيْ لَآاِلٰـهَ اِلَّاهُوَ اَلْمَلِكُ الْقُدُّوْسُ السَّلَامُ الْمُؤْمِنُ الْمُهَيْمِنُ الْعَزِيْزُ الْجَبَّارُ الْمُتَكَبِّرُ سُبْحٰنَ اللهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ" (اِهو الله اُهو آهي جنهن کان سواءِ ڪو بہ معبود بالحق ناهي، بادشاهہ، پاڪ، سلامتيءَ وارو، امن ڏيندڙ، نگهبان، غالب، جبار، وڏائي وارو آهي الله جي ان کان پاڪائي جيڪي ان سان شريڪ بنائن ٿا) هتي الله عزوجل پنهنجا ڪجهہ سهڻا نالا بيان فرمايا آهن پر انهن کان پهريان پنهنجو معبود بالحق هجڻ بيان ڪيو اٿس تہ الله عزوجل ئي معبود بالحق آهي. "اَلْمَلِكُ" "بادشاهہ آهي" جيڪو گهري اهو ڪري ان جي مٿان اعتراض ڪرڻ جي ڪنهن کي جرئت ناهي. "اَلْقُدُّوْسُ" "نهايت پاڪ" هر عيب کان پاڪ ۽ نقص کان منزهہ. "اَلسَّلَامُ" "سلامتي وارو" هر قسم جي خامين کان محفوظ يا معنىٰ آهي سلامت رکندڙ، جيڪو پنهنجن ٻانهن کي هميشہ سنيالي ۽ بچائي ٿو. "اَلْمُؤْمِنُ" "امن ڏيندڙ" يا پنهنجن پيارن رسولن عليهم الصلواة والسلام جي هٿن تي معجزا ظاهر ڪري انهن جي تصديق ڪندڙ. "اَلْمُهَيْمِنُ" "نگهباني ڪندڙ" جيڪو پنهنجن ٻانهن کي خوف کان امن ۾ رکي ٿو. "اَلْعَزِيْزُ" "زبردست ۽ سڀني تي غالب رهندڙ". "اَلْجَبَّارُ" "پنهنجي مخلوق جي امور جي اصلاح ڪندڙ" انهن جي فائدي لاءِ انهن ۾ تصرف ڪندڙ، هن لحاظ سان اهو جبر کان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ اصلاح آهي ڀڳل هڏي تي پٽو ٻڌي ان کي درست ڪرڻ کي بہ جبر چوندا آهن ان جي هڪ ٻي معنىٰ بہ آهي تہ جبار اهو آهي جنهن جي سطوت کي برداشت ڪري نہ سگهجي. "اَلْمُتَكَبِّرُ" "وڏائي وارو" جنهن جي عظمت انتها کي پهتل آهي. الله عزوجل جي لاءِ متڪبر هجڻ ان جي سهڻي صفت پر مخلوق جي لاءِ "متڪبر" هجڻ مذمت جي قابل آهي. جيئن حضرت ابو هريرة رضي الله عنـه کان راويت آهي تہ رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن فرمايو تہ الله عزوجل جو ارشاد آهي "اَلْكِبْرِيَاءُ رَدَائِيْ وَالْعَظَمَـةُ اِزَارِيْ وَمَنْ نَازَعَنِي فِيْ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا قَصَمْتُـهُ وَقَذَفْتُـهُ فِي النَّارِ" (١) "عظمت ۽ ڪبرياءُ منهنجي چادر آهن پوءِ جنهن مون سان انهن ۾ هٿ چراند ڪئي تہ مان ان جي چيلهہ ٽوڙيندس ۽ ان کي دوزخ ۾ اڇلائيندس". "سُبْحٰنَ اللهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ" (الله پاڪ آهي ان کان جيڪو شرڪ ڪن ٿا) يعني الله عزوجل تہ اهو آهي جيڪو

(١) القرطبي صـ٤٧ـ جلد ١٨

مذكوره صفات سان متصف آهي. پر جن بتن کي مشرکن الله عزوجل جو شريڪ بنايو آهي ڇا اهي به هنن صفتن سان موصوف آهن؟ انهن ۾ اهي سڀئي خوبيون يا انهن مان هڪ خوبي آهي؟ جڏهن انهن ڪمالات جو انهن ۾ ڪو شائبه به ناهي ته انهن کي الله عزوجل جو شريڪ بنائڻ ڪيتري نه بي وقوفي ۽ حماقت آهي ان جي ڪري آخر ۾ فرمايائين ته الله عزوجل انهن جي باطل معبودن کي شريڪ بنائڻ کان پاڪ آهي جن کي هي نادان ان جو شريڪ بنائن ٿا. "هُوَاللّٰهُ الْخَالِقُ الْبَارِئُ الْمُصَوِّرُ" (اهو الله خالق، وجود ڏيندڙ، صورت بخشيندڙ آهي) مطلب ته الله ئي آهي جيڪو ڪائنات کي پيدا ڪري، وجود جي نعمت ڏئي صورتون به عطا ڪندو آهي ڪنهن کي سهڻو ته ڪنهن کي ڪوجهو بنائيندو آهي. "لَـهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى يُسَبِّحُ لَـهُ مَافِى السَّمٰوٰات وَالْاَرْضِ" (ان جا سهڻا نالا آهن ان جي لاءِ اهي تسبيح پڙهن ٿا جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن) مطلب ته هتي ان جا ڪجهه سهڻا نالا بيان ٿيا آهن پر حقيقت ۾ هي آهي ته سڀ سهڻا نالا ان سان مخصوص آهن هر شيءِ ان جي تسبيح بيان ڪري رهي آهي. "وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" (۽ اهو ئي غالب، حڪمت وارو آهي) مطلب ته سڀني ڪمالات جو جامع اهو آهي عزت به ان جي آهي ته حڪمت به ان جي آهي. ترمذي حضرت معقل بن يسار رضي الله عنه کان روايت آندي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن صبح جو ٽي ڀيرا اعوذ بالله السميع العليم من الشيطن الرجيم پڙهي پوءِ سورة الحشر جون ٽي آخري آيتون پڙهيائين ته الله عزوجل ان لاءِ ستر هزار (٧٠٠٠٠) ملائڪ مقرر ڪندو جيڪي ان تي سج لهڻ تائين درود موڪليندا رهندا پوءِ جيڪڏهن ان ڏينهن مري پيو ته شهيد ٿي رحلت ڪندو ۽ جنهن شام جو ائين چيو ته اهو به ان منزل تي پهچندو" ۽ ابن عدي ۽ بيهقيءَ حضرت ابي امامة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن سورة الحشر جون آخري آيتون رات جو يا ڏينهن جو پڙهيون پوءِ ان ڏينهن يا رات ۾ سندس روح قبض ڪيو ويو ته ان جي لاءِ جنت واجب آهي." (١)

فائدا: مذکوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. آيت ع ـ ٢١ ـ مان معلوم ٿيو ته الله عزوجل جمادات ۾ به شعور پيدا ڪري سگهي ٿو بلڪ پيدا ڪيو آهي جيئن هڪ جاءِ تي فرمان گرامي آهي "وَاِنَّ مِنْهَا لما يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَـةِ اللّٰهِ" (۽ انهن مان ڪي اهڙا پٿر آهن جيڪي الله عزوجل جي خوف کان ڪري پون ٿا) ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "هڪ جبل ٻئي جبل کي سڏيندو ۽ پڇندو آهي ته ڇا تو

(١) المظهري ص ـ ٢٥٧ ـ جلد ٩

وٽان ڪو هڪ لنگهيو آهي جيڪو الله جي ذڪر وارو آهي". (١) ٢. "لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُونَ" (تانت اهي فڪر ڪن) مان معلوم ٿيو تہ ايمان وارا فڪر ڪندا ۽ سوچ رکندا آهن ۽ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وقت فڪر نہ ڪرڻ، تدبر ۽ تخشع کان خالي رهڻ قلب جي ڪٺيل هجڻ جي علامت آهي. ٣. سورة الحشر جي آخري آيتن جي وڏي برڪت آهي. حضرت ابوهريرة رضي الله عنــه کان روايت آهي تہ: مون پنهنجي خليل، ابوالقاسم، رسول الله صلى الله وسلم جن کان الله جي اسم اعظم جي باري ۾ عرض ڪيو تہ پاڻ فرمايائون "سورة الحشر جي آخر کي لازم ڪري وٺ ۽ ان جي تلاوت گهڻي ڪر" مون ڪين وري عرض ڪيو تہ پاڻ وري بہ ساڳيو جواب ڏنائون حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنــه کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليــه وسلم جن فرمايو "جنهن سورة الحشر پڙهي الله ان جا اڳيان ۽ پويان گناه بخشي ڇڏي ٿو." (٢)

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاجز، عاصي رب العزة جل مجده جي خصوصي ڪرم سان اڄ آچر جي ڏينهن بوقت ڏهہ لڳي پندرهن منٽن تي صبح جو بمؤرخــــه ١۴٢٦.۴.٧هہ الموافق ٢٠٠٥.٥.١٥ع تي پنهنجي لائبريريءَ ۾ ويٺي سورة الحشر جو تفسير لکي پورو ڪيو الله عزوجل جي رحمت ۾ قوي اميد رکندي التجا آهي تہ اهو ڪريم پنهنجي حبيب ڪريم عليه التحيــة والتسليم جي صدقي باقي رهيل تفسير بہ جلد کان جلد پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪري. آمين يا الــٰـه العٰلمين بجاه النبى الامين عليــه وآلــه واصحابــه الصلوات والتسليمات الى يوم الدين.

دعا جو طالب

محمد ادريس ڏاهري

نقشبندي عفي عنه



(١) ساڳيو حوالو صـ٢٥٥ـ جلد ٩ (٢) القرطبي صـ۴٨.۴٩ـ جلد ١٨

رهبر ۽ رهنما...

ڪتاب جو نالو	مصنف جو نالو	ڇپائيندڙ اداري جو نالو
القرآن الڪريم	باري تعاليٰ جو ڪلام	
١. تفسير خازن	علي بن محمد بن ابرهيم بغدادي	دارالمعرفة، بيروت، لبنان
٢. الدرالمنثور	علامه جلال الدين السيوطي	دارالفكر بيروت
٣. المراغي	احمد مصطفي المراغي	= = = =
۴. فارسي ترجمه	حضرت مخدوم نوح هالائي	سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ
۵. تفسير القاسمي	جمال الدين القاسمي	دارالفكر بيروت
٦. تيسيرالكريم الرحمٰن	عبدالرحمٰن سعدي	عالم الكتب بيروت
٧. تنوير المقياس	سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما	درالمعرفة بيروت
٨. ايسرالتفاسير	ابوبكر بن جابرالجزائري	سعودي عربيه
٩. صفوة التفاسير	محمد علي صابوني	درالفكر بيروت
١٠. البحرالمحيط	ابوحيان اندلسي	= = = =
١١. تفسير ابن ڪثير	علامه اسماعيل بن ڪثير دمشقي	مكتبه تجارية مصر
١٢. معارف القرآن	مفتي محمد شفيع	دارالقلم ڪراچي
١٣. نورالعرفان	مفتي احمد يار خان نعيمي	سني دارالاشاعت لاهور
١۴. مظهري	علامه ثناء الله پاني پتي	اشاعة العلوم حيدرآباد دكن
١۵. حقاني	علامه عبدالحق صاحب	شيخ غلام علي اينڊ سنز ڪشمير بازار لاهور
١٦. الصاوي	احمد بن محمد الصاوي	شركة مكتب ومطبع مصطفي البابي الحلبي و اولاده بمصر
١٧. القرطبي	محمود بن احمد انصاري	درالباز المكة المكرمة
١٨. الڪشاف	محمود بن عمر زمخشري	= = = =
١٩. المدارڪ	عبدالله بن احمد نسفي	دارالمعرفة بيروت
٢٠. روح البيان	علامه اسماعيل حقي	دارالفكر بيروت
٢١. حاشيه عثمانيه	شبير احمد عثماني	مطبع، مكتب الحجاز شمالي ناظم آباد ڪراچي
٢٢. ضياء القرآن	پير ڪرم شاه ازهري	ضياء القرآن پبليڪيشنز لاهور
٢٣. تفسير جمل	سليمان بن عمر	مكتبة تجاريه مصر

ڇپائيندڙ اداري جو نالو	مصنف جو نالو	ڪتاب جو نالو
تاج ڪمپني ڪراچي	عبدالماجد دريابادي	٢٤. حاشيه دريابادي
دارالفڪر بيروت	علامه شهاب الدين آلوسي	٢٥. روح المعاني
= = = =	عبدالله بن عمر شيرازي	٢٦. بيضاوي
دارالعلم دمشق، سوريا	محمد علي صابوني	٢٧. تنوير الاذهان
دارالقلم ڪراچي	اشرف علي ٿانوي	٢٨. بيان القرآن
مصر	ابن عابدين شامي	٢٩. ردالمحتار
دارالڪتب العلميه تهران	فخرالدين رازي	٣٠. التفسير الڪبير
دراحياء التراث العربي، بيروت	محمد بن محمد عمادي	٣١. ابوالسعود
= = = =	محسن بن علي شوڪاني	٣٢. فتح القدير
سعودي عرب	محمد علي صابوني	٣٣. مختصر تفسير ابن ڪثير
شاه فهد قرآن ڪريم پرنٽنگ ڪمپليڪس سعوي عربيه	صلاح الدين يوسف	٣٤. حاشيه صلاح الدين يوسف
دارالعلم للملايين بيروت	عفيف عبدالفتاح	٣٥. روح القرآن
نور محمد اصح المطابع ڪراچي	جلال الدين محلي ۽ جلال الدين سيوطي	٣٦. جلالين
المڪتبة العصرية بيروت	محمد علي صابوني	٣٧. التفسير الواضح الميسر
المڪتبة الاسلامية بيروت	علامه عبدالرحمٰن ابن الجوزي	٣٨. زاد المسير
مدينه پبلشنگ بندر روڊ ڪراچي	شيخ عبدالحق محدث دهلوي	٣٩. مدارج النبوة
ادراه ترجمان القرآن لاهور	سيد ابوالاعلىٰ مودودي	٤٠. تفهيم القرآن
هندستان (انڊيا)	ڪمال الدين حسين الواعظ	٤١. تفسير حسيني فارسي
مڪتبه حقانيه پشاور	ملا احمد جيون	٤٢. تفسير احمدي
دارالمعرفة بيروت	محمد بن عبدالله	٤٣. احڪام القرآن لابن العربي
ادب منزل پاڪستان چوڪ ڪراچي	ولي الدين الخطيب	٤٤. مشڪواة المصابيح
شڪارپور سنڌ	محمد عثمان نورنگ زاده	٤٥. تنويرالايمان
دارالقلم دمشق	علي بن احمد الواحدي	٤٦. الوجيز
دارالڪتب العلمية بيروت	علامه عمر بن علي دمشقي	٤٧. اللباب في علوم الڪتٰب
اصح المطابع ڪراچي	امام مسلم بن حجاج قشيري	٤٨. صحيح مسلم


ڪتاب جو نالو	مصنف جو نالو	ڇپائيندڙ اداري جو نالو
۴۹. عمدة القاري	بدرالدين عيني	داراحياء التراث العربي بيروت
۵۰. فتح الباري	علامہ ابن حجر عسقلاني	دارالمعرفة بيروت
۵۱. تفسير غريب القرآن	عبدالله بن مسلم بن قتيبہ	دارالكتب العلمية بيروت لبنان
۵۲. تفسير الطبري	محمد ابن جرير طبري	دارالمعرفة
۵۳. تفسير نيشاپوري	نظام الدين حسن بن محمد	= = = = =
۵۴. خزائن العرفان سنڌي	مفتي محمد رحيم سڪندري	ضياء القران پبليڪشنز لاهور
۵۵. مفردات راغب	علامہ راغب اصفهاني	اصح المطابع ڪراچي
۵۶. ڪمالين شرح اردو جلالين	محمد نعيم ديوبندي	الشركة العلمية بيرون بوهڙ گيٽ ملتان
۵۷. احكام القرآن للجصاص	احمد بن علي جصاص	دارالفكر بيروت
۵۸. تفسير هاشمي	مخدوم محمد هاشم ٺٽوي	بمبئي، انڊيا
۵۹. **تفسيرعزيزي**	شاه عبدالعزيز دهلوي	مطبع مجتبائي دهلي،
۶۰. حدائق الروح والريحان	علامہ امين هرري	دارطرق النجاة بيروت
۶۱. اشعة اللمعات	شيخ عبدالحق محدث دهلوي	مطبع نامي منشي نول ڪشور، انڊيا.
۶۲. فارسي ترجمہ	شاه ولي الله دهلوي	سعودي عرب
۶۳. التفسير المنير	علامہ وهبة الزحيلي	دارالفكر دمشق سوريا
۶۴. نظم الدرر	برهان الدين ابراهيم بن عمر البقاعي	دارالكتب العلمية بيروت، لبنان



ڪمپوزر : سجاد سندر خاصخيلي


www.maktabah.org


www.maktabah.org




www.maktabah.org